# ڊاڪٽر بلوچ جا مضمون ۽ مقالا

## [سنڌ جون شخصيتون]

(الف- ب وار)

ليکڪ

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مرتب

**ڊاڪٽر عبدالرسول قادري**

**اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ**
فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**
ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد، سنڌ

2020ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ وٽ محفوظ]

فائونڊيشن ۽ اينڊومينٽ جي سهڪار سان ڇپيل ڪتاب نمبر 18

ڪتاب جو نالو: **ڊاڪٽر بلوچ جا مضمون ۽ مقالا** (سنڌ جون شخصيتون)

ليکڪ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

ڇاپو پهريون: 2020ع

تعداد: هڪ هزار

ڪمپوزنگ: دانش ٻبر ڪمپوزرس، حيدرآباد سنڌ

ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن، حيدرآباد

سهڪار: اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ

رابطي لاءِ: 0333-2683907

ڇپيندڙ: ڪاچو پبليڪيشن ڪراچي. 03002879794

-ISBN

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

(1) ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، جام شورو

(2) سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

(3) قليچ ڪتاب گهر، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# وچور


★ ناشر پاران — جهانگير صديقي — 9
★ ڊاڪٽر بلوچ ريسرچ فائونڊيشن پاران — ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ — 10
★ پيش لفظ: مرتب پاران — عبدالرسول قادري — 12


## مشائخ، اولياءِ صوفياء


1. پاڳارا پير: سنڌ جو هڪ برگزيده خاندان........ 3
2. پير احسان الله شاهه راشدي مرحوم........ 15
3. پير پٺو........ 18
4. پير غلام رسول مجددي سرهندي مٽياروي........ 23
5. حضرت شاهه صدر عليه الرحمة........ 28
6. خواجه محمد زمان لواريءَ وارو........ 33
7. دڙي جا بخاري سادات........ 36
8. سنڌ جا اڳيان عالم عارف........
1. نوح هوٿياڻي........ 37
2. مشائخ هوٿي........ 39
3. مخدوم سعد يا مخدوم ساند........ 41
4. ميون نورمحمد مهياڻي ميان........ 42
5. شاهه يقيق بخاري........ 44
6.مخدوم ميون عثمان عباسي........ 45
9. شاهه ديوانو........ 48
10. صوفي طريقي جا گرڙا فقير
(1) کيمو فقير........ 50
(2) لڏو فقير........ 51

11. غوثي طريقي جا چار مٿير مهندار
(1) راڄيسين سومراڻي ............ 54
(2) جرڪس ڏناڻي ............ 54
(3) ابراهيم ناگوراڻي ............ 55
(4) ڳاڙهو صدر يا سدر ............ 55
12. فقير علي گوهر شر [اڄان پڻ آهين] ............ 62
13. فولاد علي فقير شر ............ 70
14. قاضي احمد دِمائي [شيخ احمد بن محمد صديق السندي] ............ 82
15. لاڙ جا ٽي وڏا ولي
(1) شيخ حسين عرف پير پٺو ............ 87
(2) شيخ ريحاڻ ............ 89
(3) شيخ پير ڪيو ڪاتيار ............ 92
16. مست وتايو ............ 94
17. مُلڪ اندر صاف سُٺري سياست جا امين
[شاهه مردان شاهه ثاني "ڇت ڌڻي"، ستون پاڳارو] ............ 96
18. ميان نصير محمد (ڪلهوڙي) جو فقير: "شاهه وسائو" ............ 99
19. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو ساٿي: "ميان مانجهي سلطان" ............ 102

## عُلماءَ ۽ فضلاءَ

20. درسگاهه چوٽياري [عالم فاضل ميون محمد مُبين ڪيريو ۽ سندس پونير ۽ شاگرد عالِم] 111
21. درسگاهه ولهار جو پيو دؤر: ماڳ ڪنيرو ڏورو نارو ............ 126
[ميون صابر سمون ۽ ميون عبدالله سمون ۽ سندن خاندان]
22. سانوڻي آخوند: عالم ۽ شاعر خليفو گل محمد ............ 130
23. سيد علي محمد شاهه دائرائي ............ 139
24. عربي زبان جو ماهر عالم علي محمد مهيري ............ 142
25. علامه حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان ............ 147
26. علامه محمد هاشم مرحوم ڳڙهي ياسيني ............ 154
27. فاضل غلام مصطفيٰ قاسمي ............ 156
28. قاضي عبدالرؤف مرحوم مورائي ............ 158
29. ڪوٽڙي ڪبير جا عالِم ۽ علمي درسگاهون [محمد ڪبير ۽ سندس خاندان] 163
30. مخدوم امير احمد [عباسي] ............ 173

31. مخدوم عبدالله نرئي واروءِ ٺٽي جا عالم ........ 177
32. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ........ 185
33. مرحوم علامه محمد قاسم ڳڙهي ياسيني ........ 189
34. مرحوم مولانا دين محمد ”وفائي“ ........ 194
35. مفتي محمد صالح مهر ........ 201
36. مولوي بهاؤالدين ”بهائي“ مرحوم ........ 203
37. مولوي عبدالقادر ”عبدي“ ........ 208
38. مولوي محمد صادق راٽيپوري ........ 211
39. هالا ڪنڊي [هالن پراڻن] جا ٻه ٽي بزرگ [مخدوم عبدالله ۽ سندس خاندان] 215


## حُڪمران، سياسي رهنما، قومي خادم ۽ مشاهير


40. احسان منديءَ ڀري يادگيري عبدالله جي ميمڻ ........ 225
41. پياري سڄڻ قاضي فيض محمد جي ياد ۾ ........ 227
42. تبديلي ۽ ترقيءَ جا اڳواڻ
(1) استاد مير حسن سهتو سائنس ۽ حرفت ۾ وڏي شعور وارو ........ 238
(2) حاجي سراج الدين سومرو ٻنن تي گاڏيون چاڙهيندڙ ۽ ٽر جا رستا کوليندڙ 240
43. خانبهادر علي نواز خان جمالي ........ 242
44. رئيس المهاجرين مرحوم جان محمد جوڻيجو ........ 243
45. سائين جي.ايم سيد [گهڻ پاسائين شخصيت] ........ 351
46. سائين فقير عبدالله مگريي جي ياد ۾ ........ 355
47. سائين قاضي سچيڏني جي ياد ۾ ........ 357
48. سپه سالار دريا خان جو حسب نسب ........ 360
49. سنڌ جو آخري سومرو بادشاهه [همير پٽ دودو] ۽ سندس پائر ........ 374
50. سورهيه هوش محمد جي مزار ۽ اولاد بابت وضاحت ........ 380
51. سُونهن ۽ سُرهاڻ جو سرواڻ رئيس علي نواز اُنڙ ........ 284
52. شاهه جي شان ۾ ٻه لفظ [سيد غلام مصطفيٰ شاهه بابت] ........ 288
53. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو نـنڍپڻ ........ 290
54. علامه آءِ آءِ قاضي: سنڌ يونيورسٽي جو مُحسن ۽ مِعمار ........ 292
55. عوام جو طرفدار سنڌ جو خذمتگار پير الاهي بخش ........ 298
56. غلام محمد خان ڀرڳڙي ۽ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن ........ 302
57. فقير نواب ولي محمد خان لغاري ........ 303
58. لاکو ڦلاڻي: سنڌ جو سورهيه سردار ........ 306

59. منهنجو ساٿي ۽ سڄڻ: مرحوم محمد اسماعيل نونُ ........ 319
60. مولوي عبدالله لغاري ........ 326
61. ميان نورمحمد شيخ ننگر پارڪري ........ 337
62. وزيرِاعظم ذوالفقار علي ڀُٽي جي ياد ۾ ........ 339
63. وياسي وينجهار: آهه! بيگم ايلسا قاضي ۽ قبله علامه امداد علي قاضي ........ 350


## اديب ۽ شاعر


64. آخوند فيض محمد روهڙوي ........ 355
65. اديب ۽ شاعر مولوي عطا محمد مَهيسرائي ........ 368
66. استاد رائچند راٺوڙ: وطن جو مخلص خادم [پيغام] ........ 374
67. اياز: نئين شاعريءَ جو اڳواڻ ........ 376
68. چَتو فقير سانگي ........ 380
69. حافظ عبدالوهاب فاروقي [سچل سائين] ........ 384
70. حمل خان لغاري: سنڌ جو خوشگو ۽ فصيح سگهڙ شاعر ........ 391
71. خليفو غلام نبي لغاري ........ 395
72. خليفو نبي بخش [قاسم] لغاري ........ 401
73. درويش راضي شاهه لڪياري ........ 413
74. رستم فقير لغاري ........ 421
75. رئيس مرحوم ضياءُالدين ضياء 'بلبل' جي ياد ۾ ........ 424
76. سائين احمد ملاح، عاشقيءَ جي ميدان ۾ ........ 427
77. شاعر ثناءُ الله ثنائي جي ياد ۾ ........ 430
78. شاعر رشيد احمد ساڪرائي ........ 434
79. شاعر گلو مياڻو ........ 438
80. شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه عبداللطيف [ڀٽائي] ........ 439
81. شاهه لُطف الله قادري ........ 449
82. شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤدپوٽي جي ياد ۾ ........ 453
83. غلام حيدر فقير تيرهيو ........ 456
84. غلام محمد خانزئي ........ 458
85. غلام محمد گرامي [خط ۾ تاثرات] ........ 461
86. فقير صاحب محمد صديق: صوفي صادق شاهه ........ 462
87. فقير صاحب نانڪ يوسف [ڪوڪر] ........ 464
88. قاضي قادن جي سوانح حيات ........ 483

89. قنبر علي شاهہ پاڏائي .......... 498
90. محمد عثمان ڏيپلائي: قلندر صفت مُصلح، اديب ۽ صحافي .......... 502
91. مرتضائي ۽ سندس ديوان .......... 506
92. مرحوم عطا محمد حامي [تاثر] اندر روح رهيام .......... 512
93. مرحوم نواب حاجي گل محمد لغاري .......... 513
[آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين!].
94. مرزا عباس علي بيگ .......... 519
95. مرزا قليچ بيگ [اچو تہ رڪارڊ رکون!] .......... 520
96. مير عبدالحسين خان سانگي .......... 523
97. هڪ مُخلص سُڄاڻ ۽ محنتي استاد ۽ اديب [عبدالواحد سنڌي] تاثر .......... 525
98. يادگيريون ممتاز جون .......... 526

## گُفتن جا گوهر [سُگهڙ ۽ سياڻا]

99. جمن چارڻ بابت تحقيق .......... 537
100. راڄن شاهہ ماتائي .......... 542
101. راضي فقير جا راز .......... 544
102. سنڌ جا سگهڙ: حضرت جلال ڪتي .......... 547
103. سنڌي ميان مظفر فقير صوفي .......... 551
104. صاحبڏنو فقير ٿُنيو .......... 553
105. عوامي فيلسوف: خميسو ميتلو .......... 554
106. عوامي فيلسوف:
(1) فضل محمد لغاري .......... 555
(2) دُراني فقير .......... 557
(3) عبدالعليم عُرف عليم مگريو .......... 560
107. غلام محمد فقير ۽ فولاد فقير .......... 567
108. فقير عبدالرحمٰن مهيسر: وڏو سالڪ سگهڙ .......... 568
109. ڪبير شاهہ ۽ شيخ ابراهيم جي ملاقات ۽ شاعرانہ مناظرو .......... 569
110. ڳالهيون مَدن مهتي جون .......... 574
111. مرحوم لعل بخش خان لغاري .......... 578
**ساٿي ۽ سُونهان** [ڪتابيات، اخبارون ۽ رسالا] .......... 587


❐

# ناشر پاران

اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ (EFT) ادارو 2010 ۾ قائم ڪيو ويو هو، جنهن جي ڪمن ڪارين جا فيصلا ۽ نگراني سنڌ جي نجي ۽ سرڪاري شعبن تي مشتمل 12 قابل احترام ميمبرن جو بورڊ ڪري ٿو. ٽرسٽ جو بنيادي ڪم سنڌ جي ثقافتي ۽ تاريخي ورثي جي حفاظت، انهن جي ڊاڪيومينٽيشن، بحالي ۽ مرمت ڪرڻ آهي. ان سان گڏو گڏ انهن شعبن ۾ تربيت ڏيڻ، تاريخ، اينٿروپالاجي ۽ ماڳن مڪانن تي تحقيق ڪرائڻ ۽ اهڙو تحقيقي ڪم شايع ڪرڻ به شامل آهي. ان سلسلي ۾ هي ادارو ڪجهه پروجيڪٽن تي ڪم مڪمل ڪري چڪو آهي ۽ ڪوڙ سارن پروجيڪٽن تي ڪم هلندڙ آهي.

مڪمل ٿيل يادگار عمارتن ۾ پير پٺو، نئون ڪوٽ، ميان غلام شاهه جو مقبرو ۽ ڪوٽ، حيدرآباد ۾ مير ڪرم علي ٽالپر ڪامپليڪس، مقبرو شاهه بهارو، مانجهند دربار، پريس ڪلب ڪراچي، ڊنڊي مسجد، صاحب محل بدين، ڪاٺ ٻانيڻ، ڏهاڳڻ سهاڳڻ مقبرا، مقبرو شيخ لالو، اُڍو حويلي تاجو ديرو، مير مقيم خان ڪوسو دربار، ۽ ٻيا ڪوڙ ڪم شامل آهن. جڏهن ته رني ڪوٽ جي وسيع ديوارن، دولهه دريا خان جي اوطاق، بيسنت هال حيدرآباد سميت ويراواهه، پوڏيسر ۽ نگر پارڪر ۾ جين مندرن تي هلندڙ ڪم تڪميل جي آخري مرحلن ۾ آهي.

هن اداري تحقيقي مواد جي اشاعت جي ڏس ۾ ويهارو ڪن اهم ڪتاب به شايع ڪيا آهن، جن ۾ Hyderabad Revisited, Shikarpoor The Historical City, Perspective on the Art and Architecture of Sindh, Arghuns and Tarkhans of Sindh, Karachi: Legacies of Empire, Talpurs Memorial in Sindh, The Arabs in Sindh, An Illustrated History of Stones of Tharparkar, Fatahnamah-i-Sindh, Thatta: Makli Monuments-

Islamic Architecture, The Indus Delta country, Symbols in Stone, Ranikot: The Great Wall of Sindh. شاهه جو راڳ، نسب نامہ سنڌ، ريڊيو حيدرآباد، سنڌ ٽاڪيز، ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. انهن سان گڏوگڏ هي ادارو ڪجهہ تحقيقي ادارن جي قيام ۽ انهن جي تحقيقي ڪمن جي اشاعت ۾ مدد بہ ڪندو رهي ٿو.

EFT ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ريسرچ فائونڊيشن، حيدرآباد جي تحقيقي ڪمن جي سلسلي ۾ سال 2014 کان پڻ مالي مدد فراهم ڪندي رهي ٿي. هن کان اڳ EFT جي سهڪار سان فائونڊيشن جي پليٽ فارم تان سترهن (17) ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن ۽ هاڻي "ڊاڪٽر بلوچ جا مضمون ۽ مقالا (سنڌ جون شخصيتون)" شايع ڪرڻ لاءِ مالي مدد فراهم ڪئي وئي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيق ۽ اڻٿڪ ڪم پڙهندڙن تائين پهچائڻ هڪ اهم ذميواري آهي، جيڪا فائونڊيشن ۽ EFT جي تعاون سان اميد تہ پوري ٿيندي رهندي.

**جهانگير صديقي**
چيئرمين
اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ،
فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ

# ڊاڪٽر بلوچ ريسرچ فائونڊيشن پاران

مرحوم والد بزرگوار ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ علم ادب جو روشن مينار هو، سندس علمي شُعاع چوڌس پکڙيل آهي. پاڻ سنڌ جي جُداجُدا موضوعن سان گڏ سنڌ جي علمي ادبي ۽ سياسي سماجي ۽ سگهڙائپ جي شخصيتن کي قلم وسيلي روشناس ڪيو ۽ سندن زندگي ۽ ڪارنامن کي اُجاگر ڪيو. سنڌ جي انهن شخصيتن بابت والد مرحوم جو لکيل مواد مختلف ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن وغيره ۾ ٽِڙيل پکڙيل حالت ۾ هو. جنهن کي والد مرحوم جي محنتي شاگرد ۽ چاليهن ڪتابن جي ليکڪ ڊاڪٽر عبدالرسول قادري سڪرنڊ واري وڏي ڳولا ڦولها ڪري، سؤ کان وڌيڪ مضمون مقالا الف- ب وار مرتب ڪري يڪجا ڪيا آهن. انهن ۾ اندازاً ڀن سؤ کن شخصيتن جو ذڪر اچي ويو آهي، جن زندگي جي مختلف شعبن ۾ نمايان ڪم سرانجام ڏنا آهن.

اسان وس آهر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن طرفان علمي خدمتن لاءِ ڪوشان آهيون. اُميد آهي ته سنڌ جي انهن شخصيتن جي يڪجا سوانح ۽ ڪارنامن کي پڙهڻ سان نوجوان نسل ۾ هڪ جذبو پيدا ٿيندو ۽ سنڌ جي خدمت جو اُتساهه اُجاگر ٿيندو.

آخر ۾ آئون دل جي جذبن سان ڊاڪٽر بلوچ ريسرچ فائونڊيشن جي سيني مهربان ميمبرن جو احسانمند آهيان، جن سهڪار ڪري، هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ پُرخلوص ساٿ ڏنو ۽ انهن سان گڏ ”اينڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف دي هيريٽيج آف سنڌ“ وارن معزز مهربانن محترم جهانگير صديقي ۽ محترم عبدالحميد آخوند جو به شڪرگذار آهيان، جن حسب دستور ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي تعاون ڪيو.

دعا آهي تہ ان شاءَ الله تعاليٰ سنڌ جي شخصيتن بابت هي ڪتاب علم ادب جي شائقين لاءِ تاريخ جو روشن باب ثابت ٿيندو.

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
هُو جَي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
[سر رامڪلي، "شاهہ جو رسالو" مرتب: ڊاڪٽر بلوچ]

تاريخ
5- ڊسمبر 2019ع

دعاگو
**ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ**
چيئرمين
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد، سنڌ

# پيش لفظ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ويهين صديءَ عيسويءَ جي علمي ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي دنيا ۾ سائين استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ [1917ع- 2011ع] تارن ۾چنڊ ٿي چمڪيو. سندس علمي ڪم شاندار ۽ قلمي ڪشالو شاهڪار آهي. پاڻ سنڌي، سرائڪي، عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين جو ماهر هو. اساسي شاعري، لوڪ ادب، قديم آثار، لطيفيات، لغت، ٻولي، موسيقي، تعليم، ديني درسگاهه، ڪتب خانا، عالم فاضل، اديب شاعر، سگهڙ ۽ تاريخ ۽ تحقيق جي حوالي سان سندن وڏو يادگار علمي ڪم شايع ٿيل آهي ۽ هر موضوع ڪي سهڻي نموني نِباهي قلم ذريعي نشانبر ڪيائون.

سردست اسان هتي سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو اڌ صديءَ کان وڌيڪ سنڌ جي نامور ۽ گمنام شخصيتن بابت مختلف ڪتابن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل ٽڙيل پکڙيل قيمتي تاريخي احوال ميڙي چونڊي، پڙهي پروڙي ۽ سهيڙي سموهي جُداجُدا عنوانن تي يڪجا ڪيو آهي. آساني خاطر سنڌ جي انهن نامور ۽ گمنام شخصيتن جي ترتيب هِنن پنجن عنوانن ۾ ورهائي، مواد هن طرح مرتب ڪيو ويو آهي.

1- سنڌ جا مشائخ، درويش، اولياء ۽ صوفياء
2- سنڌ جا علماء ۽ فضلاء (عالِم ۽ فاضل)
3- سنڌ جا حڪمران، سياسي رهنما، قومي خادم ۽ مشاهير
4- اديب ۽ شاعر
5- گفتن جا گوهر (سُگهڙ ۽ سياڻا)

هي سڀ سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا هڪ سؤ يارهن (111) مضمون مقالا، تاثرات ۽ يادگيريون آهن. انهن مضمونن مقالن ۾ ضمناً لڳ ڀڳ ٻِن سون شخصيتن جو احوال سمايل آهي. سنڌ جي هِنن شخصيتن جي

ترتيب الف- ب وار رکي وئي آهي، تہ جيئن شخصيتن ڳولڻ، پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ ۾ آساني ٿئي.

مقصد تہ ڇهين صدي هجريءَ کان وٺي پندرهين صدي هجريءَ جي پهرين چوٿائي تائين سنڌ جي شخصيتن جو هي احوال، سندن سوانح حيات، شجرا، ڪتب خانا، درس تدريس، علم ادب، درسگاهہ، شعر ۽ شاعري، تاريخ تذڪري ۽ سياسي سماجي ۽ علمي ڪارنامن تي مشتمل آهي ۽ هر مضمون ۽ مقالي جي آخر ۾ ماخذ طور ڪتابي حوالو ڏنو ويو آهي.

آئون محترم ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ، چيئرمين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن جن سان گڏوگڏ هِنن علم دوست مهربانن جو بہ دل جي گهراين سان احسانمند آهيان، جن مون سان هر طرح علمي تعاون ڪيو: تصوف جو ڄاڻو ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، اديب ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، باهمت جاکوڙي نوجوان محمد ارشد بلوچ، علم دوست سائين بشير احمد هيسباڻي ۽ حافظ مولوي احمد رضا مگسي ذاڪري.

اميد تہ هي پيار جو پورهيو ۽ محبت پري ميڙا چوندي قرب وارن وٽ قبول پوندي. ۽ عظيم سنڌ جي شخصيتن ۽ سندن ڪارنامن سان دلچسپي رکندڙن لاءِ هن مجموعي ۾ جهجهو مواد موجود آهي. ان شاءَ الله تعالىٰ سنڌ واسي هنن تاريخي ۽ تحقيقي مضمونن مقالن مان گهڻو علمي نفعو پرائيندا.

وکر سو وِهاءِ، جو پَئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضاع،
سا ڪا هَڙ هلاءِ، آڳهہ جنهن جي اُبهين.

[سُر سريراڳ، "شاهہ جو رسالو" مرتب: ڊاڪٽر بلوچ]

يوم الاربعاءِ
6- ربيع الآخر
1441هجري
4- ڊسمبر 2019ع

طالب العلم
**عبدالرسول قادري ولد مجنون خان مگسي**
ڳوٺ بخشو مگسي، (ديهہ 7- دڙي مگسي)
يونين ڪائونسل ماروي، تعلقو سڪرنڊ،
ضلعو شهيد بينظير آباد (نواب شاهہ) سنڌ

# مشائخ، اولیاء ئ صوفیاء

# ① [پاڳارا پير] سنڌ جو هڪ برگزيده خاندان

مرڪزي ۽ سنڌ جي صوبائي حڪومتن جي متفقہ فيصلہ مطابق پير صاحب پاڳاره جي گادي بحال ٿي ۽ عالي جناب صاحبزاده سڪندر علي شاھ صاحب تاريخ 4- فيبروري 1952ع مطابق 7- جمادي الاول 1371ھ ”شاھ مردان شاھ“ جي لقب مبارڪ سان ”پير پاڳاره“ جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪري مسند نشين ٿيا. حڪومت جو هي سھڻو قدم قابلِ تحسين آهي، جنهن اڳين ڏاري حڪومت جي سنڌ جي هن سربر آورده ۽ محسن گهراڻي خلاف اختيار ڪيل پاليسي کي بالآخر بدلايو. هن مبارڪ موقعي تي نہ صرف درگاھ جي مريدن کي مسرت ٿي آهي، بلڪ سنڌ جو هر امن پسند باشنده هن موقعي کي سنڌ جي امن و امان توڙي پاڪستان جي سنڌ واري سرحد (جنهن تي پير صاحب پاڳاره جا سوين مجاهد معتقد آباد آهن) جي سلامتي ۽ مضبوطي خاطر نيڪ نظر سان ڏسندو.

افسوس جو اڳين ڏاري حڪومت جي غلط پروپئگنڊا سنڌ جي هن محسن گهراڻي جي اسلامي، قومي، علمي ۽ ادبي خدمتن کي عوام جي نظر کان پوشيده رکيو. هن مختصر مضمون ۾ پير صاحب پاڳاره جي تاريخي خاندان تي قدري روشني وڌي وڃي ٿي.

### بعض مجموعي محاسن

مجموعي طور هن خاندان متعلق هي چند نڪات سمجهڻ ضروري آهن:

(1) اول تہ سنڌ ۾ هي گهراڻو دينِ اسلام ۾ شرع محمدي جي نمايان محافظن ۽ علمبردارن مان آهي. شريعت جي پابندي جي هن گهراڻي جي رهنمايان طريقت جا زوردار تلقين ڪئي، تنهنجو اثر اڄ تائين پير صاحب جي جماعت ۾ ايترو باقي آهي جو منجهانئن اڪثر ذڪر الاهي، روزي ۽ نماز جا پابند آهن، گهڻو ڪري سيئي هر قسم جي نشي کان پري آهي. جملہ مرد سون ۽ چاندي جو ڇلو منڊي وغيره ڪين پائين، ڇو تہ ”استعمال الذهب والفضه حرام علي الرجال“ شادي تي دهل ڪين وڄائين، صاف اڇن ڪپڙن کي رنگين يا ڪاري ڪپڙي تي ترجيح ڏين، ڇو تہ اڇي ڪپڙي تي داغ وغيره نمايان نظر ايندو ۽ ناپاڪائي جو شڪ گمان نہ رهندو، وار شرعي نموني ۾ ڪنن تائين رکائين.

(2) ٻيو تہ شرع اسلام جي انهن ظاهري پابندين جي علاوه هن گهراڻي جي رهنمائن پنهنجن معتقدن ۾ اسلام جو خالص روح يعني غيرت اسلامي ۽

جهاد جو جذبہ پيدا ڪيو. راهہ حق ۾ مال ۽ جان جي قرباني هن درگاهہ جي معتقدن ۽ مريدن جو شيوو ۽ شعار بڻجي ويو. اڄ تائين سچائي، سورهيائي ۽ سرويچي سندن سرشت ۾ سمايل آهي.

(3) ٽيون تہ راهہِ طريقت ۾ هن گهراڻي جي برگزيدن بزرگن جيتوڻيڪ قادري طريقي جي اصولن کي مشعلہ راه بنايو، مگر ان سان گڏ نقشبندي ۽ چشتي طريقن سان بہ روحاني رشتہ ڳنڍي، هڪ نئين همہ گير تلقين سان هزارها معتقدن کي راهہِ هدايت ڏيکاريائون ۽ پنهنجي تبليغ کي تصوف جي تنگ نظري کان بالاتر رکيائون.

(4) چوٿون تہ اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ جهاد جي تلقين سان گڏوگڏ هن محسن گهراڻي جي رهنمائن تعليم، علم ۽ ادب جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ نمايان ڪوشش ڪئي، چنانچہ اسلامي علوم ۽ سنڌ جي اهم تاريخي ڪتابن جا بهترين قلمي نسخا پير صاحب پاڳاره جي ڪتب خانن جو زيب زينت رهيا (مثلاً: چچنامہ جو قديم نسخو جنهن مان جناب ڊاڪٽر دائودپوٽہ ٻين ڪن نسخن جي مدد سان چچنامہ شايع ڪيو. ازانسواءِ بادشاهہ جي ڪتبخانہ جا چچنامہ، تاريخ معصومي ۽ تاريخ طاهري جا قديم نسخا هن راقم رامپور جي شاهي ڪتب خانہ ۾ ڏٺا).

ازانسواءِ هن خاندان جي روحاني رهبرن توڙي ٻين بزرگن خود پنهنجي تصانيف ۽ شعر سان سنڌ جي فارسي خواه سنڌي ادب جي سرمايہ ۾ قيمتي اضافو ڪيو.

(5) هن گهراڻي جي رهنمائن سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن خصوصاً سنڌ جي سخا واري سنت کي هميشہ لاءِ زندهہ رکيو. هن گهراڻي جي مسند نشين وٽان سوالي ڪڏهين بہ خالي نہ ويو. روحاني فيض جا طالب بہ رڇي لعل ٿيا. زر جا سائل بہ هميشہ پئي مالامال ٿيا.

## خاندان جي بنيادي تاريخ

سنڌ جي هن محسن گهراڻي جي تاريخ هن طرح آهي تہ سندن مورث اعليٰ سيد علي مڪي هو، جو سنڌ جي اسلامي حڪومت جي اوائلي دور ۾ آيو ۽ سيوهڻ جي قديم تاريخي شهر جي پسگرداني يعني لڪي ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. انهيءَ ڪري سندن اولاد "لڪياري" سادات جي نالي سان مشهور ٿيو، سيد علي مڪي جو نسب ارڙهين پيڙهيءَ ۾ وڃيو حضرت امام حسين رضہ سان ملي.

لڪياري سادات مان، سيد علي مڪي جي ويهين پيڙهيءَ ۾ هڪ برگزيده بزرگ حضرت سيد محمد بقا نالي ٿيو، جو پير پاڳاره جي خاندان جو جدامجد هو. پاڻ 1- شعبان سنہ 1135هہ ۾ رسولپور عرف "ننڍي سائڊي" ۾ تولد ٿيا ۽ علم جي تلاش ۾ هميشہ مسافر ٿي رهيا. راه طريقت ۾ روحاني فيض هڪ طرف قادري طريقي جي بزرگ سيد عبدالقادر حسيني ۽ چشتي مشرب جي مشهور درويش

مخدوم محمد اسماعيل ساڪن ”پريان لوءِ“ (تعلقہ روهڙي) کان فيض پرايائون. (مخدوم محمد اسماعيل وفات 1174ھ) جو نقشبندي خواه چشتي طريقن جو سلسلو، مخدوم جمال الله، حاجي ايوب، سعدي لاهوري ۽ آدم شاھ بنوري کان امام رباني مجدد الف ثاني خواجہ احمد فاروقي سرهندي تائين پهچي ٿو. [اُن بعد نقشبندي طريقي جو تسلسل خواجہ باقي باالله، خواجہ امڪنڪي، خواجہ درويش محمد، خواجہ محمد زاهد، خواجہ عبيدالله احرار ۽ خواجہ يعقوب چرخي کان خواجہ بهاءُالدين نقشبندي رحہ تائين پهچي ٿو ۽ چشتي طريقہ جو تسلسل امام رباني بعد ڪيترن ئي بزرگ هستين مثلاً: شيخ رڪن الدين گنگوهي، شيخ عبدالقدوس گنگوهي، شيخ عبدالحق دهلوي، شيخ جلال پاڻي پتي وغيره جي وساطت سان خواجہ معين الدين اجميري رحہ سان وڃي ملي ٿو.] مطلب تہ پير پاڳاره گهراڻي جي جدامجد جناب سيد محمد بقا (پٽ ڌڻي) روحاني فيض، ٽن سرچشمن يعني قادري، نقشبندي ۽ چشتيہ طريقن کان ورتو. هن همہ گير روحاني فيض جي طفيل سندن پوين بزرگن جي تبليغ ۽ تلقين کي نہ فقط تقويت مگر وسيع النظري حاصل ٿي.

جناب حضرت سيد محمد بقا نہ صرف پنهنجي وقت جو عارف ۽ عالم هو، مگر سنڌي زبان جو شاعر بہ هو. سندن بہ سالڪانہ بيت نموني طور پيش ڪجن ٿا:

اوڏا جي هئام، تہ نت نياپا آئيا
سنگهارا سانگ پئي، ونهيان وس ويام
مارو تر تيام، ڏيان ڏوراپا ڪنهن کي.

*

پير پريان جي پڙ ۾، ڪير چوئي تون پاءِ
تون ٿو سڪ طلبئين، سجڻ سور سهاءِ
هوءَ هنئين هٽنئي ڪاتي، تہ هي هي ڪج م هاءِ
پائي مکڻ سيخ ۾، اڳيان پر پچاءِ
عجب جهڙي آهہ، ڪاڪيون ڪاڻ قرب جي.

هن برگزيده بزرگ کي تاريخ 9- ربيع الثاني 1198ھ ۾، 63 ورهين جي ڄمار ۾، واٽ ويندي سندن مٿي تي ڪتابن جي پري ڏسي، ڪن چورن پل وچان شهيد ڪيو. ڪيس شيخ طيب جي ڳوٺ (خيرپور رياست) ۾ دفن ڪيو ويو. سندن شهادت جي تاريخ هيٺين قطعہ مان نڪري ٿي:

چون سيد محمد بقا شد شهيد
حلاوت ز رحمت الاهي چشيد
بسي بود نافع بهر خاص و عام
کزو زود طالب خدا شد رسيد
خرد سال تاريخ او در دلم
بگفتا: بدرجہ شهادت رسيد
1198ھ

## حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رحہ

جناب سيد محمد بقا کي 18 فرزند ٿيا، جن مان نهايت ناليوارو ۽ عارف باالله حضرت پير سائين محمد راشد رحہ ٿيو، جنهن کي درگاهہ جي جماعت ۽ عوام روضي ڌڻي جي مشهور لقب سان ياد ڪن ٿا ۽ پاڻ 1170هجريءَ ۾ تولد ٿيا ۽ 7- شعبان 1233هجريءَ ۾، 63 ورهين جي ڄمار ۾ جام شهادت پيتائون. راشدي خاندان سندن اسم مبارڪ پويان مشهور ٿيو. سندن ديني تعليم ڪهڙن جي مشهور مخدوم خاندان جي عالم درويش مخدوم محمد عاقل جي زير تربيت ٿي ۽ طريقت جو فيض پنهنجي والد بزرگوار کان ورتائون. ان پنهنجي علم، فضل ۽ عارفانہ تلقين سان سنڌ، جوڌپور، جيسلمير ۽ ڪڇ جي هزارها معتقدن کي فيض ڏنائون. سندن ڪي خليفا محمد حسين مهيسر، خليفہ سئي وارو جنهن صاحب وٽان پرچونڊي وارن بزرگن کي روحاني امانت ملي ۽ جن وٽان وري امروٽ شريف جي بزرگ کي فيض مليو. جن جو تلميذ رشيد مولانا عبيدالله صاحب سنڌي جهڙو ديني ۽ سياسي مفڪر مشهور ٿيو. خليفہ خانڳڙهہ تعلقہ ميرپورماٿيلي ضلع سکر وارو، خليفہ محمود ڪڙيہ وارو، خليفہ نبي بخش لغاري مني وارو، جنهن جا ڪڇ ڪانياواڙ طرف سوين مريد ۽ معتقد بنيا. خليفہ گل محمد (ديوان گل جو مصنف) هالن وارو ۽ ٻيا. مطلب تہ روضي ڌڻي بادشاهہ جي اسلامي تبليغ ۽ فيض عام چڻ سڄي سنڌ کي نئين سر اُجاريو. آنجناب عارف باالله بہ هئا تہ وقت جا وڏا عالم ۽ اعليٰ پايہ جا اديب بہ هئا. سندن علم و فضل ، تعليم ۽ تلقين تي سندن قلمي تصنيفات خصوصاً "شرح اسماءُ الحسنيٰ" ۽ "مڪتوبات" شاهد آهن. "جمع الجوامع" (فارسي) سندن فن لغت ۾ قيمتي تصنيف آهي. سندن فيض طريقت ۽ عارفانہ هدايت تي سندن "ملفوظات" شاهد آهي، جنهن کي سندن ٻن وڏن خليفن، خليفہ محمد حسين مهيسر ۽ خليفہ محمود نظاماڻي ڪڙيہ واري جدا جدا جمع ڪيو. هي مفصل "ملفوظات" سنڌ جي اسلامي تصوف، تاريخ، تمدن، علم ۽ ادب جو هڪ بي بها خزانو آهي.

آنجناب جي وصال جي تاريخ مير محمد شجاع هيٺين قطعہ ۾ ڏني آهي:

وا محمد راشد راه- نمائي شيخ و شباب
شد شهيد از سم و واصل گشت باحق درشتاب
سال و تاريخ مه وروز وصال وقت کو
اول و شعبان مه جمعہ طلوع آفتاب
(1233هہ)

آنحضرت جا سلوڪ ۽ معرفت ۾ چيل ڪي بيت فقير قادر بخش صاحب بيدل روهڙائي پنهنجي مثنوي "سنڌ الموحدين" ۾ مثال طور آندا آهن. جيئن تہ هڪ هنڌ "وحدت الوجود" بابت هيئن فرمايو اٿن تہ:

وحدت مان ڪثرت ٿي، آهي ڪثرت وحدت ڪل
اندر ٻاهر سپرين، پول نه ٻئي ڪنهن پل
هيءَ هنگامو هل، مڙوئي محبوب جو.

سندن سنڌي توڙي فارسي شعر نهايت عارفانه ۽ بلندپايه جو آهي. ڪي اشعار مثال طور ڏنا وڃن ٿا.

**فارسي:**

گفتم بطبيب حال اين درد نهان
گفتا بجز ياد دوست بند دهان
گفتم ز پرهيز، گفت از هر دوجهان
گفتم ز غدا، گفت همي خون- جگر.

---

نمي خواهم جز زلف تو زنجير
زهي ديوانهء عاقل که مائيم.

---

اگر خواهي بشيرين مرگ مردن
زدست دوست بايد زهر خوردن

**سنڌي:**

نڌر جن جو نينه- سي لڪائن لوڪ کان
اسين سارو ڏينه- پڌرا وريون پر سان.

---

فقير چئجي تنهن کي، جنهن سين ريءَ سري
پر پونءَ پير نه وجهڻو، نه ڪنهن گهر گهري
هو جو ماني ڪاڻ مري، سو سامي گر نه سامهون.

## پير سائين صبغة الله شاهه (تجر ڌڻي) رحه

پير سائين صبغة الله شاهه پنهنجي والد بزرگوار پير سائين محمد راشد جي وصال بعد سنه 1233هجريءَ ۾ راه طريقت جو مسند نشين ٿيو. پير سائين محمد راشد (روضي ڌڻي) پنهنجي روحاني فيض جا درياءَ وهائي معتقدن ۽ مريدن ۾ نيڪي ۽ روحانيت جو عظيم الشان جذبه پيدا ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ موافق ۽ همواره زمين تي پير سائين صبغة الله شاهه اسلامي غيرت ۽ جهاد جو ٻڌو هنيو جو وڏي وڻ ٿيو. ٻيو ته حضرت صبغة الله شاهه جو ڏاڏو حضرت سيد محمد بقا ڪتابن جو بار گران سر تي ڪري شهيد ٿيو. سندن والد روضي ڌڻي بادشاهه علم جي پرورش ڪئي ۽ پويان ٻي بها تصنيفون ڇڏيون. پير سائين صبغة الله شاهه علم ۽ ادب جي هن نڪرندڙ ٻوٽي جي پوري پرورش ڪئي.

چنانچہ قلمي ۽ ناياب ڪتابن جو هڪ بي بها ڪتب خانہ قائم ڪيائون. سندن مجلس عالمن فاضلن سان سينگاريل رهي. هندوستان جا علماءَ بہ اچي سندن علمي صحبت مان فيضياب ٿيا، جن مان مولوي اسماعيل، مولوي محمد صالح وزيرآبادي ۽ مولانا عبدالقدوس سرهندي جا نالا قابل ذڪر آهن. تصوف ۽ معرفت ۾ قادري ۽ نقشبندي ٻنهي طريقن کي پنهنجي فيض ۾ جمع ڪيائون. جئن تہ هڪ بزرگ سندن وفات تي قطعہ لکيو جنهن ۾ چوي ٿو تہ:

ماه تابان ورا بل لامع انور حق

قادري نقشبندي پير جمع جملہ بود

پاڻ هميشہ فجر نماز بعد مسجد شريف ۾ قرآن شريف جو عام درس ڏيندا هئا ۽ ظهر جي نماز بعد مثنوي مولانا روم جا نڪات بيان ڪندا هئا.

## سيد احمد شهيد سان تعلق ۽ جهاد جو روح:

شايد هندوستان جي عالمن ذريعي پير سائين صبغة الله شاهہ جو نام نامي مجاهدان هند سيد احمد بريلوي ۽ مولانا اسماعيل شهيد جي ڪنن تائين پهتو. چنانچہ سنہ 1241هجري ۾ جڏهن هنن مجاهدن دهلي مان سکن خلاف جهاد واسطي صوبہ سرحد ڏانهن هجرت اختيار ڪئي، تڏهن ٿانيسر، مالير ڪوٽلہ ۽ بهاولپور مان ٿيندا ”مارواڙ جو صحرا“ قطع ڪري حيدرآباد سنڌ پهتا، جتي مير صاحبان مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان سندن دعوت ڪئي ۽ وڏي خاطر تواضع ڪئي ۽ موڪلائڻ وقت هڪ هزار روپيہ، هڪ بندوق ۽ بہ طمنچہ هديہ طور پيش ڪيا. حيدرآباد مان شڪارپور طرف روانہ ٿيا، واٽ تي سنڌ جي مشهور مرشد سيد صبغة الله بن سيد محمد راشد وٽ اچي مقيم ٿيا. پير صاحب جن ٽي ڏينهن سڄي قافلہ جي دعوت ڪئي ۽ پنهنجو ڪتب خانہ هبہ ڪرڻ چاهيو.“ (سيرت سيد احمد شهيد، ص 122-123) پير صاحب جن جهاد في سبيل ۾ سيد صاحب جن جي نہ فقط مال سان بلڪ ماڻهن سان بہ مدد ڪري هميشہ لاءِ سنڌ جو منهن مٿي ڪري ڇڏيو. روايت موجب بادشاهہ پنج سو غازين جي جماعت سيد احمد صاحب ۽ سيد اسماعيل صاحب کي پهچائي. هيءَ ”جماعت احرار“ هئي، جنهن جي نالي پويان پوءِ هن جماعت جا ڪي سورهيہ ۽ سرويچ حُر سڏجڻ لڳا. سيد احمد صاحب وٽ حضرت پير سائين صبغة الله شاهہ جي جا عزت ۽ عظمت هئي، اها سيد احمد صاحب جي ڪين هڪ لکيل خط جي سرنامہ مان ظاهر آهي. سيد صاحب جو خط هن طرح شروع ٿئي ٿو:

”بسم الله الرحمٰن الرحيم- از امير المومنين سيد احمد بخدمت بابرڪت سجاده نشين محافل- لارشاد و تلقين، راه نمائي ارباب- صدق و يقين، مستفيدين، ملاذ مستر شدين، هاديءَ راه- الله، مخدومي حضرت شاهہ صبغة الله صاحب مدالله ظلال هدايت علي رؤس الطالبين الي يوم الدين- الخ“

سرنامہ جي هنن القابن مان بادشاهہ جي عزت ۽ عظمت سيد احمد صاحب وٽ مسلم نظر اچي ٿي. اڳتي هن خط مان واضح ٿئي ٿو، تہ سيد احمد ۽ بادشاهہ جي وچ ۾ باقاعده خط و ڪتابت جو سلسلہ جاري هو. سيد صاحب جن ميدانِ جنگ ۾ هئا. بادشاهہ جي نالي هن خط ۾ پيغام هو تہ رٿيل حڪمت عمليءَ مطابق هاڻ پاڻ سپهہ سالار بنجي رزمہ گاهہ نزديڪ پهچن، ڇو تہ سيد احمد صاحب کي پير سائين بادشاهہ جي قيادت ۾ اعتماد ڪامل هو، حتيٰ ڪہ لکي ٿو تہ:

”الحق ڪہ رغبت بہ سرانجامہ دادن اين امر عظيمہ و اختتامہ اين مهمہ فخيم از امثال آن هدايت ماب واز مقبولان سرفراز و هاديان ممتاز و ارباب همت پرواز زيبد:

اين ڪار از تو آيد- مردان چنين ڪنند- الخ“.

وڌيڪ هن خط ۾ اهو بہ اشارو آهي تہ پير سائين بادشاهہ سيد احمد صاحب جي اهل عيال کي پنهنجي اهل عيال سان گڏ رکي ۽ انهن جي حفاظت ڪري. حقيقت هي آهي تہ سيد احمد جو هي تاريخي خط، هندوستان جي مسلمانن جي هن پهرين جهاد ۾، پير سائين صبغة الله شاهہ جي همت مردانہ جي طفيل، سنڌ کي سربلند ۽ سرفراز ڪري ٿو. بنده جي خيال ۾ هي خط سيد احمد صاحب جهاد جي آخري مرحلن يعني 1245/1246هہ ڌاري لکيو ٿو ڀانئجي- مگر افسوس جو سنڌ جو غازي مرد پير سائين صبغة الله رمضان 1246هجري ۾ دارالفنا مان دارالبقا ڏي روانہ ٿيو ۽ سندس وفات جو اثر يقيني طور سيد احمد صاحب ۽ سندن رفيقن تي پيو هوندو. جيئن تہ پير سائين جي وفات کان فقط بہ مهينا پوءِ سيد احمد ۽ سيد اسماعيل ٻئي مجاهد جمعہ ڏينهن تاريخ 24- ذي القعده 1246هجري ۾ بالاڪوٽ لڳ وڙهندي شهيد ٿيا.

”خدا رحمت ڪند اين عاشقان- پاڪ طينت را.“

پير سائين صبغة الله شاهہ جي وفات تي ڪيترن ئي اديبن ۽ شاعرن قطعہ تاريخ لکيا. ”قطب فيضمدار“ ۽ ”شفيق مرشد پير“ مان بہ سندن رحلت جي تاريخ (1246) ملي ٿي. هڪ قطعہ جو شايد خليفہ گل محمد صاحب هالن واري لکيو، ان جي آخري مصرع هي آهي تہ:

”گل محمد غلامہ وي ابدي (1246)
رهن قرب و زيب سرتاپا“

پير سائين صبغة الله شاهہ عارف، مجاهد، عالمہ، اديب ۽ سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي زبانن جا شاعر بہ هئا. سندن فارسي ڪلامہ نموني طور ڏنو وڃي ٿو:

زدردت دلفگارمہ، باڪہ گويمہ؟ — زهجرت بيقرارمہ، باڪہ گويمہ؟
زگردش گيتيءَ بي مهر ئي يار — شڪايتهايءَ دارمہ، باڪہ گويمہ؟
غمہ- خودرا بہ هر ڪس عالمہ اندر — چون غمخواري ندارمہ، باڪہ گويمہ؟

ولہ

تشنگي صدف چون شود بسيار — بهر سعيش سحاب مي آيد.

## پير سائين علي گوهر شاهه اصغر (بنگلا ڏٽي)

پاڻ 4- رجب 1231هه ۾ تولد ٿيا ۽ پنهنجي علم و فضل روحاني، فيض ۽ سخاوت سان سڄي سنڌ بلڪ هند ۾ مشهور ٿيا. فارسي زبان تي ملڪو هون ۽ طبعاً پاڻ وڏا صاحب ذوق هئا. عالم، مصور ۽ راڳ جا ماهر سندن مجلسن ۾ دل گهريا دان ۽ داد وٺندا هئا. سماع جون محفلون به وتن بلند پايه جون ٿينديون هيون. سخاوت سندن سرشت ۾ سمايل هئي. وٽائن سوالي هميشه مالامال ٿي ويندا هئا. پاڻ دين جا درياءَ هئا ۽ دولت جي ڪمي ڪانه هئي. مگر تنهن هوندي به سندن زندگي درويشانه ۽ ساده هئي ۽ فقر سندن فخر هو. اهي سڀ ڪمال جون خوبيون ۽ پاڪيزه جذبات ۽ احساسات سندن سنڌي ڪلام فصاحت نظام ۾ نروار آهن. پاڻ اعليٰ پايه جا اديب ۽ شاعر ۽ سندن سنڌي ڪلام جي دلنشيني سبب سندن تخلص ”اصغر“ سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو. سنڌي ڪلام پاڻ تمام گهڻو چيو اٿن. سندن 504 قافيون ڪلام هن بنده راقم الحروف جي نظر مان گذريا آهن سندن پيارا ڪلام جن جا هينان تلهه آهن، سنڌ جي گوشه گوشه ۾ مشهور آهن ته:

رمزان رانول منهنجي روح ۾- اڄ ڪي وري لاٿيه نيون.

---

ڪانگل ڪڍي دل ٿو ڏيان- جانب اڳيون جي تون ڪئين.

---

جانب جڙي جڙ جان ۾- جهوري ڏئي ويو مون گهٽي.

---

ڪعبه وجن ڪيئن ڪاپڙي- جيڪي عام ڪؤن آجا ٿيا.

سندن هنن بي بها ڪلامن مان سندن درويشانه ۽ عارفانه منزل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

پاڻ پنهنجي والد بزرگوار پير سائين صبغة الله شاهه جي ”ملفوظات“ بنام ”خزانة المعرفت“ فارسي زبان ۾ جمع ڪيائون. هن ملفوظات جي فارسي نثر ابواب جي ترتيب ۽ اقوال جي انتخاب مان جامع جي علم و فضل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

هي صاحب دل ۽ صاحب فيض پير 32 ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ تاريخ 11- جمادي الاول سنه 1263هه ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري دارالبقا ڏي روانو ٿيو، سندن وصال جي تاريخ هيٺين نظم مان نڪري ٿي:

جناب پير علي گوهر آن ڪريم و رشيد
چون رمز ”ارجعي“ از درگاه راز شنيد
گذاشته جسم درين وانگاه ناسوتي
به سوئي گلشن- لاهوت، مرغ جانشين پريد
بتافت رخ زطهورات آن سراپا نور

بتافت معنيءِ سيمرغ وش نهان گرديد
دلم چو سال وصالش جست هاتف گفت
بہ آفتاب بہ پيوست نور مئي توحيد
1263ھ

## پير سائين حزب الله شاھ (تخت ڌڻي)

پاڻ 18- شوال سنہ 1258ع ۾ تولد ٿيا ۽ دستور موجب فارسي جي اعليٰ تعليم حاصل ڪيائون. سخا جي ذات سندن سرشت ۾ سمايل هئي، حسن ۽ ڏيا ۾ سندن تصوير پنهنجو مٽ پاڻ هئي. سنہ 1263ھ کان سنہ 1308ھ تائين يعني اٽڪل 45 ورهيہ پاڻ مسند نشين رهيا ۽ هن عرصي ۾ پنهنجي علمي ۽ روحاني فيض سان گڏ، سنڌ جي مهمان نوازي ۽ سخا واري سنت کي جڻ هميشہ لاءِ جياري ڇڏيائون. هن قول ۾ ذري جيترو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. هن پوئين وقت ۾ سنڌ جيڪڏهن ڪو حاتم طائي پيدا ڪيو ته، پير حزب الله شاھ هو، ڪن سوالين صرف آزمائش لاءِ پير صاحب جن کان سندن چڙهي جا پيارا ۽ پلا گهوڙا ۽ اُٺ اچي ٿي گهريا تہ، انهن کي اهي وهٽ سيني سنجن ۽ سازن سان سينگاري في سبيل الله ڏيئي ٿي ڇڏيائون. سندن لنگر جي آمدني هوندي بہ اهو حال هو جو هر روز جيڪي هٿ ۾ هوندو هون، سو خدا ڪارڻ لٽائي ڇڏيندا هئا ۽ شام جو پنهنجي ذاتي ضرورتن واسطي بہ ڌڻي تي توڪل رکي ويهندا هئا.

علمي ذوق ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. سنڌي خواه فارسي مطالعہ سان سندن وڏو چاھ هو. پنهنجي والد بزرگوار جي سنڌي ڪلام سان کين خاص دلچسپي هئي. راقم الحروف، حضرت "اصغر" جي ڪلامن جو هڪ قلمي نسخو ڏٺو آهي. جو پير سائين حزب الله شاھ جو ذاتي نسخو هو ۽ جنهن تي سندن مطالعہ جا ڪي نشان توڙي دستخط موجود آهن. فارسي زبان جا تہ خود پاڻ وڏا شاعر هئا ۽ "مسڪين" سندن تخلص هو. "ديوانِ مسڪين" پير حسام الدين صاحب راشدي ۽ ٻين ڪن علم دوست صاحبن وٽ موجود آهي.[1]

هن صاحب ذوق و سخا سان سندن ڪن معتقد مريدن جو حقيقي عشق لڳل هو، جن مان سنڌ جا بہ مشهور ڪافي گو شاعر سيد سليمان شاھ (ڳوٺ وڳڻ، نزديڪ اسٽيشن ڪوٽ لعلو) ۽ پير حسن بخش (ڊنڙو، لڳ شهدادپور) ادبي نقطئہ نظر کان قابل ذڪر آهن. سيد سليمان شاھ جو لاڳاپو فرق جماعت سان هو، جنهن کان پير صاحب جن ڪيس منع ڪئي مگر سليمان شاھ نہ مڙيو؛ جنهن تي پير صاحب جن ڪانئس منهن مٽي ڇڏيو. انهيءَ فراق ۾ سيد سليمان

---

(1) پير صاحب صبغة الله شاھ جن جي ملفوظات مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن تخلص بہ "مسڪين" هو.

شاهه جي ڪافيون چيون، تن مان هيٺين ڪافي سنڌي ڪافين ۾ بي نظير ۽ سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي ته:

ڏس ڪو ڏانءُ جنهن سان توڪي پرچايان
توڪي پرچايان، توڪي سر چايان- ڏس ڪو.

ٺيان مومن نيڪ نمازي- جنهن ۾ جانب تون ٺئين راضي
جامع جوڙايان، ڪنڌ نمايان- ڏس ڪو.

ٺيان هندو پوڄان بت خانا- دوارڪا ڪاشي جاوان جمنا
تلڪ لڳايان، ڪي جٽيون پايان- ڏس ڪو....

ٺيان ناچو پهريان پيشوازا- ڊڪڙو ڊمچڙ سازا آوازا
ڦيرڙيون پايان، ڇيريون ڇمڪايان- ڏس ڪو....

پاڻ پيارل ڪر پرچائو- ساڻ سليمان ٺئي سرچائو
لائق ناهيان ته به تنهنجو ئي آهيان- ڏس ڪو....

سنڌ جي هن سخي مرد تاريخ 4- محرم سنه 1308هه ۾ وفات ڪئي، جنهن تي سندن مريد حسن بخش درد پريو ڪلام چيو ته:

”شاهه حزب الله لاءِ ساري ملڪ ۾ ماتم ٿيو.“
”ڏک پاڳاري پير جو اڇي سورمن ۾ مدام ٿيو.“

## پير صاحب علي گوهر شاهه ثاني (مخفر ڏٽي)

پاڻ سنه 1275هه ۾ تولد ٿيا. سنه 1308هه ۾ سندن والد سائين حزب الله شاهه بعد مسند نشين ٿيا ۽ 4- جمادي الثاني سنه 1314هه ۾وفات ڪيائون. پاڻ علم پرور، نرم طبيعت، حليم ۽ بردبار هئا. سندن وقت ۾ ئي پهريائين حرف زور ورتو ۽ انگريزي حڪومت سان مقابلا ڪيائون، ان وقت جي ڪنهن سنڌي شاعر جا بيت آهن ته:

وصف ڪريان واحد جي جنهن جوڙيو جڳ جهان
ٽالپر وڏي ٽيلي هو متي سنڌ سلطان
هاڻ انگريز ڏاڍو جوان، ٿو پر ڏر سڏائي پاڻ ڪي.

...............

پر چوڏهينءَ صديءَ ۾ پيدا بانڪا بي نظير
ٻارهن چٽا ڀهروٽيا، مڪيءَ پاسي مير

بچو انهن جو بادشاهه، پيرو سندن وزير
ڪري ڏاڪي سان دلگير- هنن ڏيه ڏهڪائي ڇڏيا.

## شمس العلماء پير صاحب شاهه مردان شاهه (ڪوٽ ڏڪي)

پاڻ تاريخ 22- ربيع الاول سنه 1279ه ۾ تولد ٿيا ۽ پنهنجي پيءُ پير صاحب علي گوهر شاهه ثاني جي وصال بعد تاريخ 27- جمادي الثاني سنه 1314ه ۾ مسند نشين ٿيا. سندن تعليم ۽ تربيت پنهنجي والد بزرگوار جي سهاري هيٺ تمام چڱي ٿي چڪي هئي. 35 ورهين جي عمر ۾ مسند نشين ٿيا، جنهنڪري ڪيس خاندان جي روايات، درگاهه ۽ جماعت جي اندروني نظام ۽ بيروني تعلقات جي پوري پوري واقفيت هئي. پاڻ انهن جملہ شعبن کي نهايت تدبر سان سنڀاليائون- حرن جي تحريڪ سبب جماعت کي جو تڪليفون پهتيون هيون، سي پنهنجي حڪمت عملي سان حڪومت سان چڱا تعلقات قائم ڪري ختم ڪرايائون. درگاهه جي حفاظت واسطي هڪ مضبوط ڪوٽ ڏيارايائون. جماعت جي سڌاري واسطي سڄي سنڌ ۾ سندن مريدن جي ڳوٺن ۾ مڪتب کولايائون. درگاهه تي هڪ بهترين مدرسه قائم ڪيائون. علم جي واڌاري خاطر قرآن شريف ۽ ٻيا ديني ڪتاب ڇپرائي تقسيم ڪيائون. قرآن شريف جو سنڌي تفسير ”تفسير شاهه مردان“ انهن ڪتابن مان قابل ذڪر آهي. طالب علمن، حافظن ۽ مولوين جي مالي مدد لاءِ هر سال رجبي (27 رجب) جي موقع تي عام اجورو مقرر ڪيائون، جنهن موجب هر طالبعلم ۽ حافظ کي پنجاهه روپيه ۽ مولوي کي هڪ سو روپيه عطيه طور ڏنا ويندا هئا. پنهنجي وقت جي عالمن جي ته وڏي عزت ڪندا هئا ۽ سنڌ جا اڪثر وڏا عالم ساڻن صحبتي هئا. انهي علم پروري سبب کين حڪومت طرفان به ”شمس العلماء“ جو خطاب مليو. خانداني سخا جي سنت بدستور جاري رکيائون ۽ مهمانن جي خاطر تواضع لاءِ خاص شاهي مهمان خانو نهرايائون. ڏڪر جي وقت اناج ۽ ڪپڙي جون گاڏيون ڀرائي ڳوٺن ۾ عام تقسيم ڪيائون. جنهن موجب هر ماڻهو کي پوري وڳي جو ڪپڙو ۽ سڀڻ لاءِ سئي ۽ سٽ به ڏنو ويو. پنهنجي اقربا ۽ راشدي خاندان جي ساداتن تي خاص هٿ رکيائون. مخدوم محمد اسماعيل (پريان لوءِ) جي مقبره جي پوري مرمت ڪري ان جي حفاظت ڪرايائون.

روهڙيءَ ۾ ”وار مبارڪ“ جي خانقاه جي مرمت ڪرايائون ۽ ان تي سونهري نيل چاڙهيائون. سنڌ جي ٻين خاندانن سان خوشگوار تعلقات قائم ڪيائون. مطلب ته درگاهه ۽ جماعت جو نظام نهايت خوش اسلوبي ۽ تدبير سان هلايائون، جنهنڪري سنڌ جي عام و خواص ۾ کين وڏي مقبوليت حاصل ٿي. هن صاحب دل 61 ورهين جي عمر ۾ تاريخ 7- ربيع الاول سنه 1339هجري ۾ هن دارفاني مان دارالبقا ڏانهن رحلت ڪئي.

## پير صاحب پير صبغة الله شاهه ثاني (شهيد)

پاڻ 13- صفر سنہ 1327ھ ۾ تولد ٿيا ۽ پنهنجي والد جي وفات بعد مسند نشين ٿيا. پير صاحب مرحوم جي باري ۾ راءِ زني ڪرڻ قبل از وقت آهي. اسان جي خيال ۾ آينده مورخ هن دلير ۽ بهادر مرد کي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اهم تاريخي حيثيت ڏيندا. انگريزن خلاف سندن بغاوت جي حڪمت عملي ڪامياب نہ ٿي ۽ حڪومت مٿن جارج ڇهين خلاف جنگ جو الزام ثابت ڪيو. تنهن هوندي بہ سندن جانباز حُرن سنڌ ۾ ٻارهن مهينا ”مارشل لا“ کي منهن ڏنو ۽ ثابت ڪيو تہ سنڌ ۾ بهادر مجاهدن جي ڪمي نہ آهي. ڪيترائي معتبر عملدار هنن بهادر مڙسن جي ملٽري سان بهادرانہ مقابلہ تي داد ڏيندڙ آهن.

## پير پاڳارو پير شاهه مردان شاهه ثاني (ڇٽ ڌڻي):

پاڻ 4- فيبروري 1952ع تي مسند نشين ٿيا آهن. سندن ڪاميابي ۽ ابتدائي مقبوليت انهيءَ مان ثابت آهي، جو پاڻ جملہ راشدي خاندان جي بزرگن کي ڳرهائي ڏيئي پنهنجو ڪيائون. چنانچہ اهي جملہ حضرات سندن مسند نشينيءَ وقت سندن مددگار ۽ معاون هئا. مريدن توڙي سنڌ جي تعليمي حالت کي سڌارڻ جو ڪين خاص اونو آهي. ڌڻي تعاليٰ شل ڪين هن نيڪ مقصد ۾ ڪامياب ڪري آمين!

[ماهوار ”نئين زندگي“ پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، مئي ۽ جولاءِ 1952ع]

❑

## 2 پير احسان الله شاهہ راشدي مرحوم*

مرحوم احسان الله شاهہ ولد رشدالله شاهہ راشدي جن جو تولد، 27- رجب سن 1313ھ ۾، ڳوٺ پير جھنڊو تعلقي هالا ۾ ٿيو. عمر جو اڪثر حصو پاڻ ڳوٺ پير جھنڊي ۾ ئي گذاريائون؛ پوءِ برادري تنازعي سبب اهو ڳوٺ ڇڏي، ان جي پرسان ٻيو ڳوٺ 'درگاهہ شريف' جي نالي سان ٻڌائي، اتي سڪونت اختيار ڪيائون – ليڪن تقريباً ڏيڍ سال کن بعد 15- شعبان سن 1358ھ ۾ وفات ڪيائون.

پاڻ تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ (پير جھنڊو) ۾ سندن والد ماجد جي قائم ڪيل مدرسي مان ورتائون. سندن استاد ڪرام هي آهن: حضرت مولانا عبيدالله صاحب سنڌي، مولانا محمد صاحب، مولوي الاهي بخش صاحب، مولانا احمد علي صاحب لاهوري، مولوي خدا بخش صاحب ۽ مولوي محمد اڪرم صاحب هالائي. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد پاڻ باقاعدي ويهي ڪنهن بہ درسگاهہ ۾ تعليم ڪانہ ڏنائون، ان ڪري ڪنهن خاص شاگرد جو نالو وٺي نہ ٿو سگهجي؛ البت پاڻ سندن معتقدن ڪي پنهنجي پيشرو مرشدن جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ ارشاد ۽ هدايت ڪندا رهندا هئا ۽ بحمد الله سندن صحبت اڪسير مان بيشمار فيضيافته موجود آهن.

سندن حلقہء احباب بلڪل وسيع هو. ساري هندستان، بلڪ ان کان ٻاهر بہ بي انداز علماء سان سندن تعلق هو؛ خاص طرح اڳين سلطان ابن سعود مرحوم سان سندن ڪافي تعلقات هئا ۽ خط و ڪتابت جو سلسلو بہ باقاعدي جاري هو. سندن طريقو 'قرآن ۽ حديث تي عمل' هو. ٻئي ڪنهن جي راءِ ڪي انهن ٻنهي ماخذن کان مٿي نہ سمجهندا هئا. سندن طريقت جو سلسلو قادري هو، ۽ پنهنجي والد بزرگوار حضرت پير سائين رشدالله شاهہ (صاحب اللواءِ الرابع) جي دست مبارڪ تي بيعت ڪيائون.

پير صاحب جن بہ ٽي ڪتاب تصنيف ڪيا: جھڙوڪ (1) رسالو "المقالة المحبوبة في الدعاءِ بعد صلواة المكتوبه" جو اردوءَ ۾ آهي ۽ ڪٿي عربي عبارت بہ ڪم آندل آهي؛ هن ۾ فرضي نماز کان پوءِ هٿ کڻي دعا گهرڻ جو مسنون هجڻ، احاديث مان ثابت ڪيو ويو آهي. (2) ٻيو هڪ رسالو لکيو هئائون، جنهن جو نالو ياد نہ آهي، مگر ان جو موضوع هو نيڪ انسانن جي هٿن چمڻ

* هن سوانح عمريءَ جي اصل متن تي مصنف جو نالو ڄاڻايل ڪونہ هو ۽ ائڊريس اسان کان هيٺ مٿي ٿي ويئي آهي؛ ان ڪري افسوس آهي جو سندس نالو مضمون جي سري تي اچي نہ سگهيو آهي. – مرتب.

جي جواز جي اثبات ۾: اهو رسالو گم آهي؛ (3) پاڻ ابن ماجه جو شرح به لکڻ شروع ڪيو هئائون: ان جو نالو رکيائون ”خيمة الزجاجة في شرح ابن ماجه“ مگر ڪين ايتري فرصت ڪانه ملي جو ان جو اتمام ڪن ها؛ ڪافي عرصو بيمار رهڻ بعد آخر پاڻ وفات ڪيائون، ۽ شرح رهجي ويو؛ جيڪو شرح لکيائون سو به گم آهي؛ (4) هڪڙي سنڌن تقرير آهي، جا پاڻ خانپور جي جلسي ۾ ڪئي هئائون: اها تقرير اردوءَ ۾ آهي.

سنڌس زندگيءَ جو مقصد هو- ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله جي نشر و اشاعت. حديث پاڪ جي علوم ڏي سڀ کان وڌيڪ توجهه هون. حديث ۽ حديث جي علوم جي ڪتابن جو ڪين ايترو ته شوق هو، جو ڪيترن ئي ملڪن — جهڙوڪ شام، مصر، مديني منوره، مڪي معظم ۽ هندستان — جي ڪن شهرن مان ڪيترائي ڪتاب ڪثير رقم خرچ ڪري ماهر ڪاتبن کان لکارايائون: حيدرآباد دکن ۾ مولانا قطب الدين صاحب هاليجوي ۽ قاضي لعل محمد صاحب کي اماڻي، نظام نواب عثمان علي خان جي خاص ڪتبخاني مان ڪيترائي ڪتاب اتارايائون. پاڻ اتي جي ”دائرة المعارف“ جي اراڪين مان هڪ رڪن هئا. ’دائرة المعارف‘ جي ڪتبخاني ۾ جيڪي ڪتاب ڇپيا ويندا هئا، سي سنڌن ڪتبخاني عاليه علميه کي مفت ملندا هئا. سنڌن علمي ذوق اهڙو هو، جو مشهور ”تاريخ بغداد“ خطيب بغداديءَ جي اجا مطبوع نه ٿي هئي، تڏهن پاڻ 15-16 سوَ روپيا خرچ ڪري ان جو مصر مان فوٽو حاصل ڪيائون- پوءِ ڪافي عرصي بعد اها تاريخ ڇپجي شايع ٿي. ”تاريخ اصفهاني“ جو فوٽو به لنڊن جي ڪتبخاني مان ڊاڪٽر ڪرنڪو، محافظ ڪتبخانه لنڊن جي معرفت حاصل ڪيائون- ڪرنڪو صاحب جي وساطت سان جرمني حڪومت تائين ”صحيح ابن خذيمه“ ۽ ٻين تفسيرن جي لاءِ پڻ ڪو شان ٿيا، ليڪن اتي ڪاتب ۽ فوٽو نه ملڻ سبب اهي ڪتاب حاصل ڪري نه سگهيا. حديث جي علوم مان خاص طرح رجال جي فن ۾ ڪين ڪافي درڪ هو. هڪ دفعي، مولانا ثناءُ الله صاحب مرحوم امرتسري وٽن آيو ۽ ٻه ٽي ڏينهن قيام ڪيائين. پنهنجي قيام جي دوران ۾ مرحوم پير سائين جن سان رجال جي متعلق ڪافي گفتگو ڪيائين. پوءِ جڏهن مولانا صاحب واپس ويو، تڏهن چيائين ته: ”اڄ (هن وقت) جيڪڏهن ڪو رجال جي فن جو امام آهي ته پير احسان الله شاهه راشدي آهي“.

خلافت واري تحريڪ جي وقت جڏهن سنڌن والد ۽ مرشد حضرت پير سائين خلافت ڌڻي عليه الرحمة پنهنجي دستار مبارڪ لاهي ”انگورا فنڊ“ ۾ ڏني ۽ ٻئي ڏينهن جمعي نماز تي پير سائين خلافت ڌڻيءَ جي فرزند جناب پير محمد امام شاهه صاحب وڪڻڻ جو هوڪو ڏنو ته ’ڪير ٿو هي خريد ڪري؟‘ تڏهن احسان الله شاهه جن اوڏيءَ مهل ٻه سو رپيا رقم ڏيئي دستار خريد ڪئي.

هڪ دفعي، پاڻ سندن چاچي پير ميان محبوب شاهه صاحب وٽ سڳ لاءِ ويا: پير صاحب مرحوم چيو ته توهين نماز ۾ رفع اليدين نه ڪريو ته پوءِ توهان کي سڳ ڏيان، مگر پاڻ فرمايائون ته ’حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي سنت، زال خاطر ڪونه ڇڏيندس: اها ته هڪڙي آهي، پر اهڙيون هزار زالون به سندن سنت تان قربان ڪري ڇڏجن!‘ ائين چئي پاڻ ويا هليا ۽ پوءِ آخرڪار کين ئي اهو سڳ مليو.

هڪ دفعي، پير ضياءُ الدين شاهه، ان وقت جي ڪمشنر وٽان ٿي آيو، تنهن کان پوءِ وري پير احسان الله شاهه جن ان ڪمشنر وٽ منزل هالا اُسريا. جيئن ته ساڻن جماعت تمام گهڻي هئي ۽ دستور موجب تڪبيرن مان فلڪ شگاف نعرا پئي لڳا، سو ڪمشنر صاحب پڇا ڪئي ته ’هيءُ ڪير آهي؟‘ جواب مليس ته ’پير صاحب جهنڊي وارو اچي رهيو آهي‘. پاڻ جنهن وقت ڪمشنر وٽ پهتا، ته دوران مجلس ۾ کانئن پڇيو ته ’توهان به تحريڪ خلافت ۾ آهيو؟‘ پاڻ فرمايائون ته ’خلافت ته اسان جو مذهب آهي: باقي اسين حڪومت سان ته پهچي نٿا سگهون، تنهنڪري اهي دانهون ته ضرور ڪنداسين: سرڪار جيڪڏهن مقاماتِ مقدسه جي پچر ڪٽي ڇڏي، ته اسين به ماٺ ڪري ويهون، باقي خلافت ته اسان جو مذهب آهي‘. افسوس، سندن عمر ايتري ڪانه ٿي- صرف پنجيتاليهن ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائون- اِناللهِ و اِنا اليه راجعون!

[ٽه ماهي ”مهراڻ“ (سوانح نمبر) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 4-1957/3ع]

❑

# ③ پير پٺو

[تاريخ 3- سيپٽمبر 1950ع دوست محترم محمد يوسف خان چانڊيه ۽ خليفي ميان غلام قادر جي صحبت ۾ سنڌ جي قديم مشهور اولياء پير پٺي جي مزار تي وڃڻ جو موقعو مليو، هيٺيون بيان اتي جي مڪاني روايت ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ ڏنو وڃي ٿو- نبي بخش]

پير پٺي جو قديمي ماڳ ۽ مزار، ٺٽي کان اٽڪل 14 ميل ڏکڻ طرف، درياهه جي جهوني بگهياڙ ڦاٽ جي ور جي چوٽيءَ ۾ ڪٻي طرف هڪ عمدي ٽڪري تي آهي. جا جڻ مڪلي واري ڊگهي ٽڪري جي ڏاکڻي چوٽي آهي. پير پٺي جا قديمي مجاور شيخ آهن. درگاهه جو موجوده سجاده نشين مجاور ميان شيخ محمد عثمان آهي جو هڪ مخلص ۽ مهمان نواز مرد آهي. ڪانئس پير پٺي رح جو احوال پڇيو ويو جنهن تي چيائين ته: ”درگاهه جي مجاورن مان آءٌ ستونجاهون خليفو آهيان، مون کان اڳ ڇاونجاهه مجاور ٿي گذريا آهن. انگريزن جي اچڻ وقت درگاهه جو مجاور شيخ عثمان هو جو وڏي ملڪيت هوندي به پاڻ ٿوئا ناهي وڪڻي، حلال رزق ڪمائي گذران ڪندو هو. هن درويش انگريزن آڏو قديم سندون پيش نه ڪيون، جنهن ڪري ”ديهه انعام“ جا آڳاٽي زماني کان خاص درگاهه کي مليل هئي ۽ جنهن تي ڍل به معاف هئي، انهيءَ تي ڍل مڙهي ويئي. هن وقت فقط ڪي نمبر درگاهه لڳ باغ باغات جا آهن جن تي ڍل معاف آهي. اولياءَ جو شجره ۽ مغل بادشاهن جون آڳاٽيون سندون اسان جي وڏن وٽ هيون مگر منهنجي ڏاڏي جي وقت ۾ سڙي ويون. هن شجره ضايع ٿيڻ بعد اسان کي اولياءَ بنسبت پوري خبر ڪانهي. اسان به ٻڌو آهي ته اولياءَ اصل بخارا جي طرف جو آهي ۽ سيد نه آهي. ڪن جي چوڻ موجب پاڻ سلطان ادهم جي نياٽيءَ جو پٽ آهي، جا ڪنهن معجزي سبب هڪ درويش کي پرڻائي وئي هئي. سندس لقب ”سلطان شاهه عالم“ آهي جو مهرن تي لڳل آهي. اهي مهرون اڳين مجاورن جي وقت جون آهن. چون ٿا ته پاڻ هڪ قاضيءَ وٽ پڙهيا هئا ۽ وڏا عالم هئا. اولياءَ صاحب کي وفات ڪئي اٽڪل اٺ سؤ ورهيه ٿي چڪا آهن. جنهن ٽڪريءَ تي اولياءَ دفن ٿيل آهي، انهيءَ کي ”جبل آر“ يا ”آر جي ٽڪريءَ“ ڪري سڏيندا هئا. اهو ان جو اصل نالو آهي، اها ٽڪري، مڪليءَ جي ٽڪري کان گهڻو آڳاٽو مشهور ٿي چڪي هئي.“

شيخ ميان محمد عثمان جو مٿيون بيان دلچسپ آهي، مگر شيخ صاحب بالڪل صاف لفظن ۾ قبول ڪيو ته شجره ضايع ٿي وڃڻ بعد هن بزرگ جي صحيح تاريخي حقيقت درگاهه جي مجاورن وٽ باقي نه رهي آهي. انهيءَ ڪري تاريخي لحاظ سان، هن بزرگ جي باري ۾ ”تحفة الڪرام“ ۾ مير علي شير قانع ٺٽوي جو هيٺيون بيان قابل غور آهي:

”**شيخ پٺه ديولي:** سندن نالو حسين بن راڄپار بن ڳاهو بن لاکو بن سخيرو، ذات جو اپلان. سندن والده جو نالو سلطاني بنت مراد بن شرفو آهي جو قاضي محمود(؟) به ائين لکيو آهي. هي درويش نهايت قديم بزرگن ۽ اولياءَ الله مان ٿي گذريو آهي. سندن تعريف بيان کان ٻاهر آهي سندس بزرگي لکڻ کان وڌيڪ، شروع شروع ۾ هي بزرگ به قبرستان واري ٽڪري جي هڪ غار ۾ گوشه نشين هو جڻ ڪاڻ ۾ لڪل لعل- پر پوءِ شيخ بهاؤالدين ملتاني جو پنهنجي مريدن ساڻ اچي هتان لنگهيو، تنهن ڪشف سان هي مام معلوم ڪري ورتي ته هن جبل ۾ ڪو مٺيا وارو مرد لڪل آهي: سو پاڻ خود هن بزرگ کي گوشه تنهائي مان ڪڍي پڌرو ڪيائون ۽ کيس پنهنجو مريد ڪيائون. هن رهبري بعد، هن بزرگ جو نالو ماڻهن ۾ مشهور ٿي ويو. پاڻ سنه 606 هجري ۾ وفات ڪيائون. سندن درگاهه سڄي سنڌ ۾ برک ۽ ملڪان ملڪ مشهور آهي. درگاهه جا سجاده نشين به وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن، (جن مان) شيخ صابو جي وفات بعد هن وقت (12- صدي هجري) شيخ ساجن هن بزرگ جي برڪت سان وڏي مجوتي وارو آهي ۽ ميلي واري ڏينهن يعني 12- ربيع الاول جي، هو پنهنجي مرشد (شيخ پٺه) جي دستار مبارڪ سر تي ڪري، مريدن جي وڏي انبوهه سان درگاهه کان وٺي مناري تائين، جو ڪجهه مفاصلي تي آهي، نوراني نموني ۾ ويندو آهي. دستار مبارڪ کي جيتوڻيڪ ورهين جا ورهيه گذري چڪا آهن، ته به بزرگ جي ڪرامت سان سڄو وقت تجلا پئي ڏيندي آهي، هي سڀ ڪجهه هن پلاري بزرگ جي ڪرامت جو اثر آهي.“ (تحفة الڪرام جلد- 3، ص- 252)

تحفة الڪرام جي مصنف جو هي بيان تحقيق طلب آهي.

(1) اول ته مصنف هن بزرگ جو نالو حسين ڄاڻائي ٿو، حالانڪ شروع ۾ ئي کيس ”شيخ پٺه“ ڪري لکي ٿو. انهيءَ مان ظاهر آهي ته ”شيخ پٺه“ يا ”شيخ پٺو“ هن بزرگ جو نج سنڌي ۽ عام مشهور نالو (يا لقب؟) آهي ۽ حسين سندس اسلامي نالو. سندس عام مشهور نالي يا لقب جي ثابتي اوائلي تاريخ مان به ملي ٿي: سلطان محمد بن تغلق سنه 752هجري ۾ سنڌ جي سومرن تي چڙهائي ڪئي ۽ ٺٽي لڳ هن مهم ۾ وفات ڪيائين. ڪانئس پوءِ سٽت ئي سلطان فيروز شاهه حملو ڪيو، مگر ٺٽي لڳ سنڌ جي لشڪر جي مضبوط طاقت سبب ٻهرئين دفعي مجبور ٿي ڪڇ ۽ گجرات ڏانهن هٽڻو پيس. انهيءَ تي سنڌ جي لشڪر هي نعرو بلند ڪيو ته:

بہ برڪت پيو پنو،
هڪ مئو، هڪ ڀڳو.

سنڌي جي هن جنگي رجز مان 8- صدي هجري ۾ بہ هن بزرگ جو نالو "پير پنو" ملي ٿو.

(2) ٻيو تہ تحفة الڪرام جو مصنف پير پني کي "ديولي" سڏي ٿو يعني "ديول" يا "ديبل" جو رهاڪو، هن ڳالهہ لاءِ ڪابہ تاريخي ثابتي نٿي ملي. شايد مصنف هن بزرگ کي "ديولي" انهيءَ ڪري ٿو سڏي جو سندس مزار ٺٽي جي گرد نواح ۾ آهي ۽ ٺٽي کي مصنف جي ڏينهن ۾ "ديبل" ڪري سڏيو ويندو هو يا تہ مصنف خود "پير پني" جي مزار واري هنڌ کي "ديبل" سمجهي ٿو ۽ انهي ڪري ڪيس "ديولي" سڏي ٿو، مگر جيئن تہ مصنف ٺٽہ کي بہ "ديبل" ڪري لکي ٿو، انهيءَ ڪري سندس هيءَ گمان وزندار نہ آهي. البتہ يورپين مصنفن مان ميجر راورٽي پير پني جي مزار واري هنڌ کي ديبل قرار ڏنو آهي، مگر عرب مؤرخن جي تاريخي حوالن جي بناءَ تي اها راءِ غلط ثابت ٿئي ٿي.

جاءِ رهائش جي خيال کان "پير پني" کي قديم وقت کان "پير آر" سڏيو ويو آهي، يعني "آر جو پير"، "آر" مان مراد آهي درياهہ جو آر يا ڦاٽ. جهونو بگهاڙ آهي، جنهن جي ڪپي ڪناري تي ور جي چوٽيءَ ۾، پير پني جو مزار آهي، بگهاڙ کي ئي قديم زماني کان "آر" سڏيو ويندو آهي، جيئن تہ ماموين ڏانهن منسوب ٽيل هڪ آڳاٽي بيت ۾ آهي تہ:

"وسي وسي آر، جڏهين وجي ڦٽندو." (الخ)

يعني تہ بگهاڙ جي آبادي جڏهن ڦٽندي. تاريخ مان بہ ثابت آهي تہ "پير پني" کي "پير آر" سڏيو ويندو هو. شاهہ بيگ ارغون تاريخ 11- محرم سنہ 926 هجري (22- جنوري 1520ع) ۾ ٺٽي لڳ سمن جي لشڪر کي شڪست ڏني، جنهن ۾ سنڌ جو بهادر وزيراعظم ۽ سپہ سالار دريا خان وڙهندي شهيد ٿيو ۽ نالائق بادشاهہ ڄام فيروز ٺٽو ڇڏي وٺي ڀڳو ۽ درياهہ ٽپي وڃي "پير آر" (يعني پير پني) تي پناهہ گزين ٿيو (تاريخ معصومي). هن بزرگ جي هن اوائلي لقب "پير آر" سبب سندس مزار واري ماڳ جو نالو بہ "آر جي ٽڪري" پئجي ويو، مزار کان اوڀر ڏکڻ طرف ۽ موجوده پوليس ٿاڻي کان اوير ڏانهن اصل جهوني شهر جا ڦٽل نشان آهن ۽ هڪ منارو بہ بيٺل آهي، هن شهر کي بہ "آر جو شهر" سڏيو ويندو هو يعني تہ شايد اهو شهر جتان بگهاڙ جو ڦاٽ "آر ڪري" پلٽجي ٿو (ساڳيءَ طرح هن وقت پير پني کان اولهہ طرف "ور جو ڳوٺ" آهي يعني تہ اهو ڳوٺ جو بگهاڙ جي در وٽ ٻڌل آهي) ميرن ۽ پوءِ انگريزن جي ڏينهن ۾ پير پني جي مزار لڳ واري ايراضي کي بہ دفترن ۾ "ديهہ آر" جو نالو ڏنو ويو ۽ اڄا تائين هي ديهہ انهيءَ نالي سان سڏجي ٿي.

(3) تحفة الڪرام جو مصنف پير پٺي جي وفات سنہ 606 هجري ڏئي ٿو، جنهن موجب شيخ ميان محمد عثمان جي خانداني روايت (تہ اولياءَ صاحب کي گذرئي اٽڪل اٺ سؤ ورهيہ ٿي چڪا آهن) بہ قرين قياس نظر اچي ٿي. جاتي خواهہ ٺٽي جي تر ۾ روايت مشهور آهي تہ جاتيءَ جو مشهور ولي حضرت پيِن ۽ پير پٺو همعصر هئا. پير پٺو عمر ۾ وڏو هو ۽ پيِن رحہ سندن معتقد هو. حضرت پيِنءَ سومر ڏينهن رجب مهيني 610 هجري ۾ 87 ورهين جي ڄمار ۾ شهيد ٿيو، جنهن موجب بہ پير پٺي رحہ جو سن وفات 606 هجري، 610 جي لڳ ڀڳ ۽ قرين قياس نظر اچي ٿو، هن سلسلي ۾ ٻي هڪ ڳالهہ بہ قابل غور آهي، جڏهن اسان پير پٺي رحہ جي مزار تي پهتاسين، تڏهن آءٌ قديم ڪتبن (جاين تي لکيل تاريخي اکرن) جي تلاش ۾ نڪتس. اتفاق سان درويش جي مقبره لڳ جا مسجد آهي ان جي محراب جي مٿان هٿ سان لکيل سنہ 547 تي منهنجي نظر پئي. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ هن مسجد جي محراب تي قديم زماني جو هڪ ڪتبو لڳل هو، جنهن ۾ سن 547 هجري لکيل هو. ان بعد جيئن مسجد جي مرمت ٿيندي رهي، تہ اصل ڪتبي وارو سنہ 547 هجري وقت بوقت محراب مٿان لکيو ويو. هن سنہ مان گمان نڪري ٿو تہ شايد اها مسجد هن بزرگ ننديءَ وهيءَ ۾ ڪروٽ طور قائم ڪئي هجي، حالانڪ پاڻ اڪثر جبل جي غار اندر گوشہ تنهائيءَ ۾ ويهي عبادت ڪندو هو. جيڪڏهن اهو سنہ مسجد جي بنياد جو يادگار آهي ۽ جيڪڏهن مسجد جو بنياد هن بزرگ گهٽ ۾ گهٽ 15 سالن جي عمر ۾ وڌو هجي تہ انهيءَ حالت ۾ هن بزرگ جي ولادت سنہ 532 ڌاري يا ان کان بہ قدري اڳ سمجهڻ گهرجي.

(4) بقول مصنف تحفة الڪرام، شروع ۾ هي بزرگ ٽڪريءَ جي غار اندر گوشہ تنهائي ۾ رهيو. مگر پوءِ شيخ بهاؤالدين ملتاني پنهنجي مريدن ساڻ اچي هتان گذريو، جنهن پنهنجي ڪشف سان معلوم ڪيو تہ: هن جبل ۾ ڪو مٿيا وارو مرد مخفي آهي ۽ ڪيس پرده راز مان ڪڍي پڌرو ڪيائين ۽ مريد بہ ڪيائين.

اهو بيان ذرا بہ شڪ وارو آهي جيئن تہ شيخ بهاؤالدين پنهنجي مريدن سان ئي آيو ۽ ان وقت هو ڪشف جو صاحب هو. انهيءَ حالت ۾ غوث بهاؤالدين جي ان وقت ڪا نندي عمر ڪانہ هوندي، مگر اهو حقائق جي برعڪس نظر اچي ٿو چو تہ غوث بهاؤالدين جي ولادت سنہ 578 هجري ۾ ڄڻي وڃي ٿي ۽ هوڏانهن شيخ پٺي جي وفات بقول مصنف تحفة الڪرام سنہ 606 هجري آهي. انهي جي معنيٰ تہ شيخ پٺي جي وفات وقت غوث بهاؤالدين جي عمر گهٽي ۾ گهٽي تہ بہ 28 سال هوندي، پوءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ جڏهن شيخ بهاؤالدين

مريد خادمن وارو هو تڏهن شيخ پنهنجي جو اجا اوائل آهي لهٰذا يا مصنف تحفة الڪرام جو بيان غلط آهي يا شيخ بهاؤالدين جي سن ولادت ۾ غلطي آهي.

(5) تحفة الڪرام جي مصنف هن بزرگ جي دستار ۽ ساليانہ عرس جي رسم جو ذڪر ڪيو آهي. اها رسم اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. اها دستار اڃا تائين ساڳي صورت ۾ محفوظ آهي ۽ سال ۾ ٽي دفعا يعني تہ 12- ربيع الاول، عيد رمضان ۽ عيد ذوالحج تي ٻاهر ڪڍندا آهن. سجاده نشين مجاور 21 دفعا وهنجي پوءِ نوان ڪپڙا ڍڪيندو آهي. ان بعد هٿن کي ڪپڙو ويڙهي پوءِ اها دستار ڪڍي سر تي رکندو آهي. هن دستار کان سواءِ ڪي ڪشتا ۽ عصائون بہ درگاهہ جي هڪ خاص ڪمري ۾ محفوظ ڪري رکيل آهن. انهيءَ ڪمري کي قديم وقت کان ”ڏئو نرڙ“ سڏين. اهي ۽ ٻيا ڪي وسيلا هن درگاهہ کي ٻين درگاهن وٽان مليل آهن. اولياء صاحب جو ٻيو يادگار هڪ ”ماجي“ آهي. اهو هڪ پٿر آهي جو چون ٿا تہ فاقہ ۾ هي برگزيدو بزرگ ماني کائڻ بدران پيٽ سان ٻڌي، مجاهدا ڪٽيندو هو.

[الوحيد 14- آگسٽ 1951ع، جشن آزادي نمبر]

❑

# آديسي اُٺي ويا

## 4 پير غلام رسول مجددي سرهندي مٽياروي رحہ

مٽياري شهر جي مجددي سرهندي بزرگن جي سلسلي مان عالم فاضل پير غلام رسول بن پير غلام مجدد تاريخ 26 ۽ 27 صفر جي وچ واري رات (ٿوَ لڳي چاليهن منٽن تي) سنہ 1411ھ (17- سيپٽمبر 1990ع) تي وفات ڪئي. پير صاحب هن پوئين دور ۾ فارسي ۽ عربي جو هڪ وڏو عالم ۽ اديب هو. اسي ورهين جي ڄمار ۾ سندس وفات ٿي، پر ان عمر ۾ بہ سندس حافظو جوان هو ۽ ڪيس سنڌ جي علمي سلسلن جي عموماً ۽ مجدديہ سرهنديہ خاندان جي علمي خدمتن جي وڏي ڄاڻ هئي. هيءُ هڪ عجيب اتفاق آهي جو اهڙي عالم ۽ اديب سان منهنجي پهرين ملاقات فقط سال کن اڳ 21- سيپٽمبر 1989ع تي ٿي. آءٌ شهر مٽياري جي علمي ۽ تاريخي حالات معلوم ڪرڻ لاءِ سرهندين بزرگن جي جد اعليٰ شاهہ عبدالرحيم جو شاهي روضو ڏسڻ ويس، جيڪو اڳ مون ڪونہ ڏٺو هو. روضي جي ٻاهران در جي سامهون، پير غلام مجدد مرحوم جي تربت آهي، جنهن جي ڪٽهڙي تي ٻاهران عربي ۾ لڳل ڪتبو نظر آيو. نثر ۾ عبارت صحيح، سهڻي ۽ ان بعد فصيح ۽ بليغ نظم ۾ تاريخ وفات جو قطعو نظر آيو. آخر ۾ ائين ڄاڻايل تہ: ڇپل آهي فضل محمد عرف غلام رسول جو، جيڪو فرزند آهي مرحوم پير غلام مجدد جو. ٻاهر نڪري مون پڇا ڪئي تہ پير غلام رسول پاڻ موجود آهي، تہ چيائون تہ موجود آهي، پر پير مرد آهي ۽ اوهان سان ملايون ٿا. ٿوري دير بعد اٺهتر سالن جو پير غلام رسول صاحب جوانيءَ واري شگفتہ ۽ خنده پيشاني سان اچي مليو ۽ ساڍس گهڙيءَ جي صحبت مان معلوم ٿيو تہ صاحب علم و فضل آهي. ٻيءَ صحبت جو وعدو ڪري مون موڪلايو ۽ هڪ مهيني بعد 20- آڪٽوبر تي خاص پير صاحب سان ملڻ لاءِ مٽياري پهتس. ٽي ڪلاڪ کن صحبت ٿي، جنهن ۾ سندس سوانح، سنڌ ۽ مٽياري جي عالمن ۽ فارسي شاعرن بابت تبادلہ خيالات ٿيو. انهن موضوعن تي پير صاحب جيڪا گفتگو ڪئي، تنهن جو خلاصو سندس ياد ۾ هيٺ ڏجي ٿو. ان ڏينهن موڪلائڻ وقت چيائين تہ:

"سڄڻ هُوَنِ سَهُو، تہ ڪجن روح رُڇنديون، تہ ڪجن روح رهاڻيون"

ڪيڏو افسوس جو آءٌ ٻيءَ صحبت لاءِ وٽن اڳ پهچي نہ سگهيس ۽ پير صاحب دارالبقا ڏي راهي ٿيو. رحمة الله عليه

## سوانح

غلام رسول بن غلام مجدد بن عبدالحليم بن عبدالرحيم بن محمد ضياءالحق بن غلام نبي بن غلام حسن بن غلام محمد بن غلام معصوم عرف معصوم ثاني بن محمد اسماعيل بن محمد صبغة الله بن محمد معصوم بن شيخ احمد مجدد الف ثاني (رحمهم الله) سنه 1331هه ۾ شهر مٽياري ۾ ڄائو.
هينين استادن کان تعليم ورتائين:

- قاضي حاجي عبدالرحمان (ميان عبدالواحد مٽياروي جو پاڻيٽيو) کان قرآن شريف.
- مولانا محمد فضل چرخي ڪابلي کان فارسي جا مختصر ڪتاب پندنامه وغيره. مولوي صاحب مٽياري ۾ آيو هو.
- مولانا مهرالله انيڙ پني عاقل واري کان گلستان، بوستان.
- مولوي محمد يوسف (چاهه لسوڙي والا، ديري غازي خان جو، بمبئي ۾ پڙهائيندو هو، جنهن کي پير غلام مجدد صاحب هت مٽياري ۾ پنهنجي فرزند جي تعليم لاءِ گهرايو) کان عربي ابتدائي ڪتاب.
- مولوي عبدالحي صاحب ٺيرهي واري کان عربي متوسط ڪتاب.

ان بعد 18- سالن جي عمر ۾، سورت جي ڊابيل مدرسي ۾ پڙهڻ ويو ۽ اڍائي سال اتي پڙهيو. ان وقت مدرسي جو مهتمم مولانا بزرگ احمد صاحب گجراتي هو. اتي مولانا شبير احمد عثماني ۽ ٻين استادن کان بيضاوي، عقائد نسفيه ۽ دورهٔ حديث (بخاري ۽ مسلم) پورو ڪري تڪميل ڪيائين. مدرسه امينيه دهلي جي مولانا ڪفايت الله، سائي پٽڪي سان دستاربندي ڪرائي ۽ کيس "سندالفراغ من العلوم العقليه و النقليه" ملي. مولانا شبير احمد عثماني پاڪستان کان پوءِ ڪراچي ۾ آيو، تڏهن پير غلام رسول کي خاص طور تي سڏايائين ۽ ٻين عالمن کي ٻڌايائين ته:

"اهو سنڌي نوجوان جيڪو ڊابيل مدرسي ۾ سيني کان وڌيڪ صحيح عبارت پڙهندو هو سو هيءُ آهي".

تعليم جي تڪميل بعد مٽياري ۾ وعظ ۽ نصيحت جو سلسلو شروع ڪيائين، پڻ اندازاً چوويهه سال مٽياري کان ٻاهر عربستان، هندوستان وغيره ملڪن ۾ رهيو.

پير صاحب کي فارسي ۽ عربي نثر توڙي نظم تي دسترس هو. پنهنجي وقت جو عالم ۽ اديب هو. هينيان ٽي ڪتاب سندس مرتب ڪيل آهن:

1- انساب نامو: انساب مجدديه، اولاد حضرت شيخ احمد مجدد الف ثاني جو، حتيٰ المقدور تڪميلي شجرو. (قلمي)
2- ملفوظات الاڪابر: پنهنجي خاندان جي تفصيلي تاريخ، جدامجد خواجه غلام نبيؒ کان وٺي موجوده وقت تائين. (قلمي)

3- لذة الارواح: خواجہ غلام نبي جو فارسي ۾ تصنيف ٿيل رسالو، جنھن جي پويان تشريح ۾ تفصيل طور وفات جون تاريخون ۽ ٻيو ڪافي علمي ۽ ادبي مواد شامل ڪيل آھي. ھي ڪتاب ليٿو ۾ سنہ 1395ھ/ 1975ع ۾ ڇپيو.

## شھر مٽياري ۽ سنڌ جا عالم

شھر مٽياري ۽ سنڌ جي مدرسن ۽ عالمن بابت پير صاحب وٽ وڏي معلومات ھئي. ھينئين ڳالھيون جيڪي منھنجي لاءِ نيون ھيون ۽ پنھنجي بيان ۾ آنديائين، سي مون ذھن ۾ رکيون ۽ قلمبند ڪيون.

- مخدوم محمد عثمان متعلوي، ٽالپرن جي دور ۾ وڏو عالم ھو ۽ سندس وڏو مدرسو ھو، جنھن مان ٻيا عالم فارغ التحصيل ٿيا. ڪانئس پوءِ سندس فرزند مخدوم عبدالڪريم پنھنجي وقت جو وڏو نامور عالم ٿيو ۽ مدرسي کي سنڀاليائين.

مخدوم عثمان جا ھينئيان پنج شاگرد وڏي نالي وارا ٿيا:

- سندس فرزند مخدوم عبدالڪريم.
- خليفو ميان احمد خان نظاماڻي، ڳوٺ راڄي نظاماڻي جو.
- ميان محمد اسماعيل جوڻيجو "وسيءَ وارو".
- ميان امان الله ڏاسوڙي وارو.
- ميان محمد ابراھيم ولھاري جنھن جو اولاد ڪنيري مدرسي وارا ميان.

پويان چار ئي تحصيل ڪري نڪتا تہ مرشد ورتائون مخدوم محمد ابراھيم مَٽَڙِي واري کي، جيڪو پاڻ مريد ھو شاھ محمد صفي الله سرھندي عرف "حضرت قيوم زمان" جو.

مخدوم عبدالڪريم جا ڪيترائي نامور شاگرد ٿيا جيئن تہ:

- مولوي علي محمد شاھ دائري وارو، "دائري واري سنڌي" جو مصنف، جيڪو پوءِ "دائري واري مدرسي" جو وڏو لائق فائق استاد ٿيو. سندس مشھور شاگرد ھڪ پير محمد اشرف ڪاماري وارو، جيڪو پڙھڻ لاءِ پيدل ايندو ھو ۽ ٻيو مولوي محمد اشرف ڪاڪيپوٽو جيڪو پوءِ وڏو مدرس بڻيو.
- ميان محمد يوسف ڪنياروي.
- ميان محمد متعلوي.
- ميون محمد يوسف ملاڪاتيارن وارو.
- ميون مولوي ولي محمد (ميين محمد يوسف جو پاٽيو، ملاڪاتيارين جي ھاٽوڪي بزرگ مرحوم محمد اسحاق جو ڏاڏو).

مٽيارين جا کي ٻيا وڏا عالم ۽ استاد ھينئيان ھئا:

- سيد شهمير شاهه، شاگرد هو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو.
- مخدوم محمد ابراهيم متعلوي، هُو 9 سال ڪابل ۾ شاهه محمد ضياءالحق جي صحبت ۾ رهيو.
- ميان عبدالواحد متعلوي (مخدوم ابراهيم جو پٽ) جيڪو لس ٻيلي جو قاضي ٿيو. 23- جمادي الاول سنه 1315هه ۾ وفات ڪيائين.
- ميان عبدالولي متعلوي، ولايت جو صاحب هو.
- مولوي لعل محمد متعلوي، جيڪو ميان عبدالولي جو شاگرد هو. پاڻ مدرسو هلايائين ۽ سندس ڪيترائي شاگرد ٿيا. پير دائود جي قبرستان ۾ مدفون آهي.
- ميان عنايت الله متعلوي، شاگرد ميان عبدالولي جو، عالم هو.
- ميان هدايت الله متعلوي، ميان عنايت الله جو ڀاءُ، عالم هو. سندس مدرسو هو ۽ سندس شاگرد ٿيا.
- ميان محمد اسماعيل (ميان هدايت الله جو مامو) جو پنهنجو مڪتب هو.
- ابوالقاسم مٽياروي عالم هو.
- محمد ابراهيم مٽياروي عالم هو.
- قاضي عزيزالله قرآن شريف جو ترجمو ڪيو ۽ قاضي شاڪر ۽ قاضي ذاڪر عالم هئا:
- حافظ جمعو ميمڻ عالم هو، ڪورڪو ڏنڌو ڪندڙ ۽ وڏو درويش هو.
- سخي رڪن الدين شاهه جي اولاد مان سيد پير حاجي چٽن شاهه عالم هو.
- حاجي محمد مد شاهه مٽياروي عالم هو. مولوي لعل محمد وٽ پڙهيو.

مخدوم عبدالباقي اگهاماڻي مشهور عالم هو. مٽيارين ۾ ايندو هو ۽ وعظ ڪندو هو. قاضي احمد سونڊوي (سونڊن جو) وڏو عالم هو. چاءِ گهڻي پيئندو هو ۽ استاد چيس ته تون ته "بخاري" آهين (يعني بخارا جو، جيڪو گهڻو چاءِ پئي) پوءِ قاضي احمد بخاري سڏجڻ لڳو. پاڻس قاضي محمود به عالم هو. مخدوم محمد محفوظ سونڊوي، قاضي احمد جو والد يا وڏو ڀاءُ هو.

مولوي محمد ابراهيم ڪانياواڙي، اصل جهونا ڳڙهه طرف جو، نقشبندي طريقي جو هو. مخدوم محمد محفوظ، قاضي احمد ۽ ٻيا سونڊن وارا سندس مريد ٿيا. لڏي اچي سونڊن ۾ وينو هو ۽ وفات ئي اتي ڪيائين.

علامه حاجي عبدالهادي جام نگري، ڏوري ناري طرف آيو. حافظ عبدالقادر پلي جيڪو وڏو بزرگ هو، تنهن وٽ مهمان ٿي اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. ڏوري ناري جي پڙ ۾ ديبي جي مقام ۾ رڪيل آهي. سندس بياض هو، جيڪو پير غلام رسول صاحب پاڻ ڏٺو. مولوي محمد عيسيٰ جام نگري شاگرد هو علامه حاجي عبدالهادي جام نگري جو.

ڏاسوڙي وارا ميان، تن مان ميون فقير محمد وڏو مشهور حڪيم هو ۽ ڏاسوڙي ۾ وفات ڪيائين. ڏاسوڙي مان هت مٽيارين ۾ ميون محمد اڪرم آيو.

سادات ڪيس هٿ وٺي آيا. ميان فقير محمد جو پاءُ ميان عزيزالله، مولوي هدايت الله وٽ پڙهيو ۽ عالم هو.

## فارسيءَ جا شاعر

آخوند محمد بچل "انور" مٽياروي وڏو شاعر هو. ميرن جو وزير هو ۽ سنڌ طرفان ايران ۾ سفير ٿي ويو. قنوج (هندستان) بہ ويو هو. هتان ڪنهن چيو هوس تہ اتان حقو وٺي اچجو. حقو آندائين، پر ڪيس گهر ڪنڌڙ ڪي ڏيڻ وسري ويو. تنهن تي ان ڏانهس شعر لکي موڪليو تہ:

صاحبا! حقۀ قنوج ڪجا — نئي ڪہ راحت رسانِ روح ڪجا
گرچہ در وعده ات خلافي نيست — صبرِ ايوب، عمر نوح ڪجا

پوءِ معذرت سان ڪيس حقو ڏياري موڪليائين.

- آخوندن مان آخوند لطف علي، آخوند يار محمد فائق، آخوند عبدالحميد شاعر هئا.
- قاضي محمد مقيم قانونگو شاعر هو.
- هدايت الله مشتاق ۽ ميان عبدالواحد متعلوي شاعر هئا.
- ميان عبدالڪريم درس، اصل ڏيپلي جي طرف جو، هاڻي سندس پوين -مان ڪراچي جي "مدرسہ درسيہ" ۾ آهن.
- پير محمد امير جان سرهندي مٽياروي، تخلص "امير" وڏو شاعر هو. پوءِ هو ڪڏي (ڪراچي) ۾ وڃي ويٺو.
- غلام نجم الدين سرهندي مٽياروي، تخلص "نجمي"، صاحب ديوان "گلدسة ڪرامات"- پاڻ ۽ پير محمد امير جان ٻئي مولانا حسن الله پاٽائي جا شاگرد هئا. نجمي جو چيل شعر تہ:

از رويءِ ڪرم ربّ ازلي — بر لوح دلم بنوشته جلي
سر مشق ز عشق چهار ولي — بوبڪر و عمر عثمان علي

سرهندي بزرگن مان:

محمد حسين جان، تخلص "سرهندي" وڏو شاعر هو. سندس شعر ساماري جي پير محمد ابراهيم جان گڏ ڪيو آهي.

محمد اسماعيل جان "روشن".

رفيع الدين شڪارپوري "رفيع".

خواجہ نظام الدين جنهن جو ذڪر محمد ابراهيم خليل جي "تڪملہ" ۾ موجود آهي. پير غلام رسول صاحب جو حافظو وڏو هو. فارسي ۾ ڪيترائي شعر پڙهيائين. آخوند محمد بچل "انور" جو هڪ وڏو شعر پڙهيائين. پاڻ فارسي توڙي عربي جو شاعر هو ۽ ٻنهي زبانن ۾ منظوم ڪيل تاريخي قطعا سندس مرتب ڪيل "لذة الارواح" ۾ ڏنل آهن.

[ٽہ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، 1990/4ع]

# 5 حضرت شاهه صدر عليه الرحمة

سنڌ جي سرزمين هزارها اوليائن ۽ عارفن جو آرامگاهه آهي. ڪيترن ئي پلارن بزرگن، پنهنجا وطن ترڪ ڪري، هن ملڪ کي پنهنجو آخري وطن بنايو ۽ ان کي پنهنجي روحاني فيض سان مالامال ڪيو. انهن پلارن بزرگن مان هڪ سلسلو انهن سادات ڪرام جو هو، جي تقريباً 4- 6 صديءَ ۾ سنئون سڌو مڪي شريف مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا.

سادات سنڌ جي مشهور "لڪياري" قبيلي جو وڏو ڏاڏو، سيد علي مڪي، بہ مڪي شريف جي انهن پلارن بزرگن مان هو، جنهن سيوستان پرڳڻي ۾، ڀڳي ٺوڙي جبل جي دامن ۾، درياهه لڳ هڪ پر فضا مگر خاموش بستيءَ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. اها بستي ڀڳي ٺوڙي جبل ۽ درياهه جي وچ واري سوڙهي لڪ (لڪي) جي دامن ۾ هئي، جو سيد علي جي نالي سان "لڪ- علوي" سڏجڻ لڳو ۽ سيد علي مڪيءَ جو اولاد بہ "لڪياري سادات" (لڪيءَ وارا سيد) جي نالي سان مشهور ٿيو.

"تحفة الڪرام" ۾ مير علي شير "قانع" لکي ٿو تہ: "پهريون سيد جيڪو اتي وڃي رهيو، سو سيد علي، بن سيد عباس، بن سيد حسين، بن سيد ارشد، بن سيد زيد، بن سيد جعفر، بن سيد عمران، بن سيد هارون، بن سيد عبدالله اشرف، بن قاسم، بن عبدالله، بن امام موسيٰ ڪاظم، آهي". سيد علي مڪيءَ جي روحاني فيض بابت لکي ٿو تہ: "سيد جي اچڻ کان ٿورو اڳ، دلوراءِ جي ظلم کان، اروڙ ۽ پانڀرا (برهمڻ آباد) جا شهر ويران ۽ برباد ٿي چڪا هئا. دلوراءِ، پنهنجي پاءُ چِٽي بن آمر جي هدايت ڪرڻ تي، برن ڪمن کان توبهہ تائب ۽ پشيمان ٿي، اچي سيد صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي نياٽيءَ جو سڱ سندس نڪاح ۾ ڏنائين". مير علي شير جي روايت موجب، اهو واقعو تقريباً چوٿين صدي هجريءَ ۽ سومرن جي اوائلي دور جو آهي. ممڪن آهي تہ سيد علي رحمة الله عليه جي سنڌ ۾ هجرت چوٿين صدي هجريءَ جي بلڪل آخر ۾ ٿي هجي، مگر پنجين صدي هجريءَ ۾ سندس اچڻ زياده قرين قياس آهي. بهرحال سيد علي بلڪل آڳاٽن عارف بالله بزرگن مان آهي، جنهن سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪري، ان کي پنهنجي روحاني فيض سان نوازيو.

"تحفة الڪرام" ۾ ڄاڻايل آهي تہ سيد عليؒ کي چار پٽ ٿيا: (1) سيد محمد (2) سيد مراد (3) سيد حاجي عرف پرڪيو ۽ (4) سيد ڇگو. پڻ مير

علي شير "قانع"، شاهه صدر جو نالو "سيد صدرالدين عرف صدر بن سيد محمد" ڄاڻايو آهي: جنهن جي معنيٰ ته شاهه صدرؒ سيد علي مڪيءَ جو پوٽو هو.

خواجه معين الدين چشتي اجميريءَ جي ملفوظات (جنهن کي خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي جمع ڪيو آهي) ۾ ڄاڻايل آهي ته خواجه صاحب پنهنجي مرشد خواجه عثمان هارونيءَ سان گڏ سيوستان جي سفر ۾ شامل هو، جتي هڪ درويش شيخ صدرالدين محمد احمد سيوستانيءَ سان سندن ملاقات ٿي. خود خواجه عثمان هارونيؒ جي ملفوظات (جنهن کي خواجه معين الدين چشتيءَ جمع ڪيو آهي) ۾ ساڳئي "شيخ سيوستاني" جو ذڪر آندو اٿس.

بزرگن جي ملفوظات جا مٿيان حوالا ڪافي قديم آهن، ۽ جيڪڏهن اهي صحيح آهن، ته پوءِ هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا: (1) غالباً "صدرالدين" شاهه صدر جو لقب هو، سندن نالو محمد هو ۽ سندن والد جو نالو "احمد" هو- جنهن جي معنيٰ ته "تحفة الڪرام" واري حوالي ۾ "سيد محمد" جي بجاءِ "سيد احمد" هئڻ گهرجي. (2) ڪتاب "بزم صوفيه" ۾ ڄاڻايل آهي ته خواجه معين الدين اجميريءَ سن 561 هجريءَ ۾ آخري طور اچي اجمير ۾ سڪونت اختيار ڪئي: ان کان ڪجهه اڳ هو پنج سال کن ملتان ۾ اچي رهيو ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ عرصي ۾، يا ان کان به اڳ، پنهنجي مرشد خواجه عثمان هارونيءَ سان گڏ، سيوستان جي سفر تي آيو هجي. انهيءَ لحاظ سان، "شيخ صدرالدين محمد" سان سندس ملاقات تقريباً ڇهين صديءَ جي وچ ڌاري ٿي. ان وقت شاهه صدر بلڪل پير مرد هو ۽ جيڪڏهن سندس عمر سؤ سال کن هجي ته پوءِ سندس ولادت پنجين صديءَ جي وچ ڌاري ٿي هوندي. جيڪڏهن سندن ولادت وقت سندن والد جي عمر ٽيهه سال سمجهجي، ته پوءِ سندن والد جي ولادت تقريباً سن 520 هجريءَ ڌاري ٿي هوندي: جنهن جي معنيٰ ته جناب سيد علي مڪيءَ جي دلوراءِ جي نياڻيءَ سان شادي به سن 520هه کان ڪجهه وقت اڳ ٿي هوندي ۽ سيد علي مڪي پنجين صديءَ جي بلڪل آخر، يا ڇهين صديءَ جي بالڪل شروع ڌاري سنڌ ۾ آيو هوندو.

جيئن مٿي بيان ٿيو- خواجه معين الدين اجميريءَؒ جي ملفوظات "دليل العارفين" (صفحو 14) ۾ سڄو نالو "شيخ صدرالدين محمد احمد سيوستاني" ڏنل آهي. خواجه عثمان هارونيءَ، خواجه معين الدين چشتيءَ ۽ خواجه فريدالدين گنج شڪر- انهن مڙني عارفن هن بزرگ جي زيارت ڪئي ۽ ڪانئس فيض حاصل ڪيو. هنن مڙني عارفن جي ملفوظات ۾ هن بزرگ جو ذڪر آهي ۽ مڙني ڪيس "سيوستان" (نه "سيستان) جو ڪري لکيو آهي. سيوستان يعني سيوهڻ جي گرد و نواح ۾ "صدرالدين" نالي وڏو درويش

فقط ”شاهہ صدر“ ئي ٿي گذريو آهي؛ ازانسواءِ جنهن زماني ۾ مٿين بزرگن سندس زيارت ڪئي آهي، اهو زمانو بہ سيد صدرالدين (شاهہ صدر) رحمة الله عليه جو زمانو آهي. هيٺ اسين درويش صدرالدين بابت مٿين بزرگن جي ملفوظات جون عبارتون مختصر طور نقل ڪريون ٿا:

(1) ”انيس الارواح“، يعني ملفوظات خواجہ عثمان هارونيؒ جنهن جو جامع خواجہ معين الدين چشتي آهي، تنهن جي صفحي 12 تي ڄاڻايل آهي تہ خواجہ عثمانؒ فرمايو تہ: ”اي درويش! هڪ دفعي آءٌ سيوستان طرف سفر ۾ هوس. سيوستان ۾ هڪ غار اندر هڪ درويش ڏٺم، جنهن کي ’شيخ سيوستاني‘ ڪري ٿي سڏيائون، جو پير مرد هو. آءٌ وٽس ويس تہ مون سر جهڪايو ۽ بزرگ فرمايو تہ ’ڪنڌ مٿي ڪڻ‘. چيائين تہ ’اي درويش! اڄ تائين تقريباً ستر سالن جو عرصو گذريو آهي، جو سواءِ خدا جي ٻيءَ ڪنهن بہ شيءِ ۾ آءٌ مشغول نہ ٿيو آهيان: جيڪڏهين توکي بہ خدا سان محبت جي دعويٰ آهي، تہ پوءِ ڪائنس سواءِ ٻئي ڪنهن بہ ڪم ۾ مشغول نہ ٿج‘- الخ“.

(2) ”دليل العارفين“، يعني ملفوظات خواجہ معين الدينؒ جنهن جو گڏ ڪندڙ خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪيؒ آهي، ان جي صفحي 14 تي ڄاڻايل آهي تہ خواجہ صاحب فرمايو تہ: ”هڪ دفعي آءٌ خواجہ عثمان هارونيءَ سان سيوستان جي سفر ۾ گڏ هوس؛ اتي هڪ جهوپڙيءَ ۾ شيخ صدرالدين محمد احمد سيوستانيءَ کي ڏٺم، جو ياد الاهي ۾ بيحد مشغول هو ۽ هڪ عمر رسيده شخص هو. آءٌ کي ڏينهن سندس صحبت ۾ رهيس. جو بہ ماڻهو جهوپڙيءَ ۾ آيو ٿي، سو خالي ڪونہ ٿي موٽيو... چيائين پئي تہ ’جيڪڏهن آءٌ قبر ۾ پنهنجو ايمان سلامت ڪڻي ويس تہ ڄڻ وڏو ڪم ڪيم‘. چيائين تہ ’عزيزو‘ هڪ دفعي بصري ۾ مون هڪ شخص کي ڏٺو، جو ياد الاهيءَ ۾ مشغول هو‘- الخ“.

(3) ”اسرارالاولياء“، يعني ملفوظات خواجہ فريدالدين گنج شڪرؒ جنهن جو گڏ ڪندڙ خواجہ بدر اسحاقؒ آهي، ان جي صفحي 20 تي ڄاڻايل آهي تہ خواجہ گنج شڪر فرمايو تہ: ”هڪ دفعي آءٌ سيوستان ۾ مسافر طور ٽڪيل هوس ۽ مون سان ڪي ٻيا درويش بہ هئا. شهر کان ٻاهر هڪ غار ۾ هڪ درويش ياد الاهيءَ ۾ بيحد مشغول هو. جڏهين آءٌ وٽس پهتس، تڏهن ڏٺم تہ تلاوت ۾ مشغول هو. جڏهين فارغ ٿيو، تڏهين چيائين تہ ’اي عزيزو، آءٌ ويهن سالن تائين سير ڪندو رهيس؛ هڪ دفعي هڪ بزرگ کي ڏٺم، جو جبل ۾ هڪ جهنگل اندر رهندو هو (۽ الله پاڪ کيس روزي رسائيندو هو)- جنهن چيو تہ ’ڏس، الله تعاليٰ هن طرح روزي ٿو رسائي‘. اها ڳالهہ جا هن بزرگ ڪئي، سا مون غور سان

ٻڌي، (۽ ان بعد آخر) هن جاءِ تي اچي ويهي رهيس. اڄ ٽيهه سال گذري چڪا آهن، جو مون کي عالم غيب مان روزي ملي ٿي- الخ“.

(4) ”راحت القلوب“، جا پڻ خواجه فريدالدين گنج شڪر جي ملفوظات آهي، پر ان جو جامع محمد نظام الدين بدايونيؒ آهي، تنهن جي صفحي 64 تي ڄاڻايل آهي ته خواجه صاحب فرمايو ته: ”هڪ دفعي آءٌ سيوستان ۾ مسافر هوس، اتي جي بزرگن ۽ عارفن سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ هئي؛ هڪ ڏينهن شيخ محمد سيوستانيءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس؛ هو ولايت جو صاحب هو؛ سلوڪ جي باري ۾ گفتگو ٿي،....... ته هڪ شخص آيو، جو سلام ڪري اچي ادب سان ويٺو. شيخ محمد سيوستانيءَ ڪيس ڏسندي ئي درويش کي چيو ته ’حاجتمند آيو آهي‘. ان شخص سر نمائي چيو ته ’بيشڪ‘. بزرگ صاحب فرمايو ته ’هيءَ آيت وجي پڙهه، خدا تعالىٰ پٽ عنايت ڪندءِ‘- الخ“.

محض قرائن جي بناء تي، پانئجي ٿو ته انهن ملفوظاتن جا اهي حوالا شاهه صدر عليه الرحمة بابت آهن ۽ سندس بلند عارفانه مقام تي شاهد آهن. انهن حوالن کان سواءِ به شاهه صدرؒ جي بزرگيءَ درويشيءَ جي تصديق خود سنڌ جون مقامي روايتون به ڪن ٿيون. هڪ قديم چوٽي مشهور آهي ته: ”ڪٿي شاهه صدر، ڪٿي شهباز قلندر“- ان مان گمان نڪري ٿو ته قلندر شهباز، جو شاهه صدر کان پوءِ اچي سيوهڻ ۾ ساڪن ٿيو، تنهن کي به شاهه صدر کان روحاني فيض حاصل ٿيو، ۽ انهيءَ ڪري مٿس رجوعات ٿي.

”تحفة الڪرام“ ۾ مير علي شير ”قانع“ لکي ٿو ته شاهه صدر جو اولاد سنڌ ۾ برگزيده خاندان ۽ اصل گهراڻي هجڻ ۾ مشهور ٿيو آهي. سندس ڪجهه اولاد سيوستان ۾ رهي ٿو ۽ ٻيا سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙيل آهن. سندس اولاد مان سيد محمد پنهنجي وقت جو ڪامل ولي هو. سندس وفات جي تاريخ هن سٽ مان نڪري ٿي: ”درود خدا بر محمد بود“ (1125هه).

شاهه صدر جي اولاد مان، مير علي شير ٻين به گهڻن ئي بزرگن جا نالا ڏنا آهن. جن مان ڪي وڏا درويش هئا ۽ ڪي وري پنهنجي وقت ۾ وڏي رسوخ وارا هئا. سيد ابوبڪر هڪ وڏو درويش هو ۽ شاهزادي محمد مظهرالدين به سندس خدمت ۾ حاضر ٿي ڪانئس دعا گهري. مير لطف الله بن سيد عبدالڪريم خود مير علي شير ”قانع“ جو همعصر هو، جو پهريائين دهليءَ طرفان وڪيل هو ۽ پوءِ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جو وڏو وزير ٿيو. سيد مرتضىٰ ولد سيد عبدالغني وڏو شاعر هو ۽ مير غلام علي ”آزاد“ بلگراميءَ جو شاگرد هو. سندس وفات به مير علي شير ”قانع“ جي وقت ۾ ٿي.

مير علي شير ”قانع“، شاهه صدر عليه الرحمة ۽ سندس اولاد بابت اهي مٿيان حالات پنهنجي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ لکيا، جو هن سن 1182هه ۾ لکي پورو ڪيو. ان وقت شاهه صدرؒ جي اولاد مان هڪ نونهال نينگر ٻارهن ورهين جي عمر جو هو، جو اڳتي هلي پنهنجي وقت جو وڏو عارف بالله ۽ ولي ڪامل ٿيو. اهو جناب حضرت پير محمد راشد عليه الرحمة هو. پاڻ سن 1170هه ۾ تولد ٿيا ۽ سن 1233هه ۾ دارالبقا ڏانهن لاڏاڻو ڪيائين ۽ پنهنجي روحاني فيض سان سنڌ کي سيراب ڪيائون. هن وقت جناب حضرت سڪندر شاهه پير صاحب پاڳاره، شاهه مردان شاهه ثاني، هن برگزيدي خاندان جو سجاده نشين آهي، جن جي محبت ۽ توجهه سان شاهه صدر عليه الرحمة جي درگاهه آباد ٿي رهي آهي ۽ ياد تازه ٿي رهي آهي.

[رسالو ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2-1957/1ع]

❑

# 6 خواجہ محمد زمان لواريءَ وارو

اڄوڪي ڏينهن تي جيڪا محفل مچائي وئي آهي، سا اسان جي سنڌ جي هڪ ڀلاري بزرگ خواجہ محمد زمان صاحب (قدس سره) جي ياد ۾ آهي، مون کان اڳ ۾ سنڌ جي عالمن ۽ قابل دانائن خواجہ صاحب (قدس سره) جن جي سوانح، فڪر، خاندان ۽ طريقي تي ڪافي روشني وڌي آهي. آءٌ نٿو سمجهان تہ ان تي وڌيڪ اضافو ٿي سگهي ٿو. صرف هڪ ٻہ ڳالهہ ڪرڻ ضروري آهي:

پهرين ڳالهہ تہ، جيڪي اسان جا ولي ۽ درويش هئا، جن کي عام طرح اسان صوفي سڏيندا هئاسين، وقت جا مرشد چئون. انهن جا طريقہ بيشڪ جدا جدا هئا. جيئن ذڪر ٿي چڪو آهي. سهروردي، نقشبندي، قادري ۽ چشتي وغيره. ليڪن انهن هڪبئي سان محبت، هڪبئي جي عزت، هڪبئي جي ادب جو سبق ڏنو آهي، جو ياد ڪرڻ تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ جو انهن جو ئي ڏنل سبق اسان لاءِ ڪارگر ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هڪ ٻئي لاءِ عزت ڪانهي، هڪ ٻئي جو ادب ڪونهي تہ پوءِ باقي اسان ڪيڏا نہ پڙهي قابل ٿي پئون، جيڪر اسان وڏا نوڪرين وارا ٿي پئون، اسان وڏا شاهوڪار ٿي پئون، پر ڳالهہ مان ورندو ڪجهہ بہ ڪونہ، جيڪر اسان ۾ اخلاق ڪونهي، اسان ۾ فضيلت ڪانهي اها انهن بزرگن سيکاري ۽ ادب واري ڳالهہ لاءِ اسان جي نبيءَ ڪريم ﷺ بہ اسان کي سبق ڏنو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: ”ادب في ربي فا حسن تاديبي“ الله تعالىٰ مون کي ادب سيکاريو، سهڻو ادب سيکاريو.“ اهائي ڳالهہ اسان جي بزرگن وٽ هئي. نالو وٺندا هئا تہ نهايت ادب سان، ٻئي جي ڳالهہ ڪندا هئا تہ نهايت ادب سان. هڪ ٻئي لاءِ ضد ڪونہ هوندو هو، طريقا هئا مگر ضد ڪونہ هو.

اڄڪلهہ اسان جي اسلامڪ سوسائٽي ۾، اسان جي معاشري ۾ تصوف جا طريقہ تہ ڇڏيو، پر جيڪي ديني سلسلا آهن: انهن ۾ بہ ڪيڏو ضد ٿي پيو آهي. انهي ضد کي ڪيئن دفع ڪجي؟ اهو جيڪو سبق سکڻو آهي تہ اسان جي صوفين سڳورن کان سکڻو آهي. جو هو طريقو مڃائيندا هئا تہ بہ ڪا ڳالهہ ڪانہ هئي. جيئن اسان جي مولانا قاسمي صاحب چيو تہ خود لواري وارن بزرگن جو طريقو اڳ ۾ سهروردي هو. شيخ حاجي عبداللطيف صاحب پهريان بزرگ آهن، جن سهروردي طريقي مان وري نقشبندي طريقو اختيار ڪيو. پاڻ لواري شريف کان نڪتي پڙهڻ آيا تہ جن بزرگن وٽ پاڻ اچي پڙهيا سي نقشبندي هئا ۽ ان کان پوءِ سندن فرزند خواجہ صاحب جنهن جو اڄ اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون. انهي ئي نقشبندي طريقي کي اڳتي وڌايو. اتي هڪڙو عرض اهو بہ آهي تہ نقشبندي طريقو تمام وڏو آهي ۽ اوهان سمورن کي خبر آهي تہ جناب حضرت مجدد الف

ثاني ڪان هي طريقو اسان وٽ سنڌ ۾ آيو. ۽ پهرين ٺٽي ۾، تنهن کان پوءِ لواري شريف ۾، پر لواري شريف جي بزرگن ۽ درويشن نقشبندي سلسلو هلايو آهي انهي کي هڪڙي خصوصيت حاصل آهي، اها خصوصيت، اها فضيلت گرهوڙي رحه صاحب جي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿي جيئن مولانا صاحب چيو:

بيشڪ هي نقشبندي طريقو هو، پر هي نقشبندي طريقو ڪهڙو؟ 'هاڪينيه' چئون! شيخ محمد ابوالمساڪين کان، يا 'زمانيه' چئون! يا 'لواريه' چئون! خاص هڪڙو سبق آهي، انهي فڪر جون ڳالهيون اچي چڪيون آهن، وڌيڪ نٿيون ڪري سگهجن. اسان جي دوست علي نواز جتوئي صاحب خواجه (قدس سره) صاحب جن جا بيت پڙهيا ۽ ان جي فڪر جون ڳالهيون ڪيون، پر خاص به نڪتا آهن خواجه صاحب جا، جيڪي تمام اعليٰ ۽ افضل آهن. 'حقيقت محمدي' جو ذڪر ڪيو، اسان جي پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، انهي کان پوءِ وڏو هڪڙو سلسلو آهي، وڏي هڪڙي فڪر جي ڳالهه آهي ۽ جماعت لواري وارن ۾، هتي گهڻا جماعت وارا ويٺا آهن. پير صاحب جن به ويٺا آهن، "ڪُل" لکيو ويندو آهي.

"ڪُل" جو لفظ وڏي فڪر وارو آهي. ڪهڙي طريقي سان ڪيئن آيو؟ سيد رفيق علي شاهه هڪڙو وڏو درويش هو جنهن ڪتاب لکيو آهي 'لطفية التحقيق' اهو شيخ حاجي عبداللطيف وٽ ويو همدردي لاءِ جڏهين ساڻن تڪليفون ٿيون ۽ چيائين "سائين آءٌ اوهان لاءِ ڪجهه ڪريان، ڪنهن وٽ وڃان." ته شيخ حاجي عبداللطيف قرآن شريف جي هڪڙي آيت پڙهي، "قل ڪل من عندالله" چئو ته سڀ ڪا ڳالهه الله وٽان آهي، تنهن کان پوءِ بيت پڙهيو، اسان جي جتوئي صاحب، خواجه صاحب جن جو ته:

"جزي جائز ناهه، ڪل ري ڪنڻ ڏينهڙا."

جزو ۽ ڪل، قطرو ۽ بحر، جزو جيڪو انسان آهي، ڪي انهي واحد ۽ ڪائنات جي خالق جيڪو 'ڪل' آهي. سان ئي ملڻو آهي، اهو جيڪو فلسفو ۽ فڪر آهي انهن کي مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحه صاحب تمام سهڻي نموني سان سينگاريو، سنواريو ۽ بيان ڪيو آهي. سندن رسالو آهي جنهن کي عام طرح سان اسان "گل نما" چوندا آهيون، پر حقيقت ۾ هن جو نالو 'ڪل نما' هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو انهي رسالي ۾ مخدوم گرهوڙي صاحب رحه 'ڪل' جي ماهيت۽ 'ڪل' جو فلسفو سمجهايو آهي، گرهوڙي صاحب جا به به ڪتاب آهن سي به وڏي فڪر وارا آهن ۽ جيئن علامه قاسمي صاحب جن چيو ته پير صاحب جن ان شاءالله انهن ڪتابن کي ترجمو ڪرائي انهن کي وڌيڪ پڌرو ڪندا ته جيئن نقشبندي طريقو سنڌ ۾ جيڪو خاص طرح سان خواجه صاحب جن کان اڳتي هليو ۽ ان جي جيڪا خاص خصوصيت آهي، اهميت آهي يگانگت آهي سا معلوم ٿي سگهي.

سنڌ جيڪا ولين جو گهر آهي، هت وڏا وڏا درويش هر طريقي جا ٿي گذريا آهن ۽ انهن تي فڪر ڪرڻ، انهن تي سوچڻ وڏي سعادت آهي ۽ اڄ اهو سعادت جو ڏينهن آهي، جو اسان هتي گڏ ٿي اهي ڳالهيون ڪريون ٿا.

آءٌ نهايت ممنون آهيان ۽ شڪرگذارآهيان پير صاحب جن جو ۽ تنظيم جو جن مهرباني ڪري مون کي دعوت ڏني ۽ اها مون کي سعادت نصيب ٿي، جو هن جلسي ۾ اوهان سان گڏ مون ٻہ سنيون سنيون ڳالهيون ٻڌيون. مهرباني السلام عليڪم

(تقرير ڪيسٽ تان ورتل)

[ماهوار ”پيغام“ ڪراچي، اپريل 1987ع]

❑

# 7 دڙي جا بخاري سادات

شهر دڙو، تعلقي ميرپور بٺورو ۾ واقع آهي، دڙي جا بخاري سادات اُچ جي بزرگن جي اولاد مان آهن. وڏو بزرگ هاشم شاهه هو، جيڪو دڙي کان ٻه اڍائي ميل اُتر طرف ديهه ڏاچڙي ۾ مدفون آهي. هاشم شاهه جو پٽ شريف شاهه، جنهن جو پٽ ياسين شاهه عرف 'مقيم' جنهن جا چيل مولود مشهور ٿيا. ياسين شاهه، ماجر ۾ ديهه مرادپور ۾ مدفون آهي.

ياسين شاهه فارسي جو استاد ۽ طبيب هو ۽ ميرن جي دور ۾ ٿي گذريو ماڻهن جانورن گهوڙن جا علاج ڪيائين. ڪانئس پوءِ گهوڙن جي علاج ۾ سندس پٽ روشن علي شاهه مشهور ٿيو ۽ پوءِ پيڙهي به پيڙهي هي سادات گهوڙن جا طبيب ٿيندا آيا.

ياسين شاهه جا فرزند، ٽالپورن جي دور کان وٺي وڏا مشهور حڪيم به ٿيا، سندن شجرو هن ريت آهي:

**ياسين شاهه**

احمد شاهه (حڪيم) ← حيدر شاهه (حڪيم) ← احمد شاهه (حڪيم)

روشن علي شاهه (گهوڙن جو وڏو حڪيم) ← عيدن شاهه (گهوڙن جو وڏو حڪيم) ← ملوڪ شاهه (گهوڙن جو وڏو حڪيم)

احمد شاهه ۽ سندس وڏا علم وارا هئا. احمد شاهه وٽ وڏو ڪتبخانو هو. ميرپوربٺوري تعلقي ۾ 'ڪوٽ عالمي' وارا عباسي بزرگ به علم وارا ٿي گذريا آهن. ڪوٽ عالم، دڙي کان ٻه ميل اُتر اولهه آهي. وڏو ميون عبدالرحيم عباسي ميرن صاحبن جي دور ۾ ٿي گذريو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد اٺون)
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 2008ع]

# 8 سنڌ جا اڳيان عالم، عارف ۽ علمي درسگاهون

اسلامي دور جي تاريخ ۾ سنڌ ۾ وڏو علم هو ۽ تعليم جو معيار مٿانهون هو، جنهن ڪري سنڌ جو مان مٿانهون هو. گهڻن علمي گهراڻن ۽ عالمن فاضلن جو ذڪر تفصيل سان بيان نہ ٿيو آهي ۽ ڪن جو تہ ڪنهن ڪتاب ۾ بہ نہ آيو آهي. هن عنوان هيٺ ڪن وڏن عالمن ۽ عارفن جو ذڪر ٿيندو.

## 1- نوح هوٿياڻي:

تاريخي حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ درويش نوح هوٿياڻي ائين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ زنده هو ۽ ڄام تماچي کي دعا ڪيائين. سندس مزار ’ڳوٺ نوح فقير هوٿياڻي‘ عرف ڳوٺ جان محمد فقير نوح پوٽو، حيدرآباد هالن واري شاهي رستي جي ويجهو اوڀر طرف تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ آهي.

’نوح هوٿياڻي‘ نالي مان ظاهر آهي تہ وڏي نوح فقير جي پيءُ جو نالو هوٿي هو. اهو نالو پوءِ نوح فقير جي اولاد ۾ بہ هلندو آيو. نوح فقير کي ’ڪيبراڻي جو ولي‘ بہ چون. ’ڪيبراڻي‘ هڪ وڏي ايراضي هئي[1]. جنهن جو مرڪز شهر ’ڪيبراڻو‘ هو[2]. جنهن جي وچان شاهي رستو لنگهي ٿو. تاريخ 21 جنوري 1967ع تي راقم ڳوٺ جان محمد فقير نوح پوٽي ۾ وڃي وڏي نوح فقير هوٿياڻي بابت پڇيو ۽ پڻ سندس مقام ۽ مزار کي ڏٺو. اتي ميرل فقير نوح پوٽي (ميزبان) امام علي فقير، پيرل فقير، الله بخش، حاجي گل محمد ۽ ٻين سان رهاڻ ٿي.

چيائون تہ اڳين روايت جيڪا هلندي اچي ان موجب، وڏو نوح فقير قادري طريقي جو هو ۽ اُچ ۾ حضرت بادشاهہ پير جي اولاد مان ڪنهن بزرگ سان سندس بيعت هئي. ٻي روايت موجب پهريائين نوح فقير جو تعلق غوثي طريقي سان هو، پر پوءِ قادري طريقي ۾ آيو. امام علي فقير (عمر 65-70 سال) چيو تہ: نوح فقير کي چار پٽ ٿيا: جلال الدين جيڪو سنڌ کان ٻاهر هليو ويو ۽ سندس اولاد هت ڪونهي، ٻيو جڳسين عرف نندو نوح (جنهن جي رانڪ وڏي نوح فقير جي قبي کان ٻاهر جدا ڏکڻ طرف)، ٽيون پکردين جنهن جي قبر نوح

---

[1] ڪيبراڻي جي وڏي وسيع ايراضي جون حدون شفياڻي (براج کان اوڀر) ڪوٽڙي (جاڙن واٽر ڪورس وارو ٻاگو) اُتر ۾ خداآباد، اوڀر ۾ حيدر شاهہ (اڏيري کان اُتر)، ويندي ٿنڀي آدم جي اولهہ ساڄن ماڃورو ۽ گل گجڻ (اڳئين وقت جا فقير جن جون مزارون ٿنڀي آدم کان بہ ميل ڪن اولهہ طرف ٿائين).

[2] ڪيبراڻو هاڻي انهن پڊن تي خاصخيلين جو ڳوٺ(جاڙن واٽرن کان ڏکڻ علي بحر واهہ جي ڪپ تي اصل اهو ’جادي لغاري‘ جو ڳوٺ هو.

فقير وڏي سان گڏ ساڳئي قبي ۾ ۽ چوٿون آرادين جنهن جي تربت نوح فقير جي قبي ڪان ٻاهر اُترين ديوار سان لڳو لڳ. انهن جو اولاد ’نوح پوٽا‘، جن مان ٿي گهر جيڪي موجوده ڪيبرن جي ڳوٺ ۾ آهن سي ’ننڍي نوح فقير‘ جڳسين جو اولاد آهن، باقي ٻيا سڀ نوح پوٽا پڪردين جو اولاد آهن.

ٽالپورن جي دور کان وٺي جيڪا يادگيري آهي ان موجب، سوڀو فقير وڏو درويش ۽ پڳدار هو، جيڪو ’آري سوڀو‘ سڏجي: سندس تربت ”آڄُب فقير جي مقام“ (شاهي رستي تي ڪنڊ‍ڙو واري چوڏڳي جي پرسان رستي جي اوڀر طرف) ۾ آهي. سندس پاڻڇ ولي محمد شاهه ميرن صاحبن جي دور ۾ فوج جو سپه سالار هو.

وڏي نوح فقير جو ميلو 27، 28 ۽ 29 صفر مهيني جي لڳي، جنهن تي غوثي طريقي جو سماع ٿئي. پوين بزرگن جو غوثي طريقي سان تعلق رهيو. غوث جو خليفو منو فقير هالو، نوح فقير جي مقام ۾ اوڀر طرف مدفون آهي ۽ سندس تربت تي نالو لکيل آهي:

منو فقير هالو غوث جو خليفو تاريخ وصال مرحوم

منهه فقير عليه الرحمة بتاريخ بيست وهفتم

ماه ربيع الاول 1224هه

وڏي نوح فقير بابت هلندڙ روايتون ته ڪنهن بادشاهه سندس ٻريون ٻڪريون ڪهرايون جنهن ڪي پٽيائين. هن جوءِ ۾ سيد رهندا هئا، جيڪي ’ٻاپڙا چُڳا‘ سڏبا هئا. انهن مخالفت ڪئي، پر فقير جي ڪرامت سان اها مخالفت ختم ٿي. ٻيو بادشاهه آيو جنهن ڪي فقير دعا ڪئي ۽ بادشاهه فقير ڪي ٻن ٽن ڪوهن واري چڪ جي زمين لاءِ خرار تي هڪ ٿويو ۽ هڪ ڇهي سنگن جي مقرر ڪري ڏني. اها ميرل فقير (پٽ محمد پٽ خان محمد پٽ هارون پٽ دابود) جي ڏاڏي خان محمد تائين وٺندا هئا. هن چڪ ۾ ڪيبر، ڏاهري ۽ سنگراسي جن مان ڪيبر سڀ نوح فقير جا ڏاني. ٻيا هتي جا ڪي سيد، ٽيٻا، هاليپوٽا، ٽنڊڻ پوٽا (هندو سونارا) ڪوري، لوهار، ساٽي (ٽنڊه الهيار حيدرآباد ۽ هالن جا) سڀ وڏي نوح فقير جا معتقد ۽ ڏاني.

ٻي روايت ته نوح فقير ننڍو به وڏو عارف ۽ ولي هو. مخدوم عنايت الله ڪي پٽ جي لاءِ دعا ڪيائين ۽ پڻ ان لاءِ پنهنجو نالو (نوح) ڏنائين. جڏهن فرزند ڄائو ته نالو لطف الله رکيائون، پر جيئن وڏو ٿيو ته ’نوح‘ جي نالي سان مشهور ٿيو. يعني ’مخدوم نوح‘ رحه. ان وقت کان وٺي اها رسم جو مخدومن مان جڏهن به ڪو گادي تي ويهندو ته پهريائين نوح فقير تي ايندو ۽ دعا گهرندو ۽ پوءِ مسافريءَ تي چڙهندو. الله بخش فقير چيو ته: هن پوئين ويجهي دور ۾ جڏهن مخدوم غلام محمد مرحوم چڙهيو ته هيڏانهن منهنجي والد لائق فقير ڏانهن چوائي موڪليائين ته اوهان مان ڪو اڳ اچي، ’فقير آري سوڀي‘ جي تربت (آجب

فقير جي مقام ۾) وٽ ٻيهي. پوءِ بابي مون کي موڪليو ۽ آءٌ وڃي ٻينس. مخدوم صاحب آيو. مقام ۾ ڪلر هو. اجرڪ وڇائي سون، پر پاڻ زمين تي وينو. چيائين تہ: اڳ هميشہ اسان جي طرفان هت ڦندر ڏني ويندي هئي سا ڏيڻ گهرجي.

## 2۔ مشائخ هوتي:

وڏي عالم ۽ ولي مشائخ هوتي رحہ جي مزار، مَيي مشائخ نالي موجوده ڳوٺ جان محمد مشائخ پوٽو (تعلقي ٽنڊي آدم ضلعي سانگهڙ) ۾ آهي. اهو ڳوٺ، درياءَ جي اڳوڻي وهڪري جي 'ڍوري موريا ٽي' جي ڪنڌيءَ تي آهي. انين صدي هجري ۾، لاکي جي اولاد مان هوتي لاکو وڏو عالم عارف ٿيو ۽ غوثي سهروردي طريقي ۾ 'شيخ المشائخ' جي منزل تي پهتو. هڪ روايت موجب مٿي سندس شجرو هن طرح: هوتي بن درمحمد بن لاکو بن پاٽو بن آمر بن مناهين، پر عام مشهور نالي 'هوتي لاکو' جي سناءُ مطابق لاکو سندس والد هو. درمحمد شايد سندس پوٽو هو. هن ماڳ تي مَيو ساند فقير اڳ وينل هو، جنهن جي مزار ڍوري موريا ٽي جي ڪنڌيءَ تي آهي. هوتي مشائخ هت آيو تہ چيائين تہ: وينلن کي ٻئي پاسي ويهاريو تہ جاءِ ٿئي. تڏهن درويش ميي ساند چيو تہ 'فقير تنهنجو نالو اڳ ۾ ٿا ڪريون اسين پويان ٿا ويهون. پوءِ هي ماڳ مشائخ هوتي جي نالي سان سڏجڻ لڳو.

مشائخ هوتي کي چار پٽ ٿيا: ميون مُبو، ميون محمد قاسم، ميون محمد ۽ ميون احمد، جن مان ميون احمد پنهنجي والد جو خليفو ٿيو ۽ طريقي جو شيخ ٿيو، جنهن جو فرزند ميون صابر بہ وڏي مٽيا وارو هو. مشائخ هوتي جو ڪافي اولاد آهي، جيڪي مشائخ پوٽا سڏجن سي ٽنڊي آدم، شهدادپور، ٽنڊي الهيار، ڪپري تعلقن ۾ قاضي احمد تائين پکڙيل آهن. انهن مان وڏا درويش ٿي گذريا آهن. شيخ المشائخ هوتي ۽ سندس فرزند شيخ احمد ملتان جي غوث بهاؤالدين زڪريا رحہ جي 'سهروردي' بهائي طريقي جا عالم عارف هئا. سلطان جام نظام الدين سندن مزارن تي قبا جوڙايا. ٻنهي مزارن تي تفصيلي ڪتبا لڳل آهن، جيڪي راقم 5- مئي 1971ع تي هيٺينءَ طرح پڙهيا.

- مشائخ هوتي رحہ جي مزار تي ڪتبو:

تاريخ وفات قدوة
السالڪين زبده العارفين شيخ المشائخ
شيخ هوتي السهروردي البهائي، اين مظهر آثار
خيرو احسان مطمح انوار علم و عرفان
مقبول بارگاه صمد ميان درمحمد عليہ الرحمة
بتاريخ چهارم رجب روز يڪشنبہ سنہ 811 هشت صد
ويازدهم هجري رحلت نمود.

هن ڪتبي ۾، غلطيءَ سان ميان درمحمد جو نالو وچ ۾ اچي ويو آهي. ياڻيجي ٿو ته اڳ ۾ ان بزرگ هي مزار نئين سر جوڙائي ۽ ڪَتبي ۾ پنهنجو نالو آندو، جنهن کي پوءِ 1320هه ۾ جڏهن موجوده مزار ٺهيو ته صحيح طور نه پڙهيو ويو ۽ ميان درمحمد جو نالو ائين وچ ۾ اچي ويو.

ٻيو گمان اهو ته ”اين مظهر آثار“ ڪان وٺي اصل ڪتبو هن طرح هو جنهن ۾ مشائخ هوتي جي والد درمحمد جو نالو ڏنل هو:

اين مظهر آثار خير و احسان مطمح انوار

علم عرفان شيخ المشائخ شيخ هوتي

بن مقبول بارگاهه صمد ميان درمحمد (۽ اڳتي)

• مشائخ هوتي رحه جي قبر جي ٻاهران دروازي تي ڪتبو:

روضه منوره شيخ المشائخ هوتي السهروردي المتوفي سنه 811 هشت صد يازدهم هجري موسس نخستين وباني اولين اين قبه معظم جام نظام الدين المشهور به جام ننده سمه والي خطه سند است، والحال بعونه تعاليٰ بکرة اربع سنه 1320 هجري بسعي و اهتمام ميان فتح محمد و ميان ڪريم الله درس مشائخ پوٽه معمر و مزين گرديد، معمار بلاول خدا آبادي و خير محمد ڪاشيگر نصرپور.

(هي روضو منوره شيخ المشائخ هوتي سهروردي، وفات 811 اٺ سؤ يارهن هجري- هن قبي جو پهريون باني ڄام نظام الدين مشهور ڄام ننده سمو سنڌ جو والي هو. هاڻي ڌڻي جي فضل سان، صبوح اربع سنه 1320هجري تي ميان فتح محمد ۽ ميان ڪريم الله درس مشائخ پوٽه جي سعي ۽ اهتمام سان جڙي راس ٿيو. معمار (رازو) بلاول خدا آبادي ۽ ڪاشيگر خيرمحمد نصرپوري).

• شيخ احمد جي مزار تي ڪتبو:

تاريخ وفات

قدوة درگاه احد زبدة بارگاه صمد

شيخ ميان احمد خلف ارشد خليفه

امجد شيخ المشائخ شيخ هوتي عليه الرحمة

بتاريخ 11 ذوالحج سنة 820هجري

رحلت فرمود

(يعني مشائخ هوتي رحه جي فرزند شيخ احمد تاريخ 11 ذوالحج سنه 820 هجري ۾ وفات ڪئي).

• شيخ احمد جي قبي جي ٻاهران دروازي تي لکيل ڪتبو:

”روضه منوره زبدة درگاهه احد قدوة بارگاه صمد اعني ميان احمد خلف ارشد و خليفه امجد شيخ المشائخ شيخ هوتي عليهما الرحمة، اساس اولين و بناي نخستين اين گنبذ عالي و قبه مستعالي بامر جام نظام الدين والي سند است. والحال بعون عنايت ايزد متعال بکرة اربع 1320 هجري بسعي و اهتمام

ميان فتح محمد و ميان ڪريم الله درس معمرو مزين گرديد- بقلم محمد بچل مشائخ پوٽہ استاد بلاول خدا آبادي.“

(نالن جي تبديل سان مشائخ هوتي واري قبي جي ٻاهران دروازي واري ساڳي عبارت).

مشائخ هوتي رحہ ۽ سندس فرزند شيخ احمد رحہ عالم عارف هئا ۽ شروع کان وٽني هت تعليم لاءِ مدرسو قائم ٿيو. مشائخ هوتي رحہ جي مزار واري ڪتبي ۾ ”اين مظهر آثار خيرو احسان مطمح علم و عرفان“ جا الفاظ آندل آهن، جنهن مان ظاهر آهي تہ هي ”علم ۽ عرفان“ وارو ماڳ هو.

12- صدي ۾، هن مدرسي جو وڏو عالم ۽ استاد حافظ اسحاق رحہ هو. جنهن سان شاهہ عبداللطيف رحہ مليو هو. 13- صدي ۾ ميون متارو، ميون محمد صديق ۽ ميون علم الدين هن درسگاهہ جا عالم هئا. 14- صدي واري پوئين ويجهي دور ۾، ميون ابوالحسن ۽ ميون جان محمد، ٻئي ڀاءُ پٽ ميين محمد الرحيم جا، هتي جا عالم هئا. ميون ابوالحسن، پير جهنڊي واري مدرسي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي وٽ پڙهيو، جنهن جي طرفان ڪيس سَنَدَ مليل هئي.

ميين ابوالحسن جي وقت تائين مدرسي جو ڪتبخانو هو. راقم (1971.5.5ع تي) ان اجڙيل ڪتبخاني جي باقيات ڪي ڏٺو، جنهن ۾ گهڻا سڀ درسي ڪتاب (درمختار، ردالمحتار، مطول، تلويح، ڪنز الدقائق، شرح جامي، نحومير وغيره وغيره) نظر آيا. هن ڪتبخاني ۾ ڪي قلمي ڪتاب بہ هئا، جن جا ڦاٽل ورق موجود هئا. انهن مان هڪ فقه جو وڏو ضخيم ڪتاب جنهن جو وچون وڏو حصو موجود هو. مفتاح الصلواة (قلمي) ۽ ڪلام پاڪ جا قلمي نسخا موجود هئا، جن مان هڪ ڪنهن سنڌي ڪاتب جو لکيل هو.

### 3- مخدوم سعد (يا) مخدوم ساند رحہ:

مخدوم بلال جا ٻارهن خليفا هئا، جيڪي عالم يا عارف هئا. انهن مان هڪ مخدوم سعد (يا مخدوم ساند) هو. ٻيا خليفا سيد حيدر سنائي، مخدوم ساهڙ لنجار، مخدوم بلالي لڳ پاٽوٽ، حسن بانگو، حسن باغبان (لڳ سامارو) شيخ ٽِيهر ۽ ٻيا.

مخدوم سعد بابت تحقيق ڪندي، نواب شاهہ ۾ ڪنيارين (خيارين) جي وڏي حڪيم مخدوم معين الدين مرحوم کان معلوم ٿيو تہ ڪيس مولوي عبدالله ڪڏهري ٻڌايو تہ: ”مون مخدوم بلال رحہ جي دستخط عبارت ڏٺي هئي، جنهن ۾ اول خليفو مخدوم سعد لکيل هو.“ انهيءَ ڪري مخدوم سعد بلالي جي نالي سان مشهور ٿيو. مخدوم سعد جو مزار ڳوٺ ’مُلا ساند‘ ۾، ميان شورن جي ڳوٺ کان ٻہ ميل ڏکڻ اوڀر طرف (تعلقو نوابشاهہ) هڪ وڏي شاهي قبرستان ۾ آهي، جيڪو سندس نالي سان سڏجي.

مقامي طور سندس نالو 'سعد' بدران 'ساند'. سندس وڏو مدرسو هو ۽ پاڻ عالم هو. 3- فيبروري 1966ع تي راقم، ڳوٺ ملا ساند جي شاهي مقام ۾ مخدوم جي مزار جي زيارت ڪئي، جنهن تي قبي بدران چؤڪنڊي آهي ۽ سندس تربت تي هيٺيون ڪتبو لڳل (الفاظ بالڪل ائين) لکيل هو:

الله اکبر

وفات مخدوم

ساند في التار

يخ 19 شهر مبارک

رجب 1030هہ

وفات جي سنہ 1030هہ(1601ع) مان اندازو ٿئي ٿو تہ مخدوم سعد وڏي ڄمار ۾ وفات ڪئي هوندي، ڇاڪاڻ جو سنہ 927هہ ۾ مخدوم بلال شهيد ٿيو ۽ ان کان اڳ مخدوم سعد سندس شاگرد رهيو هوندو. مقامي طور هلندڙ گهڻين روايتن ۾ ائين آهي تہ: وفات وقت مخدوم سعد جي عمر ڏيڍ سؤ سال هئي. البت ڪن روايتن موجب سندس عمر ٻہ سؤ سال هئي. جيڪو ٿي نٿو سگهي.

ڪنيارين (خيارن) وارا بزرگ مخدوم سعد جي اولاد مان آهن، جن مان ميان محمد يوسف رحہ عالم عارف هو. هو مخدوم عبدالڪريم متعلوي جو شاگرد هو ۽ ميان اسماعيل جوٽيجي وَسين واري جو مريد هو. جنهن جو مزار وهٽائي سيدن جي ڳوٺ لڳ گونيءَ جي ڪپ تي آهي. پاٽ جا بزرگ (مخدوم فضل الله وارا) ۽ سيوهڻ جا بزرگ (خليفہ غلام محي الدين وارا) ميان محمد يوسف جا مريد هئا. مخدوم سعد جي اولاد مان وڏا عالم عارف ٿيا جن مدرسا قائم ڪيا ۽ تعليم کي وڌايو. مٿئين ڪتبي ۾ مخدوم صاحب جو نالو "مخدوم ساند" لکيل آهي، پر ڪنيارين (خيارن) وارا بزرگ جيڪي سندس اولاد مان آهن، تن مان سجاده نشين ميان رفيع الدين راقم کي ٻڌايو تہ: مخدوم صاحب جو صحيح نالو "مخدوم سعد" آهي.

## 4 - مَهياڻِي ميان، مدرسو ۽ ڪتبخانو (ميون نورمحمد):

'مَهياڻي ميان'، عرب قبيلي مان وڏي مسعود جي اولاد مان آهن. ان بنياد مان سندن وڏو ڏاڏو مسعود سنڌ ۾ آيو. 7- صدي هجري ۾، سندن ڏاڏو نورمحمد عرف ميران شاهہ، جناب غوث بهاؤالدين زڪريا سان گڏ هو. سنڌ ۾ هو، پٿوري لڳ، اڪڙي اسٽيشن واري ماڳ تي اچي رهيو، جتي سندس نالي سان "ميران شاهہ جو مقام" موجود آهي. هن ڪتنب جو ٻيو پڊ، اسٽيشن ڪاڇيلا کان ميل-سوا اولهہ طرف هو. ان وقت "ميان مهيان" جي نالي سان مشهور هئا ۽ "پڊ ميان مهيان" اتي هو. اتي ميون مسعود ڪلهوڙن کان اڳ واري دور ۾ ٿي گذريو، جيڪو عالم هو ۽ تَرڪي جو صاحب هو. هر روز شام جو ديگ ڏاري جي رڌبي

هئي، ﻫ اداٿي سؤ فقير ۽ طالب رهندا هئا ۽ هڪ ڱنجي هر ڪنهن کي ملندي هئي. ٽيون موجوده پڊ راجي خاناڻي شهر سان لڳولڳ اوڀر طرف، ميين دوست محمد آباد ڪيو، جيڪو ميين محمد مسعود جو پوٽو هو.

ميين محمد مسعود کي ﻫ پٽ ٿيا: پيرمحمد جيڪو وڏو فياض عالم هو ۽ درويش شاه محمد جنهن جي ٻڙودي جي آسپاس خانقاه آهي. ميين پير محمد جو پٽ ميون دوست محمد جنهن کي ﻫ پٽ ٿيا: هڪ ميون شفيع محمد جيڪو اُمي ۽ وڏو ارادتمند هو ۽ ”ستيتاليھ ملتان“ ڪيائين، يعني 47 پيرا ملتان ويو. ٻيو امين محمد جنهن چاليھ سال علم پرايو ۽ وڏو عالم ٿيو. هت مدرسو قائم ڪيائين ۽ سنڌس پائٽيا (ميين شفيع محمد جا پٽ) نورمحمد ۽ عبيدالله سنڌس شاگرد هئا ۽ مدرسي جا عالم هئا. ميون نورمحمد عالم ۽ وڏو شاعر هو. ٻارهن سال هندوستان ۾ رهيو ۽ پڙهيو.

ميين نورمحمد کي پنج پٽ ٿيا، صالح محمد، لطف علي، دوست محمد، نوح ۽ امين محمد. انهن مان ميون دوست محمد وڏو عالم هو: ميون نوح فارسي دان هو ۽ ميون امين محمد ﻫ ديوان حافظ ”م“ جي قافيي تائين فارسي پڙهيو. ميين امين محمد کي ٽي پٽ ٿيا: ميون قطب علي عرف بچل، عبيدالله ۽ ميون نورمحمد (جنهن سان سنہ 1973ع ۾ راقم جي رهاڻ ٿي).

ميين محمد مسعود مدرسي ۽ ڪتبخاني جو بنياد وڌو، پڙس ميون پيرمحمد ﻫ وڏو فياض عالم هو. ميين پيرمحمد جو پوٽو امين محمد ﻫ وڏو عالم هو. ميين امين محمد جو پائيٽو ميون نورمحمد بن شفيع محمد ۽ ميين نورمحمد جو پٽ ميون دوست محمد آخري وڏا عالم هئا، جن جي وقت ۾ مدرسو ۽ ڪتبخانو مشهور هئا. هي ٽالپورن جي دور جو هڪ وڏو مدرسو هو ۽ ميرن صاحبن طرفان انعام اڪرام ۽ اضافا ملندا هئا. هي سهروردي طريقي جا بزرگ هئا ۽ ملتان جي غوث صاحبن جا مريد هئا. مخدوم نورمحمد 7- محرم جمعي ڏينهن سنہ 1227ھ ۾ ڄائو. عربي، فارسي علم کان سواءِ شاھ جي رسالي سان ﻫ سنڌس شوق هو. رسالو پاڻ پنهنجي هٿ سان لکيائين، جنهن جي هڪ ورق تي پنهنجو نالو هن طرح لکيائين:

”نورمحمد خلف حضرت شيخ محمد شفيع القادري
السهروردي الچشتي النقشبندي المسعودي
15- ذي القعد 1283ھ“

ميون نورمحمد شاعر هو. سنڌي قافيون ۽ خطبا جوڙيائين. سنڌس هڪ مداح، علي شاه گوهري پنهنجي ڪتاب ۾ آندي آهي. ٻي مداح ميين نورمحمد کان راقم ٻڌي.

ميين نور محمد جو پٽ ميون دوست محمد وڏو عالم فاضل هو. مدرسي لاءِ ڪاشيءَ جي سهڻين رنگين سرن سان مسجد جوڙايائين جيڪا سندس وفات (22- ربيع الاول 1298هه) کان ٻئي سال جڙي راس ٿي. تعمير جي سال وارو ڪتبو پڻ ڪاشيءَ جي اکرن ۾ لکيو ويو. راقم اهو ڪتبو ڏٺو ۽ پڙهيو:

"قال الله تبارک و تعاليٰ فاذکروني اذکرکم
قال النبي صلي الله عليه وآله وسلم ان افضل الذکر
لا اِله اِلا الله، سن تاريخ غره رجب الموجب 1299هه.
بيت: "چراغ و مسجد و محراب منبر، ابوبکر و عمر عثمان حيدر."

بنياد کان وٺي چوٽيءَ تائين، اندران ٻاهران پٽيون ڪاشيءَ سان سينگاريل، اهڙي سهڻي سينگاريل مسجد سڄي سنڌ ۾ راقم ڪانه ڏٺي. نصرپور ۾ البت جيلاني پيرن واري مسجد بہ سڄي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل آهي، پر ان ۾ ڪاشي سڄي ساڳئي نيري رنگ جي آهي. ميين دوست محمد واري مسجد وڏي ۽ جدا جدا رنگين ڪاشيءَ سان سينگاريل آهي. افسوس جو سنڌ جا اهي ڪاريگر تہ ويا، پر سندن ڪاريگري جي آثارن جي سنڀال ڪانہ ٿي. ٻڌو ويو تہ ميين دوست محمد واري مسجد ڪجهہ عرصو اڳ ڪري پئي.

هت مدرسي جو وڏو ڪتبخانو هو، جنهن ۾ گهڻا قلمي ۽ ناياب ڪتاب هئا. ڪتبخانو ميين دوست محمد جي تعمير ڪرايل ٽجر (ٻنا ٽنين جي، مٿان ڇت گول) ۾ رکيل هو، جنهن کي ست در هئا ۽ "ست- درو" سڏبي هئي. ٽجر کي مٿان سير پئي، ڇت ڪِري ۽ ڪتبخانو ضايع ٿيو. 1973ع ۾، راقم پنن جا ڍير ڏٺا، جن مان ڪن ڪتابن جا نالا معلوم ٿيا، جيڪي ڪنهن وقت هن مدرسي ۾ موجود هئا.

## 5- شاهہ يقيق بخاري:

30- جنوري 1957ع تي شاهبندر ۽ لاڏيون طرف پهرئين تحقيقي سفر ۾، شاهہ يقيق جي درگاهہ ۽ مزار جو ديدار ٿيو. وڏو خليفو مليو ۽ ٻڌايائين تہ وٽن قلمي فارسي ڪتاب رکيل آهي. جنهن ۾ شاهہ يقيق جو احوال لکيل آهي. مهرباني ڪري ڪتاب ڏيکاريائون، جيڪو سؤ ڏيڍ سؤ صفحن جو وڏي سائيز ۾ هو ۽ اڳيان پويان صفحا ڦاٽل هئا. بچيل صفحن ۾ شاهہ يقيق، ميين عثمان عباسي ۽ ابن شاهہ جو ذڪر هو (۽ مون کي گمان ٿيو تہ شايد تحفة الڪرام تان ورتل آهي). شاهہ يقيق جي سوانح بابت هيٺيون احوال معلوم ٿيو.

شاهہ يقيق جو والد شاهہ شريف 773هہ ۾ اوچ ۾ ڄائو ۽ اتي سنہ 837هہ ۾ وفات ڪيائين ڪيس ست پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. سيني ۾ ننڍو پٽ شاهہ يقيق هو. شاهہ يقيق سنہ 835هہ ۾ ڄائو ۽ ستن سالن جو هو جو اوچ کي ڇڏيائين ۽ سنڌ ۾ آيو.

شاهه يقيق ۾ جائي جم کان بزرگيءَ جا آثار هئا، سنڌ ۾ پهريائين ٺٽي ۾ آيو ۽ اتي رهيو. ان بعد وري سير سفر ڪيائين ۽ 17 سالن جو هو جو ساموئي کان ست ڪوهه اُتر طرف ڪنهن ماڳ تي آيو. ٺٽي ۾ سيد محمد حسين شيرازي (شاهه مراد) سان مليو. اتان رخصت وٺي اچي اورنگابندر ۾ رهيو. ان وقت سندس عمر اٽڪل ويهه سال هئي. اتي شادي جو سعيو ٿيو ۽ آچر جي ڏينهن شادي ٿيڻ واري هئي. هڪ رات اڳ، ڇنڇر جي رات، ڪا مائي دانهن ڪٽي آئي ۽ ان جي فيصلي تي ويو جو ڪيس شهيد ڪيائون، اتي ئي دفن ٿيو جتي سندس مزار آهي. سندس رفيق ۽ پائر جيڪي ٺٽي ۾ سيد محمد حسين شيرازي وٽ هئا سي به آيا. سندس پائرن ۽ پيٽن جا نالا هينئين طرح ڄاڻايل ته:

- وڏو ڀاءُ عبدالله شاهه عرف ٺلڻ شاهه جيڪو 793هه ۾ ڄائو ۽ شاهه يقيق کان اڳ سنه 853هه ۾ وفات ڪيائين. شاهه يقيق جي مقام ۾ مدفون آهي.
- سيد علي شاهه عرف شاهه ڪٺوريو، سن 795هه ۾ ڄائو ۽ هن به سنه 853هه ۾ وفات ڪئي. شاهه يقيق جي مزار کان پنج سؤ کن قدم اوڀر طرف سندس تربت آهي.
- سيد موسيٰ شاهه، سنه 800هه ۾ ڄائو ۽ شاهه يقيق کان اڳ سنه 854هه ۾ وفات ڪيائين. سندس درگاهه اورنگابندر کان ٽن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. شاهه يقيق به اتي رهيو هو.
- ڇوٽون ڀاءُ اسماعيل شاهه ڇيو وڃي ٿو. جنهن جي مزار شاهه يقيق جي مزار کان اوڀر طرف آهي.
- همشيره شاهه يقيق جي شهادت ڪانپوءِ سنه 855هه ۾ وفات ڪئي ۽ شاهه يقيق جي قبي کان اُترئين طرف رکيل آهي.

راقم ان ڏينهن (30- جنوري 1957ع) مٿيون احوال فارسي واري ڪتاب مان اصل عبارت ۾ لکيو. پر ان ۾ شاهه يقيق جي شهادت جو سال ڏنل ناهي. شايد لکڻ ۾ رهجي ويو. البت مٿين حوالن ۾ ڄاڻايل آهي ته هڪ ڀاءُ ڪانئس اڳ 854هه جي اوائل ۾ وفات ڪئي ۽ همشيره ڪانئس پوءِ 855هه ۾ وفات ڪئي. ان مان ظاهر آهي ته شاهه يقيق جي شهادت 854هه جي آخر يا 855هه جي شروع ۾ ٿي. مون کي ٻڌايائون ته سندس ميڙو چيٽ مهيني جي پهرين تاريخ تي ٿيو ٿي، پر گذريل سال (1956ع) ۾ چيٽ رمضان شريف ۾ ٿي آيو، انهيءَ ڪري ميڙي جي تاريخ مٽائي هئائون.

## 6- مخدوم ميون عثمان عباسي:

شاهبندر ۽ لاڏيون طرف راقم 22- اپريل 1963ع تي ميين عثمان جي قبن جو ديدار ڪيو. 'ميين عثمان جا قبا' لاڏين جي شهر کان ڏکڻ طرف ٿي قبا آهن. مخدوم ميين عثمان جو، ميين محمد صديق جو ۽ ميين ابراهيم جو، هڪ مسجد آهي، جيڪا ميان پيرداد (وفات 1309هه) سنه 1293هه ۾ جوڙائي. هي بزرگ

علم وارا هئا. ميين محمد صديق جي قبي تي (جيڪو 1257هه ۾ ٺهيو) ۽ ميين پيرداد جي ٺهرايل مسجد تي فارسيءَ ۾ ڪَتبا لڳل آهن. مخدوم محمد صديق عالم ۽ عارف هو، جيئن تہ منظوم ڪتبہ ۾ آهي تہ:

**”مقبل درگاه بيچون رهبر راه حقيق- سالک سِر حقيقت گوهر بحر هُديٰ افتخار اهلِ دين مخدوم ميان محمد صديق- حامي دين محمد رهبر راه خدا“**

ميين پيرداد جي مسجد واري فارسي ڪتبي مان لڳو تہ ان وقت بزرگن وٽ فارسي جو معيار گهٽجي رهيو هو: ٻئي طرف سنڌي وڏيک آسان ۽ مقبول ٿي رهي هئي، انهيءَ ڪري هيٺيون ڪَتبو سنڌي ۾ ڏنو ويو، جيڪو مسجد جي ڏاکڻي ٻانهين تي لکيل آهي:

شڪر الله جنهن مشرف ڪيو محمد مصطفيٰ
سڀ طفيلان تنهن پلي جي لوڪ راحت ڪي رسيا
مصطفيٰ جي مومنن مان درس مومن ديندار
جو جناب مصطفيٰ تان سان صداقت جان نثار
ڪيون خدا توفيق جيون ان تي عناياتون عطا
واٹ وحدت جي ڪنا خاوند نہ ڪيو تنهن ڪي خطا
نيڪ بخت و نيڪ نيت، نيڪ تن نيڪ اعتقاد
اهلِ دين و اهل دل پير شرع ميان پيرداد
مقبره مائٹياٹي تان ائين عنصر لطيف
سان صداقت جان دل ڪاريئين بنا مسجد شريف
سا صحي مسجد مقدس مثل بيت الله مڪان
هر دو عالم ۾ بہ حق تنهن نيڪ نامي جو نشان
چوڏهين ذوالقعد ڏينهن آچار جي پييس بنا
سال هجري گفت هاتف: ”طيب خانہ خدا“(1282)
يارهين آخر ربيع مسجد منور تي تمام
سال هاتف گفت هي ”در آيہ فيضِ الله“(1293)

پڇا تي معلوم ٿيو تہ اندر حويلي ۾ هڪ فارسي قلمي ڪتاب رکيل آهي، جنهن ۾ مخدوم ميين عثمان بابت احوال آهي. مهرباني ڪري ڪتاب موڪليائون، جيڪو ’روح الاسلام‘ نالي تصوف بابت هو (ڏسو صفحو 34) جنهن ۾ ڪتاب جي متن ڪان پوءِ خالي پنن مان هڪ تي هنن عباسي بزرگن جو شجرو ۽ ٻيا حوالا ڏنل هئا. جن مان مخدوم ميين عثمان جي سوانح هيٺين طرح روشن ٿي:

ميين عثمان جو شجرو ثابت سلسلي سان حضرت عماره بن عبدالله بن عباس سان ملي ٿو. سندن وڏو قرن يا قرني سنڌ ۾ آيو. ان ڪان اڳ هن خاندان جا وڏا گهڻو وقت بلوچستان ۽ لس ٻيلي ۾ رهيا، هڪ مشهور مقامي روايت

موجب، نواب جهان خان لغاري جنهن جي نالي سان ڇڇ جهان خان (تعلقو جاتي) سڏجي، سو مخدوم ميين عثمان جو مريد ٿيو ۽ ڪيس وٺي آيو ۽ پنهنجي سڄي زمين سندس نالي ڪري پاڻ فقيراڻي زندگي گذارڻ لڳو. هن روايت جي تصديق انهيءَ مان به ٿئي ٿي جو مخدوم صاحب جن جا اڳيان وڏا بلوچستان ۾ رهيا ته 'ملڪ' سڏيا ويا ۽ ڪي پويان لس ٻيلي ۾ رهيا ته ڪين 'جام' جي لقب سان سڏيو ويو*. ميان قرن کي ٻه پٽ ٿيا: هڪ شيخ المشائخ ميان ابراهيم جيڪو زهد ۽ عبادت ۾ مشهور ٿيو ۽ ٻيو ميان اسماعيل. مخدوم ابراهيم کي ٻه فرزند ٿيا: هڪ مخدوم ميان عثمان ۽ ٻيو مخدوم احمد. خلافت مخدوم عثمان کي ملي، ڪيس پنج پٽ ٿيا: مخدوم محمد حسين (ٻيو)، مخدوم شفيع محمد، مخدوم جلال، مخدوم نالي چڱو ۽ مخدوم شيخ احمد. خلافت مخدوم ميان محمد حسين کي ملي، جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: مخدوم ميان ابراهيم (ٻيو)، مخدوم ميان محمد صديق ۽ هڪ ٻيو. ميان محمد حسين جي وفات بعد خلافت شيخ احمد کي ملي، جنهن کي ٻه فرزند ٿيا. مخدوم ميان عثمان (ٻيو) ۽ مخدوم ميان بلال. مخدوم احمد کان پوءِ خلافت سندس پاڻٽي مخدوم محمد صديق کي ملي، جنهن کي ٻه فرزند ٿيا: مخدوم ميان ابراهيم (ٽيون) ۽ مخدوم محمد حسين جنهن کي خلافت ملي ۽ هو هن سلسلي مان 'ختم الاولياء' ٿيو. رسمي طور، ان کان پوءِ، ميان فيض محمد بن ميان عبدالرحيم بن ميان پيرداد بن ميان غلام بن ميان اسماعيل (شيخ المشائخ مخدوم ميان ابراهيم جو ڀاءُ) خليفو ٿيو. قلمي ڪتاب 'روح الاسلام' جي ورق تي ائين ڄاڻايل ته "ملڪيت مخدوم فيض محمد بن عبدالرحيم قريشي عباسي". ميان فيض محمد، ميان مسڪين، ميان سائينڏنو ۽ ميان پيرداد اهي چارئي ڀاءَ، پٽ ميان عبدالرحيم جا. ميان پيرداد سنه 1309هه ۾ وفات ڪئي. ميان فيض محمد ان کان اڳ ٿيو. هيٺ ڪتاب جي ٻئي پني تي لکيل هينيون ۽ ٻيون وفات جون تاريخون:

- رحلت حضرت ميان ابراهيم 21- ذوالقعد سنه 1176هه، عمر هڪ سؤ سال.
- رحلت مخدوم ميان عثمان (فرزند)، چنچر ڏينهن، 10- شعبان 1221هه، عمر ستر سال.
- رحلت مخدوم ميان محمد صديق 11- ذوالحج سنه 1258هه.
- رحلت مخدوم محمد حسين (آخري وڏو عارف) جمادي الاول سنه 1263هه.

ظاهر آهي ته وڏي مخدوم عثمان (ولد مخدوم ميان ابراهيم) جنهن جي نالي سان قبا سڏجن ٿا ۽ جيڪو پنهنجي وقت جو عالم ۽ عارف هو، تنهن سنه 1221هه ۾ وفات ڪئي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد ڇهون) مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2005ع]

❑

---

* لس ٻيلي ۾ هو رونجهن جي قبيلي ۾ رهيا. جيڪي سندن مريد ٿيا. 1963ع تي ميين عثمان جي قبن جي مجاور شمو فقير رونجهي ٻڌايو ته: اسان جو وڏو اتي ميين ابراهيم جو مريد ٿيو. اسين به پوءِ ميين پيرداد جي ڏينهن ۾ هت لڏي آياسون.

# 9 شاھہ ديوانو

تعلقي ماتلي ۾ تاريخي شهر جا آثار آهن، جن ۾ شاھہ ديواني جو مقام مشهور آهي. اهو مقام اَسي کن ايڪڙن جي ايراضي ۾ آهي. تاريخ معصومي مطابق، سومرن ٺري ۾ پنهنجي حڪومت جي شروعات ڪئي، اهو پنجين صدي هجري (11 عيسوي) جو دور هو. سلطان محمود غزنوي جي فرزند سلطان عبدالرشيد (441 — 444ھہ) جي حڪومت ڪمزور ٿي وئي هئي ۽ سومرن (445-451ھہ) واري ڏهاڪي ۾ حڪومت قائم ڪئي. ٺري جي تاريخي آثارن ۾ سنڌ راڻي جي تربت، ترڪن جو ڪوٽ، پُراڻ درياءَ جو پيٽ ۽ چام جوڻي جي قبر شامل آهن. سنڌ راڻي، مير باگي خان جي پياري ٻيبي هئي، جنهن 13- صدي هجري ۾ وفات ڪئي، ميرن صاحبن جي حڪومت واري دور ڪان وٺي، شاھہ ديواني جي شاهي مقام ۾ فوتي دفن ٿيندا رهيا آهن، شاھہ ديوانو ان ڪان اڳ جو هو.

راقم سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪندي تاريخ 21- ڊسمبر 1958ع ۾ ٺري جي آثارن جو معائنو ڪيو. ان وقت، سنڌ راڻي جي قبر سلامت هئي ۽ ان تي فارسي ۾ وفات جي تاريخ 5- ماه رمضان 1204ھہ جو هي ڪتبو لڳل هو:

تاريخ وصالش بوداز پنجم رمضان
زيراڪہ(؟) درين ماه نجات ست رحمان.

مقام ۾ گِدا مري، ڪنڊي ۽ ٻڙ جا وڏا وڻ ٻيٺل هئا جن مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن وقت هنن آثارن سان لڳولڳ اُتر اپرندي ڪان پُراڻ درياءَ وهندو هو ۽ پاڻي گهڻو هو. مقام جي اوپر طرف، پُراڻ درياءَ جي پيٽ ڪان اولهہ قديم قلعي جا آثار هئا، جيڪو ”ترڪن جي ڪوٽ“ جي نالي سان مشهور آهي. مقام جي اولهہ اتر واري پاڱي ۾ ”ديواني شاھہ جو قبو“ ۽ ان جي پرسان ڏکڻ طرف مسجد: اِهي ٻئي آثار 1958ع ۾ سلامت هئا. مسجد اصل ۾ مدرسو هئي ۽ اندرين پٽين تي ميين شاھہ عنايت ۽ شاھہ عبداللطيف جا ڪي بيت ڪاري مس سان لکيل هئا. شاھہ ديواني جي قبي ۾ چار تربتون هيون، جن مان ظاهر هو تہ هو پنهنجي اهل عيال وارو هو. قبي ۽ مسجد جي اڏاوت مان معلوم ٿيو تہ اهي عمارتون ميرن صاحبن جي دور ڪان اڳ نهيون.

بزرگ جو عام نالو ’شاھہ ديوانو‘ مشهور آهي، جيڪو اصل ۾ شاھہ-دَيانو (شاھہ دَيانہ) آهي. پراڻن هالن ۾ مدفون ولي جو نالو بہ شاھہ دَيانہ آهي،

جنهن جو سن سال شاهه عبداللطيف کان ڏيڍ سؤ کن سال اڳ جو آهي. هو قادري طريقي جو بزرگ هو ۽ سندس اصل نالو ”شاهه دَيانه عربي“ هو، يعني ته هو يا سندس وڏا عرب هئا. نري ۾ مدفون شاهه دَيانه ۽ هالن پراڻن ۾ مدفون شاهه دَيانه عربي ساڳي وقت جا ۽ شايد ساڳئي ڪٽنب مان هئا. نريءَ ۾ شاهه ديوانو يارهين سن هجري ۾ ٿي گذريو، قبي ۾ مسجد جي عمارتن جي تعمير مان به اهو عرصو معلوم ٿئي ٿو.

[محمد ارشد بلوچ مرتب: ”ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا“ جلد- 5،
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2014ع]

❑

# ⑩ صوفي طريقي جا گرڙا فقير

[1. ڪيمو فقير 2. لڏو فقير]

سنڌ ۾ صوفي طريقي جي خانقاهن اسلام جي عالمگير اخوت ۽ محبت جو پيغام مسلمانن توڙي غير مسلمانن لاءِ عام ڪيو. ڪيترائي مراد وند هندو انهيءَ محبت جي رشتي ۾ داخل ٿيا، جن مان ڪي فقيري واري منزل تي پهتا. هيٺ اسان ٻن اهڙن فقيرن جو ذڪر ڪريون ٿا، جيڪي ذات جا گرڙا هئا ۽ ’ڪلوئي‘ تعلقي ڏيپلي جا وينل هئا*، هڪ ڪيمو فقير ۽ ٻيو سندس پٽ لڏو فقير. ٻئي جهوڪ شريف جي صوفي درگاهه جا مريد هئا ۽ سندن وڏا پڻ ساڳي درگاهه جا مريد هئا. هي ٻئي فقير شاعر هئا ۽ گهڻو ڪلام چيائون، جنهن مان ڪجهه مثال هيٺ ڏجي ٿو:

### 1. ڪيمو فقير:

ڪيمو پٽ تابي جو گذريل صدي جي آخر ۽ هن ويهين عيسوي صدي جي شروع ۾ ٿي گذريو. حال وارو فقير هو. سرائڪي ۽ سنڌي ۾ ڪلام چيائين. راتين جا بيت ’ڏهن راتين‘ تائين چيائين، جن مان سندس چيل پهرين رات جو بيت ته:

پهرين رات پرين جا آيا سٽي منجهه سلام، ساجن هٿ سعيو ڪيو، هِت اچڻ جا آجام نيٽين نند ڦٽي ڪئي، طلب ڇڏائين طعام، لوچيندي لالڻ لاءِ دل سعيي منجهه سمان ڪا جا ڪوهيارل جي، هئي هنئين منجهه هام، ور ري ويچاريءَ ڪي توبهه طلب تمام دل اچــــي جـــي دام، دوس ڏســـان در پـــانـــهنـــجـــي.

سندس حڪمت ۽ نصيحت جو بيت ته:

جيڪي اچن تو وٽ، تون تني وٽ آ، توڙي مٽ مائٽ، توڙي سيڻ سيا گهر ويني گهرن ئي اندر اڪيرا، ڏسيو سڄڻ سامهان ڏسندي ئي ڏورا لاهي ڪٽ قلوب جو ڪند ئي ڪلي ڪيڪارا، اڱڻ تني جي آ، خوشيءَ سين ڪيمو چئي.

ڪيمو فقير سرائڪي ۾ به ڪلام چيو، جنهن مان هيٺيون بيت هر لحاظ ڪان سهڻو آهي:

صاحب دي سرڪار اڳون، تون جوڙ توبهه ڪر جوڙي
بي پرواهان بند ڪري، بند والان ڪون تان ڇوڙي
بي زوران ڪون زور ڏيوي، لٽ زور والان ڪون لوڙي

---

* محترم ارباب فيض محمد جي دعوت تي اسان 4- نومبر 1982ع تي سنگت سان گڏ ’نئين ڪوٽ‘ جي پريان سندس اوطاق تي ڪچهري ڪئي، جنهن ۾ ڪيمو فقير جي پوٽي ۽ لڏو جي پٽ رامجي (عمر 68 سال) ڪان هي حالات معلوم ٿيا.

اونهي ڪن اوڙاهه اڪاري، تانگهي وچ پيا ٻوڙي
جوڙي چن جدا ڪري، ٻي جوڙان جوڙي جوڙي
منيان دا چا مهت رکي، ول تکيان دا منهن موڙي
خاوند دي سرڪار اڳون، سڀ ڪيمان تڪبر چوڙي.

## 2- لڏو فقير:

لڏو پڻ ڪيمي جو وڏو سگهڙ هو. حفيظ جو 'مومل راڻو' ۽ ٻيا گهڻا بيت ياد هئس. پاڪستان کان اڳ گذاريائين. مرشدن جي مداح چيائين جنهن جو هڪ بند تہ:

سائين سچا سڻ سوال مون، پلا ڪرين ڪو پال مون
هادي چڳو ڪر حال مون، جالم سندو لهي جال مون[1]
معافي ملي سڀ مال مون، رس يا فقيرن جا فقير
عرض سڻ عاشق امير، فضل ڪر مان تي فقير.

سندس چيل 'گفتن پهاڪن' جا بيت:

سياڻو ٿي سمجهائجي تہ بہ مورک اچي نہ مت
خچر ڪنهڻ ري نہ رهي جنهن جي اصل ڪان عادت
گڏهہ نہ چڏي گند چار ڪي گندو پنهنجي گت
ڪانء ڪڏڻ نہ چڏي ڪني سندس ڪاڪت[2]
ڪتي ڪي ڪٽڪ ڏي تہ بہ ڏوڙ گڏيندو ڏت[3]
هيٺي سان هيت ڪري آڻ نہ اصليت[4]
لڏو چئي هن لوڪ ۾ اها نادانن نصيحت
ڪوڙ ڪساک ڪپت، ڪوڙو چڏيندو ڪينڪي.
سياڻي ڪي ساڏو گڏيو تہ پاڻان رهي پت
خچر جو ڪنهڻ ڏسي ڪو اُٺ ڪري اُت پت[5]
گند چارو گڏہ جو، گند نہ چري گيگت[6]
ڪڏڻ گت ڪانء جي، هنجهہ نہ اي حالت
ڪتي نہ خبر ڪٽڪ جي، پر ماڻهو ڪن محنت
لڏو چئي لوڪ ۾ اها اصلين عادت
ستين ايندو ست، لندي ۽ لج چا لڳي!

هن بيت جي آخري سٽ نهايت سهڻي آهي، ايتريقدر جو پهاڪي واري معنيٰ رکي ٿي.

[رسالو تہ ماهي "سنڌ" سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد، بهار- 1982ع]

---

[1] جالم= ظالم. [2] ڪاڪت = گت، لچڻ. [3] ڏت = ڏرتي. [4] هيت ڪرڻ = هيج ڪرڻ
[5] ات پت = ذري ذري اڻ ويهہ. [6] گيگت = هاٿيءَ جي چال وارو، هاٿي.

# (11) غوثي طريقي جا چار مٿير مهندار

اهي هئا جَرڳس ڏِناڻي، راڄيسين سومراڻي، ابراهيم ناگوراڻي ۽ ڳاڙهو صدر. انهن جي هاڪ ۽ همت جون ڳالهيون جيتوڻيڪ سنڌ جي لاڙ واري پاڳي ۾ مشهور آهن، پر روحاني راهه جي انهن مانجهي مڙسن جي گهٽن کي پوري خبر ڪانهي. هن رهاڻ ۾، لاڙ واري پاڳي مان، غوثي جماعتن جو راهه جي پنڌ سان ملتان پيڻڻ ۽ ڪشالا ڪڍڻ، هڪ وڏي حادثي سببان راهه واري واٽ جو جهلجڻ ۽ انهن مٿير مهندارن جي همت سان راهه ڇڏائڻ جو بيان ٿيندو.

اي سڄڻ! ڄاڻ ته هجري ستين سَن ۾ سهروردي طريقي جي عالم ۽ عارف غوث بهاؤالدين زڪريا، ملتان ۾ اسلامي تبليغ جو چراغ روشن ڪيو ۽ سندس طريقي جي تلقين جو فيض سنڌ ۾ به عام ٿيو. پاڻ سنڌ ۾ آيو ۽ پوءِ خاص طرح سندس پوٽي شاهه رڪن الدين جو سنڌ ۾ وڏو مان مرتبو ٿيو، جو سندس ڪوشش ۽ سفارش سان (سومرن ڪانپوءِ) سمن جي ٺٽي جو تاج تخت مليو، اهڙي عنايت ۽ اهڙي وڏي احسان جي ڪري ٺٽي جي سمن سلطانن ۽ سندن تعلق وارن قبيلن کي غوثي درگاهه جي سجاده نشينن لاءِ وڏي محبت پيدا ٿي. غوث صاحب جا سجاده نشين به وڏي فيض وارا هئا ۽ سندن فيض سان سنڌ ۾ سندن خليفا ۽ مريد به وڏي فيض وارا ٿيا. اُتر سنڌ ۾، اهي خليفا 'مشائخ' جي لقب سان مشهور ٿيا، يعني ته مقامي طور، غوثي طريقي ۾ انهن کي 'شيخ ۽ مرشد' وارو مرتبو عطا ٿيو.

لاڙ واري پاڳي ۾، غوثي طريقي جا اهڙا پلارا فقير 'درس' جي لقب سان مشهور ٿيا، انهن کي ملتان ۾ مرشدن روحاني فيض جا 'درس' ڏنا. يعني سبق سمجهايا ۽ انهيءَ امانت جي ڪري اهي 'درس' سڏجڻ لڳا. 'رهاڻ هيرن ڪاڻ-6' ۾ 'درسن' جو تفصيلي ذڪر ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ اها ڳالهه سمجهايل آهي ته "جن غوثي طريقي جا سبق ورتا ۽ نيڪ ۽ صالح ٿيا تن کي 'درس' سڏيائون، يعني مٽياوارا يا الله وارا ۽ درويش. گهڻو پوءِ علم جي گهٽجڻ ڪري، عام ماڻهن ۾ اهو خام خيال پيدا ٿيو ته 'درس' اهو آهي جيڪو ڪاني ڪرامت وارو هجي ۽ جيڪو دعا ۽ پٽ پڙيءَ تي ڪري ڏيڪاري. سنڌ ۾ غوث صاحب جي تبليغ ۽ تلقين سان وڏا عابد زاهد پيدا ٿيا جن سنڌ ۽ ڪڇ ۾ اسلام جي عملي ۽ روحاني فيض کي عام ڪيو. خاص طرح هيٺئين لاڙ ۾ غوث صاحب جي حياتي واري وقت جو وڏو خليفو پير پنو سلطان هو، جيڪو پاڻ جماعت ڪري ملتان ويو ۽ جنهن جو پانڌاري ڪڙيو يا ڪرهيو هو؛ جنهن جي درگاهه 'ڪرهيي پانڌاري' جي نالي سان بدين کان ڏکڻ طرف موجود آهي. اُتر ۾ به وڏا خليفا ٿيا،

جهڙوڪ: جهندو مشائخ، شيخ مَهائي (وفات 878هه) ۽ ٻيا. لاڙ ۾ درس راڄپال وجهه دين (جيڪو نئين ڪوٺ لڳ مدفون آهي)، ۽ درس سومو (جيڪو حسن باغبان جي مقام ۾ مدفون آهي). ’مشائخ هوتي‘، شيخ پرڪيو آچاري ”ملوحسڻ درساڻي پهرئين سڌ سان ساڻي“ (ڪورو واهه لڳ) ميون شيخ موسو ۽ ٻيا. گهڻن درويشن جو ذڪر ميين شاهه ڪريم جي ملفوظات بيان العارفين ۾ آهي، جن ۾ جرڪس ڏناڻي ۽ راڄيسين سومراڻي جو به ذڪر آهي. انهن جا به ٻيا ساٿي هئا: ابراهيم ناگوراڻي ۽ ڳاڙهو صدر. بيان العارفين جي حوالن مان لڳي ٿو ته اهي فقير جن راهه جو پنڌ چڙايو، سي نائين- ڏهين صدي هجري ۾ هئا.

ٽالپورن جي دور ۾، شيخ عيسيٰ وڏي مٽيا وارو خليفو ٿيو. هو لواري جي بزرگن جي وڏي ميان عبداللطيف واري ڳوٺ جو هو (جيڪو بدين کان نو ميل ڏکڻ اولهه ۽ لواري کان اڍائي ميل اولهه ڏکڻ ڏي آهي) اهو اصل ۾ هوتي نهڙيي جو ڳوٺ هو ۽ اڄان تائين ڳوٺ وارو دڙو هوتي نهڙيي جو دڙو سڏجي. عيسيٰ پهريائين ڏاڍو مڙس هو، پر پير سائين سيد محمد راشد رحہ روضي ڌڻي کان فيض مليس، هو پوءِ ملتان ويو ۽ اتان وري به پير سائين محمد راشد رحہ وٽ آيو ۽ فيض پرايائين، پر غوثي طريقي ۾ ئي رهيو.[1]

اوائلي دور ۾، راهه جي پنڌ سان سنڌ مان ملتان وڃڻ ۾ گهڻي تڪليف هئي، هڪ پيري ملتان مان سجاده نشين جڏهن ٺٽي ۾ آيل هو، تڏهن سچي سڪ ۽ محبت جي گهٽتائي سببان يا گهٽائي ۽ غلبي سببان، ٺٽي ۾ ڪن مريدن صلاح ڪئي ته سائين غوث صاحب هينئر پاڻ وٽ آيل آهي. ان کي شهيد ڪري هتي ئي دفن ڪريون ۽ درگاهه بنايون ته گهر ويٺي پيا زيارتون ڪريون ۽ ملتان وڃڻ واري ڏکيي پنڌ کان ڇٽي پئون. هڪ سچي مريد جيئي حجام نالي سنڌن ڳالهه ٻڌي ورتي، سو ان رات مرشد کي مڃائي ٻي جاءِ تي سمهاريائين ۽ پاڻ سندس کٽ تي سمهي رهيو ۽ سازش ڪندڙن اچي ڪيس شهيد ڪيو، پوءِ مڪلي جي مقام ۾ ڪيس رکيائون. جتي هو ’جيئو مڪلي جو ڏيئو‘ جي برڪت پريي نالي سان مشهور ٿيو.

غوثي طريقي جي جماعت جي روايت موجب، جن مريدن پير کي ڪهڻ جو ارادو ڪيو هو، سي ’نورسيا‘ ۽ ’لاڪاٽيا‘ هئا. مرشد سان محبت ۽ سندس مان مرتبي موجب، سوني ڳن سان ڇري نهرايائون ته جيئن ادب ۽ احترام جو حق ادا ٿئي، پر تمام تکي نهرايائون ته متان اڌ- ڪُنو پير ڳالهائي وجهي ۽ پاراتو ڏئي. هن روايت موجب ملتان مان ٺٽي ۾ آيل پير ’بهاؤالدين‘ هو (پوئين دور جو، پر سندس نالو وڏي غوث صاحب جي نالي سان رکيل) غوثي جماعت ۾ هلندڙ ان قضيي جو يادگار مشهور بيت ته:

---

(1) راويت ڪندڙ وڏو غوثي خليفو مرحوم محمود نوحاڻيءَ ترائي، تعلقو بدين.

نورَسيا نہ رسيا، لٽو لٽو لاڪاڻ
دغا رکي دل ۾، جيئو ڪنو جن
تڏهن لڳو تن، پوندو بهاودين جو.

هن قضيي جي ڪري، سجاده نشين مرشد اعلان ڪيو ۽ بندش وڌي تہ اڳتي لاءِ لاڙ مان ڪابہ جماعت ملتان نہ اچي ۽ جي ڪا اچي تہ واٽ وارا ٻيا خليفا ان کي روڪين ۽ اچڻ نہ ڏين. ان اعلان کان پوءِ لاڙ مان ويندڙ جماعتن کي آڏو راهہ ۾ وينل ٻين مريدن منع ڪئي تہ نہ وڃن ۽ پوئتي موٽن، پر جيڪي نہ ٿي مڙيا ۽ اڳتي ٿي ويا تن کي اتان جي ڪاني ڪرامتن وارن پنهنجون خوفناڪ شڪليون ڏيکاري پئي ڊيڄاريو ۽ پوئتي ورايو.

انهن خوفناڪ ڏيکارن ۽ ڊيڄارن سببان، ملتان وڃڻ لاءِ راهہ جي پنڌ واريون واٽون بند ٿي ويون ۽ ويچارا فقير مرشدن جي سڪ ۾ رئندي رهجي ويا. اها حالت ڏسي، لاڙ جي چئن ڪاني ڪرامتن وارن مٽير مڙسن جرڪس ڏناٽي، راڄسين سومراٽي، ابراهيم ناگوراٽي ۽ ٻاڙهي صدر، صلاح ڪئي تہ هو مقابلو ڪري بہ راهہ جو پنڌ ڇڏائيندا، تہ جئن لاڙ جون جماعتون ملتان وڃي سگهن.

**1- راڄيسين سومراٽي**: راڄيسين پٽ سومري جو، ذات جو دل، پاڙو لنجا، ڳوٺ پرنديارو، ملڪ ڪڇ. راڄسِين جو پيءُ سومرو، لنجي جو پڙپوٽو هو. راڄيسين، غوثي طريقي جي عوام ۾ ”راڄيسين سومراٽي، شينهن جو سوار“ جي لقب سان مشهور ٿيو. ملتان ڏانهن ويندڙ غوثي جماعتن جو اڳواڻ هو. سندس مقبرو ڪاڪ مڪان، ٻِدي جي شهر کان ميل اتر- اوپر آهي. راڄسِينءَ جو اولاد موجود آهي.[1]

**2- جرڪس ڏناٽي**: جرڪس پٽ ڏني جو، ذات جو رانوڙ، پاڙو سرڪي، نهٽي جو هو ۽ نهٽو اصل رانوڙن جو شهر هو (هاڻي تعلقو عمرڪوٽ آهي).

ڏنو ۽ ايسر ڀاءُ هئا، غوث صاحب جي برڪت سان ڏنو اسلام تي آيو، ايسر هندو رهيو: سندس اولاد پوءِ اسلام قبوليو. جرڪس نالي درويش ڏني کي دعا ڪئي تہ توکي پٽ ٿيندو، پر تنهنجي پٽ تي نالو اسان جو ۽ اسان جي مڪان تي نالو تنهنجي پٽ جو. پوءِ جرڪس انهيءَ ماڳ تي جائو، جيڪو پوءِ ’ڏيئي جرڪس‘ سڏجڻ لڳو. پنگريي کان ٿي ميل ڏکڻ طرف آهي. ديهہ جو نالو

---

[1] راڄيسين کي بہ پٽ مبارڪ ۽ پڪريو. مبارڪ جا چار پٽ صالح، سرماڻ، امي ۽ ابن. مبارڪ جي اولاد مان ڪامل شخص ٿيا، جيئن ٻني ۾ خليفو عبداللطيف ۽ ٻيا. پڪريي کي چار پٽ ٿيا: آرادين، سپڙ، سومار ۽ الله ڏنو. انهن جي اولاد مان بہ ڪامل درويش ٿيا، آرا دين جي اولاد مان، خليفو عامر ميرن جي صاحبيءَ ۾ لڏي وجي ڪڇ ۾ تڙ پيينديارو (تعلقو لکيت) تي وينو، سندس اولاد مان خليفو صابر ننديو، پاڪستان کان پوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ ساڻس راقم ڪچهريون ڪيون.

ﺑﻪ ’ڏيئي جرڪس‘ آهي. درويش جي مزار ۽ درگاهه ﺑﻪ اتي آهي، جرڪس جو اولاد موجود آهي[1].

هڪ روايت موجب اولياء جرڪس ترڪيار (تعلقو ڏيپلو) ۾ رهيو ۽ اولاد وارو ٿيو: سندس اولاد جا ڳوٺ ڏيپلي ۽ مٺي تعلقن ۾ آهن. اتان پوءِ ڏيئي (تعلقو ٽنڊوباگو) ۾ آيو ۽ ”جرڪس ڏناڻي، ڏيئي جو ڏاتار“ جي لقب سان مشهور ٿيو. سندس اولاد مان، خليفي باجيد کان (جنهن سان 15- آڪٽوبر 1972ع تي نئون ڪوٽ ۾ راقم جي رهاڻ ٿي) معلوم ٿيو ﺗﻪ مٺس غوث جي ﺑﻪ ڦڙڪي هئي ۽ ميين ڪريم جي ﺑﻪ ڦڙڪي هئي. جنهن جي معنيٰ ﺗﻪ ميين شاهه ڪريم جي وقت ۾ هو. بيان العارفين ۾ سندس ذڪر موجود آهي.

**3- ابراهيم ناگوراٽي**: چون ٿا ﺗﻪ اصل ۾ ناگور شهر (مارواڙ) جو شهزادو هو. سنڌ ۾ ٽيهن نپايو ۽ انهيءَ ڪري مشهور ٿيو ٽيهو. سندس درگاهه تعلقي ڊگهڙي ۾، دونهائي کان ٽي ميل اوڀر- ڏکڻ، پُراڻ جي اوڀر واري ڪنڌي، ڍنڍ سَڪرپاڙي واري اراضي ۾ آهي.

**4- ڳاڙهو صدر (يا ڳاڙهو سڌر)**: يعني ڳاڙهو پٽ صدر جو اوٺو، فقير قاسم ’ڪيٽي‘ وارو تنهن جو وڏو ڏاڏو هو. ’ڪيٽي وارو‘ يعني بڪيرن ۾ قريشي پيرن وٽ هلندڙ ’بني‘ وارو. سندس مزار ٽنڊي الهيار کان ڏهه يارنهن ميل اوڀر کدر (خضر) اوني جي ڳوٺ ۾ آهي.

انهن چئن درويشن ’راهه ڇڏايو‘ يعني آزاد ڪرايو. جڏهن ٺٽي ۾ خليفن مرشد کي ٽي ڪُنو، تڏهن ان وقت گادي واري پير لاڙ وارن مريدن جي ملتان اچڻ لاءِ راهه بند ڪري ڇڏيو هو. راهه ۾ بيا ڪاني ڪرامت وارا فقير شڪليون بدلائي وڙهندا هئا. گهوٽاڻو هالن وٽ وڙهندو هو: هڪ يان فقير پاڙو جکيو، گهٽو ٽي وڙهندو هو ۽ يونس پٽ اسمٰعيل جو سنجرپور وٽ گڏهه ڳرو ٽي وڙهندو هو. جڏهن مقابلي لاءِ سنيريا ﺗﻪ ابراهيم ناگوراٽي کي پويان راکو ڪري، سنپال لاءِ ڇڏيائون ﺗﻪ متان سنڌ کي نقصان پهچي. فقير چيو ﺗﻪ ”مون کان ڪاڇر ﺑﻪ ضايع ٿئي ﺗﻪ ساري ونجو.“ هن وعدو پورو ڪيو جو جڏهن فقير واپس آيا ﺗﻪ ڏٺائون ﺗﻪ جرون سڀ وٽن تي ٽنگيون پيون آهن، چيائين ﺗﻪ ”مون کان ڪا هڪ جر ﺑﻪ ڪٽو يا گدڙ ڪائي ڪونﻪ ويو آهي.“

”راڄيسين انهيءَ شرط تي هليو ﺗﻪ سيني جي خدمت هو پاڻ ڪندو. هالن واري منزل تي هئا، جو گهوٽاڻي فقير مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي گودڙي اڇليائين ﺗﻪ سڀ بي وس ٿي ويا، پوءِ راڄيسين ڪاني هنيس. گهوٽاڻو ﺑﻪ وڏي ڪرامت وارو هو جڻ سمنڊ هو، پر راڄيسين ايٽ تارو ٿي اپريو، جو هن کي پورو ڪري ڇڏيائين.

---

[1] ڪيس چار پٽ ٿيا: 1. محمد رجب (بنا اولاد گذاري ويو) 2. حامد، 3. قادربخش (اولاد قادواڻي) ۽ عاقل (بنا اولاد) هي بيان خليفي باجيد جو، حامد جي اولاد مان.

ايــــتُ تـــارو ايـــريـــو، لقاپـــور متـــاءِ
سهسين گز سمونڊ جا، تو سو سيو ڪڍي ساه
گهوٽاٽي ڪي گهاءُ، پهرئين سان پورو ٿيو.

اڳتي ڪنهن منزل تي ويا ته پان فقير گهڻو بنجي گهيرو ڪيو. راڄيسين ان وقت ننگر لاءِ ڪانيون ڪرڻ ويو هو. جرڪس مقابلو ڪيو پر گهڻي جو گهيرو مضبوط ٿي ويو. جرڪس تڏهن راڄيسين کي سڏ ڪيا ته:

ور ڪانيارا، ور پاٽيارا، ور منهنجا پاءُ
گهڻي گهيرا لائيا، ڪانهي جرڪس جاءِ.

راڄيسين پهچي ويو ۽ پهچڻ سان ڪاني (پٽ) هنيائين، جنهن سان گهڻو پورو ٿي ويو. جڏهن ڏهرڪي ٽپي سنجرپور وٽ پهتا ته پريان اسماعيل جو پٽ يونس راهه جهلي بيٺو هو، جيڪو گڏهه ڳرو تي وڙهندو هو. هن کي پير پاڻ اتي بيهاريو هو. هن پيغام موڪليو ته مقابلو ڪرڻو آهي ته تيار رهو. اها خبر رات جو پهتي ۽ فقيرن چوڪي رکي؛ راڄسين تي ستو ته جرڪس تي جاڳيو ۽ جرڪس ستو ته راڄسين جاڳي وينو. پرهه ڦٽي ته جرڪس کي سجاڳ ڪيائين.

”جرڪس اتي جاڳ، ڏناٽي ڏينهن ٿيو!
تو جيڏا تو يار، آرڻ ٻڌي آئيا“

يونس فقير ’گڏهه ڪرو‘ تي آيو ته جرڪس ڪاني هنيس، جو اتي جو ڪريو ۽ چڙيون هڻڻ لڳو.

هاڻ ٻيو ڪو مقابلي لاءِ آڏو ڪونه آيو ۽ هي چارئي اڳواڻ جماعت سان اچي ملتان کي ويجها ٿيا ۽ مرشد جي ديدار لاءِ ماندا ٿيا. ٻئي طرف پير کي به خبر پهتي ۽ پاڻ دريءَ کان اچي بيٺو ته جماعت کي ايندو ڏسي. آخر ڪيس ٻڌايائون ته هاڻي ته بنگلي کي ٻاهران ويجهو اچي پهتا آهن! تڏهن پير دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍيو ته فقيرن جون نظرون سندس ديدار ۾ ڪپي ويون. سائين اجان پوئتي ٿيڻ لڳو ته سندس مٿي تي وڏا سونا سڱ اپري ويا ۽ پوئتي هٽي نه سگهيو، ۽ فقيرن جي ديدار ڪيس اتي بيهاري ڇڏيو. تڏهن چيائين ته ”هڻ بس!“ فقيرن به چيو ته: ”سائين بس ته هڻ بس!“[1]

هاڻي جڏهن مرشد مڃيو ته پوءِ اڳتي لاءِ سنڌ جي جماعتن لاءِ راهه جو پنڌ کلي ويو. ان وقت عوام ۾ مٿيون روايتون مشهور ٿيون ته: فقيرن ڪيئن مقابلا ڪري راهه جو پنڌ کولايو. ان وقت کان وٺي ’راهه جي پنڌ‘ جي اهميت بيهر قائم ٿي ۽ غوثي طريقي جون جماعتون ملتان وڃڻ لڳيون. هن وقت تائين غوثي طريقي جا فقير ملتان وڃن ٿا ۽ اڳين روايت کي قائم رکڻ لاءِ ٿورو گهڻو راهه جو پنڌ ڪن ٿا، پر گهڻي ڀاڱي ريل ۾ سفر ڪن ٿا.

---

[1] راويت سائين شهاب غوث (غوث صاحب جي اولاد مان).

هن پوئين ويجهي دور تائين، جماعتون ڪهڙي طرح تيار ٿي، ڪهڙين واٽن سان ويندي هيون. ان کي سمجهڻ لاءِ ڪافي پڇا بعد هيٺيون احوال معلوم ٿيو، جيڪو گهڻي ڀاڱي خليفي محمود نوحاڻي مرحوم جي روايت مطابق آهي.

## غوثي جماعتن جو راهه پنڌ سان ملتان وڃڻ

غوثي جماعتون، سنڌ جي مختلف ڀاڱن مان جتي به غوثي طريقي جي مريدن جي گهڻائي هئي، اتان هلنديون هيون. اپرندان ٿر ۽ مهراڻي مان جيڪي جماعتون هلنديون سي اچڙي ٿر مان، مير جي رياست جي اپرندين پاسي کان پوءِ نُور پٽون، پوءِ پاڳ نئن ۽ پوءِ گهلو درياهه وٽان وڃي وچ سنڌ جي جماعتن واري واٽ وٺنديون. ٻي راولي واري واٽ يا راورو گس هو: نبي سر، عمرڪوٽ، ڪپرو، کوڙي، فرش، ٽنڊو منا خان، بکار، اوُڍو، توڳاچو، ميد جي ڏکن تي، پاڊي، ڪڪڙي ڪوني، هيڪل جو ٿوڙ، تجل، جهڙيارو، سائدو، لئي واري، مُرادي تي، قلو، مامڙو، مهرن وارو ڏيرڙو، وس، نڪرانو جتي وڃي وچ سنڌ واري واٽ سان گڏبا هئا.

لاڙ مان ٽنڊي باگي ۽ بدين تعلقن جون جماعتون بدين کان 9 ميل ڏکڻ اولهه شيخ عيسيٰ جي زيارت ڪري اتان هلنديون هيون. اڳ مهيني جي ستين تاريخ مقرر هئي، جنهن تي جماعت وارا اچي، مقرر ماڳ تي گڏ ٿيندا هئا. لاڙ وارا فقير جدا جدا ماڳن تان هلندا هئا ته به آخر وچ سنڌ ڏاري پهچڻ کان پوءِ ٻن راهن مان ڪابه هڪ راهه وٺي هلندا هئا. هڪ 'منڊي منزل' واري راهه ۽ ٻي 'سري واري راهه' (ڏسو هيٺ).

- فقير جماعت ڪري هلندا ته جماعت ۾ ٽي فقير مک هوندا: هڪ خليفو جو مڙني جو اڳواڻ، ٻيو ڀانداري جو ڪاڏي پيتي ۽ جماعت جي پرگهور ۽ سنڀار ڪري ۽ ٽيون ذاڪر جو ذڪر جي اڳواڻي ڪري. هر فقير سان اڪثر پنج ٿول هوندا: ڪُندري، ڪاري ڪتي، ڪَنديل، ڪشتي ۽ ڪَري. ڪندري لوهه واري يا بانس جي لٺ هوندي، ڪنديل ٻڪريءَ جي چم جي سڄي کل مان نهيل ڳوٿري جنهن ۾ اٽو، ٻدر (ڪاڏي جون شيون) ۽ ٻيو ٿمر هوندو.
- قطار ڪري هلندا. هرڪو پوتيءَ سان گهنڊ هڻي قطار ۾ هلندو ۽ سڄي سفر ۾ شروع کان جتي بينو ان مقرر جاءِ تي هلندو.
- ذڪر ڪندا جيڪو ٻه قسم: هڪ تحليل جو ذڪر ۽ ٻيو ڏهر جو ذڪر. تحليل جي ذڪر جون ڇهه تسبيحون: 1. لا اِلٰه اِلا الله 2. اِلا الله 3. الله الله 4. لِلّٰه لِلّٰه 5. لهُ لهُ 6. هُو هُو (هر هڪ يارهن ڀيرا).

(ڏهر جو ذڪر ٽي تسبيحون):

1- لا اِلٰه اِلا الله، 2- الله الله، 3- هُو هُو. ان ۾ لا اِلٰه اِلا الله جي تسبيح پڙهي وايون پڙهندا (اڪثر ميين شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف جون) اهي 'چوٽ وايون' يا 'لسيون وايون' (ٿوري الحان سان)، مثلاً هڪ وائي ته:

اُتي چرخو چور، سُتين سور پرائيا.

ائين وائي چئي وري تسبيح پڙهندا ۽ وري وائي چوندا. ٻي تسبيح پوري ڪري ڏناسري جا بيت ڏيندا، بيت ڏيئي وري تسبيح ۽ وري بيت. دستور اهو ته فقير اڪيلو هجي ته تحليل جو ذڪر ڪري ۽ جماعت ۾ هجي ته ڏهر جو ذڪر ڪري.

- بدر پچائڻ ۽ بدر وراهڻ: يعني مانيون پچائڻ (آڏو منزل جي ثمر طور)، بدر پچڻ يعني مانين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ (اڳ مانيون چانورن يا ٻاجهريءَ جي اٽي جون هونديون هيون) ۽ بدر وراهڻ يعني اهي پڳل ٽڪرا ورهائڻ. ورهائيندو پانداري، اڳ وارا فقير (ٽالپورن جي دور تائين) ائين پهر بدر ورهائيندا هئا ۽ هڪ هڪ مٺ ٽڪرن جي هر فقير کي ڏيندا هئا. ڏينهن جو پنڌ ۽ رات جو ائين سمهي رهندا هئا. ۽ صبوح جو بدر ورهائيندا هئا. اندازاً انگريزن واري دور کان وٺي ورچ وڏايائون ۽ سانجهي توڙي صبوح چئن چئن جڻن کي مُني ڪشتي ڪري ڏنائون. اڳيان فقير جيڪا مٺ ملندي هئي تنهن مان پهريون ٽڪر پانداري کي ڏيندا هئا. ڪو پانداري به ايڏي صبر وارو هوندو هو جو اهو ٽڪر وري ڪنديل ۾ وجهي ڇڏيندو هو ۽ ڪائيندو ڪونه هو. پڇيائونس ته چيائين: ادا! اوهان ٽڪر ڏنو پر ائين ڪونه چيو ته کاءُ، تڏهن مون امانت سمجهي رکي ڇڏيو. فقيرن جو ’ٽاري ٻڌڻ‘ يعني ٽولي ٻڌي ويهڻ پر ان ۾ عدد مقرر ڪونهي. پر چئن فقيرن جي گڏجي ويهڻ کي ’رومال‘ چوندا. بدر ورهائڻ وقت چوندا ته ’رومال ناهيو‘، يعني چار چار ڄڻا گڏجي ويهو. ساڳئي راهه واري پنڌ ۾ جيڪي پهرين ڏينهن رومال ۾ گڏيا، سيئي پوءِ هميشه رومال ناهيندا.
- راهه جي پنڌ ۾ جتي ٽڪندا اتي به فقير گڏ فقر (گدائي) لاءِ نڪرندا. چوندا: ”ٻه فقير ٽي دعا.“ ڪستي ۾ ڪَن وٺندا، يعني هر جاءِ تان ماني وٺندا. (اصطلاح ڪن اڳاڙڻ معنيٰ ته هر گهر مان ٽڪر وٺڻ) فقر ڪري موٽندا ۽ سلام واريندا ته چوندا ”ننگر صلات!“ ويٺل چوندا. ”نعمت عشق الله.“
- راهه جو پنڌ: راهه ۾ تکو تکڙو، صبر ۽ سنگت سان هلڻ، اها ڪِري (رک) ۽ انهيءَ ۾ ئي امانت. فقيرن جي روايت ته غوث صاحب چيو ته، امانت مون ڪئي ٽي پتيون. هڪ جهليم پاڻ وٽ، ٻي ڇڏيم پونيرن (اولاد) وٽ ۽ ٽري ڇڏيم راهه تي. جيڪو راهه ۾ هلندو سو رڱبو. چوندا ته: جي سون جي سِر بيٺ تي ٻڌل هجيو ته به پڄو ۽ هلو، راهه تي بيهو نه، ترسو نه. راهه هلندن جي آهي، ويٺلن جي ڪانهي. انهيءَ معنيٰ ۾ ڀٽائي صاحب جي بيت جي سٽ ته:

توڙي لهين نه پير، ته به راحت آهي رڙهڻ ۾.

- راهه ۾ جيڪو فقير گذاري ويو، تنهن کي راهه جي سڄي پاسي دفن ڪندا، پيشاب ٿورو راهه جي کٻي پاسي ڪندا.
- 'منڊي منزل، واري راهه': 'منڊي منزل' يا 'منڊي واري منزل' (هاٽوڪن شهدادپور ۽ سنجهوري تعلقن جي حدن ۾) ڏُنڙي، ٻرهون، پاڇي ۽ ڪڏڙي کان شروع ٿي واهوند تي پهچندي هئي. فقير 'منڊي واري' کان وٺي 'واهوند جي منزل پريندا'. يعني منڊي واري کان وٺي واهوند جون منزلون ڪندا. واهوند (تائين پهچڻ) جون جملي چار منزلون (1) ڏنڙي، ٻرهون پاڇي ۽ ڪڏڙي کان وٺي 'گڏهه گُري' تائين: نالو ان جو منڊي منزل يا منڊي واري منزل (2) گڏهه ڪري کان وٺي گيندڙائو يا لئي واري يا ٻير واري تائين ٻي منزل (3) اتان کان وٺي فقير جو ڏورو يا سائڊو ٽري منزل (4) اتان کان 'وس جو ڪوٽ' يا نڪرياڻي جو اوڪار (يعني ٽر جي آخري حد) منڊي کان وٺي نڪرياڻي تائين اهو لاڙائي فقيرن جو راهه، اها واهوند جي مسافت يا مسافري.
- ٻيو 'سري وارو راهه'، جنهن جو نالو شاهه جي نالي سان چيل هيٺين بيت ۾ آيو آهي ته:

واهوند ۾ وس ٿي، سِري پيو سُڪار
لاتائين لطيف چئي، مٿان ڏيهه ڏڪار
وحدت جو واپار، روضي شاهه رڪن جي.

'سِري واري راهه'، يعني سنڌ جي سري يا مٿئين پاسي واري واٽ جيڪا ٽنڊي آدم، هالا، سڪرنڊ، موري کان پوءِ اُتر ڏانهن روهڙي ۽ اتان پني عاقل، گهوٽڪي ۽ ماٿيلي کان اچي ڏهرڪي ۾ 'واهوند' واري واٽ سان گڏبي هئي. هالن ۾ پٽي بزرگ ۽ سڪرنڊ طرف ونجهيري وارا پير غوثي طريقي جا خليفا هئا. ونجهيرين وارا پير جماعت جا اڳواڻ ٿي هلندا هئا ۽ لاڙ مان ڪنگوري وارا نوحاڻي فقير سندن جماعت سان هلندا هئا.

نِڪرياڻي تائين چوٿين منزل کان اڳتي اٺ منزلون 'پنجاب جون' ڪري ساريندا، جيتوڻيڪ نڪرياڻو ۽ ڏهرڪي سنڌ جي حد اندر آهن. (5) نڪرياڻي کان جروار، (6) جروار کان خيرپور ڏهرڪي، ريتي يا ڏنڊي خيرپور ڏهرڪي کي سڏيندا 'آڏي واري' يعني اڌ پنڌ واري منزل چوندا 'خيرپور آڏي واري' (7) اتان 'روڙي جو کوهه' سنجرپور جي پريان، (8) اتان خان ٻيلو، (9) اتان اُچ شريف جي آسپاس، (10) اتان اڳتي گهلُو (درياءَ جو پيٽ) مٿي ويندا جلالپور پير واري، (11) اتان شجاع آباد (جي اوريان يا پريان ٽڪندا)، (12) اتان کان ملتان.[1]

---

[1] 'راهه جي پنڌ' جو تفصيلي بيان 1965ع ۾، ملتان جي خليفي محمود نوحاڻي عمر 75 سال (ولد خليفو سائين ڏنو ولد خليفو محمود ولد خليفو الله رکيو جيڪو 1843ع ۾ انگريزن سان وڙهندي شهيد ٿيو،

- ملتان ۾ زيارتون ڪندا ۽ خاص طرح ڇهبڇي ۾ وهجندا. ڇهبڇو (يعني ڇاهه جو ٻچو يا کوهه جو ٻچو). هڪ هودي آهي جيڪا ملتان ۾ اسٽيشن لڳ پاڪن جو تڙ (باغ ۽ کوهه) وٽ آهي، ان ۾ وهنجڻ هڪ وڏو درجو آهي. جن ملتان پيٽيو سي فخر مان چوندا: "اسان جو ڇهبڇي ۾ تڙ ٽيل آهي."
- راهه جي انهن منزلن بابت فقيرن جا چيل ڏهر جا بيت ته:

پري پنڌ پنجاب جو، آڏو اُٻاڙو
ڪڪوريو قاسم چئي گهلوءَ جو گهارو
پيراٽو پاڙو، مئي سين نه مٽيان.

--

روضو شاهه رڪن جو، جڙي ڏٺو جن
قرض مرض جي قاسم چئي، تنگي لٿي تن
ڪونيو پير پڇن، درد تني جي دل جا.

--

درد دلاسي ڪاٽيا، ويا ڏک لهي
پسنداسين پيرن ڪي، قاسم چئي ڪهي
روهن رات رهي، مون بهاؤالدين پيٽيو.

--

واهند ۾ وسون ٿيون، نسوري نيهان
اچان شل اڪنديو، جيسين ٿو جيان
هلي هٿ ڏيان، پلي پاون شاهه ڪي.

--

گهلو گهوٽ لنگهيا، گهڙيا منجهه گهاري
وٺون پير وراهيون، شاهه رڪن ساري
پانڌي پهرائي، واريا پير وطن تي.

--

گهلو گهوٽ لنگهيا، پتڻ پهرئين پور
بادشاهه بهاؤالدين ڏي، مانو هل مَ مور.

--

---

ڪان معلوم ٿيو، فقير وڏو سجاڻ ۽ عابد هو. شاهه جي رسالي جو به ڄاڻو هو. پاڻ 'راهه جي پنڌ' سان ملتان ويل هو.

جُنبي جلال پور ڪان، پانڌي ڪڻ پيرو
بادشاھ بھاؤالدين جو، ديک ھلي ديرو
غوث گڏبڻ گس ۾، ساٿي سويرو
مدعي سو ميرو، جو مجھ ڪري ملتان ڪان.

--

جُنبي جلالپور ڪان، پانڌي ڪٽج پڳ،
اٿي رڙھ راول چئي، دولھ مٿي دڳ،
جاٿون ڪن جڳ، روضي شاھ رڪن جي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد ستون)
سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2006ع]

❑

## اجان پڻ آهين

# ⑫ فقير علي گوهر شر

فولاد علي شر پنهنجي وقت جو نر ۽ نامور فقير هو. سچل جي وفات کي چاليهه سال به ڪين گذريا هئا، جو درازن کان ڪجهه دور مينگهي فقير شر جي ڳوٺ (تعلقو نري، ضلعو خيرپور) ۾ ڄائو. پڻس سندس نالو ’فولاد‘ رکيو ۽ فقير به پوءِ فولاد ٿي پنهنجي نالي کي شرف ڏنو. مينگهو فقير شر طالب هو فقير محمد يوسف اڳڙي جو، جيڪو سچل سائين جو وڏو خليفو هو. مينگهي فقير کان پوءِ پٽس غلام حيدر نالي وارو فقير ۽ شاعر ٿيو. فولاد يارهن سالن جو هيو جو غلام حيدر فقير وفات ڪئي. بهرحال ننڍڙي فولاد جتي اکيون پٽيون ۽ وڏو ٿيو اتي سچل جي سلسلي جي فقيرن جا قدم قائم هئا، پر جنهن جو نالو فولاد تنهن لوهه کي به ڪٽي پنهنجي نئين واٽ ڪڍي. هو وجي طالب ٿيو ’مگرڄي‘[1] جي درويش محمد علي شاهه جيلاني عرف ”سهڻو سائين“ جو، جيڪو طالب هو فقير خير محمد هيسباڻي جو. ٻئي طرف فولاد علي علم حاصل ڪيو. 1877ع ۾ سنڌي ڪاميٽي جو امتحان پاس ڪيائين. فارسي مڪتبي تعليم ايتري حاصل ڪيائين جو پوءِ مولانا رومي جي مثنوي پاڻ پڙهي پوري ڪيائين. قرآن شريف ۽ حديث جي هدايت ۽ حڪمت کي پنهنجي سوچ ۽ ڄاڻ مطابق سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين. فولاد علي جو ذهن جڏهن جوان ٿيو ته پنهنجي ماحول ۾ هن سچل جي سلسلي جي رسمي فقيرن ۽ طالبن واتان، جيڪي پاڻ حقيقت کان بي خبر هئا، ”مئن وو مئن“ جا هُل ۽ هوڪا ٻڌا. تڏهن فولاد علي فقير چيو ته: جيڪڏهن ”مئن وو مئن“ اها آهي ته پوءِ ”مان به مان“. وري جڏهن غوغاط ٿيو ته ”اسين ساڳيا اهي آهيون، پر لوڪ چوي ائين ناهي“، ته فولاد علي فقير به اعلان ڪيو ته ”اسين به ساڳيا اهي آهيون.“ فولاد علي فقير نلهين رسمي ڳالهين کي ٿوڙي حق ۽ حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو، ته رسم جي دعويدارن فقير تي طعنن، مهڻن، ملامتن جا تير وسائي ڇڏيا. پر پلا فولاد کي تير ڇا ڪن! چيائونس ته، ”تون وڏو شيطان آهين“. چيائين ته: ’جيڪي به چئو پر اسين ساڳيا اهي آهيون.‘ فقير پوءِ ’ريا ۽ مڪر‘ ۽ ’حق ۽ حقيقت‘ ۾ فرق سمجهائڻ خاطر هڪ عام دعوت ڪئي، جنهن جو ذڪر اسان سان هن طرح ڪيائين ته:

’ابا هڪ طرف دال ماني رکائي سي ته ٻئي طرف پلاءُ. جڏهن ماڻهو اچڻ لڳا ته اسان در وٽ بيٺا سي ۽ مهمانن کي چيو

---

[1] ’مگرجي‘، پير صاحب پاڳارن جي درگاهه کان اُتر طرف آهي.

سي ته: هن طرف الله جي ماني آهي ۽ هن (پلاءُ واري) طرف شيطان جي. پنهنجي رضا سان جتي چاهيو اتي ويهي کائو.‘

فقير چيو ته: ’ابا، گهڻا سڀ پلاءُ واري طرف ويا.‘ اها ڳالهه فقير اسان سان تڏهن ڪئي، جڏهن پريُٺ فقير جون ڳالهيون ٻڌي، آءٌ ڪن پنهنجن پيارن دوستن سان گڏ فقير فولاد علي کي ملڻ ۽ ساڻس ڪچهري ڪرڻ لاءِ سندس ’محبت خاني‘ تي پهتس. انهن دوستن مان هڪ پيارو سڄڻ محترم علي احمد بروهي حال حيات آهي. فولاد علي فقير جي عمر ان وقت نوي سال کن هئي. ڊگهي سفيد ڏاڙهي ۽ مٿي تي ڊگهي اڇي ڪُلاه (فاقيري چوٽيدار ٽوپي). فقير ڪان مون جڏهن ڳالهيون پڇيون ته بنا ڪنهن رک رکاءَ جي سڀ ٻڌايائين. جڏهن ڪي تصوف ۽ طريقت جا مسئلا آيا ته قرآن شريف جي آيتن، حديثن ۽ مولانا رومي جي مثنوي جي بيتن جي شاهدين سان بيان ڪيائين. اسان سڀ نهايت متاثر ٿياسون، پر آفرين پياري علي احمد کي جنهن رسالي ”نئين زندگي“ ۾ پنهنجو مضمون ”ڪلجڳ جو ڪاپڙي“ لکيو ۽ فولاد علي فقير کي سندس حياتي ۾ ئي دل کولي داد ڏنو. مون سان فقير صاحب خط و ڪتابت جو سلسلو قائم رکيو. ان وقت فقير جي خلاف جهول تعلقي سنجهوري جي شر بلوچن طرفان هڪ ڪتاب شايع ٿيو. جنهن جو عنوان ’شيطان سان ڳالهيون‘ يا ’شيطان سان سوال جواب‘ جهڙو هو. فقير پاڻ به شر بلوچ هو، پر پنهنجن پائرن تي ڪاوڙيو ڪونه ۽ نه ڪو جواب ڏنائين، البت ڪتاب مون ڏي ڏياري موڪليائين ۽ لکيائين ته: ”هن ڪتاب ۾ اسان جي نفس سان چڱي جٺ ڦٽ ٿيل آهي ۽ اوهان به ان کي پڙهي ڇڏيندا.“ آءٌ فقير سان ٻيو دفعو ملي ڪونه سگهيس، تان جو فقير پهرين تاريخ عرس واري مهيني جي سن 1387ھ (10- جون 1967ع) ۾ وفات ڪئي. محترم علي احمد جنهن کي ’ڪلجڳ جو ڪاپڙي‘ قرار ڏنو هو سو جهان ڇڏي ويو. هڪ وڏي عرصي تائين اهو خيال وري وري پئي آيو ته پلا فولاد علي فقير وارو خال به ڪو مڙس پريندو!

## اڃا ڪي آهين:

تازو ويجهي عرصي ۾ فولاد علي فقير جي فرزند ۽ صحيح معنيٰ ۾ جاءِ نشين فقير علي گوهر سان اسلام آباد ۾ اتفاقي ملاقات ٿي، ۽ ملنديئي پنهنجي رمز ۽ راز ۽ خيالن جي پرواز سان، وڏي فقير فولاد علي جون سِڪون لاٿائين ۽ اسان مڃيو ته بيشڪ:

”اڃان پڻ آهين، هوندا ڪلجڳ تائين ڪاپڙي.“

فقير علي گوهر 1918ع ۾ ڄائو. پيءُ جو اڪيلو پٽ هو ۽ وڏي فقير کيس تعليم لاءِ تاڪيد ڪئي. پهريائين سنڌي ست درجا پڙهي بوزدارن جي اسڪول مان ڪاميٽي امتحان پاس ڪيائين. ماستري جو آرڊر مليس، پر وڏي فقير چيس ته: ماستري ڪپيئي ياالله؟ بس پوءِ نوڪري تي ڪونه چڙهيو ۽ وڃي

مولوي فيض محمد شر کان فارسي پڙهيائين. ان بعد ٽکڙن جي قاضي غلام محمد کيس فارسي جو ’صرف نحو‘ پڙهايو. پنجويهن ورهين جي ڄمار ۾ ملا کان طنب ورتائين ۽ پوءِ وڏي فقير جي خدمت ۾ گذاريائين. اسان جڏهن فولاد علي فقير کي ملڻ وياسون، تڏهن به سندس خدمت ۾ هو؛ پر ان وقت رکو ’علي گوهر‘ هو ۽ هاڻي ”سلطان السلاطين شمس العارفين علي گوهر فقير صوفي نقشبندي قادري خضري.“

تاريخ 7- اپريل 1983ع اسلام آباد ۾ جهڙڦڙ وارو ڏينهن هو. 12 بجي ڌاري گهران مون کي ٽيليفون تي اطلاع مليو ته سنڌ جا ڪي ٻه فقير اوهان سان ملڻ آيا آهن. آءٌ جلدي اچي پهتس ۽ فقيرن سان مليس ۽ احوال ورتم. مون کي چٺي ڏنائون جيڪا علي گوهر فقير طرفان لکيل هئي ته: ’هتي شاهه عبداللطيف ٻري جي درگاهه تي آيل آهيون ۽ اوهان سان ملڻ کان سواءِ واپس وڃڻ گوارا نٿا ڪريون.‘ مون چيو ته فقير پلي اچي. وچان ويهن سالن کان ٻه وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو. مون کي فولاد علي فقير ياد آيو. سوچيم ته فقير علي گوهر وساريو ڪونه، پر الائجي ڪهڙي رنگ ۾ هوندو!

پوئين پهر 4 بجه جو وقت هو، آسمان جهڙ سان ڇانيل هو ۽ هلڪي ڦُڙ ڦُڙ پئي وسي، ان کان اڳ چڱو خاصو مينهن پيو هو. انهيءَ سمان ۾ گهنڊ جا ڌڪ لڳا. اچان دير ئي ڪانه ٿي ته دروازي وٽان ڇهه ست فقير ڳاڙهي گيڙو ويس سان نروار ٿيا. سندن اڳواڻ علي گوهر فقير ڳاڙهي ويس ۽ سائي ڪُلاه سان پري کان پڌرو نظر آيو. آءٌ وڏي وجهي فقير سان مليس ۽ فقير به وڏي محبت سان مليو. ويناسون ۽ حال احوال ٿيا. پنهنجي فاقيري لباس جي خبر فقير پاڻ سمجهائي ته: ’لال- رنگ‘ (گيڙو) ويس، خاڪ مٽي جي رنگ وارو ويس آهي، جنهن جي پائڻ سان هستي هٽي ٿي.

- مٿي تي سائي ڪُلاه (ڊگهي چوٽيدار ٽوپي) جنهن تي لکيل ”الله اڪبر“ ۽ پڻ ”توحيد جو سچ“ راهين (ڪرٽن) سان ڇپيل.
- انهيءَ فاقيري ڪُلاه کان سواءِ، ٻيو ”چاندي جو چٽر، جارج پنجين وارو“، سو وڏي فقير فولاد علي جي طالب ماستر نورالله، فقير لاءِ حيدرآباد مان نهرائي موڪليو.
- رومال، ٻن پڙن وارو ٻٽو، جنهن جي ٻنهي پاسن تي اٺ دفعا ”الله تبارڪ تعاليٰ“ لکيل.
- ’نعلين‘ يعني ڳاڙهي بخمل جا سليپر، جن مان هڪ تي سچ راسين سان سٽيل ته ٻئي تي چنڊ تارن سان چٽيل. اهي سندس طالب ماستر محمد يوسف نهرائي پيش ڪيا. هرهڪ سليپر جي پوئين پاسي هينان ننڍڙي ٻار جو پير ڪاٺ جو نهيل ۽ نوڪيل، جئن ماٺهو هلي ته ٻاراٽا پير نشان

ٿين. اهو ڏسي مون پڇيو، ته فقير چيو: ”اسان الله جا ننڍڙا نينگر آهيون.“ پوءِ مثنوي مان هيٺيون شعر شاهدي طور پڙهيائين ته:

اوليا اطفال حق اند اي پسر
در حضورِ غيب آگه باخبر.

**گوهر جي گفتار:**

فقير مهرباني ڪري ٻه راتيون اسان وٽ منزل ڪئي، ڳائڻ وڄائڻ وارا فقير گڏ هئا. صوفي سنڌي ڪلام چوٽ چڙهي ويا. چؤڏاري ’پڙهيلءِ ’وڏن ماڻهن‘ جا گهر، سمجهي نه پيا سگهن ته هي ريڊيو آهي، ٽي.وي يا ٻيو ڪو لقاءُ. ڳائڻ ته رڳو ساهي لاءِ هو، باقي مسلسل هلندڙ هُئي فقير جي گفتار، اسان سان دل کولي رهاڻ ڪيائين ۽ سلوڪ ۽ طريقت جا سڀ راز کولي ڇڏيائين، ڄڻ ڪشف ۽ استغراق واري سير ۾ سندس فڪر جي پرواز تي پرواز هئي، فولاد فقير پنهنجي رٽ ۽ رمز ۾ يگانو هو ۽ علي گوهر فقير تي ٻه سندس فيض جو اثر پيو ته:

”جي لهوارو لوڪ وهي، ته تون اوچو وَهُه اوڀار.“

سو جيڪڏهن ڪو دل جهلي، ۽ فقيرعلي گوهر جي گفتار ۾ ’اوڀار‘ کي ’لهوار‘ ڪري سمجهي، ’ابت‘ کي ’سبت‘ ڪري ڄاڻي ۽ الٽ پيد جا اشارا پروڙي ته پوءِ پل فقير ساڻ رهاڻ ڪري، باقي محض سياڻي پڙهيل يا اياڻي اشراف کي ڪپي ته پڇي پاسو ڪري. پر جيڪو سندس گوڏو جهلي وينو ته فقير نه رڳو ستن آسمانن جا مٿان مٿان جا سير ڪرائيندس، پر گهٽي گهٽي ڪري گهمائيندس، الله تعاليٰ سان آمهون سامهون ڪندس، نبي نبي سان ملائيندس، ۽ ولي ولي سان منهن مقابل ڪندس. باقي ”فڪر هرڪس به قدر همتِ اوست“. جيڪڏهن ڪو هُوسي هَوَسِي شيطاني وسوسن ۾ ور وڪڙ وجهندو ته فقير علي گوهر اتي ٻه ڪيس پڄندو جو ننڍڙا وڏڙا شيطان سندس سڳي ۾ سلهاڙيل آهن.

هاڻي پڙهندڙ جيڪڏهن پاڻ کي پختو ڪري ته پل فقير جي گفتار ٻڌي، جنهن مان ڪي چار چؤنڪ اسان تڪڙو قلم وهائي قابو ڪيا. فقير چيو ته:

- الله سائين ڪان حجت ڪري سندس ذات پڇي سون. چيائين ته: هر ذات منهنجي ذات آهي، ته ٻه هر ذات ڪان مٿي آهيان، پر جيئن عام سمجهن ٿا تئن ذات جو سيد آهيان، پر ڪڏهن ڪڏهن بروچ ٻه سڏائيندو آهيان.
- هڪ خاص دعوت ڪئي سي جنهن ۾ سڀ ولي آيا: شمس تبريز ڪٽ جي سيراندي ڪان ٿي وينو، پرسان قلندر ۽ ان جي پرسان منصور.
- جنهن جو ڪلام پڙهبو آهي سو پاڻ گڏ هوندو آهي: قرآن شريف پڙهڻ وقت الله پاڪ حاضر ناظر هوندو آهي ۽ نبي سڳورو پاڻ پڙهائيندو آهي، هندو جڏهن گيتا پڙهندا آهن، ته ڪرشن پڙهائيندو اٿن.

- نبي سڀ ماستر هئا ۽ جاهلن کي پئي پڙهايائون. سندن واسطي اهو ضروري هو ته جيڪي چون سو عملي طور پاڻ ڪري ڏيکارين، ته جئن جاهل سولائي سان سکن ۽ سمجهن.
- ملامت سان عشق سلامت رهي ٿو.
- باک ڦٽي وارو وقت آهي انن پهرن جي ولوڙي جي مکڻ ڪڍڻ جي مهل.
- صوفي لاءِ سماع ائين آهي جيئن هندن لاءِ هولي، شهيدن لاءِ تلوار، نمازي لاءِ سجود، بکئي لاءِ ماني، اُجايل لاءِ پاڻي، انڌي لاءِ اک، سياٽيل لاءِ سوڙ، پيادي لاءِ جيپ. سماع هڪ ڪشش آهي جيڪا عرش ڪرسي کي سميٽي ٿي.
- جنهن ذڪر نفي اثبات ڪمايو، پر ان سان گڏ ٻوڙ پلاءُ چاشنيون به ڪاڏائين، ته اهو جسم مان ٻاهر نڪري معراج ڪونه ڪندو: نه هن جو نفس مرندو، نه هوڏ هستي هٽندس، ڪافر (نفس) جو جٽيو ويندو ٿلهو ٿيندو، تان جو نوڙ جهڙو ٿي ويندو، ٻئي هٿ وجهي ڳاڙهو ٿي ويندو ته به جٽيي جي تند ئي نه ڇڄندي.
- يارو صوفي لاءِ ذڪر نفي اثبات سرمو اڪسير آهي، مهميرو آهي جو انڌي کي اکيون ڏئي: هي نفي واري نستر آهي جيڪا خدا جي حڪم سان جنهن 'بيخود' (علي گوهر فقير) کي عنايت ٿي آهي، آهي ڪو انڌو جو سڄو ڪيونس! آهي ڪو انڌو جو سڄو ڪيونس!!
- سڄي سنڌ ۾ ڪئين مقام آهن، جن ۾ گهٽا سڀ مڇ جا ماريل آهن: ڪي سؤ کن عارف سنڌ ۾ ٿيا، جن مڇ کي ماريو.

جيئن وڏي فقير سندس والد تي حملا ٿيا، پر فولاد هر لوهه کي وڍي ڇڏيو: تيئن علي گوهر فقير سان به جن مناظرا ڪيا تن پڇتايو. ڪي موجوده دور جا مست تن کي گس لاتائين، انهن مان هڪ ظفر علي فقير هيسباٽي آهي، جيڪو پڻ ڏٽي جو دادلو آهي. ويهارو سال اڳ جڏهن راقم شاهه لطيف ثقافتي مرڪز ڪميٽي جو سيڪريٽري هو، تڏهن ظفر علي فقير به پٽ تي پيرا ڪندو هو. ڪڏهن انگريزن وارو ٽوپلو به پائيندو هو. ان وقت فقير مستي جي موج واري منزل تي هو. قلندر شهباز جي پنيرائي سان روءِ زمين جي حڪومت هلائڻ لاءِ هڪ 'ڪئبنيٽ' (حڪمران جماعت) قائم ڪئي هئائين جنهن ۾ قلندر شهباز بادشاهه هو ۽ فقير پاڻ 'وزيراعظم' جو عهدو سنڀاليو. سائين جي.ايم.سيد ۽ مون کي به وزارت ۾ شامل ڪيو هئائين، ان عرصي ۾ هڪ نئين "پاڪستاني" ٻولي به ايجاد ڪئي هئائين ۽ پڻ ان جو گرامر ٺاهيو هئائين. پڄاڻ ۾ آيو ته سڪندر مرزا وٽ اهو تحفو کڻي ٿي ويو ته پهريدارن اندر وڃڻ نه ڏنس. فقير چوائي موڪليو ته: مون هي قومي مسئلو هٿ ۾ کنيو آهي ۽ ان کي خوش اسلوبي سان حل ڪيو اٿم، ته به اندر وڃڻ جي اجازت نه مليس. تڏهن پهريدارن کي به ڌڪا ڏيئي اندر

”گورنر هائوس“ ۾ گهڙي پيو، پوءِ ته فقير کي چوڏاري ڇهڻ ويا. تڏهن پنهنجي سياسي سڃاڻپ ڪرايائين ته قلندر شهباز جي بين الاقوامي حڪومت جو ”وزيرِاعظم“ آهي. غلام محمد وانگر سڪندر مرزا جي به ”وزيراعظم“ جي نالي سان ازلي دشمني هئي. پاڻيائين ته ڪو ويس بدلائي ٿو ڪانئس ڪرسي کسي، سو فقير کي ٽي مهينا ٽيپ ڏيئي ڇڏيائون. وزيراعظم ڪانسواءِ اسان جي وزارت به واڱڙي ٿي وئي ۽ فقير پاڻ پنهنجي همت سان جيل ڪاٽي ٻاهر نڪتو، اسان به اها ڳالهه ٻڌي، باقي سچ يا ڪوڙ سو راوي جي سر تي!

بهرحال ظفر علي فقير دنيا ۽ دنيا وارن کان منهن موڙيو ۽ صحيح معنيٰ ۾ صوفي بڻجڻ جي ڪوشش ڪيائين. بقول علي گوهر فقير: ’پانيائين ته خيرمحمد فقير هيسباڻي ٿيان، پر ٿي نه سگهيو.‘ وڌيڪ جيڪا گفتار علي گوهر سائين ڪئي، ان مان ائين معلوم ٿيو ته ظفر علي سائين جي روحاني ترقي جا دروازا پوءِ کليا. پٽ شاهه تي جڏهن اسان ظفر علي فقير کي ڏٺو هو، تڏهن به سندس عمر چاليهن سالن کان مٿي هئي، نبوت چاليهن سالن تي عطا ٿيندي آهي؛ پر ظفر علي تي الهام پنجاهه سالن کان به پوءِ ٿيو ۽ مٿس ”تزافپ“ نالي پاڪستاني صحيفو نازل ٿيو، جنهن جو معنوي تفسير پاڻ هن طرح سمجهايائين ته:

ت = توريت

ز = زبور

ا = انجيل

ف = فرقان

پ = پاڪستان

پوءِ اهو ڪتاب کڻي آيو علي گوهر فقير وٽ. فقير چيس ته پڙهه ته ٻڌان.

ظفر علي فقير وڏي اهتمام سان پڙهيو ته: ”حضرت آدم.... حضرت ابراهيم..... حضرت موسيٰ..... حضرت عيسيٰ.“ تڏهن علي گوهر فقير يڪدم چيس ته: ”ڪتاب ڪوڙو آهي، ڪڏ ڪڻي پوري ڇڏ.“ ظفر علي فقير سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ بحث ڪرڻ وارو هو جو علي گوهر فقير چيس ته:

> ”قرآن شريف ئي الهامي ڪتاب آهي، جنهن ۾ نبين جا نالا آدم، ابراهيم، موسيٰ، عيسيٰ وغيره آيل آهن. اهي الله جا وزير هئا. الله بادشاهه پنهنجن وزيرن کي ’حضرت‘ ڪيئن چوندو! اهو ڪتاب تنهنجو ناهيل آهي، تڏهن ٿو نبين کي ’حضرت‘ چوين.“

بهرحال الهام ته هر شيءِ کي ٿي سگهي ٿو ۽ جي ظفر علي سائين کي ٿيو هوندو ته به پاڻ ڄاڻي. پر ظفر علي فقير شايد اڃان به وڌيڪ روحاني ترقي ڪري ’حق‘ واري منزل تي پهتو ۽ شايد عالم برزخ ۾ وڃي منصور سان وڏو

ڪو مقابلو ڪيائين ۽ ڪيس چيائين تہ: تو تہ رڳو پاڻ کي 'حق' چيو، پر آءٌ ٻين کان بہ پاڻ کي 'حق' چوائيندس. سچل واري ڳالهہ بہ ظفر علي فقير جي ٻڌل هئي جو "مئن وو مئن" ۽ پاڻ کي "اهو ساڳيو" چيائين، پر ساڳئي وقت اها شڪايت ڪيائين تہ نتا مڃين "عام چوي ائين ناهي" ظفر علي فقير ٻين واتان 'حق چوائڻ' لاءِ پنهنجي ميخاني ۾ داخل ٿيندڙن لاءِ نئون سلام نروار ڪيو تہ:

حق هسيباٽي!

برحق هيسباٽي!!

جيئن تہ ظفر علي فقير، سندس ڪتاب ۽ سندس ڪلام جو ذڪر، علي گوهر فقير جي گفتار ۾ آيو هو، انهيءَ ڪري ئي هِت آٽٺو پيو: پر هاڻي وري ورون ٿا فقير جي رهيل گفتار ڏانهن جيڪا اسان قلمبند ڪئي.

❖ علي گوهر فقير کان ڪنهن پڇيو تہ: "اوهان اولياء آهيو، عارف يا عاشق؟" فقير جواب ڏنو تہ: "اسان الله جا معشوق آهيون: اهي ٽيئي درجا اسان کان هيٺ آهن."

❖ فقير چيو تہ: "بحيثيت عشق بادشاهہ جي، الله تعاليٰ طرفان اسان کي خط پهتو." منهنجي پڇڻ تي اهو خط لفظ بہ لفظ فقير هن طرح پڙهيو تہ:

"دوست مهربان والا شان، بلند مڪان اعتصادِ محبان
دوستي دوستان زنده پاينده.
بعد از حق موجود واضح باد تہ توهان چاڪ پرسن
راضي ۽ خوش باش آهيو. والسلام
الراقم سلطان العارفين شمس الشموس
عشق بادشاهہ."

مون پڇيو تہ خط پورو ٿيو. فقير چيو تہ پورو ٿيو. مون چيو تہ منڍ وارا سلام تہ صحيح پر وڌيڪ احوال ڪونہ ٿيو. فقير چيو تہ: "بس، اکر اهي: بادشاهہ ڪو گهڻو ڳالهائيندو آهي!"

بهرحال فقير جي گفتار ڪا گهٽي هئي، پر اسان هن صحبت ۾ ايتري سنيالي، مستن جي مستي واري ڳالهہ ڪن لائڻ ڪا سولي ناهي. هجي ڪو جو صبر سان سٽي، سهي ۽ پوءِ سوچي! اعتراض ڪري سگهجن ٿا ۽ سوال پڇي سگهجن ٿا. اسان بہ ارادو ڪيو، پر فقير پنهنجي بيتن مان هڪ بيت پڙهيو جنهن جي هيٺين سٽ ۾ سڀ جواب ڏيئي ڇڏيائين تہ:

"موج مستي عشق جي آ، ڪل سوالن جو جواب."

فقير علي گوهر جي موج مستي واري گفتار ۽ رندانہ ڪردار سان گڏوگڏ سندس ڪتابن ۽ ڪلامن جو وڏو ذخيرو آهي، جنهن ۾ علمي رنگ ۽ معنوي موج سمايل آهي:

جوڳين کي ڪو جوش، معنيٰ جي مستيءَ جو
"اذا ذکر الله وجلت قلوبهم" معنيٰ منجهه مدهوش
هر هر هم- آغوش، هاديءَ سان وڃي هڪ ٿيا.

---

"لايعقلون الا بالحق"، ٻئي کي ڏس ڏين
اکين ڏنو الله کي ٻانڪن وڃهي پن
تيلاهون ني تن، ميٽيا حرف حساب جا.

اسان سنڌس ڪلام جا ٻہ مجموعا ڏٺا، جيڪي فقير وٽ موجود هئا. هڪ "روشن جهان" جنهن ۾ پنجاهہ منظوم بند شامل هئا. ۽ ٻيو "قافون عشق" جنهن ۾ هڪ سؤ هڪ بيت تشريح سان لکيل، تصنيف 19- ربيع الآخر 1384هہ، دوباره نقش نقل محرم 1386هہ. مثال طور هڪ بيت تہ:

سالڪ صوفي سيڪڙو اٿس عشق ابو
دنيا ۽ عقبيٰ ٻئي ٻارن لاءِ ٻبو
بنا عشق الله جي ان کي چا ڪبو
چاٽو سيئي ڪونہ ٿا هٿ ۾ چانبو
'بيخود' عشق انبو، چڙهي ڪائي چاشني.

فقير جي قافين ڪلامن جو بہ هڪ وڏو ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ سچل توڙي فقير خيرمحمد هيسباڻي سان هم ڪلام ٿيو آهي. مثلاً:

سچل چيو تہ: مئن آپي ڪعبا مڪا الله اساڏا سڪا
علي گوهر چيو تہ: مئن آپي ڪعبا مڪا الله اساڏا حقا!

--

سچل: اساڏي جان ڪون لڳڙي هوائلاً شمس تبريزي
علي گوهر: اساڏي جان ڪون لڳڙي هوائلاً شاه منصوري

---

خير محمد: رند روز شب آهن سدا وحدت جي واديءَ ۾ غرق
علي گوهر: رند رات ڏينهن رب سان رهن، غازي ٿيا گم ۽ غرق

---

خير محمد: پجري آدم دي آپي آيس، ڪيتم سير الاهي دا
علي گوهر: پجري آدم دا مالڪ مئن هون، ماريم طبل خدائي دا

ٻين ڪلامن ۾ علي گوهر فقير پنهنجي نرالي راه روشن ڪئي آهي ۽ معنيٰ توڙي بيان جي لحاظ سان سنڌس ڪلام صوفيانہ فڪر توڙي ادبي معيار جي لحاظ سان خاص اهميت رکن ٿا.

[رسالو تہ ماهي "سنڌ" سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد، 1984/1ع]

❑

# 13 فولاد علي فقير شر*

منهنجي ولادت 10- ماه محرم، رات جو، سن 1282ھ مطابق 1867ع جي ٿي. ننڍائيءَ ۾ قرآن شريف ملان 'دولت' وٽ پڙهڻ ٿيو، بلوغت جي اثر منجهه، ڪنهن عزيز وٽئون پارسي بيت ٻڌا ويا، جنهنڪري پارسي علم جي پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو. ڇهه مهينا ڪُهڙن جي شهر ۾ ميان خدا دوست اُجڻ فقير وٽ پڙهڻ ڪاڻ رهڻ ٿيو. ملان خدا بخش اُجڻ وٽ ڪجهه پارسي علم حاصل ڪيو ويو. اُتاهون وري درياهون پار وڃڻ ٿيو ۽ شاهه پنجي جي پرسان، آڳرن جي ڳوٺ ۾ مولوي محمد ۽ پريل ۽ غلام نبي آڳرن وٽ علم پڙهيو ويو، جو اتي خيراتي مدرسو هو. ٻارهن مهينا تنهن ڪؤن بعد، "آباد" جي ڳوٺ، لطف الله ڪلهوڙي جي پر ۾، مخدوم حبيب الله جي پٽ مخدوم غلام محمد وٽ پڙهڻ ٿيو. مولوي مصري، قاضي ڊڪڻ پڳرن جو وينل ۽ مولوي عبدالقدوس مسجد ۾ مخدومن صاحبن وٽ وعظ ڪندا هيا. مخدوم صاحب نقشبندي طريقو رکندا هيا. وقتي فقط صبح ۽ شام جو ذڪر ڪندا هُيا. انئي پهر ذڪر ۾ شامل نہ هيا: ڪجهه دنيا تہ ڪجهه امرسان، ڪجهه روڪ ڪجهه روٿيءَ سان خيال هئن. جنهن وقت پارسيءَ جو "سڪندرنامہ" پڙهي پورو ڪيوسي تہ ڳوٺ آياسي. وري جلد ئي صوپي ديري جي شهر ۾، مير صاحب مرحوم خدا بخش خان جنت مڪان جي بنگلي ۾ مولوي محمد عظيم وٽ (جو مير صاحب جي صاحبزادن کي پڙهائيندو هو) مرحوم مير منل خان عرف خير محمد خان، مرحوم مير محمد خان ۽ مرحوم مير امام بخش خان جنت مڪان جن سان گڏ پڙهڻ ٿيو، ڪاڏي پيتي جي خدمت مير صاحب مرحوم ڪندو هو. ٻہ سال اُتي رهڻ ٿيو.

پڙهي انتها ڪئي سي. ٻہ چار سال ڳوٺ اچي رهياسي. ٻاهر پري وڃي پڙهڻ جو سبب اهو هيو، جو عام طرح رياست ۾ علم پارسي ڪونہ هيو. علم رڳو مير صاحبن جي شاهي خاندان ۾ هيو- رعايا ۾ ڪونہ هيو. ڪاٿي ڪاٿي خاندانن ۾ نوشت- خواند پارسي ٿيندي هئي. سنڌي علم بلڪل ڪونہ هيو. حڪومت ۾ لکپڙهہ سڀ پارسي هئي.

جلد ئي مير صاحب مرحوم جنت مڪان مير علي مراد خان وفات ڪئي. مير صاحب مرحوم فيض محمد خان جنت مڪان تخت نشين ٿيو. انهيءَ صاحب پنهنجو وزير خانبهادر مسٽر قادر داد خان مقرر ڪيو، جنهن ڪورٽون، آفيسون، اسپتالون، اسڪول، پوليس ڪاتا، انگريزي دستور تي کوليا ۽ اسان کي سرڪاري پڳهار سان فيض گنج تعلقي ۾ ماستر مقرر ڪيائون. اُتي مٽي

---

* هيءَ سوانح فقير صاحب جي پنهنجي زباني لکيل مواد تان ورتي ويئي آهي- مرتب

چانگ، گل محمد چانگ ۽ بڪاني وٽ اسڪول سرڪاري نئون پيو. اُتي يارهن سال نوڪري ڪئيسي. اُتي اسان جي اها چال هئي جو پنج وقت نماز ۽ ٽيهہ ئي روزا رکندا هياسي. مذهب سُني هيو. روزاني پهر رات کان پوءِ "اغثني" مدح ميان صاحبڏني فقير واري بيهي پڑهبي هئي. هڪڙيءَ رات جو پڑهندي اکيون ٻوٽجي ويون ۽ خمار پئجي ويو. خمار ۾ پڑهندو وڃان، ڏسان تہ حضرت رسول ڪريم ﷺ جن سنڌو درياءَ جي ڪپ تي بيٺا آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ چيائين، "آيس! آيس!" انهن لفظن ٻڌڻ ڪئون پوءِ هوشياري ٿي. صبح تي اچي خيال وينو تہ نوڪري ڦٽي ڪري جيڪر طلب الله جي ڪنهن مرشد ڪامل کؤن وٺان، الله جي ڳولا ڪيان. نوڪريءَ جي پابنديءَ ۾ الله جي ڳولا نہ ڪري سگهندس. تنهنڪري ستت ئي ٻن ٽن ڏينهن ۾ نوڪري ڇڏيم ۽ سن 1905ع ۾ اچي ڳوٺ رهيس.

ڇهہ مهينا گذريا، تہ لقمان شهر جو هڪڙو زاهد عابد ڳوٺ ۾ آيو. انهيءَ جي زاهد جي نيڪي ٻُڌل هئي. پوءِ دعوت ڪري، وٺي آيو مانس. ٽپهريءَ جي نماز اُن فقير زاهد سان گڏ پڑهيم. پوءِ چيومانس تہ "ڪجهہ الله جو رستو ڏس"، جنهن تي 'هائو' ڪيائين. اسان چيس تہ 'تو کؤن طلب ڪانہ وٺبي، مگر ڪنهن مرشد ڪامل جو ڏس ڏي'؛ جنهن تي هڪ وظيفو ڏسيائين تہ 'ست ڏينهن پڑهبو تہ پاٽيهي جنهن جي ٻلي تنهنجي ٻانهن هوندي، سو خواب ۾ ڏسندين پوءِ اهو تنهنجو مرشد آهي: باطن ۾ جنهن جي ٻلي هوندين، اُهو ڏسندين'. پوءِ هُن زبان سان ڏسيو، مگر پاٽيهي دم سان هلڻ لڳو. الله جي محبت ڪري ست ڪوهہ پنڌ جا اسٽيشن راٽيپور تائين اونداهيءَ رات جو هُن سان سونهون ٿي گڏجي ويس. موسم اونهاري جي هئي. ٽن راتين کؤن پوءِ، قلندر سلطان ڏٺم. اُنهيءَ سان هڪ آدمي سفيد ريش گيڙو ويس سان ڏٺم. قلندر سلطان چيو تہ "فولادَ غير ڪيو اتئي؟" مان چيو تہ "نہ". پوءِ چيائين تہ "وات ڦاڙي 'ها' تہ ڪر". مان جو اُلٽيءَ جي نموني آت ڏني، تہ جيئن ڳئون مينهن کؤن پردي ۾ ڦر نڪرندو آهي، ائين منهنجي وات مؤن ايڏو ڦر وانگي ڪوڙ نڪري پيو. پوءِ قلندر شهباز چيو تہ "تنهنجو غير ڪڍيوسي"، اُتي هلي هڪ ٽڏي تي وينو. پوءِ هوءَ 'صورت' بہ هلي ويئي. پوءِ ذڪر ذاتي مان کي ياڪر وجهي سمجهايائين. پر اها صورت سفيد ريش نہ پئي سُجاڻي. پوءِ قلندر ائين چيو تہ "هتؤن درياءَ ٿيندا، سمنڊ ٿيندو، ۽ لهريون ٿينديون!" هڪ رات ۾ ٽي دفعا سجاڳي تي ۽ ساڳيءَ طرح قلندر سلطان ڏٺوسي.

پوءِ روز روشن ٿيو ۽ بيقراري ٿي پئي. ڇئن ڏينهن کان پوءِ گهوڙي تي چڑهي ڪٽي اُتر منهن ڪيم ۽ پير ڳوٺ جي اترؤن ڪچي ۾ ويس. اُتي ڪن ماڻهن ڳالهہ ڪئي تہ 'هت هڪڙو سيد مست سالڪ آهي، جو ماڻهن کي اچڻ نٿو ڏئي، جيڪو وڃيس ٿو تہ ڏڦو ڪڍي ڪڍ ٿو پويس.' نالو پڇيوسي، چيائون تہ

’نالو سيد محمد علي شاھ اٿس، مگر جي ڳوٺ ۾ وينو آھي.“ اھا حقيقت ماني ڪائيندي ٻڌم. اڳي ٻه دفعا شاھ صاحب جو نالو ٻڌو ھيم ته مير علي مراد خان جي حاضر ملازمت ڦٽي ڪري، ابراھيم ادھم وانگي تخت ھزاري ڇڏي فقير ٿي ويھي رھيو آھي، مگر خبر نه ھئي ته ڪاٿي جو وينل آھي. جڏھن اُنھيءَ مھل نالو ٻڌم، ته ماني بس ڪري اٿي کڙو ٿيس. اُنھن آدمين ڏس ڏنو ته ھتي ويجھو وينو آھي. شاھ صاحب جي بنگلي ۾ ويس، ڏٺم ۽ سڃاتم ته ھيءَ صورت اُھا آھي جا قلندر سلطان سان گڏ ھئي! ويجھو ويس، سلام ورايم، مان کي ڏسي چيائين ته ”بلوچ تون اھو ته ناھين، جنھن جي ٻانھن ڇھون ڏينھن رسول الله ۽ مولا عليءَ ڏني آھي ته ھن جي رھبري ڪر؟“ اِتي عرض ڪيو ته ”مان کي به ڇھون ڏينھن اوھان کي ڏني ٿيو آھي: برابر اُھو مان آھيان.“ شاھ صاحب کي گيڙو ويس ھيو. پوءِ بيت فرمايائون:

”ڇُوڙ ڇڳندي تتر ڦاٿا، تئين ڪيون ڦاٿين سھا،
مئين بہ تساڏي جھٽ پٽ سٽي، اساڏا روح به نه رھا.“

”بلوچ تنھنجو روح به نه رھيو؟“ پوءِ چار راتيون صحبت ۾ رھياسي، پنجين رات ئي گهُر ڪئي سي ته اسان تي به رھبري ڪيو.. پاڻ چيائون ته ”تون آيو حڪم سان ھُئين، پر جي زبان سان اقرار ڪري گهُرين نه ھا، ته موٽيو وڃين ھا: زبان قلب جي تصديق آھي، حديث آھي ته ’اقرار باللسان‘ تصديق بالقلب‘.“ پوءِ اسان کي سمجھايائون ته ”ھيءُ فڪر اسان کي خير محمد فقير ھيسباڻيءَ ڏسيو ھو، سو توکي ڏسيون ٿا.“ اڌ رات جو ذڪر سمجھايائون، صبح جو نقشو ذڪر جو لکي ڏنائون، مگر ذڪر روبرو مرشد جي نه ھليو: اھو باطني قاعدو آھي جو ذڪر جي صورت، باطن ۾ مرشد واري آھي. جان جو موڪلائي، ته ذڪر ھلڻ لڳو: نشو پئجي ويو، ڪا خبر نه پئي پوي! جاتي ٽڪيل ھُيس، اُتي مس مس پھتس. ذڪر ڪري بيھوشي سخت ٿي پئي.

عشق دي مڪتب جوئي ويندا،
بيھوشي دي مشق لکيندا.“

نماز پڙھندڙ ھُيس، خيال ٿيم ته نماز پڙھان. ٻپھريءَ جو وقت ھُيو. نماز ۾ بيٺس، ته ’الحمد‘ ۽ ’قل‘ جي خبر نه پئي: ذڪر وارو ئي نه پيو ڏئي! ”لا تقربوالصلواة وانتم سُڪارا“ جي مھل ھئي. رڪعتن جي خبر ڪانه پئي. ٻه ٽي سجدا ڏيئي، سلام ڏنم. گھڻائي حيلا ڪيم، نماز پوري نه بيني. پوءِ اُتي قرآن ڪريم، ته قرآن پڙھڻ ۾ ئي نه آيو: سٽ به پڙھي نه سگھيس، آخر بس ڪيم!

سبق پڙھئي ڪوئن پوءِ، ٻئي ڏينھن تي ھڪ شخص چيو ته پير ڳوٺ ڏي گڏجي ھلون. گھمندي گھمندي، پير جي مسجد ۾ وياسين. اُتي پير جي جماعت ھئي. ھڪ زائفان ۽ مرد، زير بم آواز گڏي، عبدالله فقير جو ڪلام چيو. ڪلام ٻڌڻ سان روح کي معنيٰ جي سڌ پوندي وڃي، ٽڙڪو جسم ۾ اچي پيو.

آخرڙڪي ٽڙڪي ٻڏي نہ سگھيس، ۽ وڃي ٻاهر ڪريس. جڏهن ڪلامن ڪؤن بس ٿي، تہ هوش ۾ آيس. اُنهيءَ سنگتيءَ اُٿاريو، اُهو جو وجد پهرئين ڏينهن پيو آهي، سو اڄ ڏينهن تائين آهي. بيحاصل صوفيءَ جي صحبت ۾ وياسي، تہ اُنهيءَ جي صحبت ۾ وجد، حال، درد- سڀ بند ٿي ويو: ٻہ ٽي ورهيہ جڏهن اُنهيءَ جي صحبت قدرت ٿوڙائي، تہ وري ساڳيو حال ٿيو.

ٻارهين مهيني گذرڻ بعد قلندر شهباز ۽ صوفي شاھ عنايت جي ديدار تي سوَ ڪوھ پيرين پيادو ڪري وياسي. پنڌ ڪڏهن ڪيل نہ هو، پر عشق شاهنشاھ جي پنڌ ڪرايو. ٻہ راتيون قلندر تي ۽ ايڪيھ راتيون صوفي شاھ عنايت تي رهياسون. هڪ دفعي، مراقبي ۾ شاھ عنايت جي سيرانديءَ کؤن ويناسي، تہ محويت ۾ صوفي شاھ عنايت هٿ هٿ ۾ ڏيئي مرحبا ڪئي ۽ تاج فقيري منهنجي مٿي ۾ وڌائين. سجاده نشين غوث بخش فقير اسان کي تاج آڻي ڏني. پوءِ وري پيادا موٽياسي. وري ٻيو دفعو ميرانپور ڏي ريل ۾ وياسي، ۽ حيدرآباد کؤن پري ٽيھ ڪوھ پنڌ ڪيوسي. ٻہ ٽي راتيون ٽڪياسي، تہ سنگتين منجهؤن هڪ فقير، شاھ شهيد جي روضي ۾ مراقبي سان وينو، محويت ۾ ڏنائين تہ هڪ سفيد ريش مرد آيو، جنهن اڇي نيزو مٿؤن اُولاريس ۽ چيائينس تہ ”منهنجي فقير کي چو وٺي آيا آهيو؟“ روضي مؤن اُهو فقير پچندو ڏڪندو آيو. مان سان ڳالھ ڪيائين. مان کي پارن پتن مؤن معلوم ٿيو تہ منهنجو مرشد هو! جنهنڪري، اٺ پهر پئي مان رنس. ميلي ختم کؤن پوءِ محمد خان جي ٽنڊي تائين ميان غوث بخش فقير اُٺ ڏنو، جنهن تي سواري ڪري قليلي مؤن ٻيڙي تي حيدرآباد پهتس. وري حيدرآباد کؤن سڌو لقمان جي ٽڪس ورتيم ۽ شاھ صاحب وٽ آيس. شاھ صاحب تمام ڪاوڙيو تہ ”تون چو ويو هئين؟ تنهنجو ڪم ڪهڙو هيو؟ جن سان گڏجي ويو هئين، انهن جي فقيريءَ کي مان ڪونہ سڃاڻندو آهيان!“ پوءِ هيءَ مصرع ٻڌايائون:

”جيڪي در در لائن دوستي، سي چلوليون چئجن!“

مرشد اسان جو، طلب ورتي کؤن پوءِ ٽي سال دنيا ۾ حيات هيو. سال سال ۾، ٽي راتيون ٽي ڏينهن- جملي نو ڏينهن صحبت ڪئيسي. شاھ صاحب جي صحبت نفس جي برخلاف هوندي هئي، جو هر وقت نفس جي برخلافيءَ جي زبان مؤن ڳالھ نڪرندي هين. در حقيقت ساري خدائيءَ کي الله کؤن برگشتو ڪيو آهي، سو نفس آهي، جو آدميءَ جو سخت سارا هيل دشمن آهي. نفس ڇا آهي؟ اهو معدو ڪاڻڻ وارو آهي، جنهن ساري جهان کي گمراھ ڪيو آهي ۽ الله جو دشمن: جيڪو هن وجود ۾ 'ونحن اقرب' الله وينو آهي، اُنهيءَ جو سخت دشمن آهي. اسان کي اُنهيءَ وقت ۾ نفس جي دشمنيءَ جي خبر نہ پئي پيئي، پوءِ وڃي پيئي.

هڪ دفعو شاهه صاحب مرشد شاهنشاهه وٽ وياسي، ته عبدالله ڪوري به طالب هيو. پٽ ڪي پر ڏيو وينو هو ۽ ننڍ جون ڦوڪان ۽ گهوگهرا هڻڻ لڳو. سائين صحبت وينئي ڪئي. عبدالله جي ننڊ ڏسي، سائينءَ چيو ته: ”جيڪڏهن ڪنهن رن جو انجام هجيس ته شوشاڪو هوشيار ٿيو وينو هجي؛ هت وحدانيت جي ڳالهه ۾ ننڊ ٿو ڪري!“ اُنهيءَ زماني ۾ علي بخش فقير انصاري پير ڳوٺ جي، صحبت شاهه صاحب جي ٻڌي شاديءَ ڪي ترڪ ڪيو ۽ عمر ساري نه پرڻيو، جيڪي ڪمائيندو هو، ته اهل فقر جي خدمت ڪندو هو. هميشه توحيد جي گفتار هن وٽؤن نڪرندي هئي. جنهن وقت گفتگو ڪندو هو، ته ڄاڻبو هو ته عالم دُر ٿو ڳالهائي. ظاهر جو علم فقير توڙي نه ڄاڻندو هو، پر حضرت رسول ڪريم جو فقير ڪي حضور ٿيندڙ هو.

جڏهن سائينءَ ڪؤن سبق وحدانيت جو پڙهي ڳوٺ آياسي، ته صبر اهڙو هيو جو ڳالهائڻ بس ٿي ويو. دوستن جي دوستيءَ ۽ مائٽن جي مائٽيءَ ڪؤن بيزار ٿي وياسي. يارهين ڏينهن، منجهند جو، ڪجهه نشو وحدت جو پيتوسي، ته ڏٺوسي ته ستين آسمان تي نور جلال سمونڊ ڏسڻ ۾ آيو، جو چوليون پئي ڏنائين: اهڙو نور هيو، جو سج چنڊ ۽ وجون هن جي اڳئون شرمسار هيون! پوءِ شوق زور پريو ۽ گريو ٿيو، جو جهنگ ۾ روئندو وتان؛ ذڪر اهڙو زور پريو، جو سيني ۾ سمائجي نه سگهي!پوءِ ڄاتوسي ته هن حضور جي ڳالهه ته ڪنهن ملان قاضيءَ ڪانه ٻڌائي. ملان قاضي سيڪو چوندو آهي ته فقيرن ڪي مڪي مديني جو حضور ٿيندو آهي، پر اهو حضور ته چار ڏوڪڙ ڏيئي ماڻهو ڪري ٿا اچن. ”حضور“ انهيءَ جو نالو آهي، جنهن ڪي ’معراج‘ ڪونبو آهي. هو وحدتي حضور آهي؛ هو ڪثرتي حضور آهي، جو ڪنهن پاڳواري ڪي ٿيندو. هي وحدتي حضور ڪن نياڳن ڪي ٿيندو. اهو ملڪ نياڳ جو اهڙو آهي، جو پاڻيءَ جي ڏُڪ ڪاڻ سسي پيا وڃن. انهن يارنهن ڏينهن جي اندر ۾، ٽي ڏينهن ٽي راتيون، وڻن جي برابر هڪ آواز اهڙو پيدا ٿيو، جنهن بي انداز فراق پيدا ڪيو، جو پاڻ ماري وجهي ها. اهڙو آواز ساريءَ ڄمار ۾ ڪونه ٻڌوسي. ويتر انهيءَ آواز ٻڌڻ سان شوق پيدا ٿيو، جو بيحد ڪمال!

وري ٻارهين مهيني ”سچل“ فقير جي چوڏهينءَ جي ميلي تي وياسي. تڏهين ريل ڪانه هئي. سڄي ميلي ۾ ٽيهه آدمي هيا. ماڻهن جي آمدني ريل ڪؤن پوءِ ٿي، صرف ”سچل“ جي دربار هئي. ٻيو سڀ پڌرو هو، مگر هڪ نانڪ يوسف فقير جي لانڍي نهيل هئي. هينئر واريون عمارتون اصل ڪونه هيون؛ رڳو گاديءَ وارو بنگلو نهيل هو. ڪافيءَ ڪلام جو شغل ڪونه هو. مان ڪي اصلي ارادو هو مرشد ڏي وڃڻ جو، واٽ تي ميلي جي ڪري وڃي ٽڪيس. سيارو هو، تنهنڪري سنجهي مان ئي فقير صاحب جي روضي ۾ مراقبو ڪري ويهي رهيس. ويهڻ سان ذڪر وحدانيت جو نشو پئجي ويو، ته اتي سچل فقير

آيو. هٿ ۾ خنجر هجيس ترار جي نموني، ڏيگهه هٿ ڪن، خنجر جو منيو ڳاڙهو هجي. ٻرن جي مٿؤن ۽ ڪنن جي مٿؤن خنجر وهايائين: ڪوپري ڪياڙيءَ جي طرف ڳنڍيل ڇڏيائين؛ ڪوپري اُٿلائي، ڪياڙيءَ ڏي رکيائين: وني جو رت ڏڏڪو ڏنو، پيرن ڪؤن اڏان پيون وهن ۽ فرش تي رت وهڻ لڳو ۽ مان رت وهندي پيو ڏسان! پوءِ ورائي ڪوپري سچل فقير مٿي تي رکي، تيستائين بينو هو. گيڙؤ جي دستار وڏيل ۽ ڦٽن واريءَ جاءِ سموري مٿي ٻڌائين ۽ ڪجهه پڙهيائين، سو سمجهڻ ۾ نه آيو. دستار ٻڌائي، فقير چپ ڪري بينو، ته ايتري ۾ هڪڙو مست نمونو ڏسڻ ۾ آيو، جو سچل فقير جي تربت جي سيرانديءَ کؤن بينو هو. هو مست تربت جي الهندي بينو هو. مان سچل فقير کؤن پڇيو ته ”هيءُ ڪير آهي؟“ ورندي ڏنائين ته ”هي صوپو فقير، عاشق، مَڏ جو وينل آهي، جو ڦاپل زائفان تي مجنونءَ وانگي مست هو- هي اُهو آهي.“ ساڍا ٽي پهر رات جا اندر روضي ۾ وينل هيس، باقي اڌ پهر رات نشو لٿو. سنپار ٿيم ته مان چڱو ڀلو آهيان. لَٿا پيو ڳوليان- ’لٿن ڪي ته رت ڪانهي!‘ وري فرش ڏي نهاريم، ته اُتي رت ڪانه هئي. پوءِ اُٿيس، ته ٻه اَٺ پهر محويت هئي. پوءِ مرشد وٽ وڃي پهتس ۽ احوال سچل فقير جي روضي وارو سڄو ڪيومانس. تنهن تي شاهه صاحب چپ ڪئي ڪونه ڪڇيو. جڏهن مان موٽيس، ته سائينءَ پنهنجي طالبن سان صحبت ڪئي ته ”مان آيو ٻه بلوچن ڏانهن هيس: ڪورين اسان ڪي نه سڃاتو: اسان بلوچن مؤن هياسي، وري ٻه ڏکڻ بلوچن ڏي اسان جي وڃڻ جو راز آهي، اسان اوڏانهين ويندا سي“- (يعني پاڻ خير محمد فقير هيسباڻي بلوچ کؤن فيض ورتو هئائين.)

سائينءَ هڪ دفعي حقيقت ڪئي ته ”’بيدل‘ فقير وٽ وياسي، تڏهن اسان کي نوڪري هئي. فقير صاحب وٽ اَٺ چوڪر ٿلهي تي وينا هيا، جو انهن کي پڙهائيندو هيو. اسان فقير کي پيرين پئي، نياز ڪري، ٿلهي تي چوڪرن سان گڏ ويناسي، ته فقير صاحب مان ۾ ڪٽي نظر وڌي. ڏسي، چيائين ته ’هڪڙو ڏينهن ٿيندو ته هن وَهٽ کي ڇڏيندا سي، ۽ انهيءَ وهٽ تي سواري ڪنداسي ۽ گڏ اوطاقي ٿينداسي.“ پوءِ ”بيدل“ فقير جڏهن دنيا منجهؤن چالاٽو ڪيو، ته شاهه صاحب چيو ته ”بيدل“ فقير اڃي ٻڌايو ته ’محمد علي کي ڪڍيوسي، هاڻي اسان جي سواري وهٽ تي آهي.“

اسان کي ٻه طلب ورتي کؤن پوءِ، نائين ورهيه، شاهه صاحب آسمانن تي وني معراج ڪرايو، جنهن جي اڳتي ڳالهه ايندي. پوئين دفعي جڏهن سائينءَ وٽ وياسي، ته سائينءَ اسان کي ٽي مهينا اڳي ٻڌايو ته ”فولاد! اسان ڏي ’بيدل‘ فقير پيغام قوت علي شاهه جي هٿئون موڪليو آهي ته اسان دنيا منجهؤن جلد ويندا سي“. اسان عرض ڪيو ته ”ڪهڙو پيغام آهي؟“ پاڻ فرمايائين ته ”اُهو هي آهي:

"ڏُ والي ٿوڙ ڪثرت ڪي، جسم سي اب جدائي ڪر،
تخت پر لا مڪان ڪي بيٺ، 'بيدل' بادشاهي ڪر."

اسان ڪي ڏاڍو غم ٿيو. ٽئين مهيني هادي شاهنشاهه لا مڪان ڏي پرواز ڪيو. سائينءَ جي وفات ڪان پوءِ مينهن واءُ ۽ طوفان ٿي ويو، جو هت اسان جي ڳوٺ ۾ ائين نه ٿيو. علي اڪبر شاهه صاحب جو سوٽ، شراڪت ۽ شريعت جي ڪري، سائينءَ ڪؤن برطرف رهندو هو. سائينءَ جو طريقو رندي مشرب هو. اهو واءُ، مينهن ۽ طوفان ڏسي، علي اڪبر شاهه رُئڻ لڳو، ۽ چيائين ته "ارمان جو اسان ڪي اها خبر نه هئي، جو عاشق عارف اسان جي پر ۾ هيو ۽ اسان نه سڃاتو!" هيءُ واءُ ۽ مينهن جو سبب هي آهي، جو عاشق جي دنيا جي جهان مون چڏڻ ڪري زمين آسمان رئندا آهن، زمين ڏوڙ وسائيندي آهي. اها خبر سائينءَ جي رحلت جي مشهور ٿي، اسان به وياسي. الله بخش ڪانهر، جو سائينءَ جو طالب هيو، تنهن ڳالهه ڪئي ته "اڳاري جي ڏينهن، ستين تاريخ صفر مهيني جي، سائينءَ چيو ته 'ورندي منگل تائين هت ميخاني ۾ صفائي هوندي ۽ اسان ڪونه هونداسي' پاڻ خوشباش وينا هئا. وحدانيت توحيد جي ڳالهه پئي ڪيائون. آخر تاريخ 13- صفر سڀ طالب گهرايائون. لعل ۽ ٻيا سڀ پيا روئن. پاڻ فرمايائون ته "هن مهل نه روئو، جڏهن طوفان ۽ مينهن ٿئي، تنهن مهل روئجو." آخر 13- ماهه صفر سن 1326 هه جي رحلت ڪيائون. اسان جا سائينءَ جي وفات ڪؤن آسرا ٻيا سڀ پلجي ويا. ڪاڏهن دل رجوع نه پئي ٿئي، نه وري صحبت اهڙي ڪاٿؤن ٻڌڻ ۾ آئي جو دل ريجهي- مثال جئن زائفان جو مڙس مري وڃي ۽ هڪ پُٽڙو هجيس ۽ انهيءَ تي آرو رکي ٻيو نڪاح به نه ڪري ته اهو ڇوڪر مڙس ٿيندو ۽ مان ڪي ڪٿي ڪارائيندو. پوءِ اسان تيئن ذڪر الاهي اسم اعظم ڪي ڪٿي ياڪر وڏوسي: پوءِ انهيءَ مؤن سيڪجهه ٿيو!

سائينءَ جي وفات ڪؤن پوءِ اسان جو مستن عاشقن ڏي ارادو ٿي پيو- جو ته سائين پاڻ ڳالهه ڪندو هو ته "اسان سان مهرباني مستن ڪئي." نو ورهيه برابر ست پهر اوجاڳو هيو ۽ هڪ پهر ننڊ ڪبي هئي، ڏينهن جو اصل ننڊ نه ڪبي هئي؛ مگر ٻه دفعا- هڪ دفعو يارهين ڏينهن ستين آسمان تؤن سمنڊ نور جلال الله جو ڏسڻ ۾ آيو، جنهن جي ڳالهه ڪري آيا آهيون، ٻئي دفعي وري انين سال، منجهند ٿورڙي گهل ٿي ته فقير نانڪ يوسف آيو: ٻيا فقير به پويان هجنس ۽ هٿ ڪٿي هن ڪلام جو مصرعو ٻڌايائين:

"رک عاشق خبرداري، اَٿي دمدم جي هُشياري،
اَٿي مرشد ڳالهه موچاري، ٻيو سڀ پنڌ اجايو."

هن مصرع ٻڌڻ سان، ڦٽڪي ڪٽ تؤن هيٺ ڪري پيس ۽ هشياري ٿي ۽ سڄاڳ ٿيس. اهي به دفعا، ننڊ به ننڊ نه هئي- اها ننڊ سڄائي هئي.

ڪاڻ اسان جو، طلب ورتي ڪؤن پوءِ، ٽي سال برابر انين پهر ڪائيندا هاسي، صبح جي وقت ۾.

شاهه صاحب ڪؤن پوءِ ڇهه ورهيه برابر نہ ڪنهن جي ميلي تي ويندا هياسي، نہ ڪنهن وٽ صحبت ڪاڻ. هڪ دفعي هڪ مست وٽ عشق الاهيءَ ڪاڻ سوالي وياسي، جنهن جاءِ جي پٽيءَ سان، ٻن هٿن سان، ڪٻي ڪُلهي تي اٺ ڏهه ڏڪ زور سان هنيا، جو ٻين اڇي مست کي جهليو ۽ مان کي ٻانهن کؤن وٺي اُٿاري ڪيڊي ويا تہ 'فقير هڻ پوليسان نہ اڇي لهن، تون پاڻ کي خون ٿو ڪرائين!' اهو 2- تاريخ صفر 1332 ھ ۾ مست وڙهيو. وري نائين صفر 1332 ھ جي، هادي شاهنشاهہ جي ميلي تي وڃڻ جو ارادو ٿيو ۽ ڳوٺئون سنبري نڪتاسي. آخر کُهڙن جي شهر ۾ مست سيد الهه اوباهيو شاهہ ٻُڌبو هيو، انهيءَ جي پُڇا ڪري، کهڙن جي اُترؤن، مقام واري مسجد ۾، مست سيد کي لڌوسي. مسيت کؤن ٻاهر آڳر تي ويٺو هو: لَٽ ڪڇ ۾ هيس ۽ مٿي تي کوهہ جي سِر هيس: سُٽڻ جو چندو ڳريل هوس. مان گهوڙي ٻڌي، مسيت جي در وٽ وڃي ويٺس، تہ سڏ ڪيائين تہ "هيڏي آءُ". مان ويس، چيائين تہ "ڇا ٿو چوين؟ تعويذ لکي ڏيانءِ؟" نهاري ڏٺم تہ سالڪي اهڙي هيس جو جارا ڪاغذن ۽ مس قلم سان ڀريا پيا هئا! جيڪو ايندو هو، تنهن کي تعويذ لکي، مٽي جي سور جا ڦيٽا رکندو هو. مان عرض ڪيو تہ "تعويذ مان پاڻ لکندو آهيان، باقي حال سمورو معلوم اٿئي." جنهن تي 'اقراراً باللسان وتصديقاً بالقلب' جي حديث پڙهيائين ۽ چيائين تہ "زباني اقرار ڏي تہ ڇا ٿو چوين؟" مان عرض ڪيو تہ "عشق جي عنايات ۽ عشق جو امداد ٿئي." پاڻ ڦيريون ڏنائين- اهڙيون ڦيريون، جو جيڪا سِر مٿي تي هيس، سا ڪِري پيس! چوڻ لڳو، "بيشڪ ٿيندو!" ائين بہ ٽي گهمرا چيائين، "وڄ، وڄ، وڄ!" مان اُٿي هليس، وري چيائين تہ "رات ٽڪي پؤ.... پر ڦڪڙي ڪاهي آيو آهين؟.... وڄ!" (گهوڙيءَ جي نالي چيائين).

رات جو پٽين ۾ شهمير فقير پٽيءَ وٽ وڃي ٽڪيس. رات جو توحيدي ڪلام شهمير فقير ٻڌايا، جنهن تي وجد حال سخت ٿي پيو. صبح اٿاهون مگرجي ۾ ميلي تي وڃي نڪتس. اتي بہ توحيد جا ڪلام ٿيا. ڪچهري خلق بنگلي جي صفحي ۾ هئي: مان سامهون آواز جي ويهي نہ پئي سگهيس، تنهن جي وراندي ۾ پُٺي خلق کي ڏيئي ويهي رهيس. مدهوشي هجي، جوش جي حالت، ذڪر خيال ڪلامن سان هڪ ٿي پيو وڃي! ميلو گذريو. ڪجهہ خلق هلي ڪجهہ هجي. 13- صفر جي پيشيُن تي، نالي عبدالرحيم ڪوري، جو سائينءَ جو طالب هيو، تنهن کي چيم، "دل کي حباب آهي سخت، روبرو ڪلام تہ نٿو ٻُڌي سگهان: هن مهل آواز گهٽي جي ڊرائي ٿي آهي، هاڻي ڪلام ڪو تون ٻُڌاءِ."

جنهن تي عبدالرحيم يڪتارو ڪٽي آيو- (خلق صفحي ۾ هئي، مان اڪيلو وراندي ۾ وينو هئس). روبرو منهنجي ڪلام اچي چيائين "بيدل" فقير جو.

"رخ رانجهن دا ڪعبا قبلا، عشق دا بڌ احرام،

لؤن لؤن دي وچ لبيڪ دي وائي، هُو هُو هل هنگام".

اهي مصرع چيائين ته مان بيحال ٿي زمين تي ڪِري پيس ۽ بيحاليءَ ۾ پيو هيس ته مٿؤن سيد الهه اوباهيو شاهه اچي بيٺو. بيهوشيءَ ۾ چيائين ته "هيڏي هوڏي ته نهار!" ڏسان ته مڪو، مدينو، ڪربلا ۽ نجف جا روضا ڏسڻ ۾ آيا: هر هڪ روضي جي چوٽيءَ ۾ وچ جهڙي نور جي رسي آسمان سان ڳنڍيل هئي.

چوڏهينءَ جي رات سڄي بيحالي هئي. صبح جو اٿي هلياسي. ميلي جي خلق سڀ اُٿي پويؤن لڳي، خاندان، مير، سيد- سڀ پئي آيا، ڪنهن تي به نظر ڪانه هجي. گهٽي تائين ڪجهه پنڌ ڪيوسي، ته بيو فقير جيڪو ساڻ هيو، انهيءَ چيو ته "مرشد! خاندان ۽ سيد پويؤن اچن ٿا، انهن ڪان ته موڪلايو!" جنهن تي بيناسي. سيني ڊوڙ ڪئي ته پاڪر پائي موڪلايون، مگر ان وقت وجود ئي پاڪ ٿيل هو، جو انسانن جو هٿ لڳڻ به نه پئي وٽيو! تنهنڪري، چيوسين ته "پري کؤن موڪلايو ۽ هٿ نه لايو"- چاڪاڻ ته هٿ لائڻ سان سخت وجد حال ٿئي ها. پوءِ گهوڙيءَ تي چڙهي اُٿي هلياسي. مست الهه اوباهيو شاهه اٿي گهوڙيءَ جي اڳ ۾ هليو. يڪو ڳوٺ تائين گڏ هليو. اسان سلام سو پئي ڪيس. جسڪاٽين ۾ اچي واٽ تي ٽڪياسي. اڳي گڏ ڪائڻ رسم هئي، هينئر جيڪو سنگتي هيو سو هن حال کؤن نا محرم هيو. اڳ ۾ ڪير ڪي اوبر ڪري، ڏُک پري، مان ڏي سڄيائين. تنهن تي باطل مؤن هڪل آئي ته "متان اهو ڪير اوبر وارو ڪائيندو هجين،... ۽ اڳتي اوبر ڪنهن جي نه ڪائجانءِ!" انهيءَ ڏينهن کؤن وٺي اڄ تائين، اسان اوبر ڪنهن جي نه ڪاڌي آهي. هلندڙ طالب ڪي به حق نه آهي جو ٻئي جي اوبر ڪائي. جي ڪائيندو، ته ذڪر بيهي ويندس ۽ ڏوڪو ايندس. مرشد فنا في الله جي درجي وارو اوبر ڏئي، يا مست عاشق ڏئي، ته اها ونجي- اها پاڪ آهي. زماني واري ماڻهوءَ- دنيائي، زميندار، پير بزرگ، شيخ مشائخ- جي اوبر ڪائڻ ائين آهي، جو ڄڻ ڪتي جي اوبر ڪاڌائين: دل ڪاري ٿي پوندس ۽ ذڪر نه هلندس! سڀ ڪنهن انسان جي وجود ۾ بيو 'وجود حقيقي' آهي. انسان تڏهن گهمن ٿا: پهلوانيون ڪري، لکي، پڙهي، اُٺ ڪتابن جا ياد ڪري، ته به اُهو- هي بوتو ته مٽيءَ جو گهوڙو آهي! حساب ڪتاب، ويڙهيون، تراريون، هٽڻ قرآن جو حافظ ٿيڻ به 'اُهو' آهي؛ ولايت جو صاحب به 'اُهو' آهي. جڏهن وجود چنڊ جي اسم اعظم سان نڪرندو، ته ذات نسوري آهي. جيڪو هن مؤن چندجي نڪتو، سو معنيٰ جو جبرائيل آهي. ماڻهن جي نظر هن بوتي تي آهي. ماڻهو پاڻ جي انڌا آهن. ته انهيءَ وجود ذاتيءَ کي نٽا سڄاڻن ۽ نٽا ڏسي

سگهن. انڌي ڪؤن ڏڳ ڪير پچندو؟ هو وجود ذاتي هن بوتي ۾ ائين پيل آهي، جئن ڪير ۾ مکڻ. جڏهن فقير طالب، سَباهڻ اسم اعظم جو دل جي چاڏيءَ ۾ مرشد هٿؤن وجهرائيندو، ته پوءِ محڪم ويهي 'دم' جي منڌيئڙي سان ولوڙيندو. جيڪڏهن وٽي ڏنائين، ته ڪير ٺري ويندس: وري ٻيٽي تڪليف اوجاڳي ۽ ٻُڪن جي ڪندو، تڏهن تپندو! روح جو مکڻ، سِيني جي ڪير مؤن نڪرندو بنا سباهڻ جي ڪير نه ڄمندو ۽ نه مکڻ نڪرندو. وڌيڪ وقت پيس، ته ڳوڙو ٿي پوندو ۽ خراب ٿي ويندو. جيڪو نه ولوڙيندو، ته مکڻ نه نڪرندس. ڏسو ته ساري جهان کي 'دم' جي منڌيئڙي جي خبر ناهي: نه ولوڙيائون، ڪير هنن جو ڪري پيو!

## ضميمو

[فقير صاحب جي حال ۽ قال جي خبر سندس خطن مان پڻ
پئجي سگهي ٿي، جي هن وقت بوقت ڪن دوستن احبابن
ڏانهن پڻ لکيا آهن. هيٺ اسين انهن خطن مان ڪي اقتباس
ڏيون ٿا- مرتب]

- "بعد از حق موجود، واضح هجي ته هتي ڪلي خيريت، اوهان ڏانهن به بفضل- حق عافيت. اسان جو احوال هينئن ريت آهي: 'پرين جان، پرين جي پچار- انهيءَ ٻنهي ڪؤن ڏار قادر نه ڪري ڪنهن کي! توحيد اهو نه آهي، جيئن عام ڄاڻن ٿا ته 'اسان به آهيون ۽ الله به آهي.' دوئي انهيءَ جو نالو آهي، مشرڪي يا بت پرستي اها ڄاڻجي. توحيد اهو آهي ته 'هي نه هجي، رڳو الله هجي.'آسمانن تي هڪ شهر آهي، جو ستين طبقي ان جو دروازو. حديث ان لاءِ آهي ته 'انا مدينة العلم وعليٌ بابها'. عشق جو اهو مڪتب آهي، جو توحيد اتان پڙهبو آهي.

"عشق دي مڪتب جوئي ويندا، مدهوشي دي مشق لکيندا؛
چوڙ ڪي سوال جواب، مرڻ ڪنون سو اڳي مرجاوي- (بيدل).

"انهيءَ ملڪ ۾، انهيءَ شمع حقيقت جي ٻاهرون طواف ڪندي، پرواني وانگي سڙي، عين 'شمع' ٿي ويندو. توحيد جي خبر اُنهيءَ کي پوندي، اهو توحيد پاڻ ٿي پوندو.

بيت رومي صاحب:

"چيست توحيد خدا آ موختن،
خويش را پيشِ واحد سوختن" الخ

* * *

- "بعد از السلام عليڪم ورحمةالله وبرڪاته، مزاج اعليٰ بخيريت بالا! 'من احب شئياً فاڪثر ذڪره' جي ڪري اسان کي ٻي گفتار ڇا ڪري ڏيندي؟ بيت:

"پرين جان، پرين جي پچار-
انهن ٻنهي ڪؤن ڏار، قادر ڪري نه ڪنهن کي.

"آدمي ٽي قسم آهن: اول جنس بهايم، دوم جنس ملايڪ، سوم جنس انبياء.

اول جنس بهايم جي حالات: کائڻ پيئڻ، عيش، ننڊ، بغير عبادت، هر وقت بدگفتار دنيا؛
دوم جنس ملايڪ جي حالات: تسبيح تهليل، صوم وصلوات، خيرات، زڪوات، عبادت بيريا؛
سوم جنس انبياء جي حالات: هر وقت شوق معرفت الله تعاليٰ، هردم ذڪر اسم اعظم جو شغل.
”قال الله تعاليٰ في القران المجيد. ’ان السمع والبصروالفواد کُلّ اولٰئڪ ڪان عنه مسئولا“.
”چشم و گوش و قلب گوهر هاي عرش، خرچ کردي تو خريدي چه ز فرش؟
حج کردن زيارتِ خانه بود، حج رب البيت مردانہ بود“. الخ
(6- فيبروري 1956ع)

* * *

- ”پيغا عرش اعظم:

”بهر جائيکه باشي باخدا باش،
ز خود بيگانہ، باحق آشنا باش.

”بعد از حق موجود جي واضح لائح؛ والحمد لله عليٰ کل حين؛ مزاج عاليہ باطن شما تنومند بالا، دائم بتوحيد الاهي دل خورسند بالا؛ از خويش جدا، بحق پيوند بالا!“
[ هن خط ۾ ڪيترا مسئلا سمجهائيندي لکن ٿا]

”1. فلسفہ توحيد- جنهن آدمي حق جو وصل نہ ڪيو آهي، اهو جمندي مري ويو آهي.
”2. ماڻهو مال، دنيا، پگهارون گڏ ڪن ٿا، مگر مُئل آهن: مئي ڪي مال دنيا ڪهڙي ڪم ايندو؟ جيڪڏهن حياتي گڏ ڪن، تہ تاقيامت ڪين مرن!
”3 . اُنن پهرن ۾ هڪ دفعو، ڪوبہ واپاري دنيا جي نقصان ۽ نفعي جو ليکو ضرور ڪندو تہ ڪيترو فائدو يا گهاٽو پهتو؛ ڪاغذ نہ هوندس تہ چيچن تي ڳڻيندو: انصاف زماني جي ماڻهن جو آهي، تہ هڪ سال ۾ يا عمر ۾ پنهنجي عمر ۽ گناهن جو ليکو ڪونہ ڪن!
”4. رڍ جي نئين چاول گهٽي جي ڪل ويهہ روپيا ۽ ٻڪريءَ جي ڪل ٻہ اڍائي روپيا قيمت ڪري ٿي؛ آدميءَ جي ڪل هڪ ٽڪي ۾ بہ ڪانہ وڪامي: پوءِ هي آدمي ڇا تي مغرور ٿئي ٿو؟ هن جو ملهہ نئين چاول گهٽي جيترو بہ نہ آهي. تمثيلاً، جي آدميءَ جي ڪل لاهجي، تہ عفونت ڪؤن ڳوٺ ماري وجهي!
”5. اشرف المخلوقات، ’ولقد ڪَرَّمنا بني آدم‘ جو حقدار بہ هي انسان آهي؛ فيل تا مور، هن جي حڪمراني: پوءِ صرف ڪِولي ڪَن ۾ گهڙيس، تہ ڪهڙو پريشان ڪريس؛ مڇر گهڙيس تہ ماري وجهيس!

”هاڻي ٻڌايو تہ هت دنيا جي جمع ڪرڻ ۾ اوهان جو ڇاهي؟ ڪهڙا دانشمند آهيو! اها دانائي، حق جي معرفت سواءِ، ڇا ڪري ڏيندي؟ اوهان جو ڏاڏا صاحب ڪيترو نہ تارڪ الدنيا هو. اوهان کي شمس العلماءُ باطني ظاهري ڪري لکيو ويو آهي، ڇا لاءِ؟ مسٽر جناح صاحب کي بادشاهيءَ جو ارادو ٿيو، آخر ۾ پاڪستان جي بادشاهي مليس؟ ’من طلب شيئاً‘- ’جدوجد‘ شمس العلمائي بہ هٿ ڪرڻ ۾ اها دير آهي.“ الخ
(3- سيپٽمبر 1956ع)

* * *

[هڪ طول طويل خط ۾ فقير صاحب کي فلسفا ۽ نڪتا بحث سميت ٻڌائيندي، پڇاڙيءَ ۾ هي نقل ٻڌائيندي خط پورو ڪري ٿو.]

- ”شاهہ محمود حسن پرست سنڌي غلام خريديو، گڏ تخت تي وهاريائينس. روئي، ڀاڙ ڪري، تخت تان ڪري پيو. شاهہ محمود، عبرت ۾، ايڏي بلند اقباليءَ جي موقعي تي روئڻ جو سوال ڪيس. غلام چيو تہ ’مون کي امڙ ياد پيئي هئي‘! مطلب: ذات ذوالجلال، ماڻهن کي شاهہ محمود وانگر گهٽو ئي غلام مثال گڏ ويهاري ٿو: مگر ’امڙ‘- نفس- هنن کي ڪيرايو وجهي.

”وحدت گر بگويم تا قيام، صد قيامت بگذرد دين نا تمام.“

”اوهان کي جيڪڏهن اسان وٽ اچڻ کؤن نفس روڪيو آهي، تہ پاڻ جاڻو: اسان کي اشتياق، تہ ’جيڪر ملاقات ٿئي!‘

(7- آڪٽوبر 1956ع)

* * *

- ”سجڻ ساعت هڪڙي جي ٿئي اڪيان ڏار،
تہ ڪر سڀ ڄمار، ڏنوسين نہ ڪڏهين!

”هوالمقصد تہ ’احسن التقويم‘، جيڪو قرآن مجيد ۾ اشارو آهي ’خلق الانسان في احسن التقويم‘، انهيءَ آيت جي تقرير جيڪڏهن ڪجي، تہ عرش عظيم کؤن اُنوڻ مفاصلي تي پري تقرير وڃي نڪري: انهيءَ جاءِ ٻيجا ۾ بي جهات ’ملڪاً ڪبيرا‘ ۾ رسي، جتي نہ عرش ڪرسي، نہ سج نہ چنڊ، نہ آسمان، نہ مقرب ملائڪ، نہ جن آدمي هماء جي رسد: تنهنڪري انهيءَ حقيقت کي ڪولڻ ’العاقل تڪفيه بالاشارة‘ جي لحاظ سان ڪئي ويئي.“

[اڳتي هلندي فقير صاحب هنن اکرن سان خط بند ڪيو آهي]

”عشق جو شرح ۽ توحيد جي حالات سان ڪٽي دفتر پرجن، تہ بہ ٿورا، ليڪن اوهان اڪثر انگريزي خواندا طوالت کؤن ڪاڙائيندا آهيو: ناچار ’تطويل الڪلام‘ کي ’قليل القال‘ جو جامو پهرايو ويو.“ (21- جون 1956ع)

[ٽہ ماهي ”مهراڻ“ (سوانح نمبر) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1957/3/4ع]

❑

## (14) قاضي احمد ڏِمائي[شيخ احمد بن محمد صديق السندي]

تعلقي سڪرنڊ جو شهر ’قاضي احمد‘ هن بزرگ جي نالي پويان سڏجي ٿو، چاڪاڻ جو قاضي احمد صاحب هن ماڳ کي وسايو ۽ اتي ئي سندس مزار آهي. قاضي صاحب پنهنجي وقت جو عالم ۽ عارف هو. خواجہ محمد زمان رحہ (اول) لواري واري جو مريد ۽ خليفو ۽ نقشبندي طريقي جي مبلغن ۽ علمبردارن مان هو. سنڌ توڙي هند ۾ ڪانئس گهڻا بزرگ فيضياب ٿيا. انهيءَ ڪري هن برصغير ۾ نقشبندي طريقي جي تاريخ ۾ قاضي صاحب جو ڪردار نمايان آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان ڪن مصنفن هن سلسلي جي بزرگن بابت لکندي قاضي صاحب جي سوانح ۽ خدمت کي پڻ بيان ڪيو آهي*. جيئن ته سنڌ اندر طريقت ۽ تصوف جي تاريخ ۾ قاضي صاحب جن جو تذڪرو پڻ اهميت رکي ٿو، انهيءَ ڪري هيٺ اسان سندس سوانح جي خاص پهلوئن تي روشني وجهون ٿا، جن بابت هن وقت تائين خاطر خواه معلومات ميسر ٿي نه سگهيا آهن.**

قاضي صاحب جي گهراڻي جو نسب نامون سنڌ جي ”ڪوريجن“ جي قبيلي سان ملي ٿو. سندن پنهنجي پُري پيڙهي هن طرح آهي: (1) قاضي احمد بن (2) محمد صديق بن (3) عبدالسلام بن (4) حاجي بن (5) محمد صالح بن (6) صابر بن (7) حاجي بن (8) احمد بن (9) محمد بن (10) سلطان بن (11) علاؤالدين بن (12) حاجي بن (13) احمد بن (14) شيخ المشائخ حضرت سَندو.

پنهنجي تحريرن ۾ قاضي صاحب پاڻ پنهنجو نالو ”احمد بن محمد صديق السندي“ ڪري لکيو آهي[1].

هن گهراڻي جي سڪونت آڳاٽي وقت کان وني ”ٿلٽي“ جي شهر ۾ هئي، جتي ’شيخ المشائخ حضرت سندو‘ مدفون آهي: جو غالباً ڏهين صدي هجري جي پلارن بزرگن مان هو. سندس اولاد مان ڪي بزرگ علمي مشغلي سان سيوهڻ ۾ پڻ رهيا ۽ اتي ئي رڪيل آهن، جيئن ته ٻارهون نمبر بزرگ حاجي بن احمد توڙي قاضي احمد جن جي والد محمد صديق جون مزارون سيوهڻ ۾ آهن.

---

* مثلاً، ڏسو ”اولياي نقشبند المعروف بہ سيرت پاڪ شير رباني“، مولانا محمد امين شرقپوري (مطبوعہ پيڪو لميٽيڊ لاهور).

** قاضي صاحب جن جي درگاهہ جي موجوده سجاده نشين پير فيض محمد صاحب سان 5- جون 1971ع تي ملاقات ۽ تبادلہ خيالات جو موقعو مليو ۽ سندس صحبت ۽ قلمي ڪتاب ’بزرگانِ ڏِمائي‘ جي مطالعي مان قاضي صاحب جن جي سوانح بابت انهن ٽاڻن ۽ اهڃاڻن جي تصديق ٿي.

[1] پنهنجي هڪ خط ۾ ۾ لکن ٿا: ”اما بعد مي گويد بنده جان پراگنده مفتقرالي رحمة ربه الغفار احمد بن محمد صديق السندي.“

قاضي احمد موصوف سنه 1117هه (1705ع) ۾[1] ٺلٽي ۾ ڄائو. اهو ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي حڪومت وارو دور هو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان ورتائين، جو غالباً ان وقت سيوهڻ ۾ مدرس هو. ثانوي ۽ اعليٰ تعليم ان دور جي مشهور عالم مخدوم عبدالواحد سيوستاني کان ورتائين[2] ۽ فارغ التحصيل ٿي پنهنجن وڏن بزرگن جي نقشِ قدم تي تعليم ۽ تدريس جو مشغلو اختيار ڪيائين.

اهو معلوم ناهي ته قاضي صاحب ڪڏهن سيوهڻ ۽ ٺلٽي وارو پاسو ڇڏي اچي موجوده موري ۽ سڪرنڊ تعلقن واري اراضي کي وسايو. ٿي سگهي ٿو ته حڪومت طرفان ڪيس لاڪاٽ پرڳڻي[3] جي قضا ملي ۽ انهيءَ نئين عهدي ڪيس هن پرڳڻي جي مرڪزي اراضي ڏانهن آندو. بهرحال قاضي احمد صاحب پاڻ ئي هن طرف لڏي آيو ۽ اچي ”ديهه ڊِم“ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ديهه ڊِم هن وقت موري تعلقي جي حد ۾ آهي. جتي قاضي صاحب جن اچي ويٺا، ان ماڳ واري مسجد موجود آهي ۽ اڄ تائين سنڌن نالي سان ’ميان صاحب جن جي مسجد سڏجي ٿي‘[4]. قاضي صاحب زندگيءَ جو ڪافي عرصو ’ديهه ڊِم‘ ۾ رهيا ۽ انهيءَ ڪري ”ڊِمائي“ سڏجڻ لڳا. زندگيءَ جي پوئين دور ۾، ’ديهه ڊِم‘ مان لڏي اچي موجود شهر قاضي احمد (جتي سنڌن مزار آهي) واري ماڳ تي مقيم ٿيا. اهو ماڳ ’ميل جي ڍوري‘[5] جي ڪنڌيءَ سان هڪ آباد علائقو هو ۽ انهي ڪري ئي قاضي صاحب جن شايد اتي سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ پنهنجي تحرير ۾ ان کي ”موضع ميل“ ڪري لکيو اٿن ۽ اتي جي آبادي بابت پنهنجن همعصرن مان ملان محمد احسن ۽ ملان محمد عارف ڏي پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو اٿن ته: ”اوهان جي ڪجهه زمين محمد بقا شاهه وارن ۽ ڪجهه معارفجن (ڪؤنريجن) آباد ڪئي آهي.“

قاضي صاحب جن هن ’موضع ميل‘ ۾ سنه 1223هه (1808ع) ۾ وفات ڪئي. سندن مزار ۽ درگاهه جي مشهوري سببان پوءِ هن موضع تي نالوئي ’قاضي احمد‘ پئجي ويو ۽ انهيءَ نالي سان ئي هن وقت هيءُ وڏنڍڙ ۽ آباد آهي.

---

[1] ”اولياي نقشبند“ جي مصنف ائين لکيو آهي.

[2] فيض محمد صاحب جن چيو ته: ’اها اسان جي خانداني ۽ پڪي روايت آهي. ڪتاب ”بزرگان دمائي“ ۾ مخدوم موصوف جو هڪ خط نقل ٿيل آهي، جنهن جو عنوان ادب ۽ احترام سان هن طرح ڏنل آهي: ”نقل مڪتوب حضرت مخدوم المخاديم، سيد البلدان والاقاليم، عالم رباني، عارف سبحاني، حضرت مخدوم صاحب سيوستاني.“

[3] لاڪاٽ وارو پرڳڻو موجوده سڪرنڊ ۽ موري تعلقي جي پاڳن تي شامل هو.

[4] مسجد وارو اهو ماڳ موجوده شهر قاضي احمد کان اَٺ ميل اوڀر ۽ صادق پٽي جي ڳوٺ کان اڌ ميل اتر-اوڀر طرف آهي.

[5] انهيءَ ميل واري ڍوريءَ جو پيٽ اڃان تائين قاضي احمد شهر کان اُڀرندين پاسي ظاهر بيٺو آهي.

**علم ۽ معرفت:**

مياں احمد وڏو عالم ۽ قضا جو صاحب هو، جو هو لواري جي صاحب سجاده خواجہ محمد زمان رحہ جو مريد ٿيو. ميان فيض محمد صاحب ٻڌايو تہ: ’خواجہ محمد زمان صاحب جن جي مشهوري گهڻو اڳ ٿي چڪي هئي ۽ سندن وڏا خليفا ۽ ٻيا نالي وارا مريد اڳ موجود هئا: قاضي صاحب پوءِ لواري ۾ ويو ۽ وڃي حلقهء ارادت ۾ داخل ٿيو.‘ خواجہ محمد زمان جي سوانح بابت جيڪي بنيادي روايتون محفوظ آهن، تن مان روايت خود قاضي احمد صاحب جي زباني قلمبند ٿيل آهي، اها روايت انهيءَ وقت جي آهي، جڏهن خواجہ صاحب جن جي پهرئين فرزند ۽ پوءِ پهرئين ديري وفات ڪئي[1]. ان مان گمان نڪري ٿو تہ قاضي صاحب وڏن خليفن کان پوءِ مگر ان هوندي بہ خواجہ صاحب جن جي حياتي جي پهرئين دور ۾ سندن مريد ٿيو. ميان فيض محمد صاحب ٻڌايو تہ: قاضي صاحب جن ’ديهہ دِمِ‘ ۾ مقيم هئا جو حج جو ارادو ڪيائون. ان وقت حج جي واٽ لواري وٽان هئي، جتان پوءِ ڪڇ ۾ وڃي ’مَنڊئي‘ بندر تان غورابن ۾ چڙهندا هئا. قاضي صاحب لواري ۾ خواجہ صاحب جن جي زيارت ڪرڻ بعد عرض ڪيو تہ: حج تان موٽندي مريد ٿيڻ جو ارادو اٿم. بزرگن فرمايو تہ: ”حج بہ نيڪ، مريدي جو ارادو بہ نيڪ، پر اهڙو تہ ٿي وڃجي جو اڳيان بہ تہ سڃاڻن!“ اهو ٻڌي قاضي صاحب ترسي پيو، جو فريضہ حج اڳ پڻ ادا ڪري چڪو هو. ٿن ڏينهن بعد خواجہ صاحب جن کين اجازت ڏني ۽ قاضي صاحب حج تي روانو ٿيو.

حضرت خواجہ محمد زمان رحہ جي چئن وڏن خليفن جا نالا معلوم ۽ مشهور آهن: يعني شيخ عبدالرحيم گرهوڙي، شيخ ابوطالب اگهمي، شيخ حاجي محمد صالح ۽ حافظ هدايت الله، جيڪو خواجہ صاحب جن جو خاص خادم هو. انهن وڏن خليفن کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي اهل دل سندن عقيدتمندن ۾ شامل هئا، جيئن تہ شيخ حافظ حاجي طاهر، شيخ قاضي احمد، درويش عيسيٰ دشتي، سيد محمد، سيد پير محمد، بنگو فقير، حافظ ايوب، علي محمد مجذوب، شيخ شعيب ڪشتي، شيخ الياس، شيخ سڏاتورو، حاجي شهميربلوچ ۽ سندس ڀاءُ ابوالحسن غازي وغيرهم. انهن سالڪن ۽ درويشن مان گرهوڙي صاحب کان سواءِ ٻين جا حالات بلڪل مختصر طور سان معلوم آهن: مثلاً شيخ ابوطالب اصل اگهم ڪوٽ يا اگهاماڻي جو هو، پر وفات سعيدپور ۾ ڪيائين؛ شيخ حاجي محمد صالح ڏاهري، موجوده تعلقي موري ۾، دولتپور کان ميل کن اوڀر

---

[1] ڪتاب ’لواري جا لال‘ ص 115

طرف ”ڪڙ“ جو وينل هو[i]؛ خواجہ عيسيٰ دشتي موجوده عمرڪوٽ تعلقي جي شهر ”چيل“ لڳ وينل هو ۽ سندس اولاد مان فقير عبدالله هن وقت موجود آهي؛ بنگو فقير گوپانگ، ڏيري (ضلعو نواب شاهہ) لڳ وينل هو ۽ اتي ئي سندس مزار آهي. سيد محمد لاهور جو باشندو هو. انهن بزرگن نقشبندي طريقي جي واٽ وٺي دين جي خدمت ڪئي ۽ ڪيترن ئي انسانن جي اخلاق کي سنواريو ۽ بلند ڪيو. موجوده معلومات جي بناءِ تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ انهن مڙني ۾ قاضي احمد صاحب پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي وسيع دائري ذريعي نقشبندي طريقي جي فيض کي سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر گھڻو وڌايو.

خواجہ محمد زمان رحہ جي خليفن مان مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، قاضي احمد صاحب ۽ سيد محمد لاهوري وقت جا عالم هئا، جن ۾ گرهوڙي صاحب کان پوءِ قاضي احمد صاحب علم ۽ فضل ۾ ٻين مڙني کان مٿانهون هو. قاضي صاحب کي خواجہ محمد زمان کان خلافت ملي ۽ پوءِ هو پنهنجي حلقي جو پير طريقت ٿيو[ii]. سندس مريدن جو دائرو وسيع ۽ هينيان چار بزرگ سندس وڏا خليفا هئا:

1. سيد نورمحمد شاهہ ڪُنڊائي، ڪاهي ڪنڊا تعلقي نوشهري فيروز جو.
2. مخدوم عبدالوالي درٻيلي جو
3. سيد حسين شاهہ، رتڙه چتڙه، ضلعي گورداسپور جو، جنهن هندستان ۾ فيض عام ڪيو، ايتري قدر جو سندس ٿي سؤ سٺ خليفا ٿيا.
4. ميان عبدالڪريم ڪٽي، پينگهاري (تعلقي هالا) جو.

انهن چئن وڏن خليفن کان سواءِ سندس ٻيا معتقد پڻ وڏي درجي وارا هئا. انهن ۾ ميان پيرمحمد ڏيپارجن جو ۽ قاضي صاحب جو پنهنجو فرزند ميان محمد صالح، وڏا اهل دل هئا. ميان پير محمد ڏي قاضي صاحب جي لکيل خطن جا نقل موجود آهن، جن ۾ ڪيس ”فضائل و ڪمالات دستگاهہ، نوربصر، راحت روحي، ميان پيرمحمد جيو سلمہ ربہ“ جي عبارت سان خطاب ڪيو اٿس ۽ پڻ خط هڪ ۾ ڄاڻايو اٿس تہ ”ميان پيرمحمد منهنجي فرزند محمد صالح کان بہ مون کي وڌيڪ پيارو آهي.“

قاضي صاحب سنہ 1223هہ (1808ع) ۾ وفات ڪئي ۽ ’موضع ميل‘ واري سڪونت گاهہ (موجوده شهر قاضي احمد) تي ئي مدفون ٿيل آهي، جتي سندس

---

(i) ڪتاب ”لواري جا لال“ ۾ ”شيخ حاجي محمد صالح ڳهراڻي“ لکيل آهي.، ٿي سگهي ٿو تہ ’ڪڙائي‘ کي ’ڳهرائي‘ ڪري لکيو ويو هجي.

(ii) خود سندس مرشدن (لواري جي بزرگن) بابت محفوظ روايات ۾ قاضي صاحب کي (طريقي جي ’شيخ‘ واري درجي جي لحاظ سان) ”شيخ قاضي“ سڏيو ويو آهي. (ڏسو ’لواري جا لال‘ ص 115). ٻي روايت ڪيس ’خواجہ‘ جي لقب سان ”خواجہ قاضي احمد“ ڪري لکيو ويو آهي. (ايضاً، ص 139)

مزار موجود آهي. قاضي صاحب جن جي حقيقي آثارن مان سڀ کان اهم سنڌن اولاد ۽ ٻيا اهل دل افراد آهن، جي اڄ تائين پاڻ کي سنڌس عقيدت ۽ ارادت سان وابستہ سمجهن ٿا. ٻيا سنڌن خطن جا نقل ۽ ہہ مهرون آهن، جي سجاده نشين ميان فيض محمد صاحب وٽ محفوظ آهن. هڪ مهر آڏيي جيتري گول آهي جنهن جي اندر سنڌن سجع "احمد الله علي نعمائه" جي وچ ۾ سنہ "1202" (هجري) لکيل آهي ۽ ٻي ننڍڙي چورس مهر آهي، جنهن جي اندر فقط سنڌن نالو "احمد" ۽ هيٺان سال "1207" لکيل آهي.

## سنڌن اولاد:

قاضي صاحب جو فرزند ميان محمد صالح علم ۽ معرفت جو صاحب هو ۽ پنهنجي والد جي وفات بعد طريقت جو سجاده نشين ٿيو. سنڌس لکيل ڪن (فارسي) خطن جا نقل موجود آهن، جن مان سنڌس تحمل ۽ تدبر جو اندازو ٿئي ٿو. پنهنجي والد جي مريد ميان حسين شاھ (رتڙه چتڙه، ضلع گورداسپور واري) معتقد کي خط ۾ سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو:

کار من نيست کسي را بجدال
ره نمايم بخداي مُتعال
هر که پي در پي من بشتابد
آنچه من يافته ام هم يا بد.

ڏيپارجن جي ميان شير محمد ڏي هڪ خط ۾ پنهنجي والد بزرگوار بابت لکي ٿو تہ:

احمد شهي عالي همم، صاحب عنايات و کرم
و صفش نگجند در قلم، احمد محمد ذالعطا.

ميان محمد صالح کان پوءِ سنڌس اولاد مان طريقت جي سجاده نشين جو سلسلو هن طرح هليو: کانئس پوءِ اول سنڌس وڏو فرزند ميان عبدالواحد ۽ پوءِ ننڍو فرزند ميان نورالله سجاده نشين ٿيو. ميان نورالله کان پوءِ سنڌس فرزند ميان محمد شفيع ۽ کانئس پوءِ سنڌس فرزند ميان محمد صادق (وڏو) ۽ ميان پيرمحمد سجاده نشين ٿيا. انهن بزرگن جو اولاد موجود آهي. راقم جي ملاقات ميان فيض محمد صاحب سان ٿي جو پنهنجي والد ميان پير محمد کان پوءِ سنڌس سجاده نشين ٿيو.

[ماهوار "الرحيم" سنڌي، (ڪتابي سلسلو) شاھ ولي الله اڪيڊمي
حيدرآباد، جولاءِ 1971ع]

❑

# ⑮ لاڙ جا ٽي وڏا ولي

## 1. شيخ حسين عرف پير پٺو:

پير پٺو ٺٽي ضلعي جو مشهور ولي آهي، جنهن جي درگاهه ’آر‘ ٽڪري تي آهي؛ جيڪا شهر ٺٽي کان چوڏهن ميل ڏکڻ طرف آهي. هن ’آر‘ واري ماڳ تي قديم مقام آهن، جن ۾ ڪن قبرن تي تاريخون لکيل آهن. درگاهه تي هڪ وڏي شاهي پير رکيل آهي، جنهن جهڙيون پيرون قلندر شهباز جي درگاهه تي آهن. هتان درياء جي ڦاٽ بگهياڙ جو نئون وهڪرو شروع ٿيو. اهڙن اهڃاڻن مان سمجهجي ٿو ته ’آر‘ وارو ماڳ سومرن جي دور ۾ آباد ٿيو. شيخ حسين جنهن جي هت درگاهه آهي سو غوث بهاؤالدين زڪريا (وفات: 666 هجري) جو خليفو هو. مون ڪن ڪاغذن ۾ پڙهيو آهي ته شيخ حسين ملتان ويو هو، جتي سنڌ جو بادشاهه دودو سومرو به آيل هو، جنهن کان هن پنهنجي خانقاه لاءِ زمين گهري جيڪا هن ڏني. شيخ حسين وڏي مٽيا وارو ولي هو، جنهنڪري ڪيس سنڌي ۾ (ان وقت) پيار واري نالي سان ’پٺو‘ سڏيائون، يعني سائو سَتابو، طاقت ۽ ولايت وارو. شيخ جي برڪت سان هتي وڏي رجوعات تي ۽ هي ماڳ مشهور ٿيو چيائون ته:

پير پٺو، ننگر ٺٽو
جن نه ڏٺو، ته ڪجهه نه ڏٺو.

درياء اچي ’آر‘ جي ٽڪر کي لڳو پر ڪائي نه سگهيو؛ ڪنهن درياء کي منهن وجهي چيو ته:

”ڪنيين تان جو پٺي وٺان!!“

يعني جي زمين کي ڪاٽو اٿئي ته پير پٺي وٽان ڪائي ڏيکار!

تاريخ تحفة الڪرام (جلد- 3) ۾، (’آر‘جي ماڳ تي) سڪونت جي لحاظ سان، بزرگ جي سڃاڻپ ’شيخ حسين ديوليءَ‘ طور ڪرايل آهي. ديبل يا ديول مشهور بندر هو، جيڪو سن 578هه (83-1182ع) ۾ سلطان محمد بن سام غوري جي فتح وقت موجود هو. پنجاهه سال کن پوءِ ڇهين صدي هجري جي شروع وارن ڏهاڪن (13- صدي عيسوي جي پهرين ڏهاڪن) ۾ لاهري بندر ان جي جاءِ ورتي، مگر انتظامي لحاظ سان، ديبل جي نالي سان صوبو پوءِ به قائم رهيو. ’آر‘ وارو ٽڪر ديبل جي صوبي ۾ هو، انهيءَ ڪري اتي جي ولي کي به ’ديولي‘ سڏيو ويو. پيو ته اهو ماڳ ان وقت، ديبل وانگر، بندر جو ڪم به ڏيندو هو.

سنه 1950ع ۾ سنڌ جي تاريخ تي تحقيق ڪندي تاريخ 3- سيپٽمبر 1950ع تي، مرحوم محمد يوسف چانڊيي جي سنگت ۾ پير پٺي وڃڻ ٿيو، جتي درگاهه

جي سجاده نشين مجاور شيخ محمد عثمان سان ملاقات ٿي: درگاهه ڏسڻ، ٻين آثارن جانچڻ ۽ مجاور محمد عثمان جي بيانن مان هيٺين معلومات ملي.

- اولياء جو شجرو ۽ مغلن بادشاهن جون سَنَدون شيخ مجاورن وٽ محفوظ هيون، مگر شيخ محمد عثمان جي ڏاڏي جي وقت ۾ سڙي ويون. مغلن طرفان درگاهه لاءِ ديهه انعام مليل هئي جنهن تي ڍل معاف هئي. انگريزن جي سنڌ تي قبضي وقت درگاهه جو مجاور شيخ عثمان هو جيڪو ٺُجار هو، مگر پاڻ ٺوٺا ناهي وڪڻي گذران ڪندو هو. انهيءَ درويش انگريزن جي آڏو سَنَدَ پيش نه ڪئي، جنهنڪري هن ديهه تي ڍل وڌي وئي. هن وقت ڪي نمبر جيڪي درگاهه لڳ باغات جا آهن، تن تي ڍل معاف آهي.

- هي ٽڪري جنهن تي اولياء رکيل آهي، ان کي ’آر‘ جي ٽڪري ڪري سڏين. يعني درياء آر ڪري اچي لڳو. ماموين جي بيت ۾ آهي ته: ”وَسي وَسي آر، جڏهين وجي ڦٽندو“ پر هي ٽڪري مڪليءَ واري ٽڪري کان به آڳاٽي آهي. مڪلي پوءِ ٿي. چون ٿا ته اولياء صاحب 800 سال آڳاٽو آهي. چيائين ته آءٌ درگاهه جو ستونجاهون خليفو آهيان، مون کان اڳ 56 سجاده نشين مجاور ٿي گذريا آهن. چيائين ته شجري جي وڃڻ بعد اسان کي اولياء جي پوري خبر ڪانهي، پاڻ اولياء سيد نه آهي. سندس لقب يا نالو ”سلطان شاهه عالم“ آهي جو مُهرن تي لکيل آهي. اهي مهرون اڳين مجاورن جي وقت جون آهن (روايتن مان معلوم ٿيو ته پير پنو علم وارو عالم هو) چيائين ته اسان وٽ اولياء صاحب جي دستار مبارڪ رکيل آهي. جيڪا ٽن موقعن تي، يعني عيد رمضان، عيد ذوالحج ۽ 12- ربيع الاول تي زيارت لاءِ ٻاهر ڪڍندا آهيون. سجاده نشين مجاور ايڪيهه دفعا وهنجي پوءِ هٿن کي ڪپڙو ويڙهي، پوءِ ايندو آهي. ٻيا ڪشتا ۽ ڪي عصائون رکيل آهن، جي هن درگاهه کي ٻين درگاهن کان مليل آهن: ڪي ٿي سگهي ٿو ته اولياء صاحب جا هجن.

- هن ”جبل آر“ تي به وڏا اولياء اڳ ۾ آيا، هڪ پير پنو ۽ ٻيو ”جميل شاهه گرناري“. اهي ٻئي همعصر هئا. سندن وار ۽ ميلا به ساڳئي موقعي تي لڳندا آهن. ”جميل شاهه گرناري ڏاتاري“ جنهن جو تڪيو جهوناڳڙهه ۾ ڏاتار جبل تي آهي، تنهن جا مجاور جدا (اڳ سيد، ۽ تازو بلوچ مڪراني) ۽ پير پني جا مجاور جدا آهن، هن ”جبل آر“ تي ٻيا اولياء به رکيل آهن:
1. درس آرادين 2. درس الله يو (قبر ۾ ماءُ کي ڄائو) 3. شاهه وجه الدين (جميل شاهه جو خليفو) جميل شاهه جي قبي اندر رکيل 4. سيد قطب شاهه 5. سيد حافظ شاهه 6. سيد بُخاري 7. گهٽو گهوٽ.

- ٻيا هتي سومرن جا، سمن جا، ڪيهرن جا، نوابن ۽ بلوچن جا قبا ۽ مقبرا آهن، بلوچن مان مير جت جو وڏو مقام آهي، جنهن تي اکر لکيل آهن.

- پير پٺي جي ٽڪر لڳ بگهياڙ ڦاٽ هو، جيڪو اصل درياءُ هو. وڏا وڏا پٿر جي هنن مقبرن ۾ آهن، سي هن درياهه رستي (بقول شيخ عثمان) يقيني طور ڪڇ مان آيا. پير پٺي تي هڪ وڏو گهنڊ رکيل آهي، جيڪو چون ٿا ته ساموندي جهاز جو آهي.
- درگاهه پير پٺي کان اوپر، بگهياڙ جي ڪنڌي تي، هڪ قبر آهي جنهن تي سنه 1024هه ۽ نالو 'مغفوري جي مجومي بهرم جام؟' لکيل آهي.
- هڪ مسجد تي 1081 تاريخ 6- محرم الحرام- وزن 592؟؟ لکيل آهي.
- جامع مسجد جنهن تي سن 547 تازو هٿ سان لکيل آهي، پر چيائون ته اصل ۾ اهو سنه ائين هو: جيڪو پوءِ مرمت وقت مسجد تي نقل ڪيندو آيو.
- درگاهه کان ڏکڻ بلوچن جو مقام آهي، جنهن ۾ سهڻي سنگتراشي ۽ گهڻا ڪنڊ ٿيل آهن. قبرن تي تحريرون جن مان هڪ ڇٽي جي ٿنڀي تي عبارت ته "مقبره شنبه ولد ملڪ ذات برهماني معرفت دوستين ولد جهته (ڇنه).
- هن ڇٽي کان الهندي ٻي ڇٽي جنهن جي اڀرندي دروازي تي سهڻن لفظن ۾ سنگتراشي ۽ آيت، "سجي ڪنڊ تي سنه 1051هه؟"
- شيخ محمد عثمان چيو ته بلوچن واري مقام ۾ هڪ قبر تي "خَمرجت" جو نالو لکيل هو، جيڪو مون ڪليڪٽر لارينس ۽ ڪمشنر ليوڪس کي ڏيکاريو هو. اها ڇٽي ڏکڻ طرف هئي (اها اسان ڪريل ڏٺي).
- ٽڪر جي اڀرندي طرف واري ڇٽي تي آر جو قديم شهر هو، اتي ٽٽي ڀڄڙي وڏي جامع مسجد آهي، جنهن جي بناء اجا تائين بيٺي آهي. تنهن پڊ مان تمام گهڻا سِڪا ليندا آهن. اڳي ڪي سڪا لڌا هئا، جن تي "شير شاهه" "اڪبر" ۽ "عباسي" نالا لڳل هئا. ڪنهن صاحب چيو ته هي قديم مقام 1200 ورهيه اڳ جو شهر آهي.
- ڏئو نرڙ: اها جاءِ جنهن ۾ اولياء جي دستار رکيل
- ماجي: اهو پٿر جو اولياء پيٽ سان ٻڌو ۽ مجاهدا ڪٽيا.

## 2. شيخ ريحاڻ رحه:

شيخ ريحاڻ بابت تحفة الڪرام ۾ ڄاڻايل آهي ته سومره قبيلي مان هو. مرحوم حاجي محمد بخش ٽالپور هڪ مضمون ۾ سجو نالو هن طرح ڏنو آهي: شيخ غياث الدين ريحان بن شيخ روبن بن ڪبريا بن متوبن بهرام بن ويرار خفيف بن سومره بن شهاب الدين بن صعبدين بن جعفر بن احمد بن محمد بن علي رضه (المنصوره- برهمڻ آباد-2" مضمون، رسالو سه ماهي مهراڻ، جولاءِ، سيپٽمبر 1978ع) هن نسب نامي موجب، بزرگ سومرن جي 'خفيف' پيڙهي مان هو. لاڙ ۾ خفيف سومرن جو نسل بين جاين تي به آهي، جيئن ته ٽٽي تعلقي جي مرحوم محمد عثمان سومري راقم کي ٻڌايو ته، سندن پيڙهي خفيف آهي.

ٻي روايت سندس اولاد جي آهي، جيڪا ميان حسام الدين کان 24- نومبر 1978ع تي، شيخ ريحاڻ تي، معلوم ٿي. چيائين ته سندس اصل نالو سلطان غياث الدين بن سلطان فخرالدين هو ۽ مٿي شجرو محمد اڪبر (محمد بن حنفيه) بن حضرت علي رضہ سان لڳي ٿو. بهرحال ٻنهي روايتن مطابق شيخ ريحان حضرت علي رضہ جي اولاد مان 'علوي' هو.

سندن وڏا عراق مان آيا، پاڻ بادشاهه پير دستگير کان فيض ورتائون ۽ سندن فرزند عبدالرزاق شاهه کان ڏنل خرقو خلافت جو ڍڪيائون. ابُو پهاڙ طرف به ويا ۽ اتي فيض ڏنائون. سنڌ ۾ سندن اوائلي چلو دروات جي لڪ (ٽاٽو بولاخان) کان ڏاکڻي طرف ٽڪر تي هو، جتي سندن دعا سان چشمو ڦٽي نڪتو. اها جاءِ اڄان تائين اتي "شيخ ريحان جو ڪرو" جي نالي سان مشهور آهي. انهيءَ ڪوهستان واري ماڳ تي رهڻ وارا شورا، نومڙيا، رونجها، پالاري ۽ جاکرا سندن مريد معتقد ٿيا. ان بعد اچي موجوده جڳهه (ديهه رڪن پور، تپو ٽنڊو حيدر) تي مقام ٿي وينا، جتي سندن مزار آهي. بغداد شريف ۾ نازبوءَ جا ٻوٽا چلي واري جاءِ تي رکيائون. انهيءَ تي ڪين ابو ريحان' جي ڪُنيت سان سڏيو ويو. هِت جتي اچي وينا اتي جهنگل هو، جنهنڪري ڪين شيخ ريحان جنگلي سڏيو ويو. ٻي روايت ته پاڻ پنهنجا جَڳر ڪڍي ڏنائون، جڏهن شيخ رڪن الدين ۽ قلندر شهباز اچي هت ڪانئن اڻ ڪنل گوشت جي طلب ڪئي. انهي ڪري "جَڳري" جي نالي سان مشهور ٿيا. رُڪن پور جو دڙو شيخ ريحان ڳوٺ جي اُتر طرف آهي. رڪن ناريجو هو پاڙو سُگَر هو.

شيخ ريحاڻ کي چار فرزند ٿيا: 1- سلطان ابراهيم 2- سلطان ڪرن 3-شيخ محمد قطب 4- دودو حقاني. پنجين هڪ نياڻي هئي. پهريون فرزند ساڻن گڏ رکيل آهي. دودو حقاني وچ تي آهي. ڳوٺ لڳ، شيخ محمد قطب جو مزار آهي.

درگاهه جي متولي شيخ محمد حسن جي دعوت تي 17- آڪٽوبر 1961ع تي شيخ ريحاڻ (ماڳ) تي وڏي ڪچهري ٿي، جنهن ۾ علي محمد لغاري ۽ پاڻس عيسيٰ، دودي چنيسر جي ڳاله سازن تي ڳائي. مون کي اتي وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. شيخ محمد حسن چيو ته اسان ٻڌو آهي ته شيخ رڪن الدين ملتاني، شيخ محمد قطب وٽ شيخ ريحاڻ جي فاتحه لاءِ آيو هو. ان اهجاڻ موجب شيخ ريحاڻ 7- صدي هجري ۾ حال حيات هو. دودي حقاني کي شيخ ريحاڻ پٽيلو ڪري قلندر شهباز کي ڏيئي ڇڏيو هو. جنهن سندس علوي هجڻ جي ڪري سيدن مان پرڻايس. قلندر شهباز جي وفات بعد سيدن دودي حقاني کي شهيد ڪري ڇڏيو. انهي ڪري هو خاص طرح "دودي شهيد" جي نالي سان مشهور ٿيو. سيدن چيو ته اسان عيوض ۾ سگ به ڪٽنداسون. پوءِ بيبي مائي يعني شيخ ريحاڻ جي نياڻي دعا گهري ته: دشمن مون کي اک ۾ ڪيو آهي، اي ڌڻي! مون کي پناهه ڏي! انهي تي زمين ڦاٽي پئي ۽ مائي اندر غار تي وئي.

شاهه عبداللطيف هٿ آيو هو ۽ شيخ محمد قطب جي مزار جي پرسان مسجد جي سامهون اوڀر طرف اوتارو هو جتي اچي وينو. شيخن کي چيائين ته اوهان مان ڪو نينگر مون کي ڏيو ته وٺي وڃان. پوءِ ميان يوسف ۽ ميان هاشم کي پاڻ سان وٺي ويو، شيخ محمد حسن چيو ته اها مائٽاڻي راويت آهي. اهي ٻئي اتي پٽ تي ئي جهان ڇڏي ويا. انهن مان هڪ جو نالو ظاهر ٿيو آهي جو شاهه صاحب جي سوانح بابت لکيو ويو آهي ته ميون شيخ هاشم ريحاڻ پوٽو پٽائي صاحب جي رسالي جي ڪاتبن مان هو.

شيخ ابراهيم داداڻي دادلو، سلطان ابراهيم جو پوٽو، وڏو درويش ٿيو. سندس مزار اولياء صاحب جي مزار کان ڏکڻ اولهه تي آهي. هو سيد علي شيرازي جو همعصر هو. اهو ميون محمد يوسف (مشهور ”يوسفاڻي“) وڏو شيخ ڪامل هو، داداڻي دادلي کان اولهه طرف مدفون آهي، سندس اولاد سعيدپور ۾ رهيو، جن مان مشهور ميون يوسف عرف وڏل شاهه حيدري هو، جيڪو فارسي جو شاعر هو. ميون فاضل (غالباً شيخ محمد قطب جي اولاد مان) درويش ڪامل ٿي گذريو. ٻيا به ڪيترائي درويش ڪامل ٿي گذريا.

ميون احمد ولد حاجي عبداللطيف، جيڪو محڪم الدين سيلاني سان اٺ سال گڏ رهيو هو، تنهن کي اتان امانت ملي. سندس پٽ ميون عبداللطيف وڏو صاحب توڪل ۽ صاحب فقر هو. رات جو دلي جو پاڻي به وٽن کي ڏيئي ڇڏيندو هو، ته سياڻي جو روز پاڻهي رازق ڏيندو. حافظ محمد ٽيبو درويش (ملي اسحاق جي ڳوٺ جو) سندس صحبتي هو.

ميين احمد جي فرزند ميين عبدالڪريم کي به پٽ ٿيا: وڏو شيخ ميون عبداللطيف جو SP ٿي رٽائرڊ ٿيو آهي ۽ ٻيو شيخ ميون محمد حسن جيڪو هي بيان ٻڌائي رهيو آهي ۽ فقيري خيال جو آهي، سندس عمر 52 ورهيه ڪن، سنڌن جي سور سبب معذور آهي ۽ لٺ تي هلي ٿو. پاڻ شعر چيو اٿس، جيڪو ”رساله ريحاني“ جي صورت ۾ شايع ٿي چڪو آهي. وڌيڪ شاهه جي رسالي جي پران سر ۽ داستان وارا بيت چيا اٿس. جيڪي پڙهي ٻڌايائين. ميون حسام الدين بن ميون جمال الدين پڻ اولياء صاحب جي اولاد مان آهي، جيڪو هوسڙي مان اڄ (17- آڪٽوبر 1961ع) خاص ڪچهري لاءِ هت آيل آهي. سندس والد پير جمال الدين خلافت جي وقت ۾ رهنما هو.

پير جمال الدين بن پير محمد هاشم سيري دار ڳوٺ ڏڙو داداڻي جو جيڪو ”شيخ ابراهيم داداڻي دادلي“ جي نالي سان سڏيو ويو. جمال الدين جي ولادت بابت ڪنهن مريد چيو ته:

شب معراج چو کرد طلوع

پديد آمد شده جمال الدين

ميان جمال الدين قرآن شريف سيد غلام شاهه وٽ پڙهيو. پارسي پنهنجي بزرگ ميين احمد بن عبدالعليم وٽ پڙهيو. پوءِ پارسي ۽ ڪجهه عربي قاضي پير محمد (ٽيپو) ٽنڊه قيصر واري وٽ پڙهيو. قاضي پير محمد وڏو عالم فاضل هو وٽس ڪيئي پڙهيا. ميون شيخ احمد به وٽس پڙهيو. هن وقت قاضي پير محمد جو پٽ ميون عبدالله حيات آهي، جيڪو تقريباً 90 سالن جو آهي. ان بعد پير جمال الدين وڃي مخدوم حسن الله پاٽائي وٽ پڙهيو. خلافت هلچل ۾ گهڻو ڀرو ورتائين. پير غلام مجدد سرهندي سندس رفيق هو، جو پاڻ ان سان گڏ پڙهيا هئا. مولوي تاج محمد نصرپوري، مولوي محمد عرس کوٽڙي وارو ساڻس گڏ پڙهيا هئا. خلافت تحريڪ ۾ چار ڄڻا (پير جمال الدين، مولوي تاج محمد، مولوي محمد موسيٰ ۽ اميد علي ٽالپور) گڏ گرفتار ٿيا.

## 3. شيخ پرڪيو ڪاتيار:

شيخ پرڪيو ڪاتيار جي مزار حيدرآباد کان ٽنڊي غلام علي ڏانهن ويندڙ رستي تي آهي. اتان اپرندي ڏانهن رستو وڃي ٿو ۽ ٻن ميلن بعد شيخ عبدالحميد قادري جي مزار آهي. ٻنهي مزارن تي سهڻيون عمارتون آهن ۽ شيخ عبدالمحميد واري مزار تي خاص طرح ڪاشيءَ جي سِرن سان پٽيون سينگاريل آهن. ڏهين صدي هجري ۾ اهو سڄو سماواتي پرڳڻو هو. شيخ پرڪيو، مخدوم نوح ۽ مخدوم محمد اسماعيل سومرو ساڳئي وقت جا يعني ته ڏهين صدي هجريءَ جا پلارا بزرگ هئا. ٽنهي سال 998 هه جي ساڳئي رجب مهيني ۾ وفات ڪئي. شيخ پرڪيي 3- رجب تي، مخدوم محمد اسماعيل سومري 5- رجب تي ۽ مخدوم نوح 11- رجب تي. هالن کان وٺي اگهم ڪوٽ (اگهاماڻي) تائين اسلام ۽ ايمان وارن لاءِ اهو وڏي ڏک ۽ غم جو مهينو هو. شيخ پرڪيو ۽ پراڻن هالن جا پٽي بزرگ احمد ۽ محمد به ساڳئي وقت جا هئا. ٻي هڪ روايت مان معلوم ٿيو ته شيخ پرڪيو ۽ جرڪس ڏناڻي به ساڳي وقت ۾ هئا. هڪ قلمي ڪتاب جي ورق تي لکيل هو ته هندو شيخ پرڪيي کي 'راجا وير' ڪري مڃيندا آهن.

تحفة الڪرام ۾ سندس سڄو نالو شيخ پرڪيو ولد شاهو ڪاتيار ڏنل آهي؛ سندس والده جو نالو مائي ساران هو. عام طرح سندس مشهور نالو 'شيخ پرڪيو آچاري' آهي. جنهن مان ظاهر آهي ته شيخ پرڪيو سندس وقت ۾ آچار وارن جا فيصلا نبيريندو هو ۽ حق وارن کي حق ڏياريندو هو. هر سال به ميلا لڳندا آهن. هڪ رمضان شريف ۾ جيڪو سندس ولادت جو مهينو آهي ٻيو رجب ۾ جيڪو سندس وفات جو مهينو آهي.

سيد عبدالقادر نصرپوري جي ڪتاب حديقة الاولياء ۾ شيخ پرڪيي جي مريد هارون سمي جو نالو اچي ٿو ۽ پڻ شيخ جي ڪرامت جو ذڪر آهي. ڄاڻايل هو ته ڪاتيار نالي قديم ڳوٺ، نصرپور ولايت جي سماواِتي پرڳڻي ۾ آهي. ٻئي

هڪ قلمي رسالي تذڪرة العاشقين ۾ (جيڪو 12 صدي هجري ۾ مخدوم محمد هاشم جي دور ڪان پوءِ جو لکيل آهي) ڄاڻايل آهي ته ان جو مصنف پاڻ ۽ سندس وڏا سڀ شيخ پرڪيي جا مريد آهن. هن شيخ پرڪيي جي وفات جي سال لاءِ قطعو ڏنو آهي ته: ”وصال نمود در عشق مولىٰ“ جنهن جا عدد 988 بيهن ٿا. صحيح سال 998 ھ آهي. ’نمود‘ کي ’نمودي‘ پڙهجي؟

شيخ پرڪيي سنڌيءَ ۾ بيت چيا آهن، جيڪي قاضي قادن جي بيتن سان گڏ ’پرڪڻ‘ جي نالي سان ملن ٿا. ’پرڪڻ‘ مان مراد ’پرڪيو‘ ئي آهي. سنڌ ۾ ان طرح ٻيا نالا به ملن ٿا، جيئن ته مرڪڻ، بخشڻ، ملهڻ، رامڻ، جاڳڻ وغيره. پرڪڻ معنىٰ راضي ٿيڻ: پرڻ به ساڳي معنىٰ ۾ آهي، جنهن مان ’پرئو‘ مرد جو نالو آهي، يعني راضي ٿيو. البت سبي طرف واري سنڌي ٻوليءَ ۾ پرڪڻ معنىٰ ڦِرڻ (پرڪي ٽڪجي پيو آن= ڦري ڦري ٽڪجي پيو آهيان).

ولهاري ڪتبخاني جي ذخيري مان مليل هڪ ورق تي شيخ پرڪيي جا چيل هينيان الفاظ (يا بيت) ان وقت جي آڳاٽي صورتخطيءَ ۾ ائين لکيل نظر آيا.

”گفته شيخ پرکئه بالکاف
يارُنِ اَيَانِ رايضه آئني
لِکي وئو سِکي کند مخضب الشيخ عليه“

ويندي هن پوئين ويجهي دور تائين عالمن وٽ شيخ پرڪيي لاءِ محبت ۽ عزت هئي. مولوي لعل محمد شهر مٽياري جو آخري وڏو عالم هو. سندس فرزند رحمت الله وڏو درويش هو ۽ شيخ پرڪيي (جي درگاهه) تي رهندو هو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد ڏهون)
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 2011ع]

❑

# 16 مست وتايو

اگهاماٽو شهر وَتائي مست جي خود خيال ڳالهين ڪري مشهور ٿيو. وتايو ڪو خيالي ڪردار ڪونه هو (جئن ڪن پانيو آهي) پر جيئري جاڳندي صورت هو. اگهاماٽي ۾ مخدوم محمد اسمٰعيل سومري رحہ جي وقت ڪان وٺي مخدوم صاحب جي خادمن توڙي ٻين ڪي وتائي بابت سڄي خبر هئي، جيڪا پوءِ درگاهہ جي مجاورن خادمن وٽ سندن وڏن ڪان هلندي آئي. 22- مارچ 1959ع تي اسان کي درگاهہ جي خادم ميين غلام نبي هيٺيون احوال ڏنو.

چيل طرف مُهراٽي جو ڪتي مولراج ۽ سندس ڀاءُ پنهنجن ڪٽنبن سميت مخدوم صاحب جي هٿ تي سنہ 971هہ يا 973هہ ۾ مسلمان ٿيا. مولراج کي پوءِ ٻہ پٽ ٿيا: الياس ۽ وطايو (وطايو= پيرين پنڌ هلندڙ، لتاڙيندڙ؛ عام ٻولي ۾ وتايو يا واتايو). سندس ڀاءُ کي هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو لُهندڙو. اهي ٻار هتي اگهاماٽي ۾ ڄاوا ۽ وڏا ٿيا. سندن گهر، درياءَ مان نڪرندڙ پيرواهہ جي مُنهن ڪان ڏکڻ طرف مهاڻن جي پاڙي لڳ هئا. اتي ان وقت ڪنڊو بيٺل هو، جيڪو پوءِ 'وتائي وارو ڪنڊو' سڏبو هو. اهي جايون اجا تائين 'وتائي وارا پِڊ' سڏجن (اسان ميين غلام نبي سان گڏجي وجي اهي پِڊ ڏٺا).

اهي ٽيئي ٻار مخدوم صاحب جي مدرسي ۾ پڙهيا. شيخ لهندڙو پڙهي عالم ٿيو ۽ پوءِ نصرپور ۾ حڪومت طرفان قاضي مقرر ٿيو. امام بخش ڪيريي جي گهران شادي ڪيائين*. وتايو ٿورو پڙهيو، پر عالم ڪونہ ٿيو. سندس ڀاءُ شيخ الياس پڙهي حافظ ٿيو.

وتايو جيئن وڏو ٿيو تہ خود خيالي ۽ مستي واري موج ۾ اچي ويو. مخدوم صاحب وٽ ڪونہ ايندو هو. ڪجهہ وقت پيرواهہ جي پتڻ وٽ پاٽڻي تي پتڻ اُڪاريائين ۽ پوءِ پيرواهہ جي ڪپ تي هرلو چاڙهيائين، پر اَڌ ورائي پيرواهہ ۾ وڌائين. لاٻارن وقت هيٺ جيڪي هرلن وارا هئا تن وٽ ويو ۽ چيائين تہ: منهنجي پتي ڏيو، نہ تہ قسم ڪٺو تہ منهنجي هرلي جي پاڻي جو ڦڙو بہ اوهان وٽ ڪونہ آيو. هت هن شهر ۾ ٻيون ڳالهيون بہ ڪيائين، جيڪي پوءِ مشهور ٿي ويون.

- وڏي قديم جامع مسجد ۾ منائي ورهايائين تہ هڪڙن کي مٺيون ڀري ڏنائين تہ ٻين کي ٿوري ترِيءَ تي رکيائين، پڇيائونس تہ چيائين: خدا واري ورچ ڪئي اٿم، جو ڪي ڏِوَن ۾ ڪي ٻُکن ۾. اوهان ڪان پڇيم تہ راڄ واري يا

---

* شادي ڪيائين ۽ ان طرف رهيو ۽ وفات ڪيائين. سندس مقام ٽنڊي الهيار ڪان اولهہ وڏي رستي جي اُتر طرف آهي.

خدا واري ورچ ڪريان؟ اوهان چيو ته: خدائي ورچ ڪجان.

- پنهنجي گهر واري ڪنڊيءَ جي وڻ تي چڙهي، قرآن شريف کولي توڪل بابت آيت پڙهيائين ۽ چيائين ته: رب سائين، توڪل ڪيم پر آهي ڪجهه ڪونه ڪو ۽ امان تي ماري. تو چيو ته توڪل ڪريو ته رزق ڏيندس، اچي قرآن تي هٿ رک ته واتائي جو رزق تو وٺ ڪونهي.

وتايو ٽن جاين تي بيمار ٿيو يا مئو: پهريائين اگهاماٽي ڪان ميل الهندي، شيخ پرڪيي واري گس تي، سيندي دڙي وٽ غش ٿيو پيو هو جو چوڪرن ڏٺو ۽ چيائون ته ڊگا لتاڙيندس سو ٽنگ مان چڪي پري ڪيائونس ته ٽپ ڏيئي اُٿيو ۽ چيائين ته: ”سَڌ پئي مئاسون، ٽنگ پئي گهلياسون، سو هتي ڪين ٿا مرون“. ٻئي پيري ڦٽي درياءَ جي وٽ ۾ ”واڳون ڏر“ (آبڙي ڪان ڏکڻ) وٽ مئو. ماين ڏٺو ۽ پانيائون ته درياءَ ۾ ٻڏو آهي پر اجان ناٽکو اٿس (نبض هلي پئي) سو گڏهه جي لِڏ جو دونهون ڏنائونس ته اٿي ڪڙو ٿيو. چيائين ته: ”مئو آهيان ڪالهه وري اڄ ئي ٿا اٿارين: هتي ڪونه مربو!“ پوءِ وڃي پنهنجي سوٽ لهنڊڙي جي مقبري تي رهيو. پريان ڪو ڪڙيو هو ۽ ڪنهن ڏينهن اتي مُئو، شيخ لهنڊڙي تي رهنڊڙ هو سو سجاتائونس ۽ ڪٽي اچي ان مقام ۾ پوريائونس.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد چوٿون)
نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 2003ع]

❑

## 17 مُلڪ اندر صاف سُٿري سياست جا امين
## [شاهه مردان شاهه ثاني ”چت ڏٽي“، ستون پاڳارو]

سنڌ اندر هر دور ۾ اعليٰ هستيون ٿي گذريون آهن، جن کي اسان نه پوريءَ طرح ياد ڪيو آهي ۽ نه پوريءَ طرح داد ڏنو آهي، موجوده دور ۾ پير صاحب پاڳارو جناب شاهه مردان شاهه ثاني پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري هڪ منفرد حيثيت جو مالڪ آهي. پاڻ هڪ مقتدر روحاني مرڪز جو رهنما ۽ پڻ ملڪ ۾ صف اول جو سياسي اڳواڻ آهي ۽ سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر وڏي عزت ۽ احترام سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

درگاهه پيران پاڳارا جي سجاده نشين شروع کان وٺي پنهنجن عقيدتمندن ۽ هم وطنن کي ديني ڪامراني سان گڏ دنيوي ڪاميابي ماڻڻ جي تلقين ڪئي ۽ پڻ ٻنهي سلسلن ۾ سندن رهنمائي ڪئي. ساڳئي نقشِ قدم تي هلندي موجوده دور ۾ پير صاحب جن پنهنجن اراتمندن، سڄڻن ساٿين ۽ هم وطن عوام کي پنهنجي مثالي زندگيءَ سان اسلام جي امن ۽ صلح واري عالمگير پيغام تي عمل پيرا ٿيڻ ۽ ٻين ملڪي آزادي ۽ ترقي جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي ترغيب پئي ڏني آهي.

جناب پير صاحب جن نهايت ئي مشڪل ۽ مخالفانه ماحول ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. باوقار ۽ قداور والد جي شهادت فرنگي جو قيد وبند، صغيريءَ ۾ يتيمي واري زندگي، مقرر ڪيل نگرانن جي پاڇي هيٺ مجبورين وارا ڏينهن ۽ راتيون، اهي سڀ اهڙا مشڪل مرحلا هئا، جن مان ڪنهن رواجي ماڻهو لاءِ ذهني توڙي جسماني صحت جي سلامتيءَ سان بچي نڪرڻ سولو نه هو، پر ننڍي وهيءَ ۾ ئي پير صاحب جن ۾ ڪا اهڙي قوت برداشت هئي، جو وڏي صبر، همت ۽ حوصلي سان نه فقط انهن مشڪل مرحلن مان لنگهي پار پيا، پر وڏي تدبر ۽ دانائي سان آئينده ترقي لاءِ پڻ راهه روشن ڪيائون.

ڪنهن عظيم والد جو فرزند ورلي ان ساڳئي عظمت جو والي ٿيندو آهي، پر پير صاحب جن پنهنجي عظيم والد جا وڏي عزت ۽ عظمت وارا فرزند ٿي ساماڻا. شهيد وطن سورهيه سيد صبغة الله شاهه انگريزن جي سامراجي طاقت سان جنگ واري ميدان ۾ پاڻ ملهايو ۽ سندن فرزند ارجمند جناب شاهه مردان شاهه پير پاڳاري سامراجي حڪومت جي خاتمي ۽ پاڪستان جي قائم ٿيڻ بعد ملڪ جي بچاءُ ۽ استحڪام لاءِ صلح ۽ امن جي ميدان ۾ قدم اڳتي وڌايو.

جناب پير صاحب جن صلح ۽ امن جي علمبردار هئڻ جي باوجود ملڪي آزادي جي بقا خاطر پاڻ 1965ع ۾ ڀارت جي پاڪستان تي حملي وقت وڏي همت

۽ حوصلي سان پنهنجن عقيدتمندن کي سنڌ جي سرحدن کي سنڀالڻ جو حڪم ڏنائون. سندن قيادت ۽ همت افزائي سان انهن مجاهدن نہ فقط سنڌ جي سرحدن کي مضبوط ۽ محفوظ ڪيو. پر راجستان جو سورهن هزار چورس ميلن جي وڏي وسيع ڀاڱي تي قبضو ڪيو. جناب پير صاحب جن سجاده نشين جي حيثيت ۾ وڏي پايي جا منتظم آهن. هزارها مريدن معتقدن جي درگاهہ تي آمدورفت، رسد ۽ رهائش لاءِ سندن سجادگيءَ واري دور ۾ وڏي پيماني تي عمارت سازي جا انتظام ٿيا آهن. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ جناب پير صاحب جن پنهنجي اخلاقي بلندي ۽ اٽل آزادي سان درگاهہ جي سيني مريدن معتقدن کي ضابطہ اخلاق ۽ امن جو پابند بنايو. اهي بهادر ۽ بيباڪ جن هڪ صدي تائين انگريزن جي سامراجي جنگ ۾ شينهن واريون ستون ڏنيون، تن شينهن مڙسن کي پير صاحب جن پنهنجي شفقت واري نظر مان صلح ۽ امن جي سڳي ۾ ٻڌي سُک ڪري ڇڏيو. قيامِ پاڪستان بعد آزادي جي نالي ۾ شروع ٿيل قانون شڪني ۽ ڇڙواڳي واري دور ۾ جڏهن حڪومت پنهنجن پڳهاردارن کي بہ گناهن کان روڪڻ ۾ مجبور آهي، تڏهن هزارها ماڻهن جي جماعت ۾ صلح ۽ امن و امان وارو ماحول قائم ڪرڻ جناب پير صاحب جن جي روحاني ۽ اخلاقي سربلندي جو مظهر آهي.

سنہ 1950ع واري عشري جي دوران پير صاحب جن باوجود نوعمري جي، سوچي سمجهي سياست جي ميدان ۾ قدم رکيو، پر سيني منفي لاڙن کان پاسو ڪيائون ۽ صاف سٽري مثبت سياست ڪيائون. جي چاهين ها تہ سُتا شينهن جاڳي پون ها، پر وڏي بردباري ۽ تدبر کان ڪم ورتائون جو ٻين وانگر نعري بازي هل هنگامي واري سياست کانہ ڪيائون ۽ پنهنجي اصولن تي قائم رهيا. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ پير صاحب جن موجوده دور جا وڏا سڄاڻ ۽ محب وطن سياستدان آهن. سندن سياست جو محور حقيقت پسندي آهي ۽ پاڻ هر قسم جي خوشفهمي کان آجا آهن. سياسي عمل سندن دور رس نگاهہ عارضي تبديلين ۽ وقتي فائدن بدران مستقبل ۾ پائدار نتيجن ۽ ڪاميابي تي پئي رهي آهي.

پوئين ويجهي دور ۾ ملڪي سياست ۾ وڌندڙ بگاڙ سببان، پير صاحب جن ملڪ جي بي لغام حڪمرانن تي، بنا ڪنهن رک رکاءَ جي ڪڙي تنقيد پئي ڪئي آهي. مزاحيہ انداز ۾ سندن سياسي ٽوڪبازي ويتر تيز نشتر جو ڪم پئي ڪيو آهي. ’چوهي بلي وارو کيل‘، ’بهارو ڦيرڻ‘، ’ڊراءِ ڪلينگ‘، ’فئملي پلاننگ‘ وغيره سندن تخليقي طنز جا مشهور معروف اصطلاح آهن، جيڪي هم وطنن کي ملڪ جي بي اصول سياستدانن جي هيرين ڦيرين ۽ ملڪ جي غير يقيني حالتن کان سجاڳ ڪن ٿا، پير صاحب جن پنهنجي مخصوص انداز ۾ همعصر سياستدانن جي اعمالنا من جا محتسب آهن.

ٻئي طرف پير صاحب جن پنهنجي اعليٰ تدبر ۽ تيز ذهانت سان، خارجي حالت تي نظر رکندي ۽ پڻ ملڪ اندر سياسي ڦيرين گهيرين توڙي فعال قوتن جي نيڪ ارادن جي تورتڪ ڪندي، هم وطنن کي وقت کان اڳ ايندڙ امڪاني حالات کان آگاهه پئي ڪيو آهي. عام طور تي سندن انهن بيانن کي پيشنگوين جو درجو حاصل ٿي چڪو آهي. پاڻ جيتوڻيڪ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي کان وٺي حاصل فقير وسائي پوٽي جي پيشنگوين کان باخبر آهن، ته به انهن اڳين پيشنگوين ۽ سندن پيشنگوين ۾ فرق آهي. اڳيون اڳڪٿيون منظوم ۽ واقعاتي هيون ۽ سندن اڳڪٿيون بياني ۽ سياسي نوعيت جون آهن. ساڳئي وقت ٻنهي ۾ هڪ حقيقت مشترڪ آهي يعني ته انهن ۾ سچ جو جزو سمايل آهي. پنهنجي پيشرو نشينن وانگر، پير صاحب جن علم جي خدمت ۽ عالمن جي عزت کي برقرار رکيو آهي. شروع ۾ سندن جدامجد ۽ هم لقب شمس العلماء شاهه مردان شاهه (اول) عالمن جي وڏي عزت ڪئي ۽ پڻ ڪين نوازيو. علم ۽ تعليم جي اشاعت لاءِ درگاهه تي مدرسو قائم ڪيو ۽ ٻاهر ڳوٺن ۾ ڪيترائي مکتب کولرايا. انهيءَ نقشِ قدم تي هلندي، جناب پير صاحب جن (شاهه مردان شاهه ثاني) گهڻو اڳ مدرسو قائم ڪيو، جيڪو پوءِ وڏي ’جامعه‘ ٿيو. هن وقت ”جامعه راشديه“ هڪ وڏي ديني درسگاهه آهي، جن ۾ داخل ٿيندڙ ٻاهران آيل شاگردن لاءِ خاطرخواهه رهائش ۽ کاڌي خوراڪ جو انتظام ٿئي ٿو. هن جامعه جون سنڌ ۾ ڪيتريون ئي شاخون آهن جن مان ڪي وڏا مدرسا آهن. علمي مطالعي ۽ تحقيق ۾ اضافي خاطر جناب پير صاحب جن ويجهڙائي ۾ هڪ وڏو قدم کنيو آهي. جو پاڻ هڪ وڏي لئبرري قائم ڪري رهيا آهن، جنهن لاءِ هڪ شاهي عمارت تعمير ٿي چڪي آهي. جامعه راشديه جو هيءُ الحاقي ڪتبخانو سنڌ اندر قلمي توڙي ڇپيل ڪتابن جي ذخيري جو هڪ وڏو مرڪز بنجي ويندو. جتي تحقيق ڪندڙن لاءِ ضروري سهوليتون موجود هونديون. ذاتي طور تي پير صاحب جن هردلعزيز ۽ شفقت محبت واري اعليٰ ڪردار جا مالڪ آهن. خوش خُلق ۽ خوش طبع آهن. جيڪو هڪ ڀيرو ساڻن ملندو، سو ڪين سگهو وساري نه سگهندو. روزمره جي معاملات ۾ وڏا عالي ظرف، بردبار ۽ وڏي صبر ۽ سهپ وارا آهن. سياسي نقطہ نگاهه سان جمهوري اندازِ فڪر رکندڙ عوام دوست ۽ روشن مستقبل جا حامي آهن.

[”جامعه راشديه جا پنجاهه سال“ مرتب: مفتي محمد رحيم سڪندري،
جمعيت علماءِ سڪندريه، جامعه راشديه پير ڳوٺ، 2004ع]

❑

## 18 ميان نصير محمد (ڪلهوڙي) جو فقير ”شاھ وسائو“

ميان نصير محمد وڏي مٽيا وارو وڏو مدبر ۽ منتظم هو. هن خاص تعليم ۽ تربيت سان پنهنجا فقير پيدا ڪيا جيڪي آئنده جا اڳواڻ ٿيا. ڳاڙهي (تعلقو خيرپور ناٿن شاھ) ۾ جامع مسجد تعمير ڪيائين ۽ ان ۾ مدرسو قائم ڪيائين. ان مدرسي ۾ جيڪي خطابي پڙهيا، تن مان ڪن اندران پتين تي پنهنجا نالا لکيا هئا، جيڪي چاليھ سال ڪن اڳ راقم (نبي بخش) پڙهيا. فقيرن جي عملي تربيت لاءِ ميان نصيرمحمد پنهنجو ’ميان والي طريقو‘ هلايو ۽ ان طريقي مان وڏي حال ۽ وڏي خيال وارا اڳواڻ فقير پيدا ٿيا، جن ميان نصير محمد جي ميجتا، محبت ۽ عظمت ڪي ماڻهن جي دلين ۾ جائگير ڪيو. ايتريقدر جو الله ۽ نبي ڪان پوءِ ’ميان‘جو نالو ماڻهن جي زبان تي چڙهيو. ’ميانوالي طريقي‘ جي اصولن ۽ عقيدن، ريتن ۽ رسمن جوعوام الناس تي وڏو اثر پيو، ۽ هن نظام ۾ ميان جي فقيرن ڪي وڏي مان شان ۽ وڏي عزت ۽ وقار وارو ڪيو ويو. ڪن خاص فقيرن ڪي ’شاهي‘ جي خطاب سان نوازيو ويو. اڳ سنڌ ۾ ’شاھ‘ جو خطاب فقط ساداتن لاءِ مخصوص هو ۽ هر سيد ڪي ادب مان ’شاھ‘ ڪري سڏيو ويو. ميان والي طريقي ۾، بنا ذات پات جي، بنا ڌن دولت جي، فقط ’ميان‘ سان عقيدت ۽ ميان ڪي مڃڻ ۽ مڃائڻ واري اهليت رکندڙ فقير ڪي ’شاھ‘ ڪري سڏيو ويو.

ميان نصير محمد جي فقيرن مان جيڪي ’شاھ‘ جي خطاب سان مشهور ٿيا، تن ۾ وسائو شاھ، گاجي شاھ ۽ پنجو شاھ مُک هئا. جئن ته اهي ’شاھ‘ ڪري سڏيا ويا، انهيءَ ڪري وقت گذرڻ سان ائين پانيو ويو ته سيد هئا. ٻيو ته وڏي نالي وارا هئا ۽ ’ميان‘ جي طاقت ۽ طريقي ڪي وڌايائون، انهي ڪري ٻه عام ۾ اهو خيال وينو ته سيد هئا. حقيقت ۾ شاھ وسائو چاندين مان هو، گاجي شاھ ڪوسن مان هو ۽ پنجو شاھ ڍهوٽن مان هو. عام ماڻهن سندن ذات ڪي ڍڪي سندن عزت ۽ عظمت ڪي قبوليو ۽ ان ڪي ائين وڌايو جو چيائون ته: ٽي ٻار تختي تي لڙهندا آيا جن ڪي ڪڍيائون، پوءِ انهن مان هڪ ڪي چاندين رکيو سو ٿيو شاھ وسائو، ٻئي ڪي ڪوسن رکيو سو ٿيو گاجي شاھ ۽ ٽئين ڪي ڍهوٽن رکيو سو ٿيو شاھ پنجو. گهڻو اڳ، دولھ دريا خان بابت جيڪو لاشاري قبيلي مان هو، تنهن جي مان مرتبي وڌائڻ خاطر ٻه ائين چيائون ته سيد جو ٻار هو، يا اوچتو ازغيبي پڌرو ٿيو. عوامي روايتون پنهنجي جاءِ تي، پر انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ميان نصير محمد جي انهن ٽن فقيرن مان هرڪو بذات خود وڏي مان مرتبي وارو هو. هيٺ اسان شاھ وسائي جو تفصيلي ذڪر ڪنداسون.

شاهہ وسائو ولد فيروز چاندين جي ميرواڻي پاڙي مان هو. نوجواني کان وٺي ميان نصير محمد سان سندس عقيدت هئي ۽ ميان صاحب کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيائين ۽ وڏي خدمت ڪيائين. ميان صاحب خوش ٿي کيس چيو: ’هڻ تون وڃ شادي ڪر‘. چيائينس تہ: تون گجرات وڃ، اتي مَهندُو ڪوسو آهي، جيڪو پنهنجي ڌيءَ راڻي توکي پرڻائيندو. مهندو ڪوسو اتي وڏو تمندار هو؛ کيس اڳ خواب ۾ مرشد [ميان نصير محمد] آيو جنهن چيس تہ: اسان جو فقير تو اچي تنهن کي پنهنجي نياڻي ڏج. وسائو فقير ويو تہ هن کيس پنهنجي نياڻي ڏني ۽ مرشد جي حڪم موجب فقير شادي ڪئي. پر هو وري بہ اچي مرشد جي خدمت ۾ رهيو. هاڻي ميان صاحب کيس پنهنجو ’خليفو‘ ڪيو. اهو درجو ہئي ڪنهن کي حاصل ڪونہ هو؛ کيس ’شاهي‘ جو خطاب بہ مليو ۽ پڻ وري ميان صاحب جي ڪمن تي پري پري وڃڻ لاءِ کيس مهريءَ تي سواري جي اجازت ملي.

پوءِ هو ’شاهہ وسائو مهريءَ جو هسوار‘ لقب سان مشهور ٿيو. وڏي همت وارو هو ۽ ڪيترن ئي معرڪن ۾ شامل ٿيو. ان وقت کيس بہ پٽ هئا: ميرو ۽ ڪنڊو. مقابلن ۾ سندس ڪوڏ ۽ ڪاميابي کي ڏسي، سندس پيءَ کيس چيو تہ:

’هولين هولين ٻول، متان ڪنڊو نہ وڃئي اول‘.

يعني: آهستي ڳالهاءِ ۽ ڊرو ٿي، متان ڪو اهڙو ڏکيو وقت اچئي جو تنهنجي پٽ ڪنڊو کي ضمانت طور اول ڪري وٺي وڃن! آخر شاهہ وسائو لَڪي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو ”لڪي جو شهيد“ سڏيو ويو. روجهاڻ جمالي طرف ’شاهہ وسائي جو ڪنڊو‘ مشهور آهي، جتي چون ٿا تہ ڪا وڏي ڪرامت جهڙي ڳالهہ ڪيائين. اتي اجان تائين سندس ياد ۾ ڪو ڏينهن ملهائين. حڪيم عبدالحميد خان چانڊيي (شهر ماڏو، ضلعو دادو) کان مليل روايت موجب، شاهہ وسائو، سنہ 1111هجري ۾، چانڊيي جرنيل موندر خان سان گڏ مغلن جي لشڪر سان وڙهندي شهيد ٿيو.

شاهہ وسائي جي اولاد مان ترپارڪر وارن وسائي پوٽرن جو ذڪر اڳتي ’سنڌ جا نسب ناما‘ هيٺ ڏنو ويو آهي. 4- سيپٽمبر 1975ع تي ٿر ۾ ڳوٺ ڪاڪٽهار رحم علي (لڳ اسلام ڪوٽ، ضلعي مٺي) ۾ جڏهن منهنجيون ٿر ۾ وسائي پوٽرن جي ڪٽنب بابت ڪچهريون ٿيون، مهربان ميزبان رحم علي فقير (ننڊيو) اڳئين وقت جا ڪي ڪاغذ ڪڍي آيو. اهي ڪاغذ ڦاٽي زبون ٿي ويا هئا، پر مون ڪوشش ڪري بچيل ٽڪرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي جن مان هيٺان تاريخي معلومات مليا.

- هڪ خط جو ٽڪرو جنهن جي مٿان مهر ”خادم الفقراءِ نورمحمد عباسي“، البت لِکت ۾ سال ’1259‘ جيڪو صحيح معلوم نہ ٿيو. شايد اصل ۾ ”1159“ هجي. جيڪڏهن ائين هجي تہ پوءِ اهو گمان نڪري ٿو تہ جنهڻ

واري ماڳ تي 'وسائي پوٽرا' ميان نورمحمد جي وقت ۾ آيا. پر هن ساڳئي خط ۾ نالو "رحم علي فقير خليفہ" لکيل يعني وڏي رحم علي جو نالو. رحم علي فقير چون ٿا تہ وڏي ڄمار ماڻي، انهيءَ ڪري ٿي سگهي ٿو تہ هو ميان نورمحمد جي وقت ۾ باهمت هجي.

- هڪ حڪمنامو "رحم علي درويش واقعہ تڙ دهڪياره" (تڙ ڊيڪاريو) بابت "قلعہ دار ريگستان" ڏانهن "قلہ دار ريگستان" يعني ٿرپارڪر جو قلعدار يا گورنر.
- مير ڪرم علي خان ٽالپر جو پروانو مهر سان سان "1225" هجري جو.
- مير محمد نصير خان جو حڪمانو مؤرخ "11- ماه محرم 1252". جنهن ڏانهن اهو حڪمنامو ان جي ماڳ مڪان بابت الفاظ تہ "واقعہ ريگستان تعلقہ اسلام ڳڙهہ" قلعو اسلام ڳڙهہ ٽالپورن جي دور ۾ تعمير ٿيو ۽ ان ڪي تعلقو ڪيو ويو. انگريزن جي دور ۾ اسلام ڳڙهہ جو نالو بدلائي اسلام ڪوٽ ڪيو ويو. ننڍو قلعو هو جنهن جون سرون ڪٽي شهر وارن پنهنجي ڪتب آنديون. اتي پوءِ اسڪول ٿيو. اسلام ڪوٽ وارو سنڌي اسڪول انهيءَ اڳئين اسلام ڳڙهہ واري ماڳ تي ٺهيل آهي. اسلام ڳڙهہ قلمي مان توبن جا گولا دستياب ٿيا، جيڪي هاڻي يو.سي طرفان اسلام ڪوٽ ميوزم ۾ رکيا ويا آهن ۽ راقم اهي 25- آگسٽ 2003ع تي ميوزم جو معائنو ڪندي ڏٺا.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" جلد پنجون،
سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2003ع]

❑

## (19) ميان نصير محمد (ڪلهوڙي) جو ساٿي: "ميان مانجهي سلطان"

سنڌ ۾ عباسي (ڪلهوڙن) فقيرن جي عوامي طاقت، سکر ۽ بکر جي ’دائري‘ کان شروع ٿي، جيڪو سيد ميران محمد جونپوري جي مهدوي سهروردي طريقي جي نظام هيٺ قائم ٿيو. ميان آدم شاھ پهريون وڏو سربراھ هو، جيڪو هن دائري ۾ داخل ٿيو. ڪانئس اڳ ابوبڪر جتوئي ۽ عيسيٰ هن دائري جا سربراھ هئا. آدم شاھ فقيري سان گڏ پنهنجي زمينداري کي بہ لاڙڪاڻي طرف وڌايو ۽ اتي ابڙن کان زمينون کسيون ۽ ڪين ماريو، جنهن تي انهن دانهيو. آدم شاھ کي حڪومت طرفان ملتان ۾ موت جي سزا ڏني وئي. اتي سندس معتقد شاھ محمد کهيري بلوچ جيڪو ملتان جو ڪوتوال هو، تنهن جنازو ڪٽائي آڻي سکر ۾ ٽڪريءَ تي دفن ڪرايو.

فقير سيد غلام محي الدين بخاري لاهوري جي نگارشات کي مرحوم شرافت احمد نوشاهي ’تشريف الفقراءِ‘ جي نالي سان مرتب ڪيو آهي، جنهن ۾ ميان مانجهي جو ذڪر آهي. هُن مانجهي لفظ جي سنڌي ۾ معنيٰ ممد (مددُو) معاون، مهدي، شجاع ۽ سخي طور سمجهائي آهي؛ ڄاڻايو ويو آهي تہ انهن صفتن سان موصوف ’صاحب حال ۽ ڪمال‘ هو. فارسي عبارت ۾ سندس نالي کي مثل ’الشمس بمعنيٰ مطابقت درشت هم در شجاعت وهم در سخاوت و هم در هدايت“ لکيو آهي. اهڙيءَ طرح ميان مانجهي جي چئن وصفن کي نمايان ڪيو آهي. 1- صاحب حال و ڪمال، يعني عابد، زاهد صوفي 2- شجاعت، يعني بهادر (جو شايد ميان نصير محمد جي جدوجهد ۾ شامل رهيو) 3- سخاوت: يعني سخي جنهن جو لنگر هلندڙ هو 4- هدايت: يعني پير مرشد.

فقير غلام محي الدين، ميان مانجهي جي بيعت جو سلسلو هن طرح بيان ڪيو آهي:

> ميان مانجهي جي بيعت ميان نصير محمد سان، اهو مريد شاھ علي محمد جو، اهو مريد شاھ دائود جو، اهو مريد شاھ الياس اڪاني جو، اهو مريد شاھ محمد کهيري جو، اهو مريد شيخ آدم شاھ جو، اهو مريد شيخ ابوبڪر شاھ جتوئي جو، اهو مريد ميان عيسيٰ شاھ قوم لونبڙيہ پوٽہ ساڪن روهڙي سکر جو، اهو مريد سيد ميران شاھ مهدي جونپوري سهروردي هو.

ايتري تفصيل سان هي بيعت نامو ٻئي ڪنهن ماخذ ۾ لکيل ناهي. هن حوالي موجب، ميان نصير محمد پائيتيو هو. ’شاھ علي محمد‘ جو جنهن کي عام طرح ’شاھ علي‘ يا ’شاهل محمد‘ چيو ويندو آهي. شاھ الياس کي ’شاھ

الياس اڪاني' سڏيو ويو آهي. اها صفت ٻين ماخذن ۾ ڏنل ڪانهي، پر پنجاب يونيورسٽي لئبرري جي هڪ قلمي ڪتاب ۾ 'آگاني' آهي. شاهه الياس مريد هو 'شاهه محمد ڪهيري' جو ان اهڃاڻ مان معلوم ٿيو ته چو شاهه محمد ڪهيري جيڪو ملتان جو ڪوتوال هو تنهن ميان آدم شاهه جو جنازو ڪڻايو. اهي ڪهيري بلوچ 'چتر' جا هئا ۽ اتي ميان آدم شاهه جا مريد هئا. يعني ته آدم شاهه چتر شهر جو هو، فقط ميان آدم شاهه کي ئي شيخي جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي. جنهن مان ثابت آهي ته هو ميان نصير محمد جي وڏن ۾ پهريون 'مرشدي' جي منزل وارو هو. آدم شاهه مريد هو شاهه ابوبڪر جتوئي جو ۽ اهو مريد هو 'عيسيٰ! شاهه' جو جيڪو ذات جو 'لونبڙي پوٽو' هو ۽ روهڙي سکر جو وينل هو، اهو مريد هو سيد ميران محمد مهدي جونپوري سهروردي جو: سيد ميران پهريائين سنڌ ۾ آيو هوندو ته بکر سکر ۾ آيو هوندو، جتي عيسيٰ لونبڙي پوٽو سندس مريد هو، ابوبڪر جتوئي ۽ عيسيٰ لاءِ 'شاهه' جو لقب فقير غلام محي الدين آندو آهي، پر 'شاهه' جو لقب انهن ٻنهي کان گهٽ پوءِ ميان نصير محمد پنهنجن سربراهن کي ڏنو.

شرافت احمد نوشاهي جي لکڻ موجب، فقير غلام محي الدين پنهنجي هڪڙي خط ۾ ميان مانجهي جو نالو 'جام مانجهي سلطان لٿي نوشاهي' لکيو آهي. پنجاب يونيورسٽي لئبرري مخطوطي ۾ هن پنهنجو نالو (نوشه فقير لٿي نوشاهي المعروف به غلام محي الدين) لکيو آهي. 'لٿي' جي صورتخطيءَ مان اصل لفظ 'لٿي' يا 'لني' جو گمان ٿئي ٿو. اهو نک(؟) جو نالو آهي. ان مان لڳي ٿو ته ميان مانجهي ۽ ميان نصير محمد ساڳي نک مان هئا. سيني ماخذن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان نصير محمد وڏو عابد زاهد هو، پر ميان مانجهي به عارف ڪامل هو.

فقير غلام محي الدين جي لکڻ موجب، ساهن پال جو عارف محمد نوشه گنج بخش سير سياحت لاءِ سنڌ ويو هو. جتي هو پهريائين ميان مانجهي سان مليو جو ڪنهن ٻڌايس ته هو هتي جي وڏي عارف ميان نصير محمد جو مريد آهي. ميان مانجهي هن ڏي ڏنو ته ساڳيو ميان نصير محمد نظر آيس ۽ وري وجي ميان نصير محمد کي ڏٺائين ته هو ساڳيو نوشه گنج بخش نظر آيس. جڏهن ان راز بابت ميان نصير محمد کان پڇيائين ته هن چيس ته "نوشه نصير؛ نصير نوشه!" اها ڳالهه فقير غلام محي الدين شايد پنهنجي عقيدت وڌائڻ خاطر لکي هجي، باقي نوشه گنج بخش اڳ ۾ سنه 1064هه ۾ وفات ڪئي ۽ ميان نصير محمد پوءِ سنه 1067هه ۾ سجاده نشين ٿيو. احتياط طور البت فقير غلام محي الدين ائين گڏي لکيو آهي ته "حاجي محمد نوشه قدس سره بطي مڪاني و زماني از راه ڪرامت يا حسب ظاهر سياحت ڪنان وارد سند گرديدند". يعني حضرت نوشه ڪرامت ذريعي يا ظاهري سياحت طور سنڌ ۾ ويو. فقير غلام

محي الدين اهو البت صاف لکيو آهي تہ پوءِ ميان مانجهي پنجاب آيو ۽ نوشه گنج بخش کان فيض ورتائين.

'ميان مانجهي کي سندس زيارت جو شوق ٿيو. هو سنڌ مان پيدل هليو ۽ پنجاب ۾ نوشهره مغلان جي لڳ نوشه گنج بخش جي مريد پير محمد سچيار سان مليو، اتان پير محمد سچيار کي ساڻ ڪري ساهن پال پهتو. ان وقت حضرت نوشه گنج بخش مصلي تي وينو هو، پر اُٺي ميان مانجهي سان مليو ۽ پنهنجي باطني نعمت سان ميان مانجهي کي فيضياب ڪيائين: سچيار کي پڻ چيائين تہ "ميان پير محمد! هن يار کي منهنجي برابر سمجهو." ان وقت کان وٺي پير محمد سچيار ميان مانجهي جو ايترو ئي ادب ڪندو هو جيترو حضرت نوشه جو. ميان مانجهي حضرت نوشه کان فيض وٺي واپس سنڌ ويو.'

ٿي سگهي ٿو تہ اهو پهريون پيرو هو جو ميان مانجهي پنجاب ۾ آيو. فقير غلام محي الدين لکي ٿو تہ: طريقت ۾ هو پهريائين خواجہ بخش جمال جهنگي والہ (وفات 1189هه) جي دست بيعت ٿيو، ٻي سندس بيعت مرزا امانت شاهہ سان ٿي، جنهن جي بيعت پير محمد سچيار نوشهروي سان هئي (جيڪو نوشه گنج بخش جو مريد هو) ان کان پوءِ ميان جام مانجهي سلطان کان فيض ڪامل ورتائين: جيڪو (سندس لکڻ موجب) محمد نوشه گنج بخش جو مريد هو.

انهن سالن جو تعين ڪرڻ ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ جو شايد اهي بيان عقيدت طور لکيا ويا هجن: هڪ ٻئي بيان موجب ميان نصير محمد 1080هه/ 1669ع ۾ پنجاب ويو هو.

فقير غلام محي الدين لکيو آهي تہ اصل ۾ وڏا سرائي (ميان نصير محمد ۽ ٻيا اڳيان) اسلام ۽ جهاد جي جذبي سان ميران محمد جونپوري جا مريد ٿيا. ميان نصير محمد ڪرامت ۽ عظمت وارو هو. "آن مرد صاحب کرامت و عظمت بود و جلالت ظاهر و باطن داشت." سيد ميران محمد پڻ عيسيٰ کي چيو هو تہ هو ميان صاحبن جو مددگار رهي جو "مون انهن کي حڪمران ڪري ڇڏيو آهي." بهرحال، جيئن حضرت ميران محمد چيو تيئن ٿيو ۽ "ملڪ ٺٽو ۽ سنڌ" ميان نصير محمد جي تابع ٿي ويو. (تاريخي رڪارڊ موجب، سڄو ملڪ پوءِ ميان نورمحمد جي دور ۾ تابع ٿيو).

سنڌ جي ميان صاحبن بابت فقير غلام محي الدين ڪي اهم معلومات ڏنا آهن، جيئن تہ سنڌ جي ميان صاحبن جي سجع مهر آهي "خادم الفقراءِ نصير محمد."

فقير غلام محي الدين سنہ 1756/1166ع ۾ ڄائو، يعني هو ٻارهين صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ عباسي ڪلهوڙن جي حڪمراني جي آخري دور جو مصنف آهي. هن پاڻ کي "از يارانِ جام مانجهي سلطان" ڪري لکيو آهي، ان

وقت، هو ميان مانجهي جي طريقي کي 'مانجهي لتي نوشاهي' لکندي، ان طريقي کي ٻين سراين جي طريقي کان جدا سمجهي ٿو. ان مان گمان ٿئي ٿو ته شروع واري دور ۾ ميان مانجهي ۽ ميان نصير محمد ٻئي سلوڪ ۽ طريقت ۾ ميران محمد جونپوري سهروردي جي طريقي ۾ گڏ هئا، پر جڏهن ميان نصير محمد حڪومت ۽ حڪمراني جي لوازمات ۾ اڳتي وڌي ويو. تڏهن سندس طريقي ۾ تبديليون آيون. فقير غلام محي الدين لکي ٿو ته 'اسين مانجهي لتي نوشاهي' طريقي وارا ٻين سراين کان الڳ آهيون. سندس لکڻ موجب ميان مانجهي جا (پنجاب ۾) گهڻا مريد خادم جيڪي پاڻ کي 'سرائي نوشاهي' سڏائين ٿا، اهي تقويٰ جي ڪري مشهور آهن. وڌيڪ وضاحت خاطر لکي ٿو ته: "باوجود انهيءَ جي جو طريقي ۾ دين پناهه مرزا امانت شاهه منهنجو مرشد آهي. مگر اسان کي ميان مانجهي جو ديدار به نصيب ٿيو. چاڪاڻ ته هو خضر مثل زنده آهي. اسان به حضرت نوشه کي نصير محمد ۽ نصير محمد کي نوشه ڪري مڃون ٿا. پر اي سڄڻ! 'منجهيانه سراين' جو حقيقي مرشد حضرت بلال[1] (رضه) آهي، اهو انهيءَ ڪري جو ميان مانجهي فرمائيندو هو ته اسين بلال جا غلام آهيون. جيڪو جناب سيد انام جو غلام هو. فقير غلام محي الدين پنهنجي مرشد (مرزا امانت شاهه) جي بيعت جو نوشاهي سلسلو پڻ تفصيل سان لکيو آهي، جنهن موجب اهو سلسلو سيد شاهه محمد مبارڪ عالي مقام قادري کان شروع ٿيو.

فقير غلام محي الدين وڌيڪ لکيو آهي ته: ميان مانجهي جي طريقي وارن ۽ ٻين سراين ۾ فرق آهي. ميان مانجهي مرد ڪامل هو. شريعت ۽ طريقت تي پورو هو. هو ٻين سراين وانگر سنت نماز ۽ روزي جو تارڪ نه هو ۽ ٻين بدعتن کان پري هو.

- ٻيا سنڌي سرائي ٻُروت کي سنت نٿا سمجهن. سيد ميران احرام ٻڌي حج لاءِ نڪتو ۽ هتي آيو. پوءِ جيڪي پاڻ وجي ساڻس مليا سي (سنت تي قائم رهيا) باقي ٻين جن غائبانه ٻُڌو ۽ ڪيس مڃيو تن چيو ته اسين غازي آهيون ۽ 'ترڪ قص الشوراب' کي روا ٿا سمجهون.
- "سراين نوشاهين" جو هر فعل شريعت مطابق آهي.
- اسين جيڪي ميان مانجهي جي طريقي وارا آهيون، تن مان هر منجهيانو (منجهيانه) عيدالاضحيٰ جي موقعي تي وار ڪترائيندو ۽ اڏ ٿويو ڪٽڪ يا

---

[1] فقير غلام محي الدين جي لکڻ موجب: حضرت بلال جو اصل وطن آفريقا ۾ 'سراهه' هو ۽ انهيءَ ڪري ميان نصير محمد ۽ ميان مانجهي 'سِراهي' سڏيا ويا (اها سندس پنهنجي عقيدت آهي. صحيح ائين آهي ته ميان عباسي (ڪلهوڙا) سنڌ جي سري جا سرائي هئا).

چانورن جو خيرات ڏيندو آهي. ميان مانجهي به ائين ڪندو هو.

- (پنجاب جي) 'سراين نوشاهين' ۾ به جيڪي سُر سان آلاپڻ، آهه زاري ڪرڻ، دعا ۾ هاءِ هُوءِ وارا نعرا هڻڻ، رقص ڪرڻ ۽ ڦيرا ڏيڻ يا ٻيا اهڙا عمل ڪن ٿا سي ناپسند آهن. اسين جيڪي (سرائي نوشاهي) آهيون سي انهن کان پري آهيون.
- اسين ميان مانجهي جي سرائي گروهه جا آهيون، جيڪي سندس طريقي موجب شريعت تي عمل ڪريون ٿا. روزو ۽ نماز ۽ ٻيا فرائض، واجبات ۽ سنتون ادا ڪريون ٿا، اسين ٻين سراين جي متابعت نٿا ڪريون، جيڪي سر تي وڏا وار رکڻ لازم سمجهن ٿا.

لکي ٿو ته: 'اي يار! اسان جي مرشد ميان مانجهي جو طريقو مرشد الابرار حضرت علي المرتضيٰ رضه وارو آهي، يعني ته پسنديده افعال تي عمل ڪريو ۽ ٻين کي ٻين لاءِ ڇڏي ڏيو. يعني خذما صفا ودع ماڪدر. ميان مانجهي جو اهو معمول هو ته 'منجهايا' (ميان مانجهي جا مريد) عيدالاضحيٰ ڏينهن وار لهرائين يا ڪترائين. سو اسان (ميان مانجهي جي طريقه وارن) 'نوشاهين سراين' جو اهو مسلڪ آهي.

پنجاب ۾، نوشاهيه سراين ۽ منجهانه سراين (ميان مانجهي جي مريدن) جو ساڳئي طريقي ۾ يڪمشت گذارڻ بابت وڌيڪ احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي. سواءِ انهيءَ جي جو جيئن فقير غلام محي الدين پاڻ لکيو آهي ته سندن اهو مسلڪ آهي.

شرافت احمد نوشاهي جيڪو پنجابي ڪلام گڏ ڪيو آهي، اهو 'نوشه ثاني' فقير سيد غلام محي الدين جو ئي آهي. ان ۾ هڪ يا ٻن بابن جو عنوان ئي 'ميان نامه' آهي، جنهن مان تصديق ٿئي ٿي ته فقير غلام محي الدين جي ميان صاحبن سان ارادت هئي، خاص طرح ميان مانجهي سان عقيدت هئي.

فقير غلام محي الدين ميان مانجهي کي 'جام مانجهي سلطان' ڪري لکيو آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته هو وڏي همت ۽ وڏي اختيار وارو هو. وڌيڪ فقط ايترو ڄاڻايو اٿس ته، (سنڌ ۾) ميان مانجهي جي سڪونت موضع 'مياڻي' ۾ آهي. اها شايد الهندين ناري يا ان جي ڪنهن واهڙ جي مياڻي هئي. ميان مانجهي جي تاريخي اهميت جي مدِنظر، راقم ضلعي دادو ۽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ميان مانجهي جون پڇائون ڪيون. ۽ آخر اپريل سنه 1970ع ۾، وارهه تعلقي ۾ ميان مانجهي جو ماڳ ۽ سندس مقام ڳولي لڌو. اپريل جي چوٿين تاريخ آءٌ اتي پهتس ۽ ميان واسو جي اولاد مان ماستر قادر بخش ۽ ٻيا مليا، جن کان هيٺيون احوال قلمبند ڪيو ويو.

مِيان صاحبن جي نسب نامي ۾ چنيه نالي ہہ شخص مشهور ٿيا: هڪ چنيه وڏو ۽ ٻيو چنيه ننڍو. چنيه ننڍي کي پنج يا ڇهہ پٽ هئا: فوجو، مانجهي، پنجو، پانڌي ۽ واسُو. (اندران وڏي عمر جي مائي کان پڇايوسون تنهن چيو تہ پنجون پٽ ننگر هو، پر بنا اولاد گذاري ويو). راڄ جي پڳ واسُو تي هئي ۽ پانڌي واسو جو راڌارو (بورچي) هو. فوجي کي ہہ پٽ ٿيا: فوجي جو اولاد فوجاڻي سڏجي جيڪو ڳوٺ واسو ڪلهوڙي ۽ ڳوٺ وڏي ڪلهوڙي ۾ رهي، منهنجي اتي وڃڻ وقت فوجاڻين جو وڏو سرائي الله بخش هو، جنهن جي عمر هڪ سؤ ۽ چار سال هئي. پنجو کي ہہ پٽ ٿيا: شير خان ۽ باغ خان جن جو اولاد پنجواڻي سڏجي، جيڪي ڳوٺ واسو ڪلهوڙي کان هڪ ميل اولهہ طرف پنهنجي ڳوٺ ۾ رهن. پانڌي جو اولاد پنڌاڻي (ائين) سڏجي جيڪو ڳوٺ واسو ڪلهوڙي ۽ ڳوٺ وڏي ڪلهوڙي ۾ رهن. واسو جو اولاد وساڻي سڏجي جيڪي ڳوٺ وڏي ڪلهوڙي ۾ رهن، فقط سندن هڪ گهر ڳوٺ واسو ڪلهوڙي ۾ آهي. وڏو جنهن جي نالي سان ڳوٺ سڏجي سو واسو جي اولاد مان هو. واسو جو مقام وڏي ڪلهوڙي جي ڳوٺ کان اڍائي ميل ڪن اُتر طرف آهي. ڳوٺ واسو ڪلهوڙو ۽ ڳوٺ وڏو ڪلهوڙو ٻئي ڏامراهہ ٽپي جي ديهہ واسو ۾ آهن. واسو فقير جو مقام ڏامراهي ٽپي جي ديهہ ٻُٺ ۾ آهي: اڳ ديهہ واسو ۽ ديهہ ٻُٺ ٻئي واسو جي هٿ ۾ هيون. ديهہ ٻُٺ ۾ ئي فوجي جي پٽ سَندو کي گدڙن کاڌو هو ۽ پهاڪو ٿيو تہ "سندا، گدڙين کاڌا." چون ٿا تہ مِيان (نصير محمد) آيو هو تہ فوجي منهن نہ ڏنو، تڏهن مِيان جي بددعا ٿي.

سيني پائرن ۾ مِيان مانجهي ۽ مِيان واسو ٻئي فقير هئا. مِيان مانجهي وڏو فقير هو پر مِيان واسو ہہ فقير هو. اڃان تائين ميانوالي طريقي ۾ سندس نالي سان صدا هلندڙ آهي تہ:

ميان واسو وَساڻي، ٿيوين ساڻي
درد ڪون ڪرين لوڻ پاڻي.

مِيان مانجهي کي ٻين سيني پائرن کان گهڻو اولاد ٿيو. هو وڏو فقير هو. سندس نالي سان 'مانجهي فقير جو مقام' ڳوٺ وڏي ڪلهوڙي سان لڳو لڳ اوڀر طرف آهي، جنهن ۾ مِيان مانجهي جي قبر آهي. جنهن تي پڙ پيل. مِيان نصير محمد جو مريد هو. اڃا تائين مرادوند مِيان مانجهي جي نالي سان صدا هڻندا آهن تہ:

ميان مانجهي منجهين وال
کير دي ساڙهي ٿيوي ڳچي نال!

وڏي مال وارو پاڳيو هو. سخي هو، جيڪو سندس پاڻ تي ايندو هو، تنهن کي کير ملندو هو. مِيان مانجهي جي اولاد ۾ اڃا تائين کير موجود آهي.

ٻين سيني پائرن جي اولاد کان ميان مانجهي جو اولاد گهڻو آهي. ڪيس هڪ پٽ ٿيو جنهن جا چار پٽ: ڳنوال وڏو ۽ پڳدار جنهن جا ٽي پٽ: مير محمد، علي مير ۽ علي، انهن جو اولاد ڳنوال ڪلهوڙي جي ڳوٺ ۾ رهي؛ ٻيو سنجر جنهن جا ٻه پٽ: علي محمد ۽ صوبدار جن جو اولاد موجود؛ ٽيون ٻڍو، جنهن جا ٻه پٽ: مرزو ۽ سومرو، جن جو اولاد موجود؛ چوٿون دائود جنهن جا ٽي پٽ: غلام الله (جنهن جو اولاد موجود)، ملوڪ لاولد، ۽ الله ڏنو جنهن جو اولاد موجود. مانجهي فقير جو اولاد 'مانجهاڻي' سڏجي، جيڪي ٽن ڳوٺن ۾ رهن. ڳوٺ واسو ڪلهوڙو، ڳوٺ وڏو ڪلهوڙو ۽ ڳوٺ ڳنوال ڪلهوڙو (جيڪو ڳوٺ واسو ڪلهوڙي کان هڪ ميل کن اُتر طرف آهي).

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد ڏهون)
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 2011ع]

❑

# عُلماءِ فضلاء

# (20) درسگاهہ چوٽياري

## عالم فاضل ميون محمد مُبين ڪيريو ۽ سندس پونير ۽ شاگرد عالِم]

ٽالپور اميرن جي دور ۾ سنڌ ۾ تعليم جو معيار هندستان جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ ڪنهن به طرح گهٽ ڪونہ هو. ايلس (Ellis) جي رپورٽ مان تصديق ٿئي ٿي تہ انگريزن جي غاصبانہ قبضي کان اڳ سنڌ ۾ مقامي تعليمي سلسلو ڪافي وسيع پيماني تي هلندڙ هو. رچرڊ برٽن جي شاهدي موجب: سيوهڻ، ٽِرپَٽ، کهڙا، مٽياري، ولهار ۽ چوٽياري اعليٰ تعليم جا مکيہ مرڪز هئا. جتي جي 'درسگاهن' کي (19 صدي واري انگلينڊ جي تعليمي نظام جي لحاظ سان) 'ڪاليجن' واري حيثيت حاصل هئي[1].

سنڌ جي علمي ۽ تعليمي تاريخ کي سمجهڻ لاءِ انهن اعليٰ درسگاهن، انهن جي اڳواڻن ۽ استادن ۽ سندن علمي ڪارنامن ۽ تعليمي خدمتن کي سمجهڻ ضروري آهي. راقم ڪافي عرصي کان اهڙي تحقيقي مطالعي طرف توجهہ ڏنو آهي، پر هن تعليمي موضوع کي خالص علمي نقطہ نگاهہ کان سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ڪافي ڪشالي جي ضرورت آهي. ”درسگاهہ چوٽياري“ بابت بنيادي معلومات تڏهن دستياب ٿيا، جڏهن 1968ع ۾ هن درسگاهہ جي اڳواڻ ۽ استاد قبيلي مان ميين عبدالحڪيم بن ميين حاجي محمد سان مديني شريف ۾ ملاقات ٿي. جتي سندس والد مرحوم جي ڪتبخاني جي ڪجهہ حصي ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ سندس مهرباني سان ان ڪتبخاني جي باقي حصي جو سنڌ ۾ مطالعو ڪيو ويو. وڌيڪ معلومات لاءِ 'چوٽياري' وڃڻ ٿيو، جتي درسگاهہ جي مسجد جي پيش امام ميين خدا بخش ۽ جناب حاجي مريد علي شاهہ صاحب جي مهرباني سان ڪن وڌيڪ ڪتابن ڏسڻ ۽ حالات قلمبند ڪرڻ جو موقعو مليو. پڻ چوٽياري جي استادن ۽ عالمن بابت ڪي معلومات نواب شاهہ ۾ مرحوم حڪيم معين الدين جي زباني ۽ پڻ سندس ڪتبخاني جي مطالعي مان مليا ۽ ڪي معلومات ٺٽي ۽ مٽياري جي عالمن جي تحريرن ۽ درسگاهہ ولهار جي عالمن جي قلمي ذخيري مان دستياب ٿيا. بهرحال جيڪي ڪجهہ حاصل ٿيو، ان جي آڌار تي درسگاهہ چوٽياري ۽ ان کي قائم ڪندڙ ۽ اوج تي رسائيندڙ اڳواڻن ۽ عالمن جي قبيلي، سندن علمي ڪارنامن، ڪتابن ۽ ڪتبخانن تي هيٺ قدري روشني وڌي ويندي.

---

[1] رچرڊ برٽن جو ڪتاب ”سنڌ“، چيپل لنڊن، سنہ 1851ع، ص 937.

## چوٽيارين جي مين جو ڪڙم قبيلو:

سنڌ ۾ وسندڙ هر قبيلي پنهنجي حال سارو آڳاٽي دور کان وٺي سنڌ جي ثقافت کي پڻي اجاريو آهي: خاص طرح علم، حلم، سخا، سورهيائي، هنرمندي، حڪمراني، قرباني، آبادگاري ۽ خوشحالي ۾ هر قبيلي جي سالمن ۽ سڄاڻن پڻي پاڻ موڪيو آهي. سنڌ جا سما انهن اوائلي قبيلن مان هئا جن اسلام قبوليو ۽ علم ۽ تعليم طرف توجهه ڪيو، سمن جو آڳاٽو ماڳ 'ساوڙي' (نواب شاهه ضلعو) علمي مرڪز بنيو ۽ هڪ آڳاٽي حوالي موجب، اتان جي ڪنهن سمي عالم ۽ امير ڪو ڪتاب ترجمو ڪرايو. 7 صدي هجري کان وٺي سما قبيلا خاص طرح مخدوم بهاؤالدين زڪريا جي اسلامي تبليغ کان فيضياب ٿي تعليم ۽ طريقت ڏانهن مائل ٿيا. ڪيبر، ڏيرا، ڪيريا ۽ ٻيا قبيلا طريقت ۾ وک وڌائي فاقيرا گهر ٿيا. سمن جي آخري دور کان وٺي "ٻرند" سمن، "صاحب" سمن، ڏاهرين ۽ ڪيرين مان ڪي گهراڻا علم ۽ تعليم جا علمبردار ٿيا. هنن درسگاهون قائم ڪيون، جيڪي پوءِ ڪلهوڙن ۽ خاص طرح ٽالپورن جي دور ۾ اوج کي پهتيون.

ڪيرين جي قبيلي مان آڳاٽو عالم ۽ درويش زُفر بن خيرالدين بن صاحب ٿيو. غالباً سندس تعليم ۽ فيض سان ئي، پوءِ سندس اولاد توڙي ٻين ڪٽنبن ۾ علم ۽ تعليم جو سلسلو شروع ٿيو. جيڪو پوءِ گهڻي وقت تائين جاري رهيو. علم ۽ تعليم جي مشغلي ۽ طريقت جي فيض سببان اهي گهراڻا پوءِ عزت ۽ احترام سان 'ميان ڪيريا' سڏجڻ لڳا. درويش زُفر جي اولاد بابت ڪجهه هيٺين طور معلوم آهي:[1]




[1] هي شجرو مديني شريف ۾ ميين عبدالحڪيم صاحب کان دستياب ٿيو.

درويش زفر جي اولاد مان عالم ٿيا، جن جدا جدا ماڳن تي مڪتبن ۽ مدرسن جو بنياد وڌو، جن مان هيٺيان ماڳ معلوم ۽ مشهور آهن:

- اوڀايي جي اولاد مان محمد مبين ٿيو، جنهن درسگاهه چوٽياري جو بنياد وڌو.

اوڀايي يا اجا بہ مٿي زفر جي اولاد مان هڪ ٻئي ڪٽنب مان عالم ٿيا، جن ”سرين واري“ درسگاهه جو بنياد وڌو. ’چوٽياري‘ ۽ ’سرين واري‘ وارا ميان پاڻ ۾ عزيز آهن ۽ مٿي وڏي ڏاڏي ۾ ڪٺي گڏجن ٿا.

ملا سعد عرف ساند، مخدوم بلال جو شاگرد هو. سندس درسگاهه موجود ضلعي نواب شاهه تعلقي سڪرنڊ ۾ هئي، جتي هن وقت سندس مقام ۽ مزار آهي.

ملا ساند يا سندس پيڙهن جي اولاد مان ميون محمد يوسف ٿيو، جنهن جي وقت ۾ ڪنيارين جي درسگاهه (تعلقو سڪرنڊ، ضلعو نواب شاهه) مشهور ٿي.

## چوٽياريون:

’چوٽياري‘ عام طرح ’چوٽياريون‘ سڏجي، ڇاڪاڻ جو ’چوٽياري‘ جي نالي سان بہ يا ٻن ڪان وڏيڪ پڊ آباد ٿيا. موجود ’چوٽياري‘ سانگهڙ شهر کان 15 ميل اوڀر طرف اپرندي ناري جي ڪنڌي سان آهي. ان کان اڳ وارو ماڳ ميل ڪان ڏکڻ طرف هو، جتي ميين محمد مبين پهريائين درسگاهه قائم ڪئي، پر محمد مبين ۽ سندس وڏا ان کان اڳ اجان بہ ڪنهن ٻئي ماڳ تي رهندڙ هئا ۽ اهو ماڳ بہ غالباً ’چوٽياري ديهہ‘ يا ’چوٽياري جوءِ‘ واري ايراضي ۾ هو. ميين عبدالحڪيم ٻڌايو تہ: ’چوٽياري‘ وارو اصل ماڳ اهو هو، جتي ”مائي جامان جي مسجد“ بيٺل آهي. مسجد جڙي راس ٿي، پر ميين محمد مبين مسجد ۾ نماز نہ پڙهي جو چيائين تہ: اها حاڪم جي پئسي مان ٺهي آهي ۽ ڪيئن چئجي تہ اهو حق حلال جو آهي[1]. البت ميين مبين جي فوت ٿيڻ بعد سندس وڏي پٽ اتي نماز پڙهي. مائي جامان پوءِ پنهنجي پرت جي پور هئي ۽ پنهنجي ٻي ذاتي ملڪيت مان ”چوٽياري“ ۾ جامان ساڳئي وقت ناري جي پيٽ ۾ کوهہ بہ کٽايو. مخدوم محمد مبين جي پنهنجي هٿ لکيل هڪ عبارت مان اهو گمان نڪري ٿو تہ سندن اصلي ماڳ جو نالو ”ساندپور“ هو، جيڪو غالباً وڏي عالم ”ملا ساند“ (ملا سعد) جي نالي سان سڏيو ويو[2]. اها عبارت پنهنجي پنهنجي هٿ اکرين لکيل ڪتاب ’دلائل خيرات‘ جي آخر ۾ هن طرح لکيائين: ”مالڪہ اولاً مخدوم محمد مبين ساندپوره“. تي سگهي ٿو تہ آخري لفظ ”ساند پوتره“ هجي، يعني تہ وڏي ’ملا ساند جو اولاد‘. بهرحال ’چوٽياري‘ جي نالي سان هڪ کان وڏيڪ پڊ آباد ٿيا ۽ انهيءَ ڪري عرف عام ۾ چوٽياري کي اڪثر ”چوٽياريون“ سڏيو ويو.

---

[1] مسجد جي عمارت شڪستہ حالت ۾ موجود آهي مائي جامان جوٽيجن مان هئي ۽ ميان نورمحمد ڪلهوڙي کي پرڻائي هئائون. جنهن مان بہ پٽ غلام نبي ۽ عبدالنبي ٿيا. مائي جامان جنهن وقت ميان نورمحمد جي گهر ۾ هئي، تنهن وقت اها مسجد سندس نالي سان جوڙائي وئي.

[2] ڏسو هيٺ ”عزت الله“ جي ذڪر هيٺ.

**چوٽيارين جي ’ميان ڪيرين‘ جي پيڙهي:**

چوٽياري جي بزرگن جي پيڙهي اوڀايي کان هلي، جنهن جو پٽ مجاهد ٿيو[1]. جيڪو وڏو عبادت گذار ۽ درويش هو ۽ ’چوٽياري‘ واري سپ کان پهرئين ماڳ تي رهندڙ هو، ڪيس ٽي پٽ ٿيا: محمد مبين، شهداد ۽ ابوالحسن. ميون محمد مبين پنهنجي وقت جو وڏو عالم ٿيو، جنهن درسگاهه چوٽيارين جو بنياد وڌو؛ جنهن کي پوءِ سندس اولاد مان عالم فاضل استادن وڌايو ۽ اوج تي پهچايو. ميين محمد مبين جي پٽ مان ئي چوٽيارين جي مَين جي پيڙهي پڌري ٿي جن جو شجرو اڳيان ڏنل آهي[2].

هن ڪٽنب جا اڪثر فرد عالم ۽ عابد ٿيا. پهريائين وڏن جو طريقو قادري هو ۽ پير صاحب پاڳاري سيد صبغة الله شاهه بن حضرت محمد راشد (روضي ڌڻي) سان سندن ارادت ۽ عقيدت هئي. بعد ۾ ڪي بزرگ نقشبندي طريقي ڏانهن مائل ٿيا ۽ سندن ارادت سرهندي نقشبندي پيرن سان ٿي. ميين محمد اڪمل (بن عبدالحڪيم) ۽ ميين دوست محمد (بن حافظ محمد) جي ارادت ملاڪاتيارن جي ميين ولي محمد سان ٿي، جيڪو پڻ نقشبندي طريقي جو بزرگ هو.

**درسگاهه جو باني ميون محمد مبين:**

ميين محمد مبين جي زندگي جا تفصيلي حالات معلوم ناهن، مگر مختلف روايتن مان ايتري تصديق ٿئي ٿي ته هو پاڻ ننڍي ۾ پڙهيو ۽ سندس انهيءَ شاگردي واري وقت ۾ ميون شاهه عنايت رضوي تمام پيرسن هو. چوٽياري کان ننڍي ڏانهن واٽ نصرپور وٽان هئي. نوجوان مبين اتان لنگهندي ميين شاهه عنايت وٽ ويندو هو. هڪ پيري جڏهن وٽس ويو ته ميين شاهه عنايت نماز ويٺي پڙهي ۽ سجدو آڏو رکيل وڏي پٽر تي پئي ڏنو. ميين کي چيائين ته: ”ابا! هاڻي ايترو جهور ٿي پيو آهيان جو نئڙي سجدو نٿو ڏيو سگهان.“ پوءِ محمد مبين ڪٿ مان مٽي ڪڍي وڏو پيڙهو ناهيو ۽ هڪ به ڏينهن اس ۾ رکي سڪايائين؟ پوءِ آڻي ميين شاهه عنايت کي نماز وقت سولو ڪري رکي ڏنائين. ميين شاهه عنايت نماز پڙهي چيو ته: ”ابا! هاڻي سجدو سولو ڏيو ٿو سگهان.“ تڏهن محمد مبين

---

(1) هڪ روايت موجب اوڀايي جو ٻيو نالو ’مجاهد‘ هو، يعني ’اوڀايو عرف جاهد‘ شايد وڏو عابد ۽ زاهد (جاهد) هو، انهيءَ ڪري ’جاهد‘ جي نالي سان مشهور ٿيو.

(2) مديني شريف ۾ ميين عبدالحڪيم ۽ چوٽيارين ۾ ميين عبدالنبي، اندران وڏي عمر جي ماين ۽ مولوي خدابخش جي زباني هن شجري جو بنيادي خاڪو تيار ڪيو ويو، جنهن کي پوءِ هن گهراڻي جي عالمن جي تحريرن توڙي ڪنياري، ولهار ۽ مٽيارين جي عالمن جي قلمي ذخيرن مان گڏ ڪيل معلومات جي بناءِ تي مڪمل ڪيو ويو.

موڪلايو ۽ ڪانئس دعا گهري. ميين شاهه عنايت ڪيس دعا ڪندي چيو ته: ”ابا! ڏيئو ٻرندو رهندو ۽ جي وٺ سنهي ٿي ته به اجهامندو ڪونه.“[1]




[1] ميين عبدالحڪيم چيو ته: ”اسان اها ڳالهه پنهنجي والد ميين حاجي محمد کان ٻڌي، پر اها روايت وڏن کان وني هلندي اچي ۽ بالڪل صحيح آهي.“ ولهار جي قلمي ذخيري ۾ پڻ هي روايت قلمبند ٿيل ملي، ٻي هڪ روايت ۾ شاهه عبداللطيف جو ذڪر آهي، پر شاهه عنات وارو ذڪر وڌيڪ صحيح آهي.

شاهه عنايت سان اها ملاقات ٿي هوندي. جيتوڻيڪ ان کان اڳ وارن سالن ۾ هو سائٽس مليو هوندو. ان وقت نوجوان محمد مبين جي عمر ڪم از ڪم پندرهن ويهه سال هوندي. انهن اندازاً موجب محمد مبين جي ولادت 1100-1110هه واري عرصي ۾ ٿي هوندي. محمد مبين اندازاً 1135-1140هه واري عرصي ۾ (يا اجان به اڳ) ٺٽي ۾ پنهنجي اعليٰ تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ موٽي اچي هميشه لاءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ مقيم ٿيو، شادي ڪيائين ۽ اولاد وارو ٿيو. 'ٻي تاريخ ربيع الاول خميس ڏينهن سنه 1146هه' ڪيس ٻيو پٽ عبدالله ڄائو[1] سندس وڏي فرزند محمد جي ولادت ان کان اڳ ٿي. 1135-1140هه واري عرصي ۾ ميين محمد مبين چوٽياري ۾ تعليمي درسگاهه جو بنياد وڌو ۽ گوڏو پيجي ويهي ايندڙ پنجاهه پنجونجاهه سال کن اتي تعليم ڏنائين ۽ درسگاهه جي خدمت ڪيائين.

ميين محمد مبين 5 محرم سنه 1196هه ۾ وفات ڪئي. ان وقت سندس عمر اندازاً پنجاسي يا نوي سال کن هئي، کيس موجودو ڳوٺ 'چوٽياري' واري مقام ۾ دفن ڪيو ويو، جتي سندس مزار يادگار طور موجود آهي[2]. سندس وفات جي سال (1196) جو "ماده" هيٺين عبارتن مان نڪري ٿو:

'عامل مخلص امين محمد مبين' = 1196

'استقام محمد مبين' = 1196

مخدوم محمد مبين علم سان گڏ حلم سان سينگاريل هو. تواضع ۽ نئڙت سندس خاص شيوو هو. پنهنجو نالو هميشه 'مسڪين محمد مبين' ڪري لکيائين. هڪ ڪتاب جي آخر ۾ پاڻ کي 'مسڪين محمد مبين ترائي' ڪري لکيو اٿس، يعني ته 'تر جو وينل' ان وقت چوٽيارين وارو پاڳو ايترو آباد ڪونه هو ۽ جغرافيائي طور اهو پاڳو تر سان ئي لاڳو آهي.

## درسگاهه جا عالم فاضل اُستاد:

درسگاهه چوٽياري جا فاضل استاد گهڻو ڪري سڀ مِيَن صاحب جي ساڳئي ڪڙم قبيلي مان هئا. سواءِ مخدوم محمد مبين جي جنهن درسگاهه جو بنياد وڌو، ٻيا اڪثر استاد هن درسگاهه ئي پيدا ڪيا: يعني ته درسگاهه جا قابل شاگرد ئي پوءِ درسگاهه جا استاد بنيا. مِيَن جي پنهنجي ڪڙم قبيلي جا ٻيا فرد به درسگاهه ۾ پڙهي علم وارا ٿيا، جيتوڻيڪ انهن مان ڪي درس تدريس جي سلسلي کان ٻاهر رهيا. موجوده معلومات جي بنياد تي هيٺ اسان ميين محمد مبين ۽ سندس اولاد مان انهن مڙني جو ذڪر ڪنداسون. جيڪي عالم فاضل هئا يا علم وارا هئا.

---

(1) ولادت جي تاريخ واري عبارت ميين محمد مبين پاڻ پنهنجي هٿ اکر هيٺين طرح لکي آهي. "يوم الخميس ثاني الاول 1146"

(2) جتي ميين محمد مبين کي دفن ڪيائون، اتي هڪ تربت اڳ ئي هئي، اهو مقام پوءِ وڌيو ۽ ان کي "ميين محمد مبين جو مقام، ئي سڏي سگهجي ٿو.

**مخدوم ميون محمد مبين**: جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، ميون محمد مبين هن درسگاهه جو باني مباني هو، ميون محمد مبين ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي همعصر هئا ۽ غالباً ساڳين استادن وٽ پڙهيا ۽ ساڳئي وقت تحصيل بعد دستاربندي ڪيائون. شايد مخدوم صاحب کان ميون صاحب عمر ۾ وڏو هو، يا ڪن وڏن استادن وٽ پڙهيو، جو مخدوم محمد هاشم کي سندس واسطي وڏي عزت هئي، جيڪا هينئين خط مان ظاهر آهي. ٻنهي جي هڪ ٻئي سان خط و ڪتابت هئي ۽ ميون محمد مبين فقهي مسئلن ۽ ڪتابن بابت مخدوم محمد هاشم ڏانهن خط لکندو رهندو هو. سندس اهڙي هڪ خط جو، مخدوم محمد هاشم هينئيون جواب لکيو[1].

”سلام الله الاتم ورضوانہ الاوفر الاعلم علي جناب الشيخ الجليل والحبر المثيل صاحب الفضل الجزيل والشرف الاصيل والمجد الاثيل اعني مولانا الشيخ محمد مبين نور الله تعاليٰ قلبہ بنورالیقین آمين. وبعد فيا سيدي ماکتبتم من المسائل بکرمکم الموفور فقد کتبُت اجوبتها عليٰ مافهمہ ذهني المسکور..... سبحانہ و تعاليٰ الميسر لِصعاب الامور- والموجوده عندنا المجلد ثاني فقط من البرهان لکنها نسخہ سقيمہ مخشوشه البيان واستعارتہ لايمکننا الي ذالک المکان. وان استکتبوه ههنا يسهل علينا ذالک بعون الملک المنان عزو ملا و مبداؤ.........................

مواهب الرحمان وسمعنا ان.......................................

من الکتاب المذکور سلمکم.................................

آله وصحبہ علوا................................

مستمرة الي يوم البعث..................

والسلام عليکم ورحمة الله وبرکاته......................

اولا و آخره ......................... وظاهرً

هيءُ خط سنہ 1153هه ۾ يا ان کان پوءِ واري ڪنهن سال ۾ لکيو ويو، جو ان تي مخدوم محمد هاشم جي نالي واري جيڪا مهل لڳل آهي تنهن ۾ ’1153‘ وارو هجري سال لڳل آهي. عبارت مان ظاهر آهي تہ مخدوم محمد هاشم کي ميين محمد مبين لاءِ وڏي عزت هئي جو کيس ”الشيخ الجليل..... مولانا محمد مبين“ جهڙن ادب ۽ احترام وارن لقبن سان مخاطب ٿيو آهي. ان بعد خط جو خاص مضمون هي آهي: ”سائين منهنجا، اوهان وڏي عنايت فرمائي جيڪي مسئلا مون ڏي لکيا، مون انهن جا جواب ائين لکيا: جيئن منهنجي ناقص ذهن ۾ آيا..... اسان وٽ ڪتاب ”البرهان“ جو فقط ٻيو جلد موجود آهي، مگر قلمي لکيل نسخو

[1] هي خط ميين عبدالحڪيم صاحب وٽ محفوظ آهي، جيتوڻيڪ ڪجهہ ٽڪر ڦاٽڻ سان عبارت جو ٿورو حصو ضايع ٿي ويو آهي.

ايترو ته ضعيف آهي جو اوهان تائين اڏاري طور اماڻڻ ممڪن ناهي. البت جيڪڏهن هت ان کي لکايو ته اهو اسان لاءِ ڏاڍي جي فضل سان سولو ٿيندو.“

جيتوڻيڪ مخدوم محمد هاشم سان ميين محمد مبين جي وڏيڪ ويجهي ڄاڻ سڃاڻ ۽ خط و ڪتابت هئي، مگر مخدوم محمد قائم سان به سندس عزت ۽ محبت وارو تعلق هو. ميين صاحب جي هيٺين تحرير مان نه فقط مخدوم محمد قائم لاءِ سندس عزت ۽ احترام، پر ان سان گڏ مخدوم موصوف جي تصنيف ’مصباح الميزان‘ جو نالو به ملي ٿو:

”مصباه الميزان للمخدوم المكرم و العالم

العامل و الفاضل الكامل محمد قائم عفي عنہ الدائم“ (بخط محمد مبين)

ميين محمد مبين جا هٿ اکرين لکيل هيٺيان ڪتاب نظر مان گذريا:

- دلائل الخيرات، جنهن جي آخر ۾ هي عبارت ”مالکہ اولا مخدوم محمد مبين ساندپوره“
- علي بن سلطان محمد قاري جو ڪتاب ”المبين المعين لِفهم الاربعين“ پنهنجي دستخط لکيائين.
- كتاب التوضيح في حل غوامض التنقيح (تصنيف عبدالله بن مسعود بن تاج الشريعة) سندس ڪتبخاني ۾ آيو ته ان تي لکيائين ”اين كتاب ملک مسکين محمد مبين ترائي.“

عربي توڙي فارسي عبارت تي دسترس هئس. ڪنهن مسئلي بابت سندس فارسي تحرير راقم جي نظر مان گذري جيڪا سهڻي سلوڻي هئي.

فقه ۾ سندس مطالعو وسيع هو. حنفي فقه کان سواءِ ٻين فقهن کان به باخبر هو. هڪ بياض ۾ ڪنهن عالم جي هن طرح تحرير ته: ”هذاه الروايہ مبينہ علي مذهب الشافعي هكذا سمعت من مخدوم محمد مبين عفي عنہ.“

صرف نحو جي علم ۾ خاص دسترس هئس. ”مجموعة الصرف“ جي عنوان سان ڪتاب جي شروع وارن خالي ورقن تي تحريرن جا اقتباس نظر مان گذريا، جن ۾ هيٺيون اقتباس (صرف نحو بابت حاشيي طور) مخدوم محمد مبين جي نالي سان آهي؛ جنهن مان سندس اعليٰ علمي لياقت جو پتو پوي ٿو: ”الواجب في التغائر بين المشق منہ اذا كان الاشتقاق صغيراً انما هوالتغائر المعنوي... امام التغائر اللفظي فغير لازم كصعب صفہ مشتقہ منہ صعب مصدراً.“

”اهل اللغة يطلق صيغ الصفات علي شيءِ الاعند وجوه المضي الوصفي“

علم سان گڏ سندس فڪر جو معيار به خاص بلند هو. هيٺين عبارت مان سهڻو دليل ڏيئي صحيح نتيجو ڪڍڻ واري سندس ’صلاحيت‘ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

”فقط علم من هذا احد الذكر ومعناه وهو ان الذكر تذكر الشي، وقت حاجه اليہ لان الاشياءِ تعرف باضدادها“. (مسکين محمد مبين).

**عزت الله**: ميين مبين جو پائٽيو (شهداد يا ابوالحسن جو پٽ) هو ۽ ٺٽي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ وٽ پڙهيو. ميين محمد مبين ئي ڪيس ٺٽي ۾ مخدوم محمد هاشم وٽ تعليم لاءِ موڪليو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ مخدوم صاحب ڏانهن جيڪو خط لکيائين، تنهن جو نقل ميين عبدالحڪيم وٽ (مديني شريف ۾) محفوظ آهي. جنهن ۾ عزت الله کي ”ابن اخي“ (منهنجي ڀاءُ جو پٽ) ڪري لکيو اٿس. عزت الله عالم فاضل هو ۽ ميين محمد مبين جي وقت ۾ غالباً هو هن ڪٽنب مان پهريون شخص هو، جنهن حج ڪيو. مخدوم محمد هاشم سان سندس خط ڪتابت هئي ۽ مخدوم صاحب ڏي سندس لکيل هڪ خط اسان جي نظر مان گذريو، ميون محمد مبين ڪيس گهڻو پائيندو هو ۽ پنهنجي هٿ اکرين لکيل ”دلائل الخيرات“ ڪيس بخشش طور ڏنائين[1]. عزت الله چڱو ڪاتب هو. سندس هٿ اکرين لکيل ڪتاب نظر مان گذريا ۽ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي چاچي ميين محمد مبين جي ڪتبخاني لاءِ ٺٽي مان ڪتاب اُتاريائين.

**عبدالله بن محمد مبين**: ميين محمد مبين جو ٻيو نمبر پٽ عبدالله هو، جنهن جي ولادت تاريخ ميين محمد مبين پنهنجي هٿ اکرين ”خميس جو ڏينهن مهينو ربيع الاول سنه 1146هه لکي آهي. عبدالله پنهنجي والد وٽ پڙهيو، عالم هو، مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو ڪتاب ’سراج المصلي‘، ’وچينءَ ويل خميس ڏينهن سنه 1164هه‘ (تاريخ ۽ مهينو ڇاٽايل ڪونهي) ۾ اُتاري پورو ڪيائين، پنهنجو نالو ’مسڪين عبدالله‘ ڪري لکيو اٿس.

**محمد مقبول بن عبدالله بن محمد مبين**: عالم هو.

**ربڏنو بن عبدالله بن محمد مبين**:عالم ۽ چڱو ڪاتب هو، ڪتابن جو شغف هوس ۽ چڱو ذخيرو گڏ ڪيائين. مخدوم ابوالحسن ڏاهري جو ڪتاب ’ينابيع الحياة الابدية‘ سندس نسخي تان نقل ڪيل نظر مان گذريو، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته خود مصنف جي دستخط نسخي تان نقل ڪيو ويو آهي. ڪتاب ’نان حلوا‘ جيڪو مير چاڪر خان ٽالپور جي هٿ لکيل هو ۽ ٽالپرن اميرن جي ڪتبخاني جو هو، سو سندس ڪتبخاني ۾ پهتو. 17 رجب سنه 1244هه تي وفات ڪيائين.

**عبيدالله بن عبدالله بن محمد مبين**:عالم هو، 4 جمادي الاول سنه 1269هه ۾ وفات ڪيائين. سندس علمي خدمت وارو دور اندازاً 1230هه کان شروع ٿيو، 21 رمضان جمعي ڏينهن سنه 1133هه تي مخدوم عبدالرسول بن عبدالصمد جو ڪتاب ”الشمائل المحمديه“ اتاري پورو ڪيائين، مصنف کي عزت ۽ احترام مان ”مولانا عبدالرسول“ لکيو اٿس.

**محمد ذاڪر عرف ميون گوهر بن عبيدالله**: حافظ ۽ عالم هو، 5 شعبان 1272هه ۾ وفات ڪيائين.

---

[1] ڪتاب جي آخر ۾ پنهنجو نالو هن طرح لکيو اٿس: ”مالکہ اولا مخدوم محمد مبين ساندپور“.

**حافظ محمد بن عبيدالله**: حافظ ۽ عالم هو، 5 جمادي الاول سنہ 1272ھ ۾ وفات ڪيائين.

**قاضي محمد مسعود بن عبيدالله**: سنڌ ۾ پنهنجي وقت جي وڏن عالمن مان هو، درسگاهہ چوٽياري جي مشهور استادن مان هو: سندس شاگردن مان ميون عبدالرسول ابن عبدالولي مشهور ٿيو، ڪتبخانو قائم ڪيائين ۽ ان لاءِ جدا 'چونئرو' ٺهرايائين، انهيءَ ڪري درسگاهہ 'چونئري واري' جي خطاب سان سڏيو ويو. پنهنجي وقت جي علمي دنيا ۾ هو 'حافظ مسعود چوٽياروي' ۽ 'قاضي محمد مسعود چوٽياروي' جي لقبن سان مشهور ٿيو. 11 ربيع الآخر سنہ 1271ھ (1854ع) ۾ وفات ڪيائين. حافظ مسعود اعليٰ علمي لياقت سان گڏ فقه ۽ فتاويٰ ۾ مهارت رکندڙ هو، سنڌ جي حڪومت طرفان ڪيس قضا جو پروانہ مليل هو ۽ اميرن ٽالپورن جي دور ۾ هو سنڌ جي نامور قاضين مان هو، سنہ 1259ھ ۾ انگريزن جي قبضي بعد بہ ڪجهہ عرصي تائين انگريزن عملدارن ڏانهس ڪي فيصلا پئي موڪليا. ان وقت ميرپورخاص جي ڊپٽي ڪليڪٽر(؟) جي صحيح سان (پڙهڻ ۾ نہ آئي) 18 جون 1847ع مطابق 4 رجب 1262ھ جو معاملو قاضي محمد مسعود ڏانهن فارسي ۾ لکيل خط راقم جي نظر مان گذريو، جنهن ۾ ڪن بلوچ ذرين جو معاملو قاضي موصوف ڏانهن فيصلي لاءِ موڪليو ويو.

مخدوم محمد مسعود ۽ سيد علي محمد شاهہ دائرائي ('مُصلح المتفاح' يا 'دائري واري سنڌي' جو مصنف) همعصر هئا ۽ پاڻ ۾ سندن خط و ڪتابت هئي. سيد علي محمد شاهہ پنهنجي بياض ۾ ڪيس "فاضل ميان مسعود بن مخدوم عبدالله بن المخدوم محمد مبين" ڪري لکيو آهي، مسئلن جي تحقيق ۾ قاضي محمد مسعود جي تحريرن کي معياري ڪري مڃيو ويو ۽ درسگاهہ چوٽياري جي عالمن (مثلاً ميين عبدالرحمان ۽ ميين عبدالحڪيم) توڙي ٻين ٻاهرين عالمن حافظ مسعود جي فتوائن تي اعتماد ڪيو.

**عبدالرحمان بن ميون محمد**: سندس والد ميون محمد مجذوب ابدال هو، سندس هي مقولو مشهور ٿي ويو، جو چوندو هو تہ "شڪرڏٽي منهنجا جو ڪرڙي ڏيئي چڏيئي، چلم ڏيئي چڏين ها تہ بہ وس وارو هئين". ميون عبدالرحمان پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ فقيه هو، ڪن بياضن ۾ سندس تحريرن کي نقل ڪرڻ بعد سندس نالو "العلامہ مخدوم عبدالرحمان چوٽياروي" لکيو ويو آهي. ڪتابن سان شغف هوس ۽ ڪتاب گڏ ڪيائين. سندس ڪتبخاني جي هڪ ڪتاب "هداية المسلمين" تي سندس پنهنجا دستخط تہ "مالڪہ عبدالرحمان" آهن، خود پاڻ کي ڪتاب اتاريائين جن مان هيٺيان نظر مان گذريا:

علامہ محمد حيات سنڌي جو ڪتاب "زادالمتقي والمهتدي"

تفسير مدارک التنزيل "کاتب عبدالرحمٰن عشرجمادي...... سنتہ ثمان و خميس و اثنا عشر مأة- 1258".

فارسي عبارت تي وڏي دسترس هئس ۽ فارسي مثنوي ۾ وضو ۽ نماز بابت ڪتاب منظوم ڪيائين، جنهن جي:

پهرين سٽ: نخستين ثناي خدا بهتراست همہ ذکرها بي ثنا ابتر است

آخري سٽ: بيا مرزيا ارحم راحمين بيا مرزتو برهمہ مسلمين

**عبدالحڪيم بن عبدالرحمٰن**: مٽيارين جي مشهور عالم مخدوم عثمان وٽ پڙهيو ۽ پنهنجي وقت جو عالم، فقيہ، محقق ۽ مصنف ٿيو. پاڻ کي 'خادم الفقهاء' ڪري لکيائين. سندس هٿ اکرين لکيل هڪ ڪتاب ("الرسالة التي صنفهاالامام الاجل ابو حامد محمد الغزالي رحمہ ربہ في قصة يوسف الصديق") راقم جي نظر مان گذريو، ڪتاب گڏ ڪيائين ۽ ڪتبخاني کي وڌايائين. فارسي عبارت تي چڱي خاصي دسترس هئي. (مخدوم ابوالحسن ڏاهري جي منظوم تصنيف 'سراج المصلي' کان متاثر ٿي) نماز جي مسئلن بابت فارسي مثنوي ۾ ٽي سؤ ستر بيتن تي مشتمل منظوم ڪتاب 'فتح المصلي' تصنيف ڪيائين. آخري بيت ۾ ڄاڻايو اٿس تہ:

سہ صد بيت و هفتاد در نظم دان دران ختم فتح المصلي بدان

مخدوم حبيب الله (جنهن کي 'محب صادق وارجمند فائق') جي طلب تي مخدوم محمد هاشم جي عربي ۾ لکيل 'وصيت نامي' (الوصية الهاشمية) جو فارسي مثنوي ۾ ترجمو ڪيائين، آخري سٽن ۾ دعا تہ:

خدايا تو اين تحفہء دلپذير کہ باشد ز عبدالحڪيم فقير

بگردان تو مقبول بين الانام بحرمت محمد عليہ السلام

نصيحت ۽ هدايت طور هڪ ننڍڙو ڪتاب تصنيف ڪيائين. سندس پنهنجي دستخط جي آخر ۾ خاتمي واري عربي ۾ عبارت هن طرح آهي: "تمت الرسالة المسلمة بفتح الطالبين، في نصيحة الصادقين علي يد مصنفہ الفقير عبدالحڪيم."

'آخر ظهر' جي مسئلي بابت "نجوم الهدي في اخر الظهر" (غالباً عنوان ائين) ڪتاب لکيائين، جيڪو پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾ نظر مان گذريو.

**محمد اڪمل بن عبدالحڪيم**: عالم ۽ فاضل ۽ فقهي مسائل جو ڄاڻو هو. ڪافي ڪتاب أتاري لکيائين ۽ ڪتبخاني کي وڌايائين. سندس هٿ اکرين هيٺيان ڪتاب ڏنا ويا:

- مائة الفوائد والصلاة العوائد
- النووي جو ڪتاب الاربعين
- مولدالنبي المحتوي عليٰ معجزاة النبي
- ابوجعفر نيشاپوري عرف سمرقندي جو ڪتاب "زينة المجالس"

**عبدالڪريم بن محمد اڪمل**: عالم هو.

**عبدالله بن ربڏنو**: عالم هو.

**حاجي جان محمد عرف حاجي دولهہ**: عالم هو.

پڙهيل ۽ عبادتگذار هو. 29 ربيع الاول سنہ 1352ھ تي محمد حسن ڏهرجہ (راڄڙ) سنڌس واسطي 'دلائل الخيرات' اُتاري پوري ڪئي. 1947ع ۾ هجرت ڪري وڃي مدينه شريف ۾ مقيم ٿيو، جتي وفات ڪيائين.

**ميون حاجي محمد بن دوست محمد**: حافظ، عابد ۽ فقير تن هو. "درسگاهہ چوٽياري" جو آخري نالي وارو استاد هو. 1947ع ۾ هجرت ڪري وڃي مديني شريف ۾ مقيم ٿيو، جتي 23 رجب 1375ھ ۾ وفات ڪيائين.

**حسام الدين بن حافظ محمد بن عبيدالله**: عالم هو. 10 ربيع الآخر سنہ 1271ھ ۾ وفات ڪيائين.

**تاج الدين بن حسام الدين**: عالم فاضل ۽ پرهيزگار عابد هو. ميين عبدالغني بن عبدالحق کي وڏي ادب مان پنهنجو استاد ڪري لکيو اٿس. سنڌس دستخط عبارت: "استاذنا صاحب سجاده محروسہ چوٽياري ميان عبدالغني" ابوالحسنات محمد عبدالحي لکنوي جي عربي ۾ "ڪتاب هدايہ شرح بدايہ" (مطبوع) تي ميين تاج الدين جو سنڌس هٿ اکرين لکيل حاشيو راقم جي نظر مان گذريو.

**نورالدين بن حسام الدين**: عالم هو.

**محمد صالح بن الله بندو**: عالم ۽ پڻ چڱو لياقت وارو ڪاتب هو. قرآن شريف جو پويون حصو "سوره يٰسين" کان وٺي آخر تائين سنہ 1267ھ ۾ سهڻي طور لکيائين. آخر ۾ پنهنجو نالو عربي عبارت ۾ هن طرح ڄاڻايو اٿس:

"وقع الفراغ من تسويد هذا الڪلام بعون الملڪ العلام في شهر ربيع الآخر اوان العصر يوم السبت 1267 بيد اضعف العباد فقير صالح بن الہ بنده بن مخدوم محمد بن مخدوم محمد مبين عفي عنهم."

**عبدالغني بن عبدالحق**: پنهنجي وقت جو عالم فاضل هو. ڪتبخانو جمع ڪيائين. سنڌس اُتاريل ڪتاب "الدُرالمختار" نظر مان گذريو. ڪتاب "الفوائد شرح ڪنزالدقائق" پهريون اڌ حصو 3 ربيع الآخر سن 1204ھ جي اُتاري پورو ڪيائين، ڪن مسئلن بابت تحريرون نظر آيون، جن تي ميين عبدالرحمان ۽ ميين عبدالغني ٻنهي صحيحون ڪيون. 14 ربيع الاول 1269ھ ۾ وفات ڪيائين.

**عبدالقوي بن عبدالولي**: عالم ۽ عابد هو "مصلي وارو" سڏجڻ لڳو.

**عبدالرسول بن عبدالولي**: عالم فاضل هو. حافظ قاضي محمد مسعود جي اعليٰ لياقت وارن شاگردن مان هو. سندس والد کيس ڪوڏاٽي مان "ڪتابي" ڪري سڏيو هو ۽ واقعي کيس ڪتابن جو وڏو شوق شغف رهيو. ڪتابن جو ذخيرو گڏ ڪيائين ۽ ڪي ڪتاب پاڻ پنهنجي هٿ اکرين نقل ڪري ڪتبخاني کي وڌايائين. سندس دستخط بياض ۽ ٻيا هيٺيان ڪتاب نظر مان گذريا، جن ۾ ڪتابت جون تاريخون پڻ ڏنل آهن:

- السراجيہ في علم الفرائض: خميس ڏينهن منجهند جو، مهيني جمادي الثاني (تاريخ ڏنل ڪانهي) 1263ھ ۾ لکي پورو ڪيائين.
- حواشي متعلقہ بخلاصة الحساب: ڇنڇر ڏينهن 17 تاريخ ربيع الاول سنہ 1266ھ ۾ لکي پورو ڪيائين.
- قطبيه في المنطق: خميس ڏينهن 9 تاريخ شعبان سنہ 1266ھ ۾ لکي پورو ڪيائين.
- شرح التفتازاني: اڱاري ڏينهن وڏي منجهند جو 25 تاريخ رجب سنہ 1292ھ (يا 1297ھ؟) ۾ لکي پورو ڪيائين.
- مائة الفوائد: اڳين نماز وقت سومر ڏينهن 17 تاريخ جمادي الثاني سنہ 1269ھ ۾ لکي پورو ڪيائين.
- الاهيات، ڪلام ۽ فلسفيانہ مسائل ۾ وڏيڪ درڪ هوس. "غاية التنبيہ عليٰ اباطيل اهل التشبيہ" تصنيف ڪيائين.

**عبدالرسول بن عبدالحي**: مٿس سندس ڏاڏي جو نالو هو. حافظ ٿيو ۽ اعليٰ عربي تعليم لاءِ نواب شاهہ (مولانا محمد هاشم انصاري وٽ؟) پڙهڻ ويو ۽ ڪتاب "ڪافيہ" پورو ڪيائين، اجان پڙهي رهيو هو جو وفات ڪيائين.

### درسگاهہ جا شاگرد:

ميين صاحبن جي پنهنجي ڪٽنب مان جن عالمن فاضلن ۽ استادن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي، سي گهڻو ڪري سڀ هن درسگاهہ جا شاگرد ۽ تعليم يافتہ هئا. ٻيا بہ ڪيترائي طالب العلم ٻاهران اچي هت پڙهيا ۽ فارغ التحصيل ٿيا. سيني شاگردن جا نالا محفوظ نہ رهيا آهن، پر ڪن بابت ڪي روايتون ۽ تحريرون موجود آهن. مثلاً هيٺيان ٽيئي شاگرد هن درسگاهہ جا فارغ التحصيل هئا، جيتوڻيڪ گرهوڙي صاحب هڪ ئي سَون جو مٽ هو.

**مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي**: ميين محمد مبين وٽ پڙهيو، جنهن سندس پوري تربيت ۽ پرگهور ڪئي، عبدالرحيم بہ کيس 'بابو' سڏيندو هو. علمي ورثي جي لحاظ سان گرهوڙي صاحب بيشڪ ميين محمد مبين جو صحيح معنيٰ ۾ فرزند هو. هڪ ڪتاب تي گرهوڙي صاحب پنهنجو نالو هن طرح لکي ڇڏيو هو تہ: "عبدالرحيم مگريو ميين مبين ڪيري جو پٽ". تعليم

کان فارغ ٿيڻ بعد بہ پنهنجي استاد سان گرهوڙي صاحب جو علمي ۽ فڪري رشتو قائم رهيو. انهيءَ رشتي جون يادگار گرهوڙي صاحب جون اهي تحريرون آهن، جيڪي هن درسگاهہ جي بچيل قلمي ذخيري ۾ اجا تائين سلامت آهن. مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو بياض گرهوڙي صاحب جي هٿ اکرين لکيل ڏنو ويو. ميين عبدالحڪيم وٽ (مدينہ منوره ۾) گرهوڙي صاحب جو تصنيف ڪيل "زاهدن ۽ ڪينئن جي وچ ۾ مناظرو" (عربي نثر ۾) خود گرهوڙي صاحب جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل ڏنو ويو.

**حافظ دلاور راڄڙ**: ميين محمد مبين جي وفات کان پوءِ واري دور ۾ جيڪي لياقت وارا شاگرد نڪتا، تن مان حافظ دلاور (بن محمد بن محمد صديق بن دل) هو، جيڪو راڄڙن جي 'ڏهرجا' پاڙي مان هو. فارسي ادب سان ذوق هوس. جمادي الآول سنہ 1231هہ ۾ سندس هٿ اکرين لکيل مولانا جامي جو ڪتاب "يوسف زليخا" نظر مان گذريو.

**خالد پٽ حافظ ڪامل ڏهرجو**: ڏهرجن راڄڙن مان هو ۽ هن درسگاهہ ۾ پڙهيو، عالم ۽ چڱو ڪاتب هو. سندس هٿ لکيل ڪتاب "الدارالمنتقي شرح الملتقي" (للشيخ محمد علاؤالدين بن الشيخ علي الحصني الحنفي العباس الامام بجامع بني اميہ) نظر مان گذريو، جيڪو آچر ڏينهن 7 تاريخ ماه ذوالحج سنہ 1277هہ تي لکي پورو ڪيائين.

**ڪتبخانا:**

ميين محمد مبين پهرين ڪتبخانو قائم ڪيو، ٻين طرفان ڪتاب گڏ ڪرڻ کانسواءِ ڪي ڪتاب پاڻ پنهنجي هٿ اکرين نقل ڪيائين ۽ ڪي پنهنجي پائٽي عزت الله کان ٺٽي مان نقل ڪرايائين، مثلاً هينيان ڪتاب سندس واسطي عزت الله نقل ڪيا:

- ڪتاب "ڪافيہ"
- التوضيح في حل غوامض لِلتنقيح، هي ڪتاب عزت الله اربعا ڏينهن منجهند جو، پهرين تاريخ شعبان سنہ 1170هہ ۾ لکي پورو ڪيو. جملہ ورق 195. ان بعد ميين محمد مبين جي دستخط جاڳايل تہ "اين ڪتاب ملڪ مسڪين محمد مبين".
- تنوير الابصار و جامع البحار- هي ڪتاب عزت الله سنہ 1167هجري ۾ اُتاريو.

عزت الله چڱو تيز ڪاتب هو ۽ ڪتابن سان ذوق هوس. ٺٽي ۾ پڙهيو جتي ڪيس ڪتابن جا ذخيرا سُجهندا هئا جتان ڪافي ڪتاب نقل ڪيائين، جن مان گهڻا پنهنجي مربي چاچي ميين محمد مبين لاءِ سندس هدايت موجب اتاريائين ۽ ڪي پنهنجي ڪتبخاني لاءِ نقل ڪيائين:

- حلية الحسنىٰ والعروه الوثقىٰ. مخدوم حامد بوبڪائي جو تصنيف ڪيل ميين عزت الله پنهنجي لاءِ اتاريو، آخر ۾ جاڳايل "ڪاتبہ ومالڪہ عزت الله."

ميين محمد مبين جي نقش قدم تي هلندي سندس پائيٽي عزت الله، خود محمد مبين جي چئن پٽن جي پيڙهي مان جيڪي عالم ٿيا، تن ڪتاب نقل ڪيا ۽ ڪرايا ۽ پڻ ٻين ماڳن جي عالمن ۽ سندن پوين کان ڪتاب ورتا. جيڪو ذخيرو هن پوئين دور تائين سلامت رهيو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته بوبڪن ۽ نئي جي عالمن جا ڪتاب هٿ پهتا. انگريزن جي قبضي بعد جڏهن ٽالپور اميرن جا ڪتبخانا ضايع ٿيا، انهيءَ ذخيري مان به ڪي ڪتاب هٿ پهتا. مثلاً 1175هه ۾ مير چاڪر خان (شاهه پور چاڪر جي باني) جو هٿ لکيل ڪتاب 'نان حلوا' ميين ربڏني جي ذخيري ۾ پهتو، جنهن جي آخر ۾ سندس دستخط عبارت هينئين طور ڏنل آهن:

"ڪتاب نان حلوا بتاريخ 8 ماه جمادي الآخر سنه 1175 روز دوشنبه بوقت عصر، بدست فقير حقير چاڪر قوم ٽالپر."

اين ڪتاب حق و ملڪ "فقير رب دنه بن عبدالله بن مخدوم مرحوم مغفور ميان محمد مبين."

ميين محمد مبين کان پوءِ ميين عبدالرحمان، قاضي محمد مسعود، عبدالحڪيم، محمد اڪمل، ربڏني، ميين عبدالرسول ۽ ڪن ٻين ڪتاب گڏ ڪيا، جن بابت حوالا سندن نالن هيٺ اڳي چڪا آهن. گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب بالآخر ٻن ڪتبخانن ۾ گڏ ٿيا: هڪ قاضي محمد مسعود جو ڪتبخانو ۽ ٻيو ميين عبدالرسول (بن عبدالولي) جو ڪتبخانو.

ميين عبدالرسول ڪافي ڪوشش سان ڪتاب گڏ ڪيا. ڪي ڪتاب "سِرين واري" وارن ميين کان ورتائين. قرآن شريف قلمي جو پويون جز (سوره ياسين کان آخر تائين) "سرين واري" جي ميين عبدالحق بن تاج محمد بن علي محمد کان ورتائين. (هن ڪتاب جي آڏو ورقن تي سنه 1272هه ۾ سندس هٿ اکرن لکيل اهڙي تحرير نظر مان گذري). ميين عبدالرسول وارو ڪتبخانو سندس وفات بعد سلامت نه رهيو. ڪي ٿورا ڪتاب سندس پٽ عبدالرسول (ننڍي) وٽ بچيل هئا، جيڪي پوءِ سندس ناني مريد علي شاهه صاحب سنياليا، پر مجموعي طور سان اهو ڪتبخانو ضايع ٿي ويو.

قاضي محمد مسعود جو ڪتبخانو ڪانئس پوءِ سندس پائيٽي ميين حسام الدين وٽ ۽ پوءِ ان جي فرزند نورالدين سنياليو ۽ نورالدين کان پوءِ اهو ڪتبخانو سندس سوٽ ميين حاجي محمد تائين پهتو.

چاليهه پنجاهه سال ڪن اڳ (1375هه کان اڳ) جڏهن ميون حاجي محمد وڃي مديني شريف مقيم ٿيو ته ڪجهه ڪتاب وٽس رهيا ۽ باقي ڪتبخانو سنڌ ۾ ئي محفوظ رهيو. انهيءَ ذخيري جي حفاظت هن وقت سندس لائق فرزند ميين حاجي عبدالحڪيم جي حوالي آهي.............!

[رسالو ماهوار "پيغام" ڪراچي، آگسٽ- سيپٽمبر 1980ع]

❑

## (21) درسگاهہ ولهار جو پيو دور: ماڳ ڪنيرو لڳ ڏورو نارو

[ميون صابر سمون ۽ ميون عبدالله سمون ۽ سندن خاندان] *

آزاديءَ واري دور ۾ ويندي ٽالپور اميرن جي حڪومت جي آخر تائين سنڌ ۾ مڪتبن ۽ مدرسن جو وڏو سلسلو موجود هو. ڪي خاص درسگاهون پنهنجي نظام، انتظام، قابل استادن ۽ بهترين قسم جي اعليٰ تعليم ڪري مشهور هيون. رچرڊ برٽن جيڪو 1830ع ڌاري ٽالپور اميرن جي دربار ۾ انگريزن طرفان سفير هو، تنهن سنڌ ۾ رائج تعليمي نظام جي تعريف ڪندي لکيو آهي تہ: ڇهہ اعليٰ تعليمي درسگاهون اهڙيون آهن، جيڪي انگلينڊ جي يونيورسٽين وارو درجو رکن ٿيون. سنڌ تي انگريزن جي غاصبانہ قبضي ڪانپوءِ نون حڪمرانن سنڌ جي پنهنجي تعليمي نظام کي ختم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ان هوندي بہ انگريزن جي سنڌ تي قبضي 1843ع کان ڏهہ- ٻارهن سال پوءِ مقامي تعليم متعلق مسٽر ايلس سندس سطحي معلومات جي بناءَ تي جيڪا مختصر رپورٽ لکي، تنهن مان سنڌ جي تعليمي نظام جي خوبين جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن تاريخي رپورٽ کي اسان پنهنجي مقدمي سان سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن طرفان شايع ڪيو آهي ۽ وڌيڪ تفصيل لاءِ ان جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

ان دور ۾ ۽ ان کان اڳ، ولهار جي درسگاهہ سنڌ جي اعليٰ تعليمي درسگاهن مان هئي، جيڪا 11 صدي هجري جي آخر ۽ 12 صدي جي شروع ۾ (17-18 صدي عيسوي ڌاري) قائم ٿي. سمن جي دور جي خاتمي تي، ٿٽي جي ٻن سمن قبيلن (ٻرند سما ۽ صاحب سما) جي برگزيده عالمن ٿٽي کي ڇڏيو ۽ هو پنهنجا ماڳ مٽائيندا آخرڪار اچي ملاڪاتيارن ۾ مقيم ٿيا ۽ اتي درس تدريس جو سلسلو شروع ڪيائون. ان بعد 11 صدي هجري جي آخر ۽ 12 صدي جي شروعات ڌاري هنن ولهار ۾ اچي انهي ماڳ کي وسايو، جتي هن وقت ميين صابر ۽ ميين معروف جا قبا آهن. اتي هنن درسگاهہ قائم ڪئي، جيڪا ٻرند-

---

* ولهاري عالمن جي قائم ڪيل هن درسگاهہ بابت معلومات هٿ ڪرڻ ۾ هيٺين صاحبن خاص مدد ڪئي، جنهن لاءِ آءٌ سندن شڪرگذار آهيان.

(1) ميين صاحبن مان ميين عبدالخالق ۽ ميين احمد ۽ ٻين صاحبن (2) فقير خان محمد مڱريي (ڏورو نارو) جنهن جي معرفت اسان جي ميين صاحبن سان ملاقات ۽ دوستي جو سلسلو قائم ٿيو. (3) سندم فرزند ڊاڪٽر محمد شريف بلوچ (ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر) جنهن هن علمي تحقيق ۾ وڏي مدد ڪئي. (4) ڊاڪٽر صاحب جي اسٽاف مان محترم سمي جنهن ڪتبخاني جي پنن پرزن سهيڙڻ ۽ سنڀالڻ ۾ مدد ڪئي.

سما قبيلي جي عالم ميين صابر جي اڳواڻي هيٺ وڏي اوج کي پهتي. ميون صابر سنڌ ۾ پنهنجي وقت جي وڏن عالمن مان هو. ڪانئس پوءِ سندس پٽ ميين معروف هن درسگاهہ جو انتظام سنڀاليو. ميين صابر ۽ ميين معروف وارو دور هن درسگاهہ جي اوج وارو پهريون دور هو. بعد ۾ اتان اولهہ طرف وينل شادي اوٺي زميندار پنهنجي نياڻي ميين معروف جي اولاد مان ڪنهن کي ڏني. شادي کي ٻيو اولاد ڪونہ هو ۽ سندس وفات بعد ميين معروف جو اولاد لڏي اچي شادي جي ڳوٺ وينو (جيڪو هن وقت 'شاديون' سڏجي ٿو). ڪجهہ عرصو اتي تعليم جو سلسلو جاري رهيو، پر ولهار جي درسگاهہ جي عروج وارو پهريون دور پورو ٿيو. ولهار جي سيم يا جوءِ واري ايراضي وڏي هئي. هن وقت ان جي حدن اندر ٿنڀي الهيار تعلقي جا پنج ٽپا شامل آهن: ٽپو ڏالو، ٽپو چنڙ، ٽپو سنجر چانگ، ٽپو پاڪ سنگهار ۽ ٽپو بلغار. مين ولهارين جا اهي قبا ڪاماري ڪان 4 ميل ڪن ڏکڻ اوڀر طرف آهن.

ٻيو دور، ٻئي قبيلي 'صاحب- سما' جي عالمن جي ڪوشش سان شروع ٿيو. هنن کي ڏوري ناري جي آسپاس جا پلي زميندار جيڪي علم- دوست هئا، سي ولهار مان دعوت ڏيئي خدمت ڪري لڏائي وٺي آيا. گذريل صدي ۾ هي بزرگ اچي ناري جي ڪپ تي غلام نبي شاهہ واري ڳوٺ ۾ ويٺا، جتي دستور موجب درسگاهہ قائم ڪيائون. جيڪا اڳئين ولهار واري درسگاهہ جو صحيح جاءِ نشين بني. اها درسگاهہ ميين عبدالله جي اڳواڻي هيٺ مشهور ٿي. سن 1280هہ ۾ ميان لڏي اچي ڪنيرو ڏنڍ تي وينا (جيڪو ڳوٺ هن وقت ڳوٺ ميون پير محمد سڏجي) ۽ درسگاهہ پڻ هن ڳوٺ ڏانهن منتقل ٿي.

صاحب- سما قبيلي جي هن گهراڻي مان ميون حسام الدين وڏو عالم ٿي گذريو، جيڪو ملاڪاتيارن ۾ مدفون آهي. ميون پير محمد بن حبيب الله ولهاري ۽ ميون عبدالسميع بن حامد ولهاري درسگاهہ جي پهرين دور جا عالم هئا، بعد ۾ ميين حسام الدين ٻيو (ڏاسوڙي ۾ رڪيل) ۽ ميون ابراهيم (ڳوٺ غلام نبي شاهہ ۾ رڪيل) عالم ٿيا، ميين ابراهيم جو پٽ ميون عبدالله وڏو عالم ٿيو ۽ 'اڪبري' جي لقب سان مشهور ٿيو. سندس اڳواڻي هيٺ درسگاهہ نئين ماڳ ڪنيري ۾ وڏي اوج کي پهتي. سندس هڪ مهر ۾ سن 1271هہ لڳل آهي، جنهن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ 13 صدي هجري جي پوئين اڌ ۾ هيءَ درسگاهہ پنهنجي اوج تي هئي. ميين عبدالله 'اڪبري' ماه ذوالحج سن 1306هہ ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس ٻن پٽن ميين محمد ۽ ميين احمد ۽ ساڻن گڏ ميين پير محمد هن درسگاهہ جي نظام ۽ انتظام کي سنڀاليو. ميين محمد سن 1350هہ ۾ وفات ڪئي، ان ڪان پوءِ ميين احمد وفات (1935ع ۾) ڪئي ۽ هن درسگاهہ تي زوال آيو. اهڙي طرح درسگاهہ ولهار جيڪا لڳ ڀڳ اڍائي سؤ سال قائم رهي، تنهن جو ٻيو دور ختم ٿيو.

## درسگاهہ جا استاد ۽ شاگرد:

ميين صاحب مان، ميون عبدالله ’اڪبري‘، سندن پٽ ميون محمد ۽ ان جو پٽ ميون عبدالله (وفات 1335هہ) هن درسگاهہ جا مشهور استاد ٿيا. ٿيئي پنهنجي وقت جا وڏا عالم هئا. پوئين دور ۾ مولوي عبدالله لغاري، مولوي محمد عمر چني، مولوي محمد حيات مٽياروي، مولوي محمد امين چانڊيي (ٽالهي جو وينل)، مولوي هدايت الله ڇچر ۽ ٻين هتي پڙهايو. ڪيترائي شاگرد هِتان فارغ التحصيل ٿيا. ڪم از ڪم هڪ سؤ شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هن درسگاهہ ۾ داخل ٿيندا هئا. ميين عبدالله ’اڪبري‘ ڪانسواءِ ميين صاحبن مان جيڪي ٻيا عالم ٿيا، سي هن درسگاهہ جا فارغ التحصيل هئا، جهڙوڪ: ميون عبدالسميع ’ڪتابي‘ ۽ ميون ولي محمد (اڪبري جا ڀاءُ)، ميون محمد ۽ ميون احمد (’اڪبري جا پٽ)، ميون حاجي پير محمد ۽ ميون حسام الدين، ميون عبدالله نُنڍو (ميين محمد جو پٽ)، ميون محمد صديق (عبدالسميع جو پٽ). پلي قوم مان مير محمد ۽ محمد شامل عالم ٿيا. مولوي نظام الدين جوٽيجي هت پڙهايو. محمد هاشم ۽ ٻيا فارغ التحصيل ٿيا.

## درسگاهہ جو احاطو ۽ عمارتون:

درسگاهہ جي احاطي جو مرڪز ۽ محور مسجد هئي، جنهن جي اُترئين پاسي معلمن جي اقامت گاهہ ۽ ڏاکڻين پاسي طالب علمن جي رهائشگاهہ هئي. بعد ۾ طالبن لاءِ ٻي هڪ پڪي رهائشگاهہ معلمن جي اقامت گاهہ کان اوڀر طرف تعمير ٿي. درس جا حلقا ۽ دائرا مسجد جي اندر يا ٻاهر ايوان ۾ ٿيندا هئا. ڪتبخانا ۽ ڪتابن جي مرمت ۽ جلدسازي جي جاءِ هن درسگاهہ جا اهم حصا هئا. درسگاهہ کي پنهنجو لنگر خانو هو ۽ طالب عالم فقر يا فاقي جا محتاج نہ هئا. وضو، غسل، پاڻي پيئڻ، ڪپڙن ڌوئڻ ۽ لنگرخاني کي پاڻي پهچائڻ لاءِ درسگاهہ جي احاطي اندر کوهہ هو، جيڪو اڄ تائين اولهہ طرف هن وقت خالي پيل احاطي ۾ موجود آهي. طالبن جي رهائش جي جاءِ، جلدسازي جي جاءِ ۽ لنگر خاني جي جاءِ هئي، اهي سڀ ڊهي چڪيون آهن.

## ڪتبخانا:

درسگاهہ لاءِ درسي ڪتابن جو ڪتبخانو هو، جيڪو خاص طرح طالب علمن لاءِ مخصوص هو. ان ڪانسواءِ ميين صاحبن اعليٰ تعليمي مطالعي ۽ تحقيق لاءِ ذاتي ڪتبخانا قائم ڪيا، جن مان محنتي شاگرد ۽ درسگاهہ جا استاد استفادو ڪري ٿي سگهيا. سڀ کان وڏي مرڪزي ڪتبخاني جو بنياد غالباً آڳاٽو پيو، پر ميين عبدالله ’اڪبري‘ ان تي وڏيڪ توجهہ ڏنو. ڪانئس پوءِ سندس ٻن فرزندن ميين محمد ۽ ميين احمد ان کي گھڻو وڌايو ۽ پنهنجي دور ۾ ان کي سنڌ جي بهترين ڪتبخانن جهڙو بڻايو. ان ڪانسواءِ هن خاندان جي ٻي شاخ مان

ميين حاجي پير محمد (بن ميون جان محمد) جو پنهنجو ڪتبخانو هو، جنهن جا ڪجهہ بچيل ڪتاب اسان سندس فرزند ميين عبدالخالق وٽ ڏٺا.

ميين عبدالله 'اڪبري' جي فرزند ميين احمد وڏي مرڪزي ڪتبخاني لاءِ گهر جي مٿان بہ ماڙ طور هڪ پڪو ڪمرو تعمير ڪرايو، جيڪو اڃا تائين سلامت آهي. هن پڪي ڪمري جي ماپ 20x35 فوٽ آهي. ڪتابن رکڻ لاءِ چئني طرفان پٽين ۾ هڪبئي مٿان تختن جون چار قطارون لڳل آهن. ويڪرا تختا جن تي ڪتابن جون بہ ٽي قطارون هڪبئي پويان بيهي سگهن ٿيون. اکين ڏٺئين شاهدين موجب، تختن جون چارئي قطارون ڪتابن سان ڀريل هيون ۽ ڪتبخاني ۾ اندازاً ڏهہ هزار ڪتاب هئا.

ميين احمد سن 1935ع ۾ وفات ڪئي تہ ادب ۽ احترام مان ڪتبخاني جي ڪمري کي بند رکيائون ۽ اهو ڪي سال سانده بند رهيو، جنهنڪري گهڻا ڪتاب سڀ اڌوهي کائي ڇڏيا ۽ جيڪي باقي سلامت بچيا، سي گذريل ٽن سالن جي عرصي ۾ اتي ايندڙ عالمن جي حوالي ڪيا ويا. وڏي ميين احمد جي پوٽي، ميين احمد (پٽ عبدالحق) جي مهرباني سان اسان ڪتبخاني جو هي ڪمرو مٿي وڃي ڏٺو. تختن جي چئني قطارن مٿان اڃا اڌوهي کاڌل پنن جا ڍڳ پيل هئا، معائني سان تصديق ٿي تہ بيشڪ انهن تختن تي ڏهہ هزار کن ڪتاب رکيل هوندا، اسان هڪ پاسي کان، ڪتابن جا بچيل جزا ۽ ورق ۽ کن ورقن جا ذرا پرزا ميڙي گڏ ڪري ويهي ڏٺا. اهي سڄي ڪتبخاني جو اندازاً ٽيهون يا چاليهون حصو مس ٿين ها، انهي ننڍي ذخيري جي مطالعي مان سؤ کن قلمي ڪتابن ۽ ان کان وڌ ڇپيل ڪتابن جا نالا نشان مليا. ان مان اندازو ٿيو تہ جڏهن سڄو ڪتبخانو سلامت هو، تڏهن ان ۾ ڪم از ڪم بہ هزار کن قلمي ڪتاب محفوظ هئا. ميين احمد مهرباني ڪري بچيل جزن ورقن پنن پرزن جو سڄو ذخيرو اسان جي حوالي ڪيو، جنهن جي مطالعي بعد اميد تہ اسان قلمي ڪتابن جي هٿ آيل نالن جي فهرست شايع ڪنداسون.

[ماهوار ”پيغام“ ڪراچي، اپريل 1979ع]

❑

## (22) سانوڻي آخوند، عالم ۽ شاعر:

### خليفو گل محمد جنهن عروضي شاعريءَ ۾ پهريون ديوان جوڙيو

هالن پراڻن جي وڏن علمي گهراڻن مان سانوڻي آخوند، پٽي بزرگ، سادات، قاضي ۽ قريشي مشهور آهن. انهن مان پٽي بزرگن بابت ڪجهه تحقيق ٿي آهي، هيٺ سانوڻي آخوندن بابت دستياب ٿيل احوال ڏجي ٿو. انهيءَ اُميد تي ڪو صاحب وڏيڪ تحقيق ڪندو. هي حالات ڪنهن حد تائين پنهنجي تحقيقي مطالعي جي آڌار تي، پر وڌيڪ مرحوم مولوي محمود بن محمد حيات سانوڻي کان مليا. سانوڻي آخوند ٽالپورن جي دور کان وٺي مشهور ٿيا، هڪ ته هو قرآن شريف جا حافظ ۽ مڪتبي تعليم جا ماهر استاد هئا جو 'آخوند' جي خاص لقب سان مشهور ٿيا، ٻيو ته ڪي پنهنجي وقت جا وڏا عالم ۽ مصنف هئا، جن ڪتاب لکيا ۽ ٽيون ته ڪي پنهنجي وقت جا وڏا شاعر هئا، جن جا فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ 'ديوان' مشهور ٿيا. آخوند محمد قاسم (اول) بن آخوند محمود فارسي جو وڏو شاعر هو ۽ خليفو گل محمد پهريون شاعر هو. جنهن سنڌي الف- ب مطابق قافين سان ديوان منظوم ڪيو. ٽالپورن اميرن جي پوئين دور ۾ آخوند احمد 'احمدي' ۽ اميد علي 'سها' فارسي جا وڏا شاعر هئا ۽ محمد قاسم (ٻيو) بن نعمت الله فارسي توڙي سنڌيءَ جو صاحبِ ديوان شاعر هو. مولوي محمود مرحوم (بن محمد حيات) پنهنجي والد جي روايت سان ٻڌايو آهي ته، ڪنهن وقت سانوڻي محلي ۾ هڪ ئي وقت 340 عالم، 120 حافظ ۽ 500 فارسي خوانده موجود هوا.

سانوڻي عالمن جي تصنيفن يا ڪتابت ڪيل ڪتابن ۾ هيٺيان مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

1. 'اساس المصلي' ڪتاب آخوند محمود جو دستخط سنه 1172هه
2. انتخاب مثنوي مولانا روم، آخوند خير محمد 15 ذوالقعد 1204هه تي لکي پورو ڪيو.
3. ڪتاب بوستان شيخ سعدي، دستخط خليفو گل محمد ۽ آخوند محمد حيات 25 اپريل 1229هه

4. انشاي ابري دفتر اول، خليفي نورمحمد سنہ 1242ھ ۾ ڪتابت ڪري پورو ڪيو. آخر ۾ سندس لکيل عبارت انشاي ابري بتاريخ هشتم ماه صفر 1242 يوم دوشنبه وقت پيشين از دست فقير پر تقصير فقير نورمحمد ولد محمد قاسم راجي الي رحمة الله تعاليٰ.
5. آخوند نورمحمد ولد خليفو محمد قاسم مثنوي مولانا روم 20 محرم سنہ 1245.
6. خليفو گل محمد جنهن جو سنہ 1256ھ ۾ تصنيف ڪيل ڪتاب ڪنزالهدايات في ڪشف البدايات و المنهيات.
7. مخمس ڪريما فارسي (شيخ سعدي جي ڪريما تي مخمس) شاعر آخوند نورمحمد بن آخوند الله بخش بن حاجي متين الدين سنہ 1280ھ ۾ منظوم ڪئي ۽ سندس فرزند محمد سنہ 1294ھ ۾ 'مخمس ڪريما نوري' جي ڪتابت ڪئي.

سانوڻي عالمن جو پراڻن هالن ۾ اچڻ[1] کان وٺي پورو شجره دستياب نہ ٿيو آهي. البتہ خليفي گل محمد ۽ سندس اولاد بابت شجرا مرحوم مولوي محمود کان مليا، جيڪي هيٺ ڏنا ويا آهن: سانوڻي بزرگن جو مڪمل شجرو (جيڪو ڪنهن وقت موجود هو) تحقيق طلب آهي. سانوڻي عالمن تي، ميان غلام شاهہ کان پوءِ، ميان سرفراز جو هالن ويجهو خداآباد ۾ تخت نشين ٿيڻ وارو وقت ڏکيو هو، جو ميان سرفراز ايراني والده جي زير اثر مذهبي اختلافن کي هوا ڏني (سنہ 1257ھ ۾، سانوڻي بزرگن) جو شجره پٽي بزرگن جي شجرن واري ڪتاب تان نقل ڪري آندو ويو، جيڪو مرحوم حزب الله وٽ محفوظ رهيو ۽ مولوي محمود مرحوم اتان نقل ڪيو اهو هيٺ ڏجي ٿو:

محمد متين بن نورمحمد بن فقير محمد حسن بن حافظ نورمحمد بن حافظ الله بخش عرف محمود بن مولانا مرحوم حاجي محمد متين الدين بن بيگ محمد بن رحمت الله بن امين محمد بن محمد معين بن محمد نعيم بن نورالله بن محمد ڪريم بن محمد مراد بن محمد اسلم بن عبدالله بن محمود بن رحمت الله بن نورالدين بن محمود بن نورمحمد بن نجم الدين بن عبدالرزاق بن محمد بن محمد اسلم بن نورالله بن عثمان بن محمد ڪريم بن

(1) سانوڻي عقيلي آخوندن جو وڏو پانئجي ٿو تہ اسلامي فتوحات جي وقت سنڌ ۾ آيو. ڪن روايتن موجب اهو مرزا جاني بيگ جي دور ۾ دهلي مان آيو ۽ پڻ وڏن سانوڻي آخوندن کي مخدوم شعيب 'لاخيال' پڙهايو، جيڪو پنجاب مان آيو، ان سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

عبدالحليم بن محمد صالح بن محمد شجاع الدين بن محمد اسماعيل بن شيخ موسيٰ بن ناصر علي بن محمد معين بن عبدالصمد بن قاسم الدين بن قطب الدين بن منصور علي بن حضرت عقيل برادر حضرت شاهه مرتضيٰ شير يزدان حضرت علي ڪرم الله وجهه. مولوي محمود چيو تہ هن شجره موجب اسان بني هاشم قريش آهيون. مرحوم حزب الله ٻئي پاڙي جي شجره کي ”شجره کو شجره ملائي“ ڪري لکيو، جيڪو حضرت نبي سڳوري تائين پهچي ٿو. انهي شجره موجب اهي بني هاشمي قريشي آهن.

سانوٽي آخوندن مان ڪن عالمن ۽ شاعرن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو جن کان پوءِ خليفي گل محمد جو ذڪر ايندو.

- آخوند رحمت الله بن بيگ محمد بن امين محمد بن عبدالله بن محمد مراد بن محمد نعيم بن محمد ڪريم بن بيگ محمد بن عبدالله فارسي خواندو هو ۽ فارسي ۾ شعر چيائين. غوث اعظم بابت سندس فارسيءَ ۾ چيل مداح جو هڪ بند آهي تہ:

رحمت الله بر درت استاده بين، بنده موروثي چنين افتاه بين
الغياث اي مقتدا اهل يقين، کن روا حاجت ز رب العالمين
الکرم يا ياغوث اعظم الکرم

- آخوند احمد سانوٽي ’احمدي‘. فارسي جو وڏو شاعر هو، آخوند موصوف مير عبدالحسين خان جو استاد هو. ان وقت ٻہ احمد هئا، يعني آخوند احمد سانوٽي ۽ مخدوم احمد ٺٽائي. ٻئي پنهنجي وقت جا وڏا شاعر، اديب ۽ هڪ ٻئي جا دوست هئا.
- آخوند حاجي حافظ اميد علي بن حاجي عبدالله بن حافظ نورمحمد بن الله بخش بن حاجي متين الدين. هو فارسي جو وڏو شاعر ۽ سندس تخلص ’سَها‘ هو. مير حسن علي خان وٽ ملازمت ۾ رهيو. پنهنجي فرزند جو نالو عقيل رکيائين. آخوند احمد ’احمدي‘ جو نياٽو هو. 17 ربيع الاول 1253ھ تي ڄائو ۽ سنہ 1298ھ ۾ وفات ڪيائين. آخوند احمدي سندس تاريخ وفات چئي:

ماه ربيع الاول پانزدهم يوم ثلاث
بود هزار دو صد و نود هشت
سال وصالش بگوش گفت احمد سروش
عابد و حافظ ولي واي اميد علي.

ديوان فارسي، سفرنامه ڪلڪلته، ملفوظات ۽ عربي قصيدي بُردي جو فارسيءَ ۾ منظوم ترجمو وغيره سندس تصنيف ٿيل آهن.

- خليفو حاجي لطف الله بن حافظ نصرالله بن بلال سانوڻي سنڌيءَ ۾ مداحون مناجاتون ۽ مولود منظوم ڪيائين، پڻ 'دو اسمي غزل' چيائين، جنهن جي هر مصرع جي پهرئين اڌ جو پهريون حرف 'ل' (لطف الله) ته ٻيءَ اڌ جي پهرئين لفظ جو پهريون حرف 'ن' (نصرالله). حج تي ويو ته پويان سندس نوجوان فرزند نصرالله گذاري ويو. انهي فراق ۾ ڪافيون جوڙيائين جن مان هڪ هي هئي.

هوءَ جي وڙا وڏي وس، سي تي عمر آءُ سانگي ساريان

1. ڪنهن سان ڪنديس ڪوت ۾، ريجهه رهاڻيون رس
2. پل پل پچايان پهيڙا، ڏوٽن سندس ڏس
3. وڻا مينهن ملير تي گاهن چانيا گس
4. لويارن سان لطف چئي، مارو ميلين مس.

رمضان شريف شروع ٿيڻ سان روزن جي خوشي ۾ روزي رکڻ لاءِ شهرن ۾ ديندار گروهه 'جاڳو' ڳائيندا هئا، آخوند لطف الله جاڳو نظمن جو شاعر هو، سندس هڪ 'جاڳو' جو ٽل مرحوم مولوي محمود ٻڌايو ته:

جاڳڻ ويل، تي آهي رحمت ويل،
اوهين اُٿي الله ياد ڪريو، هو جاڳو
اوهين جاڳو مومنان!

- حافظ حاجي علي اڪبر تخلص مجروح بن محمد قاسم بن ميرمحمد بن عزيز الله بن محمد قاسم بن حاجي پليڏنو بن خليفو امان الله بن آخوند غلام محمد سانوڻي. حاجي علي اڪبر 1934ع/1935ع ڌاري گذاري ويو، فارسي دان هو. مولوي محمد ٻڌايو ته حافظ علي اڪبر فارسي جو وڏو ڄاڻو هو ۽ چوندو هو ته اسان جا بزرگ چوندا هئا ته: "**جيڪڏهن شيخ سعدي پيدا نه ٿئي ها، ته اسين آسمان مان پارسي جهٽيون ها.**" سندس چيل مداح نظر مان گذري. ڪلام قافيون، غزل، مولود، خطبا منظوم ڪيائين، سنڌيءَ جو سنو شاعر هو. سندس هڪ ڪافي ته:

لکي لئون لوڪ ڪان لائج، مٿان پاٽهين پڌرپائين

1. محبت جو نه ملهه آهي، نه قيمت جي ڪنهن کي قدرت
سَري سوغات ساهن پر، ڪپي ڪنڌ اُجت اچلائين

2. سٺا سورن جا هڪ ٻئي تي، ٿين ٿا اندر ۾ سوڙها
نہ چپ چورج ڪڌهن ڪنهن پر، نصيحت منهنجي دل لائين
3. اٿئي نازڪ اهو ناتو، پڇين ها پهرين پيراتو
قدم ڪج قرب ۾ قابو، متان پوءِ پاڻ پڇتائين.
4. ڏيان ڏس هاڻ هي توکي، اکين کي ڏيج اوجاڳا
علي اڪبر اُپي اڪثر، روئي پوءِ راءِ ريجهائين.

- آخوند محمد صادق بن نيڪ محمد بن عبدالصمد مٽيارين جي سرهندي بزرگن جو مريد هو، سنڌي ۾ چيل سندس قافيون موجود آهن.
- آخوند عبدالصمد سانوڻي، فارسي ۽ سنڌي جو شاعر هو، 22 محرم سنہ 1272هہ ۾ وفات ڪيائين، سندس هڪ فارسي غزل تہ:

نادار را عزيز نباشد نخويش کس
نادار عيبدار بود بويدار بس
عبدالصمد خموش مکن نالہ اي عبث
خوش دار خويش بر قلم کردگار بس.

- آخوند حاجي دين محمد عرف محمد علي بن خير محمد بن محمد علي بن خيرمحمد بن محمد حفيظ بن محمد نعيم بن آخوند غلام محمد سانوڻي فارسي ۽ سنڌيءَ جو اديب ۽ شاعر هو. تخلص ’مسڪين‘ هوس، گهڻو ڪلام چيائين. پنهنجي والده جي وفات (1315هہ)، اهليہ جي وفات (1333هہ) ۽ ٻين عزيزن جي وفات جون تاريخون فارسي ۾ منظوم ڪيائين. فارسيءَ ۾ غزل چيائين ۽ ڪن غزلن ۾ هڪ سٽ فارسي تہ ٻي سنڌي ۾ منظوم ڪيائين.

اي گفتار دام حسن و جمال، خودپسنديءَ جو ڪرم خوض و خيال
مرغ جانت چو دانه برلب ديد، دام گيسوئي ۾ پيو وجي في الحال
آتش عشق بار من افروخت، جي پئا سي ٺٺا پڇي سپ سال.
امام علي بن تراب بن مير محمد سانوڻي جي تاريخ وفات (شب سومر 26 جمادي الثاني 1330هہ) جو قطعو چيائين:

دريغا ز ترحيل آن ماه دين امام علي معدن اتقا
فضل و ڪمالات ضرب المثل بہ علم و عمل گوهر بي بها
شنيد ارجعي از خداوند غيب ز دار الفنا شد بہ دارالبقا
فدا بي سر انکار سالش بگفت امام علي مخزن الاهتدا
بہ دين محمد فدا کرد جان امام علي خويشتر خلد جا.

مولوي ميان حاجي محمد، باني مدرسہ اسلاميہ محمديہ، جي تاريخ وفات 1336ھ فارسيءَ ۾ چيائين. مولوي ميان حاجي محمد وقت جو وڏو عالم هو، سندس ڪتبخانو هو.

مولوي احمد 'احمدي' ڪان پنجويھ روپيہ اڌارا گهريائين، جنهن لاءِ ڏانهس عرض موڪليائين تہ:

اي ڪہ مي بينم بهرسو نيست جز راه شما
مسڪن و ماوائي مسڪين هست درگاه شما
بنده ام افگنده ام افتاده ام درپاي تو
گرچہ شيرم چوسگم درپيش روباه شما.

سندس هڪ سنڌي غزل تہ:

محب ماڻن سين ڪيم مار مُئل
ڏي دلاسو ڪو دوسدار ڏُئل
تنهنجي محبت ۾ محو ٿئا جي ماه
سي تہ تنهنجا هوندا سيئي سُئل
ساھ وارن ڪي وجھ سير ۽ ڪڍ ساه
ڪيم ڪُهہ تن ڪي جي آهين ڪُنل
عاشقن ۾ بہ عشق وارو ڏس
حرص وارا تہ منجھ هراس هئل
پرک اي پارکو، مراڙي منڊ
عشق جو ڪنهن ڏي آھ آر اُٿل
نہ وڇوڙو رڳو، نہ وڏ وصال
گهرج سارو آهن ٻئي گهربل
سڻ مسڪين سانوٽي سپ ڪان
جانبن جي جدائي جان گُسل.

آخوند دين محمد صبوح آچر ڏينهن 7 ذوالحج 1349ھ تي وفات ڪئي.

- آخوند امين محمد سانوٽي بن محمد جعفر بن امين محمد بن محمد جعفر بن حافظ الھ بخش بن حاجي متين الدين حضرت رضي ڏٽي جو مريد هو، صوفي طريقي جو درويش هو. سندس هيٺين سنڌي ڪافي جنهن جو ٽلھ ملي نہ سگهيو، مولوي محمود ڪان دستياب ٿي.

1- ميخانہ جـــا مست موالـــي، خيـــال خـــوديءَ وچ پيالا خالـــي
وات وڄايائون واهي

2- سانگي سناسي پنن وڃاڻيون، ڪي ڳولين راجا ۽ ڪي راڻيون
ٺاهہ ٺڳي جا ٺاهي
3- منهن سان ملا چٽ سان چوري، پيت اهـــا چڙي ڏي تون پوري
رمز وجود سان راهي
4- امين محمد اصلي آهي انهن جو، ساجن ســـاري مئي جن ماري
الڪہ انهن سان آهي.

- آخوند يارمحمد سانوڻي فارسي جو شاعر هو.
- محمد قاسم بن نعمت الله سانوڻي قريشي سنڌي ۽ فارسي جو شاعر هو، سندس ديوان سنڌي پهريائين 1875ع ۾ ڇپيو، سندس فارسي ديوان قلمي صورت ۾ موجود آهي.

## خليفو گل محمد سانوڻي:

خليفو گل محمد هالن پراڻن جي سانوڻي قبيلي مان هو، جيڪي حسب نسب ۾ عقيلي قريشي آهن. ’سانوڻي‘ ان ڪري سڏجن ٿا جو سندن وڏن کي مخدوم شعيب عرف لاخيال دعا ڪئي هئي تہ اوهان ۾ ايترو علم ٿيندو جيئن سانوڻ جو مينهن ٿو پلٽي. ٿيو بہ ائين جو هن قبيلي مان ڪيترائي فياض عالم ٿي گذريا. مڪتب ڪوليائون ۽ ’آخوند‘ (استاد) ٿي پڙهايائون. انهيءَ ڪري آخوند سانوڻي سڏيا ويا، گل محمد پاڻ خليفو مشهور ٿيو جو پير صاحب پاڳاري جناب علي گوهر شاهہ اصغر (وفات 1263هہ) جو خاص خليفو هو.

ڪتاب ڪنزالهدايات في ڪشف البدايات والنهيات تاريخ 15 ربيع الآخر 1256هہ تي لکي پورو ڪيائين. جنهن مان سندس اعليٰ درجي جي خوش نويسي معلوم ٿئي ٿي. پنهنجو سنڌي ديوان جيڪو بمبئي مان (1259هہ) ليٿو تي ڇاپايائين، تنهن جي خوش نويسي بہ پاڻ ڪيائين.

خليفي صاحب جي والد جو نالو ولي محمد ۽ ڏاڏي جو نالو محمد هو، جنهن دنيا کي ترڪ ڪري گوشہ نشيني اختيار ڪئي هئي. انهيءَ ڪري محمد فقير جي نالي سان مشهور ٿيو. ٺٽي جام ۾ وفات ڪيائين. سندس قبر ٺٽو جام شهر ۾ فقير سائل جي مقام ۾ فقير سائل جي قبر لڳ الهندي طرفان (سيد امام علي شاهہ ۽ سائل فقير جي وچ ۾) آهي جملي ٽي قبرون آهن، جن مان ٻيو نمبر سندس قبر وچ واري آهي. خليفي صاحب جي والد آخوند ولي محمد جي قبر هالن پراڻن ۾ ’شيخ صاحب‘ جي مقام ۾، شيخ صاحب جي قبر کان اُتر طرف، ڪنڌ ڏي، اٺ ڏهہ قدم پري، سندن آباء اجداد جي قبرن سان گڏ آهي، جي گهڻي وقت گذرڻ سبب زمين برابر ٿي ويون آهن.

گل محمد ننڍي هوندي سمورو علم قرآن شريف، پارسي ۽ عربي پنهنجي والد شريف ولي محمد وٽ پڙهي پورو ڪيو. مرحوم ننڍپڻ کان وٺي حليم طبيعت وارو هو. سندس خيالات صوفيانہ هئا. ڪيس ننڍي هوندي کان شعر گوئي جو شوق هوندو هو.

خليفو صاحب گهڻو وقت زندگيءَ جو پنهنجن مرشدن جي خدمت ۾ گذاريندو هو ۽ ڪجهہ وقت جماعت ۾ ويندو هو. پاڻ جڏهن بہ هالن پراڻن مان ڪنگريءَ ۾ مرشد ڏانهن ويندو هو تہ پيادو پيرن اگهاڙو ويندو هو. هڪ ڀيري سندس مرشد ڪيس سج جي سخت گرمي ۽ زمين جي سخت تپش ۾ پيرن اگهاڙو ايندو ڏٺو تہ پنهنجي پيرن مان جتي لاهي خليفي صاحب کي ڏنائون ۽ چيائون تہ اوهان جتي پايو. خليفي صاحب جتي ورتي پر ادب مان جتي نہ پاتي، بلڪ مرشدن جي ڏنل نشاني طور پنهنجي گهر ۾ محفوظ ڪري رکيائين ۽ پاڻ وري ساڳئي طريقي سان درگاهہ تي پيرن اگهاڙو ويندو هو.

آخري عمر ۾ خليفي صاحب کي زيارت بيت الله شريف ۽ زيارت رسول الله ﷺ جو شوق جاڳيو. اُن وچ ۾ هن 'ديوان گل' بہ تيار ڪري ڇڏيو هو ۽ حج جي ارادي سان بمبئي ويو، جتي پاڻ ڪتابت ڪري 'ديوان گل' ڇاپي لاءِ ڏنائين ۽ پاڻ عربستان روانو ٿيو جتي وفات ڪيائين. سندس قبر چئن يارن جي ڪوهہ وٽ آهي.

خليفي صاحب کي بہ نياڻيون ۽ بہ پٽ ٿيا، هڪ محمد جيڪو ننڍي هوندي گذاري ويو ۽ ٻيو احمد. ٻن نياڻين مان دختر اول، آخوند نورمحمد بن محمد قاسم (اول) بن محمود کي پرڻاياائين ۽ ٻي دختر آخوند لطف الله بن حافظ نصرالله کي ڏنائين. آخوند لطف الله ۽ سندس پٽ حافظ نصرالله بالڪل اعليٰ درجي جا شاعر هئا، سندن پارسي توڙي سنڌي ڪلام پوين وٽ موجود آهن.

آخوند احمد، خليفي صاحب جو فرزند، فقير ماڻهو هو. هن پنهنجي حياتيءَ جو ڪجهہ وقت پنهنجن مريدن ڪيبرن ۾ گذاريو، جن جو ڳوٺ ڪيبرن کان اُتر طرف ميل ٻن جي مفاصلي تي آهي ۽ ڪجهہ وقت ٽنڊوڄام ۾ پنهنجي پاٽيجي دين محمد جي پيءُ آخوند نورمحمد وٽ رهندو هو. هالن پراڻن ۾ وفات ڪيائين.

آخوند احمد کي ٽي نياڻيون ٿيون: وڏي دختر پنهنجي سوٽ آخوند ولي محمد بن شفيع محمد بن ولي محمد کي ڏنائين، جنهن جي اولاد مان خليفو فضل الله عرف خليفو محمد صفر ٿيو. ٻي دختر پنهنجي پاٽيجي آخوند حبيب الله بن لطف الله کي ڏنائين. ٽي نياڻي پنهنجي پاٽيجي آخوند محمد حيات بن نورمحمد بن محمد قاسم (اول) بن محمود کي ڏنائين، جنهن جو اولاد نورمحمد، احمد ۽ مولوي محمود آهي. هي حالات مولوي محمود کان ئي دستياب ٿيا.

خليفي گل محمد جي شاعريءَ ۾ مشهور سندس سنڌي ديوان آهي، جيڪو پاڻ بمبئي مان ليٿو تي ڇاپرايائين. ديوان گل ٻيو دفعو ڪراچي مان، ڇپيو ۽ ٽيون ڀيرو صحيح صورت ۾ سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد طرفان سنه 1933ع ۾ شايع ٿيو. سوسائٽي جي سيڪريٽري مرحوم محمد صديق ميمڻ ديباچي ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته: آخوند گل محمد صاحب وڏي ايمان وارو درويش انسان هو. عربي، پارسي، اردو ۾ قابل هو ۽ نج سنڌي ٻوليءَ جي اصطلاحن ۾ ديوان منظوم ڪيائين.

قاضي عبدالغفور، هن ديوان جي شروع ۾ خليفي گل محمد مرحوم جا حالات لکيا آهن ۽ ڄاڻايو اٿس ته خليفو گل محمد 1226ھ ۾ ڄائو. سندس ديوان مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت جي اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. عربيءَ جو عالم هو ۽ پارسيءَ ۾ ڪامل دستگاهه هئس. پير صاحب پاڳاري جو مريد ۽ خليفو هو ۽ مريدن ۾ سندس وڏي عزت هئي. ڪيس حضور اڪرم جي روضي مبارڪ جي زيارت جو شوق ٿيو، جيڪو ڪيس بمبئي وٺي ويو. جتي هن پنهنجو ديوان اڪرن جي هجي جي سمجهاڻين سان ڇپائي پڌرو ڪيو. اتان عربستان روانو ٿيو جتي 1272ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس عمر 47 ورهيه هئي. ديوان جو ٻيو ڇاپو (1930ع ۾ يا اڳ) سنڌي ساهت سوسائٽي پاران ڪراچي مان شايع ٿيو، جيڪو غلطين سان ڀريل هو، جنهن جي مون بمبئي واري اصل ڇاپي تان تصحيح ڪئي آهي.

باوجود قاضي صاحب جي تصحيح جي اڃان به وڌيڪ تصحيح جي ضرورت آهي. سنڌي عروضي شاعريءَ ۾ 'ديوان گل' هڪ دستاويزي حيثيت رکي ٿو. ان ۾ نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جا موتي پوتل آهن جن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ضرورت آهي. خليفي صاحب ستيتاليهن ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي، جنهن جي معنيٰ ته هي ديوان جوانيءَ ۾ جوڙيائين، مگر وڏي عمر جي داناءِ وانگر ان ۾ معنيٰ جا موتي پوتائين.

▪ 'ديوان گل' مان ڪي چونڊيل شعر:

دور دنيا جي متي اي دل ڪئين آيا ويا
سک متي سورن ستي اي دل ڪئين آيا ويا.

--

مئا جي محبت ۾، ماريا نه موت
وتن جال جئرا، فنا ڪئا نه فوت.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد نائون)
سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2010ع]

❑

# ㉓ سيد علي محمد شاهہ دائرائي

(وفات: 1287هہ- 1870ع)

ٻارهين صدي هجري جي آخر ۽ تيرهين صدي جي شروع واري عرصي ۾ شيخ طاهر جي درگاهہ وارو ڳوٺ (جو پوءِ 'اڏيرو لال' سڏيو ويو) هڪ عاليشان درسگاهہ ۽ ان جي علمي حلقي (دائري) سببان مشهور ٿيو ۽ 'دائرو شريف' سڏجڻ ۾ آيو. هيءُ درسگاهہ شروع ۾ قرآن شريف جي درس ۽ قرأت سان مشهور ٿي. دائرائي ساداتن توڙي ٻين بزرگن مان هتي وڏا قابل قاري ۽ حافظ پيدا ٿيا، جي هن درسگاهہ جا استاد ۽ اوائلي معمار بنيا. منجهانئن سيد مسعود عرف سيد معصوم، جو مشهور درويش سيد حمزه شاهہ بنوري (شاهہ عنايت شهيد جو رفيق) جو پاٽيجو هو، تنهن درس تدريس جي سلسلي کي فروغ ڏنو. سنہ 1183هہ ۾ وفات ڪيائين. سندس سوٽ سيد شاهہ محمد هن درسگاهہ ۾ مستقل علمي حلقي جو باني مباني بنيو ۽ 'صاحب دائره' سڏجڻ ۾ آيو. جمادي الاول 1204هہ ۾ وفات ڪيائين. ڪانئس پوءِ علميت جي پڳ سندس سوٽ جي پٽ سيد يارمحمد شاهہ تي آئي، جنهن سنہ 1220هہ ۾ وفات ڪئي. سندس وفات کان ڇهہ سال پوءِ، هن خاندان جي سوٽاٽي خاندان ۾ سيد حمزه شاهہ بنوري نقشبندي جي اولاد مان تاريخ 5 رجب سنہ 1226ع ۾ سيد علي محمد شاهہ (بن نيڪ محمد شاهہ بن مير محمد شاهہ بن حمزه شاهہ بنوري) ڄائو.

علي محمد شاهہ قرآن شريف جي ابتدائي تعليم 'دائره شريف' جي درسگاهہ ۾ ورتي. نون سالن جي عمر ۾ سجاده نشين يا 'صاحب دائره' ٿيو. ان بعد اعليٰ تعليم مٿيارين جي عالمن وٽ حاصل ڪيائين، جن مان مشهور ۽ جيد عالم مخدوم ميان عبدالڪريم (بن مخدوم عثمان) متعلوي جي خاص رهنمائي هيٺ پنهنجي تعليم جي تڪميل ڪيائين. پنهنجي بياض ۾ پنهنجن ٻين تصنيفن ۾ مخدوم ميان عبدالڪريم متعلوي کي ئي پنهنجو استاد ڪري ڄاڻايو اٿس ۽ سندس واسطي ڪيس ايڏي تہ عزت آهي جو احترام مان سندس ذاتي نالو نٿو وٺي، بلڪ ڪيس 'اسان جو استاد' (استادنا) ڪري لکي ٿو.

سيد علي محمد شاهہ رسمي تعليم جي تڪميل ڪئي، مگر پنهنجي ذاتي مطالعي، تفقه ۽ تحقيق جي صلاحيت کي ڏينهون ڏينهن وڌائيندو رهيو. فقه حنفي جي عالمن جا ڪتاب هڪ هڪ ڪري مطالعو ڪيائين. خصوصاً سنڌ جي

اڳين توڙي همعصر عالمن جي تصنيفن، بياضن، تحريرن ۽ فتوائن کي غور سان پڙهيائين ۽ انهن تي گهري نظر رکيائين. عالم اسلام جي حنفي علمائن ۽ سنڌ جي حنفي علمائن جي تحريرن ۽ نظرين جي تقابلي مطالعي سان ڪيس سنڌ جي عالمن جي مسلڪ ۾ ڪي خصوصيتون نظر آيون، جن کي پوءِ پنهنجي 'بياض' ۾ توڙي پنهنجي مشهور تصنيف "مصلح المفتاح" ۾ نروار ڪيائين.

علمي مطالعي ۽ تحقيق سان گڏ، ڪيس مدرسي جي انتظام جو اونو هو. سندس دور ۾ مدرسو وڏي اوج کي پهتو ۽ ان جو علمي دائرو وسيع ٿيو. سيد علي محمد شاهه، مدرسي لاءِ ڪوهه کٽايو، لنگرخاني جو اعليٰ انتظام ڪيو، درس و تدريس کي زور وٺايو. پاڻ پڻ هڪ استاد جي حيثيت ۾ درس ڏيندو هو ۽ سندس ڪيترائي شاگرد فارغ التحصيل ٿي، سنڌ کان ٻاهر عرب تائين پهتا. جوانيءَ بعد وڏي عمر ۾، بحري ٻيڙي ذريعي حج تي روانو ٿيو ۽ نون مهينن ۾ حج ادا ڪري واپس آيو. ان وقت جي لحاظ سان اهو ٿوري ۾ ٿورو عرصو هو، جو سنڌ مان ڪو حج لاءِ روانو ٿي وري واپس موٽي اچي. عرب ۾ شاهه صاحب جا ڪُتابي موجود هئا، جن سندس وڏي مرحبا ڪئي ۽ روضي مبارڪ جي غلاف جو قطعو نذراني طور پيش ڪيو جو اجا تائين موجود آهي ۽ عيد نماز تي خطبي بعد تبرڪ طور ڏيکاريو ويندو هو.

سيد حاجي علي محمد شاهه کي چار فرزند ٿيا، جن مان سجاده نشين محمد مسعود شاهه عرف محمد اڪرم شاهه علم ۽ فضل ۾ مشهور ٿيو. هِن وقت شاهه صاحب جي اولاد مان محمد شريف شاهه عرف غلام نبي شاهه پاڳارو آهي. حاجي سيد علي محمد شاهه "تاريخ 19 يوم الخميس وقت عصر ماه محرم سنه 1287هه ۾ وفات ڪئي ۽ دائري شريف ۾ مدرسي ۽ مسجد لڳ مدفون ٿيو. سندس محب ۽ دوست قاضي عبدالقوي وينل پراڻا هالا، سندس وفات تي هيٺيون قطعو چيو:

ز هي سيدي عالمي فاضلي ولي خدا نيک بختِ الست
بعلم و عمل خلق را رهنمون بتقوي سرِدست بدعت شکست
به حج و زيارت مشرف شده خدايش بحقِ نبي ياور ست
به تدريس حفظِ کلامِ کريم زهر دست بوده ست بالايش دست
به رضوان جنت شده همنشين چورخت سفر سوي عقبيٰ ببست
ز من نام سالِ وصالش شنو علي محمد شهِ حق پرست

سندس تصنيفن مان ”مصلح المفتاح“ سنڌ ۾ مشهور آهي ۽ ”دائري واري سنڌي“ سڏجي ٿي. هي ڪتاب حنفي فقه جي اعتبار سان نماز جي مسئلن تي هڪ تفصيلي ۽ تحقيقي ڪتاب آهي، جنهن مان مصنف سيد علي محمد شاهه جي وسيع مطالعي، تجربي ۽ تقابلي جي خداداد صلاحيت، دلائل ۾ انصاف ۽ صداقت جو پورو پتو پوي ٿو. هي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي طرفان نئين سر شايع ٿي رهيو آهي. ”بياض سيدي“ سندس يادگار آهي، جنهن ۾ مختلف فقهي مسائل تي ’بابن‘ جي ترتيب سان مختلف ماخذن مان مسئلا جمع ڪري لکيل آهن. بعض مسئلن ۾ سيد علي محمد شاهه جي پنهنجي راءِ قابل قدر آهي. آخر عمر ۾، يعني تہ وفات کان ڇهہ سال ڪن اڳ سنہ 1281هه ۾، حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ولادت ۽ سيرت بابت هڪ رسالو ”زبدة المواليد“ نالي لکيائين، سندس هٿ لکيل تحريرون هالن، ولهار ۽ چوٽيارين جي بزرگن جي آثار باقيه ۾ ملن ٿيون. مجموعي طور چئي سگهجي ٿو تہ سيد علي محمد شاهه سنڌ ۾ فقه حنفي جي وڏي ۾ وڏن عالمن مان هو. سندس ڪتاب ”مصلح المفتاح“ فقهي جستجو ۽ تحقيق جو هڪ نادر نمونو ۽ علمي شاهڪار آهي.

[رسالو تہ ماهي ”الرحيم“ (مشاهير سنڌ نمبر) سنڌي، شاهه ولي الله اڪيڊمي
حيدرآباد 4-1967/3ع]

❑

## ㉔ عربي زبان جو ماهر عالم علي محمد مهيري رحہ

سنڌ ۾ اسلام جي آمد سان عربيءَ ۾ تعليم شروع ٿي، مڪتب ۽ مدرسا قائم ٿيا. پهريائين ديبل ۽ منصوره ۽ پوءِ ٻيا شهر علم جا مرڪز بنجي ويا. وڏا وڏا عالم پيدا ٿيا، جن عربيءَ ۾ مختلف موضوعن تي معياري ڪتاب لکيا. سنڌ جي انهن عالمن ۽ سندن تصنيفن جو جيڪي عربي زبان ۾ سندن مهارت تي شاهد آهن، اڳين تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ذڪر آهي ۽ انهن مان ڪي اسلامي دنيا جي ڪتبخانن ۾ موجود آهن. مثال طور ڪي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، جيئن تہ:

- مڪاتيب المُرسلين، تاريخ جي موضوع تي ابوجعفر محمد بن ابراهيم ديبلي جو ڪتاب جنهن ۾ رسول الله ﷺ جا لکيل خط گڏ ڪيائين.
- ڪتاب التعليم، فقه بابت مسعود بن شيبه سنڌي جو
- منصوره جي عالم ابوالعباس جو ’فقه ظاهري‘ بابت ڪتاب
- قرة الانظار شرح تنوير الابصار، ابوطيب سنڌي جو
- ڪتاب المتانة في مرمة الخزانة، علامہ جعفر بوبڪائي جو
- طوالع الانوار شرح ڪتاب الدرالمختار، محمد عابد انصاري سيوهاڻي جو
- مناسڪ الحج بابت سنڌ جي عالم رحمت الله سنڌي جا ڪتاب
- دراسات اللبيب، مخدوم مخدوم معين ٺٽوي جو
- بَذل القوه في حوادث سِني النبوه، مخدوم محمد هاشم جو تاريخي ڪتاب سنڌ جي درسگاهن ۽ استاد عالمن اهڙا هونهار شاگرد پيدا ڪيا، جن عربي

زبان ۾ ايڏي مهارت حاصل ڪئي. ٽالپورن جي دور تائين سنڌ جون علمي درسگاهون وڏي معيار واريون هيون، جن مان سيوهڻ، مٽياري، ٺٽو، ولهار، چوٽياري، ٽِپڙ ۽ کهڙه جو ذڪر انگريز عالم رچرڊ برٽن ڪيو آهي. سنڌ تي انگريزن جي قبضي بعد، درسگاهن کي سرڪاري امداد کان محروم ڪيو ويو. باوجود ان جي سنڌ جي عالمن ۽ گهٽگهرن پنهنجن پيرن تي بيهي مدرسا قائم ڪيا، جن مان ڪيئي نامور عالم پيدا ٿي. 12-14 صدي هجري (19-20 صدي عيسوي) جي درسگاهن ۽ استادن جي سلسلن مان اُتر سنڌ ۾ شهدادڪوٽ، همايون، امروٽ ۽ داد لغاري جو وڏن استادن جي قائم ڪيل درسگاهن مان شهدادڪوٽي، امروٽي، همايوني ۽ آميني (علامہ محمد امين لغاري جا شاگرد)

عالمن جا سلسلا مشهور ٿيا[1]. شهدادڪوٽي سلسلي جو باني علامہ نورمحمد هو جيڪو علامہ عبدالحليم ڪنڊوي جو شاگرد هو. سندس ٻيو شاگرد همايوني سلسلي جو باني علامہ محمد يعقوب هو[2]. شهدادڪوٽي سلسلي جي هڪ مشهور شاخ ’فيروز شاهي‘ سلسلو هو، جنهن جو باني علامہ عطاء الله هو، جنهن ڳوٺ فيروز شاهہ ۾ درسگاهہ جو بنياد وڌو. مولوي علي محمد مهيري رحہ جو علمي تعليمي سلسلو ٻني ۽ سجاول جي درسگاهن جي وڏي استاد حامد الله ميمڻ جي واسطي سان فيروزشاهي سلسلي سان ملي ٿو.

علي محمد مهيري صاحب جي سوانح حيات گهڻي ڀاڱي تفصيل سان معلوم آهي، ڇاڪاڻ تہ مولوي صاحب جي پهريائين سندس شاگرد مولوي محمد نورنگ زادي ’تحفه وطن‘ نالي ڪتابڙو ڇپائي ان کي روشن ڪيو ۽ هاڻي هن دور ۾ مولوي حافظ محمد رمضان مهيري پنهنجي هلندڙ تحقيق سان مولانا صاحب جي سوانح جا سڀ رخ روشن ڪيا آهن[3].

نهايت ذهين ۽ هوشيار علي محمد، لاڙ ۾ ڪور واهہ لڳ ننڍڙي ڳوٺ بجاري ۾ مهيري قبيلي جي نيڪ حافظ پرتي جي گهر ڄائو. سندس سوانح تي مولوي حافظ محمد رمضان مهيري تفصيل سان لکيو آهي، باقي هت قبيلي مهيري جي نالي جي ڪجهہ وضاحت ڪجي ٿي. مهيري قبيلو، ڪلمتي بلوچن جو هڪ قبيلو آهي، جيڪي صديون اڳ مڪران جي ڪلمت پرڳڻي مان هجرت ڪري، سامونڊي ڪناري واري پٽي لڳ پهريائين هنگورندي کان حب ندي تائين ۽ پوءِ حب کان ملير ۽ سنڌو تائين آباد ٿيا. بہ قبيلا گبول ۽ مهيري اُتر طرف، حب ندي

---

[1] انهن سلسلن بابت تازو شايع ٿيل ڪتاب ’مقالات قاسمي‘ (مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جا مقالا) ڏسڻ گهرجي، جنهن ۾ تفصيلي معلومات ڏنل آهي.

[2] علامہ عبدالحليم ڪنڊوي سنہ 1245هجري ۾ وفات ڪئي ۽ سندس مزار روهڙي اسٽيشن لڳ اُتر واري ٽڪري تي آهي. قلات جي ڪڇي ضلعي جي ناڙي پرڳڻي ۾، بياباني ڳوٺ ’ڪنڊي‘ ۾ ويهي پڙهايائين. هڪ وڏو عظيم استاد هو، جنهن رڻ پٽ جي درسگاهہ مان وڏا عالم استاد پيدا ڪيا. شاهنواز خان شاهلياڻي جمالي مرحوم (محراب پور) جي مهرباني سان راقم 98-1996ع وارن سالن ۾ ناڙي جا ماڳ مقام ڏٺا ۽ خاص طرح ڪنڊي جي شهر کي وڃي ڏٺو، جنهن جون پٽيون ۽ ڪوٽا اڃا بيٺا هئا. شهر جي اُتر طرف تلاءُ هو ۽ ان جي اُتر-ڪنڊيءَ تي ڪنڊي جو وڻ بيٺل هو، جنهن تان شهر تي نالو پيو. درسگاهہ وارا ماڳ موجود هئا.

[3] مولوي حافظ محمد رمضان مهيري هن وقت ڪور واهہ هاءِ اسڪول ۾ عربيءَ جو استاد آهي. هن صاحب علامہ علي محمد مهيريءَ جي سوانح کي روشن ڪري وڏي خدمت ڪئي آهي. علامہ مهيري جو سوانحي خاڪو پهريائين سندس شاگرد مولوي محمد نورنگ زادي پنهنجي ڪتابڙي ”تحفه وطن“ ۾ شايع ڪيو. حافظ محمد رمضان سنہ 1990ع ۾ وڏيڪ تحقيق ۽ تفصيل سان ”تن پنهوارن پچار“ جي عنوان سان مولانا مهيري جي حالات ۽ مولانا جي استاد شاگرد ۽ همعصر رفيقن جي حالات تي بهترين سوانحي مجموعو شايع ڪيو. ان مجموعي تي مبني سندس مختصر مقالو مجلہ ”السند“ اسلام آباد ۾ پڻ شايع ٿيو آهي.

۽ کيرٿر جبل جي وادين ڏانهن وڌيا ۽ آباد ٿيا. گبول قبيلي وارا پوءِ گهٽ اُتر طرف کيرٿر جبل ۾ رونگ ۽ رني ڪوٽ تائين وڌي ويا، پر ٻئي قبيلي وارا مَهير جبل (گڏاپ ڪان اُتر- اولهه) ۽ ان سان لاڳو پاڳي ۾ رهيا ۽ مٿن مهيري نالو پيو. مهير جبل سان لاڳو حب ندي ڪان وٺي اوپر طرف مول ندي تائين مهيري گهٽي وقت تائين آباد رهيا.

عام روايت موجب، مهير جبل ڏٻيو يا ڦاٽو يا ڪو ٻيو اهڙو وڏو خطرناڪ حادثو ٿيو، جو مهيرين مهير ۽ مول ڪي ڇڏيو. ان واقعي بابت بيت آهي ته:

مهيرين مول ڇڏي، ملير مِهراڻين

البت سنڌن آثارن طور، حب ندي لڳ هنيدان جو وڏو قبرستان ۽ پڻ مهير جبل ڪان اُتر- اوپر جهنگ ڪنڊ ۽ واڻ- ڪنڊ ۾ ننديون پٿر جون قبرون نالن سان موجود آهن.

1294هه ۾ جڏهن آئينده جو وڏو عالم علي محمد ڄائو، تڏهن ٻجاري جي ڳوٺ ڪان اولهه ڪور واهه ۽ ٻنوري طرف توڙي اولهه ٻدين طرف گهٽو سڄو ملڪ بيابان هو. هن بيابان جي هڪڙي ننيڙي ڳوٺڙي ۾ هڪ ٻار جو ڄمڻ، وڏو ٿيڻ، پڙهڻ ۽ علم جي پڳ ٻڌڻ هڪ معجزي ڪان گهٽ نه هو. ننيڙي علي محمد کي مڪتب حافظ محمد نونداڻي (مهيري) پڙهايو، جيڪو پاڻ خليفي محمود ڪڙيي واري جي مدرسي ۾ پڙهيو هو. ثانوي سطح تي فارسي ۾ سندس استاد حافظ احمد ميمڻ هو. عربي ڪيس شهر ٻني جي وڏي عالم سليمان ٻَنوي ۽ سندس رفيقن پڙهائي. علامہ سليمان شورو ٻنوي وڏي علمي لياقت وارو هو. هن پوءِ ڪراچيءَ ۾ مڪتب جو بنياد وڌو، جيڪو پوءِ 'کڏي وارو مدرسو' ٿيو.

اهي سڀ وڏا شفيق قابل استاد هئا، جن صحيح معنيٰ ۾ علم جي طالب علي محمد جي تربيت ڪئي، پر سندس آخري علمي سَنَدَ ۽ خاص طرح عربي ۾ سندس مهارت ان وقت لاڙ ۾ عربيءَ جي وڏي ڄاڻو استاد علامہ حامد الله ميمڻ جي تربيت سان ٿي، جيڪو شهدادڪوٽي عالمن جي شاخ فيروزشاهي جي باني علامہ عطاءالله وٽان فارغ تحصيل ٿيو هو. هو ٻه ڀيرا حرمين شريفين ويو ۽ هڪ ڀيرو پنج سال ۽ ٻيو ڀيرو پندرهن سال اتي رهيو، جنهن جي ڪري عربي زبان ۾ ڪيس وڏي دسترس حاصل ٿي. پوءِ جڏهن سنڌ ۾ موٽي آيو ته درس تدريس ۾ مشغول ٿيو ۽ ان عرصي ۾ ذهين طالب علم علي محمد مهيري جيڪو تحصيل تعليم ۾ منتهي درجي واري سطح تي پهچي چڪو هو، سو ڪانئن ٻهرور ٿيو. استاد علامہ حامد الله جي عربي ۾ مهارت ۽ ان سان گڏوگڏ علي محمد جي پنهنجي ذهانت هئي، جو ڪيس درسي علمن سان گڏ عربي زبان جي صحيح ڄاڻ حاصل ٿي.

علامہ علي محمد مهيري جي عربيءَ زبان جي انتهائي ڄاڻ تي حيراني ٿي ٿئي جو اها ڄاڻ درسي سطح کان گهڻو مٿي آهي. سنڌس دور جي عالمن ۾ ان پايي جو ٻيو عالم نظر نٿو اچي. هو عربي زبان جو نہ فقط عالم هو، پر وڏو اديب هو ۽ نہ فقط عربي نثر لکڻ ۾ پر عربي شعر چوڻ ۾ بہ ڪيس مهارت حاصل هئي. عربي نثر ۾ سندس لکيل خط موجود آهن، جيڪي معياري ادبي عبارت ۽ عربي لغت جي ڄاڻ تي شاهد آهن. اُنين ۽ اُنن تي سندس وڏو شعر سلامت رهيو آهي، جيڪو اسلوب ۽ محاڪات جي لحاظ سان، قبل از اسلام وارن شاعرن جي شعرن سان ملي ٿو: جن ڪي عربي جي وڏي اديب ۽ شاعر ابو تمام پنهنجي مشهور ڪتاب ”حَماسہ“ ۾ مرتب ڪيو آهي. اهو هڪ قصيدو آهي جنهن ڪي صحيح طور پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي. پهريان شعر نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

طوالُ العُنق تَحسبُها سِطاعا ‏ ‏ وَادَ سِيقَت تُخيَلها شِراعا
مباركُهُن آجام الاراکِ ‏ ‏ وتَعلو القَيظ اکامات فراعا
اِذا غِيثت فَدَرت کالسحابِ ‏ ‏ يَصُبُ المُحتَلِبُ کاسا تِباعا

لاڙ ان دور ۾ بہ وڏا عالم ۽ شاعر پيدا ڪيا: وڏو علي محمد مهيري ۽ ننڍو احمد ملاح. مولانا علي محمد شروعات ڪئي جو قصيده بُرده جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪيائين. مولانا احمد ملاح ڪلام پاڪ جو بيتن ۾ ترجمو ڪيو. مولانا علي محمد اصلاحي تحريرون لکيون ۽ غلط راهي تي هلندڙن ڪي شعرن ۾ ٽوڪيو. مولانا احمد ملاح بدعت خلاف جهاد واري شاعري ڪئي. ٻنهي صاحبن عشقيہ شاعري بہ ڪئي. مون ڪي حيراني ٿي، جڏهن مون مولانا احمد ملاح جا غزل ڏٺا. (مون ڪي سندس غزلن جو ديوان دستياب ٿيو، جيڪو پوءِ مون مولانا عبدالله جوڻيجي ڪي اشاعت لاءِ ڏنو). ايتري ئي حيران ٿي، جڏهن مون ڪي مولانا مهيري جا ڪي شعر دستياب ٿيا. سنہ 1955ع ڌاري جڏهن مولانا علي محمد جي عظمت جي مون ڪي خبر پئي، تڏهن پاڻ ڪي سال اڳ فوت ٿي چڪو هو. لاڏين ۾ سندس دوست حاجي جمعي جت سان منهنجي ڪچهري ٿي، جنهن مولانا جون ڳالهيون ٻڌايون. چيائين تہ پاڻ وڏو شاعر هو ۽ هڪ غزل مون ڏي لکي موڪليو هئائين، جنهن جا هينيان شعر مون ڪي ياد آهن:

اي صبا وڃ سيگهہ مان، آ تون ڪُهارَن مان ڪٽي
چشم منهنجي جي چٽائي پير پريان جي پٽي.

1. سوَ لکيا مون سوز سان خط خاص ڪاغذ پر ڪڏهن
يادگيري لاءِ يارن ڪي نہ ورندي ڪا وٽي.
2. چو نٿو پئي حال منهنجي تي حبيبن ڪي خيال
بخت منهنجي ۾ برابر آہ ڪا آڏي آٽي
3. ماٺ ڪر محمد علي تي رمز انهيءَ ڪان نہ رنج
عرس جيئن اميد رک تان مانَ ميڙينئي ڏٽي.

عرس مان سندس مراد شايد عرس ميمڻ هو، جيڪو به ان وقت غزل گو شاعر هو. ٻيو هينيون شعر ڪجهه وقت اڳ مولوي محمد رمضان مهيري کان مليو.

پرهه جو پيدا پرين ٿيا اڄ سڄڻ سينگار سان
درد واري دل سنديم خوشي ٿي کِلي ڪينڪار سان
1. حُزن هَم هنئڙي سندا گوهر سندي گفتار سان
لحظي اندر وئڙا لهي دلبر سندي ديدار سان
2. تارا ڪتيون شرمائيا تنهن شهنشه انوار سان
جهيٽا جهڪا ٿيا سج قمر جوهر سندي جهلڪار سان
3. لعلڻ سندا لڳ لچڪٽا لامون ليارن جون لڏن
سي سنها ۽ سونهٽا، ڇُٽين چتون چينگار سان
4. چست ۽ چالاڪ چلندي، ڊيل ڊيڄاري حبيب
مور جي مانند زيور زيب زينتدار مان
5. جنهن پَر چمن چيٽي اندر بلبل ڪري باتيون بهار
تنهن پراسين اڄ اوچتا ڳڏ ٿيا اچي گلنار سان
6. ٻهڪندي ٻُوهَل ڏٺي محبوب جي مينڊين مٿي
موتي نه مٽ ماڻڪ چوان جانيءَ سندي جنسار سان
7. ڪئي مون پڇا پرين وٽان ڇئو جو سبب هن سانٺ جو:
سانجهر سويرا صبوح جو ڪهڙي لڳا ڪم ڪار سان
8. مرڪي چيو مهندان مني جاني ڏنو جوڙي جواب:
لارَ وچڙا ٿي لَيَم مينهون مُڪم ميهار سان
9. لب لبن ڪي سامهون ٿي حرف ڳالهايا حبيب
درد دل جا مون چيا ان پر اڪين جي ثار سان
10. آگا علي محمد سندو ميڙو مُحبن سان مدام
احسان سين ڪر تون عطا ارواح جي آذار سان.

مولانا علي محمد وڏو مفڪر ۽ مفسر هو. قرآن شريف جي سورة (والتين والزيتون) جو سندس لکيل منظوم شرح هڪ شاهڪار آهي ۽ گرهوڙي صاحب جي ڪلام ۽ فڪر جون سڪون ٿو لاهي. ان جي پهرين سٽ وڏي معنيٰ واري آهي ته:

"اقبال ڪارڻ آدم جي، قادر قسم ڪنيا."

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد ٽيون)
مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2002ع]

❑

# (25) علامہ حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان

حاجي ابوالحسن ڏاهري رحہ ٻارهين صدي هجري جي وڏن عالمن ۽ فاضلن مان هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو همعصر هو ۽ پنهنجي وقت جو محقق، فقيه ۽ اهلِ دل صوفي هو، سندس ڪتاب "ينابيع الحيٰوة الابديه في طريق الطلاب النقشبنديه" مشهور آهي ۽ ان کان سواءِ پڻ سندس تصنيفن مان، سراج المصلي، رساله رفع الفريه والمريه ۽ 'ڪچڪول نامه' موجود آهن. اهي تصنيفون سندس علم ۽ فضل ۽ وسيع مطالعي جي ساک ڀرين ٿيون.

'ابوالحسن' جي نالي ۾ ڪو اهڙو فيض هو جو انهيءَ نالي سان سنڌ ۾ ڪم از ڪم پنج وڏا عالم ٿي گذريا آهن: (1) ابوالحسن بڪري، جو شيخ علي متقي جو استاد هو؛ (2) ابوالحسن ڪبير (بن عبدالهادي) ٺٽوي ثم مدني 'شارح صحاح سته'؛ (3) ابوالحسن صغير محدث، جو مديني شريف ۾ 'مدرسة الشفاء' ۾ ابوالحسن ڪبير ۽ شيخ محمد حيات بعد جاءِ نشين مدرس ٿيو؛ (4) مخدوم ابوالحسن ٺٽوي صاحب "مقدمة الصلواة" جو مڪلي تي مدفون ٿيو ۽ (5) ابوالحسن ڏاهري جو سنڌ ۾ "حاجي ابوالحسن" جي نالي سان مشهور ٿيو.

هن مضمون ۾ اسان حاجي ابوالحسن ڏاهري ۽ سندس خاندان تي قدري روشني وجهون ٿا، ڇاڪاڻ تہ سندس سوانح جو اهو پهلو اڃا تائين تحقيق طلب آهي.

"ينابيع" ۾ پاڻ پنهنجو نالو "حاجي ابوالحسن سنڌي نقشبندي قريشي ڏاهري" لکيو اٿس. 'ڏاهري' سماٽ برادري جي 'اُنڙ' گهراڻي جو هڪ مشهور قبيلو آهي. جو سندن وڏي ڏاڏي 'ڏاهر' جي نالي سان مشهور ٿيو. علامہ ابوالحسن غالباً پاڻ کي 'قريشي' سنڌ جي سمن جي انهيءَ عام روايت موجب لکيو. جنهن موجب هو پاڻ کي 'عرب نسل' سمجهن ٿا؛ پڻ ڇيو وڃي ٿو تہ سندس والده قريشي خاندان مان هئي ۽ انهيءَ ڪري ڏاڏاڻي طرف کان هو ڏاهري ۽ ناناڻي طرف کان قريشي هو.

علامہ ابوالحسن جو گهراڻو ڏاهرين جي 'دول ڄَرَ' شاخ جي 'ڏيريجا' پاڙي مان هو. سندن وڏن جو اصل ڳوٺ موجوده تعلقي موري (هينئر تعلقو دوڙ) ۾ سَن جي ڳوٺ کان ڇهہ ميل اوڀر طرف "ڪنڊِي واري ڪارجاڙِي" هو ۽ ابوالحسن پڻ اُتي ئي ڄائو نپنو. هڪ روايت موجب سندس ڏاڏي جو نالو عبدالرشيد هو، جنهن کي وفات بعد ڪارجاڙي کان چار پنج ٻلاڪ اُتر طرف دفن ڪيائون ۽ اهو قبرستان 'عبدالرشيد جي مقام' جي نالي سان مشهور ٿيو. هن خاندان ۾ علم ۽ فضل جو سلسلو غالباً ميان عبدالرشيد کان شروع ٿيو. ڪيس ٽي پٽ هئا: ميان بادل، ميان چڳل ۽ ميان مهر علي. ميان بادل بہ غالباً علم جو

متلاشي هو. خانداني روايت موجب، هو سنڌ ڇڏي ٻاهر ويو ۽ اُتي ئي ڪنهن ملڪ ۾ وفات ڪيائين. جيئن ته پوءِ سندس فرزند ابوالحسن سنڌ مان اول ڪاٺياواڙ طرف ويو، ان مان گمان نڪري ٿو ته شايد ميان بادل پڻ ڪاٺياواڙ طرف وفات ڪئي.

ابوالحسن جي ابتدائي تعليم غالباً سندس ڳوٺ ۾ ٿي، ان بعد کيس هالاڻي ۾ شيخ ابوبڪر جي مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو؛ جتي هن پنهنجي دستوري تعليم جي تڪميل ڪئي. "ينابيع" ۾ علامه ابوالحسن پنهنجي استاد مرحوم شيخ ابوبڪر هالاڻي واري جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پڻ پنهنجن ٻين استادن ميرزا محمد خليل بدخشاني ۽ مولانا نورالدين سورتي (ساڪن سورت بندر) جا نالا آندا آهن، جن ڪان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. خانداني روايت موجب، ميان ابوالحسن هالاڻي ڀلاڻي ۾ پڙهندو هو، جو کيس حرمين جو شوق دامنگير ٿيو ۽ هو هتان روانو ٿي "ڪُتانه" جي شهر ۾ پهتو. اتي مسجد ۾ ستو پيو هو جو خواب ۾ نبي ﷺ ڏنائين جن طرفان ارشاد ٿيس ته، "مرشد وٺي پوءِ اسان ڏانهن اچ." وري ٻي رات خواب ۾ ارشاد ٿيس ته: "عبدالرسول نالي هڪ پلارو شخص آهي، جنهن سان ملي فيض حاصل ڪر." پوءِ درويش عبدالرسول جو مريد ٿيو ۽ ان بعد حرمين شريف ڏانهن حج لاءِ ويو. مڪي ۽ مديني شريف جي زيارتن بعد مصر پڻ ويو.

'ينابيع' مان هن خانداني روايت جي قدري تصديق ٿئي ٿي، جيئن ته خود لکي ٿو ته: "آءٌ ابوالحسن ملڪ سورت، شهر ڪوتيانه، ۾ هوس- الخ" هن وقت اهو شهر 'ڪتيانه' سڏجي ٿو ۽ ڪاٺياواڙ جو هڪ مکيه شهر آهي. ان بعد احمدآباد ويو، جتي سندس پنهنجي لکيت موجب: "واقف رموز اسرار صمديه وماهر ڪنوز انوار قدسيه قطب الزمان معدن العرفان... عبدالرسول الصديقي احمدآبادي" ڪان نقشبندي سلسلي جي خلافت جو فيض حاصل ڪيائين.

'ينابيع' ۾ لکيو اٿس ته سندس مرشد درويش عبدالرسول صديقي 5 ربيع الثاني سنه 1146هه ۾ وفات ڪئي، جنهن مان ظاهر آهي ته انهيءَ سال ڪان ڪافي عرصو اڳ، ميان ابوالحسن سنڌ ڇڏي هوندي. ڪاٺياواڙ جي شهر ڪتيانه ۾ تعليم خاطر رهيو، ان بعد احمدآباد ۾ رهيو ۽ پڻ سورت ۾ رهيو. حج ڪان اڳ يا حج تان موٽڻ بعد انهن شهرن ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. غالباً انهن شهرن مان ئي ڪنهن ۾ ميرزا محمد خليل بدخشاني وٽ پڙهيو ۽ شهر سورت ۾ مولانا شيخ نورالدين ڪان تعليم حاصل ڪيائين. 'ينابيع' ۾ انهن ٻنهي عالمن کي 'استاد' ڪري سڏيو اٿس ۽ سندن تصنيفن مان سَنَدَ طور حوالا نقل ڪيا اٿس.

جيئن ته اڳتي ذڪر ايندو، حاجي ابوالحسن سندس مرشد جي وفات (1146هه) ڪان اڳ سنڌ موٽي آيو ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين، جتي سنه 1156هه ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب 'ينابيع الحيواة الابديه' تصنيف

ڪيائين. هيءُ ڪتاب فارسي ۾ لکيل آهي ۽ ان جا قلمي نسخا سنڌ ۾ موجود آهن. سنہ 1164ھ ۾ نماز جي مسئلن بابت ڪتاب "سراج المصلي" لکيائين. هيءُ سڄو ڪتاب فارسي نظم (مثنوي) ۾ لکيل آهي ۽ ان جي هڪ قلمي نسخي مٿان ڄاڻايل آهي تہ: 'هيءُ ڪتاب تقريباً ڇهہ هزار ٽن سون بيتن' تي مشتمل آهي(1). سنہ 1176ھ ۾ مال جي ڏي وٺ ۽ قرض بابت هڪ وضاحتي رسالو "رفع الفريه والمريه بالامين في احڪام العين والدين" لکيائين. هن رسالي جو قلمي نسخو جو بنده وٽ آهي، ان جي آخر ۾ مصنف جي هڪ خواب جو ذڪر آهي: جنهن جي خاتمي ۾ ڄاڻايل آهي تہ، هي ڪتاب چنجر ڏينهن، تاريخ 18 ماه ربيع الثاني 1176ھ ۾ لکي پورو ڪيائين. ساڳي سال (1176ھ) ۾ علم ڪلام جي مسئلن ۽ تصوف جي اصطلاحن وغيره جي وضاحت ۾ هڪ ٻيو ڪتاب 'ڪچڪول نامه' فارسي نظم (مثنوي) ۾ لکيائين، جو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي مقدمي ۽ تحقيق سان شاه ولي الله اڪيڊمي طرفان شايع ٿي چڪو آهي.

مٿين ڪتابن جا سنہ تصنيف معلوم آهن، مگر انهن کان سواءِ هيٺيان ٻہ ڪتاب پڻ لکيائين، مگر اُنهن جا سال تصنيف معلوم نہ آهن. 1. "نبراس تصاريف فارسيه" جنهن جي شروعات هن طرح ڪئي اٿس: "الحمدلله علي ڪل حال والصلواة والسلام عليٰ سيد ارباب الڪمال و علي آله و صحبه في الغدووآلاصال من تبعهم باحسان علي النوال. اما بعد مي گويد بنده ضعيف نحيف ابوالحسن سندي قريشي ڏاهري نقشبندي عفي الله تعاليٰ عنه و عن والديه واستاذيه که اين رساله است مسميٰ بہ 'نبراس تصاريف فارسي' مشتمل برمقدمه و دو باب و خاتمه- باب اول جامع است سرشش قاعده را و باب دوم جامع است بر پنج قاعده را- الخ"[2]. ٻيو هڪ رسالو يا ڪتاب "البدعة المرعية للوزن الشرعيه" نالي سان تصنيف ڪيائين، جنهن مان هڪ بياض ۾ هيٺيان اشعار نقل ٿيل مليا. ظاهر آهي تہ اهو ڪتاب فارسي نظم ۾ تصنيف ڪيائين:

مهرِ خاتون هر دوعالم چهار صد مثقال سيم
يڪ صد و شصتِ دگر از روپيه در دل نگار
در نصابِ مهرِ شرعي ده درم بيشڪ شمار
جمله آن دو روپيه باشد دگر اخماس چهار

پنهنجي علم و فضل جي علاوه غالباً علامہ ابوالحسن دستوري نصاب موجب طب بہ پڙهي هئي ۽ عملي طور قدري حڪمت پڻ ڪندو هو، جيئن تہ

---

(1) جناب قاضي فتح الرسول صاحب نظاماڻي هن ڪتاب جي قلمي نسخي مان بنده ڏانهن اقتباس نقل ڪري موڪليا، جن مان اها معلومات حاصل ٿي.

(2) هن ڪتاب جو قلمي نسخو جناب حڪيم پير معين الدين صاحب خياروي (نواب شاهه) جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

اسان کي سَن جي قاضين جي ڪتبخاني جي هڪ قلمي ورق تي ”مخدوم حاجي ابوالحسن“ جو مجرب نسخہ لکيل نظر آيو.

علامہ حاجي ابوالحسن ڪانياواڙ، گجرات ۽ سنڌ جي اڪثر عالمن ۽ بزرگن ۽ سندن تصنيفن کان پوريءَ طرح واقف هو. ’ينابيع‘ ۾ ڪيترن ئي بزرگن جا نالا ائين آندا اٿس، جو ڄڻ بذات ڪيس انهن سان آشنائي هئي. ”رفع الفريه والمريه“ ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان سندس استفسار ۽ مخدوم صاحب جي جواب جو ذڪر ڪيو اٿس. يعني تہ مخدوم صاحب سان سندس خط و ڪتابت هئي.

سنڌ ۾ واپس موٽڻ بعد زندگيءَ جو پهريون دور غالباً عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين ۽ پويون دور علمي خدمت ۽ تصنيف تاليف ۾ صرف ڪيائين. سندس ڏهن- چاليهن واري رياضت جا بہ نشان هن وقت تائين معلوم ۽ مشهور آهن: ’ڪارجاٽي‘ وٹ هڪ دڙي تي رياضتون ڪيائين ۽ چون ٿا تہ جيڪڏهن وونئڻ کي ’موراهي‘ جو مرض لڳندو آهي تہ اُن کي دفع ڪرڻ خاطر مقامي طور ماڻهو اجا تائين انهيءَ دڙي جي مٽي وونئڻن ۾ وجهندا آهن. سندس رياضتن جو ٻيو مقام ’گهوڙا ڏهر‘ جو ٽڙ (دوڙ کان اوڀر طرف پٽن ۾، تعلقو نواب شاهہ) هو، جتي گهٽا گهاٽا، ڦوڳ هوندا هئا، جن ۾ تڪيو ٺاهي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندو هو. ڀاڳيا ماڻهو اتي اچي ڏوپ ڏيندا هئا ۽ ڏاهرين مان ’پَربي جَن‘ جي پاڙي مان هڪ گهر سندس خدمت ڪندو هو[1].

خانداني روايت موجب سندس مرشد درويش عبدالرسول کيس سنڌ وڃڻ لاءِ جڏهن موڪل ڏني هئي، تڏهن چيو هئائين تہ منهنجي وفات وقت توکي پيرو ڪرڻو پوندو، جو مون کي تڙ تون اچي ڏيارجانءِ. چون ٿا تہ ’گهوڙا ڏهر‘ تي رياضت ۾ مشغول هو جو کيس گهٽو پگهر اچي ويو ۽ چيائين تہ لاشڪ منهنجو مرشد بيمار آهي؛ پوءِ احمدآباد روانو ٿيو ۽ سندس مرشد جي وفات 5 ربيع الثاني 1146هہ کان اڳ اتي وڃي پهتو ۽ ڪيل وصيت موجب کيس غسل ڏنائين.

مرشد جي وفات بعد جڏهن واپس سنڌ آيو، تڏهن ئي غالباً پنهنجي ڪٽنب مان شادي ڪيائين. کيس فقط هڪ پٽ ٿيو، جنهن جو نالو مرشد جي نالي پويان عبدالرسول رکيائين. زندگيءَ جي آخري دور ۾ علامہ ابوالحسن ۽ ٻين وڏن ويهي صلاح ڪئي تہ ’عبدالرشيد وارو مقام‘ هيناهين ۾ آهي ۽ ٻڏي وڃي ٿو، انهيءَ ڪري ٻئي هنڌ مقام ڪجي. پوءِ موجوده نواب شاهہ ضلعي جي ديهہ 69 ۾ هڪ مٿاهون پَٽ مقرر ڪيائون ۽ چيائون تہ: وڏن مان جواڳ فوت ٿئي ان کي انهيءَ پيٽيءَ دفن ڪجي. پهريائين سندس چاچي ميان مهرعالي وفات ڪئي، جنهن کي اتي دفن ڪيائون. ان بعد حاجي ابوالحسن وفات ڪئي ۽ کيس پڻ اتي

---

[1] انهيءَ تڪيي ۽ تڙتي ”پربي جَن“ جي پاڙي مان هڪ مرداني مائي پوئين ”حرتحريڪ ۽ مارشل لا“ واري وقت ۾ زندهہ هئي، جنهن حرن مجاهدن جي وڏي خدمت ڪئي.

رکيائون. ان بعد سندس پٽ يا پوٽي سندس تربت مٿان روضو جوڙايو جو اڃان تائين موجود آهي. روضي ۾ الهندي ڪان اڀرندي ٽي قبرون آهن، جن مان پهرين (الهندي طرف واري) علامه حاجي ابوالحسن مرحوم جي، ٻي سندس پٽ ميان عبدالرسول جي ۽ ٽي سندس پوٽي ميان محمد پريل جي آهي. علامه ابوالحسن جي وفات بعد هي قبرستان سندس نالي پويان "حاجي ابوالحسن جو مقام" جي نالي سان سڏجڻ لڳو ۽ اڄ تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي.

## وفات:

'تاريخ بلوچي' جي مصنف ۽ شاعر عبدالمجيد جوکيي[1] علامه ابوالحسن جي تاريخ وفات بابت هينيون فارسي قطعو لکيو جو ڪتاب 'ينابيع' جي ڪن قلمي نسخن[2] جي آخر ۾ درج ٿيل آهي ۽ جنهن کي جناب فاضل غلام مصطفيٰ صاحب قاسمي پڻ پنهنجي مضمون (رسالہ الرحيم، بهار نمبر، 1965ع) ۾ نقل ڪيو آهي:

آه از رحلت جدائي آن نگار — گشت از فوتيش جان و دل فگار
رفت چون ز اينجا بہ ملک دائمي — آسمان بگريست بروي از غمي
چونکہ بود او معدنِ علم و فضل — بوده هم ذاتش پر از حلم و کمل
از قضايش شد مصيبتها عظيم — ليک صبرم بر رضا رب الکريم
ده دو از ماهِ ربيع الاولين — بود چون شد ارتحالِ شاهہ دين
هاتف از تاريخ او گفته بمن — "جاي جنت اوست کہ اوچون ابوالحسن"
هست اين ابيات از عبدالمجيد — حق دهم توفيق بر خيرش مزيد

'ينابيع' جي قلمي نسخن جي آخر ۾ ڏنل قطعن ۾ ('جاي' بدران 'جاء' ۽ 'که' بدران 'ک' پڙهي) سان وفات 1168 ڄاڻايو ويو آهي جو صحيح نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ علامہ ابوالحسن 1176هه ۾ حيات هو ۽ ان سال بہ ڪتاب تصنيف ڪيائين. صحيح سال وفات غالباً 1181هه آهي جو مصرع "جاي جنت اوست که اوچون ابوالحسن" مان نڪري ٿو، حالانڪ اِنهيءَ پڙهڻي سان وزن ۾ خلل پوي ٿو. فاضل غلام مصطفيٰ قاسمي پڻ پنهنجي مضمون ۾ هن مصرع جي اها پڙهڻي اختيار ڪري سال 1181هه متعين ڪيو آهي.

## اولاد ۽ عزيز:

هن کان اڳ بيان ٿي چڪو آهي تہ علامہ ابوالحسن جي ڏاڏي عبدالرشيد کي ٽي پٽ هئا: ميان بادل، ميان چڳل ۽ ميان مهر عالي. ميان چڳل جو اولاد ٻانڌي

---

[1] عبدالمجيد (تخلص مجيدي) مير فتح علي خان جي دور جو شاعر ۽ مورخ هو.

[2] مثلاً پير صاحب جهنڊي جي ڪتبخاني جو، قلمي نسخو جو، ناقص مگر سڀ کان آڳاٽو آهي ۽ هن وقت پير صاحب محب الله شاهه جي تحويل ۾ آهي، ان ۾ هن قطعي جي شروع ۾ هي الفاظ لکيل آهن. "تاريخ وفات مصنف اين ڪتاب بطريق ابيات استخراج بحروف ابجد از عبدالمجيد جوکهيہ" البتہ قطعو جيئن لکيل آهي، ان ۾ غلطيون آهن.

(ضلع نواب شاهه) جي آسپاس ۽ اوير طرف سيناڪي مئنر تي رهي ٿو. ميان مهرعالي جو اولاد سن (ساوڙي) ۾ رهي ٿو. ميان بادل کي هڪ فرزند علامه ابوالحسن ٿيو، جنهن کي هڪ فرزند ميان عبدالرسول ٿيو. جنهن کي هڪ فرزند ميان محمد پريل ۽ هڪ نياڻي مائي مريم ٿي. ميان عبدالرسول جي وقت تائين هي ڪٽنب "ڪارجائي" ۾ رهيو ۽ پوءِ ميان محمد پريل لڏي اچي سن (ساوڙي) ۾ وينو. هن وقت سندس پڙپوٽو ميان شاهه محمد (ولد محمد پريل ولد شاهه محمد ولد محمد پريل) حاجي ابوالحسن واري مقام لڳ رهي ٿو؛ کيس ٻيا چار پائر آهن ۽ پنجئي پائر اولاد وارا آهن.

جيئن ته حاجي ابوالحسن پنهنجي علم و فضل سان گڏ نقشبندي طريقي جو هڪ عابد درويش هو، انهيءَ ڪري سندس اولاد فقيري طرف مائل ٿيو ۽ علم ۽ فضل کان وڌيڪ پيري مريدي جو سلسلو کين مرغوب رهيو. علم جو ورثو ميان مهر عالي جي اولاد کي نصيب ٿيو، جي قاضي سڏجڻ لڳا. ميان مهرعالي کي هڪ پٽ ابوالعالي نالي ٿيو، جنهن کي هڪ پٽ نعمت الله ٿيو[1] جو عالم، فاضل ۽ حڪيم هو. ميان عبدالرسول جي نياڻي (۽ علامه ابوالحسن جي پوٽي) مائي مريم، قاضي ميان نعمت الله جي گهر ۾ هئي. قاضي نعمت الله کي ٻه فرزند ٿيا: قاضي عبدالڪريم ۽ قاضي عبدالغني. اسان هڪ قلمي نسخي تي قاضي عبدالڪريم جي مهر ڏٺي ۽ ٻيو هڪ قلمي نسخو ڏٺو جو قاضي عبدالغني 1282هه ۾ لکايو. قاضي عبدالغني، محمد يعقوب ڪونريجو ۽ خليفو غلام محي الدين سيوهڻ وارو ٽيئي همعصر ۽ پنهنجي وقت جا وڏا حڪيم هئا. قاضي عبدالغني کي ٽي پٽ: قاضي غلام حسين، قاضي غلام رسول ۽ قاضي عبدالحڪيم (70 سال حيات) ٿيا[2]، جن مان قاضي غلام حسين علم وارو هو. ان بعد هن پيڙهيءَ ۾ پڻ عربي پارسي علم جو سلسلو ختم ٿي ويو.

علامه ابوالحسن جي ڪتاب 'ينابيع' ۽ ٻين تصنيفن مان ظاهر آهي ته هن صاحب علم وٽ ڪتابن جو ڪافي وڏو ذخيرو هو، حالانڪه 'ينابيع' کي تصنيف ڪندي هن بزرگ شڪايت ڪئي آهي ته، آءٌ اهڙي ماڳ مقيم آهيان، جتي ڪتابن جي ڪمي آهي. علامه مرحوم جي ڪتبخاني جي تلاش ۾ آءٌ تاريخ 19 سيپٽمبر 1965ع تي "سن" پهتس[3] جتي حاجي محمد بخش ۽ سندس پائرن

---

[1] هنن قاضين وٽ جيڪو خانداني شجرو هو سو ضايع ٿي ويو. البته سندن راويت موجب قاضي نعمت الله مهر عالي جو فرزند هو، مگر اسان قاضي نعمت الله جو هٿ لکيل ڪتاب ڏٺو، جنهن ۾ هن پاڻ کي "نعمت الله بن ابي المعالي" لکيو آهي. انهيءَ ڪري پائنجي ٿو ته ابوالمعالي مهر عالي جو فرزند هو.

[2] قاضي نعمت الله هڪ سنجيده ۽ خلق وارو زميندار هو. ڳوٺ سن جو چڱو مڙس هو، سال کن ٿيو جو گذاري ويو. سندس ٽي پٽ حاجي محمد بخش، عبدالغني ۽ غلام رسول حيات آهن ۽ خليق ۽ مهمان نواز آهن.

[3] يعني سن ساوڙي، تعلقه مورو (هينئر تعلقو دڙو).

خاطر مرحبا ڪئي ۽ ٻڌايائون ته ڪتاب سنڌن سوٽ ميان غلام حسين (ولد غلام شاهه ولد غلام رسول) وٽ موجود آهن. پوءِ ميان غلام حسين سان ملاقات ٿي، جنهن ٻڌايو ته ڪتبخانو گهڻو هو جو وڏي قاضي ميان غلام حسين مرحوم ولد قاضي عبدالغني جي وقت تائين سلامت رهيو، پر پوءِ آهستي آهستي ضايع ٿي ويو. جيڪي ذخيرو موجود هو سو ڏيکاريائين، جن ۾ هيٺين قلمي ڪتابن جا ورق يا جُز نظر آيا، سالم ڪتاب ڪو ورلي هو:

1. ڪتاب فقه (عربي) جا هڪ ٻه جز، جن ۾ هڪ عنوان "ڪتاب الصلواة" هن عبارت سان شروع: الوقت الفجر من الصبح المعترض الي طلوع ذڪا، فاحتذ بالمعترض عن المستطيل و هو الصبح الڪاذب. الخ
2. عربي (حديث جو؟ ڪتاب جا جُز جنهن ۾ بابن جا عنوان: باب الوعد الفصل الاول- باب المفاخرة و العصبية- باب الرفق و الحياءُ و حسن الخلق.
3. تفسير پاره عم فارسي.
4. نسخه قرآن حڪيم
5. اوراق نسخه ديگر از قرآن حڪيم.
6. نسخه في اسماء الامراض و تعريفها.
7. نسخه درمعالجات (فقط ٿورڙيان ٻه ورق جن جي مٿان مهر "عبدالڪريم" انهن ورقن مان هڪ تي هي ناقص عبارت جنهن ۾ مخدوم حاجي ابوالحسن جو هڪ مجرب نسخو نقل ڪيل": ........ ازان مرد نموده نما مور گرده سه روزنهاري بخورد- (بعون) الله تعاليٰ مرض دفع شود- مجرب است 12 مخدوم حاجي ابوالحسن."
8. ڪتاب طب فارسي و نسخه مفردات نامي (دريک جلد).
9. طب يوسفي (تصنيف يوسف بن محمد يوسف الطيب) در آخر! "باتمام رسيد نسخه متبرڪه شريف المسميٰ به طب يوسفي از دست فقير نعمت الله بن ابن المعاني قوم داهري بتاريخ هشدم ماه جمادالثاني يوم الاثنين".
10. نسخه ناقص- درآخر "حسب فرموده مخدوم صاحب ذي شان والامڪان مخدوم صاحبي ايم مخدوم ميان عبدالغني تحرير يافت. چهارم ماه محرم الحرام سنه 1282".
11. نسخه فرهنگ طبي.
12. سنڌي ۾ طب.
13. سيف الملوک لطف علي جو (ناقص).

مٿئين قلمي نسخن ۽ ورقن مان ٿي سگهي ٿو ته ٿورڙيان ٻه علامه حاجي ابوالحسن جي ڪتبخاني جا باقيات صالحات هجن.

[سه ماهي "الرحيم" سنڌي، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، 1965/4ع]

❑

# 26 علامہ محمد هاشم مرحوم ڳڙهي ياسيني*

مولانا محمد هاشم جي ولادت سن 1259 ھ ۾ شهر شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. استاد العلماء مولانا نور محمد صاحب جي مدرسي ۾، اول کان آخر تائين سمورو علم پڙهي، فارغ التحصيل ٿيا. ان بعد، شهدادڪوٽ جي ويجهو پري جي ڳوٺ ۾ ديني مدرسو کولي پڙهائڻ لڳا، جنهن ۾ ستر کن طالب العلم مختلف سبقن ۾ پڙهندا هئا. سندن مدرسي مان ڪيترا عالم فيضياب ٿي نڪتا. پوءِ، ڪجهه وقت بعد، مولانا کي حضرت مولانا ميان تاج محمد صاحب، پنهنجي فرزند ميان گل حسن جي پڙهائڻ لاءِ، پنهنجي ڳوٺ ڪٽبار (قلات بلوچستان) ۾ وٺي ويا. اتي بہ سندس مدرسي ۾ ڪيترا شاگرد بلوچستاني ۽ سنڌي پڙهندا هئا. صاحبزادي ميان گل حسن صاحب جڏهن سمورو علم مولانا کان پڙهي دستاربندي ڪئي، تڏهن، ميان صاحبن جي مخلص مريد نواب اسدالله رئيساڻي جي استدعا تي، ڪيترا سال رئيساڻين جي جاگير محرم جي شهر ۾ مولانا صاحب جن قاضي ٿي رهيا. آخر ناڙي جي ملڪ ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ ۽ بي انداز گرميءَ جي برداشت نہ ڪرڻ ڪري اتان چڙهي آيا ۽ خانصاحب الله بخش خان دراني بارڪزئي جي طلب سان ڳڙهي ياسين ۾ اچي مدرسو کوليائون، جنهن ۾ پري پري جا طالب العلم لاڙ، ميل، بلوچستان ۽ افغانستان کان اچي پڙهڻ لڳا ۽ فيضياب ٿيا.

مولانا جا فيضياب شاگرد، مولانا گل حسن سجاده نشين ڪٽبار ۽ صدر قضاة بلوچستان، مولانا مولوي عبدالله صاحب رتائي (جنهن وٽان مولانا خادم حسين صاحب ۽ ٻيا ڪيترا پڙهي عالم فاضل ٿيا)، مولانا مولوي ڪريمداد صاحب نيڙهي وارو، مولانا غلام عمر صاحب ڊگهہ وارو، مولانا جو فرزند مولانا محمد قاسم صاحب، مولانا تاج محمد صاحب بلوچستاني، مولانا جمال الدين صاحب صحبت پوري، مولانا حافظ نور محمد صاحب ياسيني قاري، مولوي فقير محمد صاحب، مولوي ڪمال الدين صاحب سيوائي، مخدوم غلام مصطفیٰ صاحب سجاده نشين محمد پور شريف، مولوي عنايت الله صاحب آگرو، مولوي گل محمد صاحب ۽ مولوي پير محمد صاحب وارهہ وارا ۽ ٻيا ڪيترا آهن.

مولانا محمد هاشم جن، حضرت مولانا ميان تاج محمد صاحب بزرگ ڪٽبار شريف واري کان بيعت هئا. نماز روزي جا سخت پابند، سحر خيز، اشراق ۽ صلواة تي مواظبت رکندڙ هئا. شريعت جي هتڪ حرمت تي سخت غيرت کائيندڙ، بدعقيدي ۽ بدمذهب ماڻهن کان نفرت ڪندڙ هئا. صوفياء ڪرام جي عزت رکندڙ،

* هيءَ سوانح عمري مولوي نجم الدين ۽ محمد قاسم صاحب ياسينيءَ جي موڪليل مواد تان ورتل آهي- مرتب

صالحن جي صحبت ۾ خوشنود ٿيندا هئا- خاص ڪري حضرت سلطان الاولياء خواجہ عبدالرحمان صاحب سرهندي ۽ سندن فرزند خواجہ محمد حسن جان صاحب ۽ خواجہ عبدالقدوس آغا شيرين جان صاحب جا سخت معتقد رهيا.

سندن تصنيف گهڻي ضايع ٿي ويئي آهي. هن وقت هڪ دفتر تحريرن جو (رسالہ نذر بابت، حاشيہ ۽ ترڪيب مائة عامل جي، حاشيہ هداية النحوجو، حاشيہ بديع الميزان ۽ ايساغوجي جو، صرف بهائي تي) لکيل آهي. شعر چوڻ ۾ بہ ڪين چڱي دسترس هئي. ڪيتريون تاريخون سندن نظم ۾ چيل آهن. مثال طور، سندن چيل تاريخ جا ٻہ بيت، جي حضرت سلطان العارفين خواجہ عبدالرحمان صاحب سرهنديءَ جي رحلت بابت چيا اٿن، هيٺ ڏجن ٿا:

شد فلک ز اندوه در خونِ شفق،
شد ملک ز افسوس پنهان در شفق.
بود خاصِ حضرت رب الفلک،
"غفرلہ" تاريخ او گفتہ ملک. (1315)

مولانا جن تاريخ 19 شوال سال 1322 هجري ۾ هن جهان فاني مان رحلت ڪئي. پويان ٽي فرزند — مولانا حاجي محمد صالح صاحب، مولانا محمد قاسم صاحب ۽ مولانا محمد ابراهيم صاحب ڇڏي ويو. سندن مزار مبارڪ ڳڙهي ياسين جي اولاهين قبرستان ۾ زيارتگاهہ آهي. سندن تاريخ وفات لاءِ عارف بالله عامل ڪامل سيد احمد شامي صاحب عربيءَ ۾ هي بيت چيا آهن:

| | |
|---|---|
| اسفا لفقد العالم الرباني | صدرالعلوم و مفخر الاعيان |
| الکامل المفضال زبدة عصره | شيخ الکرام و ربة العرفان |
| اعني محمد هاشم من قد بدا | ضيفا من الاضياف للرحمٰن |
| بشراه قد فازالسعادة بالرضا | تاريخه "في معدل الرضوان"— 1322 |

ايضاً تاريخ از ميانجي عبدالله سرهندي شهدادڪوٽي:

جست هندي چو سال رحلت او
گفت هاتف: "شد اندرون بهشت"-1322

[ٽہ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 4-1957/3ع "سوانح نمبر"]

❑

# (27) فاضل غلام مصطفيٰ قاسمي

علم ۽ فضل جي اعتبار سان، مٿئين عنوان ۾ مون بزرگوار کي ”فاضل“ ڪري لکيو آهي، ورنه پهرئين دور ۾ پاڻ ”مولوي“ جي لقب سان معروف هو، هن پوئين دور ۾ ”علامه“ جي لقب سان مشهور رهيو آهي. علم ۽ فضل جي لحاظ سان ڪيس اهي سڀئي ”لقب“ سونهن، آڳاٽو سندس ڇپايل ”شاهه جي رسالي“ ذريعي راقم جي ساڻس غائبانه ملاقات ٿي، پر وڌيڪ سڃاڻپ تڏهن ٿي، جڏهن مولوي صاحب اچي حيدرآباد ۾ مقيم ٿيو.

هڪ ڪافي وڏي عرصي دوران منهنجون ساڻس جيڪي ملاقاتون ٿيون ۽ جن ۾ خالص علمي موضوعن تي تبادله خيالات ٿيو، تن ۾ مولوي صاحب جي عربي مدارس ۾ اعليٰ تعليم سنڌ ۽ هند جي مدرسن ۾ رائج عربي مناهج وارن علمن جي پوري ڄاڻ ۽ انهن علمن بابت اصولي ۽ فروعي ڪتابن بابت سندس معلومات مون کي ڪافي متاثر ڪيو.

فاضل غلام مصطفيٰ قاسمي کي سنڌ جي وڏي مدرس علامه عبدالڪريم ڪُورائي جي شاگرد هجڻ جو شرف حاصل آهي. علامه عبدالڪريم ڪُورائي اُتر سنڌ ۾ اعليٰ اسلامي تعليم جو چراغ روشن ڪيو ۽ سندس درسگاهه مان هونهار شاگرد پيدا ٿيا. علامه موصوف جو پنهنجو استاد مولوي قمرالدين انڊڙ گهوٽڪي وارو هو. پاڻ پهريائين محرابپور جمالي (تعلقي اوسته محمد بلوچستان) ۾ پڙهايائين. جتان ڪيس پيرتراب علي شاهه پاڻ وٽ وٺي آيو ۽ آخر ۾ ڳوٺ ”ڪُور سليمان“ ۾ نئون مدرسو قائم ڪيائين. علامه عبدالڪريم ڪُورائي جي تعليم ۽ تربيت جي برڪت سان هيٺيان ۽ ڪي ٻيا ذهين شاگرد اعليٰ معيار واري علمي صلاحيت سان سرفراز ٿيا: (1) قاضي محمد ابراهيم (ڳوٺ ڪارڙا تعلقي شهدادڪوٽ وارو) اڌ علم پنهنجي والد وٽ ۽ پوءِ اڌ علم مولوي عبدالڪريم وٽ پڙهيو. (2) مولوي غلام مصطفيٰ قاسمي (3) مولوي علي محمد ڪاڪيپوٽو (4) مولوي عبدالله چانڊيو ڊونڪائي (5) مولوي نورالله هيسباڻي ڪنڌياري وارو (6) قاضي دوست محمد جوهي وارو (7) مولوي گل محمد ”انيس“ محرابپور وارو (8) مولوي فضل محمد محرابپور وارو (9) مولوي عبدالحڪيم پٺي (دودي خان پٺي جي ڳوٺ جو)، (10) مولوي نورمحمد مغيري سيوي جو (11) مولوي غلام رسول سيوي جو (12) مولوي عبداللطيف مغيري.

انهن فاضلن مان پهرين ٽن جي اعليٰ علمي معيار بابت راقم کي ٿوري گهڻي ڄاڻ حاصل رهي آهي. قاضي محمدابراهيم ڪارڙوي، محرابپور جمالي تعلقي اوستي ۾ پڙهيو ۽ انهيءَ ناتي سبيان مير شاهنواز خان شاهلياڻي سان (جنهن دوست صاحب تازو 27 آڪٽوبر 1990ع تي وفات ڪئي) سندس قريبي تعلق هو، اتي ساڻس

صحبتون ٿيون ۽ پڻ راقم ڳوٺ ڪارڙا ۾ قاضي صاحب جي صحبتن مان مستفيض ٿيندو رهيو. قاضي صاحب وڏو عالم، حڪيم ۽ فارسي زبان جو اديب ۽ شاعر هو. مرحوم مولوي علي محمد ڪاڪيپوٽي سان غائبانه تعارف مون کي پنهنجي شاگردي واري دور ۾ سندس هڪ اعليٰ تحقيقي مقالي جي مطالعي مان ٿيو. جيڪو لاهور جي اورينٽل ڪاليج مخزن ۾ ڇپيو هو. مرحوم سان حياتي وفا نه ڪئي، نه ته هو همعصرن ۾ هڪ وڏي محقق جي حيثيت ۾ شمار ٿئي ها.

جناب غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي دور وارن مدرسن جي مَنهجي علمن جو ڄاڻو آهي، پر انهن مان فلسفي ۾ کيس خاص دسترس حاصل آهي. اٺين صدي هجري کان پوءِ ۽ خاص طرح ڏهين صدي هجري کان وٺي پهريائين ”هند“ ۽ پوءِ ”سنڌ“ ۾ مدرسي مَنهجن ۾ ”معقولات“ جي اهميت وڌي ۽ ان ۾ خاص طرح فلسفي ۽ منطق تي وڌيڪ زور رهيو. 11 صدي هجري کان وٺي خاص طرح اُتر سنڌ جي درسگاهن ۾ ”درس سيالڪوٽي“ رائج ٿيو، جنهن ۾ معقولات کي وڏي اهميت حاصل رهي، مگر بتدريج سنڌ جي عالمن ”معقولات“ جي اهميت کان هٽي، حديث ۽ قرآن تي وڌيڪ زور ڏنو. قاضي محمد ابراهيم ڪارڙوي تصديق ڪئي ته مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي چوندو هو ته:

”مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي اسان جي استادن جو استاد هو، پر معقولات ۾ گمراهه ٿي ويو.“

فاضل غلام مصطفيٰ قاسمي ديوبند مان فارغ التحصيل ٿيو، جتي ”درس نظامي“ رائج هو. ”درس نظامي“ ۾ رياضي، هندسه ۽ فلسفي تي وڌيڪ زور هو. باوجود انهيءَ جي فلسفي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ايتري آسان نه هئي، ان لاءِ خاص ذوق ۽ ذهن جي صلاحيت جي ضرورت هئي. علامه غلام مصطفيٰ صاحب سان تبادله خيالات ڪندي معلوم ٿيو ته کيس فلسفي ۾ مهارت واري ڄاڻ حاصل آهي. هڪ صحبت ۾ جڏهن مخدوم محمد معين جي علمي مهارت جي ڳالهه نڪتي ته قاسمي صاحب چيو ته: وٽس مخدوم محمد معين جا ٻارهن قلمي رسالا موجود آهن، جيڪي فلسفيانه موضوعن بابت آهن، جن مان هڪ پاڻ شايع ڪري چڪو آهي يا شايع ڪرڻ وارو آهي. ان وقت ۾ مولانا ابوالحسن جو فلسفيانه موضوع تي لکيل رسالو منهنجي ذهن ۾ هو ۽ مون کي اهو خيال پرجي آيو ته سنڌ ۾ قاسمي صاحب جهڙي عالم ۽ فلسفي جي ڄاڻو جو وجود غنيمت آهي. سو جيڪڏهن هو ترجمي سميت مخدوم محمد معين جي رسالن جو متن مرتب ڪري ته جيڪر هن مشڪل موضوع تي سنڌ جي عالمن جو ڪيل ڪم سهڻي صورت ۾ سيني جي آڏو اچي وڃي. قاسمي صاحب زنده سلامت هجي جو اهو ڪم پورو ڪري. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته فاضل قاسمي هن وقت مدرسن جي مَنهجي علوم جو وڏي ۾ وڏو ڄاڻو آهي.

[ماهوار ”شريعت“ سکر (علامه قاسمي نمبر) جنوري- فيبروري 1991ع]

❑

# (28) قاضي عبدالرؤف مرحوم مورائي*

قاضي مولوي عبدالرؤف، 1299 هجريءَ ۾ موري (ضلعو نواب شاهه) ۾ تولد ٿيو. مٿيارين جي قاضي عبدالڪريم ۽ عبدالرحيم ٽٽويءَ وٽ تعليم حاصل ڪيائين.

قاضي عبدالرؤف تحرير جو وڏو قابل هو. سندس شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي- چند لائق شاگردن جا نالا هي آهن: (1) حافظ ابراهيم نابينا، ڏکڻ، اصل وينئل دولتپور جي آسپاس جو، پوءِ اچي دودي پاڻ پوٽي جي ڳوٺ ۾ وينو. هي عالم هو ۽ پڙهائيندو بہ هو. هن حافظ صاحب جو پٽ مولوي محمد حسين صاحب بہ چڱو عالم هو. انهيءَ جو پٽ مولوي محمد عمر صاحب اڄ تائين زنده آهي؛ عربي فارسيءَ کان چڱو واقف آهي، ديندار ۽ نيڪ شخص آهي. (2) مولوي عبدالڪريم ڏاهري، وينئل سن- هي بزرگ سگهو ئي فوت ٿي ويو. (3) قاضي خدابخش چنيجن وارو: عالم ٿيو، پر پوءِ مجذوب ٿي ويو. (4) حيدرشاهه، مير حسن عليءَ جي ٽنبي وارو. (5) سيد تاج محمد صاحب امروٽي بہ ڪجهہ وقت پڙهيو؛ اصل مولوي عبدالقادر پنهواري واري وٽ پڙهيو هو. (6) ميان عطاءالله صاحب فيروزشاهي "شرح ملا" تائين پڙهيو ۽ پوءِ شهدادڪوٽ وڃي پڙهيو، ميان عطاءُ الله صاحب جو والد ميان خير محمد وڏو عالم هو.

پير محمد لواريءَ واري، ميان شفيع محمد پاٽائيءَ/قاضي عبدالرؤف وارن ڏي چوائي موڪليو تہ 'اوهان اهڙا خطبا ناهيو، جنهن ۾ وهابيت جو رد هجي'، جنهن تي هي خطبو جوڙايائين:

نُخص اَلحمدلِلّٰه ذوالجلال ۔۔۔ عليٰ ما عمّ فضلا بالنوال
الٰه واحد فرد قديم ۔۔۔ تَنزّه عن مشارکه المثال
له ملک و حمد و هو يُحي ۔۔۔ يُميت الخلق من غيرالمقال
قدير هُوَ عليٰ ماکل شَيءِ ۔۔۔ جدير هو باوصاف الکمال
تقدس عن صفات الخلق طُرّاً ۔۔۔ و عمّا لا يليق من الخصال
فذاک المصطفيٰ اِختاره الله ۔۔۔ وَفضّله باعلاءِ الکمال
صحابَتهُ نجومُ لاهتداءِ ۔۔۔ رجوم هم لاِصحاب الضلال
خصوصاً اربع منهم جميعاً ۔۔۔ تجلّو بالجلال مع الجمال

---

* هڪ مختصر ملاقات (21 آڪٽوبر 56 ء) ۾ مولانا محمد صادق صاحب مورائيءَ کان جيڪي ڪجهہ احوال ملي سگهيو، سو پيش ڪجي ٿو. جناب مخدوم امير احمد صاحب جن، قاضي حاجي عثمان ۽ قاضي محمد عالم بابت حوالن جو اضافو ڪيو ۽ پڻ عربي خطبي جي تصحيح ڪئي. - مرتب

## موري جا قاضي صاحبان

(عبدالخالق بن محمد يوسف بن محمد هاشم: محمد هاشم ۽ محمد طاهر ٻئي ڀائر، جي ڀاڻان آيا ۽ موري ۾ اچي رهيا.)



تسلّطهم عليٰ اعداءِ دين   کضر غامِ تسلّط لاِغتيال
تَرَّحِمُهُم لاَهّل الدين جمعاً   کَرحمة ربهم کُلّ المَوال
هم الصّديق والفاروق ايضاً   و ذوالنّورين اسدالله عالي
و سبطي مصطفيٰ و ابنا بَتول   بصُحبة جَدّهم بلغا المعالي
لَهم فضل وراء الفضل هٰذا   لما يحويهما مفهوم آل
و عَمّاه مکرم کل احد   و صِنوَالاب اعمام الرّجال
صلاة الله کانت مع سلام   عليٰ خيرالبرايا و الزّلال
ويتبعه الصابة بعد آلِ   ومن تَبع لهم في الاعتدال
فکُن في هٰذه الدنيا غريباً   تسير مُعجّلا لِلاِنتِقال
ولا تغترّ مُفتخراً بمال   ستبقيٰ مُفلساً من غير مال
ولا تشغل باولاد عن الله   ولا تَرکن اليٰ ما في الزّوال
وتُب عَما فعلت من المعاصي   وعما قلت من شرّ المقال
ولا تنس الجحيم ولاالقيامه   ولا قبراً و مافي سوءِ حال
من العبدالمضاف اِليٰ رئوُفِ   سَيبقيٰ واعظا بعد ارتحال

مولوي محمد صادق صاحب مورائيءَ چيو تہ خواجہ حسن جان صاحب سرهنديءَ ان کي ٻڌايو تہ مولوي فيض الڪريم هڪ نظم عربيءَ ۾ لکي آيو، جنهن ۾ هن قاضي عبدالرؤف جي مٿين نالي واري مصرع کي هن طرح پنهنجو ڪيو:

"من الفيض المضاف الي الڪريم   سيبقيٰ واعظا بعد ارتحال"

قاضي عبدالرؤف جون هينيون تصنيفون معلوم ٿي سگهيون آهن:

(1) اِراء ارشادالحق اليٰ اهواء افساد المشرک"- هيءُ رسالو وهابيت جي رد ۾ لکيائين.

(2) "تنزيہ از تشبيہ – هيءُ ڪتاب فارسي نظم ۾ 'خدائي تشبيهہ' (يعني تہ خدا تعاليٰ جي وجود کي ماڻهوءَ جي جسم سان تشبيهہ ڏيڻ) واري عقيدي جي رد ۾ لکيائين. سنڌ ۾ قاضي حاجي عثمان ۽ مولوي عيسيٰ انهيءَ عقيدي جا حامي بنيا هئا. قاضي حاجي عثمان، اسان جي سنڌ جي نامور حڪيم شمس الدين ۽ سياسي اڳواڻ قاضي فضل الله جو ڏاڏو هو. قاضي عثمان ۽ مولوي عيسيٰ ٻئي حج تي ويا ۽ اتان فارغ ٿي نجد ۽ يمن جو سير ڪيائون. اتي محمد بن عبدالوهاب نجدي جي پوئلڳن کان گهڻو متاثر ٿيا ۽ مشهور اهل حديث فاضل، علامہ شوڪاني، مصنف "نيل الارطار"، وٽ حديث جو علم پڙهي، سند وٺي، واپس آيا. قاضي حاجي عثمان "مُشبّہ" هو ۽ قاضي محمد عالم نوشهرائي بہ

سندس صحبت ۾ سندس همخيال بڻيو. قاضي محمد عالم هڪ وڏو عالم ۽ حڪيم هو*. قاضي حاجي عثمان جي رفيق مولوي عيسىٰ جو فرزند مولوي فيض الڪريم بہ چڱو عالم ٿيو ۽ اهل حديث جي مسلڪ تي قائم رهيو. قاضي عبدالرؤف جي ڪتاب ”تنزيه از تشبيه“ جي شروعات هن طرح هئي:

| | |
|---|---|
| هر ثنائي که در وجود آيد، | از ورا مرورا همه شايد: |
| ذاتِ خود راکه خود ستايش کرد، | گشت از عجزِ ما سوايش گرد: |
| بينياز است باغنا از غير، | لَيس يُنسب اليه الالخير: |
| هرچه از کائنات تا ابد است، | بانيازي بدرگهِ صمد است: |
| هست ذاتش منزه از تمثيل، | هر صفاتش ز تهمتِ تبديل[1]: |
| عرض ”عبدالرؤف“ مي دارد، | غرض از نظم نُصح مي آرد: |
| که همي صنعت اَرچہ کارم نيست، | لائق ررزگار زارم نيست: |
| ليک وهابيه چو نوع فساد، | در نهادي ز جنسِ خويش نهاد: |
| خاص عيسىٰ که از فضول فتن. | کرد مو عام را اسيرِ محن: |
| هر زباني که داشتم معلوم، | هم دران نُسخ کرده ام مرقوم: |
| سندي و پارسي دگر عربي، | بهتر است از همه زبانِ نبي: |
| تا شود انتفاعِ عام بَدان | شهره گردد بملک نام بدان: |
| تا ازين قوم احتراز کنند، | باب بغضا بروش باز کنند: |
| پارسي نثر هست گرچه بس، | فهمِ آن سهل گشت بر هرکس: |
| ليک چون نظم هست شيرين خوش، | بس لذيذ است بيشتر دلکش: |
| گشت منظوم نسخهء تنزيه، | نام تننزيه دارد از تشبيه. |

ميان محمد مسعود چوٽيارن واري، قاضي صاحب جن ڏانهن لکيو تہ ”’علم باطن فرض ناهي“: قاضي صاحب لکيو تہ ”فرض آهي.“ اها تحرير ٻن ٽن جزن ۾ هئي ۽ ڪنيارين وارن جي معرفت اها لکپڙهہ ٿيندي هئي. قاضي عبدالرؤف تحرير جو وڏو قابل هو. مخدوم امير احمد صاحب جن ٻڌايو تہ وهابين جي رد ۾ سندس فارسيءَ ۾ لکيل ڪي تحريرون ۽ مسئلا مون سندس شاگرد مولوي فضل محمد مرحوم جي ڪتبخاني (نوشهرو فيروز) ۾ ڏٺا هئا.

---

* قاضي محمد عالم کان پوءِ سندس پٽ حافظ عثمان حڪيم ۽ چڱو عالم هو: سندس پٽ قاضي احمدي بہ حڪيم ۽ چڱو عالم هو. قاضي احمديءَ کي ٽي پٽ آهن- قاضي عبدالهادي، جو حڪيم ۽ عالم آهي: حافظ عثمان، ۽ قاضي اڪرم. سندن سڪونت نوشهري ۾ آهي.

(1) اصل: ترتيب.

تحريرن مان موصوف جو علمي تبحر صاف ظاهر هو ۽ کيس تحرير جي فن ۾ قدرت خاص ملڪو عطا ڪيو هو. قاضي صاحب فارسي زبان ۾ خاص طرح وڏو انشاپرداز هو- ا. هہ. فارسي نظم ۾ ڪافي دسترس هئس- جئن مٿئين نظم مان ظاهر آهي. مولانا محمد صادق مورائيءَ چيو تہ پير صاحب پاڳارن جي جدامجد حضرت محمد راشد رحہ جي سلسلہ طريقت بابت هيٺيان اشعار هئا:

از مجدد الف ثاني فيض عالمگير شد
وز جناب شان ما را برکت و تاثير شد
شيخ آدم گشت از فيض مجدد کامياب
شيخ سعدالله از و گشته منور مستطاب
زو است ايوب ولي و هم جمال الله شاه
زو است مخدوم "پريالو" را بقا[1] مانند ماه
زوشده راشد خليفة از فيوضش بهره مند
در طريقهء عاليء حضرت جنابِ نقشبند

- قاضي عبدالرؤف اشعار ٻڌي، آخري شعر جي پهرين مصرع جي هن طرح اصلاح ڪئي:

"شد محمد راشد از فيض فتوحش بهره مند"

قاضي عبدالرؤف صاحب سن 1363 هہ ۾ وفات ڪئي.

[ٽہ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 4-1957/3ع "سوانح نمبر"]

❑

[1] يعني، حضرت سيد محمد بقا والد حضرت سيد محد راشد عيله الرحمة.

# (29) ڪوٽڙي ڪبير جا عالم ۽ علمي درسگاهون

## [محمد ڪبير ۽ سندس خاندان]

[سنڌ جي علمي ۽ تعليمي تاريخ شاندار آهي. ماضيءَ ۾ سنڌ جي عالمن ۽ علمي درسگاهن سنڌ جو منهن مٿي ڪيو ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪيو. ”دائري واري سنڌي“ جي مقدمي ۾ ۽ ان بعد چوٿيارين ۽ ولهار جي درسگاهن بابت لکندي بنده راقم سنڌ جي عالمن جي عظمت ۽ سنڌ جي درسگاهن جي اهميت ڪي ڪي قدر اجاگر ڪيو آهي. مگر اها هڪ ابتدائي ڪوشش آهي، جنهن کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جي تعليمي ۽ تدريسي تاريخ جي مطالعي لاءِ ضروري آهي تہ سنڌ جي تعليمي ادارن ۽ علمي گهراڻن بابت تحقيق ڪري وڌيڪ مواد هٿ ڪجي، جيئن دؤر- وار مسلسل تاريخ لکي سگهجي. هي مضمون انهيءَ ڪوشش جي هڪ ڪڙي آهي.

سنہ 1967ع ۾ راقم جون ڪوٽڙي ڪبير جي صديقي گهراڻي جي سربراهہ مرحوم ميان غلام قادر (وفات 1389هہ-1969ع) سان ملاقاتون ٿيون، جنهن جي زباني هن علمي گهراڻي بابت معلومات حاصل ٿيا. گذريل سال ۽ هن سال، مرحوم ميان غلام قادر جي جاءِ نشين ۽ هن وقت هن خاندان جي علم دوست سربراهہ ميان غوث محمد گوهر سان ملڻ ٿيو، جنهن کان وڌيڪ احوال مليو ۽ پڻ هن صاحب اصل خانداني ڪتبخانو ڏيکاريو، جنهن ۾ محفوظ ڪتابن جي مطالعي مان هن گهراڻي جي عالمن فاضلن بابت ڪي وڌيڪ اهڃاڻ مليا. انهيءَ مختصر مطالعي جي آڌار تي ڪوٽڙي ڪبير جي هن علمي گهراڻي ۽ هتان جي درسگاهہ بابت هيٺيون تفصيل ڏنو ويو آهي.]

***

ڪوٽڙي ڪبير جو قديم ڳوٺ پڪي شاهي رستي تي، هالاڻي ۽ هنگورجا جي وچ تي تعلقي کنڊياري ۾ واقع آهي. غالباً سنڌ ۾ اسلام جي آمد يعني 2- صدي هجري (8 صدي عيسوي) کان وٺي هيءُ ماڳ تعليم ۽ تدريس جو مرڪز بنيو. هتي جا عالم گهراڻا، خاص طرح صديقي، قاضي، انصاري، مخدوم


محمد ڪبير
(محمد ڪبير بن محمد محمود بن عصمت الله بن محمد تقي بن ابو بڪر بن هارن بن اسحاق)
ميان رحمت شاهه
ميان قاسم
ميان شيخ سخي الهيار
ميان اللهه دوست
ميان وجه الدين
پير محمد
مخدوم محمد عاقل عرف ساحبڏنو
عزت الله
مخدوم ميان يار محمد
محمد پناهه
جان محمد
ميان صاحبڏنو
ميان ولي الله
ميان خدا دوست
ميان دين محمد
علي نواز
محمد علي
خاوند ڏنو
ڪوڙل
غوث محمد
خاوند ڏنو
نواز علي
دين محمد
نبي بخش
شيخ محمد
دين محمد
فيض محمد
علي گوهر
شاهه محمد
پنجل
ولي محمد
ميان غوث محمد گوهر
(موجوده سربراه)
غلام حسين
علي نواز
فيض محمد
عبد الاول
عبدالواحد
عزت الله
مير اول
ميان غلام قادر
مرحوم

(جن مان ڪي هتان لڏي ٻئي پاسي ويا) صدين کان وٺي هتي آباد ٿيل آهن[1] ۽ انهن آڳاٽي وقت کان وٺي علمي درسگاهون قائم ڪري علم جو چراغ روشن ڪيو. مخدوم عبدالڪريم يا قاضي نظام الدين، جيڪي ڪوٽڙي ۾ مدفون آهن، انهن جو سلسلو هت باقي نہ رهيو آهي، پر هتان جو صديقي گهراڻو، جنهن جي هڪ نيڪ ۽ نامور عالم ۽ بلند پايي جي صوفي درويسش "شيخ ڪبير"، جنهن جي نالي پويان هيءُ شهر "ڪوٽڙي ڪبير" سڏجي ٿو، تنهن صدين کان وٺي اسلامي تعليم ۽ تبليغ جو سلسلو جاري رکيو آهي.

زباني طور مليل روايتن ۽ ڪن قلمي ڪتابن ۾ درج ٿيل عبارتن جي آڌار تي هن گهراڻي جو (قدري اٽپورو) شجرو مرتب ڪيو ويو آهي، جنهن مان معلوم ٿيندو تہ بزرگ درويش ۽ عالم "شيخ ڪبير" سندس وڏي ڏاڏي مخدوم شيخ اسحاق جي انين پيڙهي مان هو. شيخ اسحاق ڏهين صدي هجري ۾ گذاريو، پر سندس ولادت غالباً 9- صدي هجري ۾ ٿي. ڪائنس مٿي وارو شجرو سلامت نہ رهيو آهي، پر هي بزرگ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي اولاد مان آهن ۽ سندن وڏا آڳاٽي وقت کان هت مقيم ٿيا. مخدوم اسحاق جو پٽ مخدوم هارون ٿيو، جنهن سنہ 971 هجري ۾ وفات ڪئي. سندس تربت تي هيٺيون ڪتبو لڳل آهي(1):

قد توفّي هارون
بن اسحاق سيدنا
يوم السبت وفي
الرابع عشر من ذي
القعد سن 971

هن پوئين دؤر ۾ عالم ۽ عارف "شيخ ڪبير" مشهور ٿيو. سندس زندگيءَ جا سن ۽ سال معلوم ناهن، پر سندس پٽن جي سنن سالن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شيخ ڪبير يارهين صدي هجري جي آخر ڏاري ٿي گذريو. مير علي شير قانع ٺٽوي جڏهن سن 1181هہ ڌاري پنهنجو تاريخي ڪتاب تحفة الڪرام لکيو، تڏهن "شيخ ڪبير" اهل مماتي جي مقبول بزرگن مان هو. مير علي شير قانع هالاڻي جي پرڳڻي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

---

[1]. "ڪوٽڙي ڪبير" وارو ماڳ انهيءَ رخ تي واقع آهي، جنهن رخ سان محمد بن قاسم "ساوڙي" (تعلقو نواب شاهہ) کان پوءِ اروڙ طرف ڪوچ ڪيو ۽ واٽ تي ڪن ماڳن تي عرب قبيلن جا ڪي فرد آباد ڪيا. ڪوٽڙي ڪبير جو "سوا لک مقام" پڻ هن ماڳ جي قدامت تي شاهد آهي. ازانسواءِ هتي ڪن مقبرن ۽ مسجدن جي "سِرن واري سٽ" سان تعمير بہ انهيءَ اڏاوت جو نمونو آهي، جيڪا ڇهين صدي هجري يا ان کان اڳ رائج هئي.

"شيخ ڪبير ايضاً از بزرگان آنجا است- مرقدش مرجع
اهل الله واقع بهلانري (پيلاٽي) برابر هالاني ست"[1]

انهيءَ جي معنيٰ تہ شيخ ڪبير 1181هہ کان گهڻو اڳ ٿي گذريو. سندس اولاد مان هيٺيان نامور عالم يا صوفي درويش ٿيا:

•شيخ ڪبير جا ٽي فرزند ميان رحمت شاهہ ميان قاسم ۽ ميان الله دوست هئا، جيڪي غالباً سڀ عالم هئا. سندس چوٿون فرزند سخي الهيار وڏو عالم ۽ عارف هو ۽ عارفانہ شعر پڻ چيائين. سندس تخلص "يار" هو. وڏو سخي هو، جنهنڪري مٿس "سخي" جو لقب پيو. ڪانئس اڳ هن گهراڻي جا بزرگ نقشبندي طريقي جا هئا، پر سخي الهيار قادري طريقي جو صوفي عارف ٿيو ۽ پوءِ هن گهراڻي ۾ قادري طريقو شروع ٿيو. سخي الهيار جي عارفانہ فڪر جو اندازو سندس هيٺين شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

وَهُوَ مَعکُم اَينَما کُنتُم بِبِين
گر نخواندي رو تو در قرآن نگر
قربِ حق با تو چنان دارد يقين
تو همي داني که از ما دور تر!
اين همه اوهام باطل دان ز خود
ور نہ دلبر ما ز ما نزديک تر
کاشکي از قربِ او واقف شدي
تا نہ گردي گردِ دنيا دربدر
"يار" منزل دوستان خود دور نيست
چشم باشد تا شوي صاحب نظر.

سخي الهيار نهايت ئي وڏي درجي جو عارف هو ۽ ڪيس هيٺ ڏنل ڪُتبن جي عبارتن ۾ "مرشد العالمين"، "افضل الذاکرين" ۽ "قدوة العارفين" جي خطابن سان ياد ڪيو ويو آهي.

• "زبده الصلحاء نافع المسلمين ميان ولي الله ابن قدوة العارفين شيخ الهيار" پنهنجي وقت جو صالح ۽ نيڪوڪار هو. سندس تربت تي لڳل ڪتبي موجب هن "11-ذي قعدة، 1150هہ" تي وفات ڪئي، سخي الهيار جي ٻئي فرزند ميان دين محمد 1155هہ کان اڳ وفات ڪئي. اهڙو گمان مخدوم محمد عاقل جي تحريرن مان ٿئي ٿو، جن ۾ ڄاڻايل آهي تہ ڪتاب "ڪنز الدقائق" هن ميان دين محمد جي اولاد کان سنہ 1155هہ ۾ خريد ڪيو.

---

[1]. تحفة الڪرام، جلد ٽيون، مطبوع ناصري پريس دهلي، صفحو 134.

• سخي الهيار جو فرزند مخدوم ميان خدادوست وڏو عالم،عابد ۽ زاهد هو، جنهن 1160هه (يا 1190هه) ۾ وفات ڪئي. سندس تربت تي لڳل هيٺئين ڪتبي ۾ کيس "قدوة الواصلين و اسبق المحققين" جي عارفاڻي لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي:

يا الله

لا اله الا الله محمد رسول الله

قد انتقل من دارالفناء الىٰ دار البقاء
قدوة الواصلين و اسبق المحققين مخدوم
ميان خدا دوست ابن مرشد العالمين و
افضل الذاکرين ميان شيخ اله يار نور الله
مرقده يوم الاربع و عشرين من
شهر ربيع الاول الف و مائه و ستين [يا تسعين[1]]

ميان خدادوست جي اولاد مان هن وقت ڪوٽڙي ڪبير جي هن خاندان جو لائق سربراهه ميان غوث محمد "گوهر" آهي، جنهن کي پنهنجن بزرگن جي ديني ۽ علمي خدمتن جو احساس آهي ۽ جيڪو هن خاندان جي ورثي طور باقي بچيل ڪتابن جي حفاظت لاءِ ڪوشان آهي.

•شيخ ڪبير جي ٻئي پٽ ميان قاسم جو فرزند ميان وجه الدين عالم هو. ڪتب خاني مان ميان وجه الدين جي دستخط سان هڪ ورق مليو، جنهن تي سندس نالو "وجه الدين بن محمد قاسم" ۽ پڻ تاريخ "29- ربيع الاخر 1128هه" لکيل هئي. ميان وجه الدين مسجدون قائم ڪيون، جيڪي ساڳئي وقت علمي درسگاهون هيون. قلمي ڪاغذن ۾ تحريرون مليون آهن، جن مان معلوم ٿيو ته ميان وجه الدين هڪ مسجد سنه 1118هه ۾ تعمير ڪئي ۽ ٻي مسجد 45 سالن کان پوءِ 1163هه ۾ نهرايائين. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان وجه الدين وڏي عرصي تائين ديني ۽ تعليمي خدمت ڪئي ۽ 1163هه تائين حال حيات هو.

•شيخ ڪبير جي فرزند ميان رحمت شاهه جي اولاد مان پهريون وڏو عالم سندس پٽ ميان محمد عاقل عرف صاحبڏنو ٿيو، جنهن جي دؤر ۾ اعلىٰ علمي درسگاهه جو ثبوت سندس گڏ ڪيل علمي ۽ درسي ڪتابن مان ملي ٿو، جن مان ڪن تي سندس تحريرون آهن. پاڻ پنهنجي وقت ۾ قضا جي عهدي تي فائز هو. سندس هٿ لکيل پهرين تحرير سنه 1115هه جي ملي ٿي ۽ سندس هڪ مُهر سنه 1146هه جي ۽ ٻي 1155هه جي آهي. سنه 1161هه جي تحرير ۾، جيڪا پنهنجي ڪتاب مولانا رومي جي مثنوي جي شرح جي آخر ۾ لکي اٿس، تنهن ۾ پنهنجو سڄو نالو "محمد عاقل المعروف به صاحبڏنه ابن الشيخ مرحوم رحمت شاهه" لکيو

---

[1]. تربتن جي سيني ڪتبن جون عبارتون ميان غوث محمد کان دستياب ٿيون. راقم اهي ڪتبا (سواءِ مخدوم هارون واري ڪتبي جي) وقت جي تنگيءَ سببان ڪين ڏٺا.

اتس ۽ ان بعد "بتاريخ العاشر من شهر شوال سنہ 1161" جا الفاظ، سنہ 1165ھ جي تحرير ۾ "خادم الشرع قاضي محمد عاقل" لکيو اتس. ٻي هڪ تحرير مان معلوم ٿيو تہ سنہ 1174ھ ۾ حيات هو.

•مخدوم محمد عاقل جي فرزندن مان مخدوم ميان يار محمد پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ استاد هو ۽ سندس وقت ۾ هتان جي اعلىٰ درسگاهہ اوچ ڪي پهتي. هتي جيڪي ذهين ۽ قلب سليم رکندڙ شاگرد پڙهيا، تن مان هڪ پير محمد راشد صاحب (ولادت 1170ھ) هو، جيڪو وڏي علم ۽ فيض وارو ٿيو ۽ سوين هزارين ارادتمند سندس هدايت مان بهره ور ٿيا. مخدوم يار محمد جو پوءِ جناب پير صاحب جن سان حياتيءَ سوڌو تعلق هليو آيو. سنہ 1212ھ ۾ پير صاحب جن مسجد شريف تعمير ڪرائي، جنهن جي تڪميل جي تاريخ مخدوم ميان يار محمد هن طرح ڪڍي:

سالِ تاريخ مسجدش گفتم
"مسجدِ ذاڪرانِ حق و داد"
(=1212)

ان بعد پير صاحب جن حويلي جو ڪوٽ ڪڍايو، جنهن جي تاريخ پڻ مخدوم صاحب جن چئي:

حصاري شد مرتب سنگ بنياد
صفا تر از غبار و خس و خاشاک
ز ذهن قاصري تاريخ جستم
بگفتا "قلعه محفوظ" بي باک
1216ھ

مخدوم يار محمد آچر ڏينهن 22- ذوالقعد سنہ 1219ھ ۾ وفات ڪئي.

•مخدوم يار محمد جي فرزند مخدوم صاحبڏني پنهنجي والد کان پوءِ درسگاهہ کي سنڀاليو ۽ غالبا هو هن خاندان جي آخري عالمن ۽ استادن مان هو. سندس فارسي ۾ چيل مناجات هڪ ضعيف قلمي ورق تان هيٺين صورت ۾ پڙهڻ ۾ آئي:

| | |
|---|---|
| يا حبيب الله خُذ بِيَدي | ناه توري پناه يا سيدي |
| ڏي دوا درمندن کي دارون | ناه کا واه جز تو صمدي |
| گرچہ من بندهء گنهگارم | با کرم و لطف بخش... ح بدي(؟) |
| هزارين صلواتون هزارين سلام | تو مٿي يا رسول تا ابدي |
| مون جهڙو گنهگار ڪونهي ڪو | کر شفاعت بدرگهِ احدي |
| بند هستم بقيد نفس و هوا، | کر تون آزاد بنده از بندي |
| ............................................ | ............................................ |
| ............................................ | .........ان تي مددي......... |

سيَّد سردار نظرِ رحمت کر متي مستند يا سَنَدي
التماسي شنو ز صاحبدنہ با عنايت قبول کن سرمدي(؟)

• ميان عبدالواحد آخري دور ۾ عالم ٿي گذريو.

• مخدوم ميان محمد، جيڪو مخدوم ميان يار محمد جي عزيزن مان هو، تنهن وٽ شاهه عبداللطيف ايندو هو. سوا لک مقام ۾ مخدوم محمد مدفون آهي ۽ مقام کان اتر مخدوم محمد جو مدرسو هو ۽ مسجد هئي جتي لئو بيٺل هو. جيڪو هاڻي ڪونهي، پر ويهندي 19- صدي عيسوي تائين موجود هو ۽ شاهه عبداللطيف جو لئو سڏبو هو. مخدوم محمد جي مدرسي ۽ مسجد جا نشان بہ ڪي باقي وڃي بچيا آهن. حضرت شاهه عبداللطيف جي مخدوم محمد وٽ اچڻ جو ذڪر مرحوم ميان غلام قادر سنہ 1967ع ۾ راقم سان ڪيو هو ۽ چيائين تہ اها ڳالهہ سندن وڏن کان وٺي پوري تصديق سان هلندي اچي.

## ڪتبخانو

هتي جي درسگاهہ ۾ ڪنهن وقت ڪو چڱو وڏو ڪتبخانو هو، جنهن ۾ درسي ڪتاب توڙي ٻيا علمي ڪتاب موجود هئا. اهو ڪتبخانو ميان صاحبڏني بن مخدوم ميان يار محمد جي وقت تائين يعني تہ ٽالپور اميرن جي دؤر تائين موجود هو. انگريزن جي سنڌ تي غاصبانہ قبضي بعد جڏهن سنڌ جي علمي ادارن ۽ درسگاهن لاءِ اڳيان قائم ڪيل وقف ۽ معافي ناما رد ٿيا، تڏهن ٻين درسگاهن وانگر هن درسگاهہ تي بہ زوال آيو. پوين ڏيڍ سئو سالن کن جي عرصي ۾ هن ڪتبخاني وارا ڪتاب بہ ضايع ٿيا، خاص طرح ان وقت کان وٺي جڏهن هن خاندان ۾ عربي ۽ فارسي ڄاڻندڙ عالم باقي نہ رهيا. باوجود انهيءَ جي جيترو ٿي سگهيو اوترو بچيل ڪتابن کي سنڀاليو ويو ۽ اها سنڀال جيڪا وقتي طور مرحوم ميان غلام قادر تائين هلندي آئي، سا هينئر ميان غوث محمد گوهر جي اڳواڻي هيٺ وڌيڪ سهڻي نموني سان ٿي رهي آهي. راقم اهي ڪتاب سرسري طور سنہ 1984ع ۾ ڏٺا ۽ وري گذريل سال (27-11-85) قدري تفصيل سان ڏٺا. ٻئي ڀيري قلمي ڪتابن جا نالا قلمبند ڪيا ويا، جن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

- بيضاوي، مدارک، حسيني وغيرها من تفاسير القرآن
- شرح مثنوي مولانا روم، دفتر پنجم، ناقص از اول- ڪاتب ”محمد عاقل المعروف بہ صاحبدنه ابن الشيخ مرحوم رحمت شاه مرحوم بتاريخ العاشر من شهر شوال سنہ 1161ھ“
- ابراز المعاني حرز الاماني في علم القرائت و التجويد من قرائت سبع و عشر- و ڪان الفراغ... ”يوم الاثنين الثاني من جمادي الآخر سنه اربع و عشرن وثمان مائه“

- حاشيہ بر ديباچہ شرح ملا- ڪتبه الفقير سجن ولد مرحوم مغفور قاضي سلطان حسين بتاريخ 14- شهر ذوالقعد سنہ 1045ھ [مهر: لطف الله بن محمد الجيلاني]
- شرح جامي، تاريخ ڪتابت "سنه الف و واحد وثمانون"- 1081- هـ "ملا ڪرم الدين ولد ملا حبيب ساڪن ميرانپور في نواحي بکهر"
- فقه عربي "خزانة المفتيين" (بغير تاريخ)
- قنيه المنيه ليتمم الغنيه "يوم الاربعه من شهر ذي الحجه 962ھ"
- فقہ الاڪبر لامام ابي حنيفه (ناقص- اوراق فقط)
- اوراق من فتاوئٰ (؟)
- المجالس السنيه شرح الاربعين النوويه للشيخ احمد بن الشيخ "حجازي الفشني"- ڪتبه رحيمداد 16- رمضان 1281ھ
- سراج الهدايه- ملڪيه "فقير عبدالواحد پيرزاده سڪنه ڪوتري پر گنه ڪنديارہ."
- دلائل الخيرات "خادم العلماء فقير عبدالواحد پيرزاده سڪنه ڪوتري پرگنه ڪنديارہ."
- اشعار فارسي و غزليات "اين ڪتاب حق و ملڪ ميان پير محمد بن وجه الدين"
- مشڪواة- ڪاتبه "الفقير عبدالستار بن الشيخ محمد بن الشيخ محمد قاسم القرشي في بلده ڪنديارہ يوم الجمعه وقت العصر الخامس عشر من شهر جمادي الآخر 1086"
- اوراق منقول از تحارير المخدوم محمد هاشم ٺٽوي
- الڪافيه في النحو- ڪتابه سنه 1226ھ
- يوسف زليخا (فارسي تصنيف جامي) نسختان
- ميزان الشرح الشمسيه، تصنيف السيد محمد بن السيد علي همداني (عربي)
- علم المعاني... "من يد فقير حقير محمد شفيع بن قاضي احمدي مرحوم بتاريخ ثلث و عشرين يوم الاربعاء في وقت المساء في سنه الف و مئتان و ثلث و ستين" (1263)
- ديوان بهلول (فارسي) ازدست فقير شير محمد بتاريخ بيست ونهم ماه شوال سنه 1245.
- وصلت نامه و بيسر نامه، حضرت شيخ فريد الدين عطار ازدست فقير شير محمد، دوازدهم ماه رجب 1245.
- ديوان آشڪار ازدست محمد شجاع فقير فاروقي بتاريخ بيست و هفتم ماه رمضان 1253.
- احياء علوم الدين للامام الغزالي (نسخه قرن يازدهم يا دوازدهم)

- انيس انجمن (فارسي) دستخط فقير نظام الدين ولد مرحوم عبدالرزاق ساکن دربيله
- کشف الاسرار تصنيف مخدوم جهانيان (کذا)
- في مجلد واحد (1) کتاب مرغوب القلوب از شمس الدين و الدنيا شمس تبريز – مرغوب القلوب اکنون...... "ز هجرت هفصد و پنجاه هفت است" (2) تحقيقات نقشبندي ازدست فقير حقير پر تقصير حاجي ولد مغفور مرحوم ملا حامد سکنه در قريه حاجي دائود کهوره بتاريخ ماه جماد الثاني سنہ 1247.
- عوارف المعارف، "تمت هذا الکتاب بعون الملک المنان وحسن توفيقه راقم فقير احمد بن عبدالنبي عرف ترک الغوري"
- کنز الدقائق- نسخه 1182 في مجلدين- "از اولاد ميان دين محمد بن شيخ الہ يار خرد در 1155 محمد عاقل عفي عنہ"
- تنبيه الغافين
- شرح مشکواة شيخ علي قاري
- منظوم ترجمه سورة "يٰسين" (في اللغة السنديده) لقاضي عبدالکريم قريه کاهي راهو
- شرح شرعه الاسلام مولانا يعقوب بن سيد علي- "تمت بعون الله بخط عبدالضعيف النحيف زبير بن جبير (الاصل، جير؟) عطار غفر الله له و لوالديه و احسن اليها واليه روز جمعه بتاريخ بيست و ششم ماه جماد الاول سنہ 1087"
- کتاب تنبيه الغافلين "مصنف ابو الليث نصر بن محمد بن ابراهيم السمرقندي"
- حاشيه شيخ الاسلام علي شرح الوقايه "وقت الضحيٰ في يوم الاحد من شهر ربيع الاول سنہ 1097ھ- الفقير الحقير ابوبکر بن مخدوم المرحوم عبدالعزيز بن مخدوم يحي نيرونکوتي"
- في سيره النبي (ناقص)
- مواهب اللدنيه للزرقاني
- در طب دو يا سه کتاب
- في مجلد واحد (1) مکتوبات (2) طب نامي تصنيف مير محمد معصوم (3) طب "بستان افروز" تصنيف مير عبدالفتاح (4 ديوان مراد (فارسي)
- در تصوف (فارسي)
- في مجلد واحد (1) مصنفات نقشبنديه. ازدست فقير حقير نور محمد روز جمعه تاريخ دوازدهم ماه شوال سنہ 1265- (2) اللوائح تصنيف جامي

- مقتل حسين رضہ (فارسي) راقم حافظ محمد حسين ڪنيڪر موضع مصاحب پور سرڪار ڀکر بَرائي فرزند ارجمند دهني پوتره
- مقتل امير المومنين حسن و حسين "فقير الحقير ابو طالب بن عبدالعزيز ساڪن موضع ڪوٽري"
- لغات طب غفوري دستخط مصنف تاريخ 29 ماه صفر 1312 (= فرهنگ همايوني)

"الحمد لله ڪه تصحيح نسخه يمقابله نسخه دستخط مصنف باتمام رسيد سنہ 1312ھ"

- بحر الرائق شرح ڪنز الدقائق

مٿئين فهرست مان معلوم ٿيندو تہ هن ڪتبخاني ۾ هڪ تہ درسي ڪتاب هئا- جيئن تہ علم نحو جو ڪتاب ڪافيه، ٻيا تفسير، حديث ۽ فقه جا ڪتاب. انهن ڪان سواءِ ڪي خاص الخاص ڪتاب جيئن تہ امام غزالي جو "احياء علوم الدين" يا مولانا رومي جي مثنوي جي شرح. مٿئين باقي بچيل ڪتابن مان آڳاٽي مان آڳاٽو ڪتاب "ابراز المعاني" آهي، جيڪو ڪاتب سنہ 824 هجري ۾ لکيو.

[رسالہ ٹہ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1-1986ع]

❑

# (30) مخدوم امير احمد [عباسي]

مخدوم امير احمد صاحب جو تعلق رياست خيرپور جي شهر کهڙن جي مشهور مخدوم خاندان سان آهي، جن سنڌ ۾ اسلامي شريعت کي رائج ڪرڻ ۾ جاني توڙي مالي قربانيون ڪيون ۽ هن ملڪ ۾ علم جا درياهه وهايا. سندن نسب هن ريت آهي: امير احمد، بن مخدوم احمدي، بن مخدوم عصمت الله، بن مخدوم احمدي، بن مخدوم محمد عاقل، بن مخدوم احمدي، بن مخدوم عبدالرحمان شهيد: ان کان مٿي نسب جو سلسلو حبر الامة حضرت عبدالله بن حضرت عباس، رسول پاڪ جن جي سوٽ سان لڳي ٿو.*

مخدوم صاحب، سن 1901ع ۾ کهڙن جي شهر ۾ ڄائو؛ 1912ع ۾ سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿي، 1916ع ۾ درجو چوٿون پاس ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ سردار محمد ابراهيم شيخ کي ناز هاءِ اسڪول کي زور وٺائڻ جو خيال هو، تنهنڪري سندس حڪم هو ته رياست جي حدن اندر جتي به هوشيار ڇوڪرو ڏسجي، انهيءَ کي زبردستيءَ وٺي ناز هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرائجي ۽ سندس سمورو خرچ، ڪاڏي پيتي ۽ ڪتابن وغيره سميت، رياست طرفان ادا ڪيو وڃي.

جيئن ته مخدوم صاحب شاگرديءَ واري زماني ۾ هميشه پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر هوندو هو، تنهنڪري کيس به رياست جي انهيءَ حڪم موجب 1916ع ۾ ناز هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. مخدوم صاحب هاءِ اسڪول ۾ فقط هڪ هفتو رهيو، پر پوءِ والدين جي مرضي نه هئڻ سبب سندس نالو اتان ڪڍايو ويو. ان بعد، کهڙن ۾ حافظ محمد سليمان وٽ قرآن شريف ياد ڪرڻ لاءِ کيس ويهاريائون، جتي هُن به سيپارا ياد ڪيا. پوءِ اتان به ڇڏائي، کيس مولوي بخش علي صاحب وٽ فارسي پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. مولوي بخش علي صاحب اصل ٺٽي شهبازي (ضلعو دادو) جو وينل هو، مگر انهن ڏينهن ۾ کهڙن ۾ رهندو هو ۽ مخدومن جي مسجد جي لڳ مخدومن جي قديمي مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. اتي ٽي مهينا مولوي صاحب وٽ پڙهيو ۽ مولوي صاحب فوت ٿي ويو. ان بعد وري به حافظ سليمان وٽ ڪجهه وقت فارسيءَ جا ڪتاب پڙهيائين. انهيءَ کان پوءِ، ساڳئي مدرسي ۾ مولانا محمد هاشم صاحب انصاري قلجيءَ واري کي آڻي وهاريائون، تنهنڪري مخدوم صاحب به حافظ سليمان وٽان ڇڏي وڃي مولوي صاحب وٽ پڙهڻ شروع ڪيو، جتي پنهنجي اعليٰ ذهن ۽ ذڪاوت سان مخدوم صاحب فارسيءَ جو مروج نصاب

---

* ڏسو سوانح "مخدوم عبدالرحمان شهيد"

انن مهينن ۾ پورو ڪيو ۽ عربيءَ جو سمورو نصاب صرف ڇئن سالن ۾ پورو ڪيائين. مولانا محمد هاشم صاحب، مولانا محمد حسن جوهيءَ واري جو شاگرد آهي؛ مولانا محمد حسن وري مولانا عبدالرحمان ڏامراهي جو شاگرد هو ۽ اهو مولانا نظر محمد ڀُنگ واري جو شاگرد هو.

فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ، مخدوم، تقريباً ٻه سال پنهنجي ڳوٺ رهي، ساڳئي مخدوم صاحبن واري قديمي مدرسي ۾ درس و تدريس جو شغل جاري رکيو. ونس پري پري کان شاگرد اچي جمع ٿيا. شهر جا ماڻهو دل و جان سان مدرسي جي خدمت ڪرڻ لڳا، پر مائٽن جي ناسازيءَ سبب حالتون اهڙيون پيدا ٿيون، جو شهر کي خيرباد چئي، سن 1926ع ۾، نوشهري فيروز ۾ وڃي، اتي جي مشهور حڪيم قاضي ميان احمدي جي تعاون ۽ مدد سان، قاضين جي مسجد ۾ مدرسو کوليائين. مخدوم صاحب ڇهه سال نوشهري فيروز ۾ انهيءَ عربي مدرسي ۾ پاڙهيندو رهيو، جتان ڪافي طالب علمن فائدو ورتو. سندس انهيءَ وقت جي شاگردن مان مولوي عبدالحق شڪارپوري (هي ٻه ڪهڙن ۾ پڙهيو)، پير فضل احمد صاحب سرهندي شڪارپوري، حڪيم قاضي عبدالهادي نوشهرائي، مولوي محمد صادق ٻرڙو نارو شاهي، ۽ مولوي دائود صاحب ياڻ پوٽو ٻگهيو (هيءُ ٻه ڪهڙن ۾ پڙهيو: ويٺل ڳوٺ ”دودي ٻگهئي جا ياڻ“، تعلقو مورو) قابل ذڪر آهن.

مخدوم صاحب انهيءَ وقت ۾ پنهنجي شوق سان قرآن پاڪ ٻه ياد ڪيو، جنهن ۾ ڪيس جملي اٺ مهينا لڳا.

12 مئي سال 1932ع ۾، انهيءَ وقت جي هيڊ ماستر مسٽر انصاريءَ جي ڪوشش ۽ شوق سان، مخدوم صاحب نوشهري فيروز جي گورنمينٽ مدرسي هاءِ اسڪول ۾ پهريون عربڪ ٽيچر مقرر ٿيو. نوشهري مدرسي هاءِ اسڪول ۾ اهو پهريون ئي سال هو، جو چوٿين درجي انگريزي کان عربي پڙهائڻ شروع ڪئي ويئي هئي. راقم ان وقت چوٿين درجي ۾ هو ۽ اها اسان جي ڪلاس جي خوش قسمتي هئي جو مخدوم موصوف جهڙو لائق استاد اسان کي مليو، جنهن عربي ٻوليءَ لاءِ اسان ۾ هڪ خاص ذوق پيدا ڪيو. انهيءَ ابتدائي ذوق جي ئي برڪت هئي، جو ايم.اي. تائين راقم عربيءَ جي تعليم ورتي.

سال 1938ع ۾، نواب شاهه جي لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر حاجي مهر علي خواجه جي ڪشش ۽ ڪوشش سببان، مخدوم صاحب نوشهري مدرسي کي الوداع چئي، نواب شاهه لوڪلبورڊ اي.وي. اسڪول ۾ عربڪ ٽيچر مقرر ٿيو. هتي پڻ مخدوم صاحب پهريون ئي عربڪ ٽيچر هو. اسڪول جي ترقيءَ لاءِ مخدوم صاحب، مسٽر خواجه جو چڱيءَ طرح ٻانهن – ٻيلي ٿي بيٺو. بورڊنگ هائوس جي چارج سندس حوالي هئي. هاءِ اسڪول ٿيڻ کان پوءِ، اسڪول جو پهريون باغ ٻه سندس ئي ڪوشش سان رکايو ويو.

سال 1944ع ۾، حيدرآباد سنڌ ۾ ”جامع عربيه“ (عربي يونيورسٽي) قائم ٿيڻ لاءِ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ مخدوم صاحب نواب شاهه لوڪلبورڊ هاءِ اسڪول پاران شرڪت ڪئي ۽ عربيءَ جي مروج نصاب ۾ ترميم تبديل ڪرڻ تي تمام مؤثر ۽ مدلل تقرير ڪيائين، جا سيني کي وڻي؛ جنهنڪري جلد ئي سال 1945ع ۾ کيس ”جامعه عربيه“ جي عربي ڊپارٽمينٽ جو سربراهه ڪري مقرر ڪيو ويو. 1946ع ۾، ”جامعه عربيه“ جو پهريون پرنسپال مقرر ٿيو ۽ انهيءَ ئي سال مخدوم صاحب کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو ميمبر پڻ نامزد ڪيو ويو.

مخدوم صاحب 1952ع ۾ حرمين شريفين جي زيارت جو شرف به حاصل ڪيو. ساڳئي سال ”سنڌ اورنٽيل ڪاليج“ جو پهريون پرنسپال مقرر ٿيو. انهيءَ عهدي تي صاحب موصوف اجا تائين قائم آهي. سال 52-1951ع ۽ 53-1952ع ۾ کيس ”مسلم گرلس ڪاليج“ ۾ پارٽ ٽائيم – ٽيچر جي حيثيت سان بي.اي. آنرس جي ڪلاس کي عربي پاڙهڻ تي مقرر ڪيو ويو. سندس هڪ شاگردياڻي سڄي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آئي. سال 1955ع ۾ سندس ڪوشش سان ”اسلاميه ماڊرن هاءِ اسڪول“ قائم ٿيو، جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري آهي. انهيءَ کان سواءِ، حمايت الاسلام هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج حيدرآباد، جي قيام ۾ به سندس مشورن کي ڪافي دخل آهي؛ پڻ ”حمايت الاسلام“ ائسوسيئيشن جو هڪ سرگرم رڪن آهي. ساڳئي وقت، ”سنڌ طبيه ڪاليج“ جي مجلس عامله ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سينيٽ توڙي سنڊيڪيٽ جو به ميمبر آهي.

مخدوم صاحب سنڌ جي چوٽيءَ جي عالمن ۽ اديبن مان آهي. عربي لغت توڙي ادب ۾ ڪافي دسترس اٿس ۽ شايد ئي ڪو ٻيو سنڌي عالم اهڙيءَ اهليت جو مالڪ هجي. بنده راقم جهونا ڳڙهه ۾ پڙهندو هو ۽ ان وقت انٽر آرٽس جي عربي ڪورس لاءِ ”اِبن دُرَيد، جو مشهور قصيدو – جو ”مقصوره ابن دريد“ جي نالي سان مشهور آهي- رکيل هو. هي قصيدو نه صرف ڪلاسيڪل رنگ ۾ لکيل، پر نهايت مشڪل عربي لفظن، محاورن ۽ استعارن سان پريل آهي – چاڪاڻ ته ابن دريد عربي لغت جو ڄڻ امام هو ۽ انهيءَ ڪري گهڻا ڏکيا الفاظ ڪم آندا اٿس. مون ڪاليج جي ڪلاسن کان سواءِ پنهنجي روءِ به هن قصيدي کي سمجهڻ تي چاهيو: انهي4 ڪري وئڪيشن ۾ نواب شاهه وڃي مخدوم صاحب جن کان هن ”مقصوره“ پڙهڻ جو ارادو ڪيم. البت دل ۾ اهو شڪ هو ته هيءُ ڪاليج جو ڪتاب شايد مخدوم صاحب پڙهائي نه سگهي: منهنجي حيرت جي حد ئي نه رهي، جڏهن مخدوم صاحب بنا تڪليف جي هي سڄو مقصوره مون کي لفظ بلفظ ڪري سمجهايو! مون وٽ فقط هڪ ڪتاب هو، جو آءٌ پنهنجي آڏو کولي ويهندو هوس: مخدوم صاحب سامهون ويٺو هوندو هو ۽ انهيءَ اُبتي رکيل ڪتاب کي ڏسندو ۽ پڙهائيندو هو: فقط ڪي جزوي لفظ هئا، جن لاءِ عربي لغت جو ڪتاب ڏسندو هو. سندس عربي ادب جي لياقت سببان،

ڪين گذريل سال سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان، عارضي طور، يونيورسٽيءَ جي شاگردن ڪي عربيءَ جي ڪن ’پيرڊن‘ پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي ۽ هو صاحب بي.اي. آنرز توڙي ايم.اي. جا ڪي ڪتاب پڙهائي ٿو.

مخدوم صاحب جن نوشهري واري زماني کان انگريزي زبان کي به سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ آهستي آهستي پاڻ ۾ هڪ مئٽريڪيوليٽ جيتري لياقت پيدا ڪيائون. هن وقت سندن انگريزي لياقت رواجي گريجوئيٽ کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه آهي.

مخدوم صاحب جن جو سنڌي ادب ڏانهن به شروع کان ئي لاڙو هو. نوشهري مدرسي خواهه نواب شاهه هاءِ اسڪول ۾ ”بزم مشاعره“ قائم ڪيائون، جنهن جا پاڻ صدر هئا. نوشهري مدرسي ۾ آءٌ اتي جي بزم جو سيڪريٽري هوس. مخدوم صاحب جن اسان جي نظمن جي نهايت سهڻي اصلاح ڪندا هئا ۽ پاڻ به اعليٰ نظم پڙهندا هئا. هينئر ڪانئن معلوم ٿيو ته نظم نويسيءَ جو ذوق ڪين باقي نه رهيو آهي- ايتريقدر جو پنهنجي نظمن جي ڪتاب کي محفوظ رکڻ جي به ضرورت محسوس نه ڪيائون. حيدرآباد ۾ اچڻ بعد، مخدوم صاحب جن سنڌي ادب جي اڪثر حلقن ۾ حصو ورتو آهي. سندن مضمون ’شاهه عبداللطيف يادگار مخزن‘ توڙي ٻين رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. ’اورينٽل ڪاليج“ مخزن سندن رهنمائيءَ هيٺ شايع ٿئي ٿي. مخدوم صاحب جن گذريل چئن سالن ۾ ”سنڌي ادبي بورڊ“ طرفان فارسيءَ ۾ لکيل سنڌ جي ٽن مشهور تاريخي ڪتابن – ”فتحنامه“، ”تاريخ معصومي“ ۽ ”تحفة الڪرام“ جو سليس زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. اهو ادبي ۽ تحقيقي ڪم مخدوم صاحب جن جي علمي لياقت جي ساک پري ٿو. هن وقت مخدوم صاحب، سنڌي ادبي بورڊ طرفان، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي عربيءَ ۾ لکيل مشهور ڪتاب ”حياة القاري في اطراف صحيح البخاري“ کي ايڊٽ ڪري رهيو آهي. حديث جي سلسلي ۾ هيءُ هڪ مشڪل فني ڪتاب آهي، مگر مخدوم صاحب جن حديث جي علم تي هڪ جامع نظر رکن ٿا ۽ اميد آهي ته هن ڪتاب جي تصحيح ڪري، ان کي ڪاميابيءَ سان ايڊٽ ڪندا.

[ٽه ماهي ”مهراڻ“ (سوانح نمبر) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 4-1957/3ع]

❑

## (31) مخدوم عبدالله نَريي وارو ۽ ٺٽي جا عالم

تحقيق ڪندي جيڪي بہ تاريخي ماخذ، علمي ادبي ڪتاب، رسالا، مخطوطات، ملفوظات، تحريرون وغيره راقم جي مطالعي هيٺ آيا آهن، انهن مان انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ سنڌ ۾ اسلامي نظام تعليم وارن دورن ۾ وڏا عالم، مصنف ۽ محقق پيدا ٿيا، جن جو ذڪر اڳين عربي، فارسي ۽ پوءِ جي ڪتابن ۾ موجود آهي. ڏهين- يارهين صدي هجري ۾ سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر لکيل ڪتابن ۾ وڏيڪ ذڪر موجود آهي.

مثال خاطر، دمشق جي عالم نجم الدين محمد دمشقي (وفات 1061هہ) جي يارهين صدي جي اوائلي عالمن بابت لکيل ڪتاب (لطف السمر وقطف الثمرمن تراجم اعيان الطبقة الاولي من القرن الحادي عشر) ۾ ٽن سنڌي عالمن ابوبڪر السندي، صبغة الله السندي ۽ موسيٰ السندي جو ذڪر آهي. ابوبڪر جي ذڪر هيٺ خاص دلچسپ ڳالهہ اها جو 'هندي' ۽ 'سنڌي' نالا آيا آهن. مصنف جي لکڻ موجب ابوبڪر شافعي مسلڪ جو عالم ۽ استاد هو ۽ سڄا سارا ڏهہ سال، دمشق ۾ اموي جامع مسجد جي اڀرندي مناري لڳ مقيم هو. سندس علم ۽ اعليٰ اخلاق بابت لکي ٿو تہ: "ڪان بارعا في المعقولات نافعا للطلبتہ صالحا دينا مبارڪا..... حسن الاعتقاد متواضعا". طاعون جي مرض ۾ بہ روزو نہ ڇڏيائين. چنچر ڏينهن ٽي تاريخ ربيع الاول سنہ 1018هہ روزي ۾ وفات ڪيائين ۽ باب الفردوس لڳ مدفون ٿيو. ان ڪان ڪي ڏينهن اڳ سندس ساٿي ملا محمد هندي گذاري ويو هو. ٻئي حياتي توڙي مماتي ۾ گڏ رهيا جو ٻنهي جون قبرون گڏ ٿيون. سندن باري ۾ مصنف جو شعر تہ:

| | |
|---|---|
| عجبت بطــاعون اصابــت بنالــه | واربت علي الخطي والصارم الهندي |
| بسط في دمشق الشام غاما واجرا | انبط فــي الهندي وماترک السندي |

انگريزن جي سنڌ تي قبضي (1843ع) کان اڳ واري دور ۾، سنڌ ۾ علمي تعليمي معيار نهايت بلند هئا. انگريزن جي تسلط واري دور ۾، انگريزي پڙهندڙن کي سنڌ جي اڳين عالمن جي ڪارنامن کان بي خبر رکيو ويو. پڻ انگريزن واري دور ۾ اڳئين دور جي تعليمي ادارن ۽ عالمن جي علمي ڪارنامن تي تحقيق ڪانہ ٿي، حالانڪ ان وقت تائين اڳئين دور جا گهڻا مدرسا ۽ ڪتبخانا، استاد ۽ عالم موجود هئا.

ٽالپورن جي دور ۾ نہ فقط ان دور جي علمي ادارن ۽ عالمن جي پوري پنيرائي ٿي، پر اڳئين دور جي عالمن جي ياد تازه ٿي، جو انهن بابت ڪتابن ۽ بياضن ۾ ذڪر آيو. ڪڇ جي وڏي عالِم مخدوم عبدالله (بن محمد) نَريي واري

۽ ٺٽي جي عالمن جي وچ ۾ علمي تعليمي رشتو قائم ٿيو ۽ خط ڪتابت جاري رهي، نتيجي طور 2 ربيع الاول 1203 تي، مخدوم عبدالله ان وخط ڪتابت ڪي جيڪا سنڌ جي عالمن ۽ سندس وچ ۾ ٿي هئي ”جامع الڪلام في منافع الانام“ جي عنوان سان مرتب ڪرڻ شروع ڪيو. سندس هن علمي يادداشت ۾ ھٿيھ ڪن عربيءَ ۾ لکيل خط ۽ سٺ ڪن فارسيءَ ۾ لکيل خط شامل آهن ۽ انهن جي عبارتن مان ظاهر آهي ته ان وقت سنڌ ۾ عربي ۽ فارسي تعليم جو معيار مٿانهون هو.

مخدوم عبدالله جا سنڌي ڪتاب مطبوع ۽ مشهور آهن. آڳاٽو راقم سندس هڪ ڪتاب ”تاريخ جي موضوع تي ”مصباح الظلام في ائمة الانام“ پيرجهنڊي جي ڪتبخاني ۾ ڏٺو.

مخدوم عبدالله ڏي ٺٽي جي وڏن عالمن مخدوم ضياءالدين، مخدوم محمد هاشم، شيخ عبدالصمد، شيخ نجم الحق مفتي ۽ ٻين خط لکيا ۽ سرنامن ۾ ڪيس وڏي عزت ۽ محبت سان ياد ڪيائون. مخدوم ضياءالدين جي فرزندن عالمن محمد صادق ۽ نعمت الله توڙي مخدوم محمد هاشم جي فرزندن عالمن مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف ڏانهس خط لکيا ۽ ڪيس وڏي ادب ۽ احترام سان خطاب ڪيائون.

(الف) مخدوم عبدالله جي مجموعي ۾ عربيءَ ۾ لکيل خطن جو تفصيل هيٺين طرح آهي: مخدوم محمد هاشم جا لکيل ٻه خط، مخدوم محمد صادق بن مخدوم ضياءالدين جا پنج خط، مخدوم نعمت الله بن مخدوم ضياءالدين جو هڪ خط، مخدوم عبدالرحمان بن مخدوم محمد هاشم جا چار خط، مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم جا ٻه خط، مخدوم ابراهيم بن مخدوم عبداللطيف جا ٻه خط، شيخ احمد بن راهب لڪڙي واري جو هڪ خط، ڪاتب سيد مير محمد ٺٽوي جو هڪ خط، شيخ نجم الدين (۽ عبدالصمد سان گڏ) جا ٻه خط، شيخ عبدالصمد جا چار خط، عبدالجليل بن مخدوم محمد صادق جو هڪ خط، مخدوم محمد بن عبدالله (مخدوم محمد صادق بن مخدوم ضياءالدين جو پاڻيجو) جو هڪ خط، مخدوم عبدالڪريم نوشهرائي جا ٽي خط، حاجي شيخ حافظ يعقوب طالب علم جا ٻه خط، مسقط بندر مان لکيل هڪ خط، سيد عبدالغني بن سيد موسيٰ هاشمي جو هڪ خط ۽ خود مولانا عبدالله جو هڪ خط، جيڪو مخدوم محمد هاشم جي وفات تي سندس پٽن ڏانهن لکيائين.

فارسيءَ ۾ لکيل خطن ۾ هيٺين عالمن ۽ ٻين جا خط شامل آهن: مخدوم ضياءالدين، مخدوم محمد هاشم، مخدوم محمد صادق (فرزند مخدوم ضياءالدين)، مخدوم نعمت الله (فرزند مخدوم ضياءالدين)، مخدوم عبدالرحمان (فرزند مخدوم محمد هاشم)، مخدوم عبداللطيف (فرزند مخدوم محمد هاشم)، مخدوم محمد (بن مخدوم عبدالرحمان)، خواجه محمد زمان لواري وارو،

مخدوم نجم الدين ۽ مخدوم عبدالصمد. انهن مان گهڻا عالم ان وقت گذاري ويا هئا، جڏهن مولانا عبدالله سندن خطن کي مرتب ڪرڻ شروع ڪيو.

مخدوم عبدالله، سنڌ جي عالمن لاءِ ڪچ ۽ ڪاٺياواڙ طرف سونهون ۽ سهارو هو. حق گو ۽ حق پرست هو. هڪ خط ڪنهن عالم ڏانهن لکيائين، جنهن پنهنجي غرض خاطر ڪنهن جي حق ۾ مخالف شرعي فتويٰ ڏني هئي.

مخدوم عبدالله: ٺٽي ۾ مخدوم ضياءالدين وٽ ۽ سندس فرزند مخدوم محمد صادق وٽ پڙهيو. شروع ۾ شايد مخدوم محمد هاشم وٽ رهيو يا پڙهيو جو هڪ خط ۾ مخدوم محمد هاشم مخدوم عبدالله کي 'نورچشم' ڪري لکيو آهي. ("نورچشم راحت جان ميان عبدالله)، پڻ مخدوم محمد هاشم ميان عبدالله کي ڀاءُ (الاخ في الله) سڏيو آهي. وقت جي وڏن عالمن جي خطن جي هيٺين سرنامن مان ظاهر آهي ته مخدوم عبدالله وڏي پايي جو عالم هو ۽ ٺٽي جو عالمن وٽ سندس وڏي عزت هئي. مولانا محمد صادق هڪ خط ۾ مولانا عبدالله کي "جامع الکمالات بديع السجايا" لکيو آهي. ٻئي خط ۾ ڪيس "معدن الفضائل الجلية منبع الکمالات المعنوية الاخ في الله الشيخ عبدالله" ڪري ٿو لکي. هڪ ٻئي خط ۾ ڪيس "الانسان الکامل معدن الفضائل والفواضل مصدر الالطاف الجليلة مظهر الکمالات الجزيلة الوفية سيدي الشيخ عبدالله سلمه الله" لفظن سان مخاطب ٿو ٿئي، باوجود ان جي جو مولانا محمد صادق کي مولانا عبدالله پنهنجو استاد ڪري ٿو سڏي. مولانا محمد صادق پنهنجي هڪ خط ۾ جيڪو سيد عبدالله بن سيد علي ڏي لکيائين، تنهن ۾ مولانا عبدالله جي سڃاڻپ هن طرح ڪرايائين:

"معدن الفضائل البهية ومنبع الفواضل الصورية والمعنوية زبدة المتورعين و اسوة العلماء العاملين مولانا الشيخ عبدالله السندي الحنفي سلمه الله تعاليٰ و ابقاه واعانه وتولاه هورجل لايوجد مثله في بلادکم في کونه مجمعا للعلم والتقيٰ."

مخدوم محمد هاشم جو فرزند مخدوم عبدالرحمان پنهنجي خط جي سرنامي ۾ لکي ٿو: "جناب الاخ في الله الذي هو بحر فاخر در ذاخر مقتدي العلماء مهتدي الفقراء مرجع الانام ماواي الخاص والعام سيدنا مولانا وصنونا الشيخ عبدالله بن المرحوم محمد".

مخدوم عبدالله صحيح معنيٰ ۾ عالم فاضل هو ۽ پنهنجي لاءِ خوشامد ڪندڙن جي تعريف کي پسند نٿي ڪيائين "ديره ڄام" ۾ رهندڙ ٻن ڀائرن محمد حسين ۽ فقير محمد ڏانهنس خوشامد وارو خط لکيو، ته مولانا عبدالله انهن ڏانهن تنبيهه طور خط لکيو، جنهن تي انهن جي والد ميان عبدالله رنج ٿي، مولانا عبدالله ڏي خط لکيو. مولانا عبدالله جواب ۾ دليلن مثالن سان هڪ طويل خط لکيو جنهن جو عنوان:

”مراسله بنده ضعيف مؤلف اين كتاب لهيف اصلح الله تعاليٰ شانه بطرف يكي زاحبة كرام برائي امتناع اشعار ولايعني كلام كه اغلب در مفاوضات و مراسلات قلمي مي نمودند و در آن القاب مدح و تعريف درحق اين نحيف متجاوز از حد مي فرمودند.“

انهيءَ خط جي آخر ۾ پنهنجو نالو هن طرح لکيائين: ”مشتاق الخدمة محب العلماء فقير عبدالله ساكن بلده نليه في بلاد الكج“- يعني وينل شهر نليہ جيڪو مقامي اچار نريہ يا نريي جي نالي سان مشهور هو. ڪڇ کان ٻاهر بہ عام طرح مخدوم عبدالله کي ’نريي وارو‘ سڏيو ويو، ڇاڪاڻ جو مشهور شهر نريو هو. وڌيڪ تحقيق مان معلوم ٿيو تہ مخدوم عبدالله جو اصل ڳوٺ سُتري هو، جيڪو نريي کان ست ڪوهہ اڀرندي طرف هو.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جي وفات تي سندس فرزندن مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف ڏانهن هيٺيون خط لکيائين، جنهن مان سندس عربي دانيءَ ۽ عربي تحرير جو اندازو ٿئي ٿو: حالانڪ عام تعليم ۽ تبليغ خاطر پنهنجا گهڻا سپ ڪتاب سنڌي ۾ لکيائين:

”وهذا مفاوضة العبد الضعيف مولف الكتاب اصلح الله تعاليٰ شانه اليٰ العالمين العاملين الكاملين العارفين الشيخ عبدالرحمان والعلامة الفهامة الشيخ عبداللطيف رحمهماالله تعاليٰ لسبب وفات ابيها المخدوم المعظم المكرم والاستاد الاجل الافخم بقية المهتدين وقدوة العلماء المحدثين المفسرين اي مولانا و مخدومنا الشيخ محمد هاشم تغمدة الله تعاليٰ بغفرانه واسكنه بحبوته جنانه.

بسم الله الرحمٰن الرحيم، الحمدلله الذي له ملک السمٰوات والارض يحيي ويميت وهو عليٰ كل شيءِ قدير، لايغرب عنه مثقال ذرة في السمٰوات و الارض وهو اللطيف الخبير، والصلوة والسلام عليٰ من اسمه محمد السراج المنير و رسوله البشير النذير وعلي آله واصحابه ومن تبعه صغير و كبير. اما بعد من الفقير الحقير الضعيف النحيف الراجي الي رحمة الله الاحد الصمد عبدالله بن محمد احسن سلام تنظيم جوهره في سلک الوداد و اطيب تحية عرقها يخجل العنبروالجاد واشرف دعاءِ رفعته ايادي الصالحين الامجاد واجل تعظيم واكرم تكريم بلاحضر صاعدا الي جناب العالمين العاملين الفاضلين الكاملين الاكملين الجامعين بين علمي المعقول والمنقول..............

وقت جي وڏي عارف خواجہ محمد زمان لواري واري جو نالو مخدوم عبدالله وڏي ادب ۽ احترام سان هن طرح لکيو آهي: ”مفاوضة شريفة حضرت مخدوم مرشد طريقة نقشبنديه مولانا العارف بالله حضرت مخدوم محمد زمان ساكن قريه لنهاري (ائين) قدس سره و نورمرقده وبرد مضجعه“.

مخدوم عبدالله ڏانهن مخدوم محمد زمان رحہ هيٺيون خط لکيو هو:

صلاحيت نشان فقاهيت عنوان فضائل پناه.... ل دستگاه
ميان عبدالله سلامت. بعد اسلمه مسنونه واضع خاطر
اخلاص مظاهر آنکه صحيفِه نو...... هر نظرش فوائح اشتياق
وروائح اذواق بمشام خاطر مشموم ميشد چهره ورود
برافروخت واز مطالعه اش درمواد اخلاص افزود صلاحيت
نسبتامابه مقتضاي اتحاد و نوه قديم مارانيز اشواق واذواق
درتزائد است چنانچه گفته اند ”القلب يهدي الي القلب“،
بيت: ”دل رابه دل رهي است درين گنبد سپهر از سوئي کينه
کينه واز سوئي مهر مهر“ ع- اي من غلام آنکه دلش بازبان
يکي است- لازم که در روابط دوستي زياده ازسابق کوشند
ومارا درباره خود و فرزندان و وابسته گان خود متوجه و
دعاگو شناسند، وبه برخورداران خود سلام رسانند، باقي
اجوبه معمولات محوله آرنده بدوپرداخته شد به معرض تبيان
خواهد آورد- زياده چه برطرازدرالسلام.
(مشڪل عبارت سببان ڪي الفاظ پڙهڻ ۾ نه آيا).

خطن جي هن مجموعي مان ڪن موقعن ۽ ماڳن بابت هيٺئين طور معلومات ۾ اضافو ٿئي ٿو:

- **بندر ديرو ۽ بندر ڪڪراله**

عبدالرحمان (فرزند مخدوم محمد هاشم) مخدوم عبدالله ڏي لکي ٿو ته: اسان ڇهين تاريخ شعبان جي ’ديره جام‘ پهتاسون ۽ جام کان ٻيڙي وٺي نائين شعبان تي سلامتيءَ سان ڪڪراله بندر پهتاسون ۽ ان شاءالله يارهين تاريخ هتان ٺٽي روانا ٿينداسون. معلوم ٿيو ته ’ديرو‘ جام جو ديرو هو ۽ اتان ٻيڙيءَ ذريعي بندر ڪڪراله پهچڻ ۾ ٽي ڏينهن ٿي لڳا. هت بندر ڪڪراله مان مراد شاهبندر ٿي سگهي ٿو.

- **ٺٽي کان ڪڇ ڏي وڃڻ**

مخدوم محمد صادق پنهنجي خط ۾ مولانا عبدالله ڏي لکي ٿو ته: هيءَ فقير 17 تاريخ ذوالقعد 1171هه تي ٺٽي مان روانو ٿي مَئو بندر لکپت تي پهتو. ان بعد ٻکياري پهچڻ تي اڳين بيماري زور رکيو جو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وري مئو بندر (لکپت) تي آيو. معلوم ٿيو ته ان وقت ڪڇ ۾ لکپت کي مئو جي نالي سان به سڏيو ويندو هو. محمد صادق پوءِ لکپت مان ٺٽي روانو ٿيو ۽ مخدوم عبدالرحمان جي خط مان معلوم ٿئي ٿو ته 27 صفر 1172هه تي ٺٽي پهتو.

- **ٺٽي ۾ ضرب ٿيل روپيا**

ميان نعمت الله (مولوي محمد صادق جو پاءُ) مولانا عبدالله ڏي خط لکيو، جنهن ۾ ”نو روپيه ضرب بلده تته“ جو ذڪر آهي. مغليه دور کان وٺي ٺٽي

۾ ضرب خانو قائم ٿيو هو ۽ پائنجي ٿو ته اهي مغليه دور جا روپيا هئا. وڌيڪ لکي ٿو ته: برخوردار ميان گل محمد مسقطي راهه سان حج لاءِ روانو ٿيو آهي، (يعني ته ان وقت حج لاءِ هڪ راهه اها به هئي جو ٺٽي مان مسقط ۽ پوءِ اڳتي حرمين شريفين ويندا هئا).

• **ڄام ننگر مان بندر ڪڪرالو**

مٿئين ساڳي خط ۾ ميان نعمت الله ڄاڻايو آهي ته: سندس ڀاءُ ميان اديب الله ڄام ننگر مان ٻيڙي ذريعي ڪڪرالي بندر ڏانهن روانو ٿيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ٺٽي جي عالمن جي سنڌ مان ڪڇ اڳتي ڪاٺياواڙ (ڄام ننگر) تائين، اچ وڃ هئي.

• **ٺٽي مان بندر مڏئي**

ٺٽي مان مخدوم عبدالرحمان ۽ مخدوم عبداللطيف (مخدوم محمد هاشم جا فرزند)، مخدوم عبدالله ڏي لکن ٿا ته، ميان نعمت الله بندر (مڏئي) ڏانهن روانو ٿي چڪو آهي.

- مولانا ابراهيم (بن عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم) جو مخدوم عبدالله ڏي خط ته: ”اوهان جو سنڌي ڪتاب جنهن ۾ اوهان پنجهتر باب جمع ڪيا آهن، سو جي هت ٺٽي شهر ۾ هجي ته ماڻهن کي فائدو ٿئي.“
- مخدوم محمد صادق مخدوم عبدالله ڏي لکي ٿو ته: ”اوهان جو ٺٽي بندر (تته بندر) اچڻ ۽ وري نري (نليه) وڃڻ“. ان مان معلوم ٿئي ٿو مولانا عبدالله ٺٽي ايندو ويندو هو.
- مولانا محمد صادق، هڪ خط ۾ مولانا عبدالله ڏانهن لکي ٿو ته: ”هڪ عزيزياڻي جا سالن کان ٺٽو ڇڏي اچي جهوناڳڙهه ۾ عزيزن وٽ رهي آهي، ان جي ملڻ لاءِ جهوناڳڙهه آيل آهيان، چند ماه شايد هت رهڻو پوي. اجاره دار قاصد نالي رحمت الله کي ٺٽي موڪليان ٿو ته ڪي ضروري ڪاغذات ڪٺي اچي، اوهان ڪيس خط ڏيندا (معنيٰ ته جهوناڳڙهه مان اجاري تي (ڀاڙي تي) قاصد ملندا هئا، جيڪي سنڌ (ٺٽي) ويندا هئا).
- مخدوم محمد هاشم جو پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏڻ

هڪ خط ۾ مخدوم محمد هاشم پنهنجي گهر ۾ چوري جو ذڪر ڪيو آهي ته: بوله خان جي پٽ هارون جا ماڻهو نومڙيا اڌپهر رات جو گذريو ته فقير (محمد هاشم) برخوردار ميان عبداللطيف جا دروازا ڪهاڙين سان پيجي، سڀ مال ۽ زيور، سواءِ ڪتابن جي کڻي ويا. انهيءَ ڪري پنهنجا اباڻا گهر ڇڏي، اڪره يا اڪوڪه ۾ اچي وينا آهيون، جيڪو ميان غلام شاهه جي حد ۾ آهي (شايد اصلوڪا گهر، ميان عطرخان جي حد ۾ هئا).

- مخدوم محمد هاشم لکپت جي والي ڏي خط لکيو ۽ مخدوم عبدالله جي سفارش ڪئي. ان فارسيءَ ۾ لکيل خط جو سرنامو هيٺئين طرح:

'اقبال و عوالي پناه، اجلال و معالي جانگاه، محبت و صداقت دستگاه، خلت و ظرافت اشباه محب الفقراء راجا رائي لکپت جيو دام اقباله."

- مخدوم ابراهيم پنهنجي والد مخدوم عبداللطيف بابت لکي ٿو تہ: هو شيخ عبدالحق "ابن العالم الشهير والعارف الکبير المخدوم المرحوم ميدنه النصرپور" (ميدنه يعني ميينڏنو) جي وفات تي فاتحہ لاءِ نصرپور ويو.
- مخدوم احمد، ساکن لڪڙي (تعلقو ٽنڊومحمد خان) پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو. مولانا عبدالله کيس "المخدوم المعظم والحبر المکرم مولانا الشيخ احمد رحمة الله الصمد" جي القاب سان ياد ٿو ڪري. مولانا احمد سنہ 1203هہ ۾ فوت ٿيو. هن پاڻ کي "احمد بن راهب السندي" ڪري لکيو آهي.
- الشيخ نجم الدين المفتي ۽ شيخ عبدالصمد ٻئي وڏا عالم هئا، مولانا عبدالله جا پٽ عبداللطيف ۽ عبدالسلام ٻئي شيخ عبدالصمد وٽ پڙهندا هئا. هڪ خط مان معلوم ٿئي ٿو تہ ٻئي 'ديره ڄام' ۾ رهندا هئا.
- الحاج عبدالڪريم نوشهرائي، مولانا محمد صادق ۽ مولانا عبدالله پاڻ ۾ دوست هئا. مولانا نوشهرائي پاڻ کي "عبدالڪريم بن عبدالملڪ" ڪري لکيو آهي.
- الشيخ حافظ يعقوب کي مولانا عبدالله "المحب المشفق الحاج الشيخ يعقوب طالب العلم" ڪري ٿو لکي ۽ حافظ يعقوب کيس "الاخ العزيز المکرم". ڪتاب مرتب ڪرڻ وقت حافظ يعقوب فوت ٿي چڪو هو.
- شيخ گل محمد بن الشيخ عبدالله ٺٽوي، مولانا محمد صادق جو پاڙيجو هو. مولانا عبدالله ڏي سندس خط عربي ۾ لکيل آهي.
- مولانا محمد صادق جهوناڳڙھ مان پنهنجي هڪ خط ۾ مولانا عبدالله ڏي لکيو تہ: "جهوناڳڙھ اچڻ کان پوءِ، حاجي يعقوب حج جو ارادو ڪيو. جئن تہ بندر بلال کان جهاز وڃي چڪا آهن، سندس ارادو مسقطي جهازن ۾ وڃڻ جو آهي، کيس صلاح ڏني وئي آهي تہ اول اوهان وٽ اچي ۽ پوءِ اڳتي جو انتظام ڪري."
- مخدوم ضياءالدين ٺٽي جو مشهور عالم هو. مولانا عبدالله کيس هڪ خط ۾ لکي ٿو: "مخدوم معظم ومکرم مخدوم ضياءالدين نفعنا الله تعاليٰ بعلومه". کيس پنج فرزند هئا: نعمت الله، محمد صادق، قمرالدين، غلام محي الدين ۽ يارمحمد. انهن مان مولانا محمد صادق پنهنجي وقت جو وڏو عالم هو (۽ پاڙس نعمت الله مفتي هو). هڪ خط ۾ مولانا عبدالله کيس هن طرح خطاب ڪري ٿو:

”مفاوضه سيبويه زمان و سيناي آوان حاوي الفرع والاصول جامع العقول و النقول مولانا شيخ الحاج محمد صادق“.

- مولانا محمد صادق ٺٽي کان ڪڇ ڪانياواڙ طرف سفر ڪيا ۽ مولانا عبدالله جي لاءِ سهارو ٿيو. پنهنجي خطن ۾ ’ديره بندر‘ جو ذڪر ڪري ٿو. لکي ٿو ته: اول ارادو هو ته اوکا (اوکه) کان هالار (ڄام نگر) روانو ٿيان. پوءِ (اوهان جي ملڻ جي ارادي سان) مندئي (مڏئي) پهتس، اتان ڪوٺاره (قريه کوتهاره) پهتاسون.

ڪڇ جي وڏن ڄاڻو ۽ باخبر جتن فقيرن کان معلوم ٿيو ته، ٺٽي کان مخدوم عبدالله جي شهر نريي تائين واٽ هن طرح هئي: ٺٽي مان جاتي، پوءِ ٻُوهڙ، پوءِ چوٻٽي، پوءِ آنهاءِ، پوءِ وير، پوءِ آڏي يا آڏيانگ، پوءِ پراڻي کوٽڙي ۽ اتان کان لکپت (ٻيڙيءَ ۾) لکپت کانپوءِ ڦُلرو، پوءِ کوهَرو، پوءِ مَڙهه، پوءِ ياڏِرو، پوءِ تيرَهو، پوءِ نريو. اڳتي نريي کان پوءِ کوٺارو، پوءِ وارهاڙيو، پوءِ مَڏئي (جتن جو نالو) يا مانڊوي (ڪڇين جو نالو). اتان اڳتي ڪانياواڙ جي شهرن هالار ۽ جهوناڳڙهه ڏي واٽ ويندي هئي.

ٺٽي جي عالمن ۽ مولانا عبدالله جي علمي ۽ تعليمي تعلق سان ڪڇ ۽ ڪانياواڙ ۾ اسلامي تبليغ کي فروغ حاصل ٿيو. مخدوم محمد هاشم، ميان غلام شاهه جو وڏو مفتي (چيف جسٽس) هو ۽ سندس ايڏو ته مان شان هو جو ڪڇ جي راجا ڏانهن خط لکيائين ته مولانا عبدالله هڪ وڏو اسلامي عالم آهي ۽ ساڻس اتي ڪوبه اهنج نه ٿيڻ گهرجي. ميان غلام شاهه ڪڇ ۾ فتح حاصل ڪئي. جنهن ڪري سنڌ جو مان مٿانهون ٿيو. ڪن خطن مان سنڌ جي عالمن، هالار کي اسلام نگر سڏيو آهي، جيڪو پوءِ ’ڄام نگر‘ جي نالي سان مشهور ٿيو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن کاڻ“ (جلد ڇهون)، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2005ع]

❑

# (32) مخدوم محمد هاشم ٺٽوي*

[9- ڊسمبر 2007ع تي ”قادر بخش پٽو ٽرسٽ“ طرفان ٺٽي ۾ علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ياد ۾ مڪالمو منعقد ڪيو ويو، جنهن جو افتتاح سنڌ جي نگران چيف منسٽر جسٽس(ر) عبدالقادر هاليپوٽي ڪيو. ٻرک عالمن مقالا پڙهيا ۽ مون پنهنجي صدارتي تقرير ۾ مخدوم محمد هاشم جي علم ۽ عظمت تي روشني وڌي. منهنجو خطاب لکيل ڪونہ هو، پر زباني تقرير هئي. جيڪا وقت جي لحاظ سان مختصر هئي. منهنجي مهربان هردلعزيز سائين قادر بخش پٽي صاحب جن جي اصرار تي (ٻن هفتن گذرڻ بعد)، ان تقرير جو اختصار قلمبند ڪريان ٿو، جيڪو مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ صاحب جي عظمت جي اعتبار کان بهرحال اڻپورو آهي. معافي طلب آهيان. — نبي بخش]

گذريل ٻن صدين کان وٺي ٺٽي شهر جو نالو مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ڪري مشهور رهيو آهي. مخدوم صاحب 1104هجري ۾ ڄائو ۽ 1174هہ ۾ وفات ڪيائين. يعني تہ عمر ۾ شاهہ عبداللطيف کان ٻہ سال ننڍو هو ۽ شاهہ صاحب جي وفات (1165هہ) کان نَوَ سال پوءِ وفات ڪيائين. اهي ٻئي وڏا بزرگ، ٽيون مخدوم محمد معين ۽ سندن ٻيا همعصر سنڌ ۾ مغليہ حڪومت واري دور ۾ ڄاوا ۽ ان دور ۾ ئي سندن تعليم ۽ تربيت ٿي.

جيئن شاهہ عبداللطيف دنيا جو وڏو شاعر هو، تيئن مخدوم محمدهاشم بہ اسلامي دنيا جو وڏي ۾ وڏو عالم هو. هوعلم ۾ علامہ هو، وڏي ۾ وڏو فقيہ هو، محدث هو، مؤرخ هو ۽ مسلمانن جي اصلاح ۽ اقبال جو محافظ هو. سندس ڪن عظمتن کي مختصر طور بيان ڪري سگهجي ٿو.

• **علم جو روشن منارو**: مخدوم صاحب وقت جي درسي علوم ۾ مهارت کان سواءِ پنهنجي وسيع مطالعي ۽ تحقيق سان هر علم ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ هر زير نظر موضوع ۽ مسئلي تي ڪتاب لکيو. روايتن مطابق، ٽي سؤ کن ڪتاب ننڍا وڏا رسالا، فتوائون ۽ سَنَدَون لکيائين، جن مان سوا سؤ کن ڪتاب موجود ۽ معروف آهن. اهي ڪتاب ٽن زبانن يعني عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ لکيائين. سندس هٿ لکيل ڪتاب ۽ تحريرون جيڪي راقم ڏٺيون

* هي خطاب مون نگران چيف منسٽر جي آجيان سان شروع ڪيو ۽ محترم قادر بخش پٽي جي عام خدمت واري جذبي جي ساراهہ تي ختم ڪيو.
پيارا سائين قادربخش اوهان جي حڪم جي تڪميل ڪندي هي صدارتي خطاب لکيو اٿم. هاڻي اوهان جي حوالي آهي.

آهن، تن مان اندازو ٿئي ٿو ته سنڌس خط تمام سهڻو ۽ هو وقت جو وڏو ڪاتب هو.

• **وڏو فقيه ۽ مفتي**: مخدوم صاحب وڏو فقيه ۽ مفتي هو، ڪن سوَن هزارن مسئلن تي تحريرون لکيائين ۽ وڏي انصاف سان شرعي فيصلا ڪيائين. عوام ۾ سنڌس وڏو اثر رسوخ هو. ايتريقدر جو ميان غلام شاهه جڏهن پنهنجي پائرن کي هڪ ٻئي پويان شڪستون ڏيئي سنه 1171ھ ۾ خودمختيار ٿيو ته مخدوم محمد هاشم جي تعاون لاءِ متوجهه ٿيو، مخدوم صاحب ملڪ ۾ امن ۽ انصاف جو خواهان هو، انهيءَ ڪري ميان غلام شاهه کان انصاف ۽ امن وارن شرعي فيصلن جي نفاذ لاءِ عهدنامو لکرايائين ۽ وڏي دانائي سان ان تي عمل ڪرايائين. زندگيءَ جا پويان چار سال (1171ھ-1174ھ) ميان غلام شاهه جي دور ۾ مخدوم صاحب سنڌ جو چيف جسٽس هو ۽ ساڳئي وقت مير بهرام خان وزيرِاعظم هو. هنن ٻن دانائن دانشمندن ميان غلام شاهه جي حڪومت جا بنياد مضبوط ڪري ڇڏيا.

• ميان غلام شاهه جي حڪومت کان اڳ توڙي پوءِ، مخدوم محمد هاشم صاحب پنهنجن ٻين همعصر عالمن جي اتفاق سان، ڪڇ جي راءِ کي ايترو ته پنهنجي اثر هيٺ ڪيو جو هو اتي ڪڇ ۾ مسلمانن سان رواداري سان هليو. ڪڏهن ڪا ڪوتاهي ٿيندي هئي ته مخدوم صاحب خط لکي ڪيس سجاڳ ڪندو هو.

ان دور جي عالمن جي خط و ڪتابت جو هڪ قلمي ڪتاب دستياب ٿيو آهي (جنهن کي راقم 'جامع الڪلام في منافع الانام' نالي سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايو آهي). جنهن ۾ مخدوم محمدهاشم جا خط آهن، جن مان هڪ ڪڇ جي راءِ ڏانهن لکيل آهي، جنهن مان مخدوم صاحب جي اثر رسوخ جو ثبوت ملي ٿو.

• **حديث جي علم ۾ مهارت**: مخدوم محمد هاشم جي علمي عظمت تي سنڌس لکيل ڪتاب شاهد آهن، جن مان هڪ ڪتاب (حياة القاري باطراف صحيح البخاري) حديث شريف جي مطالعي ۾ سنڌس مهارت تي شاهد آهي، ان ۾ ڪتاب صحيح بخاري جي حديثن کي تعارفي اهڃاڻن ذريعي ورڇيو ويو آهي، جنهن مان پهريون پيرو 'گهڻ رخي درجي واريت' جو اصول (PRINCIPLE OF MULTIPLE INDEXATION) نروار ٿئي ٿو. هن ڪتاب جو بهترين قلمي نسخو پير صاحب محب الله شاهه (جهنڊي واري) جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي. ان کي شايع ڪرڻ سان اسلامي دنيا ۾ مخدوم صاحب جي عزت ۽ عظمت جي وڌيڪ قدرداني ٿيندي.

• **وڏي ڄاڻ وارو مؤرخ**: مخدوم صاحب جو عربيءَ ۾ لکيل ٻيو اهم ڪتاب (بذل القوة في حوادث سِني النبوة) آهي، جنهن ۾ پيغمبر عليه السلام جي سڄي زندگيءَ جي سال بسال واقعن جو بيان آهي، جنهن مان تاريخي

ڪتابن تي مخدوم صاحب جي تفصيلي نظر ۽ ڄاڻ جو اندازو ٿئي ٿو، هي ڪتاب استاد مرحوم مخدوم امير احمد صاحب جي عالمانه تحقيق سان آڳاٽو سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيو، پر هاڻي ناياب آهي ۽ ان کي دوباره ڇپائڻ جي ضرورت آهي.

• **وطن دوستي**: هڪ پيري ڪنهن ٻاهرئين عالم سنڌ وارن خلاف لکيو ته مخدوم صاحب لکت ۾ ان جو جواب ڏنو ۽ سنڌ جي مدح ۽ ساراهه ۾ رسالو لکيو.

• **حق ۽ حقيقت جي ڄاڻ**: مخدوم موصوف جو علم ايترو وسيع ۽ پختو هو جو جڻ هر معاملي ۽ مسئلي کي حق ۽ حقيقت جي روشني ۾ ڏنائين. انهيءَ حقانيت جو معجزو هو، جو ڪن وڏن عالمن کي به سندن غلطين کان سجاڳ ڪيائين. باوجود ان جي، سڀ بزرگ سندس عزت ڪندا هئا. ملاڪاتيارن جي بزرگ مرحوم محمد اسحاق جي زباني روايت آهي ته هڪ پيري مخدوم صاحب پاڻ مخدوم محمد معين وٽ سنبري آيو ته ڪيس پنهنجن دليلن ۽ مثالن سان سمجهائي. مخدوم محمد معين جو به ارادو هو ته دليلن سان ساڻس تکو بحث ڪري. ان وقت شاهه عبداللطيف، مخدوم محمد معين وٽ وينو هو ۽ ٻاهران در مان جيئن ئي مخدوم محمد هاشم اندر گهڙيو ته شاهه عبداللطيف ڪيس ڏسي مخدوم محمد معين کي چيو ته: اوهان ساڻس بحث نه ڪجو جو مخدوم صاحب جي پيشاني تي نبي ڪريم ﷺ جي رحمت جو سايو آهي. 'مرحوم ميين ابوالحسن نماز ۽ پاڪائي بابت ڪتاب لکيو هو، جيڪو 'ابوالحسن جي سنڌي' جي نالي سان مشهور ٿيو. باوجود ان مقبوليت جي ان ڪتاب ۾ ڪن جاين تي وڌيڪ وضاحت جي ضرورت هئي، جيڪا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پوري ڪئي. انهيءَ تي سندس وڏي همعصر مخدوم محمد قائم اختلاف ڪيو ۽ سندس رد ۾ رسالو لکيو، پر مخدوم محمد هاشم پنهنجي حق حقيقت واري اظهار جي تائيد ۾ مخدوم محمد قائم جي اعتراض کي رد ڪري ان جي خلاف رسالو لکيو.

• **علمي تجرباتي تحقيق**: ديني علم سان گڏ، مخدوم صاحب علمي تجرباتي تحقيق جو قائل هو. ان جا به مثال مشهور آهن: ظهر (اڳئين) نماز جو وقت منجهند جو سج جي لڙڻ سان شروع ٿئي ٿو، پر ختم تڏهن ٿئي ٿو: جڏهن ماڻهوءَ جو پاڇو سندس قد جيترو (يا قد کان ٻيڻو) ٿئي سياري اونهاري جي ڪري پاڇو پڻ گهٽجي يا وڌي ٿو.

مخدوم صاحب ان جو تجربو ڪيو، ڪاٺي کوڙيائين ۽ مهيني وار سڄو سال ان جو پاڇو ماپيائين. ٻئي سال وري ساڳيو تجربو ڪيائين جيئن ماهوار پاڇي جي ڊيگهه بابت اطمينان ٿئي. پوءِ عام مسلمانن کي سوليءَ طرح سمجهائڻ لاءِ، ان

پاڇي کي ماڻهوءَ جي پير جي ڊيگهه سان ڀيٽيائين ۽ ان لاءِ ننڍي قد وارن توڙي ڊگهي قد وارن کي ڇڏي، وچولي قد وارن ماڻهن جو پير ڪٿيائين. پوءِ پير واري ماپ سان پاڇي جي ڊيگهه کي ڀيٽي جدول ٺاهيائين ته هر مهيني پنهنجي پاڇي جي ڪيترن پيرن جي ڊيگهه تائين نماز پڙهي سگهجي ٿي. پاڻ انهيءَ جدول کي سنڌي بيتن ۾ جوڙيائين ته جيئن آسانيءَ سان، بيت ياد ٿي سگهن. ان کان سواءِ زمين جي ويڪرائي ۽ ڊگهائي ڦاڪن جي تخميني جي مدِنظر سمجهيائين ته اها جدول ٺٽي پرڳڻي کان نصرپور پرڳڻي تائين بالڪل پڪي جدول آهي.

رياضي علم ۾، وڏي رياضي دان بهاءالدين آملي جي ڪتاب ’خلاصة الحساب‘ جي تشريح ڪيائين.

[قادر بخش ٻٽو مرتب: ”مخدوم محمد هاشم ٺٽوي“ قادر بخش ٻٽو ٽرسٽ ٺٽو، 2009ع]

❑

# (33) مرحوم علامه محمد قاسم ڳڙهي ياسيني*

حضرت مولانا، سال سن 1305ھ ۾، مهيني ربيع الثاني جي سورهين تاريخ آچر جي ڏينهن صبح جو ڄائو. سندس ڄمڻ جو تاريخي بيت هي آهي:

پرسش از ميلاد او کردم سروش "صدراعظم" گفت تاريخش بگوش
1305

مولانا سمورو علم اول کان آخر تائين پنهنجي والد مولانا محمد هاشم صاحب وٽ پڙهيا، فقط ٻه ڪتاب والد صاحب جي وفات کان پوءِ علامه مولانا عبدالغفور صاحب همايونيءَ کان پڙهي فارغ التحصيل ٿيا.

علم جي دستاربندي ڪري، پنهنجي والد بزرگوار واري مدرسي ۾ پڙهائڻ لڳا. سندن طبيعت جو ذڪاءُ ۽ تقرير جي فصاحت شهره آفاق هئي، جنهنڪري پري پري کان ڪيترائي طالبعلم، سڄي سنڌ، مڪران بلوچستان، افغانستان ۽ پنجاب مان سندن مدرسي ۾ پڙهڻ آيا ۽ چڱي استعداد وارا ٿيا. ڪيترن ئي دستاربندي ڪري پنهنجا مدرسا وڃي کوليا، جن مان هي مشهور معروف آهن: سندن ڀاءُ مولانا محمد ابراهيم صاحب ڳڙهي ياسيني، مولانا صاحبداد خان صاحب (مفتي اعظم پاڪستان)، مولانا احمد صاحب قاضي مڪران، مولانا ولي محمد صاحب (قاضي منهڙي بلوچستان)، مولوي عبدالحليم صاحب، مولوي غلام صديق صاحب خجڪي، مولانا محمد حسين صاحب (مدير "الحنيف" جيڪب آباد)، مولوي محمد حسن صاحب مڪراني، مولانا صاحبڏنو صاحب قرني، مولوي عبدالرحمان صاحب بلوچستاني ثم جيڪب آبادي، مولوي حافظ محمد هاشم صاحب اسحاق ديرائي، مولوي فضل محمد صاحب واعظ ڳڙهي ياسيني، مولوي محمد عابد صاحب اُستوي ۽ مولانا نصيرالدين صاحب شهدادڪوٽي.

مولانا صاحب فارسي جي پڙهڻ کان وٺي شعر چوندا هئا. سندن شعر نهايت شسته ۽ برجسته آهي. حضرت عارف ڪامل سيد احمد شامي، جو اعليٰ درجي جو شاعر هو، مولانا جو شعر ٻڌي هڪ هڪ بيت تي 'عجيب عجيب' جا لفظ چوندو هو. نموني جي لاءِ چند اشعار هيٺ ڏجن ٿا:

روي دلدار من است اين يا منور اختري،
يا يد بيضا است اين يا ماهتاب انوري.
حلقهء لعل است يا قند است يا آب حيات،
يا لبِ يار است يا حوضي ز آب ڪوثري.

---

* هيءَ سوانح عمري، مولوي نجم الدين ۽ سندس دستخط مواد تان ورتل آهي.- مرتب

چهچهاي طوطي است اين يا نواي عندليب،
يا ڪلام ”قاسم“ است اندر ثناي سروري.

* * *

دل بتار زلف آن دلدار شد آويخته،
ني رهائي را اميد و ني شود بگسيخته.
قد و خد و روء و موء وبوء گيسوي دراز،
بر سر روي زمين شور و شغب انگيخته
عقل ”قاسم“ در فراقش شد پريشان اي عجيب،
ڪي عجب چون عشق آمد عقل شد بگريخته.

* * *

دل دلداده را در درد دائم تابڪي داري،
حديث هجر را هر روز قائم تابڪي داري.
زلالِ وصل از جام وفا در ڪام تشنه ريز،
بروز عمر عطشانم چو صائم تابڪي داري.
هم از بلبل شنيدم ”قاسما“ ميگفت با ناله،
دل دلداده را در درد دائم تابڪي داري.

* * *

ساقي بيار جام جهان بين پر از شراب،
تا عڪس صورتش نگرم در شراب ناب.
خضر حيات من بچشان جرعه زلال،
تشنه لب آمدم بجنابت براي آب.
ظلمت نشينم اندر ظلمات ”قاسما“،
باشد ڪه پرتوي فگند نور آفتاب.

* * *

بهار آمد نظر بر سبزه و گلزار مي زبيد،
چوصوفي سبز پوشش برسر اشجارمي زبيد،
بده ساقي مَيء باقي بدست عاشق مضطر،
ڪه جام باده گلگون در ڪف ميخوار مي زبيد.
بيا ”قاسم“ ز اوج عرش خوشخوان اين غزل خوش را،
ڪه چون مه درنجوم ، اين شعر در اشعار مي زبيد.

مولانا جو شعر فارسي ۾ بالڪل گهڻو آهي- غزليات، تواريخ، رقعات، منظوم، مناجات، قصائد ۽ متفرق اشعار. سنڌيءَ ۾ به ڪجهه شعر چيو اٿن. نموني لاءِ به چار شعر هت لکجن ٿا:

مٺ ماه روي مدني اهل زمن جو چاهي
نيڻن سندس برابر نرگس چمن جو چاهي
قدسي دهن سان دلبر زنده ڪري مئن کي
اعجاز عيسوي جي مٺ تنهن دهن جو چاهي
مرسل جو معجزو ڏس آڱر سان چنڊ چيرڻ
حاذق عصاءِ موسيٰ بيضا هٿن جو چاهي
عربي عجيب بيشڪ ڪوثر جو "قاسم" آهين
تشنہ کي دير بخشڻ جام سڪن جو چاهي

مولانا جي تصنيف مان فتوائن جو هڪ جلد "فتاويٰ قاسميہ" نالي ڇاپيل آهي ۽ ڇهن پنجن جلدن جيتريون قلمي تحريرون موجود آهن- رسالہ دربارهٔ تقليد: الفاظ القرآن با معنيٰ فارسي قلمي ناتمام: مجموعہ اشعار (قلمي): عمدة الا ثارفي تذڪار اخيار الڪتبار (مطبوعہ).

مولانا جي فتوائن کي ايتري مقبوليت هئي، جو سندس مهر ۽ صحيح کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ عالم جي فتويٰ تي خلق الله اعتبار نہ ڪندي هئي. بلوچستان جا ڪيترا معاملات فيصلي لاءِ مولانا وٽ ايندا هئا. بعض اوقات بلوچستان جا حاڪم مولانا کي موقعي تي گهرائي فيصلو ڪرائيندا هئا.

مولانا جي بيعت سلطان الاولياء حضرت خواجہ عبدالرحمان صاحب سرهنديءَ سان هئي. ساري عمر پاڪدامني، تقويٰ، صبر، استقلال، صلواة وصوم جي پابندي، حلم، خوش اخلاقي ۽ خنده روئيءَ سان گذاريائون. ٻاهر يا گهر ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن تي غصو ۽ ڪاوڙ نہ ڪئي هئائون.

مولانا سنڌي، فارسي ۽ عربي ڳالهائڻ ۾ نهايت فصيح ۽ بليغ قادر الڪلام هئا. جڏهن عربن سان عربي زبان ۾ ڳالهائيندا هئا، تہ سندس فصاحت بلاغت کي ڏسي عرب خود حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. ڳڙهي ياسين جو زميندار اعظم خانصاحب حاجي شمس الدين خان دراني بارڪزئي، هڪ دفعي سيد جمال الدين جيلاني سيد عبدالرحمان- سجاده نشين خانقاهہ حضرت غوث اعظم جيلاني بغدادي- جي فرزند کي دعوت ڪري وٺي آيو: سندس همڪلاميءَ ۽ مجلس لاءِ مولانا جي بہ دعوت ڪيائين. سيد جمال الدين مولانا جي فصيح عربي ڳالهائڻ کي ٻڌي ايترو محظوظ ٿيو، جو حاضرين مجلس کي چيائين تہ: "مون قلات کان وٺي سورت تائين سڄو هندستان ڏٺو آهي- ههڙو عالم ڪٿي بہ نہ ڏٺو اٿم!" مرحوم جن 45 ورهيہ عمر جا پڙهڻ، پڙهائڻ، فتويٰ ۽ قضا جي شغل سان گذاري، 18 تاريخ ذي القعد جي سال 1349 هجريءَ ۾ وفات ڪئي- اِناللهِ واِنّا اليه راجعون! سندس مزار ڳڙهي ياسين جي اولهہ طرف هڪ صفحي جي هينان زيارتگاهہ خلق الله جي آهي، جتي سال بسال انهيءَ تاريخ تي عالمن، حافظن ۽ ٻين صالح انسانن جي وڏي مجلس ختمي خوانيءَ جي ٿيندي آهي.

مولانا مرحوم جي وفات جو صدمو نہ فقط عزيزن ۽ شاگردن، دوستن ۽ مخلصن تائين محدود رهيو، بلڪ هڪ عام ماتم هو. سچ چيو اٿن- "موت العالِم موت العالَم". پري پري کان سندن مخلصن مرثيا لکي موڪليا: سيد عبدالفتاح صاحب رضواني شيخ الدلائل في المسجد النبوي مديني منوره کان عربيءَ ۾ چند ابيات لکي موڪليا، حاجي پير محمد اسماعيل جان سرهنديءَ ٿرپارڪر ضلعي مان فارسيءَ ۾ مرثيو تاريخي بيتن سميت موڪليو؛ حڪيم مولوي مطيع الرحمان صاحب اردوءَ ۾ ضلعي فيض آباد مان، مولوي محمد عظيم صاحب "شيدا" سنڌيءَ ۾، مولوي نذير حسين صاحب ۽ ماستر جان محمد صاحب "محسن" بہ سنڌيءَ ۾ مرثيا چيا؛ مولانا صاحبداد صاحب مفتي اعظم پاڪستان، قاضي محمد ابراهيم صاهب ڪارڙائي ۽ مولوي قمرالدين صاحب مدير مهيسر ۽ ٻين ڪيترن فارسي ۾ تاريخون ۽ مرثيا چيا. انهن مان ڪي بيت هيٺ لکجن ٿا.

پير صاحب سرهندي، تخلص بہ "روشن":

محمد قاسم آن علامہء دهر — نکو رو و نکو خو و نکو نام
هزاران طالبان نزدش رسانيد — نصاب علم حقاني بانجام
ز وصلش گفت "روشن" باصد آه — بگو گل گشت شمع اهل اسلام

1349هه

مولانا صاحبداد صاحب "ناصح":

آن امامِ محمد قاسم، — کہ بحسنِ خصال بود فريد
کس نظيرش نديد در عالم — خلق حق را بخلق نيک خريد
گفت "ناصح" سنش بزيب جلوس، — "طائر روح او بعرش پريد"-1349 ه

قاضي محمد ابراهيم صاحب ڪارڙائي:

آن فقيدالمثيل و حبر امين — مفتيء عصر فاضل ياسين
بي سر وقف گفتش تاريخ — "فخر احناف زيب زمرہء دين"

-1349هه

حڪيم مطيع الرحمان صاحب "مطيع":

جو محمد قاسم اَهل فيض تهي — عالم بيمثل يکتاي جهان
ديکهلاَ داغ غم مه ذيقعد مين — چل بسي وه جانب باغ جنان
سال رحلت تم سنائو اي "مطيع" — "واصل رب هوگيا فخر زمان"

1349هه

مولوي محمد عظيم صاحب "شيدا":

روز روشن اڄ ٿيو ديجور کان تاريڪ تر
رات ٿي تاريڪ ويتر جو ٿيو خسف القمر
مان پريشان ٿي چيو شايد ٿيو يوم الحشر

غيب مان هاتف چيو روئي تہ علامہ بشر
يعني مولانا محمد قاسم مفتي دهر
پنهنجي رونق کان ڪري خالي ويو بر و بحر
خون گريان ٿي ويو پير ڪهن هي آسمان
غم انهيءَ ۾ مبتلا آهي ٿيو سارو جهان
هر بشر جي روءِ مان ماتم اهو آهي عيان
درد دل جي جو ٻڌايان مان ڪري ڪهڙو بيان
مرض ۾ ماتم ڪندي ”شيدا“ گهٽو بيمار ٿيو
ابر نيسان کان زياده چشم اڄ خونبار ٿيو.

[ٽہ ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 4-1957/3ع، ”سوانح نمبر“]

❑

# (34) مرحوم مولانا دين محمد "وفائي"*

سنڌ جي سرزمين پنهنجي تاريخ جي مختلف دورن ۾ اهڙين بزرگ، محبِ وطن ۽ انسان- دوست شخصيتن کي پئي جنم ڏنو آهي، جن جي پرخلوص ۽ بي انتها ڪوشش سبب سنڌ جو نالو هميشه روشن ٿيندو رهيو آهي. انهن شخصيتن نه فقط سنڌ جي مخصوص تهذيب ۽ تمدن کي قائم رکيو، بلڪ انساني تهذيب جي ارتقا جو خنده پيشانيءَ سان آڌر ڀاءُ ڪندي، سنڌ ۽ سنڌين کي به دنيا جي انهن سڌريل ملڪن جي درجي تي پهچائڻ جون اڻٿڪ ڪوششون ڪيون؛ جن جي ڪري اُهي عزت ۽ وقعت جي نگاهه سان ڏسجڻ لڳا.
جيتوڻيڪ سنڌ جو هر دور ڪنهن نه ڪنهن مذهبي، تهذيبي ۽ علمي اهميت جو حامل آهي، ليڪن ويهين صديءَ وارو دور سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي اهميت رکي ٿو، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. نه فقط سنڌ ۾، بلڪ سموريءَ دنيا ۾ هيءُ دور هڪ اهڙي حيثيت رکي ٿو، جنهن جي شروع ٿيڻ تي دنيا پراڻيون راهون طي ڪري هڪ نئين منزل جي راهه تي قدم رکي ٿي. هن دور ۾ وڏا وڏا انقلاب ٿيا: شهنشاهيت جي قصرن جا ڪنگرا ڪري اچي پٽ پيا؛ علم و ادب ۾ نون نون نظرين ۽ اصولن کي قبول ڪيو ويو؛ سائنس جي گوناگون ايجادن ۽ ڪوجنائن انسان جي روزانه زندگيءَ ۾ اهڙا ته اثر پيدا ڪيا، جن جو نتيجو زندگيءَ جي هر هڪ شعبي ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو. جڏهن ته سنڌ ۾ انگريزن جو اقتدار هو، تنهنڪري هتي به انهن نون اصولن ۽ نظرين جو تيزيءَ سان چرچو ٿيڻ لڳو، جن جي ڪري دنيا جي مهذب ملڪن ۾ اڳي ئي ٽرٽلو برپا هو: ويهين صديءَ جي شروع ۾ سنڌ کي هڪ ئي وقت اهڙين ديني، علمي، ادبي، سياسي، معاشرتي ۽ اصلاحي تحريڪن مان گذرڻو پيو، جن جو مثال گذريل تاريخ ۾ ملي نٿو سگهي. انهن همه گير تحريڪن سنڌ ۽ سنڌين تي اُهي نقش ڇڏيا آهن، جيڪي اڄ اسان کان لڪل ڪين آهن، ليڪن انهن عالمگير تحريڪن جي پنيان جن بزرگن ۽ مخلص شخصن ڪم پئي ڪيو، سي جيڪڏهن نه هجن ها ته سنڌ انهن ڪاميابين کي ڪڏهن به حاصل نه ڪري سگهي ها، جيڪي هن وقت ڪيس حاصل آهن.

مولانا دين محمد "وفائي" به سنڌ جي اهڙين ئي اعليٰ شخصيتن مان هڪ هو، جن جي بخشيل برڪتن تي جيترو به ناز ڪجي اوترو گهٽ آهي. مرحوم "الوحيد" اخبار ۽ ماهوار "توحيد" رسالي جو هر هڪ پرچو مولانا جي قومي

---

* علامه "وفائي" مرحوم جي سوانح عمريءَ جو مواد، مولانا جي خود نوشت سوانح عمريءَ ۽ سرشار جي مضمون تان ورتل آهي. - مرتب

خدمت ۽ تبحر علمي جو بهترين مثال آهي. انهيءَ اخبار ۽ رسالي جي ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي علمي، تهذيبي ۽ سياسي فلاح و بهبود بابت هر هڪ سڌاري ۽ هر هڪ عملي قدم کان سنڌ جي ٻچي ٻچي کي واقف ۽ سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ جيڪا اڻٿڪ ڪوشش ڪئي آهي، انهيءَ کي ڏسي سندس حب الوطني ۽ علمي بزرگيءَ جو ڏاڪو دل تي ڄمي وڃي ٿو. مولانا جو ”الوحيد“ اخبار سان ٽيويهن سالن تائين رشتو قائم رهيو ۽ انهن ٽيويهن سالن ۾ مولانا جيترو مواد علمي توڙي ادبي، سياسي توڙي ملڪي حالتن تي پيش ڪيو، انهيءَ کي جيڪڏهن گڏ ڪري هڪ هنڌ ڪجي، ته هوند جلدن جا جلد ٺهي پون. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته مولانا پنهنجي زندگيءَ جو سمورو عرصو ”الوحيد“ جي ميز تي ويهي گذاريو، بلڪ سندس سڄي حياتي سنڌ ۽ سنڌين جي سڌاري ۽ بهبوديءَ جي تحريڪن ۽ جدوجهد جي نذر ٿي ويئي. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي به ڪا اهڙي خالص ديني، علمي ۽ اصلاحي تحريڪ شروع ٿيندي هئي، ته مولانا پنهنجون خدمتون ان جي حوالي ڪندا هئا ۽ سواءِ ڪنهن پس و پيش جي ڏاڍي دلچسپي ۽ سچائيءَ سان پنهنجي فرض ادائي ڪندا رهندا هئا.

مولانا دين محمد ”وفائي“ جي ولادت، تاريخ 27 رمضان المبارڪ سن 1311 هه ۾، سندس اباڻي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ ٿي. سندس والد جو نالو خليفو حڪيم گل محمد هو ۽ پاڻ ذات جو پٽي هو. مولانا جي اوائلي تعليم سندس والد صاحب جي نظر هيٺ ٿي، جتي ”پندنامہ عطار“ تائين فارسيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اڃا نَون ورهين جي ڄمار مس هئس ته پيءُ جو سايو سر تان کڄي ويو ۽ سندس پرورش جو سمورو بار سندس مادر مهربان جي ڪلهن تي پيو. اهڙيءَ حالت ۾ مولانا پنهنجي علمي سلسلي کي ختم ڪرڻ نه ڏنو ۽ فارسيءَ جي رهيل تعليم پنهنجي عزيز ميانجي محمد عالم وٽ رهي پوري ڪيائين. ان بعد، عربيءَ جي تحصيل واسطي حضرت مولانا ابوالفيض غلام عمر صاحب جتوئيءَ جي شاگردي قبول ڪيائين. مولانا ابوالفيض پنهنجي ڳوٺ سوني جتوئي تعلقي لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو، جنهنڪري مولانا دين محمد پڻ، سال 1325 کان 1330 هجريءَ تائين، اتي رهي، پنجن سالن جي عرصي ۾، عربيءَ جي سيني ڪتابن، منطق ڪبريٰ جي رسالن ۽ ملاجلال ۽ مير زاهد جي تصنيفات کي پڙهي، تحصيل علم کان فراغت حاصل ڪئي. ان وقت مولانا جي ڄمار اوڻيهہ سال هئي ۽ انهيءَ دوران ۾ سندس شادي سکر جي عزيزن مان ٿي، پر افسوس جو هڪ سال کان پوءِ مولانا جي گهرواريءَ وفات ڪئي. عربيءَ جي تعليم ختم ڪرڻ بعد، مولانا ابوالفيض کيس ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ مشورو ڏنو ۽ مولانا حڪم جي تعميل ڪري سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ آيا، جتي ٻن سالن تائين تعليم ڏيندا رهيا. انهيءَ وچ ۾

مولانا جي ملاقات مخدوم حاجي حسن الله پاتائي رحمة الله عليه سان ٿي، جنهن جي صحبت مان مولانا کي بيحد فيض حاصل ٿيو. انهيءَ وچ ۾ مولانا جي علمي بزرگيءَ جو چرچو سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي ويو، جنهن کان متاثر ٿي، سن 1332 هه مطابق 1914ع ۾، مولانا کي ڪراچي جي جيلاني پير جي صاحبزادن کي تعليم ڏيڻ لاءِ راڻيپور وڃي رهڻو پيو، پر 1916ع ۾ اهڙو اتفاق ٿيو جو مولانا کي مجبوراً راڻيپور کي ڇڏڻو پيو. راڻيپور ۾ رهائش جي دوران ۾ مولوي صاحب جي سڪر مان ٻي شادي ٿي، جنهن مان ڪيس اولاد پيدا ٿيو. راڻيپور کي ڇڏڻ کان پوءِ مولانا سنت ئي ٺلاهه شريف ڏانهن روانو ٿيو، جتي ڪيس پير سيد حاجي امام الدين شاهه راشديءَ جي فرزندن کي تعليم ڏيڻ جا فرائض سپرد ڪيا ويا هئا. مولوي صاحب جي هتي رهائش وارو زمانو ٻه بزرگ ۽ علمي شخصيتن جي صحبت فيض اثر ۾ گذريو. انهن بزرگن ۾ قدوة العارفين حضرت پير سيد محمد رشدالله رحمة الله عليہ صاحب العَلم (جهنڊي وارو) جو نام گرامي قابل ذڪر آهي.

هي زمانو دنيا جي افراتفريءَ جو زمانو هو. انهيءَ وقت پهرين مهاڀاري لڙائي اوج تي هئي، جنهن جي ڪري دنيا جو هر هڪ ماڻهو حيران ۽ پريشان هو. سنڌ جي حالت ٻه ڪا چڱي ڪانه هئي، پر جنگ جي تباهين کان البت بچاءُ هو؛ ليڪن سياسي ناانصافيءَ جي ڪري جيڪو مواد اندر ئي اندر جمع ٿي رهيو هو، سو جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ هڪدم ڦاٽي پيو. هن سلسلي ۾ جيڪا تحريڪ سڀني کان اڳري هئي، سا هئي ”تحريڪ خلافت“. جيئن ته هن تحريڪ جو تعلق خاص طرح مسلمانن جي سياسي آزاديءَ سان هو، تنهنڪري تحريڪ جي شروع ٿيندي ئي مولانا ٺلاهه شريف کي الوداع چئي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. انهيءَ تحريڪ کي دٻائڻ جي لاءِ انگريز سرڪار هر ممڪن ڪوشش ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هڪ انگريز- دوست، مولوي فيض الڪريم، ترڪيءَ جي خلافت جي برخلاف حجاز جي شريف حسين جي فائدي ۾ هڪ رسالو لکيو، جنهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ڪن اسلام- دشمن ماڻهن جي اونهين چالاڪين سان، سنڌ جي ڪيترن ئي علمائن ۽ سجاده نشين کان انهيءَ تي صحيحون ورتي، هزارن جي تعداد ۾ ڇپائي، عوام تائين پهچايو ويو، جيئن ترڪيءَ جي حڪومت سان ماڻهن جي وڌندڙ همدردي ختم ٿئي ۽ انگريزن جي طرفدار شريف حسين جو بچاءُ ٿي سگهي. انهيءَ رسالي جي ڇپجڻ سبب سنڌ ۾ تحريڪ کي نقصان پهچڻ جو سخت انديشو هو، ليڪن مولانا انهيءَ ڳالهه کي هڪدم محسوس ڪيو ۽ مولانا شيخ عبدالعزيز (مالڪ اخبار ”الحق“، سکر) سان گڏجي، رسالي جي برخلاف سخت پروپيگنڊا جو ڪم شروع ڪيو. ساڳئي وقت، امروٽ شريف ۾ قدوة السالڪين حضرت مولانا سيد تاج محمود

رحمة الله عليہ جي نظرداريءَ هيٺ، انهيءَ رسالي ”تحقيق الخلافة“ جي رد ۾ ”اظهار الڪرامة“ نالي رسالو لکي تيار ڪيائين، جيڪو مارچ 1920ع ۾ لاڙڪاڻي جي خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپائي تقسيم ڪيو ويو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مولانا ابوالڪلام ”آزاد“، مولانا عبدالباري مرحوم لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي شريڪ ٿيا هئا. جلد ئي مولانا کي جمعيت العلماء سنڌ جو ناظم مقرر ڪيو ويو، جنهنڪري پاڻ هميشه لاءِ ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائون.

ڪراچيءَ ۾ رهائش وارو مولانا جي زندگيءَ جو حصو خاصي اهميت رکي ٿو- خاص ڪري سنڌي صحافت، صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ دور ۾ ئي وجود ۾ آئي. ان وقت نہ ڪي سنڌي اخبارون ۽ رسالا گهڻي تعداد ۾ ۽ اعليٰ معيار جا هئا ۽ نہ وري ماڻهن کي صحافت سان دلچسپي هئي، حتاڪ پڙهيل طبقي جو بہ انهيءَ ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪونہ هو، اهو ئي دور هو، جڏهن مولانا صاحب سنڌي صحافت کي سنوارڻ جو ڪم پنهنجي سر ڪنيو. هونئن تہ طالب العلميءَ جي زماني کان وٺي ئي مولانا جي صحافت سان دلچسپي هئي، پر انهيءَ دلچسپيءَ کي عملي صورت ۾ آڻڻ جو ڪارڻ — بقول مولانا صاحب- مولوي عبدالله صاحب ميرپوري (جهنڊائي) ئي هو. ٻئي طرف وري شيخ عبدالعزيز محمد سليمان، مالڪ اخبار ”الحق“ سکر، جي همت افزائيءَ مولانا صاحب کي مضمونن لکڻ جي مشق تي آماده ڪيو. راڻيپور واري زماني ۾ قاديانين جي رد ۾ هڪ رسالو ”صحيفہ قادريہ“ جي نالي سان شائع ٿيو ۽ ٺلاهہ جي رهائش واري دور ۾، پير سيد عبدالغفار شاهہ راشديءَ جي سرپرستيءَ هيٺ ”الڪاشف“ ماهوار رسالو وجود ۾ آيو. هنن ٻنهين رسالن ۾ مولانا صاحب پوري دلچسپيءَ ۽ تندهيءَ سان ڪم ڪيو. مارچ سن 1920ع ۾ ڪراچيءَ مان روزانہ ”الوحيد“ جو اجراء ٿيو، تڏهن مولانا کي اخبار جو معاون مدير مقرر ڪيو ويو. سال 1923ع ۾ مولانا صاحب پنهنجي ادارت هيٺ ”توحيد“ رسالو جاري ڪيو. انهيءَ زماني ۾ مولانا صاحب جي مصروفيت جو هي عالم هوندو هو، جو هڪ طرف ”الوحيد“ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سلپ پنيان سلپ پيو موڪليندو هو، تہ ٻئي طرف وري ماهوار ”توحيد“ جي لاءِ علمي ادبي ۽ ديني مباحثا ۽ تاريخي مضمون بہ پيو قلمبند ڪندو هو. ساڳئي وقت وري بزرگن ۽ عالمن جي ڪچهري جدا پئي هلندي هئي، جنهن ۾ ديني، ادبي ۽ سياسي مسئلن تي زبردست بحث مباحثا ٿيندا هئا. جلد ئي سن 1936ع ۾ سنڌ، بمبئي پرگڻي کان جدا ٿي، علحدي صوبي جي صورت اختيار ڪئي. انهيءَ مبارڪ موقعي تي، ”الوحيد“ اخبار پنهنجو هڪ خاص نمبر پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي گذريل تاريخ، تهذيب ۽ علم و ادب تي بهترين شهپارا شامل ڪيل هئا. سنڌ جي صحافت ۾ هن وقت تائين ”الوحيد“ جو ”سنڌ — آزاد نمبر“ هڪ زبردست اهميت جو حامل آهي ۽ ان جهڙو

مثال سنڌ جي سموريءَ صحافت ۾ هرگز هرگز ملي نہ سگهندو. انهيءَ نمبر ۾ سنڌ جي تاريخ، علم ادب ۽ سنڌي بزرگن ۽ عالمن ۽ سنڌي معاشري جي هر حصي تي گوناگون مضمون ۽ مقالا موجود آهن، جيڪي گهڻي انداز ۾ مولانا صاحب جي قلم جا مرهون منت آهن. انهيءَ دوران ۾ مولانا صاحب ڪي سن 1926 ۾ سنجوڳي شيخن ۾ تبليغي ڪم جي سلسلي ۾ هڪ سال لاءِ ڪراچيءَ ڪان ٻاهر رهڻو پيو، جنهنڪري ماهوار رسالو "توحيد" بند ٿي ويو. سن 1927ع ۾ مولانا صاحب مرحوم، پير سيد حزب الله شاهه عرف جيئل شاهه شهيد جي سرپرستيءَ هيٺ، سکر مان هفتيوار اخبار "الحزب" جاري ڪئي- پر اها گهڻو وقت هلي نہ سگهي، ۽ سنت ئي مولانا صاحب ڪي "الوحيد" اخبار ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ واپس گهرايو ويو.

سن 1934ع ۾ مولانا صاحب ماهوار "توحيد" رسالو وري نئين سر جاري ڪيو، جيڪو سندن حياتيءَ جي آخرين گهڙين تائين برابر ظاهر ٿيندو رهيو. سن 1939ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي صاحب سنڌ ۾ واپس موٽي آيو ۽ سنڌ ۾ عبيدالاهي تحريڪ شروع ڪيائين. مولانا صاحب انهيءَ تحريڪ جو هڪ سرگرم ڪارڪن ٿي رهيو- ايتريقدر جو، سال 1943ع ۾، تحريڪ سان والهانہ محبت هئڻ سبب ڪيس "الوحيد" سان لاڳيتن ٽيويهن سالن جي پراڻن رشتن کي بہ ٽوڙڻو پيو. "الوحيد" کان علحده ٿي، مولانا صاحب، مرحوم الله بخش سومري جي جاري ڪيل روزاني اخبار "آزاد" جي اداري ۾ شريڪ ٿيو.

مولانا صاحب پنهنجي حياتيءَ جي انهيءَ عرصي ۾، اخباري زندگيءَ ۾ سخت مصروف رهڻ کان پوءِ بہ، ڪيترائي ڪتاب مذهبي، علمي ۽ ادبي تصنيف ڪيا، جن ۾ هينيان ڪتاب قابل قدر آهن: 1- تاريخ محمد مصطفيٰ، 2- صديق اڪبر، 3- فاروق اعظم، 4- سيرت عثمان، 5- حيدرِ ڪرار، 6- خاتون جنت، 7- غوث اعظم، 8- نو مسلم هندو راڻيون، 9- راحت الروح تذڪره مخدوم نوح هالائي، 10- توحيد اسلام ترجمہ تقوية الايمان، 11- اعتقاد صحيح (مذهب اهل حديث)، 12- مقصد زندگي (فلسفہ علم نفس)، 13- الختم علي فم الخصم (رد قادياني)، 14- لاجواب تحرير، 15- قرآني صداقت، 16- هندو ڌرم ۽ قرباني (رد آريہ و هنود)، 17- الهام الباري ترجمہ تجريد البخاري، پنج جلد، 18- ترجمہ فتوح الغيب (تصوف — نامڪمل)، 19- تذڪره مشاهير سنڌ، (نامڪمل)، 20- اظهار الڪرامة في مسئلہ الخلافة والامامتہ (اسلامي سياست)، 21- اذڪار حسين (رد شيعہ).

مٿين ڪتابن مان گهڻا ڪتاب ڇپيل آهن، جيڪي ناياب بہ ٿي ويا آهن. انهن کان سواءِ گهڻا ئي ڪتاب اڃا مسودن جي صورت ۾ هئا، جن مان گهڻو تعداد ضايع ٿي ويو. مولانا صاحب جي سڀ کان اهم تصنيف "تذڪره مشاهير سنڌ" آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اعليٰ ۽ مقتدر شخصيتن جي زندگيءَ جو احوال هڪ هنڌ جمع

ڪيل آهي. هيءُ ڪتاب، مسودي جي صورت ۾، سال 1944ع ۾ چورائجي ويو. مولانا صاحب کي انهيءَ تصنيف جي ضايع ٿيڻ جو سخت صدمو پهتو، ليڪن مولانا صاحب جنوري 1945ع ۾ انهيءَ ڪتاب کي وري نئين سر لکڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ 1946ع تائين اوائل اسلام کان وٺي سنڌ جي ڏيڍ سؤ بزرگن، صوفين، عالمن ۽ شاعرن جا احوال جمع ڪيا هئائين. انهيءَ کان سواءِ اجا بہ ٽن سون کان وڌيڪ سنڌي بزرگن جا حالات منتشر حالات ۾ وٽس موجود هئا، جن کي هٿ ڪرڻ لاءِ مولانا صاحب سنڌ جي ڪيترن ئي قديم ڪتبخانن جي خاڪ ڇاڻي هئي. هنن ڪتابن کان سواءِ، مولانا صاحب جا اهي بيشمار علمي ۽ تحقيقي متفرق مقالات وغيره علحده آهن، جيڪي ماهوار "توحيد" جي ويهن سالن جي پرچن ۾ پکڙيا پيا آهن. مولانا صاحب فارسي ۽ عربيءَ جو جيد عالم ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو. سندس لکڻيءَ جي هڪ خاص خوبي هيءَ آهي، جو هر پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ان مان هڪجيترو فائدو وٺي ٿو سگهي. فارسيءَ ۽ عربيءَ جا اکر بہ اهڙيءَ طرح تہ استعمال ڪيا اٿس، جو سنڌيءَ جي سونهن ويتر وڌي ويئي آهي. مولانا صاحب نثر نويسيءَ سان گڏ شاعريءَ جو بہ هڪ سهڻو مذاق رکندو هو. سندس تخلص "وفائي" هو. اوائلي دور ۾ ڪجهہ شعر و شاعري بہ ڪيائون. سندس پهريون شعر ڪراچيءَ مان نڪرندڙ قديم سنڌي ماهوار رسالي "الاسلام" ۾، 1913ع ۾، شائع ٿيو. "امداد يتيمان" جي عنوان سان نظم بہ مولانا صاحب جي تصنيف آهي. اخباري ۽ قومي مصروفيت سبب، شاعريءَ جو شغل گهڻو وقت رهي نہ سگهيو؛ انهيءَ هوندي بہ جيڪا شاعري ڪئي اٿن، ان ۾ گهڻي قدر قومي رنگ موجود آهي. البت، رسالي "توحيد" ۾ جابجا تاريخي قطعات نظر اچن ٿا، جيڪي مولانا صاحب پنهنجي دوستن ۽ عزيزن جي وفات تي قلمبند ڪيا هئا. مولانا صاحب جي آخرين تصنيف "لطف اللطيف" آهي. اهو ڪتاب مولانا صاحب پنهنجي وفات کان اڳ، ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾- ماهہ سپٽمبر کان نومبر 1949ع تائين- لکي ختم ڪيو ۽ سندس حياتيءَ ۾ ئي ڇپجڻ شروع ٿي ويو؛ ليڪن ڪتاب جي مڪمل ڇپجڻ کان اڳي ئي مولانا صاحب وفات ڪري ويو.

سن 1942ع ۾، سنڌ سرڪار سنڌي ادب جي سڌاري ۽ وڌاري لاءِ هڪ "سنڌي مرڪزي بورڊ" قائم ڪيو، جنهن سنڌي لغت ٺاهڻ لاءِ هڪ رٿ پيش ڪئي. انهيءَ رٿ کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ، ڇهن ميمبرن جي هڪ لغت- ڪميٽي ٺاهي ويئي: انهيءَ ڪميٽيءَ جو هڪ ميمبر مولانا صاحب بہ هو. ايتري ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو ۽ سنڌ سرڪار اسڪولي سنڌي ڪتابن کي نئين سر جوڙڻ لاءِ جنوري 1949ع ۾ هڪ ڪميٽي ٺاهي، جنهن ۾ پڻ مولانا صاحب کي شامل ڪيو ويو. هن ڪميٽيءَ کي حيدرآباد ۾ رهي ڪم ڪرڻو هو، پر حيدرآباد ۾ پهچڻ کان پوءِ مولانا ڊبل نمونيا ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ ڪميٽيءَ ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيو. مولانا صاحب

کي گهڻي عرصي تائين هيءَ بيماري هلي، پر انهيءَ مان ٻه اُٽي ڪڙو ٿيو- ليڪن اچانڪ ڪيس سندس دل گهرئي دوست رئيس حاجي علي محمد خان مريءَ جي اوچتي وفات جو اطلاع پهتو، جنهن جي صدمي مولانا صاحب جي صحت کي وري سڌرڻ نه ڏنو، ۽ آخر 22 جمادي الاخر 1369هه ، برابر 18 اپريل 1950ع، اڱاري رات، هن دارفاني مان دارالبقا ڏانهن لاڏاڻو ڪيائين- انالله و انا اِليه راجعون.

دين محمد "اديب" فيروزشاهي سندس وفات جو سال "باغهاي فردوس" لفظن مان ڪڍيو آهي:

اڄ هاءِ لڏي ويو "وفائي"، سنڌيءَ جي سَنڌ، اديب دوران!
سال آهه- "باغهاي فردوس"، فردوس ۾ ڏينس باغ بُستان،
مقبول "اديب" جي دعا ڪر، ايمان سان لڏاءِ هن جهان مان!

[ٽه ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 4-1957/3ع، "سوانح نمبر"]

❑

# (35) مفتي محمد صالح مهر

هن عارضي زندگيءَ جي ڊگهي مسافريءَ ۾ هزارين واقفڪار ۽ سوين هم رفيق ملن ٿا، پر جيئن جيئن زمانو گذري ٿو ۽ راتين ۽ ڏينهن کي لٽي ٿو ته باقي ڪي ٿورا مٽيادار ۽ سندن مهانڊا دل تي تري بيهن ٿا ۽ وري وري اکين آڏو اچن ٿا. سالن جي فراق بعد به مفتي محمد صالح مهر جي صورت ۽ سيرت پنهنجي دل تي نقش ٿيل آهي.

انگريزن جي حملي کان پوءِ درگاهه شريف جو ڪتبخانو علمي خزانو ڦُري ويو هو. منهنجي ڪوشش هئي ته انهن ڪتابن کي ڳولي هٿ ڪجي ته جيئن درگاهه شريف جي علمي خدمت سلامت رهي. ان سلسلي ۾ پهريائين مفتي محمد صالح سان ملڻ ٿيو ته وڏي پيار سان پليڪار ڪري مون کي پنهنجي محبت ۾ پنهنجو ڪري ڇڏيائون. مدرسي جي ڪمري ۾ تڏي تي ويٺا هئا، پر سندس هر ڳالهه سون ساريڪلي ڪئي. شاهي دروازي مٿان رکيل ڪتاب جيڪي انگريزن جي يلغار کان بچي ويا هئا تن جو ذڪر ڪيائون. ان وقت جامعه راشديه جي خواب جي شروعات هئي ۽ درس تدريس جو سلسلو هلندڙ هو. مفتي محمد صالح جن علم حديث ۾ وڏي ڄاڻ رکندڙ هئا. اڳتي هلي جامعه ۾ سندن درجو شيخ الحديث وارو ٿيو. نوجوان پير سائين سردار سدا حيات هجن ۽ سيني محبت وارن تي سندن ڇانوَ هجي، جن جي گادي بحال ٿي چڪي هئي، جنهن جي مفتي صاحب کي پوري ڄاڻ هئي ۽ مون کي سڄو حال ٻڌايائون. ان کان اڳ مون کي خليفي سائين احمد لغاري ٻڌايو هو ته ڪيئن پاڻ، مفتي محمد صالح ۽ حاجي عثمان مري (سيغمولا) گاديءَ جي بحالي ۽ درگاهه جي آبادي لاءِ، چناه واري بزرگ سان گڏجي، سنڌ جي گورنر دين محمد ۽ ٻين سان ملندا هئا. مفتي محمد صالح هڪ طرف عالم هو، ته ٻئي طرف سرگهور مريد ۽ درگاهه شريف جو خادم هو.

جڏهن پاڻ حال حيات هو ته آءٌ ساڻن ملڻ کي پاڻ لاءِ سعادت سمجهندو هوس. هر ڀيري جڏهن آءٌ ساڻس مليس ته مون سان وڏي محبت سان مليا ۽ ٻئي ڪم کي ڇڏي ڪري ويهي مون سان ڳالهايائون. هڪ ڏينهن سياري ۾ صبح جو آءٌ وٽن آيس. ان ڏينهن ٿورو سيءُ به هو. ڪجهه وقت ويهي مون موڪلايو ته، مون کي ڪا گهڙي ترسڻ لاءِ چيائون ۽ ڪنهن کي سڏ ڪري چيائون ته: هو

جيڪو حلوو پچي پيو سو نهي ويو هوندو، ڊاڪٽر صاحب لاءِ ڪٽي اچو، منهنجي آڏو رکيائون ۽ چيائون ته ڪائو فائدي وارو آهي. مون کي پيٽ جي تڪليف هئي ۽ کائڻ بعد ختم ٿي وئي. سندن اها محبت ۽ مهمان نوازي اڄ تائين به ياد آهي، پر ان جو مون ذڪر ڪيو آهي: جو ان ڏينهن مون کي محسوس ٿيو ته سائين مفتي صاحب مرحوم طب مان به واقف هئا ۽ شايد ڪي بيا نسخا به جوڙيا هوندائون.

جهان فاني آهي، مفتي محمد صالح جن جي وفات سندن محبت وارن لاءِ غم انگيز واقعو هو ۽ آخر ۾ هڪ وڏو ڪم ڪري ويا جو پنهنجي جاءِ پري ويا. يعني پنهنجي هوشيار شاگرد مفتي محمد رحيم ڪوسي سڪندري صاحب کي منتخب ڪيائون جن سندن جاءِ سنڀالي ۽ جامعہ راشديہ جي معيار کي مٿي ڪيائون، غنيمت آهي جو جناب مفتي محمد رحيم صاحب جن، علم توڙي حلم ۾، شيخ الحديث مفتي محمد صالح مرحوم جا صحيح جانشين آهن ۽ سندن صحبت ۾ مفتي محمد صالح مهر مرحوم جو ذڪر خير هلندو رهي ٿو.

["مرد مجاهد مرد صالح استاد العلماء مولانا محمد صالح" مرتب: قاضي شاهه محمد سڪندري
مقالو: ڊاڪٽر بلوچ، سڪندريه پبليڪيشنز جامعه راشديه پير ڳوٺ، 2009ع]

❑

# (36) مولوي بهاؤالدين "بهائي" مرحوم

ايران جو "بهائي" بهاؤالدين عاملي هو، تہ سنڌ جو "بهائي" وري مولانا بهاؤالدين بن جلال الدين پتافي هو. مولانا بهاؤالدين "بهائي"، ڳوٺ نصير ڪوٽي لڳ گهوٽڪي (ٻہ ميل ڏکڻ اولهہ) ۾، سن 1239ھ ۾ ڄائو. هو پتافي قوم جي "ياوناڻي" قبيلي مان هو. ڳوٺ ۾ مولوي سيد علي اڪبر شاھ وٽ مدرسہ جامع مسجد ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي تڪميل ڪيائين ۽ گهڻو وقت ساڳي جامع مسجد ۾ درس ڏنائين. ان بعد درياءَ جي پار ڪنڌڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ "هيبت شهيد" (لڳ غوثپور) ۾ سيد رمضان شاھ جي ڪوشش سان قائم ڪيل مدرسي ۾ وچي درس ڏنائين ۽ ڪجھ وقت اتي رهيو. ان بعد رئيس منان خان لغاري (لڳ داد لغاري) جي دعوت تي سندس ڳوٺ ۾ اچي تعليم ڏنائين. ان بعد، ڳوٺ داد لغاري کان پنج ميل اولهہ طرف "ڳوٺ مولوي بهاؤالدين" نالي پنهنجو ڳوٺ ٻڌائين، جتي آخر عمر تائين درس ڏيندو رهيو. مولوي صاحب 114 سالن جي وڏيءَ عمر ۾، پنهنجي ڳوٺ ۾، 24 محرم 1352ھ ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي سندس آخري آرامگاھ آهي.

## اولاد

مولوي صاحب کي ڇھ پٽ ٿيا، جن سڀني سندس زير نظر تعليم حاصل ڪئي ۽ وڏيءَ لياقت جا صاحب بنيا.

(1) مولوي محمد يوسف صاحب: سڀني ۾ وڏو هو. فارسيءَ جو وڏو عالم هو، تقريباً ارڙهن سال کن ٿيا جو گذاري ويو. (2) جلال الدين: حيات آهي، سندس عمر اٽڪل ستر ورهيہ آهي. (3) مولوي محمد بخش صاحب: عمر اٽڪل پنجهٺ ورهيہ، حيات آهي؛ فارسيءَ جو عالم آهي ۽ پڻ شاعر آهي؛ سندس تخلص "خيالي" آهي؛ سندس تصنيف "ڪريما خيالي"، مولوي حاجي رحيم بخش صاحب وزير رياست بهاولپور جي حڪم سان، 1910 ۾ "صادق الانوار" پريس مان شايع ٿي. (4) ماستر احمد دين صاحب پينشنر: عمر تقريباً سٺ ورهيہ، سنڌي خواندو آهي. (5) مولوي محمد اعظم صاحب: فارسيءَ جو عالم ۽ شاعر آهي؛ سندس تخلص "سراجي" آهي؛ سنڌيءَ ۾ بہ شعر چيو اٿس. (6) مولوي عبدالرحمان صاحب: فارسي ۽ عربيءَ ۾ تحصيل ڪيل اٿس. فارسي ۽ سنڌيءَ جو شاعر آهي؛ تخلص "ضيائي" اٿس؛ هن وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ درس تدريس ۾ مشغول آهي؛ علم عروض ۾ خاص طرح مهارت اٿس؛ فارسيءَ ۾ سندس ڪتاب "روايح العروض شرح بدرالعروض" ڇپيل آهي؛ هڪ ٻيو ڪتابڙو بہ

”القول الکافي في شرح تذکرة القوافي“ جي نالي سان فارسيءَ ۾ لکيو اٿس، جو قلمي صورت ۾ موجود آهي.

## همعصر علماءِ ۽ شعراءِ

اهي مشهور همعصر علماءِ، جن سان مولوي بهاؤالدين جي خاص دوستي هئي، سي هي هئا: (1) پير صاحب پاڳارو شمس العلماءِ جناب سيد شاهه مردان شاهه صاحب، (2) مولانا عبدالرحمان صاحب سکر وارو، (3) مولانا عبدالغفور صاحب همايوني، (4) مولانا محمد ابراهيم صاحب سرحدي (تعلقي گهوٽڪي جو) ۽ (5) پير صاحب حافظ محمد صديق پرچوڏي وارو.

اهي همعصر شعراءِ جن مولوي صاحب جي قدرداني ڪئي يا جن سان مولوي صاحب جو لاڳاپو هو، سي هي هئا: (1) پير صاحب پاڳارو سيد حزب الله شاهه ”مسڪين“؛ (2) مولوي عبدالغفور صاحب همايوني ”مفتون“؛ (3) غوث بخش صاحب، نائب والي قلات، جيڪب آباد جو فارسي توڙي سرائڪي زبان جو شاعر هو؛ سندس تخلص ”خاڪي“ هو؛ اڪثر نعتيه ڪلام چيائين؛ نبي سائين جي شان ۾ سندس چيل نعت ”برات نجات خاڪي“ مشهور آهي؛ (4) مرزا قليچ بيگ ”قليچ“؛ (5) مولوي صاحب آخر عمر ۾ هو، جو سردار گل محمد ”زيب“ به ساڻس مليو هو.

”بهائي“ طريقت ۾، خواجه غلام فريد صاحب چاچڙان شريف وارن جو مريد هو. انهيءَ عقيدت ۽ صحبت جو مٿس گهڻو ڪجهه اثر ٿيو. همعصر سخندانن ۽ شاعرن سان به سندس صحبتون رهيون. پنهنجي ديوان ۾ پير صاحب حزب الله شاهه، مولوي عبدالغفور همايوني ۽ مرزا قليچ بيگ کي خاص طرح ياد ڪيو اٿس.

## تصنيفات

مولوي بهاؤالدين مرحوم جون ننڍيون وڏيون 18 تصنيفون فارسيءَ ۾ ۽ چار سنڌيءَ ۾ آهن، جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. سندس اڪثر ڪتاب، رياست بهاولپور جي نواب ۽ وزراءِ قدردانيءَ سان، بهاولپور جي سرڪاري پريس ۾ ڇپيا. پير پاڳاري شمس العلماءِ شاهه مردان شاهه صاحب جن، مولوي صاحب کي مستقل طور هڪ دستي پريس وٺي ڏني، جا ”مطبع راشديه“ جي نالي سان مولوي صاحب ڳوٺ سلطان (تعلقو ميرپور ماٿيلو) ۾ قائم ڪئي. انهيءَ مطبع راشديه مان – جنهن کي ”مطبعة بهائيه“ پڻ سڏيو ويندو هو – ڪي به ٽي تصنيفون شايع ٿيون ۽ اها پريس پوءِ سيلاب ۾ ٻڏي ويئي. هيٺ ”بهائي“ مرحوم جي جملي ڇپيل توڙي اڻڇپيل تصنيف جا نالا ڏجن ٿا.

## فارسي ڪتاب

(1) ”بدرالعروض“ – مطبوعه صادق الانوار پريس، بهاولپور، 1313هه/جولاءِ 1903ع؛

(2) ”تذڪره القوافي“ — فن عروض ۾ خاص طرح ”قافيه“ تي لکيل، مطبوعہ راشديہ دستي پريس، ڳوٺ سلطان؛

(3) ”ياد خدا“ (مثنوي) — ڇاپيل حسب الحڪم حضور نواب محمد بهاول خان ”خامس“ عباسي، والي رياست بهاولپور، ڪارخانہ بلالي اسٽيم پريس، ساڍورا، ضلعو انبالا، 1904ع؛

(4) ”خورد و خواب“ (مثنوي) — ايضاً ڪارخانہ بلالي اسٽيم پريس، ساڍورا، ضلعو انبالا، 1904ع؛

(5) ”مثنوي“ — ايضاً، ڪارخانہ بلالي اسٽيم پريس، ساڍورا، 1904ع؛

(6) ”ديوان نعتيہ“ (در نعت نبي ﷺ) —ايضاً بلالي اسٽيم پريس، ساڍورا، 1904ع؛

(7) ”ديوان بهائي“ — مصنف جي خرچ تي صادق الانوار پريس بهاولپور ۾ ڇپيو؛

(8) ”سرمايہء اخلاق حسن“ (ترجمہ منظوم، صد پند سودمند لقمان حڪيم) — صادق الانوار پريس، بهاولپور، 1904ع؛

(9) ”ماشهيدان“ (”صيرفي“ جي مشهور ترجيع بند نظم ”ما مقيمان ڪوي دلداريم“ جي تتبع تي) — حسب الحڪم تاجدار رياست بهاولپور، صادق الانوار پريس، بهاولپور، 1910ع؛

(10) ”مناجات بقاضي الحاجات“ (رباعيات) — حسب الحڪم عاليجناب مولوي حاجي رحيم بخش صاحب بهادر، پريزيڊنٽ ڪونسل آف ريجنسي رياست بهاولپور، صادق الانوار پريس بهاولپور، 1910ع؛

(11) .ڪريما بهائي“ باهتمام مولوي عطاء الله، ايڊيٽر ۽ سپرنٽنڊنٽ صادق الانوار پريس بهاولپور، 1321هہ؛

(12) ”مراة العلوم يعني در منظوم“ (در مفردات، فوائد حروف الف — با و استعمال اين حرف از روي لغت) — صادق الانوار پريس، بهاولپور، 1321هہ؛

(13) ”مجمع القواعد“ (فارسي: علم بديع ۽ معاني ۾) — باهتمام مولوي محمد اعظم صاحب ”سراجي“ (ابن المصنف)، صادق الانوار پريس، بهاولپور، محرم 1339هہ/آڪٽوبر 1920ع.

(14) ”داستانہ عاشقانہ“ — باهتمام مولوي محمد اعظم صاحب سراجي، صادق الانوار پريس بهاولپور، محرم 1339هہ/آڪٽوبر 1920ع؛

(15) ”مراة الخيال“ — مطبع راشدي (دستي پريس“ ) ڳوٺ سلطان، تعلقو ميرپور ماٿيلو.

(16) ”چهل احاديث منظومہ“ — مطبعہ بهائيہ (دستي پريس)، ڳوٺ ”فقہ آباد“ (ڳوٺ سلطان جو نالو ڦيرائي فقہ آباد رکيو ويو هو)؛ ۽

(17) ”تنبيه نجدي“ — ڇپيل مگر ناپيد (قلمي نسخو مصنف جي فرزند مولوي عبدالرحمان صاحب ”ضيائي“ وٽ موجود).

## سنڌي ڪتاب

(1) ”تنبيه الڪاهلين“ — نصيحت ۽ نماز جي مسائل ۾، قلمي؛
(2) ”بلال نامہ“ — ڇپيل دستي پريس؛
(3) ”ڏاچي نامہ“ (معجزو نبي ﷺ جو) — ڇپيل دستي پريس؛ ۽
(4) ”خطبن جو مجموعو (جمعي ۽ عيدن جا خطبا) — دستي پريس.

## شاعري

ڪتابن جي مٿين فهرست مان معلوم ٿيندو تہ شعر ۽ نظم ۾ ”بهائي“ جا ڪافي ڪتاب لکيل آهن. وقت جي شاعرن وٽ سندس وڏي عزت هئي — خاص طرح پير صاحب پاڳاري جناب حزب الله شاهہ صاحب، ”بهائي“ جي وڏي قدردادني ڪئي ۽ کيس دل کولي نوازيو. ”بهائي“ کي جناب پير صاحب جي ملاقات، پير صاحب جن جي عمر جي آخري ڏينهن ۾ نصيب ٿي. هڪ دفعي ”بهائي“ پير صاحب جن جي آڏو هڪ غزل پيش ڪيو، جنهن جي هن مصرع تي پير صاحب جن تحسين ۽ آفرين چيس.

”بشمشيرِ محبت سر بريدم هستيءِ خود را،
شهيدِ تيغ عشقم پيرهن برتن کفن دارم“.

وري ”بهائي“ هينيون غزل پيش ڪيو، جنهن تي پير صاحب تحسين ۽ آفرين چيس ۽ پنهنجو هاٿي پالڪيءَ سميت مولوي صاحب کي انعام طور ڏنائون. مولوي صاحب جن هاٿي وٺڻ کان معذرت ڪئي تہ ’آءٌ فقير آهيان، هاٿي سنڀالڻ ڪم اميرن ۽ بادشاهن جو آهي‘. انهيءَ تي پير صاحب فرمايو تہ: ’اسان کي معلوم آهي تہ اوهين فقير آهيو؛ پر اسين اوهان کي پنهنجو پيلبان ساڻ ڪري ٿا ڏيون، اوهين اهو هاٿي وڃي پنهنجي نواب (بهاولپور) کي تحفو ڪري ڏيو، تہ جئن اهو اوهان جي پوين لاءِ يادگار رهي، تہ هي اولاد مولوي بهاؤالدين ”بهائي“ جو آهن. جنهن فارسي غزل تي پير صاحب ”بهائي“ کي هاٿي تحفي طور ڏنو هو‘. اهو هينيون غزل هو، جنهن جي ٻُڌڻ سان پير صاحب پاڳاري اها نوازش ڪئي:

قُربِ حق شد منزلِ ما، عشق جانِ جانِ ماست،
ماشهِ ملکِ دل و عرشِ عظيم ايوانِ ما ست.
باعثِ ايجاد مائيم از پيءِ هردو جهان،
بر دو عالم في الحقيقت منّتِ احسانِ ما ست
ما که از روزِ ازل ما را محبت مشرب ست،
عشقبازي دينِ ما و عشقِ عشق ايمانِ ما ست.
عشق يعقوب ست و عقل اخوان ما، ما يوسفيم،
ما عزيزِ مصر عشقيم و خودي زندانِ ما ست.
ما بدنيا سخت نادانيم و در ديوانِ عشق،
عقلِ عالم نو سبق شاگردِ شاگردانِ ما ست.

آفتابِ عالم افروز ست نورِ فيضِ ما،
از 'متهيله' تا 'ڪراچي' جلوهء جولانِ ما ست.
عالمِ عقبيٰ ڪراچي و متهيله اين جهانست،
هر دو عالم روشن از خورشيدِ نور افشانِ ما ست.
مدح ما مشهور 'الانسان سرّي' واقع است،
برقعِ آن شاهدِ سر صورتِ انسانِ ما ست.
از ازل ما را چه دستارِ خلافت بر سر ست،
شانِ ما ايمانِ ما قرآن ما برهانِ ما ست.
در دو عالم گوي اقبال از همه ڪس بُرده ايم،
از زمين تا نُه فلڪها عرصهء ميدانِ ما ست.
در دو عالم گردي ارچيزي نيابي چون سخن،
بارهٔ بنگر ڪه آن هم لعل خوش از ڪانِ ما ست.
از پيءِ ما خاڪ گسترده بساطِ انجمن،
آسمان در رقص و حالتها هم از دستانِ ما ست.
طالبِ ذاتِ خدائيم و خدا مطلوبِ ما ست،
دردمندِ ايزديم و ذاتِ حق درمانِ ما ست.
اين همہ اقبالها داريم از اقبالِ عشق،
بندگانِ حضرتِ عشقيم و او سُلطانِ ما ست.
اين نه فخريه بگفتم بلڪه حمديه بود،
'نحن اقرب' را ببين برهانِ ما قرآن ما ستِ.
گر ڪلامِ ما ز قانونِ خرد خارج فتاد،
باڪ نبود چون ڪمالِ دوستان نقصانِ ما ست.
اي "بهائي" قدرِ خود را ڪاش ڪه نشناختيم،
ورنہ مدح بيحدِ ما ني حدِ امڪانِ ما ست.

پير صاحب حزب الله شاهہ پاڻ فارسيءَ جو اعليٰ شاعر هو. سندس تخلص "مسڪين" هو ۽ "ديوان مسڪين" اڄ تائين موجود آهي. انهيءَ ڪري، سندن طرفان "بهائي" جي قدرداني، بهائي لاءِ هڪ وڏو انعام هو. پير صاحب جن وعدو فرمائي "بهائيءَ" کي چيو هو تہ: "اسان اوهان جي ديوان کي سونهري حرفن ۾ ڇاپائينداسون"؛ پر افسوس جو هن سخي مرد سان حياتيءَ وفا نہ ڪئي ۽ هن آخري صحبت کان چاليهہ ڏينهن پوءِ وفات ڪيائون. ان بعد، سندن جانشين پير صاحب پاڳاري علي گوهر شاهہ ثانيءَ (محفي ڏٺي) ۽ ان بعد شمس العلماء شاهہ مردان شاهہ، مولوي بهائيءَ جي وڏي عزت ڪئي ۽ ڪيس پوريءَ طرح نوازيو.

[ٽہ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 4-1957/3ع، "سوانح نمبر"]

❑

# 37 مولوي عبدالقادر ”عبدي“

عبدالله فقير ڪاتيار ۽ مولوي عبدالقادر ’عبدي‘ ٻئي ’جماعت جي راڳ‘ ۾ سندن ڪافين جي ڪري مشهور آهن، ٻئي جماعت جي وڏن مريدن مان هئا ۽ ٻئي وفات ڪان پوءِ درگاهه جي مقامن ۾ آرامي آهن. عبدالله فقير بابت چڱي معلومات موجود آهي. باقي مولوي صاحب جي سنڌي ڪلام ۽ سوانح ڪي پهريون پيرو فقير لياقت علي جوڻيجي، علمي تحقيقي جي اصولن موجب، جنهن ۾ مواد جي ترتيب ’شاهه جو رسالي‘ واري آهي يعني جدا جدا سر ۽ هر سُر هيٺ پهريائين بيت ۽ پوءِ ڪافيون. سندس اها خدمت جماعت ۾ توڙي سيني ادبي حلقن ۾ هميشه ياد رهندي. مولوي عبدالقادر مرحوم جو ڪلام خود سندس دستخط ڪتابن ۾ محفوظ هو، پر هن ڪان اڳ اشاعت هيٺ ڪونه آيو؛ البت سندس فارسي ’ديوان عبدي‘ جو مون مطالعو ڪيو ۽ ان مان ڪي چونڊ اشعار پنهنجي مرتب ڪيل تذڪره ’تڪملة التڪملة‘ (مطبوع 2008ع) ۾ شايع ڪيا.

لياقت فقير پنهنجي مهاڳ ۾ مولوي عبدالقادر مرحوم جي سوانح ڪي هيٺين طرح روشن ڪيو آهي.

حضرت مولوي عبدالقادر، تخلص عبدي، ماڇي قبيلي جو برگزيدو عالم هو ۽ حضرت روضي ڌڻي جي جماعت ۾ وڏي عزت ۽ احترام وارو هو. سندس والد جو نالو عبدالرزاق (بن نبي بخش بن الله ڏنو) هو، جيڪو اُتر سنڌ جو وينل هو. عبدالقادر نهايت ذهين فرزند هو، جيڪو مدرسن ۾ پڙهيو. پهريائين چڪ جي شهر ۾ مولوي عبدالله مهر وٽ پرهيو ۽ پوءِ پنهواري جي بزرگ علامه عبدالقادر وٽ ديني تعليم جي تڪميل ڪيائين. مولوي صاحب جي پهرين شادي پنهنجن عزيزن مان ٿي ۽ ٻي شادي سڪ ۽ سوز سان ’ساهي پٽ‘ (صالح پٽ، تعلقي روهڙي) جي سونهن پري ڪينئان سان ٿي. ان سڱ لاءِ جناب سائين شاهه مردان شاهه ڪوٽ ڌڻي سفارش ڪئي. ان ٻي شادي مان سندس فرزند جمال الله والد جي وصال ڪان پوءِ ڪجهه وقت درگاهه شريف جي مسجد جو پيش امام ٿيو. مولوي صاحب جو ٻيو اولاد هن وقت سکر جي نئون پنڊ علائقي ۾ رهي ٿو.

ظاهري تعليم جي تڪميل بعد روحاني تعليم لاءِ مولوي عبدالقادر پنهنجي ڀاءُ احمد جي صحبت ۾، جيڪو اڳ ۾ ئي درگاهه شريف جو مريد هو،

پير سائين جناب حزب الله شاهه 'تخت ڌڻي' کان ذڪر ورتو. پوءِ درگاهه شريف تي پيش امام ۽ خليفي هجڻ وقت پير سائين تخت ڌڻي کيس ارشاد ڪيو ته: جماعت جي 'تنظيم' ڪئي وڃي. ان حڪم موجب مولوي صاحب سڄي جماعت کي ٻارهن چوڪين جي سرشتي ۾ قائم ڪيو. ان تنظيم موجب، مولوي عبدالقادر گمهه چوڪيءَ جو پهريون مک مقرر ٿيو. مولوي صاحب جي ڄمڻ جي تاريخ معلوم ڪانهي، پر سنڌس وصال تاريخ 23 ماهه رجب اڱاري ڏينهن سن 1327ھ ۾ ٿيو ۽ کيس پرين جي پاڙي يعني درگاهه تي ماڪن شاهه جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. سنڌ عمر 63 سال هئي.

فقير لياقت علي، مولوي عبدالقادر جي مٿين سوانح حيات مختصر مگر صحيح صورت ۾ لکي آهي. البته اهو معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته ڪٿي جو وينل هو. ڪهڙي سال ۾ ڪٿي جائو ۽ سنڌس ابتدائي تعليم ڪٿي ٿي. راقم پنهنجي ناني فقير لعلڻ خان لغاري کان ٻڌو (جنهن مولوي عبدالقادر کي ڏٺو هو) ته مولوي صاحب پني عاقل طرف جو هو. شايد اهو صحيح هجي. جو لياقت علي پڻ لکيو آهي ته مولوي صاحب گمهه جي چوڪي جو پهريون مک مقرر ٿيو. مولوي صاحب پير سائين تخت ڌڻي جي دور تائين ان خدمت ۾ هو، جو پير صاحب جن جي سفارش سان سنڌس ٻي شادي ٿي. پنهنجن ڪن ڪافين ۽ بيتن ۾ پڻ مرشدن جو مهر نظر ۽ دعا جا بيت چيائين. هينين شعرن ۾ مرشد جي جلوي توڙي سنڌس پنهنجي عقيدي ۽ جذبي جو زور آهي ۽ پائنجي ٿو ته انهن سٽن واريون ڪافيون پير سائين مسند ڌڻي لاءِ چيائين:

- رکي برسر تاج ڪلنگي، پر منهنجو پڳدار
- پاءِ کي ڪلنگي پلي يار آيون
- عبدالقادر جي دل ديواني، مرشد ڪئي مختيار يار.

هينين شعرن ۾ هن پير سائين کي سنڌن ڪامرانين ۽ ڪاميابين تي مبارڪون ڏنيون آهن:

- صورت جو سلطان ڏسو، شاهه مورا جي بن بن آيا
- پير منهنجي پاڳارو، لکين مبارڪان<br>مرشد منهنجي مختير، لکين مبارڪان
- پير ته منهنجو پاتشاهه لکياري لکپال<br>ايندي ٿو آسان ڪري، سڀني سواليءَ جو سوال<br>ڪوڙين پانيان پال، عبدي پيرِ مغان جا.

هينيان شعر جناب ڪوٽ واري صاحب جي شان ۾ چيل ٿا ڏسجن:

- منهنجا پارس پاڳارا پاڳارا پاڳارا
  وارث هن وِلهيءَ جا لڪياري لک پارا
- پلي آيون مرشد، مرحبا مرحبا
  لاءِ اسان جي آيون، وو منا محبوبا

هينين شعر ۾ دعا گهريل آهي ته جيئن مولوي صاحب پاڻ، وفات بعد، مرشد جي پاڙي ۾ پورجي.

پاڙي پنهنجي رهائجان، منا مرشد موچارا

سندس اها دعا اگهاڻي جو عبدي درگاهه تي وفات ڪئي ۽ ماڪن شاهه جي مقام ۾ مدفون ٿيو. مولوي صاحب جي سوانح ۾ فقير لياقت علي لکيو آهي ته، پير سائين ڪوٽ ڏٺي جي خط مبارڪ تي مولوي صاحب کي سونهن پري ڪينئان جو سڳ مليو، جنهن کي پنهنجي بي انتها محبت جي جذبي مان 'حسنا' ڪري سڏيائين. پنهنجي ڪافين ۾ 'حسنا' کي ياد ڪيو اٿائين:

- حُسنا جي حسن جا، جوش اندر جال
- حُسنا حجاب لاهي، هيڪر حسن پساءِ
- حُسنا فراق تنهنجو، مون کي قيام سين
- حضرت حسن حسنا جو، تازه تازه نوبنو
- در هجر حسنا چو ابرند بهار
  حسنا نائڪ نگاه جي هنئي منجهه هنئين.

حسنا جي سڪ ۾ هڪ سڄي ڪافي چيائين ته:

وڃي قاصد منهنجي پارئون، نياپو چئج حُسنا کي

حسنا کي ادب احترام مان 'شاهه' ڪري سمجهيائين:

- بره تيڏي وچ شاهه حُسنا، مئن ازلئون اڳي احرام ٻڌا
- حسن شاهه حسنا فڪر ڪيان حرام
  انهيءَ ذڪر ري آهي حياتي حرام

[لياقت جوڻيجو، مرتب: "عبدي جو رسالو" مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ناشر: خليفو عبدالحي جوڻيجو ميموريل ڪاميٽي عمرڪوٽ، 2010ع]

❑

# (38) مولوي محمّد صادق راٽيپوري*

بندي جو هيٺيون شجرو عزيزم جناب مولوي قطب الدين سيواٽي ڪنپرو، رهندڙ ٿلي ڪنپراٽي، تعلقي احمدپور، رياست بهاولپور، جي بياض تان ورتل آهي:

”مولوي صادق علي، عرف محمد صادق، راقم الحروف، بن مولوي الهه بخش[1]، بن صادق علي عرف ملا صادق بن اسماعيل، بن ڄام چتو[2]، بن ڄام قاسم[3]، بن حافظ محمد معروف، بن ولي محمد[4]، بن محمد اسلام، بن ميان يار محمد، بن ميان نصير محمد، بن ميان الياس، بن ميان محمد دائود، بن ميان آدم شاهه شهيد، بن ميان نور شاهه عرف گجن شاهه، بن ميان صاحبڏنو، بن ميان خان محمد، بن طاهر، بن رانع[5]، بن شاهه محمد[6]، بن ابراهيم[7]، بن محمد، بن طاهر، بن

---

* مولانا صاحب جي سوانح عمري، سندن ڏنل مواد مان ورتل آهي. -مرتب

(1) هن کي ٻه پٽ ٿيا- هڪ مولوي صادق علي راقم الحروف ۽ ٻيو محمد ڪاظم، جو لاولد فوت ٿيو.

(2) ”ڄام“ لقب جي معنيٰ ’سردار‘ آهي، جو سنڌين لاءِ مخصوص آهي. ياد رهي ته توڙي جو راقم الحروف جا ابا ڏاڏا دائودپوٽن جي سردارن سان گڏ ملڪ پنجاب ۾ وڃي رهيا. تاهم اُن وقت کان وٺي اڄ سن 1376 هه تائين ٻه سندن زبان سنڌي آهي. لقب ’ڄام‘ ڪين دائودپوٽن جي سرداريءَ سبب مليو.

(3) ڄام قاسم کي ٻه پٽ، هر هڪ ”ڄام چتو“ ۽ ”ڄام موسيٰ“ نالي ٿيا.

(4) ميان شفيع محمد کي ٻه پٽ ٿيا- هر هڪ ولي محمد ۽ ميان الله بخش. شجري ۾ ميان ولي محمد شفيع محمد جو نسب هلندڙ آهي: باقي ميان الهه بخش کي هڪ پٽ ميان صادق علي نالي ٿيو، جنهن کي 1194 هجريءَ ۾ ٽالپر سردارن سنڌ ۾ حاڪم مقرر ڪيو.

(5) سنڌي ماڻهو ”رانع“ کي ’راڻو‘ ڪري سمجهندا هئا. هن نالي کي سنڌي نالو سمجهندا آهن، ڇو ته عمرڪوٽ جي هندو سردارن جو لقب ”راڻو“ آهي: پر ”رانع“ لفظ عربي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ڪيڏاري‘. اها پڻ عقل کان ٻاهر ڳالهه آهي، ته عربيءَ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪو ايترو جلدي عربي نالا ڇڏي سنڌي نالا اختيار ڪيا هوندا.

(6) اصل نالو ”محمد“: هي پهريون ئي بزرگ آهي، جنهن کي ”شاهه“ جي لقب سان سڏيو ويو. سنڌ جي محاوري ۾ گهڻو ڪري ”شاهه“ لقب، نالي کان اڳ ۾ استعمال ڪندا آهن- جئن ته شاهه پٺائي، شاهه گودڙيون، شاهه پنجو، شاهه جاڙو وغيره.

(7) هي حيدرآباد سنڌ جي آسپاس ڪنهن ٽڪريءَ ۾ اچي خلوت نشين ٿيو ۽ بلڪل اڪيلو گذارڻ لڳو. هن ئي پاڻ کي ”ڪلهوڙو“ مشهور ڪيو: ڇو ته ”ڪلهو“ زبان سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ اڪيلي يا تنها کي چوندا آهن، ۽ لفظ ”ڙو“ سنڌي زبان ۾ تصغير ۽ انڪسار لاءِ مخصوص آهي- جئن يتيم کي ’يتيمڙو‘، غريب کي ’غريبڙو‘ ۽ مسڪين کي ’مسڪينڙو‘ چوندا آهن. پاڻ ”ابراهيم ڪلهوڙو“ جي بدران ”ڪوهڪ ڪلهوڙي“ مشهور ٿيو، سو ائين، جئن سنڌيءَ ۾ حيدرآباد واري کي ”حيدرآبادي“، شڪارپور واري کي ”شڪارپوري“ سڏيندا آهن. دراصل حاسدن جو هي هڪ ڪوڙ آهي، جو اهڙيءَ بزرگ هستيءَ کي ”ڪوهڪ“ جي نالي سڏيائون: حقيقتاً هن ”ڪوهڪ“ کي ابراهيم ’ڪلهوڙي‘، يعني ڪلهوڙا والي، سڏيائون.

چنيه[1]، بن قائم[2]، بن طاهر، بن احمد، بن جاهره، بن قائم بن عبدالرحمان، بن عباس، بن مامون، بن هارون، بن ابو عبدالله مهدي، بن ابو جعفر منصور[3]، بن محمد، بن علي بن عبدالله، سيد المضرين، بن حضرت عباس- عم النبي صل الله عليه وسلم.

مولوي صادق علي، عرف محمد صادق (راقم الحروف)




راقم الحروف جو ڏاڏو مولوي صادق علي عرف ملا صادق، وڏو عالم ۽ حڪيم هو، حضرت خواجہ فخرالدين عرف فخر جهان اوحديءَ جو مريد هو. منهنجو والد مولوي الله بخش، صغيريءَ ۾ ئي يتيم ٿي پيو، جنهن کي سندس سوٽ ڄام وريام، چاچڙان شريف کان پنهنجي وطن، ڳوٺ عبدالواحد ڪنيڙي تعلقي احمدپور ۾ وٺي آيو ۽ شادي ڪرايائينس- اتي ئي هي عاجز راقم، ڳوٺ جليل ڪنيري ۾ ڄائو. مون کي 1883ع ۾ چاچڙان شريف جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو ۽ اتي رجسٽر ۾ منهنجو نالو 'صادق علي' درج آهي.

والد سائين جن حضرت خواجہ غلام فريد صاحب جن جا خليفا ۽ خادم هئا، 1313هجريءَ ۾ حضرت پير صاحب سيد ميان غلام محي الدين شاهہ صاحب گيلاني، سجاده نشين راڻيپور شريف جن حضرت خواجہ غلام فريد صاحب جن

---

[1] دراصل هي نالو "غَنيه" جي وزن تي هو، بمعنيٰ ريشمي چادر: جئن تہ احمد بن عيسيٰ بن 'جنيه' محدث هو ۽ جهالت جي سبب صوتخطيءَ ۾ "چنيه" سنڌي ٿي پيو، چو تہ هو زبان عربيءَ کان واقف ڪونہ هئا- ايتريقدر جو ڪن "چنہ" (چ- ن-ه) ۽ "چنا" لکيو، جو لفظ خاص ڪفش دوزن (موچين) لاءِ آهي: عباسين جي شجري ۾ دائودپوٽن وري "چيني" لکيو (چ- ي-ن-ي)، غالباً، نقل ڪرڻ وارن ڪاتبن غلطيءَ کان صورتخطيءَ ۾ "چيني" لفظ جي "ي" کي "ن" کان اڳ لکيو، ۽ آهستي آهستي، گهٽائيندي گهٽائيندي، "چيني" (سنڌي زبان ۾ - 'ه' هوز ڇڏي) لکيائون، جو دراصل 'جنيه' يا 'جنيح' هو- والله اعلم.

[2] قائم ۽ امير احمد ٻئي ڀائر سن 259 ه ۾ ڪيچ مڪران جي رستي کان سنڌ ۾ ڳڏيا (جدا جدا ٿي آيا)- هنن ٻنهي نالن وچ ۾ لفظ ''امير' احمد"، ذڪر ڪيل مولوي صاحب جي بياض ۾ لکيل آهي. هي لفظ آهي، جو هنن ٻنهين فرزندن سان آهي، سو يا تہ سندن لقب طور آهي ۽ سندس نالو "احمد" هو، يا 'امير' بمعنيٰ حاڪم آهي: ڇو تہ "امير- قائم" يا "امير- احمد" عربي نالن مان بہ آهن- والله اعلم باالصواب.

[3] هن جو لقب ابو العباس عبدالله آهي ۽ ڪيس بني اُمين "باالسفاح" سڏيو.

جي ملاقات لاءِ، چاچڙان شريف تشريف فرما ٿيا هئا. حضرت خواجہ صاحب جن جي طرفان جيڪي خادم خليفا سندن مهمان نوازيءَ لاءِ مقرر ٿيل هئا، انهن ۾ منهنجو والد صاحب بہ شامل هو. حضرت خواجہ صاحب 1319 هجريءَ ۾ وفات ڪئي. ان سانحي ڪان پوءِ والد صاحب جن راڻيپور شريف هجرت ڪري آيا ۽ ان وقت جي سجاده نشين، حضرت پير ابو محمد صالح شاهہ صاحب گيلاني، والد صاحب ڪي نهايت مهربانيءَ سان پاڻ وٽ رهايو. 1321 هجريءَ ۾ راقم جي همشيره جو نڪاح پير صاحب جن سان ٿيو. قضا الاهيءَ سان منهنجي همشيره فوت ٿي ويئي. مرحومه درگاهہ شريف ۾ مستورات جي چوڪنڊي ۾ مدفون آهي.

حضرت پير صاحب قبلہ جن شروع ۾ پنهنجي پيش نويس ميان الهہ بخش صاحب عباسي ڪهڙن واري ڪان ڪجهہ فارسي تعليم ڏياري ۽ پوءِ تبرڪاً پهريون سبق شرح جاميءَ جو حضرت علامہ مولانا عبدالغفور صاحب هُمايونيءَ ڪان روبرو ڏيارايائون. عربيءَ جي تعليم مولوي عبدالرؤف ڪان ڏيارايائون ۽ آخر ۾ حضرت استاذالعلماء مولانا الحاج محمد صاحب لغاري رحہ ڪي سانگهڙ مان گهرائي، ان ڪان تعليم ڏيارايائون ۽ ڪانئن فارغ التحصيل ڪرائي، دستاربندي ڪرايائون.

راقم ڪي حضور سرڪار هز هائينس مير علي نواز خان صاحب بهادر مرحوم، والي رياست خيرپور، سان سندن ايام وليعهدي ۾ ڏيٺ هئي ۽ حضور موصوف ۽ مير غلام حسين خان ٽالپر ڪي راقم جي ناچيز علمي لياقت، شرافت ۽ طبي دستگاهہ جي چڱيءَ طرح سان ڄاڻ هئي؛ چنانچہ منهنجي خواهش موجب، سرڪار هزهائينس جي حقيقي پاءُ جي معرفت، شاهي خزاني مان هڪ سو ماهوار پينشن ملڻ لاءِ پروانو صادر ٿيو، جو هن وقت بہ مون وٽ موجود آهي.

هزهائينس مير علي نواز صاحب مرحوم جي ايماء تي، هن عاجز راقم هڪ اردو رسالو ”دعوة الاعتصام بدين الله الاسلام“ لکيو، جنهن ۾ امتِ مرحوم جي سيني فرقن ۽ گروهن ڪي هڪ پليٽفارم تي جمع ٿيڻ لاءِ اپيل ڪئي ويئي آهي ۽ عام مسلمانن ڪي توحيد پرستيءَ جي تلقين ڪيل آهي. انهيءَ رسالي ۾ هڪ خدائي تحريڪ، ”دين الله“، جي قيام جو اعلان ڪيو ويو آهي ۽ مسلمانن ڪي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي عام دعوت پڻ ڏني ويئي آهي- ليڪن چند وجوهات جي سبب اهو مقصد حاصل ٿي نہ سگهيو. علاوه ازين، مذڪوره رسالي جو مير صاحب مرحوم جي سرپرستيءَ هيٺ انگريزي ترجمہ بہ God's Religion جي نالي تي چڪو آهي، مگر شيعہ حضرات جي مخالفت سبب اهو ڪم بہ نامڪمل رهجي ويو. هڪ غير مطبوعہ رسالو ”احسن المنادي في السلام غاندي (گاندي)“ پڻ هي عاجز لکي چڪو آهي، جو ان شاءالله جلدي طبع ٿيڻ وارو آهي. ان ۾ پيغمبر اسلام متعلق چند هندو دوستن جا بهترين رايا پيش ڪيا ويا آهن ۽ راقم جي مهاتما گانڌيءَ سان خط و ڪتابت جا ڪجهہ حصا بہ ڏنل آهن.

1923 عيسويءَ ۾، راقم حضرت قبله پير سيد ابو محمد صالح شاهه صاحب ۽ علامه دين محمد ”وفائي“ مرحوم سان گڏ، آريه سماجين ۽ قاديانين جي خلاف هڪ محاذ قائم ڪيو ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ عام جلسا ڪوٺائي، شڌيءَ ۽ قاديانيت جي فتني جي سدباب لاءِ سر توڙ ڪوشش ڪئي ۽ الحمدلله جو راقم کي سندس محترم رفيقن سميت خاطر خواه ڪاميابي نصيب ٿي.

هن عاجز کي حڪمت جي فن ۾ الله جي فضل و ڪرم سان ڪافي دسترس آهي ۽ ڪيترا لاعلاج مريض راقم جي علاج سان شفاياب ٿي چڪا آهن. منهنجي حڪيمانه خدمات جي صلي ۾، نواب صاحب جهونا ڳڙهه، 1945 ۾، هڪ سو رپيا ماهوار پينشن پڻ مقرر ڪئي هئي. علاوه ازين، انهيءَ سلسلي ۾ راقم وٽ ملڪ جي ڪيترين معزز ۽ موقر هستين جا آفرين ناما ۽ اعتراف ناما موجود آهن ۽ هي سڀ الله جي فضل و ڪرم جي ئي طفيل آهي.

عاجز راقم کي شاعريءَ جو فطري شوق آهي، مگر غفلت شعاريءَ سبب ڪلام جو گهڻو حصو ضايع ٿي چڪو آهي

[ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 4-1957/3ع، ”سوانح نمبر“]

❑

# (39) هالا ڪنڊي (هالن پراڻن) جا پِتي بزرگ
# [مخدوم عبدالله ۽ سندس خاندان]

[هالا ڪنڊي (هالا پراڻا) اڳاڻي وقت کان وٺي علم ۽ عرفان جو مرڪز رهيو آهي، سانوڻي (عقيلي) آخوند، پِتي بزرگ، قريشي ۽ سادات اڳاڻي وقت کان وٺي مشهور علمي گهراڻا آهن. راقم تاريخ 11 سيپٽمبر (سال؟) تي هالن پراڻن ۾ وڏي سجاڳ سمجهدار مهمان نواز ميان محمود کان پِتي بزرگن بابت هيٺيان حالات قلمبند ڪيا، جيڪي تاريخي اهميت وارا آهن ۽ تفصيل سان هيٺ ڏجن ٿا- نبي بخش]

هالن پراڻن جي پِتين بزرگن جو جدامجد مخدوم عبدالله هو. سندس اصل نالو ارجن هو ۽ جيسلمير جو راجا هو. سندس وقت ۾ غوث بهاؤالدين زڪريا ملتان مان اسلام جي تبليغ لاءِ جيسلمير ايندو هو. بالآخر راجا ارجن طرفان اعتراض ٿيو ته اوهان نه اچو، جو عوام طرفان هي وهم آهي ته اوهان جي اچڻ سببان مينهن نٿو پوي. انهيءَ ڪري راجا کي مجبور پئي ڪيائون ته بزرگ جيسلمير طرف نه اچي. هڪ ڀيري جڏهن بزرگ آيو ته ڪيس منع نامي کان آگاهه ڪيائون. انهيءَ هوندي به مخدوم صاحب تبليغ خاطر اڳتي وڌڻ جو ارادو ڪيو ۽ چوائي موڪليائون ته: ”راجا ۽ ماڻهن جو وهم گمان اجايو آهي، ڏٺي تعاليٰ جي راضي ٿئي ته رحمت جو مينهن وسائي سگهي ٿو.“ پوءِ راجا ارجن مخدوم صاحب کي روڪڻ لاءِ چڙهيو ۽ ويجهو آيو ته برسات بي انتها پئي، جنهن سبب سندس وهم زائل ٿيو ۽ هو غوث صاحب جو مريد ٿيو ۽ راجائي تان استعفيٰ ڏيئي، خدمت لاءِ دينِ اسلام ۾ داخل ٿيو. سندس نالو عبدالله رکيو ويو: ڪجهه عرصو ملتان ۾ رهيو ۽ اسلام جو مطالعو ڪيائين. ان بعد ڪيس ارشاد ٿيو ته تبليغ خاطر سنڌ ڏانهن روانو ٿئي، هو سهروردي طريقي جو بزرگ هو.

مخدوم عبدالله ڀهريائين اچي پاڙوٽ کان اُتر طرف ڳوٺ ڳاهوٽ لڳ سڪونت اختيار ڪئي. اتي ئي پنهنجن ٽن پٽن مخدوم محمد اسمٰعيل، مخدوم تاج الدين ۽ مخدوم محمد ابراهيم وفات ڪئي. سندس پوٽو مخدوم محمد عمر بن مخدوم محمد اسمٰعيل پڻ اتي ئي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. اڄ تائين اهو مخدوم عبدالله جو مقام سڏجي، جتي ماه پهرين خميس تي اجتماع ٿئي ۽ ڀاڳيا ماڻهو کير ڏونئرو ورهائين ۽ مجتائون ڏين. تاريخ 7 ماه صفر ملتان جي سهروردي سلسلي ۾ خاص اهميت واري آهي. ڇاڪاڻ جو غوث بهاؤالدين زڪريا 7 صفر تي وفات ڪئي. ان تاريخ تي وڏو اجتماع اجان (1966ع) تائين ٿئي ۽ ڇهه ست سؤ ماڻهو گڏ ٿين.

مخدوم عبدالله جي اولاد مان مخدوم محمد عمر جو فرزند مخدوم اسحٰق لڏي اچي هالاڪنڊي شهر لڳ پنهنجو جدا پاڙو 'ٽوري' ڪري وينو. ڪيس ٽي فرزند ٿيا: مخدوم احمد، مخدوم محمد ۽ مخدوم صدرالدين، ٽنهي فرزندن کي اولاد ٿيو. مخدوم احمد جو اولاد جڄهو ٿيو ۽ موجود آهي. مخدوم محمد جي اولاد مان هن وقت (1966ع) فقط هڪ فرد مخدوم محمد هاشم (عمر 47 سال اجا تائين لاولد) موجود آهي. مخدوم صدرالدين جو اولاد ختم ٿي چڪو آهي، شامل شجري ۾ وڌيڪ تفصيل آهي، ڪن بزرگن جي ولادت يا وفات جون تاريخون هيٺ ڏجن ٿيون:

- مخدوم احمد جي وفات غره جمادي الآخر 934 هجري شب دوشنبہ
- مخدوم فتح الله بن مخدوم احمد: ولادت 20- ربيع الاول 894 هجري، ۽ وفات 28- محرم 1003هجري
- مخدوم احمد ثاني بن فتح اللهؒ: ولادت 7 محرم 947 هجري ۾ وفات غره رمضان 1016 هجري
- مخدوم حميد بن مخدوم احمد ثاني: وفات غره جمادي الآخر 1070 هجري
- مخدوم عمر بن مخدوم حميد: ولادت دهم رمضان 1028 هجري، وفات 17- ربيع الاول 1097 هجري.
- مخدوم ابراهيم بن مخدوم عمر: ولادت 21 جمادي الاول 1054-1090 هجري، وفات 15 رجب 1113 هجري.
- مخدوم فتح محمد بن مخدوم محمد ابراهيم: ولادت 21 جمادي الاول 1083هجري، وفات صفر 1124 هجري.

## • مخدوم احمد:

مخدوم احمد بن مخدوم اسحٰق: پنهنجي وقت جو عارف هو. عام طرح سان تہ مجذوب مگر عالم هو ۽ ڪتابن سان واسطو هوس. هڪ ڪتاب قلمي "شرح ڪتاب اسرار الوحي ڪہ مسمي بڪشف الاسرار" لکيل مخدوم عبدالعليم بن مخدوم نعمت الله جو تاريخ "يوم الجمعة احدي و عشرين من شهر محرم الحرام 1218ھ" ان ۾ چوي ٿو تہ "فقد نقلتہٗ من خط مخدوم المخاديم مخدوم مرحوم احمد ڪلان رحمة اللهؒ."

مخدوم احمد سنڌي ۾ جيڪو بيت چيو ان بابت لکيائين تہ:

"آن بيت ڪہ مصنف رحہ ذڪر ڪرده است از زبان ثقات چنين مسموع است ڪہ آن بيت بزبان سنڌهي بود وهمين است."

بيت

سڌ سجاڻي پرينءَ جو، وانگي جي نہ ورن

ڪوڙي دعويٰ دوست جي، ڪچاڙي ڪي ڪن.

بمحض شنيدن از دارفاني بعالم جاوداني رسيدند. بعد ازان ذاکر اين بيت گفت:

”سر ڏيئي سٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين.

مرٽا منه م موڙ، اڄ وٽي تي وڌ لهي.“

سنہ 934ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس وفات تي چيل قطعہ تاريخ:

”قدوة ارباب عرفان و يقين مقبول حق و منبع اهل کمال

آن ولي ايزدي مخدوم عصر شيخ احمد صاحب رشد و جلال

برکشيده رخت هستي ناگهان خوش نہ شوق وصل زين دارملال

داد حق اندر جوار شاهدين منزل و ماواش شد شاد ازوصال

خاص حق مي بود زان روح القدس 'خاص درگاهم' احد خوش گفت سال.

934

بزرگن جو اصل ڳوٺ ٺوري هو (يعني هالہ ڪنڊي لڳ يا خود هالہ ڪنڊي جو پاڙو) جنهن ڪي درياء 11 ربيع الثاني 1178 هجري تي پاتو ۽ 19 ربيع الثاني 1178 هجري تي حجره (مقام) ڪي درياء ٿي پاتو: پوءِ نعش ڪڍائي 25 تاريخ 1178 هجري هالہ ڪنڊي (يعني موجوده پراڻن هالن) ۾ دفن ڪيائون.

## • شيخ عبدالحميد:

شيخ عبدالحميد بن مخدوم فتح محمد جي وفات جي باري ۾ هيٺين عبارت عربي ڪاغذات مان ملي:

> فقط انتقل مولانا الکامل الفريد الجليل الوحيد الشيخ عبدالحميد بن الشيخ فتح محمد السندي بالمدينة النبوية علي صاحبها الصلواة التحية و دفن بالبقيع عند قبة ازواج النبي صلي الله عليه وآله وسلم و رضي عنهن شرقيها، في الثالث عشر من صفر سنه الف و مائة و احدي و سبعين وقال بعض خدمه في تاريخ وفاته رحمة الله تعاليٰ و نفعنا بدعاته وبرکاته ”سَعِدَ السَعدُ عبدالحميد بجوار الشفيع“ 1171.

(يعني شيخ عبدالحميد 13 صفر 1171ھ تي مديني شريف ۾ وفات ڪئي).

**• شيخ رحمت الله:**

شيخ رحمة الله 9 رمضان سنه 1138هه ۾ ڄائو ۽ ڏو شنبه 28 جمادي الثاني 1178 هجري تي وفات ڪيائين، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ وٽ پڙهيو. مخدوم محمد هاشم جو هٿ لکيل اجازت نامو (سرٽيفڪيٽ)، جيڪو مخدوم ميان رحمت الله وٽ، شيخ عبدالحميد جي دستخط بياض (ننڍي تختي ڪتابڙو) ۾ مليو سو هيٺ نقل ڪجي ٿو:

"الحمدالله وحده والصلواة والسلام علي من لانبي بعده و علي آله و صحبه و من نحانحوه و بعد- فقد اجرت اخانا في الله و حبيبنا لله الشيخ رحمة الله بن الشيخ عبدالحميد بن العارف بالله المرحوم الشيخ فتح محمد السندي الهالائي كان الله تعاليٰ له وبه و معه في كل وقت وحين. بجملة من كتب التفسير كتفسير البيضاوي والمدارک والجلالين وغيرها و بجملة من كتب الحديث كصحيحي البخاري و مسلم و سنن ابي داود و الترمذي و النسائي و ابن ماجه و موطاء مالک و موطاء محمد و الشمائل والمشكوة والحصن الحصين وغيره و بجملة من كتب الفقه كالهداية و شرح الوقاية والكنز وغيره و شروح منية المصلي و بدلايل الخيرات و الحزب الاعظم و حزب البحر والحرز اليماني.

والقصيده التي مطلعها بانت سعاد والقصيده البردة والشاطبة وغيرها من العقائد باسانيدي المتصلة في جميع ذلک من طرق مشائخي الكرام الي مؤلفيها الفخام اجازة معتبرة بشرطها المعتبر عند المحدثين رجاء ان لايفاني و اولادي ذلک المجاز له من دعوات الخير في الخلوات و الجلوات من اوقاته الصالحات. هذ اواني لست من فرسان هذا الميدان ولا ممن له في السباحة يدان لكن المامور معذور و كان كتبت ذلک في الليلة العاشره من شهر جمادي الثانية من سنة اربع و ستين و ماة والف من هجرة سيد الانام عليه افضل الصلواة و اشرف السلام ولاحول ولاقوة الابالله العليٰ العظيم و صلي الله علي سيدنا محمد و علي آله و اصحبه وسلم.

قال ذالک بفهمه و كتبه بقلمه رهين دنبه الراجي عفو ربه الفقير محمد هاشم بن عبدالغفور بن عبدالرحمٰن السندي التتوي كان الله تعاليٰ في عونة و صوته الي يوم الدين آمين الحمدالله رب العالمين.

| |
|---|
| عنه 1153 |
| محمد هاشم |
| عفي |

# شجرو هالن جي پٽي بزرگن جو

مخدوم عبدالله

مخدوم اسمٰعيل — مخدوم تاج الدين — مخدوم ابراهيم

مخدوم عمر

مخدوم اسحٰق

مخدوم صدرالدين — مخدوم احمد — مخدوم محمد

درويش زڪريه — مخدوم فتح محمد ابوبڪر محمد عالم مخدوم حسام الدين (ف 921)

مخدوم احمد ثاني (ف 1016)

مخدوم حسين (ف 1078)

مخدوم عمر (ف 1097)

مخدوم محمد حسين (1106) مخدوم ابراهيم (ف 1112) مخدوم عبدالرشيد (ف 1166)

مخدوم فتح محمد (ف 1124)

شيخ عبدالحميد (1171)

مخدوم رحمة الله (1175) مخدوم نعمت الله (1197) مخدوم حاجي دين محمد (ف 1203)

مخدوم عبدالرؤف (1203)

مخدوم ابراهيم (1231) — مخدوم عبدالغفور (1235) — مخدوم عبدالعليم (1237) — مخدوم عبدالرحمٰن (1232)

مخدوم محمود (1234) — مخدوم محمد رضا (1245) — مخدوم رحمت الله (1259) — مخدوم ولي محمد

**• مخدوم نعمت الله:**

نعمت الله بن شيخ عبدالحميد 29 محرم 1142هه تي ڄائو ۽ غره ربيع الثاني اربع 1197هه تي وفات ڪيائين. سندس وفات تي چيل قطعہ تاريخ:

"وهو الشاڪر نعمت الله
ابد فردوس روح نعمت الله
سروشم بسال وصالش گفت
ڪہ قطب جهان آمد اندر بهشت.

قد اسس بناء الاعليہ هذه المسجد مخدوم نعمت الله بن مخدوم عبدالحميد المتوفي 1197 بتاريخ 17. شهر محرم الحرام 1182 شيخ نعمت الله اڳين اصل مسجد جي نئين سر تعمير ڪئي. هن مسجد ۾ پڻائي صاحب چِلا ڪڍيا هئا.

**• مخدوم ولي محمد:**

مخدوم ولي محمد بن مخدوم عبدالعليم، عالم عامل ۽ وڏو درويش هو. 23 ذوالحج سنہ 1259 ۾ وفات ڪيائين، مٽيارين جي شاعر آخوند محمد بچل انور سندس تاريخ وفات چئي تہ:

ولي محمد گل باغ عرفان — زهي عالم و عامل و ماه سيما
ازين دُرشد عازم ملڪ هستي — ز حي قديم ارجعي يافت ايما
قدم چون بفردوس اعليٰ نهاد — ز رضوان ندا آمدش ڪُن مقيما
شده نوحہ گر عالمي در فراقش — بگفتند واحسرتا وا يتيما
چو انور طلب ڪرد سالش ز هاتف — بگفت انه فاز فوزا عظيما1259

**• مخدوم عبدالرؤف:**

مخدوم عبدالرؤف بن مخدوم محمد عمر تاريخ 21 شوال شب جمع 1096 هجري ۾ ڄائو. مولود چيائين ۽ مشهور ٿيو. خميس وقت فجر 18 ربيع الآخر 1166 هجري تي وفات ڪيائين، تحفة الڪرام جي مصنف لکيو آهي تہ مدينه منوره ۾ وفات ڪيائين ۽ ڪيس الجنة البقيعة ۾ رکيائون، تحفة الڪرام جو اهو حوالو صحيح ناهي، ڇاڪاڻ جو سندس لوح سنگ مزار هالہ ڪنڊي ۾ سندس وڏن جي مقام ۾ موجود آهي.

شيخ ابراهيم قاضي زاده سندس وفات جي تاريخ بابت هي ڪلمات چيا:

"ڪان ولياً رؤف الخلق"

پڻي بزرگ اصل سهروردي طريقي جا هئا، پر پوءِ ڪن بزرگن قادري طريقو بہ اختيار ڪيو. هڪ رسالہ ۾ هي عبارت قلمبند ٿيل ملي: "ذڪر طريقہ قادريہ عاليہ از سيدي و مرشدي حاجي محمد هاشم عليہ الرحمة..." ٻيو ورق "اما

بعد اعلم انہ بقول الفقيرالي الله تعاليٰ عبدالعليم بن مرحوم ميان نعمت الله اخذت الطريقہ القادريہ مع تلقين الذکر من محمد محسن عن شيخه مخدوم المعظم حاجي محمد هاشم عن شيخ عبدالقادر مفتي مکة.“

**• جيسلمير سان تعلق:**

جيسلمير جي راجا ڪان بزرگن کي پينشن ۽ لوازمات گهوڙا تحفا وغيرها ڪافي آڳاٽي وقت ڪان ملندا رهيا. بالآخر اڇي ۾ سؤ روپيہ نذرانو ٻينو جو هلندو آيو. انگريزن جي دور ۾ هنن بزرگن انگريزن سان ڪابہ مدد معاونت نہ ڪئي. انگريزن پوءِ اهو لوازمو بند ڪرايو. مخدوم دين محمد بن مخدوم محمود بن مخدوم عبدالعليم بن مخدوم نعمت الله جي ڏينهن ۾ بند ٿيو. مخدوم دين محمد 28 ذيقعد 1274ھ ۾ وفات ڪئي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد اٺون)
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 2008ع]

❑

# حُڪمران، سياسي رهنما،
# قومي خادم ۽ مشاهير

## احسان منديءَ پري يادگيري

# (40) عبدالله جي ميمڻ*

مرحوم عبدالله جي ميمڻ جو نالو احسان منديءَ سان ياد رکيو ويندو. هن پنهنجي سڄي حياتي کي ٻين لاءِ پنهنجو پاڻ ارپي ڇڏيو هو. هو حيدرآباد جو پهريون ڪمشنر هو، جنهن کي انتهائي تعظيم ڏني وئي. عبدالله جي ميمڻ وٽ قوم جي خدمت لاءِ حوصلو ۽ تصور هو. ”خدمت صحيح تناظر ۾“ ئي سندس مول متو هو. هن عالمن ۽ پڙهيل ڳڙهيلن کي انتهائي تعظيم تي ڏني.

عبدالله جي ميمڻ هو ته هڪ ڪامورو پر هڪ مختلف قابليت وارو. هو باضمير ۽ همت ڀريو هو، جنهن ڪامورا شاهيءَ جي روايتن جي اُبتڙ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ تي چاهي. حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر طور اوڏي مهل انتهائي احترام جوڳو بڻيو. جڏهن اصولي موقف اختيار ڪندي هڪ معصوم شخص کي سياسي دٻاءُ هيٺ گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪيائين. ڪيس حيدرآباد کان بدلي ڪيو ويو ۽ هن اهو عهدو اوچي ڳاٽ سان ڇڏيو.

جيتوڻيڪ سندس ڪٽنب ڊگهي عرصي کان ڪراچيءَ ۾ ٽانيڪو هو، پر هن جا وڏا اندرين سنڌ سان تعلق رکندڙ هئا. سندس تعلق دادو ضلعي سان هو. ان ضلعي ۾ رني ڪوٽ واري قلعي جي تاريخي حيثيت تي ڊيان ڏريندي، هن اُتي هڪ سيمينار ۽ فيسٽيول ڪرائڻ جو رٿيو. سنڌ جي گورنر جنرل ايس.ايم.عباسيءَ خاص مهمان ٿيڻ قبوليو. ضروري انتظام ڪرڻ انتهائي خفي وارو ڪم هو. رستو بهتر ٿيڻو هو، فيسٽيول جي سامان سڙي لاءِ گاڏين جو بندوبست ٿيڻو هو، عالمن کي پهچائڻو هو ۽ سيمينار جي ماڳ کي سينگارڻو هو. ان هوندي به سندس انتهائي دلچسپي ۽ انتظامي صلاحيتن سبب سڀ ڪجهه انتهائي شاندار نموني سان ٿيو.

هن ان بابت مون سان اڳواٽ صلاح مشورو ڪيو هو، پر ان جي ويجهو اچڻ مهل آءٌ اسلام آباد هئس ۽ طبيعت بحال نٿي سمجهيم. هن چاهيو ٿي ته آءٌ ان ۾ شريڪ ٿيان، انهيءَ عظيم الشان قلعي جي تاريخ تي ڪليدي مقالو پڙهان. هن لاءِ سندس محبتي قدر ڪري مون اسلام آباد کان حيدرآباد ۽ ان کان پوءِ رني ڪوٽ ڏانهن سفر ڪيو ۽ مقالو پڙهيو. اتفاق ٿيو جو منهنجي جوش ۽

* عبدالله جي ميمڻ: شخصيت ۽ ڪردار، 2006ع.

سفر جي اٽانگ سبب مون کي مقالو پڙهڻ دوران زندگيءَ جو پهريون هلڪو دل جو دورو پيو. ڦڙتيلو عبدالله جي ميمڻ اسان جو شاندار ميزبان هو. جنهن سيني کي اُتساهيو ۽ سيمينار سمورن حوالن کان ڪامياب رهيو.

ريٽائرمينٽ کان پوءِ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهندي ڪيس سنڌ ۾ سير ۽ سفر ڪرڻ جي چِڪ ٿيندي رهي. 1995ع ۾ حيدرآباد جي تڏهوڪي ڪمشنر عبدالغفار سومري کيس حيدرآباد اچڻ جي دعوت ڏني. جيڪا قبول ڪيائين. عبدالغفار سومري دادو ضلعي ۾ مختلف ماڳن جهڙوڪ نئن گاج، ڪاڇو، واهي پانڌي، ٽنڊوجمالي، گاجي شاهه ۽ منڇر ڍنڍ تي شاهه حسن گهمڻ جو پڻ بندوبست ڪيو. هنن مون کي به ساڻس گڏ هلڻ جي نينڊ ڏني ۽ عبدالله جي ميمڻ کي انهيءَ سير ۽ سفر مان انتهائي سرهو ٿيندي ڏٺم. اصل ڳالهه اها آهي ته هن ئي انهيءَ سفر کي پنهنجي خوش گفتاريءَ مزاج ۽ ڪِل مک طبيعت سان وڏيڪ شاندار بڻايو.

[محمد ارشد بلوچ مرتب: ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا (جلد 5)
ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ڪراچي، 2014ع]

❑

## (41) پياري سڄڻ قاضي فيض محمد جي ياد ۾

نهايت شريف، هردلعزيز، بلند اخلاق، آءٌ واري خيال کان آجو، نهٺو ۽ نماڻو، ارادي جو پختو، اصول جو پڪو، خدمت ۽ قرباني جو قائل، سنڌ جي غريب عوام جو خيرخواهه، ملڪ ۽ قوم جو درد رکندڙ، دوستي نباهيندڙ ۽ سڌ سان گڏ سڌ ڏيندڙ. اهو هو قاضي فيض محمد مرحوم!

منهنجي ساڻس محبت هئي ۽ سندس مون تي شفقت. منهنجي ساڻس واقفيت محترم عبدالرحيم ميمڻ جي معرفت ٿي. قاضي صاحب کي جيئن مون ڏٺو، ان جو بيان حقيقت ۾ عبدالرحيم، قاضي فيض محمد ۽ منهنجي سنگت جو بيان آهي، جنهن کي قاضي فيض محمد جي دخترنيڪ اختر جي رضا خاطر ڪن ٿورين يادگيرين جي آڌار تي انهيءَ معذرت سان لکان ٿو ته اهو خود منهنجي پنهنجي زندگي جو به هڪ باب آهي. اهڙو باب جيڪو قاضي فيض محمد جي ذڪر کان سواءِ اڻپورو ۽ اڌورو رهندو.

قاضي فيض محمد مون لاءِ هڪ مشفق مهربان ۽ وڏي پاءُ وانگر هو. مون ڪيس شايد پهريون پيرو تڏهن ڏٺو، جڏهن نوشهرو مدرسي (1929- 1931ع) ۾ هو محترم عبدالرحيم ميمڻ کي ملڻ ايندو هو، جيڪو ان وقت ڇهين ۽ ستين درجي انگريزي جو شاگرد هو. آءٌ پهريون- ٻيو پڙهندو هئس. محترم عبدالرحيم جي ذهانت، جرئت، فصاحت ۽ خوشطبعي وارين خوبين سببان آءٌ کيس پنهنجو ’اڳواڻ‘ ڪري سمجهندو هوس ۽ وٽس وڃي رهندو ۽ سکندو هوس. اتي قاضي صاحب هڪ ٻه دفعا آيو ۽ مون کي محبت ۽ شفقت سان مليو.

ان بعد وچان کي سال پئجي ويا. 1935-1936ع ۾ آءٌ ڪاليج پڙهڻ ويس ۽ ڊي.جي.سنڌ ڪاليج ڪراچي (پوءِ ’اسلاميه ڪاليج‘) ۾ داخلا ورتي. محترم عبدالرحيم ميمڻ انوقت اين.اي.ڊي. انجنيري ڪاليج ۾ ٻيو سال پڙهندو هو ۽ ليسلي.وِلسن مسلم هاسٽل (پوءِ ’جناح ڪورٽس‘) ۾ رهندو هو. مون کي به اتي ڪمرو مليو. قاضي فيض محمد به پوءِ اتي اچي رهيو. شايد ”لا ڪاليج“ ۾ پڙهندو هو. ڪاليج واري انهيءَ دور کان وٺي قاضي صاحب سان سنگت ۽ رفاقت ٿي ۽ ساڻس محبت جو رشتو پڇاڙيءَ تائين قائم رهيو. انهيءَ وڏي عرصي واري محبت ڀريي داستان کي تفصيل سان بيان ڪرڻ هڪ ڊگهو باب بنجي ويندو. هت آءٌ انهن موقعن ۽ صحبتن جو مختصر طور ذڪر ڪندس، جيڪي قاضي صاحب جي پختي ارادي، تعميري جذبي، سڄڻپائي ۽ شفقت سببان دل تي نقش ٿيل آهن.

سنه 1920ع بعد سنڌ ۾ خلافت جي تحريڪ سببان مسلمانن ۾ ٿوري گهڻي سياسي سجاڳي پيدا ٿي هئي. البت انگريزن جي حڪمت عملي ۽ ڪانگريس جي غلط رويي سببان خلافت جي اوائلي دور وارو هندو- مسلمان اتحاد ٽٽي ويو هو ۽ پڻ خلافت تحريڪ جي ناڪامي سببان سنڌ جي مسلمانن تي ڪجهه وقت لاءِ مايوسي طاري ٿي وئي هئي. انگريزن جي اڳ رٿيل سؤ ساله پاليسي سببان سنڌ جا مسلمان جيڪي اڪثريت ۾ هئا، سي گهڻو پوئتي پئجي ويا ۽ هندو جيڪي اقليت ۾ هئا، سي گهڻو اڳتي وڌي چڪا هئا. واپار ته اڳيئي سندن هٿ ۾ هو، پر 1920- 1935ع واري عرصي ۾ 'وياج' وسيلي دور دراز ڳوٺن ۾ به مسلمانن جون زمينون ايترو تيزي سان پائيبند واڻين جي هٿن ۾ آيون، جڏهن انگ اکر ڏٺا ٿيا ته ذري گهٽ چاليهه سيڪڙو آباد زمين واڻين جي قبضي ۾ اچي چڪي هئي. تعليمي ادارن توڙي سرڪاري نوڪرين تي ذري گهٽ سؤ فيصد عاملن ۽ نوَن پڙهيل پائيبندن جو قبضو هو. سواءِ ڪن صوفي منش يا دورانديش هندو اڳواڻن جي، ٻين ڪي ذري جيترو به احساس ڪونه هو ته سنڌ جي مسلمانن سان ڪين ڳڻجي هلڻو آهي ۽ انڪري انهن کي به اڳتي وڌڻ جو موقعو ڏين. اهڙي خسته حالي ۽ مايوسي واري دور ۾ خلافت تحريڪ ذريعي جيڪو ڪجهه ٿورو گهڻو سياسي شعور پيدا ٿيو، تنهن کي سنڌ جي ڪن ٿورڙن سجاڻ اڳواڻن اڳتي وڌايو؛ پر اهو خاص طرح سنڌي اخبار 'الوحيد' جو ڪارنامو جو پڙهيل طبقي ۾ وڏيڪ بيداري پيدا ٿي. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو اندازاً 1925ع بعد غريب طبقي جي مسلمانن جا وڌيڪ ٻار پرائمري سنڌي اسڪول ۽ اتان ڪاليج تائين پهچڻ لڳا. اهي اڪثر سنڌي اسڪول جي ماسترن ۽ ٻين هيٺين نوڪرين وارن جا پٽ هئا؛ ڪي ٿورا اهڙا هئا جن جي گهرن ۾ ديني علم هو ۽ جن جا والد حڪيم، مولوي، قاضي وغيره هئا. زياده غريب ٻارن مان ڪي جزوي هاءِ اسڪول يا ڪاليج تائين ٿي پهتا.

مٿين مختصر وضاحت انهيءَ لاءِ ڪئي وئي آهي ته 1935- 1936ع ڌاري جيڪو ماحول هو، ان جو اندازو لڳائي سگهجي ۽ پڻ اهڙي ماحول کان متاثر ٿيل انهن سنڌي شاگردن جي جذبن ۽ احساسن جو اندازو لڳائي سگهجي، جيڪي ان وقت ڪاليجن ۾ پڙهي رهيا هئا: (1) ليسلي ولسن مسلم هاسٽل، سنڌي مسلم شاگردن جي رهايش توڙي اجتماعي زندگي جو مرڪز هو. (2) باوجود ڪوتاهين جي، شاگردن جو ڌيان پڙهائي ڏانهن هو. جهيڙا جهڳڙا هئا، بلڪ هئائي ڪونه. (3) شاگردن جي اڪثريت جو رخ پڙهڻ، امتحان پاس ڪرڻ ۽ نوڪري وٺڻ طرف هو، ڇاڪاڻ جو اڪثر شاگرد غريب يا وچولي طبقي جا هئا؛ (4) ڪي شاگرد اهڙا هئا جن جي ذهن ۽ هوشياري جون ڳالهيون هلندڙ هيون. مثلاً آرٽس جي شاگردن مان الله بخش بروهي جي انگريزي- داني جي هاڪ هئي. هو مسلم هاسٽل ۾ رهندو هو. انجنيري مان (مرحوم) غلام الله لغاري جون ۽ ان بعد محمد صالح

قريشي جي هوشياري جون ڳالهيون هلنديون هيون. (5) هڪ چڱو خاصو طبقو اهڙن شاگردن جو هو جن ۾ قومي ۽ ديني شعور هو ۽ انهن جو رجحان عملي طور ڪجهه ڪرڻ طرف هو. هن گروهه مان سڀ کان جوش ۽ جذبي وارو مرحوم عبدالرحيم ميمڻ هو ۽ سندس ساٿي مرحوم قاضي فيض محمد جيڪو پنهنجي ذهني پختگي سببان 'اصولن' تي مبني عمل ڏانهن مائل هو.

ان وقت ٻه وڏا مفڪر جن سنڌي مسلم شاگردن کي ذهني ۽ عملي تربيت ڏانهن راغب ڪيو، سي هئا: علامه آءِ.آءِ. قاضي ۽ خاڪسار تحريڪ جو باني علامه عنايت خان مشرقي. علامه قاضي صاحب جن لنڊن مان آيل هئا ۽ ڪجهه عرصو ڪراچي (پارسي ڪاليج) ۾ اچي رهيا. پاڻ مسلم هاسٽل جي مسجد ۾ هر جمعي تي خطاب ڪندا هئا. ان کان سواءِ هفتي ۾ هڪ خاص ڏينهن سنڌن گهر ۾ گڏجاڻي لاءِ مقرر ڪيو هئائون، جتي شاگرد توڙي ماستر ڪائنن ڪجهه وڌيڪ پرائڻ لاءِ ويندا هئا. هيءَ هڪ اعليٰ قسم جي ذهني تربيت هئي، جنهن جو مکيه مقصد هو اسلام جي حقيقت ۽ عظمت کي صحيح طور سمجهڻ، 'رسم' بدران اسلام جي 'روح' کي سمجهڻ، خالق ۽ مخلوق جي حقيقت کي سمجهڻ، اسلامي تعليم جي روشني جي ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري فطرت جي نظام ۽ عمل کي سمجهڻ ۽ پڻ مغرب جي علم ۽ فڪر کي سمجهڻ. علامه قاضي صاحب جن جي خطابن ۾ قرآن حڪيم جون آيتون، شاهه صاحب جي رسالي مان شاهديون، ارسطو، افلاطون کان وٺي شيڪسپيئر، گوئٽي ۽ ٻين مغرب جي شاعرن ۽ دانائن، مهاتما ٻڌ ۽ گيتا جا حوالا، سيني ٻڌندڙن کي عجب انداز ۾ متاثر ڪندا هئا. شاگردن جو چڱو خاصو گروهه قاضي جن سان محبت ۽ عقيدت جي سڳي ۾ ٻڌجي ويو. فلسفيانه ۽ تربيت جي لحاظ سان محترم الله بخش بروهي سيني کان اڳتي وڌيو ۽ ذهني ۽ علمي تربيت جي لحاظ سان محترم قاضي فيض محمد گوءِ کنئي. علامه صاحب جن جي ترغيب سان سنڌي شاگردن جي عام تربيت لاءِ هڪ رسالو 'مسلم اسٽوڊنٽ' جي نالي سان شروع ڪيو ويو: محترم بروهي ان ۾ اڳواٽي ڪئي ۽ مون به پنهنجي وت آهر ان لاءِ ڪم ڪيو. ٻئي طرف علامه صاحب جن تربيت ڏني ته اسان عملي طور پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ کي شاندار بڻايون ۽ ان سلسلي ۾ لباس به اهو پايون جيڪو نه فقط شانائتو هجي، پر جيڪڏهن اهو ٻاهرين ملڪن ۾ پايون ته به ٺهي. ان لاءِ پاڻ هڪ قسم جو ڳلي بند، ننڍو ڪوٽ ۽ هيٺ برجيز مثل پئنٽ جيڪا بوٽن کان ٿورو مٿي تائين پٽين جي ويڙهي سان بند ڪرڻي هئي تجويز ڪيائون. علامه صاحب جن اهڙو لباس پاڻ پائي ڏيکاريو ۽ قاضي فيض محمد پهريون شخص هو جنهن اهو انوکو لباس ٺهرايو ۽ پاتو ۽ مسلسل طور پائيندو هو.

ٻئي طرف علامه عنايت الله خان مشرقي 1930-1932ع ڌاري 'خاڪسار تحريڪ' جو بنياد وڌو هو ۽ حيدرآباد جو هردلعزيز وڪيل مرحم ميان نصير

محمد نظاماڻي سنڌ جو سالار اعليٰ مقرر ٿيو هو. سندس رات ڏينهن جي ڪوشش سان ’خاڪسار تحريڪ‘ 1935ع ڌاري سنڌ ۾ عام مقبول ٿيڻ لڳي. محترم عبدالرحيم ميمڻ جي مثالي اڳواڻي سببان ڪاليج جا گهڻا سنڌي شاگرد خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيا. علامہ مشرقي جي لکيل تذڪره، اشارات ۽ اخبار ’الاصلاح‘ جي ادارين توڙي تحريڪ جي سپاهيانہ زندگي، تنظيم، ڊسيپلين ۽ خدمت خلق وارين خوبين نوجوان شاگردن کي گهڻو متاثر ڪيو. وڏن شاگردن مان قاضي فيض محمد، محترم عبدالرحيم ميمڻ جو پهريون خاڪسار ساٿي بنيو ۽ ننڍن مان شايد راقم. مسلم هاسٽل ۾، اسان ٽن سان پوءِ جيڪي ٻيا سرگرم خاڪسار شاگرد شامل ٿيا، تن مان قريشي حمزه خان (مرحوم)، محترم الهداد شجراع ۽ پوپال جو صديقي (نالو ياد نٿو اچي، انجنيري پڙهندو هو) هئا. محترم عبدالرحيم اڪثر مون کي ساڻ ڪري، خاڪساري جي تبليغ لاءِ ڪڏهن سولجر بازار، ڪڏهن ڪاري در تہ ڪڏهن لي مارڪيٽ ۽ لياري پهچندو هو. ڪن موقعن تي قاضي فيض محمد گڏ هوندو هو. هڪ سپاهيانہ ڪئمپ جيڪا اسان سولجر بازار ۾ قائم ڪئي، تنهن ۾ قاضي فيض محمد شايد ’سالار ڪئمپ‘ هو. ٻي هڪ ڪئمپ پيمپوره ۾ ڪئيسون جتي جو مقامي سالار عبدالرزاق هو. ڪراچي شهر ۾ مقبول احمد صاحب هڪ نهايت مدبّر ۽ مخلص خاڪسار اڳواڻ هو. عبدالرحيم ۽ قاضي فيض محمد ۽ مقبول احمد جون سڳهيون سڳهيون گڏجاڻيون ٿينديون هيون. هڪ ڀيري قاضي فيض محمد پاڻهي پنهنجي تربيت ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ چيو تہ: اهڙو عملي پروگرام رٿيون جنهن سان چُستي ۽ همت سان گڏ اسان ۾ خطاب ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي. فيصلو ٿيو تہ صبح جو 4 بجي سوير اُٿون ۽ مسلم هاسٽل کان روانا ٿي تيز قدم رفتار سان ڪچ مفاصلو طيءِ ڪريون جيئن سني ورزش ٿئي. پوءِ اتي فجر جي نماز پڙهون. ان بعد پنجن منٽن لاءِ هرهڪ فوري طور ڏنل موضوع تي تقرير ڪري. اهو عمل سج اُبرئي تائين پورو ٿئي. پوءِ وري تيز رفتاري سان مسلم هاسٽل ۾ وقت سر پهچون جو وهنجي سهنجي، نيرن ڪري، ڪاليج روانا ٿيون. محترم عبدالرحيم، قاضي فيض محمد، صديقي، قريشي حمزو خان ۽ آءٌ هن پروگرام تي ٻيناسون ۽ شايد ٻہ هفتا ڪن مسلسل ائين ڪيوسون. آهستي آهستي تيز قدم رفتار کي وڌايوسون، ايترو جو هڪ ڏينهن مسلم هاسٽل کان ڪلفٽن پهتاسون ۽ اتان وري وقت سر مسلم هاسٽل واپس آياسون ۽ سنيري نيرن ڪري، پوري وقت تي ڪاليج پهتاسون.

سنڌ جي اڳواڻن مان محمد ايوب صاحب کهڙي ۽ شيخ عبدالمجيد صاحب جو نالو ٻڌندا هئاسون. ان وقت نالو وڏيڪ مشهور انهن جو هو، جن خلافت تحريڪ ۾ ڪم ڪيو هو. شيخ عبدالمجيد، پير غلام مجدد سرهندي، جان محمد جوڻيجو (ان وقت فوت ٿي چڪو هو)، پير الاهي بخش، مير الله

بخش ٽالپور، مولوي دين محمد وفائي ۽ ڪن ٻين جا نالا وڏيڪ مشهور هئا. حاجي عبدالله هارون، غريب مسلمانن جي هڏڏوڪي ۽ خيرخواه طور مشهور هو. ڪراچي جي جمشيد نسروانجي ۽ بابا مير محمد بلوچ جا نالا بہ مشهور هئا. حڪيم فتح محمد ’سيوهاڻي‘ پنهنجي علمي قابليت جي ڪري مشهور هو. انهن سڀني مان، شيخ عبدالمجيد، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ مولوي دين محمد وفائي سنڌي مسلم شاگردن کي وڌيڪ ويجها هئا. شيخ عبدالمجيد صاحب مسلم هاسٽل ۾ ڪنهن جلسي ۾ خطاب ڪيو هو. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مشاعري جو صدر ٿيو هو، جنهن جو سيڪريٽري آءٌ هئس. بهرحال مسلم هاسٽل جي شاگردن ۾ شيخ عبدالمجيد صاحب وڌيڪ ڄاتل سڃاتل هو. سنڌ ان وقت بمبئي کان جدا ٿي هئي ۽ سنڌ اسيمبليءَ لاءِ چونڊون ٿيڻ واريون هيون. آءٌ مولوي دين محمد وفائي سان ملندو رهندو هوس. هڪ ڏينهن چيائين تہ لاڙڪاڻي طرف اليڪشن آهي، شيخ عبدالمجيد صاحب اميدوار آهي. پولنگن تي شيخ صاحب طرفان ايجنٽ ٿي ويهڻ لاءِ ڪي پڙهيل گهرجن ۽ جيڪڏهن شاگرد هلن تہ ڏاڍو چڱو. اها ڳالهہ جڏهن مون محترم عبدالرحيم ۽ قاضي فيض محمد سان ڪئي تہ ٻنهي مون کي همٿايو تہ شيخ عبدالمجيد صاحب جي هر طرح سان مدد ڪرڻ گهرجي. اسين اٺ نو شاگرد لاڙڪاڻي پهتاسون. محترم عبدالرحيم ميمڻ، محترم غلام حسين جلباڻي (پروفيسر جلباڻي، مجلس شوريٰ جو ميمبر، حال حيات) جا نالا ياد پون ٿا. مون کي هڪ ننڍڙي ڳوٺ وارث ڏني ماڇي لاءِ پولنگ ايجنٽ مقرر ڪيو ويو. شيخ عبدالمجيد صاحب کٽيو ۽ سر شاهنواز پٽي هارايو. چونڊيل ميمبرن سنڌ صوبائي اسيمبلي ٺاهي ۽ سنڌ جي نئين صوبي جو نظام 1937ع کان شروع ٿيو.

مسلم هاسٽل ۾ رهندي منهنجو قاضي فيض محمد سان محبت ۽ رفاقت وارو ناتو هڪ ٻي انوکي ۽ اتفاقي ڳالهہ سببان وڌيڪ ويجهو ۽ مضبوط ٿيو. هاسٽل ۾ ماني جي انتظام لاءِ شاگردن جون پنهنجون جدا جدا ’ڪلبون‘ هيون. پهريان ڇهہ مهينا ڪن آءٌ بہ هڪ ڪلب جو ميمبر ٿيس، پر ڪلب جي نظام ۽ انتظام ۾ ڪيترائي نقص نظر آيا. هر اثر ۽ رسوخ وارو ’سينئر‘ شاگرد ڪلب جي ’مئنيجر‘ بنجڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ جيئن سنئي ماني سان گڏ ٻي آمدني بہ ٿئي. ماني بہ ويلا (صبح جو 8-9 بجي ۽ شام 4-5 بجي) ملندي هئي، جنهن ۾ ٽن ڊڳڙين جو تعداد مقرر هو. پيٽ پري ڪونہ ڪائبو هو، پر مٿان پاڻي جا بہ گلاس پي پورائي ڪبي هئي. اڪثر ميمبر مهيني جا پئسا اڳواٽ ڪين ڏيندا هئا: پر مهيني پوري ٿيڻ تي ڏيندا هئا، انهيءَ ڪري سڏو بورچين جي معرفت ڪراچي جي ڳاڏي کاتي جي دڪانن تان ۽ گوشت ڪاسائين وٽان قرض تي ايندو هو. بورچي، مودي، ڪاسائي ۽ مئنيجر سڀ نفعي ۾ شامل هوندا هئا، انهيءَ ڪري ڳاڏو پيو گهلبو هو، پر مهيني جو بل ارڙهن کان ايڪيهن رپين

تائين ايندو هو، جيڪو مون جهڙن غريب شاگردن جي برداشت کان ٻاهر هو. مون خيال ڪيو ته غريب شاگردن جي سهوليت لاءِ هڪ جدا 'ڪلب' ڪولجي ۾ ماني ڏيڻ تي ڪارائجي؛ پر ميمبر ٿيڻ لاءِ اهو شرط لازمي هجي ته هر مهيني جو تخميني خرچ اڳواٽ پهرين تاريخ جمع ڪرائي. مون پاڻ جهڙن ڪن سنگتين سان صلاح ڪئي پر سيني چيو ته نوان ٿانءَ ٿِپا وٺڻا پوندا، ايماندار بورچي ڪونه ملندو ۽ خرچ ۾ ڪفايت ڪانه ٿيندي. مون کي افسوس ٿيو ته جيڪي 'پاڻ' تڪليف ۾ آهن، سي به ڪنهن عملي قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهن. مون شڪايت طور اها ڳالهه وجي قاضي فيض محمد سان ڪئي. قاضي صاحب ڳالهه ٻڌي مون کي پنيءَ تي هٿ هڻي همٿايو ۽ چيو ته بيشڪ ڪلب کول ۽ ان ڪلب جو پهريون ميمبر آءٌ ٿيندس. غالباً مون کي هڪ سؤ رپيا به ڏنائين ته جيئن ٿانون ٿپن وٺڻ واري شروعاتي خرچ جي پورائي ڪري سگهان. مون کي حيرت ٿي، چاڪاڻ جو قاضي صاحب هلندڙ ڪلب جو خرچ برداشت ڪري ٿي سگهيو؛ پر هو عملي قدم کڻڻ ۽ حالات سڌارڻ جو قائل هو، جنهنڪري مون کي دل و جان سان همٿايائين. قاضي صاحب جي پنيرائي سان مون کي نهايت خوشي ٿي ۽ ان سان گڏ منهنجي همت ۽ حوصلي ۾ اضافو ٿيو. مون ٻي سنگت کي ٻڌايو ۽ اعلان ڪيو ته پهرين تاريخ کان ڪلب ڪلندي، آءٌ ۽ قاضي فيض محمد ان جا ميمبر ٿيا آهيون، ٻيو جيڪو ميمبر ٿئي سو نالو ڏئي ۽ ائڊوانس جمع ڪرائي. ڪن ٻن چئن صاحبن مون تي ڀروسو ڪيو ۽ ان وقت پئسا ڏنا. ان وقت ڪا موڪل هئي ۽ آءٌ فوراً ڳوٺ پهتس ۽ نِج گيهه خريد ڪيم. ڳوٺ ۾ هڪ ماڻهو هو جيڪو ان وقت ڏڳا چاريندو هو، ان کان ڏڳا چڙائي ڪيس پاڻ سان ڪراچي وٺي آيس ته بورچي ٿي ڪم ڪري. مودي ۽ ڪاسائي سان ڳالهايم ۽ روڪ پئسن ادا ڪرڻ سان سيڌو ۽ گوشت سستي اگهه تي وٺڻ جو انتظام ڪيم. مختصر ٿانوَ ٿپا ورتم ۽ هڪ اُجڙيل بورچيخانو جيڪو خالي پيو هو، تنهن تي قبضو ڪري پهرين تاريخ کان ڪلب ڪوليم. اهو ڪم ته ٿي ويو، پر جڏهن صبح واري ماني تي ويناسون ته ٻوڙ ۾ پورو لوڻ ڪونه هو ۽ گول ڊگڙين بدران ننڍا لولا هئا، جن جا ڪن ۽ پاسا نڪتل هئا. ميمبر صاحب هڪ ٻئي ڏي ڏسڻ لڳا، پر قاضي صاحب چيو ته هي نئون ماڻهو ڳوٺان آندل آهي ۽ هفتي ڪن ۾ ماني ناهڻ سکي ويندو. مراد نالي هڪ بورچي چيو ته اوهان فڪر نه ڪريو، آءٌ هن کي ماني ناهڻ سيکاريندس. ڪلبن واري هلندڙ ماحول ۾ اسان جو هڪ نئين ڪلب کولڻ، نِج گيهه استعمال ڪرڻ، ڏيڍ تي ماني ڪارائڻ ۽ خرچ گهٽائڻ وارو عمل هڪ انوکو ۽ انقلابي قدم هو، جنهن کي ڪنهن به پسند ڪونه ٿي ڪيو. ٻئي ڏينهن کان وٺي اسان جي ڪلب تي 'يتيم ڪلب' نالو رکيائون. آءٌ ڪجهه هٻڪيس، پر قاضي فيض محمد همٿايو. هفتي ڪن ۾ اسان جو نئون بورچي ڪم سکي ويو. پر سڀ کان وڏي ڳالهه ته هر ڪنهن ماني ڏيڍ ڪري ٿي کاڌي.

مهينو پورو ٿيو پل ساڏا ٻارهن رپيا آيو. ان ڪان پوءِ ميمبرن جو تعداد وڌي ويو ۽ ”ڪلب“ جي ساک جمي وئي.

باوجود ڪلب جي ڪاميابي ۽ ماني جي خرچ جي ڪفايت جي، ٻيو باقي خرچ گهٽي وقت تائين آءٌ برداشت ڪري نہ سگهيس. مئٽرڪ ۾ سنڌ جي مسلمان شاگردن ۾ ٻئي نمبر حاصل ڪرڻ ڪري ويهہ رپيا مهينو اسڪالرشپ ملي هئي، جنهن مان سڄي خرچ جي پورائي نٿي ٿي. انهي ڪري پهريون سال پوري ڪرڻ بعد ٻئي سال 1937ع جي ٻئي ٽرم ۾ بهاءالدين ڪاليج جهوناڳڙهہ ۾ وڃي داخلا ورتم، جتي احمد خان لانگاه ۽ ٻين سان واقفيت ٿي، پر هڪ ذاتي مجبوري سببان ڪاليج ڇڏڻو پيو. مون کي ميٽرڪ ۾ اکين جو عارضو ٿيو ۽ چليون پئجي ويون. اهي هاڻي ايترو تہ پڪيون ٿي زور وٺي ويون جو اکين مان زار زار پاڻي ايندو هو ۽ ڪتاب پڙهڻ مشڪل ٿي پيو. باوجود ڪيترن ئي حيلن جي علاج ڪارگر نٿي ٿيو. في الحال ائين پئي معلوم ٿيو تہ پڙهائي تان هٿ کڻڻو پوندو. آءٌ واپس ڪراچي آيس ۽ اچي نوڪري جي تلاش ۾ لڳس، پر ڪنهن مسلمان اميدوار کي نوڪري ملڻ آسان نہ هئي، ڇاڪاڻ جو سيني ڪاٽن تي هندو صاحبن جو قبضو هو. سنڌ جدا صوبو ٿيو هو ۽ هڪ سال گذري چڪو هو، پر ائين پئي لڳو تہ سنڌ جا مسلمان ميمبر ۽ وزير صاحب ٻن ٽن ڌرين ۾ ورهائجي ويا هئا. هندو ميمبر فقط ٻارهن ڪن هئا. پر سياسي طور هو وڏيڪ سڄاڳ ۽ پاڻ ۾ متفق هئا. مسلمان ميمبرن جون مخالف ڌريون پنهنجي پنهنجي حڪومت ٺاهڻ ۽ وزير بنجڻ جا خواب ڏسي رهيون هيون.

محترم غلام علي مگريو جيڪو اڳ نوشهره مدرسي ۾ پڙهندو هو ۽ مون کي سڃاڻندو هو، تنهن هڪ ڏينهن ٻڌايو تہ سنڌ جي پي.ڊبليو.ڊي سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪن جون جايون خالي آهن، پر سفارش گهرجي. ان کاتي جو وزير نئي جو مسٽر نهچلداس وزيراڻي هو. آءٌ پير الاهي بخش صاحب وٽ ويس، جيڪو تعليم کاتي جو وزير هو؛ تنهن مهرباني ڪري سفارشي خط ڏنو جيڪو مون مسٽر نهچلداس کي ڏنو ۽ هن دلاسو ڪيو پوءِ جيستائين نوڪري ملي تيستائين آءٌ محترم عبدالرحيم ۽ قاضي فيض محمد جي سهاري ۽ سنگت ۾، خاڪسار تحريڪ جي عملي پروگرام ۽ قبلہ علامہ قاضي صاحب طرفان ملنڌڙ تربيت ۾ محو ٿي ويس. محترم عبدالرحيم ميمڻ جو امتحان پورو ٿي چڪو هو. اسين ٻئي ورديون پائي بيلچا کڻي خاڪسار تحريڪ جي پيغام پهچائڻ لاءِ سنڌ جي دوري تي روانا ٿياسون. سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جو نالو ان وقت مشهور ٿيڻ لڳو هو ۽ ائين بہ معلوم ٿيو تہ هو خاڪسار تحريڪ ڏانهن مائل آهي. اسان آخر وڃي سن پهتاسون. ساڻس ملياسون. وڏي آدر ڀاءُ ڪيائين، خاڪسار تحريڪ کي ساراهيائين ۽ ان کي همٿايائين. موڪلائڻ لڳاسون تہ نہ ڇڏيائين ۽ رات رهائي ڇڏيائين. ٻئي ڏينهن کو پنهنجو ماڻهو ڏنائين انهيءَ لاءِ

تہ اسين ڳوٺن ۾ وڃي تحريڪ پکيڙيون. اتان پيادا ڇڇرن جي ڳوٺ وياسون ۽ ٻئي ڏينهن واپس سن پهتاسون. شاهہ صاحب وري ٻہ ترسائي ڇڏيو ۽ چيائين تہ هن فقير جون ڳالهيون ٻڌو. اهو فقير هو سڄاڻ سگهڙ راضي فقير لاشاري، جنهن سان پهريون ڀيرو اتي ملاقات ٿي. آخر سائين ڪان موڪلائي، سيوهڻ، دادو، خيرپورناٿن شاهہ ۽ گوزي مان ٿيندا، محترم احمد خان لانگاهہ جي ڳوٺ پهتاسون، جنهن سان منهنجي جهوناڳڙهہ ۾ ملاقات ٿي هئي. هن وڏي مرحبا ڪئي ۽ خاڪسار ٿيڻ قبوليائين. بعد ۾ خاڪسار تحريڪ جو سرگرم رڪن ۽ سالار رهيو ۽ وڏي خدمت ڪيائين.

آءٌ جڏهن واپس ڪراچي پهتس تہ اجا تائين نوڪري جو ڪوبہ ٻلو ڪونہ ٿيو هو. وري پير الاهي بخش صاحب وٽ ويس، جنهن وزير نهچلداس کي فون تي تاڪيد ڪيو ۽ هفتي بعد ڪلارڪي جو آرڊر مليو. نصرپور جي حاجي خان عباسي کي بہ ڪلارڪي جو آرڊر مليو ۽ اسان ٻئي ساڳئي ڏينهن سنڌ سيڪريٽريٽ جي پي.ڊبليو. ڊي ڪاتي ۾ ڪلارڪي جي عهدي تي فائز ٿياسون. اسان ڪان اڳ فقط ٻہ مسلمان اتي هئا: هڪ غلام علي مگريو ۽ ٻيو مراد علي ڪولاچي بلوچ. ڪاتي جو سيڪريٽري هڪ مرهٽو صاحب هو ۽ سپرنٽينڊنٽ مسٽر ’گنگاڌريا‘ مرهٽو هو. ٻيا ننڍا وڏا ڪلارڪ سڀ هندو صاحب هئا. مون محنت سان ڪم ڪيو ۽ مسٽر گنگا ڌريا بہ شروع واري سختي بدران نرمي اختيار ڪئي، پر سيڪريٽريٽ واري هن ماحول ۾ منهنجو جِڙ ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو ۽ ٻن مهينن بعد مون استعيفا ڏيئي اچي ٻاهر آزادي جو ساهہ کنيو. ڪجهہ اڳ حاجي ڄام خان لغاري طبيب ڪان سرمو مليو هو، جنهن جي استعمال سان منهنجون اکيون ڪافي بهتر ٿي ويون هيون ۽ مون فوري طور وري پڙهڻ جو ارادو ڪيو. سنگت ڪان موڪلائي جون 1938ع ۾ وري وڃي جهوناڳڙهہ پهتس.

1938ع ڪان 1946ع تائين آءٌ جهوناڳڙهہ ڪان عليڳڙهہ، ان بعد ٿوري عرصي لاءِ نئين سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ استاد ۽ پوءِ آمريڪا هليو ويس. محترم عبدالرحيم نوڪري ۾ ۽ قاضي صاحب وڪالت ۾ مشغول رهيا. ساڻن خط و ڪتابت ذريعي ناتو قائم رهيو، پر انهيءَ عرصي ۾، غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ آءٌ دوستيءَ جي ناتي توڙي سنڌ بابت ڏک سور اورڻ ۾ وڌيڪ ويجها رهياسون. سنڌ جي مسلمان سياستدانن جي پاڻ ۾ پارٽي بازي ۽ سنڌ جي وڏن زميندارن جي بي حسي ۽ بي توجهي سببان سنڌ جي حالت ابتر هئي. غلام مصطفيٰ شاهہ همت ڪري انگريزي ۾ هڪ ڪتابڙو **Towards Undertanding the Muslim of Sind** لکيو، جنهن ۾ سياستدانن ۽ زميندارن جي چڱي خبر ورتائين. ان بعد مون سنڌ جي سياستدانن بابت جن سنڌ جي خدمت جون ٺلهيون دعوائون پئي ڪيون، طنز طور سنڌيءَ ۾ ڪتابڙو ’گڏهہ‘ لکيو، جنهن ۾ ائين ڄاڻايو ويو تہ نام نهاد سياسي ليڊرن جي پيٽ ۾ ’گڏهہ‘ وڏو ليڊر آهي؛ ڇاڪاڻ جو گڏهہ ئي

صحيح معنيٰ ۾ غريبن جو خادم آهي؛ سکر براج جنهن ملڪ ۾ خوشحالي آندي، تنهن جي مٿي به گڏهن ئي پنهنجن نرم نازڪ پُنن تي ڍوئي هئي.

مئي 1949ع ۾ جڏهن آءٌ آمريڪا کان واپس آيس ته پاڪستان قائم ٿي چڪو هو ۽ جناح صاحب جي وفات کان پوءِ سياست جو نقشو به ٽڪڙو ٽڪڙو بدلجي رهيو هو. محترم عبدالرحيم نوڪري ۾ هو. قاضي صاحب وڪالت ڪري رهيو هو. غلام مصطفيٰ شاهه سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ هو، جنهن سان عليڳڙهه واري ناتي سببان منهنجو وڌيڪ گهاٽو تعلق رهيو. پاڪستان سرڪار وٽان مون کي نوڪري کان جواب مليو ۽ سنڌ سرڪار کي ڪنهن ڊاڪٽري ڊگري جي ضرورت ڪانه هئي. آءٌ قاضي فيض محمد صاحب سان مليس ته نهايت ٿڌي دماغ ۽ سنجيدگيءَ سان سياسي حالتن جو نقشو چٽيائين ۽ چيائين ته پاڪستان جي سطح تي سياسي ڪم ڪرڻو پوندو؛ رڳو سنڌ جي سطح واري سياست ڪارگر نه ٿيندي. مون کيس آمريڪا جون ڳالهيون ٻڌايون ته جمهوريت ڪيئن هلي ٿي ۽ ڪيئن مختلف مسئلن بابت هر سطح تي بحث مباحثا ٿين ٿا ۽ انهن کي سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. قاضي صاحب چيو ته هت حالتون سازگار ناهن؛ مسئلن کي سمجهڻ بدران سياست جو سچو رخ اقتدار حاصل ڪرڻ طرف آهي. مون سندس ڳالهيون ٻڌي، اهو سوچيو ته سياست کي سنڌ جا سياستدان پاڻ ڄاڻن، پر نئين پاڪستاني ماحول ۾ جيڪڏهن سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي اهميت کي اُجاگر ڪجي ته سنڌ وارن جو منهن مٿي ٿيندو ۽ ٻاهرين کي به ذهني طور متاثر ڪري سگهبو. مون کي ان وقت بيروزگاري جو يڪو هڪ سال مليو، جنهن ۾ سنڌ جي ٻهراڙي ۾ گهميس. سگهڙن سان ڪچهريون ڪيم ۽ سنڌ جي تاريخ، لغت ۽ ادب جو مطالعو ڪيم. سياسي سوچ رکندڙ صاحبن مان منهنجو خاص تعلق شيخ عبدالمجيد، مير علي احمد خان، سائين جي.ايم.سيد ۽ قاضي فيض محمد سان رهيو. جي.ايم.سيد صاحب منهنجو ذوق شوق ڏسي سنڌي لغت تي ڪم ڪرڻ لاءِ مالي مدد ڪئي ۽ شايد ٻه ٽي مهينا ڪن مون سن ۾ ويهي سندس سهاري سان سنڌي لغت جو ڪم ڪيو. ان کان سواءِ لسٻيلي بابت وڌيڪ احوال گڏ ڪري "ٻيلاين جا ٻول" ڪتاب لکي پورو ڪيم. ضرورت محسوس ڪيم ته ڪو رسالو ڪڍجي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ ثقافت سان گڏ ضروري مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪائجي، پر محسوس ڪيم ته پئسي کان سواءِ اهو ڪم ٿي نه سگهندو.

آگسٽ 1950ع جي آخر ۾ مرڪزي سرڪار جي "انفرميشن ۽ براڊ ڪاسٽنگ ڊويزن" مان ڇهن سون روپين جي پگهار سان نوڪري جي آڇ ٿي جا مون قبول ڪئي ۽ پهرين مهيني سيپٽمبر کان ئي پگهار مان پئسا بچائي "عام راءِ" جي نالي سان هڪ ادبي رسالي ڪڍڻ جو ارادو ڪيم، قاضي فيض محمد

ڏي فوراً خط لکيم ۽ ٻي سنگت سان بہ صلاح ڪيم. سيد سردار علي شاهہ جيڪو ان وقت اخبار ۾ ڪم ڪندو هو، تنهن رسالي جي ڇپائي ۽ اشاعت جي ڪم جو ذمو کنيو، پر قاضي فيض محمد پهريون دوست هو، جنهن خط جو فوراً جواب ڏيئي همتايو ۽ ان سان گڏ هڪ سؤ رپيا موڪلي ڏنائين. اسان رسالو ڪڍڻ شروع ڪيو ۽ قاضي صاحب پنهنجو مضمون موڪليو. سال 1950-1951ع دوران رسالو شايع ٿيندو رهيو ۽ منهنجي پگهار جي بچت مان ۽ ڪن خريدارن جي ڏنل چندي مان خرچ جي پورائي ٿيندي رهي. هن رسالي ذريعي پهريون دفعو معياري نموني ۾ سنڌي ادب ۽ ثقافت جي اشاعت ٿي. 1951ع ۾ مرڪزي پبلڪ سروس ڪميشن طرفان آءٌ "ڪلاس ون" آفيسر طور چونڊجي ويس ۽ وچ مشرق ۾ تعلقات عامہ کي فروغ ڏيڻ لاءِ منهنجي مقرري دمشق (شام) ۾ ٿي. سيپٽمبر ۾ مون کي اوڏانهن روانو ٿيڻو هو، جو ان وقت سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ نهايت اميد افزا حالات پيدا ٿيا. سنڌي ادبي بورڊ قائم ٿيو ۽ شاهہ عبداللطيف يادگار ڪميٽي جي تشڪيل ٿي. سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ علامہ قاضي صاحب جن سنڌ يونيورسٽي جا وائيس چانسيلر مقرر ٿيا ۽ پاڻ انگلينڊ مان ڪراچي پهتا. قاضي فيض محمد جي علامہ صاحب جن سان دلي محبت هئي ۽ هو ڪين ملڻ آيو. ٿي سگهي ٿو تہ هن علامہ صاحب جن سان ڪا گفتگو ڪئي هجي. پر ٻئي ڏينهن جڏهن آءٌ علامہ صاحب جن سان مليس تہ چيائون تہ: ابا، دمشق ۾ ٻيو بہ ڪو آفيسر وڃي سگهي ٿو. تون ٻاهران پڙهي آيو آهين ۽ تنهنجي سنڌ يونيورسٽي کي ضرورت آهي. پاڻ پڇيائون تہ اتي گهڻو پگهار ملندو؟ مون چيو تہ الائونس وغيره ملائي شايد پندرهن سؤ رپيا کن ٿي وڃن. چيائون تہ: يونيورسٽي پروفيسر جو پگهار ڇهہ سؤ رپيا آهي، پر پئسن کان وڌيڪ خدمت جو خيال رکڻو آهي. مون سندن ارشاد قبول ڪيو ۽ هفتي کن ۾ پاڻ مقرري جو آرڊر ڏياري موڪليائون. جنهن تي مون دمشق جا خواب وساري، مرڪزي عهدي تان استعفا ڏيئي، سيپٽمبر جي پهرين تاريخ تي سنڌ يونيورسٽي ۾ پهرئين استاد طور پروفيسر جو عهدو سنڀاليم.

سنڌ يونيورسٽي ۾ اچڻ کان پوءِ، ڪاليج جي دور واري ٻي سڄي سنگت کان وڌيڪ قاضي فيض محمد صاحب سان تعلق رهيو، ڇاڪاڻ جو حيدرآباد ۾ علامہ قاضي صاحب جن وٽ ايندو رهندو هو. پاڻ ڪي مضمون ۽ هڪ ڪتاب لکيائين جيڪي شايع ڪرڻ کان اڳ لازمي طور مون کي ڏيکارڻ مناسب سمجهيائين. علامہ صاحب جن جي اهليہ محترمہ ايلسا قاضي صاحبہ پنهنجي انگريزي نظمن ڇپائڻ جو ڪم مون کي سونپيو ۽ ڇپائي لاءِ رقم ڏنائون. ڪتاب ڇپجي ويو پر ڪجهہ ڇپائي جي بقايا ۽ جلد بندي جو خرچ اجا باقي هو. قاضي فيض محمد ملڻ آيو ۽ ڪتاب جي ڳالهہ نڪتي. مون ڪيس ٻڌايو تہ باقي رهيل خرچ آءٌ پاڻ ادا ڪري ڇڏيندس. چيائين تہ في الحال بہ ٿي سؤ

ڪاپين تي جلد ٻڌاءِ ۽ مون ڏي ۽ ٻين دوستن ڏي ڏھ ڏھ ڪاپيون ڪري موڪل. انھن جي وڪري مان رھيل خرچ جي پورائي ٿي ويندي. مون سندس مشورو قبول ڪيو ۽ ڪي ڪاپيون ڏانھنس موڪليم، جن جا پئسا فوراً ڏياري موڪليائين. دوست محترم محمد اسماعيل خان نون فوري طور ٻه سؤ ڪاپيون وڪڻائي ڏنيون، جنھن سان نہ فقط ڪيل خرچ جي پورائي ٿي وئي، پر وڌيڪ ٻہ سؤ ڪن ڪاپين جي جلدبندي بہ ٿي وئي.

پھريائين محترم ايلسا قاضي صاحبہ ۽ پوءِ علامہ صاحب جن جي وفات جو صدمو سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگردن ۽ استادن، توڙي يونيورسٽي ڪان ٻاھر ٻين حلقن ۾ علامہ صاحب جن جي معتقدن ۽ مداحن کي پھتو. آءٌ پاڻ انھن صدمن ڪان گھڻو متاثر ٿيس، پر جڏھن قاضي فيض محمد ۽ مون ويھي پاڻ ۾ سور اوريا تہ مون کي بنا شڪ شبھي جي اھو محسوس ٿيو تہ سڀ ڪان سرس صدمو قاضي فيض محمد کي پھتو ھو.

ڪاليج واري دور ۾ قاضي فيض محمد منھنجو محسن ۽ مربي ھو. انھيءَ احساس سان آءٌ جڏھن بہ نواب شاھہ ويندو ھوس تہ وجي ساڻس ملندو ھوس. پاڻ حيدرآباد ايندو ھو تہ مون سان ملندو ھو. البت 1968ع کان پوءِ انھن ملاقاتن ۾ وٿي پئجي وئي. 1976ع ۾ مون کي سنڌ يونيورسٽي مان وائيس چانسيلر جي عھدي تان ھٽائي اسلام آباد ۾ وزارت تعليم ۾ موڪليو ويو. انھيءَ دوري سببان قاضي فيض محمد بابت پورو سال احوال ملڻ بہ مشڪل ٿي ويو. پنھنجي عمر جي آخري دور ۾ وڏي ڪا قرباني ڪيائين ۽ وڏا ڪي ڪشالا ڪٽيائين. آخرڪار آزاد ٿي آيو، ۽ منھنجي دلي تمنا ھئي تہ وٽس وڃي ڪانئس انھي آخري ڪشالي جو سچو احوال قلمبند ڪندس، جو مون کي يقين ھو تہ ھو مون سان دل کولي سڀ ڳالھيون ڪندو. افسوس جو سنڌ کان دوري سببان اھڙو موقعو نہ ملي سگھيو ۽ جيئن اڳ پيارو دوست محترم عبدالرحيم گذاري ويو ھو، تيئن پيارو سڄڻ قاضي فيض محمد بہ جھان ڇڏي ويو ۽ ملاقات ڪانہ ٿي.

(اناللہ و اِنا اليہ راجعون)

[رسالہ ٽہ ماھي ”سنڌ“ سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد، 1985/5ع]

❑

# (42) تبديلي ۽ ترقيءَ جا اڳواڻ

(1. استاد مير حسن سهتو 2. حاجي سراج الدين سومرو)

[سنڌ ۾ وڏين خوبين وارا ۽ خدمت جي جذبي وارا ماڻهو موجود آهن، جن جو علم ۽ عمل ئي تبديلي ۽ ترقي لاءِ راهه روشن ڪري سگهي ٿو. ضروري آهي تہ اڳواڻ انهيءَ کي ڪري مڃجي جيڪو خلق جي فائدي لاءِ ڪجهہ ڪري ڏيکاري. اڳواڻ لاءِ اهو سوال پڇڻ ضروري آهي تہ هن ۾ ڪهڙي خوبي آهي ۽ هن ڪهڙو عام فائدي جو ڪم ڪيو آهي؟ صحيح معنيٰ ۾ خوبين وارن ۽ خدمت ڪندڙن کي سڃاڻڻ ضروري آهي*. هيٺ بہ مثال ڏجن ٿا.]

## 1. استاد مير حسن سهتو، سائنس ۽ حرفت ۾ وڏي شعور وارو

مير حسن پٽ حاجي محمد پريل سهتو وندير، پاڙو ستاباٽي سڏوپوٽا، ڳوٺ جان محمد وندير (راڻي پور کان 3 ميل اوڀر) ۾، 3 مارچ سنہ 1940ع ۾ ڄائو. ساڻس 1 تاريخ آڪٽوبر 1986ع تي ملاقات ٿي، ان وقت راڻي پور شهر ۾ 'اليڪٽرانڪس' جو دڪان هئس. منهنجي ميزبان مهربان درازن جي سيد ضياءالدين شاهہ ساڻس ملايو. هو بہ درجا انگريزي جا پڙهيو، پوءِ ڪيس مشين ڪلن وغيره جي جوڙجڪ ۽ عمل جو شوق ٿيو ۽ هو ان طرف مائل ٿيو. سندس زباني معلوم ٿيو تہ هيٺيان ڪم ڪيائين:

- ستن اٺن سالن جي عمر ۾، گراموفون جي ڦيري ذريعي، وڄڻو نصب ڪيائين جيڪو ڦري پيو ۽ واءُ پيو هڻي.
- ٻارڙو هو جو سندس پيءُ واچ جو ڪو 'سڪرو' ٿي کوليو جو چيائينس تہ: بابا اڳ ۾ هي سڪرو کول. پڻس حيران ٿي واچ دٻلي ۾ بند ڪري رکي ۽ چيائينس تہ: تون وڏو ٿجان ۽ ناهجان. پوءِ 12-13 سالن جي عمر ۾، انهيءَ واچ لاءِ 'بليڊ' مان 'گراري' ناهيائين ۽ واچ دُرس ڪيائين.
- انهيءَ ساڳي عمر ۾ 'جنريٽر' مان خامي ڪيڏي درست ڪيائين. پوءِ واٽرڪورس تي پاڻي جو (Fall) ناهي (Hydraulic Power) تي هلائي، پنهنجي ڳوٺ جي ڇهن ستن گهرن کي هلڪن بلبن جي روشني پهچاياڻين. 'جنريٽر' ۾ ڪاٺ جا پاڱا هئا، جيڪي پُسڻ سببان سال کن کان پوءِ ضايع ٿيا.
- گنبٽ اسٽيشن تي 'گنبٽ مِل' جي پرسان 'ريڊيو رپيئر' جو دڪان شروع ڪيائين، حالانڪ اهو هنر ڪنهن کان بہ ڪونہ سکيو هئائين. پنهنجو ريڊيو ورتو هئائين، جنهن کي کولي سڃي ڳالهہ سمجهيائين. ان کان پوءِ

---

* اڪيلي سراهو سڃاڻپ وارو ڪم هن وقت محترم محمد عثمان منگي ڪري رهيو آهي.

پورهيي کي لڳي ويو، شادي ڪيائين، ٻار ٿيا، ضرورت وڌي، ته ٻئي طرف توجهه ڪيائين.

- ٻه سال ڪراچي ۾ وجي، ٻئي ڪنهن سنگتي (گنبٽ جو) سان گڏ ويهي، نوان ريڊيا ناهڻ شروع ڪيائين. روزانو ويهه کن ريڊيا ناهڻ لڳو. پر وڌيڪ ڪمائي خاطر توجهه ڪري ”ميوزڪ هارن“ ناهيائين. ان ۾ هڪ پرزو خاص پنهنجو رکيائين، جنهنڪري ڪوبه ڪاپي نه پيو ڪري سگهي. پر پوءِ جڏهن اهو پرزو عام ڪيائون ته ٻين به ناهڻ شروع ڪيا ۽ هارن جي قيمت -/80 روپين کان ڪري اچي -/35 روپين تي بيٺي.
- پوءِ سوچيائين ته ڪا ٻي شيءِ ناهيان. 1979ع ۾ ’خود ڪار واش بيسن‘ (Automatic Wash Basin) ناهيائين: جڏهن ڪو هٿ ڌوئڻ لاءِ آڏو اچي ته پاڻي وهي؛ صابڻ ڪڍجي ته ايتري وقفي (ٻن سيڪنڊن) لاءِ به پيو هلي ۽ پوءِ بند ٿئي. ’هارن‘ مان جيڪو پئسو ڪمايائين سو Wash Basin جي Dice ناهڻ تي خرچ ڪري ڇڏيائين. هاڻي وڌيڪ پئسو نه هجيس جو گينڊيون وغيره ڊانچو نهرائي. ’دادا ڀائي‘ وارن وٽ ويو ۽ سندن انگريز مئنيجر کي ڳالهه پسند آئي، ٻي ملاقات ۾ کيس چيائون ته: اهو پرزو هڪ هفتي لاءِ ڏي ته اسان ڏسون ۽ مطمئن ٿيون، پر تنهنجو حصو رکي هي Wash Basin ناهڻ شروع ڪنداسون. اها ڳالهه هن قبول نه ڪئي. سرمايي نه هئڻ سببان ۽ والد جي بيماري سببان ڏنائين ته هميشه لاءِ ڪراچي ۾ رهي نه سگهندو سو ڪراچي ڇڏي آيو. پوءِ پاڻ بيمار ٿيو ۽ اپريل 1984ع ۾ سندس والد فوت ٿيو، انهيءَ ڪري سندس وڏيون رٿائون رهجي ويون.
- ڪراچي ۾ روزانو محنت ۽ ڪم کان واندڪائي ۾ وري جدت پيدا ڪرڻ طرف سوچيائين. هڪ ’چڪي جو تصور‘ جيڪا هلڪي، سولي ۽ گهر ۾ هجي جو داڻا ٻاهر ڪڍي وجي نه پيهائجن. ان جون ٻه ڊزائنون: اڏ تي ۽ هڪ هارس پاورتي: اٽو ٿلهو يا سنهو جيڪو گهرجي. سرمايي جي ڪمي سببان پنهنجي هي ايجاد مارڪيٽ ۾ آڻي نه سگهيو.
- هر ناهيائين. جيڪو ڪمند جي پوک لاءِ ڪارگر، پنج- هَري (پنج گهوبا) ۾ ترميم ڪري نئين قسم جا گهوبا وڌائين.
- سندس حڪمت عملي موجب، ڪمند جو رس، ٽئي ۾ جڏهن گرم ٿئي ته گج ڪڍي ڇڏجي ته باقي گهڻي وقت لاءِ رکي سگهجي ٿو.
- ناري ۾ فوٽا ڪڍڻ ويا ته اتي ’ڊارڪ روم‘ ۽ Enlarger Development پنهنجا ناهيائين. ’لائيٽ‘ جي وقت جو مقدار خود مرادو ڪيائين.
- 1975ع ڌاري Apollo جي خبر آئي ته هينئان زمين تان ٽا ان کي درست

ڪن. اها خبر ظفرآباد ۾ مرحوم الاهي بخش ٻانهڻ ڪئي. استاد مير حسن چيو تہ: ائين هتي بہ ٿي سگهي ٿو، جيڪڏهن 'Closed Circuit' ڪري سگهجي. جڏهن ظفرآباد ۾ بجلي لڳي، تڏهن ائين ڪري ڏيکاريائين جو هتي 'بٽن' دٻايو تہ ٽن ميلن تي ٽريڪٽر چالو ٿئي ۽ وري بند ٿئي. ان جي نمائش ڪري ڏيکاريائين، ضياءالدين شاهہ دوست اسان جو موجود هو، جنهن پاڻ 'بٽڻ' دٻايو. ٽيليفون ٻنهي طرف رکيائون ۽ تصديق ٿي. سوين ماڻهو ڏسڻ آيا. چيائين تہ Remote Control کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ائين سمجهو تہ 'ساڪت بجلي' (جيڪا چپ ۽ خاموش) آهي، تنهن کي لوڏو ڏيئي حرڪت ۾ آڻجي ٿو.

- وائرليس ٽيليفون Cardless Telephone ناهيائين. پهريائين البت Receiver جي رينج ٿوري هئي، پر پوءِ ان جي اندر واري سِٽاءِ کي Adjust ڪندو ويو تہ Range بہ وڌندي وئي ۽ ٽن ميلن تائين پهتي.
- بجلي جو ڪم، موٽر جو ڪم (پيٽرول توڙي ڊيزل انجن)، ٽيليفون، وائرليس، مڪينيڪل ڪم، سئنيما جون مشينون جنهن ۾ فوٽوگرافي ۽ آواز ٻنهي جي ڄاڻ- اهي سڀ حرفتون ۽ حيلا جڻ سندس ڏائي هٿ جو کيل هئا. سندس سوچ ۾ هن وقت (1986ع) هينيون ٽلون آهن:
- هڪ اهڙي تجويز وٽس تيار آهي، جنهن سان بہ موٽرون آمهون سامهون اچن تہ 'لائيٽون' 'ڊم' ٿي وڃن، جيئن وچ واري شيءِ نظر اچي. وٽس پرزو تيار، پر ضروري آهي تہ گورنمينٽ لازمي ڪري تہ اهو لڳائجي تہ ان جو وڪرو ٿئي.
- "ڪيسي ۾ ڊاڪٽر" اهڙو Computer جيڪو ڪيسي ۾ هجي ۽ مرض جو علاج ٻڌائي. ان لاءِ دوائن جي نالن بعد انهن جا "نمبر" ڏجن. "فيڊ سسٽم" ۾ مرض جي پڇا ۽ آثار جي پڇا هوندي، پوءِ ڪامپيوٽر 'نمبر' ڏيندو. (سندس بيان جيئن مون سمجهيو تيئن لکيو آهي- نبي بخش 1986-8-1)

استاد مير حسن 8 تاريخ نومبر 1990ع تي گذاري ويو. افسوس جو سرمايي جي ڪمي سببان هن جون اهي رٿائون رهجي ويون! سندس حياتيءَ ۾ سنڌ جي ڪنهن بہ سرمايي واري سندس ڄاڻ ۽ حرفت مان فائدو نہ ورتو! اهو انهيءَ ڪري بہ جو گهڻن کي اها خبر ئي ڪانہ رهي تہ ڪو اهڙو ماڻهو سنڌ ۾ موجود آهي! ضروري آهي تہ خاص خوبين وارن کي سڃاتو وڃي ۽ جنهن ڪم ۾ هو ماهر هجن، تنهن مهارت مان وڌيڪ ترقيءَ ڏانهن قدم وڌايو وڃي.

## 2. حاجي سراج الدين سومرو، پٽن تي گاڏيون هلائيندڙ ۽ ٽر جا رستا کوليندڙ

ٽر ۾ چاچري تعلقي جو ننڍڙو ڳوٺ 'سومرن جو پار' اتي سنہ 1944ع ۾ هڪ غريب گهر ۾ ٻارڙو ڄائو. 1938ع ۾ ٽر ۾ ڏڪار پيو ۽ سندس والد محمد

حسن لڌي اچي ميرپورخاص لڳ ڳوٺ سانوڻ خان ٽالپر ۾ وينو ۽ اتي ٻني ڪيائين. سراج الدين چار درجا سنڌي جا اتي پڙهيو. پوءِ ميرپورخاص مدرسہ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ٽيون درجو انگريزي پڙهندو هو، جو والد وري ڳوٺ 'سومرن جي پار' لڏي ويو ۽ سراج الدين جي تعليم ختم ٿي. 1959ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ دڪان ڪيائين ۽ پوءِ 1965ع ۾ ڳڏڙي ۾ دڪان ڪيائين. 1967ع ۾ ڪوڪرا پار ۾ حاجي عبدالرحيم ۽ ڪمپني جي دڪان تي نوڪري ڪيائين. 1969ع ۾ اتي ٻن پائيوارن سان گڏ پنهنجو دڪان ڪيائين، پر 1971ع واري جنگ ۾ جڏهن ڪوڪروپار تي قبضو ٿيو، تڏهن 78 موري جمڙائو تي لڏي آيو. 1973ع کان 1979ع تائين وري ڪوڪراپار ۾ حاجي عبدالرحيم ڪمپني سان دڪان ۾ پائيواري ڪيائين ۽ پڻ ڪينسر ۽ گروڙو تائين گاڏي هلائڻ ۾ پائيواري ڪيائين. 1979ع ۾ محمد رحيم راهومي سان گڏ ڪينسر ۾ دڪان ڪيائين. 1979ع ۾ عمرڪوٽ آيو، جتي دڪانداريءَ ۽ ٽرانسپورٽ ۾ حاجي عبدالرحيم ڪمپنيءَ سان پائيوار رهيو. 1994ع ۾ آخر پنهنجو دڪان ۽ ٽرانسپورٽ جو ڪم شروع ڪيائين.

- عمرڪوٽ ۾ اچڻ کان پوءِ حاجي صاحب جي ڏيان ۽ ڏنڌي جو ڪامياب دور شروع ٿيو، پر مٿئين تفصيل مان اندازو ٿي سگهي ٿو تہ زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ هو ڪيترن لاهن چاڙهن مان لنگهيو. هاڻي عمرڪوٽ ۾ اچڻ بعد سندس سجو توجهہ ٽرانسپورٽ طرف ٿيو. 1980ع کان 1986ع تائين ڪمپني سان ۽ پوءِ حاجي ميڻ شاهہ سان ٽرانسپورٽ ۾ پائيواري ڪيائين. ٽرانسپورٽ جو انتظام ۽ گاڏين جي سنڀال سندس حوالي رهي. سندس نگراني هيٺ گاڏين لاءِ ورڪشاپ قائم ٿي. اها ساڳئي وقت اوطاق بہ هئي ۽ يار دوست جيڪي ٽر ڏانهن ايندا ويندا هئا سي اتي مهمان ٿيندا هئا. آءٌ ان وقت اسلام آباد ۾ (نيشنل هجره ڪائونسل جو صلاحڪار) هئس، پر هر موڪل واري موقعي تي سنڌ جي ڪنهن نہ ڪنهن پاڱي ڪي ڏسڻ ايندو هئس. بہ ٽي ڀيرا ٿر وڃڻ ٿيو تہ ڦيريائين عمرڪوٽ ۾ حاجي صاحب سان ورڪشاپ اوطاق تي ملڻ، سندس مهمان ٿيڻ ۽ ان سان گڏ ٿر جي واري ۽ ڀٽن ۾ ڪاميابي سان گاڏين هلائڻ بابت سندس رٿن ارادن مان واقفيت حاصل ٿي.

ڪيئن حاجي صاحب پيٽرول واريون پراڻيون گاڏيون ڊيزل تي بدلائي ٿر ۾ ڪاميابي سان هلايون ۽ سجو ٿر اچ وڃ لاءِ کلي ويو، تنهن جو تفصيل ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ پنجين جلد ۾ لکيل آهي. اهي گاڏيون پوءِ 'ڪيڪڙا' جي نالي سان مشهور ٿي ويون.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد پنجون) سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 2003ع]

❑

## 43 خانبهادر علي نواز خان جمالي

سنہ 1958ع جي ڳالهہ آهي، جيڪب آباد ۾ جناب محمد اسماعيل خان نون صاحب سان گڏ هئاسون جو چيائين تہ: اڄ محرابپور جمالي (لڳ ڳڙهي خيرو) ۾ اسان جي دوست مير شاهنواز خان شاهلياڻي کي ملڻ ٿا هلون.

نون صاحب جن چيو تہ: مير شاهنواز خان پاڻ هڪ لائق انسان آهي، پر ڊاڪٽر صاحب! جيڪڏهن اوهان سندن والد خانبهادر علي نواز خان کي ملو ها تہ سندن ڪچهري اوهان کي ڪڏهن ڪانہ وسري ها. اهي ڳالهيون ڪندي اسان محرابپور جمالي پهتاسون. مير شاهنواز خان کي ملياسون تہ پاڻ لڪين لائق نظر آيو ۽ پهرين ملاقات ۾ اسان کي هميشہ لاءِ پنهنجي محبت جو گرويده بنائي ڇڏيائين. ان ڪچهري ۾ توڙي ان کان پوءِ جڏهن بہ محرابپور وڃڻ ٿيو تہ خانبهادر علي نواز خان مرحوم جون ڳالهيون ۽ نيڪيون محفل جو سينگار رهيون.

اهي ڳالهيون مير شاهنواز خان کان وڌيڪ ٻين ڪيترن ئي صاحبن کيون، خاص طرح قاضي محمد ابراهيم صاحب ڪارڙن وارو (لاڙڪاڻو) جو پاڻ هڪ عالم فاضل ۽ خانبهادر مرحوم جي همعصرن مان آهي، تنهن هڪ صحبت ۾ خانبهادر صاحب جي زندگي ۽ ڪردار تي روشني وڌي جنهن مان معلوم ٿيو تہ: خانبهادر مرحوم فارسي جو اديب ۽ شاعر هو، علم دوست ۽ علم پرور هو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ ديني تعليم ۽ فارسي جي اعليٰ تعليم لاءِ مدرسو آباد رکيائين، جيترو خاندان ۾ سندس اثر رسوخ اوتروئي هو عوام ۾ مقبول هو، غريبن جو وڏو همدرد ۽ پرجهلو هو. بيشڪ اهڙا نيڪ ۽ لائق انسان ڪڏهن ۽ ڪي ٿورا پيدا ٿين ٿا. جيڪب آباد ۽ بلوچستان جي جمالي قوم مان جيڪي نامور شخص هن پوئين ويجهي دور ۾ ٿي گذريا آهن، تن ۾ خانبهادر علي نواز خان مرحوم ۽ پوءِ مير جعفر خان مرحوم پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

[ماخذ- هفتيوار "ڪچهري"، سومر 15 مئي 1972ع]

# 44 رئيس المهاجرين مرحوم جان محمد جوڻيجو*

اسان جي سنڌ سونهاري انگريزن جي غلاميءَ واري زماني ۾ به اهڙا جليل القدر ۽ صاحب استقلال مرد پيا ڪيا، جن آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هر قسم جون قربانيون ڪيون. انهن مان رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي صاحب، مولانا عبيدالله صاحب سنڌي، مولانا تاج محمّد صاحب امروٽي ۽ رئيس المهاجرين جان محمّد خان جوڻيجو قابل ذڪر آهن.

خلافت جو سوال ۽ ترڪيءَ جي تباهي، سنڌ جي مسلمانن لاءِ هڪ امتحان هو ۽ ڪين ورهين جي غفلت ۽ غلاميءَ جي گهريءَ ننڊ مان بيدار ڪرڻ لاءِ هڪ الاهي رحمت هئي. نيڪ انهيءَ وقت، جڏهن آزمايش لاءِ آواز بلند ٿيو، تڏهن اسان جو رئيس المهاجرين پهريون شخص هو، جنهن سر تريءَ تي ڪٽي سنڌ جي سرفروش مسلمانن جي جماعت ساڻ ڪري هجرت ڪئي. خلافت – هلچل ۽ ڪابل جي هجرت ۾ سنڌ جي هن مرد مجاهد جيڪي قربانيون ڪيون، تن جي مثال ڏيڻ کان هندوستان به قاصر آهي.

مرحوم جان محمّد خان جوڻيجو، سن 1304ھ ۾، لاڙڪاڻي جي ويجهو ”ڏامراها“ ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس والد بزرگ، حاجي ڪريم بخش خان، شهر جو معزز زميندار ۽ دولتمند ماڻهو هو. هن پنهنجي فرزند کي ابتدائي تعليم لاءِ ڳوٺ جي مدرسي ۾ ويهاريو، جتي هن فارسيءَ جي نصاب ختم ڪرڻ سان گڏ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪئي، ٻارهن ورهين جي عمر ۾ ڳوٺ خيري ديري (تعلقو رتوديرو) جي سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو ۽ ستت ئي انگريزي تعليم پرائڻ لاءِ لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ اچي داخل ٿيو. مدرسي ۾ فقط پنج درجا انگريزي هئا، جي پورا ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخل ٿيو، جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اتي مسٽر عبدالرحمان حسن علي بئريسٽر ۽ مسٽر علي گوهر ڀُٽي (جو اجا حيات آهي) سان صحبت هوندي هيس. مسٽر علي گوهر جي ولايت وڃڻ ڪري مٿس به ولايت وڃڻ جو شوق ٿيو ۽ سندس والد کيس 1910ع ۾ ولايت موڪليو. اتي ٽي سال رهي، بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين: ان بعد به سال پرئڪٽس خواهه سير و تفريح لاءِ رهي پيو. سندس پوين جي چوڻ موجب پهريائين مرحوم کي في الحال وطن ڏانهن موٽڻ جو خيال ڪونه هو، ان ڪري سندس والدين سخت پريشان ٿي پيا. هڪ دفعي خواب ۾ ڏٺائين ته پاڻ لندن شهر جي هڪ بازار ۾ گهمي رهيو آهي، ته اوچتو

---

* هن مضمون جو مدار ميان نبي بخش منگي ۽ ميمڻ عبدالمجيد صاحب سنڌيءَ جي موڪليل مواد تي آهي. - مرتب

هڪ فقير ڳُل تي چماٽ وهائي ڪڍيس ۽ چيائينس تہ 'پنيان عزيز روئي رهيا اٿيئي ۽ تون هتي گهمي رهيو آهين!' هڪدم سجاڳ ٿي پيو ۽ ڳوٺ ورڻ لاءِ نهايت پريشان ٿي پيو — پوءِ جلد ئي اچي ڳوٺ پهتو.

سنڌي مسلمانن ۾ غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ کان هي ٻيو نمبر نوجوان هو، جنهن بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو. سندس بلند اخلاقيءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، جو انگلنڊ کان موٽڻ بعد سندس آزاد طبيعت ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق نہ آيو. آزمودي وڌائڻ لاءِ، ڪجهہ وقت پهريائين ڪراچيءَ ۾ رهيو، پر پوءِ لاڙڪاڻي ۾ اچي مستقل طرح وڪالت جو ڌنڌو اختيار ڪيائين. ٿوري ئي عرصي ۾ سندس والد بزرگوار وفات ڪئي، جنهنڪري زميندار ي ڪاروبار بہ سندس سر تي اچي ويس. انهيءَ زماني ۾ هارين نارين سان ڏاڍا سهنج ڪري، مقروض هارين کي قرض کان آجو ڪيائين. ان کان سواءِ ٻيون بہ هر قسم جون سهوليتون ڏنائين: انهيءَ ڪري ڪڙمي ڪيس ڏاڍو پائيندا هئا.

1917ع ۾، جڏهن مرحوم غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جي شاخ کُلي، تڏهن پهريائين جيڪي چند ميمبر ٿيا، تن مان هڪ اسان جو نوجوان رئيس بہ هو. اتان کان سندس قومي زندگي شروع ٿي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ 'فنا في القوم' کي وڃي پهتي. مارچ 1918ع ۾، شيخ عبدالعزيز صاحب سنڌ ۾ "عربي — انگريزي اسڪول" جي قيام لاءِ سکر ۾ هڪ تعليمي ڪانفرنس سڏائي، ان ۾ جان محمد خان فراخدليءَ سان حصو ورتو ۽ رتيل اسڪول ۾ ٻن شاگردن لاءِ اسڪالرشپون ڏيڻيون ڪيائين — مگر افسوس جو خلافت — هلچل کان پوءِ اهي رٿون عملي جامو پهري نہ سگهيون.

ترڪي سلطنت جي ورهاڱي جي سوال تي پهريائين پهريائين لکنؤ ۾ هڪ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس سڏائي ويئي هئي، جنهن ۾ هيءَ رٿ پاس ڪئي ويئي تہ 17 آڪٽوبر 1919ع تي ننڍن وڏن شهرن ۾ ترڪي جي سلطنت جي بقا لاءِ دعا گهري وڃي: انهيءَ ڏينهن کي 'پهريون يوم خلافت' سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ وقت اهڙو ڏينهن ملهائڻ سترو نہ هو: پر اسان جي رئيس، حضرت پير تراب علي شاهہ جي مدد سان، سر توڙ ڪوشش وٺي، پنهنجي بنگلي جي سامهون عيدگاهہ ۾ ڌام ڌوم سان هڪ عام جلسو ملهايو. نومبر 1919ع ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس دهليءَ ۾ سڏائي ويئي،جتي اهو نهراءُ پاس ڪيو ويو تہ 'ايندڙ صلح — جشن، جو نومبر جي 13 کان 16 تاريخ تائين ٿيڻو آهي، ان جي خلاف بائيڪاٽ ڪيو وڃي'- جنهن جي تصديق 'جميعت العلماء هند' بہ ڏني. ڪانفرنس ۾ سنڌي ليڊرن جي ويل وفد ۾ اسان جو رئيس بہ شامل هو، اتي لاڙڪاڻي ضلعي جي هلچل سندس ذمي ڪئي ويئي. هن موٽي اچي پير تراب علي شاهہ جي رفاقت سان زبردست هلچل هلائي. "صلح-جشن-ڏينهن" تي لاڙڪاڻي مان ڪارن جهنڊن سان سرگس ڪڍي ويئي ۽ هڙتال پڻ ڪئي ويئي.

تاريخ 4 جنوري 1920ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ پهريون دفعو خلافت جو جلسو ٿيو، جنهن ۾ رئيس مرحوم لاڙڪاڻي ضلعي جي ظلمن متعلق هڪ ولوله انگيز تقرير ڪئي. تاريخ 6-7-8 جون تي وري سندس سرتوڙ ڪوشش سان لاڙڪاڻي ۾ بي خلافت ڪانفرنس، زير صدارت پير صاحب جهنڊي واري جي منعقد ٿي، جنهن جي استقباليه ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري پاڻ هو. هن ڪانفرنس ۾ مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، مولانا عبدالجبار لکنوي، مولانا آزاد، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، سيٺ عبدالله هارون، مولانا امروٽي، مهاتما گانڌي، ڊاڪٽر ڪچلو، وغيره جن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي آخري ڏينهن تي فيصلو ٿيو ته سنڌ جو هڪ وفد بمبئيءَ وڃي، سنڌ ۾ ڪامورن جي ٿيل ظلمن بابت گورنر جو ڌيان ڇڪائي. انهيءَ فيصلي مطابق، هڪ سفارت تيار ٿي بمبئيءَ ويئي، جنهن ۾ پير صاحب جهنڊي وارو، مولوي دين محمد ”وفائي“ ۽ ٻيا ڪيترا معزز شريڪ هئا. ان سفارت جو لسان الوفد رئيس صاحب هو. بمبئيءَ ۾ چوڏهن ڏينهن جي رهڻ کان پوءِ به گورنر کين ملاقات جو موقعو نه ڏنو، ليڪن سنڌ وڃڻ مان هڪ ٻيو فائدو ٿيو جو کين آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جي اجلاس (جو غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي زير صدارت منعقد ٿي رهيو هو) ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو.

اپريل 1920ع ۾، سيوهڻ ۾، مولانا عبدالڪريم ”درس“ جي زير صدارت، خلافت جلسو ملهايو ويو هو، جنهن ۾ رئيس مرحوم ۽ ٻين زوردار تقريرون ڪيون. هجرت بابت ٺهراءُ پاس ڪيو ويو، جنهن جيڪب آباد واريءَ ڪانفرنس ۾ عملي صورت اختيار ڪئي. جيڪب آباد واريءَ ڪانفرنس ۾ رئيس مرحوم ڀرپائين ڀرپائين قطع تعلقات جو سوال اٿاريو. جيڪب آباد ۾، ساڳئي ئي سال، مولانا تاج محمود صاحب امروٽيءَ جي زير صدارت، خلافت جلسو منعقد ٿيو. جلسي ۾ تقرير ڪندي رئيس صاحب اعلان ڪيو ته ”مان سرداريءَ جي ٻيو نمبر ڪرسي، ميونسپل ڪمشنري، لوڪلبورڊ جي ميمبري، بئريسٽريءَ جي ڊگري – سڀ ترڪ ڪريان ٿيو ۽ دل ڏيڻ کان به انڪار ڪريان ٿو!“ سندن تقرير جو اهو اثر ٿيو، جو ”ترڪ موالات“ جو جوش اهڙو ته ڦهلجي ويو، جو ڪيترن ماڻهن حيثيت سارو انگريزن سان قطع تعلقات جا اعلان ڪيا.

انهيءَ کان پوءِ، هجرت جي سانباهي لاءِ باقاعدي هجرت – ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جو صدر پير تراب علي شاهه ۽ سيڪريٽري رئيس مرحوم چونڊيا ويا. ڪيترن ماڻهن ڪابل ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ دفتر ۾ نالا داخل ڪرايا. سندن بنگلو هجرت – ڪاميٽيءَ جو دفتر ڪيو ويو. مئي مهيني جي 24 تاريخ، حيدرآباد ۾ پير تراب علي شاهه جي زير صدارت جلسو منعقد ٿيو، جنهن ۾ رئيس مرحوم جي صحيح سان بمبئيءَ جي گورنر جي پوليٽيڪل سيڪريٽريءَ ڏانهن تار به ڪئي ويئي. ان کان پوءِ حڪومت سندن ٻنين کي

پاڻي ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو، پر رئيس صبر ڪري هجرت جي تياريءَ ۾ لڳو رهيو. ساري هندستان ۾ هي پهريون سنڌي مجاهد هو، جنهن هجرت ڪئي. مٿس سنڌ ۽ سنڌي جيترو به ناز ڪن، اوترو ٿورو آهي.

جولاءِ 1920ع تي پهريائين پهريائين لاڙڪاڻي شهر مان، اسپيشل ٽرين ياڙي ڪري، ساڍن ستن سون مهاجرن جو سات ساڻ ڪري، افغانستان روانو ٿيو. ضلعي خلافت ڪانفرنس جو اٺون اجلاس، جو زير صدارت رئيس الاحرار مولانا شوڪت علي صاحب جي 2، مارچ 1924ع سکر ۾ منعقد ٿيو، ان ۾ ضلعي سيڪريٽريءَ عبدالستار آدم جيڪا رپورٽ پيش ڪئي (جا پوءِ ڇپائي ويئي)، ان جي صفحي 9 تي سيڪريٽريءَ رئيس جي هجرت کي هن طرح ساراهيو آهي:

”هجرت جو معاملو: جنهن گورنمينٽ کي هڪدم پريشان ڪري ڇڏيو، انهيءَ جي ڪاميابيءَ جا سهرا سڄي هندستان ۾ جنهن هستيءَ جي سر تي سونهن ٿا، سو رئيس المهاجرين نواب مرحوم جان محمد خان جوڻيجو هو، جو سنڌ مان پهرين مهاجرن جي اسپيشل ٽرين وٺي ويو“. مهاجرن کي لاڙڪاڻي کان روهڙيءَ تائين سيني اسٽيشنن تائين هزارن ماڻهن الوداع ڪئي. سنڌ کان ٻاهر پڻ هنن مهاجرن جي بلڪل چڱيءَ طرح مرحبا ٿي. هي قافلو 19 جولاءِ جلال آباد ۾ پهتو. افغان سرڪار ڪين سهوليتون ڏنيون، مگر پوءِ گهڻن مهاجرن وڃڻ ڪري بي بندوبستگي ٿي پئي. آڪٽوبر مهيني ۾ رئيس المهاجرين هڪ وفد ساڻ ڪري اول مقصد سرانجام ڪرڻ لاءِ مولانا محمد علي ”جوهر“ جي ملاقات لاءِ روانو ٿيو. مولانا انهن ڏينهن ۾ ”ترڪ موالات“ ڄي ڪاليج جي شاگردن ۾ تبليغ ڪري رهيو هو، ته رئيس صاحب به وڃي ساڻن شريڪ ٿيو ۽ ان بعد مولانا صاحب سان گڏجي هندوستان جي گهڻن شهرن جو گشت ڪيائين.

نومبر جي پوين تاريخن ۾ الله آباد واري ڪانگريس اجلاس ۾ شرڪت ڪري، لاڙڪاڻي موٽي آيو ته ڪيس سنڌ جي جديشنل ڪمشنر جو نوٽيس پهتو، جنهن ۾ حڪم مليو هو ته ڪراچي اچي ۽ جيڪب آباد وارين تقريرن بنسبت جواب ڏي: پر رئيس صاحب وڃڻ جي بجاءِ ڪين هي جواب موڪليو ته ”جيئن ته مان افغانستان جي بادشاهه جي رعيت آهيان ۽ انجمن مهاجرين هند جي طرفان موڪليل آهيان، تنهنڪري جيڪڏهن انهن جو حڪم ايندو ته ايندس، نه ته نه“. نيٺ بمبئيءَ ويو، جتي ڪيس ”بمبئي خلافت ڪاميٽيءَ“ طرفان پنجاهه لک روپيا بروقت امداد ڏني ويئي، جا هڪدم ڪابل رواني ڪيائين، ۽ پنجن لکن رپين ڏيڻ جو واعدو ٿيو. ڪابل ويندي ڪيس سرحد تي روڪيو ويو، جتي ڪيس ويهه ڏينهن لڳا. پشاور ۾ فارسيءَ ۾ تقرير ڪيائين جنهن ۾ پاڻ کي افغان رعيت ڄاڻايائين ۽ وڃڻ کان روڪڻ جو اظهار ڪندي انگريز حڪومت کي خوب ننديائين. پشاور مان به ڪيس نڪري وڃڻ جو نوٽيس مليو، جنهنڪري لاهور آيو ۽ اتان لکنو ۽ ائوڌ خلاف ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي فارسيءَ ۾ تقرير ڪيائين.

ان بعد، مولانا محمد علي ”جوهر“ جي سنگت ۾ اجمير جي خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو. اتي ڪيس ٿورو بخار ٿي پيو ۽ جلسي ۾ اچي نہ سگهيو، پر پنهنجي فارسيءَ ۾ لکيل تقرير پڙهڻ لاءِ موڪليائين. سندس بخار وڌي وڃي خوفناڪ بيماريءَ جي صورت اختيار ڪئي — تان جو 27 رجب المرجب 1339هہ، برابر 16 اپريل 1921ع تي، مسافر ۽ مهاجر جي حالت ۾، حضرت ولي الهند خواجہ معين الدين چشتي، غريب النواز، جي درگاهہ اجمير شريف ۾، صبح جي وقت، قومي شهادت جو جام نوش فرمائي، حياتِ جاوداني حاصل ڪيائين — اِناللہ و اِنا اليہ راجعون. سندس جنازي جي نماز خواجہ صاحب جي درگاهہ ۾، مولانا حڪيم معين الدين اجميريءَ پڙهائي. سندس جنازي ڪي ساگر تلاءَ جي ڪناري مدفون ڪيو ويو.

”شيرل“ صاحب، رئيس صاحب جي هجرت واري قافلي ۾ شريڪ هو، جنهنڪري سندس بيتن مان هجرت جو سچو احوال ملي ٿو. هي بيت ”شيرل“ جي شعر جي ڇپايل چوپڙيءَ ”’عشق جو رسالو، نينهن ۾ نرالو‘ عرف ’فراق نامو حسيني‘“ تان ورتل آهن.

جان محمد جوڻيجو سورهيہ سامايو،
راضي تنهن تي رب ٿيو، تنهن کي واحد وڌايو،
سخي هو سخاوت ۾، ڪيائين روح اندر رايو،
ڳالهہ اها ڳايو، مرد تنهن ملوڪ جي.

*

مرد تنهن ملوڪ کي ڏاتر ڏنا ڏاڻ،
عهدو وڪالت بئريسٽريءَ جو ورتائين همت ساڻ،
علم پڙهي عالم ٿيو، هيس انگريزي اهڃاڻ،
هاڻ ڪيان روح رهاڻ، ساراهہ سپرين جي.

*

ٻڌ ساراهہ سپرين جي، جنهن کي مولا ڏنو مان،
هٿ هوس حاڪمن جو، شاهي جنهن جو شان،
ڪامل تي ڪورٽون ڪيون ٻڌي بات بيان،
جيءَ اندر آهن جولان، سڪ تنهنجي ساهہ کي.

*

سڪ تنهنجي ساهہ کي اندر نہ آهي آرام،
ڪائڻ نہ آهي خوشيءَ جو، چش نہ ڏئي طعام،
هجرت جي سنيري هليو ڪري اهو انجام،
اڳ ۾ تي امام، قافلو ڪيائين ڪيترو.

*

قافلو ڪيائين ڪيترو لکين خرچ ڪٽي،
جيڪا رضا رب، واهه تنهن ڪي وٽي،
مهاجرن ڪي محبت ۾ پاڻ ڪيائين پٽي،
لاڙڪاڻي تي لقب هٽي، ريل تي چڙهي رکن ڏي هليا.

*

ريل تي چڙهي رکن کون ٿيا سکر روانا،
عرض ڪيائين الله ڪي اسين آهيون تنهنجا ٻانها،
داڻي پاڻي نصيب جي آهي، انهي ۾ معنا،
اچي ملتانا، ڏيهرو ڪيائين ڏينهن جو.

*

ڏيهرو ڪيائين ڏينهن جو، هليا چڙهي لاهور،
اتي عزت ملي امير کي سرڪائين گهور،
ڪاڻ آندائون خوشيءَ مَون ڏنائون زور،
اهڙي دستور، راولپنڊي رڙهي هليا.

*

راولپنڊي رڙهي هليا، ڪانولپور ڪاهي،
واڳ وس نہ پنهنجي ڏور وڏي ڏاهي،
گاڏي چڙهي چوهه مون ڏس ڇا منجهون چاهي،
پشاور ۾ لاهي، ڏينهن ڇڏيائون ڪيترا.

*

اتي ڏينهن رهي ڪيترا هليا پيادا ڪلي پنڌ،
رفيق ٿياسون راهه مَون راهي مٿي رند،
رکيائون ناسڪ سرير ۾ خودي ڪيائون بند،
اچي ٿيا سي هڪ هنڌ، بيني ڪوٽ جنهن کي چون.

*

بيني ڪوٽ جنهن کي چون، رکيائون جلال آباد جوش،
عقل ڇڏي ويو اڳ ۾ ڪونہ رهيو هوش،
ڪونہ وڙهي ڪنهن سان دشمن توڙي دوس،
مڙني ڪئي خاموش، محبت رکي مَن ۾.

*

محبت رکي من ۾ ڪابل ڪيائون ڪاهه،
دونهان درد دکايا، عشق اندر آڙاهه،

پنڌ اڙانگو پٽيون رهي آيا راھ،
اھڙو ئي آھ الله، امير صاحب ڏنائون اکين سان.

*

امير صاحب عزت ڏني مولوي عبيدالله صاحب سڏائي،
دعوت ڪاڏائون دل سان راتيون رهائي،
سينڌن چيو سڪ مان آيا آهيون سرڙا لهرائي،
توڻي وجهين ڪهائي، جان محمد چيو جوش مان.

*

امبر ڪي ائين نہ گهربو هو ڏنائين مهاجرن کي موڪل،
سيءُ رکيائين سرير ۾ نہ ڪيائين توڪل،
ڳجھ اندر جون ڳالهيون تون جوش اندر ۾ جل،
راهي ٿيا رلمل، موٽي پنهنجي ملڪ تي.

*

موٽي پنهنجي ملڪ تي آيو جان محمد جائي،
رات ڏينهان روح ۾ هيس وات اها وائي،
دانهون ڪيان درد مؤن ڪونهي حال پائي،
نصيب داٽو پاٽي ڪائي هلي آيا هندستان ۾.

*

هندستان ڏي روانا ٿيا خواجہ اجمير شريف،
سڪ رکيائين ساھ ۾ ڪهڙي ڪريان تعريف،
ملڪ ڇڏي مسافر ٿيو سهي گهڻي تڪليف،
اکيون ڪڪوريون ڪيف، مانجهيءَ تنهن ملوڪ جون.

*

مانجهي تنهن ملوڪ جي هئي عمر ٿيھ ورهيہ پوري،
رضا تي راضي رهيو ڪيائين صبوري،
مرڻ مهل تي موت رکيائين منصوري،
آيا ملائڪ صفوري، سڪرات ڏنائين ڪانہ ڪا.

*

سڪرات ڏوائين ڪانہ ڪا، ساھ ڏنائين سهنجو،
”شيرل“ چوي شهيد ٿيو وطن ڇڏي پنهنجو،
سوال ڪريان توکي سيّدا ڪر نہ ڪانيارو ڪنهن جو،
هٿ آهي منهنجو، دامن دستگير جي.

*

جان محمد جُوءِ مان ويو ڪست منجهان ڪاهي،
مال مڏيون ڦٽيون ڪري ويو لاڳاپا لاهي،
جنهن ڪي سڪ سرير ۾ ڏور وڏي ڏاهي،
اجمير ۾ آهي، مقبرو ملوڪ جو.

*

مقبرو ملوڪ جو جودؤن جوڙيائون،
جهنڊ تنهن جوان جا خوبا ڪوڙيائون،
ماتم ڪيائون من ۾ ڳل ڳوڙها ڳاڙيائون،
پريت پاڙيائون، جو صوبو هو سنڌ جو.

*

صوبو هو سنڌ جو مُلڪن جو مير،
صاحب تي صاحبي ڪئي جو بادشاهي وزير،
شهيد ٿيو شوق مان نيڻن وهايان نير،
اتر وارا پير، پناهه ڏيندين پرديسيءَ کي.

*

پناهه ڏيندين پرديسيءَ کي جنهن صدقي ڪيو ساهه،
ميڙي محمّد ﷺ جام جي توکي آڻيندو الله،
حضرت ٿيندءِ حامي ڪندءِ واهه،
باري آهين بيپرواهه، سام اوهان جي سيّدا.

[ٽه ماهي "مهراڻ" (سوانح نمبر) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1957/3-4ع]

❑

# (45) سائين جي.ايم.سيد: گھڻ پاسائين شخصيت
## (صدارتي تقرير)

سائين مظهرالحق صديقي صاحب، ڊاڪٽر حميده کھڙو صاحبه، سائين جلال شاهه، معزز پائرو، مانواريون پينرون!

السلام عليڪم:

ڪافي وقت گذري ويو آهي ڪو وڏو خطاب ته نه ٿو ڪري سگهجي، پر خوشي ان ڳالهه جي آهي جو هي عاليشان اجتماع سائين جي.ايم.سيد جي ياد ۾ سڏايو ويو آهي. سائين جي.ايم.سيد فائونڊيشن جا اسين شڪرگذار آهيون، جنهن هي منڊل مچايو آهي.

سائين جي.ايم.سيد جي باري ۾ ست اٺ تقريرون ٿيون آهن ۽ گهڻو ڪري سڀ سٺيون ڳالهيون اچي ويون آهن. پر ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته 'سائين جي.ايم.سيد جي شخصيت گهڻ پاسائين' رهي ۽ جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي، ان ڪي پوريءَ طرح پروڙڻ ۾ شايد وقت لڳندو، اڄان اسان ان مخالفت ۽ مزاحمت واري ماحول ۾ آهيون، شايد اسان انصاف نه ڪري سگهون، وقت لڳندو، پر هن ويهين صديءَ جي، ڪم از ڪم وڏي شخصيت اسان جي.ايم.سيد صاحب ڪي سڏي سگهون ٿا. ٻي ڳالهه ته اسان جيڪڏهن سائين جي.ايم.سيد ڪي سنڌ جو گهڻ گهرو سڏيون، ان جي باري ۾ ڳالهيون ڪريون، هن بابت سنڌ جي لاءِ جيڪي به اسان چئون ته چئي سگهون ٿا، پر اها ڳالهه نه وساريو ته هو پاڪستان جو به وڏو ليڊر هو. اها ڳالهه تاريخ ۾ ثابت رهندي. هتي اهو به بيان ٿي چڪو آهي ته پوري هندستان ۾ پاڪستان لاءِ جيڪي ڪوششون ٿيون، تن ۾ سڀ کان زياده زبردست ڪوشش سنڌ ۾ ٿي. انهيءَ جو جهنڊو جي.ايم.سيد جي هٿ ۾ هو. انهيءَ ڳالهه ڪي وسارڻ نه گهرجي. اها تمام ضروري ڳالهه آهي. افسوس اهو آهي ته جيڪا ڪشمڪش هلي پڇاڙيءَ تائين اها فيصل نه ٿي. سائين اسان کان موڪلائي ويو. حڪومت پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. ممڪن آهي ته اڳتي اسان سڀ سڪون ۽ ملڪ ڪي ڪنهن بهتر طريقي سان هلائي سگهون.

آءٌ جڏهن پهرين پهرين آمريڪا مان موٽي آيس، ته سائين جن وٽ آيس اتي رهيس؛ تڏهن مون پنهنجي ڪنن سان ٻڌو، اها ڳالهه اوهان جي آڏو ڪري ٿو چڏيان، ته مون سائين جي.ايم.سيد ڪي ائين چوندي ٻڌو ته: "هي پاڪستان نهايت ڏکيو قائم ٿيو آ، پر جيڪي پاليسيون هلن ٿيون سي نيڪ ناهن." پاڪستان جو

هن کي درد هو ۽ پاليسين تي هن جي تنقيد هوندي هئي. ٻڌايائين پئي ته: هر ڳالهه غلط پئي ٿئي؛ هي ملڪ جيڪو ايڏي تڪليف سان اسان قائم ڪيو سو ڪهڙي طريقي سان ترقي ڪندو، ڪيئن ڪندو!

سائين جي.ايم.سيد جي باري ۾، اڄوڪو اجلاس خاص سندن ادبي خدمت جي باري ۾ ٿيو آهي، پاڻ اديب هئا. انهيءَ جي ثابتي اها آهي ته سائين جلال محمود شاهه سندن ڪتابن جا نالا پڙهي ٻڌايا. چاليهه کن ڪتاب، يا انهيءَ کان وڌيڪ لکيا اٿن. 38-39 ڇپجي چڪا آهن. ايڏو وڏو ذخيرو ڪتابن جو، هڪڙي وڏي اديب جو ٿي سگهي ٿو، انهيءَ ڪانسواءِ سائين جي.ايم.سيد جي ٻي هڪ وڏي سنڀال جيڪا پاڻ ڪندا هئا ۽ جيڪا فقط ڪو عالم ۽ اديب ئي ڪري سگهي ٿو، سا اها ته جيڪو به ڪاغذ ايندو سو پاڻ وٽ حفاظت سان رکندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ڪو خط يا ڪاغذ هو، نوڪر کي چيائون ته سنڀالي رکو. نوڪر پڇيو ته هِتي يا هُتي رکجي، چيائين ته اهو ڪٽي فلاڻو فائيل آ، ان ۾ وجي رکو. يعني جيڪا سندن لائبريري هئي. سا باقاعدي سنڀاليل هئي ۽ هر خط اتي موجود هو ۽ هر فائيل اتي محفوظ هو. اهڙي سنڀال ڪو عالم ۽ اديب ئي ڪري سگهي ٿو، ٻيو نه ڪري سگهندو.

منهنجي پنهنجي دانست ۾ وڏا ڪم جيڪي سائين جي.ايم.سيد ڪيا، جن جو آءٌ ڪنهن حد تائين اکين ڏٺو شاهد آهيان ۽ ساڻن گڏ به ڪم ڪيم، تن جو ذڪر ڪجي ٿو. ٽي وڏا ادارا جيڪي سنڌ حڪومت کان مليا، اهي جي.ايم.سيد جي ڪري مليا. پهريون ادارو سنڌي ادبي بورڊ جو، ساهتيه بورڊ ته سائين پاڻ ئي اڳ قائم ڪيو هو، جڏهن 1940ع ۾ وزير ٿيو هو؛ پر ادبي بورڊ پاڪستان کان پوءِ 1951ع ۾ قائم ٿيو. سائين جي.ايم.سيد جي بورڊ کي قائم ڪرائڻ جي باري ۾ ڪيل ڪوشش هڪ وڏو احسان هو. تنهن کان پوءِ شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جو سڄو نظام ۽ خاڪو پاڻ ويهي ناهيائين ۽ اهو مون کي ڏيکاريائين. پوءِ سندن ڪوشش سان باقاعدي ڪلچرل سينٽر قائم ٿيو. ٽيون صوبائي لائبريريءَ جي باري ۾ ڪوشش ڪيائون ته جيئن سنڌ ۾ هڪ وڏي عاليشان لائبريري هجي. پوءِ اهي ٽيئي ادارا قائم ٿيا ۽ پوءِ ايڪٽ پاس ٿيو، جنهن جي اوهان کي خبر آهي؛ پر اهي ٽئي ادارا سائينءَ جي ذاتي ڪوشش سان قائم ٿيا.

ٻيون به ڪي به چار ڳالهيون آءٌ ذاتي طور چئي ڇڏيان، ڇاڪاڻ جو اوهان صدارت جي ڪرسي ڏني آهي ۽ مون کي انهن ڳالهين جي خبر آهي جو مون سائين جن سان گڏجي ڪم به ڪيو.

شاهه جو رسالو ۽ سنڌي لغات بابت. سندس مرضي هئي ته شاهه جي رسالي کي چڱيءَ طرح سان ايڊٽ ڪيو وڃي ۽ شاهه جي راڳ جو چڱي طرح سان مطالعو ڪيو وڃي. سندن خيال وسيع هئا، گهڻا ڪتاب پڙهيا هيائون. علامه مشرقيءَ جا ڪتاب، علامه اقبال جا ڪتاب منهنجي روزبرو پڙهندا هئا ۽ پڻ

ڪوٺ ڪندا هئا. اهي سڀ ڳالهيون، پر شاهه لطيف جي ڳالهه ڪي اڳتي ڪندا هئا. پٽ شاهه تي ساليانی ميلي وقت محفل لاءِ سائين باقاعدي ڪوشش ڪئي. وڏي محبت سان، سنه 1950ع ۾ ڀِٽ پهريون ڀيرو پٽ شاهه تي هليا ۽ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويا، اتي وياسين، سائينءَ جي ڪنهن سڄاڻوءَ جي ڀڳل سڀڳل جاءِ هئي تنهن ۾ وڃي رهياسون، جنهن ۾ ڪا آرائش ڪانه هئي ۽ فقط ڪي ڪٿون هيڏانهن هوڏانهن پيل هيون، درگاهه جو ٻاهريون ايوان وارو دروازو، اتي شاميانو لڳائي شاهه لطيف جي سالگره ملهائي سون. سائين ميران محمد شاهه جي مهرباني ٿي جو رستو نهرائي ڏنائين، جيڪو وڏي رستي کان پٽ شاهه تائين وڃي ٿو. ان بعد ڪلچرل سينٽر، سائين جي.ايم.سيد جي ڏنل رٿا جي ڪري ٿيو. مون کي گهڻي ترغيب ڏنائين ته شاهه جي رسالي تي ۽ شاهه جي راڳ تي ڪم ڪيو وڃي. ٻي وڏي ڳالهه سنڌي لغت جي ڪيائون ۽ چيائون ته مون 1940ع ۾ ڪاميٽي قائم ڪئي هئي جڏهن مان وزير ٿيو هوس، ته لغت ٺهي، اهو ڪم هليو پئي پر پورو ڪونه ٿيو. مون کي تمام گهڻو همٿايائون ته هاڻ اهو ڪم تون ڪر. چيائون ته: بس اهو ڪم توکي ڪرڻو آهي، بهرحال ان ڪم لاءِ مون کي پاڻ سان گڏ سن ۾ رهايائون. اها ڳالهه وڏي آ، انهيءَ ڪي ڪتابو ته پاڻ وٽ رهائي مون کي چيائون ته، هي ڊڪشنري تون ويهي ناهه[1].

ڪن مون کي چيو ته ”ميان تون آمريڪا مان پڙهي آيو آهين. حڪومت سائين جي.ايم.سيد جي خلاف آهي، تون وڃين ٿو، سائين جي.ايم.سيد وٽ رهين، سياڻي توکي نوڪري به ڪانه ملندي.“ مون چيو ته ”ادا ان ڳالهه کي پوءِ پيا ڏسنداسون، حالي اسان لغت ناهينداسون.“ پوءِ ايتري خدمت ٿي، جو مان سمجهان ٿو ته سائين جي.ايم.سيد جيڪا ترغيب ڏني هئي، سا پوءِ مون نهايت نيازمنديءَ سان پوري ڪئي. يعني ته مون رسالي جو ڪم پورو ڪيو ۽ لغت جو ڪم پورو ڪيو. سندن مهرباني هئي وقت تمام ٿورو آهي. ڳالهه گهڻي آهي. ان شاءالله ٻيو جيڪو اجلاس ٿيندو تنهن ۾ گهڻيون ڳالهيون ٿينديون، سائينءَ جون جيڪي خدمتون آهن، اهي حد کان زياده آهن.

مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر هئڻ واري دور ۾ به ساڻن نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيتوڻيڪ شاگردن ۾ اختلاف جو تمام گهڻو زور هو. ڪي چوندا هئا، ته سائين جي.ايم.سيد پوڪ پوڪي، پٽي صاحب لاٻارو وڃهي چڙيو. پٽي صاحب واري دور ۾ سائين جي.ايم.سيد جي ڳالهه ايترو ڪُلي نه سگهي. يونيورسٽي جي شاگردن ۾ وڏي ڇڪ ڇڪان هئي. هڪڙا پ.پ.پ جا طرفدار (سپاف وارا) هئا ته ٻيا سائين جي.ايم.سيد جي ’جيئي سنڌ‘ تحريڪ جا.

---

[1] اهو سمورو تفصيل هن ڪتاب ۾، ڊاڪٽر صاحب جي ڏنل مضمون ”سنڌي لغت لاءِ جي.ايم.سيد جون مخلصانه ڪوششون“ ۾ آيل آهي.

مولا بخش لغاري (جيڪو مون کي هينئر مليو آهي) ۽ ضمير لاڙڪ وڏا ليڊر هئا، هوڏانهن سهرياڻي ۽ ٻيا. مون هنن ٻنهي ڌرين کي ٻچا ڪري سمجهيو ۽ ايترو ڪيو جو اهي ٻئي پاڻ ۾ ڪين وڙهيا.

يونيورسٽي جي شاگردن جي ساليانه اليڪشن ٿي. چيائون ته: وڏو خطرو آ، وڏا فساد ٿيندا. مسٽر محمد هاشم ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر دادو اوچتو سانجهيءَ بعد آيو، مون کي چيائين ته: سائين سياڻي اليڪشن آ، اڄ خير آهي؟ مون چيو ته ”ادا سڀڪجهه خير“. چيائين ته: ”ڪهڙو؟“ مون چيو ته: ٻنهي ڌرين کي آزادي آهي، هلو اوهان کي ڏيکاريان: هي اسان جي آرٽس فيڪلٽي بلڊنگ آ، مون ٻنهي ڌرين کي پاسو ورهائي ڏنو آ، ته بابا فيڪلٽي جو هڪڙو پاسو هڪڙي شينهن جو آهي ۽ ٻيو پاسو آ ٻئي شينهن جو؛ هاڻي اوهين پنهنجي پنهنجي پاسي بيشڪ دهل وڄايو، شرنايون وڄايو، مُرليون وڄايو ۽ جيئن وڻيوَ تيئن ڪريو، پر جهيڙو نه ڪبو. ويچارو محمد هاشم ميمڻ به حيران ٿي ويو، چيائين ته: سائين هتي ڍُهل پيا وڄن! مون چيو ته: ”ادا دهل وڄن پيا.“ (ان جو مولابخش شاهد آهي. جيڪو سامهون ويٺو آهي). بهرحال مون اها ڪوشش ڪئي ته سائين جي.ايم.سيد جا جيڪي ’جيئي سنڌ‘ وارا هئا، تن تي ڪو حرف نه اچي. پر پٺي صاحب جي حڪومت هئي ۽ مون کي پوءِ يونيورسٽي مان ڪڍيو ويو. چيائون ته: جيستائين ڊاڪٽر بلوچ هتي هوندو، تيسين تائين (سپاف) ڪامياب ڪانه ٿيندي. سڀ شاگرد اسان جا پنهنجا ٻچا هئا، جن کي اسان سنڀاليو ۽ ان شاءالله اڳتي به سنڀاليندا رهنداسون. مهرباني!

[آزاد قاضي مرتب: ”وِرچي نه ويني“ جي.ايم.سيد فائونڊيشن ڪراچي 2003ع. جشن جي.ايم.سيد جي موقعي تي انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ 15 جون 2003ع تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪيل صدارتي تقرير]

❑

# (46) سائين فقير عبدالله مگريي جي ياد ۾

سائين فقير عبدالله مگريي جي وفات بعد سندس صالح فرزند فقير درگاهه شريف جي خدمت ۾ پنهنجو تن من قربان ڪيو آهي ۽ پنهنجي والد جي نالي کي روشن ڪيو آهي. سائين عبدالله فقير وڏو ساراهه جوڳو ڪم ڪيو جو سائين فقير محمد امين جي ڪيل خدمت کي سنڀاليائين. فقير محمد امين سان منهنجي دلي محبت هئي ۽ درگاهه شريف تي توڙي جتي بہ گڏبا هئاسون، تہ وڏي هٿ جوڙ سان ملندا هئاسون. درگاهه شريف تي هڪ پيرو محمد امين فقير ڳچ وقت مون کي پاڻ وٽ ترسايو ۽ لڪي دروازي اندر جيڪو بادشاهي محل نهي راس ٿيو هو سو هلي ڏيکاريائين ۽ وڏيڪ صلاح پڇيائين. انهن گڏجاڻين ۾ عبدالله فقير مون کي ڏٺو هوندو ۽ امين فقير جي وفات کان پوءِ پاڻ جڏهن درگاهه شريف جي خدمت جو بار کنيائين تہ درگاهه تي مون سان محمد امين فقير مرحوم واري ساڳي محبت سان مليو، پر اهو بہ ٻڌايائين تہ مون کي اهو ڏينهن ياد آهي جو جڏهن پير سائين سڪندر شاهه بادشاهه جي جامع مسجد ۾ تاجپوشي ٿي هئي، تڏهن اوهان ڪارگذاري هلائي هئي.

سائين عبدالله فقير جو عقل سندس علم کان وڏو هو، ڪيس وڏي خبر هئي ۽ وڏي ڄاڻ هئي. اڳين فقيرن جون ۽ چؤڪين جون گهٽيون خبرون مون کانئس ٻڌيون، هڪ اهڙو چڱو ڪم ڪيائين جو ياد رهندو. جناب مفتي محمد رحيم صاحب ۽ منهنجي پاڻ ۾ اها ڳالهہ ٿيندي رهندي هئي تہ، سورهيہ بادشاهه ۽ درگاهه خلاف انگريزن طرفان هلايل پروپئگنڊا جو جواب ڏجي ۽ خود سندن سرڪاري رڪارڊ مان ڏجي. آءٌ جڏهن پاڪستان سرڪار ۾ آفيسر هوس تہ اهو رڪارڊ لنڊن مان گهرائي اسلام آباد ڪئبينيٽ ڊويزن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ ڪيو ويو هو، ان رڪارڊ کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ جي پوري ڄاڻ منهنجي هڪ پياري سڄڻ محمد عمر چنڊ کي آهي، جنهن کي مون انهي مطالعي لاءِ آماده ڪيو؛ پر هاڻي هو صاحب لڏي وڃي نيوزيلينڊ جي ملڪ ۾ ويٺو آهي. صلاح بيٺي تہ ڪوشش ڪري ڪجهہ رقم هٿ ڪري ان کي هت گهرائجي تہ هو آساني سان انهي سرڪاري رڪارڊ جو مطالعو ڪري.

مفتي صاحب ان موقعي تي سهٽي صلاح ڏني تہ فقير عبدالله کي چئون تہ هو هن ڪم ۾ مدد ڪري، مون اها صلاح قبول ڪئي، پر سمجهي نٿي

سگهيس ته عبدالله فقير کي هن ڪم ۾ڪيتري دلچسپي ٿيندي. بهرحال مفتي صاحب جن ڳالهايو ۽ عبدالله فقير وڏي دل سان هن رٿ جي پنيرائي ڪئي ۽ پنجاهه هزار روپيا آٽي مون کي ڏنائين ته اهو ڪم شروع ڪيو وڃي. ان وقت جيڪي لفظ چيائين تن مان واضح هو ته عبدالله فقير هن ڪوشش جي اهميت کي پوريءَ طرح ٿي سمجهيو.

بهرحال بسم الله ٿي ويئي ۽ مون اوٽ موٽ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ محترم محمد عمر چنڊ ڏانهن موڪلي ۽ کين آماده ڪيو جو پاڻ اچي پهتا، پوءِ ٻه ٽي مهينا اسلام آباد ۾ سنڌس رهڻ جو انتظام ٿيو ۽ سرڪاري رڪارڊ جا فوٽا ورتا ويا. سائين محمد عمر اتان موٽي اچي ٽنڊي جام ۾ پنهنجي جاءِ تي اطمينان سان وينو ۽ انهي ڪم ۾ وڏو اضافو ٿيو. مون کي قوي اميد آهي ته هو صاحب، پنهنجي وڏي نڪته نظر کان هڪ مستقل ڪتاب لکندو، جنهن سان حقيقتون سامهون ايندون: ان خير ۾ سائين عبدالله فقير جو نالو ۽ ثواب شامل رهندو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”املهه موتي“ (جلد ٻيو) مرتب: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد، 2018ع]

❑

# (47) سائين قاضي سچيڏني جي ياد ۾

آءُ آمريڪا ۾ پنهنجي اعليٰ تعليم پوري ڪري ، مئي 1949ع ۾ واپس سنڌ آيس. نوڪري نہ ملڻ ڪري تيرهن مهينا واندڪائيءَ واو عرصو سنڌ کي ڏسڻ پسڻ ۾ گذريو. 1950ع ۾ وفاقي وزارات داخلہ ۾ نوڪري ملي ۽ 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آيس. ٻنهي جاين تي سڄو توجهہ ڪم تي رهيو، پر فراغت وارو جيترو بہ وقت ٿي مليو، سو سنڌ بابت سوچڻ ۽ سنڌ کي سمجهڻ تي صرف ٿيو. اهڙي مطالعي لاءِ سڄڻن ساٿين، يارن مددگارن جي ضرورت محسوس ٿي. اجا ڄاڻ سڃاڻ گهٽ هئي ۽ اعليٰ عهدن وارن سرڪاري آفيسرن سان سڃاڻپ جي ضرورت محسوس ٿي، جن جي مدد سان جيڪر سنڌ جي هر ڀاڱي کي ڏسڻ ۽ اتان جي سگهڙن سياڻن سان ملڻ ۽ معلومات حاصل ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي. ان سلسلي ۾، سنڌ جي اعليٰ عهدي وارن علمدارن مان پهريون جناب قاضي سچيڏنو صاحب هو، جنهن پنهنجي ذهانت، تدبر، ملڪ جي ڀلائي ۽ سنڌ دوستيءَ واري جذبي سان مون کي بيحد متاثر ڪيو: بلڪ پنهنجي پيار سان مون کي پنهنجو دلي يار بنائي ڇڏيو.

ملڻ جو پهريون موقعو جنهن ۾ وڌيڪ آشنائي ٿي، لاڙڪاڻي يا جيڪب آباد واري سنڌي ادبي ڪانفرنس هئي. قاضي صاحب ڪليڪٽر (ڊپٽي ڪمشنر) جي عهدي تي فائز هو. اُن وقت تائين اجا وڏن آفيسرن جي انگريزن جي دور واري هيبت باقي هئي ؛ مختيارڪار بہ اجا همت ۽ حشمت وارا هئا. ڪليڪٽر تہ مڙني ۾ مٿانهان هئا، باوجود اُن جي قاضي صاحب شايد منهنجي مقالي کان متاثر ٿي، يا هڪ نوجوان جي قدردانيءَ خاطر، مون سان اچي مليو ۽ مون سان گڏ ويهي رهاڻ ڪئي. سنڌ بابت تحقيق واري منهنجي مشغلي کي نهايت پسند ڪيائون ۽ اُن لاءِ پنهنجي مدد ۽ معاونت جي خاطري ڏنائون.

اُن وقت سنڌ جي تاريخي ماڳن کي ڏسڻ ، سياڻن سگهڙن سان ملڻ ۽ سنڌ جي هُنر حرفت کي سمجهڻ جو شوق هو ۽ ڀڻ ٻين کي سنڌ جي سونهن سان متعارف ڪرائڻ طرف توجهہ هو. مرڪز جي مالي سيڪريٽري مسٽر ممتازحسن سان محبت هئي، جو هن صاحب کي سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب سان بہ لڳاءُ هو. چوندو هو تہ اسان جا وڏا اصل سنڌ ۾ منصوره شهر جا هئا. هن کي سنڌ ڏسڻ جو شوق هو. ڊاڪٽر فضل احمد خان آثار قديمہ کاتي جو ڊائريڪٽرهو، جنهن سان دوستي هئي. هن کي بہ سنڌ جي تاريخي ماڳن ڏسڻ جو شوق هو. آءُ سڀني جو سونهون ٿي هلڻ لاءِ تيار ٿيس، پر ٻاهر انتظام جي ڪاميابيءَ لاءِ سهاري جي ضرورت هئي ۽ اهو سهارو سائين قاضي سچيڏني صاحب کان

مليو. پاڻ نواب شاهه جا ڪليڪٽر ٿيا ۽ اُن ڪان پوءِ سانگهڙ جا. ٻنهي جاين تي سندن بنگلا منهنجي آندل مهمانن جي طعام ۽ قيام لاءِ موجود هئا.

ڊاڪٽر فضل احمد خان (F.A khan) ۽ آءٌ نواب شاهه توڙي سانگهڙ ۾ ٻن ٻن راتين تائين قاضي صاحب جا مهمان ٿي رهياسون. ٻنهي ضلعن جي تاريخي آثارن ڪي ڏسڻ لاءِ قاضي صاحب جن طرفان هر سهولت لاءِ انتظام ٿيندو هو. انهيءَ سنگت ۽ سلسلي جو وڏو اثر ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جي مهربانيءَ سان سنڌ ۾ آثارن جي سنڀال لاءِ 'حيدرآباد ريجن' جدا طور قائم ٿيو ۽ ان لاءِ سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو. شهر منصوره جي کوٽائيءَ جو سلسلو قائم رهيو. هالا لڳ 'ڪوٽ ٽالپور' (خداآباد) وارو تاريخي قبرستان ۽ سنجهوري تعلقي ۾ 'قبامير شهداد' مقام ٻئي محفوظ آثارن ۾ شامل ٿيا.

سنڌ ۾ هنر حرفت جي مطالعي ۽ واڌاري لاءِ مالي سيڪريٽري محترم ممتاز حسن وڏو ٻهرو ورتو. هڪ ڀيرو سندس مشوري سان ، ڪراچيءَ مان دانشورن جي هڪ وفد کي اندرون سنڌ گهمائڻ جو پروگرام رکيو ويو. قاضي صاحب اُن وقت سانگهڙ جو ڪليڪٽر هو. صلاح ڏنائين ته اوهان صبوح جو ڪراچيءَ مان نڪرو ۽ ٽپهر ۽ ٽنو ڏسندا، حيدرآباد مان ٿيندا، شام جو جمڙائو واهه تي دلور جي آبپاشي باغ ۽ بنگلن تي پهچو، جتي رات جي رهڻ جو انتظام هوندو. صبوح جواوهان منصوره جا کنڊرات ڏسو ۽ منجهند جو اسان وٽ سانگهڙ پهچو، جتي اوهان لاءِ دعوت هوندي. ائين اهو علمي دورو ڪامياب رهيو. سانگهڙ جي دعوت ۾ قاضي صاحب جن ٻين معززن کي به سڏيو، تن ۾ اُتي جو نوجوان زميندار محمد خان جوڻيجو به شامل هو.

ٻئي ڀيري محترم ممتاز حسن سنڌ جي مقامي ڳوٺاڻي هنر حرفت ڏسڻ لاءِ چيو. قاضي صاحب جن سان صلاح تي ۽ سانگهڙ ۾ ضلعي سانگهڙ جي دستڪارين ۽ هنرن جي شاندار نمائش ٿي. ممتاز حسن صاحب خاص طرح نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي (پهرئين) ڊائريڪٽر مسٽر زاهد حسين کي وٺي آيو ته بئنڪ طرفان مقامي هنر حرفت جي سڌاري واڌاري لاءِ قدم کنيا وڃن. مسٽر زاهدحسين نهايت متاثر ٿيو ۽ پنهنجي تقرير ۾ نيشنل بئنڪ طرفان پنجاهه هزار روپيا قرض حسنه طور ڏيڻ جو اعلان ڪيائين ته مقامي طور ڪو ماڻهو اُنهن دستڪارين کي تجارتي بنياد تي زور وٺرائي. رات جو موسيقيءَ جي محفل ٿي. مسٽر ممتاز حسن اُن لاءِ خاص طرح شاعر حفيظ جالنڌري ۽ ڪن ٻين اديبن کي پاڻ سان وٺي آيو هو. اُن وقت اجا ناري جا ڪي ناڙي، جهڙوڪ غازي جُهلڻ، آدم خاصخيلي ۽ منگهن خاصخيلي موجود هئا، تن اُهي ته ڳُر، ڦوڪون ۽ ڪَڏَ وڄايا، جو هڪ نئين رنگ واري موسيقيءَ جي محفل مچي ويئي. غازي جُهلڻ جي عمر اُن وقت اٺونجاهه سال هئي. ڏاڙهيءَ کي ميندي، وار پَٽُئان ۽ پٽڪو سُهڻو ! پر اُن ڪان وڌيڪ سندس منهن ۾ وڏي ڏيا ۽ ڳوٺاڻي معصوميت وارو جلوو هو. پڇڻ تي چيائين ته: ”اسين پاڳاري جا

مريد آهيون.“ مسٽر ممتاز حسن اهو ٻڌي مسٽر زاهد حسين کي چيو ته :”جناب! حُر ايسي هوتي هين“. پوءِ غازي جُهلڻ کان پڇي ساڍس پنهنجي ياريءَ جو اعلان ڪيائين. قاضي صاحب جن وٽ سندس بنگلي ۾ اها محفل متل هئي ۽ گهڻو پوءِ به اُن جو ذڪر ٿيندو رهيو. مسٽر ممتاز حسن پنهنجي ياري نڀائي. غازي جُهلڻ گذاري ويو ۽ مون جڏهن اها خبر کيس ٻڌائي ته محسوس ٿيو ته واقعي کيس ڏک ٿيو. مون کي پنج سو رپيا ڏنائين ته غازيءَ جي پڪي قبر ٻڌايان ۽ اُن تي ڪاشيءَ ۾ سندس نالو لڳايان. اهوڪم مون منگهن خاصيخيلي جي حوالي ڪيو، جنهن پورو ڪيو ۽ اها خبر مون ممتاز حسن صاحب کي ٻڌائي ته خوش ٿيو.

اُنهن محفلن جي ڪري ، جيڪي سائين قاضي سچيڏني صاحب جي محبت ۽ شفقت جي ڪري قائم ٿيون، ممتاز حسن صاحب سان پنهنجو ناتو وڌيڪ پڪو پختو ٿيو. مون هڪ ڀيري کيس چيو ته: سنڌ جي عالمن جا عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن، اُنهن کي نه ڇپايو ويو ته ضايع ٿي ويندا. فوراً مدد جو وعدو ڪيائين. مون پوءِ اسڪيم تيارڪئي ۽ پنهنجي ٻئي ڪرمفرما ڊاڪٽر امداد حسين کان، جيڪو اُن وقت انچارج ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر هو، سفارش ڪرائي وزارت تعليم طرفان وزارت ماليات کي پيش ڪئي ۽ ممتاز حسن صاحب چار لک رپيا گرانٽ منظور ڪئي. اُنهيءَ گرانٽ سان ئي پوءِ سنڌي ادبي بورڊ طرفان اِهي قلمي ڪتاب ڇپيا. مسٽر ممتاز حسن پوءِ نيشنل بئنڪ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو ته سنڌ ۾ گهمڻ، شهرن ۾ بئنڪ جون شاخون قائم ڪيائين ۽ پڻ سنڌ جي نوجوانن کي ٻنهي شاخن ۾ نوڪريون ڏنائين. اِهي سڀ ڪاميابيون سائين قاضي سچيڏني سان منهنجي نياز مندي، رفاقت ۽ سندس محبت ۽ معاونت سببان ٿيون.

**”ڳالهيون پيون ڳڻجن، مردن جون مَل ڇئي“**

**(مَل محمود پلي)**

[ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، سرءُ 2004ع]

❑

# 48 سپه سالار دريا خان جو حسب نسب

دريا خان وڏو محب وطن، مُدبر ۽ سورهيه سپهه سالار هو. سندس خداداد اهليت ۽ لياقت کان متاثر ٿي، سلطان ڄام نظام الدين کيس پنهنجو پٽ ڪري سڏيو. سنڌ جي تاريخ ۾ سندس اعليٰ ڪردار مشهور ۽ مجيل آهي ۽ سندس عظمت ڪنهن به بيان جي محتاج ناهي.

باوجودانهيءَ جي، هن عظيم شخصيت جي حسب نسب ۽ خاندان بابت ڪوبه تصديق جهڙو احوال موجود ناهي ۽ نڪا وري انهيءَ باري ۾ اڄ تائين ڪا خاص تحقيق ڪئي ويئي آهي.

حقيقت هي آهي ته دريا خان جي تاريخي شخصيت قصن ڪهاڻين ۽ ڏند_ڪٿائن ۾ ڍڪجي ويئي!

سنڌ جي تاريخن (تاريخ معصومي، بيگلارنامي، تاريخ طاهريءَ ۽ تحفة الڪرام) ۾ هن مدبر وزير ۽ سورهيه سپهه سالار جو ذڪر موجود آهي. تاريخ معصومي موجب: دريا خان، ڄام نندي جو اعتبار وارو غلام هو. ”تاريخ طاهري“ موجب: سندس اصل نالو ”قبول“ هو ۽ هو پهريائين ڄام نندي جي وزير لکڌير جو نوڪر هو. ڪنهن چڙهائي وقت ڄام کي سخت اُڃ لڳي ۽ پاڻي گهريائين. ان وقت ٻيو ڪو خاص ماڻهو موجود ڪو نه هو، انهيءَ ڪري لکڌير پنهنجي هن غلام کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو. هو پيالو ڀري مٿان ڪک ذرا وجهي کڻي آيو، ڄام پڇيو ته ”پاڻيءَ ۾ هي ڪک ذرا ڇو آهن؟“ هن جواب ڏنو ته سائينجن کي سخت اُڃ لڳي آهي ۽ هي ڪک ذرا مون پاڻ وڌا آهن، انهي لاءِ ته ڌيري ڌيري پاڻي پيو، مٿان ڪا تڪليف نه ٿئي. هيءَ ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ڪانه هئي، پر هن نوجوان جو بخت جاڳيو ۽ ڄام اهڙو ته خوش ٿيو جو وزير کان هن جي ٻانهن وٺي، کيس پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکيائين ۽ کيس خاص تربيت ڏياريائين. هي نوجوان اهڙو ته لائق ساماڻو جو ڄام نندي کيس پنهنجو خاص وزير مقرر ڪيو. مبارڪ خان جو خطاب ڏنائين ۽ پنهنجي پٽن ۽ عزيزن کان وڌيڪ سندس عزت ۽ مان رکيائين. جيتوڻيڪ ڄام نندي جي درٻار ۾ دلشاد وزير جهڙا لائق ۽ فائق امير موجود هئا، مگر نوجوان ’دريا خان‘ سڀني کان گوءِ کڻي ويو. باوجود پنهنجي ولي عهد صاحبزادي ڄام فيروز جي، ڄام نندي حڪومت جون واڳون دريا خان جي حوالي ڪيون، جنهن سڄو ملڪ، ملتان کان وٺي قنڌار تائين ۽ مڪران کان وٺي ڪڇ تائين، اهڙو مطيع ڪيو: جو جيڪڏهن آديءَ جو به ڄام جو ڪو ماڻهو ڪنهن زميندار يا غريب وٽ ٿي پهتو ته ان دل و جان سان جيڪو حڪم ٿي ٿيو ان جي بجاوري ٿي ڪئي. صوبي سيوهڻ جي پرڳڻي

باغبان ۾ دريا خان جو ايڏو تہ رعب هو، جو دٻدٻي سان سندس اچڻ جو ٻڌندي پيٽ وارين زالن جا ٻار ڪِريا. سندس چڙهاين جي هيبت اهڙي تہ مشهور ٿي ويئي جو روئندڙ ٻارڙن کي مائرون چونديون هيون تہ ”اجهو دريا خان آيو“ تہ ٻڌندي ئي ٻار چپ ٿي ويندا هئا.[1]

جام ندي جي حڪومت (866-914هہ) جي پوئين دور ۾ شاهہ بيگ ارغون قنڌار مان چڙهائي ڪئي ۽ شالڪوٽ (ڪوئيٽا) فتح ڪري، بولان دَري مان لنگهي اچي سنڌ جي قلعي سبي تي حملو ڪيائين. جام ندي جي پاران اتي بهادر خان نالي حاڪم هو، جنهن کي شاهہ بيگ شڪست ڏني ۽ پنهنجي پاران سلطان ابو محمد مرزا کي اُتي مقرر ڪري، پاڻ واپس قنڌار موٽي ويو. جام ندي، هتان دريا خان ۽ سارنگ خان کي لشڪر ڏئي روانو ڪيو. دريا خان اهڙي تہ همت ۽ بهادريءَ سان وڃي مغلن جي لشڪر جو مقابلو ڪيو، جو جنگ ۾ شاهہ بيگ جو ڀاءُ مارجي ويو ۽ مغلن جي لشڪر ڀڄي وڃي قنڌار ۾ ساهہ کنيو ۽ جام ندي جي عهد ۾ وري سنڌ جو رخ نہ ڪيائون. دريا خان جڏهن هن شاندار فتح بعد سڄي سنڌ مان سفر ڪندو ٺٽي پهتو هوندو، تڏهن جي خوشيون ٿيون هونديون ۽ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ماڻهن ويهي جيڪي مقالون ڪيون هونديون، سي قصن ۾ داستانن کان گهٽ نہ هونديون!

جام ندي سنہ 914هہ ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ جام فيروز گاديءَ تي وينو، پر منجهس حڪومت هلائڻ واريون صلاحيتون ڪين هيون. هن کي هوس ٿيو تہ دريا خان کان انتظام جون واڳون کسي پنهنجي حوالي ڪري. هن اهڙا قدم کنيا جو ملڪي نظام ۾ خلل پيدا ٿيو. دريا خان هي حالت ڏسي وڃي سيوهڻ طرف پنهنجي ”ڪاهان“ واري جاگير تي گوشہ نشين ٿي وينو. جام فيروز جي ڪرتوتن سببان ملڪ ۾ وگوڙ پيدا ٿيو ۽ جام صلاح الدين ڪڇ مان ڪاهي آيو ۽ اچي ٺٽي تي قبضو ڪيائين. انهيءَ تي جام فيروز جي ماءُ، دريا خان وٽ ميڙ تي آئي: جنهن تي هن وفادار وزير لشڪر گڏ ڪري پنهنجي حڪمت عملي سان جام صلاح الدين کي ٻي دخل ڪري ڀڄائي ڪڍيو ۽ ملڪ جي نظام کي پنهنجي هٿ ۾ رکيائين. انهيءَ واقعي کان پوءِ بہ جام فيروز سنئين راهہ تي نہ هليو ۽ دريا خان جي بدران ڪن مغلن اميرن تي اعتماد رکيائين ۽ انهن کي ٺٽي ۾ رهايائين؛ هنن شاهہ بيگ ارغون کي اندروني حالتن کان واقف ڪري، سنڌ فتح ڪرڻ جو پيغام موڪليو.

سنہ 926هہ ۾ شاهہ بيگ وڏو لشڪر وٺي ڪاهي آيو ۽ اچي ٺٽي کي گهيرو ڪيائين. دريا خان سنڌ جي لشڪر جي سپهہ سالاري ڪندي سندس سامهون ٿيو ۽ وڏا مقابلا ٿيا، پر آخر ۾ شاهہ بيگ جي لشڪر کي ڪاميابي

---

[1] ”تاريخ طاهري“ (فارسي متن) ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ 1963ع، ص 55-56.

حاصل ٿي. گجرات جي هڪ همعصر مورخ عبدالله مَڪي پنهنجي تاريخ ”ظفر الواله بِمُظفر وآلہ“ ۾ هي راز لکيو آهي تہ جڏهن ارغونن جو لشڪر جنگ ۾ پڄي نہ سگهيو، تڏهن منصوبو سِٽي ”ڊوه سان دريا خان کي قتل ڪيائون.“ ٿي سگهي ٿو تہ صلح جون ڳالهيون هلايائون ۽انهيءَ موقعي تي حملو ڪيائون. دريا خان بهادريءَ سان آخري دم تائين وڙهندي شهيد ٿيو. هن داناء وزير ۽ سورهيہ سپہ سالار جي قبر، چام ندي جي مقبري جي سامهون اولهہ طرف هڪ شاهي چار ديواري اندر آهي، جيڪا هن پنهنجي حياتيءَ ۾ (سنہ 895هہ) ٺهرائڻ شروع ڪئي هئي.

دريا خان جا ڪارناما ۽ ڪاميابيون عوام لاءِ افسانن کان گهٽ ڪين هئا. دريا خان گڏاري ويو تہ سندس ڪارناما ڪهاڻيون بنجي ڳوٺ ڳوٺ ۾ رائج ٿيا. چام ندي وٽ سندس وزير بنجڻ ۽ قنڌار جي فوج تي سندس فتح حاصل ڪرڻ واريون تاريخي حقيقتون پڻ عام افسانن جو جز بنيون. هموَنءَ سان دريا خان جي شادي ڏام ڏوم سان ٿي هوندي، پر جيئن تہ اها شخصي زندگيءَ جو جز هئي، انهيءَ ڪري تاريخ ۾ تہ ان جو ذڪر ڪونہ آيو، باقي عوام لاءِ اهو هڪ وڏو وڻندڙ واقعو هو ۽ انهيءَ ڪري دريا خان بابت هلندڙ مڙني حڪايتن جو جُز بڻيو[1].

پر سوال آهي تہ دريا خان ڪير هو، ڪٿان جو هو ۽ ڪهڙي قبيلي مان هو؟

انهيءَ جو تفصيلي يا قطعي جواب ڏيڻ مشڪل آهي: البت گذريل پنڌرهن سالن دوران تحقيق ۽ تلاش ڪندي دريا خان جي حسب نسب بابت جيڪي ڳالهيون ۽ روايتون مليون آهن، تن جا ٻہ رخ آهن: هڪ عام ڏند_ ڪٿائي حڪايت، ٻي خاص قبائلي روايت. ڏند-ڪٿائي بيان قصن ڪهاڻين وارو آهي، جنهن جي تصديق لاءِ ڪا ٻاهرين شاهدي ملڻ مشڪل آهي. اُن کي اُن جي اندروني اهڃاڻن جي روشني ۾ ئي توري تڪي سگهجي ٿو. قبائلي روايت ۾ تسلسل آهي ۽ اها سيني ٻہ سيني هلندي آئي آهي ۽ جنهن کي ڪنهن حد تائين ٻاهرين حوالن ۽ شاهدين جي روشني ۾ پڻ پرکي سگهجي ٿو. هيٺ اسان انهن ٻن ماخذن جو تنقيدي جائزو وٺنداسين.

### ڏند-ڪٿائي تصور

هن تصور موجب دريا خان سيد هو، بلڪ ڪرامت وارو هو جو ايڏيون وڏيون ڪاميابيون حاصل ڪيائين. عوام جي آڏو دريا خان جي زندگي جا ٻہ پهلو نهايت دلڪش رهيا جو سندس وفات کان پوءِ ٻہ اهي قصن ڪهاڻين جا عنوان بڻيا: هڪ ڏام ڏوم سان سندس شادي جنهن جا هُل ۽ شغل عوام کي نہ وسريا ۽ ٻي

---

(1) ”همون ۽ دولهہ دريا خان جي قصي“ تي اسان لوڪ ادب سلسلي جي اوڻتيهين ڪتاب ”مشهور سنڌي قصا: سنڌ جا عشقيہ داستان، جلد_1“ (ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ، 1963ع) ۾ روشني وڌي آهي ۽ مٿين عبارت پڻ اسان انهي ڪتاب ۾ مقدمي طور آندي آهي (ڏسو ص 21_26).

سنڌس قنڌار واري جنگ جيڪا هو فتح ڪري موٽيو ته نغارا نوبتون وڄي ويون ۽ هر جاءِ واهه واهه ٿي ويئي. عوامي تَخيل البت انهيءَ ڳالهه کي قبول ڪري نٿي سگهيو ته ڪو رواجي ذات ۽ قبيلي جو ماڻهو اهڙا ڪارناما سرانجام ڏيئي ٿي سگهيو! هڪ گمنام غلام جو انهيءَ منزل ۽ مرتبي کي رسڻ عوام لاءِ هڪ معجزو هو، جنهن ڪري غالباً دريا خان بابت سنڌس حياتيءَ ۾ ئي ماڻهن ۾ عجب قسم جون ڳالهيون هُليون هونديون. پلا هڪ غلام ڇوڪرو ڪيئن ٿو ايڏي بخت کي پهچي! ڪنهن سالڪ وڃي پرولي پڳي ته ”دريا خان هڪ درويش سيد جو پٽ آهي.“ اها ڳالهه عوامي ذهن قبول ڪئي ۽ عوام ۾ زيادهه مشهور ٿي، تان جو هڪ سؤ سال ڪن پوءِ جڏهن سيد مير طاهر محمد نسياني ”تاريخ طاهري“ لکي ته هن پڻ هِن عوامي روايت کي نه فقط ترجيح ڏني، پر اُن کي صحيح سمجهڻ تي زور ڏنو: جيتوڻيڪ دريا خان جي حقيقي شخصيت جو پيو رخ پڻ بيان ڪيائين. سنڌس الفاظ هي آهن[1]:

”هڪ ڏينهن ڄام ندو شڪار تي ويو ۽ وزير لکڏير کي پاڻ سان ڪنيائين. ان (وزير) وٽ هڪ ننڍي عمر جو غلام هو جنهن جو نالو ”قبوله“ هو، جنهن کي هن ذاتي طور پنهنجي پاٽي پيڻ جو ڪم سونپي ڪيس آبدار مقرر ڪيو هو. مگر وڌيڪ صحيح ائين آهي ته هو سيد زادو هو، جيڪو جهلجي پيو هو جنهن کي هن خريد ڪيو هو. مطلب ته (ڄام کي اُڃ لڳي ۽ ڇوڪري پيالو پري ان ۾ ڪکڙا وجهي ڄام کي ڏنو ته جيئن آهستي آهستي پئي؛ ڄام جي پڇڻ تي نوجوان اها ڳالهه سمجهائي جيڪا ڄام کي نهايت وڻي ۽) ’قبوله‘ کي لکڏير وٽان وٺي پاڻ وٽ نوڪر رکيائين.“ مير علي شير قانع ”تحفة الڪرام“ ۾ ”تاريخ طاهري“ جي مصنف وارو هي ساڳيو بيان نقل ڪري لکيو آهي.[2]

دريا خان جو اصل نالو ”قبوله“ هو ۽ هو ڄام نظام الدين جي ديوان لکڏير يا لکيسر جو غلام هو- چون ٿا ته اصل ۾ سيدزادو هو جو ڪنهن حادثي ۾ قيد ٿي پيو هو ۽ لکڏير ان کي خريد ڪيو جو وڌيڪ صحيح آهي ڄام نظام الدين هڪ ڏينهن شڪار تي چڙهيو (۽ پاڻي گهرائين وغيره ساڳي ڳالهه).

تاريخ طاهري جي مصنف واري روايت (جنهن کي پوءِ تحفة الڪرام ۾ نقل ڪيو ويو آهي) هيٺين سببن ڪري ڪمزور آهي:

(1) هي بيان انهيءَ عوامي روايت جو عڪس آهي جيڪا تاريخي طاهري جي مصنف کان اڳ هلندڙ هئي. جنهن مطابق ايڏا وڏا ڪارناما فقط ڪرامت وارو ڪو سيد ۽ ولي ڪري ٿي سگهيو ۽ انهيءَ ڪري دريا خان کي به

---

(1) ”تاريخ بلده تهته المعروف به تاريخ طاهري“، فارسي متن (راقم جو مرتب ڪيل) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1384هه/1964ع، ص 54_55. مير طاهر محمد پنهنجي تاريخ ۾ عوامي قصن ۽ داستانن، حڪايتن ۽ ڏند ڪٿائن کي ٻين مورخن کان وڌيڪ بيان ڪيو آهي، پر انهن جي صحيح ڇنڊ ڇاڻ ڪري نه سگهيو آهي، ايتريقدر جو سومرن کي هندو ڪري ڄاڻايو اٿس (ڏسو اسان جو لکيل مقدمو).

(2) تحفة الڪرام (فارسي متن سيد حسام الدين راشدي جو مرتب ڪيل)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، 1976ع، ص 109

”سيد“ ڪري سمجهيائون.

(2) تاريخ طاهري جي مصنف جي بيان ۾ ڪمزوري ظاهر آهي، جو هن اصل بيان کان هٽي مُعترضي جملي طور ائين چوڻ ۽ مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هي غلام ”سيدزادو“ هو.

(3) تاريخ طاهري وارو بيان نه فقط معترضي جملي طور آندل آهي، پر مُبهم به آهي. ڇاڪاڻ جو وضاحت طور اهو ڄاڻايل ڪونهي ته ساداتن جي ڪهڙي خاندان مان هو يا ڪهڙي شهر جو هو. اهو بيان به حقيقت جي خلاف ٿو لڳي ته هو قيد ٿي پيو هو ۽ پوءِ لڪٽير وزير ان کي خريد ڪيو. ان وقت (توڙي پوءِ) سنڌ ۾ ساداتن جو وڏو ادب ۽ احترام هو. هڪ سيد جي ٻار جو قيد ٿيڻ ۽ سندس مائٽن بدران ڄام جي ديوان جو ڪيس ڇڏائڻ ۽ پئسا ڏيئي خريد ڪري پنهنجو غلام يا نوڪر بنائڻ وارو سڄو قصو ان دور جي سماجي قدرن جي خلاف ۽ تاريخي تصديق جي لحاظ سان غير حقيقي آهي.

(4) دريا خان کي سندس عظيم ڪارنامن سببان سيد ۽ ولي ڪري مڃڻ عوامي تخيل جو هڪ شاهڪار هو، جنهن کي ”دولهه دريا خان ۽ همون“ واري قصي ۾ وڏي آب تاب سان بيان ڪيائون ۽ ان کي چمڪائڻ لاءِ ان ۾ وڏيڪ گل وڌائون؛ ڪرامت واري ڇوڪري جي پُري هن طرح پڌري ڪيائون ته: هو شاهه ڪبير جو پٽ ۽ شاهه جلال جو پوٽو هو. قصي جي هڪ تفصيلي روايت هن طرح آهي ته:

ڇوڪرو ڳانا چاريندي هڪ وڻ هيٺان سمهي پيو. ڄام ندو بادشاهه شڪار تي آيو، تنهن ڏٺو ته سڄ لڙي وڃڻ ڪري ٻين وڻن جي ڇانو لڙي ويئي آهي؛ مگر جنهن وڻ هيٺ ڇوڪرو سُتو پيو آهي ۽ ڳانا وينا آهن، تنهن وڻ جي ڇانو ڇوڪري ۽ ڳانن مٿان بيٺي آهي. بادشاهه حيران ٿي ويو ته اهو اسرار ڪهڙو! ڪرامت ڳانن ۾ آهي يا ڇوڪري ۾! سو نوڪر کي چيائين ته: هڪڙو هڪڙو ڳانو ڪري اٿار؛ جو ته جنهن ۾ ڪَلا هوندي، ڇانوَ ان جي پنيان لڳندي. نوڪر هڪڙو هڪڙو ڳانو ڪري اُٿاريو ته ڇانوَ اتي ئي بيٺي رهي. آخر ڇوڪري کي اُٿاريائون ته جنهن طرف هو هليو، ڇانوَ به ان طرف هلڻ لڳي. اتي بادشاهه دانهن ڪئي ته ڪَلا ڇوڪري ۾ آهي. اهو پڙلاءُ ڇوڪري جي ڪن به پيو، تنهن بادشاهه کي جواب ڏنو ته:

جهَجهي ڪَلا ڳانن ۾، جهجهي ڳاب ڏٽين،
سُتا ڄاڳائين نند مان، تنهنجو ڪهڙو ڪاڄ سِڌو؟

اتي بادشاهه ڏٺو ته ان جُوءِ ۾ گاهه گهڻو آهي پر ڳانا ڏٻرا آهن، سو حيرانيءَ وچان ڇوڪري کي چيائين ته:

ڳابر! ڳانا ڏٻرا، تنهنجا هيڏي سائي گاهه،
ڪي چُوڙيلن چوئيا، ڪي مري وئي اٿن ماءَ؟

ڇوڪري جواب ڏنو ته:

نڪي چوڙيلن چوئيا، نڪي مئي اُٿن ماءُ،

سي ڪيئن مڃندا مڇ ڪي، جن ڪي ڄام ندي جو ڏاءُ!

بادشاهه ڇوڪري جي هوشياري ڏسي، ڪائنس پڇيو تہ: تون ڪير آهين ۽ ڪٿي ٿو رهين؟ ڇوڪري جواب ڏنو تہ:

پُٽ شاهه ڪبير جو، پوٽو شاهه جلالي
ماءُ پيءُ مون کي ڇڏيو، دائه درگاهي.
ماءُ پيءُ مري ويا، مون سان وڙهي رضا رحماني
گابا چاريان "ٻالي راڻوڙ" جا، ملي محنت ۽ ماني.[1]

ٿوري اختلاف سان هن قصي جون ٻہ ٻيون بہ روايتون ملن ٿيون، جن ۾ پڻ ڇوڪري جي سيد هجڻ، ٻالي راڻوڙ جي گابن چارڻ ۽ وڻ جي ڇانو جو مٿانس نہ لهڻ جو ذڪر آهي. ڇوڪري جي حسب نسب بابت هڪ روايت ۾ کيس 'رولو ڇوڪرو' ڪري ڄاڻايل آهي ۽ ٻيءَ ۾ کيس شاهه ڪبير جو پٽ ۽ شاهه جلال جو پوٽو ڪري ڄاڻايل آهي:

- ٻالي راڻوڙ کي هڪ رول ڇوڪرو هٿ لڳو جو ڇون ته سيد هو ۽ سندس نالو "قبول" هو: پر راڻوڙن سندس نالو "ڳهٽو" رکي، کيس پنهنجن گابن سان پهرائي ڇڏيو.[2]

- ڇون ته دولهه دريا خان، شاهه ڪبير جو پٽ هو جنهن جو قبو "جوڻ" ۾ آهي. شاهه ڪبير شاهه جلال جو پٽ هو. قدرت سان دريا خان يتيم ٿي پيو. تڏهن آخر ٻالي راڻوڙ وٽ ڏنار ٿي بيٺو. ٻالو راڻوڙ خيرپور گنبي پراڙي وٽ (جهڏي گدام طرف) رهندو هو. همون ٻالي راڻوڙ جي ڌيءَ هئي. دريا خان انهن جا گابا چاريندو هو.[3]

(5) "دولهه دريا خان ۽ همون" جي ڪهاڻي ۾ "دريا خان" کي"سيد جو ٻار" ۽ ننڍي وهيءَ کان وٺي ڪرامت وارو ڪري ڄاڻايو ويو. شاهه ڪبير جنهن جو قبو جُوڻ ۾ آهي. اهو گمان فقط هڪ راوي (خليفي محمود نوحاڻي) جو آهي. اهو شاهه ڪبير اسمٰعيلي فرقي جو آهي، جنهن سان تاريخي شخصيت دريا خان جو ڪو بہ تعلق ڪونهي. هن عوامي ڏند- ڪٿا ۾ سيد جي ٻار کي ٻالي راڻوڙ جو گابار بنايو ويو آهي، جيڪو وقت جي سماجي قدرن جي اُبتڙ آهي: البت ٻالي راڻوڙ جي ڌي همونءَ سان دريا خان جي عشق ۽ محبت جي داستان طور پورو آهي.

مٿئين جائزي مان هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ دريا خان ڪي سندس وفات بعد سندس ڪارناما ياد ڪندي عوامي تخيل ئي عوامي ڪهاڻي ذريعي 'ڪرامت وارو سيد جو ٻار' بنايو. ڪهاڻيءَ ۾ ڏند_ڪٿا عنصر شامل هوندا آهن ۽ انهيءَ لحاظ سان اهو حسب نسب وارو ٽاٽو پورو آهي، پر تاريخي حقيقت

---

[1] لوڪ ادب سلسلي جو اوڻٽيهون ڪتاب، "مشهور سنڌي قصا: عشقيہ داستان:"، ص 231_232.

[2] ايضاً، ص 254

[3] ايضاً، 267.

جي لحاظ سان محض هڪ افسانو آهي.

**قبائلي روايت**

هيءَ روايت مجموعي طور سان ٻن صورتن ۾ ملي ٿي: (الف) هڪ اُتر سنڌ جي روايت آهي[1] جنهن موجب دريا خان، گنداوا جي حڪمران سردار مير گهُرام لاشاري جي خاندان مان هو؛ (ب) ٻي ڏکڻ سنڌ جي روايت آهي[2] جنهن ۾ دريا خان جي پنهنجي پُري پيڙهي ۽ سندس وڏن جا نالا تفصيل سان بيان ٿيل آهن. هيٺ اهي ٻئي روايتون ڏجن ٿيون.

**(الف) اتر سنڌ جي روايت**: دريا خان، مير گهُرام لاشاري جي سوٽاٽن مان هو. جڏهن رند ۽ لاشار جي جنگ لڳي جيڪا ٽيهه سال هلي، تڏهن رندن جي سردار مير چاڪر قنڌار جي مغلن (ارغونن) کان مدد ورتي ۽ انهيءَ لاءِ نوجوان ٻيبَرگ کي قنڌار موڪليائون. ٻئي طرف لاشارين جي سردار مير گهرام ان کان اڳ سنڌ جي حاڪم ڄام نندي سان تعلق پيدا ڪرڻ لاءِ ڪي لاشاري نوجوان ٺٽي ۾ نوڪريءَ لاءِ موڪليا. دريا خان ننڍو ڇوڪرو هو جو ٺٽي ۾ وڃي نوڪر بيٺو ۽ پنهنجي قابليت سان آخرڪار وڃي ڄام نندي جوخاص نوڪر ٿيو. هن پوءِ پنهنجي قبيلي جي مدد ڪرڻ خاطر فوج ۾ نوڪري ڪئي ۽ سپهه سالار ٿيو. هن سنڌ جا مکيه بلوچ قبيلا جيڪي مير گهُرام لاشاري سان پيڙا هئا، خاص طرح لاشاري، مگسي ۽ چانڊيا، سي سڀ سنڌ جي فوج جوحصو بنايا. دريا خان پوءِ سنڌ جي فوج وٺي مغلن (ارغونن) تي سِبي ۾ حملا ڪيا. جيستائين دريا خان جيئرو هو تيستائين لاشاري سردارن ۽ سندن طرفدار قبيلن جي طاقت قائم رهي. دريا خان جي وفات کان پوءِ مغل زور ٿي ويا. لاشاري قبيلا جيڪي فوج ۾ هئا ۽ ٺٽي طرف وينل هئا، سي پوءِ مغلن سان وڙهيا ۽ ڪيترائي منجهائن مارجي ويا، پر آخرڪار سندن اڳواڻ پوءِ سنڌ ڇڏي گجرات ڏي هليا ويا.

**(ب) ڏکڻ سنڌ جي راويت:** هي لاشاري قبيلي جي انهن شاخن جي روايت آهي، جيڪي دريا خان واري شاخ کي ويجها هئا ۽ ٻيا اُهي جيڪي خود انهيءَ ساڳي شاخ مان آهن. مجموعي طور سان روايت هن طرح آهي: ”مير فتح خان لاشاري سيستان ۽ مڪران طرف هڪ رياست جو حڪمران هو. سندس وفات تي اها سرداري ٻه ڀاڱا ٿي. سندس ٻه پٽ مير معين خان ۽ مير عبدالرزاق حڪمران

---

[1] هن روايت جا ٽاٽا اسان کي اتر طرف سنڌ جي دادو، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۽ بلوچستان جي ڪڇي ضلعي (ناڙي) ۾ ڪڇهرين ڪندي مليا، جن کي يڪجاءِ ڪري لکيو ويو آهي.

[2] هي روايت پهريائين دڙي لڳ وينل مرحوم الله بخش لاشاري ۽ پوءِ ٺٽي ضلعي جي سگهڙ مرحوم ڪيٽا خان ڪلمتي ۽ ميرپورخاص تعلقي جي لاشارين، خاص طرح محمد رمضان (عمر 65 سال) پاڙو احمداڻي لاشاري اصل گنداوا جا، پر هاڻي رهنڊڙ ڳوٺ محمد علي لاشاري ۽ سارنگاڻي پاڙي جي لاشارين کان ملي. سارنگاڻي پاڙي مان هڪ مائي، جنهن پاڪستان کان اڳ 115 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي، تنهن جي زباني هي بيان ٻڌايو ويو.

ٿيا. مير معين جي پيڙهيءَ مان پوءِ دريا خان ٿيو. دريا خان ۽ سارنگ خان ٻئي ڀاءُ هئا. سندن پيءُ جو نالو لُونگ خان هو. دريا خان، سارنگ خان ۽ ٽيون مهند خان (محمد خان) ڄام ندي جي بادشاهيءَ ۾ ٺٽي ۾ اچي نوڪر ٿيا. دريا خان جو اصل نالو ”قبول خان“ هو. ڄام ندي کيس پهريائين ”دريا خان“ جو لقب ڏنو ۽ پوءِ ”مبارڪ خان“ جو خطاب ڏنو ۽ کيس پنهنجو پٽ ڪري سڏيو. دريا خان فوج جو وڏو سپهه سالار ٿيو ۽ هن سُولي (سبي؟) ۽ چانڊُڪي (لاڙڪاڻي-دادو) ۾ مغلن (ارغونن) کي شڪست ڏيئي پيڇائي ڪڍيو. ڄام نظام الدين پنهنجي وفات وقت پنهنجي پٽ ڄام فيروز جي ٻانهن دريا خان کي ڏني ۽ حڪومت جي واڳ دريا خان جي حوالي ڪئي، جيستائين ڄام فيروز وڏو ٿي ڪاروبار هلائي، ڄام فيروز عيش عشرت ۾ رهيو ۽ سندس ماڻهن رعيت سان تڪليفون ڪيون. دريا خان سمجهايو، پر ڄام فيروز کيس نہ مڃيو، تڏهن استعيفيٰ ڏنائين ۽ پنهنجي ديري ڪاهان ۾ اچي ويٺو. پوءِ ڄام صلاح الدين اچي ٺٽي تي قبضو ڪيو، تڏهن ڄام فيروز وري دريا خان وٽ آيو. دريا خان جي سڏ تي بلوچن جو سڄو لشڪر يڪدم گڏ ٿيو. دريا خان جو ڀاءُ ۽ دريا خان جا پٽ ڄام فيروز جي مدد ۾ ٿيا ۽ وري ڄام فيروز ٺٽي جي بادشاهي ڪئي، پر مغلن کي ڄام فيروز ٺٽي ۾ رهايو. دريا خان منع ڪيس. پوءِ مغل ڪاهي آيا. دريا خان ۽ سارنگ خان مقابلا ڪيا. دريا خان شهيد ٿيو. پوءِ دريا خان جا پٽ ۽ سارنگ خان مقابلا ڪندا رهيا.

دريا خان جو شجرو هن ريت آهي:[1]




[1] شجره بابت ٻي روايت هيٺين طور ملي، مگر اها وزندار ناهي: ”دريا خان جو اصل نالو قبول خان هو ۽ هو مير دودي خان لاشاري جو پٽ هو. مير دودو خان پٽ هو مير راڻي خان جو، يعني تہ دريا خان ”راڻائي لاشاري“ پاڙي مان هو. دودو خان ڄام نظام الدين جي اوائلي دور ۾ گنداوا مان لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺو. راڻو خان ۽ نوبخت پاڻ ۾ سوٽ هئا. نوبخت جو پٽ سردار مير گھُرام هو ۽ راڻي خان جو پٽ قبول خان (دريا خان). يعني تہ مير گھُرام دريا خان پاڻ ۾ سوٽاڻي سوٽ هئا.

سارنگ خان ۽ دريا خان ٻنهي کي اولاد ٿيو. دريا خان جا ٻہ پٽ محمود خان ۽ مٺن خان ٻہ پوءِ مقابلا ڪندي شهيد ٿي ويا. دريا خان جا ٻيا پٽ ٻہ هئا جن جي جاگير مغلن بحال رکي. انهن جي اولاد مان علي محمد خان گنج آبہ (گنداوا) ۾ هڪ ننڍي رياست قائم رکي. علي محمد خان کان پوءِ سندس پٽ مراد خان ان رياست جو حڪمران ٿيو. مراد خان جو پٽ دريا خان (ٻيو) ٿيو، جنهن تي وڏي دريا خان جو نالو هو. ان جو پٽ دلاور خان ٿيو، جنهن پوءِ "مالوهہ" جي خودمختياري ڪئي.

سارنگ خان کي اولاد ٿيو ۽ اهو هِت سنڌ ۾ رهيو. اهو هن وقت هڪ وڏو پاڙو آهي، اهي سندن وڏي ڏاڏي سارنگ خان جي نالي پويان "سارنگاڻي لاشاري" سڏجن. (روايت پوري ٿي).

هيءَ روايت تفصيلي آهي ۽ قبيلي وارن ۾ سندن وڏن کان وٺي پيڙهي پيڙهي هلندي اچي. هيٺ اسان تاريخي حوالن ۽ ٻين دليلن جي روشني ۾ هن روايت جو تجزيو ڪنداسون.

- دريا خان کان مٿي جيڪو شجرو آهي تنهن جي تصديق لاءِ اسان وٽ ڪا بہ ٻي ٻاهرين سَنَد موجود ڪانهي، البت پوئين حصي جي تاريخي طور تصديق ٿئي ٿي. مير محمد معصوم جنهن تاريخ طاهري کان اڳ تاريخ سنڌ لکي ۽ جنهن عامي زباني روايتن بدران مستند تحريري مأخذن تي پنهنجي تاريخ جو بنياد رکيو، تنهن 'دريا خان' کي 'سيد زادو' ڪونہ سڏيو آهي؛ البت کيس "جام نظام الدين جو پٽ ڪري سڏيل" ڄاڻايو آهي.[1]

"بيگارنامہ" جو مصنف جنهن کي دريا خان بابت ڪي خاص حالات معلوم هئا، تنهن عام روايتي ڳالهين کي ڇڏي فقط ايترو لکيو آهي تہ دريا خان جام نظام الدين جو هڪ امير هو.[2]

- مير معصوم جي هڪ خاص حوالي مان قبائلي روايت جي انهيءَ بيان جي تائيد ٿئي ٿي تہ سارنگ خان ۽ دريا خان ٻئي پاءُ هئا ۽ ٻنهي وڃي ٺٽي ۾ نوڪري ڪئي هئي. مير معصوم لکي ٿو تہ "دريا خان ۽ سارنگ خان ٻئي جام نظام الدين جا اعتبار وارا غلام هئا ۽ سندن وڏو اثر رسوخ هو".[3]

مير معصوم ٻنهي جا نالا گڏ لکيا آهن ۽ ٻئي جام نظام الدين جا غلام

---

[1] "دريا خان ڪہ پسر خوانده جام ننده بود" تاريخ معصومي، فارسي متن (مرتب مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽو، مطبوعہ بمبئي 1938ع) ص ص 112 ۽ 114.

[2] "دريا خان کي يکي از امرايان جام نظام بود" (بيگلارنامہ، فارسي متن، راقم جي تصحيح سان سنڌي ادبي بورڊ جو ڇاپيل، حيدرآباد سنڌ، 1971ع، ص 8).

[3] "دريا خان و سارنگ خان بہ غلامان معتبر جام بودند و شوڪت و مکنت داشتند" (تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 76)

يا خاص نوڪر ڪري ڄاڻايا اٿس ۽ ٻنهي کي گڏ اثر رسوخ وارو لکيو اٿس. ان مان ٻنهي جي ويجهي تعلق ۽ پاڻ ۾ يڪ صلاح هجڻ جي تائيد ٿئي ٿي. دريا خان توڙي سارنگ خان، ٻنهي جي نالن پويان ”خان“ آهي. دريا خان توڙي مبارڪ خان جي لقبن ۾ خان آهي. مڪلي ۾ دريا خان جي مقام وارن ڪتبن ۾ پڻ ”خان الاعظم“ ڪري لکيو ويو آهي. تاريخ طاهري مطابق ساڪري پرڳڻي ۽ ٺڪرن جي ڪاڇي ۽ ٺٽي شهر جي چوڌاري واري زمين جي آبادي لاءِ واه کوٽايو جنهن جو نالو به سندس خاني واري لقب تان ”خان واهه“ پيو.[1]

”سارنگ خان کي به سواءِ هڪ عبارت جي جنهن ۾ ”جام سارنگ“ آهي، تاريخي معصومي توڙي پوين تاريخن جي ٻين سيني عبارتن ۽ حوالن ۾ ”سارنگ خان“ سڏيو ويو آهي.[2]

- تاريخي حوالن ۾ دريا خان ۽ سارنگ خان ٻئي گڏوگڏ نظر اچن ٿا. سڀي طرف سنڌ جي لشڪر طرفان ارغونن تي حملي ڪرڻ ۾ ٻئي گڏ هئا. جام نظام الدين جي وفات بعد جام فيروز جي تائيد ۽ خيرخواهي ۾ ٻئي يڪراءِ هئا ۽ سندس مقابل جام صلاح الدين کي پيرکوڙڻ نه ڏنائون.[3] شاهه بيگ جي حملن کي منهن ڏيڻ ۾ گڏ هئا. سارنگ خان بابت ”تحفة الڪرام“ ۾ ساڳيون دريا خان واريون وصفون بيان ٿيل آهن، يعني ته ”سارنگ خان به جام نظام الدين ۽ جام فيروز جي (آزادي واري) دور جو نامور امير هو ۽ وڏا بهادري ۽ عقلمندي وارا ڪارناما سرانجام ڏنائين.[4] دريا خان جي شهادت بعد دريا خان جا پٽ ۽ سارنگ خان ارغونن جا مخالف رهيا. اهڙي يڪراءِ ۽ گڏوگڏ عمل مان متين قبائلي روايت جي تائيد ٿئي ٿي ته دريا خان ۽ سارنگ خان ٻئي ڀاءُ هئا.
- قبائلي روايت موجب ”محمود خان ۽ منڻ خان“ دريا خان جا پٽ هئا ۽ سندن ڀيا پائر به هئا. تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام ۾ محمود خان ۽ ”متن خان“ (جيڪو ”منڻ خان“ ئي آهي) انهن ڪان سواءِ فقط هڪ ٻئي ڀاءُ علاوالدين جو ذڪر ملي ٿو، جنهن دريا خان جي شهادت بعد جام فيروز جي عيال کي

---

[1] تاريخ طاهري، فارسي متن، ص 58.

[2] تاريخ معصومي (فارسي متن) جي صفحي 117 تي ’جام سارنگ‘ ۽ 76 ۽ 119 صفحن تي ’سارنگ خان‘ آهي. تحفة الڪرام جي سيني حوالن ۾ ’سارنگ خان‘ آهي.

[3] ”دريا خان و سارنگ خان_جام فيروز را برسرير سلطنت بجاي او (جام صلاح الدين) نصب کردند“ (تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 76) ”جام صلاح الدين نبيره سنجر دعويدار ملک برآمد_دريا خان و سارنگ خان ويرا وجود ندادند“ (تحفة الڪرام، فارسي متن، ص 107).

[4] تحفة الڪرام، فارسي متن، ص 110

حفاظت سان ڄام فيروز تائين پهچايو[5] ۽ تحفة الڪرام جي لکڻ موجب پوءِ به هو ڄام فيروز سان گڏوگڏ رهيو ۽ شاهه بيگ ۽ مرزا شاهه حسن جي اميرن ۾ داخل ٿيو.[1] جيتوڻيڪ تاريخن ۾ علاوالدين کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو ذڪر نٿو اچي، مگر احمد نالي هڪ ٻئي ڀاءُ جو ثبوت ملي ٿو. مڪلي تي دريا خان جي مقام واري ڏاکڻي ديوار جي دروازي مٿان هڪ ڪتبي ۾ سندس "احمد بن دريا خان غفرلہ" موجود آهي. ٿي سگهي ٿو ته ٻيا به ڪي پائر هئا، پر احمد جي نالي جي هن قطعي ثبوت مان قبائلي روايت جي پوري تصديق ٿئي ٿي ۽ محمود خان ۽ منڻ خان کان سواءِ سندن ٻيا به پائر هئا، يعني ته دريا خان جا ٻيا به پٽ هئا.

- قبائلي روايت موجب دريا خان جو ڀاءُ سارنگ خان ۽ دريا خان جا پٽ محمود خان ۽ منڻ خان، اهي ٽيئي مقابلا ڪندي وڙهندي شهيد ٿيا. اهڙو حوالو تاريخ ۾ ڪونه ٿو ملي. البت تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام مان اها تصديق ٿئي ٿي ته سواءِ علاوالدين جي جيڪو هر حال ۾ ڄام فيروز سان پيڙو رهيو (۽ انهيءَ ڪري پنهنجي مربي وانگر پاڻ پڻ ارغونن سان صلح ۽ خيرخواهي ۾ رهيو)، سارنگ خان، محمود خان ۽ منڻ خان ارغونن سان ناهه ڪونه ڪيو ۽ مخالفت ۽ مقابلا ڪندا رهيا. تاريخ معصومي جي ٻن عبارتن مان اهو ئي نتيجو نڪري ٿو.[2] البت هڪ عبارت ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته شاهه بيگ صلح خاطر محمود خان (جيڪو سيني ۾ وڏو هو ۽ دريا خان بعد اهوئي اڳواڻ هو) ۽ ٻين ڏانهن قاضي قادن کي موڪليو. "ميان محمود خان،" منڻ خان ۽ سارنگ خان غالباً شاهه بيگ سان ڳالهين ڪرڻ جي فائدي ۾ هئا، پر مخدوم بلاول جي پيغام ملڻ تي هنن اهو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو.[3] تحفة الڪرام موجب دريا خان جي شهادت بعد سندس به فرزند محمود خان ۽ منڻ خان پنهنجي ڪاهان واري جاگير ۾ همت ۽ حوصلي سان رهيا ۽ پيش نه پيا.[4] ڪن حوالن مان اهو گمان نڪري ٿو ته دريا خان جي شهادت بعد، ڄام فيروز جڏهن ارغونن سان صلح ڪيو، تڏهن سارنگ خان سندس طرفداري ڇڏي، ڄام صلاح الدين سان شامل ٿيو ۽ ڄام فيروز ۽ ارغونن جي مقابلي

---

[5] تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 115.

[1] تحفة الڪرام، فارسي متن، ص 110.

[2] تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 117_119.

[3] ايضاً، ص 116_117.

[4] اصل عبارت هن طرح آهي: "محمود خان و متن خان هردو فرزند ديگر دريا خان بعد واقعہ يک چند درجاگير خود برابر تلتي و ڪاهان ڪروفر ڪردندو آخر پيش نبردند" (تحفة الڪرام، فارسي متن، ص 110).

لاءِ لشڪر جي اڳواڻي ڪندو رهيو.[5] اهو ممڪن آهي تہ سارنگ خان ’جهالار‘ واري جنگ ۾ ڄام صلاح الدين سان گڏ شهيد ٿي ويو هجي. بهرحال محمود خان، منڻ خان ۽ سارنگ خان جي ارغونن خلاف مخالفت ۽ مقابلي جو ذڪر تاريخ ۾ موجود آهي، جيتوڻيڪ سنڌن شهادت جو ذڪر ڪونهي.

- روايت موجب جڏهن ڄام صلاح الدين پهريون ڀيرو ٺٽي تي قبضو ڪيو، تڏهن ڄام فيروز پنهنجي والده کي ميڙ وٺي ڪاهان ۾ دريا خان وٽ ويو، تڏهن دريا خان پهريائين تڪڙو تڪڙو بلوچن جو لشڪر گڏ ڪيو. ان جي تائيد مير معصوم جي هيٺين بيان مان ٿئي ٿي.

”ڄام فيروز کي سنڌس والده ڪاهان ۾ دريا خان وٽ وٺي آئي ۽ آهہ زاري ڪري ڪيل خطائن جي معافي گهريائين. انهي تي (ڄام نظام الدين جو) جيڪو مٿس حق هو، تنهن جي مدنظر دريا خان (فوري طور) لشڪر گڏ ڪيو. بکر ۽ سيوستان پرڳڻن جو لشڪر متفق ٿي ڄام فيروز جي جهنڊي هيٺ آيو: بلوچ قبيلا ۽ ٻيا ماڻهو سڀ ڏانهنس مائل ٿيا. هاڻي دريا خان لشڪر کي تيار ڪري ڄام صلاح الدين کي دفعي ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.“[1]

بلوچن جي لشڪر جي شامل ٿيڻ مان انهيءَ مان گمان جي تائيد ٿئي ٿي تہ بحيثيت هڪ اڳواڻ ۽ سپهہ سالار جي، بلوچ قبيلن ۾ دريا خان جو خاص اثر ۽ رسوخ هو.

- دريا خان ۽ سارنگ خان ٻئي ڀاءُ هئا، ٻنهي جو اولاد ٿيو. سارنگ خان جو اولاد سارنگاڻي لاشاري آهن، جن ۾ احمداڻي ۽ ٻيا پاڙا شامل آهن. اهي پشت بشت دريا خان ۽ سارنگ خان کي پنهنجا وڏا ڏاڏا سمجهن ٿا ۽ پاڻ کي انهن جو اولاد سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا.

اُتر سنڌ جي روايت ۾ رند ۽ لاشار واري جنگ ۾، مغل يعني ارغون، رندن ۽ سنڌن طرفدار قبيلن جي حمايت ۾ هئا ۽ سنڌ جي حڪومت لاشارين ۽ سنڌن طرفدار قبيلن جي پاسي هئي. سنڌ جو حڪمران ڄام نظام الدين هو ۽ سنڌس حمايت جو سبب دريا خان جي شخصيت هئي. دريا خان ۽ سارنگ ٺٽي ۾ نوڪري انهيءَ لاءِ اچي ڪئي هئي تہ هو سنڌ جي حڪومت جو تعاون حاصل ڪري سگهن. لاشاري، مگسي، چانديا ۽ ڪلمتي ۽ پڻ غالباً نوحاڻي ۽ جتوئي

---

(5) تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 119 تي آيل عبارت مان اهو نتيجو نڪري ٿو.

(1) تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 77.

هڪ طرف هئا، ۽ سڀني واري لڙائيءَ ۾ اهي دريا خان ۽ سارنگ خان جي اڳواڻيءَ هيٺ وڏي بهادريءَ سان وڙهيا. چانڊين جي قبائلي روايت متفق طور اها ئي آهي ته، هو دريا خان جي اڳواڻي هيٺ وڏي بهادريءَ سان وڙهيا ۽ ’قنڌار جو قلعو‘ فتح ڪيائون (جنهن مان مراد سبي جو قلعو يا ارغونن جو ٻيو ڪو حفاظتي ماڳ به ٿي سگهي ٿو). سنه 1969ع ۾ غيبي ديري ۾ وڃي اسان انهيءَ روايت بابت وڏيڪ پڇا ڪئي ۽ اتي جي سڀني[1] سڄاڻن انهيءَ جي هيٺين طور تصديق ڪئي ته:

ٻين بلوچن سان گڏ چانڊين جو پنهنجو سپهه سالار سليمڻ (سليمان) نالي هو. قنڌار جي جنگ ۾ هو ۽ سندس ساٿي هڪ هڪ ٿي گاهه جي ٻورن ۾ لڪي وينا. قلعي جي دروازي مان جڏهن اُٺ اندر ويا ته مغلن گاهه ۾ نيزا ٿي هنيا، جي ڪين ٿي لڳا، پر ڪُٽڪ به ڪا نه ڪيچيائون ۽ نيزي جي چوٽي واري رت اُگهي ٿي ڇڏيائون. پوءِ جڏهن سڀ جوان اندر ٿيا، تڏهن نڪري اندران حملو ڪيائون. ٻاهران ٻئي لشڪر حملو ڪيو ۽ قلعو فتح ٿيو. چانڊيو ان ڏينهن ”ڪٿوريو“ (ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ وارو يعني رت جي خوشبوءِ وارو) ٿيو. دريا خان انهيءَ بهادريءَ تي سليمڻ کي سري_مڻ سڏيو، يعني ته اهڙو پهلوان، جنهن جي سِر ۾ مَڻ هجي.

قبائلي روايتن کان سواءِ ٻاهر به ٻيا ڪي آثار اهڙا آهن، جن مان دريا خان جي لاشاري برادري سان تعلق جو گمان نڪري ٿو.

مڪلي ۾ خان اعظم دريا خان جو مقام آهي. ان جي چوڌاري شاندار چوديواريءَ جو بنياد خود دريا خان جي حڪم سان سنه 895هجري ۾ رکيو ويو. ٿي سگهي ٿو ته اهو بنياد دريا خان پنهنجن انهن ڪاميابين جي شروعات ۾ رکيو هجي، جيڪي هن سبي ۽ قنڌار طرف جنگين ۾ ڪيون. هن چار ديواريءَ جي ڏاکڻي دروازي مٿان دريا خان جي حڪم موجب يادگار ڪتبو لڳل آهي، جيڪو غالباً سندس پٽ احمد (جنهن جو نالو پاسي کان لکيل آهي) لڳارايو. ان ۾ دريا خان بابت صاف ڄاڻايل آهي ته ”وَهُوَالمُظفر عَلي المُغلانِ الهَروَي“: يعني خان اعظم دريا خان اهو آهي، جنهن هرات جي مغلن تي فتح حاصل ڪئي آهي. هرات جي مغلن تي فتح حاصل ڪرڻ مان خود قنڌار جي قلعي جي فتح جو امڪان نظر اچي ٿو. شاهه بيگ ارغونن جي خاندان کي به هڪ معنيٰ ۾ هرات جو مغل سڏي سگهجي ٿو. بهرحال 895هه کان وٺي 914هه ۾ ڄام نظام الدين جي

[1] جيڪي نواب سلطان احمد خان جي مهرباني ۽ مهمان نوازيءَ مان اتي گڏ ٿيا هئا ۽ اسان کي مليا.

دور جي پڄاڻي تائين، انهن ويهن سالن واري عرصي ۾ سبي طرف جنگيون ۽ جنگين ۾ ڪاميابيون ٿينديون رهيون. اهو ساڳيو دور ’رند ۽ لاشار جي ٽيهن سالن واري لڙائي‘ جو آهي. انهن ٽاڻن مان دريا خان جو جملي بلوچن يا خاص لاشار برادريءَ وارن بلوچن جي انهيءَ دور ۾ اڳواڻيءَ جي تائيد ٿئي ٿي. ٺٽي ضلعي ۾ جيڪي مقام آهن، تن ۾ لاشارين جا ٻه مقام تاريخي حيثيت رکن ٿا: هڪ سونڊن وارو مقام ۽ ٻيو پير پٺي وارو مقام. سونڊن جي مقام ۾ لاشارين جو مقام سنگتراشيءَ جو شاهڪار آهي، جنهن ۾ ڪن قداور قبرن تي سورهيہ سپاهين، گهوڙي سوارن ۽ جنگي هٿيارن جون تصويرون اُڪريل آهن. اهي لاشاري خاندان جيڪي هت ٺٽي واري اراضي ۾ رهيا ۽ جن جي جوانن سنڌ جي لشڪر ۾ وڏا سورهيائيءَ جا ڪارناما ڪيا، تن کي سندن شهادت بعد وڏي اهتمام سان دفنايو ويو. انهن جي مالي حالت بہ تمام سٺي هئي، جو اهڙيون شاندار قبرون يادگار طور قائم ڪيون ويون. اهي قبرون ڄام نظام الدين واري دور جون ئي معلوم ٿين ٿيون ۽ بالڪل ممڪن آهي تہ خان اعظم دريا خان جي معرفت ئي انهن کي هتي جاگيرون مليون ۽ پڻ فوج ۾ وڏا عهدا مليا.

[رسالو ٹہ ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1/1980ع]

❑

# 49 سنڌ جو آخري سومرو بادشاهہ [همير پٽ دودو] ۽ سندس پاڻ

’سومرن جو دؤر‘ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهڙو دؤر آهي، جنهن بابت پڪا پختا تاريخي احوال نسبتاً گهٽ ملن ٿا. ڪجهہ وقت کان وني راقم هن دؤر جي حالات جي تلاش ۽ تحقيق ۾ رڌل رهيو آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ تازو تصنيف ڪيل ڪتاب ”سومرن جو دؤر“ (ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ) هن سلسلي جي هڪ خاص ڪوشش آهي. هن ڪتاب ۾ توڙي ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ (جلد پهريون، ڇپايل: زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1400هہ/1981ع) ۾ تاريخي احوالن توڙي سنڌ جي مشهور ۽ متواتر روايتن جي روشني ۾ سنڌ جي آخري سومري بادشاهہ ’همير‘ ۽ ساڻس ڄام هالي ۽ سندس پٽن جي جنگ جا حالات ڏنا ويا آهن، جيڪي مختصر طور هيٺين طرح آهن:

’سومرن مان سنڌ جو آخري حڪمران دودي جو پٽ همير هو. سندس ذڪر ان وقت سلطان فيروز شاهہ طرفان مقرر ٿيل ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو پنهنجي ڪن خطن ۾ ڪيو آهي ۽ سندس سڄو نالو ”همير دودا“ لکيو آهي، يعني همير پٽ دودي جو. عين الملڪ اهي خط اندازاً 1352_1365ع واري عرصي ۾ لکيا جن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ: ’هن وقت سومري حاڪم همير پٽ دودي جي حڪومت جو سلو سُڪي رهيو آهي ۽ محض سلطان (فيروز شاهہ) جي مدد سان ئي ذرا سائو ٿيو بيٺو آهي. ٻئي طرف سمو ڄام ٻانڀڻيو پٽ انڙ جو پنهنجي سرڪشي ۽ طاقت سان اپري رهيو آهي.‘ سلطان فيروز شاهہ، گجرات جي گورنر کي، همير سومري جي هر طرح سان مدد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو ۽ پڻ اهڙي خاص ذميداري گجرات جي گورنر جي پاءُ رڪن الدين حسن کي سونپيل هئي. اهڙو ذڪر پڻ عين الملڪ ماهرو جي هڪ خط ۾ ڪيل آهي، جيڪو هن گجرات جي گورنر ڏانهن لکيو هو.‘

چئي نٿو سگهجي تہ همير سومري جي حڪومت جي پڇاڙي ڪهڙي سال ۾ ٿي. جيئن تہ سلطان فيروز شاهہ سن 1365_66ع ڌاري ٺٽي جي سمن حڪمرانن تي حملو ڪيو، تنهن مان نتيجو نڪري ٿو تہ ان سال يا ان کان ڪجهہ اڳ همير سومري جي حڪومت جو خاتمو ٿي چڪو هو.

سنڌ جي عام مشهور روايتن مطابق، ڄام هالي جي پٽن جي اڳواڻي هيٺ سمن جي همير سومري سان جنگ ٿي، جنهن ۾ همير مارجي ويو. اهو واقعو سن 1351-52ع کان اڳ ۽ سن 1365-66ع کان پوءِ ٿيو: پر وڌيڪ قرين

قياس ائين ته غالباً هن عرصي جي آخري ٽن سالن (1362- 1365ع) ۾ ٿيو، جو سلطان فيروز شاھ انهيءَ سببان پوءِ سگهو ئي سن 66-1365ع ۾ ٺٽي تي چڙهائي ڪئي.

گذريل ويهن سالن کان ۾ هندستان جي صوبي گجرات مان ٻه اهڙا فارسي ڪَتبا هٿ آيا آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته همير جي مارجڻ کان پوءِ سنڌ جي سومرن حڪمرانن جي هن آخري خاندان جي باقي بچيل فردن، يعني همير جي پائرن، هميشه لاءِ وڃي گجرات ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اهي ٻه ڪتبا هي آهن:

### (الف) 'فتح مسجد' وارو ڪتبو:

هيءُ ڪتبو 'فتح مسجد' جي محراب مٿان لڳل آهي، جيڪا هاڻي "نيڪري والي مسجد" سڏجي ٿي ۽ صوبي گجرات جي ضلعي سابَر ڪنٺا جي شهر 'پار نتيج' ۾ واقع آهي. ڪتبو (30 X 85 سينٽي ميٽر واري سطح تي) هيٺين ٻن فارسي سٽن ۾ لکيل آهي:

(1) بسم الله الرحمان الرحيم قال الله تعاليٰ وان مساجد لله فلا تدعوا مع الله احدا اين بقعه شريف بنا كرده همو دودا سومره.

(2) در عهد فيروز شاه السلطان خلد الله ملكه درماه مبارک رمضان سنه اربع و ثمانين و سبع مايه والله اعلم بالصواب.

[ترجمو:

(1) بسم الله الرحمان الرحيم _ الله تعاليٰ فرمايو ته "مسجدون الله (جي عبادت) لاءِ آهن، سو الله سان گڏ ٻئي ڪي نه ٻاڏايو." هن مٿاهين ماڳ جو بنياد هُمو (پٽ) دودي سومري وڌو.

(2) سلطان فيروز شاھ _ الله سندس بادشاهي دائم قائم رکي- جي دور ۾، مهيني رمضان المبارڪ سن ست سؤ چوراسي ۾ ۽الله ئي سچ جو سڀ کان وڌو ڄاڻو آهي].

هي ڪتبو اڄ کان سٺ _ ايڪهٺ سال اڳ دريافت ٿي چڪو هو، مگر ان جي پڙهڻي پوريءَ طرح سمجهي نه وئي: 'هَمُو' کي 'هَمُود' ۽ سنه '784ھ' کي '884ھ' ڪري پڙهيو ويو[1]، ڪجهه وقت اڳ هيءُ ڪتبو "انڊين ايپيگرافي سالانه رپورٽ" 61_1960ع ۾ شايع ٿيو[2] ۽ پوءِ سنه 1962ع ۾ تفصيل سان عربي _ فارسي ڪتبات جي خاص اداري جي اضافي اشاعت ۾ ڇپيو[3]. انهيءَ پوئين اشاعت ۾ 'هَمُو' جي نالي مان مراد 'همير'ورتي ويئي آهي ۽ ڄاڻايو ويو آهي ته

---

(1) PRWC, 1919-20, Page 52.
(2) Annual Report on Indian Epigraphy, 1960-61, No; D, 75.
(3) Epigraphia Indica Arabic & Persian Supplement, 1962.

جيتوڻيڪ ڪتبي ۾ 'هَمُو' لکيل آهي، مگر ان کي 'همير' ئي سمجهڻ گهرجي، يعني اهو 'همير' جيڪو سنڌ جي سومرا گهراڻي جو آخري بادشاهه هو ۽ جنهن جو ذڪر ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو پنهنجن خطن ۾ ڪيو آهي ۽ پڻ اهو سمجهيو ويو آهي ته همير معزول ٿيو ۽ معزولي بعد سلطان فيروز شاهه جي حڪم موجب گجرات جي گورنر ۽ سندس پاڻ ڪيس سنڀاليو، جيتوڻيڪ اهو معلوم ناهي ته ڪيس دهلي يا گجرات ۾ رهايو ويو.

راقم جي راءِ ۾ اهو تعبير صحيح ناهي، ڇاڪاڻ جو هڪ ته ڪتبي ۾ هي نالو صاف طور "همو" لکيل آهي ۽ نه 'همير'، ۽ ٻيو ته سنڌ جي متفقه ۽ متواتر روايت موجب 'همير' سمن طرفان ڪيل حملي ۾ مارجي ويو هو، انهيءَ ڪري گجرات ۾ سندس سڪونت پذير ٿيڻ جو سوال ئي نٿي پيدا ٿيو.

### (ب) 'سڪندر شاهه جي درگاهه' وارو ڪتبو:

هيءُ ڪتبو ساڳئي شهر 'پارنتيج' ۾ 'سڪندر شاهه جي درگاهه' ۾، "شهيد سڪندر خان سومري" جي قبر (جنهن جي ڪري ئي درگاهه انهيءَ نالي سان سڏجي) جي سيرانديءَ کان سنگ مر مر جي گولائين ٿنڀي تي لڳل آهي. هيءُ ڪتبو ڪافي ڏکيو آهي ۽ هنين طرح چئن فارسي سٽن ۾ لکيل آهي:

(1) بتاريخ بيست و يکم ماه صفر سنه خمس و ثمانين و ثمانمايه روزسه شنبه راي اعظم

(2) و خان معظم سکندر خان بن راي غياث بن عمر بن محمد دودا در

(3) عهد محمود شاه بن محمد [شاهه] بن احمد شاه بن محمد شاهه بن مظفر شاه سلطان

(4) در تهانه سينبهر شهادت يافته عمر سي دو سال بود.

ترجمو:

(1) تاريخ ايڪيهين مهينو صفر سنه اٺ سؤ پنجاسي، ڏينهن اڱاري 'راءِ اعظم'

(2) ۽ 'خان معظم' سڪندر خان پٽ راءِ غياث پٽ محمد پٽ دودو.

(3) محمود شاهه پٽ محمد شاهه پٽ احمد شاهه پٽ محمد شاهه پٽ مظفر شاهه (گجرات جي) سلطان جي دؤر حڪومت ۾

(4) ٿاڻي سينپر (سيمپر) ۾ شهادت کي رسيو. عمر ٻٽيهه سال هئس].

هيءُ ڪتبو "انڊين اپيگرافي ساليانه رپورٽ 74_1973ع"[1] ۽ "آثار قديمه هند رويو 74_1973ع"[2] ۾ شايع ٿيو آهي ۽ عربي _ فارسي ڪتبات جي اضافي اشاعت 1974ع ۾ تفصيل سان شايع ٿيڻ وارو آهي.[3]

---

[1] Annual Report on Indian Epigraphy, 1973-74, No. D, 94.

[2] "Indian Archaeology 1973-74, A Review", Archeaological Survey of India, Govt. of India, New Delhi,1979, p. 42.

**متين ڪتبن جي روشنيءَ ۾ نتيجا:**

(1) فتح مسجد وارو ڪتبو سلطان فيروز شاھ جي حڪومت (752_790ھ / 1351_1388ع) جي آخري دؤر جو آھي، جنھن ۾ 'فتح مسجد' جي بنياد وجھڻ جو سال 784ھ (1382ع) ۽ مسجد جوڙائيندڙ جو نالو صاف طور "همو" (پٽ) دودي سومري جو ڄاڻايل آھي. ھن ڪتبي ۾ 'ھمو'، 'دودا' توڙي 'سومره'، اھي ٽيئي نالا انھيءَ صورت ۾ صاف لکيل آھن.

(2) ملتان جي گورنر عين الملڪ پنھنجن خطن ۾ سنڌ جي سومري حڪمران جو نالو "ھمير دودا" (ھمير پٽ دودي جو) لکيو آھي. ھن ڪتبي ۾ نالو "ھمون دودا" (ھمون پٽ دودي جو) آھي. ظاھر آھي تہ ھي ٻئي ڀاءُ ھئا: ھمير وڏو ۽ گاديءَ جو مالڪ ھو، جيڪو سمن جي ھٿان اندازاً 762_65ھ ڌاري مارجي ويو. انھيءَ واقعي کان 20_22 سال پوءِ، سندس ننڍو ڀاءُ گجرات جي شھر 'پارنتيج' ۾ سڪونت پذير ھو،

جتي ھن 'فتح مسجد' جوڙائي. ھمير جو مارجڻ ۽ ھمون جو فتح مسجد جوڙائڻ، اھي ٻئي واقعا ھڪ ٻئي ڪي ويجھا ۽ سلطان فيروز شاھ جي ئي حڪومت جي دؤر جا آھن.

(3) سڪندر شاھ جي درگاھ وارو ڪتبو (سنہ 885ھ)، 'فتح مسجد' واري ڪتبي (784ھ) کان ھڪ سؤ سال کن پوءِ جو آھي. جوانمرد سڪندر سومرو جيڪو 885ھ ۾ شھيد ٿيو، سو پٽ ھو غياث جو، پوٽو ھو عمر جو ۽ پڙپوٽو ھو محمد جو، جيڪو دودي جو پٽ ھو. ھڪ سؤ سالن ۾ چار پيڙھيون گذريون. ھمون پٽ دودي جو، جنھن سؤ سال اڳ 'فتح مسجد' جوڙائي ۽ محمد پٽ دودي جو، جنھن جو پڙ پوٽو سڪندر ھو، جيڪو ھڪ سؤ سال پوءِ شھيد ٿيو، سي ٻئي ڀائر ڇئبا. ٻئي ڀاءُ گڏ ساڳئي شھر پارنتيج ۾ رھندڙ ھئا، ڇاڪاڻ جو 'فتح مسجد' توڙي 'سڪندر جي درگاھ' ٻئي ساڳئي شھر 'پارنتيج' ۾ ئي آھن. جئن تہ 'فتح مسجد' تي نالو 'ھمو' جو آھي، انھيءَ مان ظاھر آھي تہ 'ھمو' وڏو ڀاءُ ھو ۽ محمد ننڍو ڀاءُ.

(4) فتح مسجد جوڙائڻ واري سال سنہ 784ھ ۾، جڏھن سنڌ جي آخري سومري حڪمران ھمير جا بہ ڀاءُ ھمون ۽ محمد گجرات ۾ زنده سلامت موجود ھئا، تڏھن ٺٽي جي سمن ڄامن مان ڄام ٻانيڀيو ۽ ڄام تماچي ٻئي دھلي ۾ سلطان فيروز شاھ وٽ نظربند ھئا ۽ ڄام علاؤالدين جوڻو سنڌ جو حڪمران ھو. ھن صورت حال مان ھڪ اھم تاريخي حقيقت روشن ٿئي ٿي، جنھن بابت ھن کان اڳ وارا ٻيا بيان مختصر ۽ مبھم آھن. ايترو معلوم آھي تہ سنڌ جي آخري سومري حڪمران ھمير پٽ دودي جي ڪي سلطان فيروزشاھ جي حمايت

---

(3) Epigraphica Indica Arabic & Persian Supplement, 1974.

حاصل هئي ۽ ان بابت ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو ۽ خاص طرح گجرات جي گورنر اختيارالدين کي هدايتون ڏنل هيون.

1962-1965ع دوران جڏهن سمن حملو ڪري، همير سومري کي ماريو ۽ ڄام ٻانڀڻئي نٽي ۾ پنهنجي خود مختيار حڪومت قائم ڪئي، تڏهن سلطان فيروز شاهه سنه 766هه/66-1365ع ۾ نٽي تي چڙهائي ڪئي. پهرئين مقابلي دوران شاهي لشڪر ۾ رسد جي ڪمي ۽ گهوڙن ۾ بيماري سببان سلطان فيروز شاهه ڪوچ ڪري گجرات طرف ويو ۽ پوءِ وري ٻيهر چڙهي آيو. انهيءَ عرصي دوران شيخ الاسلام صدر الدين ملتاني ۽ اُچ جي بزرگ مخدوم جهانيان جهان گشت وچ ۾ پئي، ڪن شرطن تي دهلي ۽ سنڌ جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. عين الملڪ ماهرو جي خطن مان ائين لڳي ٿو ته صلح ڪونه ٿيو[1]. شايد ائين هجي ته فوري صلح ڪونه ٿيو، پر آخرڪار معاهدو ٿيو ۽ اهو غالباً انهن سفارشن جي بنياد تي ئي ٿيو، جيڪي هنن بزرگن ڪيون هيون. سما قبيلا اڪثر غوث صاحب جا مريد هئا، جنهن ڪري شيخ صدر الدين يقيني طور سمن جي حق ۾ ئي سفارش ڪئي هوندي.

جيتوڻيڪ اهي دليل قرين قياس آهن، مگر انهن لاءِ لکيت ۾ ڪابه ثابتي موجود ڪانه هئي. هنن ڪتبن مان همير جي پٽن جي زنده هئڻ جو ثبوت ملي ٿو، جن کي سلطان فيروزشاهه طاقت جي زور تي همير جي گادي تي ويهاري سگهيو ٿي؛ مگر معاهدو ائين ٿيو ته سنڌ جا حڪمران سما رهندا، البت حڪومت ڄام جوڻي جي حوالي ڪئي ويئي، جيڪو گورنر عين الملڪ جي خطن موجب؛ سلطان جي اطاعت جو خواهان ۽ شاهي فرمان مڃڻ لاءِ آماده هو. هوڏانهن سندس سرڪش ڀائٽيو ڄام ٻانڀڻيو خود مختاريءَ جو خواهان ۽ جنگ جوٽڻ لاءِ تيار هو ۽ انهيءَ ڪري سلطان فيروزشاهه کيس پاڻ سان دهلي وٺي ويو، جتي کيس نظربند ڪري رکيو ويو. يا دربار سان وابسته ڪيو ويو، مگر سنڌ ڏانهن سندس واپسي تي بندش وڌي ويئي. همير جي پٽن کي جيتوڻيڪ سندن پاءُ واري گادي ڪانه ملي، مگر گجرات جي شهر (موجود ضلعي سابر ڪنٺا) 'پارنتيج' ۾ کين سلطان طرفان جاگير ڏيئي رهايو ويو. چئي نٿو سگهجي ته همير جو ڪو ٻيو پاءُ يا پٽ پويان سنڌ ۾ رهيو؛ سندس اهڙي وارث مان سمن کي خطرو ٿئي ها ۽ هو کيس سلامت ڪين ڇڏين ها. جيڪڏهن همير جا ڪي پٽ يا ٻيا وارث هئا، ته به في الحال سنڌ مان نڪري ويا. هنن ڪتبن مان پڪي ثابتي ملي ٿي ته همير جا ٻه پاءُ همون ۽ محمد، گجرات جي شهر پارنتيج ۾ گهر ڪري وينا ۽ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت جي خاتمي کان سوا سؤ سال ڪن پوءِ سنه 885هه (1480ع) تائين سندن اولاد اتي هو.

---

[1] انشاي ماهرو، مطبوع شعبه تاريخ، مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه، ص 177.

(5) هنن ڪتبن ۾ ڄاڻايل نالن جي آڌار تي سنڌ ۾ سومرن جي آخري حڪمرانن ۽ سندن اولاد جو شجرو هن طرح قائم ڪري سگهجي ٿو:

دودو

1. همير
(سنڌ جو آخري حڪمران 762-65ھ ڌاري سمن هٿان مارجي ويو.

2. همون
(گجرات جي شهر پارنتيج ۾ رهيو. سن 784ھ ۾ زنده هو).

3. محمد
↓
عمر
↓
غياث
↓
سڪندر
(سن 885ھ ۾ گجرات جي ٺاٽي سينڀر ۾ شهيد ٿيو.)

[رسالو ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1981/3ع]

❑

## (50) سورهيه هوش محمد جي مزار ۽ اولاد بابت وضاحت

ٻه چار سال اڳ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاگردن سورهيه هوش محمد جي ورسي ملهائي ۽ ان موقعي تي سندس سوانح بابت بنده طرفان پڻ هڪ مقالو طلب ڪيو ويو هو. اهو مقالو مون انگريزيءَ ۾ لکي موڪليو جو پوءِ "هوشو شيدي" نالي هڪ يادگار مخزن ۾ ڇپيو. ان وقت منهنجو خيال هو ته قلعي (حيدرآباد) واري قبر غالباً سورهيه هوش محمد جي آهي. مگر پوءِ جيڪي حالات معلوم ٿيا. انهن مان انهيءَ خيال جي ترديد ٿي. ان وقت هوش محمد جي خاندان ۽ اولاد بابت پڻ تسلي بخش حالات مون وٽ موجود نه ها. جيئن ته هن وقت حيدرآباد ميونسپل ڪميٽيءَ توڙي حيدرآباد ضلعي ڪائونسل طرفان سورهيه هوش محمد جي يادگار قائم ڪرڻ بابت عطين جو اعلان ٿيو آهي. انهيءَ ڪري مناسب سمجهيم ته سورهيه جي آخري آرامگاهه ۽ اولاد بابت وضاحت ڪئي وڃي. جيئن پڙهندڙ صحيح معلومات حاصل ڪري سگهن.

**سورهيه هوش محمد جي قبر:**

"دوآبي واري جنگ" جي سرزمين جي معائني توڙي مرحوم هوش محمد جي اولاد کان پڇا بعد يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سورهيه هوش محمد جي قبر جنگ واري سرزمين تي آهي ۽ نه حيدرآباد واري قلعي اندر. دوآبي واري جنگ "شيرِ سنڌ" مير شير محمد خان انگريزن سان 24 مارچ 1843ع تي لڙي، جنگ جو ميدان حيدرآباد کان 6 ميل ڪن ڏکڻ- اوڀر ۽ ناريجن جي ڳوٺ (موجوده ديهه ناريجا، تپو ٽنڊوحيدر) وٽ لڳي.

مير شير محمد خان جيڪا شمع ٻاري هئي، تنهن تي پتنگ ۽ پروانا اچي گڏ ٿيا هئا. هوش محمد ۽ ٻين سورهين مري ميدان ملهايو ۽ سنڌ جي بچاءَ لاءِ سر ڏيئي سرها ٿيا. جنگ کان پوءِ گهڻن شهيدن کي وارثن کڻي وڃي پنهنجن پنهنجن ماڳن مقامن تي دفن ڪيو. هوش محمد ۽ ٻين ڪيترن ئي شهيدن کي سرزمين تي دفنايو ويو. مير شير محمد خان پوءِ هوش محمد جي پٽ ڪريمداد کي خرچ پکو ڏيئي هوش محمد جي قبر پڪرائين ڪري ٻڌائي.

شهيدن جون اهي قبرون جن ۾ بلوچن، سيدن ۽ ٻين جون قبرون شامل آهن، اڃا تائين موجود آهن. شهيدن جو اهو مقام سيالين جي موجوده ڳوٺ لڳ، پراڻي ميرواهه جي ساڄي (ڏاکڻين) ڪپ تي موجود آهي: جنهن ۾ هوش محمد

جي پٽرائين قبر نروار آهي. سامهون مير واهه جي ڪاٻي (اترئين) پاسي انگريزن واري طرف جي قبرستان جو نشان موجود آهي. مرزاڻين جي اسٽيشن جي اپرندي ڦاٽڪ کان ڪجهه رستو وٺي ڏکڻ طرف ڏيڍ ميل ڪن هلبو ته سيالين جي ڳوٺ لڳ شهيدن جي مقام تي پهچبو.

هوش محمد جي قبر اها ساڳي لڙائي جي ميدان واري آهي، چاڪاڻ ته مير شير محمد خان جي امداد سان اها قبر ٻڌائي وئي ۽ هوش محمد جو پٽ ڪريمداد ۽ سندس اولاد پشت به پشت ختمي ۽ صفائيءَ لاءِ انهيءَ قبر تي ويندا رهيا ۽ اڄ تائين وڃن پيا. قلعي واري قبر پڻ دوآبي واري جنگ ۾ شهيد ٿيل هڪ سورهيه جي آهي، جيڪو مير صاحب جي لشڪر طرفان گولہ انداز هو. انهيءَ جي حفاظت پڻ ضروري آهي.

### هوش محمد ۽ سندس اولاد:

اسان پنهنجي انگريزي مقالي ۾ هوش محمد جي سوانح تي روشني وڌي هئي ته سندس وڏا "فاتح سنڌ" مير فتح علي خان جا خاص خادم هئا. هوش محمد، مير صوبدار خان (پٽ مير فتح علي خان) جو همعمر ۽ سندس خاص خادم هو. جڏهن مير صوبدار کي انگريزن قيد ڪيو، تڏهن هوش محمد مير شير محمد خان جي سڏ تي لبيڪ چئي وڃي سندس لشڪر ۾ شامل ٿيو.

ان بعد جيڪي حالات تحقيق مان معلوم ٿيا آهن، سي هي آهن ته: هوش محمد جي والد جو نالو ڪريمداد هو، جو مير فتح علي خان جي خاص خادمن مان هو. هوش محمد پنهنجي حويلي موجوده ٽنڊي نوڙهي ۾ قائم ڪئي ۽ سندس گهر اتي هو، جتي هن وقت سندس اولاد مان حسين بخش بن امام بخش جو گهر آهي. جڏهن هوش محمد جنگ جي ميدان ۾ شهيد ٿيو ته سندس پٽ ڪريمداد کي مير شير محمد خان پاڻ سان گڏ ڪنيو ۽ هر طرح سان سندس دلجوئي ڪيائين. جڏهن مير شير محمد خان سنڌ ۾ موٽي آيو ته ڪريمداد لاءِ وظيفو مقرر ڪيائين. ڪريمداد هوسڙي لڳ ڳوٺ مان شادي ڪئي ۽ ڪجهه وقت اتي گذاريائين ۽ پوءِ اچي ساڳي اباڻي حويلي واري ماڳ تي ٽنڊي نوڙهي ۾ رهيو. مير صاحب طرفان کيس وظيفو ملندو رهيو ۽ زندگي خوشحالي ۽ فارغ البالي ۾ گذاريائين. سندس وفات تي کيس بلند شاهه جي قبرستان (لڳ ريلوي لائين ٽنڊو نوڙهو) ۾ دفن ڪيو ويو ۽ ان بعد سندس اولاد پڻ اتي دفن ٿيندو رهيو.

ڪريمداد کي هڪ پٽ محمد بچل نالي ٿيو، جو ٽنڊي نوڙهي ۾ رهيو؛ مير شير محمد خان وفات ڪئي ۽ وظيفا بند ٿي ويا، پر ڪريمداد ڪافي

ملڪيت ڇڏي هئي جا محمد بچل دل کولي خرچ ڪئي ۽ عيش واري زندگي بسر ڪئي.

محمد بچل کي ٽي پٽ ٿيا، هوش محمد (وڏو) امام بخش (وچٿ) ۽ نبي بخش (ننڍو) جن پنهنجن پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي (1) هوش محمد رازو ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح هن گهر ۾ رازڪي ڌنڌي جو بنياد پيو. هوش محمد کان پوءِ سندس پٽ رجب علي وڏو ڪاريگر راز ٿيو، جنهن جو پٽ محمد بچل حيات آهي. (2) ٻيو ڀاءُ امام بخش مير شير محمد خان جي اولاد وٽ (ميرپورخاص) ڪمدار ٿي رهيو ۽ پڻ ٽنڊي آغا جي مرزائن کان زري جو ڪم سکيائين ۽ ڪيائين. سندس پٽ حسين بخش (سٺ ورهيه) ۽ محمد آچر (پنجونجاهه ورهيه) حيات آهن. حسين بخش ڪاريگر رازو آهي، حسين بخش کي ٻه پٽ آهن: خدا بخش (ٽيهه سال) ۽ رب ڏنو (پنجويهه سال) خدا بخش هڪ لائق جوان آهي، جو هن وقت آبدار آهي. مرزا افضل بيگ صاحب جن جي معرفت اسان جي ساٽس ڪچهري ٿي ۽ هن گهراڻي جو احوال معلوم ٿيو. خدا بخش کي ٽي پٽ آهن: (3) ٽيون ڀاءُ نبي بخس حڪيم ٿيو ۽ خوش وقت گذاريائين. ڪيس ٽي پٽ ٿيا: محمد هاشم، قادر بخش ۽ حيدر بخش، جي ٽيئي گذاري ويا. محمد هاشم کي نوَ پٽ ٿيا جي حيات آهن. وڏو مولا بخش آهي.

مقصد ته سورهيه هوش محمد جي مزار سلامت آهي ۽ سندس اولاد پڻ موجود آهي. ٻنهي جي پوئيواري ڪرڻ ضروري آهي.جيڪڏهن هوش محمد جي قبر کي نئين سر نهراڻو آهي ته اها قبر جنگ واري سرزمين تي سيالين ڳوٺ لڳ آهي، جنهن جي هوش محمد جي اولاد مان سيني کي خبر آهي. جيڪڏهن اها قبر ٻڌائي وڃي ته مير شير محمد خان طرفان نهرايل لوڙهه وارو اصلي پٿر ميوزيم ۾ محفوظ ڪري رکيو وڃي. هوش محمد جي اولاد مان ذهين ٻچن کي وظيفا ملڻ گهرجن، جيئن هو پڙهي پنهنجيون حياتيون سجايون صرف ڪن.

قلعي واري قبر جنهن جو ڪتبو اسان آثار قديم وٽ محفوظ ڪرائي رکيو آهي، سا پڻ اسان جي سورهين مان هڪ سرويچ نوحاڻي بلوچ جي آهي، جنهن کي پڻ ٻڌائڻ ۽ محفوظ ڪرائڻ ضروري آهي.

تنهن ڪانسواءِ "شير سنڌ" مير شير محمد خان جي يادگار ملهائڻ پڻ ضروري آهي. هيءُ شير مڙس نيپئر جي دڙڪن ڪڙڪن کان نه ڊنو ۽ مياڻي جي شڪست بعد نااميدي واري ماحول ۾ اميد جو هڪ چراغ روشن ڪيائين، جنهن تي ڪيئي پتنگ ۽ پروانا اچي مڙيا ۽:

"سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وجائيا."

## سورهيه هوش محمد جو شجرو




[ڪتابي سلسلو "رهبر" پبليڪيشن حيدرآباد، "سورهيه سرويچ" فيبروري 1969ع]

❑

# (51) سُونهن ۽ سُرهاڻ جو سرواڻ رئيس علي نواز اُنڙ

هن وقت سنڌ ۾ فردن توڙي ادارن مان ڪي ٿورا آهن، جن ۾ جمالياتي ذوق جو جلوو نظر ايندو هجي. حسن جي تلاش ۽ حسن جي جلوه نمائي سان شاندار تهذيبون جنم وٺن ٿيون؛ پڻ سونهن ۽ سهڻائي جي ذوق سان فردن جي زندگيءَ ۾ سُرهاڻ اچي ٿي. رئيس علي نواز انڙ جيڪي ڪم ڪيا آهن، تن ۾ هو سونهن ۽ سهڻائي جو سرواڻ آهي. جمالياتي ذوق ۾ هن وقت هو سنڌ جو نمائندو آهي.

هو سن 1922ع ۾ شهر قاضي احمد ضلعي نواب شاهه ۾ اُنڙ قبيلي جي سردار گهراڻي ۾ ڄائو. پنهنجي والد رئيس ولي محمد کان وڏن واري زمينداري ڪيس ورثي ۾ ملي. پنهنجي پيءُ جي چئن پٽن مان ننڍو پٽ هو، ذهين هو ۽ تعليم حاصل ڪيائين. هو عيش عياشيءَ ۾ زندگي گذاري سگهيو ٿي، پر نوجواني ۾ ئي هن ۾ ڪامياب ۽ شانائتي زندگي گذارڻ جو شعور پيدا ٿيو: وڏن ۽ چڱن جي صحبت ۾ وينو، هر چڱي ۽ سهڻي ڳالهه کي پنهنجو ڪري سمجهيائين. سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ته سهڻائي واري سياست ڪيائين ۽ هر چڱي ڳالهه جي پُٺ پرائي ڪيائين☆. سنڌ کان ٻاهر ويو، سير ڪيائين ۽ جتي به ڪا سهڻائي ڏٺائين ته ان کي پاڻ وٽ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. سونهن ۽ سهڻائي جي تلاش واري جذبي نه فقط ڪيس هڪ مثالي شهري بڻايو آهي. پر سونهن ۽ سهڻائي جو ايترو ته عاشق بڻايو آهي جو هن پنهنجي زندگيءَ ۾، عملي طور، هر سهڻي شيءِ کي ويتر وڌيڪ سهڻي ڪرڻ ڏانهن پيئي قدم وڌايو آهي. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا: ڳالهه ٿورن لفظن ۾ ٿئي ٿي پر عملي طور ڪنهن ڪم تي جدت سان سوچڻ، ان کي هٿ ۾ ڪٽڻ ۽ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ذوق، حوصلي ۽ همت جي ضرورت ٿئي.

- نوجوانيءَ ۾ سن 1940ع ۾ ڪشمير گهمڻ ويو ۽ اتي جڏهن مغل دور جا ٿي سهڻا باغ ڏٺائين ته پنهنجن ساٿين کي چيائين ته: اسان به اهڙا باغ بڻايون. هنن چيس ته: ائين ٿي ڪونه سگهندو. چيائين ته: ”ڪوبه ڪم ڪبو ته ٿي

---

☆ ان جو هڪ مثال هي ته آءٌ 1974-1975ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر هوس. شاگردن جو ڪو مسئلو پيدا ٿيو ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ ميمبر منهنجو نالو وٺي وائيس چانسلر خلاف ڳالهايو. رئيس علي نواز انڙ اُتي ان جو مدلل جواب ڏنو ۽ پڻ چيائين ته: ”ڊاڪٽر بلوچ هر طرح لائق آهي، هن يونيورسٽي کي سنڀاليو آهي ۽ هن جي سڀ تعريف ڪن ٿا. هن تي تنقيد اجائي آهي.“ هن سلسلي ۾ منهنجو ساڻس ڪو رابطو ڪونه ٿيو هو. مون کي به اها ڳالهه وزير تعليم پيار علي الانا صاحب پوءِ ٻڌائي ۽ رئيس جي تعريف ڪيائين.

ويندو. آءٌ اهڙو باغ بنائيندس.“ پوءِ قاضي احمد ۾ باغ لاءِ پلاٽ ۽ نقشو پنهنجي ذهن ۽ ذوق مان رٿيائين ۽ آخرڪار ٽيهن ايڪڙن جي ايراضي تي سهڻو باغ تيار ٿي ويو. جنهن جو نالو مخدوم طالب المولىٰ مرحوم ’ناز باغ‘ تجويز ڪيو. هي باغ ڪنهن ذاتي نفعي لاءِ نه، پر هتان جي ماڻهن جي خوشي ۽ وندر لاءِ خوبصورتيءَ جي مثال طور بنايو ويو آهي. سير ۽ سرور لاءِ، صاف رستن جي گهيرن گهمرن سان سينگاريل ۽ گلن ڦلن سان ڇانيل ”ناز باغ“ سنڌ جو هڪ نهايت ئي خوبصورت باغ آهي.

- ٻه چار سال اڳ جڏهن مون کي پاڻ هلي ’ناز باغ‘ گهمايائين، تڏهن چيائين ته: مون ٻاهر کي ’سفاري پارڪ‘ ڏٺا آهن ۽ هن باغ سان لاڳيتو ڏکڻ طرف پنجاهن ايڪڙن تي سنو ’سفاري پارڪ‘ بنائڻو آهي جنهن تي ڪم شروع ٿي چڪو آهي. ’پارڪ‘ جي رٿا ۾ سندس دانائي جي هڪ هي ڳالهه جو پاسن سان اُتر- ڏکڻ تي ٻيرن جا گهاٽا وڻ لڳايل آهن. چيائين ته جانورن کي فطري طور جهنگ ۽ وڻ وڻن، ڏينهن ٽيندو ته وڻن ۾ وڃي ويهندا. ٻيو تلاءُ لاءِ هيٺ کوٽايل کڏجي پرسان متيءَ جو هڪ شاهي دڙو نظر آيو. پڇيم ته چيائين: تلاءَ ۾ واڳو هوندا ۽ ڪنهن وقت ٻاهر نڪري انهيءَ دڙي تي ويهندا. هن وقت (جولاءِ 2003ع) ’سفاري پارڪ‘ ۾ هرڻ، چيتل ۽ ڪارا هرڻ گهمن پيا. ڪونجون ۽ پکي ٻه پهچي ويا آهن. پڇيم ته چيائين: جانورن جي پوري خدمت ٿئي پئي ۽ وڌن ويجهن پيا. خيرپور جي مير صاحب جن کان ڪارن هرڻن جون ٻه ماديون ۽ هڪ نرمليو، جيڪي وڏي نُوَ تي ويا آهن.
- علاج خاطر آمريڪا ويو ۽ اتي ڏٺائين ته ڪيئن ٿا نلن سان سائيفن سسٽم ذريعي پوک کي پاڻي ڏين، جنهن سان جاتن پلاٽن ۾ پاڻي هڪ ساريکو پورو وهي ٿو، زبان نٿو ٿئي ۽ پڻ ڪم ڪنڌڙ جو وقت بچي ٿو. هت اچي تجربي طور ساڳي سسٽم جو ڪاميابيءَ سان انتظام ڪيائين.
- زراعت ۾ جدت سان گڏ، فن تعمير ۾ پڻ سندس جدت سونهن وارو ذوق نمايان رهيو آهي. سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ اڳ گهرن ۽ اوطاقن لاءِ ڇپرن ۽ لانڊين جو رواج هو. قاضي احمد ۽ موري طرف وارا ماڻهو ڇپرن ٻڌڻ جا ڪاريگر هئا. رئيس علي نواز سوچيو ته، اجا ٻه وڏيڪ سهڻو ڇپر ڪيئن ٻڌجي ۽ سهڻي لانڊي ڪيئن ٺاهجي! اتي ان وقت محمد رحيم لاکو سياڻو ۽ هٿ جو سيڄو هو. ان سان صلاح ڪيائين ۽ نئين قسم جي ڇپر واري هڪ لانڊي تيار ٿي، جنهن جهڙي اڳ ڪٿي ڪانه هئي. انهيءَ قسم جو هڪ ننڍو ماڊل پوءِ ’فارم‘ تي ٻه ٺهرايائين. جيڪو مون ٻه ڏٺو جنهن ۾ تيلن سان واٽيل اڏاوت ۾ ڪاريگري جو ڪمال آهي. رئيس وري سوچيو ته ڪکن ڪانن بدران ڇو نه ڪاشيءَ جي سرن سان ڇپر نموني واري سهڻي اڏاوت ڪجي! پاڻ ان جو نقشو خيال ۾ آندائين، ۽ ڪاشيءَ سان اها لانڊي

ٿهي، جيڪا اڄان تائين موجود آهي ۽ اڏاوت جو هڪ نادر نمونو آهي. تازو (20 جولاءِ 2003ع) جڏهن منهنجو قاضي احمد ۾ وڃڻ ٿيو (ساٿس سندس محبت ۽ ميزباني واريون ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن). ته معلوم ٿيو ته اها لانڍي وڌيڪ سهڻائي خاطر به پيرا اڳ بدلي ٿي چڪي آهي ۽ ان کي اڄان به وڌيڪ سهڻي بنائڻ تي ويچار هلندڙ آهي.

- گذريل ڏهن سالن واري عرصي ۾، معزز مهمانن جي آجيان لاءِ ۽ پڻ ڏينهن جو پنهنجي ويهڻ لاءِ، هڪ خاص قسم جي ننڍي انوکي عمارت جو سوچيائين ۽ پنهنجي ذوق ۽ ذهن سان ان جو نقشو تيار ڪري ان جي تڪميل ڪيائين. هي عمارت ايترو اوچي ناهي ته به ٻن طبقن ۾ آهي جنهن ۾ ماڊرن قسم جون سڀ سهوليتون ويندي بورچيخاني ۽ 'سيلف سروس' سميت رکيون ويون آهن. ٿوري جاءِ مان وڏي سهڻائي سان گهٽو ڪم ورتو ويو آهي، ايترو جو ظفر علي شاهه صاحب (ڊپرو) هن جو نالو (آلِ- اِن- وَن) تجويز ڪيو.
- باغ جي شروعاتي نقشي بنائڻ وقت سوچيائين ته باغ جي احاطي اندر سڀ کان پهريائين هڪ خوبصورت مسجد شريف هجي ۽ باغ ۾ داخل ٿيڻ واري دروازي آڏو سهڻي نظاري واري هجي. اها مسجد تيار ٿي ۽ ان جي رٿا ۾ وڏي ڳالهه جيڪا اسلامي تاريخي شهرن جي تعمير جو يادگار آهي سا هيءَ ته باغ جي رستن پارڪن پلاٽن جي رٿا به مسجد شريف جي چار ديواري ۽ احاطي سان 'گونيا' تي سڌائي سان ڪيل آهي. اهڙي طرح ٻين جاين واري سٽاءَ پڻ قبلي سان ملايل آهي. ٻاهران مسجد شريف جي مهاڙي تي سهڻي خطاطي سان عبارت آرائي ٿيل آهي؛ محراب جي مٿان ڪاشي ۽ شيشي جو سهڻو ڪم ۽ دروازن تي ڪاٺ جي نفيس گلڪاري ۽ نقش نگاري ٿيل آهي. اهو ڪم مقامي ڪاريگر علي احمد پٺي ڪيو، جنهن کي رئيس صاحب پاڻ 'ڊزائين' جي تربيت ڏني. گرمي ۾ جماعت لاءِ ايئرڪولر هلايا ويندا آهن.
- رئيس علي نواز جو تعليمي ترقي ڏانهن خاص توجهه رهيو. پاڻ ڪيترن ادارن ۽ انگريزي اسڪولن جو بنياد وڌائين ۽ سرپرستي ڪيائين، ليڪن معياري ديني تعليم جي سخت ضرورت پئي محسوس ڪيائين. ان لاءِ مسجد شريف سان لڳ هڪ ديني مدرسي جو بنياد رکيو ويو، جنهن لاءِ درس تدريس توڙي مدرسي جي مهتمم ۽ جامع مسجد جي پيش امام جي رهائش لاءِ موزون عمارتون تيار ٿيون. رئيس صاحب جي نيڪ نيت ۽ دين سان محبت جي ڪري اهڙو حسن اتفاق ٿيو جو ڪعبة الله جي امام جناب محمد بن عبدالله بن سبيل تاريخ 21 جون 1986ع تي عصر نماز بعد مدرسي دارالفلاح جو افتتاح ڪيو، درس تدريس جي انتظام ۽ ڪتبخاني

جو معائنو ڪيو ۽ سانجهيءَ جي نماز ’ناز باغ‘ ۾ پڙهائي. حفظ قرآن ڪريم ۽ دين جي تعليم لاءِ مدرسو دارالفلاح باقاعدگيءَ سان هلندڙ آهي. جنهن جو مهتمم مولوي رضا محمد انڙ صاحب آهي، جيڪو عالم فاضل آهي. هڪ سؤ کن شاگرد پڙهن ٿا، جن مان پنجاهه شاگرد مستقل طور اتي رهن ٿا، جن جي کاڌي پيتي جو انتظام آهي.

ائين ڳالهيون گهڻيون، پر خاص ڳالهه ته رئيس علي نواز جيئن پنهنجي زندگيءَ کي سجايو ۽ سهڻو ڪيو آهي سو مثالي آهي. سهڻو اخلاق، سهڻي رٿا، سهڻي تعمير ۽ سهڻي باغباني جنهن مان سيني کي فائدو پهچي، سي سنڌس حسن جي تلاش واري جذبي جا من موهيندڙ مظهر آهن. (23 جولاءِ 2003ع)

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد پنجون)
سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد 2003ع]

❑

## 52 شاهہ جي شان ۾ ٻہ لفظ [سيد غلام مصطفيٰ شاهہ بابت]

اڄ کان ويهہ سال اڳ آءٌ ڪراچي سنڌ مدرسي جي مئٽرڪ ۾ پڙهندڙ هڪ ڦڙت، رلڻي ملڻي ۽ مقبول شاگرد سان مليس، هن کي خاڪي پوشاڪ پهريل هئي ۽ سندس چهري تي عجب مسڪراهٽ هئي. هو ڪڙڪ آواز سان ڳالهائيندو هو ۽ وڏا ٺهڪ ڏيئي کلندو هو. آءٌ کيس ڏاڍو پائيندو هوس. ”هي آهي اسان جو دوست سڄاول جو رهندڙ، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ“. اسان ٻنهي جي هڪ دوست شاهہ صاحب جي سڃاڻپ ڪرائيندي چيو ۽ اها ملاقات اسان جي اوچتي ۽ اتفاقي ملاقات هئي. ان کان پوءِ آءٌ شاهہ صاحب سان ايل.ڊبليو هاسٽل (جناح ڪورٽ پرسان) ۾ مليس، جڏهن هن ڪاليج ۾ داخلا ورتي. هو هڪ ٻلوان، جذباتي، سچائي رکندڙ ۽ دل جو صاف نوجوان هو. هن ۾ اهي سڀئي خوبيون هيون، جيڪي هڪ صحتمند ۽ رعبدار ٻهراڙيءَ جي جوڌي ۾ هئڻ گهرجن. هو نت نوان دوست ڪندو رهندو هو ۽ انهن سان برابر نباهيندو رهندو هو.

1941-43ع ڌاري عليڳڙهہ ۾ مون غلام مصطفيٰ شاهہ کي گهڻو ويجهي کان ڏٺو. اسين ٽن ڏينهن ايل.ايل.بي ۽ ايم.اي هڪ ئي وقت پڙهي رهيا هئاسين ۽ اسان پنهنجو گهڻو وقت گڏ گذاريو. مون کي معلوم ٿيو تہ شاهہ صاحب تمام شاهوڪار گهراڻي جو ٻار نہ هو ۽ نہ رڳو هن اسڪول پڙهڻ دوران ڪافي تڪليفون ڏٺيون، پر ڪاليج ۾ پهچڻ تائين پڻ کيس گهڻي جدوجهد ڪرڻي پيئي. سادگي ۽ سچائي هن جي سهڻي اخلاق جا ٻہ مکيہ جُز هئا. عليڳڙهہ ۾ پهچي هن پاڻ ۾ اڳڀرائي ۽ ساڌارڻ عقل (Common Seare) جو عملي معدو پيدا ڪيو.

مصطفيٰ ۾ اڳڀرائي ۽ سوچ ويچار سان گڏ ڪِل ٻوڪ جو مزاج پڻ نمايان هو، جنهن کيس ڪيترن ئي ننڍن مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ هٿي ڏني، جيڪي شاگرد طبقي کي وقت بوقت پيش ايندا رهندا هئا. ڌوٻي، حجم ۽ درزي کان ڪِل ٻوڪ ۾ ڳالهائي ڪم جي تڪڙي پوئواري وٺي سگهندو هو. يونيورسٽي ڪئنٽين جا بيرا مجيل درجي جا ڪاهل هئا ۽ ساڻن بحث مباحثو ڪري يا ڌمڪيون ڏيئي ڪم وٺڻ ناممڪن هو. مصطفيٰ اسان جي هڪ بورچي مجيد کي سڏيندوئي هو ’خانبهادر‘ مصطفيٰ جو ائين چوڻ سان مجيد نريو پوندو هو، پر مجيد جي ڪم ڪرڻ جي اهائي سست رفتار هئي، رڳو خانبهادر سڏجڻ تي ڪجهہ جلدي ڏيکاريندي هو، پر وري ساڳيو ڳن ڪهاڙي! صبح جو ڪڏهن ٻہ نيرن وقت تي نہ پهچائيندو هو ۽ هر دفعي نيرن وقت شاهہ صاحب جا وڏي واڪ سڏ ”خانبهادر! خانبهادر!“ ڏڪڻ اوپر طرف تڙي ويندا هئا، جن کي ٻڌي مجيد سهڪندو اچي رسندو هو.

يونيورسٽي هاسٽل جو خوراڪ نامو عجيب و غريب هوندو هو، جنهن ۾ ڪاڏو گهٽ، پر ڏيک ويک گهڻو هوندو هو. هڪ دفعي منجهند جي مانيءَ تي مون ڏٺو ته ٻوڙ جي پليٽ ۾ مک ٻيڙي وانگي تري رهي هئي. شاهه صاحب گجندي مجيد کي ٻوڙ جي پليٽ کڻي وڃڻ لاءِ چيو ته ڪيس اهو پڻ چيو ويو ته ٻيو ٻوڙ کڻي اچي. پوئين حڪم جي تعميل مجيد کان ٿيڻ ناممڪن هئي. معاملو ڪجهه سنجيدو ٿيندو رهيو. تڏهن شاهه صاحب کلندي چيو: "يار ٻوڙ ته مجيد ٺيڪ ٿو آڻي، پر رڳو ايترو خيال ڪري جو ميز تي آڻڻ کان اڳ منجهانئس مکيون ڪڍي اچي ته لک ٿيو!" اسين يونيورسٽي جي ميدان ۾ سها ماريندا رهندا هئاسين ۽ انهن مان مزيدار طعام ناهي هاسٽل جي ڪاڏي جي ڪوٽ جي پورت ڪندا هئاسين. رڌپچاءُ جو ڪم ڪافي ڪنن هو، پر وچ ۾ شاهه صاحب جا ڪلائيندڙ چرچا اسان جي ڪم کي آسان بڻائي ڇڏيندا هئا.

مئي 1946ع ۾ آءٌ آمريڪا وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هوس. مصطفيٰ منهنجي تياري ۾ دلچسپي وٺي دوستي جو هٿ ڌڳهيڙيو، پوءِ جڏهن ڪراچي شهر جي ريلوي اسٽيشن تي هڪ ٻئي کان موڪلايوسون ته مون منجهنس هڪ سچي ۽ محبت ڀرئي دوست جون مڙيئي خوبيون ڏٺيون. جلدئي مصطفيٰ خود به برطانيه پڙهڻ لاءِ ويو. واپس اچڻ تي 1949ع ۾ جڏهن شاهه صاحب سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پرنسپال جي عهدي تي فائز ٿيو، تڏهن وري ساڻس ملاقات ٿي.

مون محسوس ڪيو ته برطانيه ۾ رهي ڪري به هن ۾ سچائي، سادگي ۽ سڌا ٻول ٻولڻ واريون ذاتي وصفون اڃا موجود هيون. هن پاڻ ۾ شاگردن ۽ سندن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳي کان به وڌيڪ انتظامي صلاحيتون پيدا ڪيون، جن جي طفيل هو سنڌ مسلم ڪاليج جهڙي وڏي ڪاليج جي انيڪ منجهائيندڙ مسئلن ۽ حالتن کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيئي سگهيو؛ جن جو مقابلو اڳي ڪو به پرنسپال اهڙي نموني نه ڪري سگهيو هو.

پرنسپال غلام مصطفيٰ شاهه تعليم جي ميدان ۾ انهن چوٽيءَ وارن شخصن مان آهي، جن ۾ زبردست انتظامي صلاحيت ۽ قابليت ڏٺي وڃي ٿي. هن کي پاڻ ۾ ايتري همت ۽ ڀروسو آهي، جو گوڙهن مسئلن کي آساني سان حل ڪري سگهي ٿو. جتي ٻيا ماڻهو دل من ڀيا هٽندا آهن. شاهه صاحب شاگردن توڙي بالادستن جي وچ ۾ پاڻ کي بي فڪر محسوس ڪندو آهي.

هو نهايت ذهين ۽ معقول فيصلا ڪندو آهي ۽ انهن کي عمل ۾ آڻن لاءِ ذرو به دير وجهڻ نه ڏيندو آهي. شاهه صاحب جمهوريت پسند آهي ۽ منجهس سيني سان سنو هلڻ جو ڏانءُ آهي. اهي ئي خوبيون آهن، جن شاهه صاحب کي ملڪ جو بهترين پرنسپال بنايو آهي.

[پروفيسر اعجاز احمد قريشي "سيد غلام مصطفيٰ شاهه: سنڌ جو عالم، سنڌ جو خادم"، سنڌي ترجمو: خير محمد لاڙڪ، ناشر: پيڪاڪ پرنٽر ڪراچي، 2019ع]

❑

# (53) شيخ عبدالمجيد سنڌي جو ننڍپڻ

1960-61ع ۾ مون چاهيو ته جناب عبدالمجيد جي سوانح سندس پنهنجي زباني لکان. ان سلسلي ۾ ساڻس فقط هڪ ملاقات 6 بجھ شام 6 سيپٽمبر 1961ع تي ٿي، جنهن ۾ پاڻ هيٺيون احوال ڏنائين.

- شيخ عبدالمجيد جي پيءُ جو نالو ليلارام ۽ چاچي جو نالو ٽلومل هو. ليلارام کي ٽي پٽ هئا: (1) گيانچند (وڏو)، (2) ڄيٺانند (وچٽ + عبدالمجيد) (3) واڌومل. سندس ياءُ ٽلومل جو وڏو پٽ تلجارام هو پائي ليلارام پاڻ تپيدار هو ۽ آخري وقت ۾ ڪراچي ۾ ميونسپالٽيءَ ۾ تپيدار هو. گجراتي عورتون ۽ مرد کيس ”ساڌو“ ڪري مڃيندا هئا. ٺٽي ۾ سندس گهر ”پير مڇي“ جي پاڙي ۾ هو. گهر وارا هت رهندا هئا ۽ بعضي ڪراچي ۾ ويندا هئا.
- ڄيٺانند (پوءِ عبدالمجيد) 7 جولاءِ 1889ع تي ٺٽي ۾ ڄائو. پهريون درجو سنڌي ڪراچي بولٽن مارڪيٽ جي سامهون سنڌي اسڪول ۾ پڙهيائين. اهو هن وقت (1961ع) ڊائريڪٽر آف ايجوڪيشن جي آفيس آهي. پيءُ جي گذارڻ بعد، ٺٽي ۾ اچي پڙهيو، جتي 5 درجا انگريزي جا پڙهيائين. نيلچداس وزيراڻي (جيڪو پوءِ سنڌ حڪومت ۾ وزير ٿيو) سندس ڪلاس ۾ هو.
- ڄيٺانند (پوءِ عبدالمجيد) جا خيالات ننڍي وهيءَ کان آزاد ۽ شعوري طور اسلامي عقائد سان مطابقت ۾ هئا. هيٺين واقعن کيس وڌيڪ متاثر ڪيو. هڪ ڀيري پاڻ ۽ نيچلداس گهمندا پئي ويا ته هڪ مسلمان کي نماز پڙهندو ۽ سلام ورائيندو ڏسي نيلچداس چيو: ڏس هيڏانهن هوڏانهن پيو نهاري؛ ڄيٺانند چيو ته: اهو به شايد انهن جي نماز ۾ هوندو.
- سناتني ۽ آرين جي ٺٽي ۾ مناظرو ڄيٺانند ڏسي آيو: گهر ۾ پيٽس پڇيس ته ڇا ڏٺئي؟ چيائين ته ڏٺم نه هجي، پر هڪ ٻئي کي ڌرمي بناء تي گهٽ وڌ ڳالهائڻ نه کپي. فرق فقط اهو آهي جو مسلمان چون ته خدا گوشت کائيندو آهي ۽ هندو چون ته ڀاڄي کائيندو آهي. اتي پيٽس چيس ته ”مورک! ڀڳوان کاڌي کان مٿي آهي.“ انهن الفاظن سندس دل تي وڏو اثر ڪيو. ڄڻ توحيد جو ٻج پئجي ويو.
- ٺٽي جي اسڪول ۾ نرملداس پارسي پاڙهيندو هو. صدحڪايت ۽ ڪريما نصاب ۾ هئا. صدحڪايت ۾ هڪ حڪايت ته ڪنهن خواب ڏٺو ۽ پلصراط ڏٺائين، جتان گناهن وارن لاءِ لنگهڻ مشڪل هو. انهيءَ تخيل ڄيٺانند تي ايڏو اثر ڪيو، جو گهر جي ماڙيءَ ۾ اڪيلي سر لڪي رئندو هو.

- نٿي ۾ هڪ مجذوب هو، جنهن کي پمون ڏڍُ سڏيندا هئا. چوندا هئا ته اصل هندو آهي، پر هو هندن جي هٿ جي شيءِ کونه کائي ۽ مسلمانن کان ئي شيءِ وٺي کائي. جيٺانند (عبدالمجيد) ۽ نيلچداس گڏيا پئي آيا ته سامهون پمون ڏڍ ملين. جيٺانند سڏ ڪري پئسو ٽڪو جيڪو هئس سو ڏنس. اڳتي هليو ته وري سڏ ڪري چيائين ته: دعا ته ڪر! پمون چيس ته: توکي دعا ڪندس. اهو گفتو معنيٰ خيز هو. نيچلداس اعتراض ڪيو ته دعا چو چيئي؟ اسين هندو آشيرواد چوندا آهن. جيٺانند چيو ته: دعا چوڻ ۾ ڪو عيب ڪونهي.
- ڇهون درجو ڪراچي اين.جي.وي هاءِ اسڪول ۾ وجي پڙهيائين. سندس وڏو ڀاءُ گيانچند ڪراچي ۾ نوڪري ۾ هو، نٿي حاطي ۾ رهندا هئا. گيانچند دل ۾ مسلمان هو. جيٺانند کي هم خيال ڪرڻ شروع ڪيائين. سندس ملاقات پنهنجي دوست تاج محمد بلوچ سان ڪرايائين. پهريون پيرو ملاقات پير بخش جي هوٽل تي صدر ۾ ٿي، جتي گيانچند سان گڏ جيٺانند مسلمان جي هوٽل جي چاءِ پيتي ۽ ڪيڪ بسڪيٽ کاڌا ۽ تاج محمد سان ملاقات ڪئي. ان بعد گيانچند کيس "تحفة الهند" ڪتاب انگريزي ۾ لکيل ڏنو. جنهن ۾ هڪ برهمڻ جيڪو مسلمان ٿيو: تنهن هندن جي ديون ۽ ديوين جي تصور ۽ ڪردار بابت لکيو هو. اهو تصور ۽ ڪردار اخلاقي طور ڪِريل هو. جيٺانند اهو ڪتاب پڙهيو ته هندو قوم جو حقار سندس دل مان نڪري ويو. ان بعد گيانچند "بائيبل" ڏنس. تاج محمد بلوچ بائيبل جو عالم هو ۽ بائيبل کيس متاثر کونه ڪيو. ان بعد گيانچند کيس قرآن شريف انگريزي ترجمي جو ڏنو. پڙهيائين پئي ۽ ترجمو سندس ميز تي رکيو هو جو سندس گهر وارن ڏٺي ورتو ۽ مشهور ڪيائون ته: هيءُ مسلمان ٿو ٿئي. جنهن تي سندس دل ۾ ردعمل پيدا ٿيو ته ميز تي بائيبل پيو هو ته اعتراض نه ڪيائون، باقي قرآن شريف جي ترجمي تي چو ايڏو غلغلو!

(شيخ صاحب مرحوم جي زباني ٻُڌل ۽ لکيل- نبي بخش 1961ع)

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن کاڻ" (جلد ڇهون)، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2005ع]

❑

# (54) علامہ آءِ.آءِ قاضي

## سنڌ يونيورسٽي جو مُحسن ۽ معمار

سنڌ ۾ جيڪي اعليٰ هستيون پيدا ٿيون ۽ جن صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي ترقي لاءِ سوچيو ۽ سنڌ جي خدمت ڪئي، تن مان هن پوئين ويجهي دور ۾ علامہ آءِ.آءِ قاضي (امداد علي ولد امام علي قاضي) پنهنجي علم، فڪر، اخلاق ۽ ڪردار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. غور ٿو ڪجي تہ حيراني ٿي ٿئي تہ ڪيڏي نہ وڏي هستي جو سنڌ يونيورسٽي کي حيدرآباد جام شوري ۾ قائم ڪرڻ ۾ هٿ هو! ڪيڏي نہ وڏي علم ۽ فڪر واري انسان پنهنجي زندگي جو آخري دور، محض سنڌ جي ڀلائي ۽ بهبودي خاطر سنڌ يونيورسٽي کي تعمير ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو تہ جيئن هيءَ اعليٰ تعليمي درسگاهہ عالي دماغ نوجوان پيدا ڪري، جيڪي سڄي ملڪ جي اڳواٽي ڪن ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪن!!

علامہ قاضي صاحب ڪيڏي وڏي علم وارو هو ۽ ڪيڏي وڏي ڪشالي سان سنڌ يونيورسٽي جي حفاظت ۽ خدمت ڪيائين، تنهن تي هيٺ مختصر طور روشني وڌي ويندي.

### اعليٰ علمي لياقت ۽ فضيلت:

قاضي صاحب ولايت ۾ پڙهيو ۽ ”بار ايٽ لا“ (بئريسٽر) هو، پر سندس علم انهيءَ رسمي سَنَدَ کان گهڻو مٿي هو. اهو انهيءَ ڪري جو هو فقط ’ڊگري‘ وٺڻ ۽ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪونہ پڙهيو، پر پنهنجي ذهن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ دل ۽ دماغ کي روشن ڪرڻ خاطر علم جو ڳولائو ٿيو. سالن جا سال پاڻ پنهنجي سر گهرو مطالعو ڪيائين ۽ گهڻو ڪجھہ پروڙيائين: قرآن حڪيم جي حڪمت ۽ هدايت کي پنهنجي لاءِ مشعل راهہ بنايائين، يونان توڙي هند جي فڪر ۽ فلسفي تي سوچيائين ۽ ماڊرن يورپ جي سائنس توڙي سماجي فڪر کي گهڻو ڪجھہ سمجهيائين. سندس فڪرانگيز خطابن ۽ ليڪچرن مان اهو صاف طور نظر ايندو هو، تہ علامہ صاحب ڪم از ڪم هينين علمن جو گهرو مطالعو ڪيو هو: فلسفو (Philosophy)، حياتيات (Biology)، نباتات (Botony)، طبيعيات (Physics)، ڪيميا (Chemistry)، علم الارض (Geology)، صيدله (Pharmacy, Pharmacology)، علم نجوم (Astronomy)، آرٽ (Art)، فن تعمير (Architecture)، موسيقي (Music)، شاعري (Poetry)، ۽ علم ادب (Litreature).

ايڏو وڏو عالم جنهن کي مشرق توڙي مغرب جي علم ۽ فڪر تي عبور حاصل هو، تنهن کي سنڌ ۽ سنڌ جي شرافت ۽ فضيلت سان بي پناهہ محبت هئي. زندگي جو وڏو عرصو انگلينڊ ۾ گذاريائين ۽ انگريزي زبان تي پوري

دسترس حاصل ڪيائين. باوجود انهيءَ جي پنهنجي سنڌي ٻولي کي صحيح معنيٰ ۾ مادري زبان طور ڳالهايائين. نج سنڌي ٻولي کي نهايت ئي مٺي لهجي ۾ جيئن قاضي صاحب جن ڳالهايو، تيئن ٻئي ڪنهن کان ورلي ٻڌو ويو. شاهه عبداللطيف جي رسالي جي ڪين وڏي ڄاڻ هئي ۽ رسالي سان ڪين خاص محبت هئي. شاهه عبداللطيف جي اعليٰ شاعري ۽ ان ۾ سمايل فڪر کي قاضي صاحب جن سمجهيو ۽ سمجهايو، تيئن ڪائنن اڳ جو ڪو مثال موجود ڪونه هو.

**سنڌ يونيورسٽي جي تعمير ۽ خدمت:**

علامه قاضي صاحب جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر جو عهدو نه سنڀالي ها، ته شايد اڄ سنڌ يونيورسٽي جو نالو نشان ئي نه هجي ها! 1937ع ۾ جڏهن سنڌ صوبو بمبئي کان جدا ٿيو ته سنڌ جي ڪن دردمند اڳواڻن سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي پسماندگي جي مدِنظر، سنڌ جي پنهنجي يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڏهن سالن جي مخالفت کان پوءِ هو ڪامياب ٿيا ۽ 3 اپريل 1947ع تي سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي ۽ ان باقاعدي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ جي گاديءَ جو شهر ڪراچي هو ۽ يونيورسٽي به اتي ئي قائم ٿي. آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو ۽ ان سال کان وٺي اينڊڙ ٻن چئن سالن واري ڏکئي وقت ۾ سنڌ يونيورسٽي مئٽرڪ توڙي مٿي ٻين ڊگرين وارا امتحان ورتا. اميد هئي ته سنڌ يونيورسٽي جيڪا قومي آزادي واري سال ۾ قائم ٿي ۽ هن نئين دور جي پهرئين يونيورسٽي هئي (جنهن کان اڳ فقط پنجاب يونيورسٽي ۽ ٻي ڍاڪا يونيورسٽي هئي) سا وڏي ترقي ڪندي. پر ائين ڪونه ٿيو ۽ سنڌ يونيورسٽي کي فقط هڪ امتحان وٺندڙ ادارو ڪري هلايو ويو. البت جڏهن ڪراچي کي پاڪستان جي گادي جي شهر جو درجو ڏنو ويو ته سنڌ يونيورسٽي کي به فيڊرل يونيورسٽي جو درجو ڏيئي ان جي ترقي لاءِ قدم کڻي سگهجن ها. پر ان وقت جن صاحبن کي صحيح معنيٰ ۾ قومي ترقي يا قومي يڪجهتي بدران ڪي ٻيا مقصد سامهون هئا، تن ائين سوچيو ته "فيڊرل ايريا" ۾ ساڳي سنڌ يونيورسٽي نه، بلڪ ٻي نئين يونيورسٽي قائم ڪئي وڃي. جنهن صاحب کي وڏي چاهه سان مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه مان سڏي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويو هو، تنهن به نئين ڪراچي يونيورسٽي، جو وائيس چانسيلر ٿيڻ قبول ڪيو.

هاڻي انهيءَ مجبوري واري وقت ۾ سنڌ جي اڳواڻن کي خيال آيو ته علامه آءِ.آءِ قاضي کي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر مقرر ڪجي. البته پنج سال اڳ جڏهن سنڌ يونيورسٽي قائم ڪيائون، تڏهن ڪين اهو خيال ڪونه آيو. علامه قاضي صاحب ۽ سندن عالي دماغ اهليه محترمه ايلسا قاضي سالن جا سال لنڊن ۾ رهيا هئا ۽ اتي جي زندگي ۽ آبهوا سندن طبيعت موافق هئي.

1936ع کان وٺي ٻه چار سال ڪراچي ۾ اچي رهيا هئا، جو ان وقت سنڌ بمبئي کان جدا ٿي هئي. باوجود انهيءَ جي هتان جي حالات جي مدِنظر هو موٽي لنڊن هليا ويا هئا. سنڌن عمر به وڏي هئي ۽ وري موٽي اچڻ سنڌن واسطي هڪ ڪشالو هو: هڪ ته وائيس چانسيلر، جي عهدي کان قاضي صاحب جن جي علمي عظمت ۽ شهرت گهٽجو مٽي هئي ۽ ٻيو ته جنهن يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر بنجڻ جي کين آڇ ڪئي وئي هئي سا جڻ ٻي گهر بنجي يتيم ٿي چڪي هئي. باوجود انهن حالتن جي جناب قاضي صاحب جن اهو عهدو قبوليو: يعني ته هڪ وڏو ڪشالو ڪرڻ قبوليو. سنڌن حب الوطني جي جذبي ۽ سنڌن اعليٰ تعليمي مقصدن واري نظريي کين آماده ڪيو، ته نئين آزادي واري دور ۾ صحيح طور تعليمي رهنمائي ڪن ۽ پڻ سنڌ يونيورسٽي کي ختم ٿيڻ کان بچائڻ ۽ سنڌ لاءِ اعليٰ تعليم جي راهه روشن ڪن.

قاضي صاحب ۽ سنڌن اهليه لنڊن جي آسائشن کي هميشه لاءِ خير باد چئي ڪراچي پهتا. 9- اپريل 1951ع تي قاضي صاحب وائيس چانسيلر جي عهدي جي رسمي طور چارج ورتي. سنڌ يونيورسٽي محض هڪ الحاقي ۽ امتحاني ادارو هو. جنهن کي ان وقت جي مرڪزي حڪومت پنهنجو نه ڪيو ۽ انهيءَ سال ئي (1951ع) نئين ڪراچي يونيورسٽي قائم ڪري ڪراچي شهر ۽ سڄي فيڊرل اراضي کي هن نئين يونيورسٽي جي اعليٰ تعليمي اختيار هيٺ آڻي ڇڏيو، جنهن ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جي اختيار جو دائرو باقي سنڌ تائين محدود ٿي رهيو. انهيءَ ڪري سنڌ يونيورسٽي جي الحاقي ادارن جو تعداد به گهٽجو گهٽجي ويو. سورهن ڪاليجن ۽ اٺهٺ هاءِ اسڪولن مان هاڻي فقط پنج ڪاليج ۽ چوٽيهه هاءِ اسڪول سنڌ يونيورسٽي جي دائري اختيار ۾ باقي وڃي بچيا.

علامه قاضي صاحب هن مايوس ڪندڙ ماحول جي باوجود مايوس ڪونه ٿيو. هو پختي ارادي ۽ دورانديشي جو مالڪ هو. وڏي سوچ ڪيائين ۽ فيصلو ڪيائين ته جيستائين سنڌ يونيورسٽي جو هيڊڪوارٽر مستقل طور ڪراچي کان ٻاهر ڪٿي سنڌ ۾ قائم نه ڪيو، تيستائين سنڌ يونيورسٽي جي ترقي محال آهي. اهو هڪ اهم فيصلو هو پر هو نهايت محنت طلب ۽ مشڪل: چاڪاڻ جو پنجن سالن بعد وري ٻئي هنڌ ڪٿي جاءِ جوڙڻ ايترو آسان نه هو. ٻيو ڪو صاحب هجي ها ته ڪراچي ۾ ئي آفيس ڪوليو وينو هجي ها، جيڪا بندر روڊ تي اڳوڻي پير الاهي بخش بي.ٽي ڪاليج جي شاندار عمارت ۾ هئي. ڪم به فقط ايترو هو جو اندروني سنڌ جي پنجن ڪاليجن ۽ چوٽيهن هاءِ اسڪولن لاءِ مئٽرڪ، انٽر ۽ گريجوئيشن ڊگري جا امتحان وٺڻا هئا. پر اڳتي هلي ائين ٿئي ها جو اهي ساڳيا امتحان وڌيڪ مضبوط ڪراچي يونيورسٽي آساني سان وٺي سگهي ها ۽ سنڌ يونيورسٽي جي نالي ماتر آفيس جي ضرورت ئي نه رهي ها.

ٻيو وڏو فيصلو جيڪو علامہ قاضي صاحب چارج وٺڻ شرط ڪيو، سو اهو هو تہ سنڌ يونيورسٽي محض هڪ امتحاني ادارو نہ رهي؛ پر استادن ۽ شاگردن تي مشتمل هڪ شاندار درسگاهہ هجي. جنهن ۾ سائنس، آرٽ وغيره اعليٰ تعليمي شعبا قائم ڪيا وڃن ۽ جن ۾ اهي سڀ مضمون پڙهايا وڃن. ان لاءِ سنڌ يونيورسٽي ڪي پنهنجو شهر هجي جنهن ۾ تدريسي، انتظامي ۽ رهايشي عمارتون اڏيون وڃن. يونيورسٽي شهر (ڪيمپس) واري اها رٿا نئين هئي، جيڪا پاڪستان ۾ پهريائين سنڌ يونيورسٽي جي سلسلي ۾ پيش ٿي ۽ علامہ قاضي صاحب ئي ان جو باني مباني هو. علامہ صاحب جنهن سعي ۽ ڪوشش سان انهيءَ رٿا کي اڳتي وڌايو، تنهن جو اندازو انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو جو 9 اپريل تي چارج وٺڻ بعد اجان مهينو پورو ئي ڪونہ ٿيو هو، جو پاڻ پنهنجي سر رات ڏينهن محبت ڪري، مختلف اعليٰ علمي شعبن (فيڪلٽيز) ۽ ٻارهن ”يونيورسٽي ڪاليجن“ تي مشتمل ”يونيورسٽي شهر“ جي رٿا جيڪا تعميري سٽاء ۽ سهڻائي جي اصولن تي تيار ٿيل هئي، سا تاريخ 28 اپريل 1951ع تي سنڌ گورنمينٽ کي پيش ڪيائون. ان وقت جي لحاظ سان، اها رٿا وڏي ڪفايت شعاري سان جملي ٻن ڪروڙن جي تخميني تي تيار ڪيل هئي.

سنڌ گورنمينٽ ان وقت پاڻ سوڙهہ ۾ هئي ۽ ڪين سنڌ يونيورسٽي کي ڪراچي مان ٻاهر ڪڍڻ واري تجويز پسند آئي، جنهن لاءِ حيدرآباد ۾ وديالا اسڪول ۽ ٻي هڪ عمارت (هاٽي سٽي ڪاليج) جن ۾ سنڌ حڪومت جا ڪي ڪاتا ڪم ڪري رهيا هئا، سي سنڌ يونيورسٽي لاءِ ”الاٽ“ ڪيائون. 28 اپريل تي جڏهن قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي اڏاوت جي رٿا پيش ڪئي؛ تہ سنڌ حڪومت ڪين وڏو دلاسو ڏنو تہ رٿا واري رقم هلندڙ سال جي بجيٽ ۾ منظور ڪئي ويندي؛ پر ڪراچي کي فوراً ڇڏين. انهيءَ تاڪيد ۾ ايترو تہ زور جو ڇهن ڏينهن کان پوءِ مئي مهيني جي 4 تاريخ تي سنڌ يونيورسٽي جا ٽپڙ ڪراچي مان ڪنيا ويا. اهو دور سڄي ملڪ ۾ لڏپلاڻ جو هو: پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي ٻين جاين تي پناهہ وٺڻ وارو سلسلو اجان پورو ڪونہ ٿيو هو. سنڌ يونيورسٽي کي بہ سلامتي خاطر حيدرآباد لڏڻو پيو ۽ اهو لاڏاڻي وارو منظر بہ وڏي عبرت وارو هو. بقول علامہ قاضي صاحب: ”ٻن ڇئن ٽرڪن تي، ڪرسيون وغيره آفيس جو سامان سڙو ۽ دفتر ۽ لئبرري جا چار هزار ڪن ڪتاب لڏي روانا ٿياسون. حيدرآباد ۾ (وديالا) هاءِ اسڪول جي عمارت ملي تہ ان کي ئي يونيورسٽي بنايو. يونيورسٽي جي اسٽاف ۽ عملي لاءِ ٻيون جايون شهر ۾ ملڻيون هيون، پر سواءِ هڪ گهر جي جيڪو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي مدد سان رجسٽرار هٿ ڪري سگهيو، ٻي ڪابہ جاءِ حڪومت طرفان ملي نہ سگهي. يونيورسٽي جي ڊپٽي رجسٽرار، سپرنٽينڊنٽ ۽ ٻين مجبور ٿي هن ساڳي وديالا اسڪول واري بلڊنگ ۾ پنهنجو سر لڪايو.“

وڌن ڏکن ڏولائن وارو وقت هاٽي شروع ٿيو. ٻيو ڪو وائيس چانسيلر صاحب هجي ها ته هليو وڃي ها يا نااميد ٿي پيو ڳاڌو ڳهلي ها ۽ پگهار کڻي ها، پر علامه صاحب جي پختي ارادي ۽ خدمت جي جذبي ويتر سندس حوصلو وڌايو. سنڌ يونيورسٽي کي حيدرآباد اماڻي سنڌ حڪومت جڻ پوري اطمينان سان اهو مسئلو حل ڪري ڇڏيو هو. هلندڙ سال واري بجيٽ ۾ ٻه ڪروڙ ته ڇڏيو پر ٻه روپيا به ڪين وڌايائون. علامه قاضي صاحب جن تحريري توڙي زباني تاڪيد نامن جو سلسلو جاري رکيو. ان وقت جي تعليمي سيڪريٽرين توڙي تعليم کاتي جي وزيرن تي بار وجهائيندا رهيا ته اوهان سنڌ ۾ ڄاوا نپنا آهيو، سنڌ جي تعليمي پسماندگي کان واقف آهيو: انهيءَ ڪري سنڌ يونيورسٽي کي گهربل گرانٽ ڏياريو جو ان جي ضرورت آهي. خاطري ڪريو ته اها نهايت ئي ڪفايت سان سڄائي نموني ۾ خرچ ٿيندي. افسوس جو وقت جي انهن آوازن تي ڪنهن به ڪن نه ڏنو: ويتر به اهڙا جوابي جملا قاضي صاحب تائين پهتا، جيڪي حيرت ۽ عبرت وارا هئا. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ مالي کاتي جي ڪنهن سپرنٽنڊنٽ يا ٻئي آفيسر چيو ته: علامه قاضي هٿ اسان وٽ پاڻ هلي نٿو اچي ته گرانٽ به ڪانه وڌندي. تعليم کاتي جو وزير جيڪو حيدرآباد ۾ سرڪٽ هائوس ۾ منزل انداز هو، تنهن کي جڏهن گرانٽ لاءِ چيو ويو ته چيائين ته: "سنڌ يونيورسٽي کي به سنڌ مدرسي واري ساڳي هڪ لک روپيا گرانٽ ملي ٿي، باقي قاضي صاحب جي وڏيڪ گهر، سو ڪين ڪو سمجهائي، ته اسان کي سڀ پئسو حيدرآباد (سنڌ يونيورسٽي) تي ڪونه لڳائڻو آهي: پر اسان کي سڄي سنڌ جي تعليم کي سڌارڻو آهي."

اهڙي بي توجهي واري ماحول ۾ جڏهن هلندڙ سال توڙي ٻئي مالي سال 1951-1952ع ۾ سنڌ جي پنهنجن نمائندن جي حڪومت طرفان سنڌ يونيورسٽي جي گرانٽ ۾ ڪو اضافو ڪونه ٿيو، تڏهن به علامه قاضي صاحب نااُميد ٿي پنهنجو عزم ۽ ارادو ڪونه بدليو. في الحال هڪ عارضي رٿا طور وديالا اسڪول واري احاطي کي ننڍڙي يونيورسٽي شهر طور تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪيائين، مالي مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ لک روپئي واري گرانٽ مان پائي پائي ڪري بچائڻ لاءِ يونيورسٽي جي عملي کي زوردار تاڪيد ڪيائين. يونيورسٽي جي ڪم لاءِ توڙي وائيس چانسيلر جي حيثيت ۾ پنهنجي لاءِ ڪا موٽر ڪانه ورتائين. گهر کان يونيورسٽي تائين اچڻ وڃڻ لاءِ -/75 رپيا ماهوار جي حساب سان هڪ وڪٽوريا گاڏي رکيائين، پر اهي پئسا يونيورسٽي جي بدران پنهنجي پگهار مان ڏنائين. آفيس مان سندن گهر ڏانهن مس، اسٽيلون ۽ ڪي پنا موڪليا ويا ته انهن جو 'بل' پاڻ ادا ڪيائين، جو چيائين ته: مون کي ڪو حق ڪونهي جو يونيورسٽي جي اسٽيشنري پنهنجي گهر يا پنهنجي ڪم ۾ آڻيان. اهڙي وڏي احتياط سان پيسا بچائي، 1951ع ۾ سيپٽمبر کان سنڌ

يونيورسٽي جو پهريون شعبو ’تعليم‘ (ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ) قائم ڪيائين ۽ ان بعد هڪ ٻئي پنيان ٻيا شعبا قائم ڪيائين ۽ پڙهائڻ لاءِ استاد ۽ ٻيو عملو مقرر ڪيائين. اسڪول جي حاطي ۾ پنهنجي شعبي لاءِ خاص عمارت ۾ استادن ۽ ٻئي عملي لاءِ گهر تعمير ڪرايائين. يونيورسٽي جي ٻن خاص ضرورتن يعني پريس ۽ لئبرري طرف خاص توجهه ڏيئي ٻئي پوريون ڪيائين.

علامه قاضي صاحب ڪي سنڌ جي پنهنجن سياسي اڳواڻن ئي سڏي وائيس چانسيلر مقرر ڪيو هو. اهو سنڌ تي سندن احسان هو. پر افسوس جو ان بعد ڪا پوئواري ڪانه ڪيائون، بلڪ بي توجهي ڪان ڪم ورتائون، پوءِ سنڌ سان قلم- 92 لڳو ۽ گورنري راڄ قائم ٿيو، تڏهن علامه قاضي صاحب جن هڪ زوردار خط گورنر دين محمد ڏي لکيو ۽ سنڌ يونيورسٽي جي مالي مشڪلات ڏانهن سندس ڌيان ڇڪايو، تڏهن نيڪ نيتيءَ سان يا پاڻ سرخرو ٿيڻ لاءِ، بهرحال ڪيس آفرين هجي جو علامه صاحب جي خط پهچڻ بعد فوراً ساليانى گرانٽ هڪ لک مان وڌائي پنج لک ڪيائين. پر وڏي ڳالهه ته هڪ هڪ پائي ڪري بچائي وئي ۽ تعليم جو سلسلو جاري رهيو ۽ ڇئن سالن اندر يعني 1955ع تائين چوويهه پڙهائيءَ جا شعبا (Teaching Department's) قائم ٿيا. هاڻي قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي جُدا شهر واري رٿا ڏانهن توجهه ڏنو. انهيءَ ضرورت لاءِ جڏهن حڪومت طرفان شهر لڳ زمين وٺي ڏيڻ لاءِ ڪو قدم نه کنيو ويو، تڏهن درياءَ جي ٻيءَ پر موجوده يونيورسٽي واري اراضي (جنهن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت ڪي پئسو خرچڻو ڪونه هو جو سرڪاري زمين هئي) ڪي قاضي صاحب جن قبول ڪيو. جرمني مان عمارت سازي جي رٿا لاءِ ’آرڪيٽيڪٽ‘ گهرايائون ۽ پهريائين ’فزڪس ڊپارٽمينٽ‘ جي ۽ پوءِ ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ جي عمارت ٺهي. انهيءَ قدم سان يونيورسٽي شهر جو بنياد پئجي ويو.

اهڙيءَ طرح وڏن ڏکن ڏاکڙن ۽ مشڪلاتن ڪي منهن ڏنائون ۽ سنڌ يونيورسٽي جي تعمير ڪيائون. علامه قاضي صاحب ڪي جيترو علم ڪمال هو، اوتروئي سندن ارادو پختو ۽ عمل بيمثال هو. پاڻ ڪي شمع وانگر جلايائون ۽ اسان لاءِ ماحول روشن ڪيائون. هينئر جڏهن قاضي صاحب سنڌ يونيورسٽي جي زمين هيٺ ستل آهي، تڏهن اسان ڪي ئي سوچڻو آهي ته مٿان انهيءَ درسگاهه ڪي اسان ڪيتريقدر سنواريو ۽ سينگاريو آهي.

[ماهوار ”لطيف ڊائجيسٽ“ ڪراچي، اپريل 1986ع ”علامه آءِ.آءِ قاضي نمبر“]

❑

# 55 عوام جو طرفدار سنڌ جو خذمتگار پير الاهي بخش*

موجوده دور ۾ سنڌ جي سياسي اڳواڻن جي تاريخ ۾ جناب پير الاهي بخش مرحوم جو ڪردار منفرد ۽ مثالي هو. هن پاڻ کي سنڌ جي غريب طبقي جو نمائندو، عوام جو طرفدار ۽ سنڌ جو خذمتگار ڪري سمجهيو. بنيادي طور تي، هو سياست ڪندڙ استحصالي طبقي جو مخالف ۽ عوامي ترقيءَ جو علمبردار هو. هو انگريز سامراجي حڪومت جو مخالف هو. هن کي مسلمانن سان انگريزن جي ڪيل ناانصافين جو احساس هو ۽ هو انگريزن خلاف سياسي محاذ جو حامي هو. ان مقصد لاءِ هن خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ نوجوانيءَ جي باوجود ملڪ جي وڏي خلافتي اڳواڻن سان ڪُلهي ۾ ڪلهو ملائي تحريڪ کي زور وٺايو. انگريزن جي پيدا ڪيل استحصالي هندو طبقي جي ڏاڍ جي خلاف سنڌ جي بي پهچ ۽ بيوس مسلمانن جو پرجهلو ٿيو ۽ مسلمانن جي ترقيءَ لاءِ اعليٰ تعليم جا دروازا کوليائين.

آءٌ ڪاليج ۾ شاگرديءَ واري زماني کان وٺي، جناب پير صاحب جي عوامي ڀلائيءَ واري جذبي کان متاثر ٿيس، بلڪ ثناخوان ٿيس ۽ وقت آيو جو پاڻ مهرباني ڪري منهنجو مربي ۽ مددگار ٿيو. مون 1936ع ۾، ڪراچيءَ جي.ڊي. جي سنڌ (D.J.Sindh) ڪاليج ۾ دخلا ورتي، اهو پهريون سال هو، ڪاليج ۾ مسلمان شاگرد آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هئا ۽ ڪاليج جي مشغلن ۽ تنظيمن ۾ ڪين ڪو دخل ڪو نه هو. ان وقت مسلمان شاگردن جي مسئلن کي بڌڻ ۽ ساڻن همدردي ڪرڻ وارا چار اڳواڻ هئا، جن سان ملندا هئاسين: شيخ عبدالحميد سنڌي، پير الاهي بخش (جڏهن ڪراچيءَ ۾ ايندو هو)، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ بئريسٽر عبدالرحمان (جيڪو آفريقا مان آيو هو. سندس فرزند مسٽر حسن علي پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿيو). هڪ دفعي اسان وفد ناهي انهن سان ملياسون ته مسلمان شاگردن لاءِ به ڪاليج قائم ڪيو وڃي. پير صاحب وڏو دلاسو ڏنو ۽ چيو ته وقت ايندو جو اوهان کي ڪاليج ملندو. ذاتي طور تي پير صاحب هر محتاج جي مدد ڪندو هو. 1937ع جي آخر ۾ منهنجون اکيون ايترون ته خراب ٿي پيون جو مون پڙهڻ ڇڏيو. پر

* پير الاهي بخش جي خدمتن جو هڪ جائزو "عوام جو طرفدار سنڌ جو خدمتگار" ورتل ڪتاب "ماڻهو مڻيادار" (پير الاهي بخش تي عالمن، اديبن ۽ سياسي شخصيتن جون لکيل تحريرون) مرتب: سيد زوار نقوي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، سنڌ 2010ع

ڪراچيءَ ۾ رهي علاج ڪرائيندو هو. آءٌ جناب پير صاحب جن وٽ ويس ته ﻫﻪ پيرا (پي.ڊبليو.ڊي جي وزير) نيچلداس وزيراڻي کي زوردار سفارش ڪيائين ۽ مون کي ڪلارڪي جي جاءِ ملي. پير صاحب ائين ٻين جي ﺑﻪ مدد ڪندو هو.

ڪراچيءَ ۾ اچڻ بعد پير صاحب جن جي باري ۾ وڌيڪ معلوم ٿيو ته هو سنڌ جي ڀاڳ ڀريءَ جو هو ۽ پنهنجي ذوق ۽ ذهانت سان ترقي ڪري ڪامياب ٿيو هو. پاڻ دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو ۽ پاڻ شهر جي اسڪول ۾ پرائمري تعليم پوري ڪيائين. ان بعد خيرپور رياست جي والي مير علي نواز صاحب جي قائم ڪيل خيرپور هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ اعليٰ تعليم لاءِ عليڳڙهه جي ايم.اي.او ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ان وقت وطن پرست اڳواڻن جامعه مليه جي نالي سان هڪ جدا تعليمي ادارو قائم ڪيو. اتي مولانا محمد علي جهڙي بيدار مغز سياسي اڳواڻ سان واقفيت پيدا ڪيائين ۽ مولانا جي چوڻ تي هو انهن ويهن شاگردن جي گروهه ۾ شامل ٿيو، جن نئين اداري جامعه مليه ۾ داخلا ورتي، جيڪو پوءِ دهلي ۾ آندو ويو (۽ اڄ تائين موجود آهي). نوجوانيءَ ۾ پير صاحب جي اعليٰ تعليم لاءِ ڪوشش ۽ وطن پرست اڳواڻن سان ناتو، سنڌ جي ذهين ۽ جذبي وارن شاگردن جي رهنمائيءَ لاءِ وڏا سبق هئا. ڪاليج جا اڪثر شاگرد پير صاحب جي عزت ڪندا هئا.

وطن دوستي ۽ مسلمانن جي خدمت واري جذبي ۾ سرشار ٿي، پير صاحب پنهنجي اعليٰ تعليم وچ ۾ ڇڏي، سنڌ آيو ۽ خلافت تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. انهيءَ زماني ۾ دادو مان پنهنجي اخبار ”شمشير الاسلام“ ڪڍيائين. دادو ۽ لاڙڪاڻي مان پاڻ ۽ جان محمد جوڻيجو ان وقت خلافت تحريڪ جا سرويچ سرواڻ هئا.

مولانا محمد علي 1921ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڏي آل انڊيا ڪانفرنس سڏائي، جن ۾ پير صاحب شامل هو. مولانا محمد علي ۽ ٻين اڳواڻن تي انگريزن جي حڪومت ڪيس داخل ڪرايو ۽ اهو ڪيس خالقڏني هال ۾ هليو. پير صاحب ڪيس جي پيروي ڪرڻ ۾ مولانا محمد علي ۽ ٻين اڳواڻن جي خدمت خاطر شامل رهيو. اهي ان دور جا وڏا ڪارناما هئا ۽ پير صاحب باوجود ننڍي عمر جي وڏو اڳواڻ هو. جڏهن خلافت تحريڪ جو زور گهٽيو، تڏهن حقيقتن ۽ حالتن تي نظر رکندي، پير صاحب ستن اٺن سالن جي وقفي بعد وري 1927ع ۾ وڃي مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه ۾ داخلا ورتي ۽ ايل.ايل.بي جي ڊگري حاصل ڪري، دادو ۾ اچي وڪالت شروع ڪيائين ۽ سنڌ جي سياست ۾ پڪا پختا قدم ڄمايائين. انگريزن جي حڪومت ۾ نوڪري ڪرڻ جو ڪڏهن ﺑﻪ ڪو ﻧﻪ سوچيائين.

پير صاحب عوامي ڀلائي ۽ عوام جي اقتدار جو قائل هو. جڏهن وزير ٿيو ته ڀريون پيرو وڏن آفيسرن کي ماڻهن سان گڏ هيٺ وهاريائين. انگريزن جي حڪومتي رعب تاب کي هلڪي ڪرڻ لاءِ پير صاحب ائين ڪيو ۽ واهه واهه تي

وئي. خلافت تحريڪ ۾ تقريرون ڪندي انگريزن تي چوهه چنبڙيئين ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ به جن حڪومت جي ڏٺين پنهنجي من ماني ڪئي، تن جي مخالفت ڪيائين ۽ حيدرآباد ۾ هلندڙ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ”ون يونٽ“ قائم ڪرڻ خلاف ووٽ ڪيائين. سنڌ جي فقط پنجن ميمبرن ون يونٽ خلاف ووٽ ڪيو جن جو اڳواڻ پير صاحب هو.

پير الاهي بخش صاحب جي سنڌ لاءِ وڏي ۾ وڏي خدمت اها هئي جو تعليم جا دروازا کوليائين. سندس دلي خواهش هئي ته جيڪر سنڌ جا سڀ ٻارڙا نه پڙهن، پر وڏا به پڙهن. هو پهريون تعليم جو وزير هو، جنهن سنڌ ۾ مفت ۽ زوري تعليم توڙي بالغن جي تعليم شروع ڪرائي. بالغن جي تعليم ۾ هو پاڻ وڃي ڪي مرڪز ڏسندو هو. مون کي ائين ياد پوي ٿو ته نواب شاهه ۾ بالغن جي تعليم جو مرڪز ڪاميابيءَ سان هلي رهيو هو ۽ آءٌ به ڪم ڪري رهيو هوس جو پير صاحب پاڻ اتي آيو. مفت ۽ زوري تعليم جو سلسلو شروع ۾ ڍرو، مگر پوءِ زور سان هليو ۽ پاڪستان کان پوءِ به هلندو رهيو ۽ 47 تعلقا زوري تعليم هيٺ اچي ويا هئا، جو نئين حڪومت اهو هلندڙ ڪم بند ڪرايو. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته سنڌ جي سيني سياسي اڳواڻن ۽ ننڍن وڏن وزيرن جي پيٽ ۾ پير صاحب سنڌ جي تعليمي ترقيءَ لاءِ گهڻو ڪم ڪيو. بلڪ ائين چئي سگهجي ٿو ته ايترو ڪم ٻئي ڪنهن ڪونه ڪيو. استادن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ، ڪراچي ۾ بندر روڊ تي ٽريننگ ڪاليج طور شاندار عمارت ٺهرايائين. ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج جيڪي 1947ع کان پوءِ واري لڏپلاڻ ۾ بند ٿي ويا هئا، سي کولرايائين. وڏي ڳالهه ته اعليٰ تعليم جي ترقيءَ لاءِ ڪراچيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي قائم ڪيائين. ان کان اڳ، پنهنجو ڪيل وعدو به پورو ڪيائين جو مسلمان شاگردن جي اعليٰ تعليم لاءِ ”سنڌ مسلم ڪاليج“ قائم ڪيائين.

آءٌ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾ پڙهندو هوس، جو پير صاحب پاڻ اتي آيو: انهيءَ لاءِ ته نئين ”سنڌ مسلم ڪاليج“ لاءِ پرنسيپال ۽ قابل استادن جي چونڊ ڪري سگهي. وائيس چانسيلر ڊاڪٽر ضياءُ الدين صاحب ۽ ٻين سندس وڏي مرحبا ڪئي ۽ ڊاڪٽر امير حسن صديقي جيڪو وائيس چانسيلر وٽ ڪم ڪري رهيو هو، تنهن کي پرنسيپال ڪري چونڊيائين. منهنجو ساڻس ملڻ ٿيو ته وڏي مهربانيءَ سان مليو ۽ اشاري طور چيائين ته: اوهان پڻ ڊاڪٽريءَ جي ڊگري لاءِ ڪم ڪريو، پوءِ اچي ”سنڌ مسلم ڪاليج“ کي زور وٺايو. غلام مصطفيٰ شاهه ۽ غلام نبي پنگر جن مون سان گڏ مسلم يونيورسٽيءَ مان ايم.اي.پاس ڪئي هئي، تن کي ۽ ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي کي ڪاليج ۾ مقرر ڪيائين. پر پائنجي ٿو ته ڊاڪٽر امير حسن صديقي (پرنسيپال) جي زوردار راءِ هئي ته مون کي علي ڳڙهه مان گهرائي. بس بنا دير جي سنڌ مسلم ڪاليج ۾ مقرريءَ جو آرڊر مون ڏانهن موڪليو ويو. مون معذرت ڪئي ۽ هڪ

سال لاءِ مهلت گهري ته جيئن پي ايچ.ڊي جي ڊگريءَ لاءِ پنهنجو تحقيقي مقالو لکي وٺان. منهنجي استاد پروفيسر عبدالعزيز ميمڻ صاحب پاڻ پير صاحب ڏانهن ان سلسلي ۾ خط به لکيو، پر پير صاحب سنڌ مسلم ڪاليج کي وڌائڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو، سو مسلم يونيورسٽي عليگڑهه جي وائيس چانسيلر ڊاڪٽرضياءُ الدين ڏي ذاتي خط لکيائين ته، هو مون کي مجائي ڪراچيءَ روانو ڪري. پير صاحب مون تي مهربان هو ۽ سندس مون تي احسان هئا، جن کي ياد ڪندي مون ڊاڪٽريءَ جي ڊگري تان هٿ ڪنيو ۽ 1945ع جي نئين تعليمي سال ۾ اچي "سنڌ مسلم ڪاليج" ۾ ليڪچرر ٿيس.

1946ع ۾ مون دهليءَ چٽاپيٽيءَ واري امتحان ۾ ڪامياب ٿي، برٽش گورنمينٽ آف انڊيا طرفان اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالر شپ حاصل ڪئي. آمريڪا وڃڻ کان اڳ پير صاحب سان ٽيليفون تي ڳالهايم ۽ موڪلايم، دلي خوشيءَ جو اظهار ڪيائين ۽ اعليٰ تعليم ۾ ڪاميابيءَ لاءِ همٿايائين. 26- سيپٽمبر 1946ع تي آمريڪا ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ ۾ داخلا ملي ۽ ايم.اي جي ڊگري بعد 1947ع ۾ ڊاڪٽريءَ جي ڊگريءَ لاءِ پنهنجو مقالو "سنڌ ۾ نئين تعليمي نظام لاءِ استادن جي تعليم ۽ تربيت" منظور ڪرايو. 1947ع ۾ پير صاحب ڏانهن مون پهريون خط لکيو، جنهن ۾ احوال ڏنم ۽ پڻ گذارش ڪيم ته سنڌ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ طرفان مون کي مقالي لاءِ گهربل مواد موڪليو وڃي. ان جو جواب مون کي مارچ 1948ع ڌاري ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب طرفان مليو، جيڪو ان وقت ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن هو. ڄاڻايل هو ته آءٌ سنڌ مان ڪنهن به مواد ملڻ جي اميد نه رکان، ڇاڪاڻ جو هتان جا آفيسر ۽ ٻيا هليا ويا آهن ۽ ڪو به گهربل رڪارڊ پوريءَ طرح هٿ ڪري نٿو سگهجي. ٻيو خط پير صاحب ڏانهن مون 1948ع جي پوري ٿيڻ کان اڳ لکيو. پير صاحب ان وقت سنڌ جو چيف منسٽر هو. مون دليلن ۽ مثالن سان لکيو ته ملڪ جو سچو نالو (United States of Pakistan) "متحده صوبه جات پاڪستان" رکيو وڃي ۽ ڪانسٽيٽيوشن ۾ اهو منظور ڪرايو وڃي. مقصد هو ته انهي نالي سان اها تصديق ٿيندي ته ملڪ جا سڀ صوبا بااختيار هئا، جن پنهنجا ڪي اختيار ڏيئي ملڪ قائم ڪيو ۽ باقي اختيارن جا هو مالڪ رهيا. ان خط جو جواب ڪو نه آيو ۽ نه مون جواب لاءِ ڪا گذارش ڪئي هئي.

[سيد زوار نقوي، مرتب: "ماٺهو مٿيادار" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2010ع]

❑

# 56 غلام محمد پير ڳڙي ۽ سنڌ محمدن ائسوسيئيشن

1978ع ۾ مرحوم محمد ايوب کهڙو اسلام آباد آيو. جتي 28 مارچ 1978ع تي ساڻس ملاقات ٿي ۽ سنڌ ۾ 'محمدن ائسوسيئيشن' جي قائم ٿيڻ بابت پڇيم. پاڻ جيڪي چيائين، تنهن کي آءٌ پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪريان ٿو:

> 'محمدن ائسوسيئيشن' سنڌ ۾ مسلمانن جي قابل قدر تنظيم هئي. پهريان جسٽس امير علي بنگال ۾ 'محمدن ائسوسيئيشن' جو بنياد وڌو ۽ ٻين صوبن جي رهنمائن کي پڻ ترغيب ڏنائين. مرحوم حسن علي آفندي سندس رهنمائي کان متاثر ٿي، سنڌ ۾ 'محمدن ائسوسيئيشن' جو بنياد وڌو. پاڻ ان جو صدر هو. سندس وفات کان پوءِ ڪي سال ائين گذري ويا ۽ ان بعد غالباً خيرپور جو وزير سردار محمد ابراهيم صدر ٿيو ۽ حسن علي جي پٽ ولي محمد آفندي ڊپٽي ڪليڪٽر کي سيڪريٽري ڪيائون. انهيءَ تي غلام محمد خان پرڳڙي اعتراض ڪيو ته ڪامورا ڪيئن ٿا سياسي ليڊر ٿين! پرڳڙي صاحب نيشنل خيالات جو وڏو بيباڪ ۽ بصيرت وارو رهنما هو. پوءِ سردار ابراهيم ۽ ولي محمد استعفيٰ ڏني. ان کان پوءِ سيد الله آندو شاهه صدر ٿيو. ان کان پوءِ سر شاهنواز ڀٽو پريزيڊنٽ ٿيو ۽ مان (محمد ايوب کهڙو) وائيس پريزيڊنٽ ٿيس.'

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد اڻون)،
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 2008ع]

❑

# 57 فقير نواب ولي محمد خان لغاري

ٽالپوري عهد جي وزير بينظير نواب ولي محمد خان لغاري جي راڄائتي، بهادر ۽ غيرتمند فرزند نواب احمد خان جو وڏو فرزند فقير نواب ولي محمد خان لغاري هو، جو نالي جي لحاظ سان پنهنجي خاندان ۾ "ولي محمد ثاني" هو.

ولي محمد ثاني مير نصير خان جي عهد ۾ 1252هه ۾ ڄائو. سندس ولادت حيدرآباد شهر ۾ سندس ڏاڏي نواب ولي محمد خان جي ٻڌايل "ٽنڊي ولي محمد" ۾ ٿي، جو ان وقت شهر جي الهندي طرف "اميد پرئي" سنڌ يونيورسٽي ۽ ڪليڪٽري واري اراضي ۾ واقع هو. (1259هه/فيبروري 1843ع) ۾ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته شير سنڌ مير شير محمد خان سان گڏ نواب احمد خان به پنهنجي ٻن ننڍڙن پٽن ولي محمد خان ۽ بخش علي خان ۽ ٻئي عيال سان پنجاب طرف هليو ويو، جتان 1847ع ڌاري وري سنڌ ۾ آيو ۽ موجوده سڪرنڊ تعلقي ۾ اچي پنهنجي جاگير "مرزان پور" ۾ سڪونت پذير ٿيو. ان وقت ولي محمد خان جي عمر اٽڪل 11 سال هئي.

ستن سالن کان يارهن سالن تائين عمر جو عرصو ولي محمد خان جو پنهنجي والد سان هجرت ۾ گذريو ۽ سندس تربيت به پنهنجي والد جي زير اثر ٿي. مرزان پور ۾ سڪونت پذير ٿيڻ بعد سيوهاڻي آخوند ميان غلام محمد ۽ ميان محمد صادق کان نوجوان ولي محمد خان ان وقت جي دستور موجب فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. ان سان گڏ عربي جي به چڱي خاصي تعليم حاصل ڪيائين. ڳوٺ "سيد ڪنڊي" (تعلقي سڪرنڊ) وارن ملن مان ميين سجاول کان به تعليم حاصل ڪيائين. پنهنجي والد نواب احمد خان جي ترغيب موجب، طريقت جي تلقين جهوڪ شريف جي سجاده نشين ابراهيم شاهه (تخلص فقير) کان ورتائين.

ننڍي هوندي کان وٺي ولي محمد خان جي طبيعت تنهائي پسند هئي. جاگير جي زمينن جو سڄو ڪاروبار سندس ننڍو ڀاءُ بخش علي خان هلائيندو هو. سندس والد نواب احمد خان 21 فيبروري 1870ع تي وفات ڪئي. ان وقت ولي محمد خان جي عمر اٽڪل 34 سال هئي. مرزان پور جاگير جي گهڻي حصي کي درياهه پائي ويو، جنهنڪري 1874ع ۾ نواب ولي محمد خان کي سرڪار ڏهه هزار جريب ٻي زمين (ديهه سيريچن ۽ ديهه جهونجهاڻ) عيوضي طور ڏني. مگر درياهه بدستور پائيدو رهيو ۽ سال 1300هه / 1882ع ۾ شهر مرزان پور جاگير، کوهه ۽ باغ سميت جايون سڀ درياهه پائي ويو. مرحوم نواب احمد خان ۽

سندس پاڻ نواب غلام حيدر خان جا نعش ڪڍائي، ميرانپور (جهوڪ) ۾ مرشدن جي درگاهه جي ساٻه ۾ مدفون ڪرايا ويا. اها حقيقت تاجپور ۾ عزيزن قريبن ٻڌي، جن پائرن کي موڪليو جي وجي نواب ولي محمد خان ۽ نواب بخش علي خان کي لڏائي تاجپور وٺي آيا، جتي عزيزن طرفان ڏنل زمين ۾ 1301هه مطابق 1883ع ۾ حويليون ۽ اوطاقون نهرائي اچي دائمي طور سڪونت پذير ٿيا.

نواب ولي محمد خان جواني کان وٺي دنيوي ڪاروبار پنهنجي هردلعزيز ڀاءُ نواب بخش علي خان جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ گوشه نشين ۽ فقيرانه صحبتن ۾ زندگي گذارڻ لڳو. فقير صاحب جن کي جواني کان شاعريءَ جو شوق دامنگير هو. ان سان گڏ ڪيس علم موسيقي جو به وڏو ذوق هوس. پاڻ خود ستار وڄائيندو هو ۽ شايد انهن مجلسن ۾ گوين ۽ راڳيندڙن تي راڳڻين جي فرمائش رکندو هو. ان سان گڏ صوم وصلواة جو پابند ۽ ذڪر فڪر ۽ ياد الاهي ۾ مشغول هو. تقريباً چاليهن سالن جي ڄمار بعد اڪثر دنيوي ذوق و شوق کان گوشو ڪري فقيري اختيار ڪيائين. ميرانپور ۾ ڏها چاليها ڪڍيائين ۽ پنهنجي جان کي جفا ڏنائين. پنهنجي چاچي نواب محمد خان جو وڏو ادب رکندو هو ۽ غالباً انهيءَ ادب سببان ئي پنهنجي چاچي جي وفات بعد، تقريباً 54 ورهيه جي ڄمار ۾ فقيري جو ”مرصع تاج“ پاتائين.

فقير ولي محمد صوفياڻي سنڌي ڪلام کي پنهنجي خيالات جو اظهار جو طريقو بنايو. حاجي طاهر فقير يڪتاري وارو ۽ دائم فقير دلو وڄائيندڙ هميشه سندس حاضريءَ ۾ هوندا هئا ۽ ڪلام ڳائيندا هئا. دائم فقير (هن وقت عمر اٽڪل 85 ورهيه) چيو ته: فقير صاحب هميشه چوندو هو ته: ”ابا! اول اميد علي شاهه جو ڪلام پڙهو.“ نواب حاجي شفيع محمد خان جي اوطاق تي دائم فقير هن وڏي ڄمار ۾ به فقير صاحب جو هي ڪلام نهايت سهڻي لئي ۾ اسان کي (26-11-1956ع تي) ٻڌايو ته:

هت آهيان انسان، هت نه ڄاڻان ڪير آهيان
وطن چڙي هت سانگ تي آيس، ڏينهن به ٿي مهمان
دل سندي اسرار جي، ڪل پوي ٿي ڪانه
آدم آهيان تا به حياتي، پوءِ نه ڪو نشان
ولي محمد ان ڳالهه کي ڳولج، صوفي سندي عنوان.

مصري شاهه به فقير ولي محمد سان صحبتي هو ۽ اڪثر وٽس اچي مهمان ٿيندو هو. فقير ولي محمد ڪيئي ڪلام اميد علي شاهه، پير اشرف شاهه ۽ مصري شاهه جي پران چيا. فقير محمد صادق جي پُراثر ڪلام کان به فقير ولي محمد گهڻو متاثر ٿيو ۽ وڏي ڳالهه ته سندس مرشد سائين ابراهيم شاهه هڪ اهلِ دل درويش شاعر هو ۽ سندن ڪلام جو به فقير ولي محمد تي وڏو اثر پيو. مثلاً سائين ابراهيم شاهه جي ڪافي هئي ته:

مون کي ساڃي نين نہ ساڻ، پينر جيڏيون وو!
آءُ نماڻي ٿي مران.

ان پرسوز ڪافي جي پران فقير ولي محمد پنهنجي ڪافي چئي تہ:

مون کي ساڃي نين نہ ساڻ، پينر جيڏيون وو!
آءُ پڻ سونهين ٿي وڃان.

فقير ولي محمد جي صحبت مان بہ گهڻن طالبن کي فيض پهتو. محمد فقير ڪٽياڻ، احمد فقير لاڪو پيڏن جو؛ سليمان فقير ڪورائي ۽ قاضي حسام الدين ڪٽياڻن جو: اهي سڀ فقير ولي محمد سان صحبتي هئا ۽ ان صحبت مان فيضياب ٿيا. فقير غلام حيدر تہ خود فقير ولي محمد جو فرزند ارجمند هو، جنهن کي پڻ فقيري ورثي ۾ ملي.

فقير صاحب نرم طبيعت ۽ نهايت ئي سنجيده سڀاءُ جو مالڪ هو. ٻاهر مجلس ۾ ايندو هو تہ ڪڏ تي پير ڪوڙي اوڪڙو ٿي هٿ ٻڌي ويهندو هو ۽ اکيون ڊاري ڇڏيندو هو ۽ ائين ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻنان چرڻ پرڻ جي وينو هوندو هو. سرير نشين متوڪل ۽ "الفقر فخري" جو صحيح نمونو هو. فقير (نواب) ولي محمد خان ثاني 4 ماه رمضان 1332هه مطابق 1914ع ۾ اسي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. سندس مقبره تاجپور ۾ رستي لڳ آهي، جتي هر سال 4 ماه رمضان المبارڪ تي سندس عرس ملهايو وڃي ٿو. فقير صاحب جو ڪلام سنڌ جي صوفيانہ فڪر جو صحيح عڪس آهي. سنڌي ادبي بورڊ ان ڪلام کي مرتب ڪرايو آهي ۽ جلد اهو بورڊ طرفان شايع ٿيندو.

[ماهوار "نئين زندگي" (شاهہ شهيد نمبر) ڪراچي، فيبروري 1957ع]

❑

# 58 لاکو ڦلاڻي

(سنڌ جو سورهيہ سردار)

ڳچ وقت کان وٺي اسان سنڌ جي جهونين روايتن کي سهيڙڻ ۽ سنڌ جي عام ادب کي اُجارڻ لاءِ پنهنجي ناقص ڪوشش کي وقف ڪيو آهي. ”لاکو ڦلاڻي“ سنڌي ادب جو روايتي سورهيہ سردار آهي. جنهن کي ڀٽائي صاحب پڻ ڳايو آهي. سندس سوانح کي سوڌڻ جڻ سون ورهين جي روايتن کي سميٽڻو آهي. اسان بهرحال ڪوشش ڪري هن سوانح کي نسبتاً معتبر روايتن جي آڌار تي سڄو ڪيو آهي. هن ڪتابڙي کي ”دلچسپ سلسلي“ جو ٽيون نمبر ڪتابڙو ڪري شايع ڪيو ويو آهي. هن سلسلي جا ٻہ ڪتابڙا هن کان اڳ شايع ٿيا آهن: نمبر (1) ”گڏهہ“ ۽ نمبر (2) ”ماڪيءَ جي مک“ پهريون ڪتابڙو مزاحيہ آهي ۽ ٻيو خالص علمي. هن ڪتابڙي جو مضمون نيم تاريخي آهي. هن سلسلي جو چوٿون ڪتابڙو ”ماڪوڙي“ بہ عنقريب شايع ڪيو ويندو.

نهايت خوشي جي ڳالهہ آهي جو هيءَ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي ”سنڌي مجلس“ طرفان شايع ڪيو وڃي ٿو. آءٌ محترم خواجہ غلام علي الانا جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن ڪتابڙي کي ”سنڌي مجلس“ طرفان ڇاپائي پڌرو ڪيو آهي.

خادم العلم
نبي بخش
5 اپريل 1958ع

## لاکو ڦلاڻي:

سنڌ ۾ ڪيترائي سوين سورهيہ ۽ سخي سردار ساماڻا، جن مان ڪن کي اسان جي سگهڙن ڳايو ۽ انهيءَ ڪري انهن جا نالا اسان تائين پهتا؛ پر اڄ ڏينهن تائين اسان کي سندن سربستي خبر نہ ملي سگهي. اهڙن سورهيہ ۽ سرڪش ۽ سخي سردارن مان هڪ ”لاکو ڦلاڻي“ هو، جنهن جي باري ۾ ڀٽائي صاحب چيو آهي تہ:

”لاکا لک سڄن، ڦلاڻيءَ ڦير ٻيو.“

۽

”لاکا لک هوا، تون اڳوٺي ڪوءِ نہ.“

بيشڪ لاکا لک هئا. چاڪاڻ تہ لاکا قوم لکن جي تعداد ۾ ذري گهٽ تيرهن سؤ ورهيہ اڳ محمد بن قاسم جي ڏينهن ۾ موجود هئي. نسب جي لحاظ سان سيئي سما هئا، خود سمن سردارن مان پڻ ڪيترائي ”لاکي“ نالي هئا.

1. سڀ کان اول ”لاکي“ نالي سردار ”ڄام لاکو پٽ لاکيار پٽ اوڍو پٽ اوڍار“ هو. هن وڏي ڄام لاکي جي تڙ پوٽي رائڌڻ جي پٽ جو نالو هو، جو سردار هو ۽ ڏنپريو جاگير سندس قبضي ۾ هئي.
2. وري هن وڏي ڄام لاکي جي اولاد مان هوٿي ٿيو. ڄام هوٿي جي پٽ ڄام راهو جي اولاد مان به ڄام لاکا ٿيا، جن تي پڳ هئي: ”ڄام لاکو پٽ گڙ راهو“ ۽ ٻيو سندس پوٽو ڄام ڳاهي جو پٽ ڄام لاکو، جنهن جو پٽ ڄام جوڻو ننڍي جو سمون بادشاهه هو. هن ڄام لاکي جو پٽ لاکو به سردار هو ۽ سندس پٽن مان ”جها سما“ ٿيا.

وري ڄام هوٿي جي ٻئي پٽ ڄام جکري جو پٽ لاکو ٿيو، جنهن جي وري پوٽي جو نالو به لاکو هو. اڃا به ٻيو هڪ سمون سردار لاکو پٽ لهر جو هو، جو چيو اٿن ته:

”لاکو پٽ لهر، جو سورج پري ساک.“

لهر مان لوهاڻا ٿيا، مطلب ته:

”لاکا لک سڃن، پر ڦلاڻيءَ ڦير ٻيو.“

## نسب نامو:

سمن جي نسبنامي مان معلوم ٿئي ٿو ته لاکو ڦل جو پٽ هو، پر خود ”ڦل“ نالي به هڪ کان زياده سردار ٿي گذريا آهن ۽ سيني کي اولاد هو ۽ سيني جي پيڙهي پڌري ٿي. پهريون وڏو ڦل يعني ”ڦل پٽ لاکو پٽ لاکيار“ جو جنهن کي به پٽ ٿيا: هڪ لاکو ٻيو لنجار. لاکي مان لاکر ٿيا ۽ لنجار مان لنجار. ٻي روايت موجب انهيءَ وڏي ڦل مان ”ڦل سما“ ٿيا. پر ”لاکو ڦلاڻي“ انهيءَ وڏي ڦل مان ڪونه هو، پر ننڍي ”ڦل“ مان هو جو پوءِ ساماڻو. انهيءَ ننڍي ڦل بابت متفقه طور ايترو معلوم آهي ته ”ڦل پٽ ساهڙ جو هو ۽ ساهڙ پٽ مهڙ جو هو“ البته مهڙ کان مٿين پيڙهيءَ ۾ اختلاف آهي. ڪي چون ٿا ته ”مهڙ پٽ لاکي (وڏي) جو ۽ لاکو پٽ لاکيار.“ پر شايد صحيح هن طرح ٿيندو ته ”مهڙ پٽ لاکي جو ۽ لاکو پٽ ويري جو“ ڇاڪاڻ ته ڦل ڄاڙيجو هو ۽ ڄاڙيجن سمن جي نسبنامي جي روايت هن طرح آهي ته ويري پٽ ساند[1] جو تنهن کي ڪڇ پيچ جي ايراضي وراثت ملي، انهيءَ ويري کي ڄاڙا پٽ ڄاوا، هڪ لاکو ٻيو لکدير. لاکو وڏو هو ۽ وڏي ڄاڙي پٽ جو اولاد ”ڄاڙيجا“ سڏجڻ لڳا[2].

”لاکو ۽ لکدير، ٻئي ڄاڙا ڄنميا
ويري گهر لاکو وڏو جنهنجا ڄاڙيجا.“

---

[1] ڪن نسب نامن ۾ ”ويرو پٽ سائود“ ڄاڻايل آهي.

[2] هڪ روايت موجب ڪڇ پيچ جا ڄاڙيجا سما ”ڄاڙي پٽ لاکي“ جي اولاد مان آهن.

جيڪڏهن هي روايت صحيح آهي ته پوءِ "مهڙ" هن "لاکي پٽ ويري" جو پٽ هو. انهيءَ انداز موجب "لاکي ڦلاڻي" جو شجره هن طرح ڇڻبو ته: لاکو پٽ ڦل پٽ ساهڙ پٽ مهڙ لاکو پٽ ويرو پٽ ساند (سائود؟) پٽ پلي پٽ رائڌڻ پٽ ڪاکو پٽ سمون پٽ انڙ پٽ لاکو پٽ لاکيار پٽ اوڍو پٽ اوڍار پٽ نوتيار پٽ نيٽ[1].

## ڪڇ ۾ سڪونت جو زمانو:

چئي نٿو سگهجي ته "لاکو ڦلاڻي" ڪهڙي سن ۾ گذريو. سنڌ جي نسبنامي جي هڪ روايت موجب سندس پڙڏاڏي "ويري پٽ ساند" کي ڪڇ پڇ جي ڪا ايراضي ورثي ۾ ورهاست ۾ آئي ۽ ڪڇ جا جاڙيجا سما سندس پٽ لاکي جي پٽيءَ مان ٿيا جو "لاکو ڦلاڻي" جو ڏاڏو هو.

ڪڇ ۾ جاڙيجن سمن جي عروج جو زمانو 1300ع آهي، ڇاڪاڻ ته اٽڪل سنه 1320ع ڌاري جاڙيجن سمن ڪڇ جي حڪومت چاوڙن راجپوتن کان کسي ۽ سنه 1320ع کان وٺي 1540ع تائين يعني ته اٽڪل سوا ٻه سؤ سال کن جاڙيجن سمن جي ٽن خاندانن ڪڇ تي حڪومت ڪئي[2]. انهن ٽن خاندانن مان هڪڙو خاندان غالباً ڦل جي اولاد جو هو، جنهن جي طاقت جو بنياد ڦل جي پٽ "لاکي ڦلاڻي" رکيو. ڪڇ ۾ اهو جاڙيجن جي حڪومت جي عروج وارو زمانو هو ۽ انهي انداز موجب چئي سگهجي ٿو ته لاشڪ لاکو ڦلاڻي چوڏهين صدي عيسوي جي پهرين نصف ۾ خاص طرح سنه 1320ع ڌاري ٿي گذريو. سنڌ جي ٻي روايت موجب سندس وقت ۾ ٻئي جاڙيجي حڪمران خاندان مان راءِ ڪنگهار هو، جنهن جي حڪمرانيءَ جي عرصي جي تحقيق ڪڇ جي تاريخ مان ٿي سگهي ٿي. ڪتاب "نسب نامه جاڙيجه" ۾ ڄاڻايل آهي ته لاکو ڦلاڻي سن 866ع ۾ ڄائو ۽ سن 955ع ۾ هو[3]. پر اهو ڪتاب غالباً پوئين زماني جو لکيل (فيبروري 1822ع) آهي. انهي ڪري انهن تاريخن تي پورو پورو ڀروسو ڪري نٿو سگهجي. ڀٽائي صاحب "لاکي ڦلاڻي" ڪانسواءِ ٻين سمن سردارن مثلاً "جکري" ۽ "ابڙي سمي" کي به ڳايو آهي، جي سنڌ ۾ سمن جي حڪومت يعني ته اٽڪل چوڏهين صدي عيسوي جي نصف کان اڳ جا هئا. جيڪڏهن اڳ وارو عرصو اٽڪل ڏيڍ سؤ ورهيه تسليم ڪجي ته به ٺلهي ليکي "لاکو ڦلاڻي" وارو عرصو تخميناً 1200ع کان 1350ع تائين ٿي سگهي ٿو.

---

(1) ڪن روايتن ۾ "اوڍار پٽ نيٽ پٽ نوتيار" ڄاڻايل آهي. ان کان مٿي جو شجره هڪڙن روايتن پنهنجي ظن ۽ گمان موجب رام ۽ دسرت سان ملايو آهي ته ٻين "ابولهب" سان.

(2) ڏسو "امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا" جلد 11، ص 48 (Cutch) سنه 1540ع ۾ جام راءِ ڪنگهار احمد آباد جي سلطانن جي مدد سان سڄي ڪڇ تي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.

(3) قلمي نسخه "منتخب برطانيه" (No. ADD 19366)، ڏسو جي فهرست، جلد 2، ص 290.

## لاکي ڦلاڻيءَ جو خاندان:

سمن جي نسب نامي جي هڪ روايت موجب ”ڦل“ کي ٻه پٽ هئا: لاکو ۽ ڳاهو. لاکو وڏو هو ۽ ڪيس اولاد ڪونه هو، پر سندس ڀاءُ ڳاهي کي هڪ پٽ ”پونئرو“ نالي ٿيو، جو لاکي کان پوءِ هن خاندان جو سرڪرده بڻيو. سنڌ جي سمن جيئن ئي آڳاٽو اسلام قبول ڪيو ته اهو اثر ڪڇ تي به پيو ۽ اُهي جاڙيجا خاندان جن جو واسطو سنڌ جي سرحد سان هو تن اسلام قبوليو، پر جيڪي هيٺ ڏکڻ طرف هئا سي هندو ئي رهيا. سنڌ جي شاعرن ۽ سگهڙن جي روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڦل ۽ سندس خاندان جو واسطو سنڌ جي سرحد لاڳو ٻني، لوڙي وغيره اراضين سان هو ۽ انهي ڪري هي ڪٽنب به اسلام قبول ڪري چڪو هو. لاکو جيئن ئي وڏو ٿيو ته منجهس سنڌ جي مشهور مسلمان سمن سردارن واريون شهسواري (Chivalry) جون خوبيون پيدا ٿيون ۽ سواري سرڪشي، سورهيائي ۽ سخا سندس طبيعت ۽ اخلاق جا جز بڻجي ويا.

ان وقت سرداري به سرڪشي، سورهيائي ۽ سخا تي هئي. جيئن ئي لاکو جوان ٿيو ته هن پنهنجي اڳواڻي هيٺ ٻيا سورهيه ۽ ساٿي گڏ ڪيا ۽ هو ڪڇ جي سنڌ واري سرحد تان خاص ڪري اوني مال جون لوڙهيون يعني ڌاڙا هڻڻ لڳا. ”ٻني“ ۽ ”لوڙي“ واري ايراضي[1] مان خاص طرح جتن سان جنگ جوٽي اُنن جا وڳ هنيائون، ايترو جو اوٺار نيٺ ملڪ ڇڏي ويا ۽ اُنن جي جهوڪن جا ڏڳا نشان وجي رهيا.

جاڙيجاڻي جنگ، آهي اوٺارن سين
لڳو لوڙائن جو، منجهان ٻنيءَ ٻنگ
گؤرا توڏ ڳڙنگ، هٽي هيڪاندا ڪري.
[خليفو صاحب]

---

ٻني ٻهڻ نه ڏئي، جهري ويئي جهوڪ
لوڙي مٿان لوڪ، لاکي لڪ لڏائيا.

---

لاکو لوڙي آئيو، هئي هئي پيئي هاڪ
پائر ڪنان پچڙي، ڏونگر پيئي ڏاڪ
اُنيون ۽ عراق- ڳڏيان تان گهٽيئي ٿيا
[شاهه]

---

[1] ”ٻني“ جنهن کي ڏاڏي آدم جي ٻني به ڪري چون، سو ”پچم“ کان ڏکڻ اولهه طرف هڪ وڏو شاهي چراگاهه، اٽڪل 5-6 ميل ڊگهو آهي، جتي ڀاڳيا وس چرن. ”لوڙو“ سنڌ مان ڪڇ ڏانهن ويندي رڻ جي پرئين ڪناري تي گس واري ليڪ آهي.

مطلب ته لاکي جي لوڙهين جو سلسلو پائر تائين اچي پهتو، پر لاکي ۽ سندس لوڙائو ساٿين چؤڏس چڙهي پنهنجي هيبت ۽ هاڪ قائم ڪئي:

لاکو لوڙائن سين چؤڏس تو چڙهي
وڙهيو وريامن جا ڏٽيو ڏڻ هٽي
پيپس جو پري- سو واهر ڪنهن نه ورايو.

لاکو هڪ اڙٻنگ ۽ اڻ موٽ جوان هو. سندس ساٿين مان جسو ۽ جسراڇ ٻه نالي وارا هئا، پر سورهيائي ۽ شه سواري ۾ لاکو پنهنجو مٽ پاڻ هو.

"وڙهي ويل سپ ڪنهن لاکو لوءِ ٻه لوءِ."

ڳوٺ ڳوٺ ۾ مقابلا ڪري پنهنجي هيبت ۽ هاڪ وهاري ڇڏيائين. وڳن جا وڳ هٽي، ساٿين کي اڳتي ڪري پويان اڪيلي سر واهر پليندو هو:

"لاکي لال ڪمان، هر دم آهي هٿ ۾
سليو تيرن ساڻ، واڳه پلي تو واهرون."
[خليفو صاحب]

لاکو پنهنجي ڀهروٽين جي ٻاري سان هميشه ٻاهر، ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي پيو لوڙهيون هڻندو هو. هڪ دفعي ڪنهن چيو ته پوئتي جو سماءُ لهجي، ائين نه ٿئي جو هڪ ڏينهن اچي ڪو خبر سڻائي ته ڦل مري ويو. لاکو جو پنهنجي جوانيءَ جي جوش ۽ طاقت جي نشي ۾ مست هو، تنهن کي اها ڪمزوري واري صلاح ئي ڪانه وڻي ۽ قسم ڪنيائين ته جنهن منحوس مون کي، منهنجي پيءُ ڦل جي مرڻ جي خبر اچي ٻڌائي ته ان جي زبان وڍائيندس. ائين چئي لاکو وري به پنهنجن ساٿين سان گڏ چؤڏس چڙهايون ڪرڻ لڳو ۽ ڳچ عرصو ٿيو جو پنهنجي ماڳ تي ڪونه موٽيو.

"لاکا لڳئي ڏينهن، ڪاري ريءَ ڪيئن گهارئين
مٽان وسي مينهن، واٽون ولين ڇانئيون."

ڪجهه عرصي بعد واقعي ڦل پويان گذاري ويو، پر ڪير هجي جو وڃي لاکي کي خبر سڻائي. هڪ ڀٽ فقير چيو ته آءٌ تو وڃي خبر ٻڌايانس. سو ڪهي اچي ڪئمپ ۾ پهتو ۽ پري کان بيت ڏنائين ته:

"هڪڙا ڦل پسجن واڙئين، ٻيا جي ٻنين ڏاچ
لاکا آءٌ مهراڻ، توريءَ سجو ڪاڇڙو."

يعني ته ڦل هڪڙا واڙين اندر ولين ۾ آهن ۽ ٻيا ٻنين ۾ پجنڌڙ اُن ۾ آهن. باقي ٻيو ڦل ڪونه رهيو آهي. لاکي بيت ٻڌندي چيو ته "تڏهن منهنجو پيءُ مري ويو!" ڀٽ جواب ڏنو ته: سائين! اهو ته تو چيو، مون نه چيو. پوءِ لاکي ميڻ جي زبان نهرائي پنهنجي زبان مٿان رکي وڍرائي پنهنجو قسم پورو ڪيو. ڦل

جي پڳ هاٿي لاکي کي ملي ۽ لاکو ”راءِ“ بڻيو. هاٿي لاکي پنهنجي پيءُ ڏاڏي واري ماڳ تي لکن جا لک خرچ ڪري ”ڪيراڳڊ“ نالي هڪ ڪوٽ ٺهرايو ۽ ان کي پنهنجي طاقت جو بنيادي مرڪز بڻايائين. اهو ”ڪيراڳڙ“ جنهن کي سنڌ جي روايتن ۾ ”ڪيرو ڪوٽ“ يا ”ڪانهيرو ڪوٽ“ سڏيو ويو آهي. پڇ تعلقي ۾ مشهور آهي ته اهو ڪوٽ ”لاکي ڦلاڻي“ ٻڌايو هو.

هاٿي لاکي جي سرڪشي واري زندگيءَ ۾ ذرا تبديلي آئي ۽ راڄ ڏٽي ٿيڻ سان هن سخاوت جا درياءَ وهايا، ڦل خاندان ۾ لاکوئي ڏاتار ٿيو ۽ انهيءَ ڪري سندس نالو ڏاتارن ۾ ڳڻيائون ته:

”ڪا شب گهر سورج هو، واسنگ گهر تاڪو
اوڏي گهر جڪرو، ڦول گهر لاکو.“

سندس سرڪشي ۽ سورهيائين جي ته اڳ ۾ ئي هنڌين ماڳين هاڪ نڪري چڪي هئي. هاٿي سندس سخاوت ڪري رعيت ۽ راڄن ۾ هو مقبول پيو ۽ سيني پٽي ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون.

## لاکو ۽ مهر راڻي:

لاکي کي هاٿي شاديءَ جو خيال ٿيو، پر هن اڙٻنگ جوان چيو ته آءٌ گهر ويٺي ڪا ڇوڪريءَ ڪانه پرڻبس پر ڪشالا ڪري ڪا مومل ماڻيندس. سنڌ ۾ مهراڻي جو ملڪ ان وقت به سرسبز ۽ آباد هو. هڪ طرف ڪان هاڪڙو ته ٻئي طرف ڪان پراڻ پئي ملڪ کي سيراب ڪيو. اتي سماٽ قومون رهنديون هيون جن جي سونهن جي هنڌين ماڳين هاڪ هئي. هيءُ ملڪ ننڍين ننڍين سمن رائن ۾ ورهايل هو، جن جي ڪوٽن ۽ قلعن جا نيشان اڄ به انهيءَ تر ۾ موجود آهن. نهڙي جي ڪوٽ ۾ ۽ ڪن جي چوڻ موجب جهڏي لڳ ”ٻالاڻي“ يا ”ٻرڙائي“ جي ڪوٽ ۾ ان وقت ”مهر راڻي“ سمي صاحبزادي هئي، جنهن جي دل هڪ چوڙيگر سوداگر سان ٿي ويئي، انهيءَ ڪري، پڻس جڏهن سندس شاديءَ جو ذڪر ڇوريو ته مومل وانگر ”مهر راڻي“ به اڙانگا شرط وڌا ۽ چيائين ته جيڪو اهو شرط پورا ڪندو تنهن سان شادي ڪنديس. لاکو اتان سنيري نڪتو ۽ هڪ ٻيڙيءَ ڏاهيءَ جي ٻڌايل تجويزن ۽ پنهنجي وزير ”ڪل ڦل“ جي حڪمت عملين ۽ پنهنجي ذاتي جرائتن ۽ مردانگين سان سيئي شرط پورا ڪري ”مهر راڻي“ سان شادي ڪائين ۽ انهيءَ خوشيءَ جي موقعي تي به لکن جا لک بخشيائين جو چيو اٿن ته ”لاکي لک بخشيا، ڪرن بخشي ڪروڙ“. جڏهن پريان ڄڃ ڪري موٽيو ته پهرين منزل پراڻ جي ڪناري تي ڪيائين. مٿان مينهن پئجي ويو، انهيءَ ڪري شادي جا سڀ ويس وڳا، سيج ۽ هنڌ، اُنن گهوڙن جا سنج ۽ سامان سيئي ڪٺي پراڻ جي ڪنڌيءَ تي وڻن ٻوٽن تي سڪٽا وڌائون ۽ سڀ وڻ سينگارجي بيهي رهيا. سڪڻ بعد جڏهن اهي سندس ماڻهو لاهڻ لڳا ته لاکي منع ڪئي ۽ چيائين ته: ”ڪنڌيءَ جا اهي وڻ ٽڻ به اسان جا

ڄاڃي آهن ۽ جيڪي ڪجھ انهن کي اوڏايو اٿئون، سان جڻ اسان جي شادي جي ڏات آهي. اها وري واپس ڪانه ونبي.“ انهيءَ موقعي ڪان پوءِ ڳايائون ته:

”جھوني تون پراڻ! جڳ ڇٽيھ سنيرين،

تو کي ڏنا هاڻ، لاکي جھڙا پھيڙا.“

انهي منزل واري جاءِ تي اَمريءَ جو وڻ بيٺل هو، جنهن جي ٿارين ۾ ڳھ ڳنا ۽ لالون موتي ٻڌا ويا، پر لاکي اهي ڪين لهرايا. انهيءَ واقعي جي ياد ۾ پراڻ تي بيٺل هڪ اَمريءَ جي وڻ ۽ ڪنهن سگھڙ جي وچ ۾ سوال جواب جو هيءُ بيت مشهور ٿيو ته:

سگھڙ: ڪ تون ”آيل“ سندي اَمري، ڪ تون
”لاکي“ سندي لال
اَمري: مون ۾ لاکي لالون ٻڌيون، آئون
لاکي سندي لال
”آيل“ اڇي ڪالھ، لک سين مانجھاندو ڪيو.

چون ٿا ته پراڻ جا پکي ٻه پوءِ ولر ڪري لاکي جي ڄڃ سان اڏاٽا ۽ انهن تي نالو پئجي ويو ”لاکي ڄاڃي.“

اڄ ڏينهن تائين پاٽيءَ جا ”لاکي ڄاڃي“ پکي انهيءَ نالي سان مشهور آهن[1]. خير منزلون ڪري لاکو اچي ڪڇ ۾ پنهنجي ”ڪيرا ڪوٽ“ ۾ پھتو. اتي ڪنهن موقعي تي پنهنجو وزير ”ڪل قل“ ڪان تصديق مليس ته ”مھر راڻي“ جي دل ڪنهن ٻئي سان هئي. انهيءَ تي لاکي جي دل ”مھر راڻيءَ“ تان ڪڇي وئي. مائٽن طرفان جيڪو مڱڻهار ”مھر راڻيءَ“ سان گڏجي آيو هو، سو جڏهن موڪلائڻ لڳو ته لاکي پنهنجي سخاوت جي اصول موجب چيس ته: گھر جيڪي گھرڻو هجيئي. ”مھر راڻي“ مڱڻهار کي پنهنجي هار طرف اشارو ڏنو، پر مڱڻهار سمجھيو ته شايد پاڻ ڏانهن ٿي اشارو ڪري. سو سنديس ٻانهن گھريائين. سو بنا وڌيڪ سوچڻ جي مھر راڻي ڪٽي ان مڱڻهار جي حوالي ڪيائين ”مھر“ گھٽيون ئي منٿون ڪيون پر لاکي ڪين مڃيو. پوءِ سياڻن لاکي تي ميار رکي ته هن اهو ڪچو ڪم ڪيو جو ائين تڪڙ ڪري، پنهنجو ننگ ڪٽي مڱڻهار جي حوالي ڪيو. چيائون ته:

”لاکو ڦلاڻي[2] ڪچو ڪچاڻي، جنهن ڇڏي مھر راڻي.“

بھرحال لاکي جي غيرت گوارانه ڪيو ته هو ”مھر“ کي پنهنجي گھر ۾ رکي.

---

[1] هڪ ٻي روايت ۾ ”پراڻ“ جي وٽن کي ڍڪائڻ واري سخا وڏي ”ڄام لاکي پٽ لاکيار“ طرف منسوب ٿيل آهي.

[2] ٻي روايت ۾ ”لاکو لاکاڻي“ آهي ۽ اها نسبت وڏي ”ڄام لاکي پٽ لاکيار“ سان لاڳو آهي.

## لاکو ۽ اوڏڻ:

لاکو هاڻي شادي ۽ گھر بار جا سڀ خيال ڦٽا ڪري، پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪرڻ ۾ لڳي ويو. پر قدرت کي اجا ڪي ٻيو منظور هو. اڳ ۾ لاکي پاڻ هلي وڃي حسن سان حيلا ڪيا هئا، پر هاڻي عشق اچي متس حملو ڪيو ”ڪيراڪوٽ“ جي وڌيڪ مضبوطي ۽ اڏاوت لاءِ لاکي، اوڏن جا راج گھرايا. لاکو اڳ ئي غريب پرور چام ۽ غريبن جو اجهو ۽ آڌار هو. پاڻ پنهنجي سر اوڏن جي پکن جي چانوَ ۾ ويهي اوڏن جا دل کولي پورهئي جا پئسا ڏياريندو هو ته متان ڪاسبين جي هٿان ڪين ليکي ۾ کس لڳي:

اڏيو جو اوڏن، سو ڊنگهر ڊلو مَ ٿئي
جنهن پر ويهي ڪن، ليکو لاکي ڄام سين.

ڪوٽ جي اڏاوت جو ڪم پئي هليو ۽ لاکي پنهنجي سر پئي ان جي نگهباني ڪئي، جو اوچتو هڪ ناز پري اوڏڻ ڇوڪريءَ جي نگاهن جو نشانو بنجي ويو. هيءَ ڇوڪريءَ ”بيلي“ اوڏ جي ڌيءَ هئي ۽ صورت توڙي سيرت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ڄام لاکي جڏهن ”بيلي“ کان سندس ڌيءَ جو سڱ گھريو ته هو حيران ٿيو ته اسين اگلا اوڏ، لاکي جهڙي ڄام کي ڪيئن وٽياسون! وڏي خوشيءَ سان سڱ ڏنائين ۽ ڄام لاکي سندس ڌيءَ کي پنهنجي نڪاح ۾ آندو.

تماچي آندي مهاڻي، لاکي آندي اوڏ
سما پيا کوڏ، ذات نه پڇيائون جوءِ جي.

راڻيءَ ٿيڻ کان پوءِ هن ناز پري نينگر ويتر نئڙت ۽ نياز ۾ پاڻ موڪيو ۽ جڻ چيائين!

لاکي لڄ ڪنئي، اسان اوڏڙين جي
ڪندو ڪانه ٻي، اڳ وسوڙي آهيان
[شاهه]

---

لاکا لڄ سنڌياءِ، آئون اگلي آهيان
پکا سي پرتاءِ، جي اجهي تنهنجي اڏيا
[شاهه]

لاکي جي به هن غريب اوڏڻ سان اهڙي اچي دل لڳي جو ڪيس:

لاکو ڏسي نه لک سين، تاسين ٿئي ته ٿهر
ڦلاڻي پهر، ڪٽي اوڏن جي اجارئي
[غوث محمد شاهه]

هاڻي لاکي به اوڏن جي ذات کي اڏي ڇڏيو:

”لاکي لٿائي لک، اڄ پڻ اوڏن کي ڏنا.“
[غوث محمد شاهه]

ءِ
”اوڏن مٿان ڏاڻ، موراهين معاف ٿيو.“
[خان زئي]

چون ٿا تہ لاکي ڄام، ٻنيءَ ۾ مينهن جي منـي پاڻي گڏ ڪرڻ لاءِ ٻہ وڏا تلاءُ کٽايا. هڪڙو تلاءُ سندس نالي ”لاکا راءِ“ ڪري سڏيائون تہ ٻئي تي وري پنهنجي سهري ٻيلي اوڏ جو نالو ”ٻيلي راءِ“ رکيائين. ٻڌجي ٿو تہ اهي ”لاکا راءِ، ٻيلا راءِ“ تلاءُ اڄ ڏينهن تائين ٻني واري علائقي ۾ موجود آهن. مطلب تہ اوڏن سان سڱ ڪرڻ ۽ پنهنجي غريب پروري جي مثال قائم ڪرڻ ۾ بہ لاکو پنهنجو مٽ پاڻ ٿيو، پٽائي چوي ٿو تہ:

لاکا لک هئا، پر ڦلاڻي ڦير پيو
آجا اوڏ ٿيا، پلئہ لڳي جنهن جي[1].

## لاکو ۽ ريٻاري:

ريٻارين جي وڏي قوم ڪڇ ۽ سنڌ جي سرحد تي آباد هئي ۽ اڄا تائين سنڌ ۾ بدين ۽ ڏيپلي تعلقن جي ڏکڻ ۾ آباد آهي. ريٻاري اصل کان مالوند ماڻهو ۽ وس چرندر جهانگي واندين ۾ رهندر هئا، پر پنهنجي مال متاع وارا سکيا ستابا هئا. سمن کان سندن قومي حيثيت جدا هئي، پر جنگ جهيڙي ۾ سمن جا ساٿي هئا. جڏهن ڄام گڙ راهو جي پٽ سومري کي ڪونريجن ماريو، تڏهن سمن سان گڏ ريٻارين بہ سوءَ ڪئي ۽ زالن نٿون بولا لاهي ڇڏيا. وقت گذري ويو، پر سمن مان ڪنهن بہ ريٻارين جي سوءَ ڪانہ لهرائي ۽ اڄ تائين انهيءَ سوءَ سبٻان سندن زالون سهاڳ وارا ڳهہ ڪپڙا ڪين ڪن. پانئجي ٿو تہ ريٻارين کي انهي ڳالهہ جو رنج رهجي ويو ۽ هنن بہ ڪڇ واري طرف سمن سردارن جي ڪاڻ ڪڍڻ ڇڏي ڏني. ريٻارين مان ڪن وڃي ڄام لاکي جي ساٿين، جسي ۽ جسراڄ جا ماڻهو ماريا، جن جو وير ريٻارين تي رهجي ويو، پر لاکو هاڻي راڄ ڌڻي هو جنگ جي بدلي صلح جون سٽائون ڪيون. ان وقت ڪڇ جو وڏو راءِ ڪنگهار هو جو پڻ ڄاڙيجن سمن جي ٻئي خاندان مان ۽ راءِ لاکي جو مامو هو. راءِ ڪنگهار انصاف جي بدران ريٻارين جو طرف ونڻ لڳو. حقيقت هيءَ هئي تہ راءِ ڪنگهار جو هڪ ريٻارڻ سان رستو هو، جنهن جي شروع ۾ تہ ڪنهن کي ئي ڪل ڪانہ هئي. لاکي کي جڏهن خبر پيئي تڏهن راءِ ڪنگهار جي اها روش ڪيس نہ وڻي.

---

[1] سنڌ جي ٻيءَ هڪ روايت موجب ”لاکي ۽ اوڏڻ“ جو قصو هن طرح بہ مشهور آهي تہ: رتن پال رانوڙ جي راڻي ”جسمان“ تي راجا جئسنگ عاشق ٿيو ۽ زبردستي ڪيس ڪٽڻ تي هو جو رتن پال اوڏڪو ويس ڪري لڏي نڪتو ۽ پڇي اچي سنڌ ۾ پهتو. اتي ”ڪانهيري ڪوٽ“ (ٽنڊو غلام علي طرف) اڏڻ وقت، ڄام تماچي جو پائيٽيو سندس زال ”جسمان“ تي عاشق ٿيو.

ڪيڙي هيٺ ڪنڌ جي ڪوٽي ڪي ڪنگهار
جو وانديين ۾ واپار، سو لاکي لک نه لکيو.
[خان زئي]

راڻي راءِ ڪنگهار هاڻي کلم کلايو ريباڻ سان رستو رکيو ۽ ريباڻ به پنهنجي قوم جي حمايت خاطر راءِ ڪنگهار ڪي لاکي ۽ سندس ساٿين جي ۽ جسراچ خلاف چورڻ شروع ڪيو. لاکي، راءِ ڪنگهار ڪي چتاءَ ڏنو ته هن وقت ريباري سمن جا سڄڻ ڪين آهن، هو رڳو منهنجي هڪل ۽ هيبت کان ڊنا وينا آهن. تون جي انهن جي پاران اسان جي ماڻهن ۽ راڄن ڪي هيسيندين ته ريباري زور ونندا ۽ منهنجي مُئي پُڄاڻا توکي به تخت ڇڏائيندا. انهيءَ چتاءُ هوندي به راءِ ڪنگهار ريبارين جي پٺ پرائي ڪئي. اتي لاکو به اچي ڪاوڙيو ۽ ڄڻ ستل شينهن جاڳي اٿيو. پنهنجي سورهيه ساٿين ڪي گڏ ڪيائين ۽ پنهنجي گهوڙي ”لکي“ تي وري لوڙهين خاطر لانگ ورايائين. قصد ڪيائين ته هاڻي پنهنجي ساٿين جسي ۽ جسراچ جو پوريءَ طرح وير وننڊس. هن تياريءَ تي سڄي ڪڇ ۾ ڪوڪٽ پئجي ويو ته لاکو وري لوڙائو ٿيو آهي. هيڏانهن هيءَ مرد مٿير به سنگت سنباهي چڙهيو.

پجان پلي نگيو، ڏيئي پاڪوڙي پير
جسي ۽ جسراچ جو، مٿي وانديين وير
ڪڇ رهندو ڪير، جيئن لاکو لوڙائو ٿيو.
[شاهه]

اول سندس ساٿي جسراچ ڪي وير وٺڻ واري جا رٿ پرجي آئي انهيءَ کي پورو ڪيائين.

وانديون ويون ويهي، ڪاڇن ڪاڇن چانئيو
جڙي جا جسراچ ڪي تڪيائون تيهي
پراڙان پيهي، لاکو لکي آئيا.
[خان زئي]

بس، لاکي جيئن لکي تي لانگ ورائي ته وري لٽو ڪونه ۽ جيڪڏهن لٽو تي ته به هني مان هٽ نٽي ڪديائين:

هني مان هٽڙا، لاکو نه لاهي
گهٽيريان گهير ڪري ايوئي آهي
وجيوسي ڪاهي، جي ڪيڙي هيٺ ڪنگهار جي.

پوءِ اول ئي انهن جاڙيجن سان جنگ جوتيائين، جن لاکي راءِ کان منهن موڙي راءِ ڪنگهار جي بيجا طرفداري ڪئي هئي:

راءِ سين رنا جي، تن جاڙيجن جاڙ ڪي
ڪيئن ماڻيندا سي، چوڏهين چارو ڪچڙو.
[شاهه]

جاڙيجن کي سندن ماڻهن سجاڳ ڪيو تہ:

جاڳو جاڙيجا، سما سک مَ سمهو!
پسو آن پارا، لاکو ٿو لوڙيون هڻي.
[شاهه]

هوڏانهن:

"وائوران" وري، لاکو لوڙائو ٿيو
اها ڳالهہ ڳري، لڳي لهاڻن کي
[ خان زئي]

"ڏاڏوران" ٿي ڏور، ڪر ڳل "ڪيريءَ" رسيو
"ٻبرئان" ٻابور، هلي هاجورن جي.

جيڪي بہ ڪنگهار جي زور تي ڪڏيا، تن جا هاٺي ڇيهہ ڇجي پيا ۽ سيڪوئي پيو چوي:

"وٺان تن لڏيج، جي ڪيڙي هيٺ ڪنگهار جي."
[ خان زئي]

"لوٽي مٿان لوڪ، لما سپ لڏي ويا."
[ خان زئي]

گرڙي مٿان گس، لاکي لوڙائن جو.

جڻ هرڪو پيو ٻئي کي چوي تہ:

"وٺان تن لڏيج، جي ڪيڙي هيٺ ڪنگهار جي."
[ خان زئي]

"لڏين تان لڏ، صحيءَ سنگهارن لڏيو
مٿان ويهين ويسرو، "گرڙيءَ" لاڳو گڏ
مانجهل مٿان "مڏ"، قلوءَ پوٽو آئيو."
[ خان زئي]

بس راءِ ڪنگهار جي صلاحڪارن ساٿين ۽ ريٻارين جي طرفدارن کي سٽي، پوءِ لاکو واڳڙ جي ٽڪرين وٺان وري اچي ريٻارين مٿان ڪڙڪيو:

"واڳڙ" مٿان واڳ، واري راءِ ريون ڪري
ريٻاري رجن ۾، سانجهي صبح سجاڳ
پٽارن جو پاڳ، لاکي لک لڏائيو
[ خان زئي]

”ريبارين جا رڃ، رائي پس رهي ويا.“
[ خان زئي]

۽ هنن پٿون چڏي پچي وجي رڃ واري رڻ ۾ پاڻ کي لڪايو. هاٽي راءِ ڪنگهار جي سينڌي ريبارڻ به پڇتايو ۽ لاکي کي منٿون ڪرڻ شروع ڪيائين ته هاڻ مڙي وڃ:

”ريبارڻ ريجهاءِ، لاکو لولاٽن سين.“
[شاهه]

پر هو:

”ريبارڻ سين رس، ڪڏهين تان ڪونه ٿيو.“
[خان زئي]

سچي هيءَ باهه دکايل ئي هن ريبارڻ جي هئي، سو لاکو هاٽي اڇي خود سندس مائٽن مٿان ڪڙڪيو:

”رڙي ريبارن روءِ، اپي ڊنگهر ڍار
وڃن اڄ وڳ هنيو، سئم جي سوار
ڪاڇي ٻنهي پار، ڌاڪو هن جود سئين.“

---

”ريبارڻ روئي، واڙ وڏا وڇڙا
سمورا سوئي، هٽي سات هيڪلي.“
[شاهه]

اتي ريبارڻ هاٽي مٿو اگهارو ڪري اڇي راءِ ڪنگهار کي طعنا ۽ مهڻا ڏيڻ لڳي ته لاکو توکان ڪونه جهليو ٿيو، تون نڪمو ۽ ڪمزور آهين:

”ريبارڻ ٿي روءِ، مٿي ڏريو هٽڙا
ڪارا ويڻ ڪنگهار کي، چئنچل اپي چوءِ
واڙي وچ نه ڪو، جو لاکو لوڙائن سين.“

چون ٿا ته ريبارڻ راءِ ڪنگهار کي چيو ته: جي زور ۽ طاقت سان تون لاکي کي نٿو جهلي سگهين ته تون هيڻاهين وڻي، محبت وچان پيغام موڪلينس، هو تنهنجو ڀاٽيجو آهي ۽ چئينس ته! تو سڀ بدلا ورتا، مون توکي بخش ڪيو ۽ هاٽي تون مون وٽ اچ. پوءِ جڏهن اچي ته مارائينس، جو هن منهنجي قوم ۽ ڪٽنب کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ راءِ ڪنگهار ڏانهن اهڙو پيغام موڪليو. قرب ۾ لاکو سيڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هو، تنهن اعلان ڪيو ته مون لوڙيون هٽڻ ڇڏيون:

”لاکي لوڙيون ڇڏيون، سرها ٿيا سنگهار
ڇٽائي چوڌار، وانديون وڪ چرنديون.“
[شاهه]

پنهنجي مامي جي محبت پريو پيغام ٻڌي، پنهنجون ٻانهون ٻڌرائي اچي پيش پيو. جيئن لاکو اندر آيو ته ٻاهران سندس گهوڙي لکي کي ماري وڌائون ۽ جيئن لاکو پاڻ اچي راءِ ڪنگهار جي آڏو بيٺو ته هن ڪمزور ۽ ڪم عقل راءِ ترار هڻي ڪيس ماري وڌو[1]. لاکي جي مرڻ تي حالي ڪڇ تان ڪرگل لهي پيو ۽ امن ٿي ويو ۽ ريٻاري به اچي پنهنجي اصلوڪي ماڳن تي رهي پيا:

"لکي ۽ لاکو، ٻئي مئا ٻاجهه ٿي
قادر لاٿو ڪيچ تان اديون اولاڪو
واندين ۾ واڪو، ريٻاري رهي ويا."

لاکي جي مرڻ کان پوءِ چون ٿا ته ريٻارين گڏجي خود راءِ ڪنگهار کان انهيءَ ڳالهه جو بدلو ورتو جو هن سندس ذات واري ريٻارن کي پنهنجي سريت بڻايو هو ۽ ڪيس گاديءَ تان ڏٽي ڇڏيائون. ٻئي طرف لاکي جي مرڻ کان پوءِ سندس پائيٽيو "پونئرو" سردار ٿيو، چيائونس ته:

"لاکي خرچي لک، "ڪيرو ڪوٽ" اڏائيو
تون پڻ ڪري خرچ، پٽر نه اڏائين پونئرا!

پر پونئري ۾ لاکي واري طاقت نه هئي ۽ خود پنهنجون کي جايون به جوڙائي نه سگهيو. بس ڦل جي اولاد مان لاکو ٿي گذريو:

"لاکا لک سڄڻ، پر ڦلاڻيءَ ڦير ٻيو
جنهن پر راڻي راڄيا، ڪوٽن ڏٺي ڪنبن
جنهن جو جاڙيجن، ستي سونچو نه لهي."

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "لاکو ڦلاڻي" سنڌ جو سورهيه سردار، ڇپائيندڙ: "سنڌي مجلس" سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، 1958ع]

❑

---

[1] ٻيءَ هڪ روايت موجب چون ٿا ته لاکي کي بداماڻي پنري مارايو. اسان جي خيال ۾ اهو ٻيو سنڌ جو لاکو سردار هو ۽ نه لاکو ڦلاڻي.

## (59) منهنجو ساٿي ۽ سڄڻ: مرحوم محمد اسماعيل نونُ

1949ع ۾ آمريڪا ۾ تعليم پوري ڪري سنڌ پهتس ته آزاديءَ جي خوابن ۾ ملڪ جي خدمت ۽ خاص طرح سنڌ جي عظمت کي روشن ڪرڻ جو جذبو جاڳيو. همت ۽ حوصلي جي باوجود، شروع ۾ بي ڪسي ۽ بي حاليءَ وارو سمان هو. اتفاق سان بخت جاڳيو جو مون کي ڪي مُربي ۽ محسن ملي ويا، جن جي مهربانين سان مون پنهنجي تعليم بعد تحقيق جي ميدان ۾ قدم رکيو. سنڌ کي ڏسڻ پَسڻ ۽ سنڌ بابت تحقيق ڪرڻ ۾ ڪيترائي مهربان مددگار ٿيا، جن ۾ محترم محمد اسماعيل نون منهنجو سچو ساٿي ۽ سڄڻ ٿيو ۽ هن ڪشالي ۾ هو مون سان تتيءَ ٿڌيءَ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. هو مون کي 'ڊاڪٽر صاحب' سڏيندو هو ۽ آءٌ کيس 'نُونُ صاحب' چوندو هوس، حالانڪ 'صاحبي' نڪا هُن ۾ هئي ته نڪا مون ۾ هئي.

منهنجي پهرين ملاقات ساڻس 1953ع ۾ تڏهن ٿي، جڏهن شايد آءٌ جيڪب آباد ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو هوس. هو اُن وقت شڪارپور جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر هو. اُن پهرين ملاقات ۾ آئينديءَ لاءِ دوستي پڪي ٿي وئي. شايد هن کي منهنجي صدارتي تقرير وڻي يا سنڌ گهمڻ ۽ سنڌ ڏسڻ وارو جذبو وڻيو. هن پاڻ کي 'ڪامورو' ڪري ڪونه ٿي ڄاتو، جو هو خانداني طور هڪ 'راڄائتو' ماڻهو هو. جڏهن ٽالپر اميرن تر کي سنڀالڻ ۽ محفوظ ڪرڻ طرف توجهه ڏنو ۽ سنڌ جا قبيلا اُتي ويهاريا ويا ۽ پڻ پنهنجي اعتماد ۽ طاقت وارا اڳواڻ اُتي وسايا، تڏهن وڏي حيات خان نون کي 'اسلام ڳڙهه' (اسلام ڪوٽ) تعلقي جي حدن ۾ جاگير ڏنائون. مير فتح علي خان جڏهن سنڌ جا وڃايل علائقا واپس وٺڻ لاءِ لشڪر چاڙهيا، تڏهن هڪ فوج دائودپوٽن خلاف موڪلي، جنهن اُنهن کي شڪست ڏيئي سبزل ڪوٽ ۽ ٻيو سرحدي علائقو سنڌ سان شامل ڪيو. اُن وقت، اُن طرف جي نُونن اڳواڻن سنڌ جي مدد ڪئي ۽ مير صاحب کين خاص طرح تر ۾ مِنڙيي طرف ۽ مهراڻي ۾ نُهٽي ۾ جاگيرون ڏنيون. ڪوڪر ۽ ڪوسا بہ اُن وقت تر ۾ آباد ٿيا. حيات خان نُون وڏي نالي وارو هو، جنهن صاحب خان ڪوڪر (ميرن صاحبن جي اميرن بهادر خان ۽ ٻيڙي خان ڪوڪر جي ڪٽنب مان) سان گڏجي تر ۾ امن امان رکڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. نهٽي لڳ 'مهر راڻي جو ڏهر' واري زمين تڏهن کان حيات خان وٽ رهي[1]. هي داستان هت انهيءَ لاءِ بيان ڪيو ويو آهي ته محترم محمد اسماعيل

---

[1] خيرو خان ڪوڪر نوجوان هو، جو ميين شاهه عنات (ف 1131هه) ڪيس دعا ڪئي ته:

'خيرا' خير ٿيو وجي چر ٿر، توکي ڪونہ وجهندو ور،

جو ڪسندو سو ڪسندو، جو گسندو سو وسندو.

جي اُتي ويني، همت ۽ مردانگي، آئي جي آڌر ڀاءُ ڪرڻ، ملڻ ۽ مانُ ڏيڻ، ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي سڃاڻڻ، دوستن سان ڪچهريون ڪرڻ واريون جيڪي منجهس خوبيون هيون، تن جو پس منظر معلوم ٿئي. هو سنڌ جي راڄ رسم ۽ رک رکاء وارو راڄائتو مڙس هو.

وقت جي سنڌي اصطلاح ۾ "مڙس ماڻهو هو". نوڪريءَ ۾ پنهنجي اها همت مردانگي قائم رکيائين. تنڊي باگي ۾ مير غلام محمد خان جي قائم ڪيل مدرسي ۾ پڙهيو ۽ روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪيائين ۽ مختيارڪار ٿيو ۽ گهڻو وقت سکر ضلعي ۾ رهيو. برجستو آفيسر هو. 1954 — 1958ع وارن سالن ۾ دادو ضلعي جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر رهيو. پوءِ ٽنڊي محمد خان ۽ حيدرآباد ۾ رهيو ۽ 25- جون 1960ع تي نئين ضلعي جو ڊيپوٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. اُن بعد خيرپور ۽ حيدرآباد ۾ اعليٰ عهدن تي فائز رهيو، پر نوڪريءَ واري سڄي عرصي ۾ هن پاڻ کي ڪامورو ڪري ڪونه ڄاتو. جنهن به عهدي تي جتي رهيو، اُتي اشراف ۽ راڄائتي ماڻهوءَ جو وڏو قدر ڪيائين ۽ چورن ڇڪارن جي پاڙ پٽيائين. هو دوستن جو دوست هو ۽ مخالفن جو مخالف هو. زبان تي هڪ ۽ دل ۾ ٻي ڪانه رکيائين.

هو پاڻ وڏو سُڄاڻ هو ۽ ڪيس خاص طرح ٿرپارڪر ضلعي جي چڱي خاصي ڄاڻ هئي. هڪ ڀيري هيءَ ڳالهه ڪيائين ۽ مون قلمبند ڪئي. چيائين ته: "ٽالپرن سنڌ جي سرحدن تي پنهنجا ماڻهو ويهاريا، جن جوڌپور مارواڙ طرفان حملن کي منهن ڏنو. ٿر واري سرحد تي کوسن کي ويهاريائون، جن ۾ 'پارڪر جا کوسا' وڏا طاقتور هئا. اُهي 'ويرا واهه جا کوسا' به سڏبا هئا، جو ويرا واهه جو شهر ننگرپارڪر کان فقط 14 ميل اوپر طرف هو. ويرا واهه وٽ وڏو 'سانگاهه' (تلاء) هو، جتي پونجاڻي سوڍا طاقتور هئا. اُنهن بلالاڻين فقيرن جون مينهيون تڙيون، جنهن تي فقير ڪين پٽيو ته:

پٽيل پارڪر تي پکي تا پون
سو سانگاهه ئي سُڪي ويو جنهن تي پونجاڻي پَرن

جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن کوسن ۾ شادي خان ۽ ڀارو خان بهادر ۽ مشهور مڙس هئا. ڀاري خان کي ٽَروٽ چيو ته: "سرڪاري رسالي ۾ ڀرتي ٿي." جنهن تي پنهنجي وڏي جامي جي ٻانهن مٿي ڪري ٽروٽ کي چيائين ته: "هي ڦٽن جا نشان سڀ انگريزن سان وڙهندي ٿيا اٿم، سو ڪيئن ڀرتي

هالاڻيءَ جي جنگ وقت خيرو خان پير مرد هو، پر سندس ڪٽنب وارا مير فتح خان جي اڳواڻيءَ هيٺ وڙهيا. اُنهن مان بهادر خان ۽ ٻيڙو خان، مير محمد نصير خان جي وقت ۾ امير هئا. سندس سوٽ وڃي نئين ڪوٽ لڳ (۽ اُن کان پوءِ منڙيي ۾) وينا، جن مان مانجهي خان ميرن صاحبن ڀاران ٿر جي مهراڻي جو امير هو. حيات خان نون ۽ مندوا جي ڀهراڄ سيدن جو 'مِهر راڻيءَ جي ڏهر' واري زمين تي جڏهن تڪرار ٿيو، تڏهن پيرسن خيرو خان کوکر به مدد لاءِ چڙهي آيو ۽ زمين حيات خان کي ملي.

ٽيندس!“ چوراسي نشان هئس. شادي خان پهريائين وڏو ڏاڙيل هو ۽ پوءِ وڏو جرنيل ٿيو ۽ موجوده سنڌ کان ڏکڻ اوڀر وارو ملڪ، ڏراڙ کان ڇهوٽڻ جبل تائين، ميرن صاحبن طرفان سندس سنڀال هيٺ هو. مشهور پهاڪو هو ته:

سو ڏونگر ڪيئن ڏهڪي، جنهن ۾ ڪوسو شادي خان ڏونگر يعني پارڪر جي اوڀر طرف ڏراڙ ۽ نيڙ وارو ڏونگر (جبل). شادي خان کي ٻه ٽروٽ سڏيو هو، پر شرط هو ته ترار چوڙي سلام تي ايندو. شادي خان چيو ته ”ترار سر ساڻ آهي ۽ جي سر لٿو ته ٻه ڳچيءَ ۾ هوندي.

لَٿ پٽ لوهو ساڻ، هوندي گڏ ڳڙي ۾.“

لوهو معنيٰ رات، ڳڙي ۾ يعني ڳلي ۾ (ٻڌايل ڳالهه پوري ٿي).

محترم ٿون سنڌي ٻوليءَ جي سهڻن گفتن، انوکن لفظن ۽ اصطلاحن، بيتن ۽ پهاڪن کان باخبر هو، جيڪي خاص طرح مهراڻي ۽ ٿر واري پاڳي ۾ وڏيڪ رائج هئا. ’ٿيو‘ ۽ ’رهيو‘ جن مخصوص معنائن ۾ استعمال ٿين ٿا، سي پهريائين مون کانئس ٻڌا. سندس ڳوٺ ٿهتو ۽ نبي سر ساڳئي پاسي آهن. مون سانوڻ جي بيت جي سٽ پڙهي ته:

نبي سر جون نام ڪنيون، ٿيون ننگ پريو ڪن نات

تڏهن پاڻ جمال جي بيت جون هينيون سٽون پڙهيائين ته:

نبي سر جون نام ڪنيون، ٿيو دام وجهن ڏواليون
جادو خور، جمال چوي، ٿن چست چٽيون چاليون
ريت منجهارا ڪن رهاٽيون، تڪڙيون تيرهن تاليون.

مون سان سندس محبت ۽ مون تي سندس مهربانين جي ڇڻ حد ئي ڪانه هئي. سگهڙن کي ڳولڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ، توڙي تاريخي آثارن کي ڏسڻ ۽ جانچڻ لاءِ جڏهن ٻه مون ڪا پنهنجي راءِ ڏيکاري ته محترم ٿون نه فقط اُن جي پُٺ پرائي ڪئي، پر هڙان وڙان پورائي ڪئي. ڪڏهن ڪونه چيائين ته واندڪائي ناهي يا اهو ڪم مشڪل آهي. هميشه ها ۾ ها هئي. جدا جدا جاين تي سندس عهدن واري ايامڪاريءَ ۾ دادو، حيدرآباد، ٺٽي ۽ خيرپور ضلعن ۾ سگهڙن جي ڪچهرين ۽ ماڳن آثارن بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۾ وڏي ڪاميابي ٿي. مون جڏهن ٻه ڪا تجويز ڏني ته مون سان دل و جان سان شامل ٿيو. 1956ع ۾ خيرپور ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هو ته اُتي پير ڪٽپر جي شاهي مقام ۾ رات جو جمن چارڻ جي تربت ڳولڻ ۽ ٺري ميرواهه تعلقي ۾ مينگهي فقير شر جي ڳوٺ ۾ فولاد علي فقير کي ڏسڻ لاءِ سڄي سنگت ساڻ ڪري هليو. جڏهن دادوءَ جو ڊپوٽي ڪليڪٽر هو ته سڄي ضلعي ۾ وڏيون ڪچهريون ٿيون ۽ پڻ مون ڪاچي جا آثار ڏنا. پاڻ مون سان هر وقت گڏ ۽ منهنجي مدد ۾ هو. ميان نصير محمد جو مقام ڏنوسون ۽ پوءِ اچي ميان جي ڳاڙهي واري جامع مسجد ڏٺيسون. مون کي نهايت ڏک ٿيو ته اهڙي وڏي شاهي شاندار عمارت ويران پئي آهي ۽ زبون تي رهي آهي. جڏهن مون چيو ته هن

مسجد جي مرمت ٿيڻ گهرجي، تہ نُون چيو تہ مرمت ٿيندي. پوءِ اُتي جو هڪ همت وارو ماڻهو هو، جنهن کي چيائين تہ تون اڳتي لاءِ مسجد جي سنڀال ڪر ۽ ڪڪڙ جي مختيارڪار قاضي محمد ابراهيم (جيڪو نوشهره مدرسي ۾ مون سان گڏ پڙهيو هو) کي چيائين تہ هو حساب ڪتاب رکي ۽ مرمت جو ڪم شروع ڪرائي. وڏو ڪم ٿيو ۽ ٻارهن مهينا هليو. افسوس جو نُون جي بدليءَ بعد سنڀال نہ ٿي. هاڻي ٻہ سال اڳ جڏهن آءٌ ويس تہ ڏٺم تہ مسجد جو اُتريون گنبذ ڊهي ويو آهي. البت سامهون دروازي وارو اسان جيڪو منارو نهرايو هو سو بيٺو هو.

اُن وقت ڪاڇي جا ٻيا آثار ڏسندي گاجي شاهہ تي وياسون ۽ مٿي ٽڪريءَ تي چڙهي وچي چشمو ڏٺوسون، جتان پاڻي ٿي آيو. ٻڌايائون تہ گاجي شاهہ جو ميلو عنقريب اچڻ وارو آهي. نون صاحب کي مون چيو تہ: جيڪڏهن ميلا سڌارجن ۽ اُهي عوام جي تربيت لاءِ استعمال ڪجن تہ وڏي خدمت ٿئي. اوهان پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ گاجي شاهہ جي ميلي کي مچائڻ سان شانائتي شروعات ڪريو. چيائين تہ: ”ڊاڪٽر صاحب! گڏجي ڪنداسون: اوهين ايترو ڪريو جو عبدالمجيد افغان صاحب، جيڪو هتي جو ڪليڪٽر آهي ۽ اوهان جو دوست آهي، اُن کي اها ڳالهہ سمجهايو. باقي ڪم پاڻهي آءٌ ڪندس.“ (افغان ۽ آءٌ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ ۾ گڏ پڙهيا هئاسون ۽ پهرئين دفعي جڏهن آءٌ نون صاحب وٽ دادو ويو هوس تہ مون کي چانهہ تي سڏيو هئائين). مون چيو تہ: اهو منهنجو ذمو. موٽي آياسون تہ آءٌ عبدالمجيد صاحب سان مليس. پڇيائين تہ ڇا ڪرڻ گهرجي. مون ٻڌايو تہ ميلي جي وقت صفائي جو انتظام هجي ۽ اديبن ۽ سگهڙن جي ڪانفرنس رکجي، جنهن کي اوهان خطاب ڪريو ۽ ضلعي جي سڌاري جي ترغيب ڏيو. اوهان پنهنجي ڊپوٽي ڪليڪٽر مسٽر نون کي ذميواري ڏيندؤ تہ هو سڀ انتظام ڪندو. مسٽر افغان قبول ڪيو ۽ نون صاحب کي سڏي ڪيس انتظام لاءِ چيائين. بس پوءِ تہ سڀ انتظام ٿي ويا. گاجي شاهہ جي درگاهہ جي سامهون، هيٺ اوڀر طرف واري ميدان ۾ ڪانفرنس لاءِ شاميانا لڳي ويا. سگهڙن ۽ ڳائڻن کي آڻڻ جا انتظام ٿيا. واهي پانڌيءَ جي وڏي سگهڙ محمد علي لغاريءَ کي مون سگهڙن جي ڪچهري جو صدر بنايو. وڏي عمر جو هو، پر وڏو سُجاڻ ۽ گفتي جو ملوڪ هو. وقت تي مسٽر افغان بہ اچي پهتو ۽ وڏي محفل ٿي. اهو ميلو پوءِ ماڻهن کي سالن تائين ياد رهيو.

مئي 1960ع ۾ جڏهن نُون ٽنڊي محمد خان ۾ ڊپوٽي ڪليڪٽر هو، تڏهن مون اُتر ۽ لاڙ جي چونڊ سگهڙن جي گڏيل ڪچهرين جو پروگرام رٿيو. چيائين تہ واهہ جي رٿ آهي. ڪچهريون شهدادپور، سنجهوري، سانگهڙ ۽ کپري تعلقي کان شروع ٿي ساماري پهتيون. پاڻ شهدادپور واري پهرين ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ وري ڪنڊير ۾ سگهڙ جاڙي خان مريءَ وٽ ۽ اُتان پوءِ سنجر خان بنگلاڻيءَ وٽ رڪيل (5- مئي 1960ع) ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيو. اُن بعد مون کي خيال آيو تہ

ڪوهستان جو نغمو ”مورو“ هڪ وڏو دلپذير نغمو آهي ۽ جيڪر سڀ مورو ڳائيندڙ گڏ ڪري يڪي ڪچهري ڪجي. بس چوڻ جي دير هئي؛ يڪدم اُن جو انتظام ٿيو ۽ 15- مئي 1960ع تي ٿاڻي بولا خان ۾ وسندمل وٽ وڏي ڪچهري ٿي، جيڪا سڄي رات هلي ۽ جنهن ۾ مختلف ساٿين مورا ڳايا. طالب پالاري جون مٺيون لوليون ۽ ڏٽي بخش خاصخيليءَ جون ڌمڪ ڌمڪون اڃا ياد آهن.

1960ع ۾ جڏهن نون صاحب ٺٽي جو ڪليڪٽر ٿيو ته ڳاجي شاهه جي ميلي واري ڪاميابي ياد ڪري، چيائين ته ميرپور بٺوري ۾ مهر شاهه جو ميلو اچڻ وارو آهي ۽ اُن کي پوري طرح مچائڻو آهي. بس پوءِ اسان جون منزلون ميرپوربٺوري جي انسپيڪشن بنگلي ۾ هيون. مون اديبن، سگهڙن ۽ ڳائڻن سان گڏ ملهن کي به سڏڻ جي صلاح ڏني. ميلي لاءِ سڌين بازارين ۽ وچ تي چونڪن جا ڪَٽ لڳي ويا. جنريٽر گهرايا ويا ۽ لائيٽ جو انتظام ٿيو. وڏي شاندار ڪانفرنس ٿي. البت ملهن پاڻ نه ملهايو. مون سان شير ميربحر انجام ڪري ويو، پر وقت تي اُتر جا ملهه وٺي نه آيو. پر پورا ٽي ڏينهن (25 کان 27- ڊسمبر 1960ع) ميلو ڌام ڌوم سان مچي ويو.

اُن ساڳئي سال ٻن وڏن سفرن ۾ مون سان گڏ رهيو: هڪ هنگلاج جو سفر ۽ ٻيو پٻوٽي جبل ۾ مائي سسئيءَ جي قبر ۽ اُن کان اڳتي شاهه بلاول نوراني جي درگاهه. ميرپور ساڪري جي وڏي سگهڙ ۽ سڄڻ حاجي محمد سوڍي ٻگهياڙ وڏي همت سان هنگلاج جي سفر جو انتظام ڪيو. شاهه بلاول نورانيءَ ڏانهن اُن وقت حالتون سازگار نه هيون، پر نون صاحب همت وارو دلير مڙس هو ۽ چيائين ته: ڊاڪٽر صاحب هلنداسون، سڀ خير ٿيندو. وياسون ۽ پٻوٽي جي لڪ جي پريان سنگهر جي سيم ۾ سسئيءَ جي مزار کي ڏسي، اڳتي لاهوت واري ماڳ جو معائنو ڪري، شاهه بلاول نورانيءَ جي درگاهه تي پهتاسون، جتان 10 وڳي رات جو واپس ورياسون. سال 1959ع اسان جي سنگت ۽ رفاقت جو پورو پرپور سال هو. اُن سال ٻيڙي ڪنيار کي مون ذهين ڏسي پنهنجو ٻالڪو ڪيو ۽ ڪيس بيت، ڳجهارت ۽ سينگار جي ڄاڻ حاصل ٿي. اڳ وٽس رڳو ’روايتي ڏور‘ واري رهاڻ هئي. محترم نون سان به سندس سڃاڻپ ٿي. 14- آگسٽ 1959ع تي نون صاحب حيدرآباد ۾ مون وٽ آيو. جهُڙ جو ڏينهن هو ۽ منهنجو ارادو هو ته گنجي ٽڪر جي تاريخي آثارن کي ڏسجي. ٻيڙي کي به سڏيم، گڏجي گنجي تي وياسون ۽ ڪاليءَ جي مندر کان ڦري اڇي ٽڪر جي اولهه واري پٽ ۾ قديم زماني جي ٽڪيل ٽاڪيل ڪوٺين کي ڏٺوسون. اتان اولهه طرف ڪنهن بزرگ جي قبي کي ڏٺوسون ۽ اڃا اولهه طرف ٽڪر جي مٿاهين ڏندي تي چڙهياسون، جيڪو ’لطيف آباد جي (ان وقت واري) نئين آبادي‘ مٿان اُپريل هو. نون چيو ته ”هي ماڳ وڻجي، جاءِ نهرائجي ۽ ڪچهريون ڪجن.“ مون چيو ته قاضي سڃيڏنو صاحب ڪليڪٽر آهي ۽ آءٌ ساڻس

ڳالهائيندس ۽ هن ماڳ جو نالو ’گنجو ڏونگر گام‘ رکنداسون. پوءِ مون رسالي مان ”گنجي ڏونگر“ وارا بيت پڙهيا ۽ ڪچهريءَ کي وڌائڻ لاءِ ٻيڙي کي چيم ته تون بيت جي هڪ سٽ جوڙ ته ٻي مٿان آءٌ ڳنڍيان. ائين گنجي ٽڪر بابت پنهنجي طرفان بيت ناهياسون. هينيون سٽون ياد آهن:

ٻيڙو: گنجي ڏونگر گُل، پيل پهرئين ڏينهن جا

نبي بخش: پُريان هن پاهڻ جو، مٽ نه آهي مُل

ٻيڙو: گنجي ۾ گُلڪار، سانوڻ ۾ سهڻي ٿئي.

نبي بخش: پيٽيءَ هن پُلڪار، ڪنهن کي ٿئي ڪانه ڪا

ٻيڙو: گنجي ۾ گوهيون، ڏنائون ڪارڻ ڏٽ جي

نبي بخش: چڪي تن چوهيون، وڪون وڏيون وتريون.

اهي بيت ٻڌي نون چيو ”اڄ ته فيض جي پالوٽ آهي!“

سال 1959ع شروع کان آخر تائين، وقفي وقفي سان گڏ ڪچهرين ۾ گذريو. 28- ڊسمبر 1959ع تي شهدادڪوٽ ۾ وڏي ڪچهري ٿي، جنهن ۾ اُن طرف جا گهڻا سڀ سگهڙ گڏ ڪياسون. صبوح جو روانگيءَ کان اڳ، شهر ۾ هٽ جون ٺهيل (ڪرڙيون، گهوڙن جون پچاڙيون، مينهين جا پيئنڊ ۽ جبل جي وڻ ڪهُو جون لنيون) ڏٺيونسون ۽ ڪي خريد ڪيونسون. شهدادڪوٽ کان قنبر ۽ اُتان ڪچهريءَ لاءِ وڳڻ ڏي ورياسون. دل پرچي آئي ۽ مون جيپ هلندي بيت چيا (ڏسو هيٺ).

هن پيارو سڄڻ، دل جي عارضي سببان 23- جنوري 1974ع تي پنهنجن پيارن کي الوداع چئي هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. ڌڻيءَ جون مٿس رحمتون هجن! سندس فرزند حال حيات آهن ۽ شهر نُهٽي ۾ خوشحال آهن. سندس محبت ۽ لوڪ ادب گڏ ڪرڻ ۾ سندس مدد جي ياد ۾ مون ڪتاب ”سنڌي سينگار شاعري“، جيڪو 1986ع ۾ ڇپيو، سو هينئين عبارت سان سندس نالي منسوب ڪيو.

”انتساب- پياري سڄڻ مرحوم محمد اسماعيل نون جي نالي، جيڪو راقم سان سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ کي وڙڻ ۽ سگهڙن کي ڳولڻ، ساٽن ڪچهرين ڪرڻ ۽ ڪانئن سينگار ۽ سگهڙپائيءَ جي ذخيري کي سهيڙڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ٻينو.“

مرحوم ٿر جي اسلام ڪوٽ واري علائقي ۾ پنهنجي راڄ پاڳ ۽ وڏي اثر رسوخ وارو هو. ڪيس سنڌ جي ريت رسم، رهاڻ ۽ ڪچهريءَ جو وڏو قدر هو ۽ انهيءَ جذبي ئي ڪيس منهنجي جنون ڏانهن متوجه ڪيو. شڪارپور جو ڊپوٽي ڪليڪٽر هو جو ساٽس ڏيٺ ٿي، پوءِ ٺٽي ضلعي جو ڊيپوٽي ڪمشنر ٿيو ۽ ٻين عهدن تي فائز رهيو. ويهن سالن کن جي نوڪري واري انهيءَ عرصي ۾ مرحوم مون کي اهو محسوس ٿيڻ نه ڏنو، ته ڪو هو آفيسر آهي، يا ڪو هو فارغ ناهي جو مون سان گڏ هلي: هڪ طرف سسئيءَ جي واٽ کي ووڙڻ لاءِ گڏاپ کان پٻوٽيءَ ۽ اُتان لاهوت ۽ شاهه بلاول تائين، ته ٻئي طرف هاڙهي ۽ هنگلاج تائين مون سان ٻيڙو

رهيو. بس چوڻ جي دير هئي ته فلاڻي پاسي فلاڻو سگهڙ سُجهي ٿو ۽ هلڻو آهي: مرحوم بنان دير جي سڀ انتظام ڪري ٻيا سڀ ڪم ڇڏي مون سان گڏجي هلي اُتي پهچندو هو. دادوءَ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو جو ڪيس چيم ته گاجي شاهه (تعلقو جوهي) جو ميلو آهي، جتي 'ڪاڇي' جا ڪي نه ڪي سياڻا سگهڙ ايندا، اُتي ڪا ڪچهري رکون. چيائين ته واهه جي صلاح آهي: بس انتظام ٿيا، طنبو لڳي ويا ۽ ميلي واري رات وڏي ڪچهري ٿي، جيڪا ڪاڇي ۾ پوءِ يادگار رهي. هڪ ڀيري محراٻپور جمالي/ تعلقو اوستہ محمد (بلوچستان) ۾ وڃي پهتاسون، جتي مير شاهنواز خان شاهلياڻي وڏي ڪچهريءَ جو انتظام ڪيو. اُتي مون چيو ته: هتان موٽندي سڌو واپس هلڻ بدران شهدادڪوٽ هلون، اُتان قنبر ۽ پوءِ اُتان وڳڻن ۾ هلون ۽ اهڙيءَ طرح ڪچهريون ڪندا هلي دادوءَ پهچون. مرحوم چيو ته سهڻي صلاح آهي ۽ واهه جون ڪچهريون ٿينديون! پوءِ اهو ئي پاسو ورتو سون. وڏيون پُڄائون ڪيونسون، سگهڙن سان ملياسون ۽ گهڻيون ڪي ڳالهيون هٿ ڪيونسون.

تاريخ 29- ڊسمبر 1959ع هئي ۽ دادو پهچڻ وارا هئاسون، جو اسان جي اُنهن ارادن ۽ رٿائن سعين سنبتن، ڪشالن، ڪوشش ۽ ڪامياب ڪچهرين کان متاثر ٿي، مون جيپ هلندي هينيان بيت وندر ورونهه خاطر چيا. سندس محبت ۽ سنگت جا يادگار اهي بيت هيٺ ڏجن ٿا:

سامي سفر هليا، توڪل توهه ڪٽي،
وندر ۽ ورونهه جي، تن ڪا ڳالهه ڳٽي،
ڪِهَه ڪتوريان اڳري، تن پَٽن جي پٽي،
پِني پنج ڪٽي، گنج وڏائون گودڙيين.[1]

--

"نُونن" ڏٺيو نينهن ڪي، ميم رکي منجهه من[2]
مصلحت ڪا موٽڻ جي، ڪانہ ڪيائون ڪن،
تَسيا ڏيئي تن، من مُرادون ماڻيون.

--

گُني پرين گڏ ٿيا، اُلفت اوريائون،
سک صحبت ساءَ سندا، سڳا سوريائون،
وزن جي وقوف جا، تَسُو توريائون[3]،
چوندي چوريائون، گوهر گفتا گُن جا."

[ٽه ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سيارو 2005ع]

❑

[1] "پِني پنج ڪٽي"، يعني ڪو بيت ڪٿان ته ڪا ڳجهارت ڪٿان هٿ ڪري.

[2] "نُونن" يعني ٻن نون جي اکر وارن، 'نبي بخش' ۽ 'نون'.

[3] وزن، ماڻ، ماپ، تسو، ذرا يعني، ڪچهرين ۾ ڳالهين جي وزن کي ذرو ذرو ڪري توريائون (پرکيائون).

# 60 مولوي عبدالله لغاري*

عبدالله، بن نهال خان، بن محمّد خان، بن رستم خان، بن فتح محمّد خان (پاڙو ڪالوواڻي احمداڻي) لغاري، سن 1288 هجريءَ ڌاري، ڳوٺ داد لغاري تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ ڄائو، مولوي محمّد يعقوب صاحب لغاريءَ[1] سندس نالو 'عبدالله' رکيو. پهريائين ڳوٺ داد لغاريءَ ۾ پنهنجي پُڦات مولوي محمّد امين لغاريءَ وٽ پڙهڻ وينو ۽ اتي 'صرف' تائين پڙهيو؛ ان بعد مولوي عبدالقادر صاحب وٽ ڳوٺ "پنهواري" (لڳ اسٽيشن 'سانگي') ۾ پڙهيو، جتي صرف ختم ڪيائين ۽ ڪجهه 'نحو' به پڙهيائين؛ ان بعد نوشهري فيروز ۾ قاضي محمّد عالم، قاضي عبدالرؤف، قاضي عبدالحفيظ ۽ مولوي فيض الڪريم وٽ پڙهيو؛ ان بعد نارو شاهه لڳ "ساندن" جي ڳوٺ ۾ حڪيم شمس الدين صاحب جي چاچي مولوي عبدالڪريم بن مولوي محمد عثمان[2] وٽ پڙهيو؛ اتان وري ڏيري لڳ مخدوم حبيب الله جي پٽ مخدوم غلام محمّد وٽ پڙهيو؛ اتان ويجهو "ٽگرن" جي ڳوٺ ۾ مولوي عبدالقدوس صاحب رهندو هو، جو هڪ صوفي درويش ۽ وڏو خطاط هو، ان وٽ "شرح تهذيب" ۽ ٻيا منطق جا ننڍا ڪتاب پڙهيائين. ان بعد، ڪراچيءَ ۾ مولوي محمد صادق جي والد مولوي عبدالله وٽ ڪي ٿورا سبق پڙهيو. اتان ٺٽي ۾ آيو، اتي جو مشهور مدرس ۽

---

* هن مضمون جو مدار اسان جي پنهنجي يادداشت تي آهي، جا مولوي عبدالله صاحب سان مختلف ملاقاتن جي دوران ۾ قلمبند ڪئي ويئي — نبي بخش

[1] مولوي محمد يعقوب صاحب سن 1289ھ ۾ وفات ڪئي. مولانا عبدالله صاحب چيو ته 'منهنجي ڄمڻ کان ٿورو پوءِ، مولوي محّمد يعقوب صاحب وفات ڪئي'. چيائين ته 'مولوي محّمد يعقوب صاحب وڏو عالم، فاضل، شاعر ۽ هڪ بيدار مغز قومي ڪارڪن هو. فارسي توڙي سنڌيءَ جو شاعر هو. تخلص "سامي" ڪندو هو. سندس هڪ مصرع آهي: "سامي از ذات است صفاتش بصفات". مولوي بهائي صاحب هر لحاظ سان شاعريءَ ۾ مولوي محمد يعقوب جو رهين منت هو ۽ سندس گهڻا اشعار تضمين طور پنهنجي ديوان ۾ آندا اٿس. مولوي محّمد يعقوب، پرچونڊي وارن بزرگن جو خليفو هو. خدمت خلق، غريبن جي مدد ۽ مظلومن سان همدردي سندس زندگيءَ جا خاص مقصد هئا. پنهنجي ڳوٺ جي آسپاس ڏهن ٻارهن ڪوهن ۾ گشت ڪندو هو ۽ تڪليف وارن جون تڪليفون دور ڪندو هو. هارين کي قرض کان بچائيندو هو — ڪنهن کي ڏڳا وٺي ڏيندو هو، ته ڪنهن جي لاءِ ٻج جو انتظام ڪندو هو. نه فقط مسلمانن جي، پر هر مظلوم جي مدد ڪندو هو — رامو ڊيڊ کي واڻين کان اَن وٺي ڏنائين. هارين کي چوندو هو ته: گڏجي ڪم ڪريو ۽ پنهنجا جوڙا گڏجي وَهايو. مولانا عبدالله چوندو هو ته 'مولوي محمد يعقوب جي تحريڪ جو قدر اسان کي تڏهين پيو، جڏهين اسين روس ۾ وياسون'".

[2] مولوي محمّد عثمان صاحب حديث جو حافظ ۽ ڄاڻو هو. هو علامه شوڪاني (مصنف "نيل الاوطار") جو شاگرد هو — (مولانا عبدالله).

عالم مولوي محمد علي فوت ٿي ويو هو، پر سندس شاگرد موجود هئا، جن سان ٽي چار مهينا ڪن صحبت ڪيائين. نٿي مان موٽي ڳوٺ آيو، پر مولوي محمد امين صاحب مٿس ڪاوڙيو ۽ چيائين ته: ”تو اجايو وقت وڃايو آهي، پر پڙهئين ڪونه: هاڻي ملتان ۽ پنجاب طرف وڃي علم جي تڪميل ڪر“.

مولانا عبدالله صاحب چيو ته:

”پوءِ آءٌ سنڌ مان روانو ٿيس، هڪ سال ڪن مولوي سلطان محمود محدث (غير مقلد) ملتانيءَ وٽ پڙهيس. ان بعد، رياست بهاولپور ۾ ’صاحب السير‘ جي خانقاه تي سال ڪن مولوي عبدالرشيد وٽ پڙهيس. ان بعد، ڪي ڏيهاڙا مولوي محمد عاقل صاحب وٽ ’جلال پور پير واري‘ (تعلقو شجاع آباد، ضلعو ملتان) وٽ پڙهيس. اتي اسان حافظ فتح محمد صاحب کي ڏٺو، جو هڪ وڏو بزرگ هو ۽ پرچونڊي وارن بزرگن جو خليفو هو. اتان پوءِ جلال پور لڳ ٻن ميلن تي ’ديهه عمرپور‘ ۾ مولوي الاهي بخش لانگاهه منطقي عمرپوريءَ وٽ حديث، فقه ۽ منطق جي آخري ڪتاب ’ملاحسن‘ (تصورات) ۽ ’حمدالله‘ (تصديقات) پڙهيس[1].

”اڳ جدا جدا ڪتاب، جدا جدا استادن وٽ پڙهندا هئاسون: معلوم هوندو هو ته فلاڻو استاد فلاڻو ڪتاب سنو ٿو پڙهائي ۽ ان لحاظ سان، پنهنجي ذوق ۽ ضرورت موجب، شاگرد وڃي اهو خاص ڪتاب انهيءَ استاد وٽ پڙهندا هئا“.

ان بعد مولانا عبدالله جي پڙهائي ختم ٿي ۽ واپس وطن آيو. سن 1316 هجريءَ ۾ شادي ڪيائين. ان کان پوءِ امروٽ ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان سندس ملاقات ٿي. انهيءَ ملاقات سندس زندگيءَ ۾ هڪ نئون ورق ورايو ۽ ڪيس انقلابي سياست ۾ مولانا عبيدالله جو رفيق بنايو. مولوي عبدالله چيو ته:

”مولانا عبيدالله جي انقلابي خيالن مون تي ايترو اثر ڪيو، انهيءَ لاءِ هڪ خاص سبب هو: اسان جو وڏو ڏاڏو ميان احمد خان لغاري، مير شير محمد ٽالپر جي ساٿين ۽ سپهه سالارن مان هو. آخري طور جڏهين ڪونهيري واري لڙائيءَ ۾ مير شير محمد کي شڪست آئي، تڏهين مجبوراً هنن کي هيءُ پاسو ڇڏڻو پيو. جيڪو سندن لشڪر بچيو، اهو، ٻه ٽوبون ۽ ٻيو اثالو ساڻ ڪري، سانگهڙ وٽان اچي ناري جي اُتل واري پاٽيءَ ۾ گهڙيا ۽ پاٽيءَ واري خفيه واٽ ذريعي هو نڪري ويا ۽ انگريزن جو لشڪر اچي ٻيهي رهيو. پوءِ، هي سڄو اثالو اپرندي طرف ناري جي پريان نڪري ويو ۽ ”راوَلي بند“ وٽي وڃي ميرپور

[1] اهي ٻئي ڪتاب، منطق جي مشهور ڪتاب ”سُلَم“ جون شرحون آهن. مولانا عبدالله جي راءِ ۾- ”’تڪميل الاذهان‘، ’سُلَم‘ کان زياده بلند آهي ۽ ان کي مدرسن جي نصاب ۾ داخل ڪيو وڃي ته زياده مفيد ٿيندو“، ”تڪميل الاذهان“ آڳاٽو ليٿو ۾ ڇپي هئي، پر هاڻي ناياب آهي. ان جو هڪ قلمي نقل سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

ماتيلي ۾ لغارين ۽ ٻين بلوچن جي جمعيت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. انهيءَ شڪست ۽ سفر ۾ ڏاڏو محمد خان، پنهنجي ٻارن ٻچن سميت، مير شير محمد خان جي ڪئمپ سان گڏ هو. اسان جي ڏاڏيءَ اها سڄي ڳالهہ اسان کي ٻڌائيندي هئي ۽ چوندي هئي تہ ميان محمد خان هميشه چوندو هو تہ 'وري سنڌ فتح ڪنداسون'. انهن ڳالهين ٻڌڻ سبب، انگريزن کي ملڪ مان ڪڍڻ ۽ آزادي حاصل ڪرڻ جا خيال دماغ ۾ جائگير ٿي چڪا هئا. مولانا عبيدالله جي انقلابي خيالن ۾ اسان کي پنهنجي خواب جو تعبير نظر آيو ۽ مولانا موصوف جي رهنمائيءَ هيٺ انقلابي سياست کي مون پنهنجو نصب العين بنايو. ان کان پوءِ منهنجي زندگيءَ جو احوال، مولانا عبيدالله صاحب جي زندگيءَ جي احوال سان وابستہ آهي".

مولانا عبيدالله جي پوليٽيڪل نظرين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪ اداري جي ضرورت هئي؛ انهيءَ ڪري امروٽ شريف ۾ هڪ مدرسو کوليو ويو، پريس قائم ڪئي ويئي ۽ "اخوان المسلمين" نالي هڪ رسالو ڪڍيو ويو. لٽريچر جي اشاعت جي سلسلي ۾، "طحاوي جا عقائد" ۽ ٻيا رسالا ڇاپيا ويا. انهيءَ اداري جو باني مولانا عبيدالله صاحب هو ۽ مئنيجر مولوي عبدالله صاحب هو. اداري تي ڪافي قرض ٿي ويو. مولانا عبيدالله مالي امداد جي تلاش ۾ هليو ويو ۽ مولوي عبدالله کي قرض وارن اچي وڪوڙيو. امروٽ وارو بزرگ بہ ناراض ٿي پيو، جو قرضدارن چيو تہ اوهان جي ڪري ئي اسان هن اداري کي قرض ڏنو. نهايت نازڪ حالت هئي، جو رُڪ اسٽيشن تي، جيڪب آباد جي ڪنهن صاحبِ خير، مولانا عبيدالله کي پاڻمرادو سڏي، ڪافي رقم ڏني، جا هو صاحب کڻي اچي امروٽ ۾ پهتو. رقم ايتري هئي جو سيني قرضدارن جو قرض لاٿو ويو. تقريباً ٽي سال، سن 1316هه کان 1319هه تائين، هنن ٻن رفيقن اهو ادارو هلايو؛ پر امروٽ جهڙي ٻهراڙيءَ واري ڳوٺ ۾ رهي، هن اداري ذريعي رٿيل سياسي پروگرام کي ڪامياب بنائڻ مشڪل نظر ٿي آيو. مولوي عبدالله چيو تہ:

"مون آخرڪار مولانا عبيدالله صاحب کي چيو تہ 'جي پريس ۽ اشاعت ذريعي پروگرام هلائڻو اٿوَ، تہ هلو تہ ڪم از ڪم حيدرآباد جهڙي شهر کي هلي مرڪز بنايون ۽ جيڪڏهن هروپرو پيرن ۾ ويهي ڪم ڪرڻ ٿا چاهيو، تہ پوءِ هلو تہ پير صاحب پاڳاري وٽ هلون.' "انهن ڳالهين ۽ خيالن ۾ رهياسون جو هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو اچي پهتو، جنهن مولانا عبيدالله صاحب کي چيو تہ 'مدرسي قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ اوهان کي پير صاحب جهنڊي واري گهرايو آهي'. امروٽ وارن بزرگن کان مولانا کي وڃڻ جي اجازت ملي چڪي هئي، انهيءَ ڪري اسان هاڻي امروٽ کي في الحال ڇڏيو. آءٌ هليو ويس دينپور ۽ مولوي صاحب بہ وڃي ٽلاهہ (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ پير جهنڊي وارن سان ملي آيو.

پير صاحب جن تي سؤ روپيا ماهوار نفقي طور منظور ڪيا. مولوي صاحب اها ڳالهه قبول ڪري دينپور آيو. جڏهين دينپور وارن بزرگن ٻڌو، تڏهين چيائون ته ’اها رقم نفقي طور اسين ئي ڏيون ها- ڪهڙو نه بهتر ٿئي ها جو اوهان هت رهو ها!‘ بهرحال، وعدي موجب، اسان هاڻي پير صاحب جهنڊي واري جي ڳوٺ ڪي مرڪز بنائڻ جو ارادو ڪيو.“

مولوي عبدالله، اڳواٽ ابتدائي انتظام، خاطر، ’پيرجهنڊي‘ پهتو: ان بعد مولانا عبيدالله به آيو. مدرسي جو نالو ”دارالرشاد“ تجويز ٿيو. مولوي عبدالله جي راءِ موجب، مولوي محمد صاحب لغاريءَ کي جام پور (ضلعو ديرو غازي خان) مان ۽ مولوي محمد امير کي ’جهنگ‘ مان گهرايو ويو. مولانا عبيدالله صاحب مدرسي جو ناظم ۽ مهتمم هو، مولوي عبدالله صاحب نائب مهتمم هو ۽ تعليم جي نگهباني توڙي طالبن جي سنڀال سندس حوالي هئي. تقريباً 1319 هه تائين مدرسو ’دارالرشاد‘ هلايائون ۽ تعليم جو هڪ وڏو مقصد ”طالبن جي ذهني بيداري“ ڪري ورتائون.

انهيءَ وچ ۾ سنڌن خط وڪتابت جو سلسلو ديوبند سان به رهيو. مولانا محمود الحسن صاحب نيٺ خط لکي مولانا عبيدالله کي ديوبند گهرايو. مولوي عبدالله صاحب چيو:

”مولانا محمود الحسن صاحب، ’جمعيت الانصار‘ جي دستاربنديءَ واري جشن کان تقريباً ڏيڍ يا ٻه سال ڪن اڳ، مولانا عبيدالله صاحب کي ۽ مولوي محمد صادق صاحب کڏي (ڪراچي) واري کي گهرايو. آءٌ به مولانا عبيدالله سان گڏجي ويس. انهيءَ ملاقات کان پوءِ اسان جي انقلابي سياسي زندگيءَ جو آغاز ٿيو.

”انهيءَ ملاقات واري موقعي تي، مولانا عبيدالله ۽ مولانا محمد صادق ٻئي مولانا محمود الحسن صاحب جي آڏو وينا هئا ۽ آءٌ پويان وينو هوس. مولانا محمود الحسن صاحب چيو ته ’هيءُ ديوبند جو مدرسو سن 1866ع ۾ قائم ٿيو. آءٌ پهريون شاگرد هوس. مولانا محمد قاسم صاحب نانوتوي ان موقعي تي جيڪا تقرير ڪئي، سا مون کي ياد آهي‘. چيائون ته ’هيءُ مدرسو انهيءَ لاءِ کوليو ويو آهي ته 1857ع واريءَ شڪست جي تلافي ڪجي: مگر هن وقت هيءُ مدرسو انهيءَ اصل مقصد کان ڪري پيو آهي. محض پڙهائڻ لاءِ ته هاڻي هن قسم جا ٻيا مدرسا به قائم ٿي چڪا آهن. چا ڪرڻ گهرجي، جو مدرسو پنهنجو اصل مقصد پورو ڪري؟ آءٌ هڪ رات خواب ۾ به انهيءَ خيال ۾ غرق هوس، جو ڏٺم ته سنڌ مان هڪ شخص آيو آهي، جنهن جي ڏاڙهي چاپئين ۽ وضع قطع ۾ پوري آهي ۽ انهيءَ شخص اچي هن اصل مقصد طرف رهنمائي ڪئي آهي. ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ تي غور ڪيم، ته خيال ۾ آيو ته سنڌ ۾ مولوي عبيدالله ۽ مولوي محمد صادق انهيءَ وضع قطع وارا به شخص آهن ۽ انهيءَ ڪري اوهان کي مشوري لاءِ

سڏيو اٿم!. اهو ٻڌي، مولوي عبيدالله چيو ته: 'منهنجي راءِ آهي ته هن مدرسي جي جملي فارغ شده طالبن کي، جي هندوستان خواه هندوستان کان ٻاهر آهن، تن کي، دستاربنديءَ جي جلسي لاءِ گهرايو وڃي. انهيءَ اجتماع ذريعي، هن مدرسي جي مرڪزي حيثيت ۽ اهميت به واضح ٿيندي ۽ مدرسي جي اصل مقصد واريءَ تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پڻ تجويز سوچي سگهبي'. انهيءَ تي مولانا محمود الحسن صاحب مولوي صاحب کي چيو ته 'اوهين هاڻي هتي رهو ۽ انهيءَ جلسي جي تدبير ڪريو؛ باقي مولوي عبدالله ڀل واپس وڃي مدرسو (دارالرشاد، جهنڊو) هلائي".

انهيءَ فيصلي بعد، مولوي عبدالله صاحب ديوبند مان واپس ڳوٺ پير جهنڊي آيو، جتي مدرسي 'دارالرشاد' جو مهتمم توڙي ناظم ٿي رهيو. دستاربنديءَ واري جلسي جي موقعي تي ديوبند ويو ۽ مولانا عبيدالله صاحب ۽ ٻين سان ملي وري موٽي آيو ۽ مدرسي 'دارالرشاد' جي ڪم ۾ رڌل رهيو- تان جو 1914ع ڌاري مولانا عبيدالله کي ڪنهن سياسي مشن سان ڪابل ڏانهن وڃڻو ٿيو؛ انهيءَ خيال سان هو مدرسي 'دارالرشاد' ۾ پهتو ۽ مولوي عبدالله کي آگاهه ڪيائين ته ڪيس پڻ رفيق ٿي ڪابل هلڻو پوندو.

مولوي عبدالله صاحب چيو:

"هڪ سال ڪن اسان کي ضروري تياريءَ ۽ تدبير سوچڻ تي لڳو ته انگريزي حڪومت جي سخت چوڪسيءَ هوندي به ڪيئن ڪابل پهچون. آڏو رمضان شريف آيو، جنهن ۾ آءٌ ڳوٺ پير جهنڊي مان پنهنجا ٻار ٻچا وٺي، ڳوٺ (ڪوٽ نواب، تعلقو سانگهڙ) ڇڏي، تيار ٿي آيس. غالباً آگسٽ (سن 1915ع) جي بالڪل شروعات هئي، جو مولانا عبيدالله خانپور طرف روانو ٿيو ۽ مون کي چيائين ته پاڻ اتي بزرگن (عارف غلام محمد صاحب دينپوري) کان اُٺ هٿ ڪري مون کي تار ڪندو. جڏهين تار پهتي، ته آءٌ به وڃي اتي پهتس. مولانا عبيدالله چيو ته 'اُٺ گهراياسون سي آيا، پر بزرگن ڪين ڏنا؛ باقي ڪٽڪ جو هيءُ سڻون ڏنائون: پئسو به ڪونهي، هاڻي ڪهڙي تدبير ڪجي؟'. اتي مون وڃي بزرگن جي نانيءَ مولانا عبدالقادر کان ٿي گنيون ورتيون- جن مان به مولانا صاحب کي ڏنم ۽ هڪ پاڻ وٽ رکيم. ان بعد، اها صلاح بيني ته مولانا صاحب سنڌ جي سرحد کان سبيءَ تائين خشڪيءَ ذريعي پهچي، چاڪاڻ ته ريل ۾ سندس پڪڙجڻ جو امڪان آهي؛ باقي آءٌ اڳواٽ انتظار خاطر ريل ذريعي روانو ٿيس. مولوي احمد علي صاحب لاهوريءَ جو ياءُ محمد علي (جو ان وقت ننڍو هو) به مون سان گڏ هليو ۽ اسين اچي سبيءَ پهتاسين. مولانا عبيدالله صاحب، امروٽ شريف مان ٿيندو، جيڪب آباد کان پيدل روانو ٿي 'جهٽ پٽ' اسٽيشن تان اچي گاڏيءَ ۾ چڙهيو ۽ سڌو وڃي ڪوئيٽا پهتو. اتان جڏهين سندس پيغام اسان کي پهتو، تڏهين اسين به وڃي ڪوئيٽا پهتاسون. اجان اهو

مهينو آگسٽ سن 1915ع هو. اسان وٽ سفر جو خرچ خيرڪو هو. سڀيءَ ۾ مون چندو ڪيو، جنهن مان اَسي روپيا ٿيا، جي ساڻ ڪري ڪوئيٽا پهتو هوس. ڪوئيٽا کان اڳتي پيدل وڃڻو هو. اختر نالي هڪ پناڻ نوجوان کي هڪ گني ڏنيسون ۽ هن اسان کي، عام رستن جي بدران مخفي رستن ذريعي سرحد تي پهچائڻ جو وعدو ڪيو. جنهن ڏينهن اسين روانا ٿيڻا هئاسين، انهيءَ ڏينهن شيخ عبدالرحيم صاحب حيدرآبادي به اچي پهتو، جو پنهنجي ٻارڙن جا ڳهه ڳنا وڪڻي ست سؤ رپيا ڪٺي آيو هو، جي اسان کي ڏيئي پاڻ فوراً واپس هليو ويو. اسين پوءِ خشڪي رستن سان شوراوڪ، ڳدني (چمن، افغانستان) ۽ قنڌار مان ٿيندا، بالاخر اچي ڪابل پهتاسين“.

ڪابل ۾ قيام واري عرصي ۾ مولوي عبدالله، مولانا عبيدالله صاحب جو مُعتمد صلاحڪار ٿي رهيو. امراء ۽ رؤساء سان ملاقاتين ۾ هميشه مولانا عبيدالله سان گڏ رهيو: صرف امير حبيب الله کي مولانا عبيدالله صاحب اڪيلو مليو، باقي ولي عهد عنايت الله خان، نادر خان، امان الله خان، محمود خان ترزي وغيره امراء سان ملاقاتين وقت، مولوي عبدالله، بحيثيت مُعتمد صلاحڪار جي، مولانا عبيدالله صاحب سان گڏوگڏ رهيو.

تقريباً ٻن سالن کان پوءِ، مولانا عبيدالله صاحب، مولوي عبدالله صاحب کي واپس هندوستان ڏانهن هڪ خاص ڪم لاءِ موڪليو: اهو ڪم هيءُ هو ته اول مولوي عبدالله صاحب، راجا موهندر پرتاب جا خط ۽ مولانا عبيدالله صاحب طرفان لکيل خط (مولانا محمد علي، ڊاڪٽر انصاري، حڪيم اجمل خان ۽ ٻين ڏي) سلامتيءَ سان پهچائي ۽ ٻيو ته بزرگ دينپوري، بزرگ امروٽي ۽ پيرجهنڊي وارن کان هڪ عبارت (جا ڪيس قلمبند ڪرائي ويئي هئي) سندن دستخط لڪارائي، انگريزن خلاف جهاد جي اجازت وٺي، واپس ڪابل موڪلي. انهيءَ مقصد جي تڪميل لاءِ، مولوي عبدالله صاحب ڪابل مان روانو ٿيو. شيخ عبدالرحمان نالي هڪ نؤ مسلم به پريان ساڻس گڏجي وطن ڏانهن واپس اچڻ لاءِ رفيق ٿيو. مولوي صاحب مارچ اپريل 1916ع ۾ هندوستان پهتو ۽ جملي خط پهچائي، مولانا عبيدالله کي خط ذريعي اطلاع ڏنائين. ان بعد لکيل عبارت تي دستخط وٺي، اهي جهاد جون اجازتون، ڏنل حڪم موجب، سردار عبدالرزاق ميزان العلماء* ڪابل ڏانهن سڌو روانيون ڪيائين.

مولوي عبدالله صاحب چيو:

”اسان کي پوءِ خبر پيئي ته جهاد جون اهي بيعتون ۽ اجازتون امير حبيب الله جي ڪم جون هيون. مولانا عبيدالله صاحب کي به خبر ڪانه هئي، ورنه مون کي هندوستان ڏانهن ڪونه موڪلي ها. حقيقت هن طرح هئي ته امير

* سردار عبدالرزاق، مولانا رشيد احمد گنگوهيءَ جو شاگرد هو.

حبيب الله اهي جهاد جون بيعتون گڏ ڪري هندوستان جي وائسراءِ ڏانهن موڪليندو هو ۽ ڪيس هر هڪ بيعت لاءِ چار پنج گنيون ملنديون هيون. انگريزن کي خدشو هو تہ متان لڙائيءَ جي دوران ۾ مسلمانن طرفان ڪا بغاوت ٿئي: هنن ڄاڻي ٻجهي امير حبيب الله کي ان بغاوت جو سرڪردو بنايو؛ جهاد جون سڀ بيعتون امير حبيب الله سان ٿي ٿيون: جنهن جي معنيٰ تہ امير حبيب الله جهاد جو امير هو ۽ سندس طرفان ئي جهاد جو اشارو ۽ اعلان ٿيڻو هو. مگر، امير حبيب الله سان انگريزن جو معاهدو هو ۽ هو ساڻن وفادار هو. اهي بيعتون صوبي سرحد ۽ ٻين هنڌان ورتيون ٿي ويون“.

هندوستان ۾ پهچڻ تي، انگريزن کي ڪڙڪ پئجي ويئي تہ عبدالله پهچي ويو آهي ۽ ڪابل مان ڪي شيون آنديون اٿس- پر مولوي عبدالله پنهنجو ڪم پورو ڪري ورتو. ان بعد، انگريزن جي چؤڪسي محسوس ڪري، هو في الحال وري دينپور جي بزرگن جي ٻارن پڙهائڻ لاءِ معلم ٿي ويهي رهيو. ان بعد، مئي جو مهينو (1917-؟) هو، جو شيخ عبدالحق ڪابل مان مولانا عبيدالله صاحب ڪان خط وٺي اچي دينپور پهتو ۽ بزرگن سان ذڪر ڪيائين، اهي خط مخفي طرح ريشمي رومالن تي لکيل هئا. شيخ عبدالحق کي اهي خط حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم کي پهچائڻا هئا، جنهن کي وري اهي خط مولانا محمودالحسن صاحب کي حجاز ۾ پهچائڻا هئا. شيخ عبدالحق اصل ۾ ملتان ۾ مسلمان ٿيو هو، سو ڪابل مان ايندي غالبا اڳ ۾ ملتان لٿو ۽ اتي ربنواز (؟) نالي هڪ پناڻ سان ان راز جو ذڪر ڪيائين. ربنواز اها خبر ٻڌي فوراً انگريزي حڪومت تائين پهچائي ۽ سڀني واسطيدارن کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ منصوبو سٽيو ويو.

مولوي عبدالله صاحب چيو:

”شيخ عبدالحق دينپور ۾ آيو ۽ بزرگن آڏو اچي ريشمي رومال وارا خط پيش ڪيائين. ان سان گڏ ٻيا خط بزرگ دينپوري، امروٽي ۽ پير جهنڊي وارن ڏانهن پڻ هئا، جي اسان ڪانئس وٺي رکيا. مون کي سندس ڳالهين مان ڪجهہ شڪ جاڳيو، انهيءَ ڪري جڏهن هن اجازت گهري تہ هو اهي مخفي خط ڪٽي وڃي حيدرآباد ۾ شيخ عبدالرحيم کي پهچائي، تہ مون بزرگن کي جهليو تہ ’هن کي خط نہ ڏيو، آءُ پاڻ پنهنجي سر وڃي پهچائيندس‘: مگر جئن تہ هو سڌو بزرگن وٽ آيو هو، انهيءَ ڪري فيصلو سندن هٿ ۾ هو- پاڻ چيائون تہ ’نہ، ڀلي خط هيءُ پاڻ وڃي پهچائي‘. شيخ عبدالحق اسان کي ٻڌايو تہ خط پهچائڻ بعد هو ڪابل روانو ٿي ويندو، انهيءَ ڪري مون ڪان خط ورتائين تہ مون هٿ اچي چا چا ڪيو. مون اهڙو خط ڪيس ڏنو، جنهن ۾ بيعتن جو ذڪر هو، جڏهن عبدالحق روانو ٿيو تہ احتياط طور اسان، بزرگن جو پٽ ۽ سندن ناٺي مولوي عبدالقادر ساڻس گڏ روانا ڪيا تہ ڪيس وڃي سڌو حيدرآباد جي ٽڪيٽ وٺي ڏين. هنن ائين ڪيو، پر ڀانئجي ٿو تہ هو

اڳتي ڪنهن اسٽيشن تي لهي فوراً ملتان پهتو ۽ جملي خط وجي ربنواز کي ڏنائين ۽ ساڻس سڄو احوال ڪيائين. انهيءَ وچ ۾ ربنواز سڄو انتظام رکيو هو: خط سيئي سرڪار جي حوالي ٿيا ۽ وجي وائسراءِ تائين پهتا؛ ربنواز کي خانبهادريءَ جي خطاب ۽ 12 مربع زمين جي انعام لاءِ حڪم صادر ٿيا ۽ اسان سڀني جي گرفتاريءَ جا آرڊر نڪتا. پوليس اچي بهاولپور ۾ لٿي، اتان راتو رات دينپور پهچڻي هئي، پر اتي جي ڊي. ايس. پيءَ ڪين ترسايو ۽ صبح جو وڃڻ جي صلاح ڏني. راتو رات بزرگن کي پيغام موڪليائين ته: 'پوليس اوهان وٽ ايندي ۽ ڪي گرفتاريون ٿيڻ واريون آهن". بزرگن منهنجي نالي سمجهيو ته شايد آءٌ (عبدالله) گرفتار ٿيندس، سو رات جو مون کي اچي ننڊ مان اٿاريائون ۽ چيائون ته 'تون هليو وڃ!' مون سندن حڪم مڃيو، پر سندن ناني مولوي عبدالقادر کي چيم ته 'آءٌ فلاڻي هنڌ جهنگ ۾ وڃي ٿو ويهان، جي ضرورت پوي ته مون کي سڏجو'. اسان جي خيال ۾ هو ته هي گرفتاريون بيعتن وٺڻ سببان آهن- اسان کي ريشمي رومال وارن خطن ڏانهن گمان ڪونه ٿي ويو! بهرحال، پوليس اچي پهتي ۽ بالاخر منهنجي ٻانهن هٿ ڪرڻ لاءِ زور رکيائون. مولوي عبدالقادر اچي مون کي ڳولي لڌو ۽ چيائين ته 'تون هل، نه ته بزرگ کي ٿا گرفتار ڪن!' آءٌ ساڻس گڏجي آيس. اول منهنجي ڪمري جو جهاڙو ورتائون: ميز جا ٻه خانا جانچيائون، پر ٽيون، جنهن ۾ بزرگ امروٽي ۽ پير جهنڊي وارن ڏانهن آيل خط رکيل هئا، سو ڪونه کوليائون. اتي پوليس سپرنٽينڊنٽ منهنجي بدن جي تلاشي ورتي ۽ اوچتو منهنجو پٽڪو لاٿائين. جئن ئي منهنجو پٽڪو لاٿائين، ته مون ٻه هٿ سان سندس پڳڙيءَ کي ڏڪ هنيو، جا اڏامي وڃي پري پيئي! اتي گوڙ ٿي ويو ۽ انهيءَ ڪري اهو ٽيون خانو، جنهن ۾ خط پيل هئا، اهو بنا تلاشيءَ جي رهجي ويو".

پوليس اتان بزرگن کي، مولوي عبدالله کي ۽ ٻين سڀني واسطيدارن کي گرفتار ڪري لاهور وٺي ويئي. جيل ۾ سڀني کي جدا جدا رهايائون. مولوي عبدالله پنهنجي بيان ۾ چيو ته: "شيخ عبدالحق جيڪڏهين کي مخفي خط آندا، ته اهي وٽس ئي رهيا؛ باقي جيڪي خط بزرگ امروٽي ۽ پير جهنڊي وارن ڏي لکيل هئا، سي مون کي ڏنائين، جي مون وٽ ئي رهيا ۽ مون ڪنهن کي به ڪين پهچايا". سندن انهيءَ بيان تي بزرگ امروٽي ۽ جهنڊي وارا آزاد ٿيا. مولوي عبدالله کي هڪ مهينو لاهور جيل ۾ رهائڻ بعد، پناڻ ڪوٽ جيل ڏانهن موڪليائون. انهيءَ سال ڊسمبر ۾، يا ٻئي سال جي شروع ۾، ڪيس وٺي اچي دينپور جي جيل ۾ نظربند ڪيائون. ڪجهه عرصي بعد ڪيس ڪراچي جيل ۾ اماڻيائون، جتان اٽڪل هڪ سال بعد وري ڪيس موٽائي آڻي دينپور جيل ۾ رکيائون. اتي نوَ مهينا يا سال کن رهيو، جو پهرين عالمگير لڙائي ختم ٿي ۽ ڪيس جيل مان آزاد ڪيائون. جيل مان نڪرڻ بعد، مولوي عبدالله اول دينپور ۾ بزرگن وٽ ويو ۽ اتان پنهنجي ڳوٺ ڪوٽ نواب ضلعي سانگهڙ ۾ آيو. اتي

پوءِ يڪدم ئي ڪيس وري پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ ۾ نظربند ڪيائون.

مولوي عبدالله چيو ته:

”نظربنديءَ جي آرڊر ٻڌائڻ وقت مون کي ڊي. ايس. پيءَ. چيو ته ’تو کي نظربند ڪيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته تنهنجو استاد مولوي (عبيدالله صاحب) سرڪار سان وڙهي پيو آهي‘. حقيقت هيءَ هئي جو ان وقت امان الله، انگريزن سان جنگ شروع ڪئي هئي. انگريزن جي خيال موجب انهيءَ منصوبي جو سٽينڊڙ مولانا عبيدالله هو، جو ان وقت ڪابل ۾ وڏي حوصلي سان ڪم ڪري رهيو هو“.

ڪجهه عرصي بعد، مولوي عبدالله صاحب کي گهر ۽ ڳوٺ جي نظربنديءَ کان آزاد ڪيو ويو. ان بعد ڪيس معلوم ٿيو ته مولانا عبيدالله صاحب حجاز ۾ اچڻو آهي، انهيءَ ڪري حج تي روانو ٿيو. هڪ سال اتي انتظار ۾ رهي پيو، پر مولانا عبيدالله ڪونه پهتو: انهيءَ ڪري مولوي عبدالله صاحب واپس موٽي آيو. هت پهچڻ بعد، ٻئي حج جي موقعي تي، ڪيس معلوم ٿيو ته مولانا عبيدالله صاحب مڪي شريف ۾ پهچي ويو آهي: انهيءَ تي هو وري هتان روانو ٿيو ۽ وڃي مولانا عبيدالله صاحب کي مليو. بس، پوءِ مولوي صاحب اتي ئي رهي پيو. مولانا عبيدالله صاحب سان حجاز ۾ قيام واري عرصي ۾، مولوي عبدالله صاحب وڏي علمي خدمت سرانجام ڏني: مولانا عبيدالله صاحب انهيءَ عرصي ۾ قرآن شريف، اسلامي علوم ۽ شاهه ولي الله جي فلسفي جي تعليم ڏيندي جيڪي به تقريرون ڪيون، سي مولوي عبدالله صاحب قلمبند ڪيون: مولانا عبيدالله صاحب جي سياسي ڊائري به قلمبند ڪيائين: لاهور مان جيڪي ڪتاب مولانا عبيدالله صاحب جي افڪار ۽ شاهه ولي الله جي فلسفي تي شايع ٿيا آهن، تن جو مواد درحقيقت مولوي عبدالله صاحب جي قلمي ڪشالي جو نتيجو آهي – جيتوڻيڪ انهن ڪتابن ۾ هن بزرگ جي خدمت جو ڪماحقه اعتراف نه ڪيو ويو آهي.

1938ع ڌاري، مولانا عبيدالله صاحب جي پنهنجي وطن ڏانهن واپسيءَ جو هوائو ٿيو. مولوي عبدالله فوراً روانو ٿيو ته اڳواٽ پهچي سيني احبابن کي آگاهه ڪري ۽ اڳتي جي پروگرام خاطر ابتدائي انتظام ڪري. مولوي عبدالله صاحب هتي 1938ع ۾ پهتو، پر مولانا عبيدالله صاحب 1939ع ۾ آيو. مولوي عبدالله صاحب ساٽس گڏ گڏي (ڪراچي) ۾ رهيو- تان جو مولانا صاحب هندوستان روانو ٿيو ۽ مولوي عبدالله صاحب، سندس ارشاد موجب، ڪڏي ۾ رهيو. مولانا عبيدالله صاحب موٽي آيو ۽ وري دهليءَ روانو ٿيو ۽ مولوي عبدالله کي چيائين ’هاڻي تون پلي وڃي پنهنجي گهر رهه‘. ان بعد، ”مارشل لا“ جي وقت (1942ع) ۾، مولوي عبدالله ميرپورخاص ۾ لڏي آيو. مولانا عبيدالله صاحب سنڌ ۾ ايندو هو، ته وٽس ميرپورخاص ۾ ايندو هو. ان بعد چار مهينا کن وري مولانا عبيدالله صاحب ۽ مولوي عبدالله صاحب وڃي پير جهنڊي ۾ رهيا.

ان بعد مولانا عبيدالله صاحب وري دهليءَ ويو، جتان بيمار ٿي پير جهنڊي ۾ پهتو. مولوي عبدالله صاحب کيس وٺي اتي مليو ۽ اتان ساڻس گڏجي حيدرآباد ۾ آيو، جتي بيماريءَ جي حالت ۾ پڻ مولانا عبيدالله صاحب شاگردن جي هڪ جلسي ۾ قلعي اندر تقرير ڪئي. اتان مولانا عبيدالله صاحب ڪراچيءَ ويو ۽ هيڪاري وڌيڪ بيمار ٿي پير جهنڊي پهتو— مولوي عبدالله صاحب اتي سندس خدمت ۾ رهيو. ان بعد، مولانا عبيدالله صاحب جو ڏوهٽو اتي آيو، جو مولانا صاحب کي دينپور وٺي ويو: جتي مولانا صاحب وفات ڪئي. مولوي عبدالله صاحب خبر ٻڌڻ تي دينپور پهتو ۽ پنهنجي استاد جي وفات جي صدمي کان نهايت متاثر ٿي واپس سنڌ آيو ۽ پڪو ارادو ڪيائين ته تادم حياتي پنهنجي استاد مولانا عبيدالله صاحب واريءَ تحريڪ (يعني اسلامي فڪر جي اشاعت ۽ آزاديءَ جي ترغيب ڏيڻ) کي اڳتي وڌائيندو رهندو.

ان بعد مولوي عبدالله صاحب سنڌ جي علمي اداري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رهي، يونيورسٽيءَ جي تعليم يافته استادن ۽ نوجوان شاگردن کي قرآن شريف جي تفسير، شاهه ولي الله جي فڪر ۽ مولانا عبيدالله جي علمي تحريڪ جي تعليم ڏيڻ کي پنهنجو نصب العين بنايو. ان سلسلي ۾ اول هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي نيڪ نيت ۽ روشن خيال وائس چانسيلر سان مليو ۽ 1953ع ۾ استادن ۽ شاگردن جي مخصوص گروهه کي قرآن شريف جي حڪمت ۽ حقيقت تي ليڪچر ڏنائين.

ان بعد مولوي صاحب جن جو مستقل قيام، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، جناب ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽي صاحب وٽ يا بنده راقم الحروف وٽ رهيو ۽ اسين ٻئي توڙي ٻيا تشنه ڪام طالب العلم وٽانئس مستفيد ٿيندا رهيا. سندس صحبت مان معلوم ٿيو ته قرآن شريف جي حڪمت خواهه اسلامي فڪر بابت مولوي صاحب جو نظريو انقلابي آهي: يعني ته مظلوم جي حمايت ڪري ظالم کي شڪست ڏيڻ، انسان ذات کي آزاد ڪرڻ ۽ حق ۽ انصاف جي بناء تي حڪومت قائم ڪرڻ. هڪ دفعي مون ڪانئس اسلامي تصوف بابت ڪجهه سمجهڻ چاهيو، ته مولوي صاحب نهايت ئي سهڻي نموني ۾ هن مسئلي تي روشني وڌي، ۽ "وحدة الوجود" ۽ "وحدة الشهود" جي مسئلن تي فلسفيانه نڪته نظر سان بحث ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾، مون ڪانئس مولانا عبيدالله صاحب جي سياسي ڊائريءَ ۾ ڄاڻايل ڪن مختصر حقيقتن جي تشريح ٻڌي ۽ هندستان ۽ افغانستان ۾ مولانا عبيدالله صاحب جي عملي زندگيءَ بابت سوال پڇيا. مولوي صاحب جن جي جوابن مان معلوم ٿيو ته بيشڪ هو مولانا عبيدالله صاحب جو هڪ مخلص، عقيدتمند ۽ بيدار مغز ساٿي هو. انهيءَ دوران ۾ مولوي عبدالله صاحب، مولانا عبيدالله صاحب جي سياسي ڊائريءَ ۾ بيان ٿيل اشارن کي تفصيل وار لکايو، جنهن کي بنده راقم الحروف دوباره صاف

ڪرايو- (انهيءَ مسودي تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر محترم ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان نظرثاني ڪئي آهي ۽ اميد ته هيءَ ڪتاب عنقريب شايع ڪيو ويندو.)

گذريل پنج ڇهه مهينا مولوي عبدالله صاحب جن پنهنجي گهر شهر سانگهڙ ۾ گذاريا آهن. وچ ۾ پاڻ آيا هئا ۽ انهيءَ صحبت ۾ ڪانئسن سندن سوانح حيات جو هيءُ مواد قلمبند ڪيو ويو. هن وقت سندن عمر 90 سال ڪان به مٿي آهي ۽ اجا تائين مطالعي جو مشغلو باقاعدي جاري آهي. پاڻ نهايت خوش مزاج ۽ خوش خلق آهن. سندن صحبت مان سنڌ جي گذريل سياسي ۽ علمي تاريخ بابت ڪيئي مفيد معلومات حاصل ٿي سگهن ٿا.

"تان ڪي وٽن ويهه، جان ڪي آهن جوءِ ۾!"

[رسالو ٽه ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد 1957/3-4ع، "سوانح نمبر"]

❑

# 61 ميان نور محمّد شيخ ننگرپارڪري*

سندس ڏاڏو مسٽر ڪائوسجي نسروانجي، سپرنٽيڊنٽ، پوسٽ ميل جو، حيدرآباد ڪان سئيگام لائين، جنهن کي سندس سهڻي ڪم سببان گورنمينٽ آف انڊيا مان ”خانبهادر“ جي خطاب جي سند ۽ سرٽيفڪيٽ، مورخ فورٽ وليم 2 مي 1872ع جو، سرڪار بمبئي گزيٽ ۾ ڇپيو، ائڪٽنگ چيف سيڪريٽريءَ جي صحيح سان، مورخ 8- مئي 1872ع ۾. خانبهادر ڪائوسجي زردشتي مذهب ڇڏي اسلام جي آغوش ۾ آيو. انگريزن جي اوائل فوج ڪشيءَ جي زماني ۾ تار جي بندوبست جو اعليٰ آفيسر هو. فوج جي نقل و حرڪت لاءِ جو اوائلي سلسلو هت جاري ٿيو هو، تنهن جو ناظم اعليٰ هڪ پارسي اعليٰ تعليم يافته شخص ڪائوسجي نالي هو، جنهن کي پوءِ سندس خدمتن جي عيوض خانبهادر جو لقب مليو. هيءَ سن 1857ع کان ڪجهه پوءِ جي ڳالهه آهي. خانبهادر ڪائوسجيءَ جي مسلمان ٿيڻ جو سبب معلوم ٿي نٿو سگهي؛ پر ايترو معلوم آهي ته مسلمان ٿيڻ بعد شيخ محمد قاسم جو نالو رکايو هئائين. هو بمبئي جي ڪنهن وڏي پارسي خاندان مان هو. ننگرپارڪر ۾ ئي وفات ڪيائين. شهر جي ٻاهران جتي سندس بنگلو هو، اتي ئي زال سميت دفن ٿيل آهي. قبرن جي ويجهو هڪ پراڻي مسجد آهي. قبرون سادي پٽر جون آهن. مٿان آسمان جو گنبذ ۽ گهاٽن وڻن جي ڇانو آهي. سندس وفات کان پوءِ، هن جي بمبئي پاسي وارن پارسي مائٽن ۽ سندس مسلمان فرزند شيخ جان محمد جي ملڪيت تان ٻن سالن تائين دعوائون به هليون.

شيخ ميان محمد قاسم جو پوٽو ۽ شيخ ميان جان محمد جو پٽ، ميان نور محمد ننگرپارڪر ۾ تاريخ 1 نومبر 1899ع ۾ ڄائو هو ۽ اتي جي ئي اسڪول ۾ ڇهه درجا گجراتي پاس ڪيائين. سنڌي ورنيڪيولر فائينل امتحان عمرڪوٽ سينٽر مان پاس ڪيائين. سرٽيفڪيٽ جي تاريخ 14 آڪٽوبر 1915ع اٿس. مِنِي اسڪول مان انگريزي ٽي درجا پاس ڪرڻ بعد، اسڪول ڇڏي، روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو، جتي اٽڪل ڏهه سال ايمانداريءَ ۽ اورچائيءَ سان نوڪري ڪيائين. انهيءَ نوڪريءَ واري عرصي ۾ اتان ئي سبارڊينيٽ روينيو امتحان پاس ڪيائين. جيئن ته ان وقت روينيو کاتي ۾ هندو آفيسرن جو گهڻو اثر هو ۽ ننگرپارڪر ۾ روينيو آفيسر به هندو هو، جنهنڪري اتي هميشه هندو – مسلم ڇڪتاڻ هلندي ايندي هئي؛ تنهنڪري هيءُ بي ريا ۽ آزاد – طبعيت شخص، اتان ڪڪ ٿي، ڪڇ رياست ۾ پوليس کاتي ۾ سن 1929ع جي شروعات

* هن سوانح عمريءَ تي، لکڻ واري جو نالو درج ناهي. -- مرتب

۾ نوڪري تبديل ڪرائي آيو، جتان بالا آخر روينيو ڪاتي تان استعيفا ڏنائين ۽ ڪڇ رياست ۾ پوليس جو ڊپارٽمينٽل پاس ڪري، فوجداري عهدو حاصل ڪيائين ۽ ان سان گڏ ڪڇ رياست جي C.I.D آفيسر جي به وڌس چارج رهي. 1937ع ۾، ٿوري وقت لاءِ، جهوناڳڙهه ۾ انسپيڪٽر ٿي رهيو. اتان وري هڪ سال لاءِ پالنپور ۾ انسپيڪٽر ٿي ويو. اتان دوباره سن 1942ع ۾ جهوناڳڙهه ۾ انسپيڪٽر ٿي آيو ۽ 1947ع جي ورهاڱي تائين اتي بلڪل ڪاميابيءَ سان رهيو. جهوناڳڙهه رياست مان 'فيلڊ سينارٽي ٽريننگ ڪورس' پاس ڪيائين. لڙائيءَ جي زماني ۾ ويرا وال بندر ۽ بحري ساحل تي نگراني سنڌس سپرد ڪئي.

هن وقت سنڌس عمر 58 ورهيه آهي. ڪيس هڪ پُٽ، نالي گل محمد ۽ به نياٽيون آهن. ميان نور محمد اسلامي جذبو رکندڙ آهي. سن 1923ع ۾ ڪانگريس هلچل سبب جيڪي ننگرپارڪر ۾ هندو – مسلمان فساد ٿيا هئا، تن ۾ هن مرد مجاهد اسلامي جذبات ڪان مسلمانن جي مڪمل طرح مدد ڪئي هئي. ان وقت 'نربيرسنگ' اسپيشل پوليس جو هيڊ ڪنسٽيبل(هئي اتالي سان گڏ سينڌوڙي ڪئمپ ۾ گڏ هو)، نالي خاطر مسلمان ٿي وري مرتد ٿي ويو ۽ ان بعد خودڪشي ڪيائين. ان تي وري هندو اخبارن مسلمانن خلاف هاءِ گهوڙا شروع ڪري ڏني، جنهن نيٺ هندو – مسلم فساد جو روپ اختيار ڪيو. ميان نور محمد، مسلمان پوليس وارن جي بچاءَ ۾ بلڪل گهٽو ڪم ڪيو.

ويرا واهه تي هڪ ڪنير رهندو هو: ان جي مري وڃڻ تي، ان جي گهر تي مسجد نهرائڻ ۾ بهرو ورتائين، جنهن تي هندن ڪيترائي اعتراض ورتا ۽ هندن ان کي هڪ وڏو معاملو ڪٺي بنايو. جيئن ته هن مرد مجاهد کي مسلمانن جي هر طرح مدد هئي ۽ هن به ان ڪم ۾ فتحياب ٿيڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ورتي هئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو بارگاهه باري تعاليٰ مان هن کي فتحيابي حاصل ٿي ۽ هن اهو مسجد جو معاملو ڪٽيو. انهيءَ ڪم ۾ ننگرپارڪر مان صرف محمد عباس ميمڻ ڪنهن حد تائين سنڌس ساٿي ٿي رهيو هو.

هن صاحب پنهنجي ايامڪاريءَ جا ڏينهن بلڪل محنت، سچائي، اورچائي ۽ بهادريءَ سان گذاريا. هو هردم مظلومن جو ساٿي ۽ ظالمن جو دشمن ٿي رهيو. هن جي ڏينهن ۾ هر ڪو لُچ لوفر ۽ چور چڪار ڪانئس ڪَن هٽندو هو. هو چورن ۽ بدمعاشن جي پاڙ پٽڻ لاءِ سندن پنيان ڪاهي پيو. هر وقت هن کي پبلڪ جي آرام جو اونو هوندو هو، هو پنهنجي ان مقصد ۾ بالڪل چڱيءَ طرح ڪامياب ٿيو. هن ڪڇ رياست جي ڪنڊ ڪڙڇ مان چورن کي ڳولي ڳولي ڪين ڳريون سزائون ڏياريون. ان وقت جي شاعرن ۽ سگهڙن به اهڙي بهادر ۽ خير خواهه آفيسر جي ساراهه ۾ دل کولي گهڻائي بيت چيا.........!

[رسالو ته ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد، 1957/4-3 "سوانح نمبر"]

❑

## 62 وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي ياد ۾

وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر جي تفصيلي تاريخ اجا تائين اڻپوري آهي. (ان حوالي سان) گهڻو ڪري شڪايتون بيان ڪيون ويون آهن. (پر) هي تذڪرو شڪايتن بجاءِ مون تي سندن عنايتن جو مختصر يادنامو آهي.

ان سے بہتر ہے ذکر ان کا جو دائرہ تحریر میں ہے۔

آءٌ 1951ع کان 1973ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آف ايجوڪيشن جا فرض سرانجام ڏيئي رهيو هوس، جو ڀٽي صاحب سان تعلقات جي ابتدا ٿي، آءٌ ان وقت "شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ" جو سيڪريٽري هوس ۽ مسٽر نياز احمد ڪمشنر حيدرآباد ڪميٽيءَ جو چيئرمين هو. صدر پاڪستان جنرل محمد ايوب خان جو دور هو. صدر صاحب کي مدعو ڪيو ويو ته هو ڀٽ شاهه اچي ۽ شاهه عبداللطيف جي ساليانى عرس جو افتتاح ڪري ۽ هو آيو. ان کان پوءِ 1961ع ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي دعوت ڏني وئي ته هو شاهه عبداللطيف جي ساليانى عرس جو افتتاح ڪري، ڀٽو صاحب ان وقت صدر جنرل محمد ايوب خان جي ڪابينا جو رُڪن هو. هن دعوت قبول ڪري ورتي ۽ 27- جولاءِ 1961ع تي اطلاع مليو ته ڀٽو صاحب اچي ٿو ۽ ٻولهاڙي جي هوائي اڏي تي 28- جولاءِ تي صبح 11 وڳي پهچندو. هيءُ هوائي اڏو ڪوٽڙي اسٽيشن کان اڳتي ٻولهاڙي اسٽيشن جي پرسان هو. ڪميٽيءَ جو چيئرمين ڪمشنر نياز احمد ۽ آئون بطور سيڪريٽري وقت تي ٻولهاڙي جي اڏي تي پهتاسين. جهاز پوري وقت تي لٿو ۽ اسان ڀُٽي صاحب جو استقبال ڪيو. اسان ٽِين آفيسرن سان گڏ ڀٽي صاحب کي ٻولهاڙي ريلوي اسٽيشن تي وٺي آياسين، جتي هن لاءِ خاص سيلون جو انتظام ڪيو ويو هو. سيلون ۾ اندر وڃڻ کان پوءِ هن سڀ کان پهرين مون کي سڏائي گڏ ويهاريو. ٻين حال احوال سان گڏ مون کيس انهي شام جو ڀٽ شاهه تي عرس جي پروگرام کان آگاهه ڪيو. ان تي چيائون ته مان ساڍي پنجين وڳي پهچي ويندس. آئون اجازت وٺي روانو ٿيس ۽ وڌيڪ انتظامن لاءِ ڀٽ شاهه پهتس. ڀٽو صاحب ٺيڪ ساڍي پنجين وڳي ڪانفرنس حال ۾ پهتو. عرس جو جشن شروع ٿيو. مسٽر نياز احمد آجياڻي جي تقرير ڪئي. ان کان پوءِ ڀٽي صاحب پنهنجي في البديهه تقرير انگريزيءَ ۾ ڪئي، جنهن جو آئون ترجمو ڪندو ويس: ان کان پوءِ شاهه جي راڳ جي محفل شروع ٿي.

بئي موقعي تي ڀٽو صاحب ڀٽ شاهه آيو ۽ ثقافتي مرڪز جي عمارت جو افتتاح ڪيو. ان ڏينهن جيڪو ثقافتي مرڪز جي ديوار تي ڪتبو لڳايو ويو

هو، اهو اڃا تائين موجود آهي. اُن موقعي تي پيٽي صاحب مون سان هٿ ملايو ۽ مون کان خيريت دريافت ڪئي.

هڪ اهم واقعي جنهن جو آئون ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، اهو هي آهي ته سيپٽمبر 1965ع ۾ هندستان جي پاڪستان جي حملي کان مهينو ڏيڍ اڳ 11 آگسٽ 1965ع تي پيٽي صاحب جو مون کي ٽيليفون آيو. آئون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هوس. ٽيليفون کنيم ته معلوم ٿيو ته پيٽو صاحب ئي مون سان مخاطب آهي. چيائون ته پاڪستان لاءِ حالتون سازگار ناهن. بلوچ پاڪستان مان خوش ناهن. هن بلوچستان جي اڳواڻن ۽ سردارن جي مخالفانه رويي جو ذڪر ڪيو ۽ چيائين ته: پاڪستان حڪومت جي پاليسيءَ سان بلوچن جي مخالفت کي ڪيئن حل ڪري سگهجي ٿو. ان تي هڪ نوٽ لکي مون کي موڪليو. آئون حيران هوس ته نه ملڪ جي سياست سان منهنجو تعلق آهي ۽ نه ئي وري بلوچستان جي مسئلن کان باخبر آهيان، پوءِ به پيٽو صاحب چو منهنجي راءِ معلوم ڪرڻ چاهي ٿو. شايد منهنجي راءِ بابت ڪين سٺو خيال هو. بهرحال مون ملڪ جي ڀلي خاطر جواب ڏيڻ ضروري سمجهيو. 13- آگسٽ تائين نوٽ تيار ڪري ڪين موڪلي ڏنم. جنهن جو لب لباب هي هو ته: ”آئون تاريخ ۽ روايتن جي روشني ۾ اهو چئي سگهان ٿو ته حڪومت بلوچن کي عزت ڏي ۽ بلوچن سان ڪيل واعدا وفا ڪرڻ کي اهميت ڏي ۽ ڪين محبت سان مڃائي. باقي ڏاڍ جي صورت ۾ بلوچ ڪڏهن به سِر نه جهڪائيندا.“ پوءِ وارين حالتن مان جاڻ پئي ته حڪومت تي اهڙن مشورن جو ڪو اثر نه ٿيو هو. بهرحال پيٽي صاحب جي ٽيليفون کان گهڻو متاثر ٿيس.

پيٽي صاحب سان به ويجهڙائپ واريون ملاقاتون تڏهن ٿيون، جڏهن هو صدرِ پاڪستان جنرل محمد ايوب خان جي حڪومت خلاف وڙهي رهيو هو. اهو 1969ع جو سال هو. جي.ايم.سيد صاحب جي تنقيد ۽ شڪايتن جي ڪري سنڌ ۾ خاص ڪري شاگردن ۾ حڪومت خلاف شڪ ۽ شبها پيدا ٿيا، پر پيٽي صاحب جي وڏندر اثر سان شاگرد سندس سربراهي ڏانهن مائل ٿيا. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري جي شاگردن 13- آگسٽ 1969ع تي شاهه لطيف جو ڏهاڙو ملهائڻ جو اهتمام ڪيو ۽ پيٽي صاحب کي دعوت ڏني ته هو صدارت ڪري. برگيڊيئر گرديزي صاحب جيڪو ڪاليج انتظاميه جو سپرنٽينڊنٽ هو، ڪاليج يونين جي سربراهه (ان وقت منهنجو فرزند محمد شريف بلوچ هو) کي سمجهايو، پر سندس هدايتن کي نه مڃيو ويو. محمد شريف مون کي گذارش ڪئي ته لطيف ڏهاڙي جي محفل جي صدارت پيٽو صاحب ڪندو ۽ توهان به خطاب ڪريو. پيٽي صاحب جي بي سروساماني باوجود سندس رات ڏينهن جي محنت ۽ جستجوءَ کي نظر ۾ رکندي مون شاهه عبداللطيف جي ”رسالي“ مان خاص طور ”سرڪاهوڙي“ کي پنهنجي تقرير جو موضوع بڻايو. شاهه عبداللطيف

محنت ڪش (ڪاهوڙين) ڪي ان سُر (راڳ جي موضوع) ۾ خوب ساراهيو آهي جيڪي غربت جي ڪري جهرجهنگ ۽ جنگل ۾ پيا ڦرندا آهن ۽ خوراڪ گڏ ڪندا رهندا آهن. ڀٽي صاحب کي اها تقرير پسند آئي، هن پنهنجي صدارتي خطاب ۾ ان جو ذڪر به ڪيو.

ٻي ويجهي ملاقات ان وقت ٿي جڏهن هو اليڪشن جي ورڪ دوران ٽنڊي ڄام ويجهو ڳوٺ خيرمحمد خان ڪٽياڻ ۾ آيو هو. خيرمحمد ۽ الهه بچايو خان منهنجا دوست هئا ۽ هنن مون کي به اتي سڏايو هو. بعد ۾ مير رسول بخش خان ٽالپر اچي ويو. اسين سڀ انتظام ۾ هئاسين ته ڀٽو صاحب آيو. هو گاڏي ۾ هو ته مون کي ڏسي ورتائين ۽ سڌو اچي مون سان مليو. تقريباً اڌ ڪلاڪ تائين اڪيلو مون سان ڳالهيون ڪندو رهيو. البت سياسي ميدان ۾ ڪاهي پونڊڙ ٻيا دوست سڀ پيپلز پارٽي جا همنوا هئا ۽ عهدن جا اميدوار هئا، جيڪي ڀٽي صاحب کان، وڏيڪ مراعتون حاصل ڪرڻ لاءِ آيا هئا. هي سڀ ماڻهو اندر چانو ۾ وينا هئا ۽ آئون ٻاهر اڱڻ ۾ پريرو بيٺو هوس ته ڀٽو صاحب اچي مون سان مليو ۽ ملڪ جي حالتن تي گفتگو ڪئي.

سن 1963ع جي آخر ڌاري آمريڪي اداري (ايشيا فائونڊيشن) جي طرفان مون کي گهرايو ويو، پر ان کان پوءِ آئون مارچ 1964ع تائين تعليم ۽ تربيت جي اعليٰ درجن جي مطالعي لاءِ ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ رهي پيو هوس. معلوم ٿيو ته پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ڪشمير جي معاملي تي سخت اختلاف آهن ۽ اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل واري اداري ۾ 7- اپريل تي ٻنهي ملڪن جا نمائندا پنهنجو پنهنجو موقف پيش ڪندا. پاڪستان جي طرفان پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽو صاحب پاڪستان جو نقطہ نظر پيش ڪندو. تنهنڪري مون 7- اپريل تي سيڪيورٽي ڪائونسل جي اجلاس ۾ وڃڻ لاءِ اجازت نامو حاصل ڪيو. جمعي جو ڏينهن هو ۽ اجلاس سانجهيءَ کان پوءِ شروع ٿيو. مون کي ٻين ماڻ تي گئلري جي ٻين صف ۾ ويهڻ جي جڳهه ملي. ان ڏينهن جي پهرين اجلاس ۾ ڀارت جو تعليم وارو وزير مسٽر چاڳلا ڀارت جو موقف پيش ڪري چڪو هو ۽ ٻئي اجلاس ۾ ڀٽي صاحب کي پاڪستان جو موقف پيش ڪرڻو هو. هو آيو ۽ پنهنجي تقرير جي ابتدا ۾ هيءُ اعلان ڪيو، جنهن جو تتُ هي هو ته:

”جيڪي دليل انڊيا جي نمائندي ڏنا آهن، آءٌ انهن کي رد ڪيان ٿو ۽ سندس تجويز ۾ ڀارت جي سربراه پنڊت جواهر لعل نهروءَ جي پنهنجن بيانن کي پيش ڪندس.“

اهڙي طرح هو مسٽر چاڳلا جي هرهڪ دليل کي پنڊت نهروءَ جا بيان پڙهي رد ڪندو ويو. سندس اها تقرير ايتري اثر انداز ٿي جو گيلري ۾ وينل

آمريڪي شهري پنهنجي آڏو رکيل ميزن تي ٺڪيون هڻي پيٽي صاحب کي داد ڏئي رهيا هئا. (تاڙيون وڄائڻ جي منع هئي).

ٻئي ڏينهن پيٽي صاحب سان منهنجي ملاقات نه ٿي سگهي، البته ٽيليفون تي مبارڪباد ڏنم ۽ سندس تقرير جي تاثر جي باري ۾ جيڪو ڪجهه گيلري ۾ ڏٺم. اهو کيس ٻڌايم. ان ڏينهن ضلعي ميرپورخاص سنڌ جو نوجوان محمد يوسف ڏاهري مون وٽ آيو ته پيٽي صاحب کي سفارش ڪريان ته نيويارڪ ۾ بين الاقوامي نمائش لڳل آهي، تنهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ جيڪا پاڪستاني ايگزيبيشن لڳل آهي، اتي کيس عارضي ملازمت ڏياري ته جيئن هن کي آمريڪا ۾ وڌيڪ رهڻ جو موقعو ملي وڃي. مون خط لکي ڏنو ۽ پيٽي صاحب کان محمد يوسف کي ملازمت ڏياريم.

14- فيبروري 1969ع تي پيٽو صاحب حيدرآباد آيو ۽ قلعي ۾ خطاب ڪيائين، لڳ ڀڳ هڪ لک ماڻهن جو هجوم هو. مون دل ۾ چيو ته اڄ پيٽي جو ستارو زور آهي. جڏهن ته 25 فيبروري تي صدر محمد ايوب خان اعلان ڪيو ته هو صدارت تان سبڪدوش ٿي رهيو آهي. سنه 1973ع ۾ قديم آثارن واري کاتي طرفان موئن جي دڙي تي بين الاقوامي سيمينار منعقد ٿيو. مون کي دعوت ڏني وئي ۽ مون مقالو تيار ڪيو. انتظامن جي سلسلي ۾ هي طئي ٿيو ته ٻاهران ايندڙ اسڪالرن کي خوش آمديد چوڻ لاءِ پاڪستاني ثقافت تي ٻڌل موسيقيءَ جي محفل جو انتظام ڪيو وڃي. اهو انتظام منهنجي ذمي ڪيو ويو. مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد طرفان (جنهن جو آئون اعزازي ڊائريڪٽر هوس) سنڌ مان موسيقارن کي محفل لاءِ منتخب ڪيو ويو. 23 مارچ تي موئن جو دڙو تي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو صاحب سيمينار جو افتتاح ڪيو. انهي شام مون موئن جي دڙو ۾ 3 ڪلاڪ (6 کان 8) تائين سنڌي موسيقيءَ جو پروگرام پيش ڪيو، جيڪو نهايت ڪامياب ويو. پڇاڙي تي وفاقي سيڪريٽري قدرت الله ۽ سيڪريٽري پلاننگ محترمه گلزار بانو صاحبه جيڪي محفل ۾ موجود هئا، هڪ ٻئي پويان مون وٽ آيا ۽ پروگرام جي ڪاميابيءَ تي مبارڪباد ڏنائون. ان کان پوءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ پيٽي صاحب طرفان آجياڻو ٿيل هو. ٻاهران آيل مهمان اتي پهتا ته وزيراعظم سان موسيقيءَ جو پروگرام جي تعريف ڪندا رهيا. پيٽي صاحب پڇيو ته کيس ٻڌايو ويو ته ڊاڪٽر بلوچ موسيقار آندا هئا ۽ هن موسيقيءَ جو پروگرام پيش ڪيو هو. ان تي پيٽي صاحب منهنجي باري ۾ پڇيو پر آئون اجا تائين اتي ڪونه پهتو هوس. ڇاڪاڻ ته آئون تيستائين موسيقارن جي خدمتن مان فارغ نه ٿيو هوس. ان تي پيٽي صاحب وزيرِتعليم عبدالحفيظ پيرزادي کي چيو ته سندس طرفان هو منهنجو شڪريو ادا ڪري. جڏهن آءٌ پيٽي صاحب جي بنگلي تي پهتس ته پيرزادي صاحب اڳتي وڌي منهنجي آجيان ڪئي ۽ وزيرِاعظم طرفان منهنجا ٿورا مڃيا. ساڳي شام

پيرزادي صاحب طرفان مهمانن لاءِ دعوت جو انتظام ڪيل هو، جنهن ۾ وزيرِاعظم ڀٽو صاحب پڻ آيو هو. دعوت کان پوءِ جڏهن هو وڃڻ لڳو ته مون سان هٿ ملائي، خوشگوار موڊ ۾ (منهنجو نالو ڪٽي) پڇيائين ته "ڪيئن آهيو، خوش آهيو؟"

ٿي سگهي ٿو ته موسيقي واري پروگرام جي ڪاميابيءَ کان پوءِ هو مون کان وڌيڪ متاثر ٿيو هجي. بهرحال هن مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر بنائڻ جو سوچيو. ان وقت سيد غلام مصطفيٰ شاهه صاحب وائيس چانسيلر هو. هو باهمت منتظم هو، پر سياسي بصيرت ۾ مهارت کان خالي هو. هو خانداني روايت جي لحاظ کان جناب جي.ايم.سيد جو حامي هو، پر ڀٽي صاحب جي وڏنڊڙ ڪاميابي ڏسي هن ڪيس ويجهو ٿيڻ جو سوچيو. (ٻڌو آهي ته) آخر ۾ ٻه اهڙا سبب نهي آيا جو ڀٽي صاحب جو غلام مصطفيٰ شاهه تي پروسو نه رهيو. غلام مصطفيٰ شاهه، ڀٽي صاحب کي خوش ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽي جي ايڊمنسٽريٽوَ بلاڪ جي ويجهو هڪ روڊ جو نالو "سر شاهنواز ڀٽو روڊ" رکيو ۽ سيمينٽ جي ننڍي ڍڪي تي سر شاهنواز ڀٽو جو نالو لکرايو. يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي هڪ گروهه هن قدم کي ناپسند ڪيو ۽ رات جو نالي واري ڍڪي ڊاهي ڇڏي. ٻيو سبب هيءُ هو ته اليڪشن کان پهرين (شايد) غلام مصطفيٰ شاهه، ڀٽي صاحب کي پنهنجي حمايت جو يقين ڏياريو، پر شاگرد جناب جي.ايم.سيد جا طرفدار هئا ۽ اليڪشن جي ڏينهن ۾ اهي يونيورسٽيءَ جي بسن کي جي.ايم.سيد جي ورڪ لاءِ ڪاهي ويا. غلام مصطفيٰ شاهه بيوس ٿي پيو، کيس روڪڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. 13- مارچ 1973ع تي غلام مصطفيٰ شاهه مون کي ٻڌايو ته هو ڪجهه عرصي لاءِ پاڪستان کان ٻاهر وڃي رهيو آهي ۽ آئون قائم مقام وائيس چانسيلر طور ڪم ڪندس. 16- جولاءِ 1973ع تي رجسٽرار ٻڌايو ته غلام مصطفيٰ شاهه هليو ويو آهي ۽ يونيورسٽيءَ جو انتظام توهان جي ذمي آهي. 6- ڊسمبر 1973ع تي مون کي مستقل طور سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويو.

## وزيرِاعظم جي طرفان تعليم جي واڌاري ۽ درسگاهن ۾ امن امان قائم رکڻ جون ڪوششون:

اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي ڪامياب ٿي ته پارٽي جي سربراهه جي حيثيت سان جناب ذوالفقار علي ڀٽي وزيرِاعظم ۽ صدر جا عهدا سنڀاليا. بين الاقوامي سطح تي سندن قابل ذڪر ڪارنامو هو ته هن 1973ع ۾ لاهور ۾ اسلامي ملڪن جي سربراهن جي ڪامياب ڪانفرنس ڪوٺائي. آئون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هوس، پر مون کي به انهي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ملي. پنهنجي استاد (عليڳڙهه يونيورسٽي جي پروفيسر) عبدالعزيز ميمڻ سان گڏ آئون ان ڪانفرنس جي عام اجتماعن ۾ شريڪ ٿيس. ڪي اهم فيصلا ٿيا

جيڪي پاڪستان ۾ ان دؤر جي تاريخ جو باب آهن. انهي ڪانفرنس جي سفارش جي روشنيءَ ۾ اسلامي ملڪن (پرڏيهي وزارت) جي ڪانفرنس تي، جنهن جي سفارش تي پاڪستان ۾ قومي هجره ڪائونسل، اسلامي يونيورسٽي ۽ ٻيا ادارا قائم ٿيا (ان کان پهرين پاڪستان ۾ تعليم جي فروغ ۽ اصلاح لاءِ ڪي اهم قدم کنيا ويا هئا. جيتوڻيڪ گهربل مقصد ڪُلي طور حاصل ٿي نه سگهيا، پر نظامِ تعليم ۾ نصاب جي سڌاري ۽ تعليم کي وڌائڻ کي خاص اهميت ڏني وئي هئي، مون کي خاص طور وزيرِاعظم ڀٽو صاحب سان انهن معاملن تي ڳالهائڻ جو موقعو مليو).

1960-61ع دوران تعليم جي طريقي ۽ نصاب جي سڌاري لاءِ لاهور جي جناب تاج محمد خيال جي صدارت ۾ قومي ڪميٽي قائم ڪئي وئي ته جيئن ميمبر صاحب هڪ مهيني تائين ايبٽ آباد جي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ ويهي ثانوي تعليم جي نصاب کي درست ڪن. انگريزن جي دور واري نصاب کي بدلائڻ يا بهتر بنائڻ جي اها پهرين ڪوشش هئي. البته ملڪ جي چئني صوبن ۾ تعليم جي فروغ جي پسمنظر کي سمجهڻ جو موقعو ميسر نه ٿي سگهيو. ڪميٽيءَ جي صدر پنجاب ۾ تعليم جي فروغ واري پسمنظر کي ذهن ۾ رکندي، باقي صوبن کي پنهنجين ٻولين جي تعليمي تاريخ کي محفوظ رکڻ بدران مرڪزي زبان اردو کي ئي پرائمري ۽ سيڪنڊري سطح تي پڙهڻ پڙهائڻ کي ترجيح ڏني. آئون ۽ غلام مصطفيٰ شاهه سنڌ جي نمائندگي ڪري رهيا هئاسين. اسان سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان وٺي هيستائين سنڌي زبان جي تعليم جي ترقي تي تفصيلي روشني وڌي ۽ ٻڌايو ته سنڌ ۾ سنڌي زبان 16- صدي عيسويءَ کان وٺي پرائمري سطح تي پهرين زبان طور پڙهائي ويندي رهي آهي ۽ 1947ع کان اڳ برطانوي والار واري دور ۾ سنڌ جي ڪاليجن ۾ ايم.اي تائين سنڌي پڙهائڻ جو انتظام هو. ٽن ڏينهن تائين بحث جاري رهيو ۽ تاج محمد خيال صاحب سيڪريٽري آف ايجوڪيشن (شريف صاحب) سان رجوع ڪيو، جنهن مون کي راولپنڊي سڏايو. مون سندس آڏو به حقيقتون بيان ڪيون ۽ پاڪستان ۾ تعليم جي نظام کي هٽي ونرائڻ لاءِ گذارش ڪئي ته صوبائي زبانن جي موجوده صورتحال کي برقرار رکيو وڃي، پر اها خبر عام ٿيڻ لڳي ته ايندڙ سال کان سنڌي ٻوليءَ کي پرائمري سطح تائين محدود ڪيو پيو وڃي. اهو 1962ع جو سال هو، جو مون ڀٽو صاحب کي گذارش ڪئي ته هو وفاقي سيڪريٽري تعليم کي ضروري هدايتون جاري ڪري. ان کان پوءِ مختصر ملاقات ۾ هن مون کي ٻڌايو ته وفاقي سيڪريٽريءَ کي هدايتون ڏئي ڇڏيون آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نصاب ۾ ڪابه تبديلي نه ٿيندي.

1959ع ۾ صدر جنرل محمد ايوب خان جي حڪومت ۾ جڏهن (اولهه پاڪستان) ون يونٽ هو. ٻاهر يونيورسٽين ۾ خاص ڪري استادن ۽ شاگردن ۾

بيچيني واري لهر کي روڪڻ لاءِ يونيورسٽي بل نافذ ڪيو ويو. جنهن سان ايندڙ ڏهن سالن تائين يونيورسٽين ۾ وائيس چانسيلر جي اختيارين کي حڪومت پاڻ وٽ رکڻ جو فيصلو ڪيو.

24 تاريخ تي لاهور ۾ انهيءَ بل بابت ميٽنگ ۾ ڪوشش ڪئي وئي ته يونيورسٽي بل کي حڪومت کان وٺي يونيورسٽين جي نظام جو حصو بڻايو وڃي، پر اهو ممڪن نه ٿي سگهيو. 28 اپريل تي اخبارن ۾ ايئرمارشل نور خان جو بيان شايع ٿيو ته حڪومت يونيورسٽين کي اختيار ڏئي رهي آهي. 29 تاريخ تي ايئرمارشل نورخان ميٽنگ ۾ اچي سيني سان مليو ۽ چيائين ته توهان جيڪو حل مناسب سمجهو تا اهو ٻڌايو ۽ حڪومت ان کي قبول ڪندي. ٻڌائڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته بعد ۾ وزيرِاعظم ڀٽو صاحب جي حڪومت واري دور ۾ يونيورسٽي بل ختم ڪيو ويو.

## تعليمي پاليسي:

جنوري 1972ع ۾ آئون اسلام آباد ويس ته معلوم ٿيو ته نئين ايجوڪيشن پاليسي (قومي تعليمي پاليسي طور) مرتب ٿي رهي آهي. بعد ۾ مون کي ان جو ڊرافٽ تيار ڪرڻ لاءِ اسلام آباد سڏايو ويو. مون 19 جنوري 1972ع تي پاڪستان ۾ تعليم جي مطالعي ۽ واڌ ويجهه لاءِ نوٽ تيار ڪري ڏنو. بعد ۾ 23 ۽ 27 مارچ تي پاليسي جي ڊرافٽ طور مقالو تيار ڪيم. پوءِ سنڌ يونيورسٽي ۾ نون تعليمي سڌارن جي سلسلي ۾ ڪيل اجلاس جي صدارت ڪيم. 14 مئي تي حيدرآباد گورنمينٽ ڪاليج ۾ ڪوئايل سنڌي ايسوسيئيشن جي اجلاس ۾ اهو مقالو پڙهيم. ان جي صدارت سنڌ جي تعليم واري وزير درمحمد اوستي صاحب ڪئي (آئون ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر آف ايجوڪيشن جو ڊائريڪٽر هوس. تنهنڪري نظامِ تعليم ۾ سڌارن جو حامي هوس. پنهنجن مقالن ۾ پڻ سُڌارن تي ڌيان ڏياري رهيو هوس) پر جڏهن نئين ايجوڪيشن پاليسي شايع ٿي ته ان کي پنهنجي نقطهٔ نگاهه کان نامڪمل ڄاتم. سو هڪ تفصيلي تنقيد لکي ۽ پنهنجي انسٽيٽيوٽ جي طرفان ان کي شايع ڪرائي تعليم واري وزارت ۽ وزيرِاعظم سيڪريٽريٽ کي اماڻي ڏنم. مون کي خدشو هو ته ان جي پاداش ۾ ڪجهه ڀوڳڻو پوندو، پر ان کي پڙهيو ويو ۽ ساراهيو ويو. اهو تڏهن معلوم ٿيو جڏهن وزيرِاعظم ڀٽو صاحب سنڌ يونيورسٽي ۾ ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري وٺڻ آيو. آئون ساڻس ملي ۽ شايع ڪيل ايجوڪيشن پاليسيءَ تي پنهنجو تنقيدي ڪتاب کيس پيش ڪيم ته جيئن هو (استادن ۽ شاگردن جي خوشنودي خاطر) ڪتاب ۾ شامل پنهنجي فوٽو تي صحيح ڪري ڏي ۽ هن Best Wishes لکي ان تي صحيح ڪري ڏني.

12- ڊسمبر 1973ع کان وٺي 2- جنوري 1976ع تائين آئون سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر رهيس ۽ ان عرصي تائين وزيرِاعظم ذوالفقار

علي ڀٽي طرفان منهنجي همت افزائي ڪئي وئي. ڪا رڪاوٽ پيش نہ آئي. هڪ ڀيري مون شڪايت ڪئي تہ فوراً ان تي ڌيان ڏنائون. اهو دؤر پيپلز پارٽيءَ کي مضبوط ڪرڻ جو دور هو ۽ جام صادق علي سانگهڙ ضلع ۾ پيپلز پارٽي کي سگهارو بڻائي رهيو هو. اسان جا بزرگ صدين کان پنهنجي اثر رسوخ سان اتي پنهنجي ڳوٺ ۾ زندگي بسر ڪري رهيا هئا. آئون ڪنهن سياسي پارٽي جو ميمبر نہ هوس، پر اعليٰ تعليم حاصل ڪري ڪامياب ٿيس. جنهنڪري منهنجو نالو مشهور ٿي ويو هو. انڪري جام صادق صاحب مون کي زيربار ڪرڻ لاءِ سوچيو ۽ اسان جي ڳوٺ جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل مدبر شخص کي تيار ڪيو تہ هو سياسي ميڙاڪن ۾ منهنجي خلاف ڳالهائي. مون وزيرِاعظم ڀٽي صاحب کي اطلاع ڏيڻ ضروري سمجهيو تہ جيئن ان قسم جي مخالفت سان جيڪي مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن انهن کان نجات ملي ۽ آئون يڪسوئيءَ سان سنڌ يونيورسٽي جي ترقيءَ تي توجهہ ڏئي سگهان ۽ ان سلسلي ۾ مون ڀٽي صاحب کي اسلام آباد ٽيليفون ڪئي ۽ جواب مليو تہ 16- اپريل 1975ع تي آئون ڪلفٽن ڪراچي ۾ سنڌس بنگلي تي ساڍس اچي ملان. بنگلي تي پهتس ڏٺم تہ مون کان پهرين ڪيترين ئي اهم شخصيتون وزيرِاعظم سان ملڻ لاءِ اُتي انتظار ۾ ويٺيون هيون. آئون پهتس تہ ملازم مون کي انتظار ڪرڻ لاءِ چيو. مون چيو تہ ڀٽي صاحب کي آگاهہ ڪريو. هو اندر ويو ۽ فوراً ٻاهر آيو ۽ مون کي چيائين تہ ڀٽو صاحب توهان کي سڏي رهيو آهي. آئون اندر ويس تہ ڀٽي صاحب خيريت معلوم ڪئي ۽ منهنجي شڪايت ٻڌي چيو تہ ”ها، من کي ياد آيو، تازوئي هڪ سياسي اجتماع ۾ اهو شخص جام صادق سان گڏ هو ۽ هن پنهنجي تقرير ۾ توهان جو نالو وٺي ڪجهہ چيو تہ مون ان جو نوٽس ورتو ۽ ڪيس چيم تہ ويهي رهہ، مان توکي سجاڻان ٿو.“ پوءِ چيائين تہ مان جام صادق کي چئي ڇڏيندس ۽ هو آئينده ائين نہ ڪندو. آئون واپس آيس پر گمان ٿيو تہ وزيرِاعظم مون کي تہ اطمينان ڏياري ڇڏيو آهي، پر ڪيس ايتري فرصت ڪٿي آهي جو هو جام صادق علي کي چوي. پر منهنجا اهي تحفظات غلط ثابت ٿيا، ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جام صادق علي جو ٽيليفون آيو ۽ هن نيازمندانہ گفتگو ڪندي چيو تہ: ”توهان جي ۽ منهنجي خاندان جا وڏڙا پاڻ ۾ دوست هئا ۽ اسين بہ دوست بڻجي رهنداسين.“ پوءِ التجا ڪيائين تہ جڏهن مان ڪراچي اچان تہ ساڍس ملان ۽ سنڌس چانهہ پيان. پوءِ جڏهن آئون ڪراچي ويس تہ ايئرپورٽ تان ٽيليفون ڪري جام صادق علي کي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنم. جڏهن بنگلي تي پهتس تہ هو ٻاهرئين در تي منهنجو انتظار ڪري رهيو هو. هن پنهنجي طرفان خيرخواهي جو اطمينان ڏياريو. ان ذڪر جو مقصد هي هو تہ وزيرِاعظم جي حيثيت سان ڪيترائي ڪم ڪار هوندي بہ هن منهنجي شڪايت دور ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ۽ جام صادق کي ايتري تاڪيد سان سمجهايو جو هو مون سان نهايت پنهنجائپ سان مليو.

منهنجي وائيس چانسيلر هئڻ واري عرصي (ڊسمبر 1973ع کان جنوري 1976ع) ۾ صرف هڪ ڀيرو وزيراعظم هڪ ذاتي مقصد پورو ڪرڻ لاءِ مون کي ڪم جو چيو. اهو هيءُ ته سندس والد مرحوم (سر شاهنواز ڀٽو) لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس ۾ جيڪا تقرير ڪئي هئي، ان کي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ هال ۾ لڳائي محفوظ ڪيو وڃي، مون کان پڇيائين ته اهو ڪيئن ٿي سگهندو؟ مون چيو ته ٿي ويندو. چو ته سر شاهنواز ڀٽو جي ان بيان جي اهميت جو مون کي علم هو. ان گول ميز ڪانفرنس ۾ فيصلو ٿيڻو هو ته آيا سنڌ کي جدا صوبو ناهيو وڃي يا بمبئي پريزيڊنسي سان ان جو الحاق قائم رهي. بمبئي پريزيڊنسي طرفان مخالفت جو سبب هيءُ هو ته سنڌ وٽ ايترا وسيلا ناهن جو اها مستقل طور صوبي جا خرچ برداشت ڪري سگهي. گول ميز ڪانفرنس ۾ سر شاهنواز ڀٽو بمبئي سرڪار جي نمائندگي ڪري رهيو هو. پوءِ به هن پنهنجي وطن سان وفاداري ڪري هيءَ راءِ ڏني ته بمبئي پريزيڊنسي کان ڌار ٿيڻ باوجود سنڌ هڪ صوبي طور خرچ برداشت ڪرڻ جي قابل آهي.

مون وزيراعظم جي مشوري کي قبول ڪندي ڪيس گذارش ڪئي ته هو پنهنجي طرفان اهو ڪم ڪنهن خاص آفيسر کي سونپي ته هو، سر شاهنواز جي بيان جو صحيح متن تلاش ڪري ۽ صحيح صورت ۾ ڪمپوز ڪرائي سينيٽ هال ۾ مقرر جڳهه تي لڳرائي. هن منهنجي تجويز قبول ڪندي ۽ غالباً اهو ڪم بريگيڊيئر امتياز جي حوالي ڪيو، جيڪو فوري طور سان اچي مليو ۽ وقت تي اهو ڪم مڪمل ڪيو. ان کان پوءِ اسلام آباد کان ٽيليفون آيو ته 3 جنوري 1975ع تي وزيراعظم حيدرآباد ايئرپورٽ تي پهچندو ۽ توهان ساڻس ملو. آئون اُن ڏينهن ايئرپورٽ تي ويس ۽ جهاز اچڻ جو انتظار ڪيم. وزيراعظم صاحب صبح جو فلائيٽ جي ذريعي ايئرپورٽ پهتو، ٻيا ماڻهو به ايئرپورٽ تي پهتا، جيڪي ساڻس ملڻ لاءِ آيا هئا: پر هو جهاز تان لهندي ئي سڌو مون ڏانهن آيو. خيريت معلوم ڪيائين ۽ اڌ ڪلاڪ تائين مون سان گفتگو ڪندو رهيو. پڇيائين ته سندس والد جو بيان سينيٽ هال ۾ لڳايو ويو آهي؟ مون ٻڌايو ته اهو ڪم ڪجهه ڏينهن اڳ مڪمل ٿي ويو آهي. پوءِ پڇيائين ته جتي لڳايو ويو هو اُتي اجا تائين لڳو پيو آهي؟ مون چيو جي ها، اتي لڳل آهي. پوءِ پڇيائين ته مان ڏسي سگهان ٿو؟ مون جواب ڏنو، ته فراغت هجيوَ ته هاڻي هلي ڏسو. ان تي چيائين ته آءٌ تقريباً يارهين وڳي ايندس، پر توهان کان سواءِ اتي ٻيو ڪير به موجود نه هجي. ان کان پوءِ ضروري انتظامن لاءِ آئون يونيورسٽي آيس. وزيراعظم دير سان شام جو ساڍي ڇئين وڳي آيو ۽ سينيٽ هال ۾ صدر واري ڪرسيءَ جي پٺيان ديوار تي لڳايل ڪتبو ڏنائين ۽ شروع کان آخر تائين ان کي پڙهي مطمئن ٿيو.

ايئن ٿو لڳي تہ سال 1975ع دوران وزيراعظم ڀٽي صاحب مون کي حيدرآباد کان اسلام آباد آڻڻ لاءِ سوچيو هو. 26- جنوري 1976ع تي آئون اسلام آباد پهتس ۽ وزيرِ تعليم عبدالحفيظ پيرزادي صاحب سان مليس، جنهن منهنجي اچڻ جو اطلاع وزيرِاعظم صاحب کي ڏنو. منهنجي نئين عهدي جو تعين ڪرڻ وقت پيرزادي صاحب پنهنجي هڪ نوٽ ۾ مون کي اسپيشل سيڪريٽري ڪري لکيو. بهرحال ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مون جناب قدرت الله شهاب کان ايجوڪيشن سيڪريٽري جي (O.S.D) جي عهدي جي چارج ورتي، وزيراعظم ڀٽو صاحب طرفان رعايتن مراعتن جو سلسلو شروع ٿيو.

1975ع ۾ قائداعظم جي ولادت واري جشن جو انتظام منهنجي حوالي ڪيو ويو، جيڪو مون ڪاميابي سان انجام ڏنو، جنهن کان وزيراعظم ڀٽو ڏاڍو خوش ٿيو. 8 اپريل 1975ع تي علامہ اقبال جو جشن ولادت ملهائڻ جي سلسلي ۾ وزيراعظم ڀٽي جي صدارت هيٺ لاهور ۾ هڪ اجلاس ٿيو. قائداعظم جو جشنِ ولادت ڪاميابي سان ملهائڻ کان پوءِ 1977ع ۾ جشنِ اقبال ملهائڻ جو انتظام پڻ مون کي سونپيو ويو. 14 صدي هجريءَ جي پڄاڻيءَ تي برطانوي حڪومت طرفان جشنِ اسلامي (Islamic Festival) ملهايو ويو. جشن لاءِ پاڪستاني وفد ۾ مون کي پڻ ميمبر طور نامزد ڪيو ويو. وفد جو سربراهہ مذهبي معاملن وارو وزير مولانا ڪوثر نيازي هو.

جڏهن Pay Commission ناهي وئي تہ مون کي پڻ ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. ڪميشن جو چيئرمين جسٽس انوارالحق هو. پنجاب گورنمينٽ جو رٽائرڊ چيف سيڪريٽري پڻ ميمبر هو، جن منهنجي ڪم کي پسند ڪيو. ڪميشن جي رپورٽ لاءِ Brain Drain وارو باب مون ڊرافٽ ڪيو ۽ اهو ڪم خيرخوبيءَ سان پورو ٿيو.

هن مقالي جي پڄاڻيءَ کان پهرين آئون ٻن دعوتن جو ذڪر ڪندس: هڪ ڪرنل قذافيءَ طرفان ۽ ٻي وزيراعظم ڀٽو صاحب جي طرفان هئي. وزيراعظم 1973ع ۾ اسلامي ملڪن جي سربراهن کي لاهور ۾ دعوت ڏيئي گهرايو ۽ ان کان پوءِ بہ اسلامي ملڪن جي حڪمرانن سان لاڳاپا برقرار رکيا. ان سلسلي ۾ ليبيا جي باهمت ۽ بيباڪ حڪمران ڪرنل قذافيءَ کي گهرايو ويو هو. 27 فيبروري تي شام جو گورنر هائوس ڪراچيءَ ۾ دعوت جو انتظام ڪيل هو. ڪرنل قذافي سنڌ جي وزيراعليٰ مسٽر غلام مصطفيٰ جتوئي سان گڏ اندر آيو. (جتوئي صاحب) ڪيس ويهاري ٻاهر هليو ويو ۽ وزيراعظم ڀٽو سان اندر آيو. ڪاڌي جو اعليٰ انتظام هو. مانيءَ کان پوءِ سنڌ جي گورنر محترمه رعنا لياقت علي خان تقرير ڪئي. ان کان پوءِ جمالو ڳايو ويو. ان ۾ مرڪزي وزيرِ تعليم عبدالحفيظ پيرزادي، سنڌ جي وزير عبدالوحيد ڪٽپر، مير هزار خان بجاراڻي، سنڌ جي اڳوڻي گورنر رحمان گل ۽ جام صادق علي پرپور حصو

ورتو. (ياد ڪونهي تہ ان محفل ۾ يا بعد ۾ وزيراعظم جي محفل ۾ اسلام آباد ۾ فريده خانم پڻ نئين نرالي انداز سان غزل ڳاتو ۽ محفل کي گرمائي ڇڏيو. وزيراعظم ڀٽو صاحب ۽ ڪرنل قذافي اڳيان وينا هئا ۽ وزيرِتعليم عبدالحفيظ پيرزادو ۽ آئون ٺورو پويان وينا هئاسين. محفل جي آداب جو لحاظ رکندي ڪرسين بدران فرش تي قالين وڇايا ويا هئا).

2- جنوري 1975ع تي وزيراعظم ڀٽو صاحب ٽين وڳي هيليڪاپٽر ذريعي ڪراچي پهتو. بعد ۾ ساڳئي ڏينهن وزيراعظم جي ملٽري سيڪريٽري چيو تہ 5 جنوري تي لاڙڪاڻي ۾ وزيراعظم طرفان دعوت ٿيندي، توهان کي سڏايو ويو آهي. 10 تاريخ تي 2 وڳي لاڙڪاڻي پهتس. پي.آءِ.اي جي هوٽل سمبارا اِن ۾ منهنجي رهائش جو انتظام هو. 8 وڳي وزيراعظم صاحب جي بنگلي تي دعوت رکيل هئي. مون اُتي پهچي ڏٺو تہ پنجاب يونيورسٽي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسيلر اڳ ۾ ئي موجود هئا. بلوچستان جو گورنر خان آف قلات وينو هو. سنڌ جو وزيراعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي، پنجاب ۽ سنڌ جا گورنر ملڪ غلام مصطفيٰ کر ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ بعد ۾ اچي ويا.

خان آف قلات سان مليس ۽ کيس ياد ڏياريم تہ 1948ع ۾ نيويارڪ ۾ توهان سان مليو هوس. اتي آءٌ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ موجود هوس. جناب خان صاحب کي ياد آيو ۽ گفتگوءَ دوران وزيرِاعظم ڀٽو بہ اسان ڏانهن متوجہ ٿيو. هن دعوت ۾ مون کيس پوري طرح خوشگوار موڊ ۾ ڏٺو. هاڻي سوچيان ٿو تہ کيس ان وقت (1975ع) ۾ پيش آيل حادثي جو علم تہ ڇا، قطعي طور گمان بہ نہ هو.

[ماهوار ”پيغام“ ڪراچي، مارچ- اپريل 2011ع، اردو مان سنڌي ترجمو: علي حسن چانڊيو]

❑

# 63 ويا سي وينجهار:
# آه! بيگم ايلسا قاضي ۽ قبلہ علامہ امداد علي قاضي

گذريل چوويهن مهينن اندر، حضرت شاهہ عبداللطيف جا بہ وڏا عاشق، ڄاڻو ۽ شارح علامہ امداد علي امام علي قاضي ۽ سندس رفيقِ حيات بيگم ايلسا قاضي اسان کان جدا ٿي وڃي اَبدي ننڊ ۾ سُتا. بيگم ايلسا قاضي آچر رات ادائي بجي تاريخ 17- صفر 1387هہ/28- مئي 1967ع تي وفات ڪئي ۽ علامہ قاضي چنچر ڏينهن شام ڏاري 14- محرم 1388هہ/ 13- اپريل 1968ع تي هن فاني دنيا کي الوداع چئي. اِنالله و اِنا اليه راجعون! علامہ قاضي صاحب 3- رجب 1303هہ/9- اپريل 1886ع تي حيدرآباد شهر ۾ ڄائو ۽ بيگم ايلسا قاضي جي ولادت، 13- آڪٽوبر 1884ع تي جرمني ۾ ٿي. ٻئي عاقل بالغ ٿيا تہ علم فضيلت، حق ۽ حقيقت جا متلاشي ٿيا. تاريخ 7- سيپٽمبر 1908ع تي لنڊن ۾ سندن پهرين ملاقات ٿي. زندگي جي مول مقصد بابت همخيالي کين بالآخر هڪٻئي جو 'رفيق حيات' بنايو، بلڪ هو بہ تن هڪ جان بنيا. علامہ قاضي سرزمين سنڌ جو هڪ سپوت پٽ هو، مگر پنهنجي علم، حلم، فهم ۽ فڪر جي لحاظ سان بين الاقوامي درجي جي بلند پايہ شخصيت جو مالڪ هو، اهڙا پٽ ڪي مائون ڄڻينديون! بيگم ايلسا قاضي شعر، موسيقي، مصوري ۽ انشا پردازي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي ۽ نظم توڙي نثر ۾ نہ صرف گهڻو ڪجهہ لکيائين، پر جو لکيائين سو لاجواب لکيائين.

هن ٻن ملائڪ صفت انسانن جا گڻ ڳڻڻ کان ٻاهر آهن، پر اسان کي انهيءَ ڪري بہ پيارا هئا، جو ٻئي حضرت شاهہ عبداللطيف جا وڏا عاشق، عالم ۽ شارح هئا. علامہ قاضي حضرت شاهہ صاحب جي بلند پايي فڪر ۽ قدرن کي صحيح نموني ۾ سمجهيو ۽ پنهنجي بلند پايہ خطن ۽ مقالن ذريعي شاهہ جي ڪلام ۽ پيغام جي خوبين کي چمڪايائين. 'رسالي' کي حضرت شاهہ صاحب جي فڪر جي ارتقاء جي لحاظ سان مرتب ڪيائين. حضرت شاهہ صاحب جي ڪلام جي تسلسل کي فڪر جي مدارج سان همڪنار ڪرڻ جي اها پهرين عالمانہ ڪوشش هئي، جا آئينده يقيني طور ٻين مڙني محققن لاءِ مشعلِ راهہ ٿيندي. حضرت شاهہ صاحب جي ڪلام کي بين الاقوامي حلقن سان روشناس ڪرائڻ خاطر، علامہ صاحب ۽ بيگم ايلسا قاضي ٻنهي پيريءَ ۾ وڏي حوصلي ۽

همت سان هڪ اهم ڪارنامو انجام ڏنو. علامہ صاحب جي رسالي جي هرهڪ سُر مان فڪر ۽ معنيٰ کي انگريزي ۾ واضح ڪيو ۽ بيگم ايلسا قاضي بيتن جي انهي صحيح مفهوم کي انگريزي نظم جو لباس پهرايو: ترجمو اهڙي دانائي ۽ شاعرانہ شعور سان ڪيائين جو نہ صرف مفهوم جي ادائگي ٿي، بلڪ نظم ۾ قافين جي سٽاءَ بہ ساڳئي حضرت شاهہ صاحب جي بيتن واري قائم رهي. آخر عمر ۾ اهو شاهڪار اسان وٽ ڇڏي پاڻ لڏي ويا:

”جي قيام مڙن، تہ ڪر اوڏا سپرين،
تنهان پري سڄڻ، واڏايون وصال جون.“

[ڊاڪٽر محمد علي مانجهي مرتب: ”ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا“ (جلد ستون) ڊاڪٽر اين.اي بلوچ
انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ڄام شورو، ثقافت، سياحت ۽
نوادرات کاتو حڪومت سنڌ، 2019ع]

❑

# اديب ۽ شاعر

# (64) آخوند فيض محمد روهڙوي

## 13 صدي هجري (19 صدي عيسوي) جو شاعر ۽ اديب

ٽالپورن جي آخري دور ۽ انگريزن جي حڪومت جي اوائلي دور ۾ سنڌ اندر گهڻائي عالم ۽ اديب هئا، جيڪي بنيادي مڪتبي تعليم ۽ ترتيب هيٺ فارسي زبان ۽ ادب کان چڱي طرح واقف هئا. ٻيا جيڪي مدرسن وارين درسگاهن مان فارغ ٿيل هئا، سي عربي جا بہ وڏا عالم هئا. ساڳئي وقت مڪتبن توڙي مدرسن ۾ انهن سيني پڙهيلن کي سنڌي زبان سان بہ لڳاءُ هو، ڇاڪاڻ جو مڪتبن ۾ سنڌي جا سبق بہ ملندا هئا ۽ پڻ فارسي شعر جي مطالعي سان سنڌي شعر ڏانهن بہ چاهہ وڌندو هو. انهي دور جي فارسي خوان شاعرن ۽ اديبن ۾ مير عبدالحسين خان سانگي وڏيڪ نالي وارو ٿيو، جنهن جون تصنيفون ۽ ديوان توڙي سندس همعصر شاعرن اديبن جا ڪتاب ۽ ديوان مشهور معروف آهن. البت اهي شاعر ۽ اديب جيڪي سانگي کان اڳين ٿهيءَ جا هئا، تن مان ڪن ٿورن جا حالات هن وقت تائين معلوم ٿي سگهيا آهن. روهڙيءَ جو آخوند فيض محمد، سانگيءَ جي وڏن معاصرن مان هو، جنهن جا حالات هاڻي دستياب ٿيا آهن.[1] جيتوڻيڪ سندس تصنيفن ۽ شعر جي ذخيري جو سڄو سربستو مواد باقي نہ بچيو آهي، بهرحال جيڪو مواد دستياب ٿيو آهي، تنهن جي مطالعي جي آڌار تي آخوند فيض محمد جي سوانح، سندس شعر ۽ ادب جي نوعيت تي هيٺ روشني وڌي وڃي ٿي.

### سوانح:

آخوند فيض محمد پيريءَ ۾ پاڻ پنهنجي حياتي جو احوال لکيو. فارسي ۾ لکيل سندس اها سوانح البت آخر ۾ اڻپوري آهي ۽ پڻ وچان پنن جي ڦاٽڻ ۽ ڦاٽل ٽڪرن جي گڏ وڃڻ ٿيڻ سببان بيان جو سلسلو ثابت نہ رهيو آهي. جزوي تفصيل کي ڇڏيندي، مجموعي طور سان آخوند مرحوم جي زندگيءَ جو احوال سندس خود نوشتہ بيان جي روشنيءَ ۾ هيٺينءَ طور معلوم ٿئي ٿو.

---

[1]. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي 'شعبہ آثار قديمہ' جي صدر محمد مختار قاضي گذريل سال 1989ع ۾ آخوند فيض محمد جو بياض موڪليو ۽ پڻ چيائين تہ ان بابت مقدمي طور ڪجهہ لکان تہ جيئن هيءُ بياض شايع ڪرايو وڃي. ان بعد اپريل- مئي 1990ع ۾ سندس والد قاضي محمد هاشم صاحب خود آخوند فيض محمد جي پنهنجي دستخط سوانح جو عڪس ۽ ان سان گڏ آخوند مرحوم جي زندگي بابت ڪجهہ ٻيو مواد موڪليو، جيڪو قاضي محمد مراد، مخدوم عبدالغفور، عبدالله ايم. آخوند ۽ خود قاضي محمد هاشم جي پنهنجين يادگيرين جي آڌار تي لکيل هو.

آخوند فيض محمد جا وڏا اصل ڪان روهڙي جا رهندڙ هئا، جن مان ڪانئس ٻارهن پيڙهيون اڳ وڏي ڏاڏي پنهنجي والد سميت اسلام قبول ڪيو ۽ شيخ دين محمد جي نالي سان سڏيو ويو. هو دل سان دين ڏانهن مائل رهيو، ’وارمبارڪ‘ تي ڏها ڪيڻائين ۽ مولود ۽ مداحون پڙهيائين ۽ بالاخر تعلقي روهڙي جي ديهه ڇهار لياري جي هڪ درويش عمر نانگي جي دعا سان ڪيس علم جي روشني عطا ٿي ۽ مڪتب پڙهايائين. روهڙي ۾ موٽي آيو ته اتي جي مغل قبيلي مان سندس شادي ٿي ۽ ڪيس اولاد ٿيو، جن مان ٻارهين پشت ۾ شيخ محمد اڪرم هو ۽ ٻارهين پشت ۾ سندس پٽ شيخ فتح محمد هو. محمد اڪرم آخوند فيض محمد جو ڏاڏو ۽ فتح محمد والد هو. شيخ محمد اڪرم پنهنجي وقت جو عالم فاضل شخص هو. قاضين جي مسجد ۾ سندس مدرسو هو، جنهن مان ڪي شاگرد وڏا ڪامياب ٿي نڪتا ۽ مشهور ٿيا. جيئن ته شرافت پناهه قاضي فيض الله، بلاغت آگاهه قاضي وڏيو ۽ حڪيم قاضي جان محمد ۽ ٻيا جيڪي سنڌ جي حاڪمن مير صاحب جا خاص حڪيم هئا. شيخ محمد اڪرم تصوف ۾ نقشبندي طريقي جو مريد هو ۽ سڄي عمر قاضين واري مسجد ۾ عبادت ڪندي گذاريائين. ڪيس چار نياٽيون ٿيون ۽ پو دير سان ستر ورهين جي وڏي ڄمار ۾ هڪ پٽ شيخ فتح محمد ڄائو، جنهن پنهنجي ذهانت سان ”علوم فارسي، حساب ابجدي، تعويذات ۽ فال اندازي“ ۾ دسترس حاصل ڪئي ۽ پڻ وڏي اخلاق وارو ٿيو. پڻس خوش ٿيو ۽ نوجوان فتح محمد جي شادي روهڙي مان جامع العلوم مولوي محمد سعيد پٽي جي وڏي نياٽي سان ڪرايائين. شيخ محمد اڪرم اهي سڀ اميدون ڏسي سئو سالن کن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

شيخ فتح محمد کي نياٽي جي ولادت بعد، تاريخ ڇهرين شعبان اربع ڏينهن ٻنپهرن جو سنه 1244ع هجري (1829ع) ۾ هڪ پٽ فيض محمد ڄائو، جنهن کي پهريائين پاڻ تعليم ڏنائين ۽ پوءِ استاد شيخ وَريي وٽ وڌيڪ تعليم لا وهاريائين، جنهن جي توجهه سان هن ڏهن سالن جي عمر تائين گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو. شيخ فتح محمد ان وقت رئيس مسو خان جي ڪم ۾ هو ۽ مسو خان وارو مشهور باغ سندس ئي رکيل هو. ٻن ڇئن سالن بعد (سنه 1259هه/ 1843ع ۾) جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن شيخ فتح محمد نوڪري ڇڏي مدرسو کوليو ۽ پڙهائڻ لڳو، جتي فيض محمد چوڏهن پندرهن سالن جي عمر کان وٺي ويهن سالن تائين هيٺين موضوعن جي مطالعي مان بهره ور ٿيو: فارسي نظم و نثر، رياضي ۽ حساب، علم حڪمت بدني (طب)، حڪمت علم طبيعات (فلسفو)، علم اخلاق، رمل و نجوم، صنايع ۽ بدايع، صرف ونحو، جغرافيه ۽ تاريخ، علم تصوف، انشاء وغيره. ڪجهه انگريزي مان به واقفيت حاصل ڪيائين.

تعليم پوري ڪرڻ بعد، عمر جي ٽيويهن سال کان وٺي فيض محمد ’آخوندگي‘ شروع ڪئي يعني آخوند جي حيثيت ۾ مڪتبي تعليم ڏيڻ لڳو ۽ آخوند سڏجڻ لڳو، جيتوڻيڪ ٻيون نوڪريون بہ ڪيائين. پاڻ پنهنجين مصروفيتن ۽ ملازمتن جو تفصيل هيٺين طور ڏنو اٿئين:

- ’دوبر‘ جي ڏاريجي وڏيري جي پٽ الهڏني ۽ ٻين ٻارن کي پڙهائڻ: 7 ماهہ رمضان سنہ 1267ھہ کان وٺي 7 ماهہ رمضان سنہ 1268ھہ تائين.
- ڪوٽ مير يعقوب خان (روهڙي اسٽيشن لڳ) جي سيد امير بخش جي پٽ مشتاق علي شاهہ کي ٻہ سال پڙهائڻ، ماهيانو معاوضو پنج- ڇهہ رپيا.
- چالان نويسي پوسٽ آفيس روهڙي.
- درياءِ جي پتڻ تي آمدني روانگي لکڻ، پگهار ڏهہ رپيا.
- آر. ڪُوپر ڊپيوٽي ڪليڪٽر ۽ پڻ ڪليڪٽر ضلعي شڪارپور ۽ اڳوڻي سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر جي سفارش تي روهڙي جي سرڪاري مدرسي جو هيڊ ماستر مقرر ٿيڻ. آخوند صاحب پهرين نومبر 1855ع تي انهي عهدي تي ڇهن يا ستن رپين (؟) ماهوار پگهار سان مقرر ٿيو ۽ پو ڪيس اضافا مليا، تان جو سورهن سالن جي نوڪري بعد سنڌ جي مدرسن جي ناظر (صوبي سنڌ جي اعليٰ تعليمي نگران) ميجر گولڊ سمڊ جي سفارش تي تاريخ 1- مئي 1861ع کان وٺي سندس جملي ماهيانو پگهار وڌي اناويهہ رپيا ٿيو. ان بعد 10- فيبروري 1873ع کان وٺي سندس ماهيانو پگهار ٽيهن رپين کان ڪجهہ وڌيو جو ڪيس ٽي رپيا ماهوار پَتو ملڻ لڳو.

مٿين اهڃاڻن کان سوا وڌيڪ اهو ڪونہ ڄاڻايو اٿس تہ سرڪاري نوڪري مان ڪڏهن فارغ ٿيو ۽ پو ڇا ڪيائين، پر سندس باري ۾ جيڪي يادگيريون هن وقت موجود آهن تن مان سمجهجي ٿو تہ آخوند فيض محمد سرڪاري نوڪري بعد پنهنجو مڪتب قائم ڪيو، جنهن ۾ هندو شاگرد بہ پڙهندا هئا. اهو مڪتب روهڙي شهر جي ’چانڊني چوڪ‘ کان اتر ويندڙ گهٽيءَ ۾ واقع هو[1]. ڪجهہ وقت روهڙي سول ڪورٽ ۾ عريضي نويسي بہ ڪيائين، جو هڪ انگريز جج طرفان ڪيس مليل اهڙو سرٽيفڪيٽ محفوظ آهي.[2]

---

[1]. زباني قاضي محمد مراد.

[2]. زباني قاضي محمد هاشم.

آخوند فيض محمد پنهنجي خود نوشته سوانح ۾ پنهنجي ڪٽنب (والدين ۽ پيٽين توڙي پنهنجي اهليه ۽ نياڻين) بابت تفصيل سان لکيو آهي، جنهن ۾ ڪي خاص ڳالهيون ۽ اهڃاڻ هن طرح ڄاڻايل آهن: سندس والد آخوند فتح محمد پنجاسي سالن جي عمر ۾ 13- محرم 1286هه مطابق 26- اپريل 1869ع تي وفات ڪئي ۽ سندس والده بي بي فاطمه ويهين رمضان 1290هه مطابق 12- نومبر 1873ع اربع ڏينهن ٻياسي- ٽياسي سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. آخوند فيض محمد کي پٽ ڪونه ٿيو، پر نياڻيون ٿيون ۽ سندس چئن نياڻين جو اولاد موجود آهي[1]. انهن چئن مان ٽري سندس حياتي ۾ فوت ٿيون. سندس پيٽون به سندس حياتي ۾ فوت ٿيون، جن مان آخر ۾ بي بي جيوڻ عرف شفاعت خاتون تاريخ 2- جمادي الاول 1291هه (17- جون 1874ع) تي وفات ڪئي.

آخوند فيض محمد جو پيءُ توڙي ڏاڏو ٻئي اهل سنت ۾ نقشبندي طريقي جا سالڪ هئا. سندس پيءُ آخوند فتح محمد نقشبندي طريقي جي ناميارِي بزرگ پير نظام الدين سرهندي جو مريد هو. آخوند فيض محمد جي ”شاهه جي رسالي“ ذريعي شاهه عبداللطيف سان عقيدت ٿي ۽ پو هو ظاهري طرح وجي پٽ شاهه جي پير مدد علي شاهه گهوٽ جو مريد ٿيو. هن پنهنجن غزلن ۽ قافين ۾ حضرت شاهه عبداللطيف سان عقيدت جو اظهار ڪيو آهي، پڻ هڪ قافي قلندر شهباز جي شان ۾ چئي آهي.

سنه 1300هه (1883ع) بعد آخوند صاحب جي عمر جي آخري دور جا خاص اهڃاڻ اهي ملن ٿا جو ان وقت شعر ۽ ادب سان سندس خاص شغف هو ۽ تيرهين صدي جي پڄاڻي ۽ چوڏهين جي شروعات جي تبديل کي محسوس ڪندي پنهنجي هڪ فارسي غزل ۾ ان جو ذڪر ڪيائين ته:

سيزده صدي گذشت و چهار دهم شد شروع
روز و شپ اين عالمي در انقلاب افتاده است

يعني ته تيرهين صدي پوري ٿي ۽ چوڏهين شروع ٿي آهي ۽ هيءُ عالم ڏينهن رات جي تبديلي واري انقلاب ۾ اچي ويو آهي. سنه 1889ع (1306هه) ۾ درياء تي روهڙي واري پل ٺهي راس ٿي ته ان تي تاريخي قطعو چيائين. ان وقت سندس عمر ٻاهٺ سال کن هئي. ان بعد سندس آخري عمر تڪليف ۾

---

[1] . وڏي نياڻي بيبي برڪت خاتون ’وار مبارڪ‘ جي مخدومن ۾ ڏنائين، جنهن جي اولاد مان عبدالغفور، عبدالحميد، غلام ياسين، عبدالرؤف ۽ ٻيا موجود آهن. ٻي نياڻي نوشابه بيبي آخوندن جي خاندان ۾ آئي، جنهن جي اولاد مان مرحوم عبدالرزاق ٿيو، جنهن ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم سان گڏ لنڊن ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ ولايت مان ايندي فوت ٿيو. ٽين نياڻي دُر بيبي روهڙي جي قاضي خاندان ۾ آئي، جنهن جي اولاد مان قاضي محمد مُراد حال حيات آهي. چوٿين نياڻي بيبي حرمت خاتون عرف بهار خاتون قاضين جي خاندان ۾ قاضي غلام حسين جي گهر ۾ آئي، جنهن جو ڏوهٽو قاضي محمد هاشم حال حيات آهي.

گذري. پاڻ پنهنجي سوانح ۾ جيڪا ان عمر واري دؤر ۾ لکيائين ڄاڻايو اٿئين ته: 'تن تنها پنهنجي اصلي اباڻي گهر ۾ يا والد جي اوطاق واري جاءِ ۾ غمگيني، بي پشت پناهي، يتيمي ۽ مسڪيني حالت ۾ گوشه نشين ٿي گذاريان ٿو.' سندس وفات جو سال معلوم ناهي. جنهن گهٽي ۾ سندس اصل اباڻو گهر هو ۽ جتي پاڻ رهندو هو، سا پوءِ سندس نالي سان 'آخوند فيض محمد گهٽي' سڏجڻ لڳي ۽ روهڙي سٽي سروي رڪارڊ ۾ پڻ انهيءَ نالي سان داخل هئي.[1]

آخوند فيض محمد جو آخري آرامگاهه سندس والد آخوند فتح محمد جي تربت جي پرسان سول ڪورٽ روهڙي (ناڪي) جي هيٺان آهي.[2] پاڻ جيئري پنهنجي مزار جي باري ۾ چيائين ته:

بر مزارِ من مزاريد اي عزيزان زينهار
طالبِ حق خود بخود خوابيد در دارالقرار
تن بخاک و جان بکاخِ لامکان موجود حق
تو نمي بيني ولي مي بينمت ليل و نهار

(اي عزيزو! منهنجي مزار تي نه رُئو، جو حق جو طالب دائمي آرام واري جاءِ تي جاڳيل آهي. سندس جسم خاڪ ۾، مگر روح لامڪاني محل ۾ حقي موجود آهي. تون مون کي نٿو ڏسين، پر مان توکي ڏينهن رات پيو ڏسان).

**اديب ۽ شاعر:** آخوند فتح محمد مڪتبي توڙي مدرسي واري تعليم حاصل ڪئي. هو فارسي نظم ۽ نثر صنايع ۽ بدايع، طب، فلسفيانه حڪمت، علم اخلاق، نجوم، تصوف وغيره علمي موضوعن مان بهره ور ٿيو. اهو بنيادي درسي مطالعو جيڪو ڪافي وسيع هو سو سندس اديب ۽ شاعر بنجڻ ۾ ڪارآمد ثابت ٿيو. ان سان گڏ هو طب مان واقف هو ۽ بيمارن لاءِ دوائن جا نسخا لکيائين جن مان ڪي ڪاغذ محفوظ رهيا آهن. پيشي جي لحاظ سان هو 'آخوند' (مڪتب توڙي مدرسي جو استاد) هو ۽ وڏي عرصي تائين استاد جي حيثيت ۾ پڙهايائين. ان وقت جي تعليمي نصاب ۾ 'ڪتابت' (سهڻي ۽ صحيح صورتخطي) تي خاص ڌيان ڏنو ويندو هو ۽ آخوند فيض محمد پڻ سندس شاگردي واري زماني کان وٺي 'ڪتابت' سان ايترو ته چاهه رکيو جو هو هڪ چڱي 'ڪاتب' واري درجي تي پهتو. سندس دستخط بياض توڙي خود نوشته سوانح ٻئي 'ڪتابت' ۾ سندس چڱي خاصي دسترس تي شاهد آهن. ڪيس

---

[1]. مخدوم عبدالغفور جي بيان موجب، آخوند فيض محمد گهٽي، گهٽو ڪري قاضين واري مسجد کان ڏاڪڻ تائين ختم ٿيندڙ گهٽي هئي.

[2]. اهي تربتون ٽي چڪيون هيون، جن کي قاضي محمد مراد، قاضي محمد هاشم، قاضي نظر محمد ۽ مخدوم عبدالغفور گڏجي نئين سر تعمير ڪرايون آهي.

’ابجد‘ جي حساب سان تاريخ ڪڍڻ جي به چڱي ڄاڻ هئي، جو پنهنجي ولادت جي تاريخ ”اميدوار فيض محمد“ (1244هه) جهڙي معنيٰ خيز فقري مان ڪڍيائين.

آخوند فيض محمد جي پنهنجي ادبي ذخيري مان جيتوڻيڪ ٿورو مواد باقي بچيو آهي، ته به اهو سندس اديبانه لياقت ۽ شاعرانه اهليت تي شاهد آهي. ان ۾ هڪ سندس خود نوشته سوانح آهي ۽ ٻيو سندس دستخط بياض آهي، جنهن جا به ڀاڱا آهن: پهرئين ۾ سندس جوڙيل ’ڪريما سنڌي‘ ۽ ٻئي ۾ سندس پنهنجو چيل شعر شامل آهي. هيٺ انهن ٽنهي ڀاڱن يعني سوانح، ڪريما سنڌي ۽ شعر جي ذخيري جو مختصر تعارف ڏنو وڃي ٿو.

**(الف) خود نوشته سوانح**: آخوند فيض محمد پڇاڙي جو پيري ۾ پاڻ پنهنجي سوانح حيات فارسي ۾ لکي. سوانح وارو سندس اهو هٿ لکيل مسودو موجود آهي، جيتوڻيڪ سڄو سلامت نه رهيو آهي. باقي بچيل مواد ٽيٽيهن قلمي صفحن ۾ آهي، جنهن ۾ خاندان ۽ سندس پنهنجي زندگي جي حالات سان گڏ سندس طرز بيان تي روشني پوي ٿي. سندس عبارت مان ظاهر آهي ته فارسي نثر لکڻ ۾ ڪيس پوري دسترس هئي؛ هن مسودي ۾ عموماً سندس طرز بيان سڄو اديبانه آهي. مثال خاطر ڪي اقتباس هيٺ ڏجن ٿا، جيتوڻيڪ سوانح جي شروعات وارو صفحو، جيڪو سهڻي عبارت ۾ سينگاريل آهي، سو ضايع ٿي چڪو آهي.(1)

بعد فوتي جناب والدين ماجدين و همشيره عزيزه معصومه آن وسه دختران معصومان عليهم الغفران خود تن تنها درخانه هاي اصلي حزين و غمگين و گاهي در اوطاق جناب قبله گاهه باصد الم و آه بي پشت پناه محض بر توکل علي الله چون يتيمان و مسکينان مسکنت گزين گرديده- آري بموجب فرمودهء خواجه حافظ عليه الرحمة

بهار عمر ملاقات دوستداران است
چه حظ برد خضر از عمر جاودان تنها

نه منکحوحه و نه ياري و نه عزيزي و نه خويشي که بنسيم تلطف و دلداري غنچه مقبوضه خاطرم بکشايد، بناء عليه بپاس يادگار اين واقعه دل فگار مسميٰ به ”ناله راز“ مشتمل بر احوال پرملال خود و انقلاب دورِ دَوار و رعونت ورنجدهي همسايگان کفار زناردار و صدمه رساني خويشان بد انديشان بدکردار افعي وار و منحرف شدن قلوب شاگردان ناهنجار و کجروي مرد مان لااعتبار... قلمي يافت.

---

(1). هن صفحي جي فوٽي ۾، مٿان ڪان هيٺ تائين، سڄي اڌ وارو پاسو ميساريل آهي.

مٿين اقتباسن مان ئي آخوند صاحب جي فارسي نثر ۾ اديبانہ عبارت جي تصديق ٿئي ٿي. پنهنجي شعر جي ذخيري لاءِ جيڪو مختصر مهاڳ لکيو اٿئين (ڏسو هيٺ) ان مان بہ سندس اديبانہ عبارت جي چاشني عيان آهي. مٿي ڏنل ٻئي نمبر اقتباس مان معلوم ٿيندو تہ آخوند صاحب پنهنجي خود نوشتہ سوانح حيات جو نالو "نالہ راز" (راز جي دانهن) رکيو ۽ انهي لحاظ سان سوانح جو مواد 'رازن' ۾ ورڇيائين. يعني هر ڀاڱي کي 'باب' بدران 'راز' ڪري لکيائين. مثلاً راز اول، راز دويم، راز سيوم، "راز چهارم در شرح حال راقم اثم فيض محمد بہ تفصيل قرون ده ده ساله" (راز چوٿون گنهگار لکندڙ شخص فيض محمد جي حال بيان بابت، ڏهن ڏهن سالن جي عرصي جي تفصيل سان).

**(ب) ڪريما سنڌي**: آخوند فيض محمد هيءُ 'ڪريما' سنہ 1305هہ (88-1887ع) ۾ جوڙي، انهيءَ لاءِ تہ فارسيءَ ۾ تصنيف ڪيل شيخ سعدي جي 'ڪريما' جنهن ۾ دانائي ۽ اخلاق جي سعادت جو جيڪو گنج سمايل آهي، تنهن کي پنهنجي زبان سنڌي ۾ سيڪو سهنجائي سان پڙهي سمجهي سگهي. مٿان عنوان واري ورق ۾ ڏنل تاريخي قطعي ۾ ائين ڄاڻايائين تہ:

جڏهن سال هجري هو تيرهن سا پنج،
تڏهن هي 'ڪريما' جوڙي لاءِ سهنج
تہ هرڪو پڙهي فيض وارو ٿئي،
جو سعدي سعادت جو کوليو آ گنج.

'تيرهن سا پنج' يعني هجري سال تيرهن سؤ ۽ پنج (1305هہ). 'جوڙي' يعني 'مون جوڙي'. 'جوڙي لاءِ سهنج' کي 'جُڙي لئي سهنج' ڪري پڙهبو تہ وزن پورو بيهندو. 'فيض وارو ٿئي' واري فقري ۾ خود مصنف جي نالي (فيض محمد) جي تلميح سمايل آهي.

آخوند صاحب سندس هن ڪتابڙي جو سڄو نالو "ڪريما سنڌي تضمين ساڻ ڪريما سعدي رحہ" لکيو آهي: يعني تہ سنڌي ۾ سندس منظوم ڪيل سٽن سان شيخ سعدي جي ڪريما واريون اصل سٽون تضمين ڪيل (پويان لڳائي آندل) آهن. ظاهر آهي تہ آخوند فيض محمد پنهنجي خالص تعليمي جذبي ۽ ادبي ذوق هيٺ هيءُ ڪشالو ڪڍيو، جنهن ۾ خوبيون هي آهن جو هڪ تہ شيخ سعدي جي سٽن ۾ سمايل خيال کي آخوند صاحب پنهنجين سنڌي سٽن ۾ سولي ۽ سهڻي نموني ۾ هن طرح سمجهايو جو لفظي ترجمي بدران معنوي ترجماني ڪيائين. ٻيو تہ جيتوڻيڪ سندس منظوم ڪيل سٽن ۾ مجموعي طور سان اها ساڳي معنيٰ سمايل آهي، جيڪا پويان آندل شيخ سعدي جي فارسي سٽن ۾ آهي، تہ بہ آخوند صاحب پنهنجون ڪي سٽون، الفاظ توڙي بيان جي لحاظ سان، عجب انداز ۾ انوکيون ڪري آنديون آهن. نموني طور ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن ۾ پهرين سٽ آخوند صاحب جي ۽ پويان ٻي سٽ شيخ سعدي جي آهي.

(1) سنڌي ڪريما جي بالڪل پهرين سٽ
سچا فيض محمد جي سڻ تون صدا،
ڪيم ناروا ڪم ڪوجها ڪچا.
ڪريما ببخشائي برحال ما،
ڪه هستم اسيرِ ڪمندِ هوا

(2) ڳڻيندي مهينا جولائي آگسٽ،
اجا ڪينڪي ٿو چڙي هفت هشت[1]
ڇهلِ سال عمرت عزيزت گذشت،
مزاج تو از حال طفلي نگشت

(3) لڌو فيض ان ڪان عرب ۽ عراق،
ڪليا آسمانن جا در طاق طاق
سوارِ جهانگير يڪران براق،
ڪه بگذشت از قصر نيلي رواق
ڪريما سنڌي جون آخري ٽي سٽون

(4) نِڪرُ فيض محمد تون سنپري شتاب،
رکڻ دل انهيءَ ۾ نه ڪارِ ثواب
مَنهِ دل برين ڪهنه ديرِ خراب،
ڪه خالي نباشد ز رنج و عتاب

(5) بقا ناه دنيا ڪي اي باخبر،
نه ڪر عمر غفلت سين ان ۾ بسر
ثباتي ندارد جهان اي پسر،
بعقلت مبر عمر در وي بسر

(6) اِيهو گهر نه نيبهُ ڪهين سان اي يار،
تون سعدي جو هيءُ هڪ وچن نا وسار
مَنِه دل برين دير ناپايدار،
ز سعدي همين يک سخن ياد دار.

مٿين مثالن مان معلوم ٿيندو ته پهرئين بالڪل شروع واري سٽ ۾ پنهنجو نالو آندو اٿس ته اها سعدي جي سٽ سان معنيٰ ۽ مقصد ۾ پڇي بيهي ٿي. ٻئي مثال ۾ شيخ سعديءَ وارو ساڳيو قافيو قائم رکيائين، پر معنوي مقصد بالڪل الڳ لفظن ۾ ادا ڪيائين. ٽئين مثال ۾ سعدي جي سٽ جي معنوي ترجمي بدران پنهنجي انوکي بيان سان معنوي مقصد ادا ڪيائين.

---

[1]. 'هفت هشت' يعني ست اٺ، جولاءِ ۽ آگسٽ ڏانهن اشارو جيڪي سال جا ستان ۽ اٺان مهينا آهن.

چوٿين مثال ۾ ’ڪريما‘ جي بالڪل آخري سٽ ۾، سعدي جي پنهنجن لفظن موافق معنوي ترجمو سهڻو ڪري آندائين.

**(ج) شعر جو ذخيرو:** بياض ۾ شامل ’ڪريما سنڌي‘ کان پوءِ لاڳيتي لکيل پنهنجي شعر جي ذخيري جو فارسي ۾ مختصر مهاڳ لکيو اٿئين، جيڪو سنڌس فارسي نثر جو هڪ عمدو مثال آهي. ان ۾ مقصد واري خاص عبارت جنهن ۾ بيان جي رنگيني ۽ دلنشيني آهي سا هيءَ ته:

> بعد از اختتام ڪريما سندهي تضمين به ڪريما سعدي عليه الرحمته اين چند غزل فارسي و هندي و ڪافي هائي پنجابي و سندهي و عرايض منظوم وغيره برائي تفريح طبع دوستان صفا ڪيشان درج ذيل مي شوند... چراڪه بضاعت مختصر اعني اشعار منڪسر به پيش صرافان بازار سخنداني و نڪته سنجان ارباب معاني در آورده ام رجاڪه از درياء دلي شيوهء عيب پوشي را بڪار بذده بذيل ڪرم بپوشند.

[ڪريما سنڌي جي خاتمي کان پوءِ، فارسي ۽ هندي ۾ هي ٿورا غزل، پنجابي ۽ سنڌي ڪافيون، منظوم عريضا وغيره مخلص دوستن جي تفريح طبع خاطر هيٺ لکجن ٿا... جيئن ته پنهنجو مختصر سرمايو يعني ته ڀڳل سڀڳل اشعار، سخنداني جي بازار جي صرافن ۽ معنيٰ جي ڄاڻو اربابن آڏو آندو اٿم، اميد ته هو پنهنجي درياءَ دليءَ سان ان جي عيبن کي پنهنجي ڪرم جي پاند سان ڍڪيندا]

آخوند صاحب پاڻ ڄاڻايو آهي ته هيءُ سندس شعرن جو هڪ مختصر سرمايو آهي؛ اهو ڪونه لکيو اٿس ته هن کان الڳ سندس شعرن جو ٻيو به ڪو ذخيرو موجود آهي. هن مهاڳ ۾ اردو بدران هندي ۽ سرائڪي بدران پنجابي ڪري لکيو اٿس. هن مختصر ذخيري ۾ سندس شعر جون هيٺيون صنفون شامل آهن:

- يارهن فارسي غزل ۽ هڪ رباعي.
- هڪ مخمس غزل سنڌي- اردو- فارسي آميز.
- پنج سنڌي ڪافيون.
- ڇهه سرائڪي ڪافيون ۽ ٽي سرائڪي بيت.
- هڪ سرائڪي- هندوي آميز ڪافي.
- هڪ سرائڪي- پنجابي- هندوي- اردو آميز ڪلام.
- فارسيءَ ۾ ٻه قصيدا پير صاحب پاڳاري حزب الله شاهه لاءِ.
- هڪ مڪتوب منظوم مرشح فارسي ۾ ميرزا آصف صفوي مشڪين قلم ڏانهن.
- فارسي ۾ دعا نامو لالا پيرو مل ڏانهن.

- فارسي ۾ عريضو ڊاڪٽر پالن ڏانهن.
- فارسي ۾ تاريخي قطعو روهڙي واري پل نهي راس ٿيڻ تي.

آخوند فيض محمد جي شعر جو مٿيون ذخيرو جيتوڻيڪ سندس لفظن ۾ ”بضاعت مختصر“ يعني ٿورو آهي، تہ بہ ايترو ڪافي آهي جو ان ڪي سخندانن آڏو آڻڻ خاطر قلمبند ڪيائين. ان جي مطالعي مان آخوند صاحب جي پختي شاعر هجڻ جي تصديق ٿئي ٿي. هن شاعري کي پنهنجو پيشو ڪونہ بنايو، پر محض ذاتي ذوق خاطر شعر چيو، جيڪو ٿورو آهي تہ بہ قابل قدر آهي. آخوند صاحب صرف چئن زبانن يعني فارسي، سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ۾ شعر چيو ۽ انهن کان سواءِ سرائڪي، پنجابي- هندوي- اردو آميز گڏيل زبان ۾ پڻ ڪلام چيا. صنفن جي لحاظ سان غزل، قافي، رباعي، بيت (سرائڪي)، قصيدو (عريضا) ۽ تاريخي قطعو هن ذخيري ۾ شامل آهن. قافين ڳائڻ لاءِ مٿان راڳن راڳڻين جا نالا لکيا اٿس، جن مان ظاهر آهي تہ ڪيس موسيقي جي بہ چڱي خاصي ڄاڻ هئي.

آخوند صاحب جي چيل شعر ۾ ان وقت جي ڪن شخصيتن ۽ واقعن جا حوالا ملن ٿا. ميرزا آصف صفوي مشڪين قلم، تعليم ڪاتي جو سربراهہ ڊاڪٽر پالن ۽ لال پيرو مل ان وقت جا چاتل سڃاتل ماڻهو هئا. وڌيڪ نمايان شخصيت پير صاحب پاڳاري حزب الله شاهہ (1258-1308هہ/ 1842-1890ع) جي هئي، جيڪو علمي فضيلت توڙي سياسي بصيرت ۾ برک هو. ان سان گڏ پاڻ ادب پرور ۽ فارسي جو وڏو شاعر هو ۽ پنهنجي وقت جي فارسي شاعرن کي انعام اڪرامن سان نوازيائين. آخوند فيض محمد پنهنجي هڪ قصيدي جي شروع ۾ جناب پير صاحب جي سخا جي تعريف ڪئي آهي تہ:

سزد گر بمدحت کشايم زبان،
کہ جسمِ جهان را سخي هست جان

(اوهان جي مدح ۾ زبان کوليان تہ نهي ٿي، ڇاڪاڻ جو سخي سڄي جهان جي جسم جي جان آهي).

اڳتي هلي انعام ۽ عطا جي گهر ڪئي اٿئين، تہ جيئن قرض ۽ فڪر کان ڪيس نجات ملي:

شها دستگيرا براتم بده،
ز قرض و تفکّر نجاتم بده

قصيده گوئي جي روايت (جنهن ۾ مدح خوان پنهنجي مربي ممدوح کان انعام ۽ عطا جي گهر ڪري) فارسي شاعريءَ ۾ صدين کان وٺي هلندي پئي آئي ۽ آخوند فيض محمد بہ انهيءَ روايت مطابق پنهنجي دور جي ڪن سخن شناس يا علم دوست صاحب جي تعريف ڪئي ۽ پڻ ڪانئن سخا ۽ عطا جي اميد ڪئي.

سندس انهن مدحيہ نظمن کان سواءِ، قافيون ۽ غزل آخوند فيض محمد جي شعر و شاعريءَ جو حقيقي آئينو آهن. سنڌي، سرائڪي توڙي ڳڏيل زبان ۾ چيل سندس قافيون ۽ ڪلام معياري آهن ۽ انهن جي سٽاء ۾ مٿس ٻن طرفن جو اثر آهي: هڪ ساڳئي شهر روهڙي جي مشهور معروف شاعر قادر بخش بيدل (وفات 1289هه = 1873ع) جو جيڪو پاڻ سچل کان متاثر هو ۽ ٻيو خواجہ غلام فريد جو جيڪو آخوند فيض محمد کان ننڍو هو، پر ٻنهي جي هڪ ٻئي سان جاڻ سڃاڻ هئي، بلڪ دوستيءَ وارو ناتو هو. آخوند صاحب پنهنجي هڪ ڪلام ۾ (ڏسو هيٺ) "يار سچل" جو نالو ڪنيو آهي ۽ بيدل ۽ بيڪس ٻنهي جو نالو وٺي[1] سندن سالڪاڻہ همت ۽ حوصلي کي ساراهيو آهي:

ڪوئي عاشق بيدل بيڪس بار برهہ دا پاويگا
بيخود هوڪر وچ مدهوشي وهم وجود وڃاويگا

آخوند صاحب جي سنڌي قافين ۾ سچل وارو صوفي مشرب ۽ بيدل وارو اسلوب بيان واضح طور نظر اچن ٿا. بيدل جو هيٺيون ڪلام ان وقت مشهور هو تہ:

نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي، سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي

ان ڪلام جي تتبع ۾ ۽ ان جي پيران آخوند صاحب هيءَ قافي منظوم ڪئي تہ:

سڪ لاوڻ نينهن نياوڻ دي، سر بار برهہ چُم چاوڻ دي

هيءَ ڊگهي قافي آهي، جنهن جون نوَ مصرائون آهن، جيڪي سهڻي سٽاء ۽ سهڻي معنيٰ واريون آهن.

خواجہ غلام فريد، جيڪو اصل ۾ منڻ ڪوٽ جو هو، پر پوءِ وڃي چاچڙان ۾ مقيم ٿيو: سو آخوند فيض محمد جو ننڍو معاصر هو. خواجہ صاحب سنہ 1226هه ۾ ڄائو ۽ 1319هه (1901ع) ۾ وفات ڪيائين. سنڌ ۾ ايندو ويندو هو ۽ سچل، بيدل ۽ ٻين سالڪن جي قافين ڪلامن کان باخبر هو. غالباً هو آخوند فيض محمد کي مليو هو يا خط ڪتابت ذريعي پاڻ ۾ سندن علمي دوستي ۽ محبت وارو ناتو هو. آخوند فيض محمد پنهنجن قافين ۾ خواجہ غلام فريد کي ياد ڪيو آهي ۽ پڻ انهن کي خواجہ غلام فريد واري ساڳئي اسلوب ۾ سِٽيو آهي.

(1)

ٿلهہ: آيا وو شمن- لقا ڪيتس شرف محل
ڳيا درد اندوه تي خوف خلل

آخري مصرع: فيض محمد فريد هي يار تيڏا، سدا قائم رهي دلدار تيڏا
هويا روشن بخت بيدار تيڏا، فاذ ڪروني دا خاص الخاص شغل

(2)

ٿلهہ: آيا وو شاهہ خوبان سونهي رنگ محل
وڳا جنگ اُپنگ مرڏنگ دهل

---

[1]. فقير قادر بخش بيدل آخوند فيض محمد کان عمر ۾ وڏو هو، پر 'بيڪس' ڪانئس ننڍو هو، آخوند صاحب ٻنهي کي ڏٺو هو ۽ ٻنهي سندس حياتيءَ جي پوئين عرصي ۾ وفات ڪئي.

آخري مصرع: فيض محمد فريد پلارا هي، ساڏي دل نون ڀهون پيارا هي
جتي عشق الستي دا نعرا هي، جيوين سهڻا ساجن يار سچل

(3)

ٽلھ: سانون ڪوئي ويکڻ حسن دا هويا شغل
جيوين سنت فرض نماز نفل

آخري مصرع: فيض محمد فريد نون ملاوي خدا، آوي روهڙي وچ وو اهل صفا
جنهندي شوق ڪيتي هي دل شيدا، نت گهتان قرعہ فال رمل.

آخوند فيض محمد جون سنڌي قافيون سچل ۽ بيدل واري رنگ ۾ چيل آهي، مگر سرائڪي ۽ گڏيل زبان ۾ چيل سندس ڪلام البت نئين نرالي رنگ جا آهن. سندس هڪ ڪلام جيڪو ”روپ نٽ“ ڳائڻ لاءِ جوڙيائين، تنهن جو ٽلھ پنهنجي لفظي سٽاءَ توڙي بيان جي زور جي لحاظ سان انوکو ۽ اعليٰ معيار وارو آهي:

حضرت عشق سلام عَليکَ عاليشان مُعظَمَ شاها!

اردوءَ ۾ آخوند فيض محمد ٿورو شعر چيو ۽ جيتوڻيڪ اردو قافين ۾ بيدل واري رنگ ۾ سادو بيان سمايل آهي، پر باقي ٻئي شعر ۾ جنهن ۾ هڪ فرد، حضرت خضر جي مناجات ۽ ’غزل مخمس‘ جون مصراعون شامل آهن، ’شُستہ اردو‘ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. مثلاً:

فرد

اگر روز محشر نہ هو تم خجل، نہ رکهو ذرا دار دنيا بہ دل

غزل مخمس جو هڪ بند

تجهہ پر سبهي هين جانفشان کيا پيرسن کيا نوجوان
مجهہ حال پر کيجو کرم سرتاج خوبانِ جهان
ممتاز فرما لطف سي يا شاهمردان بيگمان
اي راحت و آرام جان، با قدچون سروِ روان
زان سو مرو دامن کشان، کارام جانِ من بري

بياض ۾ شامل ذخيري ۾، آخوند صاحب جو فارسي شعر نہ فقط مقدار ۾ وڏيڪ آهي، پر معيار ۾ پڻ مٿاهون آهي. فارسي غزلن ۾ ئي سندس بيان جي رواني توڙي احساسات ۽ جذبات جي فراواني نظر اچي ٿي. سنڌي- سرائڪي کان وڌيڪ فارسي ۾ وڏو شاعر آهي، اهو انهيءَ ڪري جو هڪ تہ ڪيس فارسي غزل جي هيئت ۽ اسلوب تي عبور آهي، ٻيو تہ سچي محبت جا جذبات جيڪي غزل جي شاعريءَ کي وڏيڪ سينگارين ۽ سهڻو ڪن ٿا، تن جو اظهار آخوند فيض محمد پنهنجن فارسي غزلن ۾ ڪيو آهي. چوي ٿو تہ:

مَهي من مطلعش از مُلک جهنگ است
مسخر تار زلفش تا بزنگ است
ز رويءِ حسن خلق دل فريبش
دلم بربودهء آن سُرخ چنگ است

جهنگ جي طرف جو ڪو ماڻهو هو، جنهن سان سندس دلي محبت هئي؛ جيتوڻيڪ سندس دل تي سندس دماغ غالب رهيو، تہ بہ سڪ جو ساءُ چکيو هئائين ۽ انهيءَ ڪري سندس غزلن ۾ حسن ۽ عشق جا اصطلاح محض لفظي ناهن، بلڪ ڪنهن حد تائين دلي احساسات ۽ جذبات جا ترجمان آهن. سندس يارهن فارسي غزلن مان جيڪي هن ذخيري ۾ شامل آهن، هر سخن سنج پنهنجي ذوق مطابق چونڊ ڪري سگهي ٿو، پر گهڻو ڪري سڀيئي قابلِ تحسين آهن. خود شاعر پاڻهي پاڻ کي سندس هينين شعرن ۾ داد ڏنو آهي:

نقدِ سخن را شسته اي، درها بصنعت سُفته اي
اشعار موزون گفته اي، ز آغاز تا انجام را

❊

فيض محمد حزين بشعر تو بتانِ چين
شيرين زبان بافرين بمجلس و مقاله ها

❊

فيض محمد مُلک خاموشانِ خوشگويان گزيد
در خموشي مي کنم سّرِ تکلم آشکار

سندس ڪن غزلن جا مطلعا خاص طرح معنيٰ خيز آهن، جيئن تہ:

بر آتش شعله رخان من مي کنم آهنگري
شايد ز دل پيدا شود آئينهء اسکندري

سنڌ ۾ فارسي جي تاريخ جي لحاظ سان آخوند فيض محمد آخري دور جي ان محفل سان بالواسطه وابسته آهي، جيڪا خاص طرح پير صاحب پاڳاري حزب الله شاهہ تخلص "مسڪين" قائم ڪئي هئي ۽ فارسي گو شاعرن کي نوازي فارسي شعر جي شمع کي اتر سنڌ ۾ روشن ڪيو هئائون. سندن فرزند پير علي اصغر شاهہ علي، بهاؤالدين 'بهائي' (پتافي داد لغاري جو)، مولوي نبي بخش ڪولاچي (اوستہ محمد جو)، مولوي محمد عاقل ۽ ٻيا هن شمع محفل جا پروانا هئا. ان پوئين دور ۾، ٺٽي، حيدرآباد ۽ هينين سنڌ جي فارسي شاعرن جو احوال مخدوم محمد ابراهيم 'خليل' ٺٽوي پنهنجي تذڪري "تڪملۃ مقالات الشعراء" ۾ قلمبند ڪيو، جنهن ۾ اتر سنڌ جي فقط ڪن هڪ- ٻن شاعرن جو ذڪر آهي. ان دور ۾ اُتر سنڌ جي فارسي شاعرن جو ڪو خاص تذڪرو ڪونہ لکيو ويو ۽ فقط ڪن ٿورن جي مشهوري جناب حزب الله شاهہ "مسڪين" جي فياضانہ محفل ذريعي ٿي، جنهن سان آخوند فيض محمد جي بالواسطہ وابستگي پڻ سندس انهن ٻن قصيدن ذريعي آهي، جن سان هو پير صاحب سان مخاطب ٿيو. آخوند فيض محمد جي 'بياض' جو دستياب ٿيڻ غنيمت آهي، ڇاڪاڻ جو ان جي ذريعي ان پوئين دور جي هڪ لائق فائق فارسي شاعر جو نالو روشن ٿئي ٿو.

[ٽہ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1990/3ع]

❑

## 65 اديب ۽ شاعر مولوي عطا محمد مَهيسرائي

گذريل چوڏهين صدي هجري جي پهرئين اڌ تائين سنڌ جي هر ڀاڱي ۾ فارسي شعر ۽ ادب جي رسم روايت اڃان باقي هئي. لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۽ انهن سان لاڳو بلوچستان جي اوستہ محمد ۽ ناڙي وارن علائقن ۾ بہ اجا ڪي مدرسا قائم هئا ۽ عربي فارسي پڙهائيندڙ استاد موجود هئا. ان وقت فارسي جا اڳواڻ شاعر بہ هئا: مٿي اوستہ محمد ۾ مولوي نبي بخش ڪولاچي تخلص ”امين“ ۽ هيٺ لاڙڪاڻي ۾ مولوي محمد عاقل تخلص ”عاقل“. انهن ٻنهي سان ٻيا شاعر ۽ اديب وابستہ هئا. شعر ۽ ادب ۾ عطا محمد مهيسرائي جو استاد مولوي نبي بخش ڪولاچي هو.

ڳچ عرصو ٿيو جو علمي ۽ ادبي تحقيق جي سلسلي ۾ راقم سنڌ جي اُتر-اولهندي ڀاڱي ۾ پڇائون ڪيون ۽ سڀ کان اول محراب پور جمالي (تعلقي اوستہ محمد) جي علم دوست ۽ عظيم شخصيت مير شاهنواز خان شاهلياڻي مرحوم کان ان پاسي جي علمي ادبي محفلن بابت معلومات مليا، عطا محمد ”عطا“ جي فارسي شاعري جي سلسلي ۾ مير شاهنواز خان مرحوم جيڪي مثالي شعر پڙهيا، تن مان هڪ غزل (جيڪو هن ”چشمي واري بزرگ“ جناب عمر جان جي حضور صحبت ۾ پڙهيو هو) جي هيٺين مصرع وقت بوقت ياد ايندي رهي ۽ مواد لاءِ وڌيڪ جستجو جاري رهي:

اي شاه نقشبند تغافل زبنده چند
نالان بہ درگهت تو اميد عطا عطا

خوش قسمتيءَ سان ڪي مهينا اڳ ڳوٺ لعل بخش مهيسر (تعلقو شهداد ڪوٽ مان) جي لائق سربراه محترم سڪندر مهيسر جي مهرباني ۽ سڄاڻ سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر جي ڪوشش سان ”عطا“ مرحوم جي پوٽي ميان عبداللہ (بن مولوي عبدالسلام بن مولوي عطا محمد ”عطا“) کان هڪ بياض مليو، جنهن ۾ ٻئي مواد سان گڏ ”عطا“ مرحوم جي ڪلام جو ڪجهہ ذخيرو پڻ قلمبند ٿيل هو. مير شاهنواز خان کان مليل معلومات ۽ هن بياض ۾ شامل مواد جي آڌار تي، شاعر ۽ اديب مولوي عطا محمد ”عطا“ جي سوانح ۽ ڪلام تي هيٺ مختصر طور تي روشني وجهجي ٿي.

عطا محمد ولد مولوي گل محمد ولد مولوي بيگ محمد، پشت بہ پشت هڪ علمي گهراڻي جو فرزند هو. سندس پيءُ ۽ ڏاڏو مدرسن جا استاد هئا. بياض جي روايت موجب اصل ۾ هي ڪلهوڙا هئا، پر هن ڪوٽ لعل بخش مهيسر ۾ دائمي سڪونت اختيار ڪئي ۽ ”مهيسرائي“ سڏجڻ لڳا. مولوي گل

محمد ناڙي جي شهر ”ڪنڊي“ جي مدرسي ۾ پڙهيو ۽ قلات ۾ خانن جو منشي ٿي رهيو. خان صاحب جي وزير محمد حسن جو ”اردو ديوان“ قلمي راقم ڏٺو، جيڪو جيتري قدر ياد پوي ٿو ته مولوي گل محمد سنه 1259ھ ۾ لکي پورو ڪيو، مولوي گل محمد پاڻ اديب ۽ شاعر هو. ان وقت جڏهن عربي- فارسي- سنڌي جي آميزش سان غزلن چوڻ جو ذوق وڌيو ته گل محمد صاحب هيٺيون غزل چيو:

1 اي بحر سخادي ڪانِ ڪرم في رتبت اعليٰ شان امم
تنهنجي در جا خادم عرب عجم ڪيا شامي ڪيا بصري بصري
2 چون خلق عظيم تو هست عيان في القرآن جعل الله بيان
ٻيو هن ڪان وڏيڪ چوان ڇا مان جو ڪجهه بر تو منحصري
3 در عالم سرّ تو هست اظهار في بابک سائل ليل نهار
ڇا شاه هجي ڇا مڱڻهار ڪيا بَري ڪيا بحرن بحري
4 اي ساقيء ڪوثر نيڪ سِيرَ ما ڪانت مثلک يوم حشر
چوي عاصي گل محمد احقر ڪرو معاف خطا همري همري.

عطا محمد ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولوي گل محمد وٽ ورتي. ان بعد هو ناڙي جي هڪ ٻئي مدرسي ”ميرپور بي بي“ ۾ مولوي عبدالله پُٽي وٽ پڙهيو. جنهن ڪان پوءِ اوستہ محمد ۾ مولوي نبي بخش ڪولاچي وٽ آيو جو پاڻ وڏو شاعر ۽ اديب هو. اتي سندس ادبي ذوق وڌيو ۽ هن فارسي شاعري جي ميدان ۾ قدم رکيو. اجا بہ وڌيڪ تعليم لاءِ ملتان ويو ۽ آخر ۾ ديوبند ۾ پهتو. بهرحال عطا محمد ”عطا“ ان وقت ۾ رائج اعليٰ تعليم حاصل ڪئي.

اوستہ محمد ۾ مولوي نبي بخش ڪولاچي، تخلص ”امين“، پنهنجي وقت جو عالم ۽ شاعر هو ۽ پڻ رياست قلات طرفان قاضي هو. هو ان وقت شعر ۽ ادب جي محفل جو اڳواڻ هو ۽ نون اسرندڙ شاعرن ۽ اديبن جي همت افزائي ڪندو هو: جيڪي ڪانئس اصلاح وٺندا هئا. مولوي عبدالواحد چَڪئي (چڪ جو)، محراب پور جمالي جي مدرسي ۾ پڙهيو هو ۽ فارسي شاعري ۾ نالو ڪڍيائين. هڪ ڀيري مولوي نبي بخش ڪولاچي جي محفل ۾ پنهنجو نعتيہ غزل پڙهيائين ته:

ز شمشيرِ فراقِ تو سرم دو طاق يا مدني
خدارا کن علاج من علي الاطلاق يا مدني

مولوي نبي بخش اڪثر سرائيڪي ڳالهائيندو هو، سو ٻڌنديئي چيائينس ته:
”چرڙيا! منڊئون ڪِن ڪيٺئي“

پوءِ سمجهايائينس ته: فراق جي شمشير جو وار سِر تي ڪين ٿيندو آهي، پر دل تي ٿيندو آهي، سو چئو ته:

"ز شمشيرِ فراقِ تو دلم دو طاق يا مدني"

عطا محمد "عطا"، مولوي نبي بخش کي پنهنجو استاد ڪري مڃيو هو ۽ ڪيس استاد وٽان شاباسون ملنديون هيون. مولوي نبي بخش وفات ڪئي ته "عطا" کي صدمو پهتو، جنهن جو اظهار هيٺئين تاريخي قطعي ۾ ڪيائين:

آه قحط الرجال پيدا شد
رفت زين دار اَفصح الفُصحا
حضرت اِوستاذ صاحب آنکہ
نِدا او در جهان است کالعنقاء
نام ناميش در جهان مشهور
نبي بخش ابلغ البلغاء
در تصانيف رسم سامييش
شد محمد امين بمجد وعليٰ
يکفني داشت در جميع علوم
خاصہ درفقه بو حنيفه لقا
در علوم فلاسفہ بي قيل
بود همچون ابو علي سينا
بيست ويکم ربيع اول بود
کہ بامر جليل داد رضا
سال ترحيليش از خرد جستم
گفت غفران بحد عقل عطا

لفظ "غفران" مان ابجد جي حساب سان تاريخي سال 1331ھ نڪري ٿو جنهن ۾ لفظ "بحد" (= "حد" سميت) مان "حد" جا 12 عدد جوڙ ڏبا ته عدد 1343ھ نڪرندو. عطا جو والد مولوي گل محمد اڳ سنہ 1331ھ ۾ گذاري ويو هو ۽ عطا سندس وفات جو تاريخي قطعو پڻ چيو ته:

والدِ ماجدم کہ بُد فيَّاض- روز آدينہ رحلتي فرمود
ساعت سعد ازمِه تاريخ- بيست هشتم ربيع آخر بود
گشت بحبوحه جنان جايش- وه که گرديد عاقبت محمود
سال تاريخش از خرد جستم- گفت غفران وه جواب فرمود

(يعني تہ سندس والد تاريخ اناويهين ربيع الاخر سنہ 1331ھ ۾ وفات ڪئي)

عطا محمد "عطا" جو پنهنجي شاگرد علي شير مهيسر سان وڏو پيار بلڪ عشق هو، جنهن سندس غزليہ شاعري ۾ رونق آندي. سندس ڪلام مان فارسي ۾ چيل چئن معمائن، هڪ فارسي غزل ۽ هڪ سنڌي قافي ۾ علي شير جو نالو وٺي ڪيس ياد ڪيو اٿئين ۽ ڪيس "ياري لطيف طبع وفادار ۽ مهربان" سڏيو اٿئين.

معمائون (علي شير جي نالي تي):

گر همي خواهي ڪہ يابي نامِ آن شيرين پسر
ڪرسي يارِ چهارم تيغ بي ناخن شمر

•

چو خواهي نام يارم بي علامت
دوغا بر خوان ز اعلاء واشارت

•

يار بيدل تاج شاهي برسرش
شاه دلدل گشت لعلِ افسرش

يار جي حسن جي تعريف ۾ غزل چيائين جن مان انتخاب:

دلبرِ نازنين علي شير است- مهوشي مه جبين علي شير است
ياري با حيا وفاداري- آنچنان اينچنين علي شير است
خوبرويات دهر چون مگس اند- آنکه چون انگبين علي شير است

—

فارسي غزل جنهن جي شروع وارين ڇهن مصراعن جي پهرين اکرن جوڙڻ سان "علي شير" جو نالو نڪري ٿو:

عمري شد است صرف بعشقِ مهيسري
لعلش شڪر فروش دهن تنگ شڪري
ياري لطيف طبع وفادار مهربان
شد شهره در جهان بحيادار دلبري
يڪدش بود بنرگسِ چشمي نگار من
رويش چو گل گلاب و قدش سرو عرعري
نامِ چنين نگار بتو شيخ شد تمام
گيري اگر عطا تو زهر مصرعہ سَري
ترڪان هنديان ز عطا خواستند سر
عمري شده ڪہ باخت عطا بر مهيسري

—

سنڌي قافي جنهن جي آخر ۾ "علي شير" جو نالو آندل آهي:

نا واقف هَس قند قير اديون
منهنجو پنهل وني ويا ڏير اديون

1- نينهن نيٽن جي نچائيو
ڪٽي پاتم پيرن چير اديون
2- جانب مون وٽ جڏهين ايندو
سڀ سُرها ٿيندا سير اديون

3- عشق وارن جون ڳالهيون پڌريون
تن سان هٿي دم ڪير اديون
4- عشق جي سختين ڪان سر موڙڻ
پاڙين جا تِي پير اديون
5- مَن جون مونجهان تڏهين ونديون
جڏهن يار ملي علي شير اديون

عطا جي سوانحي آثارن مان، ڳوٺ لعل بخش مهيسر ۾ سنہ 1353ھ ۾ تعمير ٿيل مسجد لاءِ سندس چيل تاريخي ڪتبو آهي، جنهن جي آخري مصرع آهي تہ:

جزايء چُنين فعل و تاريخ او
عطا "باغ فردوس بيحد" بگو
1353- 12= 1341

بياض ۾ "عطا" جي تاريخ وفات جيڪا غالباً سندس فرزند عبدالسلام جي هٿ اکرين لکيل آهي، سا هن طرح ڄاڻايل آهي:

"تاريخ وفات استاذي مولانا مولوي عطا محمد صاحب برشب اربعہ ذي قعده تاريخ 29 سنہ 1345ھ."

عطا جو فرزند عبدالسلام بہ مدرسي مان فارغ ٿيل مولوي هو. بياض ۾ سندس هٿ لکيل عبارتون موجود آهن. هينيون غزل سندس هٿ لکيل موجود آهي، جنهن ۾ تخلص "عزيز" ڄاڻايل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو سندس ئي تخلص هجي.

راضي شدم بدانچه تو اي دلبر بما کني
خواهي جفاء جور کني يا وفا کني
مرغ دلم ز اول در دستت فتاد
خواهي به بند سازشِ خواهي رها کني
در عين انتظار وصالت نشسته ام
يعني نقاب را ز رخ خويش وا کني
بر خاک پاک پائي تو بادا سرم فدا
جان نيز گر قبول براي خدا کني
از دستِ دوست هرچه بر آيد همه نکوست
زنهار اي "عزيز" که چون و چرا کني
الراقم فقير عبدالسلام

مولوي عبدالسلام تاريخ 19 ذوالحج الحرام سنہ 1361ھ 15 نومبر سنہ 1942ع تي وفات ڪئي.

عطا پنهنجي دور جو پختہ مشق شاعر هو. هن غالباً گهڻو شعر چيو، چاڪاڻ جو ڪجهه لکيت ۾ موجود آهي سو بہ ڪافي آهي ۽ سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ فارسي ۾ چيل آهي. سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ چيل سندس ڪافيون معياري آهن؛ سرائيڪي زبان تي بہ ڪيس وڏي دسترس حاصل هئي.

**ڪافيون:**

بياض ۾ سندس 48 سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون قلمبند ٿيل آهن. انهن کان سواءِ هڪ ڪافي عربي ۾ جوڙيائين، جيڪا ڪافين ۾ هنرمندي واري موضوع جو هڪ نمايان ۽ نرالو مثال آهي:

**عربي ۾ منظوم ڪافي**

اقسم بالقرآن- و والي الهمم
احلف بالرحمٰن- وعه الکرم
هجر حبيبي جعل عليلا- ذهب و قاري صرت ذليلا
ليس من الجيران، عليمِ الالم
وهو رجيه الوجه کقمر- فِي الظلمٰت کليل البدر
وهو عظيم الشان، جليل الشيم
انت مجيد الدهر بدهر- انت وحيد العصر بعصر
مثلک الانسان، نديم العدم
حصل لي دِمذان لطلبہ- اَللّٰهُمَّ لَيّن قلبہ
بماحي الکفران، شفيع الامم
آخذ يوم الحشر بذية- انت قتلت اياي بميله
اعط لقا آلان، قصاص الهَمّ

[رسالو ٹہ ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ جام شورو، 1992/3ع]

❑

# (66) استاد رائچند راٺوڙ: وطن جو مخلص خادم

## پيغام

مون کي اهو ٻڌي خوشي ٿي آهي ته اُستاد رائچند جي ورسي ملهائيءَ ۾ ملهائي ويندي ۽ اُن ادبي گڏجاڻيءَ ۾ سندس حياتي ۽ علمي ادبي خدمتن جي پهه پچار ڪئي ويندي.

اها 51- 1952ع وارن سالن جي ڳالهه آهي، جو مون ”جامع سنڌي لغات“ جي تياريءَ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو هو، جنهن لاءِ مون کي سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ مددگار ڪارڪنن جي تلاش هئي. ٿر جي حوالي سان مون جن ڪارڪنن کي چونڊيو، تن مان اُستاد رائچند بابت مون کي يقين هو ته قيمتي مواد مهيا ڪندو. ڪيس وڏو تجربو هو جو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ واري دور ۾ پڻ اخبارن ۽ ٽريننگ ڪاليج جي مخزن ”اخبار تعليم“ ۾ ٿر بابت معياري مضمون لکيا هئائين. پوءِ سُتت ئي استاد رائچند سان چيلهار ۾ ملاقات ٿي، جتي هو پرائمري اسڪول ۾ استاد هو. هن ”جامع سنڌي لغات“ لاءِ ٿر جي لفظن ۽ محاورن جي سهيڙ ۾ وڏي مدد ڪئي، جنهن جو ذڪر لغات جي پهرئين جلد جي مقدمي ۾ موجود آهي.

سن 1954ع کان جڏهن مون ”سنڌي لوڪ ادب“ سهيڙڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، تڏهن به استاد رائچند هڪ مستقل مددگار ڪارڪن جي حيثيت ۾ وڏو ڪم ڪيو. 1951ع کان 1954ع واري عرصي ۾ ساڻس ملندي مون محسوس ڪيو ته اُستاد کي ٿرپارڪر بابت ڪافي ڄاڻ آهي ۽ ڪيس ترغيب ڏنم بلڪ تاڪيد ڪيم ته ٿرپارڪر بابت مواد جمع ڪري ته اُن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپايو وڃي. هو منهنجو مشورو قبول ڪري اُن ڪم ۾ لڳي ويو ۽ 1954ع ڌاري پنهنجي تحقيقي ڪشالي ”تاريخ ريگستان“ جو مسودو مون وٽ کڻي آيو. هڪ ابتدائي استاد جي قدر لائق علمي پورهئي کي ڏسي مون کي خوشي ٿي ۽ سندس رضا موجب اُن مواد کي سنواري سنڌي ادبي بورڊ کي ڇپائڻ لاءِ سفارش ڪيم. بورڊ اها سفارش منظور ڪئي ۽ مسودو مون کي نظرثاني ۽ راءِ لاءِ ڏنو. مون پنهنجي پيش لفظ ۾ استاد رائچند جي ان تحقيقي ڪارنامي جو پيرائتو ذڪر ڪيو آهي. ساڳئي وقت استاد کي صلاح ڏنم ته ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو تيار ڪري، جنهن ۾ ٿر بابت تفصيلي معلومات درج ڪري. ان ڪم لاءِ وقت بوقت ڪيس همٿائيندو رهيس ۽ هن پاڻ ملهايو، جو ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو تيار ڪيائين، جنهن جي ترتيب ۾ منهنجي صلاح ساڻس شامل حال رهي. استاد هي ساڍن ڇهن سون صفحن جو

ڪتاب مارچ سن 1968ع ۾ لکي پورو ڪيو ۽ سگهوئي ٻن مهينن بعد مئي 1968ع ۾ ڳذاري ويو. البت سنڌي ادبي بورڊ طرفان ”تاريخ ريگستان“ جو هيءُ ٻيو ڀاڱو سندس لاڏاڻي کان ست سال پوءِ سن 1975ع ۾ شايع ٿيو.

استاد رائچند جي سموري علمي ادبي ۽ تاريخي خدمت منهنجي اکين آڏو رهي آهي. هو هڪ نهايت محنتي ۽ وطن جو مخلص خادم هو. ڪيس آفرين هجي جو ٿر جهڙي وڏي پر پوئتي پيل علائقي بابت وڏا ڪشالا ڪري نهايت مفيد جاگرافيائي، تاريخي ۽ سماجي معلومات قلمبند ڪيائين. هن ورهين جا ورهيه ٿر جي پِٽن ۾ اُنن جي سفر وسيلي تحقيق ۽ تلاش لاءِ جُهد ڪَٽيا، ٿر جو تاريخي مواد، لوڪ ادب ۽ روايتون هٿ ڪيون ۽ علمي پيرايي ۾ اُن کي سهٽو ڪري لکيو.

استاد رائچند لاءِ منهنجي دل ۾ خاص عزت انهيءَ ڪري بہ آهي جو هو هڪ سڄاڻ پرائمري استاد هو، جنهن سڄي ٿر ۾، خاص ڪري ڇيلهار جي پرائمري اسڪول ۾ ڇاليهارو کن سال پڙهايو. سندس اها تعليمي خدمت اُن دور ۾ بہ مثالي هئي. اهڙا لائق ۽ مخلص استاد هن زماني ۾ ڪٿي؟ هو صحيح معنيٰ ۾ اُنهن مثالي استادن مان هڪ هو، جن جون تعليمي خدمتون ٿر کي ترقي ڏيارڻ ۾ وڏيون مددگار ثابت ٿيون.

هن موقعي تي استاد رائچند جو ذڪر اڌورو رهجي ويندو، جي آءٌ پنهنجي هن لائق دوست جي سپوٽ پٽ، پياري نفيس احمد شيخ جو ذڪر نہ ڪريان. ڪيس علمي ادبي ذوق جڻ ورثي ۾ مليو ۽ هن گذريل ٽيهارو کن سالن کان وٺي سنڌي ادبي بورڊ ۾ جيڪي مخلصانہ ادبي خدمتون بجا آنديون، سي اسان جي اکين آڏو آهن. هن وقت تائين شيخ صاحب بورڊ ۾ ”مهراڻ“ رسالي جي ادارت جي حوالي سان پوري ذميواري ۽ جانفشاني سان ڪم ڪري رهيو آهي. ڪيس ڏسندي استاد رائچند ياد ايندو آهي ۽ آءٌ ساڻس اهو ذڪر ڪندو رهندو آهيان.

ٿر ۽ خاص ڪري منيءَ جي منن ماڻهن کي آفرين هجي، جو هو پنهنجي علائقي جي عالم ۽ تعليمي محسن جي ياد ۾ سندس ورسي ملهائي رهيا آهن.

(20 مئي 1997ع حيدرآباد)

(نوٽ: ٿر جي عالم استاد رائچند راٺوڙ جي ورسيءَ جي موقعي تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب هي پيغام محترم نفيس احمد ناشاد کي تاريخ 20 مئي 1997ع تي لکي ڏنو، جنهن اُتي پڙهيو، ورسي جي تقريب جو افتتاح محترم گل محمد عمراڻي (ڪمشنر ميرپورخاص) ڪيو هو ۽ تقريب جي صدارت محترم تاج جويي ڪئي).

[محمد ارشد بلوچ مرتب: ”ڊاڪٽر بلوچ جون تقريرون“ (جلد پهريون) ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ڄام شورو، 2019ع]

❑

## 67 اياز ـ نئين شاعريءَ جو اڳواڻ

محترم جويا صاحب، پليجا صاحب، رباني صاحب، حميد صاحب......
حاضرين ڪرام! هيءُ تعزيي اجلاس آهي: تقرير جي واسطي ان ۾ گنجائش ڪانهي. البته، جيڪي دوست يا عزيز جدا ٿي ويندا آهن، يا جيڪي لائق ماڻهو هوندا آهن، تن کي ياد ڪبو آهي. منهنجو اياز صاحب سان جيڪو ٿورو گهڻو ذاتي تعلق رهيو آهي، اهو مان توهان جي آڏو رکندس، ڇو ته هيءُ ئي ان کي ياد ڪرڻ جو موقعو آهي. شيخ اياز جڏهن ڊي.جي. ڪاليج ۾ پڙهندو هو، ان وقت هن جي مون سان ٿوري گهڻي واقفيت ٿي هئي، تنهن کان پوءِ منهنجي هن سان جيڪا وڌيڪ واقفيت ٿي، اها تڏهن جڏهن آءٌ شاهه لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري هوس. هن کان اڳ ۾ رباني صاحب جيڪا شاهه جي رسالي جي ترجمي جي ڳالهه ڪري ويو آهي، ان بابت آءٌ ايترو چوندس ته شيخ صاحب کي شاهه جو رسالو اردوءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو هو: جنهن لاءِ يونيورسٽيءَ کي پئسا به مليا هئا، جن مان اسان ڪجهه ڊڪشنريون منظور ڪيون هيون، جيڪي اردوءَ ۽ سنڌيءَ جون ڊڪشنريون هيون ته جيئن شاهه جي رسالي جو اردو ترجمو ٿي سگهي.

انهيءَ ڪم ۾ اسان سان گڏ حسام الدين راشدي صاحب به هو، خاص طرح سان علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جن ۽ آءٌ به ان ۾ شامل هئاسون. انهيءَ ترجمي دوران منهنجو شيخ صاحب سان واسطو رهندو هو. انهيءَ ڪم جي حوالي سان سڀ کان اڳ ۾ شاهه صاحب جي رسالي کي مخدوم امير احمد صاحب کان نثر ۾ ترجمو ڪرايو ويو. ان بزرگ کان انهيءَ سلسلي ۾ جيڪي ڳالهيون يا سمجهاڻيون پڇڻيون هيون، سي پڇيون ويون هيون. پوءِ شيخ صاحب انهي نثري ترجمي تان اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو هو. اهو ترجمو پوءِ ان وقت جي صدر ايوب خان کي پيش ڪرڻو هو، جيڪو ان وقت ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر تي اچڻو هو. آءٌ جيئن ته ان وقت ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جو سيڪريٽري هوس، ان ڪري اهو ترجمو منهنجي هٿان ان کي پيش ڪرڻ ضروري هو، پر شيخ صاحب چاهيو ته اهو هن جي هٿان پيش ٿئي، اها انسان جي ڪمزوري به آهي. مون ڪيس چيو ته بلڪل ائين ئي ٿيندو ۽ پوءِ شاهه جي رسالي جو اهو ترجمو شيخ صاحب پاڻ ايوب خان کي پيش ڪيو ۽ انهيءَ عرصي دوران ساڻس وڌيڪ ۽ تڪڙيون ملاقاتون ٿينديون هيون. ان کان پوءِ مون پاڻ ارادي طور به اها ڪوشش ڪئي ته جيئن منهنجي شيخ صاحب

سان ويجهي دوستي هجي ۽ جيئن ته ان جي شعر کان آءٌ گهڻي قدر متاثر به هوس، تنهنڪري مون چاهيو پئي ته ان سان منهنجي خاص دوستي هجي. انهيءَ جي لاءِ مون اهڙو اهتمام به ڪيو ۽ ڪيس چيو ته آءٌ توکي ڪڏهن ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ سکر ايندس. پاڻ ان وقت سکر ۾ وڪيل هو. پوءِ آءٌ هتان هڪ به ڀيرو ڳائڻ وڄائڻ وارا وٺي ويس، جن ۾ هڪڙو صالح پالاري هو، جيڪو ان وقت مورا ڏاڍا سنا ڳائيندو هو ۽ مون کي گهڻو پسند هو. انهيءَ کي به مون پاڻ سان ڪنيو. مون کي گهڻو ياد ناهي، پر پانيان ٿو ته محمد ابراهيم جويي کي به پاڻ سان وٺي ويو هوس. اسان سڀ گڏجي شيخ اياز وٽ سکر وياسون. ساڻس ڏاڍيون سنيون ۽ ڪافي ڪچهريون ٿيون. ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياهه جا سير به ڪياسون، دنبورا وڄاياسون، مورا ڳاياسون ۽ اسانجي وچ ۾ ڪافي محبت ۽ گهرائيءَ واريون ڳالهيون ٿيون.ان کان پوءِ آءٌ ٻن ٽن مهينن لاءِ آمريڪا هليو ويس ته شيخ صاحب مهرباني ڪري مون کي ياد ڪيو ۽ اتي هڪ تمام سنو خط لکيو، جيڪو مون کي اڄ به ياد آهي.

شيخ صاحب جي شاعريءَ جا ڪيئي رخ ٿي سگهن ٿا. ڪي ڳالهيون منهنجي ذيان ۾ به هيون ته هن طريقي سان به شاعري ٿي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ آءٌ شاعر ڪونه آهيان. پر، نندي هوندي سو مونکي شاعريءَ جو شوق هو: پر پوءِ مون پاڻ ئي ان کي ڇڏي ڏنو. منهنجو خيال هو ته شاعري رڳو وقت جو زيان آهي. اهو منهنجو ان وقت جو خيال هو ته شاعريءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪم آهي، اهو وڌيڪ ضروري آهي. تنهن هوندي به مون شيخ صاحب ڏي پنهنجو هڪڙو نظم لکي موڪليو ۽ ان سان گڏ اهو به لکي موڪليو ته اسان کي دماغي شاعري ڪرڻ کپي، جڏهن ته هڪڙي دل واري شاعري به ٿيندي آهي، جيڪا عاشقن جي شاعري آهي. اهي وڏيون ڳالهيون آهن: اسان جيڪي ذهين ۽ انٽيليڪچوئل ماڻهو آهيون، تن کي دماغي شاعري ڪرڻ کپي ۽ شاعريءَ جو هڪڙو طريقو اهو به ٿي سگهي ٿو. ان جو شيخ صاحب تمام سنو جواب ڏياري موڪليو ۽ منهنجي شعر جي تشبيهن وغيره جي تمام گهڻي ساراهه ڪيائين. ان کان پوءِ به اسان جون ٿوريون کي گهڻيون ملاقاتون ٿينديون رهيون، پر ٿوري شڪايت ايتري رهي ته شيخ صاحب جي چوڌاري خليفا ۽ ٻالڪا به گهڻا هئا، جيئن هر ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جا ٿيندا آهن. انهن جا خيال ۽ ابتيون سبتيون ڳالهيون تمام گهڻيون هيون. اها ڳالهه مون هاڻي هتي به ٻڌي آهي شيخ صاحب بابت. ڪميونسٽ وغيره هجڻ جي ڳالهه به ٿي آهي. پر مون کي هڪ ڪچهريءَ ۾ شيخ صاحب چيو ته: ”ڊاڪٽر صاحب آءٌ ڪميونسٽ ناهيان. منهنجو ڪميونزم سان اختلاف آهي.“ جنهن بابت هڪ تقرير ڪري به

ٻڌايائين، جنهن کي هتي ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي، پر پوءِ الائي ڇو چيو ويو ته شيخ صاحب ڪميونسٽ وغيره آهي، خير..... پروگريسو موومينٽ يا ترقي پسند تحريڪ هئي. هر ذهين ۽ چڱي ماڻهوءَ کي اهو خيال رکڻ کپي، پر ان جي معنيٰ اها ڪانه آهي ته هن کي نظرياتي طور چئجي ته تون هيئن آهين يا هونءَ آهين.

هتي ڳالهه شيخ صاحب کي اڳتي آڻڻ جي به نڪتي آهي ته شاعر پاڻهي ئي پاڻ اڀري ٿو يا ٻيو ڪو ان کي اڀاري ٿو. ان لاءِ سچي ۽ حقيقي ڳالهه ڪبي ته شيخ صاحب کي پروجيڪٽ ڪرڻ ۾ ۽ ان کي بنائڻ ۾ گهٽيءَ حد تائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو هٿ آهي ۽ ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي. باقي ڳالهه آهي ته هاڻ اڳتي ڇا ڪجي يا شيخ صاحب کي ڪيئن ڏسجي ۽ پرکجي، ته ان ۾ آئون ان ڳالهه سان سو سيڪڙو متفق آهيان، جيڪا اسان جي پليجي صاحب چئي آهي. حقيقت ۾ اها منهنجي دل جي ڳالهه آهي ۽ مون دل ۾ سوچيو هو ته آءٌ اهائي ڳالهه ڪندس، پر پليجي صاحب اها ڳالهه مون کان وڌيڪ بهترين نموني ۾ ڪري ڇڏي آهي. مطلب چوڻ جو اِهو آهي ته حقيقت پسنديءَ جي ضرورت آهي. ڪنهن به ڳالهه کي وزن ۾ رکڻ ضروري آهي، توازن ۾ رکڻ ضروري آهي. توهان مان جيڪي لائق آهن ۽ انگريزي ۽ ٻيو علم پڙهيل آهن، انهن کي خبر هوندي ته اجوڪي دنيا انسپائريٽو (Inspirative) ڪانهي، بلڪ دنيا انڊر ايسٽيميٽ (Under Estimate) آهي. ڳالهه کي گهٽائي ڪجي. اسان کي جيڪڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ کي چمڪائڻو آهي ته پوءِ تنقيد يا ادب جا جيڪي اصول آهن، تن جي روشنيءَ ۾، جنهن ماحول ۾ هو رهيو هو، تنهن جي روشنيءَ ۾، جيڪي هن جا پنهنجا ذاتي حالات هئا، تن جي روشنيءَ ۾، انهن سڀني حالتن جي روشنيءَ ۾ اسان کي اياز جي شاعريءَ کي ڏسڻو، پرکڻو ۽ پيش ڪرڻو آهي، پر اهو به ڪنهن حد تائين ڪرڻو آهي. ڪم از ڪم جيڪي ماڻهو شيخ اياز صاحب تي ڪم ڪرڻ گهرن ٿا ۽ ڪم ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ماڻهوءَ کي صاف ٿيڻو پوندو ته ڪنهن ماڻهوءَ کي اسان ڇا ٿا سمجهون؟ ان کي سياستدان ٿا سمجهون، ان کي شاعر ٿا سمجهون، يعني اسان ان جي ڪهڙيءَ ڳالهه کي وڌيڪ ترجيح ٿا ڏيون. منهنجي پنهنجي ناقص خيال ۾ شيخ اياز صاحب کي اسان شاعر ڪري سمجهون ته وڌيڪ صحيح ٿيندو ۽ هو نئين دور جو شاعر آهي. منهنجي خيال ۾ ته ائين آهي ته هُو نئين دور جي نئين شاعريءَ جو اڳواڻ هو. ان حد تائين جيڪڏهن ڪابه ڳالهه ڪبي ته اها نهايت ئي وزندار ٿيندي. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي ته شيخ صاحب کي يا ڪنهن به ٻئي کي شاهه لطيف سان ڀيٽيون ۽ شاهه لطيف کي وري ان سان ڀيٽيون. هر هڪ جو پنهنجو مقام آهي، هر

هڪ جي پنهنجي پنهنجي ڳالهه آهي. ڪم از ڪم اسان سنڌ وارا جيڪڏهن ڪنهن ڪي ڪنهن سان ڀيٽڻ چاهين ته شيخ صاحب ڪي دنيا جي ڪنهن ٻئي وڏي شاعر سان ڀيٽيون ته بهتر آهي. اسان پنهنجي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ نه ڪريون ته سنو آهي، جنهن جي ضرورت به ڪانه آهي. ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو انهيءَ تي وڌيڪ توجهه سان ڪم ڪندا. لکيل پڙهيل ماڻهو اسان وٽ وڌيڪ آهن. اسان جو ننڍو يار پليجو صاحب عاليشان تقرير ڪري ويو آهي. هو هڪ وڏو قابل ماڻهو آهي. اهڙا ٻيا به گهڻا نوجوان وڏا قابل آهن، پر توازن ضروري آهي ۽ حقيقت پسندي ضروري آهي ۽ محنت ضروري آهي ۽ تحقيق لاءِ سائنسي نقطہ نظر ضروري آهي. انهيءَ تي ئي اسان ڪي توجهه ڏيڻو آهي. اهو وڌيڪ بقادار ٿيندو ۽ موزون. مهرباني.

(29- ڊسمبر 1997ع، تعزيتي اجلاس ۾ ڪيل تقرير)

[ٽه ماهي ”مهراڻ“ (شيخ اياز نمبر) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2-1998/1ع]

❑

# (68) چَتو فقير سانگي

[سنڌي ادب جي سڄڻن اڳيان بندي بار بار عرض پئي ڪيو آهي تہ سنڌي ادب جي عمارت جي بنيادن کي پهريائين مضبوط ڪرڻ گهرجي: اسان جي ادبي عمارت جا بنياد رکندڙ ۽ باني مباني اسان جا اهي شاعر هئا، جن صاف سلوڻي سنڌيءَ ۾ پنهنجي فطري شاعرانہ جذبي سان بيت ۽ ڪافيون چيون ۽ جن جو شعر عام توڙي خاص ۾ مقبول پيو. انهن شاعرن جي شعر کي هن ڪان اڳ سهيڙي گڏ ڪرڻ کپندو هو، مگر اجا بہ وقت آهي جو اسين اهو ڪم پورو ڪريون، ڇاڪاڻ تہ بنسبت ايندڙ نسلن جي اسين انهن شاعرن جي زماني کي ويجها آهيون ۽ سندن سوانح توڙي شعر بابت جي خبرون اسان کي هٿ اچي سگهنديون، سي اسان جي ايندڙ اديبن کي نسبتاً مشڪل ملي سگهنديون. لاڙڪاڻي ۾ گذريل پندرهين سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي بندي هن اهم ضرورت ڏانهن ڌيان ڇڪايو هو ۽ عرض ڪيو تہ انهن ساليانين ادبي ڪانفرنسن ۾ اديبن کي گهرجي تہ هو آسپاس جي گذريل شاعرن تي پنهنجي تحقيقي مقالا پڙهن- مثلاً لاڙڪاڻي ادبي ڪانفرس ۾ ضلع لاڙڪاڻہ جي مشهور شاعرن جهڙوڪ: چتي فقير سانگي، عثمان فقير سانگي، موهن فقير، حسين فقير ديدڙ، شاه محمد ديدڙ، حاجي خانڻ ۽ ٻين مشهور شاعرن جي سوانح ۽ شعر تي مضمون پڙهيا وڃن ها تہ اسان جي ادبي سرمايي ۾ نهايت ئي قيمتي اضافو ٿئي ها. دل ۾ چيم تہ جيڪي ٻين کي چئجي سو پاڻ ڪجي: انهيءَ ڪري هن ڪانفرنس بعد جڏهن بہ چار ڏينهن (17 — 21 اپريل 1955) لاڙڪاڻي طرف اچڻ جو موقعو مليو، تڏهين ٻين ڪمن سان گڏ 'چتي فقير سانگي' جي سوانح ۽ شعر بابت ڪجھ مواد گڏ ڪيم، انهيءَ لاءِ تہ اسان جي انهن گذريل شاعرن مان ڪم از ڪم هڪ بابت مختصر مضمون تيار ڪري نموني طور شايع ڪجي تہ من ٻيا لائق اديب هن ڏس ۾ وک وڌائين. آءٌ پنهنجي دوست محترم قادر بخش صاحب لاڙڪ جو شڪر گذار آهيان جو ان وقت قنبر ڊويزن جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر هو ۽ منهنجي لاءِ هن ادبي تحقيق ۽ تلاش لاءِ هر سهوليت مهيا ڪيائين. چتي فقير جي زندگيءَ جا حالات، ٻن پائرن حڪيم ۽ واڌل فقير سانگي جي زباني قلمبند ڪيا ويا، جو سندن پيءُ محمد فقير سانگي چتي فقير جو خاص طالب ۽ عزيز هو ۽ چتي فقير ڪيس لائون ڏياريون هيون. چتي فقير جي شعر جو ڪجھ حصو حڪيم ۽ واڌل فقير ۽ محمد نواز جوڻيجي (وينل سجاول تعلقو ميروخان) جي زباني قلمبند ڪيوويو ۽ ڪجھ حصو محترم نبي بخش منگي (ڏامراها) گڏ ڪري ڏنو. آءٌ انهن سيني سڄڻن جو شڪر گذار آهيان. شعر جي هٿ آيل ذخيري کي پيٽي، درست ڪري، ترتيب ڏيئي هيٺ قلمبند ڪيو ويو آهي. هيءُ شعر جو ذخيرو هڪ ٻن ڏينهن جي تلاش جو نتيجو آهي ۽ محض هڪ مضمون خاطر گڏ ڪيو ويو آهي. چتي فقير جو شعر اجا گهڻو آهي ۽ اميد تہ ٻيو ڪو اديب ان کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. — نبي بخش]

## سوانح حيات

درويش چتو پٽ بچل سانگي گذريل صدي (اٺويهين) جي پوئين نصف (؟) ۾ ڳوٺ پيٺهڙي (زڪريو مهيسر ڪان هڪ ميل اوڀر طرف) تعلقي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. اڃا ٻار هو جو پيءُ ماءُ گذاري ويس. چاچس چيس ته وڃي مال چار، پر ڪيس طبعي طور پڙهڻ جو شوق هو، جنهن ڪري سيپارو ساڻ ڪري سبق ٻه ياد ڪندو هو ۽ مال ٻه پيو چاريندو هو. هڪ دفعي جهنگ ۾ ڪنهن سفيد ريش بزرگ اچي سبق ڏنس ۽ ان سبق بعد هو اتي ننڊ پئجي ويو. چاچس منجهند جي ماني ڪڻي آيو ته ڏٺائين ته ڇوڪرو ننڊ پيو آهي، مگر مال ٻئي پاسي ڪونه ويو آهي ۽ ڇوڪري جي ڇوڏاري بيٺو آهي. چاچس کي خيال آيو ته هيءُ ڇوڪرو فقير تن آهي، سو چيائين ته: ’توکي مال معافي آهي، هاڻي وڃي پڙهه‘. ڳوٺ پيٺهڙي ۾ مدرسو هو، جتي چَتو اچي باقاعدي پڙهڻ وينو ۽ عربي پارسي ايتري پڙهيائين جو جيتوڻيڪ دستاربندي ڪانه ڪيائين، ته ٻه مدرسي مان ذري گهٽ مولوي بنجي نڪتو. سڄي عمر فقير شريعت جو پائبند ٿي رهيو ۽ سواءِ بيخودي جي حالت ۾ پنجئي وقت نماز ادا ڪندو هو. هميشه اڇا ڪپڙا پائيندو هو ۽ لٺ ۽ وضوءَ لاءِ ڪونئرو هميشه ساڻ هوندا هئس.

چَتي فقير کي سندس چاچي پنهنجي نياڻيءَ مائي ’تاجل‘ جو سڱ ڏنو، جنهن مان کيس هڪ نياڻي ڄائي. جنهن جو نالو ’قائم خاتون‘ رکيائين. سندس گهر واريءَ جي وفات بعد پنهنجي نياڻي جو سڱ ڳوٺ ’دَڙي‘ ۾ پنهنجي عزازت ۾ ڏنائين ۽ هنن جو ڪيس عيوض ۾ سڱ ڏنو. ان وقت فقير تي حقيقي حال غالب هو ۽ جڏهين ماڻهن مبارڪون ڏنس تڏهين جواب ڏنائين ته: ادا جهڙو مرٽو تهڙو پرٽو.

طريقت جي راهه ۾ چتو فقير، سيد عبدالرسول بخاري ’دودائي‘ (لاڙڪاڻي کان ٻه ميل اتر واري جو مريد هو، جنهن کيس عشق مجازي واري ڏاڪي تان چاڙهي حقيقت ڏانهن متوجه ڪيو.

چتي فقير تي مجازي محبت جو جوانيءَ کان وٺي وڏو غلبو رهيو. فقير شادي شده هو ۽ شريعت جو پورو پائبند هو. نفساني خيالات کان سندس ارادا پڪا هئا، مگر محض خالص محبت ۽ نينهن جي نظاري جو طالب هو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سڀ ملامتون سر تي سنائين. پيٺهڙي جي هڪ لوهار ڇوڪريءَ سان سندس پهرين محبت جي ميخ لڳي. ٽي سال سانده سندن هڪٻئي سان نينهن جو نظارو رهيو. انهيءَ عرصي ۾ ڇوڪريءَ ٻين سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ آخرڪار فقير کي چيائين ته مون سان شادي ڪر. مگر فقير جواب ڏنو ته ”محبوب محبوب آهي، ان سان شادي نه ڪبي“. نيٺ فقير وڃي پنهنجي مرشد سيد عبدالرسول سان حال اوريو جنهن پڻ تاڪيد ڪري چيس ته: پنهنجي آئي

راند نہ وڃائجانءِ. آخرڪار فقير جي چوڻ موجب، هن نيڪ سيرت ڇوڪريءَ پنهنجي وارثن جي رضا موجب ٻيءَ جاءِ تي شادي ڪئي.

هن واقعي بعد ڇتي فقير تي حقيقي حال زياده طاري ٿيو. ڪجھہ عرصي بعد ڳوٺ ”تيرهن پور“ (ڳوٺ عرضي پٽي کان ٻہ ميل ڏکڻ اولهہ، تعلقو ميرو خان) ۾ فقير صاحب جي مائي قائم خاتون سان الاهي محبت جي لئون لڳي. مائي شادي شده ۽ نيڪ سيرت هئي ۽ سندس وارث بہ علم وارا هئا، جن کي فقير جو حال معلوم هو: انهيءَ ڪري ڪيس ڪڏهن بہ جهل پل ڪانہ ڪيائون. انهيءَ عرصي ۾ فقير کي پنهنجي گهر نياٽي ڄائي، جنهن جو نالو پڻ ’قائم خاتون‘ رکيائين. فقير مائي قائم خاتون جي وارثن ۽ سڄي ’تيرهن پور‘ جي ڳوٺ کي دعا ڪئي تہ: شال تيرهن پور هميشه سرسبز ۽ آباد هجي ۽ ڳوٺ وارا هميشه سکيا ساوا هجن. اڄ ڏينهن تائين ’تيرهن پور‘ جي ڳوٺ جو عجيب نظارو آهي ۽ ڳوٺ وارا بہ سڀ آسودا آهن. مائي قائم خاتون، ڇتي فقير جي وفات بعد بہ جيئري هئي ۽ خدا واري هئي. چون ٿا تہ موهن فقير لاڙڪاڻي واري کي اچي خيال پيو تہ اهڙي مائي جنهن سان ڇتي فقير جهڙي درويش جي محبت هئي، تنهن کي جيڪر هلي وڃي ڏسجي. سو جڏهين لاڙڪاڻي مان هلي وڃي مائي صاحبہ جي روبرو ٿيو، تڏهين مائي صاحبہ جو اهڙو توجهہ پيس جو ڪري پيو ۽ بي هوش ٿي ويو. جڏهين هوش ۾ آيو تڏهين چيائين تہ: امڙ! مرشد ڏيکاري ڇڏيئي. حڪيم فقير (عمر 58 ورهيہ) چيو تہ: آءٌ ننڍو هوس تڏهين مائي قائم خاتون مون اٽڪل 80 ورهين جي ڄمار ۾ ڏٺي هئي. مائي صاحبہ تقريبا 45-50 ورهيہ ڪن اڳ وفات ڪئي.

ڇتي فقير جي پهرئين گهر واريءَ جڏهين گذاري وئي، تڏهن پنهنجو ڳوٺ ’پيٺهڙو‘ ڇڏي اچي ’ڏڙي‘ جي ڳوٺ تعلقي ميروخان ۾ وينو. چون ٿا تہ لڏي اچڻ کان اڳ هڪ دفعي ڪو ماڻهو گڏيس جنهن کان پڇيائين تہ: نالو ڇا اٿيئي؟ چيائين تہ: مصري. پڇيائينس تہ: ذات جو ڪير آهين! چيائين تہ سانگي. پڇيائينس تہ: ڪٿي وينو آهين؟ جواب ڏنائين تہ: ’محبوب جي بنگلي‘. اتي ڇتي فقير چيو تہ: ادا اسان جو بہ رهڻ اتي ئي ٿيندو. پوءِ ڇتو فقير لڏي اچي ’ڏڙي‘ جي ڳوٺ ۾ وينو، جو ڳوٺ ’محبوب جي بنگلي‘ کان لڳو لڳ ڏکڻ طرف آهي ۽ وچان رستو آهي جو لاڙڪاڻہ کان ميرو خان ڏانهن وڃي ٿو. ڇتو فقير پنهنجي آخري عمر واري وقت ۾ راتين جون راتيون عبادت ۾ گذاريندو ۽ جهد ڪٽيندو هو. سنہ 1311 هہ ۾ هڪ رات ’ڏڙي‘ جي ڳوٺ ۾، سندس موجوده مقبري لڳ ڪڏ ۾ گوڏي جيتري پاڻيءَ ۾ عصا هٿ ۾ ڪري وڃي عبادت ۾ وينو ۽ اتي دم ڏنائين. ڪيس ڪڏ جي ڪناري تي دفن ڪيو ويو، جتي سندس قبر جي مٿان هن وقت سفيد قبو بيٺل آهي.

سندس همعصر شاعرن مان سندس ذات ڀائي عثمان فقير سانگي هو، جو ڪانئس عمر ۾ وڏو هو. سيد حاجي شاهه دودائي وارو، دريا خان فقير، موهن فقير، خيرمحمد فقير هيسباڻي به سندس همعصر هئا. چتي فقير جي طالبن مان هيٺين فقيرن جا نالا قابل ذڪر آهن: (1) الهه رکيو فقير سانگي، پيٺهڙي جو، 30 سال کن ٽيا جو گذاري ويو. (2) الله اوباهيو جوٽيجو، ڳوٺ مُجهَد تعلقه رتي ديري جو، 35 سال کن ٽيا جو گذاري ويو. (3) محمد فقير سانگي (حڪيم فقير ۽ واڌل جو پيءُ)، 16 سال کن ٽيا جو گذاري ويو. (4) بهادر فقير سانگي، ڳوٺ ’ڊوري‘ لڳ دڙو، 20 سال کن ٽيا جو گذاري ويو. (5) اِتلاش فقير جوٽيجو، ڳوٺ ’صادق‘ لڳ مجهد، 25 سال کن ٽيا جو گذاري ويو. (6) فقير مولوي محمد مراد مگريو، پيٺهڙي جو، 15 سال کن ٽيا جو گذاري ويو. چتو فقير چوندو هو ته: ابا! اهو هاڻي حلال ڪيو اٿئون. (7) نبن فقير جيهو، ڳوٺ جيها تعلقي ڳڙهي ياسين جو، جنهن جي نالي سان سيوهڻ ۾ قلندر شهباز تي ’ڪافي‘ آهي، اهو به ڳچ سال ٽيا جو گذاري ويو.

## شعر

چتي فقير سنڌي توڙي سرائڪي بيتن ۽ ڪافين ۾ پنهنجو ڪلام چيو آهي. معنيٰ ۽ مقصد جي خيال کان اهي بيت ۽ ڪافيون جدا جدا عنوانن سان تعلق رکن ٿيون. انهيءَ کان سواءِ چتي فقير ٻين نوعن جو شعر به چيو آهي، جن مان هڪ ”ست سُري“ مشهور آهي.

[رسالو ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سرءُ، 1955ع]

❑

# (69) حافظ عبدالوهاب فاروقي [سچل سائين]

حافظ عبدالوهاب فاروقي عرف سچل سائين، شاعري، علم ادب ۽ صوفيانہ فڪر جي ميدان ۾ پنهنجي خاص مقام ۽ منفرد حيثيت جو مالڪ آهي. جنهن کي صحيح طور سمجهڻ جي ضرورت اڃا باقي آهي. سچل سائين جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو ويو آهي، ان ۾ گهڻو ڪري حقيقت بدران عقيدت ۽ صحيح علمي ڄاڻ بدران نعره بازي کي دخل آهي. سچل سائين بابت تحريري مواد جي گهڻي ڀاڱي جو افسوسناڪ پهلو اهو آهي جو يا تہ کيس اسلام کان لاتعلق بلڪ شرع اسلامي جو مخالف تصور ڪيو ويو آهي ۽ يا تہ وري کيس شاهہ عبداللطيف جو مدمقابل، بلڪ لطيف سائين کان بلند ۽ بالاتر ڪري پيش ڪيو ويو آهي. جيئن تہ سندس عام مشهور نالو 'سچ' سان لاڳاپيل آهي، انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ غير حقيقي نعرن ۽ بيانن کي ترڪ ڪري، سچل سائين جي صحيح ۽ سچي مرتبي ۽ مقام کي سمجهيو وڃي. هن مختصر مضمون ۾ اسان فقط ٽن غلط فهمين کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسون. جيتوڻيڪ سندس سوانح، ڪلام ۽ فڪر جا ڪي ٻيا اهڙا پهلو پڻ تحقيق طلب آهن، جن تي آئينده ڪنهن ٻي صحبت ۾ بحث ڪنداسون.

### (1) ڇئن زبانن وارو يا 'هفت زباني شاعر؟'

سچل سائين بابت هڪ غير حقيقي نعري جو واضح مثال اهو آهي جو هن پوئين ويجهي عرصي ۾ کيس 'هفت زباني شاعر' يعني ستن زبانن جو شاعر سڏيو ويو آهي[1]. اول تہ ڪنهن بہ وڏي شاعر جي وڏائي انهيءَ ۾ ناهي تہ ڪو هن گهڻين ٻولين ۾ شاعري ڪئي هجي. دنيا جا اڪثر وڏي ۾ وڏا شاعر اهي آهن، جن فقط هڪ ئي زبان ۾ شاعري ڪئي آهي. ٻيو تہ صحيح معنيٰ ۾ "شاعر" ۽ "نظم نگار" ۾ بہ فرق آهي، ڪو شخص گهڻين زبانن ۾ "نظم نگار" بڻجي سگهي ٿو، مگر اُن لاءِ شاعر ٿيڻ ناممڪن آهي. سچل سائين حقيقي معنيٰ ۾ فقط ٻن ٻولين، يعني سنڌي ۽ سرائڪي جو شاعر هو. هن وڌيڪ ٻن ٻولين يعني فارسي ۽ اردو ۾ نظم نگاري يا رسمي شاعري ڪئي، پر اها سندس سنڌي ۽ سرائڪي شاعريءَ جو مٽ ناهي. مرزا علي قلي بيگ جنهن 1902ع ۾ سچل سائين جو ڪلام مرتب ڪيو، تنهن پهريون پيرو پنجابي زبان جو نالو ڪنيو، پر هن پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ سببان ساڳي هڪ ئي زبان کي 'سرائڪي' يا 'پنجابي' ڪري لکيو. حقيقت ۾ سچل سائين جنهن ٻولي ۾ شعر

---

[1] مرحوم قاضي علي اڪبر درازي جو ڪتاب 'سچل سرمست' شاعر هفت زبان.

چيو آهي، سا مجموعي طور سان ’سرائڪي‘ آهي؛ جيڪا سنڌ توڙي پنجاب ۾ رائج آهي، پر اها ’پنجابي‘ کان الڳ آهي. بهرحال سچل سائين کي ’هفت زباني شاعر‘ سڏڻ حقيقت جي خلاف آهي، جيئن ته ان اجائي نعري سان سندس عظمت ۾ ڪوبه اضافو ڪونه ٿو ٿئي، ان ڪري بهتر آهي ته ان کي ترڪ ڪيو وڃي.

**(2) ’سچل سائين‘ يا ’سرمست؟‘**

هيو نعرو سندس ’نالي ۽ خطاب‘ وارو آهي، جنهن موجب کيس ”سچل سرمست“ مشهور ڪيو ويو آهي. اهو خطاب به پوئين ويجهي دور ۾ درازن جي درگاهه جي ڪن خاص معتقدن پنهنجي عقيدت جي بناءَ تي ايجاد ڪيو آهي. محبت ۽ عقيدت جي دائري ۾ مبالغو جائز آهي ۽ ڪوبه عقيدتمند پنهنجي ’آقا‘ کي ڪنهن لقب يا خطاب سان سينگاري سگهي ٿو. البت سنڌ جي صوفيانه روايت توڙي هن خاندان جي پنهنجي روايت جي روشني ۾ ”سچل سرمست“ جي پيٽ ۾ ”سچل سائين“ وارو خطاب وڌيڪ سهڻو ۽ جڳائتو آهي. ”سچل سرمست“ وارو خطاب سندس وڏن طرفان ڏنل پيار واري نالي سچل، توڙي سندس پنهنجي اختيار ڪيل تخلص سان نٿو لڳي. مرزا علي قلي بيگ ۽ مولوي محمد صادق راڻي پوري جي قلمبند ڪيل روايتن موجب سندس ذاتي نالو عبدالوهاب هو، پر سندس وڏي ڏاڏي مخدوم عبدالوهاب جي نالي جي ادب وچان نندي هوندي کان مائٽن کيس ’سچيڏنو‘ سڏيو، سندس چاچي ۽ مرشد خواجه عبدالحق يا بعد ۾ سخي قبول محمد کيس ’خليفو سچل‘ ڪري سڏيو، خود پاڻ پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي نالي وارو تخلص سچيڏنو، سچل يا سچو آندائين. انهن نالن ۾ نماڻائي ۽ نهنائي سمايل هئي، جيڪا سنڌ جي سماجي توڙي صوفيانه روايت جو آئينو آهي.

مرزا علي قلي بيگ، سچل جي سوانح جي سلسلي ۾ البت هڪ روايت آندي آهي. جنهن ۾ سچل جي ’سرمست‘ هئڻ جي پيش گوئي ڪيل آهي. خواجه عبيدالله جيلاني بابت چيو ويو آهي ته: هن پنهنجي مريد ميان صاحبڏني (سچل جي ڏاڏي) کي چيو هو ته هو پنهنجي وڏي پٽ ميان صلاح الدين بدران ننڍي پٽ ميان عبدالحق کي پنهنجو مسند نشين ڪري؛ چاڪاڻ جو ”ميان صلاح الدين کي هڪ پٽ ڄمندو، سو سرمست زماني کان تارڪ رهندو.“ چئي نٿو سگهجي ته اها روايت ڪيتريقدر صحيح آهي، چاڪاڻ جو اها پيشين گوئي بهرحال سچل يا سندس والد جي حق ۾ نه هئي. سنڌي اصطلاح موجب ”سرمست“ معنيٰ صاف مست يا سنئون سڌو مست ۽ مست معنيٰ اهڙو ماڻهو جيڪو ديوانو مستانو هجي ۽ جنهن تي عقل ۽ ساڃهه جي ميار نه رکجي. سچل جيڪي هو سو هو، پر نڪي مست هو نه نڪي ديوانو هو. غالباً بيدل پڻ سچل جي وفات واري قطعه تاريخ ۾ سندس واسطي ’سالڪ مستانه‘ ۽ ’سرمست‘ جا

القاب آندا، جيڪي پڻ مستاني ۽ مجذوب جي معنيٰ ۾ آهن، پر جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو تہ، سچل سائين نڪو مستانو تہ نڪو مجذوب هو. هو عاقل هو، ذهين هو، شاعر هو ۽ اديب هو.

مرزا علي قلي بيگ اڄ کان نوي سال اڳ، 1895-1902ع واري عرصي ۾ سچل جي ڪلام ڪي سهيڙڻ طرف متوجهہ ٿيو، ان وقت سچل جو نالو جيئن مشهور ۽ مقبول هو، تيئن سندس ڪلام جي مجموعي جو نالو پڻ ”رسالو سچل سائين.... تصنيف سچل فقير فاروقي درازن واري جو“ رکيائين. پاڻ پڻ سندس سوانح بيان ڪندي، ڪيس سچل فقير، ميان سچو يا ميان سچل فقير ڪري لکيائين. اسان پاڻ کان اڳين تحريرن ۾ توڙي علمي حلقن ۾ سندس نالو ”حافظ ميان عبدالوهاب فاروقي عرف سچيڏنو.“ ”ميان سچل“ يا ”سچل فقير“ ڏنو يا ٻڌو. عام ڪچهرين ۾ ڪن محبتين کي ”سچل سائين“ چوندو ٻڌو.

حڪيم آغا غلام نبي شڪارپوري پهريون صاحب هو، جنهن سنہ 1933ع ۾ پنهنجي ڪتاب جو نالو ”سچل سرمست“ رکي، انهي خاص خطاب کي هوا ڏني. حڪيم آغا درازن جي درگاهہ جو مريد هو ۽ هن اهو ڪتاب خاص طرح ڊاڪٽر گربخشاڻي جي شايع ڪرايل ”شاهہ جي رسالي“ جي جواب ۾ لکيو، ڇاڪاڻ جو ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهہ سان سچل جي ڀيٽ سهڻن لفظن ۾ نہ ڪئي هئي. حڪيم آغا هن ڪتاب جي مقدمي ۾، جيڪو گهڻي ڀاڱي سندس ساٿي ۽ پير پائي ڊيپوٽي ڪليڪٽر فقير وليداس درازي لکيو[1]. جذبات ۾ اچي شاهہ عبداللطيف جي بيتن جون ڪي اوڻايون بيان ڪيون ۽ ڀيٽ ۾ سچل سائين جي ڪلام کي ساراهيو. جيئن تہ لطيف سچو سهڻو ”جمال ئي جمال“ هو ۽ نهٺائي ۽ نماڻائي سندن شخصيت جا نمايان پهلو هئا، تنهنڪري مقابلي ۾ سچل کي جلال واري ”سرمست“ صورت ۾ پيش ڪيو ويو. اجا بہ اڳتي وِڪ وڌائي شاهہ عبداللطيف کي مولانا رومي جو پوئلڳ ۽ سچل کي عطار جو پيرو ڄاڻائي انهيءَ تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جو جڻ ٻئي متضاد مشربن جا هئا، انهيءَ سڄي ڀيٽ ۾ نہ تہ ڪو علمي توازن هو، تہ نہ ڪا ادبي سهڻائي، حقيقت ۾ رومي کي عطار دعا ڪئي هئي ۽ خود مولانا رومي چيو تہ:

ما در پئي سنائي و عطار آمديم.

(يعني تہ اسان شيخ سنائي ۽ حضرت عطار واري واٽ وٺيو پيا اچون).

---

(1) مقدمي جي ڪافي وڏي ڀاڱي ۾ درج ٿيل عنوانن ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ مان اهو صاف ظاهر آهي ۽ پڻ ان ۾ فڪري توڙي علمي اوڻايون آهن. مثلاً ”عبيدالله“ کي ”بيدالله“ ڪري لکيو ويو آهي (ص 120) ۽ پڻ ائين ڄاڻايو ويو آهي تہ ”قرآن شريف خود سارو نظم ۾ آهي“ (ڏسو ڪتاب ”سچل سرمست“ ڇپيل شڪارپور، 1933ع، صفحو 140 ۽ صفحو 307).

سچل بيشڪ عطار کي ئي پنهنجو رهنما ڪري مڃي ٿو، پر مولانا رومي جي مرشد شمس تبريزي بابت پڻ چوي ٿو ته:

"اسا ڏي جان ڪون لڳڙي هوائلا شمش تبريزي."

اجا به وڏي ڳالهه اها، جو سچل سائين مولانا رومي جي ديوان جنهن کي مولانا رومي پنهنجي مرشد شمس تبريزي جي نالي سان ديوان شمس سڏڻ جي اثر ۽ عظمت جو حامل هو، چيو اٿس ته:

گر ڪسي ديوان شمس الحق بخواند باليقين،
از خودي آزاد گردد، و ز من و مئي بدر.

(جيڪڏهن ڪو ديوان شمس کي صدق ۽ يقين سان پڙهي ته هوند خودي کان آجو ٿي وڃي ۽ "مان" ۽ "اسان" واري خيال کان نڪري ٻاهر ٿئي).

جيڪڏهن آغا حڪيم صوفي جي ڏُکن کي مڃجي ته رومي ۽ شاهه جدا ته عطار ۽ سچل جدا آهن ته پوءِ چئبو ته يا ته سچل کي خبر ڪانه هئي ته "ديوان شمس الحق" ڪهڙي شيءِ آهي يا ته آغا حڪيم صوفي ۽ پائي وليداس علم ۽ ڄاڻ کان پري هئا.

حقيقت ۾ حضرت شاهه عبداللطيف توڙي سچل سائين سندن وڏن کان وٺي ساڳئي قادري سلسلي جا بزرگ هئا. سچل جو ڏاڏو ميان صاحبڏنو عرف محمد حافظ، شاهه عبيدالله قادري جو مريد ٿيو، جيڪو عبدالقادر جيلاني رحه جي اولاد مان هو. شاهه عبيدالله پنهنجن ٻن پائرن شاهه ڪليم الله ۽ شاهه عبدالملڪ سان گڏ سنڌ ۾ آيو. شاهه ڪريم جنهن جي اولاد مان شاهه عبداللطيف ڀٽائي هو، سو شاهه ڪليم الله جو مريد ٿيو ۽ شاهه عنايت الله صوفي جهوڪ وارو شاهه عبدالملڪ جو مريد ٿيو."[1]

آغا صوفي صاحب پنهنجي پيٽ جو وزن وڌائيندي لکي ٿو ته "شاهه ڀٽائي سالڪ هو، سرمست درازي مجذوب هو[2]." يعني ته هن صاحب سچل کي سرمست سڏڻ سان گڏ مجذوب به ڪري مڃيو آهي. سچ سائين مجذوب هو يا نه، ان تي اڳتي بحث ڪنداسون، في الحال موضوع "سرمست" هجڻ جو آهي. سچل پاڻ کي شاعرانه انداز ۾ "مست" ۽ "سرمست" چيو، يا مستي ۽ سرمستي جون ڳالهيون ڪيون سا الڳ ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ جو انهن لفظن جي معنيٰ اها ناهي، جيڪا "سچل سرمست" واري خطاب ۾ سمايل آهي. سرمست واري خطاب ۾ پڻ زوراور، لاغرض، بي پرواهه ۽ "سنجيده" جي ضد وارو مفهوم مضمر آهي. آغا صوفي جي هن مشهور ڪيل خطاب کان پوءِ ئي اڪثر لکندڙ سچل سائين کي

---

(1) مرزا علي قلي بيگ: "رسالو سچل سائين"، هريسنگ ڪتبخانو سکر جو ڇاپو ٻيو، صفحو 14

(2) باوجود انهيءَ جي ڇاپي ۾ سرورق تي آغا صوفي صاحب جي پيروي ڪندي ڪتاب جو نالو "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" رکي ڇاپيو ويو.

ائين ئي سمجهندا رهيا. انهيءَ ڪري سنہ 1959ع ۾ مولوي محمد صادق راڻي پوري جڏهن سچل سائين جو ”سرائڪي ڪلام“، مرتب ڪيو، تڏهن ”سرمست“ واري مفهوم کي صاف ڪرڻ خاطر پنهنجي مقدمي جي شروع ۾ ئي ”سرمست باده وحدت“ جو اصطلاح آندائين، جيتوڻيڪ پاڻ سڄي مقدمي ۾ عام مقبول ۽ پيارو نالو ”سچل سائين“ استعمال ڪيائين ۽ پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب جو نالو ”سچل جو سرائڪي ڪلام“ ڪري لکيائين.[1]

مرزا علي قلي بيگ، مولوي محمد صادق ۽ ٻين جن ڪيس سچل سائين، ڪري ڪوٺيو يا لکيو آهي، سي صحيح آهن: ڇاڪاڻ جو ”سرمست“ وارو خطاب سنڌ جي صوفيانہ روايت جي برعڪس آهي ۽ بهرحال سچل سائين، وري عام مقبول پياري خطاب جي مٽ ناهي.

### (3) ڇا سچل سائين مجذوب هو يا ذهني طور سجاڳ ۽ بيدار؟

آغا صوفي سچل سائين کي ”مجذوب“ ڄاڻايو آهي، مرزا علي قلي بيگ کي مليل روايت موجب، ”اڪثر صندل تي مراقبي ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هوندو هو. جوانيءَ ۾ نماز پورن پنجن وقتن تي پڙهندو هو، جيئن ميان عبدالحق ۽ ٻيا گادي وارا ڪندا هئا. مگر پوءِ جڏهن موج مستي ۾ آيو، تڏهن نماز روزه ڇڏي ڏنائين ۽ هڪ استغراق ۾ پيو هوندو[2].“ اهو صاف ڄاڻايل ڪونهي تہ ڪڏهن کان نماز، روزه ڇڏي ڏنائين يا نماز روزي جي پوري پابندي نہ ڪيائين. پر هن روايت موجب جيڪڏهن پنهنجي چاچي ۽ پير عبدالحق جي حياتي تائين نماز روزي جي پوري پابندي ڪيائين ۽ ان کان پوءِ مٿس استغراق واري حالت طاري ٿي، تہ پوءِ چئبو تہ ايڪهٺ سالن تائين هو نماز روزي جو پابند رهيو، ڇو جو هڪ روايت موجب (جنهن کي ايستائين مڃيو ويو آهي) هو سن 1152هہ ۾ ڄائو ۽ خواجہ عبدالحق سن 1213هہ ۾ وفات ڪئي. مولوي محمد صادق راڻي پوري جي راويت موجب: ”سندس عمر پنجاهہ سال کي قريب ٿي هئي تہ پوءِ موج مستي عروج جي حالت ۾ بيخود ٿيو، استغراق ۾ پيو هوندو هو.“

مٿين روايتن مطابق ”هڪ استغراق ۾ پيو هوندو هو.“ يا ”بيخود ٿيو استغراق ۾ پيو هوندو هو“ معنيٰ تہ يڪو استغراق ۽ مجذوبي واري حالت ۾ پيو هوندو هو. اهڙي حالت ۾ انسان ڪوبہ دنيوي ڪم يا ذهني ڪاوش نٿو ڪري سگهي، پر سچل سائين جي ڪلام ۽ سوانح جون هيٺيون حقيقتون ثابت ڪن ٿيون تہ اهي بيان ڪي بُڏل ڳالهيون آهن. هو مجذوب هرگز ڪونہ هو،

---

[1] مولوي محمد صادق راڻيپوري ”سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام“ (ڇپيل عنوان سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام)، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص 17

[2] رسالو سچل سائين اڳ حوالو ڏنل، ص 19

چاڪاڻ تہ مجذوب هر وقت مجذوب آهي، نہ ڪي هو يڪو استغراق ۽ بيخودي ۾ پيو هوندو هو. سچل سائين پاڻ چوي ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن بيخودي ۾ ايندو هو:

”يارو وچ بيخودي دي، ڪڏان ڪڏان آوندلا هون.“

پر ٻين شعرن ۾، باوجود عشق ۽ محبت واري جذبي ۽ غلبي جي پنهنجي، سجاڳي ۽ بيداري لاءِ پاڻهي پاڻ کي داد ڏنو اٿس- چوي ٿو تہ:

اسان نون عشق وي يارو، اجان ديوان نهين ڪيتا،
پيارلا نال جهاتي دلا مئيڪون مستان نهين ڪيتا.

سندس پنهنجي فڪر ۽ فلسفي مطابق:

سچيڏنا سنسار وچ اِتان هووڻ هي هوشيار.

سندس شاعري جي انهن اندروني شاهدين کان سواءِ سندس سوانح مان هينان پڪا پختا اُهڃاڻ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ثابت ڪن ٿا تہ سچل سائين مجذوب تہ ڪونہ هو، پر هو بالڪل سالم ذهن، عاقل ۽ سجاڳ هو. ڀهريون تہ هي هڪ متفقہ طور مجيل حقيقت آهي تہ گادي نشين سخي قبول محمد کي درگاهہ جي خرچ لاءِ مير صاحب مير رستم خان، خيرپور جي حڪمران، جاگير ڏني هئي ۽ سچل سائين ئي انهيءَ جاگير جو پروانو ونڻ ويو هو. سخي قبول محمد سنہ 1213هہ ۾، خواجہ عبدالحق جي وفات بعد گاديءَ تي ويٺو؛ جنهن جي معنيٰ تہ ان سال بعد ئي، جڏهن سندس عمر ايڪهٺ سالن کان اڳتي هئي، تڏهن سچل پنهنجي پوري سالم صحت ۽ سمجهہ سان اهو ڪم سرانجام ڏنو هو. ٻيو تہ جڏهن سندس عمر ايڪهتر سال هئي تڏهن ئي شعر چيائين تہ:

گذشتہ عمر ما هفتاد ويک سال
ولي از غمزه عشقش جوانم.

يعني: اسان جي عمر جا ايڪهتر سال پورا ٿي چڪا آهن، پر محبوب جي غمزي ۽ ناز سببان اجان جوان آهيان.

ڪوبہ مجذوب ماڻهو پنهنجي عمر جا سال ڳڻي اهڙيون سجاڳي واريون ڳالهيون ڪونہ ڪندو. ٽيون تہ سنہ 1225هہ ۾ جڏهن مير رستم خان صاحب درازن جي درگاهہ جو قبو تعمير ڪرايو، تڏهن ”سائين صاحبڏنو عليه الرحمة جي وفات جو قطعہ تاريخ سچل سائين پاڻ موزون ڪري ڪاشي جي سر تي لڪائي؛ سندس مرقد شريف ۾ هڻايو[1] اهو قطعو هي آهي:

گلِ فردوس رحمت باغ فاروق
ز اسرارِ خدا واقف گماهي.

---

[1] رسالو سچل سائين، ص 15

ولايت ام بود مشهور آفاق
ز فوقِ عرش اعظم تا بماهي.

محمد حافظ و هادي تولد
سنش کامل نقل مظهر الاهي.

ان وقت سچل سائين جي عمر 73 سال هئي. هن قطعي ۾ ابجد جي حساب سان جيڪا فني نزاڪت سمايل آهي، تنهن مان سندس مڪمل ذهني بيداري جو ثبوت ملي ٿو.

(4) چوٿون تہ سچل سائين جي استاد حافظ عبدالله سنہ 1243ھ ۾ وفات ڪئي. جنهن جي قبر درگاهہ درازا جي صحن ۾ آهي. سندس وفات جو تاريخي قطعو سچل سائين پاڻ چيو[2] جنهن جو آخري شعر هي آهي:

جستم از عقل سال تاريخش
گفت از اسم حافظ عبدالله
1233

يعني تہ: مون پنهنجي عقل کان سندس وفات جي تاريخ جو سال پڇيو: چيائين تہ اهو ”حافظ عبدالله“ واري نالي مان نڪرندو.

ان وقت سچل سائين جي عمر ايڪاسي سال هئي. انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ آخري عمر تائين سچل سائين مڪمل طور سالم ۽ سجاڳ هو ۽ سندس عقل بالغ ۽ بيدار هو.

[”سچل نئشنل سيمينار“ سچل اڪيڊمي خيرپورميرس، 7- مارچ 1982ع]

❑

[2] مولوي محمد صادق راڻي پور: ”سچل جو سرائڪي ڪلام“ (ڇپيل عنوان، سچل جو سرائڪي ڪلام) سنڌي ادبي بورڊ 1959ع، ص 15

## 70 حمل خان لغاري: سنڌ جو خوشگوءِ فصيح سگهڙ شاعر

حمل خان لغاري سنڌ جو نهايت خوشگوءِ ۽ فصيح ترين شاعرن مان ٿي گذريو آهي. سراڪي شعر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، مگر سندس سنڌي شعر ۾ به جا جدت، فصاحت ۽ رواني آهي سا سنڌ جي ٻين ڪن ٿورن شاعرن جي شعر ۾ نظر اچي ٿو.

**حياتي جو بيان**: حمل خان ذات جو لغاري بلوچ هو. سند پاڙو ٻهلولاڻي ۽ قبيلو سيرڪاڻي هو. سندس پُري هن طرح آهي. حمل خان پٽ رحيم خان پٽ ٻهلول پٽ دليل پٽ سيرڪ جو سيرڪاڻي قبيلہ جو وڏو ڏاڏو هو. حمل خان جا وڏا سيرڪاڻي لغاري اصل ديري غازي خان لڳ وينل هئا. ميرن جي ڏينهن ۾ لڏي اچي خيرپور رياست ۾ خانپور لڳ قلپوٽن جي ڳوٺ ۾ وينا. حمل خان غالباً هن ڳوٺ ۾ سنہ 1230هجري ڄاري ڄائو. ڪيس وقت جي رواج موجب چڱي پارسي تعليم ڏني وئي. ان وقت هن قبيلہ جو رئيس ميان سيد خان، مير مراد علي خان ۽ ڪرم علي خان جي طرفان ميرپورماٿيلي ۾، خيرپور ڏهرڪي لڳ سبزل ڪوٽ جو نواب هو. رئيس سيد خان پنهنجي نوابي جي ايامڪاريءَ ۾ حمل خان ڪي پاڻ سان سبزل ڪوٽ ۾ رهايو. شايد هن عرصي ۾ ئي حمل خان نواب سيد خان جي پائٽي ميان مير خان ڪي تعليم ڏني جو حالات ڪان واقفيت رکندڙ گهڻن صاحب جو چوڻ آهي تہ مير خان حمل خان جو شاگرد هو. بعد ۾ مير خان اچي تعلقي سڪرنڊ ۾ ٻاني لڳ پنهنجو ڳوٺ مير خان لغاري ٻڌو. هن ڳوٺ ڪان اُتر طرف سڏ پنڌ تي محمود خان لغاري جو ڳوٺ هو. نواب سيد خان جي وفات بعد حمل خان بہ اچي ڳوٺ محمود لغاري ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

هتي اچڻ بعد حمل خان خطاب خانہ جاري رکيو ۽ مير خان جي پٽ بختيار ڪي تعليم ڏني. نقل مشهور آهي تہ ڪنهن خطابي، حمل خان جي هڪ مستاني عزيز ماڇي خان ڪي پتر هنيو ۽ ماڇي خان جي ڊگهي ٽوپي اچي پٽ تي ڪِري، انهيءَ تي ماڇي خان چيو تہ:

حمل جا خطابي- هڪ ٻنگي ٻيا تڪا طباقي
سي منهن تہ ڪن مسيت ڏي، ٻچيا جيڪي باقي.

اها ڳالهہ جڻ هڪ چرچو ٿي وئي. انهيءَ تي مير خان (ياٻختيار خان) ماڇي خان ڪان پڇيو تہ: تو حمل خان جي خطابين ڪي نِنديو آهي پر ڪي پنهنجي باري ۾ بہ چيو اٿيئي؟ جنهن تي ماڇي خان جواب ڏنو تہ هائو:

ماڇي ڙي ماڇي، پلي ني گهوڙي اُٺ ني ڪاڇي
سڄي عمر پور هيا ڪيئي، پئسا نہ بچيئي پاڇي.

حمل خان هڪ ذهين استاد، فارسي جو ڄاڻو ۽ نهايت خوش خط ڪاتب هو*. مير خان جو پٽ بختيار خان حمل خان کان تعليم وٺي نہ فقط شاگردي جو درجو حاصل ڪيو، مگر پوءِ حمل خان جو وڏو محسن ۽ مربي بڻيو. هونئن بہ بختيار خان پنهنجي وقت جو وڏو سخي مرد هو ۽ انهيءَ ڪري حمل خان سندس سخا جي پنهنجي هڪ بيت ۾ تعريف ڪئي تہ:

"مينهن سانوڻ وس بس ڪري،
نهين پير بختيار ڪون بس دا."

يعني تہ: سانوڻ جو مينهن بہ وسي وسي آخر بس ڪري ٿو، مگر بختيار خان کي "بس" وارو تہ پير يا نمونوئي ناهي. حمل خان جڏهين پير مرد ٿيو تڏهين پڙهائي بس ڪيائين، مگر بختيار خان طرفان کي وظيفو ملندو رهيو. ان بعد قاضي ميان الله داد عباسي بختيار پوري اچي حمل خان جي جاءِ تي پڙهائي ڪرڻ لڳو، مگر تنهن هوندي بہ جڏهين حمل خان مڪتب ۾ لنگهي ايندو هو تہ قاضي ميان الله داد مٿس زور آٽي چوندو هو تہ: هاڻي پلا اوهين سبق سمجهايو، جنهن تي حمل خان ويهي سبق ڏيندو هو. سندس صحيح تلفظ ۽ مٺي آواز سبب سندس درس ۾ هڪ خاص لطف هوندو هو. جن عمر رسيده ماڻهن حمل خان کي ڏٺو هو تن جا بيان هن طرح آهن: "بنده جي ناني مرحوم ميان لعل بخش خان (عمر اَسي ورهيہ کن 1936ع ۾) ٻڌايو تہ حمل خان هڪ دفعي جڏهن ڳوٺ جعفر خان لغاري وٽ آيو هو تڏهن آئون ڇوڪرو هوس. جو مون ڪيس ڏٺو هو. حمل خان ان وقت گهوڙي تي چڙهيل هو ڪيس سائو پهراڻ ۽ سائو پٽڪو ٻڌل هو ۽ ڏاڙهي کي ميندي لڳل هيس ۽ واپس ڳوٺ وڃڻ لاءِ حيدر خان کان موڪلائي رهيو هو. سندس وڃڻ بعد مون (ناني) حيدر خان کان پڇيو تہ هي مڙس ڪير هو. جنهن تي چيائين تہ ابا اهو حمل خان سگهڙ شاعر هو. حاجي ميان احمد خان لغاري جو عمر رسيده آهي ۽ حمل خان جي ڳوٺ جو ۽ سندس عزيزن مان تنهن خبر ڪئي تہ حمل خان مون کي ٿورو ياد آهي. ڏگهي سائي ڪيمخاب جي ٽوپي پائيندو هو ۽ پيريءَ سبب ٽيڪ لاءِ لٺ کڻندو هو. حاجي فقير خاصخيلي، ڳوٺ مير خان لغاري جو وينل عمر اَسي ورهين کان بہ زياده تنهن 1933ع ۾ خبر ڪئي تہ "مون کي حمل خان ڇٽو ياد آهي. ميندي ڪندو هو ۽ ڪپڙا اڪثر ساوا پائيندو هو. مٿي تي ڪيمخاب جي ميراڻي ٽوپي پيل هوندي هئس."

---

* لطف الله بدوي پنهنجي ڪتاب "تذڪره لطفي" (جلد-2، ص 329) ۾ حمل جي باري ۾ لکي ٿو تہ: "سندس هٿ لکيل هڪ فقه جو ڪتاب . هزار مسائل" منهنجي نظر مان گذريو آهي، جنهن جي خوشخطي عمدن ڪتابن سان وجيو ٽڪر کائي."

چون ٿا تہ مير خان جڏهن حمل خان کي سندس پڇاڙي واري بيماري ۾ پڇڻ ويو، تڏهن حمل خان سندس آڏو فارسي جا هي بيت پڙهيا تہ:

"عشق آسان نيست جانان، کوه بہ مژگان کندن است
کشتي، کاغذ کہ اورا بدريا بردن است(؟)
وقت نيکان گذشت، کار دزدان رسيد
باغ زاغان گرفت، بلبل، حيران پريد."

حمل خان پيريءَ ۾ سنہ 1296هجري ۾ پنهنجي ڳوٺ محمود خان لغاري ۾ وفات ڪئي جتي سندس تربت تي ڪتبي ۾ تاريخ وفات بہ ڏنل آهي.

**حمل خان جو اولاد**: حمل خان کي هڪ پٽ ۽ ہہ نياڻيون ٿيون. فرزند تي پنهنجي والد وارو نالو رحيم خان رکيائين ۽ کيس پاڻ تعليم ڏنائين. جنهن ڪري رحيم خان نهايت سمجهو ۽ صالح نوجوان ساماڻو. اول اول رحيم خان وڃي ٽالپرن جي سيد ميان نورشاهہ وٽ نوڪري ڪئي. ان بعد سرڪار ۾ صلہ دار (گهوڙي سوار) مقرر ٿيو، مگر حمل خان چيس تہ: ابا سرڪاري نوڪري چڱي ڪانهي. انهيءَ تي رحيم خان هي نوڪري ڇڏي وڃي خانگي طور مير علي مراد خان جي پائڻي ۽ ناني مير حيدر وٽ نوڪري ڪئي. اتي رحيم خان پنهنجي قابليت ۽ ايمانداري سبب نالو ڪڍيو، ايترو جو خود مير علي مراد خان، رحيم خان کي پاڻ وٽ آڻڻ جو خيال ڪيو ۽ هڪ دفعي مير غلام حيدر کي چيائين تہ: منهنجي هڪ ڳُهر آهي جا قبول ڪر. مير غلام حيدر ڳالهہ جو سر صحيح ڪري جواب ڏنو تہ: مون کي اوهان جي هر ڪا ڳالهہ قبول آهي، مگر لاڙ جو لغاري جو منهنجي ڪم ۾ آهي اُهو ڪونہ ڏيندس. انهيءَ تي مير علي مراد کٽي ماٺ ڪئي. افسوس جو رحيم جوانيءَ ۾ گذاري ويو. جنهن ڪري حمل خان جي پيڙهي پڌري نہ ٿي، البت حمل خان جي نياڻين کي اولاد ٿيو. هڪ نياڻي پنهنجي پاءُ نهال خان جي پٽ يعني پنهنجي پائٽي الله بخش خان کي پرڻايائين. الهہ بخش خان جو پٽ حاجي جمال خان، يعني حمل خان جو ڏوهٽو ۽ سڱ ۾ پوٽو اڃا حيات آهي. حاجي جمال خان بہ نهايت بردبار ۽ سنجيده شخص آهي. سندس گهڻي عمر هزهائينس مير ميان فيض محمد سان پوڻہ طرف گذري. هينئر هي صاحب پير پاڳاري جي ڳوٺ ۾ گذاري ويو. حمل خان جي ٻي نياڻي مان حمل خان جي ڏوهٽي قادر بخش جو فرزند بہ حيات آهي.

**حمل خان جي شاعريءَ جي ابتدا ۽ سندس حقيقي استاد:**

شاعري حمل خان جي گهر ۾ هئي، پاڻ خود شاعر پيءُ جو پٽ هو. سندس والد ميان رحيم خان سنڌي زبان جو چڱو خاصو شاعر هو. هڪ حڪايت مشهور آهي تہ رحيم خان يا ڪاڇي جي شاعر حيات لغاري ٻوڙي انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ بيت چيو جنهن ۾ مارئي تي ميار ڏيئي کيس ڪچو ڪيو ويو تہ "ڪر تنهنجا عمر سان هئا، ٻڌل ٻول قرار" ڪن جو چوڻ آهي تہ اهو رحيم

خان چيو ۽ حيات ٻوڙي اهو بيت ٻڌي، جواب ۾ هڪ بيت چيو، جنهن جون ڪي سٽون هي هيون ته:

عمر ڪنئي هئي مارئي تڏهن چارڻ هئا چوڌار،
شاعر عبداللطيف هو، جنهنکي هئي ڳجهه جي خبر چار،
تنهن به ڪچو نه ڪيو مارئي کي ساري سپ چمار.

حيات هن بيت ۾ اڳتي هلي رحيم خان کي سخت الفاظ ۾ ننديو هو. جڏهين حيات جو هي بيت حمل خان جي ڪنين پيو تڏهن خود پاڻ ان جي جواب ۾ چوائي موڪليائين ته:

شاعر آهين ڪين ڪي، پر آهين اناڙي،
شاعر هو ڀروچ سو سنڌ سري، ناڙي،
تنهان ئي توکي لڳي، احمق اُماڙي،
ڪُٽيئين هوند ڪياڙي، جي حاضر هئان حمل چئي.

انهي تي وري حيات جواب ۾ ٻيو سخت بيت چوائي موڪليو جنهن تي هن وري چيو ته:

شاعر آهين ڪين ڪي، آهين رڳي جهڪ،
پنهنجو ڪتو پنهنجي ڪي، چتا وجهه مَ چڪ،
ڪين چڏين ٿو پانهنجي اها تيڙي ۽ ٽڪ،
ڪپيانءِ هو ند نڪ، جي حاضر هئان حمل چئي.

ان بعد به ڪي سوال جواب هليا، آخرڪار حمل خان کي خبر پئي ته حيات به لغاري آهي ۽ حيات کي به خبر پئي ته حمل خان وارا لغاري آهن. انهي تي ٻنهي مان ڪنهن هڪ آخر ۾ هيئن چوائي موڪليو ته:

لام، غين، ري، ي، جو پيم پوءِ سماءِ
چيم حرف ٻيا، پر ادب اٿم الف جو.

چيم حرف ٻيا ۾ اندر وني اشارو لام غين بعد واو جو آهي جنهن موجب لفظ ”لغور“ بنجي ها. مگر لام، غين بعد ”لغاري“ ۾ الف آهي، اهي ”الف“ جي مرم کان شاعر جڻ مڙي وجي ٿو. بهرحال انهي بعد حمل خان ۽ حيات ٻوڙو به هڪ ٻئي جا دوست بنجي ويا. حيات ٻوڙو به هڪ بينظير فطري شاعر هو، سندس ڪلام تي ڪنهن ٻئي موقعي تي روشني وڌي ويندي. هن حڪايت مان ظاهر آهي ته سندس والد جو شاعر هجڻ جي حيثيت ۾ حمل خان کي به شاعرانه ذوق پيدا ٿيو، حالانڪ حمل خان کي قدرت اڳيئي ذهن سليم ۽ طبع موزون عطا ڪيا هئا. مگر شعر و شاعريءَ ۾ حمل خان جا حقيقي استاد مولوي لطف علي بهاولپوري ۽ خليفه ميان نبي بخش صاحب هئا.

[ماهوار ”نئين زندگي“ ڪراچي، جون 1951ع]

❑

# (71) خليفو غلام نبي لغاري

خليفي غلام نبي جو ڪلام جي خاص طرح ٻن وصفن جي ڪري وڏي اهميت آهي: هڪ تہ هي وڏي شاعر خليفي نبي بخش جي پوٽي جو ڪلام آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان سنڌي شاعري جي اوائلي دؤر جو آهي ۽ ٻيو تہ هي ڪلام اهڙي ذهن ۽ فڪر رکندڙ اڳواڻ جو آهي، جنهن پاڳاري سائين جي جماعت ۾ ’فرق‘ طريقي جو بنياد وڌو، جنهن مان اڳتي هلي، (سجاده نشين پاڳارن جي رضا رکندي) حرن جي طاقت انگريزن ۽ سندن طرفدارن خلاف مقابلي لاءِ مضبوط ٿي.

خليفو غلام نبي، خليفي نبي بخش صاحب جي فرزند احسان علي فقير جي گهر سنہ 1255ھ ڌاري ڄائو. ستن اٺن سالن جو هو جو سندس والد وفات ڪئي، جنهن کان پوءِ سندس تعليم ۽ تربيت خليفي نبي بخش صاحب جي زير نظر ٿي. ابتدائي تعليم لاءِ ڪيس رِپ (تعلقو بدين) جي مشهور مدرسي ۾ ويهاريو ويو، جتي مولوي لطف علي صاحب وٽ سندس ثانوي درجي واري مڪتبي تعليم شروع ٿي.

ننڍپڻ واري دور ۾، غلام نبي گهڻو وقت درگاهہ تي مرشد مَسند ڌڻي (پاڳاري حزب الله شاهہ) جي خدمت ۾ حاضري ۾ رهيو. پير صاحب جن کان ٽي سال وڏو هو. ٻنهي فارسي عربي تعليم ورتي هئي ۽ پاڻ ۾ سندن ٻالجتي واريون رهاڻيون هيون. پير صاحب جن جي مٿس مهر واري نظر رهي ۽ غلام نبي جو ساڻن سچي سرويچ مريد وارو ناتو وڌندو ويو، تان جو اهو وڏي وجي عشق واري سچي سڪ جي درجي تي پهتو. غلام نبي انهيءَ صحبت ۾ رچي لال ٿيو.

خليفي نبي بخش صاحب سنہ 1280ھ ۾ وفات ڪئي. ان وقت غلام نبي جي عمر 25 سال هئي، يعني سندس پور جواني هئي. پر هو جيئن انقلابي فڪر رکندڙ هو، انهيءَ ڪري فيصلو ڪيائين تہ: جيڪي پاڳاري ۽ درگاهہ جا مخالف آهن، تن جا ڀرپور مقابلا ڪبا. پير سائين حزب الله شاهہ جن صغيريءَ ۾ گادي نشين ٿيا هئا ۽ گاديءَ جي مالڪيءَ تان ڪانئن اڳ تڪرار هلندڙ هو: سندس والد پاڳاري جناب علي گوهر شاهہ ’اصغر‘ وڏي دانائي سان گادي سنڀالي هئي، پر باوجود ان جي مخالفن طرفان مٿن حملو ٿيو. سندن وفات (1263هجري) بعد جڏهن صغير صاحبزادو حزب الله شاهہ گادي ڌڻي ٿيو تہ مخالفت ويتر وڌي وئي. خيرپور رياست جي مبارڪ نالي شڪاري ڪمدار ڏاڍائي ڪئي ۽ درگاهہ جي فقيرن ڪيس ماري وڌو: جنهن تي پير صاحب جن جي خلاف مقدمو هليو ۽ فقيرن کي گرفتار ڪري ڪوٽ ڏجي قلعي جي جيل خاني ۾ بند ڪيو ويو.

ان حالات ڪي جوانمردي سان منهن ڏيڻ لاءِ غلام نبي فقير جماعت ۾ ’فرق‘ جو بنياد وڌو ۽ اهو اصول رکيو ته گادي نشين پاڳاري ۽ سندس ڀين عزيزن ۾ فرق ڪيو وڃي ۽ بنا لحاظ جي گادي نشين پاڳاري سائين جي مخالفن جو مقابلو ڪيو وڃي. پوءِ اهو ’فرق‘ وارو اصول سيني مخالفن سان، خاص طرح انگريزن ۽ سندن طرفدارن سان لڳايو ويو.

خليفي غلام نبي ’فرق‘ جو اصول ائين سمجهايو ته، ”اسان جو سلام رڳو گادي ڌڻي ڪي آهي.“ خليفي نبي بخش صاحب گهڻو اڳ چئي ڇڏيو هو ته:

هڪ دل آهي دلدار نيتي، پنج ست نهين ڪي پير ميڏي.

خليفي غلام نبي پنهنجي ڪلام ۾، فرق وارن فقيرن کي ’خدا ڪارڻ سر ڏيندڙ وڏا بهادر‘ سڏيو آهي:

مرڻ جي ويل مرڪيا، ڪسڻ ۾ ڪينڪي ڪُرڪيا
خدا سي حيدري حُر ڪيا.
پسند پرين ڪيو آهي، تنين جي جان نثاري کي
هزارين رحمتون هردم لکياري جون لغاري تي.

خليفي احمد ’رازدار‘ سائين جي بيان موجب، چاليهه هزار فقير فرق طريقي ۾ شامل ٿيا. جماعت ۾ جيڪي وڏا فقير هئا، تن مان سيد سليمان شاهه، وريام فقير خاصخيلي ۽ عبدالله فقير مست مهر فرق طريقي ۾ پوءِ اڳواڻ ٿيا. فقير غلام نبي پاڻ مخالفن سان مقابلي لاءِ تيار ٿيو، جنهن ۾ هيٺيان به فقير ساڻس ساٿي هئا.

- احمد فقير لغاري جيڪو غلام نبي فقير جو ماسات هو ۽ جنهن سان غلام نبي فقير جي گهڻي محبت هئي، ايترو جو ڪلام ۾ به پنهنجي نالي بدران احمد فقير جو نالو وڌائين.
- بهادر فقير لغاري عرف اُٺ وارو فقير، جيڪو سڪرنڊ لڳ شهر ٻاڻي جو وينل هو ۽ شاعر حمل جو ماسات هو. بهادر فقير جي نياڻي به پوءِ غلام نبي فقير جي فرزند احسان علي جي گهر ۾ آئي، اها خليفي احمد سائين ’رازدار‘ جي وڏي والده هئي.

فقير غلام نبي ۽ سندس ٻين رفيقن گڏجي وڏا ڪم ڪيا.

پير صاحب جناب حزب الله شاهه (مسند ڌڻي) کي پنهنجا فقير پيارا هئا، پر ڪين اها ڳالهه ڪانه ٿي وڻي ته، ڪنهن فيصلي کان اڳ مخالفن سان وڙهجي. انهيءَ ڪري پاڻ حڪم ڪيائون ته، ’فرق‘ ڇڏيو، پر فقير غلام نبي عرض ڪيو ته، اوهان جي لاءِ ئي سرقربان آهي، سو اها قرباني ڪيئن ڇڏيون! تڏهن پاڻ فرمايائون ته: ’جهڙا تنهنجا ڪم آهن ته تون دوزخ ۾ ويندين.‘

مرشد جو اهو گفتو فقير غلام نبي دعا ڪري سمجهيو. پوءِ هڪ پيار واري مداح چيائين، جنهن ۾ پير سائين جن کان معافي وٺي ڪين پرچائڻ جي

ڪوشش ڪيائين ته ’رس پير منهنجا پاڪ تون.‘ سليمان شاهه به ’فرق‘ تان نه ڦريو ۽ مرشد ڪيس درگاهه تان تڙايو، سليمان شاهه پوءِ درد مان ڪافي چئي ته: ”ڏس ڪو ڏانءُ جنهن سان توکي پرچايان.“ هن ڪافي ۾ وڏو سوز هو، جيڪا پوءِ مشهور ٿي وئي ۽ هن پوئين دور ۾ ڪنور ڀڳت به وڏي درديلي آواز سان ڳائي. خليفي احمد رازدار سائين به خليفي غلام نبي جي هڪ ڪافي جو ٿلهه ٻڌايو. جنهن ۾ وڏو درد سمايل هو ته:

”جنهن کي آزار آهي عشق جو، تنهن کي رَين وجي سڀ روئندي- الو!“

غلام نبي فقير جڏهن مخالفن خلاف ڪاروايون شروع ڪيون ته سندن گرفتاري لاءِ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت به وراڻيو ڪييا. جنهن تي فقير غلام نبي جي اڳواڻي هيٺ، هيٺين فقيرن گيڙو لباس پائي پاڻ کي روپوش ڪيو: (1) فقير غلام نبي (2) بهرم فقير لغاري، (3) بهادر فقير لغاري عرف اُٺ وارو فقير، (4) الله اوباهيو فقير لغاري، (5) غلام فقير راڄڙ (ڪپرو) (6) بخش علي فقير راڄڙ وينل سنوهو (7) پير بخش فقير ڪپري عرف گرو، وينل تڙ ٻٽياٽو، ٽر جو (8) الله ڏنو فقير مگريو (9) ميوو فقير احمداڻي لاڙ جو، (10) سيد سنگهار شاهه، (11) سيد سليمان شاهه ۽ ٻيا جملي چوڏهن فقير هئا، جن گيڙو ڪپڙا پاتا ۽ جماعت ۾ گهمندا رهيا: سندن صحبت مان فرق وارا فقير وڌيا: وقت سر، پير سائين جن جي ديدار لاءِ رات جو درگاهه تي ايندا هئا ۽ سندن آڏو جماعتي راڳ ڪندا هئا. عبدالله فقير ڪاتيار، پاڳاري اصغر سائين ۽ فقير غلام نبي جي ڪافين سان جماعتي راڳ جو بنياد پيو هو. بهرم فقير جماعتي راڳ جو وڏو وينجهار هو. صبح جو سوير ڪامي ڪين ماري ڪٽي ’پر ڏيهن وارو مقام‘ اماڻي ايندا هئا. هنن فقيرن جي پويان خيرپور رياست ۽ سنڌ مان انگريزن جا جاسوس پئي ڦريا. انهيءَ ڪري هي پيٽي چڏيائون ۽ ڪانياواڙ طرف نڪري ويا، جتان پوءِ فقير غلام نبي ۽ بهادر فقير عربستان هليا ويا.

خليفو غلام نبي ڪانياواڙ ۾ گهڻو گهميو. عالم ۽ عابد هو، انهيءَ ڪري سندس وڏو اثر ٿيو. ٻاهرپورا (شهر ڏوراجي- ڪانياواڙ) جو عالم سيد عبدالقادر سندن خليفو ٿيو، جيڪو پوءِ سنڌ ۾ درگاهه شريف تي اچي پاڳاري سائين مسند ڌڻي جو مريد ٿيو. ٻاهرپورا ۾، سندس مسجد اجا تائين موجود آهي ۽ سيد عبدالقادر جي مزار تي روضو آهي. مسجد جي پر ۾ مدرسو آهي، جنهن ۾ پوءِ خليفو احمد سائين پڙهيو. پاڻ ٻڌايائين ته مولوي محمد (جنهن خليفي نبي بخش صاحب ۽ خليفي غلام نبي جا رسالا خوش خط لکيا هئا) ان جي قبر به اتي آهي. سندس پٽ مولوي ابومحمد کي خليفي احمد سائين پاڻ ڏٺو هو.

انگريز حڪمرانن زور لاتو ته ڪنهن طرح فقير غلام نبي کي گرفتار ڪري حرن کي ختم ڪيو وڃي، ان لاءِ ڪانياواڙ ۾ پنهنجا جاسوس موڪليائون، پر فقير غلام نبي عربستان نڪري ويو ۽ ڪنهن کي خبر ئي

ڪانہ رهي. اٺ سال اتي گذاريائين، پر ڳجهن سلامن پيغامن سان سنگت کي سنڀاليائين. خليفي احمد سائين ٻڌايو تہ، هڪ خط ۾ وڻ جو نقشو ڪڍي پنهنجي استاد مولوي لطف علي (رپ تعلقو بدين) ڏانهن موڪليائين . جنهن مان معلوم ٿيو تہ فقير مڪي شريف ۾ آهي. ان وڻ جي هر ڏار ۾ ٽاريون اهڙي تعداد موجب بيهاريل هيون جو 'ابجد جي حساب سان' انهن ۾ سمايل لفظن مان سندس پيغام معلوم ٿيو.

فقير عربستان ويو تہ فقط بهادر فقير کي پاڻ سان وٺي ويو هو. ان فقير کان پوءِ خبرون مليون تہ راهہ واري پنڌ سان ويندي اتي جي بدوين غلام نبي فقير جي وڏي عزت ڪئي. پاڻ وٽ رهائي ڇڏيائون ۽ وڏي خدمت ڪيائون. سائين پاڻ اتي نماز پڙهائيندو هو ۽ بدوي سندس علم ۽ دينداري کان گهڻو متاثر ٿيا. هڪ روايت موجب، فقير غلام نبي مڪي شريف ۾ رهندي پهرئين حج وقت عرفات ۾ نہ ويو تہ، متان سندس حج قبول پوي ۽ کيس جنت ۾ جاءِ ملي، ڇاڪاڻ جو سندس مرشد (پاڳاري حزب الله شاهہ)، کيس چيو هو تہ، تون دوزخ ۾ ويندين. فقير پوءِ مرشد جو اهو گفتگو دعا ڪري سمجهيو: انهيءَ ڪري حج جي رسم پوري نہ ڪيائين تہ جيئن مرشد جو قول سچو رهي!

اٺ سال فقير عربستان ۾ رهيو ۽ آخر جڏهن سنڌ ۾ موٽي آيو تہ، سندس سنگت وارا ۽ ٻيا فرق وارا وڏا فقير کيس ملڻ آيا. بهرم فقير لغاري جيڪو سائين غلام نبي جو سهرو هو. سو بہ شروع کان ئي فرق ۾ شامل هو. جڏهن مير جي رياست جي شڪاري ڪمدار مبارڪ کي فقيرن ماريو تہ، بهرم فقير بہ ٻين فقيرن سان گڏ گرفتار ٿيو. نهايت خوش طبع هو. خليفي احمد سائين رازدار ٻڌايو تہ، بهرم فقير اٺ سال ڪوٽڏجي جي جيل ۾ فقيرن جو لٺ سردار هو. اٺن سالن جي سزا ڪاٽڻ بعد بهرم فقير، سنگهار شاهہ ۽ ٻيا فقير سائين غلام نبي جي ڳوٺ آيا تہ سيني خوشيون ڪيون. ڪنهن چيو تہ "سائين مبارڪ!" تڏهن بهرم فقير چوڪر کي چيو تہ: "اٺ سال جيل ڪاٽڻ کان پوءِ بہ وري مبارڪ!" ائين مُبارڪ جو نالو چرچو بڻجي ويو.

خليفي احمد سائين 'رازدار' چيو تہ، خليفي غلام نبي حضرت مسند ڏٺي جي دؤر ۾ (مڪي جي فقيرن کان ڏهہ سال اڳ) وفات ڪئي. اندازاً سندس وفات 1285-1290هه/1867-1873ع وارن سالن ۾ سندس ڳوٺ ۾ ٿي. ڪانئس پوءِ سندس سات سنگت جي واڳ وريام فقير کي ملي ۽ اهي فقير ورياماڻي سڏيا ويا.

خليفي غلام نبي کي ٽي فرزند ٿيا: خليفو احسان علي، خليفو مراد علي ۽ احمد جيڪو نوجوان هو، جو سن 1310هه ۾ وفات ڪيائين. خليفي مراد علي کي اولاد ڪونہ ٿيو. هن ڪاٺياواڙ جي گوندل شهر ۾ عيد رمضان جي ڏينهن وفات ڪئي، جتي 'نوان پير' قبرستان ۾ سندس تربت تي قبو آهي؛

جنهن تي پاڳاري سائين ڪوٽ ڏٺي جي وقت ۾ سونو چٽ لڳايو ويو. خليفي احسان علي کي 'مارشل لا' وقت (1932ع) ۾ گرفتار ڪري ڪانياواڙ جي شهر گوندل ۾ وٺي ويا، جتان وري ڇٽي باگي وٺي آيا ۽ پوءِ بيجاپور موڪليائون. خليفي احسان علي انگريزن جي قيدي جي حيثيت ۾، 24 محرم 1355ھ/1936ع تي ڏوليه سيٽلمينٽ ۾ وفات ڪئي. جتي ندي جي ڪناري تي، مومن واڙا جي پر ۾، سندس تربت تي، رامود شهر جي حاجي اسماعيل جمع ڪٽي قبو اڏايو. مسجد شريف ۾ اندر نقش جو ڪم ڏوراجي (ڪانياواڙ) جي ڪمال نالي ڪمانگر جو ڪيل آهي.

خليفي احسان علي جي فرزند خليفي احمد سائين 'رازدار' تاريخ چوٿين ذوالحج مهيني سنه 1386هجري ۾ ڳوٺ پاٻٽي لڳ روشن آباد (سنڌ) ۾ وفات ڪئي، جتي سندس پاءُ علي محمد فقير وينل هو. سائين جا ٽي فرزند حال حيات آهن: فقير محمد عثمان، فقير محمد رحيم ۽ فقير مراد علي، اهي ٽيئي اولاد وارا آهن.

## ڪلام:

خليفي غلام نبي ڪل ڪيترو ڪلام چيو سو معلوم ناهي، هن ڪتاب ۾ شامل ڪلام اهو آهي، جيڪو شهر ڏوراجي (ڪانياواڙ) جي مولوي محمد صاحب اُتاري لکيو. خليفو صاحب اتي ڪجھ وقت رهيو ۽ پهريائين پنهنجو ڪلام پاڻ لکيائين. ان تان جيڪو مولوي محمد صاحب پنهنجي سهڻي صورتخطيءَ ۾ اتاريو، سو سڄو سربستو هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

خليفي غلام نبي جو ڪلام محض شاعري ناهي، پر منزل مقصود ماڻڻ لاءِ وجودي ولولو آهي. پڻ سندس ڪلام ۾ ٻه طرفي تجلي سمايل آهي: هڪ مرشد مربي (جناب مسند ڏٺي) لاءِ سچي سرويچي واري سڪ ۽ ٻيو پنهنجو پاڻ کي ۽ ٻين سڪ وارن فقيرن کي زوردار تلقين ۽ تاڪيد ته: "مرشد تان قربان ٿيڻ لاءِ هر تڪليف کي وڏي خوشيءَ سان سهڻو آهي: يعني هر مشڪل ۽ مصيبت کي نعمت ڪري ڀانئجي ۽ هر ايذاءُ ۽ عذاب کي راحت ڪري ڄاڻجي."

سندس ڪلام جو نمونو هي آهي.

* "مدد ڪر يارسول الله." نبي ڪريم ﷺ جي مناجات جنهن ۾ ڪيل استدعا:

فتح ڏي تون فقيرن کي، همت حاصل حقيرن کي
آجو ڪر تون اسيرن کي، مدد ڪر يارسول الله.

اڇي هيٺن جو تي هادي، ٿيئي شب روز تي شادي
سٺي فرياد فريادي، مدد ڪر يارسول الله.

جيڪي ظاهر زبر زنگي، توڙي جيلر هجن جنگي
تنهنجي فرمان فرنگي، مدد ڪر يارسول الله.

جيڪي ظالم زبردستي، تنين جي هيٺ ڪر هستي
وڃائين واه تن وستي، مدد ڪر يارسول الله.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”خليفي غلام نبي جو ڪلام“
حُر هسٽاريڪل سوسائٽي سانگهڙ، 2010ع]

❑

# (72) خليفو نبي بخش [قاسم] لغاري

## (الف) سوانح حيات*

خليفو نبي بخش صاحب، بلوچن جي ’لغاري‘ قبيلي جي ’سيرڪاڻي‘ شاخ مان ’بالاچاڻي‘ پاڙي جو نامور فرد هو. سير ڪاڻي لغاري ڪلهوڙن جي حڪومت جي آخري ۽ ٽالپورن جي اوائلي دور واري عرصي ۾ ديري غازي خان جي ’لغاري ٽُمن‘ مان سنڌ ۾ آيا ۽ خليفي صاحب جا وڏا اچي تعلقي بدين ۾ سڪونت پذير ٿيا[1]. خليفي نبي بخش صاحب کان اڳ جو شجرو هن ريت آهي: نبي بخش بن بالاچ خان بن مرزا علي خان بن پاهڙدين[2]. مرزا علي خان ڪلهوڙن جي دور ۾ هڪ رسوخ وارو سردار هو. سندس سڪونت تعلقي بدين ۾ ڊوري پراڻ جي ڪپ تي ڳوٺ مني ۾ هئي[3]. ۽ مني، نوتيار ۽ ستيارو ديهون سندس جاگير ۾ هيون. مرزا علي خان جي فرزند بالاچ خان جي وقت ۾ حڪومت جي واڳ ڪلهوڙن کان ڦري ٽالپور اميرن جي هٿ ۾ آئي. اهو سنہ

---

* سوانح حيات بابت اڪثر مواد خليفي حاجي شيرمحمد ۽ خليفي احمد صاحب کان مليو ۽ قدري مرحوم حاجي اسماعيل احمداڻي ۽ مولف جي ناني مرحوم لعل بخش خان کان دستياب ٿيو. خانداني روايتن کان سواءِ، خليفي صاحب بابت ٻيا حالات مرحوم احمد فقير حضوري (وينل خليفن جو ڳوٺ)، مرحوم پاندي ٽالپور (وينل طرف رپ تعلقہ بدين) ۽ مرحوم جمال فقير احمداڻي (ڳوٺ احمداڻي تعلقہ ٽنڊوباگو) جي زباني خليفي حاجي شير محمد ۽ ٻين تائين پهتا، جي اسان 6 رمضان 1363ھ/25 سيپٽمبر 1944ع تي خليفي حاجي شير محمد جي زباني قلمبند ڪيا ۽ بعد ۾ ٻين کان پڻ انهن روايتن جي تصديق ٿي، انهن ٽنهي بزرگن وڏي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ ٽنهي خليفي نبي بخش صاحب کي ڏٺو هو ۽ پڻ سندس ساٿارين سان سندن صحبتون ٿيون. انهيءَ ڪري سوانح حيات بابت جملي روايتون معاصرانہ ۽ مستند آهن.

(1) سير ڪاڻي لغارين مان ڪي پاڙا ٽالپور دور ۾ اُتر سنڌ ۾ خيرپور لڳ اچي وينا ۽ ڪي اتان پوءِ سڪرنڊ لڳ لڏي آيا. انهن مان ’بهلولاڻي‘ پاڙي مان مشهور شاعر حمل فقير لغاري ٿيو. ٻيا اڪثر سيرڪاڻي پاڙا هيٺ لاڙ ۾ اچي وينا، جن مان خليفي صاحب جي خاندان کان سواءِ ٻيا هن وقت هينئين ڳوٺن ۾ مقيم آهن: 1. روشن آباد اسٽيشن لڳ ڦانٽ وارا (هن وقت دودو خان ۽ ٻيا) 2. ديهہ ڪارياڻي تعلقي ٽنڊي باگي وارا جن مان ميرن جي ڏينهن ۾ سرمست خان نالي مشهور ٿيو. 3. ڳوٺ بالاچ خان لغاري (ٽنڊي الهيار کان 10-12 ميل ڏکڻ طرف) 4. ڳوٺ حسين خان لغاري، لڳ ڪنگورو، تعلقو ڏگهڙي 5. ڳوٺ هسو خان لغاري، لڳ ٽنڊي غلام علي، تعلقو ماتلي، 5. ڳوٺ ڄام خان لغاري، لڳ ڏندو، تعلقو ماتلي 7. ڳوٺ حاجي جهنڊو خان لغاري، لڳ ترائي، تعلقو ٽنڊي محمد خان 8. ڳوٺ عالي خان لغاري، لڳ جڪنير، تعلقو ٽنڊي محمد خان 9. ڳوٺ پاهڙ خان، لغاري لڳ ساجن سوائي، تعلقو ٽنڊو باگو 10. ڳوٺ پنيو لغاري ۽ 11. ڳوٺ دولت لغاري، لڳ تلهار، تعلقو بدين.

(2) پاهڙدين کان وٺي سير ڪاڻي شاخ جي وڏي ڏاڏي ’سيرڪ‘ تائين شجرو ناپيد آهي. ’سيرڪ‘ کان پوءِ جو شجرو ’ڪليات حمل‘ (مطبوع سنڌي ادبي بورڊ) جي مقدمي جي شروع ۾ ڏسڻ گهرجي.

(3) بدين کان تقريباً 25 ميل ۽ ڪڍڻ کان 4 ميل ڏکڻ، اوڀر طرف، ڊوري پراڻ لڳ.

1197هه جو واقعو آهي. فتح بعد ٽالپور اميرن ملڪ کي انتظامي لحاظ سان ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو جنهن موجب ميرپور وارو علائقو ڏکڻ طرف ويندي علي واه ۽ شير واه جي پراڻ وارين ڪيٽين ۽ مني وغيره ديهن سميت مير ٺاري خان جي حوالي ٿيو. مير صاحب مرزا علي خان واريون جاگيرون بالاچ خان کي بحال ڪري ڏنيون ۽ بالاچ خان مير صاحب جي مکيه سردارن ۾ شمار ٿيو.

## ولادت ۽ زندگيءَ جو پهريون دور:

نبي بخش جي ولادت اباڻي ڳوٺ 'مني' ۾ سنه 1190هجري (1776ع) ڌاري ٿي. جڏهن ٽالپورن ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سندس عمر 7 سال کن هئي، سندس ننڍپڻ بابت ڪوبه تصديق جهڙو احوال ڪونه ٿو ملي، پر سندس پرورش اباڻي ڳوٺ 'مني' واري ماحول ۾ ٿي ۽ وقت جي رواج موجب سندس والد ڪيس فارسي جي تعليم ڏياري. نصابي تعليم مطابق جيتوڻيڪ هو هڪ 'منتهي' واري درجي کي ڪونه پهتو، مگر جيئن ته فطري طور سندس ذهن تيز ۽ ذوق سليم هو، انهيءَ ڪري درسي تعليم بعد هن پنهنجي مطالعي کي وسيع ڪيو. فارسي زبان ۽ ادب مان چڱو حظ حاصل ڪيائين. سرائڪي زبان ۾ جوڙيل داستان 'سسئي- پنهون' ۾ خليفي صاحب کي شعر فارسيءَ ۾ چيا آهن، جي سندس مطالعي ۽ ذوق تي شاهد آهن، مثلاً:

پدر مادر نه ترسند از خداوند　　　طفل را در قفس کردند پابند

ڪن فصلن جي شروعات ۾ گاهي بگاهي ساقي نامه طور فارسي آميز اشعار چيا اٿس، جيئن ته،

بيا ساقي شراب پُر خماري　　　بده مارا خوريم مامي دوباري
شرابي خورشتابي مرد غازي　　　اسپ آيد دويم با زين تازي
اسپ ابلق سيه برکن سواري　　　شود حاصل ترا جنگ فتح داري

مولانا جامي جي 'يوسف زليخا' سان خليفي صاحب جو گهڻو انس هو ۽ غالباً ان کان ئي متاثر ٿي 'سسئي پنهون' جوڙيائين. هڪ شعر ۾ جامي کي ناليِ سان ياد ڪيو اٿس:

لُڙن جي نال مشتاقين مدامي　　　پَلِين تنهن کون ميان مخدوم جامي!

فردوسي ۽ نقد انعام لاءِ سندس شاهنامو تصنيف ڪرڻ واري پس منظر کان پڻ خليفو صاحب واقف هو، جنهن ڏانهن هيٺين شعر ۾ اشارو ڪيو اٿس ته:

نِسي رکدي ڪتان صد نفس دا سوس
نه مئن بوليي نقد مانند فردوس

ڪتابي علم کان نوجوان نبي بخش جو طبعي شعور ۽ ذاتي فڪر بهرحال ڪٿر هو. جهڙو هو پاڻ سهڻو جوان، تهڙوئي هو سندس عقل جوان. ان سان گڏ سندس حوصلو بلند ۽ بخت بيدار هو. انهي ڪري جيئن هي نوجوان

ساماڻو ته راڄن ۾ سندس نيڪي ۽ ناموس، رهائي ۽ رسائي حد درجي کي وڃي پهتي. مير ٺاري خان کيس پنهنجو درٻاري ڪري چونڊيو. سندس علمي لياقت، ذهني لياقت، بلند همت ۽ رعبدار شخصيت سببان کيس هڪ سؤ سواري جو پروانو مليو، جنهن کيس جملي سردارن ۾ ممتاز بنائي ڇڏيو.

نبي بخش خان جي ڦوهه جواني هئي جو سندس زندگيءَ ۾ انقلاب آيو. اندازاً سنه 1215هه ڌاري جڏهن سندس عمر 25 سال کن هئي، تڏهن مجازي عشق جي شهباز کيس اُڏائي کنيو ۽ هو محبت جي ماحول ۾ ايترو ته محو ٿي ويو جو، مير ٺاري خان جي ڪچهري ۽ سلام کي بالڪل وساري ڇڏيائين. مير ٺاري خان کي شڪ جاڳيو ته شايد هن سردار خودسري اختيار ڪئي آهي، سو ڏانهس حاضر ٿيڻ لاءِ تاڪيد ناما موڪليائين. نبي بخش خان نوڪري ۽ نمڪ حلالي جو حق محسوس ڪندي، آخرڪار وڃي مير صاحب جي درٻار ۾ حاضر ٿيو. مير صاحب چيس ته: نبي بخش، تو جهڙي داناءُ سردار کان ايتري ڪوتاهي! جواب ڏنائين ته: 'مير صاحب! عقل گڏڙ وانگر پنهنجي ڏر تي محڪم وينو هو، پر جڏهن عشق جي شينهن اچي گجگوڙ ڪئي، تڏهن ويچارو گڏڙ ڀڄي ويو.' مير صاحب وڏيڪ کين کُچيو ۽ کيس واپس ورڻ جي اجازت ڏنائين.

ان بعد سنه 1217هه ۾ اتفاق سان مير ٺاري خان جو لغارين سان تصادم ٿيو، جنهن سببان حيدرآباد طرفان موڪليل لشڪر سان سندس جنگ ٿي، جنهن ۾ مير ٺارو خان زخمي ٿي پيو. حيدرآباد جي ميرن صاحبن طرفان انهيءَ صدمي جي تلافي ڪئي وئي، پر مير ٺاري خان ۽ لغارين جي وچ ۾ وٿي پئجي وئي. نبي بخش خان، مير ٺاري خان جي حد جو سربر آورده لغاري سردار هو: سندس اڌو هڪ طرف قبيلي جي ناموس جو سوال هو ته، ٻئي طرف مير ٺاري خان جي نوڪري ۽ نمڪ حلالي جو خيال هو. انهيءَ ڪري بهتر ائين سمجهيائين ته بدگمانين جي ماحول کان نڪري ٻاهر ٿيڻ گهرجي. مير باگو خان، جنهن محبت کي حڪومت تي ترجيح ڏني هئي ۽ ملڪ جو حصو ڇڏي 'سنڌ راڻي' سان شادي ڪئي هئي[1]. تنهن کي نبي بخش خان جي عشق ۽ محبت جو داستان معلوم هو ۽ ساڻس کيس همدردي هئي. سندس دعوت تي، نبي بخش خان پنهنجي اباڻي ڳوٺ مِني مان لڏي اچي مير باگي خان جي جاگير ۾ 'بدام' جا نوان پَڊ وسايا[2].

هنن نون پڊن تي نبي بخش خان زندگيءَ جا ڪي سال خوشي ۽ محبت واري ماحول ۾ گذريا. جنهن خاتون جي عشق ۾ هن اميري ترڪ ڪئي، سا

---

[1] تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر 29: 'سنڌ جا عشقيه داستان-1'

[2] 'بدام' جا پڊ موجوده ٽنڊي باگي تعلقي ۾ (شهر ٽنڊي باگي کان 8 ميل کن اُتر) نير واهه جي اُتر طرف موجوده ڳوٺ 'ٻانڀيٽودل' لڳ هئا، جتي 'بدام جو مقام' اڄا تائين موجود ۽ مشهور آهي. ڪن روايتن موجب 'بدام' واري اراضي حيدرآباد جي ميرن جي حد حڪومت ۾ هئي.

هينئر سند رفيق حيات هئي. مائي جو نالو 'صابل' هو، جا صورت توڙي سيرت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. نبي بخش خان سان سندس نينهن هو. هڪ ٻئي کان گهڙي جي جدائي بہ چڻ سندن واسطي سان برابر هئي. نبي بخش خان جو ماسات قاسم شروع کان ئي هن محبت جي داستان جو راوي ۽ رازدان هو. هو نبي بخش خان کان ننڍو هو، پر ٻئي هڪ ٻئي جا ساٿي هئا ۽ سندن ياري جو ناتو سندن عزازت کان بہ رتيون ڪٿر هو. گهر ۾ سڄڻن سان ماڻائتيون محبتون تہ ٻاهر قاسم سان گڏ ڪوڏائتيون ڪچهريون: نبي بخش خان لاءِ هن عرصي لاءِ دم قدم ۾ سکن جا ساٿ سمايل هئا.

پر زماني جا رنگ نرالا آهن. اتفاق اهڙو ٿيو جو سکن جي بدران سورن اچي نبي بخش خان جو ساٿ ڏنو. هڪ ڏينهن نبي بخش خان صبح جو گهران نڪتو ۽ جڏهن موٽي آيو تہ ڏسي تہ سندس من جو مٺيو پڳو پيو آهي، جنهن کان سواءِ سند ساعت نٽي سري، سا هينئر کانئس هميشہ لاءِ موڪلائي وئي!

بس خوشين جا در پورجي ويا ۽ دردن جا دروازا کُلي پيا. نبي بخش کي وڇوڙو ورونهہ ٿي آيو ۽ ڪي بہ چار سال هو ائين بيوس ۽ بي حال رهيو. قاسم جو سندس حال پائي هو، تنهن ساڻس همدردي ڪئي ۽ حيلا ڪيا، پر نبي بخش خان تي غم غالب رهيو.

ان وقت سنڌ جي برگزيده ۽ باشرع عالم ۽ سنڌ ۾ قادري طريقي جي علمبردار ۽ اهل دل ولي، جناب حضرت پير صاحب محمد راشد رحہ عرف "روضي ڌڻي" جي فيض جي پالوٽ هئي. هزارين ماڻهو سندس مريدي جي حلقي ۾ داخل ٿي رهيا هئا، سوين سندس تلقين سان شرع اسلام جي رنگ ۾ رڱجي ويا هئا ۽ ڪيترائي عالم ۽ درويش سندس خلافت جو خرقو ڍڪي صاحب فيض بنجي چڪا هئا. قاسم جو والد جو اصل ميانوال طريقي جو هو، تنهن کي پڻ هن فيض جي ورڇ ملي ۽ هو جناب پير صاحب محمد راشد رحہ جو مريد ٿيو. ان بعد پنهنجي پٽ قاسم کي پير صاحب جن وٽ وٺي ويو. قاسم پير صاحب جن جي تلقين کان ايترو تہ متاثر ٿيو جو دل ۾ سوچيائين تہ نبي بخش جي بي حال زندگيءَ کي حضرت پير صاحب جن جي نظر فيض اثر ئي نئين سر اجاري حال وارو بنائي سگهي ٿو.

قاسم جيئن ئي موٽيو تہ نبي بخش وٽ آيو ۽ اچي ساڻس حال اوريائين. نبي بخش کي دردن ايترو تہ ڏوڙيو هو، جو سندس طبيعت دنيا جي بي ثباتي کان وڌيڪ حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ٿي چڪي هئي. انهيءَ ڪري قاسم جي نيڪ صلاح قبول ڪري، ساڻس گڏجي جناب حضرت پير صاحب جن ڏانهن روانو ٿيو.

### زندگي جو ٻيو دور:

خانداني روايت موجب، نبي بخش جيئن ئي قاسم سان گڏجي روانو ٿيو تہ، حضرت پير صاحب جن جي فيض مان بهرور ٿي مريد بنجڻ جو پنڌ ۾ ئي

سندس ارادو پختو ٿيندو ويو. هي اندازاً سنہ 1230ھ هو ۽ نبي بخش جي عمران وقت چاليھ سال کن هئي. روحاني فيض لاءِ عمر جو هي سال هڪ نيڪ فال هو ۽ جيئن ئي حضرت پير صاحب جن جي نظر تي چڙهيو تہ هن عارف سڃاتي ورتو تہ هن مرد ۾ مٽيا آهي ۽ کيس سهاري جي ضرورت آهي. پاڻ کيس ڳرهاتي ڏيئي ويهاريائين ۽ ذڪر جي تلقين ڏيئي فرمايائون تہ: 'تياري ڪريو تہ فقير کي خلافت جي پڳ ٻڌايون.' نبي بخش عرض ڪيو تہ: 'قبلا! آءُ ڏٽيءَ جي نانءُ پڇڻ ۽ مريد ٿيڻ آيو آهيان ۽ خلافت جي بار کڻڻ جهڙو ناهيان. سنڌ ۾ اوهان جي نامور خليفن ڪا جاءِ فيض کان خالي ڪانہ ڇڏي آهي.' پير صاهب جن جواب ڏنو تہ: 'نبي بخش! تنهنجي رسائي اتي ٿيندي جتي ٻيا اجان نہ پهتا آهن.' ائين چئي بروقت کيس خلافت جي پڳ ٻڌائي، سندس حق ۾ دعا گهريائون؛ انهيءَ قرب ۽ دعا نبي بخش کي گرويده بنائي ڇڏيو. حضرت پير صاحب جن سان سندس دلي ارادت ۽ عقيدت مضبوط ٿي ۽ هن خلافت جي فيض کي دور دراز خطن تائين پهچائڻ جو پڪو پهہ ڪيو.

### رياضت ۽ عبادت:

حضرت پير صاحب جن جي فيض ۽ تلقين سان خليفي صاحب جا غم ميٽجي ويا ۽ روحاني خوشيءَ جا دروازا کلي پيا. پنهنجي ماسات قاسم سان سندس دلي محبت جا پيوند ويتر پختا ٿي ويا، جو هن نيڪ صلاح ڏيئي کيس مرشد ڪامل تائين پهچايو. هن الاهي محبت سان سرشار ٿي موٽڻ بعد دنيا جا وهنوار ترڪ ڪري اچي رياضت شروع ڪيائين ۽ ڏها ۽ چاليها ڪڍيائين. خليفي صاحب جي مرشد سان سچي محبت ۽ خدمت ۽ مرشد جي راض ۽ روحاني فيض جي نعمت جون مقالون حضرت روضي ڏٽي جي جماعت ۾ سگهوئي مشهور ٿي ويون. ڪيترائي درگاهہ جا مريد ۽ سچا فقير گهر ٻار ڇڏي تارڪ بنجي، اچي خليفي صاحب جي خدمت ۽ صحبت ۾ گذارڻ لڳا؛ جن کي خليفي صاحب نفس جي پاڪائي خاطر عبادت ۽ رياضت جي تلقين ڏني. پاڻ سان گڏ ساڳئي وقت ڏهن ۽ چاليهن ۾ ويهاريو. سندس هڪ چلو، جو چاليهن ڏينهن جي رياضت جو هو، سو جماعت جي فقيرن ۾ ڪافي مشهور آهي. اهو چلو خليفي صاحب، پراڻ جي ايرندي ڪنڌيءَ تي، 'ونگي' لڳ هڪ ٻڙ جي هيٺان ڪڍيو ۽ انهيءَ ڪري 'ٻڙ وارو چلو' سڏجي ٿو. انهيءَ موقعي تي سندس طالبن مان جيڪي تارڪ فقير هن رياضت ۾ شامل ٿيا ۽ چلن ۾ وينا سي هيءُ هئا: 1- گولو فقير لوهار، 2- هاشم فقير پنو ٻَني (ڪڇ) جو 3- جان محمد فقير (پچَم جو؟)، 4- نارو فقير ڦڙڪارو، 5- گولو فقير ڪانائي، موهنہ (لڳ ٻِدو شهر) جو. هن چاليهن ڏينهن جي چلي ۾، خليفو صاحب ۽ ٻيا سيئي فقير هڪ ڪارڪ تي روزو رکندا هئا ۽ هڪ ڪارڪ تي چوڙيندا هئا ۽ ڪوزن مان پاڻي ڍڪ پيئندا هئا. ٻيو ڪاڌو پيتو بند هو ۽ سندن سڄو توجهہ عبادت ۽ ذڪر فڪر ڏانهن هو.

مريدي ۽ خلافت جي فيض کان پوءِ ٽي سال کن رياضت جو سلسلو جاري رهيو، جنهن خليفي صاحب جو اندر اُجاري اڇو ڪيو. حضرت پير صاحب جن جي محبت ۽ تلقين سان خليفو صاحب ٿوري ئي عرصي ۾ رڃي لال ٿيو. هن وقت قدرت طرفان خليفي صاحب لاءِ هڪ روحاني صدمو منظور هو. رمضان سنه 1233هه ۾ سندس مرشد رهبر جناب حضرت پير صاحب محمد راشد رحه وفات ڪئي. هڪ سچي طالب لاءِ هيءُ هڪ وڏو صدمو هو، پر خليفي صاحب جو حوصلو بلند هو ۽ همت ۽ توڪل سندس سرشت ۾ سمايل هيون. روحاني فيض سببان ڏٺيءَ تي توڪل ۽ سندس رضا جي تمنيٰ مٿس غالب رهي، انهي ڪري هن فراق کي رضا الاهي ڄاڻي، حضرت روضي ڌڻي جي ذڪر ۽ تلقين کي عام ڪرڻ جو عزم ڪيائين. خلافت جي امانت جا مرشد ڪامل ڪيس سونپي هئي، ان جي جوابداري محسوس ڪري، درگاهه جي خدمت ۽ خلق خدا سان محبت کي زندگي جو شيوو بنايائين.

جناب حضرت روضي ڌڻي بعد سندس فرزند حضرت صبغة الله شاهه سجاده نشين ٿيو، جنهن هڪ طرف سنڌ ۽ ان سان لاڳو علائقن جي عوام ۾ اسلامي تبليغ ۽ تلقين جي سلسلي کي وسيع ڪيو ته ٻي طرف هن برصغير ۾ اسلام جي اقتدار ۽ مسلمانن جي آزادي ۽ وقار وارين تحريڪن سان پاڻ کي وابسته ڪيو. سيد احمد شهيد بريلوي سنڌ ۾ آيو ته، پير صاحب صبغة الله شاهه ئي سندس دلي مرحبا ڪئي ۽ سندس جهاد واري تحريڪ جي پوري پٺڀرائي ڪئي: ٻين باعمل عالمن ۽ صالحن کي پڻ سيد صاحب جي حمايت لاءِ آماده ڪيائون، پنهنجن مريدن مجاهدن جا دستا سيد صاحب سان گڏي موڪليائون ۽ پويان مسلسل رسد ۽ امداد جو انتظام ڪيائون. پير صاحب جن جي جماعت ۾ آزادي جي علمبردارن 'حرن' جو بنياد اُن ڏينهن کان پيو. خليفو نبي بخش صاحب همت، جرات ۽ صداقت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوءِ جهاد لاءِ جهڙس ڪارگر ڪمانڊر ٻيو ڪونه ٿئي ها، پر حضرت روضي ڌڻي جن ڪيس خاص طرح روحاني فيض جي تبليغ خاطر خلافت جي پڳ ٻڌائي هئي: انهيءَ ڪري غالباً حضرت صبغة الله شاهه طرفان پڻ ڪيس حضرت روضي ڌڻي جي ارشاد جي تعميل ۽ تڪميل لاءِ تاڪيد ٿيو. حضرت صبغة الله جي تيرهن سالن واري دور (1233-1246هه) ۾ خليفو صاحب رات ڏينهن انهيءَ ڌن ۾ رهيو ۽ سنڌ کان وٺي ڪانياواڙ ۽ گجرات طرف عابدن، صالحن ۽ عقيدتمندن جو هڪ وڏو گروهه پيدا ڪيائين.

سندس هن تبليغ ۽ تلقين جي شروعات سنڌ ۾ موجوده ٽنڊي باگي، بدين ۽ ڏيپلي تعلقن وارين اراضين سان ٿي. جتي پنج- ڇهه هزار ماڻهو خليفي صاحب جي صحبت ۾ حضرت پير صاحب پاڳاري جي جماعت جي دائري ۾ داخل ٿيا، جن مان کي خاص گروهه هي هئا: علياڻي ۽ احمداڻي لغاري تعلقي ٽنڊي باگي جا، ٽالپور ۽ خاصخيلي ولاسي جا، ٽيٻا ڪڍڻ جا، کپري بلوچ وِنگي جا، چانديا ۽

نهڙيا ڪاڪ جا، ساند مور هَڏي جا، ڪيريا ۽ ڳاها لَير (لڳ خيرپور گنبو) جا، ڪانائي ٻِدي شهر جا، ڪوسا ’ويءُ بهادر‘ جا وغيره. سنڌ کان ٻاهر خليفي صاحب ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف پنهنجي تبليغ جي دائري کي وسيع ڪيو ۽ اتي پڻ ڪي هزار ماڻهو جماعت جي زُمري ۾ داخل ٿيا. ڪڇ ۾ ’ٻني‘ واري پرڳڻي ۾ گام مُتوا ۽ ٻين ڳوٺن وارا مريد ٿيا. ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف هڪ وڏو تعداد جماعت ۾ شامل ٿيو، جن مان هيٺيان ماڻهو خليفي صاحب جا خاص صحبتي ۽ تبليغ ۽ تلقين ۾ سندس خاص خليفا ٿيا: 1. ڪٽي اباجمال، ڪٽي آدم ۽ ڪٽي جان محمد شهرڪوٽ رامود (رياست ڪوٺڙو سانگهاڻي، گونڊل کان ڏهه ميل ڪن اوپر) جا. ڪٽي اباجمال، خليفي صاحب جي آمد ۽ منزل لاءِ ’خليفي صاحب جو اوتارو‘ قائم ڪيو. 2. سيد عبدالقادر، شهر ڌوراجي جو. سيد صاحب پاڻ وقت جو عالم، وڏي اثر رسوخ ۽ پيري مريدي وارو هو. خليفي صاحب جي صحبت جو مٿس وڏو اثر پيو ۽ آخر عمر ۾ خود جناب پير صاحب حزب الله شاهه کان روبرو ذڪر ورتائين. سيد عبدالقادر جي مسجد سندس مرشد جي نالي پويان ”سائين واري مسجد“ (يعني پير سائين مسجد) سڏجڻ لڳي ۽ اڃا تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي. سيد عبدالقادر جو روضو، ڌوراجي جي ’باهوڙپوره‘ پاڙي ۾ زيارتگاهه عام و خاص آهي. 3. مولوي محمد صاحب ڌوراجي جو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ مولوي ابو 4. حاجي موسيٰ موتي- والا شهر ڌوراجي جو 5. راڻي راڄ- پختو جهوناڳڙهه جي نواب بهادر خان جي گهر واري، خليفي صاحب جي معتقد ٿي ۽ وڏا خير جا ڪم ڪيائين 6. جمعدار اسحٰق ۽ جمعدار جامين، ڏونگر گام (پائونگر) جا 7. بيگ محمد شهر پاليتانا جو 8. جمعدار الله رکا ۽ سندس پٽ عبدالله، جمعدار ڪامل ۽ جمعدار مَوجُو تانتيا‘ (رياست پائونگر) 9. جمعدار لعل خان ’پاڻَ وَڙ‘ (رياست پائونگر) جو 10. يوسف زري- والا، شهر ليمبڙي (رياست ليمبڙي) جو 11. عثمان بن تار محمد شهر موربي (رياست موربي) جو 12. نورمحمد مومنا، شهر واڪانير (رياست واڪانير) جو 14. مُوميان ۽ جمُو ميان ذات جا دَل ’ڪيڙالو‘ (رياست ٻڙودو) جا 15. هڪ ميمڻ سيٺ ’امل سار‘ (لڳ بمبئي) جو جنهن جي اولاد مان پوءِ موسيٰ ميمڻ ٿيو. انهن ڪانسواءِ راجڪوٽ، پوربندر، منگرول ۽ رياست پائونگر جا ڪيئي ڳوٺ (خصوصاً ڏونگر گام، تاتنيا، آسراڻا ننديا ۽ آسراڻا وڏا، چاپريون، ٻيڙا، ليڪاڙا، مَوا، وڪٽر بندر) توڙي پاليتانا ۽ رياست ٻڙودي جا ڪيترائي ڳوٺ سربستا مريد ٿي جماعت ۾ شامل ٿيا. خليفي صاحب پنهنجي مڙني معتقدن کي قادري سلسلي جو ذڪر ڏنو ۽ درگاهه حضرت پير صاحب پاڳاري ڏانهن متوجهه ڪيو. باوجود وڏي اثر رسوخ جي پاڻ پير ڪونه بڻيو ۽ پاڻ کي هميشه درگاهه جو خادم ۽ روضي ڌڻي جو خليفو سڏايائين. ان جماعت جي استدعا تي جناب شمس العلماء پير صاحب شاهه مردان شاهه (ڪوٽ ڌڻي) ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف سفر

ڪيا ۽ ويندي پاڪستان جي قيام تائين پير صاحب پاڳاري جي جماعت جو اهو سلسلو ۽ نظام اتي جاري رهيو.[1]

ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف خليفي صاحب جو تبليغي سلسلو جناب حضرت روضي ڌڻي رح جي وفات (1233هه) بعد شروع ٿيو ۽ اندازاً 25 سال جاري رهيو. جناب پير صاحب صبغة الله شاهه جي عملي ۽ مجاهدانه زندگي واري نظريي خليفي صاحب جي هن ڪوشش کي ڪامياب بنايو ۽ جناب پير صاحب جن جي سجاده نشيني واري تيرهن سالن جي عرصي (1233-1246هه) ۾ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف انهيءَ تبليغ ۽ تلقين جا بنياد پختا ٿيا.

## زندگيءَ جو ٽيون دور:

رمضان 1246هه ۾ مجاهد اول پير صاحب صبغة الله شاهه وفات ڪئي ۽ ڪانئن پوءِ سندن فرزند جناب پير صاحب علي گوهر شاهه صاحب سجاده نشين ٿيو، جو پنهنجي علم ۽ فضل سان گڏ محبت ۽ درد ڀري دل رکندڙ ۽ فقيري حال ڏانهن مائل هو. 'اصغر' جي تخلص سان پنهنجي حال جو اظهار ڪافين ۾ ڪيائين، جي سنڌي ڪافي جي صنف ۾ معياري حيثيت رکن ٿيون. سندن سجاده نشيني وقت خليفي صاحب جي عمر پنجاهه سالن ڪان مٿي هئي ۽ فقيري جي مٿس موج هئي. خليفو صاحب پنهنجي صورت ۽ سيرت، همت ۽ جرات، توڪل ۽ صداقت سببان جماعت ۾ برک هو ۽ انهيءَ ڪري حضرت پير صاحب جن جو به مٿس خاص راز رهيو. حضرت اصغر صاحب جن جي صحبت جي فيض، سندن محبت ڀري دل ۽ شاعرانه ذوق ڪان خليفو صاحب گهڻو متاثر ٿيو ۽ حضرت پير صاحب جن جي سجاده نشيني واري دور (1246-1263هه) ۾ ئي خليفي صاحب پنهنجي ڪلام جو وڏو حصو چيو ۽ شاعري جي سلسلي کي اوج تي پهچايو. 1249هه ۾ افغانن جي لشڪر شڪارپور ۽ سکر ڪان سنڌ تي چڙهائي ڪئي ۽ آخر ڪرڙيءَ ۾ سنڌ جي دفاعي لشڪر تي اوچتو حملو ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جا ڪيئي ڪونڌر ڪُسي ويا. همت ۽ جرات، وطن جي حب ۽ مردانگي خليفي صاحب جي سرشت ۾ سمايل هيون؛ هن حادثي سندس طبيعت تي ايڏو اثر ڪيو جو وطن جي انهن سرويچ سورهين کي جس ڏيڻ لاءِ 'سر ڪيڏارو' جوڙيائين. ان بعد سنه 1254هه ۾ 'سسئي پنهون جو داستان' سرائڪي زبان ۾ جوڙي راس ڪيائين. هن عرصي ۾ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف سندس سفر جاري رهيا ۽ خود سسئي جو داستان شهرڪوٽ رامود (رياست ڪوٽڙو سانگهاڻي)، ڪاٺياواڙ) ۾ 25 ذوالقعده سنه 1254هه ۾ پورو ڪيائين.

---

[1] طالب علمي جي زماني ۾ بهاؤالدين ڪاليج جهوناڳڙهه ۾ چار سال 1937-1941ع رهڻ ٿيو ۽ ان عرصي ۾ بعضي جڏهن ڪاٺياواڙ جي ڪن شهرن ۾ وڃڻ پئي ٿيو ته اتي جا ڪي ماڻهو سنڌي سمجهي وڏي محبت سان ملندا هئا ۽ چوندا هئا ته اسين اصل روهڙي واري پير جا مريد آهيون.

سنہ 1259ھ ۾ سنڌ تي انگريزن غاصبانو قبضو ڪيو. وطن جي آزادي جي خاتمي هن وطن دوست جي عملي زندگي تي پڻ وڏو اثر وڌو. سنڌ جي اندروني حالتن سببان في الحال سندس ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف وارين مسافرين تي اثر پيو ۽ خليفي صاحب جو اڪثر وقت سنڌ ۾ پنهنجي اهل و عيال ۽ فقيرن ۽ درويشن جي صحبت ۽ حضرت پير صاحب جن جي زيارت ۽ خدمت ۾ گذرڻ لڳو.

پنهنجي مربي ۽ دوست مير باگي خان جي وفات کان پوءِ خليفي صاحب کي بدام وارن پڊن ۾ رهڻ ذرا ڏکيو ٿي پيو هو. انگريزن جي قبضي بعد ٽالپور اميرن جو اڳيون اوج باقي نہ رهيو ۽ انگريزن پڻ پنهنجي رٿيل منصوبي سببان ڪين خانداني جهيڙن جهڳڙن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. انهي ڪري انگريزن جي قبضي بعد، خليفي صاحب بدام وارا پڊ ڇڏي اچي ٽنڊي باگي شهر کان 6 ميل اوپر طرف باگي واهہ جي اُترئين ڪپ تي موجود ڳوٺ (تعلقو ٽنڊو باگو) ۾ٽو. سندس فرزند مراد علي ۽ احسان علي ان وقت زندھ هئا. اصل ڳوٺ 'مني' جي نالي سان هن نئين ڳوٺ جو نالو پڻ "مني وارا خليفا" مشهور ٿيو،[1] جو خليفي صاحب ڳوٺ تي پنهنجو نالو رکڻ مناسب نہ سمجهيو.

سنہ 1263ھ ۾ جناب پير صاحب علي گوهر شاھ صاحب 'اصغر' وفات ڪئي ۽ مرشد مربي جي قرب ۽ محبت وارين صحبتن کان محرومي خليفي صاحب لاءِ هڪ وڏو روحاني صدمو بني. جناب پير صاحب 'اصغر' جن کان پوءِ سندن فرزند پير صاحب حزب الله شاھ (تخت ڌڻي) سجاده نشين ٿيو. سجاده نشيني وقت سندن عمر اجا پورا پنج سال بہ ڪانہ هئي. خليفي صاحب جي عمر ان وقت 73 سال کن هئي. جناب حزب الله شاھ جن جي تربيت ۽ تعليم جي باري ۾ خليفي نبي بخش صاحب وڏو بهرو ورتو. هڪ ڀيري خليفو صاحب درگاھ تي ويو تہ ڏٺائين تہ، نوازيو نالي ڪامي (خادم) ۽ ٻيا، بلبلين ڦاسائڻ خاطر پيا پير صاحب جن سان گڏ ڊپ اڏارين. خليفي صاحب ڪين زبردست تنبيہ ڪئي تہ: 'اڙي نمڪحرام! اوهان بہ ڪامي ٿيا آهيو جو اهڙا ڪم پيا ڪريو! اوهان تہ هن کي پير جو پٽ سمجهي پيا راند ڪرايو، پر هن صاحبزادي ۾ اها مٽيا آهي جو جيڪي جيئرا هوندا سي ڏسندا. اوهان کي ڪو عالم ڪونہ ٿو ملي، جو پير صاحب جن کي سندس حوالي ڪريو: جيئن استاد جي اجازت کان

---

[1] پڻ 'ڳوٺ نار وارا خليفا' سڏجڻ لڳو. 'نار'، درياء جو هڪ اڳوڻو ڦاٽ هو، جنهن جي وهڪري واري پيٽ جا نشان اجا تائين خليفن جي ڳوٺن جي اُتر طرف موجود آهن: سنہ 1876ع واري سيٽلمينٽ بعد هن ڳوٺ جو نالو خليفي علي بخش (بن خليفو احسان علي بن خليفو نبي بخش) جي نالي پويان ڦري 'ڳوٺ خليفو علي بخش' (ديھ اُنڙڪي، تپو ٻڪيو چانديو) ٿيو.

سواءِ ڪنهن بہ ٻيءَ ڳالھ ۾ مشغول نہ ٿئي.' ان بعد جيستائين پير صاحب جن جي تعليم جو انتظام نہ ٿيو، تيستائين خليفي صاحب درگاھ ڪانہ ڇڏي.

خليفي صاحب جو وڏو فرزند مراد علي ڪجھ اڳ ۾ لاولد فوت ٿي چڪو هو. ان بعد سندس ٻئي فرزند خليفي احسان علي پڻ خليفي صاحب جي آخري عمر ۾ وفات ڪئي. خليفي صاحب لاءِ هاڻي باقي سهارو سندس پوٽا (خليفي احسان علي جا پٽ) غلام نبي ۽ علي بخش وڃي بچيا. زندگيءَ جي هن پوئين دور ۾ خليفو صاحب فقط مرشد ۽ درگاھ جي زيارت لاءِ ويندو هو، باقي سندس سڄو وقت ڳوٺ ۾ ئي ٿي گذريو، جتي سندس ساٿيارن درگاھ جي خليفن ۽ جماعت جي فقيرن اچي ٿي ساڻس صحبتون ڪيون. سڄي عمر جي دستور موجب آخر دم تائين عبادت ۾ مشغول رهيو. نماز جا پنجئي وقت تهجد ۽ اشراق سميت پڙهندو هو ۽ رمضان شريف جي مهيني کان سواءِ پڻ هر مهيني جا اڪثر ڏينهن روزي ۾ گذاريندو هو. پنهنجن پوٽن، غلام نبي ۽ علي بخش جي تربيت ۽ تعليم طرف آخري دم تائين سندس توجھ رهيو. سندس وڏو پوٽو غلام نبي عاقل، بالغ ۽ نوجوان هو جو خليفي صاحب وفات ڪئي.

خانداني روايتن موجب خليفي نبي بخش صاحب ڪافي وڏي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ وفات وقت سندس عمر ڪم از ڪم نوي سال هئي. انهي اندازي موجب خليفي صاحب سنہ 1280ھ (1863ع) ڌاري وفات ڪئي. وفات واري رات جي شام جو سندس صحبتي ۽ ساٿياري، ڳوٺ 'مور' (لڳ ڏندو) جو ميون (ذات جو ترڪ) ڪيس ملڻ لاءِ آيو. خليفو صاحب بيمار هو ۽ ٻاهر نڪرڻ جھڙو ڪونہ هو، سو پنهنجي پوٽي غلام نبي کي سڏي چيائين تہ: "ٻاهر وڃي ميين سان مل ۽ ڪچهري ڪر، منهنجو وقت پورو ٿيڻ وارو آهي، انهيءَ ڪري ميين سان اهڙي تہ سهڻي مجلس وڃي ڪر، جو ائين سمجهي تہ خليفي کان پوءِ پويان بہ ڪا پهر باقي آهي. منهنجا ڪيس سلام ڏج ۽ چئج تہ هن وقت ٻاهر اچڻ جھڙو ڪونہ آهيان، باقي صبح جو ملنداسون." غلام نبي کي ايتري تعليم ۽ تربيت ملي چڪي هئي، جو هن خليفي صاحب جي منشا مطابق ميين سان وڃي سهڻي ڪچهري ڪئي. خليفي صاحب رات جو وفات ڪئي ۽ صبح جو ميون سندس جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيو. خليفي صاحب کي سندس ٻاهرين اوطاق ۽ مسجد لڳ اُتر طرف دفن ڪيو ويو، جتي سندس مزار اڄ تائين موجود آهي.

## خليفي صاحب جو اولاد:

خليفي نبي بخش صاحب کي بہ پٽ ٿيا: مراد علي ۽ احسان علي، جي ٻئي خليفي صاحب جي حياتي ۾ فوت ٿيا. مراد علي وڏو هو ۽ لاولد فوت ٿيو.

ننڍو احسان علي 1259ھ کان پوءِ به ڪي ڪجهه سال زنده رهيو. هڪ روايت موجب خليفي سندن شادي ڳوٺ مير خان لغاري (تعلقو سڪرنڊ) جي 'سيرڪاٽي' لغارين مان ڪرائي ۽ اها خاتون اتان جي مشهور شاعر حمل خان جي ماسات هئي. احسان علي کي ٻه فرزند ٿيا: غلام نبي ۽ علي بخش، جن جي تربيت خود خليفي صاحب پنهنجي عمر جي آخري دور ۾ ڪئي، خليفي صاحب جا هي ٻه پوٽا، پير صاحب پاڳاري جي جماعت ۾ وڏي نالي وارا ٿيا: خليفي غلام نبي جماعت ۾ 'فرق' جو بنياد وڌو ۽ خليفو علي بخش 'سالم جماعت' ۾ نالي وارو فقير ٿي گذريو.

## خليفو غلام نبي:

غلام نبي سنه 1255ھ ڌاري ڄائو. ستن اٺن سالن کن جو هو جو سندس والد وفات ڪئي. سندس تعليم ۽ تربيت سندس ڏاڏي خليفي نبي بخس صاحب جي زيرنگراني ٿي، رپ (تعلقو بدين) جي مدرسي ۾ مولوي لطف علي صاحب وٽ فارسي تعليم حاصل ڪيائين. نهايت ذهين، عقلمند ۽ انقلابي خيالات جو هو. خليفي نبي بخش صاحب جي وفات وقت سندس عمر 25 سال کن هئي. سندس ذهن ۽ ذڪاوت تي خود خليفي صاحب کي اعتماد هو، جو پنهنجي وفات واري رات کيس 'ميين ترڪ' سان مجلس ڪرڻ لاءِ موڪليائين.

# شجره

## خليفو نبي بخش صاحب ۽ سندس اولاد




[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "خليفي صاحب جو رسالو"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1966ع]

❑

# (73) درويش راضي شاهہ لڪياري

[ست اٺ سال ٿيا جو درويش راضي شاهہ جا هڪ ٻہ بيت ڪنين پيا، مگر سندس ڏس پتو ڪو نہ ٿي پيو. تان جو 30- آگسٽ 1952ع تي مٺي (ٿرپارڪر) ڏانهن ويندي، اسٽيشن نئين ڪوٽ جي پريان، راضي شاهہ جي ميلي ۽ مقبري پسڻ جو اتفاق ٿيو. ان موقعي تي راضي شاهہ جا ڪي بيت اتان جي سگهڙن وٽان مليا. اٽڪل ڏيڍ سال بعد، محترم رئيس حاجي علي محمد خان پناڻ (تعلقو سامارو) جي مدد ۽ مهربانيءَ سان ساماري، ٽنڊي باگي، جيمس آباد ۽ ڏگهڙي تعلقن جو گشت ڪندي، 18- نومبر 1954ع تي، ”دونهائي“ (تعلقو جيمس آباد) جي لڪياري سيدن جي ڳوٺ ۾ جناب ميان علي اڪبر شاهہ وٽ اچڻ ٿيو. ڪائنن معلوم ٿيو تہ درويش راضي شاهہ سندن خاندان مان هو. ميان علي اڪبر شاهہ ۽ سندس ننڍي ڀاءُ ميان نور محمد شاهہ ڪان هن بزرگ بابت جو احوال معلوم ٿيو، لکيو ويو. ميان نور محمد شاهہ وٽ درويش راضي شاهہ جي بيتن جو ڪجهہ ذخيرو گڏ ٿيل هو، جنهن مان مستند بيت قلمبند ڪيا ويا. راقم انهن مڙني بزرگن ۽ دوستن جو شڪر گذار آهي، جن هن مضمون جي مواد هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي- **نبي بخش** ]

ٿر جي پٽن جي ڪنار جي دامن ۾، ٽالپور اميرن جي اڏايل ”نئين ڪوٽ“ واري قلعي ڪان ذرا اولهہ ڏکڻ طرف ۽ ڍوري جي اپرندي طرف (تعلقي مٺي) مهراڻي جي هڪ من موهيندڙ ماڙيءَ ۾ درويش راضي شاهہ جو مزار آهي ۽ انهيءَ ڪري عام طرح هن درويش کي ”مهراڻي جو مير“ ڪري چون. راضي شاهہ جي حياتيءَ جو وڏو عرصو ميرن جي عهد ۾ گذريو، مگر غالباً هو انگريزن جي اوائلي دور تائين حيات هو. سندس سنہ وفات معلوم ناهي، پر شايد مهيني ذوالحج جي پهرئين ڏهي ۾ وفات ڪيائين، جو اجا تائين سندس ساليانو ميلو، مهيني ذوالحج جي نائين تاريخ تي لڳي ٿو.

راضي شاهہ سنڌ جي مشهور لڪياري سادات جي هڪ خاندان مان هو. سندس ڏاڏو موليڏنو شاهہ ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ هو، ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي تصادم ۾ سندس همدردي ٽالپور اميرن سان هئي، جن جي مدد ۽ معاونت سان هو لڪيءَ طرفان لڏي اچي ڳوٺ خانپور ۾ وينو، اها ”خانپور“ هاڻي ”ڳن“ سنڌجي ٿي ۽ ان نالي سان ديهہ ڪن، تعلقي ساماري ۾، اسٽيشن ”صالح پٽيري“ ڪان ٽي ميل اتر طرف آهي.




موليڏني شاهه کي خانپور ۾ لڏي اچڻ بعد ٻه فرزند مينهن شاهه ۽ نور شاهه ڄاوا. موليڏني شاهه ۽ سندس ٻنهي فرزندن اتي وفات ڪئي ۽ مخدوم عبدالرحمان جي مقام ۾ رکيا ويا. مخدوم عبدالرحمان ذات جو ”جاڳو“ هو ۽ پنهنجي وقت جو عالم ۽ درويش هو. اتي سندس هڪ مدرسو هو ۽ چوڌاري ٻنيون هيون، جن جي پيدايش مدرسي لاءِ وقف ٿيل هئي. ٿرپارڪر جي نڪرن انهن زمينن جي ڍل گهري ۽ گڏ ڪيل پيدايش هٿ ڪرڻ لاءِ ڪرن تي چڙهي آيا، مگر ميدان صاف ڏنائون، جنهن تي مخدوم صاحب جن جا معتقد ٿي پيا ۽ چيائون ته اوهين اسان جا ”رام“ آهيو: اهڙيءَ طرح ”رام مخدوم“ يا ”رام جاڳو“ نالو مشهور ٿيو ۽ اهوئي نالو مخدوم مرحوم جي مقام تي اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي. ٿي سگهي ٿو ته ”رحمان جاڳو“ زبان زد عام تي ”رام جاڳو“ مشهور ٿي ويو هجي. سيد مينهن شاهه جي اولاد مان سيد عالي شير ٿيو، جو پڻ هن مقام ۾ مدفون آهي ۽ مٿس ساليانو ميلولڳي ٿو، جو ”رام جاڳي“ جي نالي سان مشهور آهي. مينهن شاهه جي اولاد مان سيد جڙيل شاهه هن وقت هڪ معزز ۽ بيٺل زميندار آهي.

نور شاهه کي چار فرزند ٿيا، جن مان هڪ راضي شاهه هو. راضي شاهه نِنڍي هوندي کان ئي درويش صفت هو. جڏهن پنهنجي سوٽن (مينهن شاهه جي اولاد) کان سڱ گهريائين، تڏهين جواب ڏنائونس ته "تون فقير آهين سڱ کي ڇا ڪندين؟" اهو جواب ٻڌي، اتان قطع تعلق ڪري روانو ٿيو ۽ سندس موجوده مزار واريءَ جاءِ تي اچي پنهنجو فقيراڻو ڊيرو قائم ڪيائين. پاڻس اميد علي شاهه به ساڻس گڏجي نڪتو ۽ ويندي آخر عمر تائين ساڻس گڏ رهيو ۽ ساڻس گڏ مدفون آهي. راضي شاهه جي ٽئين پاءُ قطب شاهه کي غلام نبي شاهه نالي فرزند ٿيو. سندس چوٿين پاءُ هاشم شاهه کي ٽي پٽ ٿيا، جن مان قربان علي شاهه کي غلام نبي شاهه نالي فرزند ٿيو. سندس چوٿين پاءُ هاشم شاهه کي ٽي پٽ ٿيا، جن مان قربان علي شاهه جو اولاد موجود آهي. قربان علي شاهه، سندس به فرزند محمود شاهه ۽ علي اڪبر شاهه ۽ سندس پوٽو علي اصغر شاهه، وڏا نيڪ دل ۽ نيڪ سيرت درويش ٿي گذريا آهن. مرحوم علي اصغر شاهه جا به فرزند ميان علي اڪبر شاهه ۽ ميان نور محمد شاهه حيات آهن ۽ اولاد وارا آهن. ميان علي اڪبر شاهه هڪ وڏو زنده دل مرد آهي. ۽ تواضح سندس طبع جو سينگار آهي. ميان نور محمد شاهه به هڪ نيڪ سيرت ۽ لائق انسان آهي.

درويش راضي شاهه، نئين ڪوٽ لڳ پنهنجي قائم ڪيل ڊيري تي وڃي منڊل مچايو. منيءَ توڙي ڏيپلي ڏانهن ويندڙ رستا سندس ڊيري جي پران گذرندا هئا ۽ انهيءَ ڪري سندس تڪيو ڄڻ ٿر جي دروازي تي هو. ٿر جا ماڻهو جڏهين سنڌ ۾ پورهيي لاءِ ايندا هئا، ته وٽانئس ٿيندا ايندا هئا ۽ ويندا هئا ته به وٽانئس ٿي پوءِ ويندا هئا. ٽالپور اميرن، سنڌ جي زراعت کي وڌائڻ لاءِ، نون واهن کوٽائڻ جو سلسلو هڪ عظيم الشان پيماني تي شروع ڪيو هو ۽ ملڪ جي پورهيتن لاءِ ڪمائيءَ جو رستو کلي پيو هو. راڄن جا راڄ پري پري کان ڪاٽي ڪڍڻ لاءِ ايندا هئا، جن کي نقدي رقمون اڳواٽ ڏنيون وينديون هيون، ڪڇ جا سيد به پنهنجي ماڻهن ساڻ واهن جي ڪاٽين جي ڪم تي ايندڙ هئا. راضي شاهه سان سندن ڏيٺ ويٺ هئي. هڪ سال وٽن سرڪاري پئسا رهجي ويا ۽ جڏهين نئين سال وري سنڌ ۾ آيا، تڏهين راضي شاهه کي چيائون ته اسين اوهان کي سڱ ڏيون ٿا ۽ اوهين اسان کي پئسن جي مدد ڪريو ته رهيل بقايا ڏيون ۽ سرڪار ۾ به اسان جي سفارش ڪريو. راضي شاهه جي به سيدن سان محبت هئي، انهيءَ ڪري سندن اها آڇ قبول ڪيائين ۽ سندن مدد ڪيائين. سندس شادي انهن ڪڇ وارن سيدن جي نياڻيءَ سان ٿي. چون ٿا ته ان شاديءَ جي موقعي تي راضي شاهه جي هڪڙي فقير، گولي فقير ولهاري، خوشيءَ مان هيءُ بيت ڏنو:

ڪڪوريا ڪيچيءَ ۾، سپ سيد جا سنگتي،
ڏاريو ڏارين ڏير تي، متي سيج سَتي،
آهيان جانب جي جُتي، پائي هلندم پير ۾.

راضي شاهه جواب ڏنو ته:

1. ميان! تون موچين کان وجي پرائج پاهه،
ماتيءَ ۾ محبت جي پوري ڏينئي پاهه،
روڙي روح رڳڻ سان، ڪن چست منجهارا چاهه،
چوڏا چوڏيون چتريون منجهان گل ڪماءِ،
رنبي جا رهاڻ جي لڳي صيقل ساءِ،
پوءِ تيءَ جتي جانب لاءِ، ته پهري هلنئي پير ۾!

2. پر پرين جا پهري هليا، تنهن جتيءَ نه جيهاس،
ڪٽي خاڪ چمي گهٽو سر چشمين پاياس،
اڌما اؤز عجيب ري اندر ۾ آياس،
تنهن جتيءَ جيارياس، پٽي جا پيزار جي.

ميرن صاحبن وٽ راضي شاهه جي وڏي عزت هئي ۽ مٿس نهايت ئي مهربان هئا. راضي شاهه هڪ وڏو بي رياءُ ۽ سخن جو سچو مرد هو. خود مير صاحبن کي به سچ چئي ڏيندو هو. انهيءَ ڪري مير صاحب جن خاص طرح ساڻس خوش طبعيءَ طور مذاق ڪندا هئا ۽ سندس چيو دل ۾ ڪو نه ڪندا هئا. هڪ دفعي راضي شاهه مير صاحبن وٽ آيو. ڪيس وڏي عزت ڏنائون ۽ چانديءَ واري ڪٺ ڏيارائيونس. ان موقعي تي ٻيو هڪ اپرو سيد به آيو، جنهن کي رواجي ڪٺ ڏيارائيون. ان بعد ڪچهري ٿي. راضي شاهه اهل سنت جماعت جو هو ۽ ڪيس چيڙائڻ لاءِ مير صاحب جن پڇيس ته ”راضي شاهه! مروان ڪنهن کي چئجي؟“ راضي شاهه جواب ڏنو، ”وڏا مروان اوهين آهيو، جو هڪ اڪيائي ڪئي اٿوَ، مون کي چانديءَ جي ڪٺ ڏياري اٿوَ ۽ هن غريب سيد کي رواجي ڪٺ!“ مير صاحب جن نهايت خوش ٿيا ۽ راضي شاهه کي پٽيدار ڇهنبدار ترار تحفي طور ڏنائون. راضي شاهه موڪلائي روانو ٿيو. اها ترار سندس ماٺهو کنيو پئي آيو، جنهن کان اتفاق سان ترار هيٺ ڪري پئي. راضي شاهه ترار کڻڻ کان منع ڪيس ۽ اها ترار اتي جو اتي ڇڏي هليا آيا- راضي شاهه جي زندگيءَ جو دستور هوندو هو، ته ڪريل شيءِ ڪڏهين به نه کڻندو هو.

راضي شاهه کي پنهنجن فقيرن جو گروهه هوندو هو، جن مان گولو فقير ولهاري، حمزو فقير، ايماني فقير ۽ ڪنجڪي فقير مشهور هئا. ڪنجڪي فقير جو نالو ٻيو هو، مگر جئن ته راضي شاهه جي گهوڙي جي ڪنجڪ جهلي هلندو هو، انهيءَ ڪري مٿس ”ڪنجڪي“ نالو پئجي ويو. اهي فقير به شاعر هئا.

”ايماني“ فقير جو هيٺيون معاصرانه بيت ثابت ڪري ٿو ته راضي شاهه پنهنجي وقت جو هڪ سخي مرد هو، جنهن جي اوتاري ۾ ايندن ويندن سان پئي قرب ٿيا. غريبن مسڪينن جو اجهو هو، پاڻ مجازي رنگ ۾ رڱيل هو. محبت جا وٽس مڻ هئا ۽ پنهنجي طالبن کي شريعت ۽ طريقت جي تلقين ڏيندڙ هو.

ڏونگر، ڏڪ، ڏاڪڙا مون کي قسمت ٿي ڪاري،
لال لکياري لال کي ساهه سڪي ساري،
جنهن کي وصيت ناهي وِرو جي، تنهن کي پيرل ٿو پاري،
ڪِيَن پِيَن تا ڪيترا، ان جي اوتاري،
متس مچ مجاز جا، دنيا نه ڏاري،
لُٽي وڏائين لاهه جيئن، جيڪي آيس اظهاري،
ميون دليون محبت سان، ٿو جڏيون جياري،
مرشد منهنجي مُهر ۾، آهي نر سان نظاري،
شريعت، طريقت، معرفت، حقيقت ڏسَ اهو ڏياري،
پاڻي حوض ڪوثر جو مون کي پاڪ پياري،
امن سان، ”ايماني“، چوي، شل اهو ڏيهه به ڏيکاري،
سيد ان ساري، مون تان لاٿا حرف حساب جا.

درويش راضي شاهه جو ڊيرو، تڪيو ۽ تلاءُ سندس طالبن ۽ معتقدن لاءِ هڪ زيارتگاهه هئا. ٿر جي چئني ڪنڊن کان ايندڙ مسافر به سندس ڊير جي ڊائي رکندا هئا ۽ اتي اچي هڪ ٻئي سان گڏبا هئا. انهيءَ ظاهري حقيقت کي طريقت جي رنگ ۾ راضي شاهه هن طرح اظهار ڪيو آهي:

پيري ڪنيو پير، عالم منجهان اتڪي؛
پير نه ڇڏيندو پانهنجا توڙي ڏڏ ڏقير،
ڊيئي اٿن ڊير، رسيا ”راضي شاهه“ چئي.

سندس تڪيو ۽ تلاءُ هڪ ماڙيءَ ۾ آهن، جنهن جي رونق جو ذڪر خود راضي شاهه پاڻ هن طرح ڪيو آهي ته:

تڪيي جي تلاءَ تي هاديءَ ڪئي هَري،
مٿي ڊير ڊري، رحمت ”راضي شاهه“ چئي.

ان وقت نئين ڪوٽ واري طرف مهراڻي ۾ راضي شاهه هڪ وڏي اثر ۽ رسوخ جو مالڪ هو.پنهنجي مولىٰ تي ڪيس ڪلي توڪل هئي، جنهنڪري ٻئي ڪنهن جي به ڪيس ڪاڻ ڪا نه هئي.

مُهر ۾ منهنجا ڏٺي آهي همت هاديءَ جي،
ڪاڻ ڪيان ڪنهن جي، ڊيئي اٿم ڊير تي.

مُهراڻي جي هن خوشنما ماڻريءَ ۾، راضي شاهه جي ڏير تي هميشه ريجهه-رهاڻ جا رنگ لڳل هئا. هڪ دفعي مينهن جي مند هئي ۽ وسڪارن جي خوشيءَ ۾ سيني جون دليون سرهيون هيون، سانجهيءَ جو وقت هو، جو اتر اوڀر کان ڪنڌائتي ڪنوڻ تجلا لائي ڏنا، جنهن بعد مينهن وٺو. ٻئي ڏينهن سڄي سنگت ويٺي هئي. ساوڻ جي سونهن ۽ مند جي موٺ محبت وارن جي من تي مجاز جا مچ ٻاري وڌا هئا. راتوڪي ڪنڌائتي ڪنوڻ لڏاڻي واري طرف کان هئي، جنهنڪري هڪ درويش ڪنوڻ جي تجلن ڪي مومل جي حسن سان تعبير ڪندي بيت ڏنو ته:

رات به رانول رنگ هئا، سانجهيءَ سج لٿي،
ڪنوڻين خوب خوشيون ڪيون، پاڻ ڪيئون پلٽي،
هئي مومل محل مٿي، اهي رات تجلا هئا تنهن سندا!

راضي شاهه پنهنجي طالب ڪي مجاز ۾ غرق ڏسي، ڪيس حقيقت طرف متوجهه ڪرڻ لاءِ، جواب ۾ بيت ڏنو ته:

ڇا مومل ڇا ماڻاس، ڇا وس واڄاڻيءَ جو،
جنهن تي ڪلمون راس، اهي تجلا هئا تنهن سندا!

سيد شاهه محمد شاهه به ڪو سخي مرد هو، جنهن وقت بوقت درويش راضي شاهه جي مدد پئي ڪئي؛ جنهن تي خوش ٿي هيٺيان بيت چيائين:

1. رنگ ته ”راضي شاهه“ چئي، هڏ هالاري هوءِ،
مر ته ڏوبي ڏوءِ، ته به لالي لهي نه لعل جي.

2. رنگ ته ”راضي شاهه“ چئي، خوب ڏنوسون ڪولي،
آهيون سخي ”شاهه محمد شاهه“ جي اجهي ۽ اولي،
مهر ڪئي مولي، نه ته اسان تڪيو هو تار ۾.

3. ٻَري جا ٻَوَ جي، سا هاديءَ ڪئي هَري،
ويرن منجهه وَري، رسج ”راضي شاهه“ چئي.

راضي شاهه جي وفات بعد سندس فقير ۽ مريد حمزي جو چيل هيٺيون بيت، راضي شاهه جي تڪيي ۽ تلاءُ، منزل ۽ مرتبي بابت معتقدانه جذبات جو حامل آهي:

تڪيي هيٺ تلاءُ، هو ”لڪياري“، لال جو،
ڪنيو جن خوشيءَ مان، تن پانڌين آيو پاهه،
”حمزو“، چوي، هاديءَ ڏي، منهنجو اڪير ارواح،
سنڌ سڄيءَ ۾ پڌرو، هو رتل ”راضي شاهه“،
هو اڳي پڻ الله، پر ٿيو سيد ساماڻي سوجهرو.

## راضي شاھ جو ڪلام:

درويش راضي شاھ جو ڪلام غالباً ڪنهن بہ لکي گڏ ڪو نہ ڪيو. انهيءَ ڪري، هن وقت هڪ صديءَ کان زياده وقت گذرڻ بعد، فقط سندس ڪي بيت وڃي باقي بچيا آهن، جي مهراڻي طرف ڪن سگهڙن ۽ وڏي عمر وارن کي ياد آهن. راضي شاھ نيڪ دل، بي رياءُ ۽ سيڪنهن کي سچ چوندڙ هو ۽ اها سچائي سندس بيتن ۾ پڻ پيئي بڪي. ان طرف جا ڪلوئي بلوچ اڪثر سندس مريد هئا. پر سندن روش ڏسي هڪ بيت ۾ چيائين تہ:

"ڪلوئي ۽ ڪانءُ، ڏاڏا ڪيين ڏيھ مان!"

ڪوڙ سان سندس ڪا نہ پوندي هئي، هينئين بيت ۾ ڪوڙ ۽ ڪلفت جي شڪايت ڪندي، چيو اٿس تہ:

ڪوڙيءَ هن ڦلعيءَ جي آهي عالم منجھ اڇاڻ،
سچ ويو سنگت مان، حيا لڏيو هاڻ،
محبت ماڻهن مان وئي، وڃي ويلا وڍندي واڻ،
راڄن ۾، "راضي شاھ"، چئي، رانتيون ڪن رهاڻ،
شرع شفيع ڄام جي، تنهن ۾ قاضين وڌي ڪاڻ،
هادي بخشي هاڻ، محبت محمد ڄام جي.

ڪوڙن کي ڪُوارِيندي چوي ٿو:

ڪوڙا ڪوڙيءَ ڪان، رهن نہ "راضي شاھ" چئي،
اسان ڪيو ويساھ، هنن پت وڃائي پانهنجي.

هن بي بقا دنيا جي ڪيل جي باري ۾ چيو اٿس:

بابو هت بهوت هئا، لکين هئا لقمان،
مانجھي جي هن ملڪ جا ڪپي وئڙا خان،
ان جا رنگ، "راضي شاھ" چئي، سوين هئا سامان،
ڪل پوي ٿي ڪا نہ، سڀ خاڪي وئڙا خاڪ ٿي.

نبي ﷺ جي محبت، اصحاب ڪرام جي عزت ۽ اسلام جي پيروي ۾ لوچڻ ۽ وقت سڃايو ڪرڻ، سندس تلقين جا مرڪزي نقطا معلوم ٿين ٿا. چوي ٿو:

قابو ٿي ڪلمي سين، دل جا وهم وسار،
ﷲ ڪارڻ لوچ تون ڪوتا ڏينهن مَ ڪار،
اول تنهن امام جي ڏس ڪامل سندي ڪار،
هو جي چڱا چارئي يار، سي ٿيندا مهاڙ مهند جي.

پانئجي ٿو تہ راضي شاھ موقعن جي مناسبت سان گهڻا ئي في البديھ بيت چيا. عمداً ۽ ارادتاً، سُرن وار، ڪي ٿورا بيت چيائين. مارئيءَ جي سر جو سندس هينيون بيت مشهور آهي:

چوڙ تہ چيلا چاريان، پهريان پهون،
مون جيڏيون ملير ۾، اتي ٻيل ٻهون،

راڄن ۾ ”راضي شاهه“ چئي، ڪا جا رات رهون،
اسين ساعت نتا سهون، تون ٿو سال ڄڻائين سومرا.

رامڪلي ۽ پورب جي سُر ۾ جوڳين ۽ ڪاپڙين کي راضي شاهه گهڻو ڳايو آهي: چاڪاڻ ته جيءَ کي جفا ڏيڻ، جهد ڪڻڻ ۽ منزل مقصود تي پهچڻ وارا مضمون، خود سندس پنهنجي حسب حال هو، راضي شاهه جو جيڪو حال هو سو ئي سندس قال هو. هيٺ اسان انهيءَ سر جا ڪي بيت قلمبند ڪري، هن مضمون کي ختم ڪريون ٿا:

موت نه ماريا ڪاپڙي، موت بہ ماريائون،
ويا ويراڳي نڪري، گهر نه گهاريائون،
پُريا پورَ پنڌ تي، سيد ساريائون،
محمد مڃيائون، رسيا ”راضي شاهه“ چئي.

........

اڃي پٽي، پنڌ گهڻو، سنيريا سيپئي،
تنين مان ڪيئي، رسيا ”راضي شاهه“ چئي.

........

نڪي ڳولين ڳوٺ کي، نڪي پهر پڇن،
نڪي سوجهن سُڄ کي، نڪي رڄ رهن،
اوطاقون ابناس ۾، اڏيون آديسن،
وينا سي ونجهلن، ورهيہ ان ورونهه ۾.

........

بينا بازر ڪول، ياد گرو ڪن گودڙيا،
نانگا پنهنجي ناٿ تان، وڃن گهولا گهول،
جي ٻڌا آهن ٻول، سي چوتا چورين ئي ڪينڪي.

........

چوتا تا چورين، اجا ڪي البت،
مهو، مڃر، ملڪ ۾ آهي ڪامل وڏي ڪٽ،
گڏجي پئبو گهر ۾، ونبو گام گلي جو گت،
جنهن جي پاڻ رکندو پت، سي سرها ٿيندا ”سيد“ چئي.

........

نائين ڏهين نسنگ، جوڳي هليا جاٽ تي،
سڪ ٻڌائون سندرو، توفيق ٻڌائون تنگ،
آديسن آرام ڪئو باڻ لڳن ڪو ٻنگ،
رات ڏنوسون رنگ، آهن ريڏا ”راضي شاهه“، چئي.

[ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1956/1ع]

❑

# 74 رستم فقير لغاري

رستم فقير پٽ نبي بخش لغاري قبيلي جي علياڻي پاڙي مان هو. سنہ 1900ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس والد نبي بخش ۽ ان جو پاءُ پير بخش پهريائين پاڳ ناڙي ۾ وينل هئا، جتان ڪان لڏي اچي تعلقي شهدادڪوٽ ۾ ڳوٺ تاجو لغاري ۽ مينهون لغاري ۾ وينا، رستم ان وقت ڇاول هو. وڏو ٿيو تہ قرآن شريف پڙهيو، سندس ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو تہ مڪتبي تعليم ورتائين، پوءِ رستم فقير لڏي اچي ڳوٺ سهراب خان لغاري (تعلقو ميروخان ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ وينو.

رستم فقير جي تڙپوٽي ارباب فقير لغاري ٻڌايو تہ رستم فقير ڪجھ پڙهيو هو. پر جوانيءَ ۾ ڏاڍو مڙس هو. جڏهن فقيري ڏانهن خيال ٿيس تہ عثمان فقير سانگي وٽ ويو تہ ڪيس فقيريءَ جي واٽ ڏسي. ٻارهن مهينا ڪن ائين پنڌ ڪيائين. پوءِ هڪ ڏينهن عثمان فقير ڏانهن ويو تہ پريان عثمان فقير بہ پنهنجي ٻالڪن سان اچي ڪيس ڳس ۾ ڳڏيو. اتان رستم فقير کي نوشهره فيروز ۾ شاهہ نصير وٽ وٺي ويو، جتي هو مريد ٿيو. رستم فقير وڏي عمر جو (85 يا 90 سالن جو) هو جو پنهنجي اباڻي ڳوٺ مينهون لغاري ۾ (شهدادڪوٽ ڪان اٺ ميل اوڀر طرف) وفات ڪيائين ۽ اتي ئي دفن ٿيو ۽ شهر ميرو خان ۾ رستم فقير جي پوٽي ميان يارمحمد لغاري (عمر 85 ورهيہ) ٻڌايو تہ: (سنہ 1890ع ڌاري) آءٌ اُنَ ڏهن سالن جو هوس جو مون رستم فقير کي ڏٺو هو. ڳورو سهڻو مڙس هو. ستار تي ڳائيندو هو. سهراب خان جي ڳوٺ جي پرائي نالي حسينه تي نظارو هئس ان وقت، (عثمان فقير ڪان سواءِ) ٻيا شاعر امام علي لورڙ، دريا خان ڪلهوڙو ۽ چتو سانگي هئا.*

---

* رستم فقير جو احوال سندس تڙپوٽي ارباب فقير لغاري (پٽ نبن فقير پٽ صوبدار فقير پٽ رستم فقير) ڪان تاريخ 27 مارچ 1969ع تي مير شاهنواز خان جمالي (مهراب پور جمالي، تعلقو اوستہ محمد) وٽ ڪچهري ۾ دستياب ٿيو ۽ پڻ شهر ميرو خان ۾ ميارن يار محمد لغاري سان ملاقات (13 اپريل 1970ع) ۾ حاصل ٿيو، ٻنهي تصديق ڪئي تہ رستم فقير جو رسالو سانوڪ فقير عمراڻي (ڳوٺ عمراڻي، جهٽ پٽ ڪان اوڀر طرف) وٽ موجود آهي. مهرابپور ۾ محمد عالم خان ۽ الله ورائي خان خبر ڪئي تہ رستم (ٻئي) جا پڙپوٽا غازي فقير ۽ پاڙس ابراهيم لڏي اچي سوپاواهہ (تعلقہ اوستہ محمد) ۾ وينا، غازي فقير ڳائي ٿو ۽ (1968ع) ۾ لڏي وڃي گهوٽڪي طرف وينو آهي.

## رستم فقير جو اولاد، شجرو:

- رستم فقير
  - منو فقير
    - يارمحمد (عمر 85 سال)
      - غلام قادر (حيات)
      - منو (حيات)
      - حاجي (حيات)
  - صوبدار فقير
    - نبن
      - ارباب فقير (اولاد)
    - رستم (پيو) (اولاد)
    - قيصر (بنا اولاد)

عالم عارف عبدالحي نوشهره فيروز ۾ نقشبندي طريقي جو رهنما هو. ڪانئس پوءِ سندس فرزند شاهه نصيرالدين نصير سجاده نشين ٿيو. شاهه نصير کي سندس والد کان عربي ۽ فارسي تعليم ملي. خيرمحمد فقير هيسباڻي، خواجه عبدالحئي جو مريد هو ۽ پنهنجي وقت جو وڏي سلوڪ وارو 'قافي گو' شاعر هو. خير محمد فقير جو طالب هو عثمان فقير سانگي، جنهن کان پوءِ رستم فقير لغاري طالب ٿيو. هن سلسلي جي شاعرن مان گهڻا سڀ تصوف واري 'سلوڪي' رنگ ۾ رتل هئا. جن پنهنجن ڪلامن ۾ صوفيانه فهم ۽ فڪر جا اعليٰ نُڪتا نروار ڪيا. هيٺ رستم فقير جي ڪلام جو ڪجهه تفصيل ڏجي ٿو، جيڪو يار محمد فقير ۽ ارباب فقير کان مليو يا جيڪو ان کان اڳ لوڪ ادب جي ڪتاب 'ڪافيون- جلد پهريون' (سنه 1985ع) ۾ راقم شايع ڪيو هو. اهو رستم فقير جو ٿورو ڪلام آهي، سندس سڄي ڪلام کي سهيڙڻ جي ضرورت آهي.

سنڌي قافي (ڪافي) تي پنجويهه سال اڳ، 1985ع ۾ شايع ڪيل لوڪ ادب جي ڪتاب 'ڪافيون' (جلد پهريون) ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي ۽ اهو ڏسڻ گهرجي، هت مختصر طور وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي. هڪ ته 'قافي' نالو نظم جو آهي ۽ 'ڪافي' ان نظم کي ڳائڻ جو محض نظم طور لکبو ته عنوان 'قافي' ٿيندو. پر جيڪڏهن ان نظم کي ڳائڻ جي لحاظ سان لکبو ته عنوان 'ڪافي' ٿيندو، پر ان صورت ۾ ان ڪافي جو سُر، ڌار يا راڳڻي توڙي راڳ لاءِ آنڌل اضافي لفظن کي لکڻ ضروري ٿيندو. گذريل ٻن سون سالن کان ۾ لکيل قلمي ذخيرن ۾ هر ڪافي 'سُر سميت' لکيل آهي. اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته 'ڪافي' جو تعلق راڳ سان آهي پر ان جو بنياد 'قافي' ۾ ڪيتريون ئي معنائون ۽ ڪيترائي موضوع سمائجي سگهن ٿا، جن تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙي تحقيق ۽ فڪر کي وڌائڻ خاطر، چئي سگهجي ٿو ته مجموعي طور سان قافين جا مکيه موضوع ٽي آهن: 1. مجازي سونهن، سڪ ۽ فراق جو اظهار 2. حقيقت جي ڳولا ۾ هلندڙ پانڌيئڙن (قلندرن، تارڪن ۽

فقيرن) جي پنڌن پيچرن اصولن ۽ اطوارن جو اظهار 3. سلوڪ واري متئين مرحلي تي، سالڪن جو (حقيقي محبوب تائين پهچڻ خاطر) صبر ۽ ساجاهه وارا ڪردار.

عام طرح، گهڻيون سڀ قافيون محبوب جي سونهن ۽ سندس سڪ ۽ فراق ۾ چيل آهن. باقي ٻن موضوعن تي چيل قافيون سلوڪ واريون آهن. ’سلڪ‘ جي معنيٰ آهي واٽ يا راهه ۽ ’سلوڪ‘ معنيٰ حقيقي خالق ڏانهن ويندڙ واٽ ۽ ان جا اهڃاڻ سلوڪ واريون قافيون فڪر ۽ معنيٰ جي لحاظ کان وڏي اهميت واريون آهن. سنڌ جي هر طبقي جي درويشن ۽ سالڪن سندن سلوڪ وارين قافين ۾ معنيٰ جا موتي پوتا آهن. رستم فقير لغاري ان طبقي سان تعلق رکي ٿو، جن کي جاڳائيندڙ خواجه عبدالحي نقشبندي هو ۽ جن جو اڳواڻ خيرمحمد فقير هيسباڻي هو. عثمان فقير سانگي. رستم فقير لغاري، موهن فقير ۽ ٻيا هن طبقي مان هئا، جن جو ذڪر ڪتاب ڪافيون، جلد پهرئين ۾ اچي چڪو آهي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد نائون)
سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2010ع]

❑

# (75) رئيس مرحوم ضياءالدين ’بلبل‘ جي ياد ۾

جڏهن پوي ٿي ياد، صحبت سپيرين جي،
فريادون فرياد، ناگهه وجن نڪرئو.

اهي پيارا سڄڻ جيڪي لڏي چڙي ويا، پر پنهنجين مهربانين جون مهرون دل تي ثبت ڪري ويا، تن مان هڪ رئيس ضياءالدين ’ضياء‘ بلبل بہ هو. سندس والد رئيس شمس الدين ’بلبل‘ (1857-1919ع) پنهنجي دؤر جو وڏو اديب، تعليمي اڳواڻ، سياسي مفڪر، محب وطن، بيباڪ صحافي، فارسي ۽ سنڌيءَ جو قادرالڪلام شاعر هو. شاعريءَ ۾ سندس تخلص ’بلبل‘ هو، ميهڙ شهر جي هڪ معزز زميندار گهراڻي مان هو. رئيس شمس الدين بلبل جي نالي سان مشهور ٿيو. اُن ساڳي مناسبت سان، سندس فرزند ”رئيس ضياءالدين ضياء بلبل“ مشهور ٿيو.

رئيس شمس الدين بلبل هڪ سنڌ دوست سياسي اڳواڻ هو. وقف علي الاولاد ۽ دکن ايگريڪلچرل رليف ايڪٽ جهڙا قانون پاس ڪرائي سنڌ سان لاڳو ڪرايائين. جنهن مان بلبل جي دورانديشي ۽ سياسي بصيرت نمايان نظر اچي ٿي. بلبل جديد صحافت جو سرواڻ هو. سنڌي نثر ۽ نظم جو اڳواڻ هو. سنڌ جي بدلجندڙ سماج تي تنقيد ڪيائين ۽ پنهنجي ظرافت ۽ خوش طبعيءَ سان، ان وقت جي نون انگريزي پڙهيل فيشنئبل نوجوانن جو پنهنجي ڪلچر کان بيگانگي ڏانهن ڌيان ڇڪايائين تہ:

گهر کان نڪتا نيٽو نيچر، تاڪ ڌِنا ڌِن تاڪ ڌِنا،
سر تي ٽوپي هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌِنا ڌِن تاڪ ڌِنا،
سيٽي ۽ سگريٽ سدائين، گٽمٽ گٽمٽ وات ۾ وائي،
”يوسي“ ”آءِ سي“ مسٽر مسٽر، تاڪ ڌِنا ڌِن تاڪ ڌِنا.

ٻيو سندس طبعزاد موضوع ”تيرنهن چار، مڪرن جا مار“ هو، جيڪو اسين سنہ 1930ع ڌاري هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز جي لئبرري ۾ دلچسپيءَ سان پڙهندا هئاسون، ان ۾ ”وڪيلن جو چار“ ۽ ٻيا اهڙا تنقيدي موضوع آهن. خاص دلچسپ سندس تصنيف ڪيل ”ڪريما نيچرل“ هئي، جنهن ۾ شيخ سعدي جي ڪريما جي فارسي سٽن سان تنقيد طور سنڌي سٽون ملايل هيون:

پيارج ڪو اج ٻيرَ وسڪيءَ جو پا
ڪريما بہ بخشاي بر حالِ ما
ڪُتي پستڙي ڪي تون ڪج ڪُور ڪُور
نباشي ز گلزار فردوس دور.

سنڌس اهي شعر ڪن شاگردن کي ياد هوندا هئا. ان دؤر ۾ حيدرآباد مان مولوي نورمحمد نظاماڻيءَ جون هفتيوار اخبارون ”طيراً ابابيل“ ۽ ”مرغ فلڪ“ ۽ ميرپورخاص مان محمد هاشم مخلص جي اخبار ”مسلمان“، هندو اخبارن ۾ ڇپيل جملن جا مقابلا ڪندي ظريفانه شعر شايع ڪري رهيون هيون.

ڪاليج ۾ اچڻ بعد، رئيس ضياءالدين ضياء جو نانءُ اسان جي ڪن تي پيو، پر ملاقات ڪانه ٿي. 1949ع ۾ اعليٰ تعليم پوري ڪري آيس ته ٻئي سال لاڙڪاڻي وڃڻ جو اتفاق ٿيو. اُتي 24-22 آڪٽوبر 1950ع تي ڏهين آل سنڌي ادبي ڪانفرنس ٿيڻي هئي، جنهن ۾ مون ”سنڌ ٻوليءَ جي مختصر تاريخ“ جي عنوان سان مضمون پڙهيو. ان بعد ترڪي ٽوپي سان هڪ سهڻي صورت وارو اديب مون سان وڏي مرحبا سان مليو ۽ پنهنجو تعارف ڪرايائين. حافظ محمد احسن چنا ۽ ٻين کان معلوم ٿيو ته هو سنڌ جي مشهور شخصيت مرحوم شمس الدين بلبل جو فرزند ارجمند آهي. رئيس ضياءالدين ضياء بلبل ان وقت شايد پبلڪ پراسيڪيوٽر هو. ڇيائون ته هن مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه مان ايم.اي ۽ ايل.ايل.بي جون ڊگريون حاصل ڪيون آهن. انهن خوبين جي ڪري منهنجو ڌيانهنس گهڻو توجهه ٿيو، ڇاڪاڻ ته آءٌ به مسلم يونيورسٽي عليڳڙهه ۾ پڙهيو هئس. ان ڪانفرنس کان پوءِ رئيس ضياءالدين ضياء بلبل سان ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ پاڻ هميشه وڏي پيار سان ملندو هو.

ڪانفرنس ۾ منهنجو پڙهيل مضمون، پوءِ ”تحفة لاڙڪاڻه“ ۾ شايع ٿيو. ان بعد مئي مهيني 1958ع جي رسالي ”نئين زندگي“ ۾ رئيس الدين ضياء بلبل جو منهنجي باري ۾ لکيل مضمون (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) پڙهيم ۽ سندس دلنوازيءَ کي محسوس ڪندي نهايت خوشي ٿي جو منهنجي لاءِ وڏي شاباس ۽ آفرين وارا جملا لکيائين. آءٌ ڪانئس عمر ۾ ننڍو هئس، پر ان جي قطع نظر رئيس صاحب مون کي دل کولي داد ڏنو. اڄ مرحوم کي ياد ڪندي، پنهنجي مجتا طور، سندس مضمون ۾ آيل ڪي جملا نقل ڪريان ٿو (جيڪي اسان جي ادبي تاريخ جو سرمايو آهن). ڪانفرنس ۾ منهنجي پڙهيل مقالي بابت رئيس صاحب لکيو ته:

> ”اهو هو سنڌي زبان بابت مشهور مقالو جنهن سنڌي زبان جي اصل ۽ نسل واري پراڻي پر نه ختم ٿيندڙ بحث جي بحر ۾ جنب اڇلي. اهو مشهور مقالو ”تحفة لاڙڪاڻي“ جي سونهن ۽ سينگار ٿيو آهي. هيءُ پهريون دفعو هو جو دليلن ۽ انگن اکرن سان هڪ محقق اها ڳالهه چٽي ڪري ٻڌائي ته سنڌي زبان پاڻ هڪ مڪمل زبان آهي. تنهن تي ايراني، آريائي، سامي ٻولين جا اثرات پيا، پر جنهن کي سنسڪرت

جائي چوڻ غلط آهي. هن جي اثر هيٺ سنڌي ثقافت،
فنڪاري ۽ سگهڙائپ جو سر اوچو ٿيندو.“

سنه 1958ع ۾ چيل اهي جملا، منهنجي تعريف کان وڌيڪ مرحوم جي پنهنجي قابليت تي شاهد آهن. سندس هن مقالي بعد آءٌ دلي محبت ۽ نيازمنديءَ سان ساڻس ملندو رهيس. ان دؤر ۾ تحقيق جي سلسلي ۾ منهنجو دادو ضلعي ڏانهن اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. دادو شهر ۾ مرحوم شفيع محمد ميمڻ سان منهنجو ناتو هو، جو اسين جهوناڳڙهه ڪاليج ۾ گڏ پڙهيا هئاسون. سندس اوطاق ۽ آفيس، رئيس صاحب جي اوطاق ۽ آفيس سان لڳ هئا ۽ رئيس صاحب سان ملڻ جا موقعا ملندا رهيا.

مرحوم رئيس ضياءالدين ضياء بلبل کي ياد ڪندي محسوس ٿئي ٿو ته هو سيني وصفين سهڻو هو، شڪل صورت جو سهڻو، خوش ڪينڪار ۾ سهڻو هو، پنهنجي خوش گفتار ۾ سهڻو هو ۽ سندس ڪردار ۾ سهڻو هو.

[رسالو ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2010/4ع]

❑

# 76 سائين احمد ملاح، عاشقيءَ جي ميدان ۾

مولوي احمد ملاح مرحوم گذريل ويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. شاعرانه اعجاز طور سندس گهڻو ڪلام يادگار رهندو. ويهين صدي ڪان وٺي هر ملڪ ۾ اهڙن نظمن جو مان مرتبو وڌيو آهي، جيڪي سياسي نظرين کي اُڀارڻ يا سياسي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ چيا ويا. اهڙا نظم مزاحمتي شاعري جي عنوان سان مشهور آهن ۽ قابل قدر آهن، پر حقيقت ۾ سياسي ۽ سماجي مقصدن لاءِ نثر کي ئي وڌيڪ اثرائتي نموني ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. شاعريءَ جي شعور جو تعلق خارجي حالات ڪان وڌيڪ انسان جي اندروني احساسات سان آهي، جنهن ۾ محبت جو ميناج ۽ زبان جو ميناج سمايل آهن. شاعرانه شعور جي اظهار لاءِ احساسات جي نزاڪت ۽ الفاظ جي لطافت لازمي آهي.

مولوي احمد ملاح جي ڪلام کي ٻن ڀاڱن ۾ وراهي سگهجي ٿو: هڪ سياسي ۽ سماجي نوعيت وارا نظم ۽ ٻيا شاعرانه شعور مان اپريل غنائي رنگ وارا غزل، جيڪي سندس ديوان ۾ آهن. راقم اڳاٽو اهو ديوان ڳولي لڌو ۽ مرحوم مولوي محمد عمر جوڻيجي کي ان جي اشاعت لاءِ آماده ڪيو. هن وعدو پورو ڪيو ۽ پڻ ڇپيل ديوان کي مون ڏانهن منسوب ڪيو. مولوي صاحب جي شاعرانه عظمت ۽ مولوي محمد عمر جي محبت جي ڪري هي ديوان منهنجي مطالعي هيٺ رهيو آهي، هن وقت هي رهاڻ ان ديوان جي هڪ غزل جي هڪ شعر بابت آهي، غزل جو مطع آهي:

انهي ڪاڪل ڪنڍن پڳلن ڪِيسَ قابو ڪمندن سان
وڏيس في الحال ڦاهيءَ ۾ قريبي زلف ڦندن سان.

هن مطلع ۾ 'ڪاڪل ڪنڍن پڳلن' جي مشاهدي جي تعريف ڪري سگهجي ٿي، پر وڌيڪ معيار واري هن غزل جي هيٺين مصرع آهي:

اجان ارواح احمد جو، نه جهنم ڏي نه جنت ڏي
پنيا وارن جي پر پاسي بلاتو آهه بندن سان.

هن شعر ۾ **ارواح، پنيا** وار ۽ **بلاتو** اهي ٽيئي لفظ لغت ۽ معنيٰ جي لحاظ سان تحسين طلب آهن. **ارواحُ** عربي لفظ آهي ۽ روح جو جمع آهي. پر سنڌيءَ ۾ ان کي واحد ڪري ڪنيو ويو آهي، يعني ارواح معنيٰ روح؛ سنڌيءَ ۾ ارواح واحد ۽ ارواحَ ان جو جمع آهي. عربي لفظن کي پنهنجو ڪرڻ ۾ هڪ نوعيت اها آهي، جيڪا مشهور ۽ مجيل آهي مثلاً: اخبار، اسرار، افعال، اشراف، ارباب ۽ اسباب. اهي سڀ عربيءَ ۾ جمع آهن، پر سنڌيءَ ۾ عدد واحد جي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا. شاهه جي رسالي جي بيت ۾ به آهي ته "عشق جي اسباب کي، پر ۾ پچيائون" هت اسباب جي معنيٰ سبب ۽ سلسلو.

هيو لفظ **’پنيا‘** آهي، جيڪو (مرد يا عورت جي) وارن جي سونهن لاءِ صفت طور استعمال ٿئي ٿو يعني ڏاڙهي يا مٿي جي وارن مان ڪي لاڳيتا بينل وار جيڪي ڪارن بدران ڳڳا يا ڀاڙهيرڙا هجن. ديبل بندر جي ڪنڌرن تي پنيور نالو انهي ڪري پيو، جو ڪنهن وقت ان جا وسيع ڪنڌر (مٿان ڀاڙهن سرن جي پورڙن ۽ ٽڪرن جي ڀاڙهاڻ سببان) ڀاڙهيرڙا هئا. مرد جي ڏاڙهي جي وارن جي سهڻائي جي حوالي سان چئبو ’پنيو گهوٽ‘ (سهڻو گهوٽ). بعضي خوش طبعي ڪندي (ٽوڪ واري معنيٰ ۾ چئبو) ’واه ڙي پنيي ڏاڙهي!!‘ سهڻائي واري معنيٰ جي لحاظ سان چوڪريءَ جو نالوئي رکيائون پَنيي. ڏاڙهي توڙي سامهون سينڌ وارا ڳڳا پنيا وار سهڻا تا لڳن، انهيءَ ڪري مرد جو نالوئي رکيائون ڪڪو (يعني ڪڪن وارن وارو). سليمان خان عرف ڪڪو خان ٽالپورن جي شجري ۾ تاريخي شخصيت وارو آهي. جنهن ڍڳهه بالا جو قلعو ٻڌايو: سندس قبو بہ پريان آهي. پير ڪڪو ٽنڊي الهيار ضلعي ۾ مشهور آهي. بدين تعلقي ۾ ’مائي پنيي جتڻ‘ جو هر سال ميلو لڳندو آهي. پر پنيو لفظ اسم خاص طور عورت توڙي مرد لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ’مائي پنيو‘ جي نالي سان (اسان جي ڳوٺ ۾ توڙي ٻين ڳوٺن ۾) ڪيئي مايون ٿيون ۽ پڻ ڪيترائي مرد پنيو نالي ٿيا، جيئن تعلقي بدين ۾ ڳوٺ ’پنيو لغاري‘ ۽ تعلقي اوٻاوڙي ۾ ’ڄام پنيو‘ ڏهر (انگريزن جي دور ۾ نالي وارو ڄام ٿيو). ميرپور ساڪري طرف هڪ ڪلمتي بلوچ جو نالو ئي هو ’پنيا‘.

ٽيون لفظ آهي **’بِلاتو‘**، يعني ’بلائتو‘ يا بلي سان. ’بلو‘ اڳ لکيل، ڏنل، ورتل يا رکيل شيءِ يا ڪيل وعدي جي تصديق خاطر ايندو آهي. مثلاً ڪنهن پنج سؤ روپيا اڌارا ڏنا ۽ وقت گذرڻ بعد اچي گهرندو تہ قرضي چوندو تہ ’بلو ڏي‘. گهرندڙ چوندو تہ بلو اهو جو تو چيو تہ فلاڻي کي ڏيڻا آهن، جنهن ڪان مون اَن ورتو آهي. ٻيو مثال تہ مرد پنهنجي گهر واري کي ڪا شيءِ ڏيندو ۽ چوندو تہ بلائتي ڪري رکجانءِ، پوءِ اها خاتون ان شيءِ رکڻ لاءِ ڪو بلو سنڀالي رکندي ۽ چوندي تہ اتي ٿي رکان، جتي ڪالهہ فلاڻي شيءِ رکي اٿم. پوءِ انهيءَ بلي تي اها رکيل شيءِ آساني سان ڳولي لهندي. اهو ’بلو‘ اصل لفظ ’بل‘(بالواسطہ) آهي. يعني ڪنهن ٻي شيءِ جي حوالي سان انهيءَ لحاظ سان ’بلو‘ معنيٰ، واسطو، وسيلو، ذريعو، يا پڪو حيلو. شاهہ جي رسالي جو بيت آهي تہ:

ڪونهي ڪميڻيءَ، جو بگر تو بلو.

بگر يعني بغير ۽ بلو معنيٰ تہ توکان سواءِ ٻيو ڪو بلوئي ڪونهي، ڪو حيلو وسيلوئي ڪونهي.

شعر جا آخري لفظ آهن ’بندن سان‘، معنيٰ ٻنڌڻن سان. شاعر کي ٻنڌڻن (مضبوط رسن) يا نيرَن جا بند لڳل آهن. ’بند هڻڻ‘ خاص طرح وڏي مال (مينهن) کي ٻڌي قابو ڪرڻ يعني اهڙوپ بند جو نہ ڇڇي. اهڙي ڳنڍ جيڪا نہ کلي، اهڙو

ڪڙو جيڪو نہ پچي، يعني مضبوطي سان ٻڌڻ. اگ چوندا هئا تہ مينهن يا اُٺ ڪي فلاڻي ڪاٺڪو چور يا پاٿاريدار جو بند لڳل آهي ۽ مشڪل موٽي:

مطلب تہ اهي ٽيئي لفظ (ارواح، پنيا ۽ بلو) جن جو ذڪر ٿيو، سي سنڌي لغت ۾ وڏي معنيٰ وارا آهن؛ پر احمد ملاح اهي لفظ چوندي استعمال ڪونہ ڪيا آهن. اها سندس شاعرانہ شعور واري فطري ٻولي آهي جنهن ۾ نزاڪتن وارا الفاظ خود بخود سندس زبان تي چڙهي ويا آهن.

لغت جي انهن خوبين ڪانسواءِ، هن شعر جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ بہ عجب نُڪتو سمايل آهي، جيڪو شاعر جي پنهنجي مسلڪ جي غمازي ڪري ٿو. ٻيءَ سٽ ۾، هڪ تہ پهرينءَ سٽ واري صورتحال جو سبب ڄاڻايل آهي. يعني تہ احمد کي اجان پنهنجو اعمال نامو پيش نہ ڪرڻو آهي. ڇاڪاڻ جو هو قيد و بند ۾ قابو آهي، پر ان قيد و بند کي مجازي ماحول وارن استعارن ۾ بيان ڪيو اٿس تہ جيئن عاشقيءَ وارو مضمون بحال رهي، پر هو پاڻ ان ڪان پاسيرو آهي. هو پنين وارن واري ماحول ۾ تہ آهي، پر ويجهو نہ پر ڪجهہ پرڀرو آهي، جيتوڻيڪ انهن ئي پنين وارن جي بنڌڻن ۾ ٻڌل آهي. مطلب تہ عاشقن واري عام ڪردار ۾ هو نہ هن پاسي آهي تہ نہ هُن پاسي، پر بي نياز وچ وٽيو بيٺو آهي، جڻ ڪنهن ڳالهہ جو ڏٽي ئي ڪونهي، اهو انوکو خيال ٻئي ڪنهن شاعر جي ڪلام نہ ٿو ملي.

عاشقيءَ جي ميدان ۾ احمد ملاح جي همت ۽ جرات جو هڪ ٻيو مثال بہ ڏيئي سگهجي ٿو. گهڻو ڪري عاشق ويچارا بي پهچ ۽ بي حال آهن ۽ سندن واسطي محبوب جي منزل تائين پهچڻ محال آهي؛ انهيءَ ڪري ڪنڌن پاسن ۽ ڳڙڪن مان ليئا پيا پائين، تہ من ڪو ديدار نصيب ٿئي. احمد ملاح پنهنجي شاعرانہ شعور ۾ بہ پاڻ کي عام عاشقن واري گروهہ ڪان الڳ رکيو آهي. جيڪي چوڻو اٿس سو چئي وجي ٿو، پر پاڻ ڪنهن ڳالهہ جو ڏٽي ڪونهي. عاشق ويچارا پيا محبوب جي اچڻ وڃڻ وارين ڳلين مان لڪي لڪي ليا پائن، تہ من محبوب ڪنهن وقت نڪري ۽ ديدار ڪن. احمد صاحب ايڏي وڏي هلاڪيءَ ۾ ڪونہ ٿو پوي، هو بيحال عاشقن کي سهارو ڏيئي، وٺي وجي ٿو محبوب جي در تي بيهاري ۽ سندن روبرو کين سمجهائي تہ 'جي ملين تہ مل، نہ تہ بہ هنن بيحال دانهيندڙن کي ڪو دلاسو تہ ڏي!'

ڏي دلاسو دلربا، دانهين اچي در تي بيٺا
ڪي هِتان ڪن هاءِ، ڪي ڪن هاءِ هُن پرتي بيٺا!

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد نائون)
سنڌ ماٺڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2010ع]

❑

# (77) شاعر ثناءاللہ ثنائي جي ياد ۾

گذريل 20 صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري، ٻہ عالم شاعر مولوي احمد ملاح ۽ ثناءاللہ ثنائي، اخلاقي ۽ سماجي اوڻاين جا تنقيدنگار هئا. نثر ۾ اهو ڪردار محمد عثمان ڏيپلائي ادا ڪيو.

جيترو ياد آهي تہ سنہ 1930ع کان وٺي، ثنائي جا خوش طبعي وارا ظريفانہ شعر سنڌ ۾ مشهور هئا ۽ پڻ سندس عاشقانہ ڪافيون عام هيون. سندس زبان عوامي ۽ عام فهم هئي ۽ سندس گفتا وڻندڙ ۽ دلپذير هئا. سندس تنقيدي ۽ تفريحي شعر نوجوانن ۾ گهڻو مقبول هئا. هن شعر ناهيا ڪونہ تي، پر جڻ سندس زبان تي نهي تي آيا. ان دؤر ۾ اُتر سنڌ ۾ مولوي ثنائي تہ، لاڙ ۾ مولوي احمد ملاح عام مقبول شاعر هئا. شعر جي ڪسوٽي تي سندن ڪلام معياري هو. 1950ع ۾، ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" جي مقدمي ۾ مون لکيو تہ: ثناءاللہ ثنائي: "(آئون) ثنائي سان 1944ع ۾ جڏهن عليڳڙهہ ۾ پڙهندو هوس تڏهن آريجن ۾ مليو هوس ۽ گهڻو متاثر ٿيو هوس." ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" جي ڇپجڻ کان پوءِ هو پاڻ مون سان 1960ع ڌاري، بزرگ پير منل راشدي سان گڏجي، سنڌ يونيورسٽي ۾ ملڻ آيو. مهرباني ڪري هڪ رات مون وٽ رهيا ۽ وڏي رهاڻ ٿي. ان کان پوءِ 23 سيپٽمبر 1965ع تي صبوح جو سائين ثنائي ۽ سندس ننڍڙو پٽ عباداللہ (عمر 12 سال کن) آيا. هڪ ڏينهن ۽ رات مهمان ٿيا. رات جو سائين ثنائي سان وڏي رهاڻ ٿي.

معلوم ٿيو تہ اڳين ملاقات کان پوءِ هينيان ڪتاب منظوم ڪيا اٿس:

- شاهنامو شريف، پهريون حصو(ابراهيم خليل اللہ تائين) جيڪو ڇپجي ويو آهي. 9 حصا ٻيا بہ جوڙي ڇڏيا اٿس ۽ فتح مڪہ تي ختم ٿئي ٿو. ڪيس باقي هڪ حصو وڌيڪ منظوم ڪرڻ جو ارادو آهي.
- وهابي ۽ بدعتي جو مڪمل مناظرو پورو ڪري ڇڏيو اٿس.
- پيامِ صلح: مولوين جي وچ ۾ نفاق جي اصلاح لاءِ لکيو اٿس.
- حليما: ڪريما شيخ سعدي جي، رحيما شمس الدين بلبل جي ۽ حليما ثنائي جي.

پنهنجي هينين ڪافي ٻڌايائين جا چيائين تہ، پاڻ تندبوسائينداد ويو هو تہ اتي بزرگن بہ ٻڌي هئي.

ٿلهہ: ڪو ڪونہ اسان جان ڦاسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي
لُچ لوريءَ ۾ ليٽياسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي.

1- اڄ رات ڳڻيندي تارا، پريات ڦٽي وئي پيارا
سڪ سان گهڻي نہ ستاسي، هِن پاسي ۽ هن پاسي.

2- اڄ رات ٿئي ها جاني، هم خواب، سڄڻ لاثاني
هنڌ هوند ڪتوري واسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي

3- .......... ................ ................ .................
ٻيائي ٿي تہ مُناسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي

4- دلدار ثنائي ايندو، سو ڏينهن سڀُورو ٿيندو
ڪُل اهنج اڄلبا پاسي، هِن پاسي ۽ هُن پاسي.

اڄ (24-9-65) صبوح جو موڪلائي روانا ٿيا. شام جو آءٌ موٽيس تہ ڏٺم تہ هيٺيون شعر آگر سان جاءِ جي پٽ تي لکي ڇڏيو هئائين. تازو اسان سڪندر نالي هڪ بورچي رکيو هو. ان ۾ انهيءَ ڏانهن اشارو تہ:

نبي بخشيو علم جنهن کي کٽي، سندس بورچي ٻيو بٽي
ثنائي سندي يادگيري اها، اهو علم اعليٰ ٿيو بي بها.
...... ...... ...... ........... ............. ............ ............ ........

## ثنائيءَ جو منظوم خط:

پهرين پيري جڏهن مهرباني ڪري ملڻ آيو هو. تڏهن مون ڪيس تاڪيد ڪيو هو تہ پنهنجي شعر جو خزانو لکي گڏ ڪري تہ ڇپائجي. ان لاءِ خط ۾ پنهنجي مجبوري جو ذڪر ڪيو اٿس ۽ پڻ معاصرن جي بي قدري ۽ پنهنجي پريشان حالي ڏانهن اشارو ڏنو اٿس. افسوس اسان جا کهڙا نہ لائق ماڻهو ائين اسان کان جدا ٿي ويا!

اڳي آواز تنهنجو زلزلو هو، ستيندو ملڪ اندر غلغلو هو
اڳيون آواز سو وسري ويو ٿي، خبر ناهي تہ آخر ڇا ٿيو ٿي
زماني ڪانڪا ڪئي قدر داني، سبب جنهن جي فنا ٿي وئي جواني
نہ آ رستم ويو رهجي رخش پوڙهو، سجاڻي ڪير پوءِ گهوڙي جو دوڙو
بحمد الله پاڪستان آهي، ڦري ڦيرو ڦري اسباب ناهي
پڇاڙيءَ ۾ ملي من گاهہ داڻو.
وري جيئرو ٿئي شاعر پراڻو.
بخدمت علم جو علام اعليٰ، منور قلب جنهن جو بخت بالا
سجاڻي شاعرن جو شعر سارو، پروڙي ڪِلڪ وارو غير سارو
نبي بخشيو جهين کي هوش سالم، حڪومت سان حاڪم آهہ حاڪم
سلامن بعد هيءَ منهنجي دعا آ، ڏٽي جي در اها ئي التجا آ
ڏٽي بخشي اوهان کي عمر خضري، پوي ظلمات هن مان آب نڪري
حياتي بخش کي اشعار نڪرن
زماني کان نہ هڪڙي وقت وِسرن.

ونئي موڪل اسان ٽياسي روانا،    هئو رايو پسئو دانھ ديوانا
جي مرفوع القلم مجنون آهن،    دنيا ڪان دور ۽ مفتون آهن
ڪجي تن جي وجي ديدار بازي،    رضا ۾ بيوَسي جي رند راضي
مگر مون وقت رُلندي ۾ وڃايو،    نہ قدرت پو گڏو بندر گهمايو
چڙهي منجهہ ريل جي ٽياسي روانا،    ڏنا سي ڪيترائي ڪارخانا
اسر جي وقت ”سيتا روڊ“ آيو،    اسان هڪ شعر عبرت جو ٺهايو
اچي آخر لتاسي باقراڻي،    ملياسي پير سان ۽ پو پناڻي
بقائي پير هي درويش آهي،    حقيقي عشق ۾ دلريش آهي
پناڻن ۾ وڏيرو آهہ صوفي،    خدا وارو، نہ چاڻي فيلسوفي
انهيءَ سان پيي ڪيم هلندي ملاقات،    ٻڌايائين اڳين صوفين سندي بات
وٽس آ خير محمد جو خزانو،    پيو بيدل سندو پيي داستانو
اتي ڪي ديدڙن جا ٻول آهن،    نہ مصري شاهہ جا ڪي قول آهن
سچل جو يار بيدل همعصر آ،    زمانو ڳالھ هن ڪان بي خبر آ
ڏنم بيدل سندو آ شعر اعليٰ،    پڪائيءَ ۾ سچل ڪان سمجهہ بالا
اُتارڻ جو ڏنو آ تنهن دلاسو،    مگر ڪو وقت حاصل ٿِئي خلاصو
هينئر مون شهر پنهنجي ۾ رهان ٿو،    پراڻا شعر پيو ڳولي لهان ٿو
لکان ٿو پيو غزل ڪافيون ڏهاڙيون،    جني جي عشق جون آهن اُماڙيون
غزل مولود ڪافيون گڏ ڪيان ٿو،    صحت جو رنگ سيني ڪي ڏيان ٿو
جمع پيو ٿو ڪيان بالفعل يڪجا،    خلاصا جوڙبا پو باب برپا
جدا توحيد جا اشعار ٿيندا،    وري مولود تن ڪان ڌار ٿيندا
نصيحت جا ڪبا نروار جوڙي،    ظرافت جا خلاصا خوب ٿوڙي
مجازيءَ جا بہ بيحد باب بڻندا،    اٿم اميد ڪي ارباب سڻندا
ڪهاڻين ۽ قصن جا پيي جدا پو،    نہ خطبن جو آ حافظ خدا پو
مگر ماڻهو نہ ڪو اهڙو ملي ٿو،    رهي مان وٽ لکي منهنجي اڳيان جو
پڙهائڻ جو سين ڪي آهہ ڏنتو،    لکن پرپٺ نہ ٿيندو سخت سنتو
اسان جو آ سڄو دفتر پراڻو،    نہ غلطي سمجهندو ڪوئي سياڻو
وري منهنجا اکر آهن نہ اهڙا،    لکان ٿو پيو ڪيل تقدير جهڙا
گڏهہ ڏبرو تڪو توڙي نہ ٻوڙي،    پيو هلندو نہ موٽي ڪنڌ موڙي

اٿم اميد ٿيندا نيٺ صافي
خطا ڪاري ڪندا اشراف معافي.

لڏي ٿم شاهد محمد جي مدح سا،    مثل ان جي لکي مسڪين آ جا
مگر هي سوال پاڻي لاءِ آهي،    ڪيو مون عرض شاديءَ لاءِ آهي
وري مصرع سندس آهن نہ پورا،    سڄا قافيا ڇڏيل آهن اڌورا
نہ غلطي مور شاعر جي آ ڪائي،    مگر آ چوندڙن پلجي وڃائي

صحيح ڪي بند آهن چاريا پنج، نموني جي پسڻ لئي سمجهيا گنج
اها ڳولا ڪندي جي دست آئي، تہ لکندو ذوق سان سمجهي "ثنائي"
اڳين جي نانوَڪي ڪر جوان جاري، تہ تنهنجي نانوَ جي ٿئي يادگاري
پڻن جي نانوَ جو ڪر نانءُ بالا، تہ تنهنجي نانوَ جو ٿئي عز اعليٰ

"نام نيڪ رفتگان ضايع مکن
تا بماند نام نيڪت برقرار."

[ماهوار "السنڌ" اسلام آباد، 08-2007ع]

❑

# 78 شاعر رشيد احمد ساڪرائي

آڳاٽي دؤر ۾ سنڌ جي ٻين پاڳن وانگر ميرپورساڪري طرف به داناءُ، سمجهدار ۽ شاعر ٿي گذريا. سيد راڃن شاهه ٽالپورن جي آخري دؤر جو وڏو شاعر هو. اهڙيءَ طرح ان طرف عالم ۽ استاد ٿيا، جن مدرسن ۾ پڙهايو ۽ ديني تعليم ڏني، پوئين ويجهي دور ۾ مولوي محمد هاشم ڪٽي وڏو عالم فاضل هو. جنهن پاڻ مدرسن ۾ پڙهايو ۽ ڪيترائي فارغ- تحصيل شاگرد پيدا ڪيا. اندازاً سنہ 1290ھ ڌاري ٻه ڳوناٽا غريب ڪلمتي بلوچ ڇوڪرا جن سنڌن ڳوٺن ۾ قرآن شريف پورو ڪيو هو ۽ ڪجهه پڙهيو هو سي وڏي شوق مان وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا ڳوٺ ڇڏي نڪتا. انهن مان هڪ هو غلام محمد ولد محمد خان جيڪو ڪلمتي بلوچن جي ”ڳورڪئين“ قبيلي مان هو ۽ ٻيو هو ابوبڪر ولد محمد هارون جيڪو ڪلمتي بلوچن جي زنگياڻي قبيلي مان هو. هي ٻئي رفيق ٿي مولوي محمد هاشم ڪٽي وٽ پهتا، جنهن جو مدرسو ان وقت خشڪ بلوچن جي ڳوٺ جي پرسان تعلقي گهوڙا باڙي ۾ هو. اتي ڪجهه وقت پڙهيائون، پر مسڪيني حالت ۾ هئا ۽ ٻيو ته اتان سنڌن غريب مائٽ به ڪين وني وجي ڳوٺ ڪم ۾ لڳائيندا هئا. انهيءَ ڪري جڏهن ڪين ڏس پيو ته ضلعي لاڙڪاڻي، تعلقي قنبر جي ”ٺوڙهي مڪان“ ۾ حاجي ڪريمداد عرف الله رکيي معرفاڻي چانڊيي جو مدرسو آهي، جتي غريب طالب علمن کي ماني ۽ ڪپڙا به ملندا آهن، ته ٻئي رفيق کهي وجي اتي پهتا. ڪجهه وقت اتي رهي پوري تعليم حاصل ڪري، فارغ التحصل ٿي پنهنجن ڳوٺن ۾ پهتا، جتي پنهنجا مدرسا قائم ڪيائون. هڪ پاسي مولوي غلام محمد جو مدرسو هو ته ٻئي پاسي مولوي ابوبڪر جو. ٻئي پنهنجي دور جا مشهور استاد ٿيا ۽ پنهنجي اخوت ۽ رفاقت جي ڪري ملي متفق ٿي، پنهنجن علمي تعليمي ڪوشش کي اوج تي پهچايائون. مولوي حاجي ابوبڪر جي مدرسي ”اشاعة العلوم“ مان گهڻا شاگرد دستاربندي ڪري نڪتا. مولوي حاجي ابوبڪر 82 سالن جي عمر ۾ تاريخ 8 صفر سنہ 1367ھ ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس فرزند مولوي علي محمد جي ڪوشش سان مدرسو ڪجهه وقت قائم رهيو. پر سنڌي اسڪول کولڻ سان مدرسو ختم ٿي ويو.

مولوي غلام محمد جو مدرسو پنهنجي ڳوٺ ۾ هو، جيڪو هن وقت ڳوٺ عبدالله ولد حمزه خان جي نالي سان مشهور آهي. قرآن شريف، عربي ۽ فارسي جي تعليم هلندي هئي. بعضي لسبيلي ۽ مڪران جا مسافر طالب علم به مدرسي ۾ داخل ٿيندا هئا. رشيد احمد پڻ ان مدرسي ۾ پنهنجي والد وٽ تعليم

ورتي. پوءِ ڪراچي جي ڪڏي مدرسي ۾ ڪيس وڌيڪ تعليم لاءِ وهاريائون. اتي اتفاق اهڙوٿيو جو رشيد احمد اوچتو محبت جي دام ۾ ڦاسي پيو ۽ پڙهڻ ڇڏي ڏنائين، سندس والد ڪيس ڳوٺ وٺي آيو ۽ هو وري ڪراچي موٽي ويو، پر اهي ماٺهو اتي نہ ڏنائين. پوءِ انهيءَ فراق ۾ بيحال ٿي پيو ۽ هميشہ لاءِ نينهن جي نشي ۾ مست رهيو. والد جي وفات ڪان پوءِ سڀ سانگا پلي عشق جي چوٽ تي چڙهي اڳتي ويو. اتي ڪافيون بيت ناهڻ ۽ ڳائڻ سندس مشغلو ٿي ويو. يڪتاري دِلي تي گوڏو پيجي ڳائيندو هو. دِلو پاٽيءَ جو بہ پاسي ڪان رکيو هوندو هو. جوش ۾ پگهرجي ويندو هو تہ پاٽي پيئندي پيئندي گهڙو پورو ڪري ڇڏيندو هو. ڏهہ ٻارهن سال انهيءَ مستيءَ واري حالت ۾ رهيو ۽ شعر چوندو رهيو. سندس ڪي ڪافيون سنہ 1345-1346هہ جون هٿ جون لکيل آهن. ڪو وقت رشيد احمد ڪو آپريٽو سوسائٽين واري ڪاتي ۾ بہ ملازمت ڪئي. اندازاً 64-62 سالن جي عمر ۾ تاريخ 12 آگسٽ 1947ع تي وفات ڪيائين ۽ ملير لانڍي ۾ چڪري وارن گبول بلوچن جي مقام ۾ رکيل آهي.

رشيد احمد پنهنجي والد جي مدرسي ۾ پڙهيو هو ۽ فارسي ۽ عربي مان واقف هو، پاڻ پنهنجو ڪلام لکندو ويندو هو. سندس هٿ اکرين لکيل ڪي بنديون باقي بچيل آهن، جن تي ڪٿي پنهنجو نالو ”رشيد ساڪرائي ڪلمتي مجذوبي بي حال و مقال“ ڪري لکيو اٿس، ائين بہ ڪٿي ڄاڻايائين تہ: ”رشيد احمد ڪلمتي نہ ڪو ڏسي وزن نہ قافيا، عشق جي لهر جي لپيٽ ۾ مجذوبي حالت ۾ ٺهيون ڏنيون اٿس.“

رشيد احمد جو پنهنجو هٿ لکيل ڪلام بہ ڪٿي هڪ جاءِ گڏ ٿيل ڪونہ هو، گذريل ڇئن سالن کن ۾ مولوي علي محمد صاحب زنگياڻي ڪلمتي ساڪن متصل ٻَرُوسَر ڪالوني، شهر غلام الله (جيڪو مرحوم مولوي حاجي ابوبڪر جو فرزند آهي، جيڪو رشيد احمد جي والد مولوي غلام محمد جو هم رفيق هو) ڪوشش وٺي رشيد احمد جو باقي بچيل ڪلام سندس ڀاءُ محمد قاسم ۽ پڻ محمد لقمان ۽ ٻين ڪان هٿ ڪري اُتاريو تہ جيئن ڪو ان ڪي ڇپائي پڌرو ڪري. مولوي علي محمد صاحب پاڻ رشيد احمد ڪي ڏٺو هو. سندس لکڻ موجب: ”رشيد احمد تمام ذهين ۽ خوش رو هو. پري ڪان ڪِلندو ڏسڻ ۾ ايندو هو. قدقامت پورو پنو، مُنهن ۾ ماتا جا ميساريل سيارا، ڪاڏي هينيان سندس چاهِ ذقن غب غب نمايان نظر ايندو هو ۽ جڏهن ڪلام چوندي پگهرجي ويندو تہ پگهر ان جي چوٽيءَ مان ڦڙو ڦڙو ٿي ٽِمندو هو.“

رشيد احمد جي باقي بچيل ڪلام ۾ جيڪو مولوي علي محمد صاحب سهيڙي لکيو آهي، ان ۾ بيت، ڪافيون، ٽيهہ اکريون، ٽيهہ راتيون ۽ مختلف عنوانن تي بيت شامل آهن. سندس گهڻو سجو ڪلام سنڌي ۾ آهي، پر سرائڪي ۾ بہ ڪي ڪافيون چيائين ۽ اردو ۾ پڻ غزل تصنيف ڪيائين. ڪٿي

ڪجهہ پارسي نظم جي بہ مشق ڪيائين. اهو ڪلام سادو آهي۽ پاڻ پنهنجي باري ۾ فيصلو ڏيئي ڇڏيو هئائين تہ ”رشيد احمد ڪلمتي نہ ڪو ڏسي وزن نہ قافيا“ ۽ سندس چيل ڪلام جي جدا جدا جنسن مان ڪي چوند نمونا جيڪي قافيا ۽ وزن ۾ ڪنهن حد تائين پورا آهن سي هيٺ ڏجن ٿا:

سندس هڪ فارسي غزل جي مصرع آهي تہ:

**من نمي گويم رشيدام، بل زر خريدام نزد تو**
**حرف چيدم چونکه ديدم، چرا دل فگاري مي کُني**

ٻئي هڪ فارسي غزل جو مطلع آهي تہ:

*اے صبا امروز من در ملکہ جاناں می روم*
*شهسوارم برسرِ شهرِ پرستان می روم*

اردو ۾ چيل غزلن مان ڪن جا مطلعا هن طرح آهن:

*صبا بتا ہے کس کی آوت جو لوگ رستے بنا رہے ہیں*
*یہاں کسی کا گذر بھی ہوگا جو فرش مخمل بچھار رہے ہیں*

❋

*کیا کہوں تقدیر پر کہنے کی کچھ طاقت نہیں*
*درد فرقت میں حکیموں کی کوئی حاجت نہیں*

❋

*جلوہ گر معشوق ہے پھر مست اس پر کیوں نہ ہوں*
*عشق گر محبوب ہے، پھر مست اُس پر کیوں نہ ہوں۔*

غزل سنڌي

ڏٺم ديد دلبر جو اِلا قَليلاً
وري پيو وڇوڙو بہ هِجراً جميلاً

پير پسيجي ساه ارض و سما ۾
ڪيو دَور دنيا ڪثيباً مَهيلا

حڪم سان چيو يار يڪدم ڏيڄاري
سَنُلقي عَليڪَ قولاً ثقيلا

برهہ باهہ ٻاري، جسم جيءَ جلايو
زَلالي پياريو پرين زنجبيلا

روئي رشيد احمد ڪري درد دانهون
ڇُڪي ويا غريب الوطن جا وسيلا.

ٻئي هڪ غزل جو ٽلهه ته:

عشق ۾ شل ڪوئي گرفتار نه ٿئي
نه ڪو محبوب ڪنهن جو ستمگار نه ٿئي.

ڪافي

ٽلهه: لائي سانگ سڄڻ لاچار ڪَيئي
پائي پيچ پرين ڏاڍو پيار ڪيئي

تنهنجي قرب مون کي آهي قيد ڪيو
وسري وطن مون کي يار ويو
پرديس پرين ڏاڍو پيچ پيو
اهڙو اڙانگو آزار ڪيئي.

تنهنجي سانگ لڳي هي حال ڪيم
پرديس رهي گهر گام ڇڏيم
ناتي نينهن سندي نروار ڪيم
مونکي ديس پنهنجي ڪان ڌار ڪيئي.

[ماهوار ”نئين زندگي“ حيدرآباد، سيپٽمبر- آڪٽوبر 1992ع]

❑

## (79) شاعر گلو مياڻو

گل محمد پٽ خان پٽ توڳاچي پٽ تماچي مياڻو، مياڻن جي ڳوٺ ٺُٺ جو، لڳ جھُن، تعلقو ڏيپلو، پنھنجي وقت جو مشھور عوامي شاعر ھو. بيتن ۾ پنھنجو نالو ’گلو‘ ڪري آنڌائين ۽ انھيءَ نالي سان مشھور ٿيو. سنہ 1956ع ۾ وفات ڪيائين. سندس بيان ۽ سندس ڪجھ بيت لوڪ ادب جي ڪتاب ’بيت‘ ۾ آندا ويا، جيڪو سنہ 1971ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ تحقيق ڪندي سندس ٻيا بيت مليا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا☆. گلو جا بيت ’عام سنڌي بيت‘ جي صنف ۾ اھميت وارا آھن، جو انھن ۾ پنھنجي انوکي اسلوب سان گڏ سنڌ جي ڏکڻ- اڀرندي واري لاڙ ۽ ڏيپلي تعلقي واري ياڳي جي ٻولي جا الفاظ ۽ اصطلاح آندل آھن. بيتن ۾ گلو رڳو ڳالھہ نہ ڪئي آھي، پر سمجھ ۽ سلوڪ جا اھڃاڻ بہ ڏنا آھن. اُٺ، ھرڻ بابت چيل بيت، ماڻھوءَ جي جواني واري بيخبري ۽ موڳائيءَ جا مثال آھن. ڀھراڙيءَ جو اٽپڙھيل شاعر ھو، پر مڇ ۽ مورڙي بابت پھرئين بيت ۾ جيڪي قافيا آندل آھن، تن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت تائين اجان، سنڌ ۾ ’صحبتي علم‘ (جيڪو چڱي صحبت مان حاصل ٿئي) جو وڏو معيار ھو، اتي سندن پنھنجي ڳوٺ ۾ ندو مياڻو بہ سگھڙ ھو، جنھن مِينھن ايندو ڏسي بيت جي پھرين سِٽ چئي ۽ پوءِ گلوءَ کي چيو تہ ٻي تون چئہ.

ندو: واءُ لڳو، وس ٿي، آيو مِينھن متا
گلو: ڪڪرن ڪارون ڪيون، ڪري جوڙ جتا

**• مڇ ۽ ملاح:**

1- ساراھيان صاحب ڪي، جنھن سان حُج نہ حماتون
ملاح چام مورڙا ھٿا ستئي سوغاتون....!

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رھاڻ هيرن کاڻ“ (جلد پنجون) سنڌي ساھت گھر حيدرآباد، 2003ع]

❑

☆ 8 تاريخ سيپٽمبر 1983ع ۾ وڌيڪ احوال لاءِ مياڻن جي ڳوٺ ويس تہ معلوم ٿيو تہ گل محمد وارا چار پائر ھٿا ۽ گل محمد کي ھڪ پٽ علي محمد نالي ٿيو، جنھن جو پٽ احمد، جيڪو 1971ع ۾ گذاري ويو.

## (80) شاهہ عنايت رضوي ۽ شاهہ عبداللطيف [ڀٽائي]

ڀٽائي صاحب جي همعصر شاعرن مان شاهہ عنايت رضوي جو درجو مٿاهون آهي، ڇاڪاڻ تہ شاهہ عنايت نہ صرف درويش ۽ وڏو شاعر هو؛ مگر ڀٽائي صاحب کان عمر ۾ وڏو ۽ جهان ديده بزرگ هو، جنهن جي صحبت جو ڀٽائي صاحب جي فڪر توڙي شاعريءَ تي ڪافي اثر پيو.

شاهہ عنايت جي حياتيءَ جو بيان اجا تحقيق طلب آهي. تحفة الڪرام ۾ ايترو ڄاڻايل آهي تہ: ”عنايت الله شاهہ سيد نصيرالدين بکريءَ جو فرزند هو. سندن رضوي سيدن جو خاندان اصل بکر جو رهاڪو هو، مگر پوءِ لڏي اچي نصرپور ۾ وينا. عنايت الله شاهہ جو مقبرو نصرپور کان اُتر اولهہ لکمير ديهہ ۾ موسي آهيراڻي جي قبرستان ۾ آهي.“

خاص هن مضمون لاءِ بنده جي مختصر تحقيق سان جو وڌيڪ احوال معلوم ٿيو آهي سوهيءُ تہ: شاهہ عنايت جي ڏاڏي جي نالو شاهہ اسماعيل هو يعني عنايت الله شاهہ بن سيد نصيرالدين بن شاهہ اسماعيل. شاهہ عنايت کي پنج پٽ ٿيا: عبدالمعالي، بلاول شاهہ ۽ پير شاهہ ۽ بہ ٻيا. عبدالمعالي سيني ۾ وڏو ۽ پير شاهہ سيني ۾ ننڍو هو، انهن ٽنهي جو اولاد موجود آهي. شاهہ عبدالمعالي جي اولاد وٽ شاهہ عنايت جا چار ٿول: عصا، وٽو، حمائل ۽ ترار موجود هئا ۽ شايد اجا تائين هجن.

شاهہ عنايت جي رسالي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هي بزرگ ملتان وارن مخدومن سڳورن جو مريد هو، جيئن تہ ”سر ڏناسري“ ۾ غوث بهاءُالدين، صدرالدين، ڀاون شاهہ، ضياءُالدين، قائم الدين بن ڀاون شاهہ جي مدح ڪئي اٿس. هڪ بيت ۾ چوي ٿو تہ:

”مل ملتاني پير کي نوڙي نائي ڪنڌ.“

ٻئي بيت ۾ چوي ٿو تہ:

شيخان سونهن بهاءُالدين بنيان نور رسول

سنڌ ۾ هو قلندر شهباز جو بہ معتقد هو، جيئن تہ هڪ بيت ۾ چوي ٿو تہ:

”لعل شهباز قلندر مروندي موچار.“

ازانسواءِ نصرپور لڳ پنهنجي پاڙيسري درويش شيخ موسيٰ آهيراڻي ڪونئريجو جو سنڌ جي آڳاٽي نصرپور واري درياءَ سانگري جي ڪپ تي مدفون

هو*، انهيءَ سان بہ عقيدت هيس، جو وفات بعد پاڻ ڪي شيخ موسيٰ جي قبرستان (ٺٽي الهيار جي نزديڪ) ۾ رکايائين، جتي سندس مقبرو اڄ ڏينهن تائين زيارتگاھ عام و خاص آهي. پنهنجي وقت ۾ شاھ عنايت جو درويشيءَ ۾ جو بلند درجو هو، تنهن تي سندس هڪ مريد جو هي بيت شاهد آهي تہ:

سر سپر ساڱرو، جتي سخي شاھ عنات
جو اولاد عليءَ جو، ڪيس نبيءَ نوازات
عارفن ۾ انهيءَ جئن علي شاھ عرفات
جُنيو تِت جهاز تي، جت گهاٽئين پُني نہ گهات
قاري ڪاتب وات، ڪلمو جنهن ڪمائيو.

جيتوڻيڪ شاھ عنايت پاڻ ملتان وارن بزرگن جو معتقد هو ۽ انهيءَ ڪري غالباً سندس طريقو سهروردي هجي، مگر سندس والد شاھ نصيرالدين، شاھ خيرالدين سڪر واري جو قادري طريقي ۾ خليفو هو ۽ انهيءَ نڪتہءِ نظر کان شاھ عنايت جي خاندان جو بہ ساڳيو قادري مسلڪ هو، جيڪو شاھ عبداللطيف جي خاندان جو هو. انهيءَ تصوف جي رشتہ جي علاوه شاھ عنايت، شاھ عبداللطيف جو وڏو معاصر ۽ درويش هو، جنهنڪري ڀٽائي صاحب جهڙي طالب حق جي ساڻس صحبت ۽ محبت لازمي هئي، چنانچہ شاھ عنايت ۽ ڀٽائي صاحب جون هڪ ٻئي سان ملاقاتيون ۽ مجلسون رهنديون هيون ۽ ”شاھ صاحب ڪيترائي دفعا نصرپور ۾ آيو“ (لطف اللطيف) چون ٿا تہ ڏهيسر ذات جي هڪ زميندار شاھ عنايت جي بي ادبي ڪئي، جنهن تي ڀٽائي صاحب ڪيس تنبيھ ڪئي ۽ فرمايو تہ ”سيد عنايت خدا وارو درويش آهي، ان سان هر حالت ۾ نيڪي ڪرڻ گهرجي“ نہ فقط ايترو پر ڀٽائي صاحب ان زميندار جي روش سبب آخر ڪانئس منهن موڙي ڇڏيو ۽ آخرڪار انهيءَ زميندار وارو ڳوٺ ويران ٿي ويو. (لطف اللطيف).

هن مان ظاهر آهي تہ ڀٽائي صاحب کي هن پاڻ کان وڏي بزرگ ۽ درويش لاءِ محبت ۽ عزت هئي. ازانسواءِ شاھ عنايت هڪ اعليٰ درجي جو شاعر هو، جنهنڪري ڀٽائي صاحب لاءِ سندس صحبت عين غنيمت هئي.

حقيقت هي آهي تہ شاھ عبدالڪريم بعد اهو شستہ ۽ پختہ سنڌي شعر جنهن جو نظير ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ ئي ملي ٿو، انهيءَ جو سهرو شاھ

---

* جيئن تہ يوسف جي هڪ بيت ۾ آهي تہ:

سر سپر سرهو ساڱرو، جنهن جي لهر سيڪا لعل
وڃي نوبت نيڪ جي ”جوسب“ چوي حال
جي آيا سي اگهيا ڪونئريجي ڪتال
ڪرهو پلائي پال، پير پرچو پاڻ.

عنايت جي سرتي آهي. شاهه عنايت جي رسالي جي مطالعي مان* ڏسجي ٿو تہ شاهہ عنايت سچن 19 سرن ۾ ڪلام چيو آهي، جنهن جو مثال ڪائنس اڳ جي ڪنهن بہ شاعر ۾ نٿو ملي. ازانسواءِ شاهہ عنايت شايد سنڌ جو پهريون شاعر هو، جنهن شاعرانہ ذوق کي وڏي بلند پيماني تي فروغ ڏنو. هن بزرگ جڻ هڪ شاعرانہ سنگت جو بنياد وڌو ۽ سندس بيتن پران سندس معتقد شاعرن بيت چيا ۽ بعضي پاڻ ٻين جي بيتن جي پران بيت چيائين. سندس رسالہ جي مطالعہ مان شاهہ عنايت، قطب، بلال، شريف، يوسف ۽ رنگريز جا بيت هڪ ٻئي پران چيل ملن ٿا. جي اهي سڀ بزرگ همعصر هئا، تہ چئبو تہ شاهہ عنايت جي چوڌگرد سالڪن ۽ شاعرن جي چوياري هئي، جن جي شاعرانہ مذاق ۽ مناظري جوان وقت پري پري چرچو هوندو.

شاهہ عنايت جي بزرگ شخصيت ۽ سندس پيدا ڪيل هن سالڪانه ۽ شاعرانہ سنگت جو جيڪو اثر نئين نڪرندڙ نوجوان پاڙيسري عارف، شاعر شاهہ عبداللطيف تي پيو هوندو سو يقيني گهرو ۽ گهاٽو هوندو. ڀٽائي صاحب جون شاهہ عنايت سان ملاقاتون ۽ صحبتون انهيءَ جي ساک ڀرين ٿيون ۽ ازان سواءِ شاهہ جو رسالو خواه شاهہ عنايت جو رسالو ٻئي انهيءَ حيثيت تي پڌرا شاهد آهن. شاهہ عنايت جي رسالي ۾ ڪيترائي اهڙا بيت موجود آهن، جي شاهہ جي رسالي جي نسخن ۾ ڏنل آهن ۽ گمان غالب آهي تہ انهن ۾ ڪي بالڪل شاهہ عنايت جا هجن ۽ ڀٽائي صاحب جن ڪي خاص موقعن تي پڙهيا هجن. ازان سواءِ خود ڀٽائي صاحب جي رسالي (بمبئي نسخو) ۾ تقريباً 14 بيت ۽ هڪ وائي "عنات" جي نالي سان موجود آهن جي شاهہ عنايت جا آهن ۽ سندس رسالي ۾ بہ قلمبند ٿيل آهن. چئي سگهجي ٿو تہ:

شاهہ عنايت جا اهي بيت ڀٽائي صاحب کي بہ پسند هئا ۽ پاڻ پڙهندا هئا ۽ انهيءَ ڪري سندن رسالہ ۾ قلمبند ڪيا ويا آهن ۽ انهن ٻين مان ڪن جي پران ڀٽائي صاحب پنهنجا بيت چيا آهن، جنهن مان ظاهر آهي تہ شاهہ عنايت جهڙي بزرگ ۽ عمر رسيده شاعر جا اهي بيت ڀٽائي صاحب جڻ نموني طور ڪري ورتا. رسالي کان سواءِ سنڌ جي عام مشهور روايتن ۾ شاهہ عنايت ۽ ڀٽائي صاحب جا هڪ ٻئي پران توڙي هڪ ٻئي سان تبادلہ خيالات ۾ چيل ڪافي بيت ملن ٿا. انهن مڙني ڳالهين کي مدِنظر رکندي چئي سگهجي ٿو تہ سلوڪ توڙي شاعريءَ ۾ ڀٽائي صاحب هِن پاڻ کان وڏي عمر رسيده درويش ۽ شاعر کان گهڻو ڪجهہ پرايو.

همعصرن جو هڪ ٻئي تي خاص طرح گهرو اثر پوي ٿو، جيڪڏهن انهن جا پاڻ ۾ خوشگوار تعلقات، هڪ ٻئي سان محبت ۽ ڳاهي بگاهي ارادتاً

---

* هي قلمي رسالو شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽہ صاحب جي مهربانيءَ سان مطالع هيٺ آيو.

پاڻ ۾ سندن تبادلهءِ خيالات جا موقعا پيدا ٿين ٿا. شاهه عنايت ۽ ڀٽائي صاحب جا هڪ ٻئي سان نهايت ئي چڱا تعلقات هئا، بلڪ ڀٽائي صاحب جي شاهه عنايت سان جا محبت هئي؛ انهيءَ جو مثال ڏهيسر زميندار واري حڪايت مان ملي ٿو، جنهن جو اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي. ازانسواءِ شاهه عنايت ۽ ڀٽائي صاحب جون هڪ ٻئي سان مسلسل ملاقاتون ۽ مجلسون ٿينديون رهيون ۽ جنهن ۾ هڪ ٻئي جي عارفانه نظر توڙي شاعرانه شعور جي پروڙڻ جي ڪوشش ڪيائون. حڪايت مشهور آهي ته شاهه عنايت مارئيءَ کي ترجيح ڏيندو هو ۽ سسئي جي باري ۾ چوندو هو ته: ”جيڪا ستر ڇڏي جهنگن ۾ ڪاهي پئي، تنهن کي ڪهڙو ساراهبو.“

اها خبر جڏهن ڀٽائي صاحب کي پئي تڏهن ”تمر فقير“ کي چيائين ته: شاهه عنايت وٽ هلنداسين ۽ جڏهن اسين پاڻ ۾ گڏجون، تڏهن تون اسان جو فلاڻو بيت ۽ پنهنجا فلاڻا بيت پڙهجانءِ. چون ٿا ته ملاقات جي موقعي تي جيئن شاهه عنايت ۽ ڀٽائي صاحب گڏيا ته ”تمر فقير“ اول ڀٽائي صاحب جو هي بيت پڙهيو ته:

ڪڙهي ۽ ڪڙي، پرپٽ پير پنهون جا
سڪ ٻڌائين سندرو جانب ڪاڻ جڙي
لڪن منجهه لطيف چئي، جهيڙي ۽ جهڙي
پٽي تان نه پڙي، جي عمر سڀ اُنن ڪري.

ان بعد پنهنجا بيت ڏنائين ته:

1- ٿي پيادي پٽ ۾ جتن ڪارڻ جوءِ
ڪي هلي، ڪي هٿ ڪٽي، ڪي رڙهي، ڪي روءِ
طالب ڪي ”تمر“ چئي، ڏس ڏيرن جو پوءِ
ڪيچان اوري ڪوءِ، ڪجئين غور غريب جو.

2- ڪجئين غور غريب جو موٽي مان ميان
سسي ساه ڏيان، پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾.

اتي شاهه عنايت ٻڌي چيو ته: ادا سسئي ته ڪا سوئن مان سسئي هئي. مون کي معاف ڪجو، هاڻي اجازت ڏيو ته آءٌ به سسئي ڳايان. پوءِ ڀٽائي صاحب وري شاهه عنايت کان مارئي نسبت ڪي پڇيو ۽ مارئي کي وڏيڪ ڳايو. ياڻئجي ائين ٿو ته هنن بزرگن شايد هن موقعي تي هڪ ٻئي کي جڻ انهن سرن ۾ مهارت ڏيئي ڇڏي، چو ته سندن ڪلام مان ڏسجي ٿو شاهه عنايت جي سڄي ڪلام ۾ سندس سر سسئي اُتم آهي. ايترو جو خود ڀٽائي صاحب به انهيءَ مان ڪن بيتن جي پران پنهنجا بيت چيا آهن. ٻئي طرف وري ڀٽائي صاحب پنهنجي رسالي ۾، سرمارئي ۾ ئي سنڌي زندگي ۽ سنڌ جي جذبات ۽ احساسات جو روح پيش ڪيو آهي.

متئين حڪايت جي علاوه ٻين ڪيترن ئي عنوانن ۽ سالڪاڻ نڪات تي شاهه عنايت ۽ ڀِٽائي صاحب جي وچ ۾ روبرو ملاقاتن ۽ صحبتن يا غائباڻ پيغامن ذريعي تبادلہ خيالات جا موقعا پيدا ٿيا آهن. انهن موقعن تي گهڻو ڪري ڀِٽائي صاحب شاهه عنايت جي خيالات کان وک وڌائي رکي آهي، مگر هر عنوان ۽ معنيٰ ۾ اوائلي راءِ ۽ خيال شاهه عنايت جو آهي ۽ الفضل للمتقدم يعني تہ جس انهيءَ کي جنهن اول ڳالهه ڪئي.

(1) عام حڪايت موجب شاهه عنايت ڏانهن ڪنهن موقعي جو بيت منسوب آهي تہ:

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
تو ڀانيو ساڻيهہ، سو ٿئي مانجهاندي جو ماڳ.
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ لهي.

انهيءَ جي جواب ۾ ڀِٽائي صاحب فرمايو تہ:

تن تسبيح من مڻيو دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن
قل هو الله احد، الله اهو راڳ رڳن
ستي او سونهن، ننڊ عبادت جن جي.

(2) سسئي جي سرمان شاهه عنايت بيت چيو تہ:

سره گڏبئي سسئي، ٻاروچا ٻئي
طرح پڇنڊءِ تڪڙي، سوڙهيءَ منجهه مهي
آڻي ڏينڊءِ هٿ ۾ ڪتابت کهي
پنهنجي پاڻ هٿن سان وانچنديںءَ وهي
سمر جن سهي، تن ڪونهي اهک عنايت چئي.

انهيءَ جي جواب ۾ ڀِٽائي صاحب بہ بيت چيا تہ:

جبل ۾ جانار، سره گڏبئي سسئي
پنيءَ پونءِ پورا تي، ٻانيڻ جي ٻاڪار
هوتاڻي هيڪار، مولي مون کي ميڙئين.

پر سسئي کي اميد جو پاڳو ڏيکاري چياءِ تہ:

سمر جني نہ ساڻ، آهي هوت حماتي تن جو
ڪري ڇيڇ ڇپر ۾، پنهون ايندءِ پاڻ
ٿيندي روح رهاڻ، لحظي منجهه لطيف چئي.

(3) شاهه عنايت چيو تہ:

زرخريد جتن جي، هي گولي ٻندي آه
آجپڻ عنايت چئي هٿ آرياڻي آه
سو مون سڏ سهاءِ، جئن ٻانهي ڪوٺين ٻاجهه سين.

ڀٽائي صاحب هن ڳالهه جي تصديق ڪئي ته بيشڪ:

ڪنيزڪ ڪيچين جي، ٻانهي ٻانهوٽي
ٻئي ٻاروچ هٿ ۾، چڱن سين چوٽي
مُنيءَ ڪي موٽي، پاڻهي پچندو پٻ ۾.

(4) وري مارئي جي سر ۾ شاهه عنايت چيو ته:

نڪو خبر خواب، نڪو اوٺي آئيو
هُتيجن هِتيجن ڏي مُڪو ڪونه جواب
هميرن حساب، ڪه ڄاڻان ڪهڙو ٿيو.

انهيءَ جي جواب ۾ ڀٽائي صاحب چيو ته:

اُتان اوٺي آئيو، خبر اي ڪري
ته وسارج م ور ڪي، پئج منڌ مري
ويندينءَ هُت وري، ڪو دم آهين ڪوٽ ۾.

(5) ڪنهن موقعي تي شاهه عنايت چيو ته:

پرت پچارا جن جا، ڪوري موچي پير
اهڪيءَ منجهه عنايت چئي، سي ڪيئن لنگهنداسير؟

جنهن جو جواب ڀٽائي صاحب ڏنو ته:

ذات نه آهي ذات، جو وهي سو لهي
آريون اٻوجهن جون، سپڙ جام سهي
جو وٽس رات رهي، سو مان لهي منگتو.

جئن ٻئي هڪ بيت ۾ فرمايائين ته:

ڪانه پڇي تو ذات، جي آيا سي اگهيا.

(6) هڪ موقعي تي شاهه عنايت چيو ته:

هوءَ جي رڱ رڱين، سي ڪتي ڪنپ ڪٽي ويا
اتاهون آڻين، ماڻهو ميرا ڪپڙا.

جنهن جي جواب ۾ ڀٽائي صاحب فرمايو ته:

اجان ئي آهين، هوندا ڪلجگ تائين ڪاپڙي
پلا لائي لطيف چئي، لاڳ چڱي لائين
تا نيت مطابق نين، ماڻهو ميرا ڪپڙا.

(7) ٻئي هڪ موقعي تي شاهه عنايت پنهنجي ڪنهن بيت ۾ چيو ته:

طمع رک م تڻ، آسر رک نه ان ۾

جنهن تي ڀٽائي صاحب چيو ته:

طمع رک م تڻ، نه آسر لاهج ان مان.

(8) رامڪليءَ جي سر ۾ شاهه عنايت تنقيد ڪندي چيو ته:

جتي ناٽ نڌ، ات نہ ڳوليو جوڳئين
ڪويساها ڪاپڙي، پريا پراهين پنڌ
هو هوت انهيءَ هنڌ، هو هنهئين ٿي هنگلاج ويا.

پٽائي صاحب جواب ڏنو تہ:

جتي ناٽ نڌ، ات بہ ڳوليو جوڳئين
سويساها ڪاپڙي پريا پراهين پنڌ
هو هوت انهيءَ ئي هنڌ، پر هنن مليو هنگلاج ۾.

مٿئين بيتن جون اهي روايتون، جن مان ڪري ڪي ضعيف بہ هجن، شاهہ عنايت ۽ پٽائي صاحب جي وچ ۾ هن سالڪانہ تبادلہ خيالات جي ساک پرين ٿيون. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ پٽائي جهڙي بحربي پايان هر مسئلي تي پنهنجي جواب ۾ ڪونہ ڪو نئون نقطہ پيدا ڪيو آهي ۽ جڻ شاهہ عنايت جهڙي بزرگ کي بہ ويهي نئين وات ڏيکاري آهي، مگر انهيءَ سان گڏ هن حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ عنوان تي فڪر جي ابتدا شاهہ عنايت ڪئي آهي.

هن پهلو تي وڌيڪ غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ پٽائي صاحب وٽ شاهہ عنايت جو شاعرانہ معيار بالڪل مسلم آهي. چو تہ خود رسالہ مان ظاهر آهي تہ پٽائي صاحب گاهي بگاهي پنهنجي بيتن ۾ شاهہ عنايت جا انوکا خيال ۽ معنائون توڙي لفظي بندشون ۽ اصطلاح استعمال ڪيا آهن. مثلاً شاهہ عنايت سسئي جي سر ۾ چوي ٿو تہ:

ڪٺ، ڪهو، نم، نيٺ، نڙ، جت ورک وسيهڙ ويڙ
اونها ڪن عنايت چئي، پون پوار ۽ پيڙ
سا منڌ مين ڪي ميڙ- جا واقف نہ وٽڪار جي.

پٽائي صاحب انهي ساڳئي بندش "واقف نہ وٽڪار جي" جي سان جڻ ڪڙو ڪڙي ملائي چوي ٿو تہ:

"واقف نہ وٽڪار جي" جت جبل جوراٽون
أتي عبداللطيف چئي سجي سفر سناٽون
پهروئي پاٽون، سولو ڪرين سات جو.

شاهہ عنايت ساڳي معنيٰ ۾ ٻيو بيت چوي ٿو تہ:

راڪس، ريڪس، گڊ، گورخر، گرگينور، لڪ، لس
آري جا عنايت چئي، ڏونگر ڏيندءِ ڏس
سندي چانگن چس، وجي پيہ نرندءِ پٻ ۾.

هن بيت ۾ "ڏونگر ڏيندوءِ ڏس" وارو هڪ انوکو خيال آهي، جنهن کي پٽائي صاحب هن ساڳئي قافيي تي پنهنجي هڪ بيت ۾ نباهيو آهي تہ:

هيءَ گس هيءَ گس، هيءَ پهڻ هيءَ پيچرو
ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندن پنيءَ وس
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر اٿي ڏس
جڳ ۾ رهيس جس، سگر تي سردار جي.

مگر مٿئين بيت ۾ شاهه عنايت جي مصرع ته:

”سندي چانگن چس، وجي پير نرنڌءِ پٻ ۾.“

نهايت انوکي ۽ عجيب هئي، جنهن کي ڀٽائي صاحب وري ساڳئي قافيه تي پنهنجي هڪ ٻئي بيت ۾ ادا ڪيو آهي ته:

پسي سي سرهي ٿيئي، جي مين لنگهيئا مس
ٽٽ تنهن کي ناهه ڪر، لڪ مڙيئي لس
حب جنهين کي هوت جي، وندر تنهن کي وُس
سندي چانگن چس، پير نرنڌءِ پٻ ۾.

ڀٽائي صاحب جي ڪن بيتن ۾ شاهه عنايت جي بيتن سان خيال توڙي الفاظ جي گهڻي مناسبت آهي، مثلاً شاهه عنايت چيو ته:

راجا رنگ محل ۾ ڀهر ٻارت ٻاڪاري- الخ

ته وري ڀٽائي صاحب فرمايو ته:

راجا رتولن ۾، جاجڪ سر زمين.

اجا به انهيءَ کان زياده الفاظ خواه معنيٰ جي مناسبت هيٺين بيت ۾ نظر ايندي. شاهه عنايت سر سريراڳ ۾ ”قرقل قوتا پارچا“ جو نئون ابتدائي عنوان ايجاد ڪري به بيت چيا مثلاً:

قرقل قوتا پارچا پاتائون پڙيون
اتي کي عنايت چئي قير نه ڪن قڙيون.
جي چوهه منجهه چڙيون، سي ٻيڙيون رکي ٻاجهه سان

ڀٽائي صاحب اهو ساڳيو عنوان تسليم ڪري چيو ته:

قرقل ”قوتا“ پارچا پاٽيڻ پاتائون
ڪونيون قيمت سنديون تر ۾ تاڪيائون
لاڄن منجهه لطيف چئي ٻيڙا ٻڌائون
نذر نبيءَ جام جو چڙهندي چيائون
جي چوهي چوڙيائون، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

انهيءَ کان زياده لفظي مناسبت هيٺين بيت ۾ ملي ٿي، شاهه عنايت چيو ته:

پسي ڏونگر ڏار، جم هلڻ ۾ هيٺي وهين
اٽ ئين مجازاٽيون موٽيون سٽي پنڌ پچار
تون پوئي پائج پرينءَ لئي حقيقت جو هار
سگهو لهندءِ سار، آريچا عنايت چئي.

ڀٽائي صاحب پنھنجي ھن عمر ۾ وڏي حقيقي معنيٰ ۾ شاعر جي ھن بيت جو عنوان قبول ڪري، صرف قافيہ مٽائي ساڳئي خيال کان وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ چيو تہ:

پسي ڏونگر ڏاھہ، جم ھلڻ ۾ ھيٺين وھين
لانچي لڪ لطيف چئي، پنيءَ ڪيچين ڪاھ
پڇي پورج سسئي! بلوچاڻي باہ
اِن وڙائتي ور جي، آسر ھڏ م لاہ
جو اڪنئون اوڏو آہ، سو پرين پراھون م چؤ.

ظاھر آھي تہ شاھہ عنايت جي سٽ ”پسي ڏونگر ڏار، جم ھلڻ ۾ ھيٺين وھين“ ۽ ڀٽائي صاحب جي سٽ ”پسي ڏونگر ڏاہ، جم ھلڻ ۾ ھيٺين وھين“ ۾ فرق فقط ھڪ لفظ قافيہ واري ”ڏار“ ۽ ”ڏاہ“ جو آھي، بلڪ صرف ’ر‘ ۽ ’ہ‘ جو آھي.

مون ڪي شاھہ عنايت جي مٿئين بيت جي مصرع: ”اُت ڪئين مجازاڻيون موٽيون سڻي پنڌ پچار“ وري ھڪ نئون نڪتہ ياد ڏياريو آھي. بندہ جي راءِ ۾ شاھہ عنايت ڪان اڳ جي شاعرن پنھنجي بيتن ۾ مجاز ڪي ڪو ورلي ڇيڙيو آھي. شاھہ عنايت پھريون شاعر آھي، جنھن ظاھري ھار سينگار ۽ حسن وناز ڪي سر مومل راڻي جي ھينين بيت ۾ نھايت دلڪش پيرايہ ۾ ادا ڪيو آھي تہ:

گلبدن جو گوجريون، ارم اوڍيائون
چوٽا تيل ڦليل مان واسينگ ويڙھيائون
انھم پر عنايت چئي راڻو رانيائون
سو موٽي ڪيئن پاھون، جو گل گجر ڪي گڏيو.

ڀٽائي صاحب جي ھينين بيتن ۾ سوڍين جي انھيءَ سينگار ۽ سندن تيل ڦليل مليل چوٽن متعلق شاھہ عنايت واري تخيل جي جھلڪ واضح نظر اچي ٿي، حالانڪ نوجوان لطيف پنھنجي عمر رسيدہ معاصر ڪان مجازي حسن جي تعريف ۾ بہ ذرا وِڪ وڌائي رکي آھي. ڀٽائي صاحب چوي ٿو تہ:

1. جھڙا گل گلاب جا، تھڙا مٽن ويس
”چوٽا تيل چنبيليا“ ھا ھا ھو ھميش
پسيو سونھن سيد چئي نيہ اچن ٽا نيش
لالن جي لبيس، آتڻ اڳر نہ اجھي.

2. سوڍيون سون ورنيون، رپي رانديون ڪن
اڳر اوطاقن ۾ ڪتوري ڪٽن
اوتيائون عنبير جا مٽي طاق ٽڙن
ٻاتڻ ٻيليون ٻڌيون پسئو سونھہ سندن

ٺٺاه لاهوتي لطيف چئي پسڻ لاءِ پرين
اجهي ٿا اچن، ڪاڪ ڪڪورئا ڪاپڙي.

مٿين تفصيل مان واضح ٿيو هوندو ته ڀٽائي صاحب جو پنهنجي وڏي پاڙيسري معاصر شاهه عنايت سان صحبت سلوڪ ۽ شاعريءَ ۾ گهڻو ۽ گهاٽو رشتو هو. بيتن جي مٿين مثالن مان ظاهر آهي ته شاهه عنايت جا بيت خواهه اسلوب بيان ڀٽائي صاحب لاءِ ڪيتري قدر قابل قدر نمونو بنيا آهن. شاهه عنايت جي رسالي ۾ سڄا 19 سر موجود آهن، جن جا نالا ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ به ساڳيا سرن جا عنوان بنيا آهن. شاهه عنايت جي رسالي ۾ سر "پورب" کي ٻيو هڪ انوکو نالو "جيتسري" ڏنل آهي جو شاهه جي رسالي ۾ موجود نه آهي ۽ جڻ شاهه عنايت جي فني ايجاد تي غمازي ڪري ٿو. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نٿو نظر اچي ته شاهه عنايت جي پنهنجي وقت ۾ (جو پڻ ڀٽائي صاحب جي بلوغت جو زمانو هو) مرڪزي شخصيت ۽ شهرت ۽ ساڻس ڀٽائي صاحب جي عقيدت ۽ صحبت يقيني طور شاعريءَ جي عنوانن، اسلوب بيان، خيالات توڙي لفظات ۾ نونهال لطيف جي ڪافي رهنمائي ڪئي ۽ سندس شاعرانه ذوق تي وڏو اثر وڌو.

[ماهوار "نئين زندگي" ڪراچي، فيبروري 1952ع]

❑

# 81 شاهه لُطف الله قادري

شاهه لطف الله قادري جي سوانح بابت هن وقت تائين ڪي خاص تفصيلي معلومات حاصل نہ ٿي سگهيا آهن، مگر خوشبختيءَ سان سندس ٻہ ڪتاب "سنڌي رسالو" ۽ "منهاج المعرفت" موجود آهن، جن مان ظاهر آهي تہ هو هڪ اهل دل عالم ۽ صوفي، پنهنجي وقت جو وڏو شاعر ۽ سنڌي زبان جو خادم هو.

'سنڌي رسالي' جي خاتمي تي ڪاتب ڪيس "شيخ المشائخ شاهه لطف الله قادريؒ ساڪن اگام" ڪري لکيو آهي[1]. اهو اهڃاڻ سندس سوانح جي سلسلي ۾ نهايت قيمتي آهي. 'اگام' مان مراد يقيني طور "اگهم" آهي؛ ان نالي سان سنڌ ۾ هڪ "اگهم" جو ڳوٺ هو، جو ٺٽي شهر کان ٿي ڪوهه پري هو ۽ سنہ 1153هه ۾ موجود هو[2]. ٻيو سنڌ جو تاريخي ۽ قديم شهر 'اگهم ڪوٽ' يا "اگهاماڻو" آهي، جنهن جا آثار حيدرآباد کان 20-25 ميل ڪن ڏکڻ اوڀر طرف تعلقي ماتلي ۾ واقع آهن.

'منهاج المعرفت' سان لاڳيتو شامل شاهه ڪريم جي رسالي (بيان العارفين) جي قلمي نسخي جي حاشيي تي ڪنهن لکندڙ ٽن جدا جاين تي 'منهاج المعرفت' مان عبارتون نقل ڪيون آهن ۽ هر جاءِ تي مصنف جو نالو "شيخ لطف الله تتئي" يعني 'ٺٽوي' ڪري لکيو آهي. ٻئي هڪ پوئين ورق تي 'منهاج المعرفت' مان عبارت نقل ڪندي مصنف جو نالو "شيخ لطف الله قادري" پڻ لکيو اٿس. انهن عبارتن مان هڪ گمان اٿي ٿو تہ شايد شاهه لطف الله قادري ٺٽي جي ڀر واري ڳوٺ 'اگهم' جو هجي ۽ ٺٽي واري انهيءَ قريبي نسبت سببان ڪيس 'ٺٽوي' پڻ سڏيو ويو هجي. مگر اهڙي گمان جي خلاف ٻيا دليلن اٿن ٿا جي ان کي رد ڪن ٿا: اول تہ فقط مير علي شير قانع، تحفة الڪرام ۾ انهيءَ 'اگهم ڳوٺ' جو نالو ضمناً ڪنيو آهي، مگر ان جي ٻي ڪا مشهوري بيان ٿيل ڪانهي. جيڪڏهن شاهه لطف الله قادري انهيءَ 'اگهم ڳوٺ' يا 'ٺٽي' جو هجي ها تہ مير علي شير قانع کان ڳجهو نہ رهي ها، قانع جي تصنيفن ۾ 'لطف الله' نالي جن ٻہ بزرگن جو ذڪر آيو آهي، سي شاهه لطف الله قادري کان مختلف معلوم ٿين ٿا. مير علي شير قانع، تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو، ص 558) ۾ "ميان لطف الله مدرس" (ٺٽوي) جو ذڪر ڪيو آهي، جو

[1] ڏسو صفحو 96.

[2] ڏسو تحفة الڪرام (سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ 1957ع) ص 268.

”هڪ مرد ڪامل، پنهنجي وقت جو مشهور جامع العلوم ۽ زماني جو وڏي ۾ وڏو عالم“ هو. مقالات الشعراء ۾ ”لطف الله ڪتابي“ جو مختصر ذڪر آهي (ص 838) جو سال 1150هه ڪان پوءِ بہ زنده هو. ٻي جاءِ (ص 694) تي ’لطف الله‘ نالي فارسي شاعر جو نالو ملي ٿو. مگر اِهي مڙيئي بزرگ شاه لطف الله قادري کان سواءِ ڪي ٻيا هئا.

زياده قرين قياس ائين ٿي معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطف الله قادري، سنڌ جي مشهور ۽ قديم تاريخي شهر ’اگهم ڪوٽ‘ جو هو، جو ڏهين صدي هجري ۾، بلڪ ان کان اڳ عالمن، صوفين ۽ درويشن جو مرڪز بڻجي چڪو هو؛ خصوصاً ڏهين صدي جي پوئين اڌ ۾ مشهور ولي مخدوم اسماعيل سومري (وفات 996هه) ۽ سندس همعصر عالمن ۽ بزرگن پنهنجي علمي ۽ روحاني فيض سان اگهم ڪوٽ کي نوازيو، جنهنڪري هتي وڏا مدرسا قائم ٿيا، جن ۾ مشهور عالمن پڙهايو. اهي درسگاهون ۽ بزرگن جون درگاهون 12 صدي هجري تائين وڏي اوج تي رهيون. ’شاهہ لطف الله‘ جي تعليم ۽ تربيت اگهم ڪوٽ جي انهن ئي اعليٰ درسگاهن ۾ لائق استادن جي زير نظر ٿي.

ساڳئي وقت اگهم ڪوٽ ’سهروردي‘ توڙي ’قادري‘ طريقن جي بزرگن جي فيض ۽ هدايت جو پڻ مرڪز هو، جن پنهنجي زندگي کي عام جي اخلاقي تربيت ۽ روحاني خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. حضرت غوث الثقلين عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان ابوالمناقب شيخ جمال الدين عبدالله جي مريدن مان حضرت شيخ اسحاق بن سلطان بن بهلول قادري، اگهم ڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪري اتي قادري طريقي جي دائري کي وسيع ڪيو هو. سندس وفات پڻ اگهم ڪوٽ ۾ ئي ٿي[1]. قادري طريقي جي فيض جا اهي سرچشما جاري هئا، جو شاهہ لطف الله پڻ انهن مان سيراب ٿي ’قادري مشرب‘ اختيار ڪيو ۽ ’قادري‘ نسبت سان مشهور ٿيو.

شاهہ لطف الله، پنهنجي تعليم جي تڪميل بعد راه طريقت ڏانهن مائل ٿيو ۽ قادري طريقي سان وابستہ ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي علمي فضيلت ۽ ذاتي بزرگي جي ڪري، هو خود قادري طريقي جي ’مرشد‘ ۽ ’شيخ‘ واري منزل تي پهتو. اهو جواني بعد سندس حياتيءَ جو پويون دور هو ۽ ان وقت ٻين کي سمجهائڻ خاطر عملي طور سلوڪ ۽ طريقت جي راهہ روشن ڪرڻ شروع ڪيائين. انهيءَ سلسلي ۾ اول ڪتاب ”تحفة السالڪين“ لکيائين. ڪجهہ عرصي بعد ٻيو ڪتاب ”منهاج المعرفت“ سنہ 1078هه ۾ لکڻ شروع ڪيائين، جنهن جي مضمون ۽ معيار مان توڙي خود مصنف جي مقدمي مان ائين معلوم

---

[1] تحفة الڪرام سنڌي ترجمو، صفحو 406.

ٿئي ٿو تہ هن اهو ڪتاب ورهين جي وسيع مطالعي ۽ راهہ سلوڪ جي گهري ڄاڻ بعد لکيو. گمان غالب آهي تہ اهو ڪتاب هن پنهنجي زندگيءَ جي پنجاهہ سٺ سالن جي پختي تجربي ۽ علم تصوف جي تجزيي بعد تصنيف ڪيو. انهيءَ گمان موجب سندس ولادت اندازاً 1020هہ/1611ع ڌاري قرار ڏيئي سگهجي ٿي. ٽيون ڪتاب ’سنڌي رسالو‘ جو غالباً پنهنجي فارسي ڪتاب ’منهاج المعرفت‘ کان پوءِ خاص طرح سنڌي خواندن جي سهوليت خاطر لکيائين. انهيءَ جي معنيٰ تہ شاهہ لطف الله قادري 1078هہ کان پوءِ پڻ ڪجھ عرصو زنده رهيو ۽ سندس رشد و هدايت سببان کيس ’شيخ المشائخ‘ تسليم ڪيو ويو، جيئن تہ ’سنڌي رسالي‘ جي ڪاتب پڻ کيس ’شيخ المشائخ‘ جي انهيءَ اعليٰ لقب سان ئي ياد ڪيو آهي. جيڪڏهن سنہ 1078هہ بعد ڏهہ ٻارهن سال وڌيڪ جيئرو رهيو هجي تہ سندس وفات اندازاً 1090هہ/1679ع ڌاري ٿي هوندي.

سلوڪ ۽ راهہ طريقت جي اشارن ۽ اهڃاڻن، منزلن ۽ مشاهدن جي وضاحت ۽ سمجهاڻي خاطر شاهہ لطف الله قادري جيڪي ڪتاب تصنيف ڪيا، تن مان ٽن جا نالا معلوم آهن، جن مان ٻہ موجود آهن:

**1. تحفة السالڪين:** هيءُ غالباً پهريون ڪتاب هو، جو علم سلوڪ ۽ راهہ طريقت بابت تصنيف ڪيائين. هيءُ ڪتاب في الحال دستياب نہ ٿي سگهيو آهي، مگر ان بعد جو ٻيو ڪتاب ”منهاج المعرفت“ لکيائين، تنهن ۾ ”تحفة السالڪين“ جو ذڪر موجود آهي. مصنف پاڻ ’منهاج المعرفت‘ جي مقدمي ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: علم سلوڪ ۾ ڪتاب ’منهاج المعرفت ائين آهي، جيئن ڪتاب ’ميزان‘ ۽ هن حقير جو (هن کان اڳ) تصنيف ڪيل ڪتاب ’تحفة السالڪين‘ ائين آهي، جيئن ڪتاب ’ڪافيہ‘. علم صرف جي مطالعي لاءِ ڪتاب ’ميزان‘ نسبتاً آسان آهي ۽ انهيءَ ڪري شروع ۾ پڙهايو ويندو آهي. ابن حاجب جو لکيل ڪتاب ’ڪافيہ‘ آخر ۾ نحو جي مطالعي لاءِ پڙهايو ويندو آهي، مگر ان ۾ نحو جا قاعدا بالڪل اختصار سان بيان ٿيل آهن؛ جنهنڪري ان کي سمجهڻ لاءِ شرحون لکيون ويون آهن.

’منهاج المعرفت‘ جي ويهين باب هيٺ سلوڪ ۽ طريقت جي هڪ سؤ چوراسي منزلن جي مختصر طور ذڪر ڪرڻ بعد پڻ مصنف لکي ٿو تہ: ”اي عزيز! ڄاڻ تہ فقير (مصنف) هن رسالي (منهاج المعرفت) ۾ فقط هڪ راهہ جي منزلن جا نالا لکيا آهن. هن رسالي ۾ انهن جي حقيقت ۽ انهن جو تفصيل لکڻ مصلحت جي موافق نہ هو؛ انهيءَ ڪري ان کان پرهيز ڪيو ويو. البتہ جيڪي

ڪجهہ مصلحت جي موافق هو، سو (هن ڪان اڳ) ڪتاب ’تحفة السالڪين‘ ۾ لکيو ويو آهي.“

مطلب تہ ’تحفة السالڪين‘ سلوڪ بابت ’منهاج المعرفت‘ کان وڌيڪ مختصر ۽ ڳوڙهو ڪتاب آهي.

**2. منهاج المعرفة:** هيءُ ڪتاب ”منهاج المعرفة“ يعني ’معرفت الاهي جو دستور‘ تصوف جي سلسلي ۾ هڪ معياري ڪتاب آهي ۽ فارسي ۾ آهي.

**3. سنڌي رسالو:** هي رسالو سنڌي ۾ آهي ۽ ان ۾ سلوڪ جا نڪتا سنڌي ۾ سمجهايا ويا آهن.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، 1968ع]

❑

## (82) شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي ياد ۾

شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو پهريون سڄاڻ اديب هو، جنهن سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌي ادب جي شاهڪارن کي نئين علمي تحقيق ۽ تنقيد جي اصولن موجب مرتب ڪري شايع ڪيو. هن سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ عام معلوماتي سطح تي شروعات ڪئي: فارسي ڪتاب (چچنامي) کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين ۽ پڻ ٻين فارسي ۾ لکيل تاريخي ڪتابن مان حوالا گڏ ڪري، سنڌ جي تاريخ بابت مواد مهيا ڪيائين. ادبي شاهڪارن مان شاهه ڪريم جي ”بيان العارفين“ ۽ ”شاهه جو رسالو“ جا متن مرتب ڪيائين. وقت جي تقاضا موجب، عام معلوماتي سطح تي عام پڙهندڙن لاءِ اهي ڪتاب ڪارآمد ثابت ٿيا. سنڌي ٻوليءَ ۽ لغات جي سلسلي ۾، مرزا قليچ بيگ جو تصنيف ڪيل سنڌي ٻوليءَ جو ”صرف و نحو“ توڙي سندس مرتب ڪيل ”لغات جون انوکايون“ ٻئي علمي تحقيق طرف وڌايل قدم آهن، جيتوٽيڪ تفصيل ۽ تڪميل جي لحاظ سان جڻ اهي ابتدائي قدم آهن.

مرزا صاحب کان پوءِ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي اڳتي وِک وڌائي، شاهه جي رسالي جي متن کي نئين تحقيق جي اصولن موجب مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. علمي تحقيق جي لحاظ سان اها پهرين وڏي قابلِ تعريف ڪوشش هئي، پر البت ان تحقيق جو دائرو ٻن نگاهن کان ڪوتاهه رهيو. هڪ ته ”شاهه جي رسالي“ جا ان وقت ڪيترائي قلمي نسخا موجود هئا، پر متن جي پيٽ کي وڏ ۾ وڏ فقط چئن قلمي رسالن تائين محدود رکيو ويو. ٻيو ته ڊاڪٽر گربخشاڻي خاص طرح شهري سنڌي ٻولي جو ڄاڻو هو، پر سنڌ جي عام وسيع اصطلاحي سنڌي ٻوليءَ تي ڪيس دسترس ڪانه هئي، جو شاهه صاحب جي ٻوليءَ جي نزاڪتن ۽ انوکاين کي سمجهي سگهي. هن لامحالہ لغت جي ڪتابن جو سهارو ورتو ۽ رسالي جي لفظن ۽ اصطلاحن کي انهن جي لغوي ”اشتقاقي“ معنائن ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪا پوري صحيح ثابت نہ ٿي.

شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي جي ڪيل علمي تحقيق جو دائرو هڪ ته وڏيڪ وسيع رهيو جو، هن سنڌ جي تاريخ توڙي ادب جي شاهڪارن کي نئين

سر مرتب ڪيو ۽ ٻيو تہ ڊاڪٽر صاحب موصوف ۾ اهي بنيادي صلاحيتون موجود هيون، جيڪي اهڙن شاهڪارن کي خاطرخواھ نموني ۾ مرتب ڪرڻ لاءِ ضروري هيون. هڪ تہ ولايت ۾ ڊاڪٽري جي ڊگري لاءِ هڪ اعليٰ ادبي موضوع (عربي شاعري جو فارسي شاعريءَ تي اثر) تي مقالو لکيائين جنهن ۾ علمي تحقيق ۽ تنقيد جي اصولن کي سمجهيائين، ٻيو تہ ادبي رجحانن ۽ معيارن جي عموماً ۽ عربي ۽ فارسي زبانن جي ادبي ذخيرن جي خصوصاً ڪيس ڄاڻ حاصل ٿي، اهو تحقيقي تجربو ۽ اعليٰ علمي ادبي سرمايو ڪيس سنڌ جي تاريخي ادبي شاهڪارن کي سوڌڻ سنوارڻ ۾ ڪارآمد ثابت ٿيو.

ڊاڪٽر صاحب موصوف، سنڌ جي تاريخ جي ٻن مکيہ ڪتابن ”تاريخ معصومي“ ۽ ”فتحنامي“ (چچنامي) کي علمي تحقيق جي نون اصولن موجب نئين سر مرتب ڪيو. انهن ڪتابن جي متن کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ عربي ۽ فارسي زبانن جي ڄاڻ جي ضرورت هئي، ڊاڪٽر صاحب وٽ اهڙي ڄاڻ لاءِ پوري صلاحيت موجود هئي. ان وقت جي سيني نون پڙهيلن ۾ جن وٽ عربي يا فارسي جي سلسلي واريون ڊاڪٽري جون ڊگريون هيون، ڊاڪٽر دائودپوٽو پنهنجي عربي ۽ فارسي داني ۾ گهٽن کان اڳتي هو، ٻنهي زبانن جي اهڙي اعليٰ علمي ڄاڻ جي ڪري، ڊاڪٽر صاحب ٻنهي تاريخي ڪتابن جي متن کي، عبارتن جي صحيح پڙهڻ جي لحاظ سان معياري سطح تي مرتب ڪيو.

سنڌي ادب جي دائري ۾، سنڌس معياري مقالن ۽ مضمونن کان سواءِ، ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب، ”ميين شاھ ڪريم جي ڪلام“، مخدوم محمد زمان لواري واري جي ”ابيات سنڌي“ ۽ ”عبدالرحيم گرهوڙي صاحب جي سنڌي“ کي اعليٰ تحقيقي معيار مطابق مرتب ڪيو، عربي ۽ فارسي ۾ دسترس سان ۽ سنڌي ٻولي جي ڄاڻ سان ڪيس اها ڪاميابي حاصل ٿي. قلمي نسخن کي صحيح طور تي پڙهڻ، مواد کي سهڻي سٿاءَ سان بيهارڻ، علمي ۽ تنقيدي نگاھ کان مقدما لکڻ، فهرستون مرتب ڪرڻ وغيره، نئين علمي تحقيق جي تقاضائن ۾ شامل آهن، جن کي سنڌ جي عالمن مان پهريون پيرو ڊاڪٽر صاحب موصوف ڪافي حد تائين پورو ڪيو.

بمبئي جي اسماعيليہ ڪاليج انڊيري ۾ ڊاڪٽر صاحب ”عربي جي استاد“ جي حيثيت سان مقبوليت حاصل ڪئي. سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ”ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن“ جي عهدي تي ڪاميابي سان فائز رهيو. لياقت وارن استادن توڙي شاگردن لاءِ ڪيس وڏي محبت ۽ عزت هئي ۽ انهن جي

پوري مدد ڪيائين. ان سلسلي ۾ مون تي به خاص مهرباني ڪيائين. مون مئٽرڪ جي امتحان ۾ سنڌي جي مسلمان شاگردن ۾ مٿي نمبر ڪنيو، جنهنڪري ان وقت جي دستور موجب مون کي ويهه رپيا مهينو ”ميرٽ اسڪالرشپ“ ملي. ڪاليج جي ٻئي سال ۾ منهنجون اکيون خراب ٿي پيون، جنهنڪري امتحان ۾ ويهي نه سگهيس ۽ اسڪالرشپ ڪٽجي وئي. پوءِ بهاءُالدين ڪاليج جهوناڳڙهه ۾ پڙهڻ لاءِ ويس، جتي مسلمان شاگردن لاءِ ڪاليج جي في معاف هئي؛ پر باوجود انهيءَ جي، خرچ جي پورائي نٿي ٿي. ڊاڪٽر صاحب موصوف ان وقت سنڌ جو ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن هو، جو مون ڏانهس عربيءَ ۾ خط لکيو ۽ ڪيس ”اسڪالرشپ“ جاري ڪرڻ جي استدعا ڪيم، خط جي عبارت کان متاثر ٿي، پاڻ منهنجي ”اسڪالرشپ“ دوباره منظور ڪيائين، جنهن جي سهاري پوءِ آءٌ اطمينان سان بي.اي تائين پڙهي سگهيس.

[ماهوار ”نئين زندگي“ حيدرآباد، مارچ- اپريل 1991ع]

❑

## (83) غلام حيدر فقير ’تيرهيو‘

غلام حيدر فقير ذات جو ٽيٻو هو ۽ سندس زندگيءَ جي اهڃاڻن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هو سنہ 1810ع ڌاري ڄائو. ڪيس وقت جي لحاظ سان عربي تائين تعليم ملي هئي، پر سندس لاابالي طبيعت جو لاڙو فقيري ڏانهن ٿيو ۽ هو سير سفر ۾ گذارڻ لڳو. سنڌ کان ٻاهر ڪانياواڙ تائين ويو ۽ جهوناڳڙهہ لڳ گرنار جبل تي چلا ڪڍيائين ۽ انهيءَ ڪري پوءِ ڪيس ’غلام حيدر فقير گرناري‘ ڪري سڏيو ويو، جوانيءَ ۾ ئي اچي سيد قنبر علي شاهہ جو مريد ٿيو ۽ پوءِ وٽس ئي گذارڻ لڳو. فقير وڏي حوصلي همت وارو هو ۽ جڏهن شعر چوڻ شروع ڪيائين تہ پنهنجو تخلص ئي ”تيرهيو“ ڪيائين. ’تيرهيو‘ انهيءَ باز کي چئبو آهي، جنهن جي پُڇ ۾ تيرهن کنڀ هجن؛ باز اڪثر ’ٻارهيا‘ هوندا آهن يعني تہ انهن جي پڇ ۾ ٻارهن کنڀ هوندا آهن. ’تيرهيو‘ ڪو ڪو هوندو، پر اِهو شڪار ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندو. ’تيرهيو‘ باز چڻ بازن ۾ شهباز آهي.

قنبر علي شاهہ صاحب رحہ جي وفات (1264هہ/1848ع) کان پوءِ، غلام حيدر فقير ’گنبالي‘ کي ئي هميشہ لاءِ پنهنجو ماڳ مڪان بنائي ويهي رهيو، باقي عمر مرشد جي چئني فرزندن سان ارادت ۽ عقيدت ۾ گذاريائين، جيئن تہ ’سر ڏناسري‘ ۾ سندن تعريف ۾ چيل سندس بيتن مان ظاهر آهي. غلام حيدر فقير جي وفات جو سال معلوم ناهي، مگر سنہ 1890ع ۾ جڏهن سندس ڪلام ڇپيو، تڏهن فقير حال حيات هو. غلام حيدر فقير غالباً نوي سالن کن جي وڏي عمر ۾ سنہ 1900ع ڌاري گنبالي ۾ وفات ڪئي ۽ اتي ئي ڪيس دفنايائون. سندس قبر قنبر علي شاهہ رحہ جي مرقد کان فرلانگ کن اولهہ طرف آهي.

### فقير جو ڪلام:

غلام حيدر فقير پاڻ لاءِ ’تيرهي‘ جو تخلص ڪٽي ڄڻ شاعريءَ ۾ شهباز ٿيڻ جي تَمنا ڪئي هئي. سندس اها تَمنا ايتري حد تائين پوري ٿي جو پنهنجو سچو رسالو جوڙي راس ڪيائين ۽ اعليٰ سنڌي شاعري جي علمبردارن ۾ هو بہ رسالي جو ڌڻي ٿيو. ’تيرهيي‘ فقير پنهنجي مرشد قنبر علي شاهہ جي بيتن کان متاثر ٿي گهڻا بيت سندس پيران چيا. شاهہ صاحب جي وفات کان پوءِ غالباً ’تيرهيي‘ فقيرئي پنهنجي مرشد جي ڪلام کي سهيڙيو ۽ سانديو ۽ ويهارو

سال کن پوءِ تائين پڻ پنهنجي مرشد جي بيتن پران بيت پئي چيائين. سندس ئي اهو سچو سانڍيل ذخيرو هو، جيڪو سن 1284هہ ۾ قاضي محمد ڪامل ويهي اتاريو: جيتوڻيڪ اهو ذخيرو سيد قنبر علي شاهہ جي رسالي جي عنوان سان اتاريل آهي، مگر ان ۾ غلام حيدر فقير تيرهي جو ڪلام پڻ گڏيل آهي. ٻاويهن سالن کن پوءِ سن 1890ع ۾، غلام حيدر فقير جو ڪلام ”رسالو حيدري سنڌي“ جي عنوان سان ڇپيو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”شاهہ شريف ڀاڏائي جو رسالو“
اداره سنڌ شناسي، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، 1972ع]

❑

# 84 غلام محمد خانزئي

غلام محمد ولد خان محمد خانزئي اندازاً 1250هجري ڌاري ڄائو. غالباً سندس 'خانزئي' خاندان، بلوچن جي بروهي قبيلي جي نُک مان هو، جيڪي پير صاحب جهنڊي واري جا مريد هئا. غلام محمد به شايد ابتدائي تعليم انهيءَ ساڳئي مڪتب ۾ پوري ڪئي، جنهن ۾ بزرگن جا ٻار پڙهيا. اهڙي چڱي ماحول جو سندس تربيت تي وڏو اثر پيو. مڪتبي تعليم پوري ڪري سمجهه وارو ٿيو ته پاڻ به پير صاحب جهنڊي وارن جو مريد ٿيو. ساڳئي وقت سندس طبع ۾ شاعرانه شعور پڻ پيدا ٿيو، جو پوءِ ان وقت جي سجاده نشين پير صاحب جهنڊي واري جي تعريف ۾ هينيون ڪلام چيائين ته:

سهڻو چڙهيو سفر تي وو، نيزو ڪڍي نيشان لو
ٿيو سوار سقب تي، ساراهيو سبحان
منهنجو مرشد آيو جهنڊي وارو جوان، منهنجو مرشد آيو.

هن ڪلام جي سٽاءَ مان ظاهر آهي ته اهو سندس اوائلي دور واري عقيدت جو آئينو آهي ۽ شاعرانه لحاظ سان سرسري سطح وارو آهي. جنهن پير صاحب ڏانهن سندس اشارو آهي، سو غالباً پير رشيدالدين شاهه (ولادت: 1254هه- وفات: 1317هه) هو، جنهن کي 'بيعت ڏٺي' سڏيو ويندو هو. ان مان پڌرو ٿو ته غلام محمد لڳ ڀڳ پير رشيدالدين شاهه جو همعصر هو.

نو عمر غلام محمد وڏي ذهن ۽ شعور وارو هو. اعليٰ تعليم چوٽيارين جي مشهور درسگاهه (تعلقو سانگهڙ) ۾ ورتائين. جيڪا ان وقت سنڌ جي وڏين اعليٰ تعليمي درسگاهن مان هڪ هئي، جتي وڏا لائق ۽ فاضل استاد پڙهائي رهيا هئا. اتي اعليٰ ديني تعليم سان گڏ، غلام محمد فارسي ۽ عربي ۾ ڪافي دسترس پيد اڪئي. هن درسگاهه جي اُستادن مان جنهن جي غلام محمد تي خاص شفقت هئي، سو هو ميون عبدالحڪيم (بن ميون عبدالرحمان بن ميون محمد بن ميون مبين) جيڪو پنهنجي وقت جو عالم، فاضل ۽ فقيه هو. "نجوم الهديٰ في آخر الظهر" سندس تصنيف ڪيل آهي.

مخدوم ميان عبدالحڪيم جي پنهنجي ذهين ۽ صالح شاگرد تي ايتري ته مهر جي نظر ۽ مهرباني رهي، جو سعادتمند غلام محمد به کيس علمي ۽ تعليمي سلسلي ۾ مرشد برابر سمجهيو ۽ تعليم جي تڪميل بعد به هو ميين عبدالحڪيم صاحب جي فيض ڀري صحبت مان سرشار ٿيندو رهيو. سندس ارشاد تي سنه 1302هه جي صفر مهيني ۾، سنڌي ۾ "مناصح المؤمنين" منظوم ڪيائين. مهاڳ ۾ ڄاڻايو اٿس ته: 'سنڌي ۾ هن ڪتاب لکڻ جو امر مون کي

منهنجي استاد ميان عبدالحڪيم وينل شهر چوٽياري جي ڪيو آهي، جيڪو شهر ٽر ۾ ڪاري ناري جي ڪپ تي آهي' (ڏسو ص 544). غلام محمد جي پنهنجي شفيق استاد ميين عبدالحڪيم سان جيڪا محبت ۽ عقيدت هئي، ان جي مدِنظر پائنجي ٿو تہ هن رسالي جي سُر ڏناسري جي 'داستان پهرئين' وارن آخري پنجن بيتن ۾ 'ميان صاحب' وارو خطاب (جنهن جو معنوي مفهوم الڳ آهي) بہ غالباً سندس پنهنجي اُستاد 'ميين صاحب' (عبدالحڪيم) جي نالي جو يادگار آهي.

ذهين ۽ سعاتمند طالب العلم غلام محمد بلآخر چوٽياري جي درسگاهہ مان ئي اديب ۽ عالم تي فارغ ٿيو. ان بعد غالباً هن پاڻ هڪ عالم ۽ استاد جي حيثيت ۾ پڙهايو ۽ ديني تعليم ڏني ۽ 'مولوي' سڏجڻ لڳو، جيئن تہ رسالي جي آخر ۾ ڏنل عبارت مان ظاهر آهي. سندس انهيءَ علمي ۽ تعليمي مشغلي واري دور جا حالات معلوم نہ ٿي سگهيا آهن، پر سندس تصنيفات مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ هو تصوف ۽ طريقت ڏانهن مائل ٿيو ۽ پڻ سلوڪ ۽ طريقت جي سلسلي تي علمي طور سوچيائين ۽ ان ڪي گهڻو ڪجهہ سمجهيائين. حضرت شاهہ عبداللطيف جي رسالي سان سندس دلي محبت ٿي ۽ ان جو گهرو مطالعو ڪيائين ۽ ان ڪان متاثر ٿي پنهنجو رسالو جوڙيائين. سنڌي توڙي فارسي شعر ۽ ادب سان سندس ذوق وڏيو ۽ پاڻ سنڌي ۾ بيت، ڪافيون ۽ نظم توڙي فارسي ۾ غزل چيائين. سنہ 1302-1303 هجري ڌاري جڏهن سندس عمر پنجاهہ ڪان مٿي هئي تڏهن علم ۽ فضل، ادب ۽ شعر ۾ غلام محمد خانزئي اعليٰ درجي واري حيثيت رکندڙ هو. علمي ۽ ادبي لحاظ سان ميين عبدالحڪيم چوٽياري جهڙي بزرگ ۽ برگزيده عالم جو مٿس ايترو تہ اعتماد هو، جو ڪيس سنڌي ۾ 'مناصح المؤمنين' منظوم ڪرڻ لاءِ چيائين.

**سال وفات:** جيتوڻيڪ غلام محمد خانزئي جهڙي اعليٰ اديب ۽ سالڪ جي تاريخ وفات في الحال معلوم نہ ٿي سگهي آهي، مگر ان سلسلي ۾ هينيان ڏاٽا ۽ اهڃاڻ غور طلب آهن: هو لڳ ڀڳ جهنڊي واري پير رشيدالدين جو همعصر هو، جنهن سنہ 1317هہ ۾ وفات ڪئي. هن شاعر رمضان واڍي جي هڪ ڪافي جي هينين ٿلهہ ڪان متاثر ٿي، انهيءَ ساڳئي ٿلهہ پويان پنهنجي طرفان مصراعون وڌايون (ڏسو صفحو 533):

ٿلهہ: "مون ڪتيو نہ پورو پاءُ ڙي، صبح سڏيندا سير لاءِ."

اصل 'قلمي مجموعي' ۾ پنهنجي هٿ اکرين مٿان لکيو اٿس تہ: "هي ڪافي منڍ رمضان واڍي جو ۽ مصرع هن نيازمند غلام محمد جون جوڙيل آهن." ان مان ظاهر آهي تہ هو پاڻ ۽ رمضان واڍو (پٽ شهمير پٽ صالح شهميراڻي لاڪو واڍو وينل پنجمورو، جيڪو پيرجهنڊي جي ڳوٺ کي ويجهو آهي) همعصر هئا. رمضان واڍي 1330هہ/1914ع ڌاري وفات ڪئي. غلام محمد خانزئي جي پنهنجي تصنيفن ۾ (جيڪي

سندس پختہ ذهن ۽ اعليٰ فهم جو نتيجو آهن) سنہ 1302-1303ھ وارن سالن جا حوالا موجود آهن، جنهن جي معنيٰ تہ ان وقت سندس عمر پنجاهہ سالن کان يقيني طور مٿي هئي. انهن اهڃاڻن جي بناء تي چئي سگهجي ٿو تہ هن اندازاً 1320-1330ھ (1904-1914ع) واري عرصي ۾ وفات ڪئي. بهرحال سندس وفات جو پڪو پختو سال وڌيڪ تحقيق طلب آهي.

## سندس تصنيفون:

1302-1303ھ وارن ٻن سالن ۾ عالم ۽ اديب غلام محمد خانزئي پنهنجن تصنيفن جي تڪميل ۽ ڪتابت (صاف سهڻي اُتاري) ڏانهن خاص توجهہ ڏنو. سندس تصنيفن ۽ تاليفن بابت اسان جي ڄاڻ في الحال فقط سندس هڪ ئي 'قلمي مجموعي' تائين محدود آهي، جيڪو ڪانئس پوءِ پير صاحب جهنڊي وارن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ رهيو، جتان پوءِ مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي کي مليو ۽ جيڪو هينئر اسان جي آڏو آهي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رسالو غلام محمد خانزئي جو" شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، حيدرآباد، 1985ع]

❑

## 85 غلام محمد گرامي [تاثرات]

### هڪ خط مان ڪجهه سٽون

گرامي گذاري ويو ۽ خبر ٻڌي ڏک ٿيو. عجب اتفاق آهي جو مهينو-ڏيڍ اڳ مون ڪيس ياد ڪيو ۽ ڏانهنس خط لکيم، جنهن جو ذڪر پاڻ 13-سيپٽمبر تي ڪيو. اها خبر هجي ها ته مڙس وڃي ٿو ته انهيءَ ڏينهن ڪيس ملون ها.

عربي_ فارسي آميز سنڌي نثر توڙي گفتگو ۾ يگانو هو. اعليٰ درجي جو خطيب ۽ تقرير جو گوهر هو. انساني معاملات متعلق سندس سوچ شاعرانه مگر بين الاقوامي سطح واري هئي. 'مهراڻ' ۾ لکيل ڪي ايڊيٽوريل پڙهڻ وٽان آهن. وڏي ڳالهه ته مڙس خوش طبع ۽ ڪنهن حد تائين قلندرانه وضع وارو هو. ڪچهري ڪي مچائڻ وارو هو. جيڪڏهن سندس ضرورتون گهٽ هجن ها ۽ ڪجهه بي نيازي ڪان ڪم وٺي ها ته مڙس جو ملهه ئي ڪو نه هو. آءُ عيد تي نٿو اچي سگهان، جو هن وقت قائم مقام سيڪريٽري جي حيثيت ۾ (جڏهن سيڪريٽري ڊاڪٽر اجمل باهر ويل آهي) هيڊ ڪوارٽر ڇڏي نٿو سگهان. گرامي مرحوم جي گهر ويندا ۽ منهنجي پاران پسماندن سان همدردي ڪندا، جڏهن آيس تڏهن پاڻ وٽن ويندس. گرامي جو گذارڻ جڻ سچي سنگت ڪي جاڻ آهي ته:

"مرڻ مُند نه آهي، تائب ٿيو تڪڙا". (شاهه)

- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (اسلام آباد)

[ٽه ماهي "مهراڻ" (گرامي نمبر)، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1976/4ع]

❑

## (86) فقير صاحب محمد صديق: صوفي صادق شاهہ

فقير صاحب محمد صديق رحہ، شاهہ عبداللطيف جي وفات (1165ھ) کان پنج سال پوءِ 1170هجري (1756ع) ۾ ڄائو. فقير صاحب جي زندگي جو سربستو احوال، خاص طرح سندس اوائلي زندگي جو تفصيلي احوال اڃان تحقيق طالب آهي. فقير صاحب جو قبيلو سومرن جي مشهور پاڙي 'مَتو' مان هو، جيڪي غالباً سنڌ جي سومرن حڪمران جي اولاد مان آهن. فقير صاحب جي پنهنجي پُري جي روايت هن طرح آهي: فقير صاحب محمد صديق بن ميان دين محمد بن جلال الدين بن سعيد فقير بن محمد بن اسماعيل بن اسحٰق بن محمد بن پين ءُ بن معروف بن متو بن دودو پهريون بن پينءُ بن دودو ٻيو بن خفيف بن ڪارو دودو بن پونگر راء بن سومر راء عرف سومرو.

فقير صاحب سنڌ جي ٽالپور اميرن جي اوائلي حڪومت واري دور ۾ جواني جي پور ۾ آيو. سندس ڪلام ۽ تصنيف مان اندازو ٿئي ٿو تہ وقت جي رواج موجب ڪيس قرآن شريف ۽ فارسي جي مڪتبي تعليم سني ملي، پر هي نوجوان سرڪش ٿي ساماڻو ۽ ڏاڍا هنيائين ۽ ڏاڍ مڙسي ۾ نالو ڪڍيائين. غالباً چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ جواني جي موٽ بعد سندس طبيعت فقيري ڏانهن مائل ٿي. سندس وڏا اڳ ئي فقيري حال وارا هئا: سندس ڏاڏو فقير جلال الدين، شاهہ عنايت الله شهيد جو مريد هو، پر سندس والد فقير دين محمد، بلڙي وارن بزرگن جو مريد ٿيو. فقير محمد صديق وري 'ميران پور' جي درگاهہ ڏانهن موٽ کاڌي، جتي ڪيس خاص الخاص فيض صوفي فضل الله شاهہ قلندر کان مليو، جنهن ڪيس ڏها ڪيايا ۽ مجاهدا ڪاٽايا، جن سندس اندر کي اُجاري اجو ڪيو. هو اڳئي همت ۽ حوصلي وارو هو پر هاڻي سندس ڏاڍمڙسي ۽ سرڪشي، سلوڪ ۽ طريقت وارن مجاهدن ۽ پنهنجي نفس سان مقابلن ۾ بدلجي وئي. فضل الله شاهہ قلندر جي سجاده نشيني وارا پنڌرهن سال فقير صاحب جا غالباً 'ميران پور' ۾ مرشد جي حاضري ۾ گذريا ۽ انهي عرصي ۾ فقير صاحب پنهنجي نفس سان ڪا وڏي ڪامياب جنگ جوٽي، جنهن جو عڪس 'سُر ڪيڏاري' ۾ نظر اچي ٿو.

سنہ 1243ھ (1827ع) ۾ سندس مرشد صوفي فضل الله شاهہ قلندر وفات ڪئي. فقير صاحب جي لاءِ هي هڪ وڏو صدمو هو، جنهن هميشہ لاءِ سندس دل ۾ درد جاڳائي ڇڏيو. هن صدمي کان پوءِ، فقير صاحب پنهنجي مرشد واري واٽ ورتي، جيئن ڪيس وٽانئس فيض مليو هو، تيئن ٻين کي انهي فيض مان ڀُهرور ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهي مقصد خاطر هاڻي گهڻو وقت 'ميران پور' بدران

پنهنجي ڳوٺ 'اَهُر(موجوده ڳوٺ صوفي فقير، تعلقو عمرڪوٽ) ۾ رهڻ لڳو، جتي پنهنجي خانقاه قائم ڪيائين. سنڌس رعبدار شخصيت ۽ اُن سان گڏ توڪل، زهد ۽ عبادت ماڻهن جي دلين تي وڏو اثر ڪيو ۽ سنڌس مريدن جو دائرو گهڻو وسيع ٿيو. 'اَهُر' ۾ رهڻ بعد بہ پنهنجي مرشدن جي درگاهہ 'ميران پور' جي حاضري ۽ خدمت ڪي دائم قائم رکيائين. فضل الله شاهہ قلندر جي وڏي خليفي جي حيثيت ۾ 'ميران پور' جي وڏن سجاده نشينن بہ فقير صاحب جو احترام ڪيو. حقيقت ۾ شاهہ قلندر جي وفات بعد فقير صاحب محمد صديق ئي 'ميران پور' جي صوفي قادري طريقي جو اڳواڻ ٿي رهيو ۽ 'صوفي صادق شاهہ' جي لقب سان مشهور ٿيو. فقير صاحب 'ميران پور' جي معتقدن توڙي پنهنجن مريدن ۾ عزت ۽ احترام واري انهي اعليٰ مقام تي باقي زندگي جا ويهہ- ٻاويهہ سال پورا ڪري، سنہ 1265هہ (1849ع) ۾ پنهنجي ڳوٺ 'اَهر' ۾وفات ڪئي، جتي سنڌس مقبرو آهي ۽ هر سال سنڌس مريدن ۽ معتقدن جو اجتماع ٿيندو آهي ۽ ميلو لڳندو آهي. فقير صاحب کي چار فرزند ٿيا، جن مان ٽن جو اولاد موجود آهي. خود فقير صاحب جي پنهنجي خانقاهہ جي سجاده نشيني جو سلسلو پڻ هلندو اچي ٿو ۽ هن وقت صوفي خدا دوست سجاده نشين آهي.

فڪر ۽ فيض جون اعليٰ امانتون جيڪي فقير صاحب پنهنجي پويان ڇڏيون، تن مان ٽي موجود آهن: هڪ فقير صاحب جو پنهنجو ڪلام، ٻيو فقير صاحب جو تصنيف ڪيل 'دردنامو' ۽ ٽيون سنڌس مرتب ڪيل 'راڳنامون'. فقير صاحب بيتن ۽ واين جي صورت ۾ گهڻوئي ڪلام چيو، جيڪو سڄو محفوظ نہ رهيو آهي. صوفي فضل الله شاهہ قلندر واري دور (1229-1243هہ) کان غالباً اڳ توڙي پوءِ پنهنجي حياتي واري دور ۾ فقير صاحب گهڻو ڪلام چيو. هڪ روايت موجب، شاهہ قلندر کان ڪنهن پڇيو تہ: سائين، اوهان بہ ڪو ڪلام چيو آهي؟ جواب ڏنائون تہ: ابا، اسان جو زنده رسالو صادق فقير اوهان جي اڳيان موجود آهي.

سلوڪ ۽ طريقت ۾ فقير صاحب جو تصنيف ڪيل 'دردنامو' خاص اهميت رکي ٿو. غالباً پنهنجي مرشد صوفي فضل الله شاهہ قلندر جي ملفوظات 'ارشاد نامي' کان متاثر ٿي 'دردنامو' تصنيف ڪيائين، جنهن ۾ "صوفي صادق شاهہ" واري سنڌس رتبي جي جهلڪ نظر اچي ٿي. 'دردنامي' توڙي فقير صاحب جي ڪلام جي تفصيلي جائزي لاءِ وڏيڪ مطالعي جي ضرورت آهي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "راڳ نامون" شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، حيدرآباد، 1981ع]

❑

# 87 فقير صاحب نانڪ يوسف (ڪوڪر)

هي احوال ميان محمد موسيٰ ولد محمد عثمان سومري اصل ۾ جمع ڪيو، جنهن کي سندس فرزند ميان محمد بخش نئين سر مرتب ڪيو. ميان محمد موسيٰ 95 سالن جي عمر ۾، سنہ 1939ع ۾ وفات ڪئي. 1919ع ۾ (سنڌي) ماستري ڇڏيائين. خيرپور ۾ پينشن جو رواج ڪونہ هو.

ميان محمد موسيٰ، فقير محمد يوسف جي درگاهہ جو معتقد ۽ ٻهاريدار هو. ميان محمد موسيٰ هي احوال خاص طرح فقير عبدالله بروهي کان ورتو، جيڪو فقير محمد يوسف جو وڏو ۽ مک ٻالڪو هو ۽ فقير محمد يوسف وٽ هر سال، چڱو عرصو اچي رهندو هو. سفر ۾ هميشہ فقير صاحب سان گڏ هوندو هو.

فقير صاحب جو ڪلام جيڪو مليو، سو سندس ڏوهٽاڻ مان، مرحوم فقير خدا بخش جمع ڪيو. خاص طرح فقير هادي بخش شڪارپوري وٽان هٿ ڪيائين. فقير هادي بخش، سچل سائين جي اولاد مان سخي قبول محمد ثاني جو خليفو هو.




فقير محمد يوسف جي ابدي آرامگاهہ

1. فقير محمد يونس
2. فقير محمد يوسف
3. جهنڊل بن فقير محمد يوسف
4. عبدالرحمان بن فقير محمد يوسف
5. ميان بخت علي پٽ محمد يوسف
6. ميان نورالدين فقير
7. ميان علي نواز بن بخت علي

## فقير صاحب نانڪ يوسف جو شجرو

مرحوم مولوي محمد هاشم رحہ

↓

مرحوم مولوي محمد يوسف رحہ عرف فقير نانڪ يوسف رحہ

مرحوم فقير محمد يونس رحہ — مرحوم فقير نورالدين

مرحوم فقير محمد يونس رحہ ← مرحوم بخت علي فقير ← مرحوم علي نواز فقير ← فقير ميان امام بخش فقير (زنده- عمر 70 سال) موجوده گادي نشين

مرحوم فقير نورالدين ← مرحوم هادي ڏنو فقير، مرحوم مولئٰ بخش فقير

مرحوم مولئٰ بخش فقير ← مان ٻيل فقير، مرحوم ميان فقير محمد

مان ٻيل فقير ← ميان مولئٰ بخش فقير (زنده- عمر 73 سال)

فقير صاحب کي ٻه نياڻيون ٿيون: مائي غلام فاطمہ، جيڪا پنهنجي مرشدن ۾ (سخي قبول محمد اول، سچل سائين جي سؤٽ کي) ڏنائون. ٻي مائي ياڳ پري، جا ميان نعمت الله جي پٽ الله آندي ڪلهوڙي کي ڏنائون.

فقير صاحب سان سندس ڏوهٽاڻ هميشہ ڪان گڏ رهندو آيو آهي. اهي عباسي خاندان جا آهن. فقير صاحب جي ڏوهٽاڻ مان ميان خدا بخش فقير هڪ هڪ وڏو ڪامل درويش ٿي گذريو آهي، ميان خدا بخش فقير جي والد بزرگوار ڪان سندس شجرو هن ريت آهي:

مرحوم فقير الاهي بخش فقير

مرحوم بخش فقير — مرحوم ڪوڙل فقير — مرحوم خدا بخش فقير — مرحوم ميان داد فقير

مرحوم بخش فقير ← مرحوم غلام نبي فقير، مرحوم دوست محمد فقير

مرحوم غلام نبي فقير ← ميان الاهي بخش

مرحوم دوست محمد فقير ← ميان شاهہ محمد

مرحوم ڪوڙل فقير ← ميان الهرکيو فقير ← ميان بخش علي فقير

مرحوم خدا بخش فقير ← ميان هادي بخش فقير ← ميان عطا حسين فقير، ميان خادم حسين فقير

مرحوم الاهي بخش فقير پٽ ميان نعمت الله. ميان نعمت الله حسين هو، راڳ ڪندو هو، فقير صاحب جو ساٿس انس هو. ڪيس مائٽ ونڻ آيا تہ فقير صاحب چيس: ادا، تون منهنجو مِٽ ۽ مان تنهنجو مِٽ. ائين چئي پنهنجي پيڻ پرڻايائينس ۽ سندس پٽ الهہ آندي کي پنهنجي نياڻي مائي ياڳ پري پرڻيائين.

# فقير محمد يوسف نانڪ جا حالات زندگي

## مسڪن ۽ واقفيت:

فقير صاحب نانڪ يوسف جن جو والد بزرگوار اصل سري جو رهاڪو هو، پر ڪن سببن ڪري اتان لڏي اچي جهل مگسي ۾ رهيو. سندن نالو مولوي محمد هاشم هو. نسلي طرح ذات جا کوکر هئا ۽ سندن مادري زبان سرائڪي هئي. علمي لحاظ کان عربي، فارسي، سنسڪرت، اردو، بلوچي، هندي ۽ ٻين عام ٻولين کان پڻ بخوبي واقف هئا. سندن ذريعہ معاش مفتي تي رهڻ هو. پنهنجي ملڪي نظام جا فيصلا، شرعي فرمودن موجب حل ڪندا هئا. جهل شريف ۾ سندن هڪ وڏو مدرسو پڻ هوندو هو، جنهن ۾ فقه ۽ فرقان سان گڏ رواجي تعليم جو درس تدريس پڻ ڏيندا هئا. انهيءَ درس و تدريس ۽ شرعي فيصلن نبيرڻ جي عيوض کين، وقت جي حاڪم کان مقرر پگهار ملندو هو، جنهن مان گذر سفر ڪندا هئا. اعليٰ علميت ۽ رياضت جي لحاظ کان سندن گهراڻو، ان وقت جي چڱن گهراڻن مان هڪ ليکيو ويندو هو.

ڪيترائي ماڻهو مولوي محمد هاشم جن جا معتقد پڻ ٿيندا ويا. سندن اعليٰ علميت ۽ درس و تدريس جو ايترو تہ نمايان اثر هو، جو ڪيترائي طالب علم، پري پري کان اچي سندن مدرسي ۾ داخل ٿيندا هئا ۽ هن بزرگ جي اعليٰ علميت مان فيض حاصل ڪندا هئا. مولوي صاحب جن کي حضور ﷺ جن سان بي انتها عقيدت هوندي هئي، ان ڪري اڪثر عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. سندن سادگي، عبادت، خلوص و اخلاص، خلق و اخلاق سبب سندن شهرت پري پري تائين پکڙجي وئي. ان هوندي بہ جيئن تہ کين ڪافي عمر گذرڻ بعد بہ ڪو نرينہ اولاد نہ هو، ان ڪري سدائين غمگين رهندو هو ۽ وت ۽ وس آهر حيلا ڪندو رهندو هو ۽ بارگاھ الاهي ۾ سربسجود رهندو هو.

## ولادت باسعادت:

فقير نانڪ يوسف جي ولادت جي تاريخ، مهينو توڙي سال نہ ملي سگهيو آهي. بهرحال راوي ماستر محمد موسيٰ ولد محمد عثمان سومرو، جنهن جي لکيل سوانح حيات تي هي احوال مرتب ڪيو ويو آهي، ان لکيو آهي تہ: سنہ 1898ع ۾ فقير صاحب جو هڪ خاص مريد فقير حاجي عبدالله بروهي، جيڪو پڻ جهل شهر جو باشندو هو، سو فقير صاحب نانڪ يوسف جي درگاھ تي زيارتي آيو، جنهن سان منهنجي ملاقات ٿي. ان وقت فقير حاجي عبدالله جي عمر اٽڪل 80 ورهيہ کن هئي. ان ٻڌايو تہ مولوي محمد هاشم کي ڪوبہ پٽ ڪونہ هو، پر پُٽ جي بيحد گهڻي تمنا هئي. ان لاءِ هي بزرگ الله کي ٻاڏائڻ کان علاوه بہ ڪافي حيلا هلائيندو رهندو هو. آخرڪار هڪ پيري هڪ بزرگ ”عبدالله شاھ گودڙي“ تي وڃي جاڳيو. اتان کيس اشارو مليو تہ: توکي پٽ ڄمندو، پر منصوري دم هڻندو.

آخرڪار بخت وريو ۽ مولوي صاحب کي هڪ سهڻو پٽ تولد ٿيو، جنهن جو نالو محمد يوسف رکيائين. فقير محمد يوسف جي تولد ٿيڻ وقت سندس ڇهري تي هڪ اهڙو خوشبودار قدرتي پڙدو آيل هو، جنهن جي خوشبوءِ کي فقط سندس والد بزرگوار ڄاتو ٿي.

فقير صاحب جي زندگي جي روايتن موجب ۽ عمر جي لحاظ کان اندازي طور چئي سگهجي ٿو تہ فقير صاحب جن اٽڪل 1192ھ جي لڳ ڀڳ تولد ٿيا هئا (والله اعلم باالصواب).

جنم: 1192 اندازاً

وفات: 1269ھ

## حالات صغيري:

فقير نانڪ يوسف اڪيلو طفلانہ مشغولي کان جڏهن فارغ ٿيو تہ ڪيس ٻين ننڍن ٻارن سان کيڏڻ جي خواهش ٿي. عام طرح اُستاد جو ادب بي پايان آهي، تعليم يافتہ استاد جي ادب سان گڏ پنهنجي عزيزن، رشتيدارن جو پڻ ادب ۽ احترام ڪندا آهن. ميان محمد يوسف جي پڻ انهن صفتن سبب شاگردن توڙي ٻين ٻارن ۾ ڪافي عزت هوندي هئي، ان ڪري شهر جا سڀ ٻار، اڪثر ڪيس اڳواڻ ڪري تسليم ڪندا هئا ۽ جنهن بہ راند جو پاڻ رايو ڏيندو هو، اها ئي راند کيڏي ويندي هئي.

- **(الف) طفلي زندگي- منزل پهرين**: فقير صاحب محمد يوسف کي ننڍي هوندي کان ئي، نہ عام راندين سان ڪا دلچسپي هئي ۽ نہ ئي ڪڏهين بہ ڪنهن ڪيس عام ٻاراڻي راند کيڏندي ڏٺو. فقير صاحب سڀ کان پهرين جيڪا راند کيڏي، سا هئي: عشق بہ منزل ماتام. پاڻ شهر جا ننڍا ڇوڪرا گڏ ڪري پن جا تابوت ۽ سيجون نهرائي ٻارن کي ڪٺائيندو هو ۽ پوءِ پاڻ ٽين يا سر جو ٽڪرو ڪٽي ڏِڏَ وڄائيندو هيو. ڏِڏَ وڄائيندي رئندو رهندو هو ۽ روئندي روئندي ايترو تہ محو ٿي ويندو هو، جو مٿس مدهوشي ڇانئجي ويندي هئي ۽ بيهوش ٿي ڪِري پوندو هو. ننڍا ٻار سندس اها وجداني حالت ڏسي، ڪيس اهڙي حالت ۾ ڇڏي، پنهنجن گهرن ڏانهن ڀڄي ويندا هئا ۽ فقير صاحب ڪيتروئي وقت اُتي بيهوش ٿيو پيو هوندو هو، جڏهن هوش ۾ ايندو هو تہ پوءِ اُتي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيندو هو.

جيئن تہ فقير صاحب جو والد بزرگوار شريعت جو پورو پورو پابند هو، انڪري جڏهن ڪيس پٽ جي اِن راند جي پڪي ثابتي سان خبر ملي، تہ هو برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ پٽ کي ٿڌي سيني سان هدايت ڪيائين تہ: اها راند ڪيتري بہ چڱي سهي، پر تنهنجي عمر اجان ان راند جي لائق نہ آهي. ماتام يا گِريہ کي مولوي محمد هاشم چڱيءَ ريت ڄاتو ٿي، ان هوندي بہ شرعي اصولن موجب اها راند ناجائز هجڻ ڪري، پٽ کي ان راند ڪرڻ کان منع ڪيائون. پنهنجي والد جي هدايت تي فقير صاحب ان راند کيڏڻ کان بس ڪري ڇڏي.

- **(ب) طفلي زندگي- ٻي منزل**: راوي جي چوڻ موجب، جڏهن فقير صاحب کان پهرين ”ماتام“ واري راند ڇڏائي وئي، ته هن وري ٻي راند ”ڪنايو عاشقان“ شروع ڪئي. يعني اهل الله جن جي سر قدم پوئلڳ ٿيڻ، جتان ئي بهارجي بوءِ اچي يعني صحيح ڏيکاريائون ته منصور جو ڪنايو عارفانه هو. عاشقن جي عارضي درگاهه تي ڌمال هڻڻ فيض کان خالي نه آهي. ان راند ۾ فقير صاحب شهر جا ڇوڪرا گڏ ڪري، گهران ڪو ڪپڙو ڪٽي، ان کي ڦاڙي چيري، ان جا سيني ڇوڪرن کي لُنگ ٻڌائيندو هو. پوءِ ڪُلهن تي ڏنڊن جهڙيون ڪاٺيون رکائيندو هو، پوءِ پاڻ پهرين راند وانگر ڌمال جو دهل وڄائيندو هو، دهل وڄائيندي وڄائيندي، مٿس اها ئي وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ بيهوش ٿي ويندو هو.

آخرڪار جڏهن سندس والد محمد هاشم کي وري هن راند جي خبر پئي ته هن وري به کيس ٿڌي سيني سان سمجهايو ته: مان اوهان جي هرهڪ عمل ۽ راند روند کي ڄاڻان ٿو. رب ان شاءَالله تعاليٰ توکي نوازيندو، پر هن وقت تنهنجي عمر انهن راندين جي نه، پر علم پرائڻ جي آهي. علم کان سواءِ ڪوبه عمل صحيح نه آهي. انڪري اوهان علم پرايو ۽ انهن راندين کي هينئر ڇڏي ڏيو. اهڙي نيڪ نصيحت ۽هدايت فقير صاحب جي دل تي اثر ڪيو ۽ هو رانديون روندون ڇڏي، پوري توجهه سان علم پرائڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

جڏهن فقير صاحب سڀ رانديون روندون وساري پنهنجي والد وٽ تعليم پرائڻ ۾ لڳي ويو ته سندس ٻيا ساٿي، جيڪي ساڻس گڏ علم پرائيندا هئا، سي پڻ سيڪجهه وساري علم پرائڻ ۾ محو ٿي ويا. ان ڪري پڙهڻ جو چاهه اهڙو ته موجزن ٿيو، جو فقير صاحب به 15-16 سالن جي قليل عرصي ۾، عربي، فارسي، مولويت جي درجي تي پهچي ويو. سندس والد مولوي محمد هاشم سندس دستاربندي ڪرائي ۽ فقير صاحب عالم ٿي ويو. فقير محمد يوسف ڪامل عالم ٿيڻ بعد به مطالعو بند نه ڪيو، جو ته سندس ڪيترائي اهڙا اشارا موجود آهن، جن مان سندس ڏارين ملڪن جي علم و ادب سان واقفيت ۽ علمي لياقت جو وجود ملي ٿو.

## مولوي محمد هاشم جي وفات:

فقير صاحب نانڪ يوسف جن جڏهن پڙهڻ کان فارغ ٿيا ۽ سندن دستاربندي به ٿي، ان بعد سندس والد مولوي محمد هاشم وفات ڪئي. مرحوم محمد هاشم جي وفات جو هنڌ شهپور (غالباً تعلق شهدادڪوٽ) ضلعو لاڙڪاڻو چيو وڃي ٿو.

## معاش زندگي- شروعاتي وقت:

مولوي محمد هاشم جي وفات بعد سيني ملڪي اميرن خواهه عالمن، سندن پٽ نانڪ يوسف عرف فقير صاحب کي سندس مسند تي ويهاريو ۽ کين

اهوئي ڪم سپرد ڪيو ويو، جيڪو سندن والد بزرگوار ڪندا هئا. يعني شرعي فيصلا نبيرڻ ۽ مدرسي ۾ درس و تدريس جو ڪم. ان جي عيوض هن کي به اهوئي پگهار ملندو هو، جيڪو سندن والد کي ملندو هو. فقير صاحب جو گذر سفر ان پگهار مان ٿيندو هو. فقير صاحب جا شرعي فيصلا ۽ تدريس ايتري ته مقبول عام ٿي، جو وقت جي حاڪم، کيس مفتي اعظم جو لقب ڏنو؛ پر جيئن ته فقير صاحب کي دنيوي عظمت سان ڪو به لڳاءُ ڪونه هو، ان ڪري هن اهو لقب نه قبوليو. فقير صاحب هوندي آهر خيرخيرات به ڪندو رهندو هو، ايتريقدر جو ڪڏهن ڪڏهن ڪين ڪائڻ لاءِ به تمام ٿوري ماني نصيب ٿيندي هئي، پر اهڙي ڏينهن پاڻ بي انتها خوش ٿيندو هو.

## فيض جي ڳولا:

فقير صاحب جن ايتري عبادت ڪندا هئا، جو ڪين عالم، زاهد، پرهيزگار چيو وجي ته به گهٽ تعريف ٿيندي. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو، تيئن تيئن سندس علمي مهارت وسيع ٿيندي ٿي وئي ۽ سندس علم ۽ فضيلت جي هاڪ پري پري تائين پکڙجندي رهي. پر ايتري رتبي تي پهچڻ بعد به جڏهن کيس اهو خيال ايندو هو ته هيڏو وڏو عالم، زاهد سڏجڻ جي باوجود به اجا "الله" کي هٿ ڪري سگهيو نه آهي ته سندس اکين ۾ آب پرجي ايندو هو.

## پهريون چلو ۽ پهريون سفر:

فقير صاحب جن کي جڏهن الله سان واصل ٿيڻ جا خيال بار بار ستائڻ لڳا ته پنهنجن خيالن کي منزل مقصود تائين پهچائڻ خاطر هن سڀ دنيوي تعلقات ٽوڙي، مان مرتبا ڦٽا ڪري، چلا ڪڍي، هوت سان هيڪاندو ٿيڻ جو پڪو پهه ڪيو. سڀ کان پهرين هن جهل شهر جي ٻاهران هڪ واديءَ ۾ پنهنجي هٿن سان هڪ مڪان ناهيو ۽ حڪومت جا عطيه، درس و تدريس ۽ مٽ مائٽ ڇڏي، اُتي ويهي چاليهو ڪڍڻ لڳو. چلي جي مدت دوران فقير صاحب نه ڪجهه کائيندو هو نه پيئندو هو، بس هر وقت سندس زبان تي صرف خالق مالڪ جو نالو هوندو هو. آخر چاليهين ڏينهن کيس امر عنات ٿيو ته: توکي فيض ملندو، پر اُتان جتي منصوري دم هوندو.

اهڙو اشارو ته خود فقير صاحب جي والد کي به شاهه گودڙئي تي جاڳندي مليو هو، سو فقير کي هاڻ اهائي تمنا رهي ته ڪيئن به ڪري، کهڙي به طرح منصوري دم جو مقام حاصل ڪريان.

منزل ماڻڻ جي يقيني ارادي سان فقير صاحب جهل شهر ڇڏي، شهر جي اُتر طرف روانو ٿيو. سنياسي ۽ آديسي حال ۾ واٽون وٺي ووڙيندو، ويچاريندو، واجهائيندو، وندر وائي ورائيندو، سهل بستي لنگهي، جبل ڏونگر ڏاريندو هلندو رهيو. سفر ۾ کيس زنده خواه مماتيءَ وارن جون خانقاهون، درگاهون،

بيراڳي بستيون، سگهڙن جا سر، هنرمندن جا اڏا، وينجهارن جا واڙا، مسجدون، مندر، خيال جي اوڙ ۽ آڙ، اينجهه ۽ اُمنگ سان سلجهائيندو رهيو، پر هيترن ڏکن ڏاکڙن ۽ هيترين سارين منزلن ۾ ڪٿي به ڪيس پنهنجي منزل مقصود نظر نه آئي. آخرڪار فقير صاحب مايوس ٿي، پنهنجي وطن جهل شهر ۾ موٽي آيو. ان سفر ۾ فقير صاحب کي پورا ٻارهن مهينا لڳا.

## ٻيو چلو ۽ ٻيو سفر:

جيتوڻيڪ پهرئين طويل سفر جي ڏاکڙن فقير صاحب کي ڪافي ڏبرو ڪري ڇڏيو هو، پر هن پنهنجي مقصد کان منهن نه موڙيو هو، انڪري وري ٻيو چلو ڪاٽڻ جو ارادو ڪيائين. ساڳي واديءَ ۽ ساڳئي مڪان ۾ وري اچي چِلو ڪاٽڻ وينو، پر هن ڀيري به کين ساڳيو امر عنايت ٿيو ته: توکي فيض ملندو، پر اُتان جتي منصوري دم هوندو. اهڙي جواب وري فقير صاحب ۾ نئين سفر جو عزم جاڳايو ۽ فقير صاحب هن ڀيري جهل شهر جي اُتر بدران، منزل جي تلاش ۾ اولهه طرف روانو ٿيو. هن ڀيري به منصوري دم جي تلاش ۾ تڙ ترايون، ڍنڍيون ڍورا، جبل پهاڙ جهاڳي جهاڳي بيهي رهيو، پر ڪٿي به ڪيس منزل جا نشان نظر نه آيا. نيٺ ساڳي طرح اُجون، ٻُڪون ڪاٽيندو وري پنهنجي ڳوٺ جهل پهتو.

## ٽيون چلو - ٽيون سفر:

جيتوڻيڪ ٻئي سفر، فقير صاحب کي ويتر ضعيف ڪري ڇڏيو هو، تڏهن به يار جي ديدار جي اُڻ تڻ ڪيس ويهڻ نه ڏنو ۽ جڏهن تات ۽ طلب جا اُڏما اندر ۾ آند ماند ڪرڻ لڳس، ته فقير صاحب وري ٽيون ڀيرو چِلو ڪاٽڻ جو ارادو ڪيو، هن ڀيري به ساڳيو مڪان منتخب ڪري، ضعيفي حال سان، پر محڪم ارادي سان چِلو ڪاٽي پورو ڪيائين ته وري به اهوئي اشارو مليس ته: توکي فيض ملندو، پر اتان، جتي منصوري دم هوندو!

اهڙي امر تي فقير صاحب کي ڏاڍي ملولائي ٿي، پر هن صبرجو دامن هٿان نه ڇڏيو ۽ سِڪ جو سندرو ٻڌي، هڪ نئين عزم سان، هڪ نئين سفر جو ارادو ڪيو. هن ڀيري دل ۾ ارادو ڪيائين ته پنهنجي مرشد کان اجازت وني پوءِ سفر جو سانباهو ڪجي. اهو ارادو ڪري، هڪ گڏهڙي تي چڙهي، راڻيپور ۾ پنهنجي مرشد حضرت پير سائين ابوصالح شاهه سان ملڻ لاءِ جهل شهر جي اُيرندي طرف روانو ٿيو. سڀ کان پهرين منزل بيگاريءَ ۾ اچي ڪيائين، جتي اڄ به سندن ڪافي معتقد موجود آهن. اتان رواني ٿيڻ بعد ان هنڌ اچي منزل ڪيائين، جتي سندس زندگيءَ جو پهريون عرصو گذريو، يعني جتي هينئر ڳوٺ "فقير محمد يوسف" يا "فقير جو ڳوٺ" آهي، سندن درگاهه پڻ اُتي آهي.

فقير صاحب جي پهچڻ وقت اُتي ميرن جي شڪار جون لانڍيون لڳل هيون. فقير صاحب به پهريون ميرن جي لشڪر سان گڏ اچي رهيو هو. جڏهن

لشڪر وارا هن کي عام فقير سمجهي ٽوڪڻ لڳا ته فقير صاحب اُتان نڪري، لاکن جي ڳوٺ جي پرسان، هڪ لئي جي وڻ هيٺان اچي ساهه پٽيو. (ڪن جو چوڻ آهي ته فقير صاحب لاکن ۾ نه، پر گنديري ۾ اچي سهڙيو هو). پوءِ ڪيترو ئي عرصو بُک، اُڃ ۾ اُتي ئي پيو رهيو، ڪڏهن ڪنهن کان اَن پاڻي نه گهريائين. آخر ڪجهه ڏينهن بعد اُتان پنهنجي مرشد ڏانهن رواني ٿيڻ جو ارادو ڪيائين. جيتوڻيڪ ان عرصي ۾ سندس ڳڏهه به خبر ناهي ڪيڏانهن وئي هلي هئي ۽ پاڻ بيحد ڪمزور ۽ ضعيف ٿي چڪو هو، پر ان هوندي به، پيرين پنڌ مرشد تائين پهچڻ جو پهه ڪري اڳتي هلڻ لڳو. اجا به چار قدم ئي اڳتي مس هليو ته اوچتو هڪ اهڙو عشق جو طوفان شروع ٿيو، جو چؤطرف انڌ انڌوڪار لڳي وئي. طوفان ۾ ايتري ته شدت هئي، جو رستي واٽ جو ڪو پتو ڪونه ٿي پيو. فقير صاحب به طوفان جي تيزيءَ ۾ راڻيپور جو رستو ڀلجي، درازن شهر جي اُلهندي طرف پير صرفو کان ابل واه تي اچي چڙهيو*. اتي طوفان به بيهي ويو. صبح ٿيندي ئي، ڏينهن جي روشنيءَ ۾، سماع جي آواز تي هلندو اچي درازن جي درگاهه ۾ داخل ٿيو. فقير صاحب ته اڳ ئي منصوري دم جو ڳولائو هو. درگاهه جي مسجد ۾ ٿيندڙ سماع جي منظر ۾ کيس پنهنجي منزل نظر اچڻ لڳي ۽ دل کي اطمينان ٿيڻ لڳس. کيس پڪ ٿي اهو سماع، منصوري دم جي خانقاه آهي ۽ منصوري دم هڻڻ وارو اهو شخص آهي، جيڪو سيني ڏانهن منهن ڪريو، مراقبي ۾ وينو آهي.

فقير صاحب، سماع ۾ وينل فقيرن سان شامل ٿيڻ ٿي چاهيو، پر فقيرن هن کي اتي ويهڻ نه ڏنو ۽ باربار آزين نيزارين جي باوجود به هن کي ٽنگو ٽالي ڪري ڪٽي وجي، درازن شهرجي سمٽي ڪڏ جي ڪناري تي هڪ ڪنڊي سان ٽيڪ ڏياري ويهاري ڇڏيو. هلڻ کان هلاڪ، ڪمزور، ضعيف ۽ ناتوان فقير صاحب اتي ئي وينو رهيو، پر سندس رخ درگاهه شريف ڏانهن هو. اتي ويني، انهيءَ ئي حالت ۾ کيس ٻارهن مهينا گذري ويا.

حقيقت ۾ اهو مراقبي ۾ وينل درويش سچل سائين هو. ٻارهن مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن، جڏهن سچل سائين جن ان ڪنڊي وٽان اچي لانگهائو ٿيا ته فقير صاحب کي ان ڪنڊي هيٺان سر تسليم خم وينل ڏٺائون. سيني حاضر فقيرن چيو ته هي فقير شايد مري چڪو آهي، پر سچل سائين چيو ته نه، هي جيئرو آهي، پوءِ فقير صاحب کي يڪدم پاڻ وٽ گهرايائون، ٻارهن مهينن کان اُڃ ۽ بُک ۾ پيل فقير صاحب، سچل سائين جي سڏ تي يڪدم اٿين اُتي اُيو ٿي بيهي رهيو، جڻ منجهس ڪو نئون روح پئجي ويو هجي. فقير صاحب کي

---

* پير صرفو جي قبر مرحوم عبدالقادر فاروقي جي باغ ۾ اڄ به موجود آهي.

پنهنجي منزل آڏو نظر اچڻ لڳي ۽ هو وڏي سڪ ۽ حب مان هلندو اچي، هادي حضرت سچل سائين جي دربار ۾ حاضر ٿيو.

**فقير صاحب جي رياضت:**

فقير صاحب سڀ کان پهرين جيڪو رياضت جو ڪم ڪيو، سو هو درگاهه جي بنيءَ لاءِ ڪانيون ڪرڻ. ٻارهن مهينا گذرڻ بعد به هو نهايت سِڪ ۽ محبت مان پنهنجي رياضت کي هلائيندو آيو. اُڃ بُک جي ڪڏهن به ڪابه پرواهه نه ڪيائين. آخرڪار سندس پهرين رياضت رنگ لاتو ۽ سچل سائين جن فقير صاحب کي ڪانين ڪرڻ بدران درگاهه شريف جي مٽي پرڻ لاءِ امر ڪيو. فقير صاحب ان حڪم جي پوري پابندي ۽ مستعدي سان پوئواري ڪئي. دراصل مچ مچائڻ لاءِ ڪانيون آڻڻ، آگ اُجهائڻ لاءِ پاڻي پرڻ، اهي سيڪجهه عارفانه اشارا هئا. رندي رمزون هيون، هڪ قسم جي آزمائش هئي، جنهن ۾ فقير صاحب ثابت قدم رهي پار پيو.

**فقير صاحب کي الستي فيض ملڻ:**

فقير صاحب جڏهن ڪنن آزمائشن مان صدق دلي ۽ يقيني ارادو رکي پار پيو، ته منزل سندس پير چمڻ لاءِ آتي نظر اچڻ لڳي. آخرڪار اها رات آئي، جنهن ۾ فقير صاحب کي پنهنجي مرشد اڪمل کان فيض ملڻو هو. ان رات به دستور مطابق فقير صاحب رياضت مڪمل ڪري، مسجد شريف ۾ تجر جي دريءَ کان وينو هو. فقير صاحب دنيا ومافيها کان بي خبر، پنهنجي ئي پور ۾ وينو هو، ته اوچتو سندس ڪنن تي سچل سرمست جو آواز پيو. سچل سائين تجر مان، مراقبي ۾ ئي هڪل ڪري يعقوب فقير کي سڏ ڪيو (يعقوب فقير سچل سائين جو خاص خدمتگار هو) اتفاق سان ان رات يعقوب فقير اُتي حاضر نه هو، انڪري فقير صاحب نهايت عجز سان گذارش ڪئي، سائين، يعقوب فقير ته حاضر ڪونهي. باقي سندس پٽ يوسف حاضر آهي! (فقير صاحب، سچل سائين جي خاص خدمتگار هئڻ ڪري، پاڻ کي يعقوب فقير جو پُٽ سڏڻ ۾ به خوشي ٿي سمجهي)، فقير صاحب جي جواب کان پوءِ گهڻ وقت ماٺ تي وئي، اڌ رات جو سچل سائين وري يعقوب فقير کي سڏ ڪيو. فقير صاحب وري به گذارش ڪئي: ”سائين يعقوب فقير ته حاضر ڪونهي، باقي سندس پُٽ يوسف حاضر آهي.“ هن پيري وري ماٺ ٿي وئي، رات جي پوئين پهر، سچل سرمست وري به يعقوب فقير کي سڏ ڪيو. هن پيري به فقير صاحب ساڳي گذارش ڪئي: هادي سائين، يعقوب فقير ته ڪونهي، باقي سندس پٽ يوسف حاضر آهي.

ان پوئين هڪل ۽ سڏ تي، وري به يوسف فقير جو عجز وارو جواب ٻڌي، سچل سائين فرمايو: اي يوسف، تجر اندر هليو اچ... ذات باري تعاليٰ توکي نوازي رهي آهي، منو محمد ڪارٽي به توکي نوازي رهيو آهي ۽ پيران

پير بہ توکي نوازي رهيو آهي تہ پوءِ سچل کي ڪهڙي طاقت آهي جو توکي نہ نوازي! فقير صاحب، حڪم ٿيڻ سان باادب و احترام تعظيم سان تجر ۾ گهڙي ويو ۽ عجز و نياز مطابق، پنهنجي حال زار جون شڪر ادايون پيش ڪيائين. اهڙيءَ ريت فقير صاحب جي سچي سِڪ، اڻٿڪ جدوجهد هٿي وجي هنڌ ڪيو ۽ ڪيس اها منزل ملي، جنهن جي ڳولا لاءِ هو ڏک ڏاکڙا سهي، تڪليفون برداشت ڪري، ڪشالا ڪڍي پنهنجي وجود کي وڃائي، هٺ پير هٽي رهيو هو. فقير صاحب پنهنجي مرشد سچل سائين وٽان فيضياب ٿيڻ بعد، مرشد جي ئي قدمن ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو. جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو، تيئن تيئن فقير صاحب جو بحر وڏيڪ وجد ۾ ايندو ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن بعد سچل سائين فقير صاحب کي حڪم ڪيو تہ: اوهان پنهنجي وستيءَ ۾ وڃو! فقير صاحب عرض ڪيو: قبلہ سائين، هي ٻانهو تہ حضور جن جي قدمن ۾ رهڻ جو پياسي آهي، جهل مان مون کي هتي گهرايو اٿو تہ مون کي پاڻ کان پاسي نہ ڪريو. بهرحال پنهنجي مرشد جي زور پرڻ تي فقير صاحب وري بہ موٽي اچي پنهنجي وستي ۾ رهيو.

فقير صاحب جي اچڻ سان اُتي هڪ وڏو شهر ٻڌجي ويو. ان جو نالو ابتدا ۾ "رنگپور" رکيو ويو، پر موجوده وقت ۾ ان جو نالو "فقير محمد يوسف جو ڳوٺ يا فقير صاحب جو ڳوٺ" سڏيو وڃي ٿو. وستيءَ ۾ اچڻ بعد بہ فقير صاحب گهڻو وقت پنهنجي مرشد جي اُڪير ٿيندي هئي ۽ هو مرشد جي قدمن ۾ وڃي حاضر ٿيندو هو.

**فقير صاحب ۽ خيرپور جا مير:**

درگاهہ درازہ شريف خيرپور رياست ۾ آهي. ان وقت رياست جو والي مير علي مراد خان هو. جيتوڻيڪ ساڳي رياست جو روحاني بادشاهہ سچل سائين هو، پر ظاهري حڪومت ميرن جي هئي. مير علي مراد خان بہ سچل سائين جو نهايت ئي ادب ۽ احترام ڪندو هو ۽ مشڪل ايام ۾ سچل سائين جي رهبري مان مستفيض ٿيندو هو.

هڪ واقعو آهي تہ هڪ ڀيري مير علي مراد خان کي ڪن ۾ ڏاڍو سور اچي پيو، گهڻئي دوائون درمل ڪيائين، پر ڪوبہ فرق نہ پيس. آخرڪار سچل سائين ڏانهن ماڻهو موڪلي دعا درمل جي درخواست ڪيائين. سچل سائين سيني حاضر فقيرن کي چيو تہ: اوهان مان ڪوبہ وڃي مير صاحب جي ڪن جي سور لاهڻ جو حيلو ڪري. ٻيو تہ ڪوبہ فقير ڪونہ تيار ٿيو، البت فقير صاحب پنهنجي مرشد کان اجازت وٺي اچي، ڪوٽ ڏيجي ۾ مير صاحب وٽ پهتو. فقير صاحب اچڻ سان نڪا ڪئي هم نڪا تم، مير صاحب کي ڪن کان جهلي اهڙي تہ زوردار چماٽ هنيائين، جو هو مدهوش ٿي ڪِري پيو. فقير صاحب تہ

چماٽ هڻي هليو ويو، پر مير صاحب جڏهن هوش ۾ آيو ته پاڻ کي تندرست ڏسي يڪدم فقير صاحب جي پُڇا ڪيائين. جڏهن خبر پيس ته فقير صاحب خبر ناهي ڪيڏانهن هليو ويو ته يڪدم هن جي تلاش ۾ ماڻهو موڪليائين. گهڻي جاکوڙ بعد مير صاحب جي ماڻهن ڏٺو ته فقير صاحب هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي مراقبي ۾ ويٺو آهي. نوڪرن ڪيس مير صاحب ڏانهن هلڻ لاءِ عرض ڪيو، پر فقير صاحب ڪين جواب ڏئي ڇڏيو. فقير صاحب جي انڪار تي مير صاحب ڏاڍو غمگين ٿيو. آخرڪار پاڻ وقت جو حاڪم ٿي ڪري به، فقير صاحب وٽ هلي آيو ۽ سر تسليم خم ڪري، فقير صاحب جي قدمن ۾ ويهي، اچي پنهنجي غم جو اظهار ڪرڻ لڳو. فقير صاحب سندن غمگساري ڪئي. اهڙيءَ طرح عجز و نيازي جي عيوض فقير صاحب جي دعا سان مير صاحب جا سڀ ڏک دور ٿي ويا. هن فقير صاحب لاءِ ان ٽڪري هينان هڪ ڪوهه کوٽايو ۽ رهائش جو پڻ بندوبست ڪيائين.

ڪيترن اميرن، وزيرن، مير صاحب طرفان فقير صاحب جي ايتري وڏي اعتراف، عزت افزائي ۽ عجز و نياز بجا آڻڻ تي، مير صاحب کي چيو: ڇا فقير، ڇا اوهان جي بادشاهي! ڇا اوهان جي عظمت، ڇا وري اها هڪ فقير جو ايڏو ادب و احترام ٿا ڪريو! ان تي بروقت ته مير صاحب خاموش رهيو، پر پوءِ هڪ وڏي ڪچهري گهرائي، انهن تعجب ڪندڙن کي پنهنجي ڪن جي تڪليف ۽ فقير صاحب جي چماٽ هڻڻ جو واقعو ٻڌايو، ته سڀ حيران ٿي ويا ۽ خود فقير صاحب جي پهچ ۽ بزرگيءَ جا قائل ٿي ويا.

مرشد اڪمل جي فرمودي موجب فقير صاحب مير علي مراد خان جي ڪن جو سور ڇڏائي، ڪيس حضور حاصل ڪرايو. ان بادشاهي رسم الباب موجب ڪين ڪجهه وقت اُتي ترسڻو پيو، ان بعد فقير صاحب اتي پنهنجا فقير ڇڏي، پاڻ اسٽيشن گمبٽ کان هڪ ميل پري واقع حجمن جي ڳوٺ اچي رهيو. مير صاحب فقير صاحب جي رهائش لاءِ اتي به هڪ ڪوهه کٽايو ۽ رهائش جو بندوبست ڪيو. فقير صاحب جي اچڻ ڪري، حجمن جي ڳوٺ کي جيڪا شهرت ۽ برڪت ملي سا اڄ تائين وڌندي ويجهندي اچي. ڪجهه ڏينهن بعد فقير صاحب وري اچي سچل سائين جن وٽ حاضر ٿيو.

ان کان پوءِ رياست خيرپور جا سڀئي مير صاحب فقير صاحب جا معتقد ٿي ويا ۽ پڻ سچل سائين جا ڏن پرو مريد ٿيا. مير علي مراد خان فقير صاحب جو ايترو ادب احترام رکيو ايندو هو، جيئن هڪ ڪامل مرشد جو رکيو ويندو آهي، مير جي ادب و احترام جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هو جڏهن به ٻيلي طرف گشت يا شڪار تي ويندو هو ته فقير صاحب جي درگاهه تي ضرور حاضري ڏيندو هو ۽ سو به ان طرح جو، فقير محمد يوسف جي ڳوٺ جي حد، يعني منگلن جي شهر کان گيدوڙي ڪڙئي وٽ پهچندو هو، ته پوءِ شاهي

سواري چڙهي، رومال سان پنهنجون ٻانهون ٻڌي، پيرين پيادو اچي فقير صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ۽ نياز بجا آڻيندو هو. مير صاحب وقت جو حاڪم هو، هن فقير صاحب کي ننگر لاءِ ستابہ جي ويجهو ۽ اڳڙن جي ڏکڻ طرف ڪڇي ۾ زمين ڏني، جيڪا اڄ بہ فقير صاحب جا پويان سنڀاليندا اچن ٿا. ان کان سواءِ ٻيا ڪي شاهي پروانا بہ فقير صاحب کي ننگر لاءِ ڏنا ويا. جيڪي پڻ سندس پوين وٽ محفوظ آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ مير صاحب، لاڙڪاڻو بہ فقير صاحب کي جاگير طور ڏنو هو، مگر وري واپس ڪري ورتو، جنهنڪري فقير صاحب، مير صاحب ڏانهن انجام شڪني جو ڏوراپو لکي موڪليو هو.

### فقير صاحب ۽ حيدرآباد جا مير:

رياست خيرپور ۽ حيدرآباد جا مير اصل ۾ هڪ ئي نسل ۽ بنيادن سان تعلق رکن ٿا، پر انگريزن جي سياسي چالبازين هنن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري ڇڏيو. ان هوندي بہ هو هڪٻئي جو ادب و احترام ڪندا هئا ۽ پاڻ ۾ مٿيون مائٽيون پڻ ڳنڍيل هين. مذهب ۾ پڻ ٻئي ڌريون شيعہ فرقي سان تعلق رکندڙ هيون. اهوئي سبب هو جو مير علي مراد خان ظاهر تي سچل سائين جي مريدي نٿي اختيار ڪئي. سچل سرمست بہ سڀ حال معلوم هوندي، مير صاحب جي هر قول ۽ فعل کان واقف هوندي بہ، مير صاحب جي عزيزن سان لاڳاپن ٽٽڻ ۽ فساد پيدا ٿيڻ جي خيال کان، مير صاحب کي ازخود فقيري ۾ آڻڻ نٿي چاهيو. پر جڏهن حالات حد کان ٽپي ويا ۽ مير صاحب خود مشڪل ڪشائي چاهي، تڏهن ڪيس وڏي خوشيءَ سان فقيري آغوش ۾ آنڊائون.

جڏهن مير صاحب سڀ سانگا لاهي، سچل سائين جي ڏن پرو مريد ٿي ويو ۽ اها خبر حيدرآباد توڙي خيرپور جي ميرن کي پئي تہ مذهبي خيال کان اها ڳالهہ پسند نہ ڪيائون. خيرپور جا مير تہ پوءِ رندي راز سمجهي خاموش رهيا، پر حيدرآباد جي ميرن مان مير واحد بخش خان، مير علي مراد کي لکي موڪليو تہ: اوهان ڪهڙا مت جا موڙهل آهيو، جو شيعہ ٿي ڪري، حضرت عمر رضہ جي اولاد فاروقين جا وڃي ڏن پرو مريد ٿيا آهيو! ان تي مير علي مراد کين لکي موڪليو تہ: سچل سائين وڏو ڪامل اڪمل اهل الله آهي، ساڻس رب تعاليٰ جو بہ وڏو قرب آهي، ان ڪري اهڙي امانت جي صاحب جا ڏن پرو مريد ٿيڻ ۾ ڪابہ فڪر جي ڳالهہ ڪانهي. مير واحد بخش وري لکي موڪليو تہ: جنهن فقير جي اوهان ايڏي تعريف ٿا ڪريو ۽ احترام ٿا بجا آڻيو، ان کي اسان ڏي ڏياري موڪليو تہ اچي اسان سان بحث مباحثو ڪري. پاڻ نہ اچي سگهي تہ پنهنجو ڪو خاص فقير ڏياري موڪلي. مير علي مراد سڀ خط ڪٺي اچي سچل سائين جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. سچل سائين سموري مام پروڙي فقير صاحب کي حيدرآباد وڃڻ جو ارشاد ڪيو.

فقير صاحب مرشد رهبر جي ارشاد تي حيدرآباد جو سفر اختيار ڪيو، هن سفر ۾ ساڻس مهوال فقير، ڍنڍڻ فقير ۽ ڪي ٻيا فقير به ڪنا هئا. جيئن ته ان دؤر ۾ سواريءَ جو ڪو انتظام ڪونه هو. ان ڪري سيئي فقير پيرين پنڌ روانا ٿيا. جڏهن حيدرآباد جي ويجهو پهتا ته فقير صاحب جن جي طبيعت خراب ٿي پئي، جنهن ڪري هو اتي ئي ترسي پيو ۽ مير صاحب ڏي ماڻهو موڪليائين ته اسان سان اچي ملي وڃو. مير صاحبن نياپو آڻيندڙ فقير کي واپس ڪري چڏيو. آخرڪار، چو ته مرشد جو حڪم هو، انڪري فقير صاحب ساٿي فقيرن کي ساڻ ڪري، اچي حيدرآباد پهتو.

حيدرآباد جي ميرن کي جڏهن فقير صاحب جي آمد جي خبر پئي، ته هنن چا ڪيو جو ڪچهريءَ واري بنگلي جي ٻاهرين دروازي هيٺان ٽن يارن (حضرت ابابڪر صديق رح، حضرت امير عمر رضہ ۽ حضرت عثمان غني رضہ) جا اسم مبارڪ لکي، زمين ۾ پوري چڏيائون. فقير صاحب جڏهن ان دروازي تي پهتو ته يڪدم ڇرڪ پري پيهي رهيو ۽ نعوذبالله پڙهڻ لڳو. ان بعد اهي زمين ۾ پوريل نالا کوٽي ڪڍي چُميائين ۽ پوءِ دروازو پار ڪري اندر ويو. فقير صاحب اندر پهتو ته مير واحد بخش ٻين ميرن سان ڪچهريءَ ۾ مشغول هو ۽ گپ شپ ڪري، ٻتاڪون سٽاڪون هڻي رهيو هو. هن فقير صاحب جي ڪابه آجيان نه ڪئي ۽ فقير کي ڏسي به پنهنجي ڊاڙن ۾ لڳو رهيو. فقير صاحب صبر ۽ استقلال سان ڏسندو رهيو. جڏهن مير واحد بخش اها ٻتاڪ هنئي ته مون جهڙا شينهن اچ تائين ڪنهن به نه ماريا هوندا، ته فقير صاحب کي اهڙو ته جذبو آيو، جو اُتي جو اُتي شينهن بڻجي، ميرن جي آڏو بيهي رهيو. فقير صاحب کي شينهن جي روپ ۾ ڏسي ميرن جون وايون بتال ٿي ويون ۽ ڪو ڪيڏانهن پڇي نڪتو، ته ڪو ڪيڏانهن، مير واحد بخش جون به ڊاڙون ٻتاڪون سڀ چڏائي ويون ۽ ڪيس پنهنجو موت اکين آڏو نچندو نظر اچڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ فقير صاحب جو جذبو مانيٺو ٿيو ۽ وري اصل صورت ڌريائين. ڪجهه وقت ته ماٺ رهي، پر جڏهن مير واحد بخش ڪجهه سمت ۾ آيو ته فقير صاحب کي چيائين ته: سنڌڙي شهباز جي آهي، هتي ٻئي ڪنهن جي ڪرامت ڪانه هلندي. اتي فقير صاحب کي به ڏاڍو جوش آيو سو چيائونس ته: جيڪڏهن سنڌ شهباز جي آهي ته مان به ان جي در جو هڪ سگ ۽ غلام آهيان ۽ اهو خود شهنشاهه جو حڪم آهي ته غير جي حامين تي مارو مار ڪريو. ائين چئي فقير صاحب بنگلي کان ٻاهر نڪري آيو ۽ واپس درازن پهچي، اچي سچل سائين جي حضور ۾ حاضر ٿي سمورو حال عرض ڪيائين.

**فقير صاحب کي ”نانڪ“ لقب ملڻ:**

هڪ ڏينهن سچل سائين جن درگاهه درازان شريف جي موجوده مسجد جي پنيان اولهه طرف هڪ ٽلهي تي پنهنجن فقيرن ۽ طالبن سان ڪچهري ۾

ويٺي فرمايو تہ: اي فقيرو، اسان ڪيترين ئي ٻولين ۾ توحيد جو تذڪرو ڪيو آهي، پر هندي زبان ۾ ڪوبہ ذڪر نہ ٿيو آهي، اوهان مان ڪو هندي زبان ۾ توحيد بنسبت ٻڌائي سگهندو؟ مرشد جو اهو امر ٻڌي، ٻيا تہ خاموش رهيا، البت فقير صاحب ادب سان اُٺي عرض ڪيو: قبلہ سائين، آئون ان ٻوليءَ تي ڪابہ دسترس تہ ڪونہ ٿو رکان، پر جيڪڏهن سائين جن جي مهر جي نظر ٿيندي تہ هي بندو پري نہ آهي. اهو جواب ٻڌي سچل سائين جن ڪجھہ وقت خاموش ٿي ويا. چند ساعتون ئي مس گذريون تہ فقير صاحب جي بدن ۾ جذبہ ٔ حيات جي اهڙي تہ ڪثرت اچي پيدا ٿي، جو سندس بدن جا وار بہ ڪاندارجي ويا. مرشد جي دعا ۽ ڪمال سان فقير صاحب هندي زبان ۾ ڪيترائي چوپايہ، شبد ۽ ٻاٽيون بلڪل صحيح هندي زبان ۾ اهڙيون تہ ٻڌايون، جو سڀ حيران ٿي ويا. فقير صاحب جي اهڙي جذبي ۽ هندي زبان ۾ ڪمال جو تذڪرو ٻڌائڻ تي، سچل سائين ڪيس ”نانڪ“ لقب عنايت ڪيو ۽ چيائونس تہ تون تہ ساڳيو نانڪ ٿي ويو آهي.... هاڻ بهتر آهي تہ تون امرتسر وڃي گرونانڪ جي گادي سنڀال، اُتي توکي ڪابہ آزمائش اهنجي نظر نہ ايندي. فقير صاحب، نانڪ لقب ملڻ بعد مرشد جو امر اکين تي رکيو ۽ امرتسر جو سفر اختيار ڪيائين.

درحقيقت سچل سائين جو فقير صاحب کي امرتسر موڪلڻ جو مقصد ڪجھہ اهوئي هو، تہ جهڙيءَ طرح گرونانڪ هندن ۽ مسلمانن جي مذهبي اصولن ۽ قانون ۾ ترميم آڻي، مسلمانن کي بدگمان ڪرڻ لاءِ مورچو ٺاهيو هو، اهڙي طرح فقير صاحب جي اتي وڃڻ سان ڪافي غير مسلمانن کي اسلام ۾ آڻڻ جو ڪم آسانيءَ سان ٿي سگهندو.

## امرتسر جو سفر:

فقير صاحب پاڻ سان حاجي عبدالله فقير ۽ ڊنڊڻ فقير، بلو فقير ۽ الهداد فقير (جنهن کي ”اُٺ فقير“ بہ ڪري سڏيندا هئا. چو تہ اڪثر ڪري هر سفر ۾ اهو فقير صاحب سان گڏ هوندو هو ۽ سفر جو سمورو سامان پاڻ سنڀاليندو هو). ساڻ ڪري امرتسر ڏانهن روانو ٿيو. عبدالله فقير، جنهن راوي مرحوم کي هن سوانح کان آگاهہ ڪيو، ان جو چوڻ آهي تہ فقير صاحب اسان سان ڪڏهن بہ ڪونہ هلندو هو، بلڪ منزل بمنزل پنهنجي رهائش جو ڏس ڏئي، جدا ٿي ويندو هو ۽ پوءِ وري ڏس ڏنل جاءِ تي اسان سان اچي ملندو هو.

هڪ پيري هڪ اهڙي شهر ۾ اچي لٿا، جتي جا ماڻهو هڪ ئي تلاءُ مان پاڻي پيئندا هئا، پر جڏهن فقير اتان پاڻي پرڻ ويا تہ کين پاڻي پرڻ جي اجازت نہ ملي، اتي فقيرن پريشان ٿي اچي سڄي ماجرا فقير صاحب کي ٻڌائي. فقير صاحب هڪ سائي شيءِ هنن کي ڏني تہ وڃي تلاءُ ۾ وجهي ڇڏيو. ان شيءِ جي ڪري سڄي تلاءُ جو پاڻي سائو زهر ٿي ويو. اتي شهر جا ماڻهو نهايت پريشان

ٿيا ۽ اها ڳالهه شهر جي حاڪم تائين پهتي، ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه آين. آخرڪار ان نتيجي تي پهتا ته اهو سيڪجهه فقيرن کي پاڻي پرڻ کان منع ڪرڻ جو نتيجو آهي. پوءِ ته شهر جو حاڪم فقير صاحب اڳيان اچي پيش پيو، معافي ورتائين ۽ فقير صاحب جي ڪرامت کان متاثر ٿي سندس مريد ٿي ويو.

عبدالله فقير جي چوڻ موجب، هي قافلو اُتان روانو ٿي اچي لاهور شهر جي ٻاهران منزل انداز ٿيو. جيئن ته سفر جو سيڌو ختم ٿي چڪو هو، ان ڪري اُٺ فقير هڪ ٻئي فقير سان گڏجي شهر مان سيڌو وٺڻ ويو. رستي تي اُٺ فقير کي هڪ ريشمي رومال پيل نظر آيو، جيڪو هن ڪٽي مٿي تي ٻڌي ڇڏيو. ٿوري دير بعد هڪ دوڪان تان هي سيڌو خريد ڪري رهيا هئا ته ايتري ۾ پوليس اچي هنن کي قابو ڪيو ته اوهان وٽ چوريءَ جو رومال موجود آهي، انڪري اوهان چوري ڪئي آهي. هنن گهڻئي صفائي پيش ڪئي، پر پوليس کين وٺي وڃي بند ڪري ڇڏيو. فقير صاحب کي جڏهن اها ماجرا معلوم ٿي ته هو مراقبي ۾ هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ آسمان تي بادل پرجي آيا ۽ ايتري ته برسات پئي جو مسلسل 8-10 پهر وسندي رهي، سڄو شهر پريشان ٿي ويو. آخر سڀ ان نتيجي تي پهتا ته شهر ۾ ڪو اهڙو قصور ٿيو آهي. جنهنڪري هي الاهي ڏمر نازل ٿيو آهي.

آخرڪار شهر جي واليءَ کي به گرفتار ڪيل فقيرن جي معاملي ۾ ڪجهه شڪ نظر آيو، سو پڇا ڪري اچي فقير صاحب جن اڳيان پيش پيو ۽ معافي ورتائين، تڏهن برسات بند ٿي، شهر جي واليءَ فقير صاحب کي قرآن شريف جي آيتن سان هڪ چوغو به تحفي طور ڏنو.

آخرڪار هي قافلو اچي امرتسر پهتو. فقير صاحب به امرتسر پهچي نهايت دليري ۽ الاهي جذبه حيات سان اچي گرونانڪ جي گاديءَ تي ويٺو. فقير صاحب جي گاديءَ تي ويهڻ سان هندو لوڪن ۾ ٽرٽلو پئجي ويو ۽ هو حيران ۽ پريشان ٿي ويا ته هي ڪير آهي؟ هن کي ڪجي ته ڇا ڪجي؟ جيتوڻيڪ هندو لوڪ هزارين هئا ۽ هي پنج ڄڻا- ته به هو هنن جو وار به ونگو نه ڪري سگهيا ۽ فقير صاحب صبر ۽ استقلال سان گادي تي ويٺو رهيو ۽ اصل هندي واڻي ٻاڻي جو ورد ڪندو رهيو. آخر هندو هڪ ميڙ ڪري فقير صاحب وٽ پهتا ۽ ڪائنس حقيقت حال پڇيائون، فقير صاحب کين نهايت شجاعت ۽ دليريءَ سان چيو ته: آءٌ اوهان جو گرونانڪ آهيان، اچو ته اوهان کي ارٿ ڪرايان. بلڪل گرونانڪ جيان ارٿ ڪرڻ بعد هندن ۾ وڏيڪ ٽرٽلو پيو. چو ته هڪ طرف کين فقير صاحب واقعي گرونانڪ پئي نظر آيو ته ٻئي طرف جڏهن کين اهو خيال ٿي آيو ته گرونانڪ ته مري چڪو آهي، ته کين هيڪاري پريشاني پئي ٿي. فقير صاحب کي بار بار جي آزمائش ۾ وڌو ويو. حتيٰ ڪ هڪ ڀيري کين گرونانڪ جيان گرم تيل جي ڪڙهائي ۾ اشنان پڻ ڪرايو ويو. پر هي بزرگ به هر آزمائش ۾

ثابت قدم رهي، مردانگيءَ سان پار پوندو رهيو. تيل جي آڙهه ۾ گهڙڻ وقت سندس چپن تي هي ڪلام هو:

ٽلهه: ڏوپڙ ۾ ڏپو- سجڻ ڏوپڙ ۾ ڏپو
عشق جي آڙاهه ۾- ڏي تاه ٽينگڙ ٽپو
-1 هادي هردم همت توسين، چاڙهه عشق جو چپو
"لا اِله اِلا الله، هڻ غير کي لپو
-2 بنا دوستيءَ جي، ٻيو خان ڪپت ڪپو
هادي هردم حاضر ناظر، امڙ نکو ابو
-3 هئي هئي عمر ائين وڃي ٿي، ٻُپل ڪائڻ ٻُپو
پيو مڙوئي بن ڏئي، هڪ نام صاحب جپو
-4 هي جڳ بازي ڪوڙ پسارو، دنيا لوپي پپو
گگو چڏي ددر ڏوتي، للو، تتو پپو
-5 نانڪ يوسف منهڙو ڏس، نيڻ مرشد مکو
آئون پڻ گهوريان گهور تئين تون، جا عاشق جو پتو.

اهڙين آزمائشن بعد ڪيترائي هندو مسلمان ٿيڻ لڳا ۽ فقير صاحب جا طلب وارا طالب ٿيا. فقير صاحب ست سال گرونانڪ جي گاديءَ تي مقيم رهيو.

هندو چيلن ۽ سکن کي صحيح راه تي آڻڻ ۽ اُتان اسلام اندر غيرن جون درج ڪيل خاميون دور ڪرڻ ۽ کين اسلام جي صحيح راهه ڏيکارڻ بعد پاڻ واپس درازه شريف موٽي آيو.

**فقير صاحب جي موج ۽ الستي ڏن جا منظر:**

فقير صاحب کي جذبهءِ حيات ۾ ڏاڍي موج ايندي هئي. ايتريقدر جو موج ۾ سندن وار به اُڀا ٿي ويندا هئا. مٿي تي جيڪا ڪلاه هين سا پڻ تحرڪ ۾ اچي ويندي هئي. سچل سائين جي طالبن مان هي واحد طالب هو، جيڪو موج ۽ مستيءَ ۾ بي انتها مستغرق ٿي ويندو هو. ڪيترا ڀيرا ته ان موج ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جي غير پائيدار اصليت کي ڦيرائي راه راست تي آڻي ڇڏيندو هو. غلام حيدر فقير ان جو وڏو مثال آهي، جنهن جو ڪردار نهايت غلط هو، پر فقير صاحب موج ۾ اچي ان کي اهڙو ته بدلائي ڇڏيو، جو اڄ فقير غلام حيدر بروچ جي هڪ وڏي خانقاه آهي ۽ سندس تڪيو توحيد جي هرهڪ نقطہ کان تسليم شده آهي.

هڪ ڪيمياگر حيدر شاهه، خيرپور رياست جي مير علي مراد خان وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته مان اصل ۾ وڏو ڪيمياگر آهيان. مير صاحب کيس چيو ته پهرين تون اسان جي مرشد رهبر کي ڪيمياگري ڏيکاري اچ، پوءِ اسان توکي تسليم ڪنداسون. حيدر شاهه جڏهن فقير صاحب وٽ پهتو ته فقير صاحب موج ۾

اچي اھڙو تہ ڦير ڦيرايو، جو حيدر شاھ جي ڪيمياگري ھميشہ لاءِ موڪلائي وئي. اھو حال ڏسي حيدر شاھ فقير صاحب جن جو اھڙو تہ معتقد ٿي ويو جو پوءِ ساري عمر فقير صاحب جن سان ڪنو رھيو ۽ آخرڪار وفات بہ فقير صاحب جن وٽ ڪيائين. سندن تربت اڄ بہ فقير صاحب جي مقام ۾ صحيح سالم بيٺل آھي.

ھڪ ڀيري فقير صاحب جو تندي مستي ۾ وڃڻ ٿيو. جڏھن بازار مان وڃي رھيو ھو تہ ڪيس اوچتو وچ بازار ۾ وجد ۾ اچي ويو، وجد ۾ ايندي ئي وچ بازار ۾ ھي ڪلام چوڻ لڳو:

ٿلھہ: وھ واھ ويڪا ھي اسرار- برھہ بازار تماشا پل پل ڪا وھ وا
جيءَ مين جاون ٻلھار- ھماري يار حسن ڪي جھل جھل ڪا وھوا

1. مين پيتا جام شراب- ھويا بيتاب- نشي ۾ خواب- غرق در ھون
جيئن پونرا ۾ گلزار- مقيد دار زلف ڪي سل سل ڪا وھ وا

2. اي عشقي ڪا احوال- خدائي خيال- سنو برحال بيانائون
جين چاتي ۾ چمڪار- بره پڙڪار- اگر دل جھل جھل ڪا وھ وا

3. ايسا ھي شھزور- انا احد گور- درد ڪا شور- دل اندر مين
جيئن شاھ منصور سوار- اپر سردار- چوگان ۾ چل چل ڪا وھ وا

4. گم ڪر ھستي ڪا ڪوٽ- جسم ڪي اوٽ- چلا دم چوٽ، صفاتي سين
پيچي ديکين يوسف يار- سدا ديدار- صفا ۾ ال ال ڪا وھ واھ.

وچ بازار ۾ وجد ۾ اچڻ ڪري فقير صاحب جي چوڌاري ماڻھن جا انبوه گڏ ٿي چڪا ھئا. ايتري ۾ شھر جو ڪاردار خان محمد خان گھوڙي تي چڙھي اچي اتان لانگھائو ٿيو، ماڻھن جي انبوھ ڪري ڪيس لنگھڻ جو رستو نہ مليو تہ بيزار ٿي دل ۾ چوڻ لڳو تہ: مير صاحب بہ ڪھڙو نہ چريو آھي جو ھھڙي چرئي جو وڃي مريد ٿيو آھي! فقير صاحب آخري مصرع تي ڪاردارجي دل ۾ دھرايل اھي لفظ ٻڌي ڪاردار ڏانھن متوجھ ٿيو. سندن وجد جي حالت ۾ ڪاردار ڏانھن صرف توجھہ ايترو اثر ڪيو جو گھوڙي تي چڙھيل ڪاردار يڪدم وڃي ھيٺ ڦھڪو ڪيو ۽ بيھوش ٿي ويو. جڏھن سجاڳ ٿيو تہ سندس اھڙي حالت ھئي، جو سڄي عمر مستي ۽ مجذوبيءَ جي حالت ۾ گذاريائين، سندس چپن تي ھر وقت مٿئين ڪلام جي آخري مصرع ھوندي ھئي.

**فقير صاحب جا ھم صحبتي ۽ طالب:**

فقير صاحب جا ھم صحبتي ھئا: يعقوب فقير جتوئي، شير علي فقير پنيرو، فقير قادر بخش عرف بيدل فقير روھڙي وارو، گھرام فقير جتوئي، محمد صالح پيو دونھي وارو، محمد صديق ۽ حاجي عثمان چاڪي، فقير محمد صالح لاڙڪاڻي وارو، چنيہ فقير کھڙن وارو، مخدوم عبدالخالق کھڙن وارو، شادي فقير عرف شادي شھيد ۽ ٻيا.

فقير صاحب جي خاص طالبن ۾ بي انداز طالب شامل آهن. خاص ڪري جبلاتي طرف ۾ ته يوسف فقير نانڪ يوسف جو نالو وٺي هزارين ماڻهو پنهنجي طلب جو مجرو ملهائي ڏيکاريندا آهن، ان هوندي به خاص طلب مند فقير، جن فيض حقاني جو بخرو حاصل ڪيو ۽ الستي هيج وارا ٿيا، سي هئا: حاجي عبدالله فقير، ڊنڊڻ فقير ناريجو، غلام حيدر فقير شر ٻروچ، بلو فقير، باهو شاهه پنجاب جو، حسن شاهه پنجاب جو، حيدر شاهه (جو اول ڪيماگر سڏائيندو هو) وڏو فقير، مهوال فقير، سيد دين محمد شاهه، پير شاهه ۽ مير علي مراد خان ٽالپر.

**فقير صاحب جي صنعت:**

فقير صاحب نانڪ يوسف جن جي اُمت طفلانه زندگي ڪان اظهر من الشمس آهي، هو سچو عارف هو ۽ پنهنجي طالبن، مريدن، فقيرن ۽ ٻين عام انسانن سان خلوص و اخلاص ۽ حسن اخلاق سان پيش ايندو هو. فقير صاحب ايترو ته رحمدل هو جو پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن مريد، فقير يا عام ماڻهو سان تڪليف ده قدم نه ڪنيائين. ڪيس ڪا وڏائي ڪانه هئي، هميشه رب جي رضا تي راضي رهندو هو. پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ جيڪو سڀ ڪان وڏو جٽادار ڪم ڪيائين، سو هو سندس رهائش لاءِ تجر جو تعمير ڪرائڻ، سا به پوري نه ڪرايائين. اها تجر اڄ به سالم بيٺل آهي. فقير صاحب کي ڪوڙ سان نفرت هئي ۽ سچ جو ڪوڏيو هوندو هو. سندس پوشاڪ، رهڻي ڪهڻي ۽ سياءَ ۾ سادگي ئي سادگي هوندي هئي، نهنائي ايتري هئي جو طالبي جي زماني ڪان آخري وقت تائين بنيءَ لاءِ ڪانيون پهچائيندو رهندو هو. پنهنجي مرشد ڏانهن هميشه پيادو ويندو هو ۽ موٽندي به منهن درگاهه ڏانهن ڪري، پنيرو موٽندو هو. ڪڏهن به مرشد ۾ ڪا حجت نه رکندو هو ۽ هميشه چوندو هو:

تلهه: صدقي ٿيوان صدقي
مين بروا شهر درازا دا

مين لک واري واري جاوان
انهين نيڻا والي ناز دا

1- قربان جان ڪرون مين تم ديد بان هو- گفتار تورفتار بحق رام نام هي
2- ايسا نه ڪس سي چوٽي جيسا نه تمهاري نينون- خنجر ڪٽار يار تو هم وار دام هي
3- ڪونشن جي آئون ڪيڏڙي آهيان- خاڪ بسم جي ڍيرڙي آهيان
4- نانڪ يوسف يارجي در جي- آهيڙياڻي اهڙي آهيان
5- ميخانه بتخانه ڪعبه گنگا ناڪر دواري جي.

مٿين تشبيهن مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته فقير صاحب کهڙي سهڻي نموني شڪ شبي واريون حجتون دور ڪيون آهن ۽ کهڙي سليقي

سان ان ۾ استعارن جو وجود پيهم ڪيو آهي. تشبيهه ۽ استعاري جي وجود سان فقير صاحب تضاد جي صنعت پڻ استعمال ڪئي آهي. ٻن شين جي پيٽ ڪرڻ لاءِ يا انهن ۾ تفاوت کي نمايان ڪرڻ لاءِ فقير صاحب اها صنعت استعمال ڪئي آهي. انهن کان علاوه فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ لف و نشر، ايهام، مراعات نظير، تجنيس خطي، مجاز مرسل وغيره جهڙين صنعتن تي پڻ روشني وڌي آهي.

**فقير صاحب جي وفات جي تاريخ:**

فقير نانڪ يوسف عرف سنڌ جي يوسف جي جنم جي تاريخ ڪٿان به نه ملي آهي. فقير صاحب جو جنم جهل شهر ۾ ٿيو هو. جيئن ته اهو شهر خيرپور رياست کان ٻاهر آهي ۽ ان طرف اهڙي آمدرفت به ڪانهي، انڪري ڪا معلومات نه ملي سگهي. فقير صاحب هڪ وڏي بزرگ مرحوم مولوي محمد هاشم جو هڪڙوئي پٽ هو، انڪري سندس جنم جي تاريخ يقيناً داخل هوندي، پر جڏهن ته فقير صاحب ان نشونما کي ڇڏي، ٻي منزل واري نشونما ۾ داخل ٿيو ته سندس والد بزرگوار واريون ڪليل حقيقتون ۽ صحبتون به ڇڏي ڏنائين. انڪري به صحيح جنم تاريخ نه ملي سگهي. بهرحال اندازو آهي ته فقير صاحب جن 1792ع ڌاري ڄاوا هئا. البت فقير صاحب جن جي وفات جي تاريخ صحيح مليل آهي، جيڪا حضرت فقير قادر بخش "بيدل" روهڙي واري جي فارسي زبان ۾ چيل آهي. جيئن ته فقير بيدل ۽ فقير صاحب ٻئي هڪ ئي مرشد جا مريد هئا، انڪري يقيناً فقير صاحب جي اها وفات جي تاريخ صحيح هوندي: بيدل فقير جي چيل تاريخ وفات هن ريت آهي:

| | | |
|---|---|---|
| اين چه دوري که در زمان رفته | - | عارف کامل از جهان رفته |
| يوسف مصر جان- عزيز وجود | - | جانب ملک جاودان رفته |
| گشت روپوش اين تجلي گاه | - | به نهان خانه به نشان رفته |
| نور حق مدتي به پستي ماند | - | باز بر اوج لا مکان رفته |
| سال وصلش خرد بجست سروش | - | گفت طائر به آشيان رفته |

**يعني: 1269هه**

[رسالو "علمي آئينو" اداره سنڌ شناسي حيدرآباد، 1973ع]

❑

# (88) قاضي قادن جي سوانح حيات

قاضي قادن سنڌ ۽ هند جي اعليٰ پايي جي صوفي شاعرن مان آهي، جنهن جي عرفان ۽ اعليٰ اخلاقي شاعري جو اُتر سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر هندوستان جي صوفي عارفن توڙي هندو سنتن ساڌن تي پيو. قاضي قادن ادبي سنڌي ٻولي جو پهريون وڏو شاعر آهي ۽ هو سنڌي اساسي (ڪلاسيڪي) شاعري جو اَبو آهي؛ قاضي قادن سڀ کان اڳاٽو وڏو شاعر آهي، جنهن جا گهڻا سنڌي بيت پوري تصديق سان لکت ۾ ملن ٿا.

**نالو:**

قاضي قادن جي تاريخي شخصيت ۽ علمي ادبي عظمت جي باوجود، سندس ولادت، اوائلي تربيت ۽ تفصيلي سوانح حيات اڃان تائين تحقيق طلب آهن، ايتريقدر جو سندس نالي جي صحيح صورت پڻ هڪ وڏي عرصي تائين معلوم نہ ٿي سگهي. پوئين دور جي تحريرن ۾ سندس نالو ’قاضي قاضن‘ ڪري لکيو ويو آهي، پر اوائلي دور جي چئن ماخذن مان فقط مير معصوم جي تاريخ ۾ ’قاضي قاضن‘ لکيو ويو آهي[1]. باقي ٽن ٻين ماخذن ۾ ’تاريخ قادن‘ ڪري لکيل آهي. مير معصوم جي تاريخ کان اڳ جي ’تاريخ طبقات اڪبري‘ جي مصنف نظام الدين بخش ’قاضي قادن‘ لکيو آهي[2]. مير معصوم جي همعصر ميين شاهہ ڪريم پنهنجي زباني قاضي صاحب جو نالو ست ڀيرا ورتو، جنهن جو ذڪر سندس ملفوظات ”بيان العارفين“ ۾ آهي؛ جيڪو سندس مريد محمد رضا ٺٽوي فارسيءَ ۾ سنہ 1038ھ ۾ لکيو. ان جي اصل قلمي نسخي جي مطالعي سان ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم ”شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ مرتب ڪيو، جنهن ۾ هيءُ نالو چار دفعا ’قاضي قادن‘ هڪ دفعو ’قاضي (قاضن) ۽ هڪ دفعو ’قاضن‘ جي صورت ۾ ڏنل آهي[3]. طبقات اڪبري، تاريخ معصومي

---

[1] تاريخ سند المعروف بہ تاريخ معصومي، فارسي متن، تصحيح مرحوم ڊاڪٽر عمر بن دائودپوٽو، ڇپيل بمبئي 1938ع، صفحا 202- 204 وغيره.

[2] ايضاً، صفحو 302 (ڊاڪٽر دائودپوٽي جو ”تاريخ طبقات اڪبري“، جلد 3، صفحو 517 تان نقل ڪيل حوالو.

[3] ”شاهہ ڪريم بلڙي وارو جو ڪلام“، سنہ 1937ع وارو پهريون ڇاپو، صفحا 26، 38-87، 94 ۽ 112. هن اشاعت جي صفحي 25 جي حاشيي ۾ ڊاڪٽر مرحوم پاڻ بہ ’قاضي قادن‘ ڪري لکيو، جيتوڻيڪ ’نئين زندگي‘ رسالي (ماه سيپٽمبر 1950ع) ۾ پنهنجي مضمون جو عنوان ”قاضي قاضن سيوهاڻي“ ڪري لکيائين. راقم کي تازو ’بيان العارفين‘ فارسي قلمي جو عڪس دستياب ٿيو آهي. جنهن ۾ جتي ڪٿي ’قاضي قادن‘ لکيل آهي. (جيتوڻيڪ موجوده دور جي ڪنهن صاحب ’قاذن‘ کي ڪاٽي ”قاضن“ ڪري لکڻ جي مشق ڪئي آهي).

۽ بيان العارفين فارسي عبارتن ۾ 'دال' کي 'ذال' ڪري لکڻ واري رسم تاريخي طور مجيل ۽ مقبول رهي آهي جنهن بابت چيو ويو ته:

آنان به فارسي سخي مي رانند- در معرض دال ذال نيشانند
قبل وي ساکن جز واو بودَ دال است- ور نه ذال معجمه خوانند."

(يعني: جيڪي فارسي ۾ لکن ۽) بيان ڪن ٿا، سي 'دال' بدران 'ذال' آڻين ٿا: جيڪڏهن اڳ وارو حرف واو ڪان سواءِ ٻيو ڪو ساڪن آهي ته دال سمجهڻ گهرجي: ورنه ذال ڪري سمجهجي).

'قاذن' ۾ 'ذ' کان اڳ وارو حرف 'الف' ساڪن آهي. انهيءَ ڪري 'ذ' اصل 'د' آهي، يعني ته اصل لفظ 'قادن' آهي. انهن فارسي ماخذن کان پوءِ، هندوستان ۾ دستياب ٿيل قلمي ڪتابن ۾ جيڪي ديوناگري خط ۾ لکيل آهن[1]. تن سيني ۾ 'ڪاجي ڪادن' لکيل آهي. جنهن مان ويتر وڌيڪ تصديق ٿئي ٿي ته اصل نالو 'قاضي قادن' ئي هو: 'قاضي قاضن' هجي ها ته 'ڪاجي ڪاجن' ڪري لکيو وڃي ها[2]. هندوستان ۾ مهدوي طريقي جي ماخذن مطابق پڻ اصل نالو 'قاضي قادن' آهي. محترم قريشي حامد علي خانائي انهن ماخذن جو حوالو هن طرح آندو آهي[3].

'علامہ سيد حسين محمود مهدوي لکي ٿو ته قاضي صاحب جو اصل نالو "قاضي قادن" آهي، جنهن کي مصنفن اڪثر غلطيءَ کان "قاضي قاضن" ڪري لکيو آهي[4]. ساڳيءَ طرح سيد محمود مهدوي جو پڻ قول آهي ته "سنڌ ۾ قاضي صاحب کي اڪثر "قاضي قاضن" ڪري لکن ٿا ۽ هندوستان ۾ "قاضي قادن" جي نالي سان مشهور آهي ۽ ڪيس انهيءَ ئي نالي سان سڏيو وڃي[5].'

---

(1) انهن جو ذڪر هيٺ ايندو

(2) هن موضوع تي راقم ڪجھ وقت اڳ پنهنجي هڪ مضمون 'قاضي قادن جي نالي جي وضاحت' (ماهنامو، پيغام مارچ 1979ع) ۾ پڻ تفصيل سان روشني وڌي آهي. ان بعد وڌيڪ ماخذ مطالعي هيٺ آيا آهن جن جو ذڪر باب 2 هيٺ ايندو.

(3) مهدي جونپوري ۽ قاضي قادن (مضمون)، 'قاضي قادن جو ڪلام'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1996ع، ص 119

(4) سيد حسن محمود: المهدي الموعود: شمسيه چنچل گوڙ، حيدرآباد دکن، سال 1358ھ، ص 316

(5) سيد محمود يدالامي: حيات پاڪ، حيدرآباد دکن، ص 282.

’قادن‘ پيار پريو تصغير جي صورت وارو آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قاضي صاحب پنهنجي ننڍپڻ کان وني سلڇڻو، ملنسار ۽ پيارو ٻار هو جو کيس پيار واري نالي سان ’قادن‘ ڪري سڏيائون ۽ پوءِ ان سان ئي هو مشهور ٿي ويو. ٿي سگهي ٿو تہ جيئن موجوده وقت ۾ آهي تيئن ان وقت پڻ ’قادربخش‘ کي ئي پيار مان ’قادن‘ سڏيو هوندائون. ۽ اصل نالو شايد ”قادر بخش“ هجي.

## خاندان:

مير محمد معصوم پنهنجي ’تاريخ سنڌ‘ (تاريخ معصومي) ۾ قاضي صاحب جي سوانح بابت گهڻا اهم حوالا ڏنا آهن. ميرمحمد معصوم، ميين شاهہ ڪريم جو همعصر هو ۽ ٻئي قاضي صاحب جي دور کي ويجها هئا. مير معصوم (ولادت: 944هہ) چوڏهن سالن جو هو جو قاضي قادن وفات: (958هہ) ڪئي، قاضي صاحب جي حياتيءَ بابت هيٺيون احوال گهڻي ڀاڱي مير معصوم جي ڏنل حوالن مطابق آهي[1].

قاضي قادن جو والد قاضي ابوسعيد، ڏاڏو قاضي زين الدين ۽ (ٻن واسطن کان پوءِ) پڙڏاڏو قاضي قاضن هو. سندن وڏا ٺٽي ۽ سيوهڻ ۾ رهندڙ هئا[2]. جتان سندن وڏو ڏاڏو قاضي ابوالخير جيڪو وڏو عالم ۽ زهد ۽ تقويٰ جو صاحب هو پهريون بزرگ هو جيڪو اچي بکر ۾ رهيو. ان بعد هيءَ خاندان بکر ۾ سڪونت سبباں ’بکري‘ (بکر جو) مشهور ٿيو ۽ مير معصوم بہ قاضي قادن کي بکري ڪري لکيو آهي. البت وڏي ڏاڏي ابوالخير کان اڳ سندن وڏا ٺٽي ۽ سيوهڻ ۾ رهندا هئا ۽ سمن جي دور ۾ جڏهن شهر ٺٽو وڏيو ۽ حڪومت جو مرڪز بنيو تڏهن ٺٽي ۾ آيا. وڏن جي انهيءَ آڳاٽي رهائش جي نسبت سان، ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم قاضي صاحب کي ’سيوهاڻي‘ ڪري لکيو، باقي سندس اباڻو گهر بکر هو.

ڊاڪٽر دائودپوٽي ’بيان العارفين‘ ۾ آيل حوالي جي بناء تي پهريائين لکيو تہ ”قاضي قادن، بکر جي ڳوٺ دربيلي ۾ رهندو هو[3]. ان کان گهڻو پوءِ لکيائين تہ ”قاضي قاضن (قادن) اصل ۾ دربيلي (ڊيري) جو وينل هو[4]. قاضي قادن جو ڪٽنب پوءِ بہ بکر جي قلعي ۾ رهندو آيو تہ جو مهيني محرم سنہ

---

(1) تاريخ معصومي، ايضاً، ص ص 188-189 ڏسو صفحا: 114، 16، 119، 121، 123، 142، 181، 188، 189، 200، 202، 204

(2) مير معصوم جي اصل عبارت: ”ايشان در بلده تهتہ وسيوستان، سڪونت داشته اند (ص 200)

(3) ايضاً، ص 188-189

(4) ”شاهہ ڪريم بلڙي واري جو ڪلام“، بمبئي 1356هہ/1937ع، صفحو 25 (حاشيو)

962هجري (1555ع) ۾ سلطان محمود خان انهن ساداتن ۾ ٻين ڪي قلعي مان لڏائي ٻاهر ويهاريو[1].

قاضي قادن جي والد ابوسعيد جي اولاد بابت تاريخ معصومي مان جيڪي ٿورڙا حوالا ملن ٿا، تن مان هن ڪتنب جو شجرو هن طرح نڪري ٿو:

**'قاضي قاضن (قادن) وڏو'**
**(اُن جي اولاد مان)**
**قاضي ابوالخير**
↓
**قاضي زين الدين**
↓
**قاضي ابوسعيد**

**قاضي قادن** — **قاضي نصرالله** — **ٻيا پٽ**

**قاضي قادن**
↓
**قاضي عيسيٰ**
(950 هجري ۾)

## ولادت:

ميرمعصوم جي لکڻ موجب قاضي قادن "وڏي عمر" ۾ قضا جي عهدي تان استعفيٰ ڏني[2]. "وڏي عمر" مان 75 کان 80 سالن جي عمر جو اندازو ٿئي ٿو. واقعات جي تسلسل مان گمان ٿئي ٿو ته هن 945هه ڌاري استعفيٰ ڏني[3]. ۽ جيڪڏهن ان وقت هو 75 يا 80 سالن جي "وڏي عمر" جو هو ته سندس ولادت 865- 870هه وارن سالن ۾ ٿي هوندي. راقم 1990ع ۾ "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ۾ سالن بابت ڏنل حوالن جي ڪٿ ڪندي، سندس ولادت جو سال 870هه (1445ع) ڄاڻايو هو[4]؛ اهوئي سال مناسب معلوم ٿئي ٿو. بهرحال جيسين تائين ڪو ٻيو پڪو حوالو دستياب ٿئي تيسين تائين سندس ولادت 865- 870هجري وارن سالن ۾ تسليم ڪري سگهجي ٿي.

---

(1) مضمون "قاضي قاضن سيوهاڻي" رسالہ "نئين زندگي" مهينو سيپٽمبر 1950ع

(2) تاريخ معصومي (فارسي متن، ص 202) ۾ اصل الفاظ "در کبر سن ازان امر خطير استعفا نمود" "کبرسن" مان پوڙهپڻ واري وڏي عمر جو مفهوم نڪري ٿو.

(3) ايضاً، ص 204

(4) "سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي 1411هه/1990ع، ص 223

**تعليم:**

قاضي قادن بکر ۾ ڄائو نپنو، جنهن ڪري 'بکري' جي نسبت سان مشهور ٿيو. سندس ابتدائي تعليم بکر ۾ ئي ٿي. ان بعد وڌيڪ اعليٰ ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. مير معصوم جي لکڻ موجب:

> "قرآن مجيد فرقان حميد جو ياد حافظ هو. قرائت ۽ تجويد جي پوري ڄاڻ هئس. علم حديث، علم تفسير، اصول فقه، فقه (۾ عالم)، تصوف (۾ وڏو عارف) ۽ علم آلات (ڪَلُن اوزارن جو انجنيري علم يا ٽيڪنالاجي) ۾ اڪابر هو. انشا پردازي ۾ سندس ڪو مٽ ڪونہ هو. حساب ۽ رياضي جي بہ ڄاڻ هئس[1]."

اها اعليٰ تعليم سنڌ ۾ گهڻو ڪري سيوهڻ ۽ ٺٽي ۾، سنڌ کان ٻاهر گجرات جي شهر نهرواله (پٽن) يا احمدآباد ۾ حاصل ڪئي هوندائين. ان وقت سنڌ ۽ گجرات جي وچ ۾ سياسي ۽ ثقافتي ناتا هئا ۽ ٻنهي ملڪن جي تعليمي درسگاهن ۽ عالمن ۾ ويجهائي هئي، جيڪا پوءِ بہ گهڻي وقت تائين هلندي آئي. سنڌ وارا حج تي ويندا هئا تہ بہ گجرات جي بندرن تان چڙهندا هئا، جيڪي گجرات جي سلطانن جي سياسي ۽ مالي قوت سببان بين الاقوامي جهاز راني کان مشهور ٿي چڪا هئا.

**جواني وارو دور ۽ شادي:**

قاضي قادن جي بيتن ۾ سمايل فڪر مان اندازو ٿئي ٿو تہ هو وڏي ذهن ۽ فهم وارو هو ۽ انهيءَ لحاظ سان وڏ ۾ وڏ پنجويهن سالن جي عمر اندر فارغ التحصيل ٿيو هوندو: يعني تہ اندازاً سال 895هہ تائين هو پنهنجي اعليٰ تعليم پوري ڪري چڪو هوندو. ان بعد سندس جواني واري دور بابت ڪو خاص حوالو موجود ڪونهي، جنهن مان گمان ٿئي ٿو تہ ان کان پوءِ هن گهڻو وقت سير سياحت ۾ گذاريو.

تاريخ معصومي ۾ سندس ذڪر تڏهن اچي ٿو جڏهن شاهہ بيگ ارغون محرم 926هہ ۾ ٺٽي تي قبضو ڪيو. ان وقت قاضي صاحب پنهنجي ڪٽنب سميت ٺٽي جي شهر ۾ موجود هو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان سال کان گهڻو وقت اڳ سندس شادي ٿي ۽ هو عيالدار ٿي چڪو هو. بهرحال 895هہ کان وٺي

---

[1] تاريخ معصومي، فارسي متن، 201

926هه تائين ايڪٽيهن سالن جو هڪ وڏو خال آهي، جنهن ۾ قاضي صاحب جي زندگي بابت وڌيڪ ڇنڊ ڇاڻ جي ضرورت آهي. البت هن عرصي بابت سنڌ کان ٻاهر جي تاريخن ۾ ڏنل هيٺيان ٻه حوالا غور طلب آهن:

(الف) مير معصوم جي ’تاريخ سنڌ‘ کان اڳ لکيل تاريخ ’طبقات اڪبري‘ ۾ ڄاڻايل آهي ته: سنه 899هه ۾ شاهه بيگ قندهار کان چڙهائي ڪري اچي ڄام نظام الدين جي قلعدار بهادر خان کان سيبي جو قلعو فتح ڪيو ۽ پنهنجي پاران سلطان محمد کي اُتي جو حاڪم مقرر ڪيائين. سنڌ مان ڄام نِندي (سلطان ڄام نظام الدين)، مبارڪ خان (دريا خان) کي چاڙهي موڪليو ۽ مقابلي ۾ سلطان محمد مارجي ويو ۽ سيبي تي وري ڄام ندي جو قبضو ٿيو. شاهه بيگ پوءِ ميرزا عيسيٰ ترخان کي موڪليو جنهن (سيبي ۾) ڄام جي لشڪر تي غلبو حاصل ڪيو پويان شاهه بيگ به لشڪر سان چڙهيو ۽ نِدي جي گُماشتي (نائب) قاضي قادن کان بکر جو قلعو (بنا جنگ جي) صلح سان ورتائين.

ڊاڪٽر دائودپوٽي جي قياس موجب اهو واقعو 923هه جو آهي[1]. پر تاريخ معصومي ۾ اهڙو ڪو ذڪر ڪونهي ته شاهه بيگ بکر جو قلعو قاضي قادن کان ورتو. ٻيو ته 923هه ۾ سنڌ جو حڪمران ڄام فيروز هو؛ نه فقط تاريخ طبقات اڪبري پر تاريخ ماثر رحيمي (جلد-2، ص 1) ۾ به قاضي قادن کي ڄام ندي جو نائب ڪري ڄاڻايل آهي. انهيءَ ڪري اهو واقعو ڄام نظام الدين (وفات: 914هه) جي دور جو ئي تسليم ڪري سگهجي ٿو.

(ب) ٻيو حوالو مهدوي طريقي جي ماخذن مان ملي ٿو. سيد محمود مهدوي لکي ٿو ته سنه 903هه ۾ سيد ميران محمد جونپوري احمدآباد کان شهر نهرواله آيو ۽ اُتي قاضي قادن جي خانقاه ۾ اچي ٽڪيو[2].

مٿين ٻن حوالن مطابق چئي سگهجي ٿو ته قاضي قادن جڏهن سنه 895هه ڌاري تعليم پوري ڪري فارغ تحصيل ٿيو ته سنڌ ۾ ڄام نظام الدين طرفان

---

(1) تاريخ طبقات اڪبري جي مٿئين حوالي (جلد 3، صفحو 517) تي ڊاڪٽر مرحوم اها راءِ ’تاريخ معصومي‘ تي سندس لکيل حاشين ۾ صفحي 302 (حاشيه نمبر 1) تي ڏني آهي.

(2) ڪتاب ”حيات پاڪ“ (اردو) تصنيف: سيد محمد يدالله مهدوي، ڇپيل حيدرآباد دکن، ص 182. ان ۾ ڄاڻايل آهي ته ان خانقاهه جا آثار- دروازا، حجرا، حوض، حمام ۽ مسجد جا نشان باقي موجود آهن. هيءُ حوالو هن کان اڳ قريشي حامد علي خانائي پنهنجي مضمون ”مهدي جونپوري ۽ قاضي قادن“ ۾ آندو آهي، جيڪو سنه 1996ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان شايع ڪيل ڪتاب ”قاضي قادن“ جو ڪلام“ (ص 116) ۾ ڇپيو.

سگھوئي بکر جو قاضي مقرر ٿيو ۽ هو سنہ 899ھ ۾ اتي جو قاضي هو جو، بکر جي قلعي ۽ شهر کي قتل ۽ غارت کان بچائڻ لاءِ، حملہ آور شاهہ بيگ سان صلح جو معاهدو ڪري قلعو ان جي حوالي ڪيائين. سمجهجي ٿو تہ پوءِ هو سنڌ جي جنگ واري ماحول مان نڪري گجرات ويو ۽ اتي سير سفر ڪيائين. هو سنہ 903ھ کان اڳ گجرات جي شهر نهروالہ (يعني پَٽن) ۾ اچي ڪجهہ وقت رهيو ۽ اتي خانقاه قائم ڪيائين.

پر سوال آهي تہ مٿين حوالن ۾ زير بحث ”قاضي قادن“ (ننيو) پاڻ هو يا سندس وڏو ڏاڏو قاضي قاضن، جنهن نهروالہ (پَٽن) ۾ آڳاٽو خانقاه قائم ڪئي ۽ پڻ سنہ 899ھ ۾ بکر جو قاضي هو؟ وڏو قاضي قاضن بہ وڏي رسوخ وارو هو جو مير معصوم خاص طور تي سندس نالو ڪنيو ۽ لکيائين تہ: (ننڍي قاضن) جي نسبت، پنهنجي پيءُ کان پوءِ ٻن واسطن سان وڏي قاضن تائين پهچي ٿي[1].

وڏي قاضي قاضن جي بکر تي مقرري 899ھ ۾ يا ڪجهہ وقت اڳ ٿي هوندي؛ پر ان کان اڳ بکر جو قلعدار ڄام نظام الدين جو پنهنجي حويلي جو ماڻهو دلشاد نالي هو، جنهن کي ڄام گادي تي ويهڻ (866ھ) بعد ٻئي سال اتي مقرر ڪيو هو[2].

درست ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سيبي ۾، شاهہ بيگ جي پاءُ جي مارجڻ کان پوءِ، ڄام نظام الدين جي دور جي آخري سالن[3] ۾ توڙي ان بعد ڄام فيروز جي دور ۾ ارغونن طرفان حملا پئي ٿيا پر دريا خان جي فوجي طاقت ۽ حڪمت عملي سببان انهن کي ناڪامياب بنايو ويو ۽ هو سنڌ طرف وڌي نہ سگهيا. پيو تہ فقط قنڌار کان شال (ڪوئيٽہ) تائين شاهہ بيگ جي حڪمراني قائم هئي. انهيءَ ڪري طاقتور سنڌ سان جنگ جوٽي خطري ۾ پوڻ ضروري نہ هو. پر سنہ 922ھ ۾ بابر بادشاهہ طرفان قنڌار تي ڪاهڻ جو خطرو وڌيو جنهنڪري شاهہ بيگ صلح ڪيو ۽ 923ھ ۾ قنڌار بابر بادشاهہ جي حوالي ڪيائين. ان بعد بہ

---

(1) ”نسبت اُو از جانب پدر بہ دو واسطہ درميان به قاضي قاضن مي رسد باين طريق: قاضن بن (قاضي) ابوسعيد بن قاضي زين الدين بن قاضي قاضن“ (تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 201

(2) تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 74

(3) فرشتہ جي لکڻ موجب، ميرزا عيسيٰ هڪ حملو بالکل ڄام نظام الدين جي حياتي واري آخري سال ۾ ڪيو ۽ ان ۾ سنڌ جي لشڪر جي هار ٿي؛ ڄام نظام الدين جنهن 62 سال ڪاميابي سان حڪومت ڪئي هئي. اها هار ڏسي بيمار ٿيو ۽ وفات ڪائين (تاريخ فرشتہ، جلد 4، صفحو 619، پڻ حاشيہ ..............

سال شال ۽ سيوي ۾ نهايت تنگي ۾ گذاريائين[1]. جنهنڪري سنڌ تي حملي ۽ قبضي جو سوچيائين. ان وقت ڄام فيروز جي دور ۾ حڪومت ڪمزور ٿي چڪي هئي جو هن پنهنجي والد جي ڪامياب سپه سالار ۽ وڏي سربراهه درياخان خلاف قدم کنيا ۽ بالآخر شاهه بيگ جي مدد سان درياخان کي ختم ڪرڻ جي سازش سٽي. تحفة الڪرام جي لکڻ موجب 924هه ۾ ڄام فيروز جي ماءُ شاهه بيگ وٽ (دريا خان خلاف) دانهن کڻي ويئي ۽ ڄام فيروز طرفان ڪيس حملي جي دعوت ڏنائين[2]. تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام ۾ شاهه بيگ جي سنڌ تي ڪيل حملن بابت بيانن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته انهن حملن وقت شاهه بيگ پاڻ بکر جي قلعي تي چڙهائي ڪانه ڪئي ۽ نڪو انهن حملن وقت اهو قلعو قاضي قادن کان ورتائين[3].

## مهدوي طريقي ۾ داخل ٿيڻ:

مير معصوم لکي ٿو ته قاضي قادن، سيد محمد جونپوري جي مريدن جي سلسلي ۾ داخل هو. قاضي قادن سنه 903هه ۾ جڏهن سيد ميران مهدي نهرواله واري خانقاهه تي آيو تڏهن سندس مريد ٿيو. يا پوءِ 906هه ۾ جڏهن سيد ميران مهدي جيسلمير مان بکر آيو تڏهن سندس مريد ٿيو. سيد محمد جونپوري جو پهريائين بکر ۾ اچڻ قرين قياس نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ جو اتي قاضي قادن کان سواءِ ٻيا به گهڻا نالي وارا سندس دائري ۾ داخل ٿيا ۽ بکر پوءِ جڻ مهدوي طريقي جو هڪ 'دائرو' بنجي ويو[4]. انهيءَ اهڃاڻ موجب سنه 906هه 1500ع ۾

---

(1) تاريخ معصومي، فارسي متن

(2) تحفةالڪرام، فارسي متن، ص 54، سنڌي ترجمو، ص 138

(3) تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام مان واقعات جو تسلسل هن طرح معلوم ٿئي ٿو: 9211هه ۾ شاهه بيگ سيوي (سبي) مان لشڪر موڪليو، جنهن ڳاهن ۽ باغبان جي ديهن کي ڦُريو (تحفةالڪرام فارسي، ص 53-54، سنڌي ترجمو ص 38). تاريخ معصومي مطابق 924هه ۾ شاهه بيگ ٺٽي تي ڪاهه ڪرڻ جي تياري ڪئي ۽ 925هه ۾ شاهه بيگ جي لشڪر ڪوٽ ماڇيان ۽ چانڊڪي تي ڪاهي ڦرلٽ ڪئي. هن بکر بدران فتحپور، گنجابه (گنداوا) کان پوءِ باغبان (لڳ دادو) جو رخ ڪيو ۽ پوءِ لکي جبل واري پاسي کان (يعني جهانگارا- باجارا- ٽاٽي بولا خان واري پاسي کان) محرم 926هه ۾ ٺٽي پهتو. (تاريخ معصومي، فارسي ص 113)

”درسلک مريدان و معتقدان سيد محمد جونپوري ڪه به ميران مهدي مشهور است انتظام داشت“ (ايضاً، ص 201)

(4) آدم شاهه جا مرشد شيخ ابوبڪر جتوئي ۽ شيخ الياس لنگراج هن دائري جا بزرگ هئا. بکر جي رضوي ساداتن مان ميرمحمد يوسف آڳاٽو سيد ميران محمد مهدي جي وڏي خليفي شيخ دانيال جي فيض مان بهره ور ٿيو. ڪن روايتن موجب سيد ميران محمد جيسلمير کان نصرپور پهتو، پر قديم وقت کان وٺي جيسلمير کان سنڌ طرف ايندڙ واٽ روهڙي بکر واري پاسي کان رهي آهي، ائين سمجهڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته سيد ميران محمد بکر کان پوءِ نصرپور آيو.

قاضي قادن جو بکر ۾ هجڻ قرين قياس نظر اچي ٿو ۽ اهو پڻ قرين قياس آهي ته هو سيد ميران محمد سان گڏجي بکر مان ٺٽي آيو هجي ۽ ارڙهن مهينا ڪن ويندي 907هه جي آخر تائين، جيسين تائين سيد ميران محمد مهدي ٺٽي ۾ هو، تيسين تائين ٺٽي ۾ رهيو هجي.

## شاهه بيگ ارغون جو قاضي قادن تي اعتماد:

سنڌ ۾ قاضي قادن جي موجودگي جو پڪو پختو حوالو مهيني محرم سنه 926هه ۾ ملي ٿو، جڏهن جنگ ۾ مبارڪ خان (دريا خان) جي شهادت بعد شاهه بيگ شهر ٺٽي تي قبضو ڪيو. ان وقت قاضي قادن پنهنجي ڪٽنب سميت ٺٽي ۾ رهيل هو. پانئجي ٿو ته متي بکر ۽ چانڊڪي طرف شاهه بيگ جي لشڪر جي حملن سببان هو ٺٽي ۾ اچي رهيو هو. اهي حملا ڄام فيروز جي وقت ۾ سال 920هه کان پوءِ شروع ٿيا. انهن حملن ۾ شاهه بيگ جي لشڪر ضرور بکر تي قبضو ڪيو هوندو، پر شاهه بيگ پاڻ چانڊڪي طرف کان حملا ڪيا.

جنگ بعد ٺٽي شهر ۾ قتل و غارت وارو سمان هو ۽ ماڻهن جا اهلِ عيال بند ۾ هئا. اهڙي خوف ۽ هراس واري وقت ۾، قاضي قادن خلق خدا کي بچائڻ لاءِ، پنهنجي انشاپردازي ۾ قابليت ۽ مضمون نگاري ۾ مهارت کان ڪم وٺي، هڪ زوردار عريضو تيار ڪيو، جنهن جو شاه بيگ تي ايڏو اثر ٿيو جو فوري طور تي لشڪر کي شهر وارن کي ايذائڻ کان روڪيائين. مير معصوم لکي ٿو ته:

> آخرڪار قاضي قادن جي ڪوشش سان جيڪو ان وقت جي وڏن (عالمن) فاضلن مان هو، غضب جي باهه اُجهاڻي. خود قاضي جو اهل عيال به قيد ٿيل هو ۽ هن ديوانن وانگر ٺٽي جي گهٽين گلين ۾ پنهنجي وڃايل ڪٽنب کي پئي ڳوليو: سو آخر عبارت آرائي سان هڪ رقعو لکيائين جنهن ۾ خلق جي تباهي جو احوال درج ڪيائين. اهو رقعو امام حافظ محمد شريف، شاهه بيگ کي ڏيکاريو. ان جي پڙهڻ سان شاهه بيگ جي دل تي زبردست اثر ٿيو ۽ پڙهو گهمايائين ته فوج مان ڪوبه ماڻهن جي مال ۽ عيال کي هٿ نه لائي. ان کان سواءِ پنهنجي ترڪش جو هڪ تير قاضي کي ڏنائين ۽ ساڻس پنهنجو ماڻهو گڏي ڏنائين ته جنهن ڏانهن به قاضي اشارو ڪري سو سندس حوالي ڪن[1].

---

[1] تاريخ معصومي، فارسي، متن صفحا 114-115

هن بيان مان قاضي قادن جو خلق خدا کي بچائڻ جي جذبي ۽ مضمون نگاري ۾ سندس مهارت جو اندازو ٿئي ٿو، جو رقعو پڙهندي ئي شاهه بيگ جي دل تي ايڏو وڏو اثر وينو جو يڪدم ماڻهن جي امن امان لاءِ پڙهو گهمايائين. ان سان گڏ، قاضي قادن لاءِ سندس دل ۾ ايڏي وڏي عزت ٿي جو مٿس ڪُلي طور اعتماد ڪيائين ۽ اختيار ڏنائين ته جنهن کي چاهي تنهن کي آزاد ڪرائي.

قاضي قادن اها ذميداري ڪيتريقدر پوري ڪئي سو ڄاڻايل ڪونهي؛ پر سندس اعليٰ علمي لياقت، خلقِ خدا جي خيرخواهي ۽ سندس اخلاقي جرائت ايتري هئي جو خوف ۽ هراس جي وقت ۾ به فاتح حڪمران کي حق جي ڳالهه چيائين ۽ ان جو وڏو اثر ٿيو. شاهه بيگ جو مٿس پڪو اعتماد ٿي ويو ۽ هن کيس ملڪ جي انتظام ۽ امن لاءِ پنهنجو مشير ڪيو. ٺٽي ۾ صلح جو معاهدو ٿيو، جنهن ۾ سيوهڻ تائين هينيون ملڪ ڄام فيروز جي حوالي ٿيو ۽ سيوهڻ ۽ ان کان مٿي شاهه بيگ حڪمران ٿيو، ٿي سگهي ٿو ته ٺٽي جي شهر کي تباهي کان بچائڻ کان پوءِ ڄام فيروز کي بچائڻ ۾ قاضي قادن جو هٿ هجي. اهو گمان انهيءَ ڪري ٿئي ٿو جو هن معاهدي بعد جڏهن خان مبارڪ خان (دريا خان) جي پُٽن محمود خان ۽ مِٺڻ خان مقابلي لاءِ ٺٽي وٽ لشڪر گڏ ڪيو ۽ صفر مهيني (926هه) جي آخر ۾ شاهه بيگ به ٺٽي کان سيوهڻ طرف ڪُوچ ڪيو ته هن قاضي قادن کي محمود خان ڏانهن موڪليو ته جيئن خيرخواهي طور کين مخالفت کان موڙي صلح لاءِ آماده ڪري. قاضي صاحب وٽن ويو پر هو کيس ملڻ لاءِ راضي نه ٿيا[1]. ٻئي بيان موجب (هنن قاضي صاحب جي صلاح مڃي) ۽ هو صلح لاءِ شاهه بيگ وٽ اچڻ لاءِ تيار ٿيا، پر مخدوم بلال رحه کين منع ڪئي. بالآخر ٺٽي وٽ وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ فتح شاهه بيگ جي ٿي.

ائين پائنجي ٿو ته قاضي قادن جڏهن ميان محمود خان ۽ مٺڻ خان کي نه ملي سگهيو ته بکر هليو ويو. ٺٽي کان پوءِ شاهه بيگ سيوهڻ تي قبضو ڪيو، ۽ پنهنجا عملدار مقرر ڪري، سيبي ۽ شل (ڪوئيٽه) طرف هليو ويو جتي سندس پٽ مرزا شاهه حسن هو. پويان ڄام صلاح الدين گجرات مان لشڪر وٺي ٺٽي تي ڪاهه ڪئي ۽ ڄام فيروز کي شڪست ڏيئي کي ڏينهن ٺٽي تي قبضو ڪيائين. ڄام فيروز مدد لاءِ شاهه بيگ کي لکيو ۽ ٻئي طرف ڄام صلاح الدين واپس وڃي گجرات مان وڏو لشڪر وٺي آيو. ڄام فيروز ٺٽي مان پڇي واپس

---

[1] ايضاً، صفحو 116: ”و جناب قاضي قاضن رانزد محمود ولد دريا خان فرستاد تا بنصايح ارجمند و مواعظ سودمند آن مردم را از باريه مخالفت به جاده اطاعت خواند.“

وجي گجرات مان وڏو لشڪر وٺي آيو. جام فيروز نٽي مان پڇي اچي سيوهڻ ۾ شاهه بيگ جي عملدارن سان مليو ۽ سندس مدد سان جام صلاح الدين جي مقابلي لاءِ تيار ٿيو. شاهه بيگ کي جڏهن اها خبر پهتي ته هن مرزا شاهه حسن کي يڪدم روانو ڪيو. مرزا شاهه حسن 14 محرم سنه 927هه تي شال (ڪوئيٽه) مان روانو ٿي ڏهن ڏينهن ۾ (صفر جي پهرئين هفتي ۾) سيوهڻ پهتو ۽ اتي جام فيروز ۽ سيوهڻ جي عملدارن سان صلاح مصلحت ڪيائين. شاهه بيگ به پويان تڪڙو ڪوچ ڪندو آيو ۽ جڏهن سيوهڻ پهتو تڏهن قاضي قادن کي صلاح مصلحت لاءِ گهرايائين[1]. قاضي قادن ڪهڙي صلاح ڏني سو معلوم ناهي، پر شاهه بيگ پاڻ سيوهڻ ۾ ئي رهي پيو ۽ جام فيروز ۽ مرزا شاهه حسن کي لشڪر ڏيئي جام صلاح الدين جي مقابلي لاءِ موڪليائين. ايندڙ واقعات مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه بيگ شايد ڪجهه وقت قاضي صاحب کي صلاح مصلحت لاءِ پاڻ وٽ رهايو، پر پوءِ هو واپس بکر هليو ويو.

مهيني ربيع الثاني سنه 927هه ۾ شاهه بيگ سيوهڻ مان باغبان پهتو ۽ اُتي منزل ڪيائين ۽ پوءِ ماڇين کي جنگ ۾ شڪست ڏنائين. مرزا شاهه حسن به جنگ ۾ فتح حاصل ڪرڻ بعد (جنهن ۾ جام صلاح الدين مارجي ويو) باغبان ۾ اچي شاهه بيگ سان مليو. اتان پوءِ شاهه بيگ سيوهڻ جي قلعي ۾ منزل ڪئي ۽ قلعي جي مرمت ڪيائين، جايون نهرايائين ۽ حڪومت جو انتظام ڪيائين. ان بعد هو بکر ڏانهن روانو ٿيو ۽ چاندڪي پرڳڻي ۾ پهچي منزل ڪري اتي جو انتظام درست ڪيائين، ان بعد بکر ڏانهن ڪوچ ڪيائين ۽ پڻ قاضي قادن کي گهرايائين؛ بکر کان ٽن منزلن تي هو جو قاضي صاحب اچي حاضر ٿيو ۽ عزت آبرو سان سرفراز ٿيو[2].

## سنڌ جو قاضي القضاۃ:

متي ڄاڻايل مهيني ربيع الثاني کان پوءِ به مهينا ڪن لنگهيا هوندا جو اندازاً مهيني جمادي الثاني (927هه) جي آخر ڌاري شاهه بيگ بکر پهتو هوندو، جتي مير معصوم جي لکڻ موجب قاضي قادن پنهنجن پائرن ۽ شهر وارن کي ساڻ ڪري اچي سندس سلامي ٿيو[3]. ان حوالي مان ظاهر آهي ته بکر ۾ قاضي قادن جو

---

(1) تاريخ معصومي، ايضاً، ص 119

(2) تاريخ معصومي، ايضاً، ص 121

(3) تاريخ معصومي، ايضاً، ص 123، "قاضي قاضي نيز در همان وقت برادران و بعضي مردم شهر را بملازمت مشرف ساخت.

مان مرتبو مٽني ۾ مٿاهون هو. شاهه بيگ هڪ سال بکر ۾ رهيو ۽ ان عرصي ۾ بکر جو قلعو نئين سر نهرايائين[1] ۽ ملڪ ۾ انتظام قائم ڪيائين. ان هڪ سال جي عرصي تائين قاضي قادن سندس اعتماد وارو مشير رهيو: يعني عملي طور تي بکر جي نئين تختگاهه شهر ۾ ملڪ جو وڏو قاضي (قاضي القضاة) ٿي رهيو.

## ڌاريجن وڏيرن جو معاملو:

انتظامي عمل جي سلسلي ۾ شاهه بيگ جي بکر ۾ اچڻ ساڻ ڌاريجن اڳواڻن جو معاملو پيش آيو. مير معصوم جي لکڻ موجب، شاهه بيگ، سلطان محمود خان کي، جنهن جي عمر 15 سال هئي، قلعي بکر جو حاڪم مقرر ڪيو هو ۽ اتي جي ساداتن ۽ ڌاريجن اڳواڻن کي جيڪي شاهه بيگ سان شامل هئا، سندس مدد ۽ قلعي جي حفاظت جي تاڪيد ڪيائين. پر ڌاريجن اڳواڻن پوءِ مخالفت ڪئي ۽ قلعي مان نڪري ٻاهر ٿيا ۽ روهڙي جي ميدان تي جنگ جي تياري ڪيائون ۽ سلطان محمود طرفان موڪليل امينن جي بيعزيتي ۽ بي حرمتي ڪري پوئتي موٽايائون. ٻه ڀيرا دريا ٽپي حملو ڪيائون ته جيئن قلعي ۾ داخل ٿي سلطان محمود خان کي قيد ڪن، پر ساداتن قلعي جا بُرج جهليا ۽ مقابلو ڪيو جنهنڪري هو ڪامياب نه ٿيا. سلطان محمود اها سڄي ماجرا پنهنجي والد مير فاضل ڏانهن لکي موڪلي، جيڪو چانڊڪي ۾ شاهه بيگ سان گڏ هو. هن اهو خط شاهه بيگ جي آڏو رکيو ۽ پاڻ بکر ڏي روانو ٿيو. جڏهن ويجهو پهتو ته مَهرن جو اڳواڻ لالي مهر پنهنجي پائرن سميت اچي سلامي ٿيو. اهو ڏسي ستيتاليهه ڌاريجا اڳواڻ به بنا سوچ سمجهه جي اچي مير فاضل سان مليا[2]. جن کي هو دم دلاسو ڏيئي ساڻ ڪري اچي قلعي ۾ داخل ٿيو. اُهي سڀ اتي ئي هئا جو شاهه بيگ به اچي پهتو ۽ سندس آڏو ڌاريجن وڏيرن جو معاملو

---

(1) ترخان نامي جي مصنف ڄاڻايو آهي ته شاهه بيگ هڪ سال بکر ۾ رهيو (شايع ڪيل سنڌي ادبي بورڊ 1965ع، ص 22) مير معصوم جي هڪ بيان موجب، شاهه بيگ، سنه 928هه جي سياري جي شروعات ۾ بکر مان گجرات جي فتح لاءِ روانو ٿيو. (ص 125).“ پر اهو بيان وڌيڪ صحيح ائين ٿيندو جيڪڏهن ”سياري جي شروعات“ بدران ”سياري جي پڇاڙي“ تسليم ڪجي. ٻئي بيان ۾ (124) مير معصوم لکي ٿو ته ”هڪ سال“ لڳو جو ان عرصي ۾ قلعو نهرايائين ۽ انتظام درست ڪيائين ۽ ان بعد سخت حملو ڪري بلوچن جي بغاوت ختم ڪيائين. تحفة الڪرام مطابق پڻ ”پوري سال ۾“ قلعي جي عمارت ساري ٿي (فارسي متن، ص 26، سنڌي ترجمو 1957ع، ص 145).

(2) اڳاٽي زباني روايتن موجب، ڌاريجن ۽ مهرن قبيلن ۾ نزاع هو. اصل ۾ طاقتور ڌاريجا هئا، پر پوءِ مهرن پنهنجي طاقت وڌائي ۽ ڌاريجن کي بي دخل ڪرڻ لڳا. مهر سردارن پنهنجي ڏاهپ سان نئين حڪمران شاهه بيگ جي سپه سالار امير فاضل ڪوڪلتاش ۽ سندس پٽ محمود خان جو اعتماد حاصل ڪري ورتو: پر ڌاريجن باوجود انهيءَ جي جو شاهه بيگ مٿن اعتماد ڪيو، هنن سلطان محمود خلاف بکر جي قلعي تي حملا ڪيا: شايد هنن کي شڪ جاڳيو هو ته مير فاضل ۽ سندس پٽ سلطان محمود مهرن جا طرفدار آهن.

پيش ڪيائين، شاهه بيگ، سلطان محمود خلاف انهن اڳواڻن جي مخالفت ۽ قلعي تي حملن کان اڳ ۾ ئي آگاهه هو، پر وري به اعتماد جوڳن ماڻهن يعني ته ساداتن (جن ڏاريجن جي حملي وقت قلعي جو بچاءُ ڪيو) ۽ قاضي قادن (جيڪو شهر جو وڏو قاضي هو) کان پڇيائين: قاضي قادن پاڻ قلعي ۾ هو ۽ هن ڏاريجن اڳواڻن جا ڪيل حملا ڏٺا هئا پر تنهن هوندي به ڏاريجن اڳواڻن خلاف سنئون سڌو ڪجهه چوڻ بدران، مجموعي طور سان، ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي حوالي سان، جملي فساد ڪندڙن خلاف راءِ ڏنائين. قاضي قادن، جنهن نئين شهر کي تباهي کان بچايو ۽ تلتي واري خوفناڪ جنگ کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، ملڪ ۾ امن امان خاطر پنهنجي راءِ ديانتداري سان ڏني، چيائين ته، ”ملڪ جي هن پاڳي جي زمين سيلابي آهي جنهن ۾ ڪانديرا گهڻا ٿا ٿين، ڪانديرن ڪيڻ وارو کهيڙو هميشه هٿ ۾ هجي[1].“ آخر ۾ هن راءِ ٻڌڻ بعد شاهه بيگ انهن ستيتاليهن اڳواڻن جي قتل جو حڪم ڏنو[2].

سال 928هه ۾ سياري ۾ شاهه بيگ گجرات کي فتح ڪرڻ لاءِ بکر مان روانو ٿيو ۽ 15 ڏينهن سيوهڻ ۾ رهيو. اتان پوءِ اگهم جي شهر ۾ (حيدرآباد کان 12 ميل ڏکڻ- اوڀر) منزل ڪيائين جتي 22 رمضان 929هه (آگسٽ 1522ع) تي وفات ڪيائين.

مٿين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه بيگ جيسين تائين بکر ۾ هو ته قاضي قادن به اتي هو: سنه 929هه ۾ شاهه بيگ جي وفات تائين سندس اتي هئڻ قرين قياس نظر اچي ٿو.

شاهه بيگ جي حڪمراني (محرم 926- شعبان 928هه) واري دور ۾ شاهه بيگ جو قاضي قادن تي وڏو اعتماد هو. اهڙو خاص حوالو موجود ڪونهي ته قاضي قادن کي شاهه بيگ بکر جو قاضي مقرر ڪيو پر جيئن ته بکر جي قلعي ۽ شهر ۾ هو وڏي ۾ وڏو عالم هو، انهيءَ ڪري بکر قلعي ۽ شهر ۽ لاڳو حدن جا فيصلا سندس ئي حوالي هئا.

شاهه بيگ جي وفات بعد پانئجي ٿو ته قاضي قادن بکر مان نئين ۾ جام فيروز وٽ ويو. پهرين شوال 929هه ۾ ميرزا شاهه حسن نصرپور ۾ تخت نشين ٿيو ۽ اتان جڏهن هو نئين ۾ آيو تڏهن جام فيروز، حافظ رشيد خوشنويس ۽ قاضي حاجي مفتي هٿان ميرزا شاهه حسن ڏي سوکڙيون موڪليون. ٻئي حوالي

---

[1] تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 123

[2] اهڙو ڪو تاريخي حوالو موجود ڪونهي، ته شاهه بيگ ”جيڪي به ڏاريجا سردار بکر ۾ موجود هئا تن کي هڪدم قتل ڪرائي ڇڏيو.“ (جيئن ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم سندس مضمون ”قاضي قاضن سيوهاڻي“ ۾ لکيو)، فقط اهي ستيتاليهه اڳواڻ قتل ٿيا جيڪي مير فاضل سان گڏ بکر جي قلعي ۾ اندر آيا.

۾ قاضي حاجي مفتي بدران قاضي قادن جو نالو آهي[1]. هن حوالي کان قطع نظر مير معصوم چٽو ڪري ڄاڻايو آهي ته:

”ميرزا شاهه حسن جو قاضي قادن تي وڏا راض ٿيو ۽ کيس گادي جي شهر بکر ۽ ٻئي سڄي علائقي جي محڪمهء قضا مٿان مقرر ڪيائين. (ان عهدي وقت) جيڪي به فيصلا سندس آڏو شرعي قضا لاءِ پيش پئي ٿيا، تن ۾ ڪمال احتياط، امانت، ديناري ڏيکاريائين. وڏي عمر ۾ ان وڏي عهدي تان استعفيٰ ڏنائين ۽ پوءِ اهو منصب سندس ياءُ قاضي نصرالله کي مليو[2].

## عهدي تان استعفيٰ ۽ وفات:

مير معصوم واضح طور ڪونه ڄاڻايو آهي ته قاضي قادن ڪهڙي سال ۾ استعفيٰ ڏني، پر سندس هينين حوالن مان ڪنهن حد تائين ان سال جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هڪ ته مرزا شاهه حسن جي دور ۾ 15 جمادي الثاني 950هه (1543ع) ۾ جڏهن ملتان جي حاڪم بخشو لانگاهه بکر جي قلعي تي حملو ڪيو، تڏهن ارغون- ترخان اڳواڻن سان گڏ قاضي قادن جي فرزند قاضي عيسيٰ خوب مقابلو ڪيو[3]. ان جي معنيٰ ته: گهٽ ڪري، اُن سال قاضي عيسيٰ بکر جو قاضي هو جو قلعي جي مدافعت لاءِ مقابلو ڪيائين (جيتوڻيڪ کيس اُن وقت ڪنهن ٻئي شهر جو قاضي به تصور ڪري سگهجي ٿو). بهرحال 950هه ۾ قاضي قادن بکر جو قاضي ڪونه هو. ان سال کان اڳ سندس ياءُ قاضي نصرالله بکر جو قاضي هو ۽ جيڪڏهن هو چار پنج سال قاضي رهيو هجي ته اندازاً 945هه ڌاري قاضي قادن استعفيٰ ڏني هوندي. ان بعد هو حج تي ويو. سندس روانگيءَ کان پوءِ 947هه ۾، دربيلي جو عالم شيخ عبدالله متقي گجرات مان ٿيندو حج تي ويو ۽ مديني شريف ۾ وڃي قاضي قادن جي صحبت ۾ رهڻ لڳو[4]. ظاهر آهي ته قاضي قادن 947هه کان اڳ استعفيٰ ڏيئي حج تي ويو هوندو.

---

(1) تاريخ معصومي، فارسي متن، ص 142
(2) ايضاً، صفحا 205-206
(3) تاريخ معصومي، فارسي متن، 205-206
(4) ايضاً، صفحو 181

آخر عمر ۾ مديني شريف ۾ وڃي رهڻ مان گمان ٿئي ٿو تہ قاضي صاحب پوءِ اتي ئي رهي پيو ۽ زندگي جا باقي ڏينهن اتي ئي گذاريائين. هو پنهنجي دور ۾ ايڏي وڏي شان شهرت واري شخصيت جو مالڪ هو جو جيڪڏهن بکر، سيوهڻ، دربيلي يا ٺٽي ۾ سندس وفات ٿئي ها تہ هوند سندس مزار زيارتگاهہ طور اڄ تائين موجود هجي ها. مير معصوم جي لکڻ موجب قاضي قادن سنہ 958هہ (1551ع) ۾ وفات ڪئي[1].

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "قاضي قادن جو رسالو" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 1999ع]

❑

[1] ايضاً، صفحو 204

## (89) قنبر علي شاهہ ياڏائي

حضرت شاهہ عبداللطيف رحہ جي وفات (1165هہ) کان پوءِ سؤ سالن واري عرصي ۾ جيڪي اهل دل درويش ۽ شاعر ساماڻا ۽ جن حضرت شاهہ عبداللطيف جي بيتن کان متاثر ٿي رسالي جي رنگ ۾ بيت چيا، تن مان قنبر علي شاهہ ياڏائي هڪ اعليٰ درجي جو شاعر هو. هو پنهنجي وقت جو ولي ۽ درويش هو. جنهن جي صحبت مان سندس فرزند عبدالقدوس شاهہ کي ۽ ٻن خاص معتقدن فتح فقير ۽ غلام حيدر فقير 'تيرهيي' کي فقيري جو فيض مليو ۽ پڻ شاعري ۾ هنن ساڳي مرشد واري واٽ ورتي. اهو تيرهين صدي هجري وارو عرصو ۽ پويون ٽالپوري دور هو، جو هنن چئن درويشن شاعرن جي چؤياري ڏکڻ- الهنديين لاڙ ۾ 'اعليٰ سنڌي شاعري' جي روايت کي روشن ڪيو. هيٺ اسان هنن بزرگن مان قنبر علي شاهہ ياٽائي جي سوانح ۽ ڪلام تي مختصر طور روشني وجهنداسون.

**قنبر علي شاهہ ياڏائي:**

قنبر علي شاهہ بن بچل شاهہ جا وڏا اُچ جي بخاري ساداتن مان هئا. بچل شاهہ جو وڏو ڏاڏو (چٽن شاهہ؟) اُچ مان سنڌ ۾ آيو ۽ پهريائين اچي 'آبڙي' ۾ ويٺو. اهو ماڳ نصرپور اسٽيشن کان ڏکڻ طرف 'جاڙين' مورين وٽ آهي، جتي چٽن شاهہ جي درگاهہ آهي. قنبر علي شاهہ جو والد بچل شاهہ هيٺ لاڙ ۾ 'ياڏ' مڪان (سجاول کان ڏهہ ميل ڪن ڏکڻ، تعلقي جاتي) ۾ رهيو. 'ياڏ' مڪان ۾ کيس قنبر علي شاهہ ڄائو، جو سندس ڄاءِ ولادت واري نسبت سان 'قنبر علي شاهہ ياڏائي' جي نالي سان مشهور ٿي. سندس مريد ۽ معتقد غلام حيدر 'تيرهيي' پنهنجي ٻيگل سڱل فارسيءَ ۾ قنبر علي شاهہ جي تاريخ وفات منظوم ڪئي، جنهن ۾ هيٺيان فقرا ملن ٿا:

باجلال و جمال معرفت کمال مي کردند
چهل هفده سال مايه اي عمر عزيزم

انهن فقرن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ قنبر علي شاهہ شايد ستونجاهہ سالن جي عمر ۾ وفات (1264هہ) ڪئي. انهيءَ لحاظ سان ٿي سگهي ٿو تہ هو سنہ 1207هہ ۾ ڄائو هجي. ان وقت مير فتح علي خان ٽالپور سنڌ جو تاجدار هو.

قنبر علي شاهہ جي ڪلام مان اندازو ٿئي ٿو تہ کيس 'ياڏ' مڪان ۾ مڪتب جي تعليم ملي. ٻارهن سالن جي عمر جو هو، جو سندس والد بچل شاهہ 'ياڏ' مڪان ڇڏي اچي 'گنبالي' مڪان (ديهہ گنبالي، تعلقي گهوڙا ٻاري) ۾ ويٺو، جتي پوءِ قنبر علي شاهہ کي وڌيڪ تعليم ملي.

جيئن تہ قنبر علي شاهہ اصل 'ياڙ' مڪان ۾ ڄائو، انهيءَ ڪري 'ياڙائي' جي نسبت سان ئي مشهور ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي قنبر علي شاهہ جو لاڙو فقيري ڏي هو، سو جواني ۾ ئي نفس ڪي نمائڻ خاطر زهد ۽ رياضتون ڪيائين ۽ جيءَ کي جفائون ڏنائين. درس محمد واصل پنهنجي ڪتاب 'گلزار واصل' ۾ ڄاڻايو آهي تہ:

"جناب شاهہ شريف صاحب ياڙائي عليه الرحمة ٻارهن سال رات ڏينهن ٻن جريبن زمين ۾ ٿي آيو ۽ ويو: هڪ گس ڪيائين جا ڪسي ٿي رهي هئي. نيهان ۾ واري اهڙي گرم هوندي هئي جا ٻاهہ جو ڪم ڪندي هئي ۽ سياري ۾ پاڻي ڄمندو هو، تَـپُڻ پير اُگهاڙا ۽ سوا ستر جي ڪپڙو نہ هو. پيرن ۽ پنين مان رت پاڻي وهي، چم هڏن تي سُڪو."[1]

نو مهينا شاهہ صاحب رڻ پٽياڻي لڳ هڪ غار ۾ وڃي وينو ۽ اتي رياضت ۽ عبادت ڪيائين. ماڻهن ليکي تہ شاهہ صاحب گم ٿي ويو آهي. ان وقت فقير فتح محمد ڪلهوڙو هڪ سؤ ڏهہ فقير پاڻ ساڻ وٺي آيو هو ۽ شاهہ صاحب کي ڳولي وڃي غار ۾ لڌائين[2].

قنبر علي شاهہ رحہ پنهنجي وقت جو وڏو قلندر طبع درويش ۽ توڪل جو صاحب هو. ان وقت جهوڪ شريف جي درگاهہ جو سجاده نشين فضل الله شاهہ قلندر هو. موجوده ٺٽي ضلعي واري اراضي ۾ درياءَ جي هن پر فضل الله شاهہ قلندر جو غلغلو هو تہ هُن پر قنبر علي شاهہ 'گنبالي ڏٽي' جا ڪيترائي ارادتمند ڪٿان ڪٿان کان کَهي اچي ٿي سندس فيض جا طالب ٿيا. انهن مان هيٺيان پنج، شاهہ صاحب جا خاص پيارا مريد ۽ خليفا هئا ۽ اهي پنجئي وڏا اهلِ دل ۽ صاحب فيض هئا.

1. فقير خليفو محمد اسحاق ترڪ، جو هميشہ شاهہ صاحب سان گڏ هوندو هو. سندس پويان، هن وقت ڍَنڍي لڳ، ڳوٺ چانيها (تعلقو ٽنڊو محمد خان) ۾ وينل آهي. سندس مزار شاهہ صاحب جي درگاهہ تي آهي.
2. خليفو فتح محمد فقير ڪلهوڙو، جو 'فتح فقير' جي نالي سان مشهور آهي.
3. فقير غلام دل، وينل گنبالي جو. شاهہ صاحب جي درگاهہ تي رکيل آهي.
4. خليفو سرماڻ جوکيو، جو رڻ پنياڻي لڳ مدفون آهي. شاهہ صاحب جڏهن غار ۾ وڃي رهيو، تڏهن سرماڻ فقير سندس طالب ٿيو.
5. فقير خليفو غلام حيدر ٿيٻو گرناري (تيرهيو)، جو شاعر ٿيو.

---

[1] گلزار واصل، ص 267

[2] روايت زباني سائين علي گوهر شاهہ.

قنبر علي شاهه صاحب زهد ۽ عبادت، پاڪائي ۽ پارسائي واري زندگي گذاري، ڪيترن ئي عقيدتمندن ۽ ساٿين کي فيضياب ڪري، سنه 1264هه ۾ وفات ڪئي. سندس رسالي جي ڪاتب قاضي محمد ڪامل جي والد محمد مقيم سنڌيءَ ۾ سندس تاريخ وفات هن طرح قلمبند ڪئي.

”تاريخ وصال فيض مالَ حضرت شاهه صاحب ميان قنبر علي شاهه عليه الرحمة والرضوان، من تصنيف قاضي محمد مقيم سهته متعلوي افاض الله علينا فيوضائه.“

### تاريخ سنڌي هذا

واليِ ولايت جو ولي، جنهن کي سَريو سيڪو سڄ سماءُ
ڪامِل ڪرامت جو ڏٽي، خاصو سين پَٽ ڪئو خداءِ
نُورٌ عليٰ سو نُور هو، سِڄ ڪئون سرسُ ان جو سُهاءُ
درگاه حق جو دادلو، ڏئل ڏٽيءَ جو هو ڏرياءِ
فياض مرشد ميرُ هو، جلوو سندس هو جابجاءِ
سيد سچو سو شه ’شريف‘ نوري سندس نروار ناءُ
هليا جڏهن حق جي حضور، دنيا ڇڏي جا بيوفاءِ
تاريخ پنجويهين پاڪ هئي، مهينو پلو حج جو بجاءِ
سن ان جو هاتف هيئن چيو ”عارف خدا هو رهنماءِ“
1264

### خاندان ۽ اولاد:

غلام حيدر فقير ’تيرهيي‘ ’سر ڏناسري‘ ۾ پنهنجي مرشد گهراڻي کي ’غفوراڻي‘ ڪري سڏيو آهي، جنهن مان پائنجي ٿو ته سيد قنبر علي شاهه ’غفوراڻي‘ هو ۽ غفور شاهه سندس وڏو ڏاڏو هو. ٻيءَ جاءِ تي ’تيرهيي‘ فقير، ’عليماڻي‘ ۽ ’پاڏائي‘ خاندانن جو نالو کنيو آهي:

”عليماڻي ٿيا اڳرا، پلا پاڏائي.“

سيد قنبر علي شاهه ۽ سندس والد بچل شاهه ’پاڏائي‘ هئا ۽ سندن ٻيا عزيز ’عليماڻي‘. اِهو سچو ڪٽنب ’بخاري‘ ساداتن جو هو، جن جو وڏو ڏاڏو ’اُچ‘ مان آيو هو.

سيد قنبر علي شاهه پنهنجي پويان چار فرزند ڇڏيا: وڏو مهدي شاهه، ٻيو نمبر علي گوهر شاهه، ٽيون نمبر عبدالقدوس شاهه ۽ چوٿون نمبر ڪمال الدين شاهه. منجهائن عبدالقدوس شاهه شاعر هو. تيرهيي فقير ’سر ڏناسري‘ ۾ بيت چيا آهن، جن ۾ چئني ڀائرن جا نالا کنيا اٿس ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو ته اهي

بيت سندن والد مرحوم قنبر علي شاهہ جي وفات کان پوءِ چيائين[1]. ان وقت چارئي پائر چڱي حال ۽ نيڪي ناموس وارا هئا.

مهدي شاهہ مڙني ۾ وڏو ۽ هدايت واري واٽ ڏيکاريندڙ هو. 'تيرهيي' فقير غالباً ڏانهس اشارو ڪندي چيو آهي تہ: 'مرشد مهدي مير هادي هدايت جو ڏٺي'، ۽ پڻ 'ڪونہ وجي خالي مهدي وٽان مڱڻو'. مهدي شاهہ کي اولاد ڪونہ ٿيو ۽ لاولد گذاري ويو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "شاهہ شريف ڀاڏائي جو رسالو"
اداره سنڌ شناسي، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، 1972ع]

❑

[1] جيئن تہ ڪمال الدين شاهہ 1268ھ ۾ وفات ڪئي، انهيءَ ڪري اهي بيت ان کان اڳ جا چيل آهن، مطالعي مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ اهي بيت قنبر علي شاهہ جي وفات (1264ھ) کان پوءِ ۽ 1268ھ کان اڳ جي چئن سالن واري عرصي ۾ چيائين.

## (90) محمد عثمان ڏيپلائي
## قلندر صفت مصلح، اديب ۽ صحافي
**(مارچ 2000ع، ڪراچي ۾ ڪيل تقرير)**

سنہ 1930ع کان سنہ 1935ع واري دؤر ۾، جڏهن آءٌ هاءِ اسڪول جو شاگرد هئس، تڏهن ڏيپلائي صاحب جو نالو پهريون دفعو منهنجي ڪن تي پيو. اُن وقت هن ميرپورخاص ۾ 'اسلاميہ دارالاشاعت' قائم ڪيو هو.

ڏيپلي جو نوجوان محمد عثمان ولد حبيب الله ميمڻ صرف ست درجا سنڌي پڙهيل هو، پر سندس ڪتابي علم کان سندس عقل گهڻو ئي وڏو هو. جنهن عقلمنديءَ، همت ۽ حوصلي سان ٿر جي هڪ غريب نوجوان ٽيهن سالن جي عمر اندر پنهنجو گهر ڇڏي، ميرپورخاص جهڙي شهر ۾ پنهنجي علمي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ مسلسل محنت سان اڳتي وڌي ڪامياب ٿيو، تنهن ۾ سنڌ جي نوجوانن لاءِ ترقيءَ جو هڪ وڏو سبق سمايل آهي. سنہ 1935ع کان سنہ 1980ع تائين 45 سالن جو وڏو عرصو ڏيپلائي صاحب جي مسلسل جدوجهد ۽ ڪاميابين جو دور آهي، جنهن ۾ سندس جزوي ناڪامين ڪي سندس وڏين ڪاميابين ڍڪي ڇڏيو.

ڏيپلائي صاحب مرحوم جي سوانح عمريءَ تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي ۽ سمجهدار صاحبن لکيو آهي. سندن تجزيي توڙي مرحوم ڏيپلائيءَ جي عملي ڪوششن، ڪاوشن ۽ تحريرن جي مطالعي مان سندس لياقت ۽ قابليت جا ڪئين رُخ معلوم ٿين ٿا. هو صحافي، ايڊيٽر، اديب، پبلشر، مصنف، افسانہ نگار ۽ ڊرامہ لکندڙ هو. هو اسلامي تاريخ کان باخبر ۽ صحيح اسلامي جذبو رکندڙ هو. وطن جي حب سان سرشار ۽ وطن جي آزاديءَ جو علمبردار هو. هن اسلامي دنيا جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. محترم ڊاڪٽر محمد علي صديقيءَ جي چوڻ مطابق "انہوں نے ہر مسئلے پر قلم اٹھایا" ۽ بقول محمود شام صاحب "وہ ایک فعال شخص اور ایک مصلح تھے".

اڳتي هلي هن پنهنجي مسلم معاشري جي دفاع ۽ اصلاح طرف توجهہ ڪئي ۽ ٻہ عملي قدم کنيا: پهريون تہ سنڌ جي ڪٽر هندو لکندڙن- سپ نہ- آريا سماجين ۽ هندو اخبارن جي ايڊيٽرن طرفان مسلمانن جي خلاف مچايل هلچل،

مسلمان هيروز جي ڪردار ڪشي ۽ اسلامي عقيدن جي بي حرمتيءَ خلاف قلم کنيائين. پنهنجين تحريرن ۽ تصنيفن ذريعي مخالفن جا جهڙا الزام، تهڙا زوردار جواب ڏنائين ۽ بالآخر اُن ڪٽر گروهه کي ماٽ ڪرائي ڇڏيائين. ميرپورخاص جي اخبار 'مسلمان' جو نامور ايڊيٽر ۽ اديب محمد هاشم 'مخلص' ۽ حيدرآباد جي اخبار جو ايڊيٽر مولوي نور محمد نظاماڻي، جيڪي ڏيپلائي صاحب سان اول وڙهيا، پوءِ سندس قلمي جهاد کان متاثر ٿي، سندس قدردان ٿيا.

هندو ليکڪن جي جواب ۾ ڏيپلائيءَ جيڪي ڪتاب لکيا، تن اُن وقت جي سنڌي مسلمان نوجوانن ۾ خوداعتمادي ۽ خودداريءَ جي لهر آندي. انگريزن پنهنجي سامراجي سازشن سان سنڌ جي مسلمانن کي اقتصادي توڙي تعليمي ترقيءَ کان پري رکيو ۽ هڪ اهڙي فضا پيدا ڪئي، جو مسلمان 'ڄٽ' سڏجڻ لڳا. سرڪاري ڪامورا اُن وقت ڪُلي طور چوندا هئا ته هي ڄٽن جا پُٽ ڪين پڙهندا! اهڙي ماحول ۾ خود مسلمانن تي حقارت نفسي طاري ٿي. هو پاڻ کي واقعي جاهل سمجهڻ لڳا. پر جڏهن ڏيپلائيءَ جا ڪتابن تي ڪتاب اچڻ لڳا، تڏهن مسلمانن جي عام طبقي ۾ ڪجهه ساهه پيو. ڏنائون ته: مسلمانن ۾ ڪو ايترا ڪتاب لکي سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان مان ڪو صاحب اُن دور جا لکيل ننڍا وڏا ڪتاب گڏ ڪري ۽ ساهميءَ جي هڪ پُڙ ۾ ڏيپلائيءَ جا ڪتاب رکي ۽ ٻئي پُڙ ۾ اُن وقت جي هندو ليکڪن جا، ته ڏيپلائيءَ وارو پاسو ڳرو ٿي پوندو!

ٻيو جرئت وارو قدم ڏيپلائي صاحب، سنڌ جي مسلم معاشري جي اندروني اصلاح وارو کنيو ۽ جاهل عوام جي وهمن، وسوسن ۽ جاهل پيرن جي ڪرتوتن جي خلاف لکڻ شروع ڪيائين. ڪڇ جي مولوي عبدالرحيم پچميءَ، اڳ ۾ ئي اها اسلامي تحريڪ شروع ڪئي هئي، جنهن جو ٿرپارڪر ۽ لاڙ ۾ وڏو اثر ٿيو هو ۽ ڏيپلائي به ان کان متاثر ٿيو. هن پنهنجي معاشري جي تعمير ۽ ترقيءَ خاطر سخت تنقيد ڪئي، پر اها تنقيد هن پنهنجن ئي معيارن ۽ چڱاين جي روشنيءَ ۾ ڪئي. هن پنهنجي اصلاحي دليلن جو بنياد ٻاهرين ۽ ڌارين نظرين تي ڪو نه رکيو. ڏيپلائيءَ جي انهيءَ روش ۽ ڪردار ۾ هڪ وڏو سبق سمايل آهي. هن پنهنجن نوجوانن تي ٻاهرين ۽ ڌارين نظرين جا هٿيار استعمال ڪو نه ڪيا. سندس پيٽ ۾ اصلاح ۽ ترقيءَ جي ڪن ٻين دعويدارن، پنهنجن معيارن ۽ مثالن بدران، ٻاهرين نظرين ۽ انقلابن جا ڳڻ ڳايا ۽ پنهنجن کي ڌارين نظرين جا سبق پڙهايا. انهن اُها نئين اصطلاحي ٻولي ڳالهائي، جيڪا صرف هڪ مخصوص گروهه کي سمجهه ۾ ٿي آئي. 95- سيڪڙو سنڌين کي اڄان تائين سندن ٻولي سمجهه ۾ نه ٿي اچي!

سنڌي مسلم معاشري جي غلط روين ۽ غلط رُخن جي اصلاح خاطر ڏيپلائيءَ جيڪي تنقيدي ڪتاب لکيا، تن گهڻي حد تائين عام پڙهيل طبقي ۾ اصلاح جو احساس پيدا ڪيو. ڏيپلائيءَ کان اڳ شمس الدين بلبل، مرزا قليچ بيگ ۽ علي خان ابڙي جي اصلاحي تحريرن ۽ تصنيفن مٿينءَ سطح تي اثر پيدا ڪيو، پر ڏيپلائيءَ جي عوامي رنگ وارين تحريرن ۽ ڪتابڙن، عوامي سطح تي اثر پيدا ڪيو.

جڏهن ڏيپلائي مرحوم پنهنجي ذهانت ۽ محنت سان پريس جو مالڪ ٿيو ۽ ڪتاب لکڻ، ڇاپڻ ۽ اخبار هلائڻ وارو ٿيو، تڏهن ڇپائيءَ جي ڪم ۾ ٻين جي مدد ڪيائين. اُن وقت مولوي حاجي احمد ملاح صاحب، ڪلام پاڪ جو سنڌي بيتن ۾ ترجمو ڪري رهيو هو، پر ڇپائيءَ جي مسئلن ۽ مشڪلاتن ڪري ڪنهن ٻه سندس مدد ڪا نہ ٿي ڪئي. انهيءَ مشڪل ڪم ۾ ڏيپلائيءَ سندس مڪمل مدد دل کولي ڪئي. هن ڪلام پاڪ جي آيتن سان ڪتاب ۾ بيتن کي سهڻي سٽاءَ سان بيهاري، نموني طور هڪ سيپارو سهڻو ڪري ڇپايو. مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي مولوي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مون کي ملڻ آيو تہ خاص انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر ڪيائين. ڪمپوزنگ ۽ ڇپائيءَ جي مسئلي جي حل ٿيڻ کان پوءِ، مرحوم ارباب الهہ جهڙئي ٽر واري، مولوي صاحب جي بيتن واري معنيٰ سان سڄو ڪلامُ الله ڇپائي پڌرو ڪيو.

هن موقعي تي آءٌ مناسب سمجهان ٿو تہ ڏيپلائي صاحب جي مون تي ڪيل هڪ احسان جو ذڪر ڪريان، جيڪو ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي پڻ سندس احسان آهي. آءٌ سنہ 1960ع کان سنہ 1970ع وارن سالن ۾ سنڌي ’لوڪ ادب‘ بابت تحقيق، ڪتابن جي تياري ۽ ڇپائيءَ ۾ مشغول هئس. ڪم وڏي ڪاميابيءَ سان ٿي رهيو هو تہ هڪ وڏي روڪ سامهون آئي. ڪراچيءَ جي هڪ انگريزي اخبار ’سنڌي پوسٽ‘ لوڪ ادب جي هڪ تازي ڇپيل ڪتاب ’مناظرا‘ تي بيجا تنقيد ڪئي تہ ’ان ۾ گارين واري زبان استعمال ڪيل آهي ۽ ڪتاب اخلاقي اعتبار کان ڪِريل آهي‘. ان بعد اها ڪوشش شروع ٿي تہ ڪراچيءَ جي ڪمشنر طرفان ڪتاب ’مناظرا‘ تي بندش وجهائي وڃي. مون اهو مناسب سمجهيو تہ اخبار جي ايڊيٽر تي بدناموسيءَ جو ڪيس ڪيو وڃي تہ جيئن معاملو ڪورٽ جي حوالي ٿئي ۽ ڪا بہ اختياري ڪتاب خلاف قدم کڻي نہ سگهي. ڪتاب، ’سنڌي ادبي بورڊ‘ طرفان ڇپايو ويو هو، پر جڏهن بورڊ ٽوڙي ٻئي ڪنهن بہ طرفان مدد جو خاطر خواهہ آسرو نہ آيو، تڏهن مون پنهنجي سر

ڪيس وڙهڻ جو فيصلو ڪيو. ڪيس هلندي، جج جي آڏو اها حقيقت رڪارڊ ڪرائڻي هئي ته ڪتاب ۾ استعمال ڪيل زبان ۽ اصطلاح، عام سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج آهن ۽ معيار کان ڪِريل نه آهن. اخبار جي ايڊيٽر طرفان پير محمد چنا وڪيل هو، جنهن ڪورٽ ۾ مون تي وڏيون جُلهون پئي ڪيون. ويتر اهو معلوم ٿيو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جا ڪي اُستاد ۽ ڪي ٻيا صاحب منهنجي خلاف ۽ ڪتاب جي خلاف ڪورٽ ۾ بيان ڏيڻ لاءِ سنڀري رهيا آهن. اهڙي دل شڪن ماحول ۾ ڏيپلائي صاحب اڳتي وڌيو ۽ دل و جان سان منهنجو ساٿ ڏنائين. هو ڪورٽ ۾ منهنجي طرفان شاهديءَ ۾ آيو ۽ 'مناظرا' ڪتاب جي ٻوليءَ ۽ ان ۾ آيل لفظن ۽ اصطلاحن جي خاطر خواهه وضاحت ڪري، ڪتاب کي معياري ثابت ڪيائين. ڪيس اٺ سال هليو ۽ مون گهڻو ڪجهه سَٺو! پر حالات بدليا ۽ ڪتاب تي بندش ڪا نه پيئي. مون ڏيپلائيءَ جو احسان ڪو نه وساريو.

آخري ڳالهه، محمد عثمان ڏيپلائي مشڪلاتن کي مُنهن ڏيندڙ ۽ مُهم جو انسان هو. هو سنڌ جي انهن قلندرانه صفت ڳاڻ ڳڻين شخصيتن مان هو، جن نتيجن کان بي نياز ٿي، ڏک ٻک ۾ توڪل تي سنڌ جي عوام جي خدمت ڪئي. نااُميدي جو وٽس نالو ئي ڪو نه هو. هو ڪنهن به ناڪاميءَ کان مايوس نه ٿيو!

[تاج جويو مرتب: "انسان دوست اديب ۽ بيباڪ صحافي محمد عثمان ڏيپلائي"
سنڌ ماٽڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2003ع]

❑

# 91 مرتضائي ۽ سندس ديوان

[تاريخ 4- سيپٽمبر 1950ع ٺٽي ۾ دوست محترم رئيس محمد يوسف صاحب چانڊيي جي جاءِ تي ميان غلام محمد شاهه صاحب ٺٽوي پنهنجي دوستاڻه وعده موجب مرتضائي جو ديوان ڏيکاريو، جنهن جي ڪلاڪ ڪن جي مختصر مطالعه جي بناءِ تي هي ناقص ۽ مختصر مضمون لکيو ويو آهي.]

تخميناً، 19 صدي عيسوي جو پويون اڌ ۽ هن 20 صدي جا شروع وارا 25 سال سنڌ ۾ ”موزون سنڌي شاعري“ جو هڪ نهايت قيمتي دور هو. هن عرصي ۾ فارسي شاعري جو قالب ۽ روح ڄڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ تبديل ٿيا ۽ ’سنڌي موزون شاعري‘ انهي منزل تي پهتي جنهن تي نه اڳ هئي ۽ نڪي وري ان کان پوءِ پهتي آهي. ٿلهي ليکي هي دؤر ڄڻ سانگي ۽ سندس سنگت جو دؤر هو. حامد، گدا، سانگي، مرتضائي وغيره هن سنگت جا ڄڻ مور هئا. سانگي جي وفات (1924ع) سان ڄڻ هن مجلس جو آخري روشن چراغ گل ٿي ويو.

**خاندان ۽ ابتدائي تعليم:**

غلام مرتضيٰ شاهه بن روشن علي شاهه بن ذوالفقار علي شاهه رضوي ٺٽوي جي وڏن شاهجهان بادشاهه جي ڏينهن ۾ اچي ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. چيو وڃي ٿو ته هن رضوي خاندان جو وڏو ڪمال الدين عرف جلال الدين شاهه شاهجهان جي حڪمراني ۾ شولاپور جو گورنر هو. اُتان پوءِ هو شايد شاهي فرمان موجب ٺٽي ۾ آيو، جتي ٺٽي جي جامع مسجد جي باقي رهيل ڪم جي هن اچي تڪميل ڪرائي. هي خاندان اصلي مشهد (ايران) جو هو، مرتضائي جو ڏاڏو ذوالفقار علي شاهه سنڌ جي ٽالپر حڪمران جي سربر آورده امراءَ مان هو. چيو وڃي ٿو ته انگريزن سان سنڌن ڪابل وڃڻ وقت جو اميرن طرفان عهدنامو ٿيو هو، تنهن تي حڪومت سنڌ پاران نائب وزير جي حيثيت ۾ ذوالفقار علي شاهه دستخط ڪيا هئا.

غلام مرتضيٰ شاهه ابتدائي تعليم امام بخش شاهه فدوي رضوي جي مدرسي ۾ ورتي، جو ٺٽي جي مدرسن ۾ هڪ مشهور مدرسو هو. شاعري ۾ به ”فدوي“ سندس اولين اُستاد هو، مرتضائي کي وفات ڪئي اٽڪل پنجاهه سال کن ٿيا. سندس پٽ نالي حسين بخش شاهه هو جو پڻ بنا اولاد گذاري ويو.

**تصنيفات:**

هيٺيان ڪتاب مرتضائي جي تصنيفات مان ٻڌايا وڃن ٿا.

(1) مثنوي يوسف زليخان سنڌي (ڇپيل هريسنگ پريس سکر) (2) شاهه نامه فردوسي جي ڪن ڀاڱن جو سنڌي مثنوي ۾ ترجمو چيو وڃي ٿو ته

ڪيڪائوس جو مازندران تي حملي وارو باب هريسنگ پريس سکر ۾ ڇپيو هو (3) فارسي ڪتاب انوار الهديٰ(؟) جو ترجمو (600 ورق وڏا) (4) طوطي نامہ (5) ڪريمانيچري جنهن جا هيٺيان بہ شعر ميان غلام محمد شاهہ ٻڌايا:

تپدار ڪوٺار اهل- دغا
ڪٽي آيا نوٽيس وراند صفا
گهرڻ ڪاڻ پيسن جي ٿيا بي حيا
نگهدار مارا ز راهہ- خطا

(6) ديوان مرتضائي*

## ديوان مرتضائي:

مرتضائي پنهنجي جملہ شعر کي عمداً ۽ ارادتاً ويهي هڪ ديوان جي صورت ۾ مرتب ڪيو ۽ ان کي پنهنجي هٿ سان لکيو. ديوان جي ضخامت مان اندازو لڳائجي ٿو تہ هن ۾ تقريباً 500 کان 600 کن غزل ٿيندا، ديوان جي آخر ۾ مرتضائي پنهنجا چند فارسي غزل بہ ڏنا آهن. مرتضائي جو هي هٿ جو لکيل ديوان سنڌي ادب ۽ شعر جو هڪ بي بها خزانو آهي، جو شل ڪنهن اهل دل ۽ نظر جي ڪوشش سان ڇپجي سنڌي ادب جو سينگار بنجي.

شروع ۾ ديوان جو ديباچو جو خود مرتضائي پنهنجي قلم سان اٽڪل 10 صفحن ۾ لکيو آهي انهن ۾ اول شعر جي حڪمت تي اسلامي نقطہ نظر کان روشني وڌي اٿس ۽ اسلامي دور جي عربي شاعرن جي فضيلت جو ذڪر ڪيو اٿس. ان بعد نقادن جي شڪايت ڪئي اٿس تہ ”جيڪڏهن ڪو شاعر ٿيو تہ نقطہ چين جهٽ (ڪيس) نڙيءَ مان ورتو پوءِ اگرچہ پاڻ نقطہ چين قابل هو يا جاهل“ پنهنجي شعر و شاعري متعلق لکي ٿو تہ: مرتضائي هي پنهنجي ناقص خيال بي مجال جو گهوڙو ميدان نظم ۾ ڊوڙايو سو فقط هن مطلب تي هڪ طبع سڌري، ٻيو عيب جوين کان فائدو ملي، ٽيون سنڌي پڙهيلن کي مطالع ۾ اچي، چوٿون نالو يادگار رهي ۽ دوستن ۽ عزيزن ۽ وهم وطنن ۽ همعصرن منصف مزاجن جي مجلسن ۾ منهنجي بدران شريڪ رهي، ڇو تہ انسان فنا آهي. ان بعد وري ديوان کي پنهنجي هٿ سان لکڻ جا سبب ڄاڻايا اٿس، جن ۾ اول اول هن ڳالهہ تي زور ڏنو اٿس تہ خيال جو خزانو صرف ڪتابت ذريعي محفوظ رهي ٿو ۽ آخر ۾ چوي ٿو تہ: ”پنهنجي هن خام خيال وارن شعرن کي پنهنجي هٿ سان لکي ٿو ڇڏيان، جي منهنجي بدران مون کان پوءِ منصف مزاجن عاقلن ۽ قابلن جي مطالع لاءِ تحفہ طبع نياز عرض گذري: پوءِ جيڪڏهن اهي صاحب ياد ڪن تہ دعائي خير دارين جي کان نہ وسارين والسلام عليڪم:

* مٿيون سڄو احوال ميان غلام شاهہ جي ڏنل زباني جي بناءَ تي مرتب ڪيو ويو. فالحجہ عليه

من نوشتم صرف کردم روزگار
من نمانم این بماند یادگار
غلام مرتضيٰ شاهه رضوي مرتضائي ٺٽوي "عفي عنه"

هن ديوان جي گهري مطالعي مان يقيني طور مرتضائي جي زندگي خيالات، سندس وقت جي مباحثن ۽ نظرين توڙي همعصر شاعرن متعلق ڪافي ڪجهه معلوم ٿيندو. بنده جا ڪلاڪ ڪن هن ذخيري تي سرسري نظر وڌي، ان مان هيٺيون ڪي چند حقيقتون واضح ٿيون.

1- سمجهجي ٿو ته مرتضائي پنهنجي وقت جي شاعرن مان حاجي فضل حيدرآبادي کي جنهن جو تخلص ماتم هو، چڱو استاد ڪري مڃيو هو، جيئن ته چوي ٿو ته:

سنڌ جا شاعر عجب اشعار ٿا جوڙين پر
محبتي مضمون جو ماتم مثل استاد ڪٿ.

شايد "محبتي مضمون" مان پنجن تنن جي حب ۾ چيل اشعار ڏانهن اشارو آهي ۽ مرتضائي جي ماتم سان خاص عقيدت به مذهبي عقيده جي بناءِ تي هئي، مگر هي نڪته زياده تحقيق طلب آهي. غلام محمد شاهه گدا مرتضائي جي همعصرن شاعرن ۾ يگانو هو مگر گدا، ماتم ئي نقط چيني ڪئي، جنهن جي ڪري مرتضائي ۽ گدا جي وچ ۾ اٽڪٽ تي پيئي. هن سلسلي ۾ مرتضائي پنهنجا خيال هڪ غزل ۾ ظاهر ڪيا آهن جنهن جو مطلع آهي:

چؤ گدا مون وٽ تو ڪهڙو بغض پاياني ڏنو
بلڪ بيحد قرب وارو عهد پيماني ڏنو. (الخ)

2. مرتضائي جو خاص مربي ۽ ممدوح مير صاحب پير ميان الله بخش شاهواڻي، ٽنڊي محمد خان جو هو جو سنڌ جو موجوده وزير مير ميان غلام علي جي وڏن بزرگن مان هو. مير صاحب پاڻ خود شاعر هو ۽ سندس تخلص "معروف" هو. مرتضائي چوي ٿو ته:

طبع طغيان رکي موج ۾ دريائي عطا
مير منهنجو سو الله بخش عظيم التوقير

مرتضائي پنهنجي ديوان ۾ وري وري مير الله بخش جو نالو ڪنيو آهي، هڪ غزل ۾ خاص طور سندس گڻ ڳايا اٿس، مثلاً:

شهوائي ڏسان ابر عطا مير الله بخش
هي گوهر- اصداف حيا مير الله بخش

.......................................................................

ٽنڊو جو سندس تعلقي گوني ۾ وطن ٿيو
جايون تو رکي جلوه نما مير الله بخش

مسڪين و مسافر مڪين موڪ ٿيا ممنون
پرپور ڪري جام گدا مير الله بخش

3. جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي، مرتضائي جا وڏا ميرن جي وقت ۾ وڏن عهدن تي هئا. خود مرتضائي، مير الله بخش خان جو نوازيل ۽ هزهائينس مير حسن علي خان توڙي مير عبدالحسين خان سانگي جو همنشين ۽ هم صحبت هو. انهن خانداني روايات ۽ ذاتي تعلقات سبب، مرتضائي انگريزن جي سنڌ تي غاصبانه قبضي تي نالان هو، چوي ٿو ته:

خدا انگريزن کي برباد ڪر
رعيت نماڻي کي دلشاد ڪر
وري ملڪ ميرن کي موٽي ملاءِ
خدا يا تون بيبداد جو داد ڪر.
اچن سنڌ ۾ شل اسان جا امير
شرف شان تنهنجي کي ميلاد ڪر.

**مرتضائي جا همعصر شعراءَ:**

مرتضائي پنهنجي ديوان ۾ ڇپي ڇپي تي سنڌ جي ٻين شاعرن جا نالا ڪنيا آهن. هڪ غزل ۾ جنهن جو عنوان ئي ”شعراءِ سنڌ همعصر مرتضائي“ ڄاڻايو اٿس. اُنهيءَ ۾ پنهنجي همعصر شاعرن کي سندن تخلص يا نالي سان ياد ڪيو اٿس ۽ هر تخلص هينيان شاعر جو نالو پنهنجي هٿ اکرين قلمبند ڪيو اٿس. هن غزل جو مطلع هن طرح آهي ته:

احسن حسن مقال ۾ سڀ ڪان عجيب ڏسجي
گلزار وصف، آل ۾ سو عند ليب ڏسجي.

هتي حسن مان مراد هزهائينس مير حسن علي خان آهي. البته ڪن جاين تي خبر نٿي پوي ته هينيان لکيل نالو ڪهڙي تخلص سان تعلق رکي ٿو. هن غزل ۾ هينين پنجاهه همعصر شاعرن جا اُهڃاڻ ڏنا اٿس.

(1) هزهائينس مير حسن علي خان حسن (2) مير عبدالحسين خان سانگي (3) مير الله بخش شهواڻي معروف (4) حاجي سيد غلام محمد شاهه حيدرآبادي گدا (4) حاجي محمد فضل طيب حيدرآبادي ماتم (6) قاضي عبيدالله سڪنه ”نوشهرو ڪنديارو“ عاجز (7) محمد حسين عاجز (8) عبدالله ٺٽوي عبد (9) شمس الدين اُنڙ و بلبل (10) عبدالله مير لکوي شڪارپوري راهي (11) ميان رسول بخش مختيارڪار رهي (12) مير شير محمد شڪارپوري راجي (13) سيد محمد تقي شاهه قنڌاري تائب (14) محمد صديق شڪارپوري صديق (15) عبدالقادر آخوند شڪارپوري مست (16) گل محمد ولد يوسف لونگاڻي ٺٽوي گل (17) خليفو ڪريم بخش بدين رعنا (18) مرزا دوست محمد حيدرآبادي دوست

(19) قاضي هدايت الله متعلوي مشتاق (20) عبدالحميد شائق (21) آخوند يارمحمد فائق (22) عبداللطيف لطيف (23) احمد گرامي احمد (24) مخدوم ابراهيم صاحب خليل (25) عبدالواحد سائل (26) حافظ حامد ٽنڊوسائينداد "حامد" (27) غلام محمد خان خاصخيلي غلام (28) گل محمد خان گلڻ (29) شمس الدين قريشي مختيار شڪارپوري (30) احمد ساڪن ڪراچي شوقي (31) فيض محمد روهڙي(؟) (32) نياز هالائي (33) محمد شاهه ساڪن عامري مصطفائي (34) غلام علي سبز پوش علي (35) علي بخش خاڪسار علي (36) آتش (ساڪن)، سڪر (37) رفيع الدين سرهندي رفيع (38) ميان ڏنل شيخ حيدري (39) پير صاحبڏنو شاهه سجاده نشين درگاهه عبدالڪريم بلڙي (40) پير رشد الله اواهه(؟) (41) پير مظهرالدين مظهر (42) سيد جان الله خفتي (43) سردار غلام محمد قنڌاري طرزي(؟) (44) بهاوالدين بهائي (45) سيد اصغر اصغر (46) چيلارام، سست يا چست(؟) (47) محمد باقر راقم (48) سردار عباس خان قنڌاري عباس (49) جمن شاهه (ساڪن) عامري مجتبائي (50) پير ڏنو شاهه (51) ڪڏائي(؟) فاضل بيگ.

ٻيو هڪ غزل جنهن جو مطلع آهي.

"هي اشڪ اکين جو حسرت ۾ هر روز صفا جيحون ڏنم،
جنهن موجزئي ڪي فرقت ۾ جاري ڪان جگر پرخون ڏنم."

انهيءَ جي آخر ۾ به مرتضائي شاعرن جا نالا ڪنيا آهن ۽ غزل جي حاشيه ۾ "همعصر شعراءِ سنڌ" قلمبند ڪيو اٿس هن غزل ۾ (1) حاجي محمد خان نظاماڻي محمد ("معروف و محمد رطب اللسان") جو نالو ڪنيو اٿس.

اجا به هيٺين غزل ۾ وري ٻيا نوان نالا ڪنيا اٿس.

ڪو نه ڏسبو زلف جي زنجير ڪان آزاد ڪٿ
عشق جو برباد آندو سو ٿئي آباد ڪٿ.

1- سنڌ جا شاعر عجب اشعار تا جوڙين پر
محبتي مضمون جو ماتم مثل استاد ڪٿ

2- شمس خوش، صديق خوش، خادم خوشا راقم چڱو
پر لطيفي طبع ڏاران عشق جو بنياد ڪٿ

3- هو علي يڪسريگانو ۽ به قاسم ڪيا ڪلور
پر گدا جي گفتگو وٽ ڪو به ايندو ياد ڪٿ

4- وهه رهي، وهه ريت راجي وه سنائي جي پڪار
مست ڪٿ، خفتي ڪٿي، قاضي ڪجا دلشاد ڪٿ

5- صابر و اميد ڪٿ ۽ نور محمد عبد ڪٿ
مير فاضل شاهه چيهو درحيدر- آباد ڪٿ

6- ٿي حسن وانگر هميشه منجهه بڪائي اهل بيت
ري روئڻ محشر ۾ چؤ آرام جو ارشاد ڪٿ

7- گل مثل گفتار جنهن جا مير سو عبدالحسين
بلبل گلزار منطق سو فدا جئن ياد ڪٿ
8- مرتضائي تنهنجو مضمون دل ڪشا و دِل فريب
روشني سج جي پروڙي ڪور مادر زاد ڪٿ

هن غزل ۾ (52) خادم، (53) قاسم، (54) سنائي، (55) قاضي، (56) صابر، (57) اميد، (58) نور محمد، (59) فاضل شاهه، (60) فدا، جڻ نوان تخلص يا نالا آهن.

ان ڪانسواءِ هي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪي شاعر هن غزل چوڻ وقت گذاري ويا هئا. (هو علي يڪسر يگانو الخ) مٿين جملہ غزلن ۾ مرتضائي جملہ سٺ شاعرن جا نالا آندا آهن، جي سڀ شايد سندس همعصر هئا. ديوان جي تفصيلي مطالعي مان شايد بيا بہ ڪي نالا ملن، شاعرن جي هن ڪثير تعداد مان معلوم ٿئي ٿو تہ ”موزون شاعري“ هن عرصہ ۾ جڻ پنهنجي اوج تي هئي.

[رسالو ”عام راءِ“ ڪراچي، آڪٽوبر 1950ع]

❑

# (92) مرحوم عطا محمد حامي (تاثر)
## اندر روح رهيام

مرحوم عطا محمد حامي لاءِ هي لفظ لکندي ساڻس محبت ڀريون ملاقاتون ياد اچن ٿيون، خيرپور وڃڻ ٿيندو هو ته حامي سان ئي ملڻ جو انتظار رهندو هو. ان وقت ناز هاءِ اسڪول جي هاسٽل ۾ مقيم هو ۽ اتي استاد جي حيثيت ۾ شاگردن وٽ گهڻو مقبول هو، سندس ذهانت ۽ علم ادب سان شفقت ڏسي مون کيس آماده ڪيو ته "خيرپور رياست جي ادبي تاريخ" تي تحقيق ڪري، هن اها صلاح قبولي ۽ آءٌ سندس گائيڊ ٿيس، وڏي محنت سان ڪم ڪيائين. ان سلسلي ۾ مون کيس جيڪي ڏس پتا پئي ڏنا قلمي مواد لاءِ، اتي بنا دير جي پهتو ۽ قيمتي مواد جمع ڪيائين، ڪن موضوعن تي ڪيل تحقيق جي روشني ۾ لکيائين ۽ مون کي ڏيکاريائين. انهيءَ مشق سان نثرنويسي ۽ مضمون آرائي ۾ وڏي صلاحيت پيدا ڪيائين. مون سان وابسته رهيو ۽ آخر ۾ ڊگري ڪنهن ٻئي صاحب جي نگراني ۾ ورتائين. شاعريءَ ۾ حامي صاحب جي طبع سليم ۾ سمايل هئي. هو پنهنجي دور جي سنڌي شاعرن ۾ وڏي مان ۽ معيار وارو هو. ذاتي طور تي خوش اخلاق کِلڻو مِلڻو ۽ ڪچهري جو مور هو. اڄ پاڻ اسان وٽ ڪونهي، پر جيڪڏهن هن لکت ۾ سندس ڪوبه مواد موجود هجي ته ان کي سندس علمي ادبي خدمتن جي اعتراف طور بنا دير شايع ڪيو وڃي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "املهه موتي" (جلد ٻيو) مرتب: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد، 2018ع]

❑

# (93) مرحوم نواب حاجي گل محمد لغاري

نواب حاجي گل محمد خان لغاري، اڱاري جي رات جي پوئين حصي ۾، تاريخ 8 ربيع الاول 1375هه/25 آڪٽوبر 1955ع شهر حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. حيدرآباد ۾ مرحوم دل جي درد ۽ ڌڙڪي جي مهلڪ مرض جي علاج لاءِ آيو هو. اڱاري جي رات جو، ويندي 12 بجي تائين، دوستن احبابن سان محفل ڪري وڃي آرامي ٿيو ۽ انهيءَ آرام ۽ سڪون ۾ ئي دم ڏنائين ۽ ابدي آرام ماڻيائين. وفات وقت سندس عمر 65 ورهيه هئي. هت سندس ذڪر خير بطور يادگار ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته مرحوم سنڌ جي خانداني شرافت جو مجسمو هو؛ سنڌ جي تمدن ۽ تهذيب، نشست ۽ برخواست جو زنده مثال هو؛ جملي عزيزن جو وڏو خيرخواه ۽ پنهنجي دوستن جو سچو دوست؛ نيڪي ۽ نيڪ نيتي سندس سرشت ۾ سمايل هيون؛ سيني جو پلو گهرندڙ ۽ صلح پسند هو. خود علم وارو ۽ علم دوست هو؛ طب مطالع ڪيل هئس ۽ حڪمت سندس هڪ خاص دلچسپ مشغلو هو؛ شعر و شاعري ۽ تاريخ جي مطالعي سان خاص شوق هئس؛ انشاپردازي ۽ رنگين عبارت ۾ نثر نويسيءَ تي چڱو خاصو ملڪو هئس؛ گذريل ڇهن پنجن سالن ۾ پنهنجي خاندان جي نسب نامي ۽ تاريخ جي تحقيق ۽ تصنيف ۽ تاليف سندس خاص مشغلو رهيو. مرحوم جي وفات حسرت آيات انهيءَ ڪري سنڌي علم ۽ ادب، سنڌي تمدن ۽ تهذيب، ۽ سنڌ جي خانداني شرافت ۽ نشست و برخواست جي هر عاشق ۽ دلداده لاءِ صدمو آهي.

مرحوم تاجپور جي مشهور لغاري نوابن جي خاندان جو هڪ هونهار فرد هو ۽ انهيءَ ڪري ئي "نواب" سڏجڻ لڳو. ڪيس ڪا زمين جي جاگير ڪانه هئي، مگر اخلاق ۽ فضيلت، سنجيدگي ۽ شرافت جي جاگير جو ڌڻي هو ۽ انهيءَ ڪري سندس شاندار شخصيت مان "نوابي" شان هميشه نمايان هوندو هو. مرحوم پاڻ کي هميشه "حقير گل محمد خان لغاري" ڪري لکندو هو.

مرحوم پنهجي ولادت جي تاريخ هن طرح ڄاڻائي آهي: "28 شعبان 1310هجري، شب سومر عطارد". پاڻ شهر تاجپور جي لغاري خاندان جي وڏي ڏاڏي هوت خان شهيد جي وڏي پٽ حيدر علي خان جي اولاد مان هو. سندس نسب نامو هن طرح هوت خان شهيد تائين پهچي ٿو: گل محمد خان بن حيدر خان بن گل محمد خان بن فتح خان بن حيدر خان بن فتح خان بن حيدر خان بن هوت خان شهيد. سندس والد ميان حاجي حيدر خان سندس تعليم تي خاص ڌيان ڏنو. سنڌي ۽ فارسي تعليم ماستر محمد قاسم حيدرآبادي، ديوان ٽانورداس حيدرآبادي ۽ ماستر محمد ابراهيم (اتر طرف جو) کان حاصل ڪيائين. ان بعد

افغانستان جي هڪ مولوي صاحب سان به ڪجھ عرصي تائين صحبت سبب مطالعي ۽ مڪالمي جي صورت ۾ فارسيءَ ۾ مشق ۽ مهارت ٿيس. طب جي تعليم پنهنجي صهري نواب حاجي محمد علي خان کان حاصل ڪيائين. سنه 1918ع ڌاري خلافت تحريڪ ۾ وڏو حصو ورتائين، ۽ 4 — 5 سال تحريڪ جو ڪارڪن ٿي رهيو. سنه 23-1924 ۾ خاص خدمت جي جذبي هيٺ ”ڪو آپريٽو سوسائٽين“ جي اعزازي آرگنائيزر جو عهدو قبول ڪري، تقريباً ڇهه ست سال پوريءَ محبت ۽ مشقت سان ڪم ڪيائين، جنهنڪري بمبئيءَ جي گورنر، پنهنجيءَ هڪ حيدرآباد سنڌ واريءَ دربار جي موقعي تي کيس تحسين نامو ڏنو. هڪ دفعي نواب شاهه ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي اليڪشن ۾ لڙيو ۽ وڏيءَ اڪثريت سان ڪامياب ٿيو، مگر بعد ۾ موجوده سياست کان متنفر ٿيو: سياست کي ڏوڪي ۽ چالبازيءَ سان تعبير ڪندي ان کان ڪناره ڪش ٿيو. البت زمين جي سنڀال خاطر کيس گهڻو وقت شهر سنجهوري ۾ رهڻو پوندو هو ۽ شهر جي سڌاري ۽ شهر واسين جي خدمت خاطر سندن خواهش موجب چند سالن لاءِ سئنيٽري ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿي رهيو. مگر سندس زندگيءَ جا پويان سال اڪثر راڄداري ۽ تنظيمي ڪمن، عوام جي خدمت ۽ غريب بيمارن جي في سبيل الله دوا درمل ڪرڻ ۾ گذريا.

علمي تحقيق جي سلسلي ۾ سندس خاص توجهه پنهنجي خاندان، يعني تاجپور جي لغاري نوابن جي شجرهٴ تاريخ تيار ڪرڻ طرف رهيو. انهيءَ سلسلي ۾ مرحوم، بنده راقم الحروف کي آماده ڪيو ته نواب ولي محمد خان اول ۽ سندس پائرن ۽ اولاد مان فارسيءَ جي ’صاحب ديوان‘ شاعرن جو مطالعو ڪيو وڃي ۽ نواب فقير ولي محمد ثاني جي سنڌي ڪلام کي مرتب ڪيو وڃي. هن سلسلي ۾ مرحوم جا مدد ڪئي ۽ سرجوشي ڏيکاري سان بيان کان ٻاهر آهي. سندس ئي سعيي سان تاجپور جي هن سربرآورده خاندان جي ٻين لائق ۽ معزز صاحبن به هن خاندان جي علمي ۽ ادبي سرمايي کي سهيڙڻ طرف ڪماحقه توجهه ڏنو ۽ اميد ته وڏي نواب ولي محمد خان لغاري جو فارسي ديوان ۽ نواب فقير ولي محمد ثاني جو سڄو سنڌي ڪلام عنقريب سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيندو: مگر هن نيڪ ڪم لاءِ مرحوم نواب حاجي گل محمد خان ئي پهرين ڪوشش ورتي- ۽ الفضل للمتقدم.

حاجي صاحب مرحوم هن سلسلي ۾ ابتدائي مواد خود پاڻ گڏ ڪيو: پهريون ته پنهنجي سڄي خاندان جو مفصل شجرو تيار ڪيائين ۽ ٻيو ته خاندان جي جملي افراد مان جن جو جيترو احوال معلوم ٿيس، اهو هڪ جدا ڪتاب ۾ قلمبند ڪيائين، جنهن جو نالو ”تاريخ لغاري بلوچ تاجپور- از ابتدا سال 1131 هه تا 1374 هه“ رکيائين. سندس ڪوشش سان هن خاندان جا ڪي قلمي ڪتاب،

جهڙوڪ ”طب ولي“ تصنيف نواب ولي محمد خان لغاري، پڻ جلد ٻڌائي محفوظ ڪيا ويا.

مرحوم خود پنهنجن تصنيفن ۾ هڪ طب جي سلسلي ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتاب آهي، جو سنه 1370 ھ ۾ لکيائين ۽ ان جو نالو ”مجربات حيدري“ رکيائين. هن ڪتاب جي ديباچه ۾ لکي ٿو ته ”بندي حقير پر تقصير گل محمد ابن حيدر علي لغاري......... ڪي عرصي دراز ڪان خيال دامنگير رهيو ته طب جو ڪتاب سنڌي زبان ۾ تاليف ڪجي، اگرچه سنڌ ۾ مشهور حڪيمن جا نادر طبي ڪتاب موجود آهن، جن ۾ نواب نامدار نواب ولي محمد خان رحه جي تصنيف ڪيل فارسي ”طب ولي“ (قلمي) جو تجربه آور ذخيرو درج ٿيل ڏسجي ٿو. دمزنيءَ جي هرگز حاجت ڪانه آهي، جو آءٌ پڻ چوان ته حڪيم آهيان، بلڪل نه — بلڪ ٿوٽڪائن جي شمار ۾ اچڻ جهڙو به نه! البت پنهنجن بزرگن مرحومن جا طبي قلمي ڪتاب فارسيءَ ۾ موجود آهن. ’مجربات‘ سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جو ارادو ڪري خداوند ڪريم جلشانه ۾ توقع ۽ اميد توفيق ملڻ جي رکي هي ڪتاب هٿ ۾ ڪنيو اٿم ۽ نالو سندس ”مجربات حيدري“ رکيو اٿم.

طب جي سلسلي ۾ مرحوم هينيون مختصر نظم ”بناسپتي حڪيم“ پنهنجي هڪ ڪتاب جي سر ورق تي پنهنجي هٿ اکرين قلمبند ڪيو آهي، جو ٿي سگهي ٿو ته خود سندس شگفته طبع جو نتيجو هجي.

نه سو ساقي، نه سو شيشو، نه آ سو رنگِ ميخانه،
نه سا دهلي، نه اجمل خان، نه سو ديسي دواخانه.

1. نه پهرئين جئن دوائون، ۽ نه اطبا آهن اول جيئن،
طبابت آ، مگر آهي سو وسريل هڪ افسانه.
2. خبر صفرا ۽ سودا جي نه آ، ليڪن معالج ٿيا،
سَنَد ’شمس الاطباء‘ جي مگر تجويز طفلانه.
3. هي مجيوسون ته مدت ڪان، منت احب ممسڪ آهن،
لڪن ٽا پاڻ ڪي پر ماهر امراض مردانه.
4. مسيحا خود ئي محتاج دوا آهن، خدا حافظ!
ڪندو ڇا خاڪ ديوانو، علاج درد ديوانه.
5. الا هي ڪالرا ٿِي لَس وجي اهڙن طبيبن ڪي،
جو هيضه ۾ ٽا ڪن تجويز عُنّاب و بِهيدانه!

مرحوم جو ٻيو ڪتاب انشاپردازيءَ جي سلسلي جو آهي. سر ورق تي لکيو اٿس ته ”اين ڪتاب مجموعه ابيات و غزلهائي فارسي و اردو و سنڌي و خطوط نويسي برائي نورچشمان حيدرعلي خان، سڪندر علي خان...... نوشته شد...... بوقت نوشتن اين ڪتاب عمر راقم الحروف شصت و دو سال- 16 ماه جمادي الاول 1372

ھ/ غره ماه فيبروري 1953ع"- ظاھر آھي تہ مرحوم ھي ڪتاب پنھنجن ٻن پوٽن لاءِ لکيو، جي سندس وڏي فرزند ميان قنبر علي خان جا صاحبزادا آھن. ھن ڪتاب ۾ چوڏنھن رباعين، مصرائن، بيتن ۽ پھاڪن بعد، مختلف خطن جي سرنامن ۽ عبارتن جي نمونا قلمبند ڪيا اٿس. ان بعد خود پنھنجا لکيل خط نقل ڪيا اٿس- پھريون خط فارسيءَ ۾ آھي ۽ ٻيو نمبر سنڌيءَ ۾ آھي- انھن ٻنھي تي تاريخون لڳل ڪين آھن. ٽيون نمبر پنھنجي والد ڏانھن لکيو اٿس ۽ تاريخ 24 محرم الحرام سنہ 1329 ھجريءَ جو لکيل آھي. آخري خط نمبر 86 وفات کان 3 ڏينھن اڳ 22- آڪٽوبر 1955ع تي حيدرآباد مان سنجھوري جي چوڌري علي احمد ڏانھن لکيل آھي. مرحوم نواب صاحب جي جملي خطن جي عبارتن ۾ اديبانہ رنگ نمايان آھن. آيتون، استعارا، بيت ۽ پھاڪا موقعي جي مناسبت سان ڪتب آندا اٿس. مثال طور آخري ٽن خطن مان، ٻن جون عبارتون مختصر طور نقل ڪجن ٿيون. تاريخ 6- آڪٽوبر 1955ع تي حاجي فتح علي لسڪاڻيءَ ڏانھن سندس فرزند جي وفات بابت خط لکيو اٿس، جو ھن طرح شروع ڪيو اٿس: "افسوس! ڪنھن کي ھن جھان ۾ بي داغ نہ ڏٺم ۽ جنھن ۾ خزان نہ ٿيو سو باغ نہ پسيم. ھر طرف ھن آواز مان ڪن پريل اٿم تہ سڀ ڪنھن نقش و نگار جو رنگ ۽ سڀ ڪنھن باغ جي بوءِ پرواز ۾ آھي. اخبار پنجتنيءَ ۾ ھيءَ درد انگيز خبر پڙھيم تہ اوھان جي جگر جو ٽڪرو نورچشم احمد علي ريحان، جنھن جو منھن ماھتاب ۽ بدن گلاب، قمر ھلال، نونھال، چشم و چراغ، صالح ۽ سدورو اميدن جو ستارو بخت جي آسمان مان ھميشه لاءِ غائب ٿي، آيت شريف 'فاذا اجلھم لا يستاخرون ساعتہ ولا يستقدمون' جو مصداق ٿي، 'ڪل نفس ذائقة الموت' جو پيالو پي، الوداع ڪري..... ويو، الخ"

سنجھوري جي چوڌري علي احمد کي لکي ٿو تہ ".... خيريت جي احوال کان واقف نہ ڪيو اٿو؛ يا ڏر سمجھي ڪناره ڪشي اختيار ڪئي اٿو؛ يا 'ون يونٽ' جي وجود ۾ اچڻ ڪري سنڌيءَ مان پاڻ کي پنجابي تصور ڪري رھيا آھيو؛ يا سينيٽري چيئرمنيءَ جو دماغ ۾ خلل آھي: نہ ڄاڻان ڪھڙو واءُ لڳو ۽ ڪھڙو نڪتُ اپريو، جنھن کان ٻہ حرف احوال پرسيءَ جا بہ آر! چڱو اوھان جي گھاٽي سرنھہ ڏني، ڏني. ھن وقت پنھنجي طرف کان پيش قدمي ڪري رھيو آھيان. عرصي کان وجع القلب (درد دل) ۽ اختلاج القلب (ڌڙڪو دل) جنھن مان دَمَہ جي مخوص مرض لاچار ڪيو، جنھن کان ايترو تہ افتاده ٿي پيو آھيان، جو لڪڻ تہ درڪنار پر اٿڻ وھڻ بہ ڏکيو پيو لڳي، جنھن کان طبيعت افسرده آھي ۽ ھر وقت 'ربنا و قنا عذاب النار' جو وظيفو ورد زبان آھي. ويچاري انسان جي زندگي بہ عجيب معما آھي. بھرحال گذري رھي آھي ۽ منعم حقيقيءَ جي منت واجب ...... ھفتي کن کان حيدرآباد ۾ يوناني حڪيمن جي مشوري سان علاج

ڪري رهيو آهيان. مگر هن وقت تائين فائدو ڪونہ آهي. دَمَہ جي دوري وقت تمام تڪليف آهي. دعا ڪندا، جو وقت انتظار جو گذري رهيو آهي. جيڪڏهن موت مهلت ڏني، حياتي باقي آهي ۽ تندرستي باقي رهي، تہ يڪبارگي اچي ملاقات حاصل ڪندس.“

افسوس جو مرحوم کي موت مهلت ڪانہ ڏني. سندس هن آخري خط کان ٽن ڏينهن جي اندر ۾ وفات ڪيائين. مرحوم پويان ٻہ لائق فرزند ڇڏيا آهن: قنبر علي خان ۽ غلام حسين خان، جن سان مرحوم جي سڀني عزيزن دوستن جي هن حادثي ۾ همدردي آهي. سنڌ جي جهوني علم دوست ۽ اديب ”غمزده گل محمد آزاد صوفيءَ“ نواب مرحوم جي وفات حسرت آيات تي مرحوم جي فرزندن ڏانهن همدرديءَ جو خط لکيو آهي، جنهن سان گڏ سندس چيل هينئون مرثيو بہ شامل آهي:

اوچتو ڪهڙو وَسيو هي عرش تان طوفان اچ،
جنهن اميدن جو سمورو باغ ڪيو ويران اچ؛
خشڪ آتش کان غمن جي ٿي ويو گلشن سڄو،
هاءِ حسرت ساڻ پرجي ويو سڄو ميدان اچ؛
ڪانہ توکي موت پيئي ڪهل هرگز ڪو قياس،
جو مجاهد مرد ههڙي جو ٿئين خواهان اچ؛
درد هر ڪنهن دل ۾ جنهن جو واءِ! حسرت صدا،
موڪلائي مرد سو ويو گل محمد خان اچ؛
ملڪ ساري ۾ مچي ويئي اچ انهيءَ لئي هاءِ هاءِ،
تا ڏسون غمگين هرڪو پير توڙي جوان اچ؛
داغ ڏئي ويو وڇوڙي دوستن جي دل مٿي،
۽ عزيزن ۾ ڇڏي ويو رنج ۽ ارمان اچ؛
جنهن خدا جي خلق پنهنجي خوبين سان خوشي رکي،
خلد ۾ خالق گهرائي ان کي ڪيو مهمان اچ؛
خلق جو جوش خُلق خادم اهڙو لاثاني امير،
ڪونہ قسمت ساڻ ملندو ڪو وري انسان اچ؛
ربّ جي سرڪار اڳيان چون چران جي جاءِ ناه،
نيٺ ڇڏٽي آهہ آخر هر ڪنهين کي جان اچ؛
ماه مولود النبيءَ ۾ ويو لڏي دارالبقا،
ساڪنانِ خلد اعليٰ جو ٿيو اڳوان اچ؛
ويو ڪري پرواز پڄري مان پکي پرڏيهہ ڏي،
عرش اعظم تان ٿيو جنهن دعوتي اعلان اچ؛

باغ حيدر جي جگر جا سعد صالح ٿئي جوان،
نورمحمد خان ويو ۽ گل محمد خان اڄ؛
شڪر! جو فرزند صالح ڪيا خدا تن کي عطا،
جنهن ڪان دنيا ۾ انهن جو نام ۽ نيشان اڄ؛
روز محشر تائين قائم هي گهراڻو شال هوءِ،
دائمي تن تي خدا جو لطف ۽ احسان اڄ؛
آسرو ”آزاد“ صوفي جو اُجهو مرحوم ٿئي،
ٿي ويو ان جي اميدن جو اُجڙ بستان اڄ؛
هاڻ خاموشيءَ سوا ٻي راه ڪا آزاد ناه،
درد هي ٿيو لا دوا جنهن ناه ڪو درمان اڄ.

[ٽه ماهي ”مهراڻ“ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سرءُ 4-1955ع]

❑

# (94) مرزا عباس علي بيگ

مرحوم مرزا عباس علي بيگ پنهنجي وقت ۾ علم جي وڏي خدمت ڪئي. ڪيس ڪتابن جو قدر هو ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جو سنو مطالعو ڪيو هئائين. مون سان سندس مهربانيون ۽ ڪچهريون هيون. مون ڪيس ٽالپورن جي دور جي تاريخ لکڻ جي ترغيب ڏني جو وٽس ناياب مواد موجود هو. اها صلاح قبول ڪيائين ۽ اها تاريخ لکيائين. ان جي ڇپائڻ لاءِ مون سنڌي ادبي بورڊ جي اهڪارن کي سفارش ڪئي ۽ ڪنهن حد تائين اهو فيصلو ٿي ويو هو ته بورڊ طرفان اهو ڪتاب ڇاپيو ويندو. نه معلوم ان ڪم ۾ ڪهڙي رنڊڪ پئي! اڄ سندس قريبي عزيز مرزا سلطان حيدربيگ ۽ فرزند ارجمند مرزا سڪندر علي بيگ کان معلوم ٿيو ته مرحوم سڄو ڪم پورو ڪري، سڄي ڪتاب جو مواد ”بٽر پيپر“ جي صورت ۾ تيار ڪيو، پر ڇپجڻ کان اڳ مرزا عباس علي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. اهو ڪتاب سندس وڏو يادگار آهي، جنهن کي ڇاپڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي. راقم صلاح مشوري لاءِ هر وقت حاضر آهي.

[شذره (تعزيتي نوٽ) ڊاڪٽر صاحب طرفان مرحوم مرزا عباس علي بيگ جي تڏي تي ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ نوٽ بڪ تي سندس هٿ اکرن سان لکيل]

❑

# 95 مرزا قليچ بيگ

(اڃو تہ رڪارڊ رڪون!)

هن ڪان اڳ، اڄوڪي محفل ۾ مقالا پڙهندڙ صاحبن مرزا قليچ بيگ جي زندگيءَ، ڪارنامن ۽ تصنيفن تي هر طريقي سان روشني وڌي آهي. سنڌي ٻوليءَ اڻارتيءَ، اڄ جيڪو هيءُ ڏينهن ملهايو آهي، سو مرزا صاحب جي تحقيق بابت هڪ سنگ ميل (Mile Stone) آهي. مون کي خبر ڪانهي تہ مرزا صاحب جا پهرين ڪتاب ڪڏهن ڇپيا..... منهنجي خيال ۾ جيئن ايم.ايڇ.پنهور صاحب چيو تہ مرزا صاحب کي پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ Re discover (ٻيهر پڌرو) ڪيو. محمد ابراهيم جويي صاحب پنهنجيءَ تقرير ۾ ان ڏانهن اشارو ڪيو آهي. اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ مرزا صاحب جا فرزند اسد بيگ ۽ افضل بيگ، علامہ آءِ.آءِ قاضي صاحب وٽ وفد جي صورت ۾ گڏجي آيا تہ مرزا صاحب جا ڪوڙ سارا ڪتاب آهن، جيڪي ڪو ڇپائي ڪونہ ٿو، انڪري سنڌ يونيورسٽي ڇپائي. آئون اتي موجود هيس. علامہ صاحب چيو تہ: ”ابا اسان سنڌ يونيورسٽي شروع ئي هاڻي ڪئي آهي، اسان وٽ ايترا پئسا ئي ڪونهن، جو مرزا صاحب جا ڪتاب ڇپرايون، پر سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي سگهي ٿو.“ علامہ صاحب مون کي ۽ پير حسام الدين راشدي کي چيو تہ: ”توهان وڃو ۽ وڃي مرزا صاحب جا ڪتاب ڏسو ۽ ڪتاب ڏسي ڪم از ڪم ڪجهہ ڪتاب سفارش ڪيو تہ اُهي پهرين ڇپجن. ان ڪان پوءِ ٻيا بہ ڇپبا“. اهڙيءَ طرح پهرين وڏي تعداد ۾ مرزا صاحب جا ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيا ۽ مرزا صاحب جو نالو نئين رنگ سان نئين دور ۾ اسان جي سامهون آيو. ان ڪان پوءِ هڪ وڏو عرصو خاموشي رهي آهي ۽ آئون سمجهان ٿو تہ هي پهريون پيرو هڪ سنو ڏينهن آهي، جنهن تي مرزا صاحب بابت بہ گڏجاڻيون ٿيون آهن. اهي محفلون ۽ سيمينار سڄي سنڌ ۾ ٿيڻ گهرجن، تہ جيئن اسان مرزا صاحب جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهون. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي ۽ اسان سڀني کي نهايت انڪساريءَ ۽ شڪرگذاريءَ مان مڃڻو پوندو تہ: مرزا قليچ بيگ صاحب تاريخي طور اسان جو پهريون وڏو عالم، مُدبر ۽ سنڌيءَ جو دانشور هو، جنهن هيڏو وڏو تاريخي ذخيرو ڏنو...

سوچڻو آهي تہ اسان مرزا صاحب جي انهيءَ سڄي ڪارنامي مان ڪهڙا سبق سکون ٿا ۽ ڇا ٿا ڪري سگهون. ڪتاب لکڻ تہ نيڪ آهي، پر سنڌن سڄي زندگيءَ مان پهرين ڳالهہ جيڪا اسان سکون ٿا، سا اها آهي تہ هن مسلسل محنت ڪئي. چون ٿا تہ مرزا صاحب چار سؤ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا ۽ 1870ع ۾

سندن پهريون ڪتاب شايع ٿيو. وري 1928ع تائين ورلي ڪو ڪتاب شايع ٿيو. باوجود نوڪريءَ ۾ هجڻ جي 58 سال لاڳيتو محنت ڪيائون، اها مسلسل محنت آهي. لکڻ سولو ڪونهي، ڳوڙها ڳاڙڻا پون ٿا، اوجاڳا ڪرڻا پون ٿا، تنهن ڪان پوءِ لکجي ٿو.

مرزا صاحب ڪان اسان اهو سبق سکون ٿا ته اسان پنهنجي آئيندي جي نسل ۽ پنهنجن دوستن کي چئون ته لکن ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي لکڻين سان مالامال ڪن.

ٻي ڳالهه مرزا صاحب جي جيڪا اسان جي آڏو آئي آهي ۽ منهنجي خيال ۾ گهڻي اهميت رکي ٿي، سا اها ته مرزا صاحب نوڙت، نياز ۽ سهڻي اخلاق وارو انسان هو. هو مذهبي انسان هو، پر هن جي مذهب ۾ ڪٽرپڻو نه هو. اها ڳالهه اسان کي سکڻ گهرجي.

(ڪنهن دوست جي چوڻ مطابق) هن اهو برابر چيو آهي ته ”جيڪر آئون يورپ ۾ پيدا ٿيان ها ته منهنجو وڏو مان ٿئي ها.“ چو ته هن کي احساس هو ته هن وڏو ڪم ڪيو آهي. پر مرزا صاحب پاڻ کي جتي ڪٿي ساراهيو نه آهي. جيڪو صحيح معنيٰ ۾ لکندڙ ۽ خدمت ڪندڙ ماڻهو هوندو آهي، سو خدمت ئي ڪندو آهي ۽ پنهنجي گهڻي ساراهه نه ڪندو آهي (تڏهن ته مرزا صاحب ڪنهن شعر ۾ چيو ته: ستر سال جي عمر ٿيڻ جي باوجود مون اهو ڄاتو آهي ته مون ڪجهه نه ڄاتو آهي) اهو ٻيو سبق آهي، جيڪو اسان کي سکڻ گهرجي.

ٽين ڳالهه جيڪا منهنجي خيال ۾ اسان کي مرزا صاحب ڪان سکڻ گهرجي ۽ جيڪا اسان وٽ بلڪل آهي ئي ڪانه. سا اها آهي ته اسان مرزا صاحب کي پهريون ماڻهو ڏسون ٿا، جنهن پنهنجي زندگيءَ جو رڪارڊ ناهيو ۽ ان کي سنڀالي رکيو. ننڍا وڏا پنا، ڊائريون، ننڍا وڏا ڪتاب، جيڪي لکيائين، سڀ هن جي لائبريريءَ ۾ موجود آهي، اسان وٽ هينئر اهو حال آهي ته ڪتاب لکجن ٿا، پر لکڻ واري مصنف وٽ به نٿا رهن. جيڪي ادارا ڇاپين ٿا، تن وٽ به ڪينهن! هڪ ته رڪارڊ رکڻ تمام ضروري آهي، ان ڪان سواءِ ڪابه قوم اڳتي نٿي وڌي سگهي. اسان کي پنهنجو رڪارڊ رکڻ گهرجي. منهنجو نوجوانن کي عرض آهي ته ٻيو نه، ته به ڊائري لکو، روزانو ڪم از ڪم جيڪي توهان جا تجربا آهن، سي لکندا وڃو. توهان ڊائريون رکندا وڃو. اهي ويهن ٽيهن سالن ڪان پوءِ ڏاڍيون ڪم جون ٿينديون، مون کي پاڻ اهي ڊائريون ڏاڍيون ڪم آيون آهن. جيتريقدر مون کي خبر آهي ته سنڌ ۾ ٽن ماڻهن ڪم از ڪم پنهنجو رڪارڊ رکيو آهي: پهريون علامه آءِ.آءِ قاضي صاحب، جنهن پنهنجا ڪتاب ۽ پنهنجون يادداشتون سنڀالي رکيون. ٻيو محمد ايوب کهڙو، جنهن جون سڀ تقريرون ۽

تحريرون مون سنڀاليل ڏنيون ۽ ٽيون سائين جي.ايم.سيد، جنهن پنهنجا ڪتاب، شيون ۽ لکڻيون سنڀالي رکيون. وٽن جيڪي خط آيا، سي به سنڀالي رکيائون. پڇاڙيءَ ۾ انهن جا رجسٽر به ٺاهيائون ۽ هر شيءِ سليقي سان سنڀالي رکيائون. مون تي مهربان هئا ۽ مون پڻ اتي وڃي ڏٺا. سنڌ ۾ اها رڪارڊ ٺاهي رکڻ واري رسم جڻ ته آهي ئي ڪانه! جتي وڃو ۽ پڇا ڪريو ته چوندا: "ادا! اسان وٽ ڪجهه (رڪارڊ) ڪونه آهي، باقي ڳالهيون آهن!" اها ڳالهه ٺهي نٿي- اسان کي پنهنجو رڪارڊ رکڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ مرزا صاحب اسان جو رهنما آهي ۽ هن کان اهو سبق سکڻ گهرجي.

(4- آڪٽوبر 1997ع تي، ڊاڪٽر صاحب جي ڪيل صدارتي تقرير)

[ٽه ماهي "سنڌي ٻولي" خاص نمبر "مرزا قليچ بيگ"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، 1997ع]

❑

# (96) مير عبدالحسين خان سانگي

هزهائينس مير عبدالحسين خان پٽ مير عباس علي خان پٽ مير نصير محمد خان ٽالپر، ڪلڪتي ۾ فرنگين جي قيد واري زماني ۾ 1268هجري مطابق 1851ع ۾ ڄائو. سندس والده هڪ انگريز خاتون هئي. سانگي سنه 1863ع ۾ ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ ڪلڪتي مان آزاد ٿي، پنهنجي چاچي مير محمد حسين علي خان سان گڏ واپس سنڌ آيو. هن ڪلڪتي ۾ فارسي تعليم ميرزا بزرگ "باوفا" کان ورتي، سنڌ ۾ پهچڻ بعد فارسي ۾ پنهنجي ڪلام جي اصلاح آخوند احمد بن عبدالعليم ساوڻي هالائي کان ورتائين. اردو شاعري ۾ مولوي ابوالحسن بن مولوي مهدي حسن لکنوي کان ۽ سنڌيءَ ۾ غلام محمد شاهه گدا کان پنهنجي ڪلام جي اصلاح ڪرايائين.

سانگي اعليٰ تعليم ۽ تربيت پرائي، فرسٽ ڪلاس اسپيشل مئجسٽريٽ جي عهدي تي فائز ٿيو، پاڻ سنڌي ۾ "سانگي" ۽ اردو ۽ فارسي ۾ "عبدالحسين" تخلص ڪندو هو.

سانگي عالم فاضل، شاعر ۽ اديب هو ۽ موسيقي سان به سندس گهڻو چاهه هو، ان لاءِ هن ڪافيون چيون، جيڪي "سوز سانگي" نالي مرتب ٿيون ۽ هي مجموعو هينئر اڻلڀ آهي. سنه 1904ع ۾ سندس به ديوان ڇپيا ۽ ٽيون ديوان 1908ع ۾ مرتب ڪيائين. اهي ٽئي ديوان "ڪليات سانگي" ۾ شامل آهن. سانگي وڏو نثرنگار به هو. سنڌيءَ ۾ سندس لکيل 6 افسانا 1904ع ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا.

سانگي کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي سان تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت هئي. انڪري هن "شاهه جو رسالو" جا نسخا نقل ڪرايا ۽ پاڻ به نقل ڪيو. ان کان سواءِ شاهه عبداللطيف جي سوانح حيات بابت روايتون فارسي ۾ "لطائف لطيفي" نالي ڪتاب ۾ جمع ڪيون. هي ڪتاب 10 ذوالقعد 1305هه مطابق 19 جولاءِ 1888ع ۾ مڪمل ٿيو. راقم اهو ڪتاب مرتب ڪري 1967ع ۾ "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي" طرفان شايع ڪرايو.

سانگي جو دور سنڌي شاعريءَ جو سونهري دور سڏجي ٿو. انهي دور ۾ سانگي هتي مشاعرن جي شروعات ڪئي. وڏا وڏا شاعر انهن مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. جيئن: غلام محمد شاهه گدا، غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي، ميون وڏل حيدري، فضل محمد ماتم، ميرزا قليچ بيگ، ميرزا دوست محمد،

سيد محمد فاضل شاهه فاضل، آخوند لطف الله، ميرزا محمد حسين شيرازي ناخدا، مرزا محمد تقي تائب قنڌاري ۽ مولانا ابوالحسن لکنوي، اهي سڀ شاعر سانگي جا صحبتي ۽ همعصر هئا.

انهي دور ۾ انهن وڏن شاعرن ذوق شوق سان اردو شاعري کي بہ فروغ ڏنو.

مير سانگي سنہ 1342هہ مطابق 1924ع ۾ وفات ڪئي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي روضي ٻاهران اولهہ پاسي ويجهو دفن ٿيو.

سانگي سرزمين سنڌ جو باڪمال سخنور هو، جنهن سنڌي ادب ۾ پراڻن خيالن کي چڏي نوان مضمون شامل ڪيا، سانگي سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ فارسي ۾ شاعري ڪندو هو ۽ تمام سهڻي ۽ وڻندڙ شاعري ڪندو هو. ”ڪليات سانگي“ ڇپيل آهي. جنهن ۾ سندس شاعري شامل آهي.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”سنڌ ۾ اردو شاعري“ مجلس ترقي ادب لاهور، 1967ع، ترجمو: عبدالرسول قادري]

❑

# 97 هڪ مخلص سچاڻ ۽ محنتي استاد ۽ اديب
## (عبدالواحد سنڌي) (تاثر)

عبدالواحد سنڌي مرحوم هڪ مخلص، سچاڻ ۽ محنتي استاد ۽ اديب هو جنهن پنهنجي سڄي حياتي علم ۽ ادب جي خدمت ۾ صرف ڪئي. هيءُ سنڌي سپوت جهان ڇڏي راهه رباني ونئي روانو ٿيو ۽ سيڪوئي ائين هليو ويندو. هن وڏي حياتي ماٺي ۽ اها سڦري گذاريائين. صدمو انهيءَ ۾ ڪونهي ته هو جدا ٿي ويو، ڇاڪاڻ جو سندس ساراهه جوڳا ڪم جيڪي نتيجي خيز ثابت ٿيا جي ياد رهندا؛ البت صدمي واري ڳالهه اها آهي جو خاص طرح هن دؤر ۾ اسان وٽان جڏهن ڪو سچو، سچاڻ ۽ محنتي ماڻهو وڃي ٿو، ته ٻيو ڪو سندس جاءِ پرڻ وارو مشڪل سان ملي ٿو.

عبدالواحد سنڌي مرحوم هڪ وڏو سچاڻ ۽ محنتي استاد ۽ اديب هو. ان سان گڏ هو وڏي حوصلي ۽ همت وارو هو. اباوڙي ڪان اٿيو سو وڃي دهلي رسيو، جتي ”سنڌي“ جي نالي سان مشهور ٿيو. اتي ”جامعہ مليہ“ جي پرائمري استاد جي حيثيت ۾ اهو ڪارنامو سرانجام ڏنائين، جو ٻارڙن جي لاءِ آسان اردو ۾ درسي قاعدو تيار ڪيائين.

پاڪستان ڪان پوءِ هت آيو ته وڏي محنت سان ماهنامي ”نئين زندگي“ (جنهن جي شروعات ۽ فروغ سان راقم جو مرڪزي اطلاعات کاتي ۾ هئڻ جي ڪري صلاح مشوري وارو واسطو رهيو) جي ”سنڌي ايڊيشن“ کي سنڀاليائين. ان جي شروعاتي ڇپائي ليٿو ۾ ٿي، پر آهستي آهستي سنڌي مرحوم پنهنجي اعليٰ ادارياتي لياقت ۽ سنڌي اديبن سان سهڻي لاڳاپي سان، ”نئين زندگي“ رسالي کي ڇپائي توڙي ادبي مواد جي لحاظ سان اوج تي پهچايو. صدمي وارو وقت اهو هو جڏهن سنڌي مرحوم ”نئين زندگي“ جي اداري کان جدا ٿيو، جنهن جو احساس اڃان تائين باقي آهي. بهرحال ”نئين زندگي“ سلامت آهي ۽ شل سلامت رهي، جو ان کي ڏسندي پڙهندي عبدالواحد سنڌي مرحوم جي ڪيل خدمت ياد اچي ٿي!

[رسالو ”نئين زندگي“ حيدرآباد، جنوري 1988ع]

❑

# 98 يادگيريون ممتاز جون*

چاليھ سال اڳ، 1957ع ۾ ھڪ ڏينھن آءٌ جامع سنڌي لغات ۽ لوڪ ادب آفيس ۾ ڪم ڪرڻ آيس تہ سامھون ڪرسيءَ تي ھڪ ننڍو ڇوڪرو ويٺو ھو. پڇڻ تي محمد اسماعيل شيخ ٻڌايو تہ ھي ٽنڊي آغا جي مرزا گل حسن جو پُٽ آھي ۽ ڪيس ھتي ڇڏيو اٿن تہ ڪم ڪري ۽ ڪجھ سکي. مون چيو تہ ڀل ھو ھڪ ننڍي ڪارڪن طور ڪم ڪري. ھي ننڍو ڇوڪرو ممتاز مرزا ھو، جيڪو ايندڙ سالن ۾ گھڻو ڪجھ سکي وڏو قابل ٿيو.

ھن ننڍي ڇوڪري ۾ ٽي وڏيون صلاحيتون ھيون، جن کيس ڪاميابي جي منزلن تائين پھچايو: ھڪ تہ ھو ذھين ھو، ٻيو تہ کيس سکڻ سمجھڻ جو شوق ھو ۽ ٽيون تہ سچائي ۽ ساجاھ واري سليم طبع رکندڙ ھو جنھن سان ماٺھو پاڻ وٽائي ٿو ۽ اڳتي وڌي ٿو. البت اجا کيس اھا تربيت نہ ملي ھئي، جيڪا سندس ذھن کي چمڪائي، سکڻ سمجھڻ لاءِ مشق ڪرائي ۽ توجھ ۽ پيار سان سندس سچي سالم طبع کي وڌيڪ سگھارو ڪري: ھت اچڻ سان کيس اھڙي تربيت وارو ماحول مليو.

شروع ۾ ھڪ ننڍي سکندڙ ڪارڪن جي حيثيت ۾ کيس مواد جي اُتاري، ڪاغذن جي جوڙجڪ ۽ دفتري ڪم تي لڳايو ويو. آفيس جي نگراني ان وقت استاد محمد اسماعيل شيخ جي حوالي ڪيل ھئي، جنھن ننڍڙي ممتاز کي پوريءَ طرح سنڀاليو جو ھو کُپ ڪوڙي ڪم کي لڳي ويو ۽ ڇڏي وڃڻ کي وساري ڇڏيائين.

سال کن ڪان پوءِ ممتاز مون کي پاڻ ڏانھن متوجھ ڪيو جو مون ڏٺو تہ ڪم کي لڳو پيو آھي ۽ ڪم سان سندس چاھ آھي: ٻيو تہ ٿوري وقت ۾ ھن پنھنجا اکر وڌيڪ صاف سھڻا ڪيا آھن. ھڪ ڀيري جڏھن مون کي اُتاريل مواد اچي ڏيکاريائين تہ ھڪ لفظ جي صورتخطي ۽ معنيٰ بابت پڇيائين، جنھن مان سمجھيم تہ ھو ذھين ۽ سمجھدار آھي. اھڙي اطمينان بعد مون سندس وڌيڪ تربيت ۽ صلاحيت ڏانھن پورو توجھ ڪيو. مون کيس ايتري تہ شھ ڏني ۽ ايترو تہ پيار ڪيو جو ھو منھنجي علمي ادبي ڪاوشن، ثقافتي سرگرمين ۽ تحقيقي تصنيفن جي جُنون ۾ ڄڻ مون سان ملي ھڪ ٿي ويو. مون کي ڄڻ پنھنجو 'آئيڊيل' ڪري ڄاتائين ۽ منھنجي ھر ڪم ۾ منھنجي ھر رمز ۽ ھر ادا کي سمجھڻ ۽ پنھنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. منھنجي طرفان کيس جو ٻہ اشارو

* ساروٽيون ممتاز مرزا بابت (ڊاڪٽر صاحب جي ذاتي لکپڙھ مان ورتل ڪجھ ورق)

ٿيندو هو ۽ جيڪو بہ چوڻ ٿيندو هو تنهن کي دل سان لائي، اکين تي رکي، پوري ڪرڻ ۾ لڳي ويندو هو. ڪڏهن ائين ڪونہ پڇيائين تہ اهو ڪم ائين ڇو ڪرڻو آهي، ڇاڪاڻ جو کيس يقين هو تہ منهنجو هر اشارو صحيح هوندو.

حقيقت ۾ ائين ڪونہ هو تہ جيڪي مون چيو ٿي سو حرف آخر هو، رايو بدلبو هو تہ مٽ سٽ ٿيندي هئي، پر ممتاز ۾ هڪ سڪنڊڙ شاگرد واري اعليٰ صلاحيت موجود هئي، جنهن جو اسان جي پنهنجي هاڻوڪي ماحول ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي؛ يعني تہ جنهن کي استاد ڪري مڃجي، جنهن کان سکجي، تنهن جي ڪم ۾ ڪوتاهي جو شڪ نہ آڻجي ۽ جيڪي چوي تنهن تي عمل ڪجي.

مون ممتاز کي پنهنجن ٽن مشغلن ۾ قريب ۾ قريب تر آندو تہ جيئن کيس اهي راز رمزون سمجھہ ۾ اچن، جن سان هر مشغلي ۾ معيار قائم ٿي سگهي.

ان وقت جامع سنڌي لغات جو بنيادي ڪم پورو ٿي چڪو هو ۽ ان ۾ وڌيڪ اضافن جو سلسلو هلندڙ هو. اهو ڪم ۽ آفيس جي ڪم کي سنڀالڻ استاد محمد اسماعيل شيخ جي حوالي هو. 1954ع ۾ جامع لغات جي ڪم سان گڏ منهنجو خاص توجھہ سنڌي ڪلاسيڪي ادب ۽ لوڪ ادب ڏانهن ٿيو، جن ۾ ممتاز کي ڪتابن جي مقدمن واري مواد کي سمجهڻ ۽ اُتارڻ ۽ صحيح نموني ۾ پروفن پڙهڻ جو ڪم سونپيو ويو. ايندڙ پنجن ڇهن سالن جي دوران هن پنهنجي ذهانت سان اعليٰ علمي تصنيف تاليف واري هلندڙ ڪم کي سمجهي ورتو. سنہ 1963ع ۾ 'ميين شاھہ عنات جو ڪلام' جي مقدمي جو گهڻو حصو مون آمريڪا جي سفر دوران شهر نيويارڪ ۾ لکيو ۽ گهڻي حد تائين پنهنجي يادگيري جي آڌار تي لکيو، سو مسودو ممتاز ڏي ڏياري موڪليم ۽ ان سان گڏ پنهنجي خط ۾ کيس ضروري هدايتون ڏنم. هن سڄي ڳالھہ کي سمجهيو ۽ سڄي ڪم کي نهايت ئي سهڻي نموني ۾ نباهيو ۽ آءٌ سندس ذهانت کان گهڻو متاثر ٿيس.

ٻيو ڪم لوڪ ادب جي ڪتابن جي تاليف جو هو. ان ۾ بہ ڪم ڪرڻا هئا: هڪ تہ سنڌ جي هر ڀاڱي ۾ سگهڙن سان ڪچهريون ڪرڻ، سندن زباني لوڪ ادب جو سرمايو گڏ ڪرڻ ۽ پوءِ لوڪ ادب جي هر صنف جي مواد کي ترتيب ڏيڻ ۽ مقدما لکي ڇپائيءَ لاءِ تيار ڪرڻ، ان ڪم ۾ ممتاز کي شامل ڪيم. سگهڙن سان رٿيل ڪن وڏين ڪچهرين ۾ کيس وٺي ويس ۽ هو ڪچهرين جي نوع نموني ۽ سگهڙن جي زباني ٻهراڙيءَ جي نِج ٻولي ۽ ان جي لهجي کان واقف ٿيو. هڪ وڏي ڪچهري جنهن ۾ استاد محمد اسماعيل ۽ ممتاز ٻئي مون سان گڏجي هليا، سا صادق آباد تعلقي جي شهر سنجرپور لڳ محمد آباد ۾ مرحوم پير مبارڪ شاھہ جيلاني جي دعوت تي ٿي؛ جنهن ۾ منهنجي خواهش

مطابق رحيم يار خان ضلعي جا چونڊ سنڌي سگهڙ آندا ويا. ممتاز کي گڏ ويهاري ڪچهري هلايم ۽ ڪي ڳالهيون ڪيس چيم ته پڇي ۽ لکي.

ٽيون مشغلو، جنهن سان منهنجي ان وقت گهڻي دلچسپي هئي، سو هو سنڌ ۾ راڳ رنگ جي هنرمندي ۽ ڪاريگري کي سمجهڻ ۽ سنڌ جي سدا ملوڪ ڳائڻن ۽ وڄتن جي قدرداني ڪي وڌائڻ، اهو مقصد راڳ جي محفلن مچائڻ ۽ مان ۽ عزت سان ڳائڻ ۽ وڄتن کي دعوت ڏيئي شريڪ ڪرڻ سان ئي سگهيو ٿي سنه 1950ع ۾ نوڪريءَ دوران جڏهن اهي محفلون پهريائين ڪراچيءَ ۾ سائين جي.ايم.سيد جي سهاري سان ۽ پڻ مرحومه عطيه بيگم جي معاونت سان مچايون ويون ۽ نهايت ئي نتيجه خيز ثابت ٿيون ۽ سنڌ جي ڳائڻ وڄائڻ جي خوبي توڙي راڳيندڙن ۽ وڄتن جي هنرمنديءَ جي قدرداني ٿي ”ق ل م“ تنظيم جي تعاون سان پڻ هڪ وڏي لطيفي محفل ٿي. جنهن جي صدارت ان وقت پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن جي صدر جناب شاهد سهروردي ڪئي. سنه 1951ع کان سائين جي.ايم.سيد جي تائيد ۽ تاڪيد سان راڳ رس جي پهرين محفل ڀٽ شاهه ۾ ميلي جي موقعي تي قائم ڪئي وئي. ان بعد اهي ساليانه محفلون پهريائين شاهه لطيف يادگار ڪميٽيءَ پاران ۽ پوءِ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ طرفان ميلي جي موقعي تي وڏي ڌام ڌوم سان ٿينديون رهيون. انهن موقعن تي راڳ رس جي محفلن مچائڻ جي ذميداري منهنجي حوالي رهي، هر سال ڪانفرنس ۾ قدم اڳتي وڌايو ويو ۽ سڄي سنڌ مان چونڊ ڳائڻن وڄتن کي محفلن ۾ آندو ويو. ان وڏي ڪم ۾ مون کي هڪ ٻئي سمجهدار ڪارڪن جي ضرورت محسوس ٿي ۽ 1962ع کان وٺي ممتاز کي لطيفي سالگره وارين محفلن جي انتظام ۾ پاڻ سان گڏ رکيم. آهستي آهستي هو نه رڳو وڄتن ڳائڻن کان بخوبي واقف ٿيو ۽ انهن کي ڪانفرنسن دوران سنڀالڻ لڳو، پر ان فن کان به واقف ٿيو ته راڳ جي محفل کي ڪيئن مچائجي. ٻارهن ٻارهن سالن جي وڏي عرصي تائين هو مون سان انهي مشغلي ۾ منهنجو ساٿي رهيو. سنه 1973ع ۾ مئن جي ڏڙي تي سڏايل بين الاقوامي سيمينار جي موقعي تي سنڌ راڳ رنگ جي جيڪا شاندار محفل مچائي وئي، جنهن تي ٻاهرين ملڪن مان آيل مهمان وزيرِاعظم ڀٽي مرحوم آڏو وجي واه واه ڪئي؛ تنهن ۾ ممتاز منهنجو پيارو ۽ اعتماد وارو ساٿي رهيو.

ممتاز کي مون ترغيب ڏني ته هو پڙهي ۽ امتحان پاس ڪري، هن اُن تي پورو عمل ڪيو ۽ مئٽرڪ، بي.اي ۽ بالآخر سنڌيءَ ۾ ايم.اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. 74-1973ع ۾ جڏهن آءٌ سنڌ يونيورسٽي ۾ وائيس چانسيلر ٿيس، ته مون سندس صلاحيتن کي مدِنظر رکندي کيس يونيورسٽيءَ ۾ انفارميشن آفيسر مقرر ڪيو. اميد هئي ته هو ڊاڪٽريءَ جي ڊگري به حاصل ڪندو ۽ اڳتي هلي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ٿيندو جو منجهس ليڪچر ڏيڻ

توڙي تحقيق تاليف واريون سڀ صلاحيتون موجود هيون. ان وقت ڪن صاحبن ڪيس مشورو ڏنو، جو هو ٽي.وي جي عملي ۾ پرتي ٿيو ۽ اتي نالو ڪڍيائين. ان بعد ڪلچرل ڊپارٽمينٽ وارن ڪي سندس صلاحيتون ڪم آيون ۽ اتي به هن ادبي، ثقافتي توڙي انتظامي ذميدارين کي بهترين نموني ۾ نباهيو. باوجود مون کان پري هئڻ جي ۽ ڪڪرن جي ڇانوَن پاڇن جي هن مون سان پنهنجي قرب ۽ محبت جي ناتي کي آخر گهڙيءَ تائين پوري طرح نباهيو.

ڪاري جئن ڳرن، وَنگ مڙيئي واسيا،
پر سُونهڻ جئن سيٽن، مِنو ساءُ نہ متيو.

قبلہ سائين، السلام عليڪم

اڄ ويني ويني، دل تي ڳالهين جا اُهي دوُر چڙهي آيا، جيڪي ڪي سال ٿيا جو اوهان جي محبت ۽ صحبت ۾ گهاريم. ڪي ڏينهن هئا جو اوهان کان سواءِ ڪا ساعت به نہ سرندي هئي. هاڻِ اهي حال آهن جو سالن جون وٿيون پئجيو وڃن، نہ حال نہ احوال. بس ٻين جي ٻڌ سُڌ تي پيا احوال حاصل ٿين. شايد مون ۾ ئي ڪا اَل آهي، ڪا ڪوتاهي آهي جو اوهان جي حال کان اڻواقف رهندو پيو اچان. اِها منهنجي بدقسمتي چئبي جو جنهن هستيءَ، آگر کان وٺي، اکر جو انداز سمجهايو، جنهن حرف جي معتبر هئڻ جي ساڃاهہ ڏني، جنهن ذات توڙي ذات، بي عقلي جي بازار مان ڪڍي، علم ۽ عقل جو پنڌ پَسايو، تنهن سان ايڏي دُوري! حيرت آهي مون جهڙي شاگردن جي جيئڻ تي، ايڏي ناسپاسي جو حياتيءَ جي اجائي ڊوڙ ۾، اهي سائين سڄڻ وساري وينس، جن جي مهابي ۽ محنت سان هيءُ ماڳ ماڻيو اٿم. ڳالهين جي انهن پُورن دل کي بنهہ اُداس ۽هيٺو ڪري ڇڏيو، ٻي صورت نظر نہ آيم سو ڪاڳر ويهي ڪارو ڪيم، شايد ائين ڪرڻ سان دل جو ڪو بار جهَڪو ٿي پئي ۽ من جو مونجهارو لهي پوي. هونئن به مون جهڙا اڏ- اڪريا آهن ئي مونجهارن ۾ مبتلا، سو اوجهڙ اورانگهڻ به ڏکي پئي لڳي. بهرحال زندگيءَ جي جانٻهہ جا پُڙ پيا هڪ ٻئي ۾ ٽڪربا، جيڪو اُن ۾ پيو، اُهوئي پوءِ توريندو تہ مون هن اَرڻ ۾ ڇا پوڪيو ۽ ڇا حاصل ڪيو. ان ڳالهہ تي ڪنهن حد تائين اطمينان اٿم تہ مون اوهان جي ڏنل سبق موجب نہ ڪي ڪي وڃايو آهي ۽ نہ وڃائڻ وارو آهيان. پنهنجي پَر ۾، لوڪان لڪي جيڪي ڪجهہ پڄي ٿو ڪريان ٿو. افسوس اهو اٿم جو اوهان جي ڪيل علمي ڪشالن ۾ هاڻي منهنجو ڪو حصو نہ آهي. سچ تہ اهو هن منصب تي رسڻ جي باوجود، لغت آفيس جي نقل نويسي ۽ پروفن پڙهڻ واري ڪم کي آئون پنهنجي زندگيءَ جو خاص ثمر سمجهندو رهيو آهيان ۽ هيناهين وٺي، پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ واري اوهان جي ڏسيل واٽ تي هلندڙ آهيان.

قبلہ سائين! آئون جتي به رهيو آهيان ۽ جتي به هوندس، اوهان جا ڳڻ، اوهان جون ڳالهيون ۽ اوهان جون هدايتون سدائين ساهہ ۾ سانڍيون اٿم. اِن جو

سبب- جيڪڏهن آئون غلط نہ ٿيان، اوهان جو سنڌ سان عشق، سنڌين سان محبت وارو درس ئي آهي. هتي اسان ڪنهن کي بہ جَس ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهيون. وِڏون ڪيڻ ۽ پنهنجي کي پراون آڏو ڏکيو ڪرڻ اسان جو جڻ مَرڪُ آهي. اهڙي ماحول ۾ حساس دل وارا، علم ادب سان عشق ڪرڻ وارا ڪڏهن تہ مايوس بہ ٿي ويندا آهن. چاهي اها ڪيفيت وقتي هجي، پر هانوَ کي گهڙي سوا لاءِ جهوبو تہ ڏئي وجي ٿي- پوءِ ڪم وارن جي تہ ڪار اهائي تہ قلندرن پنيان اوپرا آواز تہ سدائين ٻڌا ويا آهن، سو اُنهن پنهنجا بار لاٽا تہ ڪونہ اڳتي ويا آهن وڌندا. سو آئون بہ اوهان واري پر پاريو پيو اچان. هتي ڪم جي ڳهٽائي، ڪتابن جي ڇپائي، ٻيون سرگرميون سبب آهن، انهن وٽين جون، نہ تہ اوهان تہ منهنجي ساهہ پساهہ سان سلهاڙيل آهيو، جو ويسر ٿئي تہ جڻ نہ سج چڙهيو نہ رات ٿي. ڏٽي اوهان کي تمام گهڻو حوصلو ڏنو آهي. سهپ جا اوهان ۾ مَڻ موجود آهن، تڏهن ئي تہ اڄ بہ قلم جو پورهيو جاري آهي. نہ تہ سنڌي ادبي بورڊ جي وچين دؤر واري روش، غلام مصطفيٰ شاهہ جون اُلرون، اسان واري ڪاتي جون الغرضايون. اهي مڙئي مامرا ماڻهو کي حال هيٺو ڪري ڇڏڻ جهڙا آهن. ڏٽي در دعائون آهن تہ اوهان جي سگهہ سدائين سلامت رهي ۽ اوهان سونهاري سنڌ لاءِ خدمتون ڪندا رهو ۽ مون جهڙن ابوجهن جي سڄاڻ ۽ شناس ڪندا رهيو.

شاهہ جو رسالو (ڇهون جلد) پڙهي راس ڪيم، ٻين بي خبر يارن کي بہ ڏيکاريم ۽ پڙهايم. مڙني واهہ واهہ ڪئي. انهيءَ سطح تي لطيفي ڪلام جي پچار ڪرڻ وارو نہ ڪو اڳ ٿيو ۽ نہ ئي ٿيندو. چاڪاڻ تہ اُپ اڪيئن پيو پسجي، شاهہ جو هاٽي تہ معروف ۽ مشهور صاحب سڌو بيت بہ نٿا پڙهي سگهن، انهن جا پونير ڪهڙو ٻوٿو ٻاريندا! تنهن جي سڌ اسان کي آهي. ان سلسلي ۾ ايندڙ جلدن جو انتظار آهي، اميد آهي تہ اهو ڪم بہ اُڪري ويندو ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ بي مثال واڌارو ثابت ٿيندو.

قبلہ سائين! گذريل جولاءِ- آگسٽ ۾ مون کي يونسيڪو جي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾، تهران وڃڻ جو موقعو مليو. ڏهن ڏينهن جي ڪانفرنس جو موضوع هو "ايشيا جا روايتي ساز". پاڪستان طرفان آئون اڪيلو نمائندو هئس، اوهان جي مضمون جي آڌار تي، "شاهہ جي دنبور" تي هڪڙو مضمون تيار ڪري ويو هوس، دنبور بہ کڻي ويو هوس ۽ ان سان گڏ دنبور جون مڙيئي وڄتون بہ ريڊيو تي رڪارڊ ڪري کڻي ويو هوس. مضمون ۽ اُن متعلق ڪيل نماءُ ماڻهن پسند ڪيو. هڪ نشست جو چيئرمين ٿي ڪاروائي بہ هلايم. اُن جو مکيہ اسپيڪر جاپان جو هڪ پروفيسر ۽ ٻيو هندستان جو هڪ ڊاڪٽر هو. آئون بہ سڄي دنيا ۾ ڌڪا کايو وينو آهيان، پر هتي عقل حيران ٿيو جو هڪ سخت مذهبي رياست ۾ موسيقي ۽ سازن تي اهڙي نموني جون ڪانفرنسون! اسان وارا ڪماچ، سُرندا، دنبوريون سڀ ايران ۾ موجود، انڊونيشيا وارا وري ساز

ڪٽي آيا، جنهن کي چون ”ڏُهل“، نمونو ساڳيو سنڌ وارو. اهو ساز وڄائڻ وارو ”سماترا“ جو هو، بهرحال هڪ وڏو تجربو حاصل ٿيو.

ايراني انقلاب کان پوءِ ماحول گهٽيل ضرور لڳو، پر ايراني صاحبن وڏي ڏاهپ سان پنهنجي نوجوانن جي تربيت ڪئي آهي ۽ اهڙيءَ طرح جو هاڻي ته هنن کي ڪو لهر نه لوڏو. وينا حڪمران الوليون ڪن. معلوم ٿيو ته فقط تهران شهر ۾ موسيقي سيکارڻ جا 17 ادارا آهن، جيڪي تهران يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل آهن. هنن پنهنجي لوڪ موسيقيءَ کي نهايت ترقي وترائي آهي ۽ اُنهيءَ تي شاندار تحقيق به ڪرائي آهي.

قبلہ سائين!

نهايت عقيدت ۽ احترام سان اڄ هيءُ خط لکيو اٿم، دل تي هڪ بار هو جو لهي ويو. ان شاءالله جلدي حيدرآباد اچي روبرو حاضري ڀريندس.

اوهان جو نيازمند

**ممتاز مرزا**

وڌيڪ عرض ته مون هڪ ڪتاب ”سدا سوئيتا ڪاپڙي“ لکيو آهي، جيڪو ڇپائيءَ هيٺ آهي. جيئن ئي شايع ٿيو ته خدمت ۾ عرض رکندس.

نهايت محترم قبلہ سائين، السلام عليڪم:

اڄ اوهان جو نهايت پيار وارو عيد ڪارڊ مليو، جنهن ۾ ميار به آهي ته پيار به. ان کان اڳ اوهان جو هڪ خط پڻ مليو، جنهن جو آئون جواب نه ڏئي سگهيس. ان لاءِ ته اوهان سان روبرو ملي پنهنجو حال اوريندس، پر گهڻي ڪوشش جي باوجود اوهان سان ملاقات نه ٿي سگهي. آئون حيدرآباد آيس ته اوهان ٻاهر ويل هئا، منهنجي بدنصيبي. اوهان سان جيڪا عقيدت ۽ محبت آهي، ڪنهن به ڏُجهڻ جي همت ناهي جو ان جي ڪلئي دل سان اظهار ڪرڻ کان روڪي. مون اوهان کان پرايو آهي. اوهان جي شخصيت، منهنجي لاءِ مثالي ۽ آدرشي آهي، مون کي فخر آهي ته اڄ به جنهن ”وقتي“ منصب تي پهتو آهيان، اهو سيڪجهه اوهان جو ڏنل آهي. آئون اڄ به سڄي سنڌ ۾ اوهان جي محترم ۽ معتبر نالي سان سڃاتو وڃان ٿو ۽ اوهان سان اِها نسبت منهنجي لاءِ پنهنجي ساهه کان به وڌيڪ عزيز ۽ پياري آهي ۽ سدائين رهندي. اوهان جو ڏنل پيار منهنجي زندگيءَ جو سچو ثمر آهي. آئون اهڙو بي وڙو نه آهيان جو اُهي ڳڻ وساريان، جيڪي اوهان جي اعليٰ هستيءَ کان مون کي مليا آهن، اِڪ جو حياءُ ۽ ذهن ۾ ساڃهه اڃا آهي، جيڪا آخري پساهه تائين قائم رهندي، مون اوهان کان ئي سکيو آهي ته ايمانداريءَ سان ڪم ڪجي ۽ ڪم ۾ ڪنهن جي ڪاڻ نه ڪجي. ان لحاظ کان ”ڪو ڇيچ پائي مون کي چوري“ نٿو سگهي، اهو چاهي حميد آخوند ڇو نه هجي.

حميد آخوند ۽ اوهان ۾ جيڪي ڪچهه ٿي گذريو آهي، اُهو آئون سمجهان ٿو ته سنڌ جي علمي ۽ ثقافتي سلسلي ۾ هاجو ٿيو آهي. مون برسات ۾، پير حسام الدين راشدي بابت هڪ ليک لکيو هو، تنهن ۾ اوهان جي ۽ پير صاحب باري ۾ چند جملا لکيا هئا، ته مفاد پرستن ڪهڙي طريقي سان اوهان جي ۽ پير جي وچ ۾ ويڇا وڌايا هئا. اهڙيءَ طرح حميد ۽ اوهان جي وچ ۾ ويڇا اهڙن ئي حرفتي ماڻهن جي ڪوشش جو نتيجو آهن، آئون پاڻ کي ان جو اهل نٿو سمجهان جو اُنهن جي ويهي اُپٽار ڪريان، چو ته منهنجي سدائين اها ڪوشش رهي آهي ته محبت ۽ مفاهمت واري وات قائم رهي، ڪم ڪرڻ وارا سچائيءَ سان ڪم ڪندا رهن ۽ اوهان جي حيثيت ۽ هستي پنهنجي علمي ۽ تحقيقي خيال کان هميشه معلم رهيون آهن، اُن سان نه اڳ نه پوءِ ڪو برميچي سگهي ٿو، اوهان جي قلم سنڌين کي سنڌ جي شناس ڏني آهي، ڪنهن اوپري نظريي کي سنڌ ۾ اوهان پنهنجي تحقيق سان اُپڙڻ نه ڏنو آهي، ٻيا ڇا به چون، پر منهنجو اهو ايمان آهي.

قبله سائين! منهنجي سدائين اها ڪوشش رهي آهي ته اوهان جي ڪيل علمي ۽ تحقيقي ڪارنامن جي روشنيءَ ۾ به چار وِڪون وڌايان ۽ اوهان جي تحقيق کي اوهان جي حوالي سان مختلف موقعن تي واضح ڪريان، اُهو ريڊيو هجي، ٽي.وي هجي يا ڪو مضمون ساڳئي وقت ڪنهن جي واتان اوهان جو مدو سٽڻ جڻ مون لاءِ جنگ جو ميدان آهن. اهڙا ڪيڏا لامون ڪيئي ڪيا آهن، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو ڪيترن سالن کان منهنجي اوهان جا ڄاتل سڃاتل دشمن به اوهان جي بيدلي سان تعريف ڪندا آهن. مون پنهنجي زندگيءَ جو اهو فرض سمجهيو آهي ته جنهن هستي سان عقيدت ۽ عشق (جسارت لاءِ معافي) هجي، اُن لاءِ ڪنهن مصلحت کان سواءِ ڳالهائجي ۽ اُن جي ڏنل تعليم ۽ تربيت جو حق ادا ڪجي. ان ڏس ۾ مون نه ڪڏهن ڪوتاهي ڪئي آهي نه ڪڏهن ڪرڻ جي جرئت ڪندس. اوهان کي پري هئڻ جي باوجود، آئون اوهان کي ساهه کان به اوڏو پائيندو آهيان. مون نه ڪڏهن غيباتي پاڇن جي پرواهه ڪئي آهي نه آئينده ڪندس، حق سچ جي ڳالهه کان آئون نه ڪيٻائيندو آهيان، نه ڪڏهن ڪندس.

قبله سائين! دنيا جا دؤر مٽجي ويا آهن. محبتون ۽ رفاقتون ساڳيون نه رهيون آهن. هر ماڻهو مصلحتن جو ماريل آهي، هر ڪنهن جا مفاد پنهنجا آهن. ان سڄي جنسار ۽ ٽڪسات ۾ ڪو هڪ اڌ ماڻهو ڇا ٿو ڪري سگهي! بهرحال، ان حقيقت کان ته ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهي ته ”شاهه جي رسالي“ جي مستند متن بابت اوهان جي تحقيق سنڌ جي علمي تاريخ جو هڪ اهم حصو آهي. اهڙو ڪم نه اڳ ٿيو آهي نه ڪو ٿي سگهندو. اوهان جو علمي تبحر پنهنجي جاءِ تي آهي، جيڪڏهن ڪي ناعاقبت انديش ان کان انڪار ڪندا ته اهو ائين ٿيندو جڻ سج کي آرسي ڏيکاربي، اوهان جي شخصيت نه ڪڏهن ڪن

ماڻهن جي همت افزائي جي محتاج رهي ۽ نه رهندي. البته منهنجي دلي خواهش رهي آهي ته شاهه جو رسالو، هتي منهنجي هوندي، هن اداري طرفان شايع ٿئي ها. پر منهنجو اهو خواب پورو نه ٿيو. اهو به معلوم ڪري خوشي ٿي ته رسالي جو هڪڙو جلد، علامه صاحب جي نالي ۾ قائم ڪيل اداري طرفان شايع ٿي رهيو آهي. انسان جون سموريون خواهشون ته ڪڏهن به پوريون نه ٿيون آهن. رسالي جو چوٿون جلد مون وٽ مڪمل ڪمپوز ٿيل آهي ۽ اُن جي پروف ريڊنگ به ٿيل آهي. جيڪڏهن اُن جي اجازت هجي ته هيءُ چوٿون جلد اينڊڙ ميلي تي شايع ڪري سگهجي ٿو، البته ان مواد تي اوهان جي آخري نظر ضروري آهي ۽ مهاڳ توڙي مقدمو به گهربل آهي.

عرض ته احمد کي مون ڪافي عرصو ٿيو جو ڊاڪٽر جوٽيجي واري ڪتاب بابت ڪجهه لکي موڪليو هو، جنهن جي ڪاپي ۽ حسام الدين واري مضمون جي ڪاپي پڻ خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

اميد ته سائين جن جي طبيعت بخير هوندي.

نياز مند ۽ اوهان جي

صحت ۽ تندرستي جو گهورو

سدائين وانگر

**ممتاز مرزا**

12/3/1996

[محمد ارشد بلوچ مرتب:”ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا“ (جلد- 4) ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ حيدرآباد، 2012ع]

❑

# گُفتن جا گوهر [سُگهڙ ۽ سياڻا]

# (99) جمن چارڻ بابت تحقيق

جمن چارڻ جي مداح ۽ جمن چارڻ وارو سوال، سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن. چون ٿا ته مسڪين، نابينا ۽ بي اولاد هو؛ سندس مدح مقبول پئي ۽ ڪيس ارشاد ٿيو ته ڪوبه هڪ سوال ڪندين ته ڌڻي جي درگاهه ۾ اهو قبول پوندو. اهو هڪ سوال هن طرح ڪيائين ته: ”سوني ٻانهين سان ننهن، پٽ جهولي ۾، ڪير ولوڙيندي ڏسان“، سنڌ ۾ هن ڳالهه جون روايتون مختلف آهن، مگر جمن چارڻ وارو سوال، جڻ هڪ پهاڪو ۽ مثال بڻجي ويو آهي.

جمن چارڻ ڪير هو ۽ ڪٿان جو هو؟ ”ٻيلاين جا ٻول“ جو مواد سهيڙيندي، اسان کي ”جمن“ نالي شاعر جا بيت مليا، جي ميان نورمحمد ڪلهوڙي ۽ قلات جي والي امير عبدالله خان جي جنگ بابت هئا. اها جنگ 1144هه/1731ع ۾ لڳي[1].

انهي تحقيق ۽ تلاش جي سلسلي ۾ تاريخ 3 جولاءِ 1954ع تي محترم محمد اسماعيل خان نون، ڊپوٽي ڪليڪٽر دادو ۽ محترم آخوند شفيع محمد صاحب وڪيل جي دعوت تي دادو وڃڻ ٿيو. سندن وساطت سان دادو ضلعي جي چارڻن فقيرن جي ڪٽنب جي نيڪ نوجوان ميان دين محمد سان ملاقات ٿي. ميان دين محمد کان معلوم ٿيو ته سنڌ جا مشهور چارڻ گهراڻا ٻه هئا. هڪڙا دادو ضلعي ۾ رهندڙ ۽ ٻيا درياهه جي اپرندي پاسي رهندڙ. جمن درويش به انهن ٻن گهراڻن مان هو، مگر نه معلوم ڪٿي جو هو ۽ ڪهڙن مان هو؟

اتفاق سان انهن ڏينهن ۾ فقير محمد چارڻ پاريجو دادو ۾ آيل هو ۽ بيمار هو. ميان دين محمد ۽ آءٌ گڏجي ان فقير وٽ وياسون. فقير محمد ٻڌايو ته جمن درويش خيرپورميرس ۾ ڪهڙن جي شهر جو وينل هو سندس والد جو نالو محمد بخش هو؛ سندس قبر خيرپورميرس ۾ پير ڪٽپر جي قبرستان ۾ آهي. هن فقير چيو ته آءٌ چڱو ڀلو ٿيس ته اوهان کي جمن فقير جي قبر هلي ڏيکاريندس، پر افسوس جو هي فقير ٿورن ئي ڏينهن بعد هن بيماري ۾ گذاري ويو.

ميان دين محمد ان بعد سندس مامي ڪمڻ فقير سان ملاقات ڪرائي جو هن وقت دادو جي پرسان ”ڪنڊي“ جي ڳوٺ ۾ رهي ٿو ۽ هڪ سگهڙ فقير آهي. ڪمڻ فقير ٻڌايو ته ”جمن“ نالي ٽي فقير ٿي گذريا آهن:

---

[1] ڏسو ”ٻيلاين جا ٻول“ ص 93-95؛ رسالہ نئين زندگي، ماه فيبروري 1953ع ۾ ڏنل مضمون ”سنڌ جا سگهڙ“ ۽ رسالہ مهراڻ، اونهارو 1955ع، ص 181-182.

(1) جمن فقير وڏو جو محمد بخش جو پٽ هو. سندس پٽ جو نالو به احمد بخش يا محمد بخش هو. بادشاهه پير رحه جي مدح انهيءَ جمن فقير جي چيل آهي.
(2) ٻيو جمن فقير چارڻ ننڍو، جو وڏي جمن کان پوءِ ٿي گذريو.
(3) ٽيون جمن، مٿئين ٻئي نمبر جمن فقير جي اولاد مان هو ۽ دادو تعلقي ۾ ”ڦڪن“ جي ڳوٺ ۾ رهندو هو. سندس اولاد مان هڪ فقير، عارب نالي موجود آهي.

ڪمڻ فقير ۽ ميان دين محمد کان دادو ضلعي جي چارڻ گهراڻي بابت سڄي خبر معلوم ٿي. دادو ضلعي ۾ چارڻ درويشن جا به مکيه ڪٽنب ٿيا. هڪڙا وطڻاڻي ۽ ٻيا ”عالياڻي“ جي اصل ٺلٽي جي پرسان بخاري پير تي وينل هئا ۽ هينئر سندن اولاد ٻين جاين تي پکڙيل آهي. ”وطڻائي“ پاڙي مان گلاب، سهراب، صدرالدين ۽ غلام محمد وڏا شاعر ۽ سگهڙ ٿي گذريا آهن. سهراب فقير مير فتح علي جي ڏينهن جو هو، سندس پيءُ گلاب ان کان اڳ جو. ميان دين محمد به هن پاڙي مان آهي ۽ سندس والد محمد آچر هن پاڙي جو آخري سڄاڳ سگهڙ هو. ”عالياڻي“ پاڙي مان ٻيڙو فقير ۽ وڏو ڪمڻ فقير وڏا سگهڙ شاعر هئا. ٻيڙو فقير ثاني هن پاڙي جو آخرين وڏو سگهڙ هو. ڪمڻ فقير سندس پٽ آهي، جنهن کي پڻ پنهنجي وڏن جو گن ياد آهي.

## جمڻ چارڻ جي قبر جي تلاش:

حيدرآباد ۾ مخدوم مير احمد صاحب، پرنسپال اورنٽيل ڪاليج، جو کهڙن جو وينل آهي ۽ کهڙن جي مشهور مخدوم خاندان مان آهي، تنهن کان پوءِ معلوم ٿيو ته سندن پاڙي ۾ ”چارڻن“ جي قديم مسجد اڃا تائين موجود آهي. انهيءَ تصديق بعد ميان دين محمد کي همٿايو ويو جو هڪ دفعي خيرپورميرس طرف ويو ۽ ”پيرڪٽپر“ جي قبرستان ۾ وڃي جمن درويش جي قبر جي ڳولا ڪيائين ۽ بالآخر چارڻن جي قبيلي جون قبرون وڃي ڏٺائين جن تي ڪتبا لڳل هئا. جي ڪوشش ڪري جيتري ڪيس پڙهڻ ۾ آيا اوتري قدر اتاري بنده وٽ حيدرآباد پهچايائين. اهي ڪتبا قدري قدر ناقص هئا: انهيءَ ڪري ضرورت هئي ته آءٌ پاڻ سرزمين تي وڃي دوباره انهن کي ڏسان ۽ مرحوم فقير محمد ۽ ڪمڻ فقير جي زباني موجب وڏي ۽ ننڍي جمن جي قبرن جي کوجنا ڪريان.

تازو انهيءَ سلسلي ۾ خيرپورميرس وڃڻ جو موقعو مليو. تاريخ 20 آڪٽوبر تي خيرپورميرس مان ”پير ڪٽپر“ جي قبرستان ڏسڻ جو پروگرام مقرر ٿيو. محترم محمد اسماعيل صاحب نون، محترم مظهر علي صاحب شيخ، محترم شيخ عبدالرشيد ايگزيڪيوٽو انجنيئر، محترم قادر بخش ميمڻ ايگزيڪيوٽو انجيئر ۽ محترم علي احمد بروهي انفرميشن آفيسر خيرپورميرس پڻ رفاقت ڪئي. خيرپور مان دير سان نڪرڻ ڪري سانجهي نماز کان اڌ ڪلاڪ ڪن پوءِ قبرستان وٽ پهتاسين.

ڳوٺ فتحپور مان هڪ هندو پائيبند بہ شامل ٿيو ۽ وٽس هڪ لال ٽين هئي ۽ اسان وٽ ٽارچ هئي. بہ پارٽيون ڪري هن شاهي قبرستان ۾ گهڙياسين. هڪ رات ۽ ٻيو ڏينهن جا وڏا ۽ گهاٽا وڻ قبرستان جي چپي چپي تي هئا. انهي ڪري ڳولا ۾ ذرا تڪليف ٿي. پر "جو ڳنده يا بنده" مطابق بالآخر ساڍي 9 بجي رات جو چارڻ قبيلي جي هنن مشهور مردن جون قبرون وجي ڳولي لڌيون ۽ قبرستان جي پير ڪٽپر جي قبي کان ڏکڻ طرف آهن ۽ قبرستان جي اوڀر پاسي کان وهندڙ شاخ جي R.D 82 واري پٽر کان اُتر اولهہ طرف آهن.

اُترين قطار ۾ بہ قبرون لاڳيتيون آهن، جن مان الهندين تي ڪتبہ لڳل ڪونهي، باقي اڀرندين تي هيٺيون ڪتبہ لڳل آهي:

"تاريخ وفات غفران
رضوان جائگاه ميان جمن
مداح بتاريخ چهار دهم
ماه رجب واربعا 1151
خدا كرد اورا بجنت غريق
شفاعت محمد بروشد شفيق"

هي قبرون ٻن قطارن ۾ آهن، هڪ ننڍي قطار اُتر طرف آهي ۽ ٻي ان کان 20 قدم ڪن ڏکڻ طرف. ڏاکڻي قطار جي وچ ۾ هڪ وڏي قبر جي سيراندي کان هڪ شڪستہ سر تي هيٺيون ڪتبہ لڳل آهي، جنهن عبارت جا نشان ڪي باقي وڃي بچيا آهن.

"هو الشافي"

بود مشغول باخدا دائم، بر ره شرع مصطفيٰ قائم
نيز مداح پاک پيغمبر، خوانده بود صلواة بر سرور
اسم او بود مداح محمد جمن، خوش طبع خنده روبهر مومن
الاهي ز فضل خود رحمت، بخش ويرا بحرمت حضرت
سال فوتش بگفت هاتف خود، "سوي جنت صحي روانہ شد."
وفات ميان جمن ولد مرحوم ميان جان محمد
مداح بتاريخ بيست پنجم شهر صفر درشب اربعا،
اللهم اغفر هما 1093هہ بر ملک دنيا دل منهہ قائم، نہ شد بابخت سکندر و نوشيروان

هن ڪتبہ ۾ انگن ۾ ڏنل سال جا نشان البتہ چٽا نہ آهن ۽ انگن مان ائين پيو معلوم ٿئي تہ يا تہ سنہ 1193 آهي يا 1103 پر جيئن تہ تاريخ جي ماده "سوي جنت صحي روانہ شد" نسبتا صاف آهي، جنهن مان 1193هہ ٿي ڪري 1193هہ صحيح سمجهڻ گهرجي.

هن ڪتبن ۽ مرحوم فقير محمد ۽ ڪمڻ فقير جي زباني جي روشني ۾ اسين هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا.

## جمن چارڻ وڏو:

(1) اترين قطار واري قبر وڏي جمن فقير چارڻ جي آهي، جنهن جي مداح مشهور آهي. جمن چارڻ واري سوال، جي مشهور روايت مان ڪم از ڪم ايترو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هن ڪافي وڏي عمر ۾ وفات ڪئي. سندس تاريخ وفات اربع جو ڏينهن 14 رجب سنه 1151ھ آهي جنهن جي معنيٰ ته هو ڀٽائي صاحب جو وڏو معاصر هو ۽ ڀٽائي صاحب (وفات: 1165ھ) کان 14 سال اڳ وفات ڪيائين. انهي ڪري قدامت جي لحاظ سان جمن چارڻ جو شعر سنڌي ادب ۾ هڪ خاص اهميت رکي ٿو. ميان نورمحمد جي حڪمراني (1131-1167ھ) جا 21 سال ڏنائين ۽ اهو سندس عمر جو آخري دور هو، جيئن ته عام روايت موجب هن تمام وڏي عمر ۾ وفات ڪئي، انهي ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن ميان يارمحمد جي حڪمراني جو سڄو دور ڏٺو هوندو. مرحوم فقير محمد ۽ ڪمڻ فقير جي زباني موجب، هو کهڙن جي شهر جو وينل هو ۽ غالباً اتي ئي جائو ۽ وڏو ٿيو. کهڙن ۾ مخدوم خاندان جي پاڙي ۾ چارڻن جي مشهور مسجد جمن چارڻ جي قبيلي جي جاءِ رهايش جي ساک پري ٿي. جمن درويش جي والد جو نالو محمد بخش هو. ڪيس هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو پڻ محمد بخش يا احمد بخش هو.

ميان دين محمد ۽ ڪمڻ فقير مهرباني ڪري سندن وڏن فقيرن جي شعر و شاعري ۽ بي گڏ ڪيل مواد جا بياض ڏنا، جي اسان دوباره پيٽي سڄي ڪلام کي صحيح نموني ۾ قلمبند ڪيو آهي ۽ اميد ته هن قيمتي ذخيري کي عنقريب شايع ڪيو ويندو. هن ذخيري ۾ جمن درويش جي مشهور مداح جا هن بادشاھ پير رحہ جي شان ۾ چئي سا ڏنل آهي. ان کان سواءِ سندس سگهڙپائي جا اقوال جهڙوڪ نادانن جا قسم، پنجئي بدنام، پنجئي مئي مت، پنجئي گهوڇائي ۽ پنجئي سهنج پڻ قلمبند ٿيل آهن. سگهڙ پائي جا اهي اقوال جن ۾ تڪ بندي آهي، سي پڻ سڄي سنڌ ۾ مشهور آهن ۽ هاڻي معلوم ٿيو ته انهن جو موجد جمن چارڻ آهي. سگهڙ پائي جون اهي تڪبنديون غالباً سندس جواني واري عمر جون چيل آهن.

هن بياض ۾ هينين ٻن عنوانن تي چمن چارڻ جا شعر قلمبند ٿيل آهن، جي تاريخي حيثيت رکن ٿا: (1) شعرگلن جو ۽ (2) جنگ مير عبدالله خان جي. انهن ٻنهي عنوانن تي چيل بيتن ۾ ميان نورمحمد جو نالو ڪنيو اٿس. گلن تي چيل شعر جي شروع ۾ ميان نورمحمد ۽ ٻين نامور ڪلهوڙن اميرن جا نالا ڪنيا اٿس ۽ ان بعد گلن جا نالا الف- بي وار ڳڻيا اٿس مثلاً:

اول نام الله پلو جو آهي عالم خلق اپائڻ وارو
دين دنيا دوران ڪل دائم، هيءَ سڀ نور نبيءَ جي ڏانهن نظارو

نران پٽ نورمحمد، پس پاتشاهين ٽيو پيداوارو
مِيان صاحب! جڙجڳ جيوين درس چڙهيو دستار تمهارو
محمد خان ملوڪ مصاحب پرور سرور صحي سڌارو
غلام حسين ڳڙهان پٽ گياني بانڪا تنهنجو باغ بهارو
دائود خان دليون پٽ دولهه بير سڌير بسنت بهارو
الف انجير، انگور، انارو، اَمو، املداس، اچار اڪارو
بي بدهر بهم بادامي، بانڪو بخمل بسنت بهارو

اهڙيءَ طرح الف- بي وار ”ي“ تائين مختلف گلن جا نالا شمار ڪيا اٿس.

”جنگ مير عبدالله خان“ جي عنوان سان جيڪو شعر چيو اٿس، تنهنجو پهريون بيت ميان نورمحمد جي تعريف ۽ ميان يارمحمد جي وفات جو ذڪر ڪندي هن طرح شروع ڪيو اٿس:

خوش هوءِ خداآباد، خوش هوءِ خدايار خان جنهن جي واري واپريو ٿي ديسي بديسئون داد
ڪارهين سا ذوالقعد هئي سن ڪارهن سؤ ايڪٽيهه
تان راٽي تنهن رحلت ڪئي جو هو بانڪو بخت بنياد.

انهيءَ ڪان اعليٰ ٿيو انهيءَ جو اولاد
سو فرقي فقيرن جي ڪيلن واءِ قواد
ميان نورمحمد نامدار هو دل دولهه دلشاد
تنهن ميريءَ سنڌي مامري پهتو مرد مراد. (الخ)

بهرحال جمن جا اهي اشعار ثابت ڪن ٿا هو نه صرف مداح هو، پر ان سان گڏ وڏو سگهڙ ۽ مؤرخ شاعر هو.

(2) ننڍو جمن چارڻ: ڏاڪٽي قطار واري قبر ننڍي جمن چارڻ جي آهي، جنهن وڏي جمن کان 43 سال پوءِ 1193هه ۾ وفات ڪئي، سندس والد جو نالو جان محمد هو، جئن ته ڪتبه مان ظاهر آهي. جان محمد يقيني طور وڏي جمن جو همعصر هو. جان محمد خود وڏو شاعر هو ۽ قدامت جي لحاظ سان سندس شعر به سنڌي ادب ۾ خاص اهميت رکي ٿو. رسالہ مهراڻ، اونهارو 1955ع، اسان پنهنجي مضمون (سنڌي شاعري جو فن سينگار، ص ص 227، 228) ۾ جان محمد جو سينگار شاعري جي فن ۾ گلن تي چيل بيت نقل ڪيو آهي، جو سندس قابليت تي شاهد آهي. ننڍو جمن جان محمد جو پٽ هو ۽ ڪتبه ۾ ڄاڻايل آهي ته ”نيز مداح پاڪ پيغمبر“ يعني ته نبي ﷺ جو مداح هو، جنهن مان پائجي ٿو ته هن ننڍي جمن نبي ﷺ جي شان ۾ مداحون چيون.

[ماهوار ”نئين زندگي“ ڪراچي، ڊسمبر 1955ع]

❑

# (100) راڄڻ شاهه ماتائي

[سنڌ جي دور دراز ڳوٺن واهڻن ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي ڪيئي سڄاڻ، سگهڙ ۽ نامور شاعر پيدا ٿيا، جن پنهنجن ڳُڻن ڳالهين ۽ شعرن بيتن سان نه رڳو پنهنجن همعصرن کي وندرايو، پر منجهن گفتي جي ملڪويت ۽ شاعرانه شعور پيدا ڪيو. انهن مان ڪن سڄاڻن کي هن هيرن ڪاڻ واري گڏريل سلسلي ۾ ڳولي آندو ويو آهي. پر گهڻن جا حال احوال گم آهن. انهن مان هڪ ساڪري جو وڏي نالي وارو شاعر سيد راڄڻ شاهه ماتائي هو، جنهن بابت گهڻي پڇا کان پوءِ سندس احوال ڳولي هٿ ڪيو ويو؛ جنهن مان ڪجهه احوال هن کان اڳ ڪتاب سينگار شاعري جي ڪتاب (1986ع) ۾ شامل ڪيل آهي.]

سيد راڄ محمد شاهه عرف راڄڻ شاهه بن نور محمد شاهه بخاري 18 صدي عيسوي جي آخر ۾ تعلقي ميرپور ساڪري جي ڳوٺ 'ماتي' ۾ ڄائو، جنهن جا پڊ لڏيا واهه لڳ ڏاڪٽين پاسي موجود آهن. انهيءَ ڳوٺ جي نالي سان هو راڄڻ شاهه ماتائي جي عام نالي سان مشهور ٿيو ۽ پنهنجي والد وانگر فقيري حال ۾ گذاريائين. ساڪري جي جهوني سگهڙ حاميد رند عمر سٺ ورهيه (سنه 1952ع ۾ ساٺس ڪيل پهرين ڪچهري ۾) چيو ته: اسان جي ياد جي ماڻهن ٻڌايو ته اسان راڄڻ شاهه کي اکين ڏٺو هو. سندس ڳوٺ ماتو لڏياواه لڳ (ميرپورساڪري کان ڏيڍ ڪوهه اُتر- اولهه) طرف هو. وڏو داناء هو، سندس پٽ گل محمد شاهه مون پاڻ ڏٺو هو ۽ گل محمد شاهه جو پٽ راڄڻ شاهه هو، جيڪو ڪجهه وقت ٿيو گذاري ٿيو.

راڄڻ شاهه وڏو سخي ۽ ڪچهري جو مور هو. ساڪري جي وڏي سگهڙ حاجي محمد سوڍي بگهياڙ (ڪلمتي) ٻڌايو ته اسان جي وڏي ڏاڏي خليفي عيسب سان دوستي هئس. هن تعلقي ۾ سندس زمين هئي ۽ ساليانو پنجاهه سٺ خرار کن سندس ساريون ٿينديون هيون. ٻنئي کان پوءِ پنهنجي پتي واريون ساريون ڍڪائي ڇڏيندو هو، جتان جا چانور اتي جي ڪچهري ۾ ڪم ايندا هئا. ائين سڀني ديرن جون ساريون خرچ لٿي سال ۾ پوريون ٿي وينديون هيون. ڪوڙيون ڪٽندو ئي ڪونه هو. ميرن صاحبن وٽ سندس وڏي عزت هئي. انگريزن جي سنڌ تي قبضي وقت سندس عمر پنجاهه سال کن هئي. محب وطن هو. ڄام مهر علي جوکيو ۽ راڄڻ شاهه ميرن صاحبن جي طرفان هتي جا معتبر ۽ وڏي اختيار وارا سربراهه هئا، انهيءَ ڪري انگريزن هنن تي سختيون ڪيون ۽ ڪين

جيل ۾ وڌو. راڄن شاهه کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس هليو. ان ڪيس ۾ راڄن شاهه پاڻ توڙي ٻين جيڪي بيان ڏنا تن مان معلوم ٿئي ٿو ته راڄن شاهه وڏي اثر رسوخ وارو هو، پاڻ آبادگار هو ۽ سندس سفارش تي گهاري ۾ رکيل سرڪاري گدام مان ماڻهن کي ان اڌار تي به ملندو هو. هن ڪيس ۾ گهوڙا ٻاري جي ڊپوٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن ٽي.آر.سٽوئرٽ سندس بچاءَ ۾ شاهدي ڏني ۽ ڪيس ڪوڙو ٿيو.

سنڌ جي هن شريف ماڻهو ۽ وڏي شاعر تي، انگريزن جي سنڌ تي قبضي (1843ع) بعد، ايڏو وڏو ڪوڙو ڪيس هلايو ويو جو ان بابت رپورٽ سنه 1854ع ۾ پارليامينٽ (لنڊن) جي رڪارڊ طور شايع ٿي.

راڄن شهه سنه 1875ع ڌاري وفات ڪئي. گهڻي پڇا ڪان پوءِ راقم سندس قبر ڳولي لڌي، جيڪا گُجي ڪان گهاري ڏانهن ويندڙ شاهي رستي تي ٿهيمن جي ڳوٺ ڪان ڏکڻ طرف آهي..............!

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد ڏهون)
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو 2011ع]

❑

# (101) راضي فقير جا راز

[راضي فقير لاشاري هڪ مجرد لاابالي درويش آهي. سندس عمر 55 ورهيہ کن ٿيندي، نہ سندس تڏو نہ تنؤري، نہ ماڳ نہ مڪان. پٺائي صاحب سان شروعاتي عقيدت سببان، پٺ ۽ هالن جي پڪي رستي تي نالي خاطر هڪ اوتارو اَڏيائين، پر گوڏو پيچي وينو ڪونہ. فقير ڪي مڪتبي علم ٿورو، رِهاڻي وڌيڪ ۽ قلبي سڀ کان ڪثر آهي، فقير مال جو محتاج، پر خيال جو بادشاهہ آهي. خيالن جو خزانو وٽس اڻٽڪٽ آهي. ست- اٺ سال ٿيا، سندس خيالن مان ڪي چوندِ نُڪتا رسالي "عام راءِ" ۾ شايع ڪيا ويا هئا؛ ان بعد فقير جا خيال ٻين رسالن ۾ گاهي بگاهي پئي شايع ٿيا آهن؛ تازو سندس خيال جي خزاني مان ٻہ جنسون هٿ آيو آهن، جي هيٺ ڏجن ٿيون. پهريون خيال، "رباني راز جو آواز"، جڻ تہ صوفياڻي رنگ ۾ نصيحت توڙي علمي تربيت جو آئينو آهي. ٻيو خيال، "سڪونت ۽ سير" (يعني ويهڻ ۽ هلڻ)، زندگيءَ جي سڪونت ۽ حرڪت وارن عملن جي شرح ۽ انهن جي نتيجن جو تفسير آهي. قدري اهو خيال خود راضي فقير جي عملي زندگيءَ جو آئينو آهي. فقير خود وينو ٿورو ۽ گهميو گهڻو آهي: ويهي تہ ورچي، گهمي تہ سرچي؛ ويهي تہ خاموش، گهمي تہ خوش؛ ويهي تہ ٺلهو ساز، گهمي تہ پُرآواز؛ ويهي تہ جائي، گهمي تہ هرجائي: انهيءَ ڪري ويهڻ نہ وڻيو اٿس ۽ گهمڻ کي ڏٺيو اٿس؛ پر فقير ويهڻ جي شرطن ۽ سببن کي بہ هن خيال ۾ نروار ڪيو آهي، جن کان سواءِ فقير جي نظر ۾ ويهڻ بيڪار آهي. بهرحال، فقير جا گفتا موتين جهڙا ملوڪ آهن، جي ڏسڻ ۽ پسڻ، پرجهڻ ۽ پروڙڻ جا راز کولين ٿا. — ن.ب]

## خيال پهريون — رباني راز جو آواز

جڏهن رب جو رايو ٿيندو آهي، تڏهن ٻانهي ڪي سعيو ٿيندو آهي. جڏهن رب جو راز ٿيندو آهي، تڏهن انسان آواز ڪندو آهي. باطن ۾ رب جو راز آهي، ظاهر ۾ بندي جو آواز آهي. راز بنا آواز نہ ٿيندو، هُشيءَ بنا خوشي نہ ٿيندي. تون راز آهين، آءٌ ساز آهيان. تون راز ڪرين ٿو، آءٌ آواز ڪريان ٿو؛ نہ تہ نياز ۾ آهيان. پيغام حق، ڪلام حق؛ سلام حق؛ الهام حق؛ ديدار حق؛ اسرار حق؛ نور حق؛ حضور حق؛ عروج حق؛ نزول حق؛ حال حق؛ خيال حق؛ وصال حق؛ مثال حق؛ پلڪ جي جهلڪ، روشن راز جي تجلي، ڪنوڻ وانگي پڙدا ڪوليو ڇڏي. خار ڇڏي، پيار جي ملڪ تي آءُ، تہ يار جو ديدار حاصل ٿئي. خار ڪائڻ هار جو نشان آهي، پر ڪار کان سواءِ ڪپڙا صاف نہ ٿيندا. ناز اعتراض ڇڏي، نياز جي ملڪ تي آءُ؛ تہ رباني راز جو آواز ٻڌين. اعتراض ۾ پيو، تہ راز کان ويو. جهڙيءَ طرح ليلا نار ڪي هار

جي تار ۾ پتار جو پيار وسري ويو، تهڙيءَ طرح عام خلق کي مال، زال ۽ آل جي خيال ۾ ربّ جلال جو خيال ڪسيو پيو آهي. خيال ڪسيو، تہ مڙس دسيو. جيئن تا چاهين مال، زال، آل، تيئن جي چاهين ربّ جلال، تہ ٻارهيوئي ٻائيتال، لهي وجي 'ليشاري' چوي!

## خيال ٻيو – سڪونت ۽ سير

دنيا ۾ انسان ٻڌل آهي قسمت سان؛ قسمت ٻڌل آهي رزق سان؛ رزق ٻڌل آهي حق جي حڪم سان؛ حڪم ٻڌل آهي ارادي سان؛ ارادو ٻڌل آهي اَمر سان؛ اَمر ٻڌل آهي حق جي راز سان. دنيا ۾ قاسڻ فرض، يا ويهڻ واجب آهي چئن چيزن سان زر سان: زمين سان، زال سان ۽ ماءُ- پيءُ سان. انهن چئن چيزن سان ويهڻ آهي بادشاهہ تي ويهڻ؛ پر انهن چئني چيزن کانسواءِ دنيا ۾ ويهڻ آهي وهُہ پيئڻ: ويهڻ آهي خوار ٿيڻ، ويهڻ آهي بيڪار ٿيڻ، ويهڻ آهي بيزار ٿيڻ، ويهڻ آهي بيمار ٿيڻ، ويهڻ آهي شرمسار ٿيڻ، ويهڻ آهي پشيمان ٿيڻ، ويهڻ آهي قيد ٿيڻ، ويهڻ آهي قتل ٿيڻ، ويهڻ آهي چريو ٿيڻ، ويهڻ آهي جڳ جي جوءِ ٿيڻ، ويهڻ آهي غافل ٿيڻ.

ويهڻ آهي دشمن کي داءُ ڏيڻ، گهمڻ آهي دشمن کي ڏاءُ ڏيڻ. ويهڻ آرس آهي، گهمڻ پارس آهي. ويهڻ سست ٿيڻ آهي، گهمڻ چست ٿيڻ آهي. ويهڻ مغرور ٿيڻ آهي، گهمڻ مسرور ٿيڻ آهي، ٻيهڻ مجبور ٿيڻ آهي، گهمڻ مخمور ٿيڻ آهي، ويهڻ معذور ٿيڻ آهي، گهمڻ مشهور ٿيڻ آهي، ويهڻ بخيل ٿيڻ آهي، گهمڻ سخي ٿيڻ آهي، ويهڻ ڳرو ٿيڻ آهي، گهمڻ ڊرو ٿيڻ آهي، ويهڻ ڪنو ٿيڻ آهي، گهمڻ منو ٿيڻ آهي، ويهڻ ڪستو ٿيڻ آهي، گهمڻ سستو ٿيڻ آهي، ويهڻ خود پرست ٿيڻ آهي، گهمڻ خداپرست ٿيڻ آهي.

وينل بادشاهہ آهي، گهمندڙ نوڪر آهي. وينل طبيب آهي، گهمندڙ بيمار آهي. وينل دڪاندار آهي، گهمندڙ خريدار آهي. وينل آنڊو آهي، گهمندڙ سڄو آهي. وينل ڏڄڻو آهي، گهمندڙ سورهيہ آهي. وينل بيخبر آهي، گهمندڙ باخبر آهي. وينل ڪوهہ آهي، گهمندڙ درياهہ آهي. وينل شينهن ٺمائين، هلندا ڪتا پڻڪائين. وينا شينهن بک مرن، هلندا گدڙ ڏاڍن – "ٺَر مردان، پُر مردان!"

دريا وهندڙ پلو، فقير هلندڙ پلو. فقير سدائين سير ۾، خلق جي خير ۾. محبت رب سان، صحبت سڀ سان. وينل اصيل آهي، گهمندڙ ٺرڙو آهي. وينل نفس جو مُرشد آهي، گهمندر نفس جو مُريد آهي.

هلڻ آهي جلڻ، زر، زمين، زال، ماءُ- پيءُ نہ هجن، تہ چا ڪجي جو سدائين هلجي پيو: جلجي پيو، جلائجي پيو؛ ٻڌجي پيو، ٻڌائجي پيو؛ ڏجي پيو، ونجي پيو؛ ڪائجي پيو، ڪارائجي پيو؛ ڏسجي پيو، ڏيکارجي پيو؛ سلجي پيو، سيکارجي پيو. ڪٿي سبقي علم، ڪٿي اکري علم، ڪٿي معنوي؛ ڪٿي قلبي علم، ڪٿي ڪتابي. ڪٿي استاد، ڪٿي شاگرد، ڪٿي مرشد، ڪٿي مريد، ڪٿي طالب، ڪٿي مطلوب، ڪٿي غالب، ڪٿي مغلوب، ڪٿي قاتل، ڪٿي مقتول، ڪٿي ظالم، ڪٿي مظلوم، ڪٿي خادم، ڪٿي مخدوم، ڪٿي عاشق، ڪٿي معشوق تي گذارجي. جنهن ڪي نہ من تي مونجهاري، نہ زال پياري، نہ ڌيءُ نواري، سو پلي ڪري گهمڻ جي تياري. وينل جي پلائي بہ پڌري، برائي بہ پڌري؛ گهمندڙ جي پلائي بہ لڪل، برائي بہ لڪل. وينل سڃاپي بہ سگهو سکيو، پڪڙجي بہ سگهو سکيو؛ گهمندڙ سڃاپي بہ ڏکيو چرڪو، پڪڙجي بہ ڏکيو چرڪو. ڪي ويٺي واصل، ڪي هلندي حاصل. ڪي ويٺي ويران، ڪي هلندي حيران. سچي ڪي ويٺي بہ ملندو تہ هلندي بہ ملندو، ڪوڙي ڪي نہ ويٺي ملندو نہ هلندي.

زر، زمين، زال ۽ ماءُ- پيءُ ڪان سواءِ ويهندو، تہ چوڏهن چٽيون سر تي وسائيندو؛ هلندو تہ ايڪهٺ نفعا آدم جي اولاد کي رسائيندو. چا لاءِ جو ديس ۾ انسان کي آسرو رهي ٿو جان تي، جهان تي، سامان تي، پرديس ۾ آسرو رهي ٿو رب رحمان تي. جان وڃي، جهان وڃي، سامان وڃي، هڪ رب رحمان نہ وڃي: جان تان، جهان تان، سامان تان آسرو لاهہ، تہ اکئين ڏسين الله! جن مالڪ کان وڌ منا ڪيا جان، جهان ۽ سامان، سي ڪيئن پسن رب رحمان؟ ديس ۾ انسان کي آسرو رهي ٿو، مال تي، زال تي ۽ آل تي؛ پرديس ۾ آسرو رهي ٿو رب جلال تي. مال وسري، زال وسري، آل وسري، هڪ رب جلال نہ وسري: جن مالڪ کان وڌ منا ڪيا مال، زال ۽ آل، سي ڪيئن پسن رب جلال؟ جن مايا ڪئي مالڪ کان مِٺي، تن جي چگي ڪيئن ٿئي چَٺي؟ ديس ۾ خوشيءَ سان ٿو رهجي، پرديس ۾ خوف سان ٿو رهجي. ديس ۾ خوشي بہ دنيائي، خوف بہ دنيائي؛ پرديس ۾ خوشي بہ خدائي، خوف بہ خدائي. ديس ۾ ناز سان ٿو رهجي، پر پرديس ۾ نياز سان ٿو رهجي. ناز تي اعتراض آهي، نياز تي راز آهي. تڪبر ڪيو عزازيلَ، تنهن کي خوار ڪيو رب جليل؛ نياز ڪيو آدم صفي الله، تنهن تي رحم ڪيو الله!

[تہ ماهي "مهراڻ" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1959/2ع]

❑

# (102) سنڌ جا سگهڙ

# حضرت جلال ڪٽي

حضرت جلال ڪٽي سنڌ جي سگهڙن جو سرواڻ ۽ سرتاج هو. سنڌي زبان ۾ "فن سگهڙپائي" جو تہ جڻ باني مباني هو: فن "هنر" ڪانئس هليو تہ فن "سينگار" ڪي بہ هن تي سينگاريو: فن "ڏهس نامه" جي ڏاهپ بہ وٽانئنس ئي شروع ٿي، جنهن جي پوءِ هر ڏس ۾ ڏاهہ پئجي ويئي. حضرت جلال نہ رڳو سگهڙن جو سرمهرو ۽ سالار هو، مگر هو هڪ خدا رسيده درويش هو: جنهن ڪي حضرت رسول ڪريم ﷺ جي عشق عارفانہ منزل تي وڃي رساريو.

سنڌ ۾ جلال نالي ٻيا بہ سگهڙ ٿي گذريا آهن(1) مگر حضرت جلال ڪٽي پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس ٻول ۽ جلال نالي ٻين سگهڙن جي قول ۾ تميز ڪرڻ آسان آهي، ڇو تہ حضرت جلال جو ڪلام پنهنجي ڳوڙهائي ۽ بلاغت، انوکن خيالن ۽ انوکي عمارت سبب ٻين سگهڙ شاعرن جي ڪلام کان ممتاز ۽ گهڻو مٿانهون آهي. البتہ سنڌ جي هاڻوڪن سگهڙن جي علمي مايہ جي ڪمي ۽ سندن ضعيف روايتن سبب جلال نالي ٻين سگهڙن جا ڪي بيت حضرت جلال ڏانهن منسوب ڪيا وڃن ٿا. جيئن تہ حضرت جلال ڏانهن ئي سنڌ جي ادبي سگهڙپائي جو سرچشمو جاري ڪيو، انهيءَ ڪري ڪانئس بعد جي ڪن سگهڙن ۽ راوين ڳاهي ٻگاهي ڪن بيتن ۾ هن سرتاج سگهڙ جو نالو وجهي انهن کي مشهور ڪيو، جهڙيءَ طرح ڪيترائي بيت ۽ وايون سنڌ جي شاعرن ۽ سالڪن جي سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي نالي سان مشهور ڪيا ويا. سنڌ جي عام سگهڙن جي دائري ۾ حضرت جلال "جلال ڪٽي" جي عام فهم نالي سان مشهور ٿي هڪ روماني شخصيت بنجي ويو آهي ۽ سنڌ جي سگهڙن سندس بلندپايہ

---

(1) مثلاً: **جلال نظاماڻي** جو سانگهڙ جو سگهڙ هو. سسئي ۽ مارئي جي سر ۾ سندس ڇيل بيت انهيءَ پاسي مشهور آهن. سسئي جي سر مان سندس هڪ بيت نموني طور هت ڏجي ٿو:

موت مرٿين ٿي مير! وري آءُ وري — توکي سوا سپرين منهنجي ساعت ڪان سري
جاڙو ڪيئي جلال ڇئي تڏهين ٿيم ڳالهہ ڳري — ريهون ڪري رندن تولاءِ ويندي س محب مري.
چاڪن ڪيس چري، آهن آلا گهاءَ اندر ۾

ٻيو سگهڙ **جلال پٽنو** وينل ڳوٺ علي بحر مقام لڳ (ضلع دادو) آهي جو اڄا جئي ۽ هن وقت پيرسن آهي. سندس ناهيل ڏور خاص طرح مشهور آهي. مثلاً: بيبي مريم کي جو حضرت عيسيٰ ڄائو تہ اڇي پنهنجي عصمت جو خيال ٿيس تہ ماڻهو ڇا چوندا! انهيءَ موقعي تي سگهڙ جلال پٽني جو ڏور تہ:

ڪامڻ! پنهنجو ڪنجرو ڦاڙي ڪر نہ ڦٽو — حڪمت جهڙو هار اٿئي مٽيو ڪر منو
ڳهٽو ڪر ڳچيءَ ۾، ڪر ڪنگڻ ڪول ڪَنو — ٽينڊءِ چوٽي ڦل ڇِنو، جيڏين منجهہ جلال چئي.

ڪلام ۽ عام مقبوليت ۽ شهرت تي اڪتفا ڪري، ڪتاب الف ليليٰ جي مصنف وانگر سندس وطن، خاندان يا زندگي جي زماني کي ياد رکڻ جي ضروت ئي محسوس نہ ڪئي آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو هن وقت اها ڪل ئي ڪانہ ٿي. پوي تہ حضرت جلال ڪٿي جو هو، ڪهڙي قبيلي مان هو ۽ ڪڏهن هو؟

## ڳوٺ ۽ ڪُڙم قبيلو:

متواتر روايتن ۽ سندس هڪ ٻن بيتن مان صرف اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هن سگهڙن جي سرتاج جو نالو جلال هو ۽ پنهنجي ڏنڌي جي نسبت موجب ذات جو ڪٽي هو. سندس جاءِ سڪونت جي باري ۾ هن وقت جا راوي ٽن خانن جا آهن: هڪڙا ڪيس حيدرآباد ضلعي جو، ٻيا ٺٽي ضلعي جو ۽ ٽيان دادو ضلعي جو ڪري چون ٿا. پهريون گروهہ جلال کي هاٽوڪي حيدرآباد ضلعي جي قديم شهرن نصرپور، فتح باغ، جون ۽ نورائي يا ملاڪاتيارن جي تر جو باشندہ ڄاڻائين ٿا. ٻيو گروهہ جلال کي ٺٽي ضلعي ۾ خود ٺٽي شهر جو ڳروڙا جي ڳوٺ جو (هي ڦٽل ڳوٺ تعلقي ميرپورساڪري ۾ ٻهارن جي شهر کان اٽڪل ميل سوا ڏکڻ اوڀر طرف آهي، ميان قاضي جي اصل ڪٽي آهن انهن جي قبيلي مان ڳوٺ ڏارن جو (ميرپورساڪري کان ٻہ ڪوهہ ڏکڻ)، يا وري باگاٽن جي تر (تعلقي شاهہ بندر) جو تسليم ڪن ٿا. هن گروهہ جي روايتن ۾ گروڙا گروهہ جي روايت وڌيڪ معتبر آهي. ٽيون گروهہ جلال کي دادو ضلعي ۾ سن يا موندر جو تسليم ڪري ٿو ۽ سنڌن روايتن ۾ موندر واري روايت وڌيڪ معتبر آهي جو ڪن جي چوڻ موجب موندر لڳ جلال نالي ڪٽي جي قبر بہ موجود آهي. ۽ مٽس رجات بہ آهي*.

جلال جي ڪڙم قبيلي جي باري ۾ اڪثر روايتون هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ، جلال وارا پاڻ ۾ ڇهہ يا ست ڀائر هئا جي سيئي شاعر يا سگهڙ هئا. بهرحال اهي سڀ سگهڙ جيڪڏهن پاڻ ۾ سڳا ڀائر نہ هئا، تہ بہ مڙئي ذات جا ڪٽي هئا ۽ غالباً هڪ ٻئي جا عزيز ۽ شريڪ هئا. لسٻيلي جي سگهڙ شاعر منگتي نم جي قول موجب غلام محمد ڪٽي جلال جو ڀاءُ هو يا پٽ هو. شاعر نم جي قبيلي جي ٻئي هڪ سگهڙ، ٻچو پٽ سواريو مگٿهار خبر ڪٽي تہ غلام محمد، جلال جو ڀاءُ هو ۽ ٻنگو سندس پٽ هو، ٻنگو وڏيون وڏيون مداحون چيون. غلام محمد ”حضرت علي، شاهہ شمس ۽ نانگ جو قصو“ جوڙيو، جنهن مان حضرت علي ۽ سندس ساٿين جي ڪفارن سان جنگ جو هڪ بيت نموني طور ڏنو وڃي ٿو:

جوانڙ جتا جنگ ۾ صحابي سردار
هوڏانهن هو ليگن ڪديا حملا ڪيو هتيار

* اهڙي هڪ قبر جي خبر اسان کي محترم عبدالڪريم سنديلي کان معلوم آهي.

تبر، تير، تفنگ ڪئي جنبي جوش جرار
برسي باه بندوق جي چؤطرفين چؤڌار
ست پٽ سرواهين جي جتي جهڙ جهونگار
دس چڙيا دولهاڻ تيا ڳڙ ڳڙ ڳڙند غبار
رانئتين منجهه رائي ڪيا ڪڪر ڪارونيار
وڏيون تراريون تن ۾ ڪيا ميسرئين ملار
ڪنڌ، ڪرنگهر، ڪوپا ڪپيون، ڪرن جت ڪپار
هڪ ڏڪ ساڻ هزار، ست ٿي صحابن ڪيا.

موجوده سگهڙن جي مختلف روايتن جو مجموعي طرح هن ڳالهه تي اتفاق آهي ته جلال وارا پاڻ ۾ هينيان ست يا اَٺ پائر هئا: (1) جلال (2) خانو (3) بولو (4) امين (5) چتو (6) بحرو ((7) ڏاتر ۽ (8) عثمان.* انهن مڙني ۾ جلال وڏو هو. شعر ۽ سگهڙپائي ۾ جلال جلال هو، مگر سندس ٻيا پائر به چڱا سگهڙ شاعر هئا. سندن سگهڙ پائي جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**1. خانو**: چون ٿا ته خانو، جلال واري وات وني ڏهسنامہ ڳايو، جنهن جا ٻه بيت هيٺ نموني طور ڏنا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ انهن بيتن جي روايت ۾ ڪافي غلطيون آهن:

سارنگ باجي سارنگي سارنگ چڙهيا سلطان
ويني پون ڪي بين ۾ هائيين نڪ ڪمان زمين سبز بچان
کهي ڪو يسر ڪهتا خانو ايسا ديد ڏيان
مينڊڪ مرگـــهـــان، پـرت پپيهـــي پيه سين.

---*---

دن سن آون ڏنڪ دڪاون پون پڏار اوڙنگ
انير آگم بجليان چمڪن گرج گگن گن گنگ
اڙٻنگ صمند اڙنگ بڙبوند رهي جل سنگ
گهر ويني موجان ڪرو مرهريا چرن ترنگ
قمر ڪو يسر ڪهتا خانو روپ ڪليا سپ رنگ
جئن چاه چترسين چنگ، تئن پپيهي پريت پيه سين.

---

* ڪن جي خيال ۾ يعقوب ۽ پيرو به جلال جي پائرن مان هئا ۽ عثمان سندس عزيز هو. بلڪ هڪ روايت موجب عثمان گهٽو پوءِ جو آهي، جو هو شاعر راڄن شاهہ جنهن ڪي گذرئي 70-80 سال ڪن ٿيندا، انهين جو همعصر هو، يعقوب "مومل راڻو ڳايو". انهن پائرن ڪان سواءِ خضر، ساجن ۽ اسحاق به ذات جا ڪٽي هئا ۽ وڏا سگهڙ هئا ۽ ڪن راوين وٽ مشهور آهي ته "جن جي سچي ساک سچار، تن خوش ڪيو من خضر چئي" مطلب ته جلال سان نسبت هڪ فخر جي ڳالهه هئي، انهي ڪري ممڪن آهي ته هر ڪٽي سگهڙ پاڻ کي ڏانهنس منسوب ڪيو.

**2. ٻولو:** ٻولي ”مومل راڻو ڳايو“ جنهن جا ڪي بيت هيٺ نموني طور ڏجن ٿا:

1- اوچا املھ ان تي هٻڪيو ڏين هرا
متي برج ٻولو چئي هئا جها ٻاجهو رجهرا
چڙهي راڻو راءِ اچي متي وينو مينڌرو.

2- متي وينو مينڌرو محبت رکي من
مومل مکان ٻوليو تي ٻڌائي ٻن
تہ ڪريو سامان سوڍي جو ٻيون ڏيئي ٻن
پوءِ پاٽا پدمڙين، اچي واه وهاريو ولهو.

3- ولھ وهاريائون ولهو اکيا ڏنائون نار
لکين لعلون فيروزيون ٻيا مٽيان مينا ڪار
هڪڙا بازو بند ٻچل سين ٻيا ڪنگڻ چڱيءَ ڪار
تن جي جهپي سون جهپائيا جئن موتي لسي وار
مک مومل جو اڳرو آ چتون جي چٽگار
سوڍي جي سينگار لالچ اچ سي ڪيائين سينگار
اتي چڙهي راڻو راءِ رنگدار اچي متي وينو مينڌرو.

**3. امين:** امين ”مورڙو“ ڳايو. مثلا:

ڪالھ ڪلاچي ڪن تي ويا چولي چار ڪٽي
رنڊين رڇ امين چئي وتڙن وھ وٽي
اکر ارادت جي وڏا هول هٽي
گهاتوئڙن گهٽي، تي دلگيري دل ۾.

[ماهوار ”نئين زندگي“ ڪراچي، جنوري 1953ع]

❑

# (103) سنڌي ميان مظفر فقير صوفي

هي ’سنڌي‘، فقير نواب غلام شاهه بن نواب غلام الله لغاري جي بياض جي پويان لکيل ملي. بياض 1282هه ۾ ۽ اُن کان پوءِ وارن سالن ۾ لکيو ويو. هي سنڌي ان بياض جي پويان تڏهن لکي وئي، جڏهن نئين الف- بي ڪنهن حد تائين رائج ٿي چڪي هئي؛ جو لکندڙ پ، ٿ، ڇ، ڏ جا اکر آندا آهن. انهن سان گڏ ڪي حرف اڳين صورتن ۾ به لکيا آهن جيئن ته: ڌ= ڏ، ڄ= جهه، ڃ= ڇ، ک= گ، ڳ، گ، گهه. انهين ۽ جڏهن کي ’انهم‘ ۽ ’جڏهم‘ ڪري لکيو ويو آهي ۽ لفظ ننڍو (ننڊ) ۽ سمنڊر (سمنڊ) کي اڳين عالمن جي قائم ڪيل صورتخطي مطابق (ر سان) لکيو آهي. هن بياض ۾ سنڌي گهٽو ڪري 19 صدي جي آخر ۾ لکي وئي.

ميان مظفر فقير صوفي پاڻ کي ”مسڪين“ ڪري لکيو آهي. هن سنڌيءَ ۾ هُن حق جي راهه ۾ هلندڙ سالڪن جا اهڃاڻ ڏنا آهن ۽ سندس هي سنڌي جڻ شاهه لطف الله قادري رحه جي رسالي واري نوعيت جي آهي، جيتوڻيڪ معيار فرق ۾ آهي. هن سنڌيءَ جي اسلوب بيان ۽ معنيٰ مان معلوم ٿئي ٿو ته صوفي ميان مظفر سالڪانه فڪر وارو هو. آخر ۾، هن ناقص علم وارن ظاهردارن تي تنقيد ڪئي آهي، پر وري به ’صوفي صلح ڪل سين‘ واري معيار مطابق، انهن کي بي وس ۽ بي ميار ڪيو آهي.

”جي وس ناهن پانجي، تن کي کهڙا ڏوهه ڏجن!“

ميان مظفر صوفي جي سوانح معلوم نه آهي، پر جيئن ته هي سنڌي فقير نواب غلام شاهه جي بياض ۾ درج ٿيل آهي، جيڪو درگاهه جهوڪ جو مريد هو. انهيءَ ڪري گمان آهي ته ميان مظفر صوفي به هن درگاهه جي صوفين مان هو. ڪافي تحقيق ڪئي وئي پر ٽن مکيه ماخذن (عنايت شهيد جي روضي ۾ دفنايل بزرگن، درگاهه تجل تي رکيل ڪتاب ۾ درج ڪيل اڳئين بزرگن جي ولادت ۽ وفات جي تاريخن ۽ درگاهه جهوڪ ۽ تجل جي صوفين جي شجري) مان ڪنهن ۾ به اهو نالو نظر نه آيو. شجري ۾ البت هڪ نالو ظفر علي صوفي عرف موجن شاهه بن صوفي صدرالدين ڏنل آهي جيڪو 19 صدي ۾ ٿي گذريو. شايد اهوئي صحيح نالو هجي. هن سنڌي ۾ علم جي جهلڪ نظر اچي ٿي. جو درسي ڪتابن جا نالا آندا ويا آهن. انهيءَ لحاظ سان صوفي نواز علي جو نالو به سامهون اچي ٿو. جيڪو ولهيٽ جي مدرسي جو سند يافته هو.

"سنڌي" جو متن:

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ساراهيان سچو ڌڻي جو الله عالمن
مَن مُشتاق تن جو، اکيون اُسڙکن
ڪَني قٽ فراق جا ڪي واصل ٿيا وجن
ڪني طلب تات ڪيئي وره ۾ وڍجن
عاشق جي الله جا سي رُوندا رت وجن
تن جو ڪوري ڪانيو جنڌڙو پڪو لاءِ پرين
ڪنه تنه ڏک ڏسائيا جيئن نيڻين ننڊر نه ڪن
ترڪ دنيا واجب طالب المولىٰ فرض ايءُ ڪلام ڪياءُ ڪن
سُڪن ڪي سپين پرين ٻجهي ڏناءُ ٻن
دنيا ڪي دور ڪري محبت رکيائون من
جيرا جگر تن جا ٿا شمع جيئن جلن
اٿيو اوءِ آتش ۾ ٿا رَي رَي جان رُوَن
سي مانيٽا ماٺ ڪيو ٿا پريون منجهه پڇن
ايڏو سور سرير ۾ وهي ويراڳين
سدا سُک نه تن ڪي اوءِ پر ۾ ٿا پڇن
سي وهم پريان جي وڍيا، قطر تان نه ڪُڇن
اهڙو سور سرير ۾ وَهي ويچارن
سدائين سبحان جو ايُ سَنچو سالڪن
هليا جي حرص ۾ سي وڃائين وجن
تن ڪي ترس نه تُسو جيترو مورائين ڪي من
لوڪ لالچ لوپيو سي ورَهه نه ڄاڻن
وساريو واحد ڪي ٿا حرص منجهه هلن.
الخ ...

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد ڇهون)، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2005ع]

❑

# (104) صاحبڏنو فقير تنيو

صاحبڏنو فقير تنيو هڪ درويش فقير هو. هڪ روايت موجب، هو ناڙي ۾ گاگن جو وينل هو ۽ ٻي روايت موجب ٽُنين جي ڳوٺ جو، ٽُنين جا ٻه ڳوٺ آهن: هڪ لهڙي طرف ۽ ٻيو شورڻ واري علائقي ۾. ٻين روايتن موجب، جهَل مگسي طرف به رهندو هو. بلوچستان ۾ انگريزن جي حڪومت واري دور کان اڳ تي گذريو.

فقير سيڪنهن کي سچ چوندو هو، سندس پاءُ ربڏنو هو، تنهن کي به چيائين ته:

"سچ صاحبڏنو چوي ٿو اي ربڏنا!"

سندس وقت جي عمراڻين ۽ مگسين تي فقير ڪاوڙيو: عمراڻين کي طنبو جي شهر، بالا ۽ ڪَنگ گهاڙي لاءِ بددعا ڏنائين ته:

بالان تي تالان، ڪنگ نه پڇي سنگ
طنبوءِ مان ترار، ڪڏهن ويندي ڪانڪا

مگسين جي سردارن تي به فقير ڪاوڙيو ۽ چيائين ته:

ستين هئو سوجهرو، انين آ اونداهه
پُوتاڻين جي باهه، وئي وسامي ورهين ڪي.

مگسين جو سردار خيل 'پوتاڻي' سڏجي، ستين پڳ نواب قيصر خان مگسي تي هئي، جنهن جو وڏو بخت ۽ نالو هو. انين پڳ گل محمد زيب تي آئي، جيڪو وڏو شاعر ۽ اديب هو، پر سرداري ۾ اڳواڻيءَ ۾ گهٽ هو. صاحبڏنو فقير سنڌي جو شاعر هو، سندس هينيون مولود جيڪب آباد ۽ ناڙي طرف مشهور آهي. راقم اهو مولود 15 فيبروري 1975ع تي، مرحوم مير شاهنواز خان شاهلياڻي طرفان 'بيرون' ۾ رڪيل ڪچهري ۾ ٻڌو: فقيرن وڏي لئي ۽ ڏار سان پڙهيو:

ڏاتر ڏٺي ڏيڪارلو، روضو رسول الله جو

1- مسجد مديني مير جي جامع وڏي جنسار لو!
نيلا منارا نور جا، سونهن پريو سينگار لو!

2- حاجي وڃن حرمين ڏي جن سڪ وڏي سردار لو!
جئري ڏسان جانب وڃي صدقي وڃان سؤوار لو!

3- دڙٻڙ دؤنس درياء جي دهشت ٻجهي ڏڏڪار لو!
سنگت سلامت سير مون پرور لنگهائج پار لو!

4- صاحبڏنو چوي سيدا، تنهنجي اَجهي آڌار لو!
ناقص نبر تي يا نبي، نالي الله جي نهار لو!

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد ستون) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2006ع]

❑

# (105) عوامي فيلسوف: خميسو ميتلو

خميسو ميتلو، وينل تعلقو ڪنگري، ضلعو خيرپور سان 1995ع جي آخر ۾ سدا بهار سگهڙ عبدالحمان مهيسر (ڳوٺ رفيق مهيسر) وٽ ڪچهري ٿي. افسوس جو ڪافي وقت ملي نہ سگهيو جو ساڻس رهاڻ ڪري سگهجي ها. سندس ڪي ٻول قلمبند ڪيا ويا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

- سالڪن چيو تہ هي دنيا ”فنا جي جهوڪ“ آهي
- دربان علي (پناڻ، قلندر شهباز تي پناڻن جي ڪافي وارو) جاڻڻ ڇَن جو ٻالڪو هو. ان کان خميسي ميتلي پڇيو تہ: نفس ڇا آهي ۽ اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ تو ۾ اهو ڪهڙو عضوو آهي، جنهن ڪي رلائيندو خوار خراب ڪندو ٿو وئين؟ نفس جي پويان اچي باهہ ٻاري ٿي تہ نفس ههڙو ههڙو!
- فقيري هن جهان ۾ پاراتو آهي
- فقيري جي جڏهن جنهن ۾ وِت اچي.
- حُسن جي فوج پوليس جو ٽولو آهي، جيڪو ٻڌي پڪڙي ٿو اچي. پوءِ خميسي هي ڪلام ٻڌايو تہ:

علم عقل جي پاڙ پٽي ٿو
عشق آهي تہ چنجور

- ماڻهوءَ جو نالو آهي ٻوليندڙ تي، ٻوليندڙ پورو ٿيو تہ نالو ويو!
- چيائين تہ فلاڻو فقير ٻي ڪاٺبو تي رهيو، ڪنهن ۾ ڪاڻ نہ هئس، ڪنهن ۾ طمع ڪانہ رکيائين!

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد انون)
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 2008ع]

❑

## (106) عوامي فيلسوف

**1- فضل محمد لغاري:**

فضل محمد لغاري، ويٺل ڳوٺ مير محمد لغاري تعلقو سنجهورو، 1925ع ۾ جوان مڙس هو. اسين پٽي پڙهندا هئاسون جو هو صبوح جو سوير هر ڪاهيءَ ٻاراٽو ڪتاب ڪڇي اسڪول ۾ اچي استاد کان سبق وٺندو هو. ڪيس يقين تي چڪو هو ته: ’سنڌي جهڙي ٻي ڪا ٻولي ڪانهي‘. فضل محمد خان سان وري 1945ع ڌاري منهنجو ملڻ ٿيو.

- مون کان پڇيائين ته: سنڌي ٻوليءَ جهڙي ٻي ڪا ٻولي تو ڏٺي؟ مون چيو ته: بلڪل سنڌي جهڙي ٻولي ٻي ڪا مون ڪانه ڏٺي: پر انگريزي، فارسي ۽ عربي ٻولين جا نالا تو ٻه ٻڌا هوندا. چيائين ته هائو، پر انگريزي الف- ب ۾ اکر گهٽا؟ مون چيو ڇويهه. چيائين ته مون ٻڌو آهي ته فارسي ۽ عربي الف- بي ۾ به ٽيهه يا ٻٽيهه اکر آهن، پر سنڌي الف- بي ۾ سڄار سارا ٻاونجاهه اکر! سنڌي وڏي ٻولي آهي! ڀلا، ڪو فارسي ۽ عربي ۾ ڪاميٽي امتحان پاس ڪندو ته نوڪري ملندي؟ مون چيو ته: نه، اهڙو قاعدو ئي ڪونهي. چيائين ته نوڪري رڳو سنڌي پڙهڻ سان ملندي (ان وقت جيڪو به سنڌي ڪاميٽي امتحان پاس ڪندو هو، سو پرائمري استاد ٿي ويندو هو يا ٽپيداري ۾ کڄي ويندو هو).
- وري ساڍس 1950ع کان پوءِ ملڻ ٿيو. ٻڌائين ته آءٌ آمريڪا مان پڙهي آيو آهيان، سو مون کان وڏيون وڏيون ڳالهيون جيڪي سندس دماغ ۾ هيون پڇڻ لاءِ اچڻ لڳو. مون ٻڌو هو ته تاري مل واڻيي کي زڪواة ڏيڻ ويو هو. چيائين ته: هائو ويو هوس، پوءِ هي ڳالهه ٿي:

فضل محمد: سيٺ مون زڪواة ڪڍي آهي. ڪٿي آيو آهيان، سا تون وٺ.
تارومل: ميان اوهين مسلمان آهيو، اها وڃي ڪنهن مسلمان کي ڏي.
فضل محمد: مون ٻڌو آهي ته ’ڏهه دنيا ستر آخرت‘ آهي. هت ڏهه روپيا ڏبا ته آخرت ۾ ستر ٿي ملندا. تون شاهوڪار آهين. منهنجو توتي اعتبار آهي، ته برابر ڏهوٽا ڪري ڏيندين، تڏهن تو وٽ ڪٿي آيو آهيان.
تارومل: آئون ڪونه وٺندس. اوهان ٻروچن جا هيترا سارا ڳوٺ آهن، اتي وڃي ڪنهن اعتبار واري کي ڏي.
فضل محمد: سيٺ، مون سڀ آزمايا آهن. مون کان اڌارا پئسا وٺي ويا، سي به ڪين ڏنا اٿن. انهن کي ڏيندس ته اهي ساڳيا پئسا به مون کي ڪين ڏيندا. تڏهن تو وٽ آيو آهيان ته سيٺ شاهوڪار آهين ۽ جي ڏهن بدران ستر نه ڏيندين، ته به گهٽ ۾ گهٽ ساڳيا ته موٽائي ڏيندين!

- فضل محمد خان چيو ته: مهرباني ڪري مون کي بندوق جو پروانو وٺي ڏي، جو مون کي سڄي عمر پرواني وٺڻ جو شوق آهي: مرڻ کان اڳ جئن منهنجو اهو شوق پورو ٿئي. ان وقت قاضي سچيڏنو صاحب سانگهڙ ضلعي جو ڪليڪٽر (ڪليڪٽر) هو ۽ مون تي مهربان هو. سو فضل محمد کي پروانو مليو ۽ بندوق ورتائين. مون کيس تاڪيد ڪيو ته سنڀالي رکجانءِ. جڏهن ٻي رهاڻ لاءِ آيو ته چيائين ته: ”گهر جي اڱڻ ۾ گُندلو آهي، بندوق ڪپڙي ۾ ويڙهي، گندلي جي اندر رکي، مٿان ڇاپڙ ڏيئي لنبي ڇڏيو اٿم. ڪنهن کي خبر ئي ڪانهي ته بندوق ڪٿي آهي!
- مون کان پڇيائين ته: مون ٻڌو آهي ته تون ’شاهه لاهوت‘ (يعني نئينگ) ويو هئين، اتي چشمو ڏٺئي؟ مون چيو ڏٺم. چيائين ته آءٌ به ويو هوس. اتي فقيرن چيو ته چشمي جي مٿان بيهي حضرت علي سائين جو زور سان نالو وٺبو ته پاڻي مٿي اُڇلي ايندو! من کيس چيو ته: مون به ائين ڪيو ۽ برابر پاڻي اُڇلي ڪاڏو. فضل محمد خان چيو ته: مون به ائين ڪيو ته پاڻي اُڇلي ڪاڏو. پر پوءِ مون فلاڻي واڻيي جو نالو وٺي وڏا سڏ ڪيا ته به پاڻي وڏو اُڇلي ڏنو. پوءِ پڇيائين ته چشمي جي پرسان جيڪو جبل آهي ان تي هٿ جو نشان آهي سو تو ڏٺو؟ مون چيو هائو. چيائين ته فقيرن مون کي چيو ته: جبل تي ڪِريو پر حضرت علي سائين اچي آڏو هٿ ڏنس ته اتي بيهي ويو! اهو علي سائين جي هٿ جو نشان آهي. مون چيو ته: فقيرن کي ڪير سمجهائي، پيا ڳالهيون ڪن! ٿورو ماٺ ڪري، مون کي چيائين ته: علي سائين برابر طاقت وارو هو، پر هي جبل وڏو آهي، هٿ سان ڏکيو جهليو هونديائين!
- مون ٻڌو ته فضل محمد بندوق ڪڍي سندس گهر وارن ٻارن کي دڙڪو ڏنو ته اوهان کي ماريندس. هنن قلندر شهباز، پٺائي صاحب ۽ ٻين ولين درويشن جا پَلاند وڏا (قسم وڏا) پر نه مڙيو. تڏهن ٻن سمجهدار ٻارن صلاح ڪئي ته: بابو ٻن واڻين مَمڻ ۽ مُولجي جا نالا وٺي ڪلندو آهي، سو پلاند وجهي چيائون ته: بابا توکي ممڻ ۽ مولجي جو قسم آهي، اسان کي مار نه! اهو ٻڌندي ئي ڪلي ڏنائين ۽ بندوق ڪڍي رکيائين. پوءِ مون وٽ جڏهن آيو ته مون ڪانئس پڇيو ته: چيائين ته اها ڳالهه برابر آهي: هنن قلندر شهباز جا ۽ ٻين جا قسم وڌا، پر مون ته انهن کي ڪونه ڏٺو. ممڻ ۽ مولجي کي مون ڏٺو. گدرا پوکيائون ۽ وليون اچي وهندڙ واٽ تي چڙهيون. ڪو واٽ ويندڙ گدرو پٽي ته ممڻ ۽ مولجي گاريون ڪڍن ۽ ائين روزانو پيا مار ڪائن!
- هڪ پيري پڇيائين ته: مون ٻڌو آهي ته جي ڪنهن ماڻهوءَ کي چتو ڪُتو ٿو ڪائي ته هو به چتو ٿو ٿي پوي. مون چيو ته ائين چون ٿا، پر ماڻهو مري به

ويندو آهي. ٻڍي ماڻ ۾ پئجي ويو. ان وقت اسان جي ڳوٺ جو هڪ پوليس پٽيل هو، جيڪو ڏاڍو سرڪش هو. ان جو نالو وٺي فضل محمد خان چيو ته: ڀلا جي رئيس کي ڇيتو ڪائي ۽ هو ڇتي ٿي پوي، ته پوءِ؟

- آخري رهاڻ ۾ جيڪا ڳالهه فضل محمد خان مون ڪان پڇي سا هي ته: ”جي ابوجهل هت پنهنجي ڳوٺ ۾ اچي ته هٿ ڏيونس؟“ آءٌ حيران ٿيس ته فضل محمد کي ابوجهل ڪيئن ياد پيو! مون چيو ته: ابوجهل اڳ ٿي گذريو، هاڻي هت ڪيئن ايندو؟ چيائين ته: ڀلا جي اچي ته ڪينڪاريونس، هٿ ڏيونس؟ مون چيو ته نبي ڪريم ﷺ سان ڇڱائي ڪانه ڪيائين. چيائين ته برابر ڇڱائي ڪانه ڪيائين، پر وري به منهنجو ڏيان ڇڪائي، اوطاق جي ٻاهرئين در ڏانهن اشارو ڪري، چيائين ته: ڏس پاڻ هت وينا آهيون ۽ ابوجهل سامهون انهيءَ در تي اچي بيٺو آهي ۽ پيو پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي ۽ سڏي! ڀلا پوءِ؟ مون فضل محمد خان جو سُر صحيح ڪري چيو ته: جي سامهون اتي در تي اچي بيٺو آهي ته پاڻ ڇئونس ته: تو نبي سائين سان ڇڱائي ڪانه ڪئي، پر نبي سائين دشمن سان به ڇڱائي ڪرڻ لاءِ چيو. تون اسان جي ڳوٺ ۾ لنگهي آيو آهين سو جي اُجيو بکيو هجين، ته توکي پاڻي ماني ڏيون! اها صلاح فضل محمد قبول ڪئي.

## 2- دُراني فقير:

دُراني نالو، رند بلوچ، ڪڇهريءَ جو مور هو. 1960ع ڌاري يا ٿورو اڳ مون وٽ رهاڻ لاءِ آيو. ان وقت پير واري ڳوٺ ۾ ڪنهن جون رڊون چاريندو هو. موڳي ڪانچ، ڊگهي قميص ۽ به پُڙ اجرڪ جو پٽڪو ٻڌل هوس. ڏاڙهي کي رنگ ۽ مڇون ڏاڙهيءَ جي وارن سان گڏ ٻنهي پاسي ٻاهر نڪتل، ڏيان وارو مڙس، پر نهنو ۽ نماڻو. 1942ع جي مارشل لا واري وقت ۾ به رڍون پئي چاريائين. ان وقت تنبي آدم جو يوسفاڻي انگريزن جو هڪ خاص غلام ڪامورو هو، جيڪو جهنگ ۾ وينل غريبن جي گهرن کي ٻاهيون ڏياريندو پئي آيو. دراني کي جهنگ ۾ ڏسي وڏي تابش سان پڇيائين ته: ڪير آهين ۽ ڪنهن جو مريد آهين؟ ”سائين رند آهيان ۽ پير صاحب پاڳاري جو مريد آهيان.“ نالو ڇا اٿئي؟ ”منهنجو نالو دُراني آهي.“ اتي يوسفاڻي چيو ته: ’ملڪ ٻري ويو آهي ۽ تون اجان پيو پاڻ مريد چوائين ۽ دُراني سڏائين!“ فقير همت سان جواب ڏنو ته: ’صاحب! بيشڪ مريد آهيان ۽ نالو دراني اٿم!‘ تڏهن يوسفاڻيءَ تابش سان چيس ته: ڇهه مهينا ٽيپ اٿئي! دُراني چيو ته: ’قبول آهي، ڪاٽي ايندس!‘ فقير پوءِ گهڻو وقت جيل ۾ رهيو ۽ جڏهن ٻاهر آيو ته وري به اچي رڍون چاريائين. مون پڇيو ته: فقير تنهنجو رڍن سان ايترو شوق! چيائين ته: ”سائين، خُدا واريون آهن: ڪنڌ هيٺ ڪيو پيون هلن.“

جڏهن ٻہ دُراني فقير کي خبر پوندي هئي تہ آءٌ پنهنجي ڳوٺ آيو آهيان، تہ ضرور ڪچهري تي ايندو هو. 14-15 ڊسمبر 1975ع تي ٻہ راتيون ٽڪيو ۽ شايد اها سندس آخري ملاقات هئي. آگسٽ 1979ع ۾ يا ٿورو اڳ گذاري ويو.

دُراني فقير ٻهراڙيءَ جو اڻپڙهيل ريڊار هو، پر هن گهڻن مسئلن تي پئي سوچيو. الله پاڪ، ڀٽائي صاحب ۽ رسالو سندس اعليٰ سوچ جا خاص موضوع هئا. الله تعاليٰ بابت چيائين تہ:

- الله اڳ بہ هو، پر سندس نالو ٻاپُو، ڪرشن ۽ گوپال هئا. شابس هجي نبي کي جنهن الله کي پڌرو ڪيو.
- ٿي ڪم الله ڀلا ڪيا: ڪاتي ڪان حضرت اسماعيل کي بچايائين، ٻڪرار ڪان سسئي کي بچايائين ۽ عمر کي مارئي کي بچايائين.
- الله جو اگهہ جيڪو ڀٽائي ڪڍيو سو سر ڪلياڻ ۾، پر ابراهيم جي گهر مان ۽ اسماعيل جي صبر مان! چيائين تہ:

'ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهہ، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾'

ڀٽائي صاحب ۽ رسالي بابت سندس چوڻ تہ:

- ڪلياڻ ڪانسواءِ راڳ حلال ڪونهي. ڪلياڻ ڀٽائي جي راڳ جي بسم الله آهي. 'پيرو' (هندن جو وڏو) واري راڳ ۾ بہ ڪلياڻ هو. پيرو بہ راڳ جو وڏو گرو هو؛ هڪڙي راڳڻي ۾ سڙيو وڃي تہ ٻيءَ ۾ جيئرو ٿيو پوي!
باقي پيلن جي پڄنن ۾ ڪلياڻ ڪانهي.
- چيائين تہ: لطيف جو راڳ 'ٻيلِي' ۾ ايندو ۽ جماعت جو راڳ 'جيين' ۾ ايندو. بنگلي ڏٺي (سائين اصغر صاحب)، خليفي نبي بخش، سليمان شاهہ ۽ عبدالله ڪاتيار راڳ کي 'جيين' ۾ آندو. (يعني تہ لطيف جي راڳ ۾ فقير 'وو ٻيلِي!' کي ڍار ۾ آڻيندا ۽ پاڳاري جي جماعت وارا 'جماعت جي راڳ' ۾ "وو جيين!" کي ورجائيندا).
- شاهہ جي راڳ ۾ هير جو راڳ ڏکيو آهي. هير جي ٻولي سرائڪي آهي سا ڏکي آهي- ڳڻُ ور ۾ وجهڻو آهي. هير جو راڳ انگريزي ڪان بہ ڏکيو آهي.
- سر سامونڊي جو ذڪر آيو تہ "سچا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن." دُراني فقير چيو تہ: سائين، سمنڊ جي نڪو ماڏول نڪا موري، نڪو سروير نڪو انجنير! هُت ماپ تہ آهي ئي ڪانہ: مَپُ نہ ملاحن!
- بيدل جي باري ۾ چيائين تہ: پير سائين علي گوهر شاهہ صاحب (بنگلي ڏٺي)، هڪ پيرو محراب فقير ڏاهري کي موڪليو هو، جيڪو وڃي روهڙي مان بيدل کي وٺي آيو هو.
- دُراني فقير سنجهوري شهر جي ٽڪاڻي ۾ ويو. نانڪ جو ڪتاب هندوري ۾ رکيو هو. جنهن کي هندن ڏنا ست لوڏا، تہ دُراني ڏنا اٺ لوڏا. تڏهن خوش ٿي سندس بغلي ريوڙين سان ڀري ڏنائون. ٽڪاڻي جي پت تي

چوڌاري چاپيل مورتون لڳيون پيون هيون. تن سيني جو ديدار ڪري اچي بيٺو. پوءِ پڇيائين ته: اوهان وٽ گيتا آهي؟ چيائون ته هائو. چيائين ته ڪٿي اچو! ڪٿي آيا. ڏاڍي ادب سان وني هٿن ۾ جهليائين. پوءِ پڇيائين ته: هي ڪنهن تي لٿي؟ گورکنات تي لٿي، يا رام تي لٿي؟ تڏهن چيائون ته: اسان کي خبر ڪانهي. تڏهن چيائين ته: پوءِ چو رکي اٿوَ؟

- ڏيرڻ فقير وساڻ (تعلقو سنجهورو) وڏي ڪانڌ ۽ صبر وارو فقير هو. سندس ڳوٺ اسان جي ڳوٺ جي پرسان هو ۽ راقم جو ساڻس محبت جو ناتو هو. دُراني فقير آگسٽ 1975ع واري ڪچهري ۾ ٻڌايو ته: مون ڏيرڻ فقير کي چيو ته: سائين دعا ڪر ته ڪدڙن جو پاندي ٿيان! ڏيرڻ فقير چيو ته: ابا تو ۾ اها طاقت ڪانهي. چيائين ته: ڏيرڻ فقير سچ چيو بيشڪ:

'ڪدڙن جي ڪاساري ڪي، پاندي تا پڇن'

ته به ڪڏڙي جي شهر ۾ ويس. ان وقت ڪدڙا فقير، پنجاب مان هڪ جوان ڪدڙو جهلي آيا هئا، جنهن جا ڊگها وار پيرن تي پيا پون ۽ اکيون پيون ٻرن! مون وڏي ڪدڙي فقير کي چيو ته: سائين مون کي خدمت جي موڪل ڏيو ته هن سائين جا پير ڌُئاريان. فقير موڪل ڏني ۽ مون خدمت ڪئي. پوءِ اچي ڏيرڻ فقير کي ٻڌايم ته: سائين اج ڪدڙي جا پير ڌئاري آيو آهيان. فقير چيو ته: ابا مڙسي ڪئي اٿئي! دُراني فقير جو قول ته: "ڪُنيي ۽ ڪدڙي جو ٻج ڪونهي: اهي ٻئي الله جون امانتون آهن."

- چيائين ته: محمد فقير ڪتياڻ تي گنبل شاهه تبرو ڪيو ته: بي شمار! تڏهن محمد فقير چيس ته: ادا هائو، پر 'ڪتياڻ' تي، 'محمد' تي نه. تڏهن گنبل شاهه اٿي پيرين پيس.

- دُراني فقير مون کي سمجهائيندي چيو ته: "ستين سَن وارا (اڳيان ماڻهو) لَسيون پي، ڪَپَڙُ چوڙي مري ويا. هينئر چاهيون پيون ڪڙهن، لاريون پيون هلن، بوسڪيون پيون پائجن. هرلن نارن جي هلاڪي ڪانهي، پاڻي اڏن تي بيٺو آهي. اهڙي صدي الله وري جڏهن ناهي! ڪائي پي گلا ڪانه ڪبي!"

- 23- ڊسمبر 1968ع، عيد ڪان به ڏينهن اڳ ملڻ آيو. ان موقعي تي گهٽي رهاڻ ٿي. اسان جي ڳوٺ کان ڏکڻ تي ميل ڪن عبدالرحيم جکري جو ڳوٺ هو. (اهو جکرو) فقير سنڌي پڙهيل هو ۽ شاهه جي رسالي ۽ گرهوڙي صاحب جي سنڌي ڪنيو گهمندو هو. مون سان به مليو هو. فقير البت ڀنگ جو نشو ڪندو هو ۽ پنهنجي پيٽ لاءِ ڀنگ پوکيندو هو. مٿس ڪيس ٿيو ۽ ٽيپ ڪائي ويو. دُراني فقير سندس تعريف ڪئي. چيائين ته: ڊاڪٽر صاحب! عبدالرحيم فقير جکرو وڏو وِيرُ آهي. ڀنگ جي ڪيس ۾ ٽيپ ڪائي آيو آهي. ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو. فقير وٽ شاهه جو رسالو ۽ گرهوڙي صاحب جي سنڌي هئي. جج ڪتاب ڏسي ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر فقير زباني ۾ چيو ته: برابر مون ڀنگ پوکي هئي.

جڄ چيس تہ: پر پنگ تہ ننڍي هئي ۽ ڪنهن ڪم جي ڪانہ هئي!

جڪري فقير جواب ۾ چيو تہ: صاحب هئي وڏي ۽ هئي ڪم جي، باقي ٽيپ ڏين تہ ڏيئي ڇڏ!"

- چيائين تہ: دنيا ۽ زال ٻئي مردن جي پويان هوندا، پر مرد اهي جيڪي مٽيادار!
- چيائين تہ: الله ڏاهو آهي: سڀ مان ڪم ڪڍي ويو!
- چيائين تہ: زال ۽ زمين الله جون ٽِجوڙيون آهن.
- چيائين تہ: ڀٽائي جي رسالي ۾ وڏو جهيڙو آهي (وڏا خيال ۽ ويچار آهن، وڏيون معنائون آهن).
- چيائين تہ: ڀٽائي جهڙا مڙس الله جا سَپُوت هئا.
- چيائين تہ: اصلي تارِڪ اَلست ۾ هئا، باقي جيڪي هت آيا، سي ڪفن يا قبر ضرور گهرندا.

15 مارچ 1970ع تي رهاڻ لاءِ آيو، ان وقت جا سندس هيٺيان گفتا ياد آهن:

- چيائين تہ: دعا سُئا آهي: ڀئي ويامندي ۽ وڏندي.
- چيائين تہ: تنهنجا سڀ ڪم ٿيا!

## 3- عبدالعليم عرف عليم مڱريو:

درس مڱريو وينل سايو، تعلقو عمرڪوٽ، عمر 73 سال، 6 فيبروري 1953ع تي منهنجو ڀڇائي اچي مون ڪي سنڌ يونيورسٽي ۾ مليو، جو ٻڌائين تہ آءٌ سگهڙن سان ڪچهريون ٿو ڪريان. واقفيت ڪرائيندي پنهنجي پيڙهي ٻڌايائين تہ: "عبدالعليم پٽ ٻيو پٽ پرچيڏنو پٽ ٺئونر پٽ اسحاق پٽ وليداد پٽ جيئندو پٽ ابراهيم پٽ عمر پٽ محمد پٽ وِڪيو پٽ هيسب پٽ مالي جو، پٽ ڪِيئون پٽ گوگهر پٽ ساهڙ پٽ ڏيرو پٽ مڱرا، جنهن ڪي محمد بن قاسم مسلمان ڪيو.

هَٿونگي جي شهر، تعلقي ڪپري، ضلعي سانگهڙ ۾ 6- آگسٽ سنہ 1885ع ۾ ڄائو. پوءِ سندس پيءُ لڏي اچي ڊليار تعلقي ڪپري ۾ وينو. مولوي عمرالدين چني (وينل لڳ اسٽيشن سيتا، ضلعو لاڙڪاڻو) ڪيس قرآن شريف پڙهايو. چيائين تہ: "مون قرآن شريف معنيٰ سان پڙهيو ۽ الله تعاليٰ جي وحدانيت ڪي دل جان سان مڃيم. پوءِ خلق ۾ گمراهي ڏٺم. گهڻن وڏيرن پيرن فقيرن ڪي گمراهہ ڏٺم. پوءِ فقير عبدالرحيم گرهوڙي وانگر جهاد شروع ڪيم. تڏهن منهنجي عمر پنجاهہ سال هئي.

- چيائين تہ: "جنهن بہ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ وحدت جو انڪار ڪيو، سو ڪافر ٿيو: باقي ڪافر ڪا ذات ڪانهي، ڪو جسم ڪونهي."

- چيائين تہ: ”آءٌ يارهن علم ڄاڻان، جيڪي عقل ۽ عبرت جي ڪتاب ۾ لکيل آهن: ”آءٌ مشرڪن جو مولوي، بي عقلن جو وڪيل، جاهلن جو سردار، حرامخورن سان همراهہ، انڌن جو علاج، لچن سان لاڳو، چرين جو چڱو مڙس، ڪريلن جو خليفو، ننگن جو ناهہ ڪنڌڙ، ٻوڪن جو ٻرجهلو ۽ ڪوڙن جو قاضي آهيان.“
- مون خبر چار پڇي. پاڪستان قائم ٿئي اجان ڏهہ سال بہ پورا نہ ٿيا هئا، جو ان وقت جي حالات مطابق جواب ڏنائين تہ:

نئين سرڪار، ٻچا مار، ملڪ تباهہ، خلق خوار
پيدا ٿيو نئون، آزار، آفيسر ٿيا آهن غدار
جن وڏي آهي ملڪ ۾ مار، اها اٿئي نئين سرڪار، اها خبر چار!

پوليس بابت چيائين تہ:

سچو چور، پر حالت شڪي
قلم هن تي چار سئو ويهہ
ڏنائين پئسا ڪريون ڪيئن!

--

چور بچائي، پاڳيو ڦاسائي، ڪوڙا ڪيس نڳيون ناهي
صوبيدار صاحب عادل آهي، چئي: فرياد ڪوڙو ناحق آهي.
چور ڇٽو، اچي پاڳيو ڦاهي.

--

سڪندر، دارا، نوشيروان، طائي، انهن سين عدالت هلائي،
هاڻي جيڪا حڪومت آئي، رعيت جي تنهن ڪئي تباهي!

- هڪ ڪچهري ۾ چيائين تہ ماڻهو چئن قسمن جا آهن: هڪڙا ڪاڻو جيڪي چڱا ڪم ڪري، هن دنيا مان نيڪيون ڪٽي ويا؛ ٻيا پاڻو جيڪي پرائي مال تي پيا پلجن؛ ٽيان جاڻو، جيڪي هت عيش عشرت ۾ پورا آهن؛ چوٿان لاٽو، جيڪي مال ملڪيت لڪائي لُٽي ويا جو نہ پاڻ ڪاڏائون ۽ نہ ٻين کي ڪارايائون. مون پڇيو تہ: اوهان ڪهڙن مان آهيو! چيائين تہ: اسين پاڻو آهيون، پر انهن لاءِ جيڪي لاٽو آهن؛ موڏين جي ملڪيت ڪائڻ جائز آهي.
- بي دين پيرن سان عليم جي ٻَئي ڪانہ! گلا جا ليڪا لتاڙي، گهڻي بي زباني ڪيائين. جاهل مريدن کي ’مشرڪ‘ سڏيائين، پينو پيرن کي ننديائين تہ:

پير ٺئي، در در بيهي
ٻني پيئي، سورن کي جيئي
انڌن جو تو اڳواڻ ٿئي
مُلڪ ڦري تہ بہ ڍئو نہ ٿيئي.

28- جون 1957ع تي حيدرآباد ۾ آيو. مون چيو ته: فقير زبان کي ڪجھه لغام ڏي! چيائين ته: نٿو سمجھين ته:

’سچي دين الله جي ۾ عيب ڪيائون!‘

جاهلن کي مخاطب ٿيندي ابتاسبتا بيت چيائين، سندس قول ته:

رڳو نالو مسلماني، نسورو جهل ناداني.

- چيائين ته: ’مون نئون جهاد ڪيا‘. (جئن فقير عبدالرحيم مگريي جهاد ڪيو ۽ سامي جي مڙهي ڊاٺي)، تيئن عليم به نئون حملا ڪيا، جن کي پنهنجي يقين موجب ’جهاد‘ پئي سمجھيائين. چيائين ته: ستن ۾ مون تي ڪيس ٿيا ۽ وڏا معاملا متا.

- پهريون اهو جو ڪپري طرف ويساهه وارن مريدن، پنهنجي مرحوم پير جي ڪٽ محفوظ ڪري رکي ۽ ان کي مانُ تي ڏنائون، سا ساڙيائين.

- ٻيو ڳوٺ مينڌري جي تڙ، تعلقي چاچري ۾ ماڻهن کي هڪ ڪبڙ ۾ويساهه هو، جنهن کي لوڙهو ڏنائون، ان کي رَڪ ڪيائون ۽ ڪاني پجڻ نه ڏنائون ۽ اچي دعائون گهريائون. ان ڪبڙ کي باهه ڏيئي ساڙيائين. گوڙ شور ٿيو، پر پوءِ راڄوٽي ناهه ٿيو.

- ٽيون عمرڪوٽ لڳ ڪنهن قبي کي باهه ڏنائين جو اتي ماڻهو زيارت تي اچڻ لڳا ۽ جهنڊون لاهڻ ۽ باسون باسڻ لڳا. چيائين ته: ”هڪ رات گاسليٽ جو دٻو ڪٽي ويس پر قبي جي در کي ڪرف آيل هو. در تي گاسليٽ هاري، تيلي ڏنم. هوا هئي گهٽي، سڄو ماچيس ڪپي ويو، پر باهه لڳي ئي نه ۽ شيطان مون کي ڦري آيو. اتي الله کي عرض ڪيم ته: شيطان ڦري پيو. حڪم ڪر ته تنهنجي حڪم سان باهه لڳي. مون وٽ باقي هڪ تيلي آهي. پوءِ ان تيلي تي باهه لڳي ۽ در سڙي ويو. ان رات ۽ پوءِ لاڳيتيون ٻه راتيون رات جو آءٌ جڏهن ننڊ ۾ هجان ته جڻ ڪا شيءِ اچي جو ڪٽ کي اٿلائي ۽ آءٌ هينيان ته ڪٽ متان! شايد جنن شيطانن مون کي ڊيڄاريو. فرياد ٿيو، منهنجو نالو ڏنائون ۽ پوليس مون کي پڪڙي آئي ۽ اچي عمرڪوٽ جي جيل ۾ هنيائون. ٻارهن ڏينهن جيل ۾ هئس، پوءِ ڪيس هليو؛ پر آخر رضانامو ٿيو.

- چوٿون ڳوٺ غلام نبي شاهه تعلقي ساماري ۾ هڪ قِتل قبر کي ’ڪتي وَلي‘ جي مزار بنائي، مٿان اچي باسون باسڻ ۽ ’ڪتي ولي‘ جي نالي تي جانور ڪُهڻ لڳا. ”آءٌ اها ڳالهه سهي نه سگهيس. هڪ رات ڪُتي جي پِري ڪٽي آيس ۽ نوڪي ڏنم باهه. پکو سڙي پٽ تي ويو. وينل مجاور جو ڪکائون گهر به سڙي ويو. پاون شاهه نالي سيد، ساماري جي مختيارڪار

وٽ مون تي فرياد ڪيو ۽ مون کي جهلي اچي جيل ۾ هنيائون. جڏهن ڪيس هليو ته هينيان سوا جواب ڏنيا.“

مختيارڪار: باهه تو ڏني آهي ۽ مجاور جو گهر ساڙيو آهي؟

عليم: مون تي ڪيس ڪنهن ڪيو آهي، مجاور يا ٻئي ڪنهن؟

مختيارڪار: پاون شاهه توتي ڪيس ڪيو آهي.

عليم: جڏهن گهر تي سڙيو، تڏهن پاون شاهه ڪٿي هو؟

مختيارڪار: پنهنجي ڳوٺ هو.

عليم: صاحب! ’ڳتي وَلي‘ ۽ ڳوٺ جي وچ ۾ ڪيترو مفاصلو آهي؟

مختيارڪار: ڏيڍ يا ٻه ميل.

عليم: جڏهن پڪي کي باهه لڳي هئي، تڏهن سيد ڪٿي هو؟

مختيارڪار: سيد پنهنجي گهر هو.

عليم: ها! جڏهن باهه لڳي تڏهن سيد پنهنجي گهر هو، ته پوءِ ڪيئن ڏنائين ته مون باهه ڏني؟ پاون شاهه ڪوڙو ڪيس ڪيو آهي. پر جي ’ڳتي وَلي‘ پاڻ اتي اچي قسم کڻي چوي ته مون باهه ڏني، ته آءٌ جوابدار آهيان.

اتي مختيارڪار جا سوال کٽي ويا ۽ ڪيس ڪوڙو ڪري ڪيي ڇڏيائين.

- پنجون ته ’ديهه پوپي‘ تعلقي ڪپري ۾ پير آيو ۽ ڪنهن جاءِ تي گهوڙو جهلي لٿو. جڏهن پاڻ هليو ويو ته مريدن ان جاءِ تي پڙُ وڌو ۽ ٻاهران لوڙهو ڏنائون. پوءِ اتي مجتائون ۽ زيارتون شروع ٿيون. مون سمجهايو، پر نه مُڙيا. تڏهن مون ڏينهن ڏني جو لوڙهي کي باهه ڏني ۽ سجو سامان سڙي ويو. مون تي ڪپري جي مختيارڪار وٽ ڪيس ڪيائون ۽ پوليس مون کي جهلي وڃي جيل ۾ هنيو ۽ پوءِ ڪيس هليو.

مختيارڪار: تو باهه ڏني؟

عليم: هو ڇا جنهن کي مون باهه ڏني؟

مختيارڪار: مرشد لٿو هو.

عليم: جي لٿو هو ته اتي هٿ منهن ڌوتائين يا پيشاب ڪيائين يا ٻي کهڙي شيءِ ڇڏيائين، جنهن کي مون باهه ڏني؟

مختيارڪار: انهيءَ جي مون کي کهڙي خبر؟

عليم: صاحب، جي توکي خبر ڪانهي ته جاءِ ڪان هلي پڇ ته باهه ڪنهن ڏني.

مختيارڪار: جاءِ ڪيئن ڳالهائيندي؟

عليم: جي توسان جاءِ نٿي ڳالهائي ته پوءِ ڪيس ڪوڙو آهي. تون انصاف ڪر. تڏهن مختيارڪار مون کي ڇڏي ڏنو.

- ڇهون. ڇيائين ته: ڳوٺ مِينهلاڻي تعلقي عمرڪوٽ ۾ ’جيئتان جو ٿان‘ هو ۽ جاءِ جي اندر ’جيئتان‘ جو بت رکيل هو. اتي هندو ايندا هئا، پر مسلمان به ايندا هئا ۽ اچي دعائون گهرندا هئا. مون هڪ رات جاءِ ڊاهي، بُت پيجي، باهه

ڏني ۽ سيڪجهه سڙي ويو. ٻئي ڏينهن مسلمانن هندن گڏجي عمرڪوٽ ۾ هيڊمنشي جيڪو هندو هو تنهن وٽ مون تي ڪيس ڪيو ۽ مون کي جهلي اچي جيل ۾ وڌائون پوءِ ڪيس هليو.

هيڊ منشي: جِيئتان وَلياڻي هئي ۽ تو ٿان چو ساڙيو؟

عليم: زالاٽو بت نهيل هو، اهو کهڙو ڪم ڏيندو؟

هيڊمنشي: ماڻهن جا مطلب پورا ٿي ڪيائين.

عليم: جيڪڏهن مطلب پورا ٿي ڪيائين ته پوءِ پاڻ اچي مون تي شاهدي ڏئي. پوءِ فريادين کي چيائين، جي ڪيس مٿين ڪورٽ ۾ ويو ته گهڻيون ڳالهيون ٿينديون، وجي رضانامو ڪريو.

- ستون چيائين ته: نُورو فقير چانيهو ڪپري کان نَوَ ميل اُتر طرف دفنايل هو. اتي چوڪنڊي هئي ۽ هڪ ٿلهو. اتي ماڻهو اچي مڙيا ۽ چون ته نورو سيني جا مطلب ٿو پورا ڪري. جهڙوڪ هندو، نڪر، ڪولهي، ڀيل، مسلمان سڀ ماڻهو اُتي ايندا هئا. آءٌ اها ڳالهه سَهي نه سگهيس. سو هڪ رات کهاڙو کڻي وجي قبر کي ڊانم ۽ ٻاهرين اوطاقن کي باهه ڏنم. کهاڙو قبر تي رکي آءٌ رات ئي رات ڀڄي ويس ۽ وجي ميرپور نڪتس. اشرف صوبيدار سان صلاح ڪري ٻه هزار روپيه ڊپٽي ڪماني کي رشوت ڏيئي، مون تي ڪيس چالان ڪرايائون ۽ مون کي جهلي آڻي جيل ۾ هنيائون.

پهريائين مختيارڪار وٽ ڪيس هليو، پر مختيارڪار مون کان ڪجهه به ڪونه پڇيو ۽ ڪيس ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ وٽ موڪليائين. اتي ڪيس هليو ۽ جج صاحب چيو ته: تون شاهدن سان سوال جواب ڪر. ڪيس ڪجهه وقت هليو، پر پوءِ ڪيس مٿي ميرپور ۾ سيشن ڪورٽ ۾ موڪليائون. مون کي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رکيائون، پوءِ ڪيس هليو.

جج: تو قبر ڊاني؟

عليم: مون قبر نه ڊاني.

جج: ڪلمو پڙ ۽ قسم کڻي ڳالهه ڪر.

عليم: مون ڪلمو پڙي چيو ته قبر اِنهي کُهاڙي ڊاني (کُهاڙو اُن وقت ڪورٽ ۾ هو).

جج: کهاڙي ۾ هٿ ڪنهن جو؟

عليم: هٿ لوهار جو، جنهن جو گهڙيل هو. جيڪڏهن لوهار نه گهڙي ها ته قبر ڊهي ئي ڪانه ها!

جج: اوطاقون ڪنهن ساڙيون؟

عليم: صاحب مون کي خبر نه آهي، آئون اوطاقون ساڙيندڙ نه آهيان.

جج: قسم کڻي ڳالهه ڪر.

عليم: (قسم کڻي چيائين ته) صاحب! اوطاقون باهه ساڙيون.

جج: باهه ڪنهن ڏني؟
عليم: صاحب! ماچيس ڏني. جيڪڏهن ماچيس نه نهي ها، ته باهه لڳي ئي نه ها!
جج: تون ڏوهي آهين، توکي بچاءَ جا شاهد ڏيڻا آهن ته ڏي.
عليم: هائو، منهنجا بچاءَ جا چار شاهد آهن:
(جج سرشتيدار کي چيو ته: شاهدن جا نالا پتا لِک. ائين چئي ڪنهن ٻئي ڪم کي لڳو.)
عليم: (سرشتيدار کي چيو ته) لک نالا: شاهه عبداللطيف ڀٽائي، قلندر شهباز سيوهڻ جو سائين، بغداد وارو پير ۽ غوث صاحب ملتان وارو.
(جج سرشتيدار کي چيو ته: شاهدن جا جيڪي نالا ڏنا اٿس، تن ڏانهن سَمن ڪڍو).
سرشتيدار (جج کي): صاحب، مماتي وارن جا نالا ڏنا اٿس. سمن ڪيئن ڪڍان!
جج: چارئي!
سرشتيدار! ها سائين! چارئي.
جج: (عليم کي) تون ڪو انسان آهين؟
فقير: چو صاحب؟
جج: مماتيءَ وارا بچاءَ جي شاهدي ڪيئن ڏيندا؟
عليم: صاحب! پُٽن ڏيڻ ۽ مُرادن پوري ڪرڻ وقت اچن ٿا، باقي حق سچ لاءِ منهنجي بچاءَ جي شاهدي لاءِ چو نه ايندا. ڪڍو سمن، بيشڪ ايندا.
جج: جي نه آيا ته توتي ڏوهه ثابت ٿيو ۽ توکي سزا ايندي.
عليم: صاحب، جي نه آيا ته ڪيس ڪُوڙو آهي. چارئي سچي دين اسلام وارا سچا آهن ۽ جي ڪيس ڪوڙو هوندو ته ايندائي ڪين!
پوءِ جج اهو ڪيس ڏياري موڪليو ڪليٽر (ڪليڪٽر) ڏانهن جيڪو انگريز هو ۽ ان جو نالو 'ٻٻو' هو. تنهن مون کي پاڻ وٽ اڪيلو گهرايو ۽ چيائين ته: سچي ڳالهه ڪر. مون چيو ته صاحب! تون ڪرستان آهين ۽ حضرت عيسيٰ کي مڃين ٿو؟ چيائين ته هائو. پوءِ مون چيو ته: "جيڪڏهن تنهنجي مذهب کي ڪو خراب ڪري ۽ حضرت عيسيٰ جيئن سيڪاريو ان کي ڪاري، ته توکي ڪاوڙ ايندي يا نه ايندي؟ هي اسان جي نبي جي دين جي خلاف ڪم ٿا ڪن، انهيءَ ڪري، پوءِ مون کي ڪاوڙ آئي ۽ مون قبر ڊاٿي." ڪلٽر ٻڌي، ڪجهه وقت ماٺ ڪري پوءِ مون کي چيو ته: 'توکي ڇهن مهينن جي مهلت آهي ۽ وڃي چال سڌار. انهيءَ وچ ۾ ڪجهه ٿيو ته توکي سزا ملندي.' پوءِ مون کي ڇڏي ڏنائون ۽ وڌيڪ مون به ڪجهه ڪونه ڪيو.

- عليم کي خاص طرح خليفن تي وڏي ڪاوڙ هئي. چوندو هو ته: ڀٽائي ڪونه چيو آهي ته:

خليفن جو خداسين ڪُجاڙو لڳي
سيڪو پنهنجيءَ سيٽ ۾ وَنئري جيئن وڳي
پيٽي آهه پڳي، لڇن ڪان لطيف چئي.

بيت عليم جو پر نالو لطيف جو. ائين ٻين به گهڻن پنهنجا بيت لطيف جي نالي سان چيا.

سندس پنهنجو بيت ته:

انڌا گڏيا انڌن سان، ويئي واٽ هَٿا
ڌُز پهريائين دوزخ ۾، مُوڙهل انُ متا
نڪرندا سي نياڳا، ڪُوڙا وري ڪِتا
هاديءَ جي هٿا، انهن پٽين ڪونه پرائيو.

- 15 جنوري 1958ع منجهند جو منهنجي فرزند محمد شريف ۽ علي محمد ڪاليج کان موٽڻ بعد پئي ماني کاڌي ۽ چيائون ته: مهينا لنگهي ويا، پر عليم ڪونه آيو. انهن جو ائين چوڻ ۽ دروازو کڙڪيو. علي محمد چيو ته: اهو عليم فقير! ٻاهر وڃان ته برابر بيٺو هو. مون کيس ڪينڪاريو ۽ چيو ته فقير گهمروئي ڪونه ڪيئي؟ چيائين ته: ”تون هائو ڪنڌڙ (ائين) آهين تڏهن ٿو تو وٽ گهمرو ڪريان، نه ته تو جهڙا گڏهه ٻيا به گهڻيئي پيا گهمن!“
- هڪ ڀيري حيدرآباد ۾ آيو ۽ ٻه ٽي ڏينهن رهي پيو، جو کيس سخت تپ هو. سيارو هو ۽ آءٌ صبوح جو تڪڙو آفيس ڏي ٿي ويس، جو مون کي سڏ ڪيائين ته: منهنجي ڳالهه ٻڌي وڃ. مون پڇيو ته: خير آهي؟ چيائين ته مون کي بيمار ڏسي رات شيطان مون وٽ آيو هو. مون پڇيو ته: پوءِ ڪهڙي ڪچهري ٿي؟ (جواب ڏنائين ته) مون کي چيائين ته: عليم! اٿي نماز پڙهه مون چيو ته: منهنجي نماز ۾ تنهنجو ڇا وڃي؟ چيائين ته: توکي چوان ٿو جو سياڻي الله جي آڏو چوندي ته مون کي شيطان ڪاريو هو! مون چيو ته: پوءِ تو ڪهڙو جواب ڏنو؟ چيائين ته: مون چيومانس ته: آءٌ اهڙو پاڙيو ڪونه آهيان جو توتي هٽندس! تون وٺ واٽ، ٿي راهي!
- اهو آخري ڀيرو هو جو پنهنجي تبليغ لاءِ آيو. پوءِ نابينا ٿي پيو ۽ آگسٽ 1967ع ۾ گذاري ويو.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ (جلد ٻيو) نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 2001ع]

❑

# (107) غلام محمد ۽ فولاد فقير

غلام محمد ٽالپور (وينئل ٽالپور ننڍا، تعلقو فيض گنج) پيٽائي صاحب جو طالب هو. هاڻي ٻہ اَنڙيو جمعو لڳيس، سندس مڪان پيٽائي جو لوڙهو سڏبو آهي. 1942ع ۽ 1947ع وچ ۾ وفات ڪيائين. ڏڙو وڏو ناهيائين ۽ تربت پنهنجي جيئري ناهيائين. روزانو يڪتارو ڪڍي وڄي متي هڪ ڪلام چوندو هو.

رجب فقير موجي جي ميخاني تي فولاد فقير اچي لٿو، جيڪو صوفين وارو وڏو تاج پائيندو هو ۽ وڏي حشمت ۽ هاڪ وارو هو. غلام محمد فقير ٽالپور وٽس ديدار لاءِ آيو. هن جو نظارو ڪنهن هندواڻي مائي تي هو سو غلام محمد فقير کي فولاد فقير 'ٻانيڻ' سڏيندو هو. اتي آيو تہ فولاد فقير اچي ڪنيس تہ: 'ڪوڙا آهيو، بيک ڪري پيا ماڻهن کي برغلايو.'

فقير غلام محمد چيو تہ: 'سائين ڪهڙا ٻہ آهيون، پر اوهان جي جهوليءَ ۾ پيا آهيون.'

فولاد فقير تہ ٻہ تنبيهہ ڪانہ ڇڏي، يڪتارو ڪڍي فولاد فقير کي مخاطب ٿي، غلام محمد فقير هي ڪلام چيو تہ:

تڪڙ ڪر تاج ڪيون پاتئي
بره دا بار نا چاتُئي

1- نهين ناسوت چون نِڪليا، مَريندئين دم فنا في الله،
ڪبيرا ڏوهہ هيئي ڪملا، نڪا جهاتي اندر پاتئي

2- ڪتابان دل ڪيتئي ڪالي، سڪيون سُفيان دي چالي
نڪا ڪا اک ڪيتُئي آلي، نڪا ڪا لنؤن اڳڻ لاتئي

3- دوُنهان سٽ، دعوتان ڪوندئين، وتيا پَٽڪيا پَليا پوندئين
وحدت دي واٽ نا ويندئين، طمع دي طلب ڪون تاتيئي

4- غلام محمد صفا ٻولي، نڪا ڪا ڇٽنگ پيُئي چولي
هووَڻ پاوڻ گهتيُئي پولي، قالوا دا قول نا چاتُئي.

اهو ٻڌنديئي، فولاد فقير موڙي تان وڃي هيٺ ڦهڪو ڪيو ۽ ڪجهہ وقت اتي پيو هو، پوءِ اُٿي غلام محمد فقير کان معافي ورتائين.

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد اٺون)
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، 2008ع]

❑

## 108 فقير عبدالرحمٰن مهيسر وڏو سالڪ سگهڙ

عبدالرحمٰن مهيسر سهڻي سيرت ۽ صورت وارو سگهڙ آهي ۽ ان سان گڏ هو وڏو سرتيو ۽ سُرائتو سگهڙ آهي. هو صحيح معنيٰ ۾ شاعر سگهڙ آهي ۽ هن عوامي رنگ واري سهڻي شاعري ڪئي آهي. جن جن واقعن تي عبدالرحمٰن مهيسر بيت چيا آهن، سي اُن وقت جي ماحول جو چٽو آئينو آهن. انهن ۾ محض ڳالهه يا بيان نه آهي، پر حقيقت پڻ سمايل آهي. اعليٰ عوامي شاعري جي اها خصوصيت آهي، جو جيڪو بيان ڪجي سو سچو هجي. اڳيان پارکو چئي ويا آهن ته شاعر اهو جو سچ چوي.

سو سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر به پنهنجن بيتن ۾ سچيون ڳالهيون ڪيون آهن، سائين غوث علي شاهه کي ڏوراپو ڏنائين ته:

"ڪم ڪرين پيو ڪيترن جا، مون اڀوجهه سان انڪار."

بس هن سٽ سان سگهڙ عبدالرحمٰن جا سڀ تي ويا. ڪمشنر نثار احمد صديقي کي چئي ڏنائين ته:

"مارين ٿيون مهيسر چوي، تنهنجون ليٽ واريون لوهان."

ٻڌڻ سان صديقي صاحب وڏا ٺهڪ ڏنا.

مير شاهنواز خان شاهلياڻي (جمالي) هڪ هردلعزيز انسان هو ۽ سندس وفات تي اسان کي وڏو صدمو پهتو، سگهڙ عبدالرحمٰن پنهنجي بيت ۾ حقيقت بيان ڪئي آهي ته:

"محبت وارو مينهن، وسائي ويو وڏڦڙو."

ڪمشنر خالد محمود سومري کي به چئي ڏنائين ته:

"پئسي نٿو پند چٽي، تا غم وڌن گوندر."

ان تي سومري صاحب ڪلي ڏنو. انهيءَ لحاظ سان اهي بيت موجود دؤر ۾ سنڌ ۾ تاريخي ۽ محبتي ماحول جا چٽا يادگار آهن. سگهڙ عبدالرحمٰن مهيسر سنڌ ۾ وڏو سالڪ سگهڙ آهي، جنهن صحيح معنيٰ ۾ سگهڙپائي سان گڏ سنڌ ۾ سگهڙن جو نالو روشن ڪيو آهي.

["سگهڙ سماچار" (جلد ٻيو)، آڪٽوبر- نومبر 2007ع، جام شورو]

❑

## (109) ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي ملاقات ۽ شاعرانه مناظرو

ڪبير شاهه ۽ شيخ ابراهيم جي پهرين ملاقات ۽ شاعرانه مقابلو لسٻيلي جي سگهڙن جي رس رهاڻ جو منڍ آهن ۽ عام خاص جي زبان جو ورد وظيفو، ٻيلي جي شاعريءَ جي عام شروعات جڏهن هنن ملوڪن جي ملاقات سان ٿي. هنن ٻن جبلن جي ٽڪر ٻيلي ۾ شاعرانه شوق جا شعلا اڀاريا. گويا هي سنڌ ۽ ٻيلي جي ٻه درياهي اچي مليا هئي، جنهن پلٽ ڪري ملڪان ملڪ شعر و شاعريءَ جون موڪون لائي ڇڏيون.

سنڌ جي روايت موجب، سگهڙ حاميد خان رند خبر ڪئي ته، ڪبير شاهه لسٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي هاڪ ٻڌي هتان سنڌ مان سندس مارڪي ۽ مقابلي لاءِ سنيري نڪتو هو، هتان گهوڙي پلاٽي چڙهيو ۽ آخرڪار پڄائي وڃي لس ۾ شيخن جي ڳوٺ جي نزديڪ پهتو. اتفاق سان اتي پهريائين ٻاهران جهنگ ۾ شيخ ابراهيم ڪيس منهن ۾ ملي ويو. ڪبير شاهه سلام ورايو. شيخ ابراهيم سلام جو جواب ڏنو، ڪيس ڪينڪارئين ۽ خبرون پڇيائين. سيد چيو ته سنڌ جو وينل آهيان ۽ شيخ ابراهيم جي مارڪي لاءِ نڪتو آهيان. شيخ خبرون ڏنيون ته: آءٌ شيخ آهيان. شيخ ابراهيم جي اوطاق هو آهي. جتي توڪي هو ملندو. ڪبير شاهه وڃي اوطاق تي لٿو ۽ شيخ ابراهيم ٻه ڪم ڪار سولو ڪري، ڪپڙا پائي اچي اوطاق تي ڪبير شاهه کي گڏيو. سيد گڏجڻ سان شيخ کي سڃاتو ۽ بيت ڏنائين ته:

بعضي بازارين ۾، بعضي اُن جا تر منجهه ٽاٽا ٽاڪ
بعضي پُرن پيادا پٽ تي، بعضي آٽيندا ايراق.
بعضي بڪ ڏڪ بيراڳين کي، بعضي ڪاڃ ڪنديون ڪوراڪ
بعضي بيهن بيراڳي بر ۾، بعضي ويهڻ نه ٽئين وانڪ
بعضي مال مندورا ماڙيون، بعضي آڏين ڪانه اوطاق
بعضي دولت وٽن ڌن جي، بعضي ماسَي لاءِ مُشتاق
بعضي وِشن ويس هندوءَ جي، بعضي ديمن منجهه ديماڪ
بعضي ڌُوڏا وٽن ڏوڙ جا، بعضي پٽ پاڪيزا پاڪ
بعضي مرڪن ٻينا مينهن تي، بعضي مارينڌُن هي ماڪ
جن سين راضي رهو رفاق، تن وٽ ڪه ڪيرت ڪبير شاهه چئي.

اتي شيخ ابراهيم جواب ڏنو ته:

ياوَت مَليو مشڪ مَلين، ياوَت اوتن چِتن چائيون
ياوَت اوتن زُئن ادب سين، ياوَت لُڪ لگُن زائين
ياوَت تريا پڳيا طعام ڪيو، ياوَت تن ڪي تسيا ڏين
ياوَت رام ڪرين رب ڪي رويو، ياوَت جهونگ نہ جهونگارين
ياوَت شاڪر پوٽن شهر ۾، ياوَت هِت هُت هونگارين
بابو براهم چئي، ات بہ ڪليو ڪيڪارين.
جي ماريو من مارين، اُن ڪي پنڌ پورب جو ئي نہ ٿيئي

انهي پهرينءَ شاعرانہ جهڙپ بعد ٻنهي فيصلو ڪيو تہ وڏيڪ مارڪو ڄام مير خان جي ڪچهري ۾ ٿيندو، سو ٻئي ٻيلي ڏانهن روانہ ٿيا. جتي ڄام جي آڏو ويهي بيت ڏنائون. ڄام مير خان پنهنجي درٻاري ڄاموٽن کان پڇيو تہ ٻنهي ۾ ڪير وڏيڪ آهي؟ ڄاموٽ جي اصل ڪان ٻي رياءَ آهن تن مان هڪڙي چيو تہ: شاعريءَ ۾ شيخ بادشاهہ ۽ سيد وزير آهي انهيءَ گفتي تي سيد ناراض ٿيو ۽ شيخ ابراهيم کي مخاطب ٿي بيت ڏنائين تہ:

نانگڻ ڪرم ناز، گيس مَ گاروڙين سين
آهہ جنين جي اکين ۾ صورت مُرليءَ ساز
مڻ بہ ان جي مٿي ۾ [ٻيو] محبت منڊ مجاز
جوڳين هٿ زهر جو ڪو اپر آهہ علاج
ڪن ٿا ڪبير شاهہ چئي نانگ بہ ان جو نياز
تون رک تنين جو راز، متان پورين ئي پنڊيءَ ۾

جنهن تي شيخ جواب ڏنس تہ:

نانگڻ ناز ڪياءِ تي قرئين فقيرن سين
ڪين ڏني تو ڪڌهين ڪا سندي جوڳين جاءِ
گاروڙي تان گس تان ويساهي وننداءِ
هو لڙڪائيندءِ لفظ سين، جڏهين اچي موالي ملنداءِ
سي سامي سپيئي ڪري چلر چلر چلنداءِ
تون پُوندين موالين جي مامري جي گارڙوي گڏباءِ
ان جي اسم جي ابراهيم چئي، توکي ڪل نہ آهي ڪا.
هاٽي ڪرنديءَ ڪندم پاءِ، نہ تہ پوندين ماڙهو سي مشاهدي.

چون ٿا تہ ان جو جواب وري ڪبير شاهہ ڪونہ ڏنو ۽ سو اٿ سؤ ڪري روانو ٿيو.

لس ٻيلي جي سگهڙ ميان ڪريمداد خبر ڪئي تہ: ڪبير شاهہ کان اڳ سندس پاءُ احمد شاهہ هتي اچي مريدي خادمي ڪئي هئي. ڪبير شاهہ پوءِ ان جي سانگي لس ڏانهن اُسريو ۽ شاهہ بلاول جي زيارت ڪندي اُٿل جي تر ۾ آيو. اُتي شيخ ابراهيم جي هاڪ ٻڌي گهوڙي پلاٽي چڙهيو ۽ شيخ ابراهيم جي

سيريءَ واري مڪان (ٻني) تي پهتو جو سندن ڳوٺ ريجا ڪان اُتر طرف آهي. شيخ ابراهيم پئي ڪيٺ ڪي ڊنگريون هنيون، جو ڪبير شاهه گهوڙي تکي ڪري اچي وڏي فخر ۽ جوش مان سلام ورايو. شيخ سلام جو جواب ڏنو ۽ خبرون پڇيون. سيد احوال ڏنو ته شيخ ابراهيم شاعر هٿ بيت ٿو ڏيئي، انهيءَ جي مارڪي لاءِ آيو آهيان. پر سيد مڙيوئي فخر ۽ چڙاءُ سان ڳالهايو. شيخ چيس ته تون هلي هُن اوطاق تي ذرا وسام ڪر ته اسين توکي شيخ ابراهيم ملائيندا‌سون. اتي سيد چيو ته پر ڪڏهين ڏيکاريندين ۽ جنهن تي شيخ چيس ته تڪڙ نه ڪر توکي شيخ سڏي ڏيندس. اتي شاهه دٻاءَ مان چيو ته: مون کي جهٽ ڏيکار دير مَ ڪر. اتي شيخ ابراهيم وراڻيو ته:

هڪڙو تنهنجي ٻانهيءَ جو ٻار شيخ ابراهيم آءٌ به آهيان، تون الائجي ڪهڙو ٿو چوين؟ ڪبير شاهه چيو ته: شيخ ابراهيم حمّر جو پٽ ڪهڙو آهي؟ شيخ جواب ڏنو ته: اهو آءٌ آهيان، انهيءَ تي شاهه چيس ته: ڪپر تون واسينگ نانگ جي اڳيان ڪيترو لڪندين،ا تي بيت ڏنائين ته:

اندر نيٽن نانگ، اُن جو وات پريو آهه وِهه سان
سي ڪاريهل ڪبير شاهه چئي، جن جي اکين منجهه اُٽانگهه
سي ساعت نه ڪن ئي سانگ، اچي هٽندءَ ڏنگ ڏسڻ سان.

تڏهن شيخ ابراهيم چيس ته: تنهنجي نالي ۽ ذات جو مون گهڻو لحاظ رکيو، پر جڏهن تو واسينگ نانگ جو دم هنيو آهي، ته هاڻي آءٌ به آهيان سامي فقير ۽ توکي کهي ڪائي ڇڏيندس؛ منهنجو ته تون قوت آهين، ائين چئي بيت ڏنائين ته:

ڇڏ نانگڻ ناز مٺان، گست مَ گاروڙين سين
جوڳي هن جوءِ ۾ آهن گهوناگهون گهڻا.
سي اسم سين ابراهيم چئي هٽندءِ ڪبيراڻي منجهه ڪٽا،
پيجي مت مٺان، پوريندءِ پنديءَ ۾.
هن مقالي بعد ٻيا باقي بيت ٻيلي ۾ جام جي آڏو هليا.

ٻيڙي شيخ الله ڏني خبر ڪئي ته: موسو ڪنيار، شيخ ابراهيم جو ٻالڪو هو ۽ پوءِ سيد ڪبير شاهه چيس ته شيخ جي شاگردي ڦٽي ڪر ۽ منهنجو شاگرد ٿي ۽ انهيءَ تي موسي چيس ته: سائين! ماءُ ڪي مڙس هڪڙو ڏنو اٿم، سوٻيو ڪين ڏيندس. انهيءَ تي ڪبير شاهه چيو ته پلا ٻڌاءِ بيت. موسي چيو ته: سائين پوءِ ٻڌائيندس. اُتي ڪبير شاهه چيس ته: حيف اٿئي هينئر ٻڌاءِ ڪي پوءِ! اتي موسو اُٿيو سو ويو شيخ وٽ. شيخ ابراهيم پنيءَ تي هٿ هٽي چيس ته، هاڻي وڃي شاهه کي بيت ٻڌاءِ. پوءِ موسي اچي سيد کي ٻيٽا چوٽا بيت ٻڌايا، جنهن تي ڪبير شاهه کيس مڃيو ۽ چيائينس هاڻي هل ته هلون شيخ وٽ.

سمجهجي ٿو ته ٿوري وقت ۾ شاهه ۽ شيخ جو جڻ دوستيءَ وارو لاڳاپو ٿي ويو. جون ٿا ته ڪنهن موقعي تي ڪبير شاهه خود قبول ڪيو ۽ چيائين ته: شيخ جڻڪ ڪهاڙو آهي جو جهنگ وڍيندو ٿو وڃي. باقي اسين آهيون هٿڙ يا، سو ڪٿي ڪٿي بيهي رهون.

شيخ ميان غلام حسين چيو ته: اسان جو والد شيخ ميان سائينداد چوندو هو ته شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهه ٻارهين سن جا هئا. لس ٻيلي ۾ انهيءَ وقت هنن شاعرن، جيڪي شاعري جا گُل اپايا نپايا، انهن جي سرهاڻ اڃا تائين ٻيلي ۾ موجود آهي.

اسان مٿي ٻيلي جي سگهڙن جا خيال، رايا ۽ فيصلا هنن ٻن شاعرن جي ملاقات، مقابلي ۽ ملوڪت جي باري ۾ نقل ڪري آيا آهيون.

اسان جي راءِ ۾ ٻيلي جا هي ٻه شاعر پنهنجي زماني جا جرير ۽ فرزدق هئا ۽ ٻئي هڪ ٻئي جا هاڙي پيچي هئا: ٻئي نر ۽ نامور شاعر هئا: ٻئي سنڌي جا ڄاڻو ۽ ماهر هئا. ٻيئي ٻيلي جي شاعريءَ جون ٻه اکيون، ٻه موتي، ٻه گوهر هئا ۽ ٻيئي ٻيلي جي شاعري جا سرتاج ۽ سرواڻ هئا.

مگر ٻنهيءَ ۾ فرق ٻه ضرور هو. ٻنهيءَ ۾ طبع جو ٻه فرق هو ته زبان جو ٻه فرق هو سندن طبع جي فرق ڪين دوبدو مقابلي جي ميدان ۾ آندو ۽ سندن ٽڪر شاعريءَ جا شعلا پيدا ڪيا. سندن زبان جي فرق ٻنهي جي شعر کي پنهنجو پنهنجو رنگ ۽ اثر ڏنو. شيخ ابراهيم جي زبان جي ڳوڙهائي کيس زياده بليغ بنايو ۽ ڪبير شاهه جي نج سنڌي سلاست کيس زياده فصيح بنايو. سندن علم ۾ ٻه ظاهر فرق هو. شيخ ابراهيم علم وارو هو، ايترو جو ڄام کيس ٻيلي جي قضا جي آڇ ڪئي. ڪبير شاهه مالوند ۽ ڀاڳيو ماڻهو هو. پڙهيل ڪونه هو، مگر ذهن کُليل هيس. شيخ ابراهيم کي پنهنجي خاندان وٽان شاعري توڙي فقيري جو ورثو مليو هو.

سندس پيءُ شيخ حمّر وڏو درويش توڙي شاعر هو. انهيءَ ڪري شيخ ابراهيم کي ٻه سندس صحبت مان شاعرانه ذوق ۽ ان ڪان وڏيڪ فقيري ۽ سلوڪ جو طريقو حاصل ٿيو. ڪبير شاهه کي پنهنجي سيد خاندان مان حسب نسب جو شرف ورثي ۾ مليو. ڪبير شاهه صورت مجاز جو ماريل هو. مٿس فقيريءَ جو رنگ غالب ڪونه هو، مگر مجازي عشق جون ڪيس پوريون مهميزون آيل هيون. شاعريءَ ۾ استادي سنڌ جي بي بها شاعر حضرت جلال رنگريز جي مڃي هئائين، مگر اسان جي خيال ۾ ساڻس صحبتي ڪونه ٿيو هو. جيڪڏهن ساڻس صحبتي ٿيئي ها، ته نه رڳو سندس شاعري اڃا ٻه ڪنهن بلندپائي تي پهچي ها؛ مگر درويش جلال وٽان فقيريءَ جو فيض پڻ ڪيس ملي ها.

اسان جي خيال ۾ زبان جي گهرائي ۽ بلاغت ۾ شيخ ابراهيم بلند ۽ بالا آهي، مگر فصاحت ۾ ڪبير شاهه سرس ۽ سوايو آهي، مجموعي حيثيت سان اسان جو ٻيلي جي سگهڙن سان اتفاق آهي ته تحقيق شيخ ابراهيم جو ٽُرارو البته ڳرو آهي. ڇو ته شيخ ابراهيم هر فن مولىٰ آهي. هو شاهه صاحب جي دوهري واري طرز جو به علمبردار آهي ته عام سنڌي شاعريءَ جي قصيدي واري فن ۾ به ڪامل آهي، ازانسواءِ هو سگهڙن ۾ سگهڙ آهي. معما توڙي هُنر توڙي ڏور ۾ پوري دسترس اٿس. سندن مومل راڻي جو منظوم قصو ڪيس افساني جي مسلسل نظم ۾ به ماهر ثابت ڪري ٿو. لفظن جي ته شيخ ابراهيم اڻکٽ کاڻ آهي، ڇو ته ٻيلي جي ٻولي جو اڻ ميو ذخيرو وٽس موجود آهي. ان جي مقابلي ۾ ڪبير شاهه جي زبان وڏيڪ شُسته آهي، ڇو ته هو خاص سنڌ جي سرزمين جو نيپاج آهي، مگر سندس شاعرانه عنوان خواه اسلوب بيان صرف عام سنڌي شاعريءَ جي قصيدي واري فن تائين محدود آهن، جنهن ۾ بلاشڪ ڪبير شاهه بي مثل ۽ بينظير آهي، انهيءَ فن ۾ هو سنڌ جي عام شاعرن جو رهبر ۽ استاد آهي ۽ لسٻيلي جو ”شاهه“.

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي غيرمطبوعه ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ جي ڇوٿين بابت تان ورتل)

[ماهوار ”نئين زندگي“ (آزادي نمبر) ڪراچي، آگسٽ 1950ع]

❑

## 110 ڳالهيون مَدن مَهتي جون

سنڌ جي سگهڙن سان ڪچهريون ڪندي مدن بابت گهڻيون روايتون ٻڌيون ويون، جن مان ڪي پوريون ۽ ڪي اڌپوريون؛ ڳوٺن ۾ ڳائيندڙ هندو ڀڳت، پنهنجين ڀڳتين ۾ مدن جي ڪانه ڪا ڳالهه ڪندا هئا. ڪن جو چوڻ هو ته مدن، ڀٽائي صاحب کان عمر ۾ وڏو هو ۽ ميين شاهه عنايت جو ساٿياري هو. روايتن موجب، مدن پنهنجن جوابن ۾ ڀٽائي صاحب کي به سمجهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. ڀانئجي ٿو ته مدن نصرپور جو هو. ڀالو، مدن جو ساٿياري هو، آسودو ڀالي جو ڀاءُ هو ۽ ڌرمو مدن جو پٽ هو. انهن جي نالن سان پڻ سگهڙن بيت ٻڌايا.

مدن جي نالي سان دنيا جي فنا ٿيڻ بابت هيٺيون بيت سگهڙن وٽ مشهور آهي ته:

> ڪالهه به ڪالهه هئي، پر اج به ڏينهن ڀيو
> ماڙيءَ هيٺان مَدن چئي، لهي سج ويو
> جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو!

هي بيت جدا جدا نمونن سان پڙهجي ٿو. تاريخ 4 جون 1963ع تي سگهڙ حاجي عمر چانديي سان رهاڻ ٿي، جنهن هيٺيون بيت پڙهيو ته:

> ڪالهه به گڏي ڪالهه سان، اج ٿيو ڏينهن ڀيو
> مڙهيءَ منجهه مدن چئي لَوي ڪانگ ويو
> هيرو هاري هٽن مان، اچي مَني ٽاڻ مَيو
> جڏهن اچي ماڻ پيو، ته راهه رهندي ڪيترو!

يعني: هيرو هٽن مان هار جي ويو ۽ هاٽي مَٽ يعني ڪوڙو ڪچ اچي گڏ ٿيو آهي. آخري سٽ مٿين ٻنهي بيتن ۾ معنيٰ واري آهي ته جيئن به راهه ۾ ماڻ پيو: يعني جيڪا ماڻ سان پَرجڻ (ماپجڻ) شروع ٿي سا آخر ڪيترو بچندي. يعني پوري ٿي ويندي.

ٻئي هڪ سگهڙ هيءَ بيت هن طرح پڙهيو ته:

> ڪلهه گذري ڪلهه سان، اج ٿيو ڏينهن پيو
> مڙهيءَ منجهه مَدن چئي، منهنجو ويهي يار ويو
> ڪاغذ قالو بليٰ جو، مون ڪان واچيندي ويو
> ساجهر ئي رڻ ٿيو، واٽيي ڪي وٽڪار ۾.

چون ٿا ته مَدن، شاهه عنايت وٽ نصرپور ويندڙ هو. شاهه عنايت وفات ڪئي ته مَدن وجي پهتو. شاهه عنايت پوين پساهن ۾ هو. مدن چيو ته: مون ڪي ڪا گهڙي شاهه سان ڳالهائڻ ڏيو، پوءِ ڪٿ جي پرسان ٻيهي بيت چيائين ته:

سڄڻ جي ساڻيهه ڏونهه، ٿي سرها ڇونه هلن؟

تنهن تي شاهه عنايت جواب ڏنو ته:

ڪئين ٻڌا هئم ڪيچي، اڄ آ ڏسايو ڏيرن
اڳڻ منهنجي جهيڪيا اڇي ڪرها ڪيچ ڏٽين
وندر واڻون ويهه، نه جاٽان ڪهڙيءَ هوت هلن
تِنه لاءِ تا ترسن، سڄڻ هن ساڻيهه ۾.

مطلب ته اجا ڪا گهڙي آهيان، تڏهن مدن چيو ته:

نه ڪي آنديئي پاڻ سان، نه ڪي نين ٿو ساڻ
نڪوسوننو ساهه جو، نڪو پنڊ پرياڻ
مدن چوي مهماڻ، هتي سيڪوئي آهي ساعت جو.

شاهه عبداللطيف ۽ مَدن جي ڳالهين واري روايتي رنگ ۾ چون ٿا ته مَدن ڏاهو هو ۽ جڏهن ڏنائين ته ڀٽائي صاحب کي سڀ پيا مڃين ۽ سندس درجو وڌندو ٿو وڃي. تڏهن وڃي سائين کي سمجهايائين ته اهڙا بيت نه چئه.

ميان پرائي مُلڪ جي ايڏي بڪ مَ بڪ
رائر وننڌءِ روڪڙو، حاڪيماڻو حق
تڏهن تون مَرڪ، جڏهن ليکو ڏيئي لال ٿين!

مدن بيمار ٿي پيو ۽ ڀٽائي صاحب پڇڻ ويس، مَدن چيو ته:

سِپيءَ جي ٻيڙي، سُئيءَ جو ونجهه
لوڪ لقاء لنگهي ويو، مدن واٽيو منجهه
تون سائين ڪر سهنج، ته واٽيو وڃي وڻڪار ۾.

ڀٽائي صاحب مدن کي سمجهايو ته:

مدن مهتا مات ڪر، سور مڙيئي سَهه
جيڪا رضا رب جي، تنهن منجهه راضي رهه
هو لاڙيندئي لوءِ ڏي، تون واٽ ونيو پيو وهه
اهو ڪلمون ڳهه، جيڪو بورائو ٿئي بر ۾.

مدن ڀٽائي صاحب ڏي چوائي موڪليو ته:

واٽيو چوي وڻڪار ڏي، ڪٽڪن تا ٻه ڪنوات
ڳني ڪئون ڪهري ٻجهي اڳيون واري واٽ
مهندو پي مَدن چوي ٿيندا پل مٿي پيهات
ڪير ٽپائيندو ٽڳهات، واٽيي کي وڻڪار ڏي.

ڀٽائي صاحب جواب ۾ چوائي موڪليو ته:

مدنمل کي منهنجا، ساري ڏيج سلام
طوبيٰ وڻ اتئي بهشت ۾، تنهن جي لاڙي وڻجاءِ لام
سيد تنهنجي سام، اديون عبداللطيف چئي.

مَدن پنهنجي بيت ۾ چيو ته:

گل چرڻ، گيل ڪرڻ، اهو نه ڪنواڻن ڪم
مهندييِن پنڌ جو مَدن چئي، گونئرا سجهي گم
تڏهن ٿيندو وهم، جڏهن وني هلندا وڳ سين.

ان تي ٻالي، مدن کي چيو ته:

- مهتا مدن ماٺ ڪر، پائي تون نه پُل
پاڻ ڏٽي پيدا ڪيو سو گذر ڪارڻ گل
جنهن جو نانءُ امل، اها وسون آهي وچ ۾

- ڏهه ڏهه ڏندڻ هٽين ڏينهن ۾ سوين ڪرين سَنان
بنا نالي پڳوان، اندر آجو نه ٿئي.

ٻالو، مدن جي ساٿياري هو، تنهن پڇيو وسڻ شاهه کان ته سڪرات ڪيئن ٿيندي؟ وسڻ شاهه چيس ته:

والي وسڻ شاهه چئي، پسڻ ٿيندو پوءِ
ڪاف هوندو هڪ ڪوهه، ڪَهه ٿيندائي ڪانه ڪا

ٻالي چيو ته: سائين پر ڪاف جو هڪ ڪوهه ٻه ڏکيو آهي، باقي جي کُهين جا بار ڪنيائين ته خير ٿيندو!

ٻَڌائين ٻالو چئي، مٿي محب مدار
ڪٽندو سو کُهين جا، تي بورائو بار
پوءِ وِک ٿيندي وڪار، ڪَه ٿيندائي ڪانه ڪا.

تڏهن مَدن، ٻالي کي سمجهايو ته:

ايندي آريچن جي ڪيچاني قطار
پاڻ ٻه ٻڌنداسون، ٻالو چئي، انهن مٿي بار
تن کي وک ٿيندي وڪار، ٻي ڪَهه ٿيندائي ڪانه ڪا.

آسودو، ٻالي جو پاءُ هو، تنهن چيو ته:

ڪَشا تن ڪنوات، واٽيو چئي وڪار ۾
اڳيان آسودو چئي، پل ٻجهي پيهاٽ
آٽي سڏيندو اڳ ۾، ڏيئي چانگي کي چاٽ
گهيڙ لنگهائيندو گهاٽ، واٽيو چئي وڪار ۾.

مَدن جو پٽ ڏرمون هو، جنهن بہ بيت چيا. هيٺيون بيت 'ٻاروچو باغ' (ضلعو مٽياري) تي ڪيل ڪچهريءَ ۾ اتي جي سگهڙ حسين ڪوري ٻڌايو:

ڪيڙيندي ڪُتن مان، لڙي لاهہ لنگهيج
ڏرتيءَ جو ڏرمون چئي، ڪوري ڪپ ڪڍيج
گڏي بج بنيءَ ۾، واهي تي وهيج
تڏهن سک سمهيج، جڏهن رائر ڏٽي راضي ٿئي.

رائر (سرڪاري محصول) وصول ڪرڻ وارو گفتو پهريائين مدن جي نالي سان مشهور ٿيو هو تہ "رائر وٺنديءَ روڪڙو، حاڪيماڻو حق."

[ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "رهاڻ هيرن ڪاڻ" (جلد نائون)
سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2010ع]

❑

# (111) مرحوم لعل بخش خان لغاري*

لعل بخش خان، ولد نظر علي خان، ولد نبي بخش خان، ولد جعفر خان لغاري، اٽڪل سن 1860ع ڌاري پنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقي سنجهوري ضلعي سانگهڙ ۾ ڄائو. سندس پيءُ مسڪين ۽ هر هاري هو، انهيءَ ڪري ڪيس ٻه ساڳيو ڌنڌو ورثي ۾ مليو.

لعل بخش خان وهيءَ ۾ نهايت سگهو صحتو ۽ طاقت وارو مڙس هو ۽ سندس اها ڪايا آخير وقت تائين هلي. 26 -27 ورهين جي ڄمار ۾، اڌ- مڻ ڀيءَ اشهد آڱر ۾ سنئينءَ ٻانهن چار دفعا ڪنيائين ۽ اها ڪثرت پوءِ ٻه ڪي سال لڳاتار ڪيائين- حالانڪ هڪ دفعي ته اها اڌ- مڻي ڇيچ ۾ ٻه سنئين ٻانهن ڪري ڪنيائين. مرحوم ڳالهه ڪئي ته ’هڪ دفعي شهدادپور ۾ ڏاڙهون ڪٽيءَ وٽ ٻه لوهه جون پٽيون، جن جو وزن اڌ پاءُ گهٽ 24 سير هو، سي سنئينءَ ٻانهن ڪنيم‘. ٻاويهن سالن جي عمر ۾ هڪ پٽ، جنهن جي تور اٽڪل پوڻا ٽي مڻ هئي، تنهن کي ويهي ڪلهو ڏيئي ڪنيائين. اها ڪثرت مسلسل 28 ورهيه ڪيائين ۽ پنجاهه سالن جي عمر ۾ ٻه ساڳيو پٽ، پير ڏنل شاهه سجاده نشين درگاه جيلاني ڊنڙه تعلقي شهدادپور جي آڏو ڪنيائين، جنهن تي پير صاحب کيس انعام ٻه ڏنو، جوانيءَ ۾ ڪجهه وقت ملهه ٻه وڙهيو. گلو پٽ خميسي خاصخيليءَ کي ماريائين. خليفي اقبال ۽ محمد ميربحر جو ٻه پلاند ورتائين. جاٽ (اڏيرو لعل) جي ميلي تي ٽي ملهه لاڳيتا دسيائين. چيائين ته ”منهنجي ملهه تمام سهڻي هوندي هئي“.

لعل بخش خان نهايت ذهين هو. علم ڪان سندس سمجهه گهڻي هئي. مائٽن کيس ننڍي هوندي ڪين پڙهايو. اٽڪل پنجاهه ورهيه جي عمر ۾ پنهنجي مامن، گل محمد خان ۽ علي محمد خان، (رئيس حيدر خان جا پٽ) وٽ پائيوار هو. علي محمد خان جي عمر ان وقت اٽڪل چوڏهن سال ڪن هئي. لعل بخش خان چيو ته ”هڪ دفعي مون ڪُتر ويني ڪئي ته علي محمد خان، شاهه صاحب جو رسالو ڪڍي آيو ۽ هي بيت پڙهيائين:

”تڙ تماچي ڄام جو، تماچي تڙ – راءُ،
تماچي جي تڪيي، تون تماچي ڪاءُ،
تون تماچي آءُ، ته تماچي تيلانه لهين.

---

* مرحوم لعل بخش خان لغاريءَ جي زباني، سندس وفات واري سال، جي حالات معلوم ٿيا سي قلمبند ڪيا ويا آهن. - مرتب

پوءِ مون کي چيائين ته هن بيت جي معنيٰ ڪر. مون معنيٰ هن طرح ڪئي: ’تماچي، پيٿائي صاحب حضرت رسول ڪريم کي سڏيو آهي؛ ”ٿڙ“ معنيٰ هيءُ جهان، جنهن جو نبي سڳورو گويا بادشاهه هو؛ ”تون تماچي ڪاءُ“، معنيٰ پنهنجو پاڻ وڃاءِ؛ ”تماچي آءُ“ معنيٰ تون پاڻ اهڙو ٿي پئو جو گويا خود تماچي ٿي پوين ۽ پوءِ رسول ڪريم جو ديدار به آسان آهي- يعني ته فنا في الرسول ٿي پئو‘علي محمد خان مون کي چيو ته ’لعل بخش خان، جيڪر علم پڙهين ها ته هوند ڏاڍو قابل ٿي پوين ها‘. آخر چيائين ته ’جيڪڏهن سنڌي پڙهين ته آءُ توکي سيکاريان‘. علي محمد خان پوءِ سنڌي اکرن جي پٽي لکي ڏني، جنهن بعد چيائين ته ’وڃي ٻاراڻو ڪتاب وٺي اچ‘. آءُ ٻاراڻو ڪتاب وٺي آيس، ۽ پوءِ آ- ٻا – ٻا – پا جون ڏاڪو ڪن تڪون پڙهايائين؛ پر مون چيو ته اهو قصو وڏو آهي، آءُ ڪونه پڙهي سگهندس. پوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو ته اکرن کي چڪين تا ’ا‘ ’و‘ ۽ ’ي‘ – يعني انهن جي اچارن مان آ، او ۽ اي جا اچار نڪرن ٿا. اها ڳالهه خيال ۾ رکي، مون علي محمد خان کي چيو ته ’مون کي وڌيڪ سبق ڏي‘. هن چيو ته ’تو ته اڃا باب ئي ڪو نه پڙهيا آهن!‘ جنهن تي مون جواب ڏنو ته ’باب مون کي اچن ٿا‘. آخر مون کي ست سبق انهيءَ ٻاراڻي ڪتاب جا اک – مک وغيره پڙهايائين. پوءِ مون چيو ته هاڻي اڳتي آءُ پاڻيهي پڙهندس. پوءِ سيئي 29 سبق مون پاڻيهي پڙهيا.

”ان بعد وري عرض محمد خان سان پائيوار ٿيس. هو پاڻ پڙهيل هو. وٽس ڪتاب ’مجمع الفوائد‘ هو ۽ ماڻهو وٽس تعويذن لاءِ ايندا هئا. اهو ڪتاب هميشه هرلي تي رکيو هوندو هو، جتي مون اهو سڄو ڪتاب پنهنجي منهن پڙهي پورو ڪيو“.

پڇاڙيءَ تائين لعل بخش خان هي ڪتاب پڙهي سگهندو هو ۽ حساب ابجد، فالنامو ستاري وغيره جي ڪڍڻ جي قاعدن کان به واقف هو. ان بعد وري ڪتاب ”سسئي پنهون“ خليفي نبي بخش صاحب لغاريءَ جو (سرائڪي زبان ۾) ورتائين، جنهن کي هن به چڱيءَ طرح سان پڙهيو. ليڪن اهي سڀ ڪتاب، لعل بخش خان، مطلب ۽ معنيٰ سمجهي روان پڙهيا ۽ پڇاڙيءَ تائين چوندو هو ته ”هجي ڪرڻ مون کي پنهنجو نالو به ڪو نه ايندو“!

لعل بخش خان چيو ته ”پهريون استاد، معنيٰ ۽ مطلب ۾، منهنجو پنهنجو ذهن هو؛ پر پير حسن بخش ۽ نانو حيدر خان منهنجا استاد هئا. آهستي آهستي منهنجو معنائون ناني حيدر خان کان وڌيڪ پڪيون ٿيڻ لڳيون. ڪڏهين ڪڏهين بحث ڪندي فيصلو پير حسن بخش وٽ ڪٽي ويندا هئاسون، ته پير حسن بخش به منهنجيءَ معنيٰ کي ترجيح ڏيندو هو. ناني مون کي عرضي فقير ماري جو هيءُ بيت هينئين طور سيکاريو:

زلف سياه سڄڻ دي سهڻي، اکيان بشيهر ٻوٽي،
ٻيا جو سيب سهڻي دي سيني، جيوين باغان دي وچ گوٽي،
دم دم دور حسن ڪون ڳوڙهي، هل چه هوايان ٽوٽي،
هڪ هڪ ناز سڄڻ دا نازڪ، جو ڏيکان سو ڏوٽي،
اِتلي دام دلين ڪون 'عرضي'، ڪون هووي جو ڇُوٽي!

"بيت جي ٽين سٽ بابت مون ناني کي چيو ته 'هوايون ۽ ٽوٽا رڳو اونداهيءَ رات ۾ شعاع ڪري سگهن ٿا، پر چانڊوڪيءَ رات ۾ ته انهن جو جلوو به ايترو نه آهي، تنهنڪري معشوق جي حسن جي آڏو اهي ڇا آهن، جو پيٽ ۾ آٽجن: تنهنڪري اها سٽ اصل ۾ هن ريت هوندي:

'دم دم دور حسن ڪون ڳوڙهي، ڪيا هل چه هوايان ٽوٽي؟'

- جنهن تي مون کي شاباس چيائين، ۽ مچيائين ته تون هينئر اسان کان وڏيڪ سهڻي معنيٰ ٿو ڪرين".

لعل بخش خان لفظ ۽ معنيٰ تي عاشق هو. ڪچهريءَ ۾ ويندو هو ته هر ڳالھ ۽ هر نقطي کي پروڙي، پوءِ پنهنجو رايو ڏيندو هو. سندس سهڻي سمجھ سببان ڪيترائي خاندان سندس دوست بڻجي پيا.

اسماعيل فقير ڳاهوٽي، "ٻاروچي باغ" جو هڪ سالڪ شخص هو. هڪ دفعي هو ڳوٺ جعفر خان لغاري لڳ، داراب فقير آرادين وٽ اچي مهمان ٿيو. بغدي وٽ داراب فقير جو نار هو، جتي اسماعيل فقير ٽڪيل هو. لعل بخش خان به ساڻس ڪچهري ڪرڻ ويو. چيائين ته "انهيءَ وقت منهنجو خليفي نبي بخش صاحب جو جوڙيل 'سسئي' تي پورو شوق هو ۽ صفت ۾ به پرپور هوس. شاھ صاحب جي قول موجب ته 'احدؤن جا اڳي هئي، سودي سا صفت'. — آءٌ صفت ڏي پيو وجان، پر اسماعيل فقير چوي پيو ته 'صفت به چڱي آهي، پر حق جي طرف وڃڻ چڱو آهي'. مون خليفي صاحب جي ڪتاب 'سسئي پنهون' مان هي بيت شاهديءَ طور پڙهيو:

"اول پوڪيم صدر شجرا مجازي، تڏان دلڙي نوازي عشق بازي،
ڪنون پاٽي جدا وه پاڙ جنهين دي، اصل هي خون جگر دا خورش تنهين دي،
جيڪو اول الف- بي- تي نه پڙهسي، ڪيوين ثابت قرآن در سيني ڏرسي؟

- مگر تنهن هوندي به، فقير ٻيو طرف ونيو پيو اچي. تمام گهڻو وقت اسان جي گفتگو هلي، جنهن تي نيٺ فقير هيٺيون نقل ڪنيو:

'هڪڙو قاضي ويچارو وينو هو مسجد ۾، پوءِ هڪڙو جلالي قلندر به اچي مسجد ۾ وينو. قاضي جڏهن جلاليءَ کان خبر چار ونڻ لڳو، تڏهن جلالي لڳو مسجد ۾ کانگهارا اڇلڻ. تنهن تي قاضيءَ چيس ته "هيءَ جاءِ پاڪ آهي، هتي ڪون نه ڇڏ". جلاليءَ چيو ته "پڪ حلال نهين؟ - پڪ سي ڪلام الله کا ورق نهين اُلٽاتا؟" قاضيءَ خيال ڪيو ته اهو ته صرف لبَ سان ورق اٿلائبو، پر هيءُ

تہ وينو جهرڪي مار ڪانگهارا اُڇلي! پر، سمجهائين تہ هيءُ جلالي آهي ۽ وڙهندي بہ ويرم نہ ڪندو، سو وجي ڪنهن پر واري اوتاري مان هڪ ٻيو جلالي، سندس مقابلي لاءِ وٺي آيو. وينل جلالي سمجهي ويو تہ قاضي منهنجي مقابلي لاءِ هاڻي ڪنهن ٻئي کي وٺي آيو آهي، تنهنڪري هو اچا اندر گهڙيائي مس تہ هن آڏو سوال پڇيو:

وينل جلالي:"آسمان پليد هووےٴ تو ڪيسےٴ پاڪ هووي؟"
آيل جلالي: "هان! مرغي ڪےٴ دوده سےٴ."
وينل جلالي: "نهين! مرغي ڪو دوده ڪهان هےٴ؟"
آيل جلالي: "مرغي ڪو دوده نهين هوتا، تو آسمان ڀي پليد نهين هوتا!"
وينل جلالي: "تم جلالي هو؟"
آيل جلالي: "هان، هم جلالي هےٴ."
وينل جلالي: "هم نہ ڀي سمجها ڪہ همين ڪوئي جلالي ملا هےٴ."
آيل جلالي: "تم ڀي جلالي، هم ڀي جلالي: ڇهوڙو قاضي ڪا ڪنارا، چلو اپنےٴ مڪان پر!"

"اهو نقل پورو ڪري، فقير چيو تہ 'سائين، توسان بہ ڪو جلالي پهچي، باقي اسان جي تہ بات ڪانهي!' اتي مون وجود ۾ ٽٻي هڻئي: مون کي خليفي غلام نبي صاحب لغاريءَ جي هڪ ڪافي ياد آئي-

"دل ڪعبو دلبر سندو، ديدار من ۾ مدام هو،
جان ۾ آ جانڻ يار، جاني يار جدا نہ هو،
عرش اعظم قلب مومن، خود خدا فرمائيو،
عشق جنهن کي دمبدم، دل پنهنجي ۾ دوام هو.

- اتي مون خيال ڪري چيو تہ 'سائين' جلالي ٻئي حق چئي ويا آهن'. اسماعيل فقير چيو، 'ابا' پلا اسان کي انهيءَ جي مراد ٻڌاءِ.' مون چيو 'سائين' هڪڙي چيو تہ "آسمان پليت ٿئي تہ ڇاسان پاڪ ٿئي". ٻئي چيو تہ "ڪڪڙ جي کير سان"- بس چيو بہ ٻنهي ايترو آهي يا وڌيڪ؟' اسماعيل فقير چيو، 'بس جو ايترو'. مون چيو، 'سائين، معنوي لحاظ سان عرش عظيم برابر مومن جي قلب ۾ آهي، يا رڳي ڳالهہ آهي؟' اسماعيل فقير چيو، 'سائين، ڳالهہ سچي آهي'. مون چيو، 'بس! پوءِ اهو آسمان جو اسان ڏسون ٿا، جلالين انهيءَ جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي، پر انهيءَ عرش جي، جو مومن جي دل ۾ آهي. سوال آهي تہ اهو مومن جي قلب وارو عرش جي ناپاڪ ٿئي، تہ پوءِ ڪيئن پاڪ ٿئي: جلاليءَ چيو تہ ڪڪڙ جي کير سان. هاڻي اهو عرش پليت ٿيندو آهي اسان جي هوڏ ۽ هستيءَ کان ۽ سندس "آءٌ" واري خيال کان: جئن تہ ڪڪڙ کي کير آهي ئي "ڪين" پوءِ جڏهن اها "ڪين" پنهنجي دل تي آڻيندو، تڏهن ماڻهو سمجهندو تہ "آءٌ تہ آهيان ئي ڪين". پوءِ هو هر ڪنهن کان معافي وٺندو. جنهن تي هن جي هستي نڪري

ويندي ۽ اهو سندس دل وارو عرش پاڪ تي ويندو‘. اسماعيل فقير اهو ٻڌي چيو تہ ’شاباس هجي تنهنجي استاد کي، تو اها پوري مراد ڪٿي آهي‘. مون چيو تہ ’منهنجي ايتري لياقت انهيءَ ڪري هئي جو مون پير صاحب حزب الله شاهہ کان ذڪر ورتو هو، جنهنڪري دل ۾ ايتري تہ طاقت هوندي هئي، جو ڪڏهين بہ خيال نہ ٿيندو هو تہ ڪو منجهي پوندس‘.“

خليفي نبي بخش خان لغاري جي جوڙيل ”سسئي پنهون“ تي لعل بخش خان کي پورو شوق هوندو هو. گهڻو ڪري سڄو ڪتاب بر زبان ياد هوس: نہ فقط لفظ ياد هئس، بلڪ انهن جي معنيٰ کان بہ بخوبي واقف هو.

غازي خان هيسباڻي بلوچ، سنجهوري تعلقي ۾، ٽپي ڊنڙي تي سپروائيزنگ ٽپيدار هو. هو صاحب پارسي مان واقف هو ۽ لعل بخش خان سان سندس خاص محبت هوندي هئي. سندن رهاڻ هن طرح شروع ٿيندي هئي جو غازي خان پارسي جي بيتن مان مثال آڻيندو هو، تہ لعل بخش خان وري ساڳي شاهدي ”سسئي پنهون“ مان ڏيندو هو. انهيءَ گفتگو کان سواءِ ٻيون بہ سندن پاڻ ۾ چڪريون هونديون هيون. هڪ دفعي، سيد شفيع محمد شاهہ متهلي وارو رستي تي مرمت لاءِ آيل هو ۽ غازي خان بہ ساڻس گڏ هو. شاهہ صاحب، لعل بخش خان کي تمام گهڻي قدر پائيندو هو ۽ سندس رهاڻ جو شائق هو: تنهنڪري ڏانهس ماڻهو موڪليائين. رستي تي ڪم پئي هليو ۽ رستي جي پر تي پوڪايل ٻبرن جي ڇانو ۾ ڪچهري لڳي پئي هئي جو غازي خان چيو: ”لعل بخش خان پهاڪو ٻڌو اٿئي تہ ’وڻ ٻابرو، ڪر ماڻهو، شل نہ هجي اوڙي نہ پاڙي‘“

لعل بخش خان: هائو سائين.

غازي خان: ڪڏهن کان؟

لعل بخش خان: آءٌ ٻار هوس، تڏهين کان ٻڌندو آيو آهيان.

غازي خان: پوءِ هتي ٻابري وڻ جو ڇو ايترو مان ٿي ويو آهي؟

لعل بخش خان: ڇاڪاڻ جو حاڪم جو اڇي متس راز ٿيو آهي.

شفيع محمد شاهہ: حاڪم جو ايترو راز ڪو نہ اٿس، پر هيءُ هڪ ڪم جو وڻ آهي- پن، پلڙو، ٿاري ۽ نيٺ آخر هن جا اگر بہ ڪتب اچن.

اتي لعل بخش خان، غازي خان ڏي نهاريو. جنهن تي ٻاهرينءَ طرح هائو ڪيائين ۽ اشاري سان چيائين تہ ’سبب اجا ئي ڪو ٻيو آهي‘.

لعل بخش خان چيو تہ ”آءٌ ان ڏينهن وري ڳوٺ آيس. نماز ويني پڙهيم جو هي خيال آيو تہ ’فلاڻي ماڻهو جي ايتري ڳالهہ ٿا ڪن، ليڪن بغير لچائيءَ جي ٻيو ڪو بہ افعال ڪو نہ اٿس‘. اتي غازي خان جي ڏنل ڳجهارت بہ ياد اچي ويئي، ۽ سمجهيم تہ ٻابري وڻ بہ تڏهن زور ورتو آهي، جڏهين سندس سنگتي ’ڪر ماڻهو‘ زور ورتو آهي. اها ڳالهہ سال کن کان پوءِ مون غازي خان کي ٻڌائي، جنهن چيو تہ ’اهو عقلي دليل بيشڪ پورو آهي‘.“

## چڱن سان واقفيت:

**پير حسن بخش ڊنڙو.** لعل بخش خان هڪ غريب شخص هو، پر پنهنجي لياقت سببان خاندانن ۽ چڱن سان سندس واقفيت هئي. پير حسن بخش ڊنڙي وارو، پنهنجي وقت جو بيدل شخص هو ۽ ان کان سواءِ هڪ عاشق شاعر هو. لعل بخش خان چيو ته ”منهنجي پهرين واقفيت پير صاحب ميان حسن بخش سان ٿي، جو جڻ منهنجو استاد به هو ۽ مون سان سندس ايتريقدر پياس هئي جو هڪ دفعي پوئين پهر جيئن مون ٻنيءَ ۾ جهنگ ٻيڻي وڌيو، تيئن ڏسان ته پير صاحب سندس ماڻهوءَ جڙئي پٽي مستاني سان گڏ پيرين پيادو پيو اچي. آءٌ وڏي وجي ساڻس گڏيس ۽ پڇيومانس ته ’سائين! ڪيئن اوچتا پيرين پيادا نڪري پيا آهيو؟‘ جنهن تي چيائين ته: ’ادا، اڄ دل ٿي ته وڃي يار کي ڏسي اچان‘.“

**سيد مقيم شاهه.** سيد مقيم شاهه، سيد ميان شفيع محمد شاهه متهلي واري جو وڏو پاءُ هو. وڏو معظم زميندار ۽ بنيادي طور خاندان هو. لعل بخش خان چيو ته ”منهنجي ملاقات ساڻس هن طرح ٿي. جو عيد جي ڏينهن آءٌ سيد جي ڳوٺ ملاڪڙو ڏسڻ ويس. وجان ته ڪچهري لڳي پيئي آهي، سيد به وينو آهي ۽ پانڌي ميراڻي وينو ڪافي چوي:

پولي ڪنهن پلائي اون، اسان رنگپور ويڪڻ آئي اون!

مون ڏٺو ته ڪافي غلط وينو چوي. پانڌي ميراڻي مون کي اڳيئي سڃاڻندو هو. جڏهن ڪافي چئي بس ڪيائين، تڏهن مون چيومانس ته ’ادا پانڌي! ڪافي صحيح هيئن ٿيندي ته:

پولي ڪنهن نه پلائي اون، اسان رنگپور ويڪڻ آئي اون!

”اتي سيد پڇيو ته ’هي مڙس ڪير آهي؟‘ پانڌيءَ سڃاڻپ ڪرائي ۽ چيائين ته ’لغاري آهي، گفتگو جو ڄاڻو آهي ۽ ڪافيون به چوندو آهي‘. اتي شاهه مون کي ڪافين لاءِ چيو. مون کي به ڪافين جو شوق هو ۽ بنا سازن جي مون جهڙيون ڪافيون به ڪنهن ڇڏيون چيون. سيد مقيم شاهه منهنجون ڪافيون ٻڌي، جڻ مون تي عاشق ٿي پيو. ملاڪڙي تي به مون کي پنهنجي ڪٽ جي پرسان وهاريائين ۽ پڇاڙيءَ تائين ملهن جي دريافت مون کان رايو پڇي پئي ڪيائين. موڪلائڻيءَ وقت چيائين ته ’تون ٽڪي پئه‘. مون معافي گهري، جنهن تي چيائين ته ’چڱو منهنجي دعوت اٿيئي، ڪڏهن ٿي وڃجانءِ‘. ٻيءَ عيد تي آءٌ وري ويس. جيتوڻيڪ تمام سخت بيماري ڪاٽي هئائين ۽ اجا ٻاهر نڪري نٿي سگهيو، تڏهن به منهنجو ٻڌي پاڻ ٻاهر نڪري آيو ۽ مون کي چيائين ته: ’ادا، آءٌ ڪو نه نڪران ها، پر تنهنجو ٻڌي هنن ٻن لنين جي آڌار تي رڙهي آيو آهيان‘. ان بعد، مون کي هميشه لاءِ دعوت ڏنائين ۽ اسان جي پاڻ ۾ دوستي ٿي وئي. اهو دوستيءَ جو ناتو پڇاڙيءَ سوڌو، ويندي سيد شفيع محمد شاهه جي وفات تائين، هلنديو آيو“.

**رئيس فقير بخش ڪاڇي.** فقير بخش ڪاڇيءَ جو رستو سيد شفيع محمد شاھ سان ھو. اتي سندس واقفيت لعل بخش خان سان ٿي ۽ سندس ڳالھين تي جڻ عاشق ٿي پيو. ويندي پڇاڙيءَ تائين، جڏھن بہ رئيس فقير بخش، سيد شفيع محمد شاھ وٽ ايندو ھو، تہ بروقت لعل بخش خان ڏانھن ماڻھو موڪليندا ھئا ۽ جيترو وقت بہ رئيس فقير بخش مھمان ھوندو ھو، اوترو وقت لعل بخش خان کي بہ پاڻ وٽ رھائي ڇڏيندا ھئا. مطلب تہ لعل بخش خان جي ذھني لياقت ۽ سھڻيءَ گفتگو سببان ھر چڱو ماڻھو کيس عزت ڏيندو ھو. سيد غلام مصطفيٰ شاھ راشدي (ڳوٺ پير صاحب پارو(؟)) پير علي مدد شاھ راڻيپور وارو ۽ ٻيا چڱا ۽ سگھڙ سندس قدر دان ھئا.

**شعر.**

لعل بخش خان صورت جو قائل ۽ صفت ۾ غرق ھو. چوندو ھو تہ: "بنا صفت جي حق کي رسڻ مشڪل آھي." شاھدي طور خليفي نبي بخش خان صاحب جي "سسئي" مان ھي بيت پڙھندو ھو:

اصل پوکيم صدره، شجره مجازي، تڏان دلڙي نوازي عشق بازي،
کنون پاڻي جدا وه پاڙ جنھن دي، اصل ھي خون جگر دا خورش تنھن دي،
اول جيڪو الف- بي- تي نہ پڙھسي، ڪيوين ثابت قرآن در سيني ڌر سي.

مجازي مستيءَ ۽ موج ۾ شعر چوڻ شروع ڪيائين، جو ڪافي پختو آھي. سندس آڏو ڪا صورت ھئي تہ سندس مرشد، پير صاحب حزب الله شاھ جي ھئي، جنھن کيس جڻ چريو ڪري ڇڏيو. پھريائين پھريائين ھيءَ ڪافي چيائين:

ماڻين تيڏي مُني ھون وو مني ھون،
آلا جانب ڪر نہ جدائي!
چشمان چاڪي ول چاڪ چُپيندئين، گھورين تيڏين گھٽيي ھو، وو گھٽيي ھون، آلا......
سُھمان ڏي ڪي يار سَھيندئين، لوڏ جو تَيڏي لُٽيي ھون، وو لُٽيي ھون، آلا......
پير چڳي چاتل ٽور جو ٽردئين، ڪاوڙ تيڏي ڪُني ھون، وو ڪُني ھون، آلا......
"لعلڻ" لاھين نہ دل تون وو دلبر، توڙي جاني جُني ھون، وو جُني ھون، آلا......

پير صاحب "اصغر" بادشاھ جي ڪافي ھئي:

ڏاڍا عشق ڪلور ڪرايا تو!
مير محمّد مصطفيٰ جان، ڏاڍا ڏند ڏُڪايا تو.
شيخ صنعان کي مجوسين جا، سوين سوئر چَرايا تو.
ھڪ ٻئي ھٿون پٽ جابر جا، ٻڪري وانگي ڪُھايا تو.

انھيءَ جي پران لعل بخش خان ھيءَ ڪافي چئي:

ڏاڍا ناز ڪري نينھن لايو تو!

مهدي ٿي تون مڪي آئين، حڪم حق جو هلايو تو.
يوسف ۾ ڪا رمز رکي تو، ٿي مالڪ ملهه چڪايو تو.
ڪهڪ ديوار ۾ قدرت ڪئي تو، سڪندر ڪي وو لڪايو تو.
لطف تورا لکين تنهنجا، هٿ پنهنجي سان هلايو تو.

سليمان شاهه جي هڪ ڪافيءَ جو ٿلهه هو:

”بنا لشڪر خزاني جي، ٿيڻ سلطان مشڪل هي.“

انهيءَ جي پران وري پير حسن بخش صاحب ڪافي ناهي ته:

”ڪِهڙي منجهه عشق جي دريا، هلڻ هن پار مشڪل هي“

رانجهو نالي ماڇي ڪافيون چوندو هو، تنهن هڪڙي ڏينهن بلندي ماڇيءَ جي هڪ ڪافي اچي لعل بخش خان کي ٻڌائي، جنهن جو ٿلهه هو:

”عليءَ جي دين مان نڪري، وڃڻ هندڪار مشڪل هي“-

ڪافي ٻڌي، لعل بخش خان چيس: ”عليءَ جي دين مان نڪري هندڪار ۾ وڃڻ ڪهڙو مشڪل آهي؟ ڪيترا مسلمان آهن جي خراب ٿي وڃي مرتد ٿيا آهن، انهن کي مشڪل ڪهڙي آڏو آئي؟ هندو ٻڻجڻ آهي ڏوتيو ٻڌڻ ۽ تلڪ لڳائڻ. تنهنڪري، هيءَ ڪافي ته اجايو شينهن جي پويان ڦيڪاري مثل آهي. ڪٿي سيد سليمان شاهه ۽ پير حسين بخش جون ڪافيون ۽ ڪٿي هي اجايو بيان!“ انهيءَ تي رانجهي ماڇيءَ چيو ته ”رئيس، پر تون ته اهڙي ڪافي ناهي ڏيکار!“ انهيءَ تي لعل بخش خان اتي جو اتي چيو ته:

”ڇڏي حلواڻ ڦر هيڏا، ڪائڻ ڪتي ڪاري مشڪل هَئي!“

۽ ماڇيءَ کي چيائين ته ”هي سچ پچ هڪ مشڪل ڪم آهي“. جنهن تي رانجهي وري چيو ته ”رئيس ڪافي سڄي ته ڪر!“ جنهن تي لعل بخش خان رات جو وڃي هيءَ ڪافي ناهي، جا صبوح جو رانجهي کي ٻڌايائين؛ پر اصلوڪي ٿلهه ۾ ترميم ڪيائين:

ڪاهي ڪيهر جهلي ڪنڌ مان ڪرڻ سنگسار مشڪل هي!
مرون مانگر وتن مارا، خوني خوڦي آهن ڪي ڪي،
لائي ڪاتي، لڪي لوڪؤن، ڪهڻ ڪندرا مشڪل هي.
لنڍيون لک نانگ ڪو راڙون وتن اڙلون آفتون ڪي ڪي،
پڙهڻ افسون اڳي تن ڪي ونڻ هڪوار مشڪل هَي.
جنگي جر ۾ سوين سيسر، واڳون ويڙها وتن ڪي ڪي،
ونڻ هٿ سان، وڃڻ ويجهو، مارڻ مردار مشڪل هَي.
جتي سودو آهي سر جو اتي ايندا مرد ڪي ڪي،
لاهي ”لعلڻ“ سانگو سر جو سنڻ سر يار مشڪل هَي.

(هيءَ ڪافي لکائيندي لعل بخش خان چيو ته: اهو سڀ اندر جي بلائن

وهمن ۽ وسوسن جو بيان آهي: اهو خوني خوقي مرون نفس اماره آهي، جنهن کي پنهنجي منهن، بنا دانهن ڪڍڻ جي مارڻ به مردن جو ڪم آهي ۽ نفس اماره اهڙي بڇڙي بلا آهي، جنهن جي باري ۾ چيل آهي ته:

مکن نفس اماره را پيروي، ڪه ناگه گرفتار دوزخ شوي")

حمل فقير لغاري جي ٽيهه – اکري مجازي رنگ ۾ چيل هئي.

الف- آ اوري سهڻا يار جاني، ڳل لڳ ڪرون منيان ڳالهيان جي،
تيڏي ٻاجهه آرام حرام هويا، تيڏي مار وڇوڙي ته ڳاليان جي،
اوڙا پاڙا جيڪو مهڻا ڏيندا، تنهن ڪون ڏي آ يار ڏِڪاليان جي،
هڪ ويري هس نال "حمل" دي، ته ڏوتيان سڙ ٿيون سڀ ڪاليان جي.

انهيءَ ٽيهه- اکري جا 'خ' تائين بيت لعل بخش خان کي ياد هئا. انهن بيتن جي پران 'ت' تائين هينان ٽي بيت ٺاهي وجي پير حسن بخش کي ٻڌايائين، جنهن آفرين ڏنس ۽ چيائينس ته "ادا لعل بخش! شعر نه ٺاهه، چاڪاڻ ته شاعر کي هڪ نه ٻي تنگي چڙيندي ڪانه: يا اولاد جي يا مال جي – پر تنگي ڪا نه ڪا ضرور هوندس". پير صاحب جي انهيءَ چوڻ موجب بيت چوڻ ڇڏي ڏنائين.

الف- لڳ سڻ آه ڪران، سڻ سڏ ٿيون گڏ گلزار ميان،
حد هجر دي چوڙ وک وڌ آوين، ويکان روز تيڏا رخسار ميان،
مشتاقان تون منهن موڙ مهربان! جدا ٿيون نه دم ڪو ڌار ميان،
لعلڻ ڪون هر وقت هميشه هي تيڏي ديد ويکڻ دي درڪار ميان.

ب- بيڪس بيڪار ڪون ڏاڍي ڏک ڏتئي ڪر ڏات ميان،
دل ڦٽ فراق فاني ڪيتي، تيڏي قرب ڪني گهت ڪات ميان،
دوا ٻاجهون ديدا تيڏي، او بيمار پئي هي ڏينهن رات ميان،
ايڏا ظلم زابر تڏان ڪيتئي جڏا هيٺي ڏتئي ضعيف ذات ميان.

ت- تاب تيڏي بيتاب ڪيتا، هن تاب تکي تلوار ميان،
دز دوڙ ڳئي بدخار بُري چغل چَٽ جيڪي چنديدار ميان،
هڪ سڪ اڳون سروپاه ٻڌي، ٻيا نوري گهت نچين نروار ميان،
محبوب اتي مشتاق ٿئي، جو حسن ٿيس هادي هروار ميان.

لعل بخش خان نهايت سگلو ۽ صفائيءَ وارو ۽ وقت جو وڏو پابند هو.

تقريبا 78 ورهين جي ڄمار ۾، سن 1938ع جي سياري ۾، ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ ۾ وفات ڪيائين ۽ پنهنجي ناناڻن جي "مقام ماڻي خان لغاري" ۾ مدفون ٿيو.

[ٽه ماهي "مهراڻ" (سوانح نمبر) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 4-1957/3ع]

❑

# ساٿي ۽ سونهان
## [ڪتابيات، اخبارون ۽ رسالا]


❋ ”املهہ موتي“ جلد- 2، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرتب: ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد 2018ع

❋ انسان دوست اديب ۽ بيباڪ صحافي: محمد عثمان ڏيپلائي، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم حيدرآباد، 2003ع

❋ ”پيغام“ (ماهوار، ڪراچي سنڌ اطلاعات کاتو حڪومت سنڌ (مختلف پرچا)

❋ ”جامعه راشديه جا پنجاهہ سال“ مرتب: مفتي محمد رحيم سڪندري، جميعت علماءِ سڪندريه، جامعه راشديه پير جو ڳوٺ، 2004ع

❋ ”خليفي صاحب جو رسالو“ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1966ع

❋ ”خليفي غلام نبي جو ڪلام“ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حُر هسٽاريڪل سوسائٽي سانگهڙ، 2010ع

❋ ”ڊاڪٽر بلوچ جون تحريرون“ مرتب: محمد ارشد بلوچ، ڊاڪٽر اين.اي بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ثقافت کاتو ڄام شورو، 2019ع

❋ ”ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا“ مرتب: محمد ارشد بلوچ، ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ، ثقافت کاتو حيدرآباد- (مختلف جلد)

❋ ”ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا“ (جلد ستون) مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر اين.اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ ڄام شورو، 2019ع.

❋ ”راڳ نامون“ تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ/حيدرآباد 1981ع

❋ ”رسالہ غلام محمد خانزئي جو“ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، حيدرآباد 1985ع

❋ ”الرحيم“ (سنڌي رسالو) شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، (مختلف پرچا ۽ مشاهير نمبر 4-1967/3ع)

* ”رهاڻ هيرن ڪاڻ“ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جلد 1 ڪان 10 تائين، ناشر: مختلف اداره: حيدرآباد، ڄامشورو ۽ شڪارپور.
* ”رهبر“ ڊائجسٽ (ڪتابي سلسلو) حيدرآباد [سورهيه سرويچ] فيبروري 1969ع
* سچل نيشنل سيمينار، سچل اڪيڊمي خيرپورميرس، 7- مارچ 1982ع
* ”سگهڙ سماچار“، (جلد ٻيو)، آڪٽوبر- نومبر 2007ع، ڄامشورو
* ”سنڌ“ (ٽه ماهي رسالو) سنڌ اسٽڊي سينٽر حيدرآباد (مختلف پرچا)
* ”السنڌ“ (ماهوار رسالو) اسلام آباد 08-2007ع
* ”سنڌ جو عالم، سنڌ جو خادم: سيد غلام مصطفيٰ شاهه“، مرتب: پروفيسر اعجاز احمد قريشي، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، 2019ع
* ”سنڌھ مين اردو شاعري“ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مجلس ترقي ادب لاهور، 1967ع
* ”سنڌي ٻولي“ (ٽه ماهي رسالو- خاص نمبر) مرزا قليچ بيگ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 1997ع
* شاهه شريف پاڏائي جو رسالو: مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اداره سنڌ شناسي حيدرآباد 1972ع
* ”شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام“ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي حيدرآباد 1968ع
* ”شريعت“ (ماهوار، رسالو) سکر، جنوري- فيبروري 1991ع
* ”عام راءِ“ (رسالو) ڪراچي (مختلف پرچا)
* ”عبدي جو رسالو“ مرتب: لياقت علي جوٽيجو، خليفو عبدالحي ميموريل ڪاميٽي عمرڪوٽ، 2010ع
* ”علمي آئينو“ اداره سنڌ شناسي حيدرآباد، 1973ع
* ”قاضي قادن جو رسالو“ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1999ع
* ”ڪچهري“ (هفتيوار) حيدرآباد، 15- مئي 1972ع
* ”لاڪو ڦلاڻي“ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي مجلس، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد 1958ع
* ”لطيف ڊائجيسٽ“ (ماهوار رسالو) ڪراچي، اپريل 1986ع

❊ ”ماڻهو مٽيادار“ سيد زوار نقوي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2010ع
❊ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي مرتب: قادر بخش پٽو، قادر بخش ٽرسٽ ٺٽو، 2009ع
❊ ”مردِ مجاهد مرد صالح استاد العلماءِ مولانا محمد صالح“ مرتب: شاهه محمد سڪندري، سڪندريه پبليڪيشنز پير جو ڳوٺ، 2009ع
❊ ”مهراڻ“ (ٽه ماهي رسالو) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ڄامشورو (سوانح نمبر 3-1957/4ع- ۽ مختلف پرچا)
❊ ”نئين زندگي“ (ماهوار رسالو) ڪراچي، حيدرآباد، (مختلف پرچا)
❊ ”وِرچي نه ويٺي“ مرتب: آزاد قاضي، جي.ايم.سيد فائونڊيشن حيدرآباد، ڪراچي، 2003ع
❊ ”الوحيد“ (خبار) ڪراچي 14- آگسٽ 1951ع (جشن آزادي نمبر).

❑